ول اندر درياءَ

مدد علي سنڌي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

دل اندر درياوَ

مدد علي سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2008ع
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

چاپو پهريون　　اپريل 2008ع　　تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

خريداري لاءِ رابطو
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph:022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
www.sindhiadabiboard.org

هيءَ ڪتاب اعجاز منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچيءَ وٽان چپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

فهرست

	پبلشر نوٽ:	iii
	وقت ۽ ويچار (پيش لفظ) گنو سامتاڻي	v
1.	دل اندر درياءُ (ڪهاڻين جو مجموعو)	1
❑	مهاڳ: ٽڪل ـ اڏ پنڌ جا ڪي لفظ نورالهدي شاهه	5
❑	ڪرانتيڪار	27
❑	پڪشو	51
❑	ويا گذاري ڏينهڙا	65
❑	پڪا پڪن سامنهڙا اوري اچي اڏ	69
❑	اجنبي بنجي جيئڻ ڪانپوءِ	77
❑	احساسن ۽ جذبن جو موت	91
❑	پيلا گل سرنهن جا	105
❑	ڪنڊر	111
❑	دونهين، ڏنڊ نه لاٽ	129
❑	دل اندر درياءَ	135
❑	اُپريو ڏينهن ڏکن جو	147
2.	هستيءَ جي اجاڑ ايوان ۾ (ڪهاڻين جو مجموعو)	155
❑	سپريان جي ڳالهڙي	157

- ٽتل زندگي جي اٽپوري گهاتي 163
- هستيءَ جي اُجاڑ ايوان ۾ 171
- اڌوري پنڌ جا آخري سپنا 193
- هينئڙو ڪچيءَ تند جيئن 211
- سامي سج وڙاءُ 241
- ائبسٽريڪٽ جيون جا ڪجهه ايڪسٽريٽ 249

3. هو جي مڱا ماڳ ۾ (ناوليٽ) 279
- سر ومر دکم دکم 281
- اڌوهي جيئن ڏکڙا 293
- ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو 317
- من تنها منزل دور 325

4. شهر صحرا پانيان (سفرنامو) 337
- مهاڳ: شهر آشوب ۾ ويجايل شهر- شوڪت شورو 341
- مهاڳ: اهرامن جي سحر ۾ قاتل- تاج بلوچ 349
- شهر صحرا پانيان 359
- هوڪيرٽر ڪڙوآ 431
- پاڻي ناهي پنڌ گهٽو 461
- ڪڏهن اتر سامهان، ڪڏهن دونهين جهل 539

5. پنرملن: (شاعري) 573
- مهاڳ: ڪڏهن نه ڪتندڙ سفر جو آغاز- امداد حسيني 579
- مهاڳ: ڪهنيي رتا رنگ، نثار حسيني 584
- شاعري 587
- باجهارو شخص ۽ دلگير ڪوي: ذوالفقار راشدي 662

6. مضمون 659
- اوندهه ۾ جرڪن جيون جا سپنا (پورٽريٽ) 661

- حيدر ڪلوچ 711
- انڊيا آفيس لائبريري 727
- لاهور جي قلعي ۾ چند گھڙيون 749
- اجهاميو برن، توکي ساريو سپرين! 757
- نڪسل باري تحريڪ 835
- 4 مارچ- شاگرد جدوجهد ۽ قربانين جو يادگار ڏينهن 849
- ڊاڪٽر جارج حباش سان ملاقات 857
- ورق ورق گم ٿي وئي زندگي 869
- ايڊيٽوريل: اجوڪي سنڌ بنيادي تبديلين لاءِ واجهائي ٿي 899

7. قلندر- قرت العين حيدر (ترجمو) 907
- پيش لفظ 911
- قلندر 915
- فوتوگرافر 935
- رولاڪ 941
- گھوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا 953
- عجب اکڙيون 977
- ڪڙا ڪوٽ پڳياس، تہ ملڪ نہ ماروساڳيا 995

8. خط 1029

پبلشر نوٽ

مدد علي سنڌي سنڌ ۾ ستر واري ڏهاڪي جي مزاحمتي نشاني آهي. هُن جاکوڙي سياسي، ورکر کان وٺي سرگرم صحافي تائين ۽ هڪ کهاڙيڪار کان وٺي هڪ دانشور جي حيثيت ۾ صفحن تي پنهنجي درد، اڌمن ۽ سنڌ لاءِ سپنن جي مسلسل اٽت ڪئي آهي ۽ وشال ٿان اُٿي سنڌ ۽ سنڌين کي ارپيا آهن.

سندس قلمي پورهيي کي ميتا ڏينديِ سنڌي ادبي بورڊ ان جي سمورين لکڻين کي چپائڻ جو فيصلو ڪيو جيڪو دل اندر درياوَ جي نالي سان هينئر اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن ڪتاب ۾ سندس کهاڙين جا ٻه مجموعا "دل اندر درياوَ"، هستي جي اجاڙ ايوان ۾" هڪ ناولٽ "هو جي مئا ماڳ ۾"، هڪ سفر نامو شهر صحر پانيان"، شاعريءَ جو ڪُنڪو "پنر ملن" مختلف موقعن تي لکيل مضمون، قرة العين حيدر جي ناول قلندر جو ترجمو ۽ ڪيس لکيل خط شامل آهن.

مدد سنڌيءَ جون هي تحريرون هندستان جي مشهور اديب گني سامتاڻيءَ جي چواڻي "ڏاڪي ۾ پوتل اڇي ڪير جهڙي ڪنهن قول مالهان جيان آهن ۽ مدد پاڻ جنم جنم جي پٽڪيل ڪنهن اشانت آتما جيان آهي."

اسان کي اميد آهي ته حياتيءَ جو هيستائين سرجيل مدد جو هي پورهيو سنڌي پڑهندڙن جي لاءِ هڪ وقتائتو ذخيرو ثابت ٿيندو ۽ نوجوانن کي خاص ڪري ان مان وڏي اتساهيت ملندي.

اعجاز منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو
24 مارچ 2008ع

وقت ۽ ويچار

مدد پيارا۔ دل اندر درياوَ پھتو خاصو پڙھيم. ڪتاب موڪلڻ لاءِ ٿورا تنھنجي ڪھاڻين ۾ ب ڪوئي روح ٿو پٽڪندو رھي ڪنھن پراچين آتما جي ڳولا ۾، من جي ايڪانت لاءِ پن پن ڳولا ۾ تڙڦندو ٿو رھي. اتھاس جي ڪنڊرن ۾ وقت جي لھرن ۾ رھين ٿو تون، توکي ڏنو ت نہ اٿم، پر جاڻان ٿو تون ب ھر ان ڪلاڪار وانگر آھين جن جو ڪلا ۾ سچائيءَ ۾/ شڪتيءَ ۾ واشواس آھي. گھڻو سمو گذري ويو آھي، سمو گذري وڃڻ کان پوءِ وشواس ۽ اوشواس جي پڌ شروع ٿي ويندي آھي. اھا پڌ تو ۾ ب آھي. نڻو جاڻ ت ڪڏھن ڪلايگ بدلائي سگھندي؟ پر ايجان ب سمجھان ٿو "ڪلايگ بدلائي سگھي ٿي. نئين يک کي جنم ڏيئي سگھي ٿي. نئون يگ، جيڪو اتھاس جي ھڪ يڪي سلسلي ۾ جڪڙيل آھي.!!"

تنھنجون ڪھاڻيون درد جي ڏاڳي ۾ پوتل، اڇي ڪير جھڙي (اڇو ڪير جھڙو۔ اھو لفظ تنھنجي خط مان اڌار ڪنيو اٿم.) ڪنھن ڦول مالھا جيان آھن ۽ تون، جنم جنم جي پٽڪيل ڪنھن اشانت آتما جيان آھين، تنھنجن خطن مان تون پنھنجو پريچيہ پيو ڪرائيندو آھين، نہ ملندي ب لڳو ٿو ڪيترن جنمن کان ھڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا، ڪھن ب نہ مليا آھيون. پر پوءِ ب سڃاڻون ٿا ھڪ ٻئي کي پيارا، تو وانگر ئي ليکڪ آھيان. ۽ ڪلپنا ۾ گھڻو وشواس اٿم، لکڻ گھڻو وقت اڳ چڏي ڏنو اٿم، خطن جا جواب نہ ڏيندو آھيان، جاڻان ٿو انھيءَ مان مون لاءِ گھڻو انومان ڪيندا آھن. ڪيتريون

ڳالهيون ڪندا آهن پڪ اٿم. تون مون کي ائين نہ سمجهندو هوندين. اهڙي ڳالهہ موهن ڪلپنا بہ ڪئي. هو ڪالهہ موت آيو هو ڪلاڪ توتي ڳالهائيندو رهيو. ويندي ويندي توکي خط لکڻ جي تاڪيد ڪندو ويو خبر اٿم. هو توکي ڪيڏو نہ پيار ڪندو آهي. پر مان پلجي ويندو آهيان. خط لکڻ مون کي پاري پٿر وانگر لڳندو آهي. ان ڪري دل ۾ اصل ۾ نہ ڪجائين.

تنهنجي ڪهاڻين ۾ ويدنا آهي. ان ويدنا جو پڙاڏو ٻڌو اٿم. تنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪيترا پيرا. ان کي ڏهرائينداس ڪونہ. تنهنجون پاوناڻون ڪهاڻين ۾ موجود آهن. نر ماڻ بہ ڪا هڪ ضرور آهي. جا موجود ڪونهي. تنهنجي من ۾ انڌو ڪار ويٺل آهي. ها ان انڌوڪار ۾ تون اڇتي هلي پاڻ ڪڏهن ضرور محسوس ڪندين (تنهنجو ڪهاڻيون "ڪرانتيڪار"، "احساسن ۽ جذبن جو موت"، "سپريان جي ڳالهڙي" ان پڙلاءَ جو اهڃاڻ آهن. تازو موڪليل هاڻي "اڏوري پنڌ جا آخري سپنا" شاهڪار ڪهاڻي آهي.)

وشواس اٿم هر سچي ڪلاڪار وانگر تون بہ پنهنجي رچنا کي ڪلپنا جي زور تي هلائيندو رهندين. ڪلپنا جو اهو زور تنهنجي ڪهاڻين ۾ موجود اهن اهوئي توکي اڇتي وڌائيندو رهندو.

توکي نہ وڌن وڌن ليکڻ جا نالا لکي ڪجهہ وڌيڪ چوندس تہ اهو چاهيندس. تون بہ ڪافڪا وانگر بنا ڪنهن ڏوهہ جي زندگي جي ڪنهن ٽرائل کي چڙهين. نہ البيئر ڪاموجي "مٽ آن سيسفس جيان بار ڏوئي نرارٿ پهاڙ تي چڙهڻ لهڻ جي سزا پوگيندو رهين. نہ سيموئيل بيڪيٽ جيان. جيڪو ڪڏهن بہ نہ اچڻو آهي ان گوڊوٽ جو انتظار ڪندو رهين. پر الائي ڇو لڳي ٿو چاهيندي بہ پانيان ٿو تون بہ مون وانگر ڪهاڻيءَ جي ڪراس کي بار بار چڙهندو رهندين."

گهڻو اڳي لکيم: .ڪهاڻي منهنجو ڪراس آهي بار بار رمان ان تي چڙهندو آهيان. بار بار مرندو آهيان لڳندو اٿم ليڪڪ جيان ڪهاڻي بہ ڪراس (صليب) تي چڙهي چڪي آهي. پوءِ بہ ليڪڪن ۽ ڪلاڪارن انساني ڪنڌ هر کي اتها سڪ ڪنڌهر جيان لائق بڻائي رکيو آهي."

مدد، چاهيندس، تون بہ سدائين لکندو رهين، ان لاءِ من جي دري سدائين کولي رکج، کيترا پيرا، يا ڪڏهن ڪڏهن من جي ان کليل دريءَ مان ٻاهر ضرور نهارج، ڪنهن سانتيڪي پل ۾ سرءُ جي چنڊ کي ڏسندين، تہ گهڻو ڪجهہ سمجهي ويندين. ميان ٿو جيوڻ جئہ ديو جي گيت گووند جيان نہ آهي. (جاڻان ٿو اهو گيت توکي ڏاڍو وڻندو آهي) اتهاس جو تون بہ وديا رٿي آهين، ۽ مان بہ گذري ويل چار پل ڇا آهي؟ ماضي مايا آهي پر اهو رهي ٿو سدان لاءِ ان ماضيءَ کي نٿو وساري سگهجي تون منهنجي حيدرآباد واري گهر جي ڳالهہ لکي، منهنجي ماضيءَ جا انيڪ وساريل پنا ياد ڏياري چڏيا. منهنجي شهر حيدرآباد، هان منهنجو شهر ناهي رهيو. هاڻي اهو شهر شهر آهي، جڏهن بہ لنگهين منهنجي گهر وٽان، ڪڏهن ڪڏهن مون کي ضرور ياد ڪج. سپنا مان نہ ڏسندو آهيان، پر سپنا، سپنا هوندا آهن، اهي بند اکين ۾ پاڻهي لهي ايندا آهن. ڪيترا سپنا پلجي ويندو آهيان. پر نہ پلجي سگهندو آهيان. ننڍين جي اوستا جا سپنا حيدرآباد جون گهٽيون، شاهي رستا، وڻ، چاڙهيون، مقبرا، رات جي تڏڙي هوا ۽ چنڊ ول پکيءَ جا آواز صبح، سانجهي، ڏنڊلي ڏنڊلي، ياد، جڙ ڪنهن پهاڙيءَ تي ڏنڊ ۾ لکل هر چيز، بار بار مان ان ڏنڊ لکي ۾ ويڙهيل سپنن ۾ ڏوڙندو آهيان چاڙهين تي چڙهندو آهيان، ان ڏنڊ لکي ۾ حيدراباد جي آڪاس تي بينل زرد چنڊ جي چانڊوکيءَ چنڊول پکيءَ جيان کوڪجي ويندو آهيا، پر يار چڏ ان ڳالهہ جو ڪوئي ارٿ ڪونهي، ارٿ صرف تنهنجي هٿ جي اُن ڇهاءَ جو آهي، جيڪو تو منهنجي حيدرآباد واري گهر جي در کي ڇهيو هو ان ڇهاوَ کي مان هٿ سان محسوس ڪريان پيو ماضي، حال، مستقبل ڪجهہ بہ نہ آهي، صرف پل پل جو هڪ جيڪو سلسلو آهي.

وشواس ڪر، من جي سموري سچ سان، مان گنو سامتاڻي، جيڪو اڳ ڪڏهن جذباتي نہ ٿيو آهيان، ميان ٿو منهنجي من ۾ منهنجي جنم پومي جو شهر حيدرآباد جاڳندو آهي، ۽ جاڳائيندو آهي. پنهنجي ان ماضي ۾ ننڍپڻ جي اوستا ۾ روزانو گهمندو آهيان ۽ رنل ٻار وانگر پوءِ رسي سمهي پوندو آهيان، جاڻان ٿو بلڪ پڪ اٿم، ٻيهر وري ڪڏهن بہ ايڏانهن اچي نہ

سگھندس. حيدر آباد ڪڏهن وري ڏسي نه سگھندس، بس سڀ ڪجهہ پلائي ڇڏيو اٿم. پر ڇا وساري سگھي ٿو ڪوئي اهو سڀ ڪجهہ؟ جيڪو سڀ ڪجهہ آهي، جنهن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. فقط موت ئي سڀ وساري سگھي ٿو مرتيو جي چايا ۾ پلجندڙ انسان، ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي ويهي رهندو. منهنجو سواس بہ روڪجي ويندو. چاڪاڻ جيون جو مها ڏک آهي موت ۽ مون اهو سڀ ڪجهہ ۽ گهڻو ڪجهہ جاڻي ورتو آهي.

شال خوش هجين، سدا خوش هجين

تنهنجو

گنوسامتاڻي

26/126، مهاراشٽر هائوسنگ ڪالوني

سيان ڪوليواڙ بمبئي 22

دل اندر دریاو

(کھاڻين جو مجموعو)

چپيل: سيپٽمبر 1980ع
حيدرآباد

ارپنا

مس "گ" سيد

جي نالي

"نہ مون لاءِ للاڻ ۾، نہ تون ڪو تارو!"

"ـ مدت گذري ويئي آهي ۽ مان گھٽو ڪجھ پُلجي ويو آهيان. مدت بعد رهجي ويل مان به گھٽو ڪجھ پُلجي ويندس. ڏک ياد اچڻ سان ٿيندو آهي ـ ۽ مان آهيان جو تنھنجي پُلجي وڃڻ جو ڏک ڪري رهيو آهيان!"

"ـ ماضي مايا آهي، ڪُجھ نہ رهندو آهي، پوءِ به اهو يڏارڻ آهي. اهو رهندو آهي جسم جي زلفن جي ڪنھن مخصوص خوشبوءَ ۾، اکين جي ڪنھن نگاھ ۾، انيڪ اڻجاڻ عڪسن ۾!!"

ٽڪل- اڏ پنڌ جا ڪي لفظ

"رات جي ڪاراڻ تيزيءَ سان ڇانئجندي پئي ويڄي دوستو!
دشمنو!
ڪا روشني ته ٻاريو
هيءَ اُماس جي رات
هن اداسيءَ جي شهر ڪي اونداهو ڪري ڇڏيندي
پوءِ ڪوئي ڪنهن کي ڳولي نه سگهندو
هٿ هٿ کي ڏسي نه سگهندو
دوستو- دشمنو!
رات جي ڪاراڻ ۾ ڪا اُميدن جي شمع ته ٻاريو."
(مدد علي سنڌي جي ڪوتا)

"ڀ هڪ سچو ڪلاڪار (او-لوڪو!!) تنهن پل ذات ڪنوار جو گهوٽ ٻڌو آهي جڏهن هن جا سرجيندڙ هٿ ذات ڪنوار جي سڪل ٿوٿ چپن کي سرخ ڪندا آهن- اوهو... لپ استڪ جو رنگ ته هرگز ناهي جو چپ چپ کي ڇهئي ته رنگ ڏنڏلو پئجي ويڄي. جُڳن پڄاڻان به جرڪندو رهندو آهي اهو رنگ- انگ."

ڀ - او- ٻڌو!!- اُهو پيلو پن، جيڪو تاريءَ تان چڙيو آهي، هن پل- (ڪڏهن ته سائو هيو اُن جو رنگ- انگ ڀ سندرتا هئي هن جو پاڳ) هن پل به اوترو ئي موهن آهي. چڙيل پيلا پن سندرتا جون ساروٽيون آهن- من درپن ۾ سجائي رکو انهن کي-"

ڀ- مدد علي سنڌيءَ جون ڪهاڻيون پڙهي، من اندر جي رڙ پٽ

۾ انيڪ پيلا پن اُڏرندا پاسندا آهن مون کي. (چٽيل پيلا پن سندرتا جون ساروٽيون آهن- من درپن ۾ سجائي رکو انهن کي) ۽ ڪجهه پيڙائون آهن جيڪي مدد علي‌ءَ جي ڪهاڻين کي پڙهڻ سمءِ من ۾ واسو ڪرڻ لڳنديون آهن ۽ جھونگاريندو آهي من (سروم- دکم- دکم)"

مدد علي سنڌي لمحن جو ڪهاڻيڪار نه پر جڳن جو ڪهاڻيڪار آهي. جڳ، جيڪي آدجڳاد کان سفر ڪندڙ ماڻهوءَ جي پويان رهجي ويندا آهن ۽ جڳ جيڪي ايندڙ اڳتي ڦهليا پيا آهن (حياتيءَ جو هڪ وشال ساگر آهي، جنهن جو ڪوئي انت ڪونهي) بلڪل ائين مدد علي‌ءَ جي ڪهاڻين جي به ڪائي پڇاڻي ڪانهي. پڇاڻي، جنهن کان اڳتي ڪجهه به ناهي.

۽ - او سائين!

"آوازن کي جيڪي پڙلاءَ آهن، مدد علي‌ءَ جون ڪهاڻيون به اُنهن پڙلاءَ سمان آهن. آوازن جي اُجهامڙ کان پوءِ به لمحن جي دائري ۾ گونجنديون رهنديون (لمحا- جن جي دائري منجهان صديون ڦٽي نڪرنديون آهن)- ۽ - آوازن سمان ڪلاڪار جون هٿ آڱريون آهن- متيءَ ۾ گم ٿي وڃن جيڪي انهيءَ لاءِ (۽- اهو به حياتيءَ جو آهي دکي ڪندڙ هاجو- سرجندڙ هٿ ڇو متيءَ ۾ کوئجي ويندا آهن!) پر پڙلاءَ سمان جڳن جو سفر ڪندي آهي هڪ سچي ڪلاڪار جي ڪلا."

"او- دوستو!!- ماڻهوءَ جي من جا پاوَت هر جڳ ۾ هڪ جھڙا ئي رهيا آهن. تڏهن به هر جڳ ۾ نڪور رهندو پي آيو آهي. انهن پاونائن جو ڪومل روپ- ۽ مدد علي‌ءَ جي ڪهاڻين جو ڪنوار پڻو اُجهامڙو ناهي- ان لاءِ جو انهن ڪهاڻين منجهه مدد علي‌ءَ جو بانورو من ڌڙڪي ٿو- ان لاءِ جو اهي ڪهاڻيون من اندر جون وارتائون آهن. (درد ۽ سپنن جا سيئي پاڇولا، من اندر جي وشال دائري ۾ احساسن ۽ جذبن جو روپ ڌاري جنم - جنم کان پيا پتڪندا آهن)- مدد علي‌ءَ جون ڪهاڻيون پڙهي هن جي من اندر جي احساسن جو دائرو ڪيڏو وشال ۽ گهرو آهي انهيءَ جي سڌ پوي ٿي) هڪ سچو ليکڪ پنهنجي

ذات اندر ڪائنات آهي- اُن ڪائنات جو سرجڻهار ليکڪ پاڻ ئي ته آهي- ۽ - ساڻي!!- اُن ڪائنات جا سڀ روپ سروپ ليکڪ جي هٿ آڱرين جي سنڊرتا آهن."

"هر هڪ پل ۾ حياتيءَ جو ڏڳهو (مبهم) فلسفو سمايل آهي. جُڳن جنمن تي ڦهليل هيءَ حياتي بس هڪڙي پل جي ڪهاڻي/اڪهاڻي آهي. ۽- اهو هڪڙو پل ڪنڊرن ۾- لمحن جي رهجي ويل نشانن ۾- ڏرتيءَ ۽ وقت جي اتهاس ۾ جُڳن جو سفر ڪري ٿو. جُڳن جو اهو سفر ڪنهن هڪ اُداس پل جي ڄار ۾ ڦاسي حياتيءَ جو مختصر تهائين مختصر پل بڻجيو پوي- مدد عليءَ حياتيءَ جي اُن دڪي ڪندڙ فلسفي تي لمحن- لمحن جو ماتم ڪيو آهي." (هاءِ حياتي- هاءِ حياتي- حياتي آ آڪاس ۾ ٽنگيل پوئين پهر جو اُداس چنڊ-) ڪرانتيڪار.

"اهي ڪهاڻيون آهن يا مدد عليءَ جون ڪوتائون آهن (سنڌس ڪهاڻيون پڙهڻ سمي اڪثر سوچيو هوندم) پر اهو به ڪو انڪشاف ناهي رهيو ته هو هڪ سنڊر پاونائن وارو ڪوي پڻ آهي- ۽ ڪهاڻيڪار، جيڪر ڪوتا سرجڻ جي ٻيج ٻنيءَ جهڙيءَ ٻيڙا سان به لنگهندو هجي (ڪهاڻيون سرجڻ سمي) امرت رس جهڙا سپنا ڪر موڙي جاڳندا آهن اُنهيءَ جي ڪهاڻين کي تهائين مبهم ۽ سنڊر ڪري ڇڏيندو آهي."

"رات اونداهي آهي، پر هر رات جي پويان به ته ڪوئي صبح ضرور آهي!

(۽ منهنجي هن جيون کي ڪوئي انت ناهي!!) پر انتظار ضرور آهي.
دور ڪٽان، هنن وٽن جي پويان جڏهن سورج شاخون ڪيندو
پر تون چپ چوٽي ويو آهين؟
(هن منهنجي آوارا سوچن جو به ته ڪوئي انت ناهي!!)

.....

صبح ٿيڻ وارو آهي!
ها، صبح ٿيڻ وارو آهي!
رات اونداهي آهي پر دور ڪٽان روشني ڦٽڻ واري آهي ۽ رستا

ڊگھا گھٽا ڊگھا، گھاٽن وٽن ۾ گھيريل رستا!

(پر- منھنجي ھن جيون کي ب- ڪوئي انت آھي؟؟)

جن شروع ڪئي منزل لاءِ جدوجھد، اھي حاصل نہ ڪري سگھيا!!

(ھر شروعات ۾ پڇاڙي جي وچ ۾ وچوتي ھوندي آھي!) ۾ جڏھن ڳولھيوسين تہ ڪوئي سڌ ڏيڻ لاءِ ب- موجود ڪونہ ھوا!

(خاموشي)

زندگيءَ جي رنگ ڀومیءَ تي- خاموشي" (ڪنڊر)

"ھو پنھنجي ڪھاڻين ۾ (درد جي اڪٽ سلسلي ۾) آس جو ھڪڙو ننڍڙو اُجھامندڙ ڏيئو ٻاري رکندو آھي (لوڪ آھي جو روشنيءَ جو اھو ننڍڙو ترورو ب- ٿو اُجھائڻ چاھي)

اُتان کان ھن جي من جي اُڏام شروع ٿيندي آھي- سڀ جا پير پٽون آھن- ھر ڪنھن جو موڳو من اُڏامڻ چاھيندو آھي."

"(وقت تہ ڪنھن تيز گھوڙي جيان اڳيان نڪري ويو. اسين تہ الائي ڪيترو پري رھجي وياسين- ۽ - ان کان پھرين آئيڊيل ھا- زندگي رولاھي ۽ ڪجھ ب- نہ ھوندي جڙ ڪجھ ھو- ھيڪلي گھاڙ جي سگھ آھي. منزل ڏانھن وڌندڙ قدم تيز ۽ گھٽا تيز آھن. منزل ڏانھن ويندڙ ۽ وڌندڙ قدمن مان کي قدم متجي ب- سگھن ٿا. اونداھين ۾ صبح کي ڳولينديءِ منزل لاءِ رلندي، کي مارجي ويا تہ انھن کي کيرڳولي- کيرڳولي انھن اونداھين ۾ گم ٿيندڙ قدمن کي..... ۽ نرملا! سيني اوستا ۾ نہ گاڏيون ٽين ٽيون ۽ نکي اُتي گھوڙا ۽ رستو آھي- ھي ماڻھو سيني ۾ رٿ گھوڙا ۽ رٿ لاءِ رستي کي ناھي ٿو. اُتي نہ سک آھي نہ آنند آھي- ھي ماڻھو سپني ۾ آنند، سک ۽ پرمود کي رچي ٿو. سپني ۾ نہ تلاءُ آھن نہ ندیون آھن. پر ھي سپني ۾ ندیون ۽ تلاءُ ناھي ٿو. ھي سپني اوستا ۾ سڀ ڪجھ ناھڻ وارو ٿئي ٿو." ڪنڊر

۽- (ڪٽي- ڪٽي) پنھنجين ڪھاڻين ۾ ھو مون کي حياتيءَ جي پاڳل خاني ۾ قيد اُھو پاڳل پاسندو آھي جنھن ۾ نيئر چنڻ جو ساھس ئي ناھي- يا ھن جي ڏڙڪندڙ من ۾ ڪڏھين نيئر

چني، پاڳل خاني مان پڇي نڪرڻ جا پاوئي ناهن پليا۔ هن جيڪي ڪجهہ بہ پوگيو، سوڇيو ۽ لوڇيو آهي، اُهو انهن نيئرن ۾ ٻڌجي۔ نيئرن جو اهو ڇمڪو ڪنن جا پڙدا ڦاڙيندڙ پڙلاءُ سمان هن جي انيڪ ڪهاڻين ۾ (۽۔ ڪنڊر جي هر لحاظ ۾) گونجندو محسوس ٿيندو آهي۔

"پر چا۔

"او۔ لوڪو!

"ٻڌو۔!

"اسين سپ۔ حياتيءَ جي ان پاڳل خاني ۾ جُڳن ڪنان ٽہ ٻَڌا پيا آهيون!!۔ پاڳلن جيان واڪا پيا ڪندا آهيون ۽ ديوارن سان سر ٽڪرائيندا آهيون (ڏک اهو آهي ٽہ انهن نيئرن جي چاپي بہ اسان وٽ آهي۔ پر هٿ ڪپيا پيا آهن سيني جا يا انهن نيئرن کي ڇنڊ جو ساهس ئي ڪونهي اسان منجهہ)۔ هاڻ۔ ڪوئي آهي، جيڪو ان پاڳل خاني جون ديوارون ڊاهي، نيئر ڇني ۽ آزاد ڪري وڃي اسان کي."

(ڇريائپ زندگيءَ جي حقيقت آهي۔ هڪ ٻڌيمان لاءِ)

"ڪنڊر"

(زندگي فقط ڪڏهن ڪڏهن ملائيندي آهي اسان کي!۔ هڪ پيرو ملندا آهيون جدا ٿيڻ لاءِ)

.....

"پر هي سپ ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيڏانهن تا هليا وڃن سپ آخر؟۔ مدت گذري ٽہ هو سپ اسان کي ڇڏي هليا ويا۔ جدا ٿي ويا اسان کان۔ جيڪي گم ٿي ويا اُهي وري ڪڏهن بہ نہ ملندا۔ پنرملن زندگيءَ ۾ ٿيندوئي ڪونہ آهي.....)

"ڪنڊر"

"سندس ڪهاڻي ڪنڊر ۾، ڏهن جي پاڳل خاني ۾ جنم ۔ جنم ڪان قيد اندر جي پاڳل ماڻهوءَ درد جا اڪٽ سلسلا طئي ڪيا آهن۔ مدد علي ائين پاسندو آ جڻ ڪهاڻين ۾ پاڳل ماڻهوءَ جيان واڪا ڪندو ٿو بن۔ بن پٽڪي۔ ۽ سندس هٿ ۾ اُجهاڻل مشعل آهي۔ پيڙائن

جي- (پر لوڪ بہ تہ پاڳل آهي جو پويان پويان پٽر ڪنيو ٿو هلي).

"ساڳي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافڪا جي خطن جا حوالا ڏيڻ تي مٿس اهو الزام نٽو مڙهي سگهجي تہ ڪو هو سنڌي ادب ۾ ڪافڪا ٿو بنجڻ چاهي يا هو لکڻ جي حد تائين متاثر ٿو ڏسجي Franz Kafka کان- (ڏاڍو روايتي ۽ بوگس الزام آهي اهو) اهڙا الزام پنهنجن ڏهين ليکڪن تي هٽي اسين سندن صلاحيتن کي مفلوج ڪرڻ جي ڪُڌي ڪوشش ڪندا پي آيا آهيون. هڪ ليکڪ (يا ڪوبہ ڪلاڪار) پيڙا جي جنهن سلسلي کي اٽپورو ٿو ڇڏي ڏي، ٻيو (پويان اچڻ وارو) اُن سلسلي کي اُتان کان ئي ٿو شروع ڪري- پڇاڙ ۽ شروعات جي وچ واريءَ وچوٽيءَ تي ذات جو پُنر جنم ٿيندو آهي-"

"۽ ڪٽي ڪٽي ائين ٿو ياسي جڻ هو پنهنجي ڪنهن Beloved سان ٿو مڏر-مڏر سرگوشيون ڪري پنهنجين ڪهاڻين ۾. (اهو آڳ اڪثر چوندي آهيانس. موٽ ۾ مدد علي چپ چاپ چپن ۾ سگار اٽڪايو، ديوارن کي گهوريندو رهندو آهي- ۽ بس. اسان جي من اندر جون وارتائون پڙ آهن) مون سندس ڪليل هٿ تريءَ جون ريکائون تہ ناهن ڏٺيون، پر شايد سندس هٿ تريءَ جي ريکائن ۾ ڏک ۽ وڇوڙي جو مها ساگر وهندو هجي- اهو مها ساگر هن جي هٿ تريءَ تان وهندو اينڊو آهي، سندس ڪهاڻين منجهہ (۽- آڳ سوچيندي آهيان تہ هو لکڻ سمي مُٺ چونہ بند رکندو آهي)"

(پيڙائون سڀ تڪليف ڏيندڙ آهن، پر همڙي پيڙا ڪابہ ناهي، جو خدا ٿو ڇاڻي تہ مون کي واڇي وانگر تي وڃائي- قاضي قادن)- دل اندر دريا و

"مدد علي سنڌي!!

"پيڙائن جو ڪهاڻيڪار آهي

"پيڙائون، جيڪي اندر مان جنم وٺنديون آهن ۽ اتهاس جي سيني تي نشان بڻجي رهجي ويندیون آهن-

"مدد علي سنڌي!!

"حياتيءَ جي پهاڙ جيڏن پنڌن جو ڪهاڻيڪار آهي- هن

پنهنجي ڪهاڻين ۾ ماڻهوءَ جي من جا اڻ ڳاتل آلاپ ۽ جھونگاريا آهن (پيڙا جي پھاڙ هيٺان پيڙھجندي ۽ هن روايتي قسم جا نعرا ناهن هنيا) هن جي ڪهاڻين جي ڪردارن جڳن جو جاپ آهي ڪيو۔ (جڳ لنگهي ويا آهن لوڪو!!۔ پر اجا ڪنهن کي ۽ جڳن جي انهيءَ جاپ جو حيلو ناهي مليو)۔"

(..... مان جيون جي هن اونداهي ماڻريءَ کي تيزيءَ سان پار ڪري رهيو آهيان..... هلي رهيو آهيان، ڪنهن پيچري تان، ڪنهن اڻ ڄاتل منزل ڏانهن

۔منزل، جنهن جي ڪائي ڄاڻ نہ آهي.....!!.....؟؟

۔منجهيل منجهيل بينو آهيان، اڪيلو اڪيلو، جيون جي هن ويران ۾ گڏل پيچري تي!!

..... هر طرف کان ڇانيل

اونداهي

مرتيو جو گھور سناٽو

ان ۾ اُڏامندڙ

ڪئين آواز ڪئين سپنا

وڇوڙي جو عميق سمونڊ

جنهن ۾،

سڀ ڪجھ ڪوئجيو ويجي

سڀ ڪجھ لڙھيو ويجي

جنهن ۾،

ڪوئي سوجھرو نہ

ڪوئي احساس نہ

؟.....؟.....!!....!!؟؟" (پيلا گل سرنهن جا)

"ليڪڪ پنهنجي وقت جي اتهاس جو سرجيندڙ آهي۔هو حياتيءَ جي داوَ ۾ رکندو آهي پنهنجيون پيڙائون (هار۔ يا ۔جيت!) پر موت ۾ جيڪي ڪجھ پوڳيندو آهي، اهوئي هن کي سموريءَ ماڻريءَ تي پيو نظر ايندو آهي. اهو ئي هن جي وقت جو اتهاس بڻبو آهي. اهو ئي هو پنهنجين رچنائن ۾ سمائيندو آهي۔"

ٻڌو!!
ٻڌو!!

سچ صرف اهو ته ناهي جيڪو ڪنهن اوچي نعري ۾ چئي ڏجي. ڪوئي ڪوئي سچ اندر ۾ تڙپندو ئي رهندو آهي، هاڻ ڪوئي هجي جيڪو اسان جي وات ۾ ڪا ڇپ رکي ويچي ۽ لوڪ جي ڪنن مان آڱريون ڪڍي سگهي، اهڙي سمي سچ اندر ۾ ئي پيو تڙپندو آهي۔ (نيري گهري ساگر جهڙو سچ)

"مدد علي سنڌي".

"اندر ۾ ئي تڙپندڙ سچ جو ڪهاڙيڪار آهي (ڪنهن ته جنم ۾۔ هن نعرا هنيا آهن سچ جا، جو هن جي ڇپ پاڙان ڪپي پئي آهي)۔ سچ ته اسان سيني جي اندر ۾ تڙپي پيو ۽ ڇپ ته اسان سيني جي ڪپي پئي آهي.

(ڪنهن کي ڪهڙي ڇاڻ ته جڏهن ڏرتيءَ تي نئين تهذيب ۽ نئين سچ ۽ نئين سک جا نوان گل تڙندا، ته اسين نه هونداسين. اسين نه هونداسين پر ڪنهن کي ڪهڙي ڇاڻ ته اسان جي ئي رت مان ڳوهيل هنن چيڪي متيءَ جي پيڇرن تان جڏهن انهن گلن جي مهڪار قهلجي ويندي ته ان مهڪار ۾ به اسين هونداسين!) دونهين ڏنڊ نه لاٽ.

"حياتيءَ جو هي گهنائونو جڳ، جنهن منجهه جيئندي (او۔ درد جي شهر جا واسيو!۔ ٻڌو۔ ٻڌو!) اسانجيون آتمائون کوڄجي ويون آهن اسان کان۔ من اندر جا پاوَ ۽ اٽپورا سپنا حياتيءَ جي ڪنهن هڪ مختصر پل ۾ هزار ڀيرا ماريا ۽ جياريا ويندا آهن. لوڪ هٿان/پنهنجي هٿان (او خدا!۔ اسان جا سپنا موتائي ڏي اسان کي۔ هاڻ ڪجهه ته اسين سجائي رکون من مندر جي چائنٽ تي!) ۽ مدد علي سنڌي انهن کوڄجي ويل سپنن کي ڳولي ٿو (۔يا۔ ڪهاڙيون لکي ٿو!!) هن سپنن جي ساڀيا ماٽڻ لاءِ ڏاڍا ڏکها ڏکها پنڌ ڪيا آهن۔ هو وقت جي دز مان ڪنهن ڪنواري صبح سمان اُپري نڪتل اڄ جو ڪهاڙيڪار/ڪوي آهي۔ ۽ ڪڏهن ڪڏهن روبرو ملڻ سمي هو مون کي سنڌ جي اتهاس مان ليئاڪا پائيندڙ ڪو جڳ

پراٽو سنڌي ياسندو آهي- جنهن جا هڏ موهن جي ڏڙي جي ڪنڊرن ۾ پگهري چڪا- جڳ اڳ هو ڪو سنڌي سپاهي هجي شايد- سچ جي ڪنهن ڇتيءَ ويڑهه ۾ مارجي ويو هجي، بنا ڪنهن انعام حاصل ڪرڻ جي- ۽ هن جنم ۾ هو جيڪو هڪ ناڪام سياست کاري ۽ ڪامياب ڪاٽيڪار آهي سو نه ڄاڻان- ايندڙ جنم ۾ ڪهڙو روپ ڌاري؟

("تنهنجو ۽ منهنجو ڪنهن اڳئين جنم ۾ به سات هيو- مون کي لڳندو آهي ته منهنجو تنهنجي ڪٽنب سان ڪوئي پراٽو سهنڊ آهي- سنڊ جي اتهاس ۾ تنهنجي ڪٽنب جو به حصو رهيو آهي- مان ان دور ۾ تنهنجي ڪٽنب وٽ سپاهي هئس ۽ تو اُن مهل به مون سان پيار ڪيو هو- ڪوٽ ۽ ڪڙا ان مهل به جبلن جيڏا اوچا هيا")-

-"ڪنديءَ جي وڻ جي پاسي ۾ جيڪا ميرن جي صاحبيءَ واري دور جي جاءِ آهي، اُن کي ڏسي منهنجي من کي الاءِ ڪهڙي چڪ ايندي آهي!- چون ٿا ته هت ميرن جي صاحبيءَ ۾ ميرن جو قيدخانو هو- ڪٽي ائين ته ناهي ته اُن دور ۾ به مان هتي قيد هئس) دل اندر درياو

-لوڪ ته وقت جي سچ جي پويان پٽر ڪنيو پيو هلندو آهي- پٽر ڪٽي پوندا آهن پر ڇا سچ جي به ڪائي پڄاڻي آهي- آهي ڪو انت ان مهاساگر جو!!

"پٽرن جو شهر

"پٽرن جا ماڻهو- پٽرن جون دليون- پر توکي ۽ مون کي ته پٽر بڊجي ناهي جيئڻو. لوڪ، جيڪو پٽر ڪنيو پويان پويان هلندو آهي- هڪ لڳا بي حد ڏک منجهان ڳالهه ڪئي هيم اُنهيءَ لوڪ جي- هو ڏاڍي سياڻپ سان سمجهائڻ لڳو- "هي بيمار ذهنن جو معاشرو آهي ادي!- اسان کي معاف ڪرڻو پوندو لوڪ جو دوش- اوهان لکندا رهو انهن بيمار ذهنن جي ٻوڪان، پنهنجا ارادا ۽ عزم ناهن اُجاڑيا-" ۽ ائين هو پاڻ به پٽر لوڪ جي وچ ۾ جيئندو آهي- پٽر سهندو آهي ۽ موت ۾ ڪاٽيون لکندو آهي.

سڄي ڳالهه ٻڌل آهي. ۽ هلي هلي به ته هر ڪوئي ٽڪجي پيو آهي (جهڙيءَ طرح باز يا گُرهه پکي آڪاس ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي ٽڪجي، ڏرتيءَ تي آرام ڪرڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو موٽندو آهي. تهڙيءَ طرح هي ماڻهو به هن سشوپتي استان لاءِ ڊوڙي ٿو. سشوپتي استان ۾ هي ماڻهو ڪنهن به پياري پدارٿ جي ملڻ لاءِ خواهش نٿو رکي، نڪي ڪوئي سپنو ڏسي ٿو. سشوپتي استان، هِن ماڻهو جو سريشٺ استان آهي!!) ۽ هن ڪوڇ تي وينا آهيون ائين ئي. انتظار خبر ناهي ڪهڙي چيز جو آهي. پر ڇا تو اهو سڀ ڪجهه سنيالي به رکيو آهي. منهنجا ته سوين روپ آهن. ٻاهر ۽ اندر جو روپ ته ڏنل آهي. جهڙيءَ طرح هڪ گهاٽي وڻ ۾ ڪٿين شاخون ٽين ٽيون، اهڙيءَ ريت انسان جي اندر ۾ به ڪٿين شاخون آهن ۽ ڪوئي ڪنهن کي سڃاٽي به نٿو. تون ۽ مان هڪٻئي کي سڃاٽندي به نٿا سڃاٽون. ڪجهه دير ڪانپوءِ تون ۽ مان ڪافي پيئنداسين. تون ۽ مان ڪافي پيئڻ چاهيون ٿا ۽ مان ڪافيءَ سان گڏ سگار به چڪڻ چاهيان ٿو. مون کي اها به ڄاڻ آهي ته تو مون کي سگار چڪڻ کان روڪيو به آهي. پر مان سگار ضرور چڪڻ چاهيان ٿو. ڪير ڄاڻي ته ڪٽي اها جدائيءَ جي مهل نه اچي وڃي. تون ۽ مان هر دور ۾ جڏهن به ملڻ چاهيندا آهيون، ته ديوار ڪڙي ٿي ويندي آهي. جدائيءَ ۽ انتظار جون اوچيون ديوارون ڪڙيون ٿي ويون ته پوءِ ڪوئي ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. تون ۽ مان آهيون ته انتظار ۽ جدائي جون ديوارون رستا روڪي بيهي رهنديون. انتظار ۽ جدائيءَ جي ديوارن سان سر ٽڪرائڻ ۾ هڪ سئنسفيڪشن آهي. هر چيز لاءِ ضروري آهي.

ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ڪنهن اڳئين جنم ۾ به ائين ٿيندو آيو هجي، جيئن اڄ آهي. اڳ به ائين ٿيو آهي ۽ ٿيندو آيو آهي! ڄاڻ ڪنهن کي ڪونهي. ڪوئي ڪيستائين ائين جلندو رهندو جلندو رهندو، الائي ڪيتري عرصي تائين. پرهه ته دور گهٽي دور آهي شايد ۽ ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ۽ ڪٽي مليا هئاسين، جدا ٿيڻ لاءِ!! تون شايد اُداس آهين ۽ اُداس ته مان به آهيان.... تون وڃين پيو، وڃ توکي نه ڪپي. تون به وڃين پئي. تون ۽ مان ٻئي اُداس آهيون.

ڪنهن جي وڃڻ سان ڪوئي فرق نه ٿو پوي. پر خال نه ٿو پرجي سگهي. دور گهٽو دور وڃان پيو. آءٌ وڃان پيو. جدائيءَ جون ديوارون اوچيون گهٽيون اوچيون آهن، ڪنهن اوچي وڻ جيان. اوچي وڻ جي هُن پار پچاڙيءَ جي تاريخن جو زرد چنڊ ڪڙيل آهي. زرد ته هر چيز آهي. اُڏامندڙ زرد متيءَ جو ڪوئي ڪُن آهي. ڦري رهي آهي هر چيز. منهنجي من ۾ به اڏامي رهي آهي زرد متي. ڪاليداس ته الائي ڪڏهن لکيو هو ۽ ڪير ڄاڻي ته سڀ ڪجهه آهي الائي ڇا. متيءَ جي گاڏي☆ لکڻ کان اڳ هن الائي ڇا سوچيو هوندو؟ سوچيو ته گهٽو ڪجهه مون به هو، پر مون پنهنجو ناٽڪ اڳي ئي لکي ورتو هو. انت ناٽڪ" جو لکڻ کان اڳ ۾ ڪجهه به نه سوچيو هيم. مان پنهنجي ناٽڪ جو نائڪ آهيان. پر آڪاس ۾ زرد چنڊ اڪيلو ڪڙيل آهي ۽ منهنجو گهر به ته ڪيترو نه دور آهي. پر تون ڪيڏانهن هليو وئين. ايڏا ته صبح به ڪونه ٿيو آهي. پرهه ڦٽيءَ ۾ ته ايڏا الائي ڪيترو وقت آهي ۽ وقت جا فاصلا ڏڳها گهٽا ڏڳها آهن. فاصلا ته گهٽائي آهن. ڪير اورانگهي سگهندو، انهن اونداهين صدين جي ڦهليل فاصلن کي. جيڪي هن نيري ۽ وشال آڪاس جيان، جنهن ۾ ايڏا ايڏا پکي الائي ڪيڏانهن اُڏامي وڃي رهيا آهن. فاصلا، زندگيءَ ۽ موت جا. فاصلا ته وڏي ويا. ديوارون انتظار ۽ جدائيءَ جون- ۽تون، مان ته ايڏا ڪافي به نه پي سگهياسين ۽ نه ئي مان ڪوئي سگار چڪي سگهيس!!

Hello Sir

- هان.....

- ڪهڙا حال آهن؟

-.....؟.....؟.....؟

- اڪيلا ئي اڪيلا ويٺا آهيو؟

-اڪيلو.....؟ اڪيلو ته شايد هاڻ ٿيو آهيان!

ڪنهن جي اچڻ سان اڪيلي هڻڻ جو احساس ٿئي ٿو. اڪيلائيءَ ۾ ته خود اڪيلائي گڏ هوندي آهي ۽ مون ۾ ايڏا شايد

☆ متيءَ جي گاڏي، شدرڪ جو لکيل ناٽڪ

تہ مدد علي ڪيڏو ڍڇڙو آهي۔ پوَ جا ڪيڏا پاوَهن جي اکين ۾ هئا۔ رهيو۔ رهيو تي هن چيو "پليز۔ هاڻ بس ڪيو۔ مون کي رات جو ننڊ نہ ايندي"۔ هو رات جو بتي ٻاري سمهندو آهي۔ ۽ اُن کي اهڙا پوائتا احساس اڪيلائپ جي لمحن ۾ ستائيندا آهن. چوڻ لڳو، "مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي جڙ ڪوئي منهنجي سيني تي چڙهي وينو آهي ۽ منهنجو ڳلو گهٽڻ لڳندو آهي"۔

"اوهان جو ويساهہ آهي انهن ڳالهين تي؟" حيران تي پڇيو هئم.

"ها۔ الائي ڇو مون کي ائين لڳندو آهي، جڙ ظاهر ۾ جيڪو ڪجهہ آهي، اُن جي پويان ڪيترا ئي پراسرار سلسلا ڦهليا پيا آهن۔ ها پر شايد ماڻهوءَ جو پاڻ کان اڻجاتو ڍپ هجي. اهو سپ لان جون ڏاڪڻيون لهندي هو ڳالهائيندو هليو. پوَ جي انهن پاونائن ۾ جڪڙيل مدد عليءَ جو من، پنهنجين ڪهاڻين ۾ بہ ڪنهن ڏنل ٻالڪ جي پتڪڙي من جيان زور زور سان پيو ڏڙڪندو آهي۔ هي ٻاهران سنڌي ٻوليءَ جو، خوبصورت ڪهاڻين لکڻ وارو ڪهاڻيڪار۔ سياست جي اسٽيج جو هٿيلو ڪردار (مدد علي سنڌي) اندران ئي اندران ايڏو ڏنل ۽ هيسيل ڇو آهي!؟!!۔ پوَ جا اهي ئي پاوَهن کي حياتيءَ جي هجوم ۾ پويان پيا ڏکيندا آهن۔ ڏک اهو آهي تہ هو ڪامياب هوندي بہ ناڪام رهيو آهي (موهن ڪلپنا پنهنجي ڪنهن خط ۾ ڪنهن کي لکيو هو تہ مدد علي سنڌي محبت ۾ ناڪام ماڻهو آهي)۔ من پوميءَ تي چڙيل چتي ويڙهہ ۾ هن جون وکون تهائين سست تي پوندیون آهن۔ ان جو ڪارڻ هن جي اندر جو اُهو پڪشو آهي، جيڪو حياتيءَ جي ڏگهي سلسلي ۾ متس پاري پوندو آيو آهي۔ سندس من اندر جي مسلسل شڪستن جي ڪهاڻي آهي ڪرانتيڪار۔ ۽ ان ئي ڪهاڻيءَ ۾ هو مون کي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ تهائين متاهون نظر آيو ۽ پنهنجي پُرآشوب دور جو هڪ ڏکي ڪرانتيڪار۔"

"۽۔ او دوستو!!

"ٻڌو!!

(چونڊا ڪنن مان آگريون ڪيو!)

"ماڻهوءَ جي ذات اندر سموريءَ انسانذات جا ڏک ڏهليا پيا آهن- اهو نندڙو پتڪڙو من آهي جنهن ۾ ست زمينون ۽ ست آسمان (۽ ماڻهوءَ جا ست جنم) ٽا پل- پل ڏڙڪن-

۽ هڪ ڪلاڪار جو من- من هوندو آهي يا ڪائنات!!! (پر- ڪائنات ته ڪلاڪار جي ڏڙڪندڙ بانوري من کان به تهائين نندڙي هوندي آهي). ڪرانتيڪار ۾ مدد علي (راهل) سنڌ ۽ ان کان اڳتي ڏهليل سموريءَ انسانذات جو ڏک بڻيو آهي، پنهنجي ذات جي حوالي سان ۽ ڏک جنهن جو ڪوئي انت ناهي.

ڏک جو مها ساگر ئي ته آهي. سنڌ جو اتهاس!

او- اُداس سنڌ جا ڏکي من وارا واسيو!!

ٻڌو!!- ٻڌو!!

مون سنڌوءَ جي ڪپ تي سنڌ جي اتهاس جي آتما کي وار چوڙي روئندي ڏٺو آهي. پل-پل آپگهات ڪندو ڏٺو آهي. ان بانوري من واري بي حد اداس ڪنيا کي، جنهن جو نانءُ سنڌو آهي.

(هاءِ حياتي- هاءِ حياتي- حياتي آ ڪنهن املتاس جو وڻ) ڪرانتيڪار.

(هتان کان دور الائي ڪيترو دور، اهي انسان جن انسانن هيءُ سهڻيون پياليون ۽ ٽانو جوڙيا هوندا، جا انهن ڪڏهن سڪون سان ويهي هيڻن چڪن ڪارن سوپ پيتو هوندو؟- سپ ڪجهه انسان سان ختم ٿي ٿو وڃي- ڪلاڪار ۽ انهن جا سرجندڙ هٿ، متي ٿي وڃن ٿا- ۽ متيءَ مان ڇا هر شيءِ جُڙي سگهي ٿي!؟؟) ڪرانتيڪار

۽ اهو آهي دکي انسانذات جو جنم جنم جو المیو! انسان جي حياتيءَ جي سڪ لاءِ انيڪ سامان جوڙين ٿا پر اهي سڪ اُنهن سرجندڙ هٿن جو پاڻ نه ٻڌا آهن- متيءَ ۾ گم ٿي ويل سرجندڙ هٿن جي سرجيل پيالن ۾ چڪن ڪارن سوپ پيئندي ڪنهن سوچيو آهي ائين!!!؟؟ ماڻهو ڏاڍو اپاڳو آهي- هٿ جن سان هو حياتيءَ جا سڀ سُک سرجي سگهي ٿو، انهن هٿن تي هن جو ڪوئي اڌيڪار ڪونهي- بس متي آهي انهن جو پاڻ- (هاءِ حياتي- هاءِ حياتي) ڏک جا اهي پهاڙ جن هيٺ اپاڳو انسان پيڙهجندو ٿو رهي. حياتيءَ

جي هر هڪ لمحي ۾ پنهنجين اکين جي سپنن تي بہ اڏيڪار ناهي رهندو ماڻهوءَ جو۔ وقت پويان درد جا بي انت سلسلا ڇڏي اڳتي وڌي ويندو آهي ۽ ماڻهو۔ درد جي ان بي انت سلسلي ۾، ڪلهن تي پاري صليب ڪنيو ڦرندو رهندو آهي، بنا ڪنهن احتجاج جي۔

"(وقت وڏو بيوفا آهي)، قمرا وقت تمام وڏو بيوفا آهي. انسان جي پاڇي جيان ڏرتيءَ جا ڦيرا توکي ڪٽان کان ڪٽان وٽي آيا آهن. هي ڏرتيءَ جا ڦيرا بہ ڏاڍا عجيب ۽ ظالم ٿيندا آهن۔ انسان صدين کان لڏ پلاڻ جو ڏکو سفر ڪري رهيا آهن۔ آخر هن ڏکي سفر جو هي سلسلو ڪڏهن پورو ٿيندو۔ صدين کان انسان ڳولا ڪئي آهي تہ فقط سک ۽ سکون جي" ڪرانتيڪار.

"ڏک اهو آهي لوڪو۔ ماڻهو پنهنجن ئي سپنن کان وچڙي ويندو آهي۔ پنهنجا ئي پريل گهر۔ جنم پوميءَ جي مٽي۔ جنم جنم جا ساروٽا۔ پنهنجن وڻن جا نشان۔ پنهنجو اتهاس سڀ ڪجهہ سياست ڪارن ۽ پيانڪ وقت جي چرنن تي دان ڪري هليو ويندو آهي۔ ڏرتيءَ جي پوڙهي چاتيءَ تان هيڪر پير اُکڙي پون تہ وري ناهن جمي سگهندا. بس پيانڪ وقت جو پوت آهي جو ٿڪ ڏيندو رهندو آهي.

وقت جي جُوا ۾ ڪٽي ويل ڪردار آهي قمرالنساءِ (ڪملا۔ شڪستن جو نشان۔ ڪلڪتي جي ڪنهن ڪوليءَ ۾ رهجي وئي پنهنجي انڊي پيءُ سان) ۽ راهُل (مدد علي سنڌي) سنڌ جو وقت جي دز ۾ ڪوئجي ويل ڪرانتيڪار آهي۔ ڪرانتيڪار جو اهو ڪردار۔ ائين ٽوپاسي جڙ هو پاڻ آهي. هو جو (حقيقت ۾ بہ) سنڌ جو ٽڪل اُداس ڪرانتيڪار آهي. مدد، جنهن کي گهر ۾ سڀ راهُل (يا۔ راهيل) چوندا آهن۔ اداس لمحن جو ڪاٽيڪار آهي هن پل۔ ان ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي اندر ۾ رهجي ويل ڪهاڻي چٽي اٿس. هڪ نئين نڪور صبح جا سپنا نيٽن ۾ سجائي ڪرانتيءَ جو جهنڊو ڪٽي راهُل (مدد علي) ڪاهي پيو هو سنڌ جي چاتيءَ تي۔ موٽ ۾ ڪٽس اهو سڀ ڪجهہ پوڳٽو پيو. جيڪو وقت جو هر ڪرانتيڪار پوڳيندو آهي۔ جنهن جي چاتيءَ تي نيئر وچايل هجن اُهي

ڪرانتيڪار ڪپيل پيرن سان اڳتي وڌندا آهن (پيرن نيڙن ۾ قاسي ڪٽي رهجي ويندا آهن). نہ جاڻان جو مدد علي (راهُل) ايڏو جلدي ٽڪجي ڇو ويهي رهيو آهي!! مون کي ائين ٿو پاسي ڇڙ هو اندر جي ڪرانتيڪارکان فرار حاصل ڪرڻ لاءِ ٿو ڪماڻيون لکي. پر ڇا اهو اندر جو ڪرانتيڪار تہ ناهي جو اونداهين راتين ۾ سندس سيني تي چڙهي ويهي رهندو آهي ۽ سندس ڳلو گهٽڻ لڳندو آهي. هڪ لگّا سندس ڊرائنگ روم ۾ ڳالهہ نڪتي هئي ڏرتيءَ جي دکن جي- بس آئون ڳالهائيندي رهي هيس- سجيل سنواريل خوبصورت ڊرائنگ روم ايڏائين ٽنن جي ايئرڪنڊيشنر ۾ برف ٽي ويو هو. نہ جاڻان ڪيئن منهنجو من اُڏري اچي ٿر جي دکيءَ ڏرتيءَ تي ڦان ٿي ڪريو هو اُن پل- منهنجي سامهون سنڈ جو ٽڪل اُداس ۽ هارايل ڪرانتيڪار (مدد علي سنڈي) ويٺو هو- منهنجي ڳالهين جي ڪا موت ڏيڻ بدران هو چپ چاپ سگار پيئندو رهيو- هلڻ سمي بس ايترو چيو هيائين "مان ٽڪجي پيو آهيان- پر اڄ اوهان جون ڳالهيون ٻڌي اندر جو ڪرانتيڪار جاڳي پيو آهي-"

آئون سندس ٽڪجڻ جا ڪارڻ نٿي جاڻان پر مون کي سندس اندر جي هارايل ڪرانتيڪار جو بيحد دک آهي- آئون چاهيندي آهيان تہ ڪنهن موڙتي هو جاڳي پوي.

(مون ڪيترائي پيرا هاڻ محسوس ڪيو آهي تہ هتي جي حالتن ۾ هڪ فنڪار جو سياست ۾ هلڻ تمام ڏکيو آهي- هڪ فنڪار بيحد حساس طبيعت جو ٿئي ٿو ۽ جڏهن تہ سياستدان سخت دل رکندڙ انسان آهن پر پوءِ بہ سڀ ڪانٽينٽ جو فنڪار سدائين پنهنجي ڏرتيءَ جي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ انهن بي حس سياستدانن جي درن تي ڏڪا ڪائيندو آيو آهي ۽ الائي ڪيسين تائين ڏڪا ڪائيندو رهندو! جيتوڻيڪ هڪ فنڪار نان ڪميٽيڊ هوندي بہ ڪميٽيڊ آهي پنهنجي ڏرتيءَ سان- ماڻهن سان- ۽ ماڻهن جي حالتن سان؟) دل اندر درياو.

۽- دک اهو آهي- او ديس واسيو!- هن ديس جو ننڍو ۽ سڄو سياست ڪار شڪستن واري راهہ گذر تان لنگهندو آهي ۽ جنهن

راهہ گذرتي جيت جي مشعل ٿي هري اُن کي سرمايہ دار ڪوڙن، هٿ ٽوکين وڏن سياست ڪارن جون نئين ماڊل جون ڪارون والا ري ڇڏيندیون آهن- اها اداسي ۽ نراسائي هن کي ورثي ۾ ملي آهي ان شڪست جي راهہ گذرتان- ان راهہ گذرجي پڇاڻيءَ تي هن کي اندر جو حساس ڪهاڻيڪار گڏجي ويو آهي- بلڪل ائين جيئن ڪنهن وڇوڙي جي رات مان وصل جو نڪور صبح اُپري ايندو آهي- هن نئين سر نوان سپنا جوڙيا آهن (پر پراڻا سپنا هن جو پيڇو نہ ڪندا هوندا!!؟؟). پر اندر جي اُها تلخي اُجهامي چُڪي هوندي، جيڪا هن کي سياست جي استيج تان پلئہ پئي آهي!؟. پر ائين ناهي- جنهن راهہ گذرتي هن حياتيءَ جي انيڪ سالن جي مڪمل آزاديءَ- سپنا- آدرش- سڪون- گهر- تعليم سپ دان ڪري ڇڏيو ۽ موت ۾ جتان هن کي شڪستن- مايوسين- ۽ اُداسين کان سواءِ ڪ... ب ناهي پلئہ پيو- اُها تلخي وک- وک تي هن جو پيڇو ڪندي آهي- مون کي مدد علي سنڌي سنڌ جي اتهاس جو بيحد دکي ڪندڙ اُداس ڪردار ياسندو آهي پر هو هيڪلو ناهي ڪيترا مدد علي- ڪيترا راهُل آهن جي پويان رهجي ويا آهن.

(جيئن جيئن وقت گذري رهيو آهي، تيئن مون کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ جڙ مان غور ۽ فڪر جي هڪ عميق سموند ۾ غوطا کائي رهيو آهيان- مون کي هاڻ پنهنجي سياسي ساٿين جي منافقي ۽ مڪاري کان سخت نفرت ٿي وئي آهي- پر ڏوهہ سياسي ساٿين جو نہ پر هن ڪلاس جو آهي- پوءِ ايڏائي ڪلاس جي فردن جو اهو ئي حال ٿيندو آهي- اسين سياسي طور تي شڪست کاڌل قوم جا فرد آهيون- ان ڪري اسان ۾ جيڪا مايوسي آهي اُها سياويڪ آهي. ڪلهہ تائين جن ڏرتيءَ جا گيت چيا هئا، سي اڄ اُن ڏرتيءَ جي چيل گيتن جو ملهہ وصول ڪري رهيا آهن. ڪريٽ فقط سياسي ورڪر ڪونهي پر اُهو فنڪار بہ آهي،جنهن آئندي جون اميدون ۽ سپنا ڏيکاريا هئا)

دل اندر دريا و

"ڪجهہ بہ آهي پر اهو طئي آهي تہ هڪ سچو ليکڪ بہ

پنهنجي وقت ۾ اڳتي ڦهليل وقت جو سچو ڪرانتيڪار آهي. جنگ سچ جي آهي پوءِ اُها سياست جي استيج تي وڙهجي يا ڪلا جي استيج تي- هڪ سياست ڪار جا لفظ بس ڪجھ لمحن جو سفر ڪندا آهن، پر هڪ سمي ليکڪ جا لفظ جُڳن جو سفر ڪندا آهن- هن جي اندر جو سچ ناهي مئو. هو سچ جي ان چتيءَ ويڑھ ۾ اڄ بہ وڙهندو تو اچي.

۽ سندس انهن حالتن پيڙائن جي ڪهاڻي آهي، "ڪرانتيڪار". (۽ مون فقط پار ڪيو آئيڊيالاجيءَ کي! آدرش، آدرشي ديوار- سماج کي بدلائڻ جا سپنا ڏسندي هو پاڻ ان سماج جو ڪاڄ بنجي ويو هو- ڪلھ جو ڪرانتيڪار اڄ جو خاموشيءَ سان گذرندڙ پلن جا سپنا ڏسندڙ اهو انسان هو، جيڪو ماضيءَ جا سپنا ڏسندي ڏسندي وڃي ڪنهن پيانڪ ۾ عميق ڪاهيءَ ۾ ڪريو هو) ڪرانتيڪار.

"وقت ۽ حالتن هٿان شڪست کاڌل ڪرانتيڪار جڏهن عام ماڻهوءَ جيان حياتيءَ جي هنگامن ۾ ٿو ڪوٺجي وڃي-تڏهن حياتيءَ جي هنگامن مان بہ هنن کي عام ماڻهوءَ جي نسبت وڌيڪ دک ۽ اداسيون پلئه پونديون آهن- پر- او، اُداس لوڪو!- سچ جي پنڌ ۾ انسانن جو انبوھ آهي جو هر لمحي ڪاهي پوي ٿو."

(سڪون- ذهني سڪون- هاڻ، هن سڪون بن بن پٽڪايو آ اسان کي) "ڪرانتيڪار"

(پر زنده باد تہ پيٽ جا مفاد هٿا- زنده باد تہ لوئر مڊل ڪلاس جا مفاد هٿا ۽ هنن آوازن جي گونج ۾ گم ٿي، هو ڪرانتيڪار مان پيٽ جي پوڄا ڪندڙ ڪامورو بنجي اچي نوڪريءَ ۾ لڳو هو. پر دور ڪٿي سندس ساٿي ايڄا سفر ۾ هٿا.) ڪرانتيڪار.

"وقت جي حالتن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ هو ٻيهر اُپري نہ سگهيو آهي. سڀ ڪجھ ڄاڻي ٻجهي بہ هو اڪثر آس ۽ اُميد جو ڏيئو وسائڻ لڳندو آهي (جيڪي ڪنهن جڳ ۾ هن پاڻ ٻاريا هٿا). هڪ سچو سياست ڪار (يا- ڪرانتيڪار) هر آس ۽ اُميد جي پڄاڻيءَ تي نوان گس جوڙيندو آهي. نيون آسون اميدون تخليق ڪندو آهي پر هڪ حساس ڪلاڪار پهرين شڪست تي ئي اندران

ئي اندران وڃي اڏ ٿي پوندو آهي ۽ پنهنجي ڪپيل اڏ سان ڪلا جي استيج تي ڏک جو رقص پيو ڪندو آهي- مدد علي سنڌي ۾ن حصن ۾ ورهائجي رهيو آهي- هڪ ٿي نہ سگهيو آهي- دوش هن جو نہ پر لوڪ جو آهي- هن جو هڪڙو اڏ (ڪرانتيڪار) ڪائنس ڪوئجي چڪو آهي- هن جو ٻيو اڏ (ڪماڻيڪار) پنهنجي پهرين اڏ ڪان سواءِ- يڪشو ٻڌجي بن بن پٽڪي ٿو.

(ائين نہ ٽيڙ گهرجي، جيئن اسان وٽ ٽيندو آيو آهي- اسان سيني کي ڪا نہ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪرڻ ڪپي جنهن سان ڏرتيءَ تي وسندڙ انسانن جا ڪجهہ دک گهٽ ٿي سگهن.)

("قمرا نسلن جا نسل مسلسل ڪيترن دڪن جا عذاب پوڳي رهيا آهن. تون ۽ مان بہ تہ ڪنهن اڳئين نسل جي پيڙا پوڳي رهيا آهيون. مان بہ تہ ڪنهن اڳئين نسل جي پيڙا پوڳي رهيو آهيان. مان پنهنجي سوچيندڙ ذهن کان پريشان آهيان ۽ ذهن آهي جو مسلسل مون کي ڪنهن اونهي غفا ۾ ڦٽو ڪندو ٿو وڃي. مون اکين سان انسانن جا دک ڏٺا آهن- مون سدائين انسانن جي قافلي کي گهرن- ماڳن- ۽ ديسن جي ڳولا ۾ پٽڪندي ڏٺو آهي!") ڪرانتيڪار.

"مون بيحد دک منجهان ان ڪماڻيءَ جون هي ستون پڙهيون هيون (۽ زندگيءَ جي قافلي جو هو اهو فرد جيڪو سڀ کان پهرئين ماڳ ڳولي وٺندو آهي، اهوئي فرد حياتيءَ جي رڻ ۾ اڪيلو ماريو ويندو آهي). ڪرانتيڪار.

-وقت ۽ حالتن جي مختصر پر ٽڪائيندڙ ۽ دڪڻائڪ سفر جي پڃاڻي ناهي. مدد عليءَ جو اڄ - پر ان "اڄ" جي سيني ۾ هن بس هڪ ئي سپني جا چپ چميا آهن- ۽ او- دوستو ۽ دشمنو!!- آدجڳاد کان بن بن آنند جي ڳولا ۾ پٽڪندڙ انسان- بس سڪون جو هڪ پل ماڻڻ لاءِ ايڏا ڏکها ۽ لٽڪائيندڙ پنڌ ٿو ڪري- سپنا ٿو ڏسي- محنتون ٿو ڪري- جنگيون ٿو جوٽي ۽ ٽيندو ائين آهي تہ سڪون جو پل هن جو نصيب ٻڌجي نہ سگهندو آهي- پر اهو سڀ هلندڙ آهي- انت ناهي ان جو.

(نہ - نہ- مان هر دور ۾ ڪوئي اتهاسڪ ڪردار بنجڻ نٿو

چاهيان- مان سک ۾ سکون جو ڳولائو آهيان- مون کي ڪنهن به خوشي ۾ ڪنهن به دک جي ڳولا نه آهي- پر الائي ڪير چئي ويو آهي ته: دک کان سواءِ سندرتا جي ڪلپنا به نٽي ڪري سگهجي! هاءِ حياتي- هاءِ حياتي- حياتي آ سمرتين جو ڊير.....!) ڪرانتيڪار

"هو ڪنهن چاروميءَ جو ڳولائو آهي- اُها چارومتي ڪير آهي- ڪٽي آهي- ان جي جيڪڏهن سُڌ هجيس ها ته شايد هو ايڏيون اُداس ڪهاڻيون به نه لکي ها- ڪهاڻي يڪشوءَ ۾ هوساڳين اُداس پاوڻائن سان ڪنڊرن ۾ سمرتين جو ڊير ڦولورينڊو ٿو هلي-" اسان جو ڪو جنم اتهاس جي نشانن ۾ رهجي ويندو آهي. هلندي هلندي ڪي مبهم ساروٽا اسان جو رستو روڪي بيهي رهندا آهن- ڇڙ ڪڏهن اتان لنگهيا هجون- ڇڙ اهو سڀ اڳ به ڪڏهن ٿي گذريو هجي- ڇڙ ڪجهه آهي، جيڪو رهجي ويو آهي انهن پيچرن ۾- ذهن ٽڪجي پوندو آهي- پر ڪو رنگ پرجي نه سگهندو آهي انهن پاوڻائن ۾".

. (اتهاس جي سڀ کان وڏي حقيقت ۾ سچ هيءُ آهي ته هزار سالن کان پوءِ وري هن اُداس شام جو جڏهن هي ڳاڙهو سورج سامهون هنن ميدانن ۾ لهي رهيو آهي ته هن قديم شهر جي ڪنڊرن ۾ تون ۾ مان موجود آهيون ۾ اتهاس جي انهيءَ پل کي پيا ياد ڪريون- جڏهن ڪلا ۾ گيان جي هن ڍڳي سلسلي جو ڪوئي نانءَ هو- لهندڙ سج لام جيان، اُهو نانءَ ڪانتا ۾ سجاد به ٽي سگهن ٿا) يڪشو

(اسين جيڪي صبح جي ڳولا ڪندي، ڪنهن اونداهيءَ رات ۾ مارجي وياسين!) يڪشو

۾- او!!

ائين پاسندو آهي ڇڙ اسين ڪنهن گذري ويل ڪردار جا پاڇولا آهيون- اُهو گذري ويل ڪردار ڇا هيو!!؟ اهو سڀ ڪوئي ڇاڻي نه سگهيو آهي- جنهن ڇاتو آهي اُن جي پلڪ پيا آهن جُڳن- جنمن جا دک- ۾ بس، جنهن نه ڇاتو آهي- اهو به ائين بن - بن پٽڪيو آهي ڇڙ پنهنجي آتما ڳولينڊو هجي- مدد عليءَ جون ڪهاڻيون پڙهي ڪن لاءِ سوچيو هئم-

"ڇا هو جاڻي ٿو اتهاس ۾ ڪهڙو ڪردار رهيو آهن جو"!؟.

(ماضيءَ ۾ زنده رهندڙ ماڻهو ڪڏهن به مري نه سگهندو آهي ۽ مان به فقط ماضي آهيان- منهنجو ڪوئي حال ۽ مستقبل ڪونهي- منهنجي من جي ڪيت ۾ ڪابه سائي سائي پوک ڪونهي- منهنجي ڇاتيءَ تي ته دکن جي هڪ ڏکهي اتهاس جو ڪوئي جلوس آهي، جيڪو ڏيري ڏيري گذري رهيو آهي ۽ مان چپ چاپ ان ويندڙ اتهاس جي جلوس جي پويان هلي رهيو آهيان). پڪشو

لوڪو!

پاڇولا آهيون اسان سپ- هاءِ- اسان جا وجود ڪوئجي ويا آهن اسان کان- اسانجين آتمائن جي سندرتا جو انت اچي ويو آهي- ڪير ڄاڻي- جڳ پوءِ ڪوئي ڪيئن ياد ڪري اسان کي- اسان جون ڪهاڻيون، اسانجين سمرتين جو ڏير آهن. او- جڳ پوءِ اچڻ وارا لوڪو! اسين ڏاڏا اُداس ماڻهو هئاسين. بس پنهنجا وجود ڳولينديِ ڳولينديِ مري وياسين-او- اسان کان پوءِ اچڻ وارا لوڪو!- اسان جنهن صبح لاءِ وڙهياسون اهو صبح ٻڌيو اوهان جو پاڻ- اسان کان پوءِ اچو ۽ سنڌ جي سيني تان لنگهو- اسان جي پيرن جا نشان به نه هوندا پر اسان سان وابسته ڪجهه ته هوندو، جو اسان جي جوڙيل گهرن- ڪتابن- ڪوتائن- ڪهاڻين- جي ڏير مان ليڻا پائي اوهان کي ڪيڪاريندو.

هڪ مدد علي سنڌي هو- سنڌ جي اتهاس ۾ پٽڪندڙ پاڇولي سان- پنهنجي وقت جو ٽڪل ۽ هارايل سياست ڪار- اُداس ڪهاڻيون لکڻ وارو ڪهاڻيڪار- ۽ اُداس من وارو پڪشو هو- ڪنهن جنم ۾ گيڙو ويس ڏڪي ننڍيءَ ڪنڊ جي ڪُنڊ ڪُڇ ۾ رليو هو ۽ بن بن پٽڪندي هن اشوڪا کي سڪ ۽ امن جو اُپديش ڏنو هو- سندس نانءُ اُپگپت هو اُن جنم ۾- هو سنڌ جو رهواسي هو- ڪنهن ٻئي جنم ۾ هو ميرن جي قيدخاني ۾ سالن جا سال قيد رهي، هڪ سانوري شام جي اُداس لمحن ۾ مري ويو هو- ڪنهن هڪ جنم ۾ هو سنڌي سپاهي هو ۽ سچ جي ڪنهن ڇتيءَ ويڑهه ۾ وڙهندي مارجي ويو بنا ڪنهن انعام حاصل ڪرڻ جي- ۽ او- اسان

صبح جو سويل انهن ۾ ٽورو پاٽي اوتي، اهو پاٽي پياريو ويندو هو.)

ٻه چار ڏينهن آپا مهناز وٽ نه ويس، ته هڪ شام جو اچي اسان جي گهر نڪتي. مان اُن مهل تازو بخار مان اٿيو هوس، ۽ وهنجي سهنجي شاپنگ سينٽر تان بخار مان اٿڻ جي خوشيءَ ۾ ورتل پوتن واري بشرٽ ۽ ڪاري بخمل جي چڊي (پن پٽين واري) پهريو. اڳڙ ۾ پئي ڦريس. (حيدرآباد شهر ۾ اُن وقت ريڊي ميڊ ڪپڙن جو فقط هڪ وڏو دڪان هوندو هو. جنهن ۾ طرحين طرحين هارن توڙي وڏن جا ريڊي ميڊ ڪپڙا ۽ ڪاسميٽڪس سان پريا پيا هوندا هئا. اهو دڪان تلڪ چاڙهيءَ مٽان جتي هاڻ هوٽل جبيس آهي، ان جي پر ۾ هوندو هو.)

ڪيس ڏسندي ڀُڪ پائي وڃي ساڻس پاڪر پائي مليس. هن ڪي آسماني رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي هُرمچي جو سٿو ڪم ٿيل هو ۽ پيرن ۾ ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل پيل هو. مان خوش خوش ڪيس هٿ مان وڌي وڃي پنهنجي هرڻي وٽ وڌي ويس. پنهنجون سموريون گُڏيون (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 70_80 سال پراٽيون هيون،) ڇتون ڪينهوڙو ۽ تپ دوران ورتل رانديڪا ڏيکاريم.

هُن مون لاءِ چاڪليٽن جي هڪ سٿي پيتي آندي هئي، جيڪا مون انهيءَ مهل وڃي ڪٻٽ ۾ لڪائي رکي. امي مون کي خوش ٿيندو ڏسي، آپا مهناز کي چوڻ لڳي، "هيترن ڏهاڙن کان پوءِ اجهو ڪِليو آهي، توکي ڏسي!" اهو ٻڌي هوءَ مرڪڻ لڳي. اُن شام هوءَ مون کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ وڌي هلي. اسان جي گهر جي ٻاهران سندس موٽر بيٺي هئي. مان ٽپا ڏيندو ساڻس هلڻ لڳس. هن مون کي ڪار جو درکولي اڳيينءَ سيٽ تي ويهاري، پاڻ اچي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺي ۽ مان خوش خوش ڪيس موٽر ڊرائيونگ ڪندي ڏسڻ لڳس. (انهيءَ وقت حيدرآباد شهر ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ موٽر ڪارون هونديون هيون.)

حيدرآباد جا رستا شام جي ڏندلڪي ۾ ويڙهيل هئا. فوٽ پاٽن تي ماڻهن چهل قدمي پئي ڪئي. رستي تي بينل بجليءَ جي ٽنين ۾ لڳل بجليءَ جا بلب ٻرڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ اسان جي موٽر هوريان

هوريان ڏامر جي رستي تان هلندي پئي ويئي. موٽر جڏهن گاڏي کاتي واري باغ کان مُڙي، تڏي سڙڪ ڏي هلڻ لڳي تہ هن مون کان پڇيو: "مڏو، ڪيڏانهن گهمڻ هلندين؟"

مان، جيڪو اُن محل درياءَ مان باغ جي اوچن وٽن کي ڏسي رهيو هوس، گد گد ٿيندي چوڙ لڳيس، "آپي، جتي بہ وڃي هلو. اوهان جي مرضي!"

پويان باغ ۾ جهرڪين جو شور، شام جي اونداهي محل ڏاڍو عجيب پئي لڳو. مان سيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺس ٿي تہ ڪنهن محل وري ايو ٿي سامهون باغ کي ٿي ڏسڻ لڳس. موٽر جڏهن سنڌ يونيورسٽي (نو وديالي) وٽان لنگهي تہ ٽاور جو گهڙيال ڪاءُ هڻي رهيو هو. پاسي کان سيشن ڪورٽ جي عمارت، آڱڻ ۾ بينل وٽن سان گڏ ڏاڍي پوائتي پئي لڳي. اسان جي ساڄي پاسي سيشن ڪورٽ ۽ کابي پاسي سنڌ يونيورسٽي (نو وديالي) جي عمارت جو ٽاور، اُن جي اڳيان شاهي باغ ۽ ان جو لوهي جنگلو هو. سڀ شام جي ڏنڏلڪي ۾ ويڙهيل نظر اچي رهيا هئا، جن جي وچ ۾ ننڍڙو رستو هو. (تڏهن ايڏا اهو رستو ويڪرو نہ ڪيو ويو هو. ڪورٽ جي اڳڙ ۽ اولڊ ڪئمپس جي لان کي گڏائي) جنهن تان اسان جي موٽر آهستي آهستي هلندي پئي ويئي.

سامهون رستو ڏِکو ۽ سنسان هو. جنهن تان ڪنهن ڪنهن محل ڪا وڏي گاڏي يا تانگو لنگهيو ٿي. ڪورٽ کان ٿورو اڳيان ويندي کابي پاسي کان سول لائينس جو بنگلو نمبر پهريون هو، جنهن جي آڱڻ ۾ ڪيتريون ڳئون ٻڌل هيون. مان اهو سمورو ڏيک ڏاڍي موهہ سان ڏسي رهيو هوس. اسان جي سامهون ڊاڪ بنگلو ۽ ان جي پريان جيم خانو هو جنهن جي مٿان ٻريل بتي پري کان ڏسڻ ۾ پئي آئي. موٽر جڏهن پريم پارڪ وٽ پهتي تہ مون آپي کي ٻڌايو: "آپي، اسين پريم پارڪ ۾ هڪ پيروگهمڻ آيا هئاسين!"

هن کلندي چيو، "چگو، اڄ وري اسين پنهنجي مڏوءَ کي ڪلب گهمائيندا سين." مان ڏيان سان پريم پارڪ جي وٽن هيٺ چاڙهيءَ تي پٽر جي ٺهيل بينچن ۽ سول لائينس ڏانهن ويندڙ رستي تي

ڪرانتيڪار

تاريڪ رات جي چٽ تي ٽم ٽم ڪن پيا تارا، ۽ هيٺ روشن رستن تي آهي روشني! روشن رستن تي مرڪيوري بلبن جي روشني ۽ تيز رفتار ڪارن جو هڪ قافلو ڪلفٽن ڏانهن ويندڙ رستي تي روان ۽ دوان آهي. (پر ڪلفٽن جي هن وشال بستيءَ ۾ مان ڪيڏو نہ اڪيلو آهيان!) ٻئي رستي تي هڪڙيون گاڏيون سمنڊ ڏي وڃن پيون ۽ ٻيون موٽي اچن پيون. سامهون "مڊ ايسٽ سينٽر" ۾ جميڻيون بتيون ٽم ٽم ڪيو پيون ٻرن ۽ ٽورو پريان ڪمڪشان ۽ عظميٰ شاپنگ سينٽر جي ڊپارٽمينٽل اسٽورن تي ماڻهن، عورتن ۽ موٽرن جو هڪ هجوم آهي. (اي خدايا! مان ہ ڪمڪشان جي بند شيشي جي شوڪيس ۾ رکيل ڪائي شيءِ هجان ها. نہ سوچڻ جي سگهه، نہ روئڻ جي شڪتي. چمڪندڙ شيشي جي شوڪيسن ۾، ٻرندڙ بتين جي روشني، چمڪندڙ هٽ ..... روشني ۽ .... ۽ ....) ۽ هتان ڪان دور گهٽو دور حيدرآباد شهر ۾ اوپر پاسي ميرن جي وسايل قديم بستيءَ ۾ سندس ڪشادا گهر آهن، وڏا وڏا گهر، شاهي اڳڻ، اوچيون اوچيون ديوارون، ڍڳها ڍڳها ۽ گهاتا گهاتا نم ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ!..... پر گهاٽن وڻن واري شاندار لان ۾ تہ قمرالنساءِ ہ رهي ٿي. قمرالنساءِ؟ (هُن جي دل ۾ مني مني درد جي لهر جاڳي پئي.)..... قمرالنساءِ... ڊفينس جي سائوٿ ايونيو ستين تي شاهي لان ۽ سينٽرلي ايئرڪنڊيشن واري بنگلي ۾ رهندڙ، مهاتما ٻڌ جي هم وطن قمرالنساءِ. (سندس جيون ۾ ڪنهن مند جيان گهڙي ايندڙ ٽين چوڪري!!)..... هالينڊ جي سگار "هاف نار" جي مني مني سُڳنڌ دونهين سان گڏ سندس من ۾ ڦهلجندي ويئي.... هاءِ حياتي،

هاءِ حياتي....؟ حياتي آ ڪنهن املتاس جو وڻ!

مٿي جون جي آڪاس تي ڪٿي ڪٿي اڇا ڪڪر ڇانيل آهن. پنل ۽ گهميل وايو منڊل سان گڏ آڪاس ۾ آهي پنل ۽ گهميل ۽ زرد زرد. ڪراچيءَ جو زرد سورج الائي ڪيتري دير ٿي ته ڪياماڙيءَ وٽ نيري ۽ گهري سمنڊ ۾ ٻڏي ويو آهي!

"انسان جي جيون جو هنن شهرن سان ۾ ڪيڏو نه گهرو سُٻنڌ ٿيندو ٿو وڃي. پر سڀ ڪجهه آهي ذهني تعلق سان. اسان جي ذهن جي ڪنهن نه ڪنهن تند سان ڪاڻ ڪا ياد ڳنڍي پئي آهي. پر منهنجي ته هن وشال ڌرتيءَ جي هر ڪُنڊ سان ڪاڻ ڪا ياد ضرور ڳنڍيل آهي. جيون آ سمرتين جو ڍير؟ ڪير ڳولیندو، هِن سمرتين مان پنهنجي يادا هن ڪراچيءَ جي شهر سان ۾ منهنجو ڪيڏو نه پيار آهي. هر ڪنڊ سان، هر رستي سانا منهنجي جيون جي هر رستي جي پڇاڻي هن شهر جي عميق سمنڊ ۾ وڃي پوي ٿي." ۽ هن ئي شهر ۾ سندس پوئين ملاقات نسيم سان ٿي هئي. ڪلفٽن جي ڪناري مهاديو جي مندر هيٺان نسيم، سندس جيون جو اهو پيار، جنهن سندس جيون کي بدلائي ڇڏيو هو ۽ جڏهن نسيم سندس جيون ۾ گهڙي آئي هئي ته سندس سوٽ رابيل (اوچي اوچي ڪوٽ ۾ بند سندس سوٽ رابيل ڪنهن پرهه ڦٽيءَ جهڙي سندر ۽ پراچين سيبتا جي ڪائي راجڪماري- جيڪا سدائين پنهنجي پريتم جي انتظار ۾ ئي رهجي ويندي آهي!) ڪنهن ڪومايل مڪڙيءَ جيان ڏينهون ڏينهن پنهنجو رنگ ڇڏيندي ٿي وئي. رابيل سندس زندگيءَ جو پهريون پيار هو.... ۽ رابيل کان وٺي ڪمرالنساءِ تائين جيون جو هو الائي ڪيترو فاصلو ڪري آيو هو (جيون جي هر موڙ تي ڪونه ڪو اڇو پٿر جو سنگ ميل به ته ضرور هوا) محبت ۽ ملاقات ۽ وڇوڙي ۾ ڪيڏو نه فاصلو ٿيندو آهي. پر محبت، ملاقات جو سلسلو هلندڙ آهي ۽ سدائين هلندو رهندو. رابيل، نسيم ۽ ڪمرالنساءِ جي وچ ۾ به وقت جي هڪ وڏي وڇوٽي حائل هئي. وقت جي سيما کي نه ڪوئي پار ڪري سگهيو آهي ۽ نه وري ڪوئي ان وقت جي سيما کي چلانگ هڻي پار ڪري سگهندو. (۽ مون فقط پار ڪيو آئيڊيالاجيءَ

کي ! آدرش آدرشي ديوار. سماج کي بدلائڻ جا سپنا ڏسندي هو پاڻ ان سماج جو ڪاڄ بنجي ويو هو. ڪلهه جو ڪرانتيڪار اڄ جو خاموشيءَ سان گذرندڙ پلن جا سپنا ڏسندڙ اهو انسان هو، جيڪو ماضيءَ جا سپنا ڏسندي ڏسندي وڃي ڪنهن پيانڪ ۾ عميق ڪاهيءَ ۾ ڪريو هو.)

اوچتو هُن محسوس ڪيو ته هِن محل زندگيءَ جي هر ياد متان هن ٽين چوڪري قمرالنساءِ جي ياد پاري هئي. اي هلندڙ وقت! تون آخر هِن زندگيءَ هٽان هر پيري هار چو ٿو ڪائين؟

"راهول!" قمرالنساءِ ڪيس سڏ ڪيو هو ۾ جيڪو روميو جوليٽ جا گهرا گهرا ڪش هٽي رهيو هو، تنهن کي محسوس ٿيو، جڙ ڪيترن سالن ڪانپوءِ رابيل ۾ نسيم ڪيس گڏجي پڪاريو هو.

"هون!" هُن سگار جو ڦلو ايش ٽري ۾ ڪيرائيندي چيو هو: "راهول! مون کي تنهنجي هن ڏرتيءَ سان بي انتها محبت آهي. هڪ اهڙي محبت، جا مون کي گيا☆جي آلي مٽيءَ سان ۾ بنگال جي سنهري ڪيتن سان هئي ۾ اها ساڳي محبت مون کي هتان به آئي آهي!"

هُن چرڪي ڪيس ڏٺو هو. چائنيز ريسٽارنٽ ڪولون جي هلڪي هلڪي روشنيءَ واري ماحول ۾ هُن ڏٺو هو. گيا جي انهيءَ سندري ناريءَ ڏانهن، جا پيلي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ڪائي پڪشوئڙ پئي لڳي- ايجا ڪا محل اڳ هو ۾ قمرالنساءِ عامل ڪالوني مان نڪرندي جڏهن هو ڪيٽولڪ ڪالونيءَ ۾ آيا هئا، ته قمرالنساءِ ڪيس چائنيز ۾ ماني کائڻ لاءِ چيو هو ۾ پوءِ هو بندر روڊ تان لنگهي ايلفي مان ٽيندا، اڃي هت وينا هئا. (هڪ پيري هُن نسيم کي چيو هو: "نسيم مون کي ايلفي الائي چو پاڻ ڏي چڪيندي آهي. مان سدائين طارق روڊ تي وڃڻ بدران ايلفي ۾ ايندو آهيان. ايلفي جا هي اتهاسڪ دڪان، مون کي سدائين پاڻ ڏي چڪيندا رهندا آهن!)

چائنيز جو ماحول روميو جوليٽ جي پنل مهڪار سان مهڪي اُٿيو هو ۾ هُو چپ چاپ چيني پيالن تي چپيل ماٺهن جي شڪلين

☆ گيا، مهاتما بڌ جو جنم هنڌ.

کي ڏسي رهيو هو. (هتان کان دور الائي ڪيترو دور، اهي انسان جن انسانن هيءُ سمٽيون پياليون ۽ ٽانو جوڙيا هوندا، ڇا انهن کڏهن سکون سان ويهي هيئن چڪن ڪارن سوپ پيتو هوندو؟.... سڀ ڪجهہ انسان سان ختم ٿو ٿي ويجي. ڪلاڪار ۽ انهن جا سرجيندڙ هٿ، متي ٿي وڃن ٿا. ۽ متيءَ مان ڇا هر شيءِ جُڙي سگهي ٿي!؟؟)

"Rahul, I Like You" آواز قمرالنسا جو هو.

"قمر، تنهنجي Liking زندگيءَ جو اُهو شعور آهي، جنهن کي سمجهڻ لاءِ مون کي توسان گڏ ڏرتيءَ جو سفر ڪرڻو پوندو. مون سوچيو آهي تو جڏهن بہ منهنجي جيون کي پيار جي سگهہ ڏني تہ مان هيءَ نوڪري ڇڏيندس ۽ پوءِ پاڻ هتان هليا هلنداسين. دور سنڈوءَ جي ڪناري، ڪو زمين جو ٽڪرو ٿي ان ۾ آباد ڪنداسين. جتي تو جهڙي سهڻي سرنهن جي پوڪ آهي! جتي سون جهڙا ڪٽڪ جا سنگ آهن. جتي سارين جا ساوا ساوا کيت آهن. جتي جي هوا ۾ ديال جي وٽن ۽ سرنهن جي وٽن جي سڱڌ سمايل آهي. جتي جي هوا سنڈوءَ تان لنگهي پاڻ سان گڏ عجيب عجيب سڱڌ سميٽي ايندي آهي ۽ مون تنهنجي ۽ منهنجي جيون جي ڳانڍاپي جو شعور سمجهي ورتو آهي. منهنجي پيرن هيٺان ڏرتي آهي ۽ تنهنجي گلابي پدم جهڙن پيرن هيٺان پيار جي رامر گنگا پئي وهي. اڄ تہ پيار جي ناوڪي وچ سير مان اُڪاري هلون، وقت جي سيما کي لتاڙي!! هُن جو پياري آواز سگار جي دونهين سان گڏ اُڏامي چت ۾ گم ٿيندو پئي ويو.

"پر راهول، تون هِن شهر ۾ رهين ڇو ٿو. هن شهر جي بناوٽي زندگيءَ مان تہ هر ڏهين شخص بيزار آهي. تنهنجي ساون ساون کيتن ۽ آلي چيڪي متيءَ واري سنڈ تہ هتان کان دور آهي. مان سچ پچ هڪ ڏينهن هن شهر کي ڇڏي توسان گڏ هلنديس. مان تنهنجي زندگيءَ کي اونداهيءَ جو شهر نہ بنجڻ ڏينديس!"_ قمر النساءِ، ڏيري ڏيري ڪارن سوپ پيئندي چيو هو ۽ سندس نهار اوچتو وڃي پئي هئي سندس سهڻن سهڻن هٿن تي. ڍڳهيون ڍڳهيون سندر آڱريون، ڪنهن اتهاسڪ پراچين اپسرا جون تہ ڪونہ هيون، هُن سوچيو هو.

عورت کيڏي نہ سمٿي ٿي ٿئي. رابيل، نسيم ۽ هن قمرالنسا جيان. قمرالنساءِ بہ نسيم جيان ساڙهيءَ ۾ کيڏي نہ سمٿي ۽ سندر ٿي لڳي. اوچتو هن چپ چاپ نهاريو چينيءَ جي پيالن کي. کيس ياد آيو تہ سندس گهر ۾ اهڙا کيترا نہ پراٽا چينيءَ جا ميڊ ان انگلينڊ ۽ ميڊ ان جاپان جا ٽانو آهن، جن کي سندس گهر ۾ بہ هڪ صدي گذري چڪي آهي. وڏي کاٽ جي پراٽي ڪٻٽ ۾ بند. وڏا وڏا پيالا وڏيون وڏيون ٽالهيون، جن تي گهرن، ماڻهن ۽ وڻن جون شڪليون اُکريل آهن ۽ کيتر ا ڪوپ ساسريون، جن تي رنگين گهرن، عورتن ۽ ماڻهن جون شڪليون ائين اُکريل آهن، جڙ هينئر هينئر هي هنن ڪوپن تي اُکريل ماڻهو ٽپ ڏيئي هنن تصويرن جي قيد مان ٻاهر نڪري ايندا. اوچتو چمچي ۽ پيالي جي ٽڪرجڻ جو آواز اُٽيو. هو چرڪ پري ڏسڻ لڳو. ميز تي پيل پليٽن کي، مختلف چٽٽين کي. سندس سُوپ واري پيالي تي بہ ڪجهہ اُکريل هو. هن ڏنو چتائي: ساوڪ ۾ گهريل، ڪنهن پر سڪون جاءِ جي اڳيان هڪ چوڪري، هڪ چوڪرو ۽ هڪ ٻار کاٽ جي ميز وٽ چوگرد سڪون سان وينا هئا. (سڪون، ڏهني سڪون! هاءِ، هن سڪون بن بن پٽڪايو آ سدائين!) هو بہ ڪٽي سڪون سان وينل هو. پر پوءِ الائي ڪيئن اوچتو ئي اوچتو ڪٽان گڙگاٽ ڪندو سنڊو درياهہ جو وهڪرو ڪوئي بند ٻيجي ڪاهي پيو ۽ هو پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۾ دور دور تائين ترندو هليو ويو هو ۽ پوءِ ڪيس محسوس ٿيو جڙ هو ان مهل ڪراچيءَ کان دور ڪنهن اٽجاڻ هنڌ تي پهچي ويو هو. وقت جو سفر انسان کان وڌيڪ تيزيءَ سان سفر ٿو ڪري. پر وقت تيز رفتاريءَ سان ڊوڙڻ شروع ڪري ڏنو هو. پوئتي ۽ گهٽو پوئتي!

مٿي آڪاس آگميل هو. ڪارن ڪارن ڪڪرن سان پورو آڪاس چانيل هو ۽ چئني پاسن کان اونداهي چانئجي ويئي هئي. ڪنوڻ ڪنهن ڪنهن مهل تجلا ٿي ڪيا ۽ جيپ تي لڳل جهنڊي جي ٻيرڪ ڦر ڦر ڪري اڏامي رهي هئي. هو روڊ تان جيپ کي لاهي، هيٺ ٻهرن جي وڻن وٽ هڪ جاءِ جي هوٽل تي چاءِ پيئڻ لاءِ لهي آيا

هئا. ڪڪائن جھوپڙيءَ جي اڳيان واڙ جون ڪيتريون ڪٽون وڇايل هيون ۽ پاسي ڪان سنڌوءَ مان ايندڙ واهہ ڏيري ڏيري وهي رهيو هو. لڙاٽيل ميرو پاٽي- سندس ڪي دوست هيٺ لهي واهہ جي پاٽيءَ سان منهن ڏوئي رهيا هئا ۽ ڪي واڙ جي ڪٽن تي ليٽي پيا هئا ۽ هن جيپ کي ٽيڪ ڏئي سگريٽ دکايو هو. پر تيز هوا ۾ ڪيتري ڪوشش ڪانپوءِ بہ هو سگريٽ نہ دکائي سگهيو هو. هوا اڃا بہ تيز هلي رهي هئي تہ بينل جيپ تي لڳل جھنڊي جي بيرڪ تيز هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳي هئي. پريان جھوپڙي ۾ ڪائين جي باهہ تي چاءِ جي ڪتليءَ ۾ ڪير پتي چاءِ اُيامي رهي هئي. اندر هوتل ۾ فقط هڪڙو ڏيئو پئي ٻريو. جنهن جي روشنيءَ ۾ هڪڙو ينيي ڏاڙهيءَ سان شخص پاسي ۾ ڪھاڙي رکيو، اخبار پڙهي رهيو هو. اوچتو دور اولهہ ۾ وڄ چمڪي هئي، ۽ گوڙ جو هيبتناڪ آواز ٿيو هو تہ ڪنهن دوست ڪيس چيو هو، "جبلن ۾ برسات پوڻ شروع ٿي وئي آهي. جلدي چاءِ پي وڃو تہ نڪري پئون. نئين گاج هيٺ لٿي تہ پوءِ پنهنجي منزل ڪوٽي ٽي پوندي!" هن چاءِ جو ڪوپ پيئندي اندر جھوپڙيءَ ۾ نهار وڌي هئي. ڏيئي جي جھڪي روشنيءَ ۾ اڃا تائين هو ينيي ڏاڙهيءَ وارو شخص اخبار پڙهي رهيو هو ۽ پوءِ هوا اڃا بہ تيز هلي هئي تہ هن جي هڪ ٽي جھوتي سان لالٽين ڪري وجي پٽ تي پيو هو ۽ اندر ۽ باهر گھور اونداهي ڇانئجي ويئي هئي. دور ڀڳي ٽوڙهي جا اونداها جبل ڪيس ان مهل ڏاڍا عجيب لڳا هئا ۽ پوءِ اونداهين ۾ الائي ڪيتريون روشنيءَ جون ڦڙڪيون ڪلي پيون هيون.... "انقلاب..... زنده باد..... آٽيندا سين، آٽيندا سين، انقلاب.... آٽيندا سين... انقلاب.... انقلاب ڳاءِ انقلاب... ڳاءِ.... جيئن زمين آسمان جي ڪُلي پوي زبان، انقلاب.... انقلاب ڳاءِ انقلاب....ڳاءِ..... ڳاءِ..... انقلاب....!"- پر زندهہ باد تہ پيٺ جا مفاد هئا. زنده باد تہ لوئر مڊل ڪلاس جا مفاد هئا ۽ هُنن آوازن جي گونج ۾ گُم ٿي، هو ڪرانتيڪار مان پيٺ جي پوڄا ڪندڙ ڪامورو بنجي اچي نوڪريءَ ۾ لڳو هو. پر دور ڪٽي سندس ساٿي اڃا سفر ۾ هئا. ۽ نئين گاج تيزيءَ سان جابلو پٽرن کي اڏائيندي سندن راهہ مان

لنگهي رهي هئي. آڪاس مان وڏي زور ۾ شور سان وڏڙو مينهن پئجي رهيو هو ۽ سندن ساٿي سندس ئي ناهيل اُپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا. (ڪلاڪار جي هٿان ڪلا جي شڪست ۾ ڪير ڪنهن جي هٿان هارڪائي موٽيو هو، اها تہ ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي..... پر وقت وڏو بيوفا آهي..... وقت کي پوئتي موٽڻ نہ ڏيو. وقت کي پوئتي موٽڻ نہ ڏيو. وقت سدائين پنهنجي دور جي ڪنهن نہ ڪنهن جھونجھار کي شڪست ضرور ڏني آهي. وقت کي پوئتي نہ ورڻ ڏيو. جڏهن بہ وقت پوئتي ورڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن من جي ماڙيءَ تي بَڪرال ٻھڪا ڪيا آهن ۽ ڪوئي نہ ڪوئي مينهن ضرور وٺو آهي. اي هٿن مان ڇڏائيندڙ وقت، تون پويان موٽي وڃ! (ڪنهن زور زور سان من جي بيابان ۾ پڪاريو!)

"راهول چا پيو سوچين!" ڪمرالنساءِ جي آواز ڪيس ڪنهن وهندڙ وقت جي ڌارا مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. سندس ڪارن سوپ Corn soupتڏو تي ويو هو ۽ بيرو سندن ڏنل آرڊر سرو ڪري رهيو هو. ميز تي چلي، نوڊلس ايگ رائيس- پيل هئا. هُن تڏي تڏي نهار وڏي هئي.- گيا جي سندر ۽ ابهم ڪنيا ڏانهن، جا هُن جيان جيون جي صحرا ۾ ڪنهن وجايل قافلي جا پيرا ڳولي رهي هئي. (اي صحرائي سنڊ، تنهنجي هن ڪليل صاف ۽ شفاف آڪاس ۾ ڪوئي اڇو پکي بنجي ڪليل آڪاس ۾ اڏامڻ شروع ڪيو. آڪاس ۾ ڪٿي ڪٿي ڪوئي تارو ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيو هو. پوئين پهر جي رات جي پچاڙي هئي. چنڊ پنهنجي پاڻ مان بہ بيزار ۽ اداس اداس آڪاس ۾ اٽڪيل هو ۽ هيٺ گھٽو هيٺ سارو لوڪ ننڊ ۾ سُتل هو. روشني ۽ اونداهي ۾ وڌا وڌا ۽ گھاٽا گھاٽا وڻ لڏي رهيا هئا. هيٺ سيءِ شهر ۽ وستيون، اداسيءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل هئا. ڪوئي اداسيءَ جو آسيب هر چيز کي کائي ويو هو. اوچتو ڪنهن وڻ جي اوٽ مان ڪوئي پاڇو نڪتو. ان پيانڪ پاڇي جي هٿن ۾ رائيفل هئي ۽ پوءِ پوئين پهر جي اداس آڪاس ۾ اڏامندڙ اڇي پکي تي ڪوئي فائر ٿيو. گوليءَ جي گونج دور دور تائين پکڙجي، ڪنهن اونداهيءَ جي ڏنڊ ۾ گم ٿي وئي.

گولي زوڪات ڪندي ڳيري جي ڇاتيءَ مان آرپار لنگهي ويئي. ڳيري پڇاڙيءَ ۾ گهوگهو ڪئي. گولا ٽيون ڪائيندو اڇو پکي هيٺ ڏرتيءَ تي ڪرڻ شروع ٿيو. وٽن جي لامن تي لٽڪي گهيرٽ ڪائيندڙ پکي، گهيرٽن مان سڃاڻ ٿي وئي اڏاٽا..... (هاءِ حياتي، هاءِ حياتي، حياتي آ آڪاس ۾ تنگيل، پوئين پهر جو اداس چند!!)

سڪون پريل نگاهن سان اوچتو قمرالنساءِ ڪيس ڏٺو هو. ۽ هن ۾ چرڪي قمر جي نيٽن جي نهار ۾ نهاريو هو. گلن کان ۾ وڌيڪ نازڪ قمرالنسا ڏي ڏسندي سندس من اداسيءَ ۾ ٻڏي ويو هو. (پيار زندگيءَ جي علامت آهي قمرالنساءِ ۽ مان زندگيءَ جي علامتن سان سدائين وڙهندو رهيو آهيان. تون منهنجي زندگيءَ جي ٽين علامت آهين ۽ خوش نصيب انسان هوندا آهن اهي جيڪي سدائين سونهن پريا سپنا ڏسندا آهن ۽ زندگيءَ جي علامتن مان ونندا آهن، پر مان هر شيءِ کي لتاڙي اڪيلو اڪيلو الائي ڇو اڳيان گهٽو اڳيان نڪري ويندو آهيان. قمر ڇا توکي خبر آهي ته مونن ۾ منهن وجهي اسان جو عظيم شاعر ڇا ٿو چوي:

"سونهاري صبح سين وجهي ويٺين ويرا" ۽ مون ۾ ته هر صبح سونهاري سان ويرَ پاتو آهي؟.... تون، تون، ۾ ڪٽي منهنجو اهو ساڃيو صبح ته ناهين؟؟؟!!)

"وقت وڏو بيوفا آهي، قمرا وقت تمام بيوفا آهي، انسان جي پاڇي جيان ڏرتيءَ جا ڦيرا توکي ڪٽان جو ڪٽان وٺي آيا آهن ۽ هي ڏرتيءَ جا ڦيرا ڏاڍا عجيب ۽ ظالم ٽيندا آهن. انسان صدين کان لڏ پلاڻ جو ڏکو سفر ڪري رهيا آهن. آخر هن ڏکهي سفر جو هي سلسلو ڪڏهن پوروٽيندو. صدين کان انسان ڳولا ڪئي آهي ته فقط سک ۽ سڪون جي! تنهنجي هم وطن شاڪير منيءَ کي ۾ سڪون جي تلاش هئي ۽ اها ساڃي تلاش مون کي ۾ ته آهي. ڪيتريون صديون اڳ سنڌ جو رهاڪو اُپگپت☆ ۾ گيڙو ويس ڏکي پکشو بنجي ننڍي کنڊ جي ڪنڊ ڪڇ ۾ رليو هو ۽ بن بن پٽڪندي هن

☆ اشوڪا جي دور جي مشهور پکشو، جنهن جي لاءِ ڇيو وڃي ٿو ته هو سنڌ ڏرتيءَ جو رهاڪو هو.

اشوڪا کي سڪ ۽ امن جو اپديش ڏنو هو، تہ اشوڪا رت جا درياھ وهائڻ بدران پاڻ پڪشو بنجي ساٺس گڏ تنهنجي ديس ڀهار ۾ آيو هو ۽ گيا ۾ بُڌ جي جنم هنڌ وٽ بيهي چيو هئائين. "اي بادشاھ! هيءُ اهو هنڌ آهي جتي شاڪيہ مني جو جنم ٿيو هو". ان مهل اشوڪا جي ڏيءَ بہ ساٺس گڏ هئي. قمر، تاريخ جو اهو سارو تسلسل مون کي ڏکي تو ڏانهن ڇڪي آيو آهي. مان ساڳيو اُپگپت آهيان. مان ايجا تائين سڪون جي ڳولا ۾ آهيان. اهو ساڳيو اُپگپت آهيان، جيڪو وسوڏتا وٽ هڪ پيرو هلي ويو هو.

"راهول، تو ٽيگور جي اها مشهور ڪوتا "اَپسرا" پڙهي آهي نہ؟"

"ها." هن وراڻيو هو.

"ڇا توکي اُپگپت ۽ وسوڏتا واري ڳالھ جي خبر آهي؟"

"ها قمر چگي طرح. مون تہ اُپگپت جي زندگيءَ بابت ڪنهن زماني ۾ گھٽي ڪوجنا ڪئي هئي ۽ ان ئي ڪوجنا کان پوءِ مون کي خبر پئي هئي تہ اُپگپت اصل سنڌ جو رهاڪو هو!"

"واقعي، اها ڳالھ نئين آهي مون لاءِ تہ اپگپت اصل سنڌي هو!"

"قمر، مون زندگيءَ جي مسلسل هر جنم ۾ ۽ هر دور ۾ سفر ڪيو آهي. جيون جي مختلف قيرن مون کي سُک جو ساھ کڻڻ نہ ڏنو آهي!"

"Damn it Rahull_اسين سڀ وقت جي قيرن ۾ قيد آهيون. بند آهيون. ڪوئي ڪنهن جي لاءِ نٽو روئي. ڪوئي ڪنهن جي لاءِ نٽو مري. اسين سڀ تنهنجي ئي چوڙ موجب وقت جي هٿن ۾ قيد آهيون. چيڪي متيءَ جا اهي راندڪا آهيون، جنهن کي تيز هوا جو هڪ جھوٽو يا برسات جو پهريون ڦوهارو ڏاهي ٿو ڇڏي!"

"پر قمر! ائين ٿئي آخر چو ٿو؟ مان چوان ٿو ائين نہ ٿيڻ گهرجي، جيئن اسان وٽ ٿيندو آيو آهي. اسان سيني کي ڪانہ ڪا اهڙي ڳالھ ڪرڻ ڪپي جنهن سان ڏرتيءَ تي وسندڙ انسانن جا ڪجھ دک گھٽ ٿي سگھن. قمر، نسلن جا نسل مسلسل ڪيترن دکن جا عذاب پوڳي رهيا آهن. تون ۽ مان بہ تہ ڪنهن اڳئين نسل جي پيڙا پوڳي

رهيا آهيون..... مان پنهنجي سوچيندڙ ذهن کان پريشان آهيان ۽ ذهن آهي جو مسلسل مون کي کنهن اونهي غفا ۾ ڇڻتو کندو ٿو وڃي. مون اکين سان انسانن جا دک ڏٺا آهن. مون سدائين انسانن جي قافلن کي گهرن، ماڳن ۽ ديسن جي ڳولا ۾ پٽکندي ڏٺو آهي!"

اوچتو ڪجهه پلن لاءِ هُو خاموش ٿي ويو هئو. هن جون نظرون قمرالنساءِ تان پوندين وڃي پاسي واري ميز تي پيون هيون. سندن پر واري ميز وٽ ٻه چوڪريون، هڪ پوڙهي عورت ۽ هڪ مرد ڪنهن ڳالهه تي ڪليا هئا ۽ پوءِ هوءَ اڏوت عورت ڪلندي ڪيري ٿي پئي هئي. هُن سوچيو هو، اسان جون عورتون، هن عمر ۾ ڪيڏيون نه ڏکويل بنجي ويندين آهن. گهر ۽ اولاد جي ڳڻتي، اسان جي مائن کي ڪيڏو نه جلدي پوڙهو ٿي ڪري ڇڏي..... دک ڇڻ هن ڪلندڙ اڏوت وٽان گذريو ئي ڪونهي.

"هيءَ فئملي اسان جي پر واري بنگلي ۾ رهندي آهي"- آواز قمرالنساءِ جو هو، جنهن ڪيس هنن ڏانهن ڏسندي چيو هو، "۽ هُن سامهون واري چوڪريءَ تازو سنڈ جي هڪ ايمر- پي اي سان شادي ڪئي آهي!"

"قمر، هن شهر جون عورتون ڪيڏيون نه خوش آهن. توکي جيڪڏهن مان هن پوڙهي عورت جي عُمر جي پنهنجي ماءُ ڏيکاريان ته توکي عجب لڳندو ته هڪ جيتري عمر جا ماڻهو شايد سڀ هڪ جهڙا نه هوندا آهن!"

"راهول، تون مون کي پنهنجا گهر ڏيکارينديں؟"

"ها قمرا مان توکي هڪ ڏينهن پنهنجا گهر هلي ڏيکاريندس. ڪشادا گهر جن جون ڇتيون ۽ ديوارون آڪاس سان ڳالهيون ڪنديون آهن. اسان جا گهر، جن جا ڪليل ۽ وڏا وڏا اڳڻ اسان جي ڪشادين دلين جيترا ڪشادا ۽ وشال آهن. جتي پهچي تون محسوس ڪندينءَ ته ڇڻ تون ارڙهين صديءَ جي ڪنهن دور ۾ پهچي ويئي آهيان!"

"اڄ، الائي ڇو مون کي لڳي ٿو ته تون اڳئين ڏينهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ اداس آهين..... ڇو پلا. ڇا ڳالهه آهي. اڄ تنهنجي هڪ هڪ

ڳالھ مان مون کي اداسي جي خوشبو پئي اچي؟" قمر کيس چتائي ڏٺو ھو. تہ ھو ڪنفيوزڻي ويو ھو. ڇڙ قمر سندس دل جو چور پڪڙي ورتو ھو. ھن سگار ايش ٽري تان کنيو ھو. جو ڪا مھل ٿي تہ وسامي ويو ھو. ماچيس جي تيلي ھاري ھُن سگار ڪ ڏکايو ھو. سگار جو دونھون ھڪ پيرو وري ماحول کي خوشگوار بنائي رھيو ھو ۽ ھُن سگار جو ھڪ وڏو ڪش ھڻندي چيو ھو. "الائي ڇو اڄ جڏھن تون شام جو مون کي زوري عامل ڪالونيءَ ۾ وٺي ھلي ھئينءَ تہ منھنجي من چيو ھو تہ اڄ موٽڻ کان پوءِ مان ضرور اداس ٿي ويندیس. ۽ سچ پچ ٿيو بہ ائين!"

قمر ان مھل ڪانٽو ۽ چمچو پليٽ تي رکي پنھنجي گلابي چپن کي نيپڪن سان ڏيري ڏيري ھڪ سھڻي ادا سان اگھيو ھو ۽ چپ اُگھي پنھنجو ريشمي ھٿ وڌائي سندس ٻانھن تي رکيو ھو.... ۽ پنھنجا ڪارا ۽ ڪجلا نيٽ سندس چھري تي ڪُپائي چيو ھو. "توکي ياد ھوندو تہ تنھنجي ۽ منھنجي پھرين ملاقات ڪراچي ايئرو ڪلب جي سالياني ڊنر ۾ ٿي ھئي. آئون ڊيڊ سان گڏ ھيس ۽ تون لان ۾ مٽانھين ھنڌ تي ويٺو ھئين. اڪيلو ۽ چپ چاپ ۽ جڏھن ڪلب جي سيڪريٽري مسٽر نصرالله تنھنجو اسان سان تعارف ڪرايو ھو. تہ مون کي الائي ان مھل لڳو ھو تہ تون بيحد حساس دل ۽ سينزيٽو آھين.... ۽ مون کي تنھنجي ھن طبيعت سان بہ بي انتھا پيار آھي!"

اوچتو ٻَڪرال ٻھڪا ڪيا. وڃ جي تيز چمڪاٽن سندس نيٽن کي بند ڪري ڇڏيو. گوڙ جي پيانڪ آوازن ۾ ھُن جو آواز ڪٽي گم ٿي ويو. اڄ کان ڪيترا سال اڳ اھي ساڳيا جملا نسرين بہ تہ ڪيس چيا ھئا..... وقت کي ڌھرائڻ نہ ڏيو. بدلجندڙ انسان، بدلجندڙ وقت جيان تہ ڪونہ آھن. اچو اڄو تہ زندگيءَ جي بيوفائين جو ڪوئي ماتم ڪريون. محبتن جي ڪربلائن ۾ ڪوئي وقت جي ويساھ گھاتين جو ڪو نوحو پڙھون. زندگي ۽ وقت ھر انسان سان پل پل کان پوءِ ڪانہ ڪا ويساھ گھاتي ضرور ڪندو آھي. (۽ پوءِ ھن محسوس ڪيو تہ وقت جي پڙ ۾ ڏھين محرم جي ڪائي اونداھي شام لھي آئي ھئي. ھر پاسي اونداھي ھئي. فقط آواز ھو تہ روئڻ جو

هو. اچو اچو تہ گڏجي روئون. روئڻ ۽ پٽڻ جي هن پل ۾ ڪوئي ڪنهن سان گڏ بہ تہ ڪونهي. ڪارن ڪپڙن ۾ هن جي گهر جون بيبيون زور زور سان پنهنجي چاتين تي ڏڪ هڻي رهيون هيون!)

280بينز بندر روڊ تان لنگهي، نشتر پارڪ ڏي هلي هئي تہ ان محل محفل شاهہ خراسان ۾ شيعان علي وچئين جي نماز پڙهي رهيا هئا. هن قمرالنساءِ کي ساڄي پاسي واري روڊ تي گاڏي موڙڻ لاءِ چيو هو. گاڏي مڙي ڪيٽولڪ ڪالونيءَ ۾ آئي هئي تہ هن چيو هو، "قمر هوءَ سامهون اٽئي عامل ڪالوني."

قمر گاڏيءَ کي ڏيري ڏيري هلائي رهي هئي. گاڏي فسٽ گيئر ۾ وجهندي قمر دريءَ مان ٻاهر نهارينديِ چيو هو، "ڏاڍي رومانٽڪ ڪالوني آهي."

"ها اسان جي سوسائٽي جون ارسٽوڪريٽ فئمليون ايڏا تائين ان ساڳئي رومانٽسزم جو شڪار آهن!"

"هن ئي عامل ڪالونيءَ ۾ ڪٽي 27- نمبر بنگلو آهي، جيڪو ڪملا جو آهي."

"قمر! ڇا ڪملا تنهنجي گهري ساهيڙي هئي؟" هُن پڇيو هو. اڇي مرسڊيز هاڻي عامل ڪالونيءَ واري روڊ تي هئي. اوچتو هن چيو هو، "قمر هو ڏس، 33 نمبر بنگلو. ان جي معنيٰ تہ هاڻ پاڻ سڏو هلي پهچنداسين 27 نمبر تي!"

قمر، سندس ان ڳالهہ جي وراڻي ڏيڻ بدران چيو هو، "ڪملا، منهنجي ڏاڍي گهري ساهيڙي هئي، اسان ٻنهي ڪلڪتي يونيورسٽيءَ مان گڏجي فلاسافيءَ ۾ آنرز ڪئي هئي. مان سدائين هن جي گهر ويندي هيس. هڪ معمولي ڪوليءَ ۾ هو پنهنجي ماءُ، انڌي پيءُ ۽ ننڍڙن ٻن پائرن سان رهندي هئي. سندس وڏو پاءُ جوانيءَ ۾ ئي هُتي ڪلڪتي ۾ ڪنهن بس جي هيٺان اچي مري ويو هو. سندس انڌو پيءُ سدائين پيو ڳالهائيندو هو. ڪنهن ڪنهن محل مان وڃي وٺس ڪاٽ جي صندل تي ويهندي هيس، تہ چوندو هو، "پُٽ، اسين هن معمولي ڪوليءَ ۾ رهون ٿا. متان ائين سمجهجائين تہ ڪو اسين

سدائين مسڪين هياسين. اسان جو وڏو ڪاروبار هو اتي، سڀ ڇڏائجي ويو. اڪيلا مٽو بچائي اچي هت پهتاسين. محلن جهڙو عامل ڪالونيءَ جو گهر ۾ هاڻ هتي الائي ڇو جيئرا آهيون!!"- هُو ائين چئي روئي پوندو هو تہ ڪملا ڪيس ڇڙمان سنڌيءَ ۾ الائي ڇا چوندي هئي جو پوءِ هو پوڙهو پنهنجون بينيون اکيون پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان اُگهي، صندل تي ليٽي پوندو هو- مان جڏهن هيڏانهن آيس پئي تہ هُن ڪملا جي انڊي پيءُ منهنجا هٿ پنهنجن ڪهرن هٿن ۾ ونندي ڪجهہ چيو تہ منهنجو من پرجي آيو. مون هن انڊي جي اکين وسيلي ڏسي ورتو هو سيڪجهہ. هن جو ماضي هن جو حال ۽ هن جو مستقبل ڪوئي گهر هو هن جي اکين ۾. ڪي انبن ۽ جمن جا وڻ هئا، ان شخص جي هٿن جا پوکيل سندس ئي لان ۾!

اوچتو ڪار جي اڳيان ڪوئي شخص لنگهيو هو تہ قمرالنساءِ بريڪ هنئي هئي ۽ پوءِ هنن ٻنهي جون نظرون وڃي پيون هيون ساڃي پاسي واري 27 نمبر بنگلي تي- 27..... عامل ڪالوني..... ڪجهہ ڪنن لاءِ هو سانت ۾ اچي ويا هئا. سندن سامهون هڪ عاليشان بنگلو بيٺل هو. جنهن جي شاهي گيٽ تي بوگن جي ول ويڙهيل هئي، جنهن جا گلابي گل در تي لڙڪيا پئي. ٻہ ماڙ انگلش طرز جي اڏ صدي اڳ ٺهيل عمارت، جنهن جي درين ۽ روشندانن ۾ رنگين شيشا چمڪي رهيا هئا ۽ لان ۾ بيشمار انبن ۽ جمن جا وڻ بينا هئا. وقت وڏو سفر ڪري ٿو! هن چيو هو انسانن جي دڪن سان گڏ مسلسل وقت ٻہ سفر پيو ڪري..... (روشنين ۽ اونداهين جي شهر ۾ دور گهٽو دور هو پوڙهو ۽ انڊو شخص الائي جيئرو ٻہ آهي يا نہ. ٿي سگهي ٿو تہ اونداهيءَ ڪوليءَ ۾ موت تہ ڪيس سوچڻ جي مهلت ٻہ نہ ڏني هجي. سمنڊ جي گهميل هوا اڃا ٻہ تيز ها اڃا ٻہ تيز، ٿي ويئي آهي. انب جي وڻ وري ٻور جهليو آهي. ٽپ ٽپ ڪري جمن جي وٽن مان هڪ هڪ ٿي ڪارا ڪارا جمون، هيٺ ڪري پيا. انسان جي زندگيءَ مان حياتي جا سال ٻہ ائين ڪڍي ڇڏيو. پن ساوا ساوا ۽ سڪل هڪ ئي جهوٽي سان هڪ هڪ ٿي ڇٽي ويندا. گهميل هوا جو هڪ ئي جهوٽو انسان کي ڪٽان جو ڪٽان ٿو وڃي پهچائي...

هاءِ قمرالنساءِ. تون ۽ مان بہ سالن کان ۽ صدين کان ڪوئي اونداهو سفر ڪري رهيا آهيون!

رات، دور ڪياماڙيءَ جي جهازن ۾ بند هئي. (اسين سڀ ڀيڪ جا اهي مسافر آهيون، جن سالن کان ونڊي ٻڌا آهن فقط مٿي چت تي ڊوڙندڙ اٽڄاڻ انسانن جي قدمن جا آواز!) ڪياماڙيءَ ۾ جهازن جون بتيون ٽم ٽم ٽمڪي رهيون هيون ۽ ڪوئي وڏو جهاز اونداهي سمنڊ ۾ گهيريل هو. دور دور تائين هيون لهرون ۽ نيرو نيرو گهرو آڪاس، ۽ هو بہ ان اونداهيءَ ۾ گهيريل جهاز جيان، ماٺهن جي هجوم ۾ گهيريل ڪلفٽن جي ڪناري هلي رهيو هو. عورتن، ٻارن ۽ مردن جو هڪ هجوم سندس آس پاس کان ڏيري ڏيري هلي رهيو هو. سامهون سمنڊ تي اونداهي ڇانيل هئي، جنهن ۾ قاتل جهاز ڪنهن ديو جيان لڱو پئي ۽ لهرون دور الائي ڪٿان کان ٽيندیون تيزي سان اچي پٽرن جي ديوار سان پئي لڙيون. اوچتو سمنڊ جي هوا سندس وار اُڏايا، لهرن جي پاڻيءَ سندس عينڪ جا شيشا پسائي ڇڏيا. هن عينڪ لاٿي، شيشا اگهي، سندس کاپي پاسي نهاريو. جتي ٽڪريءَ تي ٽهيل عبدالله شاهہ اصحابي جي سائي گنبڊ تي بلب ٻري رهيو هو، ۽ پريان پراڻي ڪلفٽن مٿان اونداهي ڇانيل هئي. (هڪ ڀيرو قمرالنساءِ، دور اونداهي سمنڊ ڏي ڏسندي چيو هو، "راهول، هي تنهنجو سمنڊ بہ ٻين سمنڊن کان نرالو آهي. جيئن تون آهين سيني کان الڳ ۽ نرالو. توهين سڀ عجيب آهيو.")

"قمر! مان توکي ايجا هن ملڪ جي ڪنڊڪڙ ڏيکارينديس، تہ پوءِ تون محسوس ڪندينءَ تہ اسين ڪيڏا نہ عجيب آهيون. قمر، مان ۽ هي نيرو گهرو اونداهو سمنڊ هڪ هزار سالن جو ڪيتو ڏيئي رهيا آهيون. وقت جي ڪنهن ٻڏ ۾ ڪنهن جهونجهار جي هار سان هڪ پراچين اتهاس جو انت اچي ويو ۽ عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ هتي جي هر جهونجهار سدائين ڪنهن نہ ڪنهن اونداهي شام مهل پنهنجي ڇاتيءَ تي ڪوئي ٻاڻ کاڌو آهي!!

۽ قمر لهرن جي اَڇ کي ڏسندي چيو هو:

"We are all in the same boat in a stormy sea, and we

owe each othea, a terrible loyalty!!"

ٻيڙيءَ ڪپر ڇڏيو تہ هن جا ٻئي هٿ ويني ويني ٻيڙي جي هڪ پاسي ۾ ڪُپي ويا. هن جون نظرون سامهون پاڻ کان ڏيري ڏيري دور ٽيندڙ ساوڪ واري ڪپر تي هيون. آڪاس ۾ ايڏا سانوڻ جو اداس چنڊ ڪڙيل هو. هلڪي هلڪي سوجهري ۾ هر شيءِ ڪيس طلسمي پئي لڳي. پريان وٽن تي طوطن جي ٽان ٽان ۾ ڇيرن جي گهوگهو سان سڄو وايومنڊل گونجي اٿيو هو. آڪاس ۾ ڪپر، وٽن ۾ پکين جي شور سميت دونهاٽيل دونهاٽيل هو. هن جي نهار دور ڏنڊ ۾ ويڙهيل وستيءَ تي هئي ۽ دل تي ڏاڙهون جهڙا ڏنب هئا. هُن پنهنجي هٿن کي ڏٺو. جيڪي هٿ ٻيڙيءَ ۾ ائين ڪتل هئا، جيئن ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڙيءَ جي ڳن ۾ ڪپي ويندا هئا، يا ڪڏهن ڪڏهن ارغونن سان وڙهندي وڙهندي ترار جي منيي ۾ ڪپي ويندا هئا. هن هڪ ڏڏو ساهہ ڪنيو ۽ ٻيڙي ۾ ليٽي پيو. ڪارڙو ميربحر ڏيري ڏيري ونجهہ هلائي رهيو هو ۽ هن جي ڇاتي جڙ دولهہ دريا خان جي اها ڍال هئي، جا هر وار سهڙ کان پوءِ بہ پنهنجي ڏٽيءَ کي بچائي نہ سگهي هئي. هن کان ڏڏو ساهہ نڪري ويو.

ڪالهہ شام جو ٿڌي جي ڇائنڻ تي دريا خان مُرڪي ساهہ ڏنو هو. تہ هن جُهڪي دريا خان جي چمڪندڙ نراڙ کي چميو هو. ويساهہ گهاتين جي شڪار ٽيندڙ روشن سج تي ڪنهن ڪاري ڪڪر جو پاڇو اڇي ويو هو ۽ هنن جنگ هارائي هئي. پريان تنبن کي باهہ لڳل هئي، جنهن جي چمڪاٽن ۾ هو دريا خان جي لاش کي کٽي وڃي رهيا هئا. اونداهو آسمان ڪڪرن سان ڇانيل هو ۽ ڪنهن ڪنهن معل وڄ چمڪا ٿي ڪيا ۽ پوءِ هُن مينهن وسڻ کان اڳ ڏُکون پيري روئڻ شروع ڪري ڏنو هو. ٻيڙي ڏيري ڏيري پاڻيءَ جي وهڪري تي ٽلندي پئي ويئي ۽ ڪارڙي ميربحر وڏي سُر ۾ ڪوئي ڪلام ڳائڻ شروع ڪري ڏنو هو. هُو خيالن مان موت ڪائي وري ٻيڙيءَ ۾ پهچي چڪو هو. صبح جي سانت ۾ الائي ڇوڪيس هن ميربحر جو آواز بہ ڏکويل پئي لڳو: "وڻ وڍي واٽون ڪريان، واٽ بہ ڪونہ ڏسيائون الا!"۔ ۽ سچ پچ تاريخ کين هر دور ۾ ڪا واٽ ڪانہ ڏسي هئي.

تاريخ جو تسلسل، زندگيءَ جو تلسلسل، وڻ وڍي واٽون ڪريان..... اونداهي.... اونداهي ۾ ٻيڙي ڪنهن ڪُن ۾ وڃي ڦاٽي هئي! ۾ هو ڦيراتيون کائيندو، تاريخ ۾ وقت جو مسلسل سفر ڪري رهيو هو.

سگريٽ ڏُکائي خيالن جي نيري سمنڊ مان ٻاهر نڪري هُن ڪناري سان وري هلڻ شروع ڪيو. ساٽس گڏ قمرالنساءِ هئي. هو ڪنڌ مٽي ڪٽي نيري سمنڊ مٿان ٽم ٽم ڪندڙ تارن کي ڏسڻ لڳو. سندن آسپاس کان ڪيترا شين جا مختلف هٿ هيا ۾ پريان ديويءَ جي گهاٽن ٻوٽن ۾ هوا تيزيءَ سان پئي هلي، اوچتو قمر سندس هٿ کي مضبوطيءَ سان جهلي ورتو هو. هُن قمرالنساءِ تي نهار وڌي هئي، جا ساڃي پاسي ديويءَ جي ٻوٽي وٽ بيٺل هڪ شخص کي ڏسي رهي هئي، هُن چيو هو، "قمر چا ڳالهه آهي."

قمر ڏکندڙ آواز ۾ چيو هو، "راهول، هو ڏس، سامهون، هن شخص جون اکيون ڪيڏيون نہ پيانڪ آهن! ۾، ۾، هو الائي ڇو مون کي گهوري رهيو آهي!"

هُن چتائي ڏنو سامهون. سچ پچ ڪيس بہ ڏاڍو ڊپ ٿيو هو ان محل. ڪوئي مرده ڇهرو برندڙ اکين سان هُنن کي گهوري رهيو هو. هن قمر جي ڪلهي تي پنهنجي ٻانهن رکي هئي ۾ ڪيس اڳيان هلڻ لاءِ چيو هو. قمر ساٽس تيز قدم کڻندي اڳيان هلي هئي. اوچتو هُن مڙي پويان نهار ڪئي هئي. سندس بت ۾ جڙ ڊپ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي.... ان ساڳئي هنڌ تي هاڻي اهو پيانڪ شخص موجود ڪونہ هو. هن قمر کي ڪجهہ بہ نہ چيو هو. سندس اڳيان بہ ماڻهو وڏيون وڏيون دوربينيون، ڪاٽ جي وڏن صندلن تي رکيو بينا هئا. هن قمر جو ڏيان هٽائڻ لاءِ ڪيس چيو هو، "قمر هن دوربيني ۾ ڏسون تہ منوڙو ڪياماڙي ڪيئن تا ڏسڻ ۾ اچن!"۔ قمر جي ڏنل ڇهري تي ڪجهہ مرڪ وري آئي هئي ۾ هو ٻئي هڪ ڪئي محل ان ڪاٽ جي چبوتري تي چڙهيا هئا. "پهرين تون!" قمر چيو هو. "نہ قمر پهرين تون!" قمر ڪلي ڪيس ٻانهن کان پڪڙي هن جو مٿو دوربيني سان ٽڪايو هو۔ دور ڪيترن جهازن ۾ بتيون ٻري ٻرين ۾ سمنڊ ۾ قاتل جهاز ڪيس صفا ويجهو ٻئي نظر آيو. اونداهو جهاز. هُن جون نظرون دوربيني جي نهار

سان ڦرنديون وري ڪياماڙي تي ويهي پيون هيون ڪياماڙي جون بتيون دورکان آڪاس تي چانيل تارن جيان ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيون هيون ۽ سمنڊ مٿان گهري اونداهي چانيل هئي. اوچتو هن ڪنڊ مٿي ڪٿي قمر ڪي دوربيني ۾ ڏسڻ لاءِ چيو هو. قمر جهڪي پنهنجا ڪارا ۽ ڪجلا نيٺ دوربيني جي شيشي تي رکيا هئا ڪجهه پل ائين گذري ويا. اوچتو هڪ ئي جهٽڪي سان قمر سڌي ٽي بيهي رهي هئي. سنڊس چهرو اونداهو بنجي ويو هو. هوءَ سنڊس هٿ پڪڙي هيٺ لٽي هئي. هن حيران ٽي پڇيو هو. "چا ڳالهه آهي قمرا" پر قمر ڪيس ڪاب وراڻي نه ڏني هئي. "راهول هل، هلون"!!- هن ڪيسي مان ڪجهه رپيا ڪڍي دوربين واري کي ڏنا هئا ۽ قمر سان گڏ هلندو ڪار ڏي آيو هو. "راهول! هو جيڪو سمنڊ ۾ ڦاٽل جهاز آهي نه، ان ۾ مون ساڳيو پيانڪ چهري وارو شخص ڏٺو. دوربيني جو لينس ٺيڪ جهاز مٿان هو ۽ مون کي هو صاف صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو" هن حيرت مان چيو هو. "نه قمر تنهنجو اهو وهم آهي. اصل ۾ تنهنجي ذهن ۾ اهو پيانڪ شخص ويهي رهيو آهي، ان ڪري دوربيني ۾ تو جڏهن ڏٺو تہ توکي ائين محسوس ٿيو جڻ ان سمنڊ ۾ ڦاٽل جهاز ۾ ڪوئي شخص بيٺو آهي!"

قمر ڪيس کوبہ جواب ڏيڻ بدران، ڪار جو درکولينديِ اچي ڪار ۾ ويٺي هئي. راهول ڊرائيونگ تون ڪر. مان مينٽلي ٺيڪ نہ آهيان. الائي ڇو مونکي لڳي ٿو تہ مون زندگي ۾ اڄ ڪوئي سٺو سوٽ نہ ڪيو آهي. مان الائي ڇو انين پئي محسوس ڪريان تہ مان تنهنجي اندر جي شهر ۾ گهڙندي ئي ڪوئي رستو وڃائي ويٺي آهيان!"

هن چپ چاپ گاڏي اسٽارٽ ڪئي هئي. سامهون رات جي اونداهيءَ ۾ مُهيٽہ پئليس جا منارا اونداهيءَ ۾ ہڏل عجيب عجيب پئي لڳا ۽ پويان سمنڊ ۾ ڦاٽل جهاز کي هوا ڏکي ايا ہ ڪناري ڏانهن آڻي رهي هئي ۽ ڪار تيزيءَ سان ڪلفٽن جي رستي تان ڊفينس ڏي وڃي رهي هئي- گاڏي سائوٿ ايونيو 7 تان ٽي، ڏيري ڏيري قمر جي بنگلي ۾ گهڙي هئي. گاڏي پورچ ۾ بيهاريندي هو ٻئي هيٺ لهي آيا هئا. قمر ڪيس اندر وئي هلي هئي. اندر جديد طرز تي

سينگاريل ڊرائنگ روم ۾ نيري روشني ڦهليل هئي. سڄو فرنيچر وڪٽورين طرز تي ٺهرايل هو. قمرڪيس ويهڻ لاءِ چيو هو. هو ويٺو هو تہ قمر چيو هو، راهول تون ويهہ تہ مان اچان ٿي- اوچتو سندس نظر وڃي پئي هئي سندس سائي ٽيبل تي، جتي ڪائي ڪاري ڊائري پئي هئي. هن ڊائري لکي هئي، ڊائري کولي هن پهريون پيج کوليو هو. ڊائري عمر جي هئي. قمرالنساءِ- ۽ پهرين پيج تي ڪوئي انگريزي گيت لکيل هو هن نيري روشنيءَ ۾ پڙهڻ شروع ڪيو:

Rest your head and close your eyes,
Through the swift and swirling night,
We, two alone among the silence and the dark skies
Till the wine red turns to a pellucid light.

But oh, the despair! I know your body's capture
will soon wane.
No longer then will I try to capture
Your caress or your kiss
For with me, if always is this.

Fleeting fast, the coral and the o live,
of your body- the granite
of a tree-
will shrink and fade,
As young summer's glory
Is born to be remade

Like a mouth around a golden light
In my madness will I
Seek another's smiling eyes
With slender hips, a cunning smile on crimson lips,
Till again dust and ashes,
Ladle my mouth
And once more I say: Never November!
But the spirit crushed the mind;
And again I am blind.

And then the dawn and life and death,
A complete Jungle of Circumtance
Each Tree
With its scroll of destiny
Mile on eternal mile,
Eye brows raised quizzically
A wink from the rabble-a knowing smile,!

اوچتو بجلي بند ٿي ويئي. ڊرائنگ روم ۾ اونداهي چائنجي ويئي. ايائي ٽنن جو هلندڙ ايئرڪنڊيشنر به هڪ جھٽڪي سان بند ٿي ويو. ڊائري سنڊس هٿن ۾ هئي ۽ اکيون گھوراڻيري ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. ڪا مھل هو چپ چاپ هٿن ۾ ڪاري ڊائريءَ کي جھليو ويٺو رهيو. سنڊس من ۾ الائي ڪھڙي ڊپ اچي پاسو ورايو. اونداهي سنڊس من ۾ واس ڪري ويئي هئي.... اوچتو پريان شمعدان هٿ ۾ جھليو ڪير ڊرائنگ روم ۾ گھڙيو. شمع جي هلڪي هلڪي روشني ۾ قمرالنساءِ سفيد لباس ۾ ڪيس الائي ڇو ڪجھ عجيب عجيب لڳي هئي. شمعدان، سنڊس پر واري سائيڊ ٽيبل تي رکي هن ڏانهن نهاريو هو. سنهري فرانسيسي شمعدان ۾ ٽي وڏيون وڏيون فرانسيسي ميڻ بتيون جرڪي رهيون هيون. هن جون نظرون شمعدان تان ٽيندڙ ڇي اڇي لباس پاتل قمرالنساءِ تي پيون هيون. آڪاس تان لهي ايندڙ سفيد لباس جي اپسرا، ڏرتيءَ تي سدائين ڪن گھڙين لاءِ لهي ايندي آهي... (۽ قمرالنساءِ، تاريخ جي اونداهين ۾ لهڻ کان اڳ ۾ توکي ۽ مون کي آخري پيرو ملڻ ڪيي! شايد ڏک جي اها به ڪا منزل هجي.... پر شهر جا ته سڀ رستا اونداها هئا..... ۽ فقط موجود هو اونداهيءَ جو سُنسان آوازا هن وڏي شهر ۾ ڪوئي نالو نشان به نه آهي منهنجو! اوچتو دور ڪٿي ظلمتن جي اونداهين راتين ۾ ڪوئي ڪرائيسٽ جمي پيو هو. ستل وسنديون سدائين ڪنهن نه ڪنهن جي اوسيئڑي ۾ هونديون آهن. پر هي سڀ ڪجھ هوندي به ڪجھ نه آهي توکان ۽ مون کان سوا.) ننڍ جون سيئي ڪچڙيون گلاب جون مکڙيون هڪ هڪ ٿي ڦڙي

پيون..... ۽ هُن چپ چاپ اکيون ٻوٽي ڇڏيون..... ۽ پريان گھٽو پريان سنڌوءَ جي ڪناري ڪنهن شهر ۾ نسيم ڏيري ڏيري شام جي ميرانجھڙي ۾ بيڊ تي ليٽي عمر خيام جي رباعي پڙھي رهي هئي:

Each morn a thousand Roses brings,
Your say,
Yes but where leaves the rose of yesterday?
And this first summer month that brings the Rose,
Shall take Jamshy'd and kaikobad away.

اوچتو پريان ايندڙ ڪنهن ڪار جي روشني سندس اکين ۾ اچي پئي ته هو چرڪي پيو. شايد سندس پر واري اپارٽمينٽ ۾ رهندڙ فلمي ڪ"ان موٽي هئي. هن هيٺ نهاروڏي. مارڪ ون مان ڪوئي جوڙو لٿو هو. هن بيزاري مان کين ڏسندي سگار دکايو. روڊ جون روشنيون ڪجھ جھڪيون ٿي ويون هيون ۽ سامھون ظالم مڊايسٽ سينٽر جون جيٽيون بتيون اڃا تائين پئي ٻريون. (اھوئي ظالم مڊايسٽ سينٽر جتي قمرالنساءِ پنھنجي ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائي هئي.) سندس ڪاپي پاسي کان ٽائي لينڊ جي قونصليٽ جنرل جو بنگلو هو. بنگلي مٿان اونداهيءَ ۾ ٽائي لينڊ جو جھنڊو ڦڙڪي رهيو هو. هو ۽ انهيءَ اڪيلي جھنڊي جيان هو جيڪو تيز هوا ۾ اڪيلو اڪيلو اونداهيءَ سان مقابلو ڪري رهيو هو. ۽ هن جي مٿان اڃا ڪارو اونداهو آڪاس هو. ۽ هو هن اونداهي آڪاس هيٺان سمرتين جي درياھ ۾ ڏيري ڏيري وهندو پئي ويو. هن سڀائين محسوس ڪيو هو ته سندس اندر ۾ ڪي تاريڪ قوتون لڪل آهن، جيڪي سڀائين ڪيس روشنيءَ کان ڇڪي اونداهيءَ ۾ ٽيون وڃن. حياتيءَ جي قيدخاني جون ڪاريون راتيون ڪاٽي هن سڀائين ڪنهن نه ڪنهن صبح کي ڳوليو هو. اڄ کان ڪيترا سال اڳ هن هڪ پيرو قيدخاني جي ڪاريءَ رات ۾، آسمان ۾ جر ڪندڙ ستاري ڏانهن ڏسندي سوچيو هو، ته هڪ نه هڪ ڏينهن هو پنھنجي مارگ جا اڃا اُجرا سپنا ڏسي ونندو (ڪاش! سپني جي ساڀيا ٿي

وڃي ها، تہ حياتيءَ جو مُلهہ سڃايو هجي ها!) پر جڏهن هو جر ٿر پٽڪي واپس وريو تہ رنگ رتي آڪاس جا سيئي رنگ هن جي اڇ ڪان اڳ ۾ ئي اڏامي ويا هئا. آڪاس تي شام جي اونداهي ڇانئجي ويئي هئي ۽ هو هڪ پيرو وري اڪيلو ٿي پيو هو. قمر النساءِ سندس جيون جي رنگ رتي آڪاس مان اڏامي ست سمنڊ پار هلي ويئي هئي. ڊاڪٽرن جي پئنل يڪراءِ ٿي قمر جي پيءُ کي رپورٽ ڏني هئي تہ قمر کي ڪينسر آهي. ان مهل هو بہ اتي بيٺو هو. ڪيس محسوس ٿيو هو جڙ هو ڪنهن ويراني ۾ بيٺو آهي، جتي آڪاس مان اوچتو مٽي وڃ ڪري پئي آهي-

زندگي ساٺس هڪ پيرو وري فراڊ ڪيو هو. ڪيتريون صديون اڳ هن حياتي سان لڙڻ جو جيڪو وچن ڪيو هو، اهو وچن ساٺس هر جنم ۽ هر دور ۾ شڪست ڏيندو پئي آيو. حياتيءَ جي رڻ ۾ هن هر پيري شڪست کاڌي هئي. شاڪيہ مني جي هم وطن قمرالنساءِ، هڪ پيرو وري هن جنم ۾ ڪيس اڌ پنڌ ۾ ڇڏي ويئي هئي- ۽ زندگيءَ- منهوڙي جي پيٽ جيان ايتري ئي اداس ۽ ويران هئي، پرهہ ڦٽيءَ پي آءِ اي جو جهاز قمرالنساءِ کي سندس پيءُ ساڻ کڻي اڏاٽو هو، تہ هن جي اندر مان بہ ڪوئي پکي وڻي اڏاٽو هو. ڪيس ان مهل ماٺهن سان پريل ڪراچي جو هوائي اڈو بي انتها اداس ۽ اونداهو محسوس ٿيو هو. زرد زرد قمرالنساءِ، موڪلائڻ مهل چپ چاپ هئي ۽ هن جي دل چاهيو ٿي هو زور زور سان رڙيون ڪري، ماٺهن جي هن هجوم ۾ ويهي روئي، ۽ روئندي رهي. ان مهل ٽرمينل ٽوتي بيني بيني هن جي دل چاهيو هو تہ هو سڀ وچ ۾ پيل رڪاوٽون پيڇي، سڀ شيشا ٽوڙي قمرالنساءِ کي هٿان وڻي وڃي-. پر حياتي جون قاتل قوتون هن کان وڌيڪ طاقتور هيون-

۽ هو صدين جو ستايل انسانن جي فاصلي جو اهو فرد هو، جنهن سيني کان اڳ ۾ پنهنجو مارڳ ڳولي ورتو هو ۽ زندگي جي قافلي جو هر هڪ فرد جيڪو سڀ کان پهرئين مارڳ ڳولي وٺندو آهي، اهو ئي فرد حياتيءَ جي رڻ ۾ اڪيلو ماريو ويندو آهي.

موڪلائڻ مهل قمرالنساءِ جو رنگ هيڏو هو ۽ ڪارا ڪجلا نيٺ

بہ ڪومائجي ويا هئا. سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ ونڊي چيو هئائين. "راهول... زندگي اڌ پنڌ ۾ ئي دوکو ڪري ويئي..... ياد اٿئي ته ڪلفٽن تي مون هڪ پيانڪ ۽ مرده چهري کي ڏٺو هو، ته الائي چو ان مهل ئي منهنجي اندر ۾ وسوسا پئجي ويا هئا.... ۽ هاڻ مان وڃان پئي!"

هن جي نيٽن مان ڳوڙها وهي هيٺ ڪريا هئا.... هن هزارن ٻتين جي چمڪندڙ روشنيءَ ۾ ڪمرالنساءِ جي زرد چهري کي ڏسندي چيو هو. "ڪمر مان جلد تو وٽ اُتي ايندس. مان حياتيءَ جي هر پل ۾ توسان گڏ آهيان. تون بلڪل جلد ٺيڪ ٿيندينءَ. مان تنهنجي جيون جو اوسيئڙو آهيان. پاڻ جلد ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ ضرور ملنداسين!"

ڪمر جي زرد چپن تي هڪ غمگين مُرڪ وري آئي هئي- هن پنهنجي پيءُ کي سڏيندي چيو هو، "ڈيڈ.... ڏسو راهول ايجا مون کي يقين پيو ڏياري ته مان ٺيڪ آهيان."

سندس پيءُ جيڪو چند قدم پري پنهنجي هڪ دوست سان ڳالهائي رهيو هو، تنهن چيو هو، "ڪمر تون ٺيڪ ٿي ويندين. مون لنڊن ۾ سڀ کان وڏي اسپيشلسٽ سان ڳالهائي ڇڏيو آهي، تون تون بلڪل ٺيڪ آهين!"

ڪمرالنساءِ ان مهل سندس هٿ ۾ هٿ وجهي ڪجهہ قدم اڳيان هلي هئي. ڪينسر جا ظالم جيوڙا سندس جيون جي گلابي رت مٿان ڪاراڻ ٿي چهٽي پيا هئا. ۽ هن کي الائي چو ان مهل لڳو هو ته هو هاڻ ڪڏهن بہ وري ڪمرالنساءِ سان نہ ملي سگهندو. ڪمرالنساءِ هلندي هلندي ڪيس چيو هو.

راهول توکي ياد آهي. تو هڪ پيرو مون کي چيو هو ته مان اپگپت آهيان. وسوڊتا وارو اپگپت، ۽ مون توکي ان مهل چيو هو ته چا توکي وسودتا ۽ اپگپت واري ڳالهہ جي خبر آهي ته تو چيو هو. ها مون کي خبر آهي- اڄ مان اها ساڳي بيمار وسوڊتا آهيان. تون مون سان واعدو ڪر ته مان جڏهن بہ توکي لنڊن ياد ڪريان ته تون مون وٽ ايندين، ايندين نہ؟؟"

هن جو من وري پرجي آيو هو. اتهاس هر دور ۾ جيئرو ٿو رهي. اُتهاس جا حادثا، انسان جي جيون ۾ وڏو ڦيرو ٿا آڻي ڇڏين. تقدير

کيس اپگپت بنائي ڇڏيو هو. (وسوٗدتا سان هڪ پيرو اپگپت وچن ڪيو هو- ته هو ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن وٽس ايندو.... ۽ پوءِ جڏهن ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪ اونداهي رات ۾ اپگپت وسودتا جي شهر ۾ پهتو هو ته هوءَ بيمار ۽ اڪيلي انب جي وڻ هيٺان شهر جي ٻاهران ليٽي پئي هئي. اپگپت پنهنجو هٿ هن جي نرڙ تي رکيو هو، ته وسودتا جهيٽي آواز ۾ چيو هو، "هي ڪير رحمدل شخص آهي ،جيڪو هتي مون وٽ آيو آهي؟" اپگپت وراڻي ڏني هئي "اڃوڪي رات ئي اهو صحيح وقت اچي ويو آهي!") .... نه نه.... مان هر دور ۾ ڪوئي اتهاسڪ ڪردار بنجڻ نٿو چاهيان. مان سڪ ۽ سڪون جو ڳولائو آهيان. ... پر الائي ڪير ڇئي ويو آهي ته: دڪ ڪانسواءِ سندرتا جي ڪلپنا ۾ نٿي ڪري سگهجي!☆ هاءِ حياتيءَ هاءِ حياتي حياتي آ سمرتين جو ڏير.....!

پي ڪي 810 جهازتہ ڪڏهوڪو اڏامي ويو هو ۽ ٽرمينل -2 تي اڪيلو اڪيلو بيٺو هو. صبح جو اڇو ڪير جهڙو سوجهرو هر پاسي کان پکڙجي ويو هو. هن ڏيري ڏيري هلڻ شروع ڪيو هو مٿي اسڪائي روم ڏانهن. انگريزن جي ٺاهيل قديم ڏاڪڻ تي چڙهي هو هوٽل ۾ اندر گهڙيو هو. سڄو هال سنسان ۽ اڪيلو هو. هن جي من جيان. ميزون جن تي اڇيون چادرون وڇايل هيون، چريون چمچا ڪانٽا ايش ٽري سپ اداسيءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل هئا. هو ٽڪل قدمن سان هلندو اڇي هڪ ميز تي ويهي رهيو. سندس پر ۾ شيشي جون بند دربون هيون، ٻاهر هيٺ رن وي تي ڪوئي ٻيو جهاز اڏامڻ جي تياري ڪري رهيوهو. اوچتو رن وي تان ڪوئي جهاز هڪ وڏي شور سان وٽي اڏاٽو ته هن پنهنجو چهرو پنهنجن هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو. ٻاهر ڪراچي جو سورج ڏيري ڏيري ايري رهيو هو.

اپارٽمينٽ جي گيلريءَ ۾ ويٺي ويٺي به الائي ڪيتري مدت گذري ويئي هئي. سندس هٿ ۾ جهليل سگار ڪڏهوڪو وسامي

☆ بادليئر- هڪ مشهور فرانسيسي شاعر.

چڪو هو. سندس نوڪر الائي ڪيڏيءَ مهل ڪافيءَ جو مگ رکي ويو هو. جنهن جي مٿان پيلي پيلي ملائي جمي ويئي هئي ۽ هو بہ بيٺي بيٺي الائي ڪنهن مهل گيلريءَ ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هو. هن کي محسوس پئي ٿيو تہ جيون جي اڙانگي پنڌ ۾ هن جو ڪنهن ساٿ نہ ڏنو هو۔ هن جا پير پٿون هئا. ۽ هو جيون جي صحرا ۾ ڪنهن وڇايل اُپسرا جي ڳولا ۾ نڪري پيو هو. هن جي اندر ۾ صدين جي اُڄ سمايل هئي. سندس اکين اڳيان تيز هوا ۾ ريتي پئي اڏامي. سندس جيب ڪنهن ٿوهر جي ڪانپ وانگر سڪي ويئي هئي. هن کي ڪنهن سانيڪي کوهہ جي ڳولا هئي ۽ مٿان تيز سورج پنهنجي باهہ جا الا وسائي رهيو هو. اڄ ڪيس هن پربل شهر ۾ پنهنجو گهر پئي ياد آيو. حيدرآباد ۾ ڪليلي جي ڪناري وڏو وڏو گهر، پوڙهي ماءُ، جوان جماڻ پيٽ. سوٽيون ۽ ٻيو ڪجهہ. جيڪو هن سالن کان ڏسڻ تي چاهيو. وقت ڪنهن پهاڙ جي اوٽ مان اپري ايندڙ اهو چنڊ هو، جنهن جي روشنيءَ ۾ هر شيءِ جرڪي پوندي آهي۔ هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. دور لنڊن ۾ ڪنگسٽن ۾ قمرالنساءِ بہ ڏيري ڏيري اکيون ٻوٽي ڇڏيون ۽ درياءُ ٽيمز مٿان شام جي اونداهي ڇانئجي ويئي.

(1980ع ۾ لکيل)

پڪشو

پورنماسيءَ جو چنڊ ڏيري ڏيري ترندو اچي ڪنڊرن مٿان ٻيٺو، تہ هو جيڪو الاءِ ڪيتريءَ مهل کان ائين انهن اونداهن ڪنڊرن ۾ ٻيٺو هو، تنهن کي چندرما جي روشنيءَ اجاگر ڪري ڇڏيو. قِنڊل شهر جي ڊنڊ ديوارن جي پر ۾ هو الائي ڇو پنهنجي پاڻ کي اڪيلو نہ محسوس ڪري رهيو هو. ڪا مهل اڳ هو اونداهيءَ ۾ گم هنن اونداهن ڪنڊرن جو ڪوئي پاڳو پئي لڳو، پر هينئر جڏهن سندس پاڇو هيٺ زمين تي پئي پيو، تہ لڳو تي جڙ هو بہ هن پراڻي ڪنڊرن جي ڪائي ڊهندڙ ديوار آهي- پراڻي، هزارن سالن کان ٻيٺل ۽ ڏيري ڏيري پُرندڙ ديوارا هن جي آس پاس واري ماحول کي چانڊوڪيءَ هاڻ روشن ڪري ڇڏيو تہ هُن هيٺ نهاريو. هيٺ ڪچي رستي تي سندس هڪ دوست جي ڪار بيٺي هئي، جنهن جو ڊرائيور ڪار کي ٽيڪ ڏيئي پن جي ٻيڙي ڇڪي رهيوهو. ڪيس مٿان بيٺي، اها هيٺ رستي تي ٻيٺل موٽر ڏاڍي عجيب پئي لڳي. هن ڪجهہ سوچيو، ۽ بہ وڪون اڳيان وڌي سِرن جي هڪ ڊير تي ويهي رهيو. سندس مٿان جڳ مڳ جڳ مڳ ڪندڙ سوين ٽمڪندڙ تارا ۽ جرڪندڙ چوڌهينءَ جو چنڊ هو ۽ هيٺ سنسان اڪيلائيءَ خاموشي، اونداهي ۽ چانڊوڪي هئي. چپ چاپ جا ڪنهن سوچ جي، سرن جي ڊير تي ويٺل شخص جي من جي اندران ئي اندران جڙ ڪنهن سوگهو ڪري ڇڏيو هو. (۽ هو بہ ڪنهن اونداهي راتڙيءَ ۾ جنم ونڊندڙ انهن شخصن مان هو، جن جا اندر اڌ هوندا آهن جيڪي سدائين اداسيءَ جي اوڙاهہ ۾ ٻڏندا ۽ ترندا رهندا آهن!!) اوچتو پريان ڪالڪان جي مڙهيءَ وٽان ڪنهن سنک وڄايو. سنک جو عجيب ۽ مدر آواز سندس من جي پولارن ۾ ڏور

دور تائين ڊوڙندو، ڪنهن اونداهيءَ فضا ۾ گم ٿي ويو. "صدين کان هتي جو انسان شايد پنهنجي من جي اڪيلائيءَ کي مارڻ لاءِ هيءَ سنڪ جوڙيو هوندو ۽ پوءِ صدين کان هي سنڪ ڪير نه ڪير وڄائيندو اچي. ڪوئي نه ڪوئي وڄائيندو رهندو ۽ جيون جي رڻ- پٽ ۾، من جي سنسان ۽ هيبت ناڪ خاموشيءَ کي لڪائڻ لاءِ هر انسان سنڪ وڄائڻ لاءِ مجبور آهي، بيوس آهي ۽ سنڪ وڄائيندي وڄائيندي آءٌ به ٻوندس ماڳ مري!!" - هُن سوچيو ۽ هن ائين سوچيو جڏهن، ته سندن دل ٿي،رات جي هِن خاموشيءَ ۾ هو به انهيءَ سنڪ جي آواز سان گڏ، سامهون تليءَ جي ميدان ۾، پيرين اگهاڙو، واريءَ تي، جتان ڪڏهن سنڊو گجگوڙ ڪري وهندو هو..... هلندو وڃي، ۽ هلندي هلندي، اوچتو ڪنهن ٺڪريءَ جي اوٽ مان ڪوئي لڪل ٻاڻ اچي سندس ڇاتيءَ ۾ لڳي، ۽ هن جو شام جي اونداهي آڪاس هيڻان، برندڙ ڇيين جي ير ۾ ساهه نڪري وڃي!-

هُن ائين سوچيو ته سندس لڳ لڳ ڪانڊارجي ويو. هُو جيڪو يارهن سالن کان يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي اتهاس (History) پاڙهيندو پئي آيو، تنهن کي لڳو جڙ اتهاس به زندگيءَ جي بين کيترين شين جيان بي معنا شئي آهي. اتهاس، جنهن کي هن پنهنجي جيون جو ڪڏهن آدرش بنائي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي. اهو اتهاس اڄ کيس سندس پنهنجي وجود جي بي معنائيءَ جو احساس ڏياري رهيو هو. هو جيڪو ماضي پرست هوندي به اتهاس جو هڪ سوچيندڙ وديارٿي هو. تنهن کي اتهاس اڄ تلنگا جي ويڑهه ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نٿي لڳو- ۽ هو تلنگا جي انهيءَ ويڑهه ۾ مارجي ويل اُهو شخص هو، جنهن جي هٿن ۾ ترار بدران مور جو ڪنپ هو. تلوارن ۽ نيزن جي ويڑهه ۾ گم ٿيندڙ ڪوئي آواز هو ..... ("اڄ مان به اشوڪا جيان آهيان. منهنجي اڳيان آهي فقط شفق جي لالاٽ. مون کي تلنگا جي ويڑهه ۾ مرندڙ انسانن جي رت۽ هُن گيڙوءَ رتي سپت سنڊوءَ جي ديس واسي جي اُپديشن سڪون ڏانهن مائل ڪيو هو..... پر..... مون ته نه اشوڪا ٿيڻ ٿي چاهيو. نه گوتم ۽ نه ٿي وري مهاويرٌ مان ته هر

☆ جين مت جو روح روان، مهاويرِ، مهاتما ٻڌ جو همعصر.

دور ۾ اِتهاس جو پڪشو آهيان. اتهاس جي نالي ۾ امن ۽ سونهن جي بکيا مگيندڙ!"- جوابيءَ جي دور ۾ هن ڪڏهن اهڙي قسم جا ليڪچر ڏنا هئا. جيڪي پڙاڏا بنجي سندس من ۾ گونجيا پئي.)

"پروفيسر...."- سندس ڪنن ۾ ڪوئي پريل پريل آواز آيو. هن ڪان چرڪ نڪري ويو. هن کي لڳو، جڙ دور ڪنهن مندر ۾ شام جو ڪنهن جهانجهه وڄائي، جنهن جو آواز سندس ڪنن ۾ اچي وري گم ٿي ويو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر سندس پير ۾ ڏٽل شهر جي ڪنڊرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. سندس پير ۾ هڪ ڍٽل ديوار، پرسان پريان ڏٽل ڪوهه، ۽ ان کان پرپرو ڪنهن شاهي صفي جي ڍٽل چار ديواري هئي. اونداهي ڪنڊر جي مٽان ڇوڏهينءَ جو چنڊ هو ۽ پريان شهر جي ڪنڊرن مان ۽ سندس پير مان، صفا پر مان رات جي ڏڏي ڏڏي هوا تيزيءَ سان ڪيس لڳي پويان ڪنڊرن جي پٽرن ۽ سِرن سان ٽڪرائجي رهي هئي. هيٺ ڪچي رستي تي ڏينهن جو هلندڙ ٽرڪن جا نشان هئا، جن کي هوا تيزيءَ سان مٽائجندي پئي ويئي. (ڇا هڪ ڏينهن ماضيءَ جي اتهاس جا هي ڪنڊر به انسان جيان متجي ويندا. تيزيءَ سان ڏينهن جو پٽر ڊوئيندڙ ٽرڪون ڇا هنن ڪنڊرن جو نالو ۽ نشان به مٽائي ڇڏيندیون!) ۽ هيٺ ٽڪر جي، ڪار بيٺي هئي، جنهن ۾ اندر وينل ڊرائيور ڪيس نظر پئي آيو. سندس ڪاپي پاسي دور ڪالڪان جي مڙهي هئي، جتان ماڻهن جي آواز جو پڙلاءُ هوا ۾ ترندو پئي آيو ۽ اچي وري بند ٿي پئي ويو. هُن کي پنهنجو پاڻ تي اچرج لڳي- (هيءُ آواز ڪنهن جو هو. ڪٽان آيو؟) اها اچرج ڪيس ڪجهه مهل اڳ پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي اڪيلائي تي به آئي هئي. "پروفيسرا" اوچتو سندس پر مان ڏيري ڏيري گذرندڙ هوا ۾ ڪيس ڪنهن سڏ ڪيو. هن چرڪي هوا ۾ اُڏامي ويندڙ آواز کي جڙ سوگهو جهلڻ چاهيو. پر آواز، پاڻيءَ جيان سندس هٿن جي وچ مان وهي ويو..... "پر هي آواز ته ڪانتا جو هو!" - هُن سوچيو (انسان مريو وڃن، پر انهن مريل ويل آنسانن جا آواز، هلندڙ هوائن ۾ سدائين اسان جو پيڇو ڪندا ٿا رهن!)

ڪانتا!..... هُن جي من مان ڪائي صدا اُٿي جا هنن پراچين پهاڙن ۾، ۽ هنن ڪنڊرن ۾ هُن گونجندي محسوس ڪئي. هوا ايڏا به تيز هلي ته چنڊ به ڏيري ڏيري ترڻ شروع ڪيو ۽ هن جي اکين ۾

ڪنهن پنل پربات جا ماڪ ڦڙا لهي آيا. هُن سوچيو: اسين زندگي ۾ ساڻ فقط پنهنجي پاڇولي جو ئي حاصل ڪري سگهندا آهيون. انسان جي ساڻ جي خواهش ته فقط ڪنهن پاڇل جو پوائتو سپنو هوندو آهي. تنهنجو ۽ منهنجو ساڻ ته سواءِ ڏک ۽ پيڇتاءُ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونہ هوا ڪنهن کي ورڇي ويهڻ اڇي ها ته هوند جيون ئي سولو ٿي پوي ها! مون کي ته جاڳندي جاڳندي ڪوئي جهپ اچي ويو، پر توکي ته اي وقت جي وهندڙ ڌارا ائين جڳائڻ نہ ڪپندو هو؟؟

هن جي من وري پڪاريو ڪنهن کي، پر اُهو سڏ پڙاڏي ۾ بدلجي ويو. "سڏ پڙاڏي ۾ ته بدلجي سگهي ٿو، پر ڇا پراڏو سڏ نٽو بنجي سگهي؟" هُن سوچيو. اڄ هن کي محسوس ٿي رهيو هو ته هنن ڪنڊرن جي هڪ هڪ ڪنڊ، ۽ هڪ هڪ پاسي مان ڪانتا جي هڪ هڪ ياد نڪري نروار ٿي رهي هئي.

ڪانتا، جنهن سان گڏ ڪي سال اڳ هُو هنن ساڳين ڪنڊرن جي ياترا ڪرڻ آيو هو. هنن ساڳين ڪنڊرن جي ڏسڻ جي ڇاهنا ڪانتا کي هئي ته هن کي به اها ڇاهنا ڪن سالن کان ساهه ۾ سانديل هئي. ڪانتا، جيڪا هُن جي ڊپارٽمينٽ جي ذهين شاگرديائي هئي، تنهن جي پهريون پيرو ڪلاس ۾ ڏسڻ سان هُن جي من ۾ ڪائي انوکي ويڙهه ڇڙي پئي هئي. (موتين جهڙن ڏندن ۾ بال پين جهليو هوءَ سندس ليڪچر ٻڌي رهي هئي!) هن ته سڄي زندگي پڪشو ٿي گذارڻ جو فيصلو ڪيو هو، پر هوءَ به چارومتي☆ ٿي سندس رستو روڪي بيٺي هئي ۽ پوءِ هُن من ۾ هلندڙ ويڙهه ۾ هارڪائي ڪانتا جي اڳيان پنهنجو سيس نمايو هو، ڪانتا چنبيليءَ جي گلن جي ڪيس ڪنڊي پارائي پنهنجي من جو ديوتا مڃيو هو۔ هن کي ڇڳيءَ طرح ياد آهي ته ڪانتا سان گڏ جڏهن هيڏانهن آيو هو ته اها نماشام جي مهل هئي. نيري آڪاس ۾ ڪيترا ابابيل اڏامي رهيا هئا. پريان ڪجي جي وٽن مٽان اڇا اڇا پکي اُڏامي سنڌو درياهه ڏانهن پئي ويا ۽ واهه جي پُل اوريان کوهه وٽ ڳوٺ جون زالون پاڻي پيري رهيون هيون ۽ هيٺ ڪچي رستي تان

☆ چارومتي، اشوڪا جي هڪ ڌيءَ، جيڪا پڪشو بنجي اشوڪا ۽ اپگپت سان گڏ نيپال جي ياترا تي نڪتي هئي ۽ پوءِ اتان واپس نہ وري هئي!

پٽر ڊوئيندڙ ترڪون ڏوڙ اڏائيندڙ يون - ۽ هُو ڪانتا سان گڏ مٿي ڪنڊرن واري ٽڪر جي لاهي چڙهي رهيو هو. ٽڪريءَ تي چڙهندي هڪ پيرو ڪانتا جو پير ترڪي پيو هو. تہ هُن يڪدم ڪٽي ڪيس ٻانهن کان جهليو هو- (گلابي آڪاس ۾ ترندڙ ڪنهن اڇي اڇي ڪڪر جيان، هوءَ بہ سندس من جي آڪاس تي اڇي بيٺي!!)

"پروفيسر.... اتهاس جا هيءَ متجندڙ نشان ڇا اسان کي پنهنجي جيئري هڻڻ جي نشاني نٿا ڏين؟" هوءَ لاهيءَ تان مٿي چڙهي ڊنل ديوار جي سرن جي ڊير تي ويهي، هن کي ڏسي رهي هئي.

هُن اولهہ ڏي ٻڏندڙ سج کي ڏسندي چيو هو "اتهاس جي سڀ کان وڏي حقيقت ۽ سچ هيءُ آهي تہ هزار سالن کان پوءِ، وري هن اداس شام جو جڏهن هي ڳاڙهو سورج سامهون هنن ميدانن ۾ لهي رهيو آهي تہ هن قديم شهر جي ڪنڊرن ۾ تون ۽ مان موجود آهيون ۽ اتهاس جي انهيءَ پل کي پيا ياد ڪريون. جڏهن ڪلا ۽ گيان جي هن ڊگهي سلسلي جو ڪوئي نانءُ هو. لهندڙ سج جي لام جيان، اهو نانءُ ڪانتا ۽ سجاد بہ ٿي سگهي ٿو!"

اوچتو هوءَ ڪلي هئي، تہ هن کي لڳو هو جڙ دور ڪنهن مندر ۾ ٽليون وڄڻ شروع ٿي ويون هيون. پريان ڪنهن جبل جي اوٽ مان ڪوئي ڏنار پنهنجي ٻڪرين جي ڏڻ کي ونڊي پئي ويو. ڏڻ ۾ ٻڪرين جي ڳچين ۾ ٻڌل گهنڊڙيون زور زور سان وڄڻ شروع ٿي ويون هيون ۽ پوءِ هن ڪانتا جي گهايل ڪندڙ نيٽن کي ڏٺو هو، جنهن ۾ اميدن جا اڇا اڇا ڪنول ٽڙيا بيٺا هئا. هن غور سان ڏٺو هو ڪانتا کي، جيڪا دور ٻڏندڙ سج جيان شام جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويئي هئي.... (اسين جيڪي صبح جي ڳولا ڪندي، ڪنهن اونداهيءَ رات ۾ مارجي وياسين!)

هن جي نيٽن مان بہ ماڪ ڦڙا ٿمي هيٺ سُڪل ڏرتيءَ ۾ جذب ٿي ويا تہ هن هڪ پيرو وري سامهون ڊنل ديوار جي سرن جي ڊير کي ڏٺو، پر ا تان تہ ڪوئي وياڪل پکي ڪڏهوڪو اڏامي و شال آڪاس جي تهن ۾ هليو ويو هو. ڪوئي اٽڄاڻ عڪس هڪ پيرو بينل پاٽيءَ جي مٽاچري تي اُيري وري گم ٿي ويو هو. اتهاس جي وشال صحرا ۾ رُڄ بنجي ڪنهن ڪيس پٽ پٽ پئي پٽڪايو. هن اتهاس کي پنهنجو

مارڪ بنايو هو. پر اتهاس ڪيس پنهنجو مارڪ بنائي ڇڏيو هو. اتهاس پڙهائيندي پڙهائيندي اتهاس جو ڪوئي حصو بنجي چڪو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هو ليڪچر ڏيندي ڏيندي محسوس ڪندو هو ته جڙ هو پاڻ هڪ اتهاس آهي، دڪن ۽ اميدن جو اتهاس، ويڙهه ۽ امن جو اتهاس. هو اتهاس جو اهو اڏ پٽيل باب بنجي چڪو هو، جنهن کي پڙهڻ لاءِ ڪوئي به تيار ڪونه هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪلاس هلندي هلندي هو پاڻ کي اتي موجود نه سمجهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن لائبريريءَ ۾ اتهاس جو ڪوئي سگهو ڪتاب پڙهندي، پاڻ کي اتهاس جي هر دور ۾ وڙهندي محسوس ڪندو هو. سندس خاموشيءَ واري طبيعت کي ڏسي هسٽري ڊپارٽمينٽ جا ڪليگ ڪيس سڏيندائي هئا Past Tense. هن ڪلي ڏنو. "ماضيءَ ۾ زندهه رهندڙ ماڻهو ڪڏهن به مري نه سگهندو هو ۽ مان به فقط ماضي آهيان. منهنجو ڪوئي حال ۽ مستقبل ڪونهي. منهنجي من جي ڪيت ۾ ڪابه سائي سائي پوک ڪونهي. منهنجي چاتي تي ته دڪن جي هڪ ڏگهي اتهاس جو ڪوئي جلوس آهي، جيڪو ڏيري ڏيري گذري رهيو آهي. ۽ مان، مان چپ چاپ ان ويندڙ اتهاس جي جلوس جي پويان هلي رهيو آهيان!" هن کي ياد آيو. اڄا چند ڏينهن اڳ هُن ڪلاس ۾ شاڪيه منيءَ تي ليڪچر ڏيندي چيو هو... "اسين جيڪي ڪجهه هينئر آهيون... مقدس ڪتابن ۾ لکيل آهي ته شروعات ۾ فقط اونداهي هئي، ۽ اونداهيءَ ۾ عدم هو... برهما خيال ڪيو، ۽ سرشٽيءَ کي جنم ڏنو.... تنهنجي نگاهه ته نه شروعات تي هئڻ ڪپي، نه انتها تي!... ياد رکجو، هر شخص ابريشم جي ڪيئن جيان پنهنجو قيدخانو پاڻ ئي ٺاهيندو آهي. اهي سڀ هن جا پنهنجا اعمال آهن... حقيقت سيني گهراين کان وڌيڪ گهري، آڪاس کان گهٽي اوچي، ستارن کان وڌيڪ روشن، برهما کان گهٽو دور ازلي ۽ ابدي آهي. هيءَ هڪ وشال طاقت آهي. اهائي طاقت گلن کي سهڻو ٺاهيندي آهي☆ ... ۽ ... گل؟ ... !!؟؟" ۽ پوءِ هو چپ ٿي ويو هو. گلن جي ڳالهه ڪندي هن جي اکين اڳيان چنبيليءَ جا اڇا اڇا گل اچي بيٺا هئا. ليڪچر ڏيندي ڏيندي هُن محسوس ڪيو هو ته ڪلاس ۾ ويٺل ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ڪيس عجيب نظرن سان ڀئي

☆ شاڪيه مُني جو پنهنجي پيءُ سان خطاب

ڏنو ۽ هن جي نرڙ تي پگهر اچي ويو هو. سندس من ۾ ڪوئي زور زور سان گهنڊ ۽ گهڙيال وڄائي رهيو هو. هن عينڪ لاٿي هئي ۽ مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو. پوءِ ڪا چوڪري اُٿي سندس ويجهو آئي هئي. پنل وارن مان ڪا سڳنڌ ايندي هن جي واتان نڪتو هو: ڪانتا۔

اُنهي چوڪريءَ سندس ويجهو اچي چيو هو، "سر، توهان جي طبيعت ٺيڪ نه آهي!!"۔ پوءِ جي فقط ڪيس ايتري يادگيري آهي، ته هو ساڳي انهيءَ چوڪري ۽ ڪنهن ٻئي نوجوان سان گڏ ڪار ۾ سندس ڪالونيءَ واري بنگلي تائين آيو هو ۽ اچي سمهي پيو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن صبح جو سندس اک کلي هئي ته ڪيس اهو صبح اماس رات جيان لڳو هو: اجاڙ، بي ترتيبيءَ سان هر شيءِ قتل، ۽ اڪيلائيءَ وارو ماحول ڪيس کائڻ پئي آيو.

پوءِ ٻئي ڏينهن هو يونيورسٽيءَ مان هڪ ڏگهي موڪل تي انهن هنڌن جي ياترا تي نڪتو هو، جتي ڪڏهن هو ڪانتا سان گڏ آيو هو. پهرئين موهن جي دڙي ۾ وڃي ريسٽ هائوس ۾ رهيو هو. پر اُتي به هو منجهي پيو هو ۽ موهن جي دڙي ۾ ڪيس سڪ نه آيو ته اتان هيڏانهن هليو آيو هو، جتي اڄ هُن ڪيتري مهل کان وٺي پراٽين سرن جي پر ۾ پنهنجا ڏک پئي تلاش ڪيا ۽ هنن ڪنڊرن ۾ هو شام کان وٺي پئي ڦريو. اتهاسڪ ڪنڊرن جي ياترا ڪندي الائي چوڪيس لڳوٽي جڙ هتي هن جي ڪائي گم ٿيل شيءِ پوريل آهي، جا ڪيس ڳولينديِ ليجي پوندي. ڪنهن ويل هو هتي ڪانتا سان گڏ آيو هو، پر اڄ هو اڪيلو هو. ڪنڊر ته ساڳيا ئي هئا، پر ڪا شيءِ هئي جا هوندي به نه هئي. ڪانتا ماضيءَ جي ڪنهن اتهاسڪ واقعي جيان هنن ڪنڊرن جيان اتهاس جو ڪوئي پاڳو بنجي ويئي هئي شايد! تڏهن ته هو اڪيلي ڪليل آڪاس هيٺان ماضيءَ جي وهندڙ درياهه ۾ اڪيلو ئي اڪيلو ترندو پئي ويو. چئني پاسي پاڻي ئي پاڻي هو. لڙهرين مان هن ميهار جيان هٿ وڌايو. پر سمٿي ته پاڻيءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويئي هئي.

هن سامهون نهاريو ته سندس اکين اڳيان پاڻيءَ جي اڇ ئي اڇ هئي. سندس نيٽن جي نهار ۾ ٿر جي ٽڏي متيءَ وارو ريگستان اچي ٻيٺو ۽ پريان گهٽو پريان ڪارونجهر جي ٽڪر تان بيهي ڪوئي ڪيس زور زور سان سڏي رهيو هو ۽ هن محسوس ڪيو، سندس من ڪي ورائي

ويئي يادگيرين جي اداس ۽ سانوري شام.....!

- "پروفيسر.....!"

هن ڪنڊ ورائي پويان ڏنو ته هوءَ ڏرتيءَ تان ڪي پيلي رنگ جا جهنگلي گل پٽي، انهن کي سنگهي رهي هئي.

"جي".

"توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن قومن جي اتهاس ۾ ڪن فردن جي مرڻ ڪري، انهن قومن جو شاندار اتهاس برباد ٿي ويندو آهي!"

هُن ڏيان سان ڪانتا کي ڏنو، جيڪا جهنگلي گلن کي پنهنجي سنهڙي ۽ سهٽي نڪ جي ويجهو ڪري، هر هر پنهنجي ڳل تي پئي هنيا. شام جي ميرانجهڙي ۾ هوءَ ڪيس آڪاس تان لهي ايندڙ صدين پراڻين ڏند ڪٿائن جي ڪائي نائڪا پئي لڳي. - هن ننڍي ڪنڊ جو اتهاس سدائين اوچتن حادثن مان نهندو رهيو آهي. هتي سدائين فرد ئي قومن جي تقدير ٺاهيندا ۽ بگاڙيندا رهيا آهن. تون ڪڏهن ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن جي زندگيءَ تي سوچي ته ڏس، پوءِ توکي عجب لڳندو ته هتي جي ماڻهن جي زندگيءَ کي يا ته ڪن حادثن بدلايو آهي، يا ڪن ٻين واقعن! مون سدائين اتهاس کي وقت جي اوچتن حادثن ۾ کيڏندي ڏٺو آهي!" اوچتو ڪانتا جُهڪي پاسي مان هڪ سِر ڪٽي ڪيس ڏيکاريندي چيو، "پروفيسر، هن هزارين سالن جي پراڇين سِرجو به ڪوئي نه ڪوئي بيڪ گرائونڊ ضرور آهي، ۽ مان الائي ڇو چاهيان ٿي ته هن سر جي اُن بيڪ گرائونڊ ۾ هلي ويجان..... توهان الائي محسوس ڪيو يا نه، ته پاڻ جڏهن پراڻي سکر هليا هئاسين، ته اتي مان ڊڄي ويئي هيس، مون کي الائي ڇو لڳو هو جڙ اُنهيءَ ننڍڙي ڪڇي مٽي واري گهر جو اتهاس ڪنهن عميق سمنڊ جيان آهي، جيڪو مون کي جلدي پاڻ ڏانهن گهلي ويندو!"

هُن وڏي سندس هٿ مان اها پراڻي سروٽي ان کي ڏنو. ڪيترن سالن کان پوندڙ برساتين اُن مٽيءَ جي سر جي شڪل به ڦيرائي ڇڏي هئي.

"ڪانتا، سچ پچ ته مان جڏهن ان گهر جي اڳڻ ۾ بيٺو هوس، ته مون تي به ساڳي تو واري ڪيفيت طاري ٿي ويئي هئي، مون کي لڳو ٿي جڙ هينئر هينئر انهيءَ گهر جا پاتي ڪيڏانهن هليا ويا آهن.

ٽيهن چاليهن سالن ۾ ان جاءِ کي وقت جي ڪائي تبديلي ۾ نہ ڦيرائي سگهي هئي. جاءِ جا ۾ صفا، ننڍڙو اڳڻ ۽ پاسي ۾ رڌڻو. جنهن جي پاسي ۾ مٽي ڪوٺي تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ..... تو محسوس ڪيو هو تہ رڌڻي کي دونهين ڪارو ڪري ڇڏيو هو. هاڻوڪن رهندڙن شايد ايڏا تائين ان رڌڻي کي ڪوئي ليپو ۾ نہ ڏنو آهي. لڳي ٿو تہ جڙ ڪو شخص هينئر هينئر مٽي کُڏ تي چڙهي ويو آهي. ڪائي عورت رڌڻي ۾ ڪجهہ رڌيندي رڌيندي هينئر هينئر ٻاهر نڪري ويئي آهي. اهي اتهاس جا نہ مٽجندڙ نشان آهن. وقت جي هلندڙ تيز هوا، ۽ اتهاس جي دز ۾ لڪل آهي. اتهاس جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن ۽ اتهاس ايڏا تائين انهن ماڻهن کي ڪائي شڪست نہ ڏيئي سگهيو آهي!"

ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو هن محسوس ڪيو هو. هوءَ سندس پر ۾ اچي وئي هئي:-

هُن مرڪي کيس چيو، "چو ڪانتا، چا ٿي محسوس ڪرين؟"

ڪانتا مُرڪي کيس چيو، "پروفيسر، تون مون کي سدائين اتهاس ۾ اندر وٺي ويندو آهين تہ مون کي ڊپ لڳندو آهي تہ ڪٽي مان اتهاس جي گهراين ۾ نہ هلي وڃان. هڪ پيرو گم ٿي ويس تہ توهين وري مون کي نہ ڳولي سگهندا!"

هُن ڪلي چيو، "ڪانتا، مان اتهاس جو وديارٿي آهيان. مان توکي ڪڏهن بہ پاڻ کان وڃائي نٿو سگهان. مان پل پل جو پيڙا ڪاڏل شخص آهيان. مون ڪڏهن بہ ڪنهن جنم ۾ وقت جي هٿان شڪست نہ کاڌي آهي."

"پروفيسر، اسين هتي جا ماڻهو سپنن جا پوجاري ٿيندا آهيون. اسان جون خوشيون دور سپنن جي ديس ۾ وسندڙ اهي شيون آهن، جن جا اسان پريان کان ڏٺا آهن فقط پاڇا. ۽ پاڇا جيون جي حقيقت هوندي بہ دور هوندا آهن. جن کي نہ ڇهي سگهبو آهي ۽ نہ سانڍي سگهبو آهي۔ اسين ماضيءَ کان ڪٽيل آهيون ۽ ماضيءَ کان ڪٽيل ماڻهوءَ جا ڏرتيءَ تي پير نہ هوندا آهن. مون ڪيترا ڀيرا محسوس ڪيو آهي، تہ توهان جڏهن ڪلاس ۾ ليڪچر ڏيندا آهيو تہ ڪيترا چوڪرا ۽ چوڪريون بيزاريءَ مان اوهان جو ليڪچر ٻڌندا آهن، الائي چو اسين سڀ پنهنجي ماضيءَ کان ڏيري ڏيري ڪٽجندا

وجون! شاندار اتهاس هوندي به سپ ڪجهه پُري رهيو آهي!"

"مون سدائين ڪوشش ڪئي آهي ته پنهنجي پراچين اتهاس کي جيئرو رکان. پر ڪانتا ڪڏهن ڪڏهن سچ پچ مان جُهري پوندو آهيان. مان اتهاس جو هر دورءِ هر جنم ۾ ودياڑتي رهيو آهيان. مون کي اها خبر آهي ته ماضيءَ کان دور پڇندڙ ماڻهو، درياهه جي ڪپر جيان هوندا آهن، جن کي پاڻي پيو ڏيري ڏيري ڪائيندو آهي!"

اوچتو ان محل کي ابابيل آڪاس ۾ وٽي اڏاڻا. هُن چرڪ پري سامهون نهاريو، جتي ڪڏهن ڪانتا هُن سان ڳالهايو هو. سامهون خالي خالي سِرن جو ڍير هو. اداس چانڊوڪي تيز هوا هئي. هُن جي نڙيءَ ۾ جڙ ڪنڌا ڦاسي پيا. ساڳيا هنڌ اهي ئي هئا، پر ڪائي سپنن جي وشال وستيءَ جي اُپسرا انهن هنڌن تي نه هئي. ڪڏهن هنن ڪنڌرن ۾ ڪانتا هن جا ڪيترا فوٽا ڪڍيا هئا. ڪنهن ٽي ڇاتو ته اهي فوٽا هڪ ڏينهن اڏوهي ڪاڏل ٽي ويندا. وقت جي تصوير ۾ هُوگڏ بيٺا هئا. پو موت جي اڏوهي سندس پر ۾ بيٺل ڪانتا واري حصي کي ڪائي ڇڏيو هو. ڪئميرا ڳچيءَ ۾ وجهي ڪنهن هرٽيءَ جيان ڏکون پائيندڙ ڪانتا هاڻ هتي نه هئي، ماضيءَ جي پولارن ۾ جتي ڪوئي جيئرو نٿو رهي. هوءَ شايد اوڏانهن هلي ويئي هئي. سونهن پريل زندگيءَ جا سپنا ڏسندي ڏسندي ڪانتا، راءِ بهادر کي- ايل ماهوتہ جي پوتي، ماضيءَ جو ڪوئي ڏنڊلو سپنو بنجي، وڃي ڪنهن دور ديس ۾ پنهنجو بسيرو ڪيو هو. مرتيو جيون جي اها سياويڪ حقيقت آهي، جنهن کان هر دور جو ڌڻيمان اک ٻوٽي ڇڏيندو آهي. پر مرتيو آهي ڇا؟ هُن سوچيو، هُن ايڏا ائين سوچيو، ته ڪيس محسوس ٿيو جڙ هوءَ چانڊوڪيءَ جهڙو اڇو سِلڪ ساٽن جو ويس پائي اڇي سندس اکين اڳيان بيٺي.....

"پروفيسرا!"

هُن چرڪي سامهون نهار ڪئي ته هوءَ سامهون بيٺي هئي لاهيءَ تي. سندس هٿن ۾ اها ساڳي ڪئميرا هئي.

"پروفيسر ٿورو اُٽي بيهو، ته توهان جو هڪڙو يادگار سنيپ وٺون!"

هو چپ چاپ اٽي بيٺو. سندس هٿن ۾ ڪانتا جا پويل پيلي

رنگ جا جھنگلي گُل هئا. روشنيءَ جو جھوڪو ٿيو ۽ هُن سندس هڪ يادگار سنيپ ڪئميرا ۾ اُتاري چڏيو. فوٽو ڪيرائي هو وري ويهي رهيو. ته هوءَ به لاهيءَ تان مٽي چڙهي، اچي سندس پر ۾ ويني. سندس پر ۾ ويهندي، هُن پنهنجو سِر سندس ٻانهن تي رکي چيو، "پروفيسر، توهين ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن سپنن جي ديس ۾ ته نه هليا ويندا آهيو؟"

هُن سندس ڪارن واسينگ جھڙن وارن سان کيڏندي چيو، "ڪانتا، اسين هن جيون ۾ جيتري ڪاميابي حاصل ڪندا آهيون، ان کان وڌيڪ اداس ٿيندا ويندا سين، اهو هن سرشتي جو اٽل لکيو آهي، اسين سڀ شام جي آڪاس تي چائنجندڙ شفق جا اهي رنگ آهيون جيڪي پل ۾ هوندا آهن، ۽ پل ۾ غائب ٿي ويندا آهن!"

"پروفيسر، عقل ٽڪجي پوندو، پر ارادو ڪڏهن به نه ٽڪجندو!!"

"ابدي آهن اُهي ذهن، جيڪي ڪڏهن به نٿا ٽڪجن!"

"پروفيسر، تاپڪ چينج نه ڪجي..... مون کي توهان جون هي سڀ ڳالهيون ايترو ته ڊيڄاري چڏيندیون آهن، جو مون کي زندگيءَ جي هر چيز کان ڊپ ٿيڻ لڳندو آهي."

هن جھڪي سندس چندرما جھڙي پيشاني چمندي چيو، "ڪانتا، ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان، ته جيڪڏهن تون منهنجي زندگيءَ ۾ نه اچين ها، ته مان حياتيءَ جي هن ويڑهه ۾ شڪست کائي ويجان ها!"

"پر سائين، جيڪڏهن اوچتو منهنجو مرتيو ٿئي.....

هن يڪدم سندس گلابي گلاب جي گل جھڙن چپن تي ڪٽي پنهنجو هٿ رکيو. "چري اهڙيون ڳالهيون نه ڪندي ڪر. نماشام جي مهل اهڙيون ڳالهيون نه ڪبيون آهن!"

ڪانتا ڏيري ڏيري هن جو هٿ پنهنجي چپن تان هٽائيندي چيو. "توهين ايسٽرالاجيءَ ۾ يقين رکندا آهيو؟"

"چو؟ چالاءِ ٿي پڇين؟"

"بس ائين ئي."

"ها. ٿورو ٿورو يقين اٿم!"

"اسين جڏهن ننڍڙا هوندا هئاسين ته فريئر هال ۾ پوت خانو

ڏسڻ ويندا هئاسين. اُتي هڪ پيرو اسان جي ملاقات هڪ شاهه صاحب سان ٿي هئي، اسان سڀني کيس پنهنجا هٿ ڏيکاريا هئا. جڏهن هُن منهنجو هٿ ڏٺو هو تہ هُن مونکي اسان جي نوڪر کي چيو هو. ان ڳالهه کي ڪيترو وقت گذري چڪو آهي. مون ڪجهه سال ٿيا تہ انهيءَ نوڪر کان ان بابت پڇيو تہ هُو مون سان صفا الي ويو. بعد ۾ مون سندس زال کان چٽ ٻڌي پڇيو، تہ هُن ٻڌايو: فريئر هال ۾ بيبي ڪانتا جو هٿ ڏسي شاهه صاحب چيو هو تہ هيءَ چوڪري جواني‌ءَ ۾ ئي مري ويندي!"

ڪجهه پلن لاءِ هنن ٻنهي تي چپ چپات چائنجي ويئي. فقط ٻنهي جي ساهن کٽڻ جا هلڪا هلڪا آواز پئي آيا. هُن ڪجهه پلن کان پوءِ ڊڄندي ڊڄندي چيو. "بکواس آهي اهو سڀ ڪجهه- انسان جي هٿن جي ريکائن ۾ جيڪڏهن ائين لکيل هجي، تہ پوءِ هر ڪوئي انهن کي پڙهي ويهي. ڪانتا، انسان جي تقدير ۾ جيڪي ڪجهه لکيل آهي، اهو هڪ ڏينهن ٿي رهندو. وقت جي وهندڙ ڌارا تہ هر پل ۾ انسان کي شڪست ڏيڻ جو سوچيندي آهي پوءِ اهو تہ هر انسان جي اندر جي شڪتيءَ جو ڪمال آهي جو هو ان وقت جي وهندڙ ڌارا کي شڪست ڪيئن ٿو ڏئي!!

"سچ پچ پروفيسر، اسين سڀ جيون جا اٽڄاڻ مسافر آهيون. اسان جون راهون اونداهيون آهن. اسين سڀ انهيءَ اونداهين راهن ۾ پٽڪي رهيا آهيون. ڪا خبر ڪانهي تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي اونداهيءَ ۾ پٽڪندي گم ٿي نہ ويون!"

"ڪانتا، تون ۽ مان اٽڄاڻ هوندي بہ ماضيءَ جي پل پل جي ڄاڻ رکون ٿا. مون کي تنهنجي ۽ توکي منهنجي پوري پوري ڄاڻ آهي. ڏس تہ توهان جي پراڻي بنگلي کي ڏسي منهنجي من ۾ ڪائي اهڙي ياد جاڳي پوندي آهي، جنهن کي سارڻ سان بہ ساري نہ سگهندو آهيان. اهو سڀ ڪجهه چو آهي. ڇا لاءِ آهي. ان لاءِ وقت، حال ۽ مستقبل وٽ ڪوئي جواب ڪونهي!"

"توهين هسٽريءَ جا پروفيسر آهيو نہ. ان ڪري هر شيءِ توهان کي پاڻ ڏي ڇڪيندي آهي!"

"نہ ڪانتا. منهنجي من ۾ اتهاس جي ڪن گذري ويل قافلن

جي پيرن جا نشان ايڏا تائين نہ متجي سگھيا آھن، منھنجي آتما، ھِن پراچين ڪنڊرجي ڪائي اھڙي پٽڪندڙ آتما آھي، جنھن ماضيءَ جي ڍھندڙ ٿھندڙ دورن کي الائي ڪيترا پيرا پنھنجي نيٽن جي نھار ۾ لڪائي ڇڏيو آھي- مون اتھاس پوءِ پڙھيو آھي. پر ان کان اڳ ہ اتھاس ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ منھنجي من اندر رھيو آھي!"

ھوءَ ڪلي پئي- "خبر اٿو تہ دادا توھان جي لاءِ ڇا چوندو آھي؟"

"ڇا چوندو آھي؟"

چوندو آھي تہ سجاد ۾ ڏرتي ماتا جي ڪا پراچين آتما وسي ٿي!"

ھو چپ ٿي ويو، ۽ پوءِ ٻئي ونِي ڪليا ۽ ڪلندا رھيا. مٿي وشال آڪاس مُرڪي ڪين ڏٺو ۽ پوءِ چپ چاپ روئي ڏنو ۽ ھيٺ اونداھي پکڙڻ مھل ڪانتا پنھنجي مڏر آلاپ ۾ ڪوئي پراچين گيت ڳائڻ شروع ڪري ڏنو:

"اسين ڏينھن ۽ رات ڪنھن سان،

"رس پيئندا رھون ٿا.

"ڳوٺ جي فضائن ۾

"بانسريءَ جا سُر پيا آلاپجن!

"جمنا جي ڪناري بن ۾،

"جھڳٽن ۾، جتي ڏسو ھو سونھن جو مجسمو،

"پيو ڏسڻ ۾ اچي!

"ھُو ھڪ پل لاءِ ہ اسان جي دلين کان

"دور نٿو ٿئي.

"ھن سان ملڻ جي چاھنا ھڪ پل لاءِ ہ

"اسان کان ڌار نٿي ٿئي!

"اي اوڏو!

"تون چوين ٿو تہ جوڳ ڪريو!

"جوڳ تہ اسين تڏھن ونون،

"جڏھن شيام اسان کان جدا ٿئي!"

ھن کي محسوس ٿيو، تہ جڙ ھُن جي پر مان ڪنھن سرکي ڪٽي، پنھنجي ڪچ ۾ رکيو ھو. ھُن ھيڏانھن ھوڏانھن نھار ڪئي، پر ڪانتا تہ اتي ڪانہ ھئي. ھن کان بي اختيار ھڪ ڏڏو ساھ نڪري

ويو. هن پنهنجي ڪچ مان سرڪي ڪڍي ڏنو، ۽ پوءِ ڏسندو رهيو. راڌا ڪا مهل ڏي ته الائي ڪيئن سندس ڪچ مان اُڏي، نيري گگن جي هُن پار هلي ويئي هئي. شيام اتي ئي پر راڌا هن کي اڪيلو ڪري، ڪنهن سپنن جي ديس کي وڃي وسايو هو. (اُهي ڇوڪريون جيڪي وقت جي هٿان، جوانيءَ ۾ ئي موت جي اٿاهه غفائن ۾ هليون ويندیون آهن، انهن جون آتمائون سدائين سنڌوءَ جي ڪناري وهندڙ پاڻيءَ ۾ بيهر سپنا ڏسڻ ويندیون آهن!؟)

رات تيزيءَ سان گهري ٿيندي پئي ويئي. هيٺ ڪچي رستي تي بينل ڪار ۾ ڊرائيور رکي رکي هارن وڄائي رهيو هو. هن محسوس ڪيو، ڪائي چيز اڇي سندس جهوليءَ ۾ ڪري. هن ڏنو ته سندس جهوليءَ ۾ ڪي جهنگلي گل ڪنهن اڇلائي وڌا هئا- هُن سامهون نهاريو. سامهون کان ڪانتا وري هڪ پيرو ڏانهس وڌندي پئي آئي. هو ويٺو رهيو. هوءَ اڳيان وڌي اڇي سندس ڪچ ۾ منهن لڪائي سمهي پئي. هن ڪانتا جي ڪليل آلن وارن کي هٿ لائي ڏنو، جن مان تيز جهنگلي گلن جي سُرهاڻ پئي آئي. هن جهڪي انهن ڪليل آلن وارن کي چميو ۽ چپ چاپ پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون- مٿان پورنماسي جو چنڊ ٽيڪ هن جي مٿان چمڪي رهيو هو ۽ هو هيو جو چپ چاپ، سُنسان ۽ ويران ڪنڊرن ۾، سرن جي ڏير کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. هوا تيزيءَ سان هلندي پئي ويئي ۽ هوائن جي گونج ۾ ڪوئي ڏيري ڏيري پراچين گيت آلاپي رهيو هو:

"اي رات تون ڪئين ڀيرا مون وٽ لڪي لڪي آئي آهين!
۽ تو منهنجي روئندڙ چهري کي لڪائي ڇڏيو آهي!
اڄ جي شام منهنجي پيالي ۾ امرت پيو چمڪي!
۽ منهنجو پريتم منهنجي ڇاتيءَ تي مٿو رکيو ستو پيو آهي!
اي رات!
اڄ جي رات!
جيستائين تنهنجي دل چوي.
مون وٽ ئي رهي پؤ!"

(1980 ۾ لکيل)

ويا گذاري ڏينهڙا

مان ڳوٺ اٽڪل ويهن سالن کان پوءِ ويو هوس. ورهاڱي کان پوءِ ڳوٺ جي آبادي گهٽجي ويڑهه ۾ ڪاروبار ختم ٿيڻ ڪري اسان ويڄي شهر ۾ وينا هئاسين. عرصو گذري ويو هو پر ڳوٺ وڃڻ نه ٿيو هو. ڪجهه عرصي کان ڳوٺ جي ياد ستائي رهي هئي، ان ارادي سان وري ڳوٺ ڏسڻ لاءِ ويس. ڳوٺ گهٽي پاڳي ختم ٿي ويو هو. اٽڪل چاليهه ڪن گهر ان ڳوٺ کي اڃا به آباد ڪيو وينا هئا.

ڳوٺ جي گهٽين مان لنگهندي، جڏهن آءٌ فقير ناروميل جي اوتاري وٽان اڇي لنگهيس، ته مون کي بي اختيار فقير ناروميل ياد اڇي ويو. فقير ناروميل سدائين گيڙو ڪپڙا پايو هن اوتاري ۾ وينو هوندو هو. فقير راڳ ڳائڻ جو ته ماهر هوندو هو. سندس اوتاري مان سدائين يڪتاري ۽ کڙتال جو آواز پيو ايندو هو. جتي ماڻهن جو ميڙو لڳو پيو هوندو هو، اُتي خاموشي ۽ ويراني ڏسي دل پرجي آئي. جايون ته ساڳيون هيون، پر اهي ساڳيا انسان، جيڪي اهي محفلون آباد ڪيو وينا هئا، سي نه هئا. جنهن هنڌان سدائين فقير جو درد پريو آواز پيو ايندو هو، اتي اڄ سُڃ واڪا ڪري رهي هئي. اوتارو پوين پساهن ۾ هو. فقط اهو وڻ ۽ قبر ساڳي حالت ۾ هئا، جتي فقير اونهاري ۾ ويهندو هو. فقير جي اوتاري کان پريرو اسان جي جاءِ ۽ اوطاق هوندي هئي. اها جاءِ ۽ اوطاق به زبون حالت ۾ هئي. مون سوچيو ته ڇا هي ساڳيا هنڌ آهن، جتي ڪڏهن رونق هوندي هئي؟ ڇا هي ساڳيون جايون آهن، جتي، منڙا انسان رهندا هئا، جن جون منيون ڳالهيون ٻڌي دل پئي خوش ٿيندي هئي. اڄ اهي ماڻهو ڪيڏانهن ويا هليا؟ اهي محفلون اڄ ڇو خاموش آهن؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي شاهه جو شعر ياد پيو،

"هنڌ اهي ئي ماڳ پر جت نه پسان جوءِ ۾."

مون وري فقير جي اوتاري ڏانهن ڏنو.

مون کي راڳ ٻڌڻ جو شروع کان وٺي شوق هوندو هو. مان پنهنجو اهو شوق وڃي فقير جي اوتاري تي پورو ڪندو هوس. فقير جو آواز ڇا هو ۽ ان ۾ ڪهڙا راز سمايل هئا، سا مون کي خبر آهي. فقير جي راڳ جي محفل سدائين شام جو ٿيندي هئي، جنهن ۾ آءٌ روز وڃي شريڪ ٿيندو هوس. جڏهن فقير ڳائڻ شروع ڪندو هو، تہ ماحول تي وجد طاري ٿي ويندو هو. فقير جي محفل رات جو نائين ڏهين تائين پئي هلندي هئي، محفل ختم ٿيڻ کان پوءِ هرڪو وڃي گهر سمهندو هو، پر فقير کي ننڊ ڪٿي؟ فقير جو اصل ڳائڻ تہ پوءِ شروع ٿيندو هو. اسان جو گهر اتان ويجهو هو. آءٌ فقير جو آواز صاف پيو بستري تي ٻڌندو هوس. آڌيءَ رات جو وقت، وري فقير جو دردیلو آواز، بس پوءِ تہ ويڙن مڇي ويندي هئي. اڄ بہ جڏهن مون کي اهو آواز ياد ايندو آهي، تہ اکين مان پاڻي وهي ايندو آهي. فقير آڌيءَ رات جو جيڪي ڪافيون ڳائيندو هو، تن مان "روئندي عمر نباهي، يار دي خبر نہ ڪا آئي" ۽ هي "نهين يار ملندا، نهين موت آوندي" مون کي ايڏا بہ ياد آهن. فقير جي ڏکايل آواز ۾ اهي ڪافيون، تاريکيءَ جو سينو ڦاڙي، سڄي ماحول تي ڇانئجي ويندیون هيون.

فقير اصل ڪٿي جو ويڙل هو، سا ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ هئي. پر چوندا هئا تہ فقير هڪ وڏي شاهوڪار سيٺ جو پٽ هو. هڪ دفعي پاڻ هڪ مسلمان چوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ان جي پٺيان اصل چريو ٿي پيو. ايتري قدر جو هن چوڪريءَ جي مائٽن کي چيو تہ: آءٌ مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهيان. پر چوڪريءَ جي مائٽن سندس اها ڳالهہ نہ مڃي. چيائون، "تون ڪٿي مسلمان ٿي، پر تون مسلمان ٿي ڪري بہ اسان جي ذات مان تہ ڪونہ ٿي پوندين؟ اسان سڳ فقط پنهنجي ذات وارن ۾ ڪندا آهيون."

فقير ان هوندي بہ نہ مڙيو. هو وري بہ ساڳيا چڪر ڪاٽڻ لڳو. جڏهن چوڪري کوهہ تي پاڻي پرڻ ويندي هئي، تہ هيءُ بہ پريان بيهي هُن کي ڏسندو هو. بس ائين ئي پريان اُن کي ڏسندو رهندو هو. چوڪري جي مائٽن فقير کي گهٽيون مارون ڪڍيون، پر فقير نہ مڙيو. چوڪريءَ جي مائٽن چوڪريءَ جو ٻاهر نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. پر چوڪريءَ کي بہ خبر ناهي ڇو فقير سا همدردي ٿي ويئي هئي. هوءَ بہ ڪڏهن ڪڏهن هن کي منهنڙو پئي ڏيکاريندي هئي. چوڪريءَ جي

مائٽن کي ڪا غلط خبر پئي. سو هڪ دفعو ڇوڪري جيئن درتان بيهي فقير کي ڏسي رهي هئي، سندس پيءُ اچي ڪهاڙيءَ جو ڏڪ هنيو. ڇوڪريءَ اتي ئي اڌ مري ويئي. فقير اهو منظر ڏسي بيهوش ٿي ڪري پيو. فقير کي ماڻهن کٽي وڃي سندس جاءِ ۾ وڌو، جڏهن فقير هوش ۾ آيو تہ ڪپڙا ڦاڙي رڙيون ڪندو ان جاءِ ڏانهن ڀڳو، جت ڇوڪريءَ جو خون ٽيل هو. پاڻ اُها مٽي جنهن کي ڇوڪريءَ جي رت ڳاڙهو ڪري ڇڏيو هو. اُها مٽي کٽي ڪڏهن روئڻ ۾ ڪڏهن کلڻ لڳو. فقير جو پيءُ ڪيس ونڻ آيو. پاڻ پٽس جو بوچڑ ڦري، اُها مٽي ٻڌي ويهي رهيو. پٽس ڪيس زوريءَ کڻائي گهر ويو. پر فقير کي سڪ نہ آيو. آخر اتان پڄي اچي هن ڳوٺ ۾ اوتارو ٿاهي ويهي رهيو. اتي هڪ وڻ هيٺان اها مٽي پوري، اتي هڪ قبر ٿاهي ڇڏيائين. ان قبر جي چوڌاري نازبو پوکي ڇڏي هڻائين، جنهن مان صبح ۽ شام نازبو پٽي پيو قبر تي وجهندو هو. هيءُ هو فقير جو داستان، جنهن کي ٻڌي مون روئي ڏنو هو. مون کي فقير پائيندو بہ هو. سندس پيار پريل ڳالهائڻ سان دل ڏري پوندي هئي.

مون کي فقير جي وڃڻ واري رات بہ ياد آهي. ملڪ ۾ ورهاڱي جي ڪري گوڙ متو پيو هو. اسان جي ڳوٺ جا سپ واٽيا ويا هليا هئا. فقير نہ وڃي ها، پر فقير هڪ واقعي جي ڪري وڃڻ لڳو. مون کي اهو واقعو بہ ياد آهي . حسب معمول فقير رات جي وقت جيئن ئي ڳائي رهيو هو، تہ ڳوٺ جي زميندار جو پٽ جيڪو نئون هت آيل هو، تنهن اچي ڪيس چيو، "اڙي فقير، هيءُ رات جو وقت ماڻهن جي سمهڻ جو آهي، نہ ڪي تنهنجي ڳائڻ جو. بند ڪر ڳائڻ." گوڙ تي اسين بہ ويا هئاسين. ڇوڪرو ڪيس چئي رهيو هو، "هن ڳوٺ ۾ رهڻو اٿئي تہ هيءَ موالين جي محفل بند ڪر، نہ تہ هليو وڃ پنهنجي ملڪ هندستان." فقير کان چرڪ نڪري ويو. پاڻ ڪيس چيائين، "ننڍڙا، منهنجو ملڪ تہ هيءُ آهي، ٻيو وري منهنجو ملڪ ڪهڙو؟"

ڇوڪر چيس، "اڙي بس ڪر، تون ڪافر آهين، توهان لاءِ هت ڪا جاءِ نہ آهي. هيءُ پاڪ ملڪ آهي."

فقير جي چهري تان رونق لهي ويئي. فقير چپ چاپ پنهنجو يڪتارو کڻي هليو. مون اڳتي وڌي چيومانس، "فقير صاحب نہ وڃو. هي ڳوٺ اوهانجي دم سان آباد آهي. اوهين ويندا هليا تہ ڳوٺ ويران ٿي ويندو." فقير مرڪي مون ڏانهن ڏسي چيو هو، "ٻچا، منهنجو ڳائڻ

هاڻي هتي جي ماڻهن کي نٽو وڻي نہ؟ باقي آءٌ، سو آءٌ تہ آهيان ڪافر! هاڻي تنهنجي ملڪ ۾ منهنجي لاءِ ڪابہ جڳهہ نہ آهي. ڇڏي ڏي تہ وڃان ڪافرن وٽ." پوءِ مون ڪان پاڪر پائي موڪلايو هئائين. پر مون ڪيس ان رات زوريءَ پاڻ وٽ هلي رهايو هو.

ٻئي ڏينهن پاڻ مون کي چيائين، "ابا، هاڻي اسان جي وڃڻ جو بندوبست ڪريو." مون ڪيس گهٽو روڪيو، پر پاڻ چيائين، "نہ ٻچا، هاڻي اسان هت نہ رهي سگهنداسين." مان خاموش ٿي ويس.

پوءِ مان ۽ فقير صاحب پرواري اسٽيشن تي آياسين. مون فقير کان پڇيو، "ڪهڙي شهر ويندا؟"

چيائين، "ابا، جوڌپور يا ان پاسي جي ڪنهن اهڙي اسٽيشن جا منهنجي ملڪ جي ويجهو هجي، من اتي مون کي ملڪ جون موتيل هوائون تہ لڳن."

مان مات ڪري ڪيس جوڌپور جي ٽڪيٽ وٺي ڏني. اهو راجا واري ريل ۾ چڙهي ويٺو هو، جڏهن گاڏي ڇٽي هئي تہ مون بي اختيار روئي ڏنو هو. پاڻ مرڪي چيو هئائين، "پٽ، زندگيءَ ۾ پاڻ ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور ملندا سين، هيءَ جدائي سدائين جي نہ آهي."

پوءِ گاڏي آهستي آهستي پليٽ فارم تان هلڻ لڳي. ان ريل کي ان وقت تائين ڏسندو رهيس، جيستائين گاڏي منهنجي نظرن کان گم نہ ٿي وئي.

اهو ڏينهن منهنجي لاءِ عجيب هو. ڳوٺ ويران ويران ٿي ويو ۽ پوءِ اسين ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ڳوٺ ڇڏي ويا هئاسين.

سوچ جو سلسلو ٽٽو، ڳوڙها منهنجي اکين مان وهي نڪتا هئا. مون کي ائين محسوس ٿيو جڙ فقير ڳائي رهيو آهي. مان وڏيڪ فقير جي اوتاري وٽ بيهي نہ سگهيس، اچي پنهنجي جيپ ۾ چڙهي ويٺس، ۽ شهر ڏانهن روانو ٿي ويس. فقير جي آواز جو پڙلاءُ ان وقت، ويهن سالن جي عرصي ڪانپوءِ بہ، منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. مون سوچيو، شاهہ سچ چيو آهي تہ:

"مٿي ٽر رهي ويا گذاري ڏينهڙا،
وڻان تن نہ آئيو ڪو پنهوارن پهي،
ويڙا سي وهي، جنب گذاريم جن سين."

(ماهوار سهٽي- جون - جولاءِ 1970)

پڪا پڪن سامنهان اوري اچي اڏ

شام جو وقت آهي. سج سڄي ڏينهن جي مسافري ڪري ڪان پوءِ ٽڪجي هاٽي سمهڻ لاءِ سامهون جبلن ۾ لڪي رهيو آهي. هو پنهنجي ٻنيءَ ۾ انب جي وڻ کي ٽيڪ ڏيو وينو آهي. وڻ تي جهرڪيون چين چين ڪري، هڪ ٻئي سان وڙهي سمهڻ جي تياري ڪري رهيون آهن. ڳوٺ جا ماڻهو ڏڳن تي درياهه تان پاڻي پيري موتي رهيا آهن، ڏڳن کي ڳچين ۾ گهنڊٽيون پيل آهن، جن جو هلڪو هلڪو آواز هن خاموشيءَ واري ماحول ۾ ڪنن کي وڻي رهيو آهي. ٻنين ۾ هاري سڄو ڏينهن زمين کيڙي، هينئر پنهنجن ڏڳن کي وٺيو گهر ڏي وڃي رهيا آهن. ڳوٺ جا ڪتا کين ڳوٺ ۾ گهڙندو ڏسي، اوپرو سمجهي ٻونکن ٿا، پر سندن تڙي ڏيڻ تي خاموش ٿي پڃ هلائيندا سندس پٺيان ڊوڙن ٿا. شام جون هي سُکون واريون گهڙيون کيس ڏاڍيون وٽنديون آهن.

هو انهن سهڻن نظارن کي اکين ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس نظرون دور آڪاش ڏي آهن. سج کي جبلن جي پٺيان ٻڏندو ڏسي، جڏ سندس دل به ٻڏڻ لڳي. سندس من جو پکيڙو اُداسين جي سمنڊ ۾ غرق هو. کيس سدائين ائين محسوس ٿيندو هو، ته سندس روح صدين کان وٺي اُداس رهيو آهي. جڏ سندس روح ازل کان وٺي جنم جنم جي چڪر جي ڦير گهير ۾ به سدائين غمگين رهيو آهي. هو روز پنهنجون اُداسيون ۽ ڏک پنهنجي من ۾ سمايو، اچي هن وڻ جي هيٺان ويهندو هو. اڄ کان وٺي نه، پر سالن کان سندس اهو معمول ٿي ويو هو ته هو روز هتي اچي پنهنجي شام گهاريندو هو. هن وڻ هيٺان ويهي، کيس گهٽو سکون ملندو هو. هن

وڃ جو پوکيندڙ بہ پاڻ ھو. ننڍڙي ھوندي ھن، ڪملا ۽ شيام پنھنجن ننڍڙن ھٿن سان انب جو ڪوڪلو ھنيو ھو، جو ڪجھ ڏينھن کان پوءِ سلي جي صورت ۾ سندن اڳيان اُپري آيو ھو. ھو سڀ اُن ڏينھن ڪيترا نہ خوش ٿيا ھئا، ان انب جي ٻوٽي کي ڏسي! جڏھن ھو جوان ٿيا، تہ اھو انب جو ٻوٽو بہ وڏي وڃ ٿيو ھو. ڪنھن ٿي ڀانيو تہ ھڪ ڏينھن اِھو ساڳيو وڃ تہ ٻيٽو ھوندو، پر سندس پوکيندڙ ڪملا ۽ شيام ڪيس ڇڏي ھليا ويندا؟

ھو ماضيءَ جي يادن ۾ گم ھو. اُھي ڏينھن، اُھي راتيون ۽ اُھي گھڙيون ڪيس نہ وسريون ھيون، جن سان سندس ماضيءَ جون يادون وابستہ ھيون. ننڍي ھوندي ھو پنھنجي ساڻين شيام، ڪملا، رام ۽ موھن وارن سان گڏ اسڪول ۾ پڙھندو ھو، تہ اُن وقت بہ ھو انھن ساڻين سان گڏجي ڪيئن نہ سوراج جا نعرا ھڻندو ھو. سڀ گڏجي سوراج جا گيت ڳائيندا ھئا ۽ گھرن جي پٽين تي نعرا لکندا ھئا. ڪيس اھو ڏينھن بہ ياد ھو، جڏھن ھو ۽ سندس ساڻي اسڪول مان پڇي، ڳوٺ جي استيشن تي ويا ھئا، ڇو جو ديش جا وڏا اڳواڻ پرواري شھر ڏي وڃي رھيا ھئا. استيشن تي ڳڇ ماڻھو ھئا، گاڏي آئي ۽ ھي بہ ٻين سان گڏجي نعرا ھڻندا، ريل جي گاڏي ڏي ڇڳا ھئا. بہ ڪارين ڏاڙھين سان جوڙي جا ڪپڙا پاتل، انھن ماڻھن تقرير بہ ڪئي ھئي. ھن اڳتي وڌي ساڻن ھٿ بہ ملايو ھو. ڪيس ڪيڏي نہ خوشي ھئي ان وقت!

جڏھين ھو اسڪول مان نڪري ڪاليج ۾ داخل ٿيا، تہ اتي تہ ويتر ھنن باھہ ٻاري ڇڏي ھئي. ڪاليج ۾ پڙھندا تہ ڪونہ ھئا، باقي جلسا جلوس گھٽا ڪندا ھئا. انھيءَ ڪري جيلن جو منھن بہ ڏسڻو پيو. ھو سوراج تي شعر لکندو ھو، ڪھاڻيون لکندو ھو، سندس لکڻين ۾ ڏارين لاءِ نفرت ھوندي ھئي. انقلاب آڻڻ ۽ سوراج لاءِ قوم کي اپيل ھوندي ھئي. ھو جڏھن جيل ويندو ھو تہ پويان سندن ساڻي شيام، موھن ۽ ڪملا وارا بہ ڪانہ ڪا ڳالھہ ڪري اچي گرفتار ٿي جيل ۾ ملندا ھئا. نيٺ سندن انھن ڪوشش ھڻي وڃي ھنڌ ڪيو ۽ آخر سوراج مليو، پر انھن کي ڪھڙي خبر ھئي تہ جنھن سوراج لاءِ،

جنهن آزادي لاءِ هو وڙهي رهيا آهن، سا کين نہ ملندي. هن آزاديءَ تہ کين هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو. هزارين سالن جي پراڻي تهذيب جا ائين بي دردي‌ءَ سان ٽڪرا ڪيا ويا، جن جو هنن کي خواب ۾ خيال ئي نہ هو. پکا پڪن سان گڏ رهندڙ هنن کان هميشه لاءِ موڪلائي رهيا هئا. ڳوٺ ۾ شهر سنسان ٿيڻ لڳا. اُهي مندر ۾ مڙهيون جن مان گهنڊن ۾ سنکن جو آواز پيو ايندو هو، سي مندر ۾ مڙهيون خاموش ٿي ويا. زندگيءَ جي هر ڏک ۾ سک ۾ ساڻ ڏيندڙ ساٿي، صدين کان گڏ رهندڙ پاڙيسري ۾ منڙا منڙا دوست، هن انقلاب جي پينٽ چڙهي ويا. هن کي ياد هئي اُها رات، جنهن رات سنڌس ڏيهہ جا منڙا سانگيئڙا پنهنجي جنم پوميءَ کي خيرآباد چئي رهيا هئا. اُن رات هن پنهنجون آزادي تي لکيل سڀ لکڻيون ساڙي ڇڏيون هيون. جنهن وقت سنڌس اهي لکيل ڪاڻيون ۾ شعر جلي رهيا هئا، ان وقت کيس ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ باهہ جا شعلا جڙ سنڌس چتا جي آگ جا آهن. اها چتا ۾ تهذيبن جي گڏيل سيپيتا جي هئي، جنهن کي مذهب جلائي ڇڏيو هو. سنڌس جيون ان جدائي کان پوءِ اڻپورو هو.

هو اديب هو، هو شاعر هو، پر جڏهن انسان انسان جي رت جو پياسو هو. انسان مذهب جي نالي ۾ پنهنجن ڀائرن جو رت وهائي خوش ٿي رهيو هو تہ، هيءُ انهن دل ڏارينڊ ڳالهين تي ڪجهہ بہ نہ لکي سگهيو. پر گهٽي دير هو چپ نہ رهي سگهيو. آخر سنڌس دل جا هزارين درد، اڌما ۾ احساسات، جيڪي باهر نڪرڻ لاءِ ڀاڙ پٽوڙي رهيا هئا، سي هڪ ڏينهن دل جي گهراين مان ڳاڻ ڪائي باهر نڪتا، پر انهن باهر نڪري باهہ ٻاري ڇڏي. سرڪار سنڌس اهي ڳالهيون سهي نہ سگهي ۾ کيس گرفتار ڪري جيل اماڙيو ويو. جيل ۾ پنجن سالن جي سختين سهڻ کانپوءِ کيس دل جي بيماري ٿي پئي هئي، ان ڪري کيس جيل مان ڪڍي سنڌس ڳوٺ ۾ نظر بند ڪيو ويو هو. انهن گذري ويل ڏينهڙن ۾ يادن سهاري هو پنهنجي زندگي گذاري رهيو هو.

هو ماضي جي يادن جي ٻنور مان نڪري آيو. هن اکيون کوليون

۾ هڪ ٽڏو ساهه پري وري اکيون بند ڪري ڇڏيون. هن سوچيو: ڪيڏا نه ڪلورٽي ويا. مذهب جي نالي ۾ انسان ايترا ظلم ڪندا، سو ته ڪو سوچي به نٿي سگهيو. ڪنهن ٽي پانيو ته ڪو اهڙو ڏينهن به ايندو جڏهن انسان مذهبي جوش ۾ هڪ ٻئي جا دشمن ٽي پوندا. مذهب جي نالي ۾ انسان جو رت ته صدين کان وٺي وهندو آيو آهي، پر اها ڪنهن کي خبر هئي ته هڪ ڏينهن مذهب انسانن جي رت پيئڻ کان سواءِ ثقافتن، تهذيبن ۽ زبانن کي به ڳڙڪائڻ شروع ڪندو؟ هن سوچيو: انسان ڪيترو نه شريف آهي، اشرف المخلوقات جو ڪيس لقب مليل آهي، پر ساڳئي وقت انسان ڪيترو نه بيدرد آهي! هي انسان مذهب جي عقيدي ۽ جنون ۾ هڪٻئي سان وڙهي ڪيتري نه بي دردي ۽ سان خون وهائي، رت جي خوفناڪ هولي کيڏي، ڪيترو نه خوش ٿيو. انسان مذهبي جنون ۾ کيڏو نه ظلم ڪن ٿا. ٻين جي آزادي تي هٿ چراند ڪرڻ، ڏارين ملڪن جي ماڻهن کي غلام بنائڻ، انهن جي عورتن کي پنهنجي ملڪ ڪٽي وڃي ٻانهيون بنائڻ، يا انهن عورتن جي عصمت سان کيڏي، وڏي فخر سان اهي انسان ڪنڊ ڪٽي هلن ٿا. انسان جي تاريخ مذهب جي نالي ۾ وهايل خون سان پري پيئي آهي. هن کي ان تاريخ کان سخت نفرت هئي، جا تاريخ قومن جي گناهن تي پردو وجهي، ظالمن ۽ قورن کي پنهنجو اڳواڻ ثابت ڪندي آهي. کيس هر ان ڳالهه کان نفرت هئي جنهن ڪري انسانن جو رت وهي!

هن جو دماغ سوچ جي ڇار ۾ ڦاسي، اڳتي وڌڻ جي طاقت نه ڏسي، منجهائنس ٻاهر نڪري آيو. هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو سدائين خوشين جي ڳولا ۾ رهيو هو، پر ڪيس اهي خوشيون ڪڏهن به نصيب نه ٿيون هيون. هن ڳوڙهن سان پريل اکيون ڪٽي سامهون ڏٺو. رات ڪافي گذري چڪي هئي. چانڊوڪي هر طرف پکڙيل هئي. هڪ طرف سرنهن جي پوک ته ٻئي طرف ڪڪ جي پوک، چنڊ جي روشنيءَ ۾ عجيب لڳي رهي هئي. ڪڪ جا سنگ چانڊوڪي ۾ ائين لڳي رهيا هئا، جڙ چانديءَ جا سنگ زمين مان ڦٽي ٻاهر نڪتا آهن! تيز هوا جا سيسراٽ کين هلائي رهيا هئا.

پاسي کان واهيءَ ۾ ڪنول جا گل منهن ڪيو بيٺا هئا. هو اٿيو ۽ وڃي واهي جي ڪناري تي ويٺو. هن کي ڪنول جا گل ڏاڍا وٺندا هئا. سندس دل چاهيو ته اهي گل چنان! پر هو اهي گل نه چني سگهيو. ننڍي هوندي جيتوڻيڪ ڪملا ڪيس ڪنول جي گل پٽڻ لاءِ چوندي هئي، پر هو ڪڏهن به ڪيس گل چني نه ڏيندو هو، چوندو هو ته: "مان اهو ڏسي سمي نٿو سگهان ته ڪوٽاري کان گل جدا ٿئي!" هن هٿ وڌائي گلن کي ڇهيو ۽ وري پنهنجي جاءِ تي اچي ويهي رهيو. چند جو عڪس واهي جي پرسڪون پاڻي ۾ بيٺو هو، پر ڪنهن ڪنهن وقت هوا جي زور تي ڪنهن لهر چند جي شڪل کي پنهنجي آغوش ۾ ٿي لڪايو.

هن ئي واهي جي ڪناري، ساڃ ئي هنڌ تي هُو ۽ سندس انقلابڻ ساٿي ڪملا ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڳالهيون ڪندا هئا. جنهن رات سندس ملڪ جا جهانگيئڑا هتان لڏي رهيا هئا، ان رات هي پنهنجون لکيل سپ شيون ساڻي اچي هن ئي هنڌ تي ويٺو هو. هيءُ ساڃيو منظر ان رات به هو، جنهن مهل ڪملا ڪائنس موڪلائڻ آئي هئي. ان وقت هو چند جي عڪس تي هٿن سان پاڻي هٽي رهيو هو. ڪملا جو عڪس پاڻيءَ ۾ چند سان گڏ ڏسي هن ڪنڌ پنيان ورايو هو ته ڪملا سندس پنيان بيٺي هئي. هن ڪملا کي ڏسي وري کٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو هو. ڪملا چيو هو:

"چو منهن هيٺ ڪري ڇڏيئي؟"

"بس ائين ئي." هن جواب ڏنو هوس.

"اسان صبح جو هتان هليا ويندا سين." ڪملا چيو هوس.

"ڪملا"، هن چيو هو:

"ڪملا اسان هي وقت ڏسڻ لاءِ ته جيلن ۾ ڪونہ ويا هئاسين! ڪملا مان چا ڪريان؟ منهنجو روح رڙيون ڪري ڇڻ جان مان نڪري رهيو آهي. مان اوهان کان سواءِ ڪيئن رهندس؟ ڪيستائين اڪيلو ئي اڪيلو هيءَ زندگي ڪاٽيندس؟ ڪملا زندگي ختم ٿي ويندي، جيڪڏهن اوهان هليا ويندا! توکي ياد آهي ته تو مون کي جيل ۾ چيو هو ته: اسين مذهبي چوپ چاپ وساري

قوميت جي بنياد تي گڏ رهي هڪ مثال قائم ڪنداسين، پوءِ اسان جو ايندڙ نسل انهيءَ بنياد تي هڪ عظيم قوم ثابت ٿيندو. ڇا توکي اهي سڀ ڳالهيون وسري ويون؟"

ڪملا سندس اهي ڳالهيون ٻڌي جواب ڏنو هو: " تون ته هڪ ئي سوال ۾ مون کان الائي گهڻا سوال پڇي ويو آهين. تون ته ڳالهائي ٻه سگهين ٿو، مان ته ڳالهائي ٻه نٿي سگهان. هي ڇا ٿي ويو؟ ڪهڙو ڏوهه ڪيوسين؟ اهڙا گناهه گار ٻه ته ناهيون، جو ايڏي وڏي سزا اسان کي ملي آهي، خير هاڻي ڇا ٿو ڪري سگهجي، پر اسان ڪوششون ڪيون آهن. اسان جنگ وڙهيا آهيون پوءِ ڪٽي ان ۾ ناڪامياب ٿياسون، پر ايندڙ تاريخ جو مورخ ان ڳالهه جو فيصلو ڪندو ته صحيح ڪير هو؟ اسين يا اهي نام نهاد، جن اسان جي ڪوشش کي ناڪامياب بنايو. گناهگار اسين آهيون يا ڪي ٻيا؟ هن هڪ ڏڏو ساهه ڀريو ۽ چيو هو: زندگيءَ ۾ ئي هڪ ٻئي کان جيئري جدا ٿي ويندا سين، اهو ته ڪڏهن سوچيو ٻه ڪونه هوم. ننڍي هوندي مان توکي انهن ڪنول جي گلن کي چنڻ لاءِ چوندي هيس ته اهو چئي انڪار ڪري ڇڏيندو هئين ته مان گل کي ٽاري کان جدا نٿو ڪري سگهان، پر اڄ اسين ٻه ائين جدا ٿي ويندا سين، جيئن گل ٽاريءَ کان جدا ٿي ويندو آهي. وڻ ٽڻ، هي ڏڏيون ڏڏيون هوائون، هيءُ ڳوٺ، شهر، رستا، ۽ منڙا منڙا ماڻهو اسين ڪيئن وساري سگهنداسين؟" ائين چئي هوءَ چپ ٿي ويئي هئي.

هن چيو هو: "ڪملا، الائي وري هيءَ رات ايندي نه ايندي؟ خبر ناهي زندگي ۾ ملي سگهون يا نه؟ الائي اسان جي وري ملاقات ٿيندي يا نه ٿيندي؟ پر ڪملا، مون کي يقين آهي ته ڀاڙ ضرور ملنداسون. هيءَ جدائي ختم ٿيندي، وري مينهن وسندا، وري بهار ايندو، وري ساڄيا سڪل وڻ ٻور جهليندا، رنڀ ماروئڙا پنهنجن ماڳن تي موٽندا، مان انتظار ڪندس ۽ اوستائين انتظار ڪندو رهندس، جيستائين منهنجي سرير ۾ ساهه هوندو."

هن ڪملا جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي چيو هو، اسان گڏ رهياسين، گڏ راندیون کيڏيونسين ۽ گڏ مرنداسين" چنڊ سندن ان

ڳالهه جو رازدار بنجي ڪڪرن ۾ لڪي ويو هو. اُن رات هو ۽ ڪملا پرهه ڦٽي تائين هٿ هٿ ۾ ڏيو اتي ئي ويٺا هئا. جڏهن ڪتين ڪر موڙڻ شروع ڪيا هئا، رات پنهنجو دم توڙي پنهنجي شڪست جو اعلان ڪيو هو ۽ ڳوٺ جي ڪڪڙن ٻانگون ڏئي صبح جي اچڻ جو اعلان ڪيو هو تہ ڪيس ڪملا چيو هو، "پرهه ڦٽي ٿي رهي آهي، هاڻي صبح ٿيندو ۽ پوءِ هميشه لاءِ هتان هليا ويندا سين." اهي لفظ ٻڌي سندس دل ٻڌي ويئي هئي. ڪيس ائين محسوس ٿيو هو، جڻ ڪنهن سندس دل کي چنبي ۾ پکڙي ڪنهن ويراني ۾ زور سان اڇلائي ڦٽو ڪيو هو. هن چيو هو: "نہ، نہ ڪملا، ايڏا صبح نہ ٿيو آهي. هيءَ تہ ڪاري رات آهي. پنهنجو صبح ايڏا نہ ٿيو آهي. پنهنجو صبح هيءُ نہ آهي. پنهنجو صبح تہ ڪو ٻيو آهي. جڏهن اهو صبح ٿيندو تہ مان پوءِ سمجهندس تہ هاڻي رات ختم ٿي آهي."

"اُڏ، مان هاڻي وڃان ٿي." ڪملا چيو هو. هو اٿيو هو ۽ ٽڪل ٽڪل قدمن سان ساٽس هلڻ لڳو هو، پر اٽڪ کان اڳ هن ڪنول جا گل تاريءَ کان جدا ڪري ڪملا کي ڏنا هئا. صبح جي ٽڏڙي ٽڏڙي هير سامهون ٻني مان اچي کين لڳي رهي هئي. هن ٻنيءَ مان سرنهن جا گل پٽي، ڪملا جي وارن ۾ هنيا هئا ۽ چيو هو، "هي سڀ گل سنياليِ رکج، هي گل ڪڏهن بہ نہ سُڪندا."

ڪملا پنهنجون ڪاريون ۽ وڏيون اکيون، جيڪي ڳوڙهن سان ڀريل هيون، تن سان ڪيس ڏسي چيو هو: "مون کي جدائيءَ جي ڏک جلائي ڇڏيو آهي، پر ڪنهن ڪنهن وقت دل چئي رهي آهي تہ هيءَ اداسين جي گهري ۽ ڪاري رات ختم ٿيندي، مون کي هن انڌوڪار ۾ صبح جا ڪرِٽا نظر اچي رهيا آهن. هي ڏکن جا ڏولا وا ختم ٿيندا، اسين ايندا سين جڏهن سانوڻ جي مند ايندي ۽ مينهن وسي بس ٿيندا، ۽ چئني طرفن کان مِٽيءَ جي وٽندڙ خوشبو ڦهلجي ويندي تہ اسين ايندا سين، پاڻ ان ئي مند ۾ وري ملندا سين." ائين چئي ڪملا سندس هٿ ڏٻايو هو.

هن ڪملا جو هٿ پنهنجي چپن تي رکي چيو هو، "وقت ضرور پلٽو کائيندو ڪملا، وقت ضرور پلٽو کائيندو، پاڻ ضرور ملندا سون."

پوءِ هو ۽ ڪملا ان ڏنگي ۽ ڦِڏي پيچري تي چڙهيا هئا، جيڪو ڳوٺ ڏي ٿي ويو.

هو ڪڪڑن جي ٻانگ ڏيڻ تي خيالن جي دنيا مان موٽي آيو. صبح ٿيڻ وارو هو، هُو وڌيڪ ان هنڌ تي ويهي نه سگهيو، سندس دل چاهيو ٿي اڄ رڙيون ڪري ايترو روئي جو هيءَ زندگي ختم ٿي وڃي. گهٽو عرصو گذري چڪو هو، مينهن ٻه وسندا هئا، ٻهار ٻه ايندو هو، پر ڪملا نه آئي سا نه آئي. زندگي جو ايترو عرصو ائين گذري ويو جو خبر ئي نه پئي؟ هن کي هن زندگي ۽ ڪائنات کان سخت نفرت ٿي رهي هئي. انسان جي سڄي زندگي اميدن ۽ آسري تي گذريو وڃي ٿي، پر اهي اميدون ۽ آسرا پورا نٿا ٿين.

هن سوچيو: خدا ٻه عجيب آهي، چون ٿا ته انسان جي هر خواهش پوري ڪري ٿو، ته پوءِ مون ڪهڑو ڏوهه ڪيو آهي، جو دل ته ناهي اتس، پر ان دل جون خواهشون پوريون نٿو ڪري، هر خواهش وڏي خوبصورتي سان جنم وٺي ٿي، پر اُن جو انت تمام بري حالت ۾ ٿئي ٿو. خبر ناهي ڇو؟ الا، جيڪڏهن خبرهجي ها ته زندگي جي پچاڑيءَ ۾ اهڙي حالت ٿيندي ته گهٽو اڳ ئي هن زندگي کي ختم ڪري ڇڏيان ها؟ معلوم ائين ٿو ٿئي ته جڙ گذريل زندگي خواب هئي، جا اڪ ڪلڙ سان ٽٽي پرزا پرزا ٿي پيئي. منهنجا خواب ڪٽي ڳوليان انهن کي؟ ڪهڑي طرف وڃان؟ آخر صبح ڪڏهن ٿيندو؟ سچ جو سج ڪڏهن پنهنجون شاخون ڪيندو؟ ڇا زندگي ائين ئي ختم ٿي ويندي؟

هو اٿيو ۽ آهستي آهستي پيچري تي هلڻ لڳو. هن حسرت سان انهيءَ پيچري کي ۽ سرنهن جي پوک کي ڏنو ۽ هڪ ٽڏو ساهه ڀري پيچري تي هلندو رهيو، سندس دل چاهيو ٿي ته ڪاش هيءُ پيچرو ختم ئي نه ٿئي ۽ هو اوستائين هلندو رهي جيستائين سرير ۾ ساهه هجيس. سندس نظرون دور آڪاش ڏي هيون. سڄي ڪائنات ننڊ ۾ غرق هئي ۽ هو ان ڏکي ۽ نه ڪٽندڙ پيچري تي هلندو رهيو.

(اڳتي قدم، آڪٽوبر 1970ع)

اجنبي بنجي جيئڻ کان پوءِ

هي مون کي آخر ٿيو ڇا آهي؟ هر وقت سوچ، هر وقت وينو سوچيان. دماغ ۾ الائي ڪٿان جا خيال آهن جي اچن ٿا ۽ وڃن پيا. هاڻي ته صرف سوچ آهي ٿا ڊاڪٽر جهليو به اٿم سوچڻ کان. ڇيو هئائين، "سوچ نه، ننڊ گهري ڪر ٿا دماغ تي بار نه رک!" هي ويچارو ڊاڪٽر! سمجهي ٿو ته بلڊ پريشر لاءِ اهو سڀ خطرناڪ آهي- پر ننڊ ڪريان؟ نه سوچان؟ زندگيءَ ۾ هاڻي ٻيو ساڻي به ڪهڙو رهيو آهي انهن کان سواءِ؟ هنن اڪيلاين ۾ سوچ ئي منهنجي ساڻي آهي ٿا جڏهن اندر جي آنڊ ماندڻ ٿا بيچيني ڪڏهن به ختم ٿي نه سگهي، ته پوءِ؟ ..... پر هيءَ منهنجي زندگي به ته ڪيڏي نه عجيب ٿيندي وڃي- محسوس ٿئيم ٿو ته هي زندگي به منهنجي هاڻ وس ۾ نه رهي آهي.

محسوس ڪريان ٻيو ته منهنجي زندگي ۾ مونجهارا وڌندا وڃن. ڏينهون ڏينهن آهستي آهستي مايوسي ٿا نراسائي وڌيڪ گهري ٿيندي وڃي ٿا هي ڏينهن، جي مان پنهنجي پاڻ کان اجنبي بنجي گذاريان ٻيو، ڪيڏا نه عجيب آهن! سڄو ڏينهن بيزاريءَ ۾ گذري ٿا رات سوچيندي ٿا پاسا ورائيندي ٿا ٻنهي جو وچ. وارو وقت شام؟ ها، شام اداس ٿا ٽڪائيندڙ هن زندگي وانگر. هر شام مون کي پنهنجي وجود جي خاتمي جو احساس ڏياريو هليو وڃي. (الائي ڇو شام جو سخت مونجهه، نراسائي ٿا اداسي ڇائنجيو وڃي.)

سڄو ڏينهن بيزار ڪندڙ هوائون هلن ٻيون. مان ٻاهر دريءَ مان ان نيز هوا ڏي ڏسان ٿو، جا وٽن تان پن ڇاٽيندي وڃي پئي. مند ڪڏهوڪي ڦري ويئي آهي .هينئر سرءُ آهي، پر مندون بدلجن به ٻيون ڇا؟ مون کي لڳي ٿو ته مند صرف هيءَ هڪ سرءُ جي آهي.

ڪيڏي نہ ڊگھي، ٽڪائيندڙ سياري جي راتين جھڙي. الائي هيءَ منڊ ڪڏھن پوري ٽيندي؟ ٽيندي ب يا نہ؟

مان ڪيترو نہ بيزار ٿي پيو آهيان، هن منڊ مان! (منڊ مان يا زندگيءَ مان؟)۔ جڏھن اُداسي ۾ بيزاري وڌي ٿي تہ دريءَ ۾ اچيو بيھان. ٻاھر لان ۾ تيز ھوا ۾ لڏندڙ وڻن ۾ ڇٽندڙ پنن ڏانھن ڏسان ٿو. سُڪل پن ھوا ۾ اُڏامندا گم ٽيندا وڃن. ائين جيئن انسان تاريخ جي پيانڪ دورن ۾ لڙھندو غائب ٽيندو وڃي. (انسان تاريخ ۾ وقت جي ھٽن ۾ اُنھيءَ ننڍڙي ٻار جي ناھيل واريءَ جي محل وانگر آهي، جنھن کي ھو جڏھن چاھي۔ ھڪ ئي ھٽ سان پوري سگھي ٿو.) هي پن۔ ڇڙ ۾ قيراتيون ڪائيندڙ پن ب انسان وانگر مجبور ۾ بيوس آھن! وري نوان پن ڦُٽندا، انھن سڪل ۾ ڇٽيل پنن جي جاءِ تي! پر الائي ڪڏھن؟ آخر هيءَ منڊ ڪيستائين رھندي؟ ھر شيءِ ايڏي طويل ڇو آهي؟ يا شايد مون کي ائين لڳي ٿو۔ ھر شام جو ب ساڳيو احساس ٽيندو اٿم ۾ ڪالھ شام جو ب ائين ٽيو. گھٽي ديرکان محسوس پئي ٽيم، تہ ڇڙ اھو وقت ھڪ ھنڌ بيھجي ويو آهي. آخر هيءَ شام ڪُٽي ڇونٽي؟ نہ سڃ لھي ٿو، نہ اوندھ ٿئي ٿي.

ڇو ڊگھي ۾ ٽڪائيندڙ ٿي پئي آهي هيءَ شام؟ (اجا تائين ياد اٿم، رابيل ب چوندي ھئي تہ الائي شام جو مون کي ڇا ٿو ٿئي، اڪيلي اڪيلي ويھي روئندي آهيان؟)۔ ھر شيءِ ٽڪائيندڙ آهي۔ ۾ هيءَ ڦڪي ڦڪي، اُداس ۾ ٽڪائيندڙ زندگي؟ اُف! وري سوچڙ لڳو آهيان. مون کي نہ سوچڙ ڪپي، نہ سوچيندس. پر ھر شيءِ بيزار ڪندڙ ۾ ٽڪائيندڙ ڇو ٿي پئي آهي؟ ساڳيو شھر، ساڳيا ماڻھو ۾ ساڳيا رستا ڏسي ڏسي دل ئي ڪَٽي ٿي پيئي آهي. ڪيستائين آخر هيءَ بي رنگ زندگي ۔ڪيستائين؟؟

پر ڇا مون سان سدائين اھا حالت رھي آهي؟ نہ ائين تہ ڪونھي. انھيءَ سانوڻ جي منڊ ۾ سڻا ڏينھن گھاريا هيم. رابيل ھئي، مان ھيس ۾ اُھي پل، جيڪي مون رابيل سان گڏ گذاريا، ڪيڏا نہ عجيب ھئا. سندس نالو رابيل ب تہ مون ئي رکيو ھو. ھڪ پيرو چانڊوڪي رات ۾ ھوءَ منھنجي ڇاتيءَ ۾ پنھنجو منھن لڪايو

وينڊي هئي. مون سندس وارن سان کيڏندي چيو هو، "تون منهنجي هن اجاڙ زندگيءَ ۾ ڦٽندڙ هڪ گل ٿہ آهين، پر خبر اٿئي کهڙو؟"

"نہ!" هن پنهنجي ساڻئي اداس آواز ۾ چيو هو (منهنجا خدا! کيترو وقت گذري ويو آهي، پر اڄا تائين بہ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنن ۾ سندس ساڻيو اُداس آواز ايندو رهندو آهي. سندس آواز ۾ ڪيڏي نہ اداسي، مايوسي ۽ نراسائي هوندي هئي!)

"رابيل!"- مون چيو هو. "اڄ کان وٺي مان توکي انهيءَ نالي سان سڏيندس."

"هون". هن مون ڏانهن نهاريندي مرڪي ڏنو هو.

"ڪيئن وٽيئي اهو نالو؟"- مون سندس رابيل جي گل جهڙي چهري کي، جيڪو چانڊوڪيءَ ۾ وڌيڪ اداس لڳي رهيو هو، هٿ سان پاڻ ڏي ڪندي چيو هو.

"توهان جو رکيل نالو مون کي نہ وٽي، اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو!"- هن پنهنجن ڪارن ۽ گهرن نيٽن سان مون کي ڏسندي چيو هو.

وري مان سوچيان پيو- آخر انهن سوچن مان وري چا ٿو؟ چند ڏينهن اڳ ئي تہ هڪ دوست چيم ٿئي، تون تمام گهڻو ٿو سوچين- پنهنجي طبيعت ڪنٽرول ۾ رک. نہ تہ اڳتي هلي ڏاڍي ڏکيائي ٿيندئي!" (اُن مهل هوٽل ۾ وينڊي وينڊي مان الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هوس) - ۽ شايد سچ چيو هئائين. آخر هي مان هر وقت مايوسين جي سمنڊ ۾ چو پيو غوطا کان؟ هي مون کي ٿي چا ويو آهي؟.... پر طبيعت ڪنٽرول ۾..... ڪيئن ٿئي طبيعت ڪنٽرول ۾؟... ڪو وقت ٿيو جو اها اندر جي ڪنٽرول واري قوت ٽٽي وئي ۽ هينئر..... ڪاش! منهنجي طبيعت ڪنٽرول ۾ هجي ها؟ (پوءِ پلا چا ڪريان ها؟ پر ان سان بہ مان سمجهان ٿو تہ ڪو فرق ڪونہ پوندو- هيءَ زندگي دريا جي وهڪري وانگر هلندي رهندي ۽ مان ائين ئي ان بي رحم وهڪري ۾ لُڙهندو رهندس ۽ ڪڏهن بنا ڪنهن سبب جي زندگيءَ جي اونداهن رستن تي مارجي ويندس. الائي ڪيستائين بنا ڪنهن ڏوهہ جي وقت ۽ حالتن جي وچ ۾ پوگيندو رهندس؟ منهنجو ڏوهہ؟ شايد گندي حال ۾ رهي سڀ مستقبل جي چاهنا ڪيم..... زندگي، خشڪ اجاڙ! هر قدم تي ڪاڻ ڪا خواهش

گهٽجيو وڃي. ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ڪائي اُميد، ڪوئي آسرو ساٿ ڇڏيو وڃي. انسان جون اميدون ۽ آسرا ٻہ هن سان ڪيڏو نہ دوکو ڪندا رهن ٿا. (۽ هو منهنجي زندگي بدلائڻ جا سپنا؟)

ويني ويني ٻہ تنگ ٿيو پوان. ماڻهن ۾ سک نہ اٿم. اڪيلائي ۾ ٻہ سک ڪونهي- آخر اهو ايندو ڪٿان؟ هاڻي تہ دوستن سان ٻہ ملڻ ڇڏي ڏنم. سوچيو اٿم، تہ هاڻي ڪنهن سان ڪوبہ تعلق نہ رکندس. هر شيءِ مون سان دغا ٿي ڪري. پيار- دوست سڀ دوکو ٿا ڪن. نہ پر مان پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيندو آهيان. ڪنهن جو ٻہ ڪوئي دوش ڪونهي. (مون ايجا تائين رابيل کي ٻہ ڪو ڏوهہ نہ ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هن جي ننڍڙيءَ غلطي اسانجي وچ ۾ ايڏيون ديوارون وجهي ڇڏيون، جو لک پيرا انهن ديوارن سان سر ٽڪرايان، تہ ٻہ هن تائين نٽو پهچي سگهان! پر نہ، غلطي هن جي ٻہ ڪانہ هئي- شايد غلطي منهنجي هئي!) ڏوهہ وري ٻہ منهنجو آهي. چو ٿو ڪنهن ۾ ايترين اُميدون رکان. ۽ اهي اميدون، آسرا ۽ خواهشون ئي آهن، جيڪي دوکو ڏيو وڃن! ۽ عجب جهڙي ڄالهہ آهي، جو هن زندگيءَ ۾ ايترو ڪجهہ سهڻ ڪانپوءِ ٻہ رابيل جو انتظار ويٺو ڪريان. خبر ٻہ اٿم، تہ ڪڏهن ٻہ هن سان ملي نہ سگهندس.

آخر مان پنهنجي پاڻ کي ايڏي تڪليف چو ٿو ڏيان؟ نہ نہ، مون کي ڪنهن جو ٻہ انتظار ڪونهي. مان تہ دريءَ مان ٻاهر رستي ڏانهن نهاريان پيو، انهن ماڻهن کي ڏسان پيو، جيڪي هلن پيا. هي روڊ تي ٻہ ڏينهن جو ڪيترو نہ گوڙ ٿو ٿئي. هي ماڻهو چو ٻيڻا آهن؟ ڪنهن جي انتظار ۾! ڪنهن کي ٻہ ڪنهن جو انتظار نہ ڪرڻ ڪپي. مون کي ٻہ ڪونهي. اُف! هي گوڙ ٻہ مون کي چريو ڪري ڇڏيندو، بند ٿيڻ ڪپي هيءُ گوڙ. (۽ نڪ، زور سان دري بند.) مون لاءِ سڪون فقط سوچ ۾ آهي. سوچ منهنجي بهترين ساٿي آهي. گهٽ ۾ گهٽ ڏک تہ نٿي ڏئي. رڙاڙي نہ نٿي. مون کي خاموشي ڪپي. خاموشي، بي انت خاموشي- ۽ اُها خاموشي ٻہ تہ فقط رات جو ملي ٿي- ڪيڏو نہ سڪون آهي رات جو- جڏهن هر طرف کان اونداهي ۽ خاموشي ڇائنجيو وڃي. هلڪي هلڪي ۽ ڪڏهن تيز هوا وٽن مان آربار لنگهندي ڪيڏو نہ عجيب

آواز ڪندي آهي. انهيءَ آواز ۾ بہ ڪيترو نہ ميناڻ هوندو آهي. ٻاهر رستو سُنسان! ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن جي ملڻ جو آواز يا ڪٽان پريان ايندڙ ڪتن جي ٻونڪ ها. مون کي ان سان سُڪون ملي ٿو. مٿي وشال آڪاس ۾ ان ۾ ٽمڪندڙ تارا. اهو سڀ سپني سمان لڳندو آهي ۽ جڏهن آڪاس ۾ چنڊ ڪڙندو آهي ۽ هر طرف کان اُن جي چانڊاڻ ڦهلجي ويندي آهي، تڏهن اهڙيءَ خاموشيءَ واري ماحول ۾ ڪٽ ٽي ليٽي، آڪاس ڏانهن نهاريندي اڪيلائپ جو احساس وڌيڪ گهرو ٿي ويندو آهي. اڪيلائپ! اڪيلائپ ۽ هي زندگيءَ جون اڪيلائيون بہ تہ منهنجو مقدر بنجي چڪيون آهن. ان مهل سوچيندو آهيان تہ هيءَ هيڏي ساري زندگي ڪيئن ڪٽندي؟ اڪيلي سر آخر ڪيستائين زندگيءَ جي بي رحمين سان مقابلو ٿيندو رهندو؟ پوءِ ڪيترائي چهرا ۽ ماضيءَ جي مقام ۾ دفن ٿيل واقعا (انسان جو ذهن بہ هڪ نديڙو قبرستان آهي، جتي واقعن ۽ احساسن جون ننڍيون ننڍيون قبرون ٺهيل آهن!) ذهن جي درين مان ليڪا ڪا پائڻ لڳندا آهن. ان کان اڳ جو اهي ڳالهيون ۽ چهرا چٽا ٿي ايرن، هر شيءِ کان نفرت ۽ بيزاري ٿيڻ لڳندي آهي. پوءِ پاسا ورائيندو آهيان- ۽ ورائيندو رهندو آهيان. هڪ پاسي هڪ سوچ، ٻئي پاسي ٻي سوچ ۽ ننڍ گم. جڏ ڪنهن ٻنهي پاسن کان ڪنڌا ميڙي رکي ڇڏيا آهن، جي چيندا رهن ٿا. الائي ڪيترا دفعا پاسا ورائيندي ۽ مٿي آڪاس ۾ نهاريندي (يا ڪنهن کي ڳوليندي؟) دُت هڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

هيءَ دت هڻڻ بہ ننڍي هوندي کان سکيس. شايد شروع کان وٺي ئي ڪا ننڍ قتل آهي ۽ الاءِ ڪيستائين قتل رهندي؟ مان ائين امان جي پر ۾ ليٽي پيو آڪاس ۾ چنڊ ۽ تارن کي ڏسندو رهندو هوس. امان جاڳندي ڏسندي، تہ چوندي هئي، "ابا ننڍ نٽي اچئي چا؟... دت هڻي سمهي پئو، تہ ننڍ اچي ويندئي!"... مان پوءِ اکيون ٻوٽي ڪوڙ بچاڻي سمهي پوندو هوس-

۽ هاڻي بہ جڏهن اکين مان ننڍ اُڏامي ويئي اٿم، ائين ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ ننڍ پوءِ بہ نہ هوندي آهي. اکيون ٻوٽيندس تہ لڳندم جڏ ڪنهن اونهي کوهہ ۾ ڪرندو وڃان- پولارن ۾ پيهندو

ويان. اونهائيءَ ۾ گم ٿيندو ويان. چاهيندس ته ڳالهايان ته آواز نه نڪرندو. جڙ سڃي بت مان ساهه نڪري ويو هجي- ۽ اها بيهوشيءَ واري حالت هوندي اٿم- سڃي رات ائين پاسا ورائيندي ۽ آڪاس ۾ ٿم ٿم ڪندڙ انيڪ ستارن ڏانهن ڏسندي ڏسندي صبح ٿيو وڃي- اها ننڊ به ڪهڙي جو ذرو ڪڙڪو ٿيو ناهي ۽ چرڪ پيو ناهي. (۽ هاڻ ته جاڳندي به چرڪ پوڻ لڳا آهن.) ۽ ها، رات به ته الائي ڇا ٿيو هوم؟ اوچتو آڏي رات جو ان غشيءَ واري حالت مان چرڪ پري اُڇي ويهي رهيس. هڪ عجيب قسم جو ڊپ ٿي رهيو هيم. دل زور زور سان ڏڪ ڏڪ ڪري رهي هئي- ۽ مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو. هر طرف چپ چاپ لڳي پيئي هئي. تيز هوا جا گهوگهٽ هن سانت واري ماحول کي ڀيانڪ بنائي رهيا هئا. اُڇي ويهي رهيس، ويهي وري ليٽي پيس. الائي ڇا کان ڊنو هوس؟ ڇا کان چرڪ پيو هوم؟ اهڙو ڊپ ۽ چرڪ ته صرف ان مهل پوندو اٿم، جڏهن موت تي سوچيندو آهيان. ڇا مان ننڊ (!!) ۾ موت تي پئي سوچيو؟ منهنجي دل جي ڌڙڪن وڌيڪ تيز ٿي ويئي. اُن مهل پريان ڪائي ريل گاڏي پنهنجي پوريءَ تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندي هلي ويئي. جنهن جي ڀوائتي آواز هن خاموشيءَ کي ڪجهه دير لاءِ اشانت ڪري ڇڏيو. ان ريل جي ڀوائتي آواز تي لڳم، ته هي آواز ڪٿي اڳ به ٻڌي چڪو آهيان- پر الائي ڪٿي؟ پوءِ ياد آيم ته هيءَ ريل روز هن مهل لنگهندي آهي- ۽ مون کي ان غشيءَ واري حالت ۾ لڳندو آهي، ته ڪوئي زور زور سان منهنجو در ڪڙڪائي رهيو آهي. آخر هيءُ انسان ڊڄي ڪنهن کان ٿو؟ ڪائي ته لاشعوري قوت آهي، جيڪا هن کي ڪٿي به سڪ جو ساهه کڻڻ نٿي ڏئي!-

مون ڪيترائي ڀيرا سوچيو آهي، ته منهنجي هن زندگيءَ کي به ڪا معنيٰ آهي؟ هي هر وقت ڇانيل ڊپ، هيءَ زندگي، موت، پيار آخر آهي ڇا؟ انهن سيني جي ڪائي اهميت به آهي؟ اهميت ڇا کي آهي؟ ڪا خبر ڪانهي- مان اڄ آهيان. سيان نه هوندس! هي ڏينهن، هي رات، هي هوائون، آڪاس ۾ ٽمڪندڙ تارا ۽ اداس چنڊ- ۽ هي روز ايرندڙ ۽ لهندڙ سج ائين هوندا. هي تيز هوائون هلنديون رهنديون. ڏينهن ۽ رات ٿيندا رهندا. آڪاس ۾ تارا ۽ چنڊ نڪرندا رهندا- ۽

هي سج لهندو ۽ ايرندو رهندو. صرف نہ هوندس، تہ مان! (مان کي بہ ڪائي اهميت ڪانهي) منهنجو وجود نہ هوندو. منهنجون خواهشون نہ هوندیون اميدون ۽ آسرا نہ هوندا. ڪجهہ بہ نہ هوندو. هڪ عجيب ۽ ڏکوسلسلو آهي، جو هلي پيو. آخر ڪنهن ناهي آهي منهنجي هيءَ اڻ پوري، بي ترتيب ۽ ٽٽل زندگي جنهن ۾ سياڻي جي بہ خبر نہ آهي، تہ چا ٿيندو؟ جنهن ۾ خسيس خواهشون بہ پوريون نٿيون ٿين..... هر وقت پنهنجي سچاڻپ جي گم ٿيڻ جو احساس ٿئي ٿو ۽ اها حقيقت آهي تہ ڪنهن ڪنهن مهل مان پنهنجي پاڻ کي بہ سچاڻي نہ سگهندو آهيان. ڪيترا پيرا آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسندس. غور سان ڏسندس ۽ ڏسندو رهندس تہ هي چهرو ڪنهن جو آهي؟ (رابيل چوندي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن مون کي توهان مان ڊپ ٿيڻ لڳندو آهي۔ هڪ پيرو مان ائين ستو پيو هوس تہ رابيل مون کي اچي اڌاريو هو۔ مان چرڪ پري اٿي وينو هو ۽ ڪا مهل هن کي ۽ پنهنجي پاڻ کي ڏسڻ لڳو هوس. سچاڻي نہ سگهيو هوس هن کي ۽ پاڻ کي!۔ ۽ پوءِ هن ئي ٻڌايو هو تہ ڪيس مون اجنبي نظرن سان ڏٺو هو۔ هن کي ڊپ لڳو هو، تہ اڳي وانگر شايد وري بہ مان..... الائي چا. سپ وسري ويو اٿم. (ڏهني بيمار بہ تہ ڪو شروع کان وٺي آهيان.) هن زندگيءَ ۾ ڪيڏي نہ اجنبيت آهي. ... هيءَ اجنبيت، بيزاري..... مون کي هر شيءِ کان نفرت آهي. نفرت آهي هر انهيءَ وجود کان، جنهن جو مون کي هن دنيا ۾ آٽو ۾ حصو رهيو آهي. پنهنجي "سئٽسفڪشن" حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪنهن ٽئين وجود کي، ان جي مرضيءَ بنا، هن دنيا ۾ آڻي، زندگيءَ جي بي رحم وهڪرن ۾ اڇلائڻ۔ ڪٽي جو انصاف آهي؟ صرف هڪ رات۔ ها، صرف هڪ رات هڪ مرد ۽ عورت پاڻ ۾ گڏ نہ گذارين ها، تہ مان پيدا نہ ٿيان ها! هاڻي سچي زندگي پتڪندو رهندس الائي ڪيستائين؟..... (آخر اسين جيئون چو ٿا؟)

هي ڊپ، هي خيال، زندگيءَ جون اڪيلايون، اڪيلي سر پوڳٽيون آهن. ڪا اهڙي هستي ڪانهي، جيڪا هن زندگيءَ جي ڏکوئي پنڌ ۾ ساڻ ڏئي. ڪجهہ نہ ڪجهہ هئڻ کپي. حقيقي نہ تہ ڪٽي خيالي. ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جو ساڻ ضروري آهي. زندگيءَ ۾ ڪا

رنگيني ڪانهي. لڳي ٿو ته زندگيءَ جي هنن اونداهين ۾ ڪو صبح ٽيٽو ڪونهي- صرف اونداهيون ۽ اڪيلايون آهن. پر هيءُ اڪيلايون سدائين ته نه ميون. زندگيءَ ۾ ڪئين دلچسپيون آيون ۽ هليون ويون. هيءَ منهنجي طبيعت به ته عجيب آهي نه! جڏهن اڪيلائپ نه هئي، ته به بيچيني ٽيندي هئي -

۽ اج جڏهن تنهائي آهي، ته به بيچيني ساڳي آهي. شايد اڪيلو رهڻ وڌيڪ پسند ٿو ڪريان. ڪنهن به ڳالهه سان ناهه نٽو ڪريان ۽ ڪڏهن به ڪري نه سگهندس. انهيءَ ڳالهه جي ڪري مون پنهنجي پاڻ کي ڪيترو نه ڏکايو آهي! ها، ناهه ڪيو هوم رابيل سان ۽ اج ياد به ته صرف رابيل بيٺي آهي. پر رابيل ڇو ساڻ ڏيئي نه سگهي؟ اج رابيل ناهي، ته ڇا اُن جي ويڑ تي پڇتايان پيو؟ نه بلڪل نه (!!) مان ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه تي پڇتايو نه آهي. ڪڏهن به ڪونه پڇتائيندس. منهنجو ڏوهه به ته ڪونهي. پاڻ ئي ته چيو هائين، "توهان سمجهيو ڇو نٽا، ته توهانجي ۽ منهنجي هڪ ٻئي کي حاصل ڪرڻ جي ڪلپنا هاڻ ٽيٽي آهي!"- مان زندگيءَ جي هنن اڪيلائين کان گهبرايان نٽو. ڪڏهن به ڪونه گهبرائيندس. اج رابيل اڪيلايون ڏيئي ويئي هلي، ته به ڪنهن ڳالهه جو احساس..... ۽ جڏهن هئي..... روزهن سڻ ملڻ جو ٽائيم.....

اُها اُداس شام، جڏهن هوءَ آخري پيرو مون سان ملڻ آئي هئي..... سڀ ڪيڏو نه اج عجيب ٿو لڳي. جڙ هڪ سپنو هو. اک کلي ته ڪجهه به نه رهيو. هڪ پيرو اک کلي هئي ته هنکي ڏٺو هوم. ٻيو پيرو اک کلي ته اکين اڳيان ڏوڙ ئي ڏوڙ هئي. صرف يادون هيون ۽ مان هئس..... پر اهو سڀ رومانسزم آهي- ۽ هاڻي ان رومانسزم کان سخت نفرت، اٽم. مون سڄو وقت ان رومانسزم خوابن ۽ خيالن ۾ گذاريو. پورو وقت سپنا ڏسندو رهيس ۽ انهن ۾ گم رهيس، ايڏا به رهان پيو- ۽ ڪائي ڪيستائين رهندس؟ هي سپنن ۾ رهڻ وارا به سڄي زندگي ڪيڏو نه ڏک ۽ تڪليفون ڏسن ٿا. هر ڳالهه آدرش. پيار آدرش..... (هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور زندگي بدلجندي.... ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن هنن اونداهين ۾ پرهه ڦٽي ٽيندي)..... حساس دل ماڻهوءَ جو هن دنيا

۾، جتي صرف ڏک آهن، اڪيلايون آهن، زندگيءَ جون بيوفائيون آهن- هلڻ ڏاڍو ڏکيو آهي! ۽ سپنن ۾ گم رهڻ وارا ماڻهو، جن جون طبيعتون پنهنجي ڪنٽرول ۾ نه آهن، تن لاءِ ڪهڙي راهه آهي؟ راهه صرف هڪڙي آهي. نه، ڪا راهه ڪانهي. اهي پنهنجو انت پاڻ آڻين ٿا- جيئن مان پنهنجي پاڻ کي "ٽارچر" ڪري رهيو آهيان.

پر هي خيال، هي سوچون منهنجو پيڇو ڇو نٿا ڇڏين؟ مان انهن مان تنگ آهيان. هي سپ مون کي ماري ڇڏيندا. مان جيئڻ چاهيان ٿو. ڪجهه ڪرڻ جي تمنا اٿم. منهنجا ڪيترا سپنا آهن. اميدون ۽ آسرا آهن. زندگيءَ کي بدلائڻ جا خيال آهن. ڇا اهي سپ ائين.....؟ ڪجهه ڪري ٻه سگهندس، ها ائين انهن اونداهن پيچرن تي روشنيءَ جي ڳولا ۾ مارجي ويندس؟ ڪا ڄاڻ نه اٿم..... پر شايد مان اڪيلي سر ڪجهه ڪري ٻه نه سگهان؟ هيءَ زندگي صدين کان وٽي هلندي اچي، هلندي رهندي. مون جهڙا ڪيترا جن ائين مون وانگر هن زندگيءَ کي بدلائڻ جا سپنا لڏا هوندا، مٽيءَ ۾ ملي ويا- ۽ اڄ خبر ناهي ڪٿي آهن؟ سپ وقت جي بيرحم وهڪرن ۾ پنهنجن سيني سپنن سميت گم ٿي ويا. مان ٻه ائين.....؟ ۽ زندگي پنهنجي پوري قوت سان اڳتي وڌندي رهندي- (انهيءَ تيز رفتار ترين وانگر جيڪا نندڙين اسٽيشنن تي نه بيهندي آهي.) اهو نه ڏسندي، ته ڪيترا ماڻهو پنهنجون اميدون ۽ آسرا سيني ۾ سانڍيو، اکين ۾ ڪنهن صبح ٽيڙ جو اوسيئڙو رکيو، انهيءَ بيرحم تيز رفتاريءَ جو مقابلو نه ڪري، پوئتي اونداهيءَ ۾ رهجيو وڃن! هر طرف کان اونداهي آهي.

اسين سپ زندگيءَ ۽ موت جي اونداهي ڪاريڊور ۾ بيٺل آهيون. مفاصلو ڊيري ڊيري گهٽجندو وڃي. آخري سيما موت آهي. موت جي قدمن جو هلڪو هلڪو آواز ٻڌڻ ۾ پيو اچي، جو هڪ ڏينهن اوچتو اچي اڳيان بيهندو! ..... زندگيءَ ۽ موت جي انهيءَ اونداهي ڪاريڊور ۾ مفاصلو طئ ڪندي ڪندي، ڪڏهن ڪي ٽڪراءُ ٻه ٿين ٿا. گهڙيءَ لاءِ ڪو چهرو ٽڪرائجيو وڃي- ۽ پوءِ وري ساڳيو پيانڪ سناٽو(چهرا گهٽا آهن؟.... ٻه، نه.... ٽي، پر ياد سدائين اهو هڪڙو چهرو بيهي ٿو، جيڪو پهرين ٽڪرجي ٿو. ٻيا پوءِ ان جا عڪس ٿين ٿا.....)

سناتو.... سوچ ۾ صرف سوچ..... سردين جي هڪ اُداس شام....

ڪيڏي نہ وٽندڙ هئي اها شام! (عجيب ڳالھ آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ يا شام آهي، يا رات....) اڪيلائپ هيم. رابيل هلي ويئي هئي منهنجي زندگيءَ مان. ڇالاءِ، سو مان اڄ بہ سمجهي نہ سگهيو آهيان. شايد ان ڪري بہ جو مان "آئيڊلسٽ" هوس. ان وقت انهيءَ آدرش کي حاصل ڪرڻ جي ڌُن هوندي هئي. سمجهندو هوس، تہ آدرش تان پنهنجو پيار بہ پينٽ چاڙهي سگهجي ٿو. پر ائين آهي بہ؟

اڄ محسوس ڪريان ٿو، تہ ڪڏهن ڪڏهن انسان پنهنجي پاڻ کي دوکو بہ ڏيندو آهي- پر اڳتي هلي ڪجھ وڃائڻ جو جڏهن احساس ٿيندو آهي، تڏهن پوءِ دل ۾ ڪئين ڪنڌا چيندا رهندا آهن. پر نہ، جيڪي ڪجھ ٿيو، نيڪ ٿيو. مان ئي غلط هوس. شايد زندگيءَ کي ايڏا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان. ان وقت بہ ڪونہ سمجهي سگهيو هوس. ڏينهون ڏينهن سائڪالاجيڪل ڪيس ٿيندو ٿي ويس. (اها حقيقت آهي، تہ مان هڪ "ائبنارمل" شخص آهيان. عجيب عجيب ڳالهين مان "سئتسفڪشن" ملندي اٿم. جيتروپيار زندگيءَ ۾ رابيل ڏنم، اوترو شايد ئي ڪا بي ڏيئي سگهي. هروپرو بہ هن سان روز رسي ويهندو هوس تہ جيئن اڇي مون کي پرچائي ۽ هوءَ منهنجا اهي انگل ڪٽندي رهي. پوءِ ايتروپيار هوندي بہ ڇو ائين ٿيو؟ ۽ انهيءَ آخري رات تہ مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو بہ پيرا سندس قدمن ۾ ڪري ڪيس التجائون ڪيون هيون تہ مون کي ڇڏي نہ وڃ!)- جڏهن رابيل هلي وئي هئي، تہ زندگيءَ ۾ ڪجھ نہ هئڻ جو احساس ٿيو هوم. پنهنجي ڏک کي وري بہ پنهنجي اندر ۾ لڪائي ڇڏيو هوم. تڏهن اهي شام جا پل اڪيلائيءَ ۾ سگريٽ پيئندي گذاريندو هوس- انهيءَ اُداس شام جو جڏهن منهنجي من جي اُداسي وڌيڪ گهري ٿي ويئي هئي، هوءَ اسان جي گهر آئي هئي- ڪيس ڏسندي مون کي لڳو هو تہ جڻ رابيل منهنجي اڳيان اڇي بينٽي هئي- ڊرائنگ روم ۾ ان مهل ڪائي انگريزي ڏن ڏيمي ڏيمي آواز ۾ وڄي رهي هئي. پاسي کان دريءَ مان تيز هوا هُن کي لڳندي، سندس وارن مان هڪ عجيب سڳنڌ پاڻ سان گڏ کڻي اڇي مون کي

لڳي پئي! هي ڇوڪريون سڀ هڪ جهڙيون آهن. هڪ جهڙي سڱندڙ هڪ جهڙا ڇهرا! (رابيل جي وارن مان ايندڙ سُڱندڙ جو واس ڪڏهن ڪڏهن ايڏا تائين محسوس ڪندو آهيان.) مون ڇانهه ناهيندي ڏاڍهنس ڏنو هو. سندس چهري تي هر هر وارن جي لٽ اچي ٽي ڪري. رابيل جا وار به ائين سندس چهري تي ڪرندا هئا۔ ۽ مان ٻنهي هٿن سان سندس وار مٿي ڪندو هوس ته ڪلندي چوندي هئي،- "توهان جا ۽ منهنجا وار هڪ جيترا آهن.... سياڻي ربن ڪٽي ايندیس ۽ اچي توهان جا وار ٻڌندیس...." ۔پلا ائين ڇو آهي ته شروع ۾ جيڪو چهرو دل اندر گهر ڪري ويهي رهي ٿو، پوءِ ساري زندگي هر چهري کي اُن چهري سان پرکجي رهجي ٿو. (ها، رابيل جو رنگ ڪٽڪائون هو.... الائي اڄ رابيل ڪيئن هوندي.... شايد مون کي به وساري چڪيو هوندائين.....؟!) ۔ڇانهه ناهي مون ڪيس ڏني هئي۔ هُن ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪنهن ڪنهن مهل مون ڏانهن پئي نهاريو ۽ منهنجي دل زور زور سان ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳي هئي. مان پوءِ اٿي وڃي ان دريءَ مان ٻاهر گهٽو پري الائي ڪنهن کي ڳولڻ لڳو هوس. ائين، جيئن ڪو صبح ٽيڻ جي اميد ۾ روشني جي ترووري ڏسڻ لاءِ بينو رهندو آهي!!

چند ڏينهن بعد.....

ڪنهن شاديءَ مان موٽندي هڪ ئي موٽر ۾ هڪ ئي سيٽ تي گڏ وينا هئاسين .موٽر ۾ رش گهٽي هئي ۽ مينهن پوڻ ڪري هر ڪنهن کي گهر پهچڻ جي جلدي هئي. ڪيڏو نه عجيب اتفاق ٽيو هو. هوءَ سڄي ڳاڙهي ٽي ويئي هئي. ماڻس چيو هو، "امان ويهي رهه ياءُ سان!" (مون کي ان مهل ياءُ لفظ تي سخت ڪاوڙ آئي هئي. ڪيڏا نه بي معنا آهن اهي لفظ! مان انهن رشتن ۽ ناتن کي ايڏا تائين نه سمجهي سگهيو آهيان). هوءَ ۽ مان ڊرائيور جي پر واري سيٽ تي سوڙها ٽيو وينا هئاسين. هلڪي هلڪي بوند وسڻ شروع ٽي ويئي هئي. رستي تي بينل وڻ، پاسن کان لڳل بتين جي لمبي قطار، جن جي روشنيءَ ۾ اسان جي ڪار هلندي پئي ويئي. سندس وار هوا ۾ هر هر اُڏامي اچي منهنجي چپن ۽ اکين کي لڳي رهيا هئا. هُن جي

ساهه ڪٽڻ جو آواز به منهنجي ڪنن ۾ اچي رهيو هو. مون کي لڳو هو، ته رابيل منهنجي پير ۾ ويٺي آهي- مون کي الائي ڇا محسوس ٿي رهيو هو- ۽ منهنجي دل ٿي هئي، ته هي رستو ايڇا به ڀڳو ٿيندو وڃي. موٽر ائين هلندي رهي- ۽ گهر ڪڏهن به نه اچي!

۽ اڄ هوءَ به نه رهي آهي- ڪيترا دفعا آئي. مون کي ڏسي مُرڪندي. منهنجا ڪتاب ڪٻٽ مان ڪڍي، مون سان بحث ڪندي. ۽ مان.....؟ ڪنهن به ڳالهه جو اظهار نه ڪري سگهيس- ڪيس ڏسندي مون کي رابيل ياد پوندي. رابيل جون ڪاريون ۽ اُداس اکيون ياد پونديون. ننڍڙا ڳاڙها سنهڙا چپ ياد پوندا- مون کي هُن مان رابيل جي سئٽسفڪشن ملندي هئي- پر پوءِ به مان خاموش رهيس. الائي ڇا ٿيو مون کي ان وقت؟ هوءَ ايندي ته منهنجا چپ خشڪ ٿي ويندا. صرف هُن جي چهري ڏانهن ٻيو نهاريندس. ڇاهيندس ته روز اچي. نه ايندي ته رُسي ويهي رهندس. مون کي رُنل ڏسندي ته چوندي، "مان توهان سان ٿوروئي ٿي ملڻ اچان؟" منهنجي چهري جو رنگ ڦري ويندو ته ڪلي ڏيندي. سندس اکين ۾ گهٽا ئي سوال هئا ۽ مان انهن سوالن کي پڙهڻ کان پوءِ به انهن جا جواب نه ڏيئي سگهيس. ڇاڪاڻ جو مون هڪ پيرو رابيل کي چيو هو ته مان سڄي زندگي تنهنجي ياد ۾ گذاريندس!" ڇا مان خود غرض نه هوس؟ رابيل ته مون کي اڪيلايون ڏيئي ويئي هئي. ۽ هن ..... هِن ته انهن اڪيلاين ۾ ساڻ ٿي ڇاهيو- پر منهنجي هٿ ۾ به ڪجهه نه هيو. ڇاهيو هوم ڪيترائي پيرا، ته انهن سوالن جو جواب ڏيان. روز تياري ڪندس. ايندي ته "ڪنفيوز" ٿي ويندس. اکين اڳيان رابيل اچيو بيهندي. ها، جڏهن جواب ڏيڻ ڇاهيم، تڏهن هوءَ.....

هاڻي جڏهن ڪير به نه رهيو آهي، ته اڪيلايون وڌيڪ ڏنگڻ لڳيون آهين. ڏهن تي ايڇا به صرف رابيل جي ياد ڇانيل آهي- يادون سدائين آهن- پر سياري جي ڏينهن ۾ اهي وڌيڪ چٽيون ٿي بيهنديون آهن. جڏهن به مون کي اهي چانڊوڪي واريون راتيون ياد ايندیون آهن، جي مون رابيل سان گڏ گذاريون، ته ساهه کي هڪ عجيب مونجهه ٽيڙ لڳندي آهي. ننڍ ته ڪڏهوڪي پاڻ سان رابيل ڪٽي ويئي، پر اڳي جيڪو ڪجهه دل کي ڪوڙو سڪون هوندو هو، سو

بہ اُڏامي ويو۔ ۽ هاڻ بہ جڏهن مون کي سياري جي ڏگهين راتين ۾ ننڊ نہ ايندي آهي،– تہ مان دريءَ مان بيهي سگريٽ پيئندي گهٽو پري وٽن کان بہ پرتي اونداهيءَ ڏانهن ڏسندو آهيان. (جڙ ڪنهن نہ ڪنهن مهل رابيل انهن اونداهين مان مون وٽ لنگهي ايندي. سُتو پيو هوندس تہ اچي اٽارينديءَ.) وٽن جي مٽان پريان اونداهيءَ ڏانهن ڏسندي، ڏهن تي هو پراٽو گيت تري ايندو اٿم:

Under the green wood tree,
Who loves to lie with me,
Come hither, come hither, come hither,
there is no enemy....
but winter and rough weather!!"

پر هي سڀ ڳالهيون آءٌ هر وقت چو ويٺو سوچيان؟ سوچيندي سوچيندي بہ تہ ڪيڏو نہ عرصو ٿي ويو اٿم. مان تہ ڪڏهوڪو انهن مان جند ڇڏائي ڇڪو آهيان. اِن واهيات رومانٽزم کان مون کي سخت نفرت آهي. (پر ڪنهن کي وسارڻ بہ تہ ڏاڍو ڏکيو آهي!) هاڻي مون کي پنهنجون هي اڪيلايون پياريون آهن. منهنجي زندگيءَ ۾ هاڻي ڪوبہ اڇٽو ڪونهي..... (اڙي، هي ڇا؟ منهنجي اکين مان هي ڳوڙها ڇو وهي آيا؟ ڇا مان روئان پيو. نہ، نہ. مان تہ رابيل کي بہ وسارڻ چاهيان ٿو. وساري ڇڏيندس سڀ ڪجهہ؟ پوءِ ڇو رُنم؟) ڪوبہ هاڻي نہ ايندو؟ نہ ئي ڪنهن جو مون کي انتظار آهي.... زندگي سڄي ڏينهون ڏينهن بي معنائيءَ جي ڏنڊ ۾ گُم ٿيندي وڃي..... مفاصلو، زندگي ۽ موت جي اونداهي ڪاريڊور جو گهٽجندو وڃي. موت جي سيما ويجهي اچي پئي. موت بہ ڪيڏو نہ پيارڪ آهي..... سڀ ڪجهہ ختم ٿيندو پيو وڃي..... زندگي، پيار، سڀ بي معنا آهن. سڀ ڪجهہ موت ۽ زندگيءَ جي انهيءَ اونداهي ڪاريڊور ۾ لڪندو وڃي. ۽ مون لاءِ هن استيج تي، نہ زندگي حسين آهي۔ نہ موت!!

هاڻي ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تي نہ سوچيندس. هيءَ زندگي جيئن آهي، تيئن رهندي. انسان جي چئني پاسن کان دک تڪليفون، اڪيلايون، زندگيءَ جون بي رحميون، ڪڏهن بہ پوريون نہ ٿيندڙ خواهشون، اُميدون ۽ آسرا پکڙيا پيا آهن..... ۽ انهن سيني جي وچ ۾،

زندگيءَ ۾ موت جي بي معنائيءَ واري ڏنڊ ۾، دنيا جو ازلي ۽ ابدي انسان تنها بيٺو آهي-. جڙ ڪنهن جنگ جي ميدان ۾! پر مقابلو ڪنهن سان آهي؟ زندگيءَ سان، ڏکن سان يا پنهنجو پاڻ سان؟- هر ڪو ماڻهو انهيءَ جنگ ۾ قاتل آهي. هر ڪنهن کي ڪائي ڳولا آهي.... پر گم چا ٿي ويو آهي؟ ڪنهن کي آخر ڪنهن جي ڳولا آهي؟ ڪا خبر ڪانهي. مون کي لڳي ٿو ته هيءَ سڄي جنگ ايگزسٽنس Existence ۽ آئيڊنٽي Identity جي آهي- ۽ منهنجو ايگزسٽنس ۽ آئيڊنٽي ٻئي گم ٿي چڪا آهن. مون کي ٻنهي جي ڳولا آهي!!

۽ هاڻ؟؟

ٻاهر منهنجي دريءَ کان تيز هوائون هلڻ وري شروع ٿي ويون آهن. لان ۾ بيٺل سرنهن ۽ نم جي وٽن مان اهي هوائون سيسات ڪنديون مون کي احساس ڏيارينديون پيون وڃن، ته هيءَ زندگي ڪيڏي نه اُداس، بي رنگ ۽ تلخ آهي! سياڙي جي مند هڪ پيرو وري اچي ويئي آهي ۽ مان بنا ڪنهن احساس جي هيءَ يڪسانيت ۽ هڪ جهڙائي واري زندگي گذاري رهيو آهيان. (هاڻ ته ان هڪ جهڙائيءَ واري زندگيءَ مان بيزار ٻ نٿو ٿيان!) ڪو وقت ٿيو، جو منهنجي زندگي بدلائڻ جا سپنا، اميدون، آسرا ۽ ٻيو ٻ ڪجهہ، ڏنڊ لا ڏنڊ لا پڄجي ويا..... شايد سپنا ساڀيا ٿيڻ کان اڳ ڦُٽي ويا!

هينئر شام جو وقت آهي. ساڃي اُداس، ڦڪي، ٽڪائيندڙ ۽ هڪ هنڊ بيٺل شام! هوا لڳي پئي، پن هوا ۾ ائين ئي چڙندا پيا وڃن. مان ڪنهن ڪنهن محل دريءَ مان ٻاهر نهاريان ٿو ۽ سامهون ڍڳو رستو سنسان آهي. شام جي ميرانجهري پيلاڻ ڏيري ڏيري اونداهيءَ ۾ بدلجندي وڃي. رستي تي لڳل ٽنين ۾ بتيون ٻرڻ شروع ٿي ويون آهن. مون کي انهن جي مڌم مڌم روشنيءَ ۾ هي ڍڳو رستو، تيز هوا جا گهوگهٽ ۽ اُن ۾ اُڏندڙ چڻيل پن، سڀ عجيب عجيب پيو لڳي. شام جي اداسي ۽ خاموشي وڌيڪ گهري ٿيندي وڃي- ۽ مان آهيان، جو سوچان پيو ته هيءَ ڍڳو ۽ ٽڪائيندڙ مند خبر ناهي ڪڏهن پوري ٿيندي؟ (منهجو ساهہ منجهي پيو. دل ٻڏي پيئي..... ۽ هر روز هن محل ائين محسوس ڪندو آهيان.)

(ڏرتي، 1976ع)

احساسن ۽ جذبن جو موت

زندگي.

اڄ.

سُپان.

۽ پوءِ ٻہ!

جيئن آهي، تيئن هلندي رهندي. ائين بنا ڪنهن معنيٰ ۽ اهميت جي وقت سان گڏ!

وقت، جنهن کي ڪا اهميت ڪانهي! ڏوڙي پيو پنهنجي پوري تيز رفتاريءَ سان. ڪيترن ئي ماڻهن جي اڻپورين خواهشن، اميدن ۽ سپنن سان گڏ!

وقت.....؟

اميدون.....؟

خواهشون.....؟

سپنا.....؟

زندگي.....؟

۽ اهميت سڀ کان وڌيڪ خواهشن کي. اهميت آهي. اهميت هڻڻ کپي، يا نہ۔ اُن جي ڪائي ڄاڻ ڪانهي ۽ شايد ڪنهن ٻہ چيز کي اهميت ڪانهي. جيڪڏهن هجي ٻہ تہ ڪوئي فرق نہ پوندو. ڇاڪاڻ تہ اهميت ڪجهہ وقت لاءِ هوندي آهي ۽ جيڪا ڪجهہ وقت لاءِ هجي، تنهن جي پڻ ڪا اهميت نہ هوندي آهي..... زندگي، وقت، اُميدن، خواهشن ۽ سپنن کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي اهميت هوندي ٻہ ڪا اهميت ڪانهي!

زندگي+ خواهشون+ وقت+ انسان.

خواهشون، ايتريون جن جي ڪا ڳٽپ ناهي. خواهشون سدائين هڪ جھڙيون ناهن. خواهشون جن جي پيڙ ۾ قاتل، هٿوراڙيون هٽندڙ انسان، جنهن کي چونڊ ڪرڻ يا فيصلي ڪرڻ جي ڪا شڪتي ناهي!

خواهشون، ڪيترن ئي انيڪ قسمن جون! خواهش، هڪ قسم جي هيءَ به آهي ته روز شام جو سامهون پٽ تي ڪيترائي جھرڪ ۽ جھرڪيون ويهي پاڻ ۾ ميلاپ ڪندا آهن ۽ مان چپ چاپ ويهي، الائي ڪيتري دير تائين انهن کي شوق سان ڏسندو آهيان..... ڪجھ ڏينهن کان اُهي الائي ڇو اُن پٽ تي نٽا ويهن. دل چاهي ٿي، اهي روز اِن پٽ تي ويهي پاڻ ۾ ميلاپ ڪن ۽ مان چپ چاپ ويهي انهن کي ميلاپ ڪندي ڏسان! (۽ منهنجي ماءُ چوندي آهي ته مان ڏاڍو باجھ وارو آهيان، جو پنهنجي مانيءَ مان ٽُڪريجي، روز جھرڪين کي ٽوڪارايان.)

وقت، تيز هوا جو ڪوئي جھوٽو! وقت ڪنهن وهڪري جيان وهندڙ، جنهن ۾ سپ ڪجھ لڙهندو وڃي. وقت جيڪو هلي پيو، هلندو رهندو، هر ڪنهن کي پويان ڇڏيندو وقت، جنهن جي ورڻ جي ڪلپنا سدائين من اندر ۾ ڪر موڙيندي رهندي آهي. وقت، سياري ۾ وهندڙ سنڈو درياھ! ڏيري ڏيري وهندڙ سنڈو درياھ، جنهن ۾ ڏيري ڏيري ڪائي وڻ جي سُڪل ٽاري، پنهنجي مرضيءَ بنا لُڙهندي وڃي!

زندگي، پَن- جھڙ ۾ ڦيراتيون پائيندڙ ڪوئي پيلو بَڙ جو پَن! (زندگي، موهن ڪلپنا جي ڇڏيل سيوهاٽي گھٽي ڪوٽڙي جي اُها ماڙي، جنهن کي ڇڏڻ معل هُن خبر ناهي ڇا سوچيو هوندو؟)

انسان.....؟ (!) ؟+؟+؟+؟+؟!

زندگي.

خواهشون.

وقت.

انسان (معنيٰ، ڪنهن به چيزکي ڪانهي.)

ارٿ- هيٺ دنيا. انسان، ٽيڪنالاجي، فلاسافي يا ڪنهن به

ٻي چيز کي ڪا معنيٰ ڪانهي! فقط سوڙهين گهٽين، اونداهين گهرن ۾ ڪليل آڪاس جي هيڻان بند ۾ گهٽيل گهٽيل زندگي!..... ڪليل آڪاس هوندي به ڪنهن قيد جو احساس. اهڙو احساس، جيڪو مون کي ڪنهن اُڏوهي جيان هر وقت کائيندو رهي ٿو. ۾ انسان انهن سيني ۾ بند ٿيل اُهو قيدي، جنهن جي ٻاهر نڪرڻ جا سيئي رستا ڏينهون ڏينهن بند ٿيندا وڃن!..... (چوهيءَ چيو: الا، افسوس دنيا ڏينهون ڏينهن تنگ ٿيندي وڃي. شروع شروع ۾ اها ايڏي ته وڏي هئي، جو مون کي ڊپ لڳندو هو ته مان ڊوڙندي ۾ پڄندي رهنديس. مون کي اها ڏسي خوشي ٿي ته منهنجي کاٻي ساڄي پٽيون آهن. پر اهي پٽيون هاٿي ايڏو ته ويجهو اچي ويون آهن، جو مان آخر ڪمري ۾ پهچي ويئي آهيان، جنهن جي ڪُنڊ ۾ دري آهي، جنهن ۾ مان گهڙڻ تي مجبور ٿي چوندیس.) [1]

ڏٺو هئم هڪ پيرو ڪليل آڪاس ڏانهن. محسوس ٿيو هئم، يا شايد ڊپ ٿيو هئم زندگيءَ کان، زندگيءَ جي من منجهائيندڙ قيد کان ۾ ڪليل آڪاس کان! انسان هيڏي وشال آڪاس جي هيڻان به پاڻ کي ڪوئي قيدي ٿو محسوس ڪري. شانتي، ماڻ ۾ سُکون ڪٿي به ناهي. مُکتي ڪٿي به ڪانهي. انسان بنا ڪنهن سوچ ۾ سمجهه جي، زندگيءَ جي هن اُجاڙ ۾ سنسان ديوارن سان مٿو ٽڪرائي رهيو آهي ۾ الائي ڪيسين تائين مٿو ٽڪرائيندو رهندو. شايد ٻئي دور جو ايندڙ انسان به مٿو ٽڪرائيندو، ائين ساڳي ريت اسان جيان! ۾ ڪافڪا چيو آهي: هر شيءِ فريب حواس آهي. ڪتب، دفتر، دوست، بازار، عورت، سڀ فريب آهي. جيڪي ڪڏهن ويجهو اچن ٿا ۾ ڪڏهن پري ٿي وڃن ٿا. ويجهي ۾ ويجهو سڀ هيءُ آهي ته مان هڪ اهڙي تهخاني جي پٽ سان مٿو ٽڪرائي رهيو آهيان، جنهن جا نه دروازا آهن نه دريون! [2]

---

(1) ڪافڪا

(2) ڪافڪا پنهنجي ڊائريءَ مان.

ـ مان گھٽو ڪجھ ڪيو، پر توهان مان وريو ڪجھ به ڪونہ!

پر، هو ڪير هو؟

پيءُ جو نالو رکندڙ اهو انسان، جنهن کان نفرت هئم، نفرت ڇو هئم، ۽ ڪڏهن کان هئم، اهو ياد ناهي. ڪرپ، نفرت، سخت نفرت. ايتريقدر جو هُن هڪ پيرو پاڪر پاتو هوم تہ اُن محل سخت ڪرهت لڳي هئي، انهيءَ پيءُ جي نالي رکندڙ اجنبي شخص کان. پيءُ جو نالو سڏائيندڙ شخص، جيڪو گھر ۾ رهندي به سدائين اجنبي ۽ اوپرو لڳندو هو. اجنبي ڇو لڳندو هو، اُن تي ڪڏهن غور نہ ڪيم. غور ڪرڻ به ڪپندو هو يا نہ، اُن تي ڪڏهن به نہ سوچيم..... ۽جيڪڏهن غور ڪريان ها، تہ انهي پيءُ جي نالي رکندڙ شخص تي رحم اچي ها. رحم مون کي پنهنجي پاڻ تي به نہ ايندو آهي .جڏهن پنهنجو پاڻ تي نہ ايندو آهي، تہ ڪنهن ٻئي شخص تي رحم ڪيئن اچي ها!... رشتا ۽ ناتا ڏينهون ڏينهن پنهنجي پنهنجي معنيٰ ۽ اهميت وڃائي رهيا آهن. هڪ ڏينهن صفا وڃائي ويهندا. انسان ڏينهون ڏينهن رشتن ۽ناتن جي سگھ کان پاڻ ڇڏائيندو وڃي!..... هرڪو ماڻهو انهيءَ من استتي ۾ قاتل آهي. هڪ ڏينهن هرڪو انهن رشتن ۽ ناتن جي چڪر مان پاڻ ڇڏائي آجو ٿي، وري ڪن ٻين ڪششن جي ٻگولا ۾ نڪري پوندو. هر چيز ۾ ڪاڻ ڪا ڪشش هوندي آهي ۽ ڪشش هر رشتي لاءِ هوندي آهي..... ماءُ لاءِ وڏيڪ، پيءُ لاءِ گھٽ ۽ ٻيڙ لاءِ سپ کان وڏيڪ! ۽ شايد سپ کان وڏيڪ ڪشش عورت ۾ ٿئي ٿي. عورت، جيڪا هڪ ئي وقت ٻيڙ، ماءُ ۽ زال آهي، پر ڪشش ڪڏهن ٻ ساڳي ڪاڻ هوندي آهي. (ڪشش، سپ کان پهرين ماءُ ۾ ٻگولیندا آهيون، پوءِ ٻيڙ ۾. ٻيڙ نہ هوندي آهي تہ پوءِ دوست ۾. ۽ جڏهن دوست مان بيزار ٿيندا آهيون تہ پوءِ "براڻل" ۾ وڃي ڪنهن سستي ريٽ واري رنڊيءَ مان سپ ڪجھ حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهيون!.... ڪشش صرف پيءُ لاءِ نٿي ٿي سگھي. خبر ناهي ڇو؟)

سپ چون ٿا:

هو مري چڪو آهي!

پر، هُن آتم هتيا ڪئي چو؟

۽ مون کي اڄ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو انهيءَ شخص جي جيون تي ڏک ٿي رهيو آهي، جنهن کان مان سڄي زندگي نفرت ڪندو رهيس، (پر دک ٿئي ٻہ پيو..... ۽ نہ ٻہ.) آخر انهيءَ شخص جي ستر سالن جي زندگيءَ جو مقصد ڇا هو؟.... اُن جي معنيٰ، انهيءَ شخص جي سڄي زندگي اجائي ويئي!؟.... هن کي سواءِ نفرتن جي ٻيو مليو ڇا؟ نفرت، زال جي. نفرت اولاد جي، ۽ ٿي سگهي ٿو، مرڻ کان اڳ هن کي پنهنجو پاڻ کان ۽ پنهنجي ستر سالن جي زندگيءَ کان ٻہ سخت نفرت ٿي هجي.....!.....؟

هو ڪنهن جي ڪٿ تي نہ ويهندو هو..... نفرت!

هو پنهنجي گلاس کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي گلاس ۾ پاڻي نہ پيئندو هو.....نفرت!

هو پنهنجي ڪرسيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ ڪرسيءَ تي نہ ويهند هو..... نفرت.

هن جي ڪائڙ جا ٽانوَ الڳ هئا..... نفرت!

هو ٻين سان گڏ ويهي ماني نہ کائيندو هو..... نفرت.

هو کنگهندو هو..... نفرت!

هو کانگهارا اُڇلائيندو هو..... نفرت!

هو سپ چاهين ٿا: مان روئان!

روئڻ مون کي نہ ايندو آهي. روئڻ ڪپي ٻہ نہ. جنهن لاءِ نفرت هئم، جنهن کان ڪرهت هئم، انهيءَ لاءِ مان نہ روئندس. ڪڏهن ٻہ نہ روئندس. هن جي مرڻ جو دک صفا نہ ٿيو اٿم. دک ٿيڻ کپندو ٻہ هو يا نہ، اهو نٽو ڇاڻان. ڇاڻڻ ٻہ نہ کپي. ڇاڪاڻ تہ ڇاڻڻ جي پويان ئي سپ ڪجهہ سمايل هوندو آهي ۽ مان اهو سپ ڪجهہ ڇاڻڻ نٽو چاهيان. مون کي هن جي مرڻ تي، ائين اوچتي مرڻ تي فقط هڪ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ احساس ٿيو آهي.

۽ مان انهن ماڻهن جي هجوم مان ٻاهر نڪري آيو آهيان!

ٻاهر بہ ماڻهن جو هجوم آهي. جاتل سجاتل ۽ اڻ جاڻ ماڻهن جي هڪ پيڙ هر ڪنهن قسم جي آهي. پيڙ انسانن جي! پيڙ موٽرن، گاڏين ۽ رڪشائن جي!

هلي رهيو آهيان، ڏيري ڏيري انهيءَ پيڙ منجهان. چپ چاپ، اڪيلو اڪيلو فٽ پاٽ تان پنهنجي راهہ بنائيندو، ٽڪل ٽڪل قدمن سان هلي رهيو آهيان. رستي جي ٻنهي پاسن کان ڪليل هٽن ۾ بہ ماڻهن جي پيڙ آهي. روڊ تان تيزيءَ سان گذرندڙ موٽرن، رڪشائن، سائيڪلن ۽ ٽانگن جي پيڙ ۾ انسان گم ٿي وڃي- ۽ گم ٿيڻ چاهي ٿو انسان، سيني ٻگالهين کان مُڪت ٿيڻ لاءِ. پر ڪو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي..... پڃڻ چاهي ٿو هر ڪو انسان، زندگيءَ کان، زندگيءَ جي دکن کان، سکن کان. خوشين کان، غمن کان، احساسن کان، جذبن کان ۽..... پنهنجي پاڻ کان!.... هڪ نہ هڪ ڏينهن احساس ۽ جذبا بہ نہ رهندا. ڏک سک غم ۽ خوشي جا جذبا وقتي آهن. پنهنجن ئي ناهيل نڳيءَ جي ناهن ۾ انسان ڪاتل آهي. ڪاتل رهندو هڪ دور تائين. ٻيو ڪو دور انهن سيني کان پلاند آجو ڪرائي ويندو ۽ پوءِ رهندو ويجي فقط مشيني انسان.

۽ مان هن رستي تان، بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي هلي رهيو آهيان، اهو وساري تہ ڪڏهن ڪنهن دور ۾ مون جهڙا ئي ساڳيا انسان ائين مون وانگر سوچيندا هليا هوندا. هي سامهون کان بيٺل پيليون پيليون اُداس ماڙيون ائين ئي بيٺل آهن، بيٺل رهنديون، پنهنجن رهندڙن کان سواءِ! (۽ هوءَ ماڙي خبر ناهي ڪنهن جي آهي، جنهن جي متان لکيل آهي: ڪملا ڪاٽيج 1940ع.) ماڙيءَ جي سامهون نور محمد هاءِ اسڪول جي هٽن ۾ ماڻهن جي پيڙ آهي ۽ هٽن جي پريان اسڪول جي ڪلاسن مان چوڪرن جي گوڙ جو آواز اچي رهيو آهي. خبر ناهي ڪهڙا چوڪرا پڙهندا هوندا؟..... اسڪول بہ اسان جيان پراچين آهن، جن کي پنهنجو اتهاس آهي. جيڪي انسان جيان پراچين هوندي، اتهاسڪ هوندي بہ گمنام آهن، پنهنجي معنيٰ ۽ وجود

هوندي به، کين کا معنيٰ ڪانهي. ڪو وجود ڪونهي!

(هلي رهيو آهيان بنا ڪنهن مقصد جي، بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي!)..... ڪا رڪشا تيزيءَ سان منهنجي پاسي مان لنگهي وڃي ٿي. لڳيم ها اها رڪشا زور سان ۽ ڪري پوان ها روڊ تي. ماٹهن جي پيڙ گڏ ٿئي ها. اسڪول مان موٽندي ڪا ڇوڪري، هڪ نظر رحم واري وجهي اڳيان وڌي وڃي ها.

سامهون کان ڪا ڇوڪري اچي پئي. هٿن ۾ ڪتاب، نڪ ۾ ڦُلي ۽ اکيون اداس اداس، جن جي هيٺان ڪاراڻ آهي. خبر ناهي هيءَ ڇوڪري ڪير آهي؟ هڪ ئي هنڌ بيهي رهان ٿو. ڪا مهل انهيءَ ويندڙ ڇوڪريءَ کي ڏسندو رهان ٿو. دل چوي ٿي، انهيءَ ڇوڪريءَ جي هٿن مان ڪتاب ڦري، ڪيس پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چوان! ڊپ ٿئي ٿو، ماٹهن کان، ماٹهن جي پيڙ کان! ماٹهو هر ڳالهه ۾ هروپرو به ٽپي پوندا آهن. کين ٽپي پوڻ به ڪپي. محرومي ۽ Jealousy هر انسان ۾ آهي. هئڻ به ڪپي. (ايڏا ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن، جو بازار ۾ مار کاڌي اٿم. هڪ عورت جي ستر کي هٿ لائڻ جي الزام هيٺ. هٿ ڪنهن ٻئي ماٹهو هنيو. ان ماٹهوءَ جي پويان مان هئس. هو نڪري ويو، ۽ مار مون کاڌي هروپرو.)

ڇوڪري ته الائي ڪٿان کان وڃي نڪتي. مان وري هلڻ شروع ڪريان ٿو. هلندو رهان ٿو ۽ مان ڇاهيندو آهيان، زندگي ائين رستن تان هلندي هلندي پوري ٿي وڃي. ۽ ائين اوچتو پوري ٿي ويئي، ته پوءِ شايد دک ٿئي..... اڪيلو اڪيلو هلڻ ۾ جيڪو سڪون ملي ٿو، اهو سڪون ڪٿان به نٿو ملي، سڪون ملي به ٿو ۽ نه به. پر سُڪون ملندو به ڪيئن؟ ۽ ملي به نه سگهندو. هتي هن دنيا ۾ جتي انسان انسان جي پويان آهي، اتي ڪجهه به نه ملندو..... دنيا جي ڪا ڪنڊ، ڪوئي هنڌ اهڙو به ته هجي، جتي انسان آئيڊيالاجي کان سواءِ زندگي گذاري سگهي؟..... سيني چيزن کان دور، زندگيءَ جي هر چيز کان پري زندگي گذاري سگهجي! هتي ته هر ڪو انسان ڪميٽيڊ آهي. ڪو انسان غير جانبدار رهي نٿو سگهي. رهي به نه سگهندو! آئيڊيالاجي جي

ڊامينشن هر انسان تي آهي. هر انسان آئيڊيالاجي جي ڊامينيشن هيٺ آهي. انسان جو ٽيمپو سست آهي ۽ هڪ ڏينهن سڀ ڪجهہ ان جي لپيٽ ۾ اچي ويندو!.....

محسوس ٿئي ٿو، هلندو رهيس ائين تہ رستي تي ڪري مري ويندس. ائين ڪڏهن ڪڏهن رستي تان هلندي هلندي محسوس ٿيندو آهي تہ جڙ مري ويندس. ڪري پوندس رستي تي ۽ ماڻهو مٿان مڙي ايندا. الائي ڇو ڪڏهن ڪڏهن جيئرو جاڳندو انسان پاڻ کي مئل محسوس ڪندو آهي. محسوس ڪرڻ بہ ڪپي. مئل زندگيءَ جي هر چيز آهي. مئل هرڪو آهي. هر ڪو ئي رهندو ايستائين ڪر جيسين.....؟

ٽنگن مان ساهہ نڪرندو ٿو وڃي. ساٿو ساٿو ٻُت، ٽڪل ٽڪل جذبا ۽ احساس. ۽ ڪو ڪيستائين ائين هلندو رهندو؟ هلي بہ نٿو سگهي. ورڻ هر چيز کي کپي. مون کي بہ گهر واپس ورڻ کپي. پر هتي منهنجو گهر ڪهڙو آهي؟ مستقل ڪو گهر ٿي بہ نٿو سگهي. ٿي بہ نہ سگهندو. انسان جو ڪو مستقل گهر ناهي. هر اُهو هنڌ جتي هو هري وڃي ٿو. اهو ئي هن جو مستقل گهر آهي. پر مان تہ ڪنهن هڪ هنڌ هري بہ نٿو وڃان؟ بنا ڪنهن گهر ۽ بنا ڪنهن مستقل گهر جي زندگيءَ جو هي ٽڪائيندڙ پنڌ ڪندو رهندس ۽ منهنجي آس پاس ڪان ماڻهن جي پيڙ آهي. موٽرن، گاڏين، رڪشائن ۽ سائيڪلن جي پيڙ آهي. اڻ ڄاڻ ماڻهن جي پيڙ ڏوڙي پئي- ۽ مان بہ ان پيڙ ۾ گم ٿي وڃان ٿو. گم ٿي وڃڻ بہ کپي. هتي ڪابہ آئڊينٽي فڪيشن (سچاٽپ) ڪانهي، ڪنهن جي بہ، ڪنهن ريت.....!

اڳڻ، گهر جو.

اُداس ۽ ويران اڳڻ. رڌڻي مان ايندڙ ٽانون جي ڪڙڪڙ جو آواز. اڳڻ ۾ پيل ڪتون. انهن تي وڇايل هنڌ. مٿان پٽ ۾ لڳل 40 وولٽ جو بلب ٻري پيو. هلڪي هلڪي هوا جا جهوٽا، جنهن ۾ سامهون هيرڻ جو وڻ لڏي پيو.... انڌي بلب جي انڌي روشنائي ۾ هيڏو سارو وڏو اڳڻ، زندگي جيان ئي اُجاڙ ۽ سنسان آهي. سامهون سائي

سائي ول، جيڪا پت کي ويڙهيو بيٺي آهي، سا ڪنهن ڪنهن محل ڏيمي ڏيمي هوا ۾ لُڏي پيئي. امان ڪٽ تي ليٽيو خبر ناهي مٿي آڪاس ۾ چا ڏسي رهي آهي. پاسي کان منهنجي ننڍي ڀيٽ گهري ننڊ ۾ سُتي پيئي آهي. هوا هر هر هن جي مٿان گذري پيئي وڃي. (الائي ڇو هي سڀ ڪجهه ڪنهن ناٽڪ جيان لڳي پيو. لڳڻ ۽ ڪپي. زندگي، فقط ڪڏهن ڪڏهن ڪالیداس جو ناٽڪ ۽ جڻ ديو يا اُمارو جي ڪا ڪوتا لڳندي آهي.....) ..... اڳڻ جي دريءَ مان ٻاهر سامهون بڙ جو شاهي وڻ ۽ ان جي مٿانهين سُڪل ٽارين مان سترهين تاريخ جو اُداس ۽ اڪيلو چنڊ، دريءَ جي لوهي سيخن مان پراسرار لڳي پيو. سڀ ائين آهي، جيئن هوندو هو.

پر اڄ صرف پيءُ ڪونهي

پيءُ جو نالو رکندڙ انسان، جنهن جي شڪل ڏسڻ سان ئي بيزاري، ڪرب ۽ نفرت ڇانئجي ويندي هئي، اُهو ناهي. ڇگو جو ناهي، هجي ها ته وري ننڊ ڦٽائي ها. هروپرو به ڪرسي وجهي ويٺو هوندو هو. اڄ اها ڪرسي به خالي خالي سامهون پيئي آهي. اندر صفي ۾ سندس ڪٽ به خالي آهي. جنهن جاءِ تي ڪٽ پيل آهي، ان جاءِ لاءِ هر ڪو چوندو هو ته هيءَ ڪٽ هن هنڌ تي مڏ ٿي پيئي آهي! هاڻي اها جاءِ خالي ٿي ويندي. اها ڪٽ اڇلائي ويندي. اهو هنڌ جيڪو اڳ پريل هو، اهو خالي ٿي ويندو. ائين جيئن هيءَ سامهون اڪيلي اڪيلي ڪرسي پيئي آهي.....

گهر ۾ هر پاسي سڪون آهي، خاموشي آهي. هاڻ ته اهو سڀ هئڻ ۽ ڪپي. هن ئي محل هو ويهي ماني کائيندو هو. سندس کائڻ جو آواز (چپڙ..... چپڙ..... چپڙ.....) ايڏو ته گندو نڪرندو هو، جو دل چوندي هئي ان محل، ڪا شيءِ ڪٽي سندس مٿو ڦاڙي ڇڏجي. نفرت هئم سندس هر چيز کان. ڪڏهن به هن جي چهري ڏانهن غور سان نه ڏٺم. ڏسڻ ۽ نه ڪپندو هو. سندس اکيون ايڏيون ته پوائتيون هيون، جو....؟

پر نفرتون جنم ڇو ٿيون وٺن؟

انسان جي هڪ ٻئي انسان سان نفرت جو ڪو ئي ڪارڻ ته

هوندو؟

ان ڳالھ جو ڇيد ڪرڻ ڪپي. ڪرڻ ڪپي ۽ الائي نہ؟ ۽ ڪري ۽ نہ سگھندو ڪوئي ان ڳالھ جو ڇيد؟ منھنجي نفرت منھنجي پنھنجي ھئي. پر امان کي ھن کان نفرت ڇو ھئي؟ ھن جي ۾ امان جي عمر ۾ ويھن سالن جو سَنڌو ھو. سمجھان ٿو، امان ھن مان ڪڏھن ۽ سڌسفاءِ نہ ھئي. ٿي ۽ نہ سگھي ھا ۾ ٽيڙ ۽ نہ ڪپي ۾ مون ھاڻ غور سان ڏٺو آھي: امان جي مٿئين چپ جي مٿان ھلڪي وارن جي ٻُرٻُر آھي..... چوندا آھن، جنھن عورت کي مُڇن جي ساوڪ ھجي، انھيءَ کي سيڪس وڌيڪ ھوندو آھي.

ڪٽ خالي خالي، ۾ ڪرسي اڪيلي پيئي آھي!

گھر ۾ ھاڻ ڪو جھيڙو نہ ٽيندو. ھاڻ نہ ڪنگھ جو آواز تنگ ڪندو، نہ ڪانگھارن سان پتَ پربا ۾ نہ روز روز ويڙھ ٽيندي. ھن نندي ڪنڊ جا ماڻھو الائي ڇو ايترو جلدي پوڙھا ٽيو وڃن؟ پر پوڙھا پاڻ ٿا ٽين يا الائي سندن جذبا؟ ھي پاڻ ۾ وڙھڻ ۽ زندگيءَ جي محرومين ۾ تلخين کي لڪائڻ آھي. ويڙھ ۾، ۾ ھن گھر جي ويڙھ ۾ پناھ ونڊ سان اندر جو بخار نڪريو وڃي ۾ اندر جو بخار ڪنھن ريت نڪرڻ ڪپي.

چؤطرف چپ چپات آھي.

رات جي سانت ۾ چُرندڙ رڪشا جو آواز. ان جي لھرن جي وچ ۾ مان، منھنجو ڪردار، زندگيءَ جي رنگ پومي تي، مان، ايريو بيٺو آھيان. چڪنا چورٽيل، ھن رنگ پومي تي ھلندڙ ناٽڪ جو ڪوئي گمنام نائڪ!

رات ڏگھي ۾ اونداھي آھي، جنھن جي سانت ۾ ڪيترائي آواز گم آھن.

۾ "مان" اڪيلو اڪيلو ھن اونداھي رات کي پوڳڙ لاءِ موجود آھيان. موجود رھيو آھيان ۾ موجود رھندس. ھن رنگ پومي جي ڪا ڪنڊ اھڙي ناھي، جتي "مان" ڪجھ دير لاءِ پناھ ونڊي سگھيان!

ھاڻ نفرتن جا رخ بدلجندا.....

نفرت، زندگيءَ جو نہ منجندڙ عضوو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن مان نفرت ٽيٽي آهي ۽ ٿي سگهي ٿو هاڻي هو پيءُ جو نالو رکندڙ شخص ناهي، تہ نفرت هاڻ ماءُ ڏانهن رخ ڪري!

ڪجهہ ڏينهن اڳ:

ڏينهن الائي ڪيترا، اهو ياد ناهي. ياد ڪريان تہ بہ ڪوئي فرق نہ پوندو..... امان کي واتان رت آيو. جنهن مهل هن کي رت آيو، ڏسندو رهيس. ڪيتريءَ ديرتائين ان رت جي لوٽڙي کي ۽ ماءُ جي چهري کي! لڳي ٿو، هوءَ جڙ موت جي ويجهو وڃي رهي آهي. مون وٽ ايترا تہ پئسا هجن جو مان هن جو علاج ڪنهن سرجن کان ڪرائي سگهان. ڪرائي بہ نہ سگهندس. پئسا مون وٽ ناهن. مون وٽ فقط رحم جو جذبو آهي ۽ شايد رحم جو جذبو ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. پر ڪجهہ بہ نٿو ٿي سگهي..... نہ ئي ڪجهہ ٿي سگهندو!

۽ مون ايجا ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي چيو هو: امان، توکي تہ هاڻي مرڻ کپي. تو مان تہ بيزار ٿي پيا آهيون!

اسين پنهنجين محرومين جا بدلا سدائين ٻين کان الائي ڇو ونندا آهيون، انکري ئي مان هاڻ هن جي چهري ڏانهن نہ ڏسندو آهيان. هر انسان جي چهري تي دک ۽ اڪيلائيءَ جون ريکائون ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. پر ڪير ٿو محسوس ڪري ڪنهن جا دک، درد ۽ غم..... منهنجا نظريا منهنجا پنهنجا آهن. هن موت جي ويجهو ويندڙ منهنجي ماءُ کي منهنجن نظرين مان ڪهڙو فائدو پهتو؟ ڪڏهن ڪنهن سوچيو بہ آهي. اسان پنهنجي ئي خاص ناهيل نظرين جي ڪري، پنهنجن ويجهن کي ڪيڏو نہ ڏکويون ٿا!..... پر سڀ ڪجهہ ٿئي پيو. ٿيندو رهندو ائين.....

مايوسي آهي.

مايوسي هر ڪنهن کي آهي.

دک هر ڪنهن وٽ آهي.

هر ڪوئي انهيءَ من- استٿتي ۾ مُنڊل آهي. پر الائي اها اندر جي من- استٿتي، مايوسيون، دک، درد، غم ۽ زندگيءَ جون بي

رحميون، ظاهر ڪرڻ ڪپن ٻہ يا نہ؟ ظاهر ڪرڻ ٻہ نہ ڪپن. منهنجا دڪ ۽ درد، منهنجا پنهنجا آهن. ڪنهن ٻئي کي مايوس ڪرڻ ٻہ نہ ڪپي. (هر پيري جڏهن مان لکان ٿو، مون کي بخار چڙهيو وڃي. ان ڪري نہ جو جيڪي ڪجهہ مان لکان ٿو، ان تي مون کي يقين ڪونهي. پر انهيءَ خيال کان مون کي تڪليف ٿئي ٿي تہ ماڻهن تي ان جو رد عمل ڪهڙو پوندو؟ ڇا ماڻهو منهنجي بنيادي پوائنٽ سمجهي ويندا؟ ڇا مون پنهنجا دلي اعتقاد ماڻهن تي ظاهر ڪري، ڪين فائدي پهچائڻ بدران نقصان تہ ڪونہ پهچايو آهي.)[1]

..... انسان تہ هن زندگيءَ کي سپنن جو سونهن پريو گهر سمجهندو آهي. اميدن، مايوسين، دکن، سکن ۽ ڏکويل دلين جو سونهن پريو گهر! جنهن ۾ وقت جي حادثن کان ڏکويل انسان جي دل سدائين پنهنجي سندر پوشيہ[2] جي اوسيئڙي ۾ ڏڪ ڪائيندي رهي ٿي، انهيءَ اوسيئڙي ۾ تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور Resurrection ٿيندي..... پر ڪير ڄاڻي، اُن پرهہ ڦٽي ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڪاگهري ننڊ جي لپيٽ اسان کي وٺي وڃي!

هي سڀ ڪجهہ ڪنهن سندر ڪيل جيان ئي لڳندو آهي. اهو ڪيل، جنهن جو هڪ هڪ منظر پيانڪ هوندي ٻہ وٺي ٿو. گذري ويل منظر کي ۽ هر باب کي ٻيهر ڏسڻ چاهيان ٿو. دهراءِ هر چيز کي آهي. هن رنگ پومي تي، زندگيءَ جي هن اونداهي رنگ پومي تي، ڪيترا نائڪ ۽ نائڪائون آهن، جن جا چهرا اونداها آهن. اونداهي هر طرف کان ڇانيل آهي. الائي وري ٻيهر زندگيءَ جا گذري ويل منظر ۽ باب ڏسي سگهبا يا نہ؟

But I mastered my impulse,
and crushed underfoot,
the throat of my songs.[3]

پر پوءِ ٻہ.
زندگي.

---

(1) دوستووسکي
(2) مستقبل
(3) مايا ڪوفسکي

ڪلهه. اڄ ۽ سيان به!

هلي آهي. هلي پئي ۽ هلندي رهندي! وقت جي مقام ۽ حدن کي لتاڙيندي، هر چيز کي پويان ڇڏيندي .زندگي ڪافڪا جي ڪنهن لکٹيءَ وانگر آهي.... زندگي، ڪوئي پراچين ۽ اونداهو جهاز آهي، درياهه جي تڏي وهڪري تي لڏندڙ ۽ لمندڙ! انهيءَ اونداهي جهاز ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويٺل آهي هر ڪوئي. جاڻ ڪو الارم وڄندو ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي آئيڊيالاجيءَ جي هٿيارن سان، بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي هڪ ٻئي کي مارڻ شروع ڪندو. (خون+ نظريا+ نفرت+ انسان.....) خون.. هر طرف کان پکڙيل خون. خون انسان جو وهندو آيو آهي ۽ وهندو رهندو. انهيءَ جُڳن کان وهندڙ خون جي بدلي ۾ مون کي ئي اوچتو اوچتو مرڻو پوندو. ماريو ويندس مان به ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن، گمنامي ۾، اوچتو ئي اوچتو، ڪنهن نظريي ۽ ڪنهن سوچ جي پويان.....!

Ideology+ Racialism+ Chauvinsim+Domination=?

سپ.

قرن پيا. قرندا رهندا، اتهاس جي خون سان پريل درياهه منجهه!

۽ سپ ڪجهه.

قِري پيو.....

قِرندو رهندو.....

دهرائجي پيو:

هر واقعو، هر احساس، هر جذبو!

واقعا، جذبا ۽ احساس ساڳيا آهن، فقط انسان ساڳيو ناهي! هر واقعو اتهاس جو، پوشيه لاءِ ڪي نتيجا اثر ڇڏي، پاڻ اُن دور ۾ گم ٿي ويندو..... ۽ باقي رهندو اتهاس جي صفحن تي.....!

پر صفحا ۾ تہ ڦاٽي ويندا.....
اُڏوهي کائي ويندي هر چيز کي،
هر ڪال کي.....
هر انسان کي .....
هر جذبي کي.....
۽،
هر احساس کي.....!

(سمٽي، نومبر1977ع)

پيلا گل سرنهن جا

ڀ مون توکي هڪ پيرو چيو ته هو ته منهنجي جيون ۾ سدائين خوشيون ڪن گهڙين لاءِ ايندیون آهن، ڀ اهي گهڙيون ايتريون ته مختصر هونديون آهن جو جيسين مان انهن تي ڪجهہ سوچيان اهي خوشيون مون کي اڪيلو ڇڏي هليون ويندیون آهن. پر اهو سڀ ڪوئجي ويو. تنهنجي آواز جي مڌرتا، منهنجي آواز سان گڏ گم ٿي ويئي تيز هوا جي جهوٽن ۾. لڙهي ويو سڀ ڪجهہ جيون جي هن اٿاهہ سمنڊ ۾ ڀ پوءِ صرف رهجي ويئي ڪائي پلجي ويل ياد، جا جيون ۾ چوڌاري، هوا جي جهوٽن سان وڻن جي وچان آرپار لنگهندي، ڪئين سُڪل ڀ پيلا پن پاڻ سان گهمائيندي، ايندي ڀ ويندي رهندي آهي..... هن جيون جي هڪ هڪ ڳالهہ کي پنهنجي پنهنجي ياشا آهي. وايومنڊل ۾ تيزيءَ سان هلندڙ هوا جي جهوٽن کي پنهنجو هڪ آواز آهي، هڪ گيت آهي، جنهن جي هڪ هڪ ڇاءُ سان ڪائي ماضيءَ جي پلجي ويل سمرتي ذهن تي اچي بيهندي آهي. ماضي، جيڪو ڪجهہ نہ هوندي بہ ڪجهہ هوندو آهي!!!

هي سڀ ڪجهہ ڇا هو؟ تنهنجي گهايل ڪندڙ نيٽن، ڀ اُداس مُرڪ ۾ مان سدائين کوئجي ڇو ويندو هيس؟ ڀ تون مون سان ڪيڏو نہ عجيب پيار ڪري رهي هئينءَ..... آخر توسان منهنجو ڪهڙو آتمڪ تعلق هو؟ يا ڪي ڪي چهرا اهڙا ٿين ٿا، جن جي ڏسڻ کانپوءِ انسان پنهنجي اندر ۾ الائي ڇا محسوس ڪندو آهي؟...

مون کي رکي رکي اهو احساس پيو ٿئي ته مان توکي تنهنجي پيار جي عيوض ۾ ڪائي موٽ نہ ڏيئي سگهيس. ان لاءِ مون توکي اڳي چيو بہ هو ته مان هڪ خالي خالي انسان آهيان، جنهن وٽ سواءِ

دُکن ۾ سوچن جي ٻيو ڪجھ به ناهي. جنھن جا احساس ۾ جذبا مري ويا هجن، جيڪو جيون جي هن اٽاھ سمنڊ، هيڏي ٻيڙ ۾ پنھنجي چوڏاري ڪيترا ماڻھو هوندي به پنھنجو پاڻ کي اڪيلائيءَ جي ڪُن ۾ ٻڏندو ۾ ترندو محسوس ڪري، اھو سوچي سگھي ٿو، لوچي سگھي ٿو، پر ڪڏھن به ڪنھن شيءَ جي ڪائي ڪلپنا به نٿو ڪري سگھي.... توکان اڳ به ھڪ چوڪريءَ مون کي پيار ڪيو ھو، پر مان ھن کي به پيار جي موٽ نه ڏئي سگھيو ھيس. سمجھيو ھيم ان مھل ته مون کي نفرت آھي زندگيءَ جي ھر چيزکان، ايتريقدر جو پنھنجي پاڻ کان به سخت بيزاري ۾ نفرت ٿيندي ھئي. ۾ ھڪ ڏينھن مان ھن چوڪريءَ کي چڏي ھليو آيس. اھو سوچيندي ته انسان ھروپرو چند گھڙين جي خوشيءَ لاءِ سڄي زندگي پوگيندو رھي ٿو..... پر وري تون ٽکرائجي وئين. لڳم ته جڙ وقت پنھنجي پاڻ کي ھڪ پيرو وري دھرائي رھيو آھي..... پر اھا به حقيقت آھي ته مان توھان ٻنھي کي پيار جي موٽ نه ڏئي سگھيس. شايد انھيءَ ڪري به جو مان مُئل ھيس، مئل آھيان، ۾ مون وٽ انساني جذبي واري ڪائي چيز ڪانه ھئي!! ھا، تون ۾ مان ڪجھ مدت لاءِ گڏ ھليا ھئاسين، زندگيءَ جي انھيءَ اداس، ويران ۾ گنڀ پيچرن تي ھٽ ھٽ ۾ ڏيئي اھو نه سوچيندي، ته وقت ڏاڍو بي رحم آھي ۾ خوشيون ھن مختصر جيون ۾ چند گھڙين لاءِ اچي وري ھليون ويندیون آھن.

..... پر ھي جيون جي اٽاھ گھرائي ڇڙڪايو وڃي سڀ ڪجھ. ۾ پوءِ رھجيو وڃن تيز ھوائون ۾ انھن جو سنسان سنگيت، جنھن ۾ ڪئين آواز جيون جي ھن سرد، ويران ۾ اونداھي گھر ۾ گونجندا رھندا آھن.....

ـ مان تنھنجي زندگيءَ ۾ شام جي انھيءَ تاري جيان آھيان، جيڪو ڪجھ مدت لاءِ چمڪندو آھي ۾ پوءِ رات جي اونداھيءَ ۾گم ٿي ويندو آھي!!

ـ توھان ھر وقت آخر ھي مايوسيءَ واريون ڳالھيون ڇو ڪندا رھندا آھيو؟

ـ ڇاڪاڻ ته منھنجي جيون ۾ فقط مايوسي آھي، ڏک آھي، پيڙا آھي ۾ اڪيلائپ آھي!

-پر مان جو توهان سان هرڳالهه ۾ گڏ آهيان!

-ائين سمجهان ٿو. پر خبر ناهي ڇو مان صرف حال ۾ ئي نه کوئجي ويندو آهيان. مان فقط ماضي آهيان ۽ منهنجي اڳيان صرف اونداهيون آهن!

- توهان آخر هر وقت انهن ڳالهين تي سوچيندا ڇو ٿا رهو؟ توهان جي ڳالهين مان لڳندو آهي، ته جڙ کوئي پوڙهو ماڻهو ڳالهائي رهيو آهي، جيڪو پنهنجي زندگي گذاري چڪو هجي. پر توهين پوڙها ته نه آهيو؟ آخر توهان پنهنجي چوڌاري مونجهارن جا ايترا جار ڇو پکيڙي ڇڏيا آهن، جن ۾ هر وقت توهين الجهندا رهو ٿا.

- الائي ڇو مون کي لڳي ٿو ته مان وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويس. جواني جڙ ته منهنجي ويجهو ئي کانه آئي. جڙ ننڍپڻ مان ئي آڻ سڌو پوڙهپڻ ۾ اچي ويس ۽ ڪڏهن ڪڏهن مون کي پنهنجي پاڻ تي عجب ٿو لڳندو آهي، ته منهنجا احساس ۽ جذبا منهنجو ساٿ ڇو نٿا ڏين. پر.....!

اها من جي ڪهڙين اڻ ڄاتل ياونائن جي ڪهڙي پاسا هئي؟ اُهي ڪهڙا جذبا هئا؟..... ۽ مان انهن پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي سمجهي نه سگهيس. پر مون وٽ اهي ئي جذبا هئا، اهي ئي احساس هئا ۽ اهي ئي سوچون هيون. هوا تيزيءَ سان وٽن مان لنگهندي ڪوئي سنسان سنگيت ٻڌائي وڃي رهي هئي. تنهن گهر جي باهران بينل بڙ جي گهاٽي وڻ مان چنڊ ليا ڪا پائي رهيو هو، ۽ مون ان جي پيلي پيلي چانڊاڻ ۾ جرڪندڙ تنهنجي اُداس چهري ڏانهن ڏسندي سوچيو هو ته هي سڀ ڪجهه فضول آهي، بڪواس آهي، بي معنيٰ آهي. سڀ واعدا سڀ ڳالهيون ۽ جيون ۾ هڪ ٻئي سان هٿ ۾ ڏيئي گڏ رهڻ جا وچن، سڀ ڪجهه بي معنيٰ آهي. هڪ ڏينهن سڀ ڪجهه گم ٿي ويندو. کوئجي ويندو انهيءَ تيز هوا جي جهوٽن ۾! لڙهي ويندو جيون جي هن تيز وهڪري ۾ هر کوئي- ۽ ڪجهه ٻه نه هوندو. پوءِ پوڳڙ پوندو فقط وڇوڙي جو ڪشت..... ۽ زندگي، هڪ سپنو، جيڪو سپنو ئي رهجيو وڃي. سپنا، جيڪي ٽٽل آهن، اڻپورا آهن!

۽ اها بہ حقيقت آهي تہ برابر مان توکي پيار جي موٽ نہ ڏيئي سگهيو هيس. پر هڪ پيرو جڏهن تو اچي منهنجي چاتيءَ ۾ منهن لڪائي رنو هو تہ الائي چو مون کي لڳو هو، تہ تون ڪيترن جنمن کان منهنجي وچڑيل اُها آتما آهين، جيڪا سدائين ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي مون سان ٽڪرائي آهي- ۽ جنهن جي حاصل ڪرڻ جي جڏهن بہ مون چاهنا ڪئي، تہ اها مون کان دورگهٽو دور ٿي ويئي. (مون توکي شايد هڪ پيرو چيو بہ هو تہ مون کان پهرين جنم ۾ ڪائي اهڙي غلطي ٿي ويئي آهي، جنهن جي سزا مان ايا تائين پوڳي رهيو آهيان.)....

-ٻڌو.

- هون.

- مان.....

- ها چئو.

- بابا جي بدلي نواب شاهہ ٿي ويئي آهي، ۽ اسين ہن ٽن ڏينهن اندر سکر هليا ويندا سين!!

.....

- چپ ٿي ويا.

- بس ائين ئي.

- پوءِ بہ چا پئي سوچيو؟

سوچيم پئي تہ منهنجي زندگيءَ ۾ پيار تمام ٿوري مدت لاءِ اچي پوءِ ائين هليو چو ٿو وڃي؟ مون الائي چو ڪجهہ ڏينهن کان اهو سوچيو پئي تہ اسان جي هيءَ زندگي ڪيڏي نہ بي معنيٰ آهي، جنهن جي هرشيءِ عارضي آهي. جڏهن هرشيءِ عارضي آهي تہ پوءِ اسان کي ڏک سهڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ کپي. توکي ياد هوندو، مون توکي هڪ پيرو چيو بہ هو تہ مان صرف حال ۾ ئي کوئجي نہ ويندو آهيان. مون کي سدائين ايندڙ وقت کان ڊپ لڳندو آهي. پر مان شايد صرف ماضي آهيان. ڪوئي پُلجي ويل اڏورو سپنو آهيان، جنهن ۾ فقط سمرتين جا ڇار آهن ۽ پيڙا آهي ۽ منهنجي اڳيان هڪ غير يقيني ۽ اونداهو مستقبل بيٺو آهي!!!

- مان موڻي ايندیس هڪ ڏينهن!!
- ڪير ڇاڻي تہ زندگي ئي ايتري مهلت نہ ڏي اُن ڏينهن ڏسڻ جي!!
پر ڇا انسان اڪيلو نٿو رهي سگهي؟ آخر انسان چو ٿو ڪنهن جي ساڻ جي تمنا ڪري.... ۽ ساڻ جي تمنا ڪندي ڪندي سڀ ڪجهہ وڃوڙي جي اوڙاهہ ۾ گم ٿي ويو. سيني کي جدائي ڇڙڪائي ويئي ۽ رهجي ويا تيز هوا جا جھوتا ۽ ان ۾ اُڏامندڙ ڪئين آواز.....
- مونکي معاف ڪجو، مان توهان کي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو تنگ ڪندي هيس. توهان ناراض تہ ڪونہ ٿيا ڪڏهن مون کان؟
- مان اهڙي منزل تي پهچي چڪو آهيان، جو مون کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو احساس نٿو ٿئي..... الائي ڇو مان ياد ڪرڻ جي پيٽ ۾ پُلجي گهٽو ويندو آهيان ۽ اهو پُلجي وڃڻ ئي شايد منهنجي زندگيءَ ..... ۽ مان نہ چاهيندي بہ گهٽو ڪجهہ پُلجي ويندو آهيان.....

.....

- توهان ياد ڪندا مون کي.
- هان..... (اوچتو چرڪ).
- مون توهان کان پڇيو، توهان ياد ڪندا مون کي.
(۽ اهو سوال ڪنهن اڳ بہ مون کان پڇيو هو.)
- ياد وسارڻ سان ايندي آهي. ۽ مان ياد ڪندي ڪندي بہ سڀ ڪجهہ پُلجي ويندو آهيان!!

تيز هوا جو ڪوئي جھوتو لڳو، ۽ در جا ٻئي تاڪ ڪلي ويا. ٻاهر گهور انڌيرو آهي. منهنجي مَن کان وڌيڪ انڌيرو۔ ۽ اونداهيون اسان ماڻهن جي اندر ۾ ديرو ڇمايو ويٺيون آهن. هر طرف خاموشي آهي. اٿاهہ خاموشي. جيون ۾ صرف خاموشي آهي. مرتيوءَ جو گهور سناٽو آهي ۽ انهيءَ ازلي ۽ ابدي گهور سناٽي ۾ سُنسان هوائن جو سُنسان سنگيت ۽ انيڪ آواز، جن سان سدائين اندر جو سرد، ويران ۽ اونداهو گهر گونجندو رهندو آهي.

آخر هي سڀ ڪجهہ ڇا هو؟؟؟!!

۽ مان اڃي هڪ هنڌ تي بيهي رهيو آهيان!!

ڇا تنهنجي ڇهري سان منهنجي ماضيءَ جي ڪائي پلجي ويل

سمرتي تي ڳنڍيل ڪاڻ هئي؟ توکي ڏسڻ ڪانپوءِ آخر مون تنهنجي لاءِ پنهنجي اندر ۾ اڃاتي ڇڪ ڇو محسوس ڪئي. تنهنجو ڪٽڪائون رنگ، تنهنجي اکين جي نگاهه، تنهنجي جسم جي ۽ زلفن جي مخصوص خوشبو ۽ تنهنجو اُداس مُک- اهي سيئي ڪٽي منهنجي لاشعور ۾ ويڙل انهيءَ ڇوڪريءَ سان ٽ نٽي مليا، جنهن کي گهٽو وقت ٽيو ٽ مان پُلجي ويو آهيان..... مون کي اُداس چهرا الائي ڇو ايترا وٽندا آهن. شايد اُداسي منهنجي من ۾ ويهي رهي آهي- ۽ مان سمجهي نٽو سگهان اهو سڀ ڪجهه.....

.... مان جيون جي هن اونداهي ماڙيءَ کي تيزيءَ سان پار ڪري رهيو آهيان..... هلي رهيو آهيان ڪنهن پيڇري تان ڪنهن اٽڄاڙ منزل ڏانهن- جنهن جي ڪائي ڄاڻ نه آهي.....!!.....؟؟؟

-مُنجهيل مُنجهيل بينو آهيان، اڪيلو اڪيلو جيون جي هن ويران ۽ گڏل پيڇري تي!!

..... هر طرف کان ڇانيل.

اونداهي
مرتيو جو گهور سناٽو
تيز هوا جا جهوٽا
ان ۾ اُڏامندڙ
ڪئين آواز ڪئين سپنا
ٽٽل ۽ اٽپورا سپنا
وڇوڙي جو عميق سمونڊ
جنهن ۾،
سڀ ڪجهه ڪوٺجيو ويو
سڀ ڪجهه لڙهيو ويو.
جنهن ۾،
ڪوئي سوجهرو نه،
ڪوئي احساس نه.
؟.....؟....؟....؟...؟....؟؟!!

(نئين ٽمي، جنوري 1978ع)

ڪنڊر

(ڇا منهنجي هن جيون جي ڪوئي انت ناهي!!)

ڪائي معنيٰ ۽ آهي ڪنهن چيز جي؟

؟ ؟ ؟

اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن ۽ ڪوئي پنهنجو ڇڏو آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو، ته ڪجهه نه هئڻ جو احساس ٿئي ٿو!

ڪجهه نه هئڻ جو احساس؟

؟ ؟ ؟ ؟

نه هئڻ جو احساس ۽ ته ڪجهه هئڻ جو احساس آهي. ڇا غور سان هر ڪوئي آرسيءَ ۾ پنهنجي چهري کي ڏسي ۽ سگهي ٿو؟

ڏسڻ سان پنهنجي پاڻ کي، محسوس الائي ڇا ٿيندو آهي؟ تون جلد چريو ٿي پوندين!!

....

(خاموشي.)

چو تون چپ ٿي وئين؟

؟ ؟ ؟

مان فقط چوڻ اهو ٿو چاهيان، تو جلد مري ويندين!

آئون چوان ٿو، بڪواس بند ڪر تون!

چريائپ زندگيءَ جي حقيقت آهي هڪ ٻڌيمان لاءِ!!

؟ ؟ ؟

بڪواس زندگيءَ جي علامت آهي. موت زندگيءَ جي حقيقت آهي. ۽ خاموشي زندگيءَ جو انت آهي. هر شروعات کي پڇاڙي ٿيندي آهي. هر شروعات جو انت ۽ پڇاڙي آهي!

جيڪي شروعات ڪندا آهن، سي ختم نه ڪري سگهندا آهن، جيڪي ختم ڪري سگهندا آهن، سي شروع نه ڪري سگهندا آهن!!

پر تون خاموش ڇو ٿي ويو آهين؟

ڇا موت؟

پر هِن خاموشيءَ جو به ته ڪوئي انت هوندو؟

....

تون، مان، ڇا هوءَ به آهي. پر تون ڇا مان آهيون. تون، مان ڇا هوءَ ۾ به آهي. هوءَ، مان، تون آهيون ڇا هوندي به نه آهيون. هجون ته به ڪوئي فرق نٿو پوي (زندگي لاءِ ڏوڙندڙ هن هيڏي ساري انسانن جي ڀيڙ ۾!) ڇا نه هجون ته به ڪوئي فرق نه پوندو ڇا مان، تون ڇا هوءَ ۾ تون آهين. پر تون ڇا مان آهيون! ڇا آهي....

آواز اسان جا اسان کان اڳ ۾ ئي اُڏامي وڃن ٿا. اُڏامندڙ آواز ڇا جدا ٿيندڙ ساٿيءَ جي پويان ڪير ڏوڙي؟

ڪير ڇاٽي ته ڪڏهن تون وري ٽڪرائجي وڃين ڇا پوءِ سڀ ڪجهه بکواس آهي ڇوڙ مان الائي ڇا ٿو چاهيان ڇا ڇئي الائي ڇا ٿو وڃان. تون ڇا مان هينئر هتي وينا آهيون. وينا آهيون ته ڇڙ ڪجهه محسوس نٿو ٿئي. پر ڪجهه به نه محسوس ٿيندي به ڇڙ ڪجهه محسوس ٿي رهيو آهي. (هي سڀ ڪجهه به ته ڪيڏو نه دوکو ڇا فريب آهي!) تون ڇا مان وينل آهيون، وينا هئاسين. وينل رهنداسين. هتي هن جاءِ تي، جتي هر ڪوئي ويهي سگهي ٿو.

شام جو هي اُداس منظر، روز ٿيندو آهي. اڳ به ٿيندو هو. شام هر روز ٿيندي. ڏيري ڏيري هر چيز کي ڳڙڪائيندڙ اونداهي روز ائين ئي پکڙجندي رهي. پر صبح به ضرور ٿيٽو آهي. هر رات جي پويان به ته ڪوئي نه ڪوئي صبح ضرور آهي. تنهنجو ڇا منهنجو گڏيل صبح به ضرور ٿئي ها. پر الائي ڪيترا اهڙا صبح آهن، جيڪي خبر ناهي ڇو اونداهين ۾ ئي گم ٿي ويا. ٿيندي ٿيندي ڪيتريون ئي اهڙيون شيون آهن، جيڪي رهجي وڃن ٿيون اڌوريون. توکي بلو رنگ وٽندو آهي. هن کي ڳاڙهو رنگ وٽندو هو. آسماني بلو رنگ آڪاس جو آهي.

۾ آڪاس ۾ ته ڪيڏو نه ڦملیل آهي. توڪي گل وڻندا آهن ۾ مون توڪي الائي ڪيترا ڳاڙها گل چني ۾ ڏنا آهن. پر گل ۾ ته پرهه ڦٽيءَ جو تڙندا آهن. تون ۾ مان هتي وينا آهيون پرهه ڦٽي ٽيڻ جي انتظار ۾. ڪنهن صبح ٽيڻ جي اوسيئڙي ۾. صبح ٽيڻ جو اوسيئڙو هر ڪنهن کي آهي. هر ڪنهن جي اکين ۾ آهي ٻرندڙ جوت سيان جي ساڀيا ٽيندڙ سپنن جي! سپنا ۾ ته ساڀيا ضرور ٽيٽا آهن. پر رات جو هلڻ رستن تي زندگيءَ جي علامت آهي ۾ هن رات ۾ ته اسان کي رولیو آهي. سُتل ننڍ ۾ دنيا جي ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ وڃ! مون کي ٻاهر وڃڻ ڏيو. دروازا سڀ کولي ڇڏيو. اندر جو دروازو ڪليل آهي! ٻاهر اونداهي آهي، پر اُميدن جا ستارا روشن آهن. رات جا اونداها رستا ئي ته منزل ڏانهن وڃن ٿا ۾ اُميدن جي روشن ستارن جي ڇانوَ ۾ هر منزل اسان سان گڏ آهي! تون ۾ مان ۾ ته گڏ آهيون. تون هتي مون وٽ آهين، ته سڀ ڪجهه آهي. پر سڄي حياتي ۾ ته تون مان ويهي نٽا سگهون. هڪ ئي هنڌ. ڪجهه ديرڪانپوءِ تون هلي ويندينءَ، يا ٿي سگهي ٿو ته مان ئي هليو وڃان. تون ۾ مان- ٻنهي مان هڪ ڪي وڃڻو آهي. ڪوئي ڪيڏانهن وڃي ٿو ۾ ڪوئي خبر ناهي ڪيڏانهن؟ ڪنهن جي ۾ منزل جي ڪائي ڄاڻ ناهي. پر هتان، اسان ٻنهي مان هڪ کي وڃڻو پوندو. وڃڻ کان اڳ ۾ تو ۾ مان اڄا ته ڪجهه ڳالهايو ۾ ڪونه. مان تنهنجو آواز ٻڌي نٽو سگهان. تيز هلندڙ شام جون هي هوائون، اسان کي اسان جن آوازن سان گڏ گم ڪري ڇڏيندیون. پاڻ گهڻو ڪجهه ڳالهائڻ چاهيون ٿا. اڄا ته گهڻو ڪجهه ڳالهائڻو آهي. اڄا ته سيان جا ساڀيا ٽيندڙ سپنا ۾ ڪونه ڏٺاسين. انهن اکين، جن اکين ۾ جوت جلندڙ آهي اُميدن جي- ۾ ستارا ڪيترا ئي ٽِم ٽِم ڪن پيا. جوت جلندڙ نيٺ پورجي نٽا سگهن.

ٻپهرن جو، جڏهن لُڪَ لڳي پئي ۾ اُس تيز آهي. ڪوئي پنڌ ۾ بڙجو گهاتو وڻ ۾ ته ڪونهي. ڇانو ڪٽي ۾ ناهي. ۾ مون جيڪو پنڌ ۾ نِم جو ٻوٽو هنيو آهي، اُن جي ڇانوَ ٽيڻ ۾ ته اڄا الائي ڪيترو عرصو لڳندو. تنهنجي ۾ منهنجي ته ملاقات ئي مختصر آهي. وقت هڪ ئي پيرو ملاقات ڪرائيندو آهي. پوءِ ته فقط اتفاقي حادثن تي

سڄي ڳالهه ٻڌل آهي. ۽ هلي هلي به ته هر ڪوئي ٽڪجي پيو آهي (جھڙيءَ طرح باز يا گُرهه پکي آڪاس ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي ٽڪجي، ڏرتيءَ تي آرام ڪرڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو موٽندو آهي. تھڙيءَ طرح هي ماڻهو به هن سشوپتي استان لاءِ ڊوڙي ٿو. سشوپتي استان ۾ هي ماڻهو ڪنهن به پياري پدارٿ جي ملڻ لاءِ خواهش نٿو رکي، نڪي ڪوئي سپنو ڏسي ٿو. سشوپتي استان، هِن ماڻهو جو سريشٺ استان آهي!!) ۽ هن ڪوڇ تي ويٺا آهيون ائين ئي. انتظار خبر ناهي ڪھڙي چيز جو آهي. پر ڇا تو اهو سڀ ڪجهه سنيالي به رکيو آهي. منهنجا ته سوين روپ آهن. ٻاهر ۽ اندر جو روپ ته ڏنل آهي. جھڙيءَ طرح هڪ گھاٽي وڻ ۾ ڪئين شاخون ٽين ٽيون، اھڙيءَ ريت انسان جي اندر ۾ به ڪئين شاخون آهن ۽ ڪوئي ڪنهن کي سڃاڻي به نٿو. تون ۽ مان هڪٻئي کي سڃاڻندي به نٿا سڃاڻون. ڪجهه دير ڪانپوءِ تون ۽ مان ڪافي پيئنداسين. تون ۽ مان ڪافي پيئڻ چاهيون ٿا ۽ مان ڪافيءَ سان گڏ سگار به چڪڻ چاهيان ٿو. مون کي اها به ڄاڻ آهي ته تو مون کي سگار چڪڻ کان روڪيو به آهي. پر مان سگار ضرور چڪڻ چاهيان ٿو. ڪير ڄاڻي ته ڪٽي اها جدائيءَ جي مھل نه اچي وڃي. تون ۽ مان هر دور ۾ جڏهن به ملڻ چاهيندا آهيون، ته ديوار ڪڙي ٿي ويندي آهي. جدائيءَ ۽ انتظار جون اوچيون ديوارون ڪڙيون ٿي ويون ته پوءِ ڪوئي ڪجهه به نٿو ڪري سگھي. تون ۽ مان آهيون ته انتظار ۽ جدائي جون ديوارون رستا روڪي بيھي رهنديون. انتظار ۽ جدائيءَ جي ديوارن سان سر ٽڪرائڻ ۾ هڪ سئنسفيڪشن آهي. هر چيز لاءِ ضروري آهي.

ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ڪنهن اڳئين جنم ۾ به ائين ٿيندو آيو هجي، جيئن اڄ آهي. اڳ به ائين ٿيو آهي ۽ ٿيندو آيو آهي! ڄاڻ ڪنهن کي ڪونهي. ڪوئي ڪيستائين ائين جلندو رهندو جلندو رهندو، الائي ڪيتري عرصي تائين. پرهه ته دور گھٽي دور آهي شايد ۽ ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ۽ ڪٽي مليا هئاسين، جدا ٿيڻ لاءِ!! تون شايد اُداس آهين ۽ اُداس ته مان به آهيان.... تون وڃين پيو، وڃڻ توکي نه ڪپي. تون به وڃين پئي. تون ۽ مان ٻئي اُداس آهيون.

ڪنهن جي وڃڻ سان ڪوئي فرق نه ٿو پوي. پر خال نه ٿو پرجي سگهي. دور گهٽو دور وڃان پيو. آءٌ وڃان پيو. جدائيءَ جون ديوارون اوچيون گهٽيون اوچيون آهن، ڪنهن اوچي وڻ جيان. اوچي وڻ جي هُن پار پچاڙيءَ جي تاريخن جو زرد چنڊ ڪڙيل آهي. زرد ته هر چيز آهي. اُڏامندڙ زرد متيءَ جو ڪوئي ڪُن آهي. ڦري رهي آهي هر چيز. منهنجي من ۾ به اڏامي رهي آهي زرد متي. ڪاليداس ته الائي ڪڏهن لکيو هو ۽ ڪير ڄاڻي ته سڀ ڪجهه آهي الائي ڇا. متيءَ جي گاڏي☆ لکڻ کان اڳ هن الائي ڇا سوچيو هوندو؟ سوچيو ته گهٽو ڪجهه مون به هو، پر مون پنهنجو ناڪ اڳي ئي لکي ورتو هو. انت ناڪ" جو لکڻ کان اڳ ۾ ڪجهه به نه سوچيو هيم. مان پنهنجي ناڪ جو نائڪ آهيان. پر آڪاس ۾ زرد چنڊ اڪيلو ڪڙيل آهي ۽ منهنجو گهر به ته ڪيترو نه دور آهي. پر تون ڪيڏانهن هليو وئين. ايڏا ته صبح به ڪونه ٿيو آهي. پرهه ڦٽيءَ ۾ ته ايڏا الائي ڪيترو وقت آهي ۽ وقت جا فاصلا ڏِگها گهٽا ڏِگها آهن. فاصلا ته گهٽائي آهن. ڪير اورانگهي سگهندو، انهن اونداهين صدين جي ڦهليل فاصلن کي. جيڪي هن نيري ۽ وشال آڪاس جيان، جنهن ۾ ايڏا ايڏا پکي الائي ڪيڏانهن اُڏامي وڃي رهيا آهن. فاصلا، زندگيءَ ۽ موت جا. فاصلا ته وڏي ويا. ديوارون انتظار ۽ جدائيءَ جون- ۽تون، مان ته ايڏا ڪافي به نه پي سگهياسين ۽ نه ئي مان ڪوئي سگار چڪي سگهيس!!

Hello Sir

- هان.....

- ڪهڙا حال آهن؟

-.....؟.....؟.....؟

- اڪيلا ئي اڪيلا ويٺا آهيو؟

-اڪيلو.....؟ اڪيلو ته شايد هاڻ ٿيو آهيان!

ڪنهن جي اچڻ سان اڪيلي هڻڻ جو احساس ٿئي ٿو. اڪيلائيءَ ۾ ته خود اڪيلائي گڏ هوندي آهي ۽ مون ۾ ايڏا شايد

☆ متيءَ جي گاڏي، شدرڪ جو لکيل ناڪ

ايتري همٽ ڪانه آئي آهي، جو توهان کي چئي سگهان ٿا هليا وڃو هتان. چوٽا اچو ڪنهن وٽ؟

- توهان شايد سڃاتو ڪونه مون کي؟

- سڃاڻڻ يا نه سڃاڻڻ سان ڪوئي فرق ٻه پوي ٿو چا؟

- سڃاڻڻ سان ڪوئي فرق پوي ٿو، تڏهن ٿا مان چوان ٿو!

- سڃاڻڻ سان ٿي سگهي ٿو ٿا گهڻيون اهڙيون ڳالهيون ياد اچن، جن کي ڪيترو وقت ٿيو ٿا مان وساري وينو آهيان!

- مان نرملا جو مڙس آهيان!

نرملا..... او نرملا..... وقت ٿا ڪنهن تيز گهوڙي جيان اڳيان نڪري ويو. اسين ٿا الائي ڪيترو پري رهجي وياسين. ۽ ان کان پهرين آئيڊيل هٿا. زندگي رولاڪ هئي ۽ ڪجهه نه هوندي ٻه جڙ ڪجهه هو. هيڪلي گهاڙ جي سگهه آهي. منزل ڏانهن وڌندڙ قدم تيز گهٽا تيز آهن. منزل ڏانهن ويندڙ ۽ وڌندڙ قدمن مان کي قدم ملجي ٻه سگهن ٿا. اونداهين ۾ صبح کي ڳولينديء منزل لاءِ رُلندي، کي مارجي ويا ٿا انهن کي ڪير ڳولي. ڪير ڳولي انهن اونداهين ۾ گم ٿيندڙ قدمن کي..... ۽ نرملا، (سپني اوسٽا ۾ نه گاڏيون ٽين ٽيون ۽ نڪي اتي گهوڙا ۽ رستو آهي. هي ماڻهو سپني ۾ رٽ، گهوڙا ۽ رٽ لاءِ رستي کي ناهي ٿو. اُتي نه سڪ آهي ۽ نه آنند آهي هي ماڻهو سپني ۾ آنند، سڪ ۽ پرمود کي رچي ٿو. سپني ۾ نه تلاءَ آهي، نه ندين آهن. پر هي سپني ۾رندين تلاءَ ناهي ٿو. هي سپني اوسٽا ۾ سپ ڪجهه ناهڻ وارو ٿئي ٿو!!)

- توهان ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟

- هان..... مون..... مون ٿا ڪافي ٿي پيئڻ چاهي سگار سان گڏ!!

- عجيب ڳالهه آهي. توهان کو خواب پيا ڏسو چا؟

- سپنا ٿا گهٽائي هٿا ۽ گهٽائي آهن. سپنا ناهيندڙ ٻه اسين آهيون، ٿا انهن کي ٻاهيندڙ ٻه اسين..... پر توهان سان گڏ نرملا هئي. ۽ اڄ توهان اڪيلا آيا آهيو. ڪٿي آهي هوءَ؟

- هوءَ مري چڪي آهي!

ـ مري ويئي؟ ..... ماڻهو آخر مري ڇو ٿو وڃي؟..... پر تو هُن کي مري وڃڻ ڇو ڏنو؟ تو آخر هُن کي مري وڃڻ ڇو ڏنو!!

ـ مان ڇا ٿي ڪري سگهيس..... ڪير ڪنهن کي مري وڃڻ کان روڪي نٿو سگهي. هوءَ زنده هئي تہ زندگيءَ مان سڀڪجهہ ملهائي ڇڏيو. هوءَ زنده هئي تہ هن لاءِ بي معنيٰ هئي. مري وڃڻ کانپوءِ مون هُن جي ڀائريءَ ۾ ڏٺو تہ لکيل هو: هر ڇوڪريءَ کي سدائين اُها محبت ياد ٿي رهي، جيڪا هوءَ پندرهن کان ويهن سالن جي عمر ۾ ڪندي آهي!

ـ محبت..... محبت تہ اهي بہ ڪن ٿا، جن محبت ديرسان شروع ڪئي..... پر تون هُن کي مري وڃڻ نہ ڏين ها!

ـ توهان جو گهر ۽ هن جو گهر پاسي ۾ هوندو هو. ۽ اها خبر بہ مونکي ديرسان پئي. توهان محبت بہ تہ هن سان ڪئي هئي نہ؟ نرملا جي سامان مان مون کي توهان جا ڪيترا خط بہ مليا آهن!

ـ محبت، زندگي. ڇا سانديي رکڻ لاءِ اهي شيون ضروري آهن؟ او خدايا! انسان آخر ڪيڏانهن وڃي. پر ڏليل مان آهيان ۽ وڃان پيو!

.....؟.....!

پر تون هليو ڪيڏانهن وئين؟

باهر تہ زرد متي اُڏامي پئي ۽ زردپن دور الائي ڪٿي سڙي رهيا آهن! آڪاس ڏانهن اُڏامندڙ دونهون گم ٿي رهيو آهي. وايو منڊل دونهاٽيل آهي (باهيون بيراڳين جون، ٻنيءَ ٻڙڪا ڪن!) ۽ منهنجي لکيل خطن جو ٻنو بہ تہ زرد ٿي چڪو آهي. ۽ پنا بہ سڙي ويندا. ازل جي پراسرار ڪائي اهڙي چيز آهي. سڙي ويندا ۽ خط بہ تہ منهنجا اُڏامي ويا! ۽.....

.....Writting letters...means to denude oneself before ethe ghosts, something for which they greedily wair. Written kisses don't reah their destination; rather they are drunk on their way by the ghosts!* ..!!....

* Franz Kafka: Letters to Milena.

.....Your don't seem to realize, Milena, that we are standing side by side, watching this creature on the ground which is me, but I, as the spectator, am then non-existent!!.....!!.....

ڊوڙو ۽ ڊوڙندا هلو. ڪي پراسرار طاقتون تيز رفتاريءَ سان پويان آهن. (پر نرملا تون مري چو وئين؟) اونداهي ته هر چيز کي کائي رهي رهي آهي. اونداهي موت آهي. ۽ موت جا نوحا ۽ اوسارا ته ڪيترائي آهن پنڊورا[1] بہ ته الائي ڪيرٿي هئي؟ ڪنهن هڪ جي غلطيءَ جي ڪري، سزا سڀ ڀوڳي رهيا آهن. پر ٻاهر.....؟ ۽ گهر هجي ته اڪيلو رهان ها. ڏک، درد ۽ اجنبي چهرن کي ڇڏي اڪيلو رهان ها. گهر ڪنهن اهڙي ٻر، ۽ انتظار ان چيز جو آهي، جيڪا ڪڏهن بہ اڇٽي ناهي. ۽ هاڻ ته منزل بہ سامهون هوندي ڏسڻ ٻر نڪي اچي. (۽ مدت گذري ڪٽي ۽ الائي ڪيئن پڙهيو هيم: هوءَ مري چڪي آهي، پر گُل ايجا بہ ڪومائجي وڃن ٿا. اي موت! انهيءَ چوڪريءَ کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، توکي فرصت ڪيئن ملندي هوندي؟)[2] پر منهنجي شيشي وارين ڏرين مان ڪوئي جهاتي ضرور پائيندو. من منهنجي ٻر ڪائي اهڙي ڳالهہ ضرور آهي. چوڻ جي مند بہ ضرور ايندي. هوءَ سامهون کان ايندڙ روشني بہ ته الائي ڇا جي آهي؟ جڏهن تنهنجا سمنڊ جهڙا گهرا نيٽ ۽ هر شام جيان، جنهن کي اونداهي ڏيري ڏيري ڳڙڪايو وڃي! هتائي ڇڏيو انهن خالي لفظن جي ڏيرکي. پر پوءِ بہ لفظ ئي ته معنا رکن ٿا. لمحا جيڪي گذري وڃن ٿا ۽ صديون گذريو وڃن. ڪوئي اداس چهرو جهاتي ضرور پائيندو. ڪي انسان اهڙا بہ آهن، جيڪي جنم ونڊ سان ئي اداسي کنيو اچن. اداسي ته وڻ ويڑهيءَ وانگر وکوڙيو بيٺي آهي. من پنهنجي وس ٻر بہ ته ناهي ۽ پوءِ بہ تون چوين ٿو ته زندگيءَ ٻر اميد ضرور آهي. مايوسي غلط آهي، غلط هوندي ۽ ٿي سگهي ٿو ته سڀ ڪجهہ غلط هجي! ڪنهن جي غلطيءَ جي ڪير سزا ڀوڳي رهيو آهي؟ پر چپر بہ ته ڪوئي ڇڏي نہ ويندو آهي ۽

---

(1) پنڊورا، يوناني ديومالا جو هڪ ڪردار.

(2) امارو، قديم شاعر.

لُڪون بہ تہ ڏاڍيون ڪوسيون لڳن پيون. ٻاهر ڪوئي نڪري نٿو سگهي- ۽ ان کي بہ تہ مدت گذري تہ هوءَ مري چڪي آهي. ڊائيسيڪشن هال ۾ ويٺ ڪٽ ٽيبلڏ لاش بہ الائي ڪنهن جو آهي؟ لاش تہ الائي ڪيترائي آهن، ۽ گمنام آهن. زندگي هئي تہ حسرتون بہ هيون، اميدون هيون، ڪنهن جو انتظار هو. ڏک سهڻ جي سگهہ هئي ۽ ايتريون خواهشون هيون. پر اهو سڀ ڪجهہ ٿي نہ سگهيو. وقت ائين ضايع ٿي وڃي ٿو ۽ سامهون هوءَ گمنام ۽ ڏهندڙ قبر بہ تہ الائي ڪنهن جي آهي. سُنسان لُڪ لڱندڙ ڏينهن ۾، بنا ڪنهن ڇانوَ جي قبر. سامهون رولاڪ ڪُتا. رستن تي ڏامر پگهرجندڙ. مرڻ کان پوءِ ڪوئي ٻوٽو نِم جو ضرور هجي ڇانوَ لاءِ. ۽ ويراني آهي. ڪڏهن ۽ ڪٽي زندگي بہ سات ڇڏي ويندي.

۽ وقت تو ۽ مون جيان ڪوئي وفادار بہ تہ ناهي. تڏهن تہ ڪٽي ۽ الائي ڪيئن توکي اهو سڀ ڪجهہ لکي ڏنو هيم. ماگهہ جي سرد هوائن ۾ پيلا پنا سڙي رک ٿي ويندا. ڪائي پراسرار بيماري وکوڙي ويئي آهي هر چيز کي- پر مري ويڙ توکي نہ ڪپندو هو. ۽ مون کي تہ اها ڄاڻ پوءِ پئي آهي. احساس ٽڪجڻ جو گهرو آهي. پوءِ بہ هلندا هلو، ۽ هلندا هلو. احساس خوفناڪ چيز آهي. پوءِ اداس ٿي ٿا وجون ۽ گم ٿي ٿا وجون. انت هر چيز کي آهي. ايجا هاڻ تہ هتان ڪوئي گذري ويو آهي. لفظ اسان پکيڙي ڇڏيا آهن. تمام وسامي ويل آوازن جي انبار ۾ ڪوئي ڪنهن جي آواز کي ڳولي هر شام پاڇي جيان اسان سان گڏ آهي. تون ۽ مان بہ تہ پاڇا هڪٻئي جا. انتظار ٽيليفون جي گهنٽيءَ جو آهي. تنهنجو ۽ منهنجو گهر. گڏيل گهر جي خواهش بہ تہ ڪئي هئيسين. پر ٽيليفون جي گهنٽي وڄندي تہ سڀ ڪم رُڪجي ويندا. آواز اڇا بہ ڪنن ۾ اڇن پيا. ايندا رهن ٿا گم ٽيل آواز. هوائون بہ تہ ڪيڏيون نہ بي رحم آهن. هوا اسان جا آواز جهٽي وڃندي آهي. اڏامندڙ آوازن جي ضرورت هوندي آهي ايندڙ وقت لاءِ ۽ آرسي بہ تہ ڪڏهن دوکو نہ ڏيندي آهي. هر چهري ۾ سمايل آهن ڪيترا راز. پريان کان ڪٽان ايندڙ آواز الائي ڪنهن جا آهن ۽ هاڻ تہ تيز هلندڙ هوائون بہ ڪو وقت ٽيو تہ خاموش ٿي ويون آهن. زرد ۽

بيمار زندگي. چا تون مون سان سجي حياتي ساڻ ڏيندين؟ اهي گهٽيون ۽ گهر سدائين مون کي پاڻ ڏانهن چڪيندا آهن ته اهڙي پنڌ ۾ جتي کوئي ڪنهن سان گڏ ڪونهي ۽ رات ڪيڏي نه سرد ۽ ويران آهي! اونداهي آڪاس ۾ ڪنوڙ چمڪي رهي آهي ۽ ڪارن ڪڪرن جي گوڙ جو هيبتناڪ آواز. روح قائم آهن ۽ جسم فاني آهن! اڪيلائي زندگيءَ جي علامت آهي. ڪوئي ڪنهن سان ساڻ ڏئي ۽ ڪافڪا فقط ان ڪري ميلينا کي چڏي ڏنو هو، جو هُو سِلهه جو مريض هو. پر مون کي ته تنهنجو چهرو به ياد ڪونهي. وسري سڀ ڪجهه الائي چو ٿو وڃي؟ جڏهن سامهون آهين ته به ياد نٿو رهي ۽ جڏهن دورگهٽو دور آهين، ته به چهرو ياد ڪونهي!

(.....It occurs to me that I can't remember your face in any preeise detail. Only how you finally walked away between the tables of the Coffee-house, your figure. Your drees. these I can still see!!...!!) (1)

ذهني سُڪون جي ڳولا ۾ الائي ڪير آهي؟ ۽ Absurdis جو Futilitarinism سان ڪهڙو تعلق آهي؟؟ توکي ۽ مون کي ته پنهنجي به جاڻ ڪونهي! ڪنهن ڏنل هرٽيءَ جون اکيون تو ڏٺيون آهن؟ موت ايندو ته ڪوئي ڪلاڪار چا سوچيندو؟ جمڻ ۽ مرڻ جي ڦيري ۾ ته تون ۽ مان اڄا ڪونه آيا آهيون. جنم ۽ مرڻ کان ڪوئي ڇُٽي سگهي ٿو. (سمهڻ وقت هن سرير ۾ ڪير سمهي ٿو. يعني ڪهڙي اندرين شڪتي ڪم ڪرڻ کان ماڻ ڪري ٿي ۽ ڪهڙي سرير جي سمهڻ وقت جاڳي ٿي ۽ پنهنجو ڪم ڪري ٿي. ان وقت ڪهڙي شڪتي سپني کي ڏسي ٿي. جاڳرت ۽ سپن اوستا ۾ انيوءَ ۾ اچڻ وارو سشوپتي سڪ ڪنهن کي پرايت ٿئي ٿو. اهو سڀ، ڪنهن ۾ گڏجي سمائجي وڃن ٿا...) ۽ مڪت ٿي سگهندو. زندگيءَ جي بنڌڻ ڪان. پر اهو ڪير آهي؟ ڪنوڙ جو رنگ ڳاڙهو آهي. وهندڙ تيز پاڻيءَ جي وهڪري جو رنگ اڇو آهي ۽ پر ٿوپيءَ جو رنگ ڪارو آهي. اها ميز، جنهن تي تون ۽ مان پنهنجا واعظ وڃائي رهيا آهيون. لفظ

(1) Franz Kafka: Letters to Milena.

چڏيندا رهن ٿا. مون کي پويان ڪنهن سڏ ڪيو؟ ڪير آهي؟ ڪير آهي؟..... پر ڪوئي آهي بہ ته ڪونہ. وساڻل آوازن جي انبار مان ڪوئي الائي ڪنهن کي سڏي رهيو آهي؟ اسان جون آتمائون اسان سان گڏ آهن. نيرون ڪوٽ کان اروڙ تائين جو رستو بہ ته ڪيترو نہ لنبو آهي. ڏِگي گاڏين، موٽرن ، لارين ۽ ٽرڪن جو قافلو وڃي پيو، ۽ اُداس رستا الائي ڇو آهن؟ ته خدايا، هن سفر ۾، جتي هر ڪوئي ڳولا ۾ آهي ڪنهن جي ساڻ جي، ۽ شام جي هن اداس آڪاس تي ڪي ستارا آهن، جيڪي ٿم ٿم ڪن پيا، ۽ اسان جي مٿان بيرحم وقت جي ڪائي ديوار ڪري نہ پوي. سپ ڪجھ اورانگهي وڃي ۽ ڪوئي هتان لنگهي ته ڇوي، هتي بہ ڪوئي وڻ هو. هتان ڪوئي لنگهيو هو. شهر خالي خالي ڇو آهي؟ رات سڄي آڪاس ۽ مان او زندگي، او زندگي. توکي مون تائين پهچڻ ۾ بہ ته ڪوئي وقت لڳو هوندو؟ سرءُ جي پيلي پيلي مُند کانپوءِ ئي ته بسنت جي رت ايندي آهي. درتي ڪوئي دهلاري دهل وڄائي سرنهن جا پيلا پيلا گل ڏيندو! پر اهو بسنت دهلاري ته مري ويو؟ هاڻي ڪير ڏيندو خوشين ۽ مسرتن جا اهي پيلا پيلا گل ۽ سرنهن جا پيلا گل ته نِڙيل آهن. انتظار آهي. ڪوئي نہ ڪوئي ته ضرور آهي..... پر نرملا مري ٿون ڇو وينءَ؟ ڇا جدا ٿيڻ جو هڪ اهوئي رستو هو؟ اظهار کي چپن تائين پهچڻ ۾ بہ ته وقت لڳندو آهي. تون موت جي نزديڪ ايترو جلدي!؟ جڳ بہ ته ڪيترا گذري چڪا آهن ۽ جيئن جيئن جڳ جهلي، تيئن تيئن مون پنڌ ڪيو. پر مان ٽڪجي بہ پيو آهيان..... مان ٽڪجي ته گهٽو پيو آهيان.... مان وڃڻ بہ چاهيان ٿو..... هتي ڪوئي آهي بہ الائي نہ..... مون کي ته ڏسڻ ۾ بہ ڪجھ نٿو اچي. دور گهٽو دور..... ۽ نرملا، تنهنجو جسم..... زرد متي کائي وڃي ٿي هُر چيز کي!!.... ۽ هاڻ تون چوين ٿي ته مان نہ آهيان هتي..... اصل ۾ جيڪي ڪجھ مان آهيان، اها تون نہ آهين ۽ جيڪي ڪجھ مان آهيان، اهو تون آهين ۽ جيڪي ڪجھ تون آهين، اها تون ئي آهين ۽ مان آهيان، اهو ڪجھ جيڪي ڪجھ...!!...؟...

- پُڏو!

ـ؟.....؟.....؟

ـ مون کي توهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي.

ـ هان..... چا..... ڪير آهي؟

ـ معاف ڪجو اسين توهان کي ڪجهہ تڪليف ڏينداسين ..... جو

ـ تڪليف؟ ڪهڙي تڪليف؟ مان آهيان.....

ـ اصل ۾ ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسين توهان سان ڪجهہ دير هتي ويهڻ چاهيون ٿا.

ـ توهان سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟

ـ چا توهين اسان کي ڪونہ ٿا سڃاڻو؟

ـ سڃاڻان؟..... ها... سڃاڻان ٿو. پر نہ شايد سڀ ڪجهہ وسري ويو اٿم!

ـ توهان جي گهر آياسين، تہ خبر پئي تہ توهان ويٺا آهيو. اسان سڀني کي توهان سان ملاقات جو ڏاڍو شوق هو. هيءَ منهنجي ننڍي پيٽ رخسانہ آهي. اسين توهان جون ڪماڻيون پڙهندا آهيون، تہ اسان کي حيرت لڳندي آهي. تہ توهان اهو سڀ ڪجهہ لکو ڪيئن ٿا؟

ـ مان لکندو ڪيئن آهيان؟ مان لکندو آهيان سمهي؟ پر هيءَ توهان جي پيٽ ۾ پڙهندي آهي چا؟

ـ جي، مان. مان توهان کي پڙهندي آهيان!!

پر نرملا، او نرملا، تون آخر مري چو وينءَ ۽ هيءَ چوڪري ۾ تہ ڪيڏي نہ سهڻي آهي، جڙ ڪائي اداس شام! ۽ جسم ۾ تہ ڪيڏو نہ خوبصورت اٿس. جوان ٿيندڙ جسم ۾ تہ ڪيترا نہ عجيب ٿين ٿا. جڙ ڪنهن مڪڙيءَ مان ڦٽندڙ ڪوئي گل!! ۽ مون کي ۾ الائي ڪيترو وقت ٿيو آهي ڪنهن چوڪريءَ جي جسم کي هٿ لاتي. چا هيءَ پنهنجو خوبصورت جسم منهنجي حوالي ڪندي؟ هن جي چيلهہ ڪيڏي نہ سنهڙي ۽ اکيون ڪيڏيون نہ گهريون آهن. جڏهن تنهنجي هن سمنڊ جهڙين اکين ۾.....!!

ـ توهان مون کي ڪجهہ چيو چا؟

ـ ها..... نہ..... مان، مان تہ پنھنجي پاڻ سان پئي ڳالھايو شايد توھان ڪلو تہ ڪونہ ٿا مون تان؟

ـ نہ، نہ، اھڙي تہ ڪائي ڳالھ ڪانھي!

اکين جي نگاھہ ۾ تہ ڪيتري نہ عجيب ٿئي ٿي. ھُن جي اکڙين ۾ ڪوئي وينو آھي ۽ اھو مان ئي آھيان. ھوءَ مون ڏانھن ڏسي مشڪي رھي آھي ۽ اکيون تہ سڀ ڪجھہ ٻڌائي ڇڏيندیون آھن! پر ڪوئي آخر مري ڇو ٿو وڃي؟

ـ توھان اڃڪلھہ لکو پيا؟

ـ مان لکان پيو؟ نہ مان ڪجھہ ۾ نہ لکي رھيو آھيان. پر مون جيڪي ڪجھہ لکيو، اُھو اُڏامي ويو ھوائن ۾. ۽ مان ھاڻي اڪيلو ٿي پيو آھيان. ھي اڪيلايون مون کي کائي ويندیون. لکڻ مان نٿو چاھيان. مان چاھيان ٿو، اھو ڪجھہ جيڪي ڪجھہ ٿي نہ سگھندو. پر ڇا مون کي پناھہ ملي سگھندي اونداھين کان، اڪيلاين کان، ھيبتناڪ ۽ سنسان اڪيلاين کان!!

ـ توھان..... توھان ڪيترا نہ عجيب آھيو؟

ھوءَ مون سان ھڪ پيرو وري کلي ڳالھائي رھي آھي. ٿي سگھي ٿو تہ ھن کي مون تي رحم اچي رھيو آھي- ھوءَ مون سان محبت ڪري رھي آھي. مان ھن کي چوندس ھوءَ منھنجو ڇيو نہ موتائيندي. وڌ ۾ وڌ انڪار ڪندي پنھنجن مائٽن کي وڃي ٻڌائيندي.

ـ توھان ڪيڏانھن گُم ٿي ويا؟

ـ مان..... ڏس نہ مان، ھيءَ زندگي ۽ مان. اصل ۾ جيڪي ڪجھہ تون آھين مان آھيان ۽ موت بيوفا ساڻي آھي زندگيءَ جو. ڏس نہ ڪيترا ماڻھو آھن، جيڪي روز مري وڃن ٿا ۽ الائي ڪيترا آھن، جيڪي مري چڪا آھن. ڇا توکي ۽ مون کي اھا ڄاڻ آھي تہ زندگي ڪڏھن ۽ ڪٿي ساڻ ڇڏي ويندي؟ ۽ اھو ماڻھو، جيڪو ڪجھہ نٿو سمجھي، ان لاءِ موت ڪيترو نہ بي معنيٰ آھي؟ پر تو ۽ مون لاءِ جيڪي آھي، اھو ڪجھہ ۾ نہ آھي ۽ جيڪي ڪجھہ نہ آھي، اھو آھي سڀ ڪجھہ. ڇا توکي خبر آھي تہ محبت جو جذبو

ڪيترو نہ مهان آهي. وقت جي هر ذهين فنڪار جي محبت بہ نامڪمل ۽ اڌوري هوندي آهي. موت بہ ائين اچي ٿو. جيئن تون اچي وئي آهين يا بُک لڳي رهي آهي. پر بُک بہ مختلف قسمن جي ٿيندي آهي. بُک جسم جي آهي.....!!

ـ هي توهان کي اوچتو چا ٿي ويو؟ توهان چئو چا پيا؟

ـ مان چوان الائي چا ٿو؟..... مون کي سچ پچ الائي چا ٿي ويو آهي!

ـ توهان جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟

ـ رخسانہ، !!I Love You

ـ توهان.....

ـ رخسانہ، Really I Love You!

هوءَ چپ آهي ۽ چپ مان بہ آهيان. خاموشي آهي. هوءَ مون سان گڏ هلي رهي آهي. رات جي اونداهن رستن تي. رستا، سُنسان، اڪيلا ۽ ويران آهن. سرنهن جي وٽن مان مڌم مڌم سُڄندڙ ڦهليل آهي دور دور تائين. اسان جي قدمن هيٺان آهن، سرنهن جا چڪيل سنهري گُل. ۽ نم جي وٽن مان ٻُور چڪي رهيو آهي. پر هي سڀ ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيڏانهن هليا ويا سڀ؟ پر هن جو هٿ تہ منهنجي هٿ ۾ آهي. منهنجي جسم ۾ ڇڙ ٻجلي ڊوڙي رهي آهي. مان سڙي رهيو آهيان، ۽.....؟

ـ تون، مون سان شادي ڪندينءَ؟

ـ شادي؟ مان توهان سان شادي ڪريان. پر چا اهو سڀ ڪجهہ ٿي سگهندو؟

ـ ٿي سيڪجهہ سگهندو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ نہ ٿي سگهندو آهي، اهو بہ ٿي ويندو آهي سڀ ڪجهہ. تون مون سان شادي ڪر. زندگي فقط ڪڏهن ڪڏهن ملائيندي آهي اسان کي! هڪ پيرو ملندا آيا آهيون، جدا ٿيڻ لاءِ.....

ـ منهنجا مائٽ توهان کي سگ ڪونہ ڏيندا ۽ مجبور آهيان مان!

You can not love me, much as you would like, you are

unhappily in love with your love for me, but your love for me is not in love with you! (1)

ـ پر هي سڀ ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيڏانهن ٿا هليا وڃن سڀ آخر؟

ـ مدت گذري ته هو سڀ اسان کي ڇڏي هليا ويا. جدا ٿي ويا سڀ اسان کان!

جيڪي گم ٿي ويا اهي ڪڏهن به نه لڀجندا. جيڪي جدا ٿي ويا اهي وري ڪڏهن به نه ملندا. پُنرملن زندگيءَ ۾ ٿيندو ئي ڪونہ آهي پر تون جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مري ڇو وينءَ.... نرملا. پر جي تون ۾ مان ۾ هوءَ جم ۾ موت جو فلسفو سمجهي وڃون ها، ته ائين نه ٿئي ها. پر آءٌ ته ڪنهن کي مارڻ نٿو چاهيان!!!

ـ؟.....؟.....؟

ـ مان منتظر هيس صدين کان ونڊي تنهنجو ۾ اصل ۾ تون آهين. مون کي ته فقط پنهنجي ذات جي خبر آهي ۾ جيڪي ڪجهہ خبر آهي، ان جي به ڪائي خبر ڪانهي. فقط جدائي آهي هر جنم ۾ ۾ هر سال ۾ تون ملندي آهين. پر ڪير به اڇي ها ته مان منتظر هجان ها. انتظار رهندو آهي، ڪنهن نه ڪنهن جو ۾ زندگي به ته ڪيڏي نه بي معنيٰ آهي ڪنهن جي انتظار کان سوا!!

ـ مان مجبور آهيان..... مان ڪجهہ به نه ٿي ڪري سگهان. مون ۾ فيصلي ڪرڻ جي سگهہ ڪانهي. مان ڪمزور آهيان پر مان.... توهان سان جيتري محبت ڪريان ٿي، ان جو توهان کي احساس ڪونهي شايد. مان توهان لاءِ سدائين روئندي رهندي آهيان!

ـ زندگيءَ ۾ ڪمزور ته هر ڪوئي آهي. پر تو ۾ مون ۾ سگهہ نه آهي، ان جدائيءَ ۾ انتظار جي ديوار ن کي ٽوڙڻ جي. ڇا ڪوئي سگهہ ساري سگهندو؟ ڪڏهن ۾ ڪٽي اڪيلو ايڪانت ۾ وهي مون ڏٺو هو توکي ۾ توئي ته ٻڌايو هو ته تنهنجو گهر درياهہ جي ڪپ تي آهي. جڏهن چانڊوڪي رات ٿيندي آهي، تڏهن درياهہ عجيب هوندو آهي ۾ هاڻ تنهنجو اهو ساٿي الائي ڪير ٿيندو، جيڪي اهو منظر

(1) Franz Kafka.

ڏسندو، جيڪو مان نہ ڏسي سگھيس!

- توهان جا هٿ ايترا ٺڏا ڇو آهن؟

- مان آهيان جيڪي ڪجھ اهو نہ آهيان ۽ جيڪي نہ آهي، هر جنم ۾ هر دؤر ۾ تنهنجا ۽ منهنجا هٿ گڏ هئا. پر تنهنجي هي جسم جو ڇُهاءُ بہ ڪيڏو نہ عجيب آهي. تنهنجا هي نازڪ ۽ سھٽا اڇا اڇا ڪير جھڙا هٿ منهنجي هٿن ۾ آهن ۽ وقت جون بيرحم ديوارون ڪِري پونديون تہ پوءِ.....؟؟....

-پوءِ تون خاموش ڇو ٿي ويئي آهين؟

...؟...؟....

تون خاموش ڇو آهين آخر. پر تون ڪيڏانهن هلي وئينءَ؟

I Love You

I Need You_

(خاموشي)

I Love You

- رخسانہ...

_I Need You هر ڪوئي اچي، وري هليو ٿو وڃي؟

(؟....؟....؟)

مان منتظر هيس تنهنجي لاءِ. پر تون هليو ڪيڏانهن وئين؟ مان، مان هيس ۽ تون تون نہ هئين. پر درياهہ جا تيز ۽ بيرحم وهڪرا لنگهي ويا اسان جي مٿان. هٿ، هٿ مان ڇڏائجي ويو. گھنڊن گھڑيالن جو آواز، هر طرف کان اچي رهيو آهي، دور ڪٽان. ڪير ڇاٽي تہ هي سيڪڇھ سپنو هجي! پر صديون گذري ويون آهن ۽ مان هلي هلي بہ تہ ٽڪجي پيو آهيان. منهنجا پير ڦٽجي چڪا آهن. منهنجو وهندڙ خون پکڙجي رهيو آهي. پر اهو سڀ ڪجھ ڪٽي آهي؟ سڀ رحم ڇاهين ٿا ۽ مون وري ڪوئي سپنو ڏٺو. جڏهن پنڌرهينءَ جو چنڊ هنن اونداهن ڪکرن مان ليئاڪا پائيندو ۽ سامهون جبلن جي وچ ۾ وهندڙ جھرٽو. اُڇ صدين جي آهي. بي انت تاريڪيءَ ۾ ڪوئي سوجھرو آهي. آڪاس ۾ ڳوليو لفظن کي! معنيٰ هرچيز کي آهي. آوازن جو بي معنيٰ سمنڊ ڪائي ويو.

اداس ڏينهن، بيزار ڏينهن، گذري ويل ڏينهن. ڏينهن جيڪي وري ڪڏهن ب نه موٽندا. سپنا! هاءِ اهي سپنا. ڪڏهن ۽ ڪيئن ڦٽندو سورج. ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن سورج شاخون ڪيڊي پر مون ته پنهنجا گهاءَ ب ڳڻيا نه آهن! دور گهٽو دور ڪن وٽن تان پيلا پيلا زرد پن چڻي رهيا آهن. يادن جا ولر ڳوڙهن ۾ وهنتل، زندگيءَ جي علامت ڪونهي. سج لٿو ته اونداهي گهلي ويندي. پر اميدون ته ختم نه ٿين! ايندڙ رُت ايندي ته... ۽ انتظار جون ديوارون پيڇي ڇڏيو. اڏامندڙ لمحا، ڪوئي قيد ڪري سگهي ٿو؟ ننڍ ۾ ڏنل ڪوئي ٻار آهي، جنهن وانگر آهي هر ڪوئي. پاڇو حقيقت آهي ته پوءِ سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ۽ رات ايندي ته پاڻ سان گهٽو ڪجهه ڪٽي ايندي. سامهون ڪنهن گهر مان چيٽن جو دونهون ڏيري ڏيري آڪاش ۾، شام جي اداس ۽ پيانڪ آڪاش جي هيٺان. سورج جبلن پويان لڪي ويو. اونداها متيءَ جا جبل ڪائي ويا روشن سج کي ۽ هتي ئي هن هنڌ تي جتي اڄ ڪجهه ب نه آهي، ڪوئي گهر هو. اداس ۽ اتهاسڪ ڪاٺ جي چت ۽ ڪاٺ جو دروازو گهر ڪونهي. هيءَ ماڙي، جنهن جا ڪئين ماڙ آهن، ان ۾ منهنجا ۽ تنهنجا ڪيترائي آواز دفن آهن! وقت وهندو پيو وڃي. منهنجين بي آواز صدائن جا پڙلاءُ ڇڻي پاسن کان اڇي رهيا آهن. ڇا ڪوئي ٻڌي ٿو؟ ۽ چريائپ جي حقيقت جي ب ته ڪنهن کي خبر ناهي. ڏينهن ۽ رات جا ڪيترا اهڙا لمحا آهن، پر منهنجي هن سوچن جي سمنڊ جو ب ته ڪوئي انت ڪونهي! دور دور تائين آهي اُس ۽ پاڇي جي گردش! ڪير آهي ڪنهن جي پويان، ڪهڙي خبر؟ ۽ مان ب ته الائي ڪير آهيان؟ ڪي آهن، جيڪي ٻڌڪي رهيا آهن، وقت جي اونداهين رستن تي! جيڪي وسامي ويا آهن ۽ مان ب ته ڪنهن نه ڪنهن کي ڳولي رهيو هئس صدين کان. بند دروازا ۽ دريون، هڪ هڪ ٿي ڪلي ويندا. وڇڙي وڃڻ ب ته زندگيءَ جي حقيقت آهي. پر پنهنجي ئي پاڇي کان هر ڪو ڊڄندو رهندو آهي. ۽ ڪير ڄاڻي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن ڪي وڃائجي وڃن ٿا. جيون ساگر ۾ لهر، لهر، دور ڪٽان ڪو وهندو ايندو، وهندو رهندو. لڙ لهرن ۾ ڪوئي آهي....!! پر هن

منهنجي صبح ٽيڪ ۾ ٻه ٽه الائي ڪيتري دير آهي؟ انت جيڪڏهن اهو آهي. مان منتظر هئس، پر انتظار ڪنهن جو ڪونهي. ۽ زندگيءَ جو اڪٽ قافلو هلندو پيو وڃي. ٽه اي خدايا ڏينهن روشن ۽ راتيون اونداهيون آهن. وقت ڪنهن ٻوڏ جي پاڻيءَ جيان تيز وهندو پيو وڃي. تون ۽ مان ٻه ٽه وهندڙ وقت جا حصا بڻجي چڪا آهيون. ۽ پرارٿنا ٻه ٽه انسان جو آخري هٿيار آهي. پر رات اونداهي ۽ پيانڪ آهي. دور دور تائين ڪارا ڪڪر چانيل آهن ۽ منهنجي هن زندگيءَ جو ٻه هٽ ڪوئي انت آهي الائي نه؟ مان ٻه ٽه چپ ٽي ويو آهيان ۽ خاموشي هر طرف کان چانئجي رهي آهي.....!!

رات اونداهي آهي. پر هر رات جي پويان ٻه ٽه ڪوئي صبح ضرور آهي!

(۽ منهنجي هن جيون کي ڪوئي انت ناهي!!)

پر انتظار ضرور آهي.

دور ڪٽان، هنن وٽن جي پويان جڏهن سورج شاخون ڪيندو.

پر تون چپ چوٽي ويو آهين؟

(هنن منهنجي آواره سوچن جو ٻه ٽه انت ناهي!!

صبح ٽيڪ وارو آهي! ها، صبح ٽيڪ وارو آهي!!

رات اونداهي آهي. پر دور ڪٽان روشني ڦٽڻ واري آهي!

۽ رستا ڊگها ڊگها گهٽا ڊگها، گهاٽن وٽن ۾ گهيريل رستا!

(پر منهنجي هن جيون کي ڪوئي انت ٻه آهي؟؟)

جن شروع ڪئي منزل لاءِ جدوجهد، اهي حاصل نه ڪري سگهيا!!

(هر شروعات ۽ پڇاڙيءَ جي وچ ۾ وچوٽي هوندي آهي!

۽ جڏهن ڳوليوسين ٽه ڪوئي سڌ ڏيڻ لاءِ ٻه موجود ڪونه هو!!

(خاموشي)

زندگيءَ جي رنگ پوميءَ تي. خاموشي.

(مهراڻ 1978ع)

دونهين، ڏنڊ نہ لاٺ

مٿي آڪاس ۾ پهرئين تاريخ جو سنهڙو چنڊ ڪڍيل هو، ۽ شام ايڏا هينئرئي ڪا مهل اڳ اڌ پنڊ ۾ سندن سات ڇڏيو هو. اپريل مهيني جي ڏڏي ڏڏي هوا ڏيري ڏيري ساٺن گڏ هلي رهي هئي. هُو ڇڻ ٻين ساٺين سان گڏ هن وشال ميدان کي اونداهہ ۾ پار ڪري رهيو هو. هر ڏنل ٻنين جي وچ مان هلندي هلندي هو ڪنهن مهل ٺاهڙجي ڪِريو ٿي ۽ وري اُٿي پنڊ ڪرڻ لڳو ٿي. هُن جي پيرن هيٺان ڪيڙيل ڏرتي هئي، مٿان وِشال آڪاس هو، چنڊ هو، تارن جي ڏڏي ڏڏي ڇانوَ هئي ۽ ڇڻي پاسن کان ڦهليل ڪاري اونداهہ هئي. اوچتو ڪيس پنڊ ڪندي ڪندي محسوس ٿيو، جڙ هنن اٽانگن پيچرن تي هلندي هلندي ڪيس الائي ڪيترا ورهيہ گذري ويا آهن. "هلندي هلندي تہ ڪي ورهيہ گذري ويا آهن، پر ڏرتيءَ ماءُ جو سينو ڪشادو هجي تہ پوءِ دل چوندي آهي، تہ هلندي هلندي ۽ ڏُکون پائيندي هڪ ڏينهن ڏرتيءَ ماءُ جي ڪڇ ۾ سمهي پئجي. اهڙي وايو منڊل ۾، جتي ڪليل ڪليل آڪاس هجي. ڏرتيءَ ماءُ جو وشال ميدان هجي، ۽ جيون جو ڪوئي احساس ۽ ڪوئي جذبو نہ هجي. پر ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟" هلندي هلندي هُن سوچيو. پريان ڪٿان دور، اوچتو ڪيترن ئي ڪتن ڀونڪڻ شروع ڪيو. هُن هلندي هلندي ڪنڊ ورائي پويان نهاريو. سندس پويان اوپر هو، ۽ اوپر پاسي جي ڪنهن ڳوٺ مان، دور گهٽو دور ڪنهن ڳوٺ مان نڪرندڙ دونهون ڏيري ڏيري مٿي ڪليل آڪاس ۾ گُم ٿي رهيو هو. هُن چند گهڙيون اتي بيهي، زندگيءَ جي هن چتر ڪي پنهنجي ذهن ۾ نقش ڪرڻ چاهيو ٿي، پر سندس ساٿي اولهہ ڏي تڪڙا تڪڙا قدم کڻي رهيا هئا. هو بہ تيز وکون کڻندو پنهنجن ساٿين سان وڃي مليو. هن کي الائي ڇو ائين لڳو تہ هو

چُپ هو تہ سندس ساڻي بہ چُپ هئا ۽ چپ چاپ تہ هر پاسي کان چانيل هئي. ڪليل ميدان ۽ وشال آڪاس ۽ هر پاسي اونداهہ ۾ چانيل هي سڄي خاموشي ڪيس ڪائي ازلي ۽ ابدي خاموشي پئي لڳي. شايد ڳالهائڻ ڪنهن بہ نڻي چاهيو ۽ ڪير ڳالهائي بہ ها تہ هِن خاموشيءَ ۾ تہ ڪيس پنهنجي آواز کان بہ ڊپ محسوس ٿئي ها. پر خاموشيءَ جي اوڙاهہ ۾ ڪنهن لڙهي وڃڻ نڻي چاهيو.

هلندي هلندي هُن هڪ پيرو ڪنڊ ڪٽي مٿي اپريل جي آڪاس ۾ نهاريو. مٿي سڄو آڪاس دونهاٽيل هو، ۽ هيٺ هر پاسي کان گهري اونداهہ چانيل هئي. پريان ڪٽان ڪن ساين ٻنين مان لنگهي ايندڙ ٺڏي ٺڏي هوا سندس منهن سان ٽڪرائجي، گم ٿي پئي ويئي. هن تيز ساهہ کنيا. هوا جي سڱنڌ مان هن کي لڳو پئي تہ هي هوا جڙ هينئر پاٽيءَ جي مٽان لنگهي آئي هجي. اوچتو ڪيس ياد اچي ويو تہ پريان اولهہ ڏي ڪليلي آهي ۽ هوا بہ ڪليلي جي مٽان لنگهي، اُتان پنهنجو واس کڻي آئي هئي. هلندي هلندي هاڻ هوءَ هڪ سائي ٻنيءَ وٽان لنگهي رهيا هئا. ڪائي پوک هئي، پر الائجي ڪهڙي پوک هئي. گهري اونداهہ جي ڪري هوءَ پوک کي سڃاڻي نہ پئي سگهيو. سائي سائي ٻنيءَ مان هڪ تيز سڱنڌ سندس اندر ۾ پنهنجو واس ڦهلائي وري واپس هلي ويئي تہ، هُن کي لڳو جڙ هنن ساين ٻنين جي وچ مان مقام ڏانهن ويندڙ پيچرا ڪڏهن بہ ڪٽي پورا نہ ٽيندا! "زندگي ۽ موت جي وچ ۾ جيڪا ڊگهي راهہ آهي، اُها بہ هن پيچري وانگر آهي شايد!" هلندي هلندي هُن ڪجهہ سوچيو ۽ اوچتو پنهنجي ساڻي کان پڇا ڪئي، "ڇا مقام اڃا بہ پري آهي؟" اونداهيءَ ۾ ساٿس گڏ هلندڙ ساٿين مان الائي ڪهڙي ساٿيءَ وراڻي ڏني، "باقي ٿورو پنڌ آهي!" اونداهي رات جي سانتيڪي وايو منڊل ۾ بہ آواز گونجيا، ۽ خاموشيءَ کي ٽوڙي، وري خاموشيءَ ۾ ئي الائي ڪهڙي پاسي گم ٿي ويا.... اوچتو هلندي هلندي ڪيس محسوس ٿيو. تہ هاڻ هو ٻنين مان نڪري، چيڪي مٽيءَ جي دڙن واري زمين ۾ داخل ٿي چڪا هئا. ديويءَ جي گهاٽن ٻوٽن مان لنگهي، جڏهن هوءَ هڪ اُجاڙ قبرستان ۾ گهڙيا تہ هن تي اداسي جي هڪ لهر

چائنجي ويئي. ("سنڌ جي بهراڙيءَ جا مقام به ته ڪيڏا نه عجيب آهن. سُنسان ۽ اُجاڙ، اسان ماڻهن جي زندگيءَ جيان. صدين کان چانيل اسان جي ڌرتيءَ جي ماڻهن مٿان دک ۽ غم جي ڪاري گهٽا اسان جي زندگيءَ جي هر شيءِ مان پئي بکندي آهي. اسان جا چهرا به ته صدين جا ستايل آهن." هن جي من ۾ خيالن جي لهر ڊوڙڻ لڳي.)

هن خيالن ۾ گم ٿڻي رهڻ چاهيو. ان ڪري ذهن مان ڪيترا خيال ڪڍي هو چيڪي مٽيءَ جي قبرن واري مقام مان ڌيري ڌيري هلڻ لڳو. سندس آس پاس کان چيڪي مٽيءَ جون الائي ڪيتريون قبرون هيون. پر هنن ڪيترين قبرن مان سندس ڪرانتيڪار مري ويل دوست جي قبر الائي ڪهڙي هئي؟ (زندگي، مرڻ کانپوءِ ايڏي گمنام ٿي ويندي اهو ته ڪنهن سوچيو به ڪونه هو. پر منزل ڏانهن هلندي ڪي ساٿي اڌ پنڌ ۾ ئي منزل جي آس رکندي مري ويندا آهن ته پوءِ الائي ڇو دل تي هميشه هميشه لاءِ مايوسيءَ جي ڪاري ڪاري گهٽا ٻيهي رهندي آهي. پر هن ننڍي کنڊ جا سچا ڪرانتيڪار اڌ پنڌ ۾ ڇوٽا مري ويجن؟" هُن جي ذهن ۾ سوچ جون لهرون هلڻ لڳيون!)

هو ڪي ور وڪڙ ڪائيندا، هڪ گهاٽي وڻ جي ويجهو پهچي چڪا هئا. پر هو اڃا وڻ جي ويجهو مس پهتا ته اوچتو وڻ ۾ ويٺل ڪيترا پکي سندن قدمن جي چاپ ٻڌي ڦڙڦاٽ ڪري ونِي اُڏاٽا. هو اتي ئي بيهي رهيو. پکين جي اُڏامڻ جو آواز ايترو ته ڀيانڪ هو جو هن جي بُت مان جڙ صدين جا سيسرات نڪري ويا. قبرستان ۾ چانيل خاموشي ۽ اونداهيءَ ۾ ڪيترن ئي پکين جي اُڏامڻ جو آواز، موت جيان ڀيانڪ هو. "موت جي مانار به شايد هن مقام تي چانيل مانار جيان هوندي!" پر زندگيءَ ۾ جيڪڏهن اڪيلائي آهي، ته ڇا مرڻ کانپوءِ به اها اڪيلائي ختم نٿي ٿئي؟ هي مُقام، ۽ هِن مقام ۾ چانيل ڪاري ٻاٽ، ۽ ان ڪاري ٻاٽ ۾ بيٺل هي اڪيلو اڪيلو وڻ، ۽ هن اڪيلي وڻ مان پکين جي اُڏامڻ جو آواز جيڪڏهن موت آهي، اڪيلائي آهي، ته پوءِ آخر زندگي ڇا آهي؟ هُن کي الائي ڇا کان ڊپ لڳو جو هُن پاسي ۾ بيٺل ساٿيءَ جي ٻانهن کي سختيءَ سان جهلي ورتو. خبر ناهي ڇو ڪيس محسوس ٿيو جڙ اهي

وڃ مان اُڏامندڙ پکي، هنن مري ويلن جون آتمائون هيون. پٽکندڙ زندگين جون آتمائون ۽ پٽکندڙ هيون. هنن اُڏامندڙ پکين جيان هي پکي ئي هئا. جيڪي مري وڃڻ کانپوءِ ۽ انسان سان پنهنجو ڪوئي نہ ڪوئي ساڻ اچي ٿا ڳنڍين!" اهو سوچيندي هو ۽ قدم اڳيان وڌي ان سامهون بيٺل گهاٽي وڃ جي ويجهو ٿيو. سندس سڀ ساٿي ان گهاٽي وڃ جي هيٺان هڪ قبر جي چوگرد ٽي بيٺا هئا. اوچتو سندس ڪنهن ساٿيءَ ماچيس جي تيلي ٻاري. ٻرندڙ تيليءَ جي جهڪي روشنيءَ ۾ هُن غور سان چتائي سامهون نهاريو.

سامهون کان بيٺل گهاٽي ۾ قديم ڪنڊيءَ جي وڃ هيٺان هڪ اڇي ۾ پکي قبر هئي. قبر جي اڳيان ڪتبو لڳل هو. قبر تي نظر پوندي ئي سندس من کي هڪ عجيب مونجهہ محسوس ٿيڻ لڳي، تہ ماچيس جي تيلي ۽ ٻري پوري ٽي ويئي. هن جي اندر ۾ غم جي لهر چانڪجي ويئي. سندس دل چاهيو پئي تہ هن اُجاڙ مقام ۾ هو دانهون ڪري روئي. پر ڪيس هن مهل الائي ڇو روئڻ نٿي آيو. سندس ٻن ساٿين هڪ ئي وقت ۽ تيليون ٻاريون تہ هُن جهڪي قبر تي لڳل ڪتبو غور سان پڙهيو. وڏن اکرن ۾ سندس دوست جو نالو ڪيس پڙهڻ ۾ پئي آيو. هن جي مَن مان ڪوئي يادگيرين جو پکي پنهنجا پر پکيڙي وٽي اُڏاٽو. پر زندگيءَ جون يادگيريون ۽ هن اونداهيءَ رات جيان هيون. (هڪ پيرو شايد رات هئي، يا اهڙي ئي هڪ رات هئي. شهر ۾ هڪ ريسٽارنٽ جي مٿان ڪليل ڇت تي وينل هن مري ويل سندس ساٿيءَ ٻئي دوست جي تازي ٽيل موت تي ويني ڳالهايو. موت تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي جڏهن هو سڀ چپ ٿي ويا هئا، تہ هن دوست ئي چيو هو، "موت ڏاڍو ڊپ ٽينڈو آهي." ۽ ڪنهن ڪنهن مهل تہ موت کان ڏاڍو ڊپ ٽينڈو آهي.) پر ڪنهن ٿي پانيو تہ اکين ۾ سُک جا سپنا رکندي، زندگيءَ جي بيرحمين سان ڪلي وڙهندي، اهو ساڳيو شخص چپ چاپ مري ويندو؟ موت پيانڪ آهي يا زندگي، ان جي ڪنهن کي ٻہ ڄاڻ نہ آهي. پر ساٿي اڃ پنڌ ۾ ئي ساڻ ڇڏي ويندو، ان جي ڪنهن کي ٻہ ڄاڻ نہ هئي!

سوچيندي سوچيندي هن اُداس نظرن سان سامهون ان قبر ڏانهن نهاريو، جنهن ۾ سندس ساٿي گهري ننڊ ۾ سُتل هو. ماچيس

جون ٻرندڙ تيليون ته الائي ڪنهن محل ئي ٻري ختم ٿي ويون هيون. پر اونداهه ۾ سندس ان مري ويل دوست لاءِ ڪاڪر ۾ ويڙهيل گلن جي چادر ڪڍي ۽ کولي ورتي. گلاب جي گلن جي مهڪار سان ڪجهه دير لاءِ ماحول مهڪي اٿيو. ته هُن وساٽل دل سان اها گلاب جي گلن جي چادر ان قبر تي چاڙهي. قبر تي گُل چاڙهي، هو خاموش اچي پنهنجيءَ جاءِ تي بيهي رهيو. سندس سڀ ساٿي چپ هئا، ۽ چپ هُو به هو. هن کي سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته هو هن محل پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي يا پنهنجن انهن ساٿين سان،- جيڪي هن وانگر چپ چاپ سامهون ڪنڊيءَ جي گهاٽي وڻ هيٺان ان قبر کي ڏسي رهيا هئا جنهن ۾ سندن هڪ ساٿي دفن هو.

ايڏا ڪجهه ڏينهن اڳ هُن پنهنجي جلاوطن ساٿيءَ جي موت تي چند سِٽون لکيون هيون ته سندس دل ۾رجي آئي هئي. هڪ جلاوطن ساٿي جي موت تي ۽ هڪ اڏ پنڊ ۾ مري ويل ساٿي جي اوچتي موت تي هُن فقط موت سان ئي مخاطب ٿي چوڻ چاهيو ٿي، اڄ کان هزارين سال اڳ جي ان اتهاسِڪ انسان وانگر، جنهن رگ ويد ۾ هڪ هنڊ لکيو هو:

اي موت هليو وڃ!
جيڪا ديوتائن جي راهه کان دور آهي.
مان توکي ئي چئي رهيو آهيان.
توکي اکيون آهن، ڪن آهن.
نه اسان جي ٻارن کي اذيت رساءِ، نه اسان جي ماڻهن کي!

پر موت ته ڪڏهوڪو اذيت پهچائي هليو ويو هو. هُن ڪنڊ ڪٽي مٽي نهاريو. هوا هاڻ تيز ٿيڻ لڳي. رکي رکي ڪنهن ڪنهن محل هوا سان گڏ ڪي عجيب آواز به آيا ٿي ۽ وري خاموشيءَ ۾ گم ٿي پئي ويا. رات جي سانت ڏيري ڏيري وڌيڪ گهري ٿيندي پئي وئي. هُن کي اوچتو الائي ڪهڙو خيال آيو، جو هُن پنهنجي پر واري ساٿيءَ جي کيسي تي هٿوراڙيون ڏيندي ماچيس جي ڳولا ڪئي. سندس ساٿي سندس مطلب سمجهي کيس ماچيس ڪڍي ڏني، ته هن ماچيس مان هڪ تيلي ڪڍي ٻاري. ٻرندڙ تيليءَ جي روشنيءَ ۾ هن قبر کي ڏٺو، جيڪا ڳاڙهن گلاب جي گلن ۽ گيندي جي پيلي رنگ جي گلن سان کيس

الائي ڇو ڪجھ عجيب ٿئي لڳي. تيلي وسامي ويئي تہ هن خاموشيءَ سان سامھون بيٺل گھاٽي ڪنڊيءَ جي وڻ کي ڏٺو. ڪيس هي سڀ ڪجھ هڪ ٻيانڪ سپنو ٿئي لڳو. هڪ اھڙو ٻيانڪ سپنو، جنھن کي ڏسڻ کانپوءِ انسان ڪڏھن ڪڏھن ڇرڪ ٻري اٿي ويھي رھندو آھي. ڪيس محسوس ٿيو تہ جڙ سڄي ڏکويل فضا سان گڏ ھوا ۾ روئي رھي آھي. ھن کي ياد آيو، تہ ھِن ڪنڊيءَ جي پريان اھائي زمين آھي، جنھن کي آباد ڪرڻ جي ڪلپنا سندس مري ويل ساٿيءَ ڪئي ھئي. ("زمين تي ٽيوب ويل لڳرائيندس، ۽ پوءِ ھتي ھڪ ھٽ ٺھرائيندس، جيڪا ھٽ ڪرانتيڪارن جو مرڪز ھوندي!" ڪنھن زماني ۾ سندس ساٿيءَ جي سوچ، سندس ذھن تي تري آئي!)

اوچتو سندس ڪُلھي تي ڪنھن دوست ھٽ رکيو. ھن کان ڇرڪ نڪري ويو. ھن ساٿين ڏانھن ڏٺو. جيڪي ڪيس واپس ورڻ لاءِ چئي رھيا ھئا. ھُن آخري نھار قبر تي ڦيرائي ۽ وري ڪنڊيءَ جي وڻ کي ڏسندي واپس پويان پير ڪيا. ڳورن قدمن سان ھو ٻين ساٿين سان گڏ ھلڻ لڳو. اوچتو ھن جي دل چاھيو تہ ھُو ساٿين کان پڇي ھن ويراني ۾ ڏوڙندو سامھون اولھ ڏي پولارن ۾ھميشہ ھميشہ لاءِ گم ٿي وڃي. ھن جو من ٻرجي آيو. ھُن ڪيتري وقت کان وٽي پنھنجي طبيعت تي جيڪو بند ٻڌي ڇڏيو ھو، اُھو بند اڄ ٽٽي پيو ھو. ھُن اوچتو ھلندي ھلندي ٻنھي ھٿن ۾ منھن لڪائي ڇڏيو. ھڪ ننڍڙي ٻارجيان، جيڪو جڏھن سيني کان رسندو آھي تہ پوءِ منھن لڪائي سڏڪا ٻريندو آھي. (ڪنھن کي ڪھڙي ڇاڙ تہ جڏھن ھن ڏرتيءَ تي نئين تھذيب ۽ نئين سڄ ۽ نئين سُک جا نوان گُل ٽڙندا، تہ اسين نہ ھونداسين. اسين تہ ھونداسين پر ڪنھن کي ڪھڙي ڇاڙ تہ اسان جي ئي رت مان ڳوھيل ھنن ڇيڪيءَ متيءَ جي پيڇرن تان جڏھن انھن گلن جي ھڪار ڦھلجي ويندي تہ ان ھڪار ۾ ٻہ اسين ھونداسين!) سندس مٿان پھرينءَ تاريخ جو سنھڙو چنڊ ھو ۽ انيڪ ستارا ھئا. جيڪي چپ چاپ ٿم ٿم ڪري ٽمڪي رھيا ھئا ۽ ھو ھيو جيڪو ھن اونداھيءَ ۾ ٻڏل قبرستان مان نڪرندي تارن جي ڇانو ۾ الائي ڇو چپ چاپ روئي رھيو ھو!

(ناري پبليڪيشن 1979ع)

3 مئي 1978ع

دل اندر درياو

لُکون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
وو، ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين!
(شاهه)

***

دل اندر درياو، پڇئه ڪيا سمندر ڪل،
ماڻڪ اِهي سرياو، ڇُڳي چوڪي نه ڪٽي.
(قاضي قادن)

***

دل اندر ئي درياو آهي، سمنڊ جو پتو ڇو پيو پڇين. (دل جي درياو) ۾ موتي ماڻڪ پيا آهن. (تون) چوندي سچا موتي ڪٽين ئي نٿو!!

***

رابيل، تون چوين ٿي ته وقت سڀ ڪجهه وساريو ڇڏي ۽ مان تنهنجي اها ساڳي ڳالهه ذهن ۾ رکي توکي هي سڀ ڪجهه لکڻ ويٺو آهيان. پر سوچيان ٿو ته ڇا جيڪي ڪجهه مان لکڻ چاهيان ٿو، اهو سڀ ڪجهه لکي سگهندس! لکي سگهندس يا الائي نه؟.....

***

اڄ 3- مئي آهي ۽ اهو ڏينهن تنهنجو جنم ڏينهن آهي. مون کي سال اڳ، جڏهن توکان تنهنجي جنم ڏينهن جي تاريخ پڇي هئي، تڏهن کان ئي سوچي ڇڏيو هيم ته مان تنهنجو جنم ڏينهن، پنهنجو جنم ڏينهن سمجهي ملهائيندو رهندس ۽ ان کانپوءِ ئي ته مون پنهنجو جنم ڏينهن، جيڪو 12- آڪٽوبر تي آهي، اهو وساري

چڏيو آهي.

***

The day will come

***

ڏينهن بہ پورو ٿي ويو. ٻاهر جُڳ ۾ روشنيون ٻري رهيون آهن. روشنيون ٻاهر بہ آهن تہ اندر ۾ بہ آهن روشنيون! پر ڪنهن جي اندر ۾؟ الائي ڪنهن جي اندر ۾ سوجهرو آهي؟ ۽ سوجهرو آهي بہ تہ الائي ڪٿي آهي. (ڪنهن پرهہ اسان کي پاليو هو، هِن رات اسان کي رولیو آ) ۽ هِن رات بہ تہ سچ پچ اسان کي رولیو آهي. رولیو آهي تڏهن تہ ائين پٽڪندا رهون ٿا. رولیو رات بہ آهي تہ صبح بہ رولیو آهي. منزل ناهي دور او ساڻي، منزل ناهي دور. مومل جهڙا مرڳ آهن ۽ منزل ناهي دورا ۽ مون منزل ڏسي ورتي آهي. سج سامهون لڪيءَ جي جبلن پويان ڏيري ڏيري ٻڏي رهيو آهي. شفق جي ڳاڙهاڻ ۽ پيلاڻ سان آسمان ڪيڏو نہ سونهن پريو آهي ۽ مون کي ان ٻڏندڙ ساڳئي سج جي اُپرڻ جو اوسيئڙو آهي، جيڪو سيان سنڌوءَ جي هن پار گهاٽن وٽن واري ٻيلي مان منهن ڪيندو.

***

(مان تنهنجي اڳيان ڏاڍو بيوس ٿيو بينو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تہ هي سڀ ڪجهہ، تون ۽ مان ۽ اسان جو گڏ گذاريل دور هڪ سپنو آهي. پر سپنو بہ تہ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ عجيب چيز آهي. اک بند آهي تہ سڀ ڪجهہ آهي ۽ جيڪڏهن اک کلي پئي تہ پوءِ اونداهي آهي.

اُپٽيان تہ انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين عجب پر پسڻ جي!

۽ تون بہ تہ منهنجي جيون جو هڪ سُندر سپنو آهين. جيون بہ پنهنجي جاءِ تي هڪ سپنو آهي ۽ سپنا بي معنيٰ ئي هوندا آهن. اونداهي زندگيءَ ۾ ڪوئي تو جهڙو سهڻو سپنو ڏسي تہ پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿئي ٿو ۽ مون کي بہ تہ الائي ڏينهون ڏينهن ٿيندو ڪجهہ پيو وڃي. محسوس الائي چا پيو ڪريان؟ تون ڪٿي مون کي اڪيلو تہ

نہ ڇڏي ويندينءَ! تون منهنجي زندگيءَ جو مقصد آهين. منهنجي زندگي، منهنجو فن توکان سواءِ بي معنيٰ ۽ نامڪمل آهي!.. ۽ مان بيحد ٿڪجي پيو آهيان هلي هلي!)

***

۽ سري رمن مهرشيءَ ۾ تہ چيو آهي: "سڀ انسان سدائين پرم سُک چاهي رهيا آهن، جنهن ۾ دُک جو نالو ۾ نہ هجي، ۽ جنهن جي ڪڏهن ۾ پڇاڙي نہ اچي. اها انسان جي ذاتي پاونا آهي. پر تو اها ڳالهہ ڪڏهن جاچي ڏٺي آهي تہ هرڪوئي پاڻ کي ئي سڀ کان وڌيڪ پيار ڪري ٿو. انسان جي ذاتي چاهنا آهي آنند! اها چاهنا انسان ۾ سمج سياو پريل آهي. انسان جي آتماست، چِت ۽ آنند آهي. سو اها تلاش ٻيو ڪجهہ ۾، ڪيول پنهنجي پاڻ لاءِ تلاش آهي، انسان حقيقت ۾ ابناسي آهي. لافنا آهي. جڏهن انسان "پاڻ" کي لهي ٿو، تڏهن سياويک هو اهو آنند هٿ ڪري وٺي ٿو، جنهن کي انت ٿئي ڪونہ!"

***

ـ مان چاهيان ٿي تہ توهان مون تي هڪ ڪهاڻي لکو!

ـ مان توتي ڪهاڻي ۾ لکندس ۽ پنهنجي ڪتاب جي ارپنا ۾ تنهنجي نالي ڪندس!

ـ ۽ جي منهنجا مائٽ پڙهي وٺن تہ پوءِ؟

ـ مان ڪو تنهنجي مائٽن کان ڊجان ٿو؟ توکي شايد خبر ناهي تہ تنهنجو ۽ منهنجو ساڻ جنم جنم جو آهي. تنهنجو ۽ منهنجو ڪنهن اڳئين جنم ۾ ۾ ساڻ هو. مون کي لڳندو آهي تہ منهنجو تنهنجي ڪٽنب ۾ ۾ حصو رهيو آهي. منهنجو ان دور ۾ تنهنجي ڪٽنب سان ڪوئي تمام پراڻو سنبنڌ آهي. سنڌ جي اتهاس ۾ تنهنجي ڪٽنب وٽ سپاهي هئس ۽ تو ان مهل ۾ مون سان پيار ڪيو هو. ڪوٽ ۽ ڪڑا، ان مهل ۾ جبلن جيان اوچا هئا. پر ڪوٽ ۽ ڪڑا تہ اڄ ۾ اوچا آهن، جدائيءَ جي ديوارن جيان. اوچا گهٽا اوچا!

ـ مون کي..... توهين هتان وڃي هلو. مان هاڻ هتان بيزار ٿي

پئي آهيان.... سخت بيزار ٿي پئي آهيان.

- پر ڪوٽ ۾ ڪڙا، هڪ پيرو وري اوچا ٿي ويا آهن. تقدير مون کي هڪ پيرو وري مجبور ۾ بيوس بڻائي ڇڏيو آهي. مان توکي هن حالت ۾ ڪيئن ٿو ڪيڏانهن وٺي وڃي سگهان. مون کي يقين آهي ته مان جلد آزاد ٿيندس. پوءِ توکي هتان هميشه هميشه لاءِ وٺي ويندس!

***

(توکي خبر آهي ته "ايسارڪا" مان توکي ڇو چوندو آهيان؟ هندو ميٿالاجيءَ ۾ ايسارڪا اُن عورت کي چوندا آهن، جيڪا عورت اونداهيءَ رات ۾ پنهنجي پرينءَ سان ملڻ لاءِ ويندي آهي ۽ تون به ته هنن راتين ۾ مون سان ملڻ لاءِ اچين ٿي!)

***

"اٿي آڌيءَ رات جو، لاڏاٽا لڏي ويا!
اديون شاهه لطيف چئي، گولي گوندر گڏي ويا!"
(شاهه)

***

(هينئر صبح جا پنج ٽيا آهن ۽ مان توهان کي هي خط لکي رهي آهيان. توهان جڏهن کان هتان ويا آهيو، تڏهن کان وٺي مان سخت بيمار ٿي رهان. توهان آڌيءَ رات جو ائين هليا ويا جو ڪنهن کي خبر به نه پئي. پر ڇا توهان مون کي وساري ڇڏيو آهي؟ مون کي توهان ڪڏهن به نه وسارجو. مان توهان جي آهيان، فقط توهان جي. مون توهان جي خاطر جان جي بازي لڳائي ڇڏي آهي. مان توهان کي ضرور حاصل ڪنديس. خدا ڪري توهان جلدي آزاد ٿيو ته پوءِ مون کي پنهنجي گهر وٺي هلو. آءٌ ڏاڍي مجبور آهيان. بس ڇا لکان؟ مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان ڇا لکان؟)

***

" ڏينهن پورو ٿيو، سنجها به ٿي. اُن بعد رات آئي آهي. ٻيڙيءَ وارو اُيو ٻيهي ڪري ٻيو ٻُڪاري ته ٻيڙي ڪپر جي ڪَنن ۾ وڃي ڦاٿي آهي!"

"پيڙائون سڀ تڪليف ڏيندڙ آهن، پر هڪڙي پيڙا ڪابہ نہ آهي، جو خدا ٿو ڇاڪي. مون کي واڇي وانگر ٿي وڃائي!" (قاضي قادن)

***

"ءِ خدايا! هيءَ ڏينهن مون کي اُڏوهيءَ جيئن ڪائي رهيا آهن. جيئن جيئن وقت گذري رهيو آهي، تيئن تيئن مايوسيءَ جا واڇوڙا مون کي پنهنجي لپيٽ ۾ ونيِ رهيا آهن. ٿي سال ٿيا آهن، جو مان ائين لڪندو ٿو وتان. ءِ هاڻ تہ مان لڪي لڪي بہ ٿڪجي پيو آهيان. سچ پچ تہ مان ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. ٿڪجي پيو آهيان زندگيءَ جي هر چيز کان! هر چيز زندگيءَ جي مون لاءِ ٿڪ بڻجي چڪي آهي. مون ڪيترائي ڀيرا هاڻ محسوس ڪيو آهي تہ هتي جي حالتن ۾ هڪ فنڪار جو سياست ۾ هلڻ تمام ڏکيو آهي. هڪ فنڪار بيحد حساس طبيعت جو ٿئي ٿو، ءِ جڏهن تہ سياستدان سخت دل رکندڙ انسان آهن. پر پوءِ بہ ننڍيِ کنڊ جو فنڪار سدائين پنهنجي ڏرتيءَ جي سڪ ءِ سلامتيءَ لاءِ انهن بي حس سياستدانن جي درن تي ڏڪا ڪائيندو آيو آهي ءِ الائي ڪيسين تائين ڏڪا ڪائيندو رهندو! جيتوڻيڪ هڪ فنڪار "نان ڪميٽيڊ" هوندي بہ ڪميٽيڊ آهي پنهنجي ڏرتيءَ سان، ماڻهن سان ءِ ماڻهن جي حالتن سان؟

جيئن جيئن وقت گذري رهيو آهي، تيئن تيئن مون کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ جڙ مان غورءِ فڪر جي هڪ عميق سمنڊ ۾ غوطا ڪائي رهيو آهيان. مون کي هاڻ پنهنجي سياسي ساٿين جي منافقيءَ ءِ مڪاريءَ کان سخت نفرت ٿي ويئي آهي. پر ڏوهہ سياسي ساٿين جو نہ، پر هِن ڪلاس جو آهي. پوءِ ڀائي ڪلاس جي فردن جو اهوئي حال ٿيندو آهي. اسين سياسي طور تي شڪست کاڌل قوم جا فرد آهيون، ان ڪري اسان ۾ جيڪا مايوسي آهي، اُها سياويڪ آهي. ڪلهہ تائين جن ڏرتيءَ جا گيت چيا هئا، سي اڄ اُن ڏرتيءَ جي چيل گيتن جو مُلهہ وصول ڪري رهيا آهن. "ڪرپٽ" فقط سياسي ورڪر ڪونهي، پر اُهو فنڪار بہ آهي، جنهن آئيندي جون اميدون ءِ سپنا ڏيکاريا هئا. ءِ خدايا سچ پچ تہ تون مون کي همت ڏئي، زندگيءَ جي هنن ظلمن سهڻ جي!

***

"هيءَ جي لڪ، هُو جي لڪ، مون ماريندا لڪ،
ڪيچ نہ اوڏيءَ ڇڪ، مون ماريندا لڪ!"
(شاهہ)

***

(رابيل! ڏس اڄ اسر مهل تون ڪيئن نہ مون وٽ آئينءَ! منهنجي دل چيو پئي تہ تون ضرور ايندينءَ. دل جي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪوڙي نٿي ٿي سگهي. مان تنهنجي انتظار ۾ ليٽيو پيو هئس ۽ سوچيم پئي تہ خبر ناهي ڪڏهن منهنجي زندگيءَ جو هي طويل انتظار پورو ٿيندو؟ هي سياري جون راتيون بہ تہ ڪيڏيون نہ ظالم آهن ۽ انتظار جي اصلي حقيقت ڇا آهي ان جي مون کي هاڻ خبر پئي آهي. هيءَ سياري جي رات ڪيڏي نہ ڏيري ڏيري گذري ٿي. سچ تہ اونهاري جون راتيون سڀيون هونديون هيون. پر اونهاري جي رات وري پل ۾ گذريو وڃي. اصل ۾ پيار ڪندڙن لاءِ هي سياري جون راتيون سڀيون آهن. ڏگهيون، طويل ۽ نہ ڪُتندڙ. اکيون اکين ۾ ملايو پل وينا هجون. جڙ هوا جي لهرن تي درياهہ ۾ ڇُلندڙ ڪائي ٻيڙي، جا ڏيري ڏيري ترندي رهندي آهي. ها، هي راتيون، سياري جون ڏاڍيون عجيب آهن، پر جيڪڏهن بہ دليون گڏ هجن. باقي جيڪڏهن انتظار آهي. تہ پوءِ هي راتيون ڏاڍيون ظالم آهن. اونهاري جي راتين ۾ بہ پاڻ ملايا آهيون ۽ هنن سياري جي راتين ۾ بہ پاڻ گڏيا آهيون. جيڪڏهن ڪنهن جي اڇڙ جو ڏپ نہ هجي، تہ هي راتيون ڪيڏيون نہ پياريون آهن. هڪ پيري تنهنجي پيءُ مون کي ٻڌايو هو تہ: "بن پيار ڪندڙن لاءِ هي راتيون ڏاڍيون سڀيون آهن، ۽ اونهاري جون راتيون خراب، جو اونهاري جون راتيون جلدي گذري ويندیون آهن. پر سياري جون راتيون تہ ڪٽنديون ئي نہ آهن!"۔ تنهنجي پيءُ، اونهاري جي راتين ۾ انتظار ڪندڙ محبوب تي مون کي هڪ ڏاڍو سٺو شعر ٻڌايو هو، جو اڄ مون کي ياد پيو اچي:

"ٻانهين سيراندي او سجنا،
رات دم دم جاندي، اوسجنا!"

۽ رات مون تنهنجو انتظار پئي ڪيو تہ مون کي اهي اونهاري جون راتيون ڏاڍيون پئي ياد آيون، جيڪي گذريل سال پاڻ گڏ گذاريون هيون. ڪيترو وقت پاڻ گڏ هوندا هئاسين. ٻارهين وڳي تون ايندي هئين، ۽ پوءِ پنجين وڳي ويندي هئين! پر اهي اونهاري جون راتيون ڪيئن نہ جلدي گذري ويندیون هيون. مون کي چگيءَ طرح ياد آهي، تہ هڪ رات پاڻ پلنگ تي ليٽيا پيا هئاسين. مان پلنگ جي سيراندیءَ کي ٽيڪ ڏيو ليٽيو پيو هئس ۽ تون منهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ بند، خبر ناهي ڇا سوچي رهي هئينءَ. اوچتو تو جهڪي پاسي واري ميز تي رکيل گهڙيال کٽي ڏٺو هو. مون توکان پڇيو هو، "ڇا ڳالهہ آهي، ڇا ٿي ڏسين؟" تو گهڙيال ۾ ٽائيم ڏسي، منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائيندي اُداس آواز ۾ چيو هو، "ڏسان ٿي تہ وقت ڪيترو نہ جلدي پيو گذرندو وڃي!" - ۽ مون کي اُن مهل تنهنجي انهيءَ پيار ۾ريل اُداس آواز تي ڏاڍو پيار آيو هو. مون سمجهيو ٿي تو گهڙيال ان ڪري ڏٺو، جو شايد تون وڃڻ چاهين ٿي. پر تو اهڙي ڳالهہ ڪئي هئي، جنهن منهنجي دل ۾ سڪون جي هڪ عجيب لهر ڊوڙائي ڇڏي هئي.... هيءَ وقت، وقت ڪيترو نہ جلدي ٿو گذري وڃي! ڪاش! هيءُ وقت هڪ هنڌ بيهي وڃي. هيءُ وقت ڪڏهن بہ ختم نہ ٿئي. تون ۽ مان ائين ئي وينا هجون. تون منهنجي ٻانهن ۾ لڪل هجين. ۽ هيءَ رات ڪڏهن بہ نہ گذري! ڇا توکي ياد آهي اها رات؟ مون کان اُهي راتيون اڃا بہ نہ وسري سگهيون آهن! تنهنجي ۽ منهنجي پيار جون سونهن ۾ريل اُهي نہ وسرندڙ راتيون جن ۾ تنهنجي ۽ منهنجي پهرين ملاقات ٿي هئي!

۽ شايد توکي ان ڳالهہ جو احساس نہ هجي، تہ منهنجو توسان ڪيترو نہ دلي لڳاءُ آهي! تو مون کي اُن وقت سهارو ڏنو هو، جڏهن مان هلي هلي بيحد ٽڪجي پيو هئس. تنهنجو ساٿ، مون لاءِ ان نم جي وڻ جي ٽڏي ڇانو جيان آهي، جنهن ۾ ڪوئي مسافر هلي هلي ٽڪجي اچي گهري ننڊ ڪندو آهي. مون کي ڊپ ٽينڊو آهي ڪڏهن ڪڏهن، تہ ڪٽي وقت جا ظالم وهڪرا مون کان اها نم جي ٽڏي ڇانو نہ کسي وٺن! هيءُ خط جڏهن مان توکي لکان پيو

ته منهنجي دل ڏاڍي اُداس آهي. مون سوچيو آهي ته مون تان جڏهن هي ڪيس ختم ٿيندا ته مان توسان شادي ڪندس. سياست جي ذهني مونجهارن مان نڪري پاڻ هڪ سُکون واري دنيا آباد ڪنداسين. تنهنجي ۽ منهنجي سکون واري گڏيل ننڍڙي دنيا. جنهن ۾ فقط تون ۽ مان هونداسين، ٻيو ڪوئي به نه هوندو. تون هوندينءَ مان هوندس، پنهنجو ننڍڙو گهر هوندو، وڻن جي ٿڏي ڇانو هوندي، موتئي جا گُل هوندا، رات هوندي ۽ صبح جو اڇو اڇو ڪير جهڙو سوجهرو هوندو.

***

ويئون پب پئي، ڪيروُن ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٽين جو، پُڇان پير پهي!
رُجن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا
(شاهه)

***

(..... ۽ رات به الائي ڇند جي ڪهڙي رات هئي. ٻاهر ڪنڊي جي گهاٽي وڻ مان چند جي روشنائي چٽي اچي رهي هئي. چند ڪنڊيءَ جي گهاٽي وڻ جي پويان لڪل هو ۽ متي آڪاس ۾ ڪيترا ستارا نڪتا ٻينا هئا. مان ڪنهن محل ورانڊي ۾ ٽي بينس ته ڪنهن محل اڳڻ ۾ اچي ٻيهي چند کي ٽي ڏٺم. چند پنهنجي جوبن تي هو. ٿڏي ٿڏي هوا تيز پئي لڳي، جنهن محل هوا ٽي هلي ته ڪنڊيءَ جي وڻ مان عجيب آواز ٽي نڪتا. هوا ان وڻ مان لنگهندي آهي ته ڪيترو نه عجيب آواز ڪندي آهي. مون کي ان آوازکان ڏاڍو ڊپ ٿيندو آهي. هيءَ ٻيئل ڪنڊيءَ جو وڻ به ڪيڏو نه پراڻو آهي. الائي ڪنهن اهو وڻ هٿي پوکيو هوندو؟ هي توهان جا گهر، ۽ هٿي جو ماحول مون کي الائي ڇو اتهاسڪ لڳندو آهي. ڪنڊيءَ جي وڻ کان پاسي ۾ جيڪا ميرن جي صاحبيءَ واري دوُر جي جاءِ آهي، ان کي ڏسي منهنجي من ۾ الائي ڪهڙي ڇڪ ٿيندي آهي! چون ٿا ته ميرن جي صاحبيءَ ۾ هٿي ميرن جو قيدخانو هوندو هو. ڪٿي ائين ته ناهي ته ان دور ۾ به مان هٿي قيد هيس؟ ڪهڙي

خبر تہ تنھنجي گھر سان، ۽ تنھنجي ڪٽنب سان منھنجو جنم جنم جو ڪوئي پراڻو چڪر آھي، جيڪوچڪي مون کي ھتي وٺي آيو آھي. ٿي سگھي ٿو تہ تون ان دور ۾ ب مون سان ائين آڏيءَ رات جو ملڻ ايندي ھوندينءَ! سچ پچ تہ مان الائي پاڻ کي چا ٿو محسوس ڪريان!

مان انھن سوچن ۾ ئي گم ھيس، تہ اوچتو آڪاس ۾ ڪائي ٽيٽيھر تيز آواز ڪندي ھلي ويئي. ھي ٽيٽيھر ب عجيب آھي. ڏسڻ ۾ صفا ڪاڻ ايندي، پر سندس آواز ۾ ھڪ عجيب درد ھوندو آھي. چوندا آھن تہ ٽيٽيھر اُھي پٽڪيل روح آھن، جن کي زندگيءَ ۾ ڪڏھن ب سکون نہ ملندو آھي. تہ چا سچ پچ ھي ٽيٽيھر پٽڪيل رھي ٿي؟ الائي ڪھڑي خبر تہ ائين ئي ھجي، جيئن اسين سوچيون ٿا، ۽ مون کي تہ ھِن ٽيٽيھر جي آواز کان ب بيحد ڊپ ٿيندو آھي. مون ھن رات کي ۽ چنڊ کي ڏسندي سوچيو تہ ھي رات ۾ ب ڪيتري نہ سندرتا آھي. پر ھن رات جي سڄي سندرتا، توکان سواءِ ب ڪيتري نہ وساميل وساميل آھي. ھي چنڊ ۽ چنڊ جي ڪير جھڑي چانڊاڻ، مون کي توکان سواءِ ڪاري ڀاڪ پئي نظر اچي. ھن آڪاس ۾ ھيڏو سارو ڪِڙيل چنڊ توکان سواءِ اونداھو آھي. پر جڏھن تون مون وٽ ايندي آھين، تہ مون کي لڳندو آھي تہ ڇڻ منھنجي اونداھي اڳڻ ۾ چنڊ پنھنجي پوري جوبن سان اچي بيٺو آھي. تون پنھنجا ڏڳھا ۽ ڪارا وار جڏھن کوليندي آھين، تہ مون کي ايترو وٽندي آھين، جو دل چوندي آھي تہ مان توکي ائين ئي ڏسندو رھان. ۽ جڏھن مان توکي اھا ڳالھہ چوندو آھيان تہ تون يڪدم چوندين آھين تہ: "سائين، پوءِ وار کولي ڇڏ نہ!" ۽ جڏھن مان پنھنجي ھٿن سان تنھنجي وارن جي رِبن کولي تنھنجا وار چوڑي ڇڏيندو آھيان، تہ مون کي تون ھن چنڊ کان ب وڌيڪ سھڻي لڳندي آھين. تنھنجي چھري مان خود ھڪ عجيب ٽڏي ٽڏي روشني ڦٽڻ لڳندي آھي. تنھنجو روشن چھرو انھن ڪارن وارن جي اوٽ مان ائين لڳندو آھي، ڇڻ چوڏھينءَ جو چنڊ ڪارن ڪڪرن مان ليڪا پائي رھيو آھي! ۽ ھڪ رات تو پنھنجي جسم جا ٽِر مون کي ڏيکاريا ھئي تہ مون کي لڳو ھو تہ

جڙ مان اهو سڀ ڪجهه اڳي به ائين ڏسي چڪو آهيان!)

***

اڄ وڃ ختم ٿي.....

مان اڪيلو بينو آهيان.....

هي جيون ڪهڙو نه ڪٺن.

ڀ منهنجو پٽرائون رستو ڪيترو نه لمبو آهي!

(بورزپئسترنڪ)

***

(ڀ محرم جو مهينو به اڇي ويو. توکي ڪارن ڪپڑن ۾ ڏسندي ذهن تي الائي ننڍپڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون يادگيريون تري آيون. ننڍي هوندي مان به ڪارا ڪپڑا پائيندو هيس. محرم جي مهيني جو چنڊ ڏسبو هو ته مان پنهنجي گهر تي آنگاس چاڙهيندو هيس. پوءِ پهرين محرم جي ڏينهن ڪارا ڪپڑا ڏڪي پنهنجو ننڍڙو ڪاٺ جو گهوڙو ڪپڑن سان سينگاري، پاڙي جا چوڪرا گڏ ڪري پڙ ڪيندو هيس! ڀ ان ئي زماني ۾ ننڍڙي هوندي مان پنهنجي ماسيءَ سان مجلسن ۾ تمام گهڻو ويندو هيس. اُن زماني ۾ زالن ۾ محبت به گهڻي هوندي هئي.پاڙي جون پوڙهيون عورتون ڇهه ڇهه آنا گڏي، وڏي گاڏي ڪري ڪڏهن ٽنڊي جهانيان هلنديون هيون ته ڪڏهن ٽنڊي غلام حسين. پوءِ موٽندي پنڊ ئي پنڊ ڀ نياز جي پٽ جون پاٽيون مٽي ٿي!

اڄ جڏهن انهن ڳالهين تي سوچيو رهيو آهيان ته اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا اٿم. اها منهنجي ماسي، جنهن کي مان نانيِ امان چوندو هيس، مون کي ڏاڍو گهمائيندي هئي. اڄ هن کي مُئي به الا ڪيترا سال ٿيا آهن. ڪيترو وقت ٿيو آهي جو مان هُن جي قبر تي به نه وڃي سگهيو آهيان..... ننڍڙي هوندي مان پهرئين پهرئين هن سان ئي گڏجي توهان جي گهر مجلس ۾ آيو هيس. مون کي ياد آهي چگيءَ طرح ته مان جڏهن توهان جي گهر ننڍڙي هوندي آيو هيس ته الائي ڪيترا ٻار هئا، جن سان مون راندين کيڏيون هيون. شيديائين کان ڪچوريون ڀ روٽيون ونيِ کاڏيون هيم ڀ مان پنهنجي ذهن تان اڃا تائين اهي يادگيريون نه مٽائي سگهيو آهيان. منهنجي ذهن تي

تنهنجو گهر ۾ ان گهر ۾ پٽيندڙن ڪارن ڪپڙن ۾ ڪيترين ئي مايون، شيدياٽيون، شيدياٽين جا پار ۾ اڳڙ ۾ بينل ليارجو وڻ، اڄ ڏينهن تائين منهنجي ذهن تي نقش آهن.

ڏس نه، توکي ڪارن ڪپڙن ۾ ڏسندي مون کي به الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ننڍڙي هوندي جون ياد اچي ويون. پر توکي هي ڪارا ڪپڙا به ته ڪيترا نه ڏهن ٽا.!)

***

ڪئي غم کان زاري، ويچاري سڪينا،
ٻنا تنهنجي بابا، ويچاري سڪينا،
ڦري دربدر، درد ماري سڪينا.

(مشهور مرثيه گو شاعر محمد عالم جو نوحو)

***

مئي، 1973ع ـ آگسٽ 1978ع ـ جولاءِ 1976ع ۽ جنوري 1977ع

***

وقت ڏيري ڏيري گذري رهيو آهي. ڪا مهل ٿي ته شام به ٻاهر ختم ٿي ويئي. ڊرائنگ روم ۾ اونداهي آهي. مان ميز جي پرسان اڪيلو اڪيلو وينو آهيان. منهنجي اڳيان ميز تي بمبئي بيڪريءَ جو پنجن پونڊن جو سالگرهه ڪيڪ ائين ئي رکيل آهي. به پليٽون چينيءَ جون ائين خالي خالي آهن. ڪيڪ جي پاسي ۾ هڪ شمع آهي جيڪا ڏيري ڏيري ٻري پئي. شمع جي هلڪي هلڪي روشنيءَ ۾ مان، هوءَ خالي اڪيلي ڪرسي، به خالي پليٽون، ڇُري ۽ ڊرائنگ روم جو پيانڪ ماحول ڪجهه وڌيڪ پيانڪ پيو لڳي. ۽ اڄ 3ـ مئي آهي ۽ مان اڪيلو اڪيلو تنهنجو جنم ڏينهن ملهائي رهيو آهيان!

..... "دي ڊي ول ڪم!"

..."ڪنهن پرهه اسان کي پاليو هو، هن رات اسان کي رولیو آ..."

.....

۽ تو هڪ پيرو مون کي چيو هو پاڻ تي ڪهاڻي لکڻ لاءِ! پر ڪهاڻي مان توتي نٽو لکي سگهان! تنهنجي شخصيت تي سچ پچ ته مان ڪهاڻي ڪڏهن به نه لکي سگهندس! تنهنجي شخصيت ۽

تنهنجو ڪردار، زندگيءَ جو ايترو تہ پرپور ڪردار آهي، جو ان کي ڪاٽيءَ ۾ سمائي نٿو سگهجي! شايد، مان تنهنجي زندگيءَ تي ڪڏهن بہ ڪاٽي نہ لکي سگهندس!

***

ـ مس "گ" جي نالي.....

"مدت گذري ويئي آهي، ۽ مان گهٽو ڪجهہ پُلجي ويو آهيان. مدت بعد رهجي ويل مان بہ گهٽو ڪجهہ پُلجي ويندس. ڏک ياد اچڻ سان ٿيندو آهي، ۽ مان آهيان، جو تنهنجي پُلجي وڃڻ جو ڏک ڪري رهيو آهيان!!"

(مهراڻ- اپريل 1978ع حيدرآباد)

اُپريو ڏينهن ڏکن جو

14- سيپٽمبر، چنچر، سانجهي.

تنهنجا وار ڪُلهن تي وکريل آهن ۽ وشم آويت جو جهنگل مصرا ڪشيءَ جي رنگين مندر کي پنهنجي ڪچ جي گهيري ۾ ڪيو وينو آهي! (-امارو)

سپ کان اڳ رخسانا، مان توکي اهائي ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اڄ سجاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ مون کي محسوس ٿيو ته مون کي هيبتناڪ سپنو ڏٺو آهي. پر ڪجهه گهڙيون سوچڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيم ته اهو هيبتناڪ ۽ ڊپ جهڙو سپنو تنهنجي ۽ منهنجي ڪنهن اڳئين جنم جي دور جو هو. جهڙڪين جي چين چين ۽ سانجهيءَ جي ٽڏي ٽڏي هوا جي جهوٽي سان ذهن سجاڳ ٿيو ته من مان ڪا سُرهي سُرهي سڳنڌ ڦٽي پئي. مون سپني ۾ تنهنجو ۽ منهنجو گذريل هڪ جنم ڏٺو هو. ڇا توکي منهنجي انهيءَ سپني تي يقين ايندو؟ مون ته ڪڏهن پراڻو سکر ڏٺو به نه آهي. پر منهنجي سپني ۾ اهو گذري ويل اسان جو جنم الاءِ ڪيئن ڏسڻ ۾ آيو. درياهه جو گهاٽ ۽ بکر شهر جون ماڙيون، منهنجي ذهن تي چٽي ڇڏيون آهن اُن سندر سپني!

۽ جڏهن انهيءَ سپني ڏسڻ ڪانپوءِ منهنجي اک کُلي پئي ته ڏٺم ڪو پاڇو منهنجي ڪٽ وٽان لنگهي ويو پئي، ڪو اجنبي پاڇو! اهڙي ئي هڪ اجنبي پاڇي کي مون هڪ ڀيرو اڳ به جاڳندي وهنجڻ واريءَ جاءِ ۾ آڏيءَ رات جو ڏٺو هو.تون چوندينءَ ته مان هاڻ ڏينهون ڏينهن عجيب عجيب ڳالهين تي يقين ڪرڻ لڳو آهيان. پر اها هڪ حقيقت اٽئي ته مون کي هاڻ سچ پچ لڳي ٿو ته منهنجي سوچ تي ۽ پنهنجي پاڻ تي ڪنهن پُراسرار شڪتيءَ جو پاڇو پئجي ويو

آهي!

مون کي ياد ٿو اچي ته ڪٿي مون هڪ آمريڪي ساهتڪار "ايڊگر ايلن پو" جون هيءُ سِٽون پڙهيون هيون..... ("اُهي ماڻهو جيڪي ڏينهن جو سپنا ڏسندا آهن، انهن کي ڪيتريون اهڙيون شيون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن، جيڪي فقط رات جو سپنا ڏسندا آهن!")..... ۽ مان به اڪثر ڏينهن ڏٺي جو سپنا ڏسندو آهيان.

۽ اڄ تاريڪ خيالن جي جهرمٽ ۾، اڪيلائيءَ جي هنڌ تي، اهي لمحا ۽ اهي پل ياد اچي رهيا آهن، جيڪي ڪن مري ويل ماڻهن جي آتمائن جيان ڪڏهن به موٽي نه ايندا. (ڪاش!) جيون جي هِن وهندڙ نديءَ ۾ ڪو ڪنهن جو ساٿ نه ڇڏي ها! پر ساٿ ڇڏڻ کان اڳ ڪو منهنجي اکين ۾ جهاتي پائي ڏنڏلا ڏنڏلا سپنا ته ڏسي ها! (۽ سونهن پربا سپنا ته متجرڻ کانپوءِ به اميد جي ڇيين جو ٻارڻ نه بنجندا آهن).

خط لکڻ توکي وينو آهيان، پر قلم الائي ڪهڙيون ماڳ ويجايل سٽون سرجي رهيو آهي. توکي جڏهن خط لکندو آهيان ته دل چوندي آهي ته من جي ڦهلاءَ تان هڪ ڳالهه ڪوري توکي اماڻيان. پر آهيان مان به عجيب. جڏهن ويجهو هوندي آهين ته ڳالهائڻ لاءِ مون وٽان لفظ اُڏامي ويندا آهن ۽ جڏهن دور هلي ويندي آهين، ته لفظ پکين جي ولرن جيان اُڏامي اچي دل جي اڱڻ ويهندا آهن. منهنجا هي لفظ ڪوئل جي ڪوڪ جيان آهن، جيڪا سانوڻ جي مند ۾ مينهن کي پڪاريندي آهي. ڇا تو ڪڏهن ڪوئل جي ڪوڪ تي غور ڪيو آهي؟ مون کي به ته ڪنهن مينهن وسڻ جو اوسيئڙو آهي. منهنجي لفظن جي پڪار تي به ته ڪڏهن کي بادل مِڙي ايندا ۽ جڏهن اهي بادل برسندا ته مينهن وسندڙ ڪنهن اونداهيءَ رات جو تنهنجي ۽ منهنجي جيون جو سنگم ٿيندو. ڪنهن جنم ۾ مان توکي هڪ مينهن وسندڙ رات جو، سنڌودرياهه جي گهاٽ تي اڪيلو ڇڏي ويو هيس. درياهه اڳ به تنهنجي گهر جي ڪنڊيءَ تان وهندو هو ۽ اڄ به سنڌو جڏهن ان ساڳئي هنڌ تان وهي پيو، ته مون کي لڳي ٿو ته وقت هڪ پيرو وري پنهنجي اٽل ڪندو! ۽ وقت جڏهن اٽل ڪئي

تہ هن منهنجي من جي ڏرتيءَ تي ڪئين ساوا ساوا سلا ڦٽي پوندا. (سامهون جڏهن بڙ جي درخت تي ڪي پکي اچي پنهنجو مڌر آلاپ ڪندا آهن تہ مان انهن جي سنگيت ۾ ڪوئجي ويندي به توکي ياد ڪندو آهيان ۽ انهن پکين کي چوندو آهيان تہ ڇا ڪٽي توهين منهنجي سپنن جي ساڀيائن جو انت تہ نہ آڻي ڇڏيندو؟ توهان جي مڌر آلاپ جو سنگيت منهنجي آرزوئن کي جڪڑي نٿو سگهي. منهنجي من جون ڪلپنائون تہ منهنجي پرينءَ ڏانهن ڇڪجي رهيون آهن. منهنجو پرين، جنهن کي مون پنجاهہ ڏينهن کان ڏٺو ڪونهي! مان تہ توهان سان گڏ اڏام ڪري پنهنجي پرينءَ جي ڇاتيءَ کي ڇُهڻ چاهيان ٿو: جنهن جي ڇاتيءَ جي پنل سُڳنڌ ۾ ڪڏهن منهنجو ساهہ اڌ پنڌ ۾ ساڻ نہ ڇڏيندو!

تون ڪڏهن منهنجي سوچ کان بيزار تہ نہ ٿي آهين؟ منهنجون ڳالهيون ڪڏهن توکي منجهائي ڇڏين تہ تون پنهنجي گهر جي ڪُڏ تي چڙهي، درياهہ ڏانهن نهار ڪري، آڪاس ۽ درياهہ متان ڦهلجندڙ شام جي اونداهيءَ کي غور سان ڏسجائين، تہ پوءِ توکي مان ۽ منهنجون سوچون سمجهہ ۾ اچي ويندیون. ڪالهہ مون متيءَ جي هڪ مورتي ٺاهي آهي. مورتي ٺهڻ کانپوءِ جڏهن مون اُن مورتي جي مُک ۾ نهاريو تہ الائي ڇو مون کي لڳو تہ اها مورتي تنهنجي ۽ منهنجي گذريل جيون جي ڪا اتهاسڪ نشاني آهي.

ڪيترا پيرا مون جڏهن به ڪا مورتي جوڙي آهي تہ اها مون کي ڪنهن اڳئين زماني جي ٺهيل ڪا قديم مورتي لڳندي آهي. پوءِ مان اڪثر پنهنجن هٿن کي ڏيان سان ڏسندو آهيان تہ اهي هٿ تہ هر دور ۾ ڪنهن ڪلاڪار جا هٿ رهيا آهن، اهي هٿ جن سدائين پيار ۽ سونهن جون مورتيون جوڙيون آهن، جن هٿن ڏاڙهونءَ جي گلن جهڙا گيت سرجيا آهن، انهن ساڳين هٿن کي ڇا پنهنجي ئي ڪا جوڙيل تخليق شڪست ڏيئي ڇڏيندي؟

جڏهن اهڙي ڪا سوچ ڪنهن گهاتيءَ ول جيان ويڑهي ويندي اٿم تہ پوءِ الائي ڇو مون کي محسوس ٿيندو آهي تہ مان ساون ساون وٽن ۾ گهيريل ڪو اُداس، ويران ۽ سنسان ڪنڊر آهيان. اداس ۽

سنسان کنڊر جنهن تي جڏهن نماشام جو پرسان بيٺل سدا ساون وڻن جا پاڇا پوندا آهن، تہ پوءِ انهن پاڇن مان ڪي ٻہ چيڪي مٽيءَ جون ٺهيل مورتيون ايري ايندیون آهن ۽ پو تيز طوفان لڳندو آهي، جنهن ۾ اهي مورتيون، ان سنسان ۽ ويران کنڊر جي نهار کان اوجهل ٿي ويندیون آهن. (هر صبح تنهنجي ياد ڏيارينڊو آهي ۽ هر شام جو مان ڪنهن پٽڪندڙ آتما جو روپ وٺي ان سنسان کنڊر جي چوگرد ڦيرا پائيندو آهيان!)

پلَ، پکين جيان ڏينهون ڏينهن اڏامندا پيا وڃن ۽ وقت انسان جي جيون کي ڪُتري رهيو آهي. هڪ قديم ڏند ڪٿا ۾ آهي..... ("انسان جو جيون ڪنهن کوهہ ۾ ٽنگيل ان ماٺهوءَ وانگر آهي، جنهن جي هٿ ۾ وڻ جي ڪا پاڙ آهي. ان وڻ جي پاڙ کي اڇو ڪوئو (ڏينهن) ۽ ڪارو ڪوئو (رات) ڪُتري رهيا آهن!")... پر مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ مان اهو کوهہ ۾ لڙکيل ساڳيو ماٺهو آهيان، منهنجي هٿ ۾ جهليل وڻ جي پاڙ ڏينهن ۽ رات گڏجي ڪتري چڏي آهي پر مان کوهہ ۾ ايڏا تائين نہ ڪريو آهيان. مان ڪرڻ چاهيان ٿو هيٺ پاٽيءَ ۾، جتي مانڌار آهي ۽ سانت آهي. پر مٿي جڏهن مان ڏسان ٿو تہ مٿي وشال آڪاس ۾ ڪَتيون ڪر موڙي رهيون آهن ۽ آڪاس جي ديوي رميا نرت ڪندي مون ڏانهن نهاري رهي آهي!

پر منهنجا پرين، ڇا مان توکي پنهنجا ڏنل سڀ سپنا ٻڌائي چڏيان؟ مون تہ هيل تائين الائي ڪيترن ڪنهبي رتل سپنن جي اٽت ڪئي آهي. ڇا تون منهنجا سيئي سپنا منهنجي اکين سان ڏسي سگهندينءَ؟ دور افق ۾، سانجهيءَ مهل جڏهن آءٌ سپنن جا سنسار ڏسندو آهيان، تہ پوءِ من ۾ ڪا وينگس پنهنجا ڊگها وارڪولي ويهندي آهي، ۽ آءٌ انهيءَ وينگس جي ڪارن وارن جي اوٽ مان جڏهن جيون جي رڻ کي ليئا پائي ڏسندو آهيان تہ پوءِ دل جي درخت تي زور زور سان ساروٽين جو وڏڦڙو مينهن وسڻ شروع ٿي ويندو آهي. ڪنهن ٿي ڇاتو تہ جيڪي ڪالهہ منهنجي پر ۾ بيٺل هئا اهي سيان ان ساڳئي هنڌ تي نہ هوندا. گهنگهور گهٽا ٿي ڪالهہ تائين

جيڪي وڻا هڻا، اهي وري ڪڏهن منهن نه ڪيندا. ڇا اتي تون مون کي ياد ڪرين ٿي؟ درياهه جي ٽڏين ٽڏين هوائن ڪٽي منهنجي ياد تنهنجي من تان ميساري ته نه ڇڏي آهي؟ مان ته هتي پل پل ڪانپوءِ توکي سارينديو آهيان. تنهنجي سُرهي سُرهي سار جڏهن ايندي اٿم ته پوءِ من جي ڦهلاءَ تي هر پاسي کان ان جي مهڪار ۾ هُبڪار ڦملجي ويندي آهي. جيءَ ۾ جڏهن تون جهروڪا پائڻ لڳندي آهين، ته پوءِ جنم جنم جي ڪا سار جاڳي پوندي آهي. ڪنهن ڪنهن مهل مان سوچيندو آهيان ته ڇا ڪنهن ڏينهن تنهنجو اهو باک- پنل رابيل جهڙو مُکڙو پاڻ کان سدائين لاءِ وڃائي ويهندس. منهنجا سپنا ڪٽي مون کان منهنجو مارگ ته نه کسي ونندا؟ مون هر دور ۾ ڪو ويراڳي ٽيڙ جو وچن ته نه ڪيو هو. ۾ ويراڳ ورتي به ته مون کي الائي ڪيتري مدت گذري ويئي آهي، ۾ مون کي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن سپنن کان ڏاڍو ڊپ ٽيندو آهي!

پر ڊپ سان گڏ مون کي ياد آهي گذري ويل جنم جي هڪ هڪ ڳالهه. توکي ڏسي مون کي هر وساريل شيءَ ۾ ياد اچي ويندي آهي. ۾ جڏهن وسريل شيون ياد ايندیون اٿم، ته دل چوندي آهي ته توکي ساڻ ڪري، ڪنهن ڏورانهين شهر ۾ هليو وڃان. ان ڏورانهين شهر ۾، جيڪو اڪثر منهنجن سپنن ۾ ايندو آهي. منهنجي سپنن ۾ ايندڙ انهيءَ شهر جي چونڪ چونڪ تي شمعدان ٻري رهيا آهن ۾ ڪاٺ ڳڙ جون ماڙيون، پورنماسيءَ جي چندرما جي ٽڏي ٽڏي روشنيءَ ۾ وهنتل آهن! تون هڪ پيرو هيڏانهن اچ، ته مان توکي پنهنجي زندگي جي هر دورکان چگيءَ طرح واقف ڪريان.

توکي خط لکڻ مهل الائي ڇو محسوس ٽيندو اٿم، ته جيڪي ڪجهه مان توکي لکڻ چاهيندو آهيان، اُهو لکي نه سگهندو آهيان، پر پوءِ به مون کي لڳي ٿو ته منهنجي هڪ هڪ ست توکي اتي منهنجي ياد ڏيارينديءَ ۾ جڏهن توکي اتي منهنجي ياد ايندي ته پوءِ توکي محسوس ٽيندو ته منهنجو ڪو سپنو ڪوڙو نه هو.

پر ڪالهه جيڪو مون سپنو ڏٺو، اهو ايترو ته عجيب هو، جنهن منهنجي ذهن ۾ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون جاڳائي ڇڏيون

آهن. دل چوي ٿي ته اهو سپنو توکي نه ٻڌايان، پر الائي ڇو نه چاهيندي به مان توکي سپني جي هڪ هڪ ٻالهه لکي رهيو آهيان!

مون ڏٺو ته مان هڪ خوبصورت باغ ۾ بيٺو آهيان، جنهن ۾ چئني پاسن کان سهٽا ۽ قسمن قسمن جا گل ۽ ٻوٽا ٽڙيا بيٺا آهن. پاسن کان ڪيترا وڻ آهن، جن تي سايون سايون وليون ويڙهيل آهن. وٽن مان ڪيترن پکين جي ٻولين جو آواز اچي پيو. مون سان گڏ هڪ ٻي ٻ ڪا ڇوڪري آهي، ان ڇوڪريءَ سان گڏ مان ان باغ مان نڪري ٻاهر اچان ٿو. ته سامهون نظر پوي ٿي هڪ پراٽي حويليءَ تي چيرولیءَ سان جڙيل سرن جي اها ماڙي مون کي نائين يا ڏهين صديءَ جي دور جي پئي لڳي. ماڙيءَ کان دور سنڌو درياهه جو پاٽي وهندڙ پيو نظر اچي. درياهه جي ٻيٽ ۾ ڪو قلعو آهي، جنهن جون چيڪي مٽيءَ جون ٽهيل پٽيون مون کي دور کان نظر اچي رهيون آهن. مون کي اهو سڄو ماحول الائي ڇو ايترو عجيب پيو لڳي جو مون اُن اجنبي ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان جهلي ورتو آهي. اها ڇوڪري مون کي پوءِ ان قديم حويليءَ ۾ اندر وٺي ويڄي ٿي. اسين هڪ وڏي ڪاٺ جي اُڪر واري دروازي مان لنگهي اندر ويون ٿا. اندر جو ماحول مون کي جهڙوڪر ڏنل وائنل پيو لڳي. شاهي وڏي اڳڻ ۾ هڪ نم جو وڻ آهي. وڻ جي پر ۾ ڪيتريون مايون ڪو ڪم ڪري رهيون آهن. اسين اُتان لنگهي وراندي ۾ اچون ٿا. وراندي ۾ هڪ شخص جنهن کي چيلهه سان ترار ٻڌل آهي، اسان کي هڪ پاسي ويڄڻ جو اشارو ڪري ٿو. مان اوڏانهن ڏسان ٿو، ته مون کي مٽي ماڙيءَ ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ ڏسڻ ۾ ٿي اچي. وري ٻ اها ساڳي ڇوڪري مون کي ان ڪاٺ جي جڙيل ڏاڪڻ تان مٽي وٺي ٿي هلي. ڏاڪڻ چڙهي اسين مٽي ويون ٿا، جتي ڪيترا وڏا صفا ٽهيل آهن. اها ڇوڪري مون کي هڪ وڏي صفي جي پر ۾ هلي ٿي بيهاري. مون کي چُپ رهڻ لاءِ اشارو ڪري، هوءَ خاموشيءَ سان دريءَ کي کولي ٿي. مان وڏي اُن دريءَ مان اندر نهار ڪريان ٿو. اندر مان ڏسان ٿو توکي. توکي ڪارو ويس پاتل آهي. تون مون کي ان محل ڪا آڪاس جي اپسرا پئي لڳين، مان بي اختيار وڏي اندر اچڻ چاهيان ٿو ته

اوچتو منهنجي نظر هڪ شخص تي وڃي پوي ٿي. ڪاري پنيي ڏاڙهيءَ سان، ان شخص کي چيلهه سان ترار ٻڌل آهي. ايتري ۾ منهنجي پاسي کان ڪير مون کي آهستي سان ٻڌائي ٿو ته اهو شخص تنهنجو مڙس آهي. منهنجي دل جڙ هڪ هنڌ ٻيهي ٿي رهي. مان پنل اکين سان وري اندر نهاريان ٿو. اندر صفحي ۾ تون ٻيئي آهين ۽ اهو تنهنجو مڙس کٽ تي ويٺو ماني کائي. اوچتو مان ڪنهن ٻه ڳالهه جي پرواهه نه ڪري دريءَ مان ٽپي اندر اچان ٿو. پر هڪ عجيب ڳالهه ٿئي ٿي، جو مان اندر اچان ٿو ته ٻه تنهنجي مڙس جي نظر مون تي نٽي پوي. تنهنجي نظر جڏهن مون تي پوي ٿي ته مان پنهنجون ٻئي ٻانهون کولي ٻيهان ٿو تون اچي منهنجيءَ ڇاتيءَ سان لڳين ٿي. مان پوءِ توکي سان ڪري هڪ پاسي ڊوڙان ٿو. ڊوڙندي ڊوڙندي پاڻ هڪ هنڌ اچي بيهي ٿا رهون. مون کي محسوس ٿو ٿئي ته پاڻ هڪ ڪُڏ تي ٻيٺا آهيون. پنهنجي ڇٽي پاسن کان غير انساني آواز جو هڪ عجيب شور آهي، مان توکي ٻانهن کان ونڊي ان ڪُڏ تي ڊڪون پايان ٿو. پر مون کي لڳي ٿو ته ڇڙ جون سڀ راهون بند ٿي چڪيون آهن. مان ڪُڏ تان نهار ڪريان ٿو. دور ڪو مُنارو مون کي ڏسڻ ۾ پيو اچي. مناري جي آسپاس ڪيترا ماڻهو ترارين سان وڙهي رهيا آهن. ۽ پوءِ الائي ڇا ٿو ٿئي جو اهو سڄو ماحول ڪنهن ڪوهيڙي ۾ لڪي ٿو وڃي. مان اوندهه ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريان ٿو. پر تون منهنجي پر ۾ بيٺل نه آهين ۽ پوءِ اوندهه ۾ سڄو وايو منڊل گم ٿيو وڃي! (سپنو، پوءِ ٽٽي پرزا پرزا ٿيو وڃي!)

رخسانا، مون کي ياد ٿو اچي ته اُن سپني ۾ مون ڪٽي توکان پڇيو هو ته "تو ڪنهن ٻئي اجنبي شخص کي زندگيءَ جو ساٿي ڇو چونڊيو؟" تون مون کي جواب ڏين ٿي ته "توهان ڏيري ڏيري هر ڳالهه کي سمجهي ويندا ۽ جڏهن زندگيءَ کي سمجهڻ سکي ويندا، ته پوءِ توهان مون کي ڏوهاري نه سمجهندو!"

ڇا رخسانا، زندگي حقيقت ۾ ٻه اسان سان ائين ئي ڪندي، جيئن سپنن ۾ ٽيندو آيو آهي. مون تي ڏينهون ڏينهن هڪ عجيب قسم جو ڊپ ڇائنجندو پيو وڃي. ڪو هجي ها پر ۾ ته مون سان

ساڻ ڏئي ها. تون ته ويراڳ ڏيئي ائين وئي آهين جو وري ڪڏهن منهن به نه ڪيبو اٽئي- مون کي هاڻ لڳي ٿو ته تون جڏهن واپس ايندينءَ ته ڪا پاڻ سان گڏ ڏپ جهڙي خبر به کڻي ايندينءَ. تنهنجي ماءُ ڪڏهن به پاڻ کي ملڻ نه ڏيندي. تنهنجي ماءُ جو مون سان ڪو جنم جنم جو ويرآهي. هنن ڏپ جهڙن سپنن ڏسڻ کانپوءِ مون کي يقين آهي ته مان پنهنجين سپني اميدن سان گڏ زندگيءَ جي هن رِڻ ۾ شڪست کائي ويندس. اِها ساڳي شڪست ڪنهن اڳئين جنم ۾ به مون تنهنجي هٿان هِن ويڑهه ۾ کاڌي هئي. ڪاش! زندگي پنهنجيون سيئي ڳالهيون نه دهرائي. اسين الائي ڇو سدائين من جي انهن پاونائن جي پوڄا ڪندا آهيون، جن مان ملندو فقط ڏک آهي.

پر اداسيءَ جي درياهه ۾ ٻڏندي به منهنجي من ۾ اميدن جون ڇيڻيون روشن آهن. ڪاش ڪنهن ڏينهن تون جڏهن منهنجي هنن لکڻين کي پڙهين ته اهو ضرور سوچجائين ته هي سڀ ڪجهه لکندي، منهنجي اندر مان ڪا آهه ڇو نه نڪتي! مان تنهنجو انتظار ڪندس. انتظار ڪندو رهندس، جيستائين تو وٽان ڪو جواب نٿو اچي.

تنهنجو "م"

(ناري پبليڪيشن حيدرآباد فيبروري 1980)

هستيءَ جي اُجاڙ ايوان ۾

سپريان جي ڳالهڙي

تون چوين ٿي ته سپ ڪجهه ائين ئي رهندو آ. نه وقت، نه هوا، نه ڏينهن، نه رات، نه چند، نه اُن جي سهائي، نه ستارا، ڪجهه به ناهي بدلبو، بدلبو آ ته فقط من. جيئن رات ٿئي ٿي، ۽ ڏينهن ٿو نڪري، سُرمئي شام ۽ سنڊو ندي۽ ۾ ٻڏندڙ سج انيڪ شفق جي رنگن جهڙيون ڪنبي رتل ڪلپنائون پاڻ سان گڏ ڪٽي گم ٿيو وڃي ۽ مان، مان به ڪيترن ئي ڏينهن کان پنهنجي من تي الائي ڪهڙا ڪهڙا بار کنيو پئي ڦريس ۽ جڏهن من تي مونجهه ۽ ملولائي جا سوين بار هجن، ته پوءِ دل پرجي ايندي آهي. مون تي به اها ڳالهه اڄ اوچتو پڏري ٿي ويئي ته منهنجي من تي ڄانيل مونجهه روئڻ سان لهي ويندي. گهڙيءَ پل لاءِ ئي سهي، پر رنم ۽ ڏکون پري، سوڙ مٽان وجهي. پريل صفي ۾ سوڙ منهن مٽان ورائي رنس ته اها ڳالهه پڏري ٿي ته اسين گهڙيءَ جي مرڪ ۽ خوشيءَ لاءِ ڪيڏا نه ويهي روڳ پالينداآهيون. اهي روڳ، اهڙا ئي هوندا آهن، جيڪي اڏوهيءَ جيان انسان کي اندران ئي اندران پورو پيا ڪندا آهن. ڪاش! تون سنڊي ميڊيم پڙهيل هجين ها، ته پوءِ توکي شاهه سائينءَ جون انيڪ سٽون ويهي ٻڌايان ها. شاهه سائين چوي ٿو:

"سپريان جي ڳالهڙي، رڳو رنجائو!"

ها، سپريان جي ڳالهڙي، ڪهڙي معمل رڳو رنجائو يا نئبي آهي، اهو پروبه اڄ پيو اٿم.

تون.....تون، سدائين اهو چوندي آهين، ته مان ڍڄڻو آهيان. ها، اهو به سچ ئي ته آهي. مان ڍڄڻو آهيان تڏهن ته سپ ڪجهه ٿيو وڃي ٿيندو رهندو. ڪڏهن ائين ئي ٿيو هوا ويل ائين ئي ٿري

ويندي. ڪتيون ڪر موڙي حياتيءَ جي گذرندڙ پلن کي ڏسنديون رهنديون. ارواح هڪ هڪ شيءِ کي ڏسي ڪجندو رهندو. ها، تو منهنجي ڀَالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته حياتيءَ جي رڙ ۾ منهنجي ئي هٿان هارکائي ويهي رهئين. ڪُجهي ڀَالهه ان ۾ ڪابه نه هئي. نه تنهنجي راهه الڳ هئي، نه منهنجي وڇوتي رڳو اها هئي جو مون وڃي هن ٻاجهاريءَ ٻوليءَ سان پيچ اٽڪايو هو، جنهن ۾ سپنا ته کوڙ سارا هئا، پر سايبائون- هڪ به نه! قسمن قسمن جا سرها سرها گل به هئا، ۽ انهن جي سڳنڌ پڻ! پر حياتي، نه گلن جي سرهاڻ آهي، نه سپنن جو ديس. سپنا ۽ گل، مکڙيون ۽ ڪڙ ڪٻيترا، حياتي گهاريڻ لاءِ اهي ئي سڀ ڪجهه ته نه هوندا آهن- ۽ مان رڳو ڪوتائون چوڻ، آکاڻيون لکڻ ۽ رڳو ڀَالهيون ڪرڻ وارو هڪ شخص جنهن جي جهوليءَ ۾ توکي ڏيڻ لاءِ ڀلاهو به ڇا؟ چند سهڻا جملا چند ڀَالهيون، سپنا، نه ڪجهه به ته ناهي! اهو سڀ ڪجهه حياتي گهاريڻ لاءِ نه، پر رڳو سپنا ڏسڻ لاءِ هوندو آهي. مون تي به اها ڀَالهه چٽي ٿي ويئي. ته ٿي سگهي ٿو جڳ ۾ سڀ ڪوبه ۽ ليڪڪ ائين ئي هجن جيئن مان آهيان، جيئن مان حياتيءَ جي قدم قدم تي، سونهن ۽ سندرتا جا گيت رچيندي رچيندي هار کائي رهيو آهيان/هار کائيندو رهندس/ هارکائيندو آيو آهيان. ٿي سگهي ٿو ته آءٌ اُنهن ماڻهن مان نه هجان، جيڪي پنهنجي واڳ جا واڳ ڏٽي هوندا آهن. ڪاش! ائين ٿي سگهي ته اُهي انسان جيڪي هن دنيا جي سونهن ۽ سوڀيا کي پنهنجي نيٽن جي نهارسان ڏسن ٿا، دل جي دک کي جڳ جي دک ۽ درد سان پيٽين ٿا، اُهي ڪو سندر سپنو نه ڏسن ۽ ڪو وٽندڙ خواب نه ڏسن.

پر ائين به ڪڏهن ٿيو آهي:

"گهوڙن هنيون گهٽيون، اُٺن هنئي آنءُ.
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري!"

اُن ڏينهن وچينءَ ويلا، تنهنجي اِتهاسڪ شهر ۾ هڪ بزرگ جي مقبري ڏانهن پيرين پنڌ ويندي، مون پٺ ورائي تنهنجي حويليءَ ڏانهن نهاريو هو. اُن مهل پکي پر سوئي واهيري ڏي وريا پئي. ڪيترا

پاريل ڪبوتر سامهون پراٽي تجر جي مٿان ويٺا هئا، پرسان لڳل علم جي ڪاري بيرڪ هوا ۾ پئي ڦڙڪي ۽ پريان پڳي ٽوڙهي جي لڪن ۾ سج پئي لڙيو. منهنجي پيرن هيٺان پٽريلي زمين هئي ۽ مٿان ڪليل آسمان. هوا گهوگهٽ ڪندي پئي ويئي. اوچتو ڪي واهيري کان وڇڙيل پنڇي آسمان ۾ ڪيهون ڪندا اڏامندا ويا ته مون هيٺ پٽريليءَ ڌرتيءَ کي ڏٺو هو. نہ ڄاڻ انهيءَ اِتهاسڪ ڌرتيءَ ڪيترا بدلجندڙ وقت جا بدلجندڙ پل ڏٺا هوندا ۽ انهن پلن مان هڪ پل اهو به هو جو مون تنهنجي حويليءَ ڏي ڏسندي گذاري ڇڏيو. اسين سڀ حياتي جي ڪيترين سمجهه ۾ نہ ايندڙ ڳالهين سان وڇڙندا آهيون، ۽ وڇڙي پوءِ روئي پوندا آهيون. تون، تون، منهنجي پهچ کان دور، گهٽو دور هئين پر مون اها راهه ورتي، جيڪا وٺڻ نہ گهربي هئي. مون پاڻ کي حالتن ۽ وقت جي ڌارا تي ڇڏي ڏنو. پر وقت جي ڌارا به ڪڏهن انسان سان ساڻ ڏنو آهي!

مون کي ايڏا ڪالهه ئي اميءَ اها ڳالهه ٻڌائي ته تنهنجي هڪ اڳئين پيڑهي ۽ اسان جي پيڑهيءَ ۾ ڪوئي ٿج جو به رشتو هو. ۽ مون کي به ان مهل جڏهن مون توکي پهريون پيرو ڏنو هو ته ائين لڳو هو ته اسين جڙ ڪٽي اڳ به پاڻ ۾ ملڻيا آهيون! ۽ اهو سچ به آهي، ته مون ڪيترا پيرا سپنن ۾ به توکي ڏنو هو، ۽ جڏهن توسان ملاقات ٿي هئي ته اهي پنهنجا کوڙ سارا سپنا اڇي اکين آڏو بيٺا هئا. مون توکي اها ڳالهه هڪ پيرو چئي نہ هئي ته تون منهنجي حياتيءَ جو پيڙاڙکو سپنو آهين. منهنجي حياتيءَ ۾ هن کان اڳ جيڪي به چوڪريون داخل ٿيون، اهي هوا جي جهوٽن سان پنهنجا سمورا نشان ڀاهي هليون ويون، ۽ تون.....؟

ياد اٿم، تون اُن مهل اين سي سي جي ٽريننگ ڪري واپس وري هئينءَ، ۽ مون تنهنجي سامهون بيني پنهنجي پائٽي سنڌوءَ سان ڳالهايو. مون توکي ڏنو هو، ۽ تون مون کي سڃاڻندي هئينءَ، پر مون توکي نہ سڃاتو هو. ڪاش، ائين ٿي سگهي ها، ته پاڻ نہ ملون ها ۽ ملڻيا به هڪاسين، ته ائين نہ ٿئي ها. جيئن اڄ ٿيو آهي. مون ته توکي ڏسندي ئي پهريون پيرو دل ئي دل ۾ اها دعا ڪئي هئي ته زندگي جون

بي رحم ۽ ظالم قوتون توکي مون کان جدا نہ ڪن.

تنهنجي ڪاهيءَ ٻانهن ۾ پيل سونو ڪڙو سڄ جي تجلي تي چلڪي رهيو هو. ۽ تنهنجا وار هوا ۾ پئي اڏاٽا. اوچتو تو پنهنجن نينهن پريل نيٽن سان مون ڏانهن نهار ڪندي، هڪ هٿ سان پنهنجا وار سنواريا هئا..... مان به ڪيڏو نہ دنيا جو وات وڃايل شخص آهيان، جو جڏهن مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو عشق ڪرڻ بدران ڪنهن کي ڏسڻ شرط شاديءَ جي ڪلپنا ڪئي تہ اُها به منهنجي پهچ کان دور ٿي ويئي. مون هميشه هميشه لاءِ تنهنجن گهرن نيٽن جي نهار ۾ رهڻ ٿي گهريو. ها اها هڪ حقيقت به اٿئي تہ مون توکي ڏسڻ شرط اها ئي ڪلپنا ڪئي هئي تہ مان تنهنجو توکان نانءُ پڇڻ کان اڳ توکي وهانءُ ڪرڻ لاءِ چوندس.

۽ سڄ پڄ جڏهن هي اکر لکان پيو، تہ اها ڳالهہ مون کي ڪيڏي نہ عجيب ٿي لڳي. ۽ اهو سڀ ڪجهہ جيڪو گذري ويو، هڪ هڪ ٿي سڀ ياد پيو اچي. ۽ اها ڳالهہ آهي به بلڪل صحيح تہ مان تنهنجو ساٿ هوندي به تنهنجي پيءُ سان ڳالهائڻ جي سگهہ ساري نہ سگهيس. توکي انهيءَ ڳالهہ جي الائي ڇاڻ آهي به يا نہ، تہ تون جڏهن ڪاليج جي موڪلن ۾ پنهنجي اتهاسڪ شهر ويئي هئينءَ، تہ مان تنهنجي ڪيڏ آيو هوس. الائي ڪيترا ڏينهن تنهنجي ان شهر جي گهٽين ۾، رولاڪن جيان رليو هوس. پراڻن مقبرن جي خاڪ چاٽي، چرين جيان،تنهنجي حويليءَ جي چوگرد ڦيرا ڏنا هئم. ڇا اهو سڀ ڪجهہ منهنجو توسان چريائپ جي حد تائين موهہ جي نشاني ناهي تہ ٻيو ڇاهي! پوءِ به تون چوين تہ سڀ ڪجهہ ائين ئي رهندو آ، ڪجهہ به ناهي بدلبو. ها، سڀ ڪجهہ بدلجي وڃي ٿو. هاڻ تہ هر شيءَ کان بيزاري آهي..... چپ چپات آهي، منهنجي زندگي تي هڪ عجيب ماٺ ڇائنجي ويئي آهي. تون به سوچيندينءَ تہ مان به ڪيڏو نہ سمجهہ ۾ ايندڙ شخص آهيان، جنهن کي ڏک ۽ وڇوڙي مان ساءُ ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو تہ ائين ئي هجي، جيئن تون سمجهين ٿي، جيئن زمانو سمجهي ٿو، تہ مان ماڳ وڃائڻ وارو شخص آهيان. زندگيءَ جي هر فيصلي ڪرڻ ۾ مون دير ڪئي آهي،

دير ڪئي اٿم، پنهنجي پاڙ سان، پنهنجن سوچن سان، خوابن سان، توسان، ۽ جڏهن حياتيءَ جي قدم قدم تي ساهي پٽجي ته پوءِ ڪٽي ٽي حياتيءَ جي سپنن جي ساڃيان هٽ اچي!

اڄا ڪالهوڪي ڳالهه آهي: مان آفيس ۾ ويٺو هوس، ته تنهنجو ياءُ اچي مون وٽ نڪتو. مان افسوس ۽ پڇتاءُ جي گاڏڙ ساڏڙ احساس واري ڏکويل نهار سان تنهنجي ياءُ جي مُک ۾ نهاريو لڳو هوس. ان مهل الائي ڪهڙو پور پيو هئم، جو پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب ڪڍي ڪيس ڏنو هوم، ۽ هو اهو ڪتاب پڙهندي ۽ پنا اُٽلائيندي اچي "منزل" ڪوتا تي بيٺو هو. جيڪا مون توتي لکي هئي.....

اڄ جڏهن تنهنجو مڱڻو ٻه ٽي ويو، تڏهن مان سوچيان ٿو ته حياتي جي هن پنڌ ۾ فقط يادگيرين سان گهاريو ٻه زندگيءَ جو ڪيڏو نه عذاب آهي. اڄ تون دور آهين، ته تنهنجي هڪ هڪ ياد مون سان گڏ آهي. سُيان وهاءُ ڪري هلي ويندينءَ ته ٻه اهي سڀ گذريل يادگيريون حياتيءَ جي ڊگهي پنڌ ۾ هڪ هڪ ٽي آڏو اچي بيهي رهنديون. مون سوچيو آهي ته تون جڏهن وهاءُ ڪري پنهنجي ور جي شهر وڃي رهندينءَ ته مان هڪ پيرو اتي ايندس. اُن ساڳئي شهر جي ڊسٽرڪٽ جيل ۾ مون ڪيترا ڏينهن باندي ٽي گهاريا آهن. مان ايندس ۽ هڪ پيرو توکي پريان کان موٽر ۾ ويندو ڏسي پوءِ موٽي ويندس. ڪنهن کي اها لکا ٻه نه پوندي، ته منهنجي دل تي ان مهل ڇا گذرندو هوندو.

وڇوڙو ۽ ملاقات، زندگيءَ جا ڪيڏا نه عجيب حادثا آهن، جن آڏو انسان سدائين بيوس هوندو آهي. اسان جي اکين آڏو اسان جا آدرش وڇوڙي جي باهه ۾ پسم ٽي وڃن ٿا، ۽ اسين ڪجهه ڪرڻ جي خواهش اندر ۾ رکندي ٻه ڪجهه نٿا ڪري سگهون. آخر ائين ڇو ٿئي

ڪهڙي خبر ته اڄ تون مون کي ياد ڪرين ٿي، پر سيان اها سار ٻه نه اچئي، مون اهو هن خط لکڻ مهل ٻه سوچيو پئي ته تون سُيان مون کي الائي ياد ڪندينءَ ٻه يا نه؟ ڪهڙي خبر ته توکي ڪڏهن وري اها

سارا چي بہ يا نہ، تہ ڪوئي اهڙو شخص بہ هو، جنهن حياتيءَ جي رڻ ۾ هلندي هلندي ڪنهن سائي وڻ جي ڇانوَ ۾ ساهي پَٽڻ ٿي گهري. جنهن وٽ نينهن جي سپني جا اولڙا تہ هئا، پر انهن سپنن جي ساڀيا تائين پهچڻ جو ڪوئي، پنڌ پيچرو نہ هو. ٿي سگهي ٿو تہ تون مون کي ڪڏهن ياد ڪرين، ۽ مان، مان فقط توکي ياد ڪندو رهان. ۽ ياد ڪندي ڪندي حياتيءَ جي رڻ ۾ اڪيلو ۽ تنها رهجي ويان!

هيءُ خط بہ تنهنجي نان ۽ لکيل ڪوتا جي هنن لفظن تي پورو ٿو ڪريان:

ڏينهن جي هن سفر ۾
ويندو اڌ پنڌ ۾ سج لهي،
شام منزل هئي،
تنهنجي منهنجي،
ايئن تہ نہ سوچيو هئم
شام منزل ٿي ويندي، ڪڏهن تنهنجي، منهنجي!!

(آرسي پبليڪيشن حيدرآباد، جولاءِ 1983ع

ٽٽل زندگيءَ جي اٽپوري ڪهاڻي

او دور دور تائين ڦهليل آڪاس!
جيون جي هن ڪشت جو ڪڏهن انت ٿيندو!
مان ڪوئي ٻڌيمان ته نه آهيان،
پر پوءِ به الائي ڇو قدم قدم تي
ڪي اڻ ڄاڻ دک،
رستو روڪي ٿا بيهي رهن!
(پر آخر زندگيءَ جون هي قاتل قوتون الائي ڪيسين تائين ائين رلائيندڙيون رهنديون؟؟!)
.... سوچ.
.... خيال.
.... ۽ خوف!
زندگيءَ جي خالي خالي هڏ جو احساس. (۽ زندگيءَ جي انهن ورجايل احساسن کي ورجائڻ به بڪواس آهي!) زندگيءَ جي پويان ڪائي معنيٰ تلاش ڪرڻ، بيڪار ۽ بي معنيٰ. انسان نه پنهنجي مرضيءَ سان اچي ٿو، ۽ نه ئي وري ڪوئي پنهنجي مرضيءَ سان وڃي ٿو..... خواهشن جا انيڪ ڪاڪ محل. ڪاڪ محل زندگي جا، جن ۾ خواهش جا ياتري پٽڪندا رهندا، رلندا رهندا، ٽوڪرون ڪائيندا رهندا ۽ ..... ؟؟ ۽،
۽، ۽ ڇا .....!!..... (Absurdity)

تتل زندگي. دک. سوچون هر محل الائي کھڙيون، هر هنڌ، ڪنهن اهڙيءَ ڳالهه جو خيال، جيڪو سمجهه ۾ نه اچي. (ڇا جڏهن خيال سمجهه ۾ نه اچن، ته پوءِ ڇا ڪجي. ڪجي الائي ڇا؟ اُن جي جاڻ نڌي پوي. پر ڪجهه نه ڪجي ته پوءِ ڪوئي فرق پوندو. ڇا فرق پوي به ته ڇا ٿيندو؟ پر فرق نه پوڻ کپي. پر جيڪڏهن فرق آهي زندگيءَ جي هر چيز ۾ ته پوءِ ڇا ڪجي؟!!) ڇا هر هنڌ. هر محل. هر موڙ. هر جاءِ. هر ماڻهو ڇا وڻندڙ هر ڇوڪري. رستي تان ويندڙ هر ڇوڪري سھڻي ڏسڻ ۾ اچڻ ڇا ڇوڪريون پھرئين پھرئين ته سھڻيون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن. (ايڏا ڪالهه رستي تان جڏهن هو ويو پئي ته رستي تي برسات پوڻ ڪري گپ ڇا چڪ هئي. هن جي اڳيان ويندڙ ٽي ڪنواريون ڇوڪريون ترڪڻ ڇا گپ کان پاڻ کي بچائيندیون هلي رهيون هيون. سڌو جا پائنچا ٿورا مٿي ڪنيل. وڏا پائنچا سندس نظرون ڇوڪرين جي پائنچن تان پوندیون وڃي سندن مرن تي پيون هيون. هلڪي هلڪي وارن جي هر هر ڇا پوءِ جڻ سندس بت ۾ سياڪار اچي پيو هو.....)

هاڻ رستي تان جڏهن هلندس ته ڪنڌ هيٺ ڪري هلندس. پر ٽڪرائجي پوءِ به ڪوئي نه ڪوئي ويندو. شاهي بازار جي ريشمي گھٽيءَ مان لنگھندي اُن ساڃي اُداس ڇوڪريءَ تي نظر پئجي ويئي ته وري هن جو گھر تائين پيڇو ڪندس! ڇا رکشا ۾ پٽ ڪجي. پر پوءِ به هوءَ گم ٿي ويندي نظرن کان، بنا ميڪ اپ واري اُداس ڇوڪري! ڇا جڏهن کيسي ۾ پئسو نه هجي ته ماڻ ڪري ويهي رهجي. رستي تي هلندي هلندي بيهي رهجي. جڏهن ڪائي شيءِ نظر نه اچي. پر مون کي به ميراجيءَ وانگر ڪائي بيماري ونئي وئي آهي. (ميراجيءَ کي هڪ بيماري هوندي هئي، جو جڏهن به رستي تان هلندي هو ڪنهن عورت کي ڏسندو هو، ته چوندو هو: مون کي بک لڳي آهي!)

"بک مون کي به لڳي آهي!" بک پيٽ جي به آهي ڇا اُها شيءِ

جيڪا وٽي ٽي دل کي، چگو جو دور آهي. دور ۾ دورا دور هئڻ ۾ کپي. جيڪڏهن دور نه هجي ته پوءِ هڪ هڪ حصي کي چيري ڦاڙي چڏجي. چڏڻ جي خواهش. (بک مون کي ۾ لڳي آهي!!) مون کي ۾ سال اڳ هڪ رولو ڪتي ٽنگ ۾ چڪ هنيو هو. نشان اڃا ۾ آهي ٽنگ تي! خواهش چڪن هڻڻ جي چڪ پنهنجي پاڻ کي ۾ هڻڻ کپن. يا ڪنهن ٻئي کي چڪ هڻڻ کپن. هنيا هيم چڪ ڪنهن چوڪريءَ جي ڪلهن، ٻانهن ۾ رانن ۾. چڪ. گهرا چڪ. چڪ اهڙا، جن جي هڻڻ کانپوءِ رت نڪري. (کيس جڏهن رستي تان هلندي رولو ڪتي چڪ هنيو هو ته پوءِ رت ڏاڍو نڪتو هو!) جپاني فليٽ ڪريپ ۾ اوڍيل، ڪٽڪائون رنگ.

ويچار.

چاهنا. ويچار ڪرڻ جي!

(Rape)

.....

(ميڊيڪل ڪاليج جا وديارٿي جڏهن Rape تي ڊاڪٽر مجتبيٰ جوٽيجي جو ليڪچر ٻڌندا آهن، ته پوءِ الائي ڇا محسوس ڪندا آهن؟!)

(مون کي پنهنجو ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرائڻ کپي! ميڊيڪل چيڪ اپ سان گڏ ڪنهن سائيڪالاجسٽ کي ۾ ڏيکارڻ کپي. ڪنهن سائيڪالاجي ۾ پڙهندڙ چوڪريءَ کي مون تي استدي ڪرڻ کپي!)

ريپ جون خبرون ڳولي ڳولي اخبار مان پڙهڻ. خبرن ۾ گم ٽيڻ. خبرون، جيڪي فقط خبرون ئي هوندیون آهن. جن کي پڙهڻ کان پوءِ رات جو ننڊ ۾ "سپن دوش".....! سياري جي رات جو سپن دوش ڪرهت ايندڙ ان مان. ڏپ، ڪني ۾ بچڙي ڏپ! سياري جي راتين ۾ سپن دوش نه ٿئي ته سنو.....

زور،

زبردستي،

زندگيءَ جي هر چيز ۾!!

ويچار،

خواهشن، اميدن ۾ آسرن جو!!

زندگيءَ جي قدم قدم تي،

موڙ موڙ تي ويچار ٽيل!!

(محبت، بيڪار، بي معنيٰ، زندگيءَ ۾ فقط جسماني چاهت ئي معنيٰ رکي ٿي!!)

هڪ رات.

هن ڪنڌ ورائي ڏٺو.

آڏيءَ رات. چند الائي ڪهڙين تاريخن جو. ۾ هوءَ سندس پر ۾.

- مون کي دير ته ڪانه ٿي؟

-تون ايڏي دير ڪري چو آئي آهين؟

- مون کي معاف ڪريو. توهان کي ايترو انتظار ڪرٽو پيو.

.....

هن جو پويان اچي پاڪر پائڙ. هو منهن ڦيري بيهي رهيو.

- مون کي معاف ڪريو نه. هاڻي آئنده دير ڪانه ٿيندي!

- اڄ منهنجي هڪ خواهش آهي!

- ڪهڙي؟

- مان هن چاندوڪي رات ۾ تنهنجي هن ڪير جهڙي ٻت کي ڏسڻ چاهيان ٿو!!

هوءَ چپ ۾ خاموشي ڪجهه دير لاءِ...

- ٺيڪ آهي. تون وڃ. آءٌ وڃي سمهان ٿو!

- نه..... نه!..... پر توهان مون کي ائين آزمائش ۾ چو ٿا وجهو؟

- توکي مون تي اعتبار ڪرڻ کپي. مان فقط تنهنجو مٿيون ٻت

ڏسڻ چاهيان ٿو. ۽ ڏسڻ چاهيان ٿو هن اداس چانڊوڪيءَ ۾ توکي، هن پوئين پهر جو. زندگيءَ جا هي پل، جيڪي وري ڪڏهن به نه ايندا.....!! (Exploitation)

هوءَ اداس ۽ چپ.

اڳيان وڏي، هو هن جي وارن جي پيلي رنگ واري رين کولي، وارن ۾ لڳل ڪانٽا ڪڍي ٿو چڏي. ڪارا ۽ ڊگها وار، ڪنهن واسينگ نانگ جيان ڦهلجي ويا.

واولي جي چولي جي پوئين زپ کولي، چولو بيرحميءَ سان، چڪي ٻانهن کان هيٺ لاهي ٿو چڏي.

..... پوئين پهر جي چانڊوڪيءَ ۾. تجلا ڪندڙ اڇو ڪير جهڙو بت!!!

اگهاڙا ڪلها، لسيون ٻانهون ۽ مٿان لڙڪندڙ ڪارا وار ۽ پوءِ هڪ ئي چڪ سان بريزر مٿي.

چڪ. ڪلهن. ٻانهن. ۽ ڪنڌ تي!!

هن جون ٻئي ٻانهون هٿائي، پنهنجو منهن هن جي ڇاتين ۾ لڪائڻ!!

ايڪسپلائيٽيشن. هر هنڌ. هر نالي ۾ ٽئي پئي ۽ ٽيندي رهندي. محبت ۽ جذبا بيڪار. بي معنيٰ. اڄ جيڪا شيءَ وٽي ٿي، سياڻي اها نه به وٽي!! .....اهميت ان کي ئي آهي، جيڪا شيءَ اڪين اڳيان آهي. جذبا ۽ نظريا سڌائين ساڳيا ڪونه آهن.....

پر محبت ته اهي به ڪن ٽيون.... پنهنجي محرومين جا بدلا ٻين کان وٺڻ، زندگيءَ جو سڀ کان وڏو عذاب آهي!

وڏن وڏن ڪوٽن ۽ حويلين ۾ بند باغي ڇوڪريون، زندگيءَ جي ظلم سان ۽ فطرت سان لڙندڙ، وڙهندڙ ۽ مرندڙ ڇوڪريون. هندو ميتالاجي جون جيئريون جاڳنديون "ايسارڪائون" ايجا به آهن. ڪوٽن ۽ ڪڑن ۾ بند!!

ڇ محبت بہ تہ بيڪار ڇ بي معنيٰ، ڪڏهن ڪڏهن جسماني چاهت بہ ڪائي معنيٰ ٿي رکي.

Life is just dream!!

....؟؟.....!!....

نپل. (Nipil)

ننڍڙي پاٽيجيءَ جي.....

فرسٽريشن. فرسٽريشن جو ڪوئي علاج؟؟ فرسٽريشن فقط سيڪسوئيل بہ تہ ناهي. خالي سيڪسوئل هجي تہ پوءِ ڪٽان سيٽسفاءِ ٿي اچجي!!؟؟

نپل. ننڍڙي هارکي چوسڻ ڪپي. نپل بدل آهي، هارکي ماءُ جي ڇاتين جي. ڇ بدل ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾، هر ڪنهن کي هڪ ڪپي..... هارکي- وڏي کي. ڇ ..... نپل جي جنبيءَ کي ڏهائڻ سان، نپل جي جنبيءَ کي هٿن ۾ پکڙي ڇڏڻ سان، ڪوئي فرق پوي بہ ٿو نہ بہ..... پوءِ بہ نپل اڪثر خراب!!

ڇ سيپ چون.

بيبيءَ جي نپل جلدي خراب الائي چو ٿي ٿئي؟؟!!

.....؟؟.....!!.....؟

.....!!.....

زندگيءَ ۾ هر چيز لاءِ جاڻ ضروري آهي.

(ڇ مون کي ڪائي جاڻ نہ آهي!!)

Moddes ڇا کي چوندا آهن؟؟ ڇ .....

ساڙ. ضد. Jealousy

هر شيءَ کان Jealousy

دوستن کان. ڇ انهن دوستن کان، جن کي سڌي زال هوندي آهي ڪائي گرل فرينڊ هوندي آهي!!

زال واري دوست کي زال وٽي، اڪيلي دوست وٽ نہ وڃڻ ڪپي.

ستل محرومیون ۾ ستل جذبا جاڳیو پون پوءِ، جڏهن ڪائي چوڪري، ڪنهن ٻئي سان گڏ هوندي آهي. رستي تان هلندي ڪٽي ڪنهن کي ڪنهن سان ڏسندي ٽيندي آهي..... Jealousy زال- گرل فرينڊ!! ڪنهن سان به هجي!!

چوڪري دوست هجي (فقط دوست!) ڪابه چوڪري ۾ چوڪريون گهٽيون آهن. چاهنا هر ڪنهن کي آهي. انهن کي به آهي. جن کي زالون آهن- ۾ انهن کي به جن کي زالون ناهن!!

(ڪنهن دوست وٽ. بنگلي ۾ ڪاروباري دوست وٽ لطيف آباد ۾ رات جي ماني!) دوست کي ڏنل يونيورسٽيءَ جي سندس جاڻ سڃاڻ واري چوڪريءَ جي ڊائري ۾ ڊائري سان گڏ چوڪريءَ جو رنگين فوٽو!

ريس. جئيليسيءَ سان گڏ. (چوڪريءَ جي ياءُ کي ٻڌائيندس!) رنگين فوٽو. غراري سان لان ۾ بيٺل چوڪري. غراري جو رنگ شايد سونهري. چوڪريءَ جي چپن تي هلڪي مرڪ، ۾ ڊائريءَ جي پهرئين ورق تي لکيل انگريزيءَ جو شعر. (۾ ياد به هاڻ فوٽو ۾ شعر رهيو آهي.)

"How I remember those days'

Not long ago, I remember as though...

It were yesterday.....??"

(اڳيان وسري ويو ۾ ضروري به ته ناهي ته سڀ ڪجهه ياد رهي!)

اوچتو دورو پوڻ Jealousy جو.

بکواس اجائي. ۾ پوءِ سمورو وقت چپ!

(چا اسين پنهنجي پاڻ کي ڪڏهن سمجهي سگهنداسين؟)

انسان، نفرت، ريس، ۾ ساڻ سان پريو پيو آهي.

(۾ بک،

هاڻ،

يڪدم وراڻي ڏنائين، "پاڪستاني ڪرنسي هرگز نہ گهرجي."

"..پر توهان انڊين ڪرنسي تہ قبول ڪريو پيا."۔ ڪيس چيمبر پر همراهہ جو موبائل خراب ٿي ويو. يڪدم دري بند ڪري، سنڊس پر ۽ ويٽل همراهہ سان ڪچهري ۾ شروع ٿي ويو. مني چينجر جي دريءَ وٽ لڳل چارٽ موجب پارتي ڪرنسي سميت سموريون ڪرنسيون قبول هيون، پر جيڪڏهن ناقابل قبول هئي تہ پاڪستاني ڪرنسي! ڏک بہ ڏاڍو ٿيو. هڪڙا اسين ماڻهو آهيون جيڪي عربن لاءِ اصل مريو ٿا وڃون. اسرائيل کي ايڏا تائين ڪونہ ميڙيو اٿئون، پوءِ پلي مصر ۽ فلسطين وارا اسرائيل سان دوستيون رکيون ويٺا هجن، پر اسان جو جهيڙو قائم ۽ دائم:

خنجر چلے کسی پہ، تڑپتے ہیں ہم امیر
سارے جہاں کا درد ہمارے جگر میں ہے!

ڪرنسي چينج ڪرڻ واري وٽان ٿي اچي ڪرسي پيڙو ٿيس، سوچيم:

"قومن جي مزاج ۽ عادتن بابت چڙو ڪن ماڻهن کي ڏسي ڪابہ اڳڪٿي هرگز نٿي ڪري سگهجي. پر عام طرح ان قوم جي چند ماڻهن جي هلت چلت ۽ سندن افعالن مان ان قوم جي ماڻهن جي مزاج جي البت ڪجهہ پروڙ ضرور پئجي ويندي آهي."

ايئرپورٽ تي ويهي مصري ماڻهن جي پرڪارن کي ڏسندي يقين ئي نٿي آيو تہ ڪو هي اها قوم آهي، جيڪا 1967ع جي اسرائيلي عرب ويڑهہ ۾ وڏي هار کائي چڪي آهي. تر جيتروبہ احساس منجهن ڏسڻ ۾ نہ آيو. يقينن قومن کي ڪي هٿيار، پنهوار، جنگين ۾ نہ بچائيندا آهن، پر منجهن ڪو لڪل ڪارفرما جذبو ئي ڪين مقابلي تي آماده ڪندو آهي ۽ اڳتي وڌڻ جي سگهہ عطا ڪندو آهي. چيني، جپاني، ويٽنامي ۽ ڪيوبن ماڻهن جا مثال اسان جي آڏو آهن. يقينن خاطري اٿم تہ مصري ماڻهن ۾ بہ ڪي خاصيتون ۽ روايتون هونديون، جيئن سنڌي ماڻهن جو قومي ورثو. تاريخ جو عروج ۽ زوال منجهن وڙهڻ جو جذبو ڪيڏي نہ سگهيو آهي. انيڪ ڀيرا سنڌ بہ پنهنجي مٽان حملي آور غاصبن، رهزن مزاج رهبرن جي گهوڙن، انهن

جي سنبن هيڻان پئي لتاڙجي رهي آهي ۽ لتاڙجي ڏڪ پچائي وري اٽندي رهي آهي.

ـ "ان سخت مزاجيءَ جو سبب ڪي خاصيتون ئي آهن. پڪ اٽم يا ٽي سگهي ٿو. مصرين ۾ به ڪي اهڙيون خاصيتون ضرور هونديون، جن تاريخ جي هزارن ورهين واري خوفناڪ اٽل پٽل کان کين پئي بچايو آهي!"

مان انهيءَ سوچ ۾ هوس ته ايتري ۾ ايجپٽ ايئرلائين جا به عملدار مسافرن کي ورائي ويا. مان اُتي وڃي هنن جي پر ورتي. خبر پئي ته هو نيل نديءَ ۾ ڪروز ۾ گهمائڻ واري پروگرام جي بوڪنگ ڪري رهيا هئا. هر مسافر ڏهني ڪوفت کي دور ڪرڻ واسطي "ڪروز" ۾ نيل نديءَ جي سير واري پنجاهه پنجاهه آمريڪي ڊالرن ۾ بوڪنگ ڪرائڻ شروع ڪري ڏني. مون وڏي عرب سڳوري کان پڇيو:

"پلا هوٽل ۾ ڪيڏيءَ معل ٿا وڻي هلو؟"

ـ انهن مان هڪ وراڻيو: "مون کي خبر ڪونهي. مان فقط بوڪنگ لاءِ آيو آهيان."

ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. هيتري دير به رڳو ان ڪري پئي ڪئي وئي ته جيئن ٽرانزٽ مسافرن کان ڪجهه ڦُر ڪري سگهجي. گهڙيءَ ۾ اسان کي چڏي باقي سموڻن مسافرن بوڪنگ ڪرائي چڏي. مون کي به ريس لڳي. وري وڃي هن عملدار جي پر ورتم. ايتري ۾ گجراتي سيٺ مون کي آهستي چيو: "سائين توهين ٽيئي اڪيلا ماڻهو آهيو. چوٽا هي مهانگو ٽرپ وٺو. اسين ته آهيون زالن سان، جو اهو خشڪ ٽرپ خريد پيا ڪريون. هوندو وري ان ٽرپ ۾ چا؟ ڪروز ۾ نيل گهمائيندا، اتي ماني کارائيندا، جڏهن ته ماني پنهنجي ائين ئي هوٽل ۾ هوندي. توهين گهمو ڦرو، کائي پي وڃي ڪلبن جو مزو وٺو."

واقعي چيو هن به صحيح. مان موٽي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ان وچ ۾ اميگريشن واري ڪمري ۾ اچي گوڙ متو. خبر پئي ته اسان سيني جا پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ اچي ويا آهن. مون وارا ٻئي

تمام آهستي پيئي هلي. پر ائين ڇو آهي تہ جڏهن بہ هو بس ۾ چڙهيو آهي، تہ ڪيس محسوس ٿيندو آهي تہ بس آهستي پيئي هلي. ۽ سڀائين هن ڪي مونجهہ بيزاري ٿيندي هئي ۽ اڄ بہ ٿئي پئي. نہ صرف بس ۾، پر گهر ۾، هوٽلن ۾، رستن تي هلندي ڪيس ٿيندي آهي مونجهہ، بيزاري ۽ اجنبيت! اڄ بہ ڪيس هي اڏ ڪلاڪ جو سفر اڳي وانگر صدين جو سفر پيو لڳي. محسوس ڪري ٿو تہ هو ازل کان ونئي هن بس ۾ سوار آهي. بس ائين هلندي رهندي آهستي آهستي، ڪي ماڻهو چڙهندا ڪي لهندا، رستو ڀڳهو ٿيندو ويندو ۽ منزل ڪڏهن بہ نہ ايندي. هيءَ اداس زندگي بہ هن بس وانگر آهي. هلي پئي، رڙهي پئي ۽ هڪ ڏينهن هلندي هلندي ڪنهن هنڌ بيهي رهندي!"۔ سندس من ۾ ايندڙ خيال.

هو وري بس جي اندر ڏسي ٿو ۽ سخت مونجهہ، بيزاري اجنبيت ٽئيس ٿي، پنهنجي پاڻ کان، ماحول کان. لڳيس ٿو تہ ماحول گم ٿي ويو آهي. (۽ ڪٿين پيرا ائين ماحول گم ٿي ويندو آهي) اندر پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ کان انڪار ڪريس ٿو: "ڪير آهيان؟ ڪٿي آهيان؟ ڪيڏانهن پيو وڃان؟ ڇو پيو وڃان؟ ڇا جي لاءِ پيو وڃان؟ ۽ ....؟؟؟" سوال ڏهن ڪي ڪائڻ لڳن ٿا. اف! هي ڇو ۽ ڇا جا سوال مون ڪي ڇريو ڪري ڇڏيندا!"

پريان درياهہ کان ايندڙ ٽڏي ٽڏي هوا سندس ڪنن ڪي برف بنائي ڇڏيو آهي۔ هٿن سان ڪنن ڪي مهٽڻ لڳي ٿو. سيءَ جي ڪري سندس ڇاتيءَ ۾ سور پيو ٿئي. ڪيس سخت سيءُ پيو لڳي (۽ ائين لڳندو رهندو آهي.) گذريل ڇٽن پنجن سالن کان هن اهي سيارا ايئن ڪوٽ ۾ سوئيٽر جي آسري ئي گذاري ڇڏيا. شروع ۾ سيءُ لڳندو هو، پر جڏهن ماڻهو هري ٿو وڃي، تہ پوءِ سيءُ لڳندو تہ ضرور آهي، پر ٿورو ٿورو! گذريل سال ماڻس ڏهين ربئين واري ويسي وجهي ڪيس بہ سئو رپيا ڏنا هئا، ۽ هن ڪجهہ پئسا رسالي ۾ وڌا هئا ۽ باقي ٿورا هوٽلن ۾ چانهيون پيئندي ايندڙ سڀ وقت اڇڻ جي اميد ۾ اُڏائي ڇڏيا ها. (آخر ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ هيءُ دکي زندگي پوري ٿيندي! ان وقت جو خيال.)

"پيٽسان، سنڌ يونيورسٽي جي حالت هيءَ آهي، جو هڪ تہ بسون ڪتارا ۾ ٻيو درين جا شيشا ڀڳل." آواز تي چرڪ نڪريو وڃيس. سندس پر ۾ ويٺل نوجوان ساٽس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي "هوڏانهن ڪراچي يونيورسٽيءَ کي ستر نيون بسون ڏنيون اٿن!" هوڪيس ان ڳالهہ جو ڪو جواب نٿو ڏئي، ۾ ماڻ ڪري ڪنڊيڪٽر ڏانهن ڏسي ٿو، جيڪو سندس ويجهو اچي ٽيو آهي. ڪيسي مان چار آنا ڪڍي ٿو (۾ ڪيسي ۾ آهن بہ اهي چار آنا!) ڪنڊيڪٽر چار آنا وٺي ٽڪيٽ ڏئي ٿو. ٽڪيٽ پندرهين پيسي واري آهي. هن سمجهيو هو تہ بس جو پاڙو ڏهہ پئسا آهي، پر شايد گذريل سال ۾ پاڙو پندرهن پئسا ٿي ويو آهي. ڪيس ڊپ ٿو لڳي تہ هاڻي موٽندو ڪيئن! ڏهہ پئسي (۾ باقي هجي پنج پئسي) نہ ڪنڊيڪٽر واپس ڪئي، نہ ئي گهرڻ جي سندس همت ٿي. ٽڪيٽ تي هڪ نظر وجهي، (جنهن تي لکيو پيو آهي: 15 پئسي يڪطرفہ ڪرايہ!) دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳي ٿو.

بس هاڻي جامشوري واري پل تان لنگهي پئي. سنڌو سُڪل. ٿوٻ. واري پيئي اُڏامي. ڪٽي ڪٽي پاڻيءَ جا ڏٻا. درياهہ ٻيڙين ڪانسواءِ ٻُسو ٻُسو پيو لڳي. ڪڏهن هن سنڌوءَ جا ڪپر آباد هوندا هئا. ٻيڙيون هلنديون هيون. وڻج واپار اڳ درياهہ رستي هلندو هو ۾ اڄ ڪير بہ ڪونهي. هر دور پنهنجا نشان ڇڏيو ماضي جي اونداهين ۾ گم ٿيندو وڃي- وقت آهستي آهستي هر شيءِ کي ڳڙڪائيندو وڃي- ڪنارا ويران. ٻيڙيون گم. انسان وقت جو ڪاڄ بنجندا پيا وڃن- ڪيس هيءَ پل نٽي وٽي. سوچي ٿو. "ڪاش! هو انهيءَ قديم دور ۾ پيدا ٿئي ها. اهو دور، جنهن ۾ نہ پل نہ بجلي، نہ موٽر نہ بس. هجي صرف ڍڳي گاڏي ۾ ٻيڙي. درياهہ جي ڪنارن تي وسنديون، ۾ انهن وسندين کان پري سندس جهوپڙي. اڪيلائي، تنهائي. جتي ڪنهن جو بہ ڊپ نہ هجي. نہ زندگيءَ جو، نہ موت جو خواهشون نہ هجن. اميدون ۾ آسرا نہ هجن. چاهنا نہ هجي ڪنهن جي- ڪنهن ڏکشوءَ وانگر بيک گهري انهن وسندين مان ۾ هڪ وديارٿي وانگر پڙهي گوتم ۾ شاڪيا مُني جو فلسفو- سروم دکم دکم.....! ماحول هڪ ٻيرو وري گم.

محسوس ڪري ٿو تہ ان قديم دور ۾ هليو ويو آهي:

"۔ چانڊوڪي رات، سنڈوءَ جو ڪنارو. هر طرف ڦهليل چنڊ جي پيلي ۽ ڦڪي چانڊوڪي ۽ خاموشي. بي انت خاموشي. بينو آهي اڪيلو آدجگاڊ ڪان. پريان ڪکائين جھوپڙي، جنهن مان نڪرندڙ دونهون ڏيري ڏيري آڪاش ڏانهن پيو وڃي. دور وسندیءَ جي مندر ۾ وڄندڙ گھنڊ ۽ سنک جو آواز۔ هن جون نظرون بستي ڏي آهن، جتان ڪوئي اڇو آهي. اوچتو ڪنهن جي هلڻ ۽ ڊوڙڻ جو آواز سانت کي ٽوڙي ٿو. هوءَ اچي پيئي، ڊوڙندي هو ڏسيس ٿو ۽ هوءَ ڊوڙندي اچي سنڊس ٻانهن ۾ لڪي ٿي. گھرا ۽ ڪارا نيڻ، جن ۾ اٿاھ گھرائي ڪنهن سمنڊ جھڙي. ڪڪائون رنگ، گلابي سنھڑا چپ ۽ ڊگھا ڪارا وار. هو سنڊس ڊگھي ۽ سھڻي ڳچيءَ کي چمي ٿو، ۽ سنڊس ڪنڌ تان وار پري ڪري پنهنجا چپ رکي چڏي ٿو۔ پوءِ ٻئي بنا ڳالهائڻ جي اداس نظرن سان چپ چاپ هر شيءِ کي ڏسندا رهن ٿا. چئني طرفن کان ڦهليل اداسي، خاموشي ۽ ڏيري ڏيري چانڊوڪيءَ ۾ ڪٽندڙ رات، اوچتو سنڊس ساھ منجھڻ لڳي ٿو. محسوس ٿو ٿئيس تہ ڪا لڪل شيءِ سنڊس اندر کي کائي رهي آهي. کائنس هڪ رڙ نڪريو وڃي. هو ڀڄي ٿو. رڙيون ڪندو. هوءَ ڪيس حيرت ۽ ڊپ مان ڏسي پئي ۽ هو ڀڄندو وڃي، دور دور سامھون جبلن ڏانهن. چانڊوڪي جي پيلي روشني جي ۽ ڊگھي، نہ ڪٽندڙ ويراني ۾ ڀڄندو وڃي۔ ڀڄندو وڃي پنهنجي ماضي کان۔ حال کان مستقبل کان ۽ پنهنجو پاڻ کان. پوءِ صرف ڊوڙ. خاموشي. بي انتھا خاموشي!

بس کي هڪ جھٽڪو، ۽ ان جھٽڪي سان واپس بس ۾. اوه..... دماغ ٿو ڦاٽيس سور کان، چاهي ٿو تہ بس تي زور سان مٿو ٽکرائي. ٻنهي هٿن سان لوندڙين کي زور ڏيڻ لڳي ٿو. بس هاٽي ڦاٽک وٽ بيٺي آهي. ڪي چوڪرا لٽا آهن، ۽ ڪي چڙهن پيا. ڏسي ٿو خالي سيٽن کي، جيڪي چند گھڙين لاءِ خالي ٿيون۔ ۽ ٻيا اچي ويهي رهيا انهن تي. نہ ويلن کي خبر تہ اسان جي خالي ڪيل سيٽن تي ڪير ويهندا نہ وهندڙن کي خبر تہ ڪنهن جي جاءِ ڀري اٿئون!۔ بس هڪ جھٽڪي سان هلڻ لڳي آهي. دري مان ٻاهر نهار

ڪري ٿو. سامهون کان ايل ـ ايم ـ سي جون هاسٽلون ڏسڻ ۾ پيون اچن. خالي خالي نظرن سان البيروني هاسٽل کي ڏسي ٿو. البيروني هاسٽل! هتي لهي پوان ها ۽..... پر مون کي ته ڪمر آرٽس بلاڪ ۾ آهي. لهي ڪنهن وٽ وڃان ها؟ بڪواس. دماغ خراب اٿم ـ" هڪ نظر پويان چڏيندڙ البيروني هاسٽل تي وجهي، هو مٽو پويان سيٽ تي رکي ٿو چڏي.

بس اسٽيشن وٽان مڙي، چاڙهي چڙهي پئي. سامهون کان ايندڙ تيز هوا سندس وار اڏائي رهي آهي. هو هڪ هٿ سان وارن کي پويان ڪري اکيون بند ٿو ڪري چڏي. کانئس هڪ ٽڏو ساهه نڪريو وڃي ـ گذري ويل وقت کيس شدت سان اهو احساس ڏياريو آهي، ته هيءَ زندگي سخت تلخ ۽ ناگوار آهي. سوچي ٿو ته زندگي به ڪيڏي نه عجيب ۽ اداس آهي ـ سڄي زندگي انسان ڊوڙندو رهي ٿو. (ڪنهن جي پويان؟) پر پوءِ به سمجهي نٿو سگهي ته هي زندگي آهي چا؟ آخر هيءَ هيڏي ساري جاکوڙ ڪنهن جي لاءِ؟ ـ جڏهن ته هي سڄي زندگي جي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. زندگي هڪ دوکو ۽ ڊگهو پيانڪ (۽ سندر؟) سپنو آهي، جنهن مان جڏهن اک کلي ٿي، ته موت اڇيو ورائي. هڪ عجيب ڪيل آهي، جيڪو خبر نه آهي، ڪير انسانن سان ڪيڏي پيو. پلا زندگيءَ ۾ مِلي به چا ٿو؟ نراسائي، دک، پريشانيون، مونجهارا، ڳهٽ، بوسٽ، بيزاري، پنهنجي وجود، رشتن، ناتن ۽ دوستن کان نفرت! نفرت پنهنجي پاڻ کان، ماحول کان، ان زندگيءَ کان جيڪا ڏيري ڏيري ڪنهن سپني وانگر گذري پيئي ۽ رڙهي پيئي موت ڏانهن. موت! جتي به زندگيءَ جهڙي اونداهه ۽ ڪاري ٻاٽ آهي. ڪو سوجهرو ڪونهي. (۽ ان سوجهري لاءِ اسين ڪيترو نه واڇايون ٿا!) سڀ فنا. هر شيءِ غير حقيقي، دک، سک، خواهشون سڀ بڪواس، ڪير ڪنهن جي خواهش ڪري، جڏهن ته سڀ ڪجهه ختم ٿيو وڃي. سڀ دوکو. سڀ بڪواس!"

"سڀ بڪواس"، لفظ زور سان دهرائيندي، هو هڪ جهٽڪي سان، پنهنجي سيٽ تان اٿي ٿو. سندس پر وارو ڪيس حيرت سان ڏسي ٿو. هو ڪنهن ڏي به ڏسڻ ڪانسواءِ، بس جي درتي اچي بيهي

رهي ٿو. سخت کنگهه ٿئيس ٿي، کنگهي بلغم ٽکي ٿو. کرهت ٿي لڳيس ان بلغم کان، جيڪو سندس سيني مان نڪتو آهي. وري اچلائي ٿو ٽڪ! (انسان جي اندر ۾ ڪيڏي نه غلاظت پريل آهي.)

بس آهستي آهستي مڙي اچي آرٽس فئڪلٽي کي ويجهو ٿي آهي. بس اڃا بيهي، تنهن کان اڳ هو ٽپ ڏيئي بس مان لهي ٿو. سامهون آرٽس فئڪلٽي جي بلڊنگ بيني آهي. ساڳيا ڏڳها ڪاريدور، ساڳيون ديوارون ۽ ساڳيو ماحول، چوڪرن ۽ چوڪرين جي اڇ وڇ- ڪيس ڪابه تبديلي نظر نٿي اچي.

پائنجي ٿو ته پاڻ بدلجي ويو آهي- به قدم اڳيان وڌي ٿو- چوڪرن ۽ چوڪرين جا ٽولا اچن ۽ وڃن پيا- ڏسي ٿو انهن کي- "ڪيڏي نه خوشي آهي. جڙ زندگيءَ ۾ ڪو دک ڪونهي." لڳي ائين ٿو ته ڪابه تبديلي ڪانهي- ڪجهه به نه بدليو آهي- هيءَ بيجان ۽ بي ساکت عمارت ائين بيني رهندي- ڪئين ايندا ۽ ويندا رهندا. ڪجهه به نه بدلجندو! ها، بدلجندا صرف نالا ۽ چهرا. ڪالهه "الف" هو. اڄ "ن" آهي ۽ سياٽي "ڪ" هوندو. الف جي جاءِ ن والا ريندو ۽ ن جي جاءِ ڪ پريندو. اهي ٽولا ايندا ويندا رهندا ۽ هي زندگيءَ جو اڻ کٽ سلسلو ائين بي معنيٰ ڏنڊ ۾ وکوڙيو ويندو هلندو رهندو. ڪنهن کي به ڪنهن ٻئي جي ڪا خبر نه هوندي. جهڙيءَ ريت مون کي خبر نه آهي ته ڪنهن جي ڇڏيل جاءِ تي آهيان، اهڙيءَ طرح سياٽي منهنجي جاءِ والا رڻ واري کي منهنجي ڪا خبر نه هوندي."

سوچي ٿو: "آخر هي زندگي ۽ موت جو عجيب سلسلو ڪيسين تائين هلندو رهندو؟ لڳي ائين ٿو ته انسان جي وجود جي ڪا اهميت ڪانهي- انسان، جيڪو ڪلي ٿو، ڳالهائي ٿو، جنهن جي دل ۾ هزارين اميدن ۽ آسن جون بستيون آباد آهن، سو پنهنجي وجود جو بي معنيٰ بار کڻي هڪ ڏينهن مريو وڃي! ڇو ٿو مري؟ بس مريو وڃي ۽ مرڻ ڪانپوءِ لڳي ٿو ته جڙ ڄائو ئي ڪونه هو..... ڇا اسان جهڙا هن دور جا عجيب ۽ رحم جوگا ڪردار (جن کي پنهنجي پاڻ سان همدردي آهي.) پنهنجون اميدون ۽ آسرا دل ۾ سانڍيو، پنهنجي

خواهشن جا لاشا پنهنجن ڪُلهن تي ڪنيو. ائين هلندي هلندي هڪ ڏينهن گمنامي ۾ مري ويندا.

(هڪ ڊپ) ڇا مان مري ويندس؟ مان؟ منهنجو وجود؟ مان جيڪو هتي بيٺو آهيان. جنهن..... جيڪو....مان؟ هڪ ڇرڪ نڪري وڃيس ٿو. انهيءَ لڪل ڊپ جو احساس، جيڪو انسان کي وڪوڙيو بيٺو آهي. (خوف ۽ لڳاتار ڊپ! زندگي کان، يا موت کان؟)

"نوجوان ڪهڙا حال آهن؟"

ڇرڪ پري سامهون نهاري ٿو. سندس اڳيان يونيورسٽيءَ جو استاد بيٺو آهي. ڪنهن وقت هو وٽس پڙهيو هو. اڳيان وڏي ساٽس ملي ٿو. سدائين صاف ستڙو رهندڙ آخوند صاحب ڪيس گهري نظر سان ڏسي پيو. ڏهن ٻارهن ڏينهن جي وڏيل ڏاڙهي، قميص، ڪالر ۽ پٽيءَ کان ڦاٽل، پير ۾ پراٽو ڦاٽل پناٽڪو سينڊل! (نيڪ آهي پلي ڏسي.) آخوند صاحب جي چپن تي هلڪي مُرڪ.

"پلا چا پيا ڪريو اڄ ڪلهه؟"

"بس سائين، ماڻ ڪيو ويٺو آهيان."

"توهان جي پڙهائي ته جاري آهي نه؟"

هڪ اهڙو سوال، جيڪو گهٽائي ماڻهو، ڪيترائي ڀيرا پڇي چڪا آهن. سندس چهري تي اڻ وٽندڙ مُرڪ.

"نه سائين، پڙهائي ڪڏهوڪي بند ٿي ويئي. پئسو جو ناهي!"

اها ڳالهه ڪندي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿئيس ٿي. "شايد ماڻهو مون تي ان جواب ڪانپوءِ رحم ڪائيندا آهن. نه ڪپي مون کي رحم". ذهن ۾ ايندڙ خيال. آخوند صاحب سندس ڪُلهي تي هٿ رکي ٿو. ٻئي اڳيان وڌن ٿا.

"اڄ سردي تمام گهٽي آهي. توهان ڪوٽ ته پائيندا ڪريو."

"ڪوٽ ڪونهي."

ڏٺائين، آخوند صاحب خاموشي مان ڪائنس موڪلائي اڳيان وڏي وڃي ٿو. پنهنجي پاڻ تي خار اچنس ٿا. پنهنجن جارحانه جوابن تي. "چو اهڙا جواب ڏنم." پڇتاءُ، هرڪو ماڻهو هتي پنهنجي دڪ ۽ سڪ جو پاڻ تنها جوابدار آهي ۽ هر ماڻهو هتي جڏهن پنهنجي پيڙا

اڪيلو لوڙي ٿو. ته پوءِ شڪايتون ڇا جون؟ ۽ ڪنهن سان؟

ننڍيون ننڍيون وکون ڪٽندو، هو انگلش ڊپارٽمينٽ وٽان لنگهي پيو. انگلش ڊپارٽمينٽ (!) قدم ڊرا ٿي وڃنس ٿا. دل جي ڏڪ ڏڪ تيز. وڏيڪ تيز. تڪڙو اڳيان وڌي ٿو. وڌي، وري بيهي رهي ٿو. ٻه چوڪريون سندس پر سان لنگهن ٿيون. هڪ تيز ساهه ڪڍي ٿو. خوشبو (پروفيسي جي، جا هوءَ ٻه هٽندي هئي.) جهٽڪ جي ڪوشش ڪري ٿو. پراڻيون يادون ذهن مان سجاڳ ٿيڻ جون ڪوششون ڪن پيون. لڳيس ٿو ڪنهن هلڪي آواز ۾ سڏ ڪيو اٿس. "ٻڌو." نه ڪو ڪونهي. ڪوبه ته ڪونهي. وهم آهي. اهو ماضي آهي، جنهن کي گهٽو پوئتي اڇلائي ڇڏي آيو آهيان- اجايو آيس- ۽ جي هوءَ ٽڪرائجي وڃي؟ (اندر جي خواهش ساڻس ملڻ جي) نه ساڻس ڪوبه ملندس. دل جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا اٿم- سڀ ماضيءَ جون يادون ذهن مان ڪڍي ڇڏيون اٿم. ڪو منهنجو ڪونهي ۽ هتي ڪنهن جو ٻه ڪنهن ٻئي سان ڪوبه تعلق ڪونهي. سڀ بڪواس. جيڪو وقت ٻه گذري ويو، سو گذري ويو. (۽ باقي گذري ويندو. يا گذرندو رهندو!) پنهنجي پاڻ کي آڏت ڏيئي ٿو. پر هڪ پراڻي ياد ذهن مان وراکا ڏيئي اُپري اچيس ٿي.

"ٻڌو."

سڏ تي نهاريو هئائين، ته فوزيه سندس پر ۾ بيٺي هئي. "ڪهڙا حال آهن؟

جواب ڏيڻ بدران فوزيه پڇيو هو، "هي توهان سدائين سدائين اڪيلا اڪيلا ڪنڊن ۾ بينا ڪنهن کي نهارندا رهندا آهيو؟"

فوزيه جي گلابي سنهڙن چپن تي مُرڪ، اهڙي مُرڪ جنهن کي ڏسڻ کانپوءِ سندس من ۾ الائي ڪيترا اميدن جا ڏيئا ٻرڻ لڳندا هئا.

"بس ائين ئي." وراڻيو هئائين، "ويٺي ويٺي پنهنجي پاڻ کان بيزار ٿيڻ لڳندو آهيان ۽ مونجهه ٿيڻ لڳندي آهي، تڏهن پوءِ سڪ نه ايندو اٿم. (جڙ اندر ۾ ڪنهن اداس اجنبي جي روح اچي ديرو جمايو آهي، جيڪو چين سان ويهڻ نٿو ڏيئي.) پوءِ اڪيلو سگريٽ پيئندو آهيان ۽ سوچيندو آهيان."

"چئہ چئہ! مونکي اوهان سان ڏاڍي همدردي آهي." فوزيہ مُرڪندي چيو. "پلا توهان زندگيءَ مان سيٽسفاءِ نہ آهيو چا؟"

"اها مون کي بہ خبر ناهي تہ مان زندگيءَ مان سيٽسفاءِ آهيان بہ يا نہ؟

"پر هڪ ڳالھہ آهي تہ جيڪي زندگيءَ مان سيٽسفاءِ نہ هوندا آهن، سي تمام جلدي خودڪشي ڪري ڇڏيندا آهن."

"ها، پر انسان ڪيترن ئي دکن ۽ پريشانين هوندي بہ هيءَ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. ڪنهن چيو آهي: "اسان زندگيءَ مان تنگ هوندي بہ خودڪشي ان ڪري نٿا ڪري سگهون، جو جيئڻ بہ اسانجي عادت ٿي پيئي آهي، پوءِ ڪي ننڍيون ننڍيون عادتون تہ ڪي وڏيون عادتون. عادت ڇڏڻ بہ تہ ڏکي ڳالھہ آهي." جيئڻ منهنجي عادت ٿي پئي آهي تہ تنهنجي هٿان پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪرايان. جيتوڻيڪ سمجهان بہ ٿو تہ تون مون تي رحم کائي رهين آهي."

"مان سمجهان ٿي توهين اڄ ڪلھہ ڏاڍا سينٽيمينٽل ٿي پيا آهيو. ننڍيون ننڍيون ڳالهيون محسوس ڪري، پوءِ پاڻهي ويهي ٿا ان جا غلط مطلب ڪيو. مان ڪجهہ ڏينهن کان توهان ۾ ڪا چينج پئي محسوس ڪريان- آخر توهان کي ٿي چا ويو آهي؟"

"ڪجهہ بہ نہ."

"نہ، مان اهو ميڙ لاءِ تيار نہ آهيان."

"هن کيس ڏک پريل نگاهن سان ڏسندي سوچيو هو، "انسان چو ٿو ايڏو ذليل ٿئي، (جڏهن ڏسي بہ ٿو تہ ڪيرڪيس نٿو چاهي) فوزيہ کيترائي ڀيرا کيس ڏکايو هو ۽ هزارين ڀيرا هن پکو پھہ ڪيو هو تہ آئندہ هو ساٽس نہ ڳالهائيندو، پر انسان پنهنجي اندر جي خواهش جو غلام آهي. جڏهن هوءَ ملندي هئي تہ سڄي ڪاوڙ دور ٿي ويندي هيس. جيتوڻيڪ چاهيندو هو تہ هو رسي، فوزيہ کيس پرچائي. پنهنجي غلطي مڃي. پر هوءَ تہ لاپرواهيءَ سان اهو ذڪر بہ نہ ڪندي هئي ۽ پوءِ پاڻ کي پنهنجي غلطي جو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

"وري ڪيڏانهن گم ٿي ويا." فوزيہ کيس سوچ ۾ ٻڏل ڏسي چيو هو.

"بس ائين ئي..... سوچيم پئي ته انسان پنهنجي خواهشن جو ڇو ايڏو ٿو غلام ٿئي، ڇو پوءِ اهي خواهشون ڪيس رلائن ٿيون. پر اهو سڀ مجبوري ٿي ڪرائي. هيءَ زندگي، جيڪا ملي ٿي به صرف هڪ پيرو ٿي، تنهن ۾ ايڏيون ته محروميون، نراسايون ۽ مايوسيون آهن، جو انسان چاهيندو آهي ته دڪي زندگيءَ ۾ ڪو هجي. انسان کي زندگيءَ ۾ سيٽسفيڪشن کپي ۽ پوءِ ان سيٽسفيڪشن حاصل ڪرڻ لاءِ هو سماري جي ڳولا ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ان سماري جي ڳولا ۾ ڪيس پنهنجي خودداري به ڪيرائٽي پوي ٿي."

"توهان اڄ ڪلهه ڊائلاگ تمام سٺا ڳالهائڻ لڳا آهيو."

"ائين ذليل ڇو ڪندين آهين."

ڪل، اهڙي ڪل، جيڪا سندس ڪاوڙ لاهي ڇڏيندي هئي.

"توهان گهٽي سوچڻ جي ڪري اهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهيو، جي توهان لاءِ ئي نقصانڪار آهن. وڌيڪ توهان جي مرضي..... ناراض آهيو ڇا مون کان؟"

"نه."

"پوءِ؟"

"خبر به اٿئي ته ناراض نه ٿيندو آهيان ۽ جي ٿيندو آهيان ته به ڪهڙو ٿو فرق پوي. ڇاڪاڻ ته ڳالهائيندو وري به پاڻ آهيان."

خاموشي.

"فوزي! ناراض ٿي وئين ڇا؟"

"چئه. ڪمال آهي. مان هروپرو ناراض ڇو ٿيندیس؟"

"هان، هي وڃ."

"ڇاهي؟"

"بس، تنهنجي لاءِ هڪ آندو هيم."

ڏٺو هٿائين- فوزيه بي دليءَ سان سندس هٿن مان گفٽ پئڪيٽ ورتو هو ۽ پوءِ ان پئڪيٽ جي مٿان لکيل جملو زور سان پڙهيو هو:

"From unknown we come, to the unknown we go!"

هن جي چپن تي هڪ درد پري مُرڪ اچي ويئي هئي.

ماضي گم، ڪنگهه ٿي ٿيس. ڪنگهي پويان نهاري ٿو. پر ڪير به

ڪونهي. چند چوڪريون ڪيس ائين چرين وانگر بينل ڏسي، مُرڪنديون ڪلاس ۾ اندر گهڙي وڃن ٿيون. پريان کان ايندڙ چوڪرن جي گوڙ جو آواز. اڳيان وڌي ٿو. ننڍيون وڏيون ڪٽندو اچي ڪينٽين وٽ بيٺو آهي. سوچي ٿو: "پهرئين ڊپارٽمينٽ وڃان ۽ جنهن ڪم لاءِ آيو آهيان، سو لاهي وٺان." پوءِ جنهن جي خواهش ٿئيس ٿي. ياد ٿو اچيس ته ڪيسي ۾ ٽيبڊي پائي به ڪانهي. پوءِ جنهن جي خواهش ڏهائي، (۽ الائي ڪيترين خواهشون ڏهايون اٿس.) ڏسي ٿو پاسي کان ميدان ۾ بينل سنڈي وڏيرن جي چوڪرن کي، جيڪي ڳاڙهو پيلا بيل باٽم پايو، هٿن ۾ چانهه جا ڪوپ (۽ ڪن کي پاٽليون. اهڙي سيءَ ۾!) جهليو، مٽي چوڪرين جي ڪامن روم ڏانهن نهاري رهيا آهن. اٽ ڏهه ڪارون، جن کي ٽيڪ ڏيئي اهي چوڪرا بينل آهن. هڪ ٻئي سان مذاق ۽ لڪل اشارا. هلڪڙائپ ۽ ترڙپائي- هڪ نظر انهن تي وجهي پويان پير ڪري ٿو. سامهون کان سندس چند سڃاڻو چوڪرا اچن پيا. وڌي اچي ساٽس ملن ٿا.

"يار آهين ڪٿي؟..... خوش ته آهين نه؟" (ڪيڏي نه بناوٽ آهي ماڻهن ۾).

"مڙيئي پيا هلون."

"پلا اڄ ته چانهه پيئون؟"

"نه، مون کي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم آهي."

"يار، ملڻ ملائڻ کان ته نه وڃ. ڪڏهن ڪڏهن ته ملندو ڪر." (جڻ انهن کي منهنجي سڪ لڳي آهي.)

ان ڳالهه جو ڪوبه جواب نٿو ڏئي.

"پلا پوءِ اسان سان ملجانءِ."

"ها."

ائين چئي هو ڪانئن موڪلائي ڊپارٽمينٽ ڏانهن وڌي ٿو. پاسي واري پٽ تي هڪ چوڪري ۽ چوڪرو وينا پاڻ ۾ ڳالهائين .(چا ڳالهائيندا هوندا؟) سنڈي ڊپارٽمينٽ وٽان ٽيندو پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڏانهن رخ ڪري ٿو. انٽرنيشنل رليشنس ڊپارٽمينٽ وٽ چوڪرين جي رش گهٽي آهي، ان ڪري چوڪرا به اُتي پيا لامارا

ڏين. ڊپارٽمينٽ وٽ سندس هڪ پراڻو سُجاڻو خادم بيٺو آهي. ڪيس ڏسي اچي پاڪر پائي مليس ٿو.

"ڪهڙا حال آهن يار؟" خادم پڇيس ٿو.

"ٺيڪ آهن. (عجيب آهن اهي رسمي سوال. پلا حال خراب هجنم ها، تہ هي چا ڪن ها؟)

"يار ڪيڏيءَ مهل آئين؟"

"هينئر. ٿوري دير ٿي اٿم. B.A جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت هيم، جو داخلا ونڊ مهل اوريجنل ڏيئي ڇڏيو هيم."

"پر اڄ تہ يونيورسٽي جي ملازمن جي هڙتال آهي. ڪلارڪ وغيره آهن ڪونہ."

ڪلارڪن جي هڙتال جو ٻڌي محسوس ٿو ڪري تہ مٿس ڪا چپ ڪري پيئي هجي. اجايو آيس. ذهن ۾ ايندڙ خيال.

"يار ڇڏ هاٽي ڊپارٽمينٽ جي جند،جا اڳي ئي تون ڇڏيو ويٺو آهين. اڄ تہ چانهہ پيئون ۽ ڪچهري ڪريون." خادم ڪيس ٻانهن کان ونڊي ڪينٽين ڏانهن هلي ٿو.

"يار، اڄ ڪلهہ فئڪلٽيءَ ۾ ڏاڍي رونق لڳي پيئي آهي، بس ڳالهہ ئي نہ پڇ."

هو چوڻ چاهي ٿو، مون کي چانهہ جي گهرج ڪانهي. پر خادم ڪيس زوري گهليندو هلي ڪينٽين ڏانهن. گهڙن ٿا ڪينٽين ۾. اندر سخت گوڙ. چوڪرا بي فڪرا ٽيو چانهہ پي رهيا آهن ۽ زور زور سان ڳالهائي رهيا آهن. زوردار ٽهڪ، هڪٻئي سان چرچا. گوڙ. ان ماحول کي ڏسندا، هو سامهون سيٽ تي ويهن ٿا. خادم ڪيس سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس ڏيندي، چانهہ ونڊ وڃي ٿو. هو پاڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي، ماچيس مان تيلي ٻاري، سگريٽ دکائي ٿو. سگريٽ دکائي، هٿ ۾ جهليل ٻرندڙ تيلي کي ڏسي ٿو، جيڪا ٻري ختم ٿي رهي آهي. ٻرندڙ تيلي ختم ٿيندي وڃي. انسان جي زندگيءَ وانگر! ختم ٿيندڙ تيلي سندس آڱر ٿي جلائي. تيليءَ کي پري اڇلائي سگريٽ جو ڌُمو ڪش هڻي ٿو. ڪيس بڪ جو احساس ٿي رهيو آهي. ياد ٿو اچيس تہ ڪالهہ ٿوري ماني کاڌي

هئائين ۾ ان وقت کان وٺي هيل تائين هو بکئي پيٽ سان هو. بس صبح جو گهر ۾ چانهه پيتي هئائين. گذريل ٽن ڏينهن کان هن گهر ۾ ماني کائڻ بند ڪري ڇڏي هئي. روز روز جي پٽس جي ڪُر ڪُر. هر وقت بڙ بڙ. "مفت جون روٽيون وينا کائو. نوڪري چو نٿا ڪريو؟ مان پيريءَ ۾ ڪيستائين پيو توهان کي ڪمايو کارائيندس... ابا پڌهين بہ.....! (بڪواس!) آخر روز روز جي بڪ بڪ کانپوءِ هن ماڳهين گهر ۾ ماني کائڻ ئي بند ڪري ڇڏي هئي. (عجيب ماڻهو آهن. شادي ڪرڻ مهل سوچين ڪونہ ٿا چا، تہ اڳتي هلي اولاد ٿيندو.) سڄو ڏينهن ٻاهر رهندو هو ۽ ڏکا ٿاٻا کائي شام جو جڏهن گهر موٽندو هو، تہ ماٽس جي گهٽي زوريرڻ تي بہ ماني کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو، تہ "ٻاهر دوستن سان ماني کاڌي اٿم. (آخر پکوڙن ۽ ڊبل روٽيءَ تي ڪيسين هلبو؟ کا نوڪري ڪرڻ کپي)

"يار چا پيو سوچين؟" خادم چانهه جي ٽري هٿ ۾ ڪٽي اڇي سنڊس پر ۾ ويهي ٿو. هو سگريٽ جا دونهان ڪيندو ڪيس جواب نٿو ڏيئي. خادم چانهه ٺاهي ڪيس ڪوپ ڏئي ٿو. ٻئي چپ چاپ چانهه پيئڻ لڳن ٿا. خادم ساٽس ڳالهائڻ چاهي ٿو، پر ڪيس خاموش ڏسي ڳالهائي نٿو. چانهه پيئندو هو سوچي ٿو: "اجايو آيس. ڪم بہ ڪونہ ٿيو. هروپرو ٽائم وڃايم. هن ٽائيم تي شهر ۾ هجان ها، تہ ٻن ٽن بڪ استالن وارن کان رهيل پئسا وٺان هان. ڪجهه تہ ملي وڃن ها."

اوچتو خادم جو آواز، "رسالي جو چا ٿيو؟"

"هون، چا؟ رسالو.... بند ٿي ويو."

"وري ڪڍ نہ؟"

"پئسا ڪٽان آڻيان؟"

خادم چپ ٿي وڃي ٿو. سنڊس چپن تي هڪ مُرڪ اچيو وڃي. هنن کي ڪهڙي خبر تہ هتي جيئڻ لاءِ قدم قدم تي پئسي جي ضرورت آهي ۽ پئسو اچي ڪٽان؟ في الحال تہ قرض آهن. پريس جو قرض پندرهن سو رپيا. صدر مان لنگهڻ بند. ٽن ٻائينڊرن جو قرض. ٽن گهٽين ۽ بن رستن تان هلڻ ۾ ڏپ. قرض. (زندگي بہ هڪ قرض.) مجبوريون محروميون، ذلت ۽ اڪيلي زندگي. ڪنهن سان

پڄي ڪنهن سان پڄجي؟ ڪالهه ڪيس ڏهن رپين جي گهرج هئي. صرف ڏهه رپيا ۽ انهن ڏهن رپين لاءِ هو ڪيترو نه رليو هو. ڪنهن دوست کان نه گهرياٿين. پر بڪ اسٽال وارن جي پويان هليو هو. استيشن. مارڪيٽ. گاڏي ڪاتو ۽ سڀ هنڌان هڪ جواب: "هينئر ڪونهن."

"يار، هڪ ڳالهه چوان؟" خادم ڪيس سوچ ۾ ٻڏل ڏسي چيو.

"پلي. چئه!"

"توکي ٿيو ڇا آهي؟ مان ڪيتري دير کان وٽي توکي ڏسان پيو. ويٺي ويٺي تون الائي ڪيڏانهن گم ٿيو وڃين؟ ڪيڏانهن ويا تنهنجا ٽهڪ؟ مون کي ته تنهنجو اڳيون دور ياد پيو اچي."

"انسان سدائين ساڳيو ناهي."

"پر يار، وري به ڪجهه نه ڪجهه زندگيءَ سان گڏ هلڻو پوي ٿو. تو ته ماڳهئين الائي ڪهڙي وڃي دنيا وسائي آهي. نه دوستن سان ملين، نه ڪنهن ٻئي سان."

"مون محسوس ڪيو آهي ته هتي دوستيون، رشتا ناتا سڀ بي معنيٰ آهن. ماڻهن ۾ صرف منافقي ۽ مڪاري ڀري پيئي آهي. هر ڪو ماڻهو ٻئي کي شعوري طور يا لاشعوري طور تي ذليل ڪري پيو! مون هيل تائين پنهنجي پاڻ کي نڇيو ۽ دوکو ڏنو آهي ۽ انهن ڳالهين پٺيان پوگيو به گهٽو اٿم. جڏهن احساس ٿيم ته پوگڙ جي وڌيڪ طاقت نه رهي آهي، ته اڪيلو رهڻ لڳس. گهٽ ۾ گهٽ اتي دوستن ۽ ٻين جا ڏک ته نه آهن"

"مان سمجهان ٿو ته حالتن توکي ائبنارمل ڪري ڇڏيو آهي."

"هتي هرڪو ائبنارمل آهي. ڪنهن جي ائبنارملتي ظاهر ٿيو پوي ۽ ڪي ائبنارمل هوندي به پاڻ کي نارمل سمجهندا آهن. انسان جي زندگي ٽڪل آهي. نامڪمل آهي. هن جي اندر ۾ ڪا پيڙا آهي. ان ٽڪل ۽ نامڪمل پيڙا واري انسان جي زندگيءَ کي وري موت بي معنيٰ بنائي ڇڏيو آهي. مون ڪيترائي ڀيرا محسوس ڪيو آهي، ته منهنجي اندر جو موت ٿي چڪو آهي. پر ان هوندي به مان هيءَ زندگي، جا مون تي مڙهي وئي آهي، نه چاهيندي به گذارڻ تي مجبور

آهيان."

خادم چپ ٿي ويو آهي. (ڀ پلا جواب بہ ڪهڙو ڏيئي سگهي ٿو.) ڪينٽن ۾ ساڃيو گوڙ آهي. ان هيڏي ساري گوڙ ۾ ماڻهن ۾ هوندي بہ هن کي محسوس پيو ٿئي تہ هو اڪيلو آهي. (اڪيلائپ جو احساس بہ ماڻهوءَ لاءِ عذاب آهي.) چو ٿو ٿئي اڪيلائپ جو احساس؟ جيڪڏهن احساس جو مادو انسان مان نڪري وڃي، تہ هوند انسان ايترا دک نہ ڏسي. نہ محسوس ڪري، نہ ئي پوگي.

"يار معاف ڪجانءِ. تون هتي ويهہ، تہ آءٌ پندرهن منٽن ۾ اچان ٿو. ڏس، وڃجانءِ نہ؟ اصل جلدي ٿو اچان."

هو ڪيس ڪنڌ سان هاڪار ڪري اجازت ڏئي ٿو. خادم تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪريو وڃي. "شايد ڪنهن چوڪريءَ سان ٽائيم هوندس." اهو سوچي هو سگريٽ ڪيڊي ڪڍائي، ڪنڌ پويان پٽ تي رکي سامهون ڪاريڊور ڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو. ساڃيو ڪاريڊور، جنهن ۾ سندس فوزيہ سان آخري ملاقات ٿي هئي.

"مون توهان کي ڳوليو پئي."

هن بنا نهارڻ جي محسوس ڪيو هو، تہ هو سندس پرسان ديوار وٽ بيٺي هئي. هو ان مهل جنرل باڊي مان نڪري، اچي ٻاهر ڪاريڊور ۾ ننڍڙيءَ پٽ تي ويٺو هو. ڪجهہ ڏينهن کان هن محسوس ڪيو هو تہ فوزيہ ۽ سندس وچ ۾ فاصلو وڌڻ لڳو هو. هوءَ هر ڳالهہ ۾ ساڻس اختلاف رکڻ لڳي هئي. سندس دل ٽٽي پئي هئي (ڀ جڏهن هڪ پيرو دل ڀڃي ٿي، تہ پوءِ مشڪل سان جڙي ٿي.) هن کي هي ناتا عجيب ۽ بي معنيٰ لڳا هئا. جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿيو وڃي تہ پوءِ هي ناتا وري ڪهڙا؟

"جواب ئي ڪونہ ٿا ڏيو؟"

"سوچيم پئي تہ تنهنجي سوال جو جواب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو."

"هونئن تہ تمام گهڻو ڳالهائيندا آهيو."

"هاڻي محسوس ٿيو اٿم تہ اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي. اسان لفظن ۾ قاسي، صرف پنهنجي پاڻ کي ئي دوکا ڏيندا رهون ٿا."

"منهنجو خيال آهي تہ توهين ڊپارٽمينٽ چينج ڪرائي ڪٽي فلاسافي ۾ داخلا ونو."

ڪيس ڪويہ جواب نہ ڏنو هئائين.

"پڌو."

"ها."

"توهان جنهن راهہ تي هلو پيا، ڪڏهن ان تي سوچيو اٿو، تہ انهيءَ جو نتيجو ڪهڙو نڪري سگهي ٿو؟"

"ها."

"نہ، مان سمجهان ٿي تہ توهان سوچيو نہ آهي. نہ تہ توهان کي اهو ضرور احساس ٿئي ها. اها راهہ اسان کي هڪ ٻئي کان جدا بہ ڪري سگهي ٿي."

هن کيس ڏک ۾ريل نگاهن سان ڏسندي چيو هو، "اسان زندگيءَ ۾ هڪ پيرو ملون ٿا ۽ ملي هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃون ٿا. هتي ڪا شيءِ دائمي نہ آهي. جا شي نٰهي سگهي ٿي، اها پُري بہ سگهي ٿي اسان ملون ئي ٿا جدا ٿيڻ لاءِ. ڪاميو چيو آهي: "جدائي دنيا جو دستور آهي، ٻيهر ملڻ محض هڪ حادثو." اهو هن زندگيءَ جو دستور آهي. انسان خود هڪ حادثي جي پيداوار آهي. پوءِ حادثا ماڻهوءَ کي ملائين ٿا ۽ حادثا ئي ماڻهوءَ کي جدا ڪن ٿا..... باقي منهنجي راهہ توکي مون کان جدا ڪندي، اهو مان سمجهي نٿو سگهان."

"مون کي توهان جي هن سمبالڪ گفتگوءَ کان سدائين چڙ لڳندي آهي. مان اڄ توهان سان صاف ڳالهائيندس. اوهان زندگيءَ کي ايڏا سمجهي نہ سگهيا آهيو. توهان صرف پنهنجن خوابن جي هڪ نرالي دنيا ڪٽي ناهي آهي، جنهن مان هڪ قدم بہ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيو. اوهان هڪ آئيڊلسٽ ماڻهو آهيو. توهان لاءِ زندگي گذارڻ نہ گذارڻ جي مثل آهي. پر جا زندگي صرف ڏک ۽ رڙيون ڪرڻ آهي؟ هيءَ زندگي جيڪا اوهان جي چوڻ موجب هڪ ئي پيرو ملي ٿي، ان زندگيءَ کي بي مقصد گذارڻ ڪٽي جو انصاف آهي؟ هن زندگيءَ ۾ انسان کي خوشيون کپن. آسائشون کپن ۽ انسان ۾ ايتري قوت هجي جو هو اهي خوشيون ماڻي سگهي ۽ سوسائٽيءَ ۾ ڪنڊ

کٹي هلي سگهي."

"مون لاءِ سوسائٽي، معاشرو، سماج سڀ بڪواس آهي. اهي سڀ انسانن جا پنهنجا هٿرادو ٺاهيل آهن. مون انهن سڀني کان بغاوت ڪئي آهي. جيسين تائين هن معاشري ۽ سماج کي ڀاهي ۽ بدلائي نٿو چڏجي، تيستائين هيءَ زندگي ائين ڏک ۽ رڙيون ڪندي گذرندي رهندي."

"معاف ڪجو، جيڪڏهن مان ائين چوان، ته توهان جهڙن ماڻهن جي شروعات برابر چگي ٿيندي آهي، پر پچاڙي تمام خراب. توهان اهي رڙيون ڪندي ڪندي وڃي ڪنهن ٽي-بي سينيٽوريم ۾ پوندا ۽ هيءَ زندگي ائين هلندي رهندي."

فوزيہ جي ان ڳالهہ ڪيس خوابن جي دنيا مان سجاڳ ڪري حقيقت جي دنيا ۾ آڻي چڏيو هو. ڪيس محسوس ٿيو هو، ته انسان جو انسان سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. پيار ۽ بين اهڙين ڪيترين ئي ڳالهين سان انسان صرف پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏئي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي ايذاءُ رسائي ٿو.

"پنهنجا پنهنجا خيال آهن. مون ڪڏهن بہ توتي پنهنجي آئيڊيالاجي مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. مان جاڳندي ۾ سپنا ڏسي رهيو هوس، ۽ تو مون کي ان مان سجاڳ ڪري چڏيو آهي."

"مان اڄ توهان سان صاف ڳالهائڻ آئي هيس. توهان کي ياد هوندو ته مان توهان ڏي پاڻ وڌي هيس. اسان گڏ زندگي گذارڻ جا وعدا ڪيا هئا ۽ اڄ بہ مان اتي بيٺي آهيان. جيتوڻيڪ توهان پنهنجي تمام گهٽي سينزيٽو طبيعت هٿ جي ڪري مون کي سمجهي نہ سگهيا. جنهنجو مون کي اڃا تائين افسوس آهي. مان صرف چاهيان ٿي توهين پالیٽڪس چڏيو. توهان جي انهن ائڪٽوٽيز جو رستو سڌو سنئون موت جي منهن ۾ وڃڻ جي برابر آهي. ڇا توهان مون لاءِ اهو نٿا ڪري سگهو؟ توهان ڪڏهن محسوس ڪيو آهي ته توهان کي انهن ائڪٽوٽيز مان ڇا ملندو؟ ۽ اوهان اڪيلا يا چند ماڻهو ڪجهہ ڪري بہ نٿا سگهو. دنيا کي نٿا بدلائي سگهو."

هن سامهون سڪل ننڍڙي وڻ ڪي ڏسندي چيو هو، "فوزي، مان توکي سمجهي نه سگهيس يا تون مون کي نه سمجهي سگهينءَ، ان جو وقت ويو هليو..... باقي هڪ ڳالهه توکي ٻڌائي ڇڏيان، ته هن ننڍي ڪنڊ جو اتهاس ڏاڍو عجيب آهي. هتي هر ڪو ماڻهو اڪيلي سر پنهنجيءَ جاءِ تي سڀ ڪجهه ڪري سگهندو آهي. (ڇا پوءِ به ڪجهه نه ڪندو آهي!) هتي هزارين انسان لڙندي ڇ وڙهندي موت جي اونداهين ۾ گم ٿي ويا ڇ اڄ اسان کي انهن جي نالن جي به خبر ڪانهي. هتي نالن ڇ چهرن کي ڪا اهميت ڪانهي. اسان کي اتهاس ۾ ڪلها واقعا ملن ٿا.

پر..... "نه منهنجي پوري ڳالهه ٻڌ....." صرف احساسن ڇ واقعن جو هڪ دور آهي جيڪو هلندو اچي. بي معنيٰ ڇ بي مقصد آهي زندگي. پوءِ ان بي معنيٰ ڇ بي مقصد زندگيءَ ۾ ڪوبه ڪو مقصد ضرور بنائڻو پوي ٿو..... مون جيڪو رستو ورتو آهي، سو منهنجي سوچ ڇ سمجهه موجب صحيح آهي، ڇ اهڙيءَ طرح تون جيڪو رستو ونڊينءَ اهو تنهنجي سوچ مطابق صحيح هوندو.

"ان جي معنيٰ ته توهين نه سمجهندا." "ڳالهه سمجهڻ جي ڪونهي. هتي... هرڪو ماڻهو پنهنجي ڏڪ سک ڇ اعمالن جو پاڻ تنها جوابدار آهي. ڀلا جي مان هن ماحول ۾ نه هجان ها ڇ ٻين ارسٽو ڪريٽ شاگردن جيان ائين چڙواڳ زندگي بسر ڪريان ها، ته ڇا ان مان سيٽسفاءِ هجان ها؟ قطعي نه! انسان جي ذهن ۾ هڪ لاشعوري بي چيني لڪل آهي، جا هن کي ڪٽي به ويهڻ نه ڏيندي..... مان ٻار نه آهيان، جو تنهنجي ان ڳالهائڻ مان سمجهي نه سگهان..... اڄ نه، پر گهڻن ڏينهن کان مان تنهنجي سياڻ مان سڀ پروڙي ويو هوس... مان تنهنجي پويان رليو آهيان، ذليل ٿيو آهيان. پنهنجي خودداري کي ڪيترائي ڀيرا پينٽ چاڙهي، تنهنجون ڳالهيون سهسائيون اٿم. شايد ان ڪري به جو توکي گهرائيءَ جي حد تائين چاهيو اٿم. ايتري قدر جو تنهنجي بي رخي، ڪاوڙ، نفرت، سڀ مان مونکي سيٽسفيڪشن ملندي هئي. سمجهندو هوس ته توکان سواءِ جي نه سگهندس.....

"توهين غلط ٿا سمجهو." "نہ مان غلط نہ آهيان، پر اڄ الائي ڇو محسوس پيو ٿئي تہ انسان اڪيلو آيو آهي ۽ اڪيلو، وڃندو، لوڙيندو، ڏلتون سهندو ۽ اڪيلو هليو ويندو..... جڏهن پهريون پيرو توکي ڏٺو هوم، تہ اندر ۾ ڪا پرهہ ڦٽندي محسوس ڪئي هيم..... ۽ اڄ.... پانيان ٿو، تہ اها صبح ٿيندي ٿيندي رهجي ويئي آهي. سڄي زندگيءَ ۾ جيڪا بہ تمنا ڪيم، سا پوري نہ ٿي سگهي..... پنهنجي حساس دل ۽ نرالي طبيعت جي ڪري ڏک بہ تمام گهٽا ڏٺا اٿم..... پر....."

سندس آواز ڀرجي ويو هو ۽ اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هيس. ماحول تي چپ چائنجي ويئي هئي. هو ٻئي الائي ڪيتريءَ دير تائين اتي ٻن اجنبي روحن وانگر بينا هئا ۽ ان دوران هو ڪيترا سگريٽ چڪي ويو هو. تيز هوا هلي پئي، جنهن ۾ فوزيہ جا وار اُڏامي سندس منهن تي لڳي رهيا هئا. (ڪيڏي نہ عجيب سڳنڌ هئي انهن وارن ۾!) پوءِ ڇوڪرين جي بس جو هارن وڳو هو، جنهن تي فوزيہ ۽ هن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو هو.

"مان وڃان ٿي. ڏک بہ ٿئيم ٿو تہ توهان سان ائين نہ ڳالهايان ها..... پر سنو ٿيو جو اسان..... تي سگهي ٿو تہ پاڻ ڪنهن هڪ نتيجي تي پهچي وڃون..... مان اڄ شام جو توهان جي فون جو انتظار ڪنديس."

هن فوزيہ کي ان ڳالهہ جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو هو. پوءِ ٻئي گڏ بس تائين آيا هئا. فوزيہ ويندي ويندي، سندس ڳوڙهن سان پريل اکين ۾ نهاريندي چيو هو، "فون ضرور ڪجو. سياٽي کان يونيورسٽي بند آهي. پرينهن ڪنووڪيشن آهي.... فون ڪندؤ نہ؟ نمبر تہ ياد اٿو..... چگو....."

ائين چئي هو بس ڏي وڌي هئي، ۽ هو ڪينٽين جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي، خالي خالي نظرن سان بس کي نهاري رهيو هو. هوءَ بس ۾ دري وٽ وڃي ويٺي هئي ۽ سامهون نهاري رهي هئي. هو بينو رهيو هو، جيستائين بس نہ هلي هئي. هن ڏنو هو ويندڙ بس کي، جا پويان دونهون ڇڏيندي وڃي رهي هئي. (جڳ سندس يادون) ان مهل هن

ائين پانيو هو، جڏ سندس اندر ڪجھ ٿئي پورا پورا ٿي پيو هو.- هو سدائين جنھن چيزڪي چاھيندو هو، سا ڪائنس ڦرجي ويندي هئي، پر ڦريندو ڪير هو سا ڪيس بہ خبر نہ هئي.... دل ٿي هيس تہ اُن ويندڙ بس جي پويان ڊوڙي. هو زندگيءَ جو تنھا مسافر هو. (پر منزل ڪٿي هئي؟) اھڙو مسافر، جنھن کان ڪا ريل ڇٽي وئي هجي ۽ پوءِ هو اڪيلو اڪيلو اجاڙ ۽ سنسان اسٽيشن تي بينو هجي- پر ڪا ريل اچڻي نہ هئي....

آڳرين ۾ ڪا شيءِ سڙيس، تہ چرڪ نڪري ويس. هٿ ۾ جھليل سگريٽ دکي پورو ٿي ويو هو. ختم ٿيندڙ سگريٽ جي ٽوٽي کي اڇلائي ٿو. ڪينٽين ۾ هينئر اهو گوڙ نہ رهيو آهي، خاموشي آهي. ٻاھر روڊ تي ڪا بس هارن وڄائيندي وڃي پئي. پريان ڪٽان ايندڙ ٽھڪڑن جو آواز. ڪيس هي سڀ عجيب عجيب پيو لڳي. سخت مونجھ ٿئيس ٿي. اوچتو ڪيس احساس ٿو ٿئي تہ هن ايترو وقت هتي فضول گذاري ڇڏيو. هروپرو ايترو وقت وڃائي ڇڏيو. (پلا پيو ڇا ڪريان ھا؟) هتي ويٺي بہ هن کي گھٽو وقت ٿي ويو آهي. اهو سوچيندي هو پنھنجيءَ جاءِ تان اٿي ٿو ۽ ڪينٽين مان ٻاھر نڪري اچي ٿو. ٻاھر نڪرندي ڊپ ٿو لڳيس تہ ڪينٽين وارو پئسا نہ گھري؟ (دماغ خراب اٿم. هتي پئسا سڀ کان پھرين ڏبا آهن پوءِ ڇانھ ملندي آهي.)

ٻاھر جھڙ جي ڪري سخت انڌوڪار ٿي ويئي آهي. ميدان ۾ بينل ڪنھن ڪار مان، سندس من کي وٽيندڙ ھڪ پراڻي انگريزي گيت! 'Those were the days...' جو ڌيمو آواز اچي رهيو آهي. ھڪ پل لاءِ بيھي رهي ٿو. (اهو ساڳيو ميري ھاپڪن جو ڳايل گيت ھُن ڪيفي ڏيلين ڪراچيءَ ۾ فوزيہ کي ٻڌرايو هو ۽ فوزيہ کي اهو نہ وٺيو هوا) دل ٻڏڻ لڳيس ٿي. ياڻئين ٿو تہ ڪن اونھاين ۾ ڪرندو پيو وڃي. سخت بيچيني پئي ٿئيس. "انسان کي جي خبر پوي تہ هيءَ بي چيني چو ٿي ٿئي تہ هوند انسان ائين اداس نہ ٿئي!" ڪيس سخت اڪيلائپ جو احساس ٿئي پيو.

سوچي ٿو: "ھاڻي ڇا ڪريان؟ واپس شھر وڃان!.... پر پندرھن پئسا ڪٽان اڇن؟ ڪنھن کان گھران..... ۽ ڪيئن گھران؟ ائين

بس ۾ چڙهي پوان ۾ ڪنڊيڪٽر کي چوان ته مون وٽ پئسا ناهن؟ نه ائين نه ڪندس..... ائين ٿئي ته هتي رستي تان ڪي چار آنا ليجي پون. ڇوڪرن جا پئسا ته ڪرندا رهندا آهن." يڪدم ڏسي ٿو فرش ڏانهن ۾ پاسي ۾ ديوار وٽ، پر ڪجهه به ڪونهي. ڪٽي به چار آنا نه ڪريا هئا. ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي. ذهن ٻڌتر ۾ اٽس ۾ هو هلندو وڃي. انگلش ڊپارٽمينٽ وٽ پهچي ٿو. پر هتي ڪوبه نه هو، هو هڪ نظر ۾ سڀ ڪجهه سمائڻ جي ڪوشش ڪندو مٿن گيٽ مان ٻاهر نڪري اچي ٿو ۾ پويان فوزيه رهجيو وڃي. سندس ماضي، حال، مستقبل، سڀ ڪجهه پويان رهجيو وڃي. (انسان هن زندگيءَ ۾ سيٽسفڪيشن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا نه رشتا ٽوڙي ۾ جوڙي ٿو!)

ٻاهر نڪري نندڙي پارڪ وٽ بيهي رهي ٿو. ذهن ۾ ايندڙ خيال: "نه مون کي هن سان ڪابه محبت ڪانهي. مان هن کان نفرت ڪريان ٿو (!) مان پنهنجي پاڻ کان نفرت ڪريان ٿو. پر پوءِ هن سان ملڻ جي خواهش ڇو؟ ڇا اجا تائين مان هن سان محبت..... نه منهنجو ڪنهن به ٻگاهه ۾ يقين ڪونهي. ٻلا جي هن سان اجا ملندو اچان ها، ته پوءِ ڇا شادي ڪريانس ها؟ نه بڪواس..... نه ڪجهه به ڪونهي. سڀ گذري ويندو. صرف ڪجهه وقت لاءِ دک ٿئي ٿو. پوءِ نه رهندو!

هڪ بوند منهن تي ڪريس ٿي. ڪنڊ ڪٽي مٿي ڏسي ٿو. آسمان تي ڪارا ڪڪر ڪنهن ديو وانگر چانيل آهن، جنهن جي ڪري ڇڪي طرفن کان انڌوڪار ڇائنجي وئي آهي. (جيئن سندس من ۾.) تيز هوا لڳي ٿي، جنهن ۾ سندس وار اڏامڻ لڳن ٿا. هوا جو هڪ تيز ۾ طاقتور جهوٽو وٽن مان پيلا پن اڏائي، سندس منهن وٽان لنگهي وڃي ٿو. هڪ خيال ايري اچيس ٿو: "مان به ڪنهن وڻ تان ڇٽيل انهن پيلن پنن وانگر آهيان، جنهن کي هوا پنهنجي مرضي بنا، رلائي رلائي ڪٽي وڃي سٽيندي... ۾ مان ڪجهه به نه ڪري سگهندس..... آءٌ ڪري به ڇا ٿو سگهان؟ (ڪجهه ڪرڻ کان اڳ ئي موت اچي دڳ جهليندي!) پنهنجي اڻ ٽٽل، نامڪمل ۾ مونجهه واري زندگي، جنهن ۾ هزارين محروميون آهن، لڙي لڙي، وقت جي عميق گهراين ۾ هميشه هميشه لاءِ گم ٿي ويندس..... مان ڇا

ڪريان؟ مان ڏنل آهيان اڪيلائي کان، تنهاين کان، سوچن کان، پنهنجي پاڻ کان ۽ هر ان کان جيڪا زندگيءَ سان تعلق رکي ٿي..... مونکي ڊپ آهي هن زندگيءَ کان، جيڪا منهنجي پيچا کانسواءِ مون تي مڙهي ويئي آهي. (ماءُ پيءُ جي گذاريل راتين جي سزا آخر اسين سڄي عمر چو ٿا پوگيون؟) .... نہ مون ۾ ڪنٽراڊڪشن آهي. منهنجي خيالن، سوچن ۽ هر ڳالهہ جيڪا مون سان تعلق رکي ٿي، تنهن ۾ ڪنٽراڊڪشن آهي. مان پنهنجي بي چيني ۽ مونجهہ کي سمجهي نہ سگهيو آهيان! چا ٿو چاهيان؟ اها مون کي خبر نہ آهي. مان..... نہ ڪجهہ بہ ڪونهي. سڀ ختم ٿي ويندو. مان پاڻ ختم ٿي ويندس..... پنهنجي سڀني خواهشن ۽ تمنائن سميت!.... پيار، سونهن سڀ عارضي آهي. ڪنهن بہ شيءِ کي دائميت ناهي. سڀ فنا. مان فنا. منهنجا خيال..... هوءَ..... مان.....!

اوچتو وچ جو چمڪو ٿئي ٿو. سندس دل آسمان تي بيٺل ڪارن ڪڪرن وانگر پرجي اچي ٿي. بہ ڳوڙها اکين جي پولار مان وهي اچي سندس قاتل قميص ۾ گم ٿي وڃن ٿا. (انسان سڄي زندگي ننڍڙا ننڍڙا سپنا ڏسندو رهي ٿو. اهي سپنا جيڪي واريءَ جي محل وانگر ڪڏهن ٺهندا ۽ ڪڏهن پُرندا آهن!) هلڪي هلڪي بوند پوڻ شروع ٿي وئي آهي. هو ان ڏگهي رستي تي پنڌ ڪرڻ شروع ڪري ٿو.

آسمان ۾ گجگوڙ ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏ مينهن تيزيءَ سان وسڻ شروع ٿئي ٿو. هو ان تيز بارش ۾ اڳيان وڌندو وڃي. مينهن جو پاڻي سندس وارن مان ٽمي رهيو آهي. ڪيس آس پاس وارو ماحول ڏندلو ڏندلو لڳي پيو. پاسي بيٺل وڻ پريان پاڻي جي ٽانڪي، پويان آرٽس فيڪلٽي، پر مان لنگهندڙ بس، سڀ ڏندلو ڏندلو، اکين اڳيان ڏنڊ ڇائنجي رهيو اٿس. سوچڻ ۽ سمجهڻ کانسواءِ هو ان ڏگهي رستي تي هلندو وڃي. ذهن خالي خالي. احساس نپوڙيل ۽ هو ڪجهہ بہ سوچيندو، برسات ۾ وڌندو وڃي. (۽ سوچڻ لاءِ هاڻي رکيو بہ ڇا آهي؟)

(ماهوار سمٽي، سيپٽمبر 1977)

اڏوري پنڌ جا آخري سپنا

(تون نہ آهين، تہ هن جا سمورا پنڌ ٽي ويا ڪوٽا!)

تون نہ آهين.....!

دل جي هن شهر ۾.....!

("ڇا هر مسئلي جو ماڳ، ڇا پهچي ويو پنهنجي ماڳ تي؟!"

هن جو دم منجهڻ لڳو.

ڇ باهر رستن تي رات جون بتيون ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيون آهن ..... رات ڪيڏي نہ آ گرم! پر ڪهڙو نہ آ پوائتو سپنو!! ڇ سجاڳي مون کان ڪيڏي نہ پري ٽي ويئي آهي. جڏهن ہ رات ٽي آهي، ڇ اونداهين ۾ سلسلي ۾ تسلسل جي سفر پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو آهي، سجاڳي مون کان دور ٽي وئي آهي، پر دور دور تائين ٽڪيل پکڙيل تنهنجا، منهنجا سپنا اڏامندڙ پن سان هوائن ۾ ويا گم ٽي.

(دور دور کان ايندڙ ڪوئي آواز)

آواز.....!!

آواز،

سمورا،

تنهنجا،

منهنجا،

رهندا،

ساڳيا،

(هر جنم

۾ هرپل ۾)
آواز
سمورا
تنهنجا
منهنجا
ڪڏهن
نہ
ٽيندا
جدا

(هاڻ! هي پنڌ ڪيڏو نہ ڏکوٽي ويو آهي ۾ منزلن جا دوڪا، اسان سان، هر راهہ ۾ وک وک، تي ٽي پيا آڏو) شهر جون بتيون تہ ڪڏهوڪو ٻري ٻہ ويون، پر ٻري نہ سگهيون اندر جون روشنيون! هوا جي هڪ جهوٽي سان وسامي ويئي پيار جي وٽ! ڪهڙي خبر تہ مان ئي آهيان بيوفا، ۾ منزل جا دوڪا، روشنيون سموريون ويون گل ٽي. چانڊوڪي رات ۾ ڪنهن دور کان ڪنهن کي سڏيو. ڪهڙي خبر، جيون جي سفر ۾.....

ـ ڊاڪٽر صاحب..... مون کي ڏينهن ڏٺي جو اکين آڏو سفيد ۾ زرد رنگن جي انيڪ دونهين جيان ڪجهہ، نظر ايندو آهي، جڙ سفيد گلاب ۾ زرد رنگ منهنجي اکين آڏو ڦرندا رهن ٿا. ڊاڪٽر صاحب.....

ـــ مونکي توهان سان مڪمل Sitting ڪرڻي پوندي. ماضيءَ جي هڪ هڪ ڳالهہ.....

(ڊاڪٽر صاحب، ماضي، ماضي، سمرتين جا ڇار، سمرتين جا ڇار، لفظ ڪيترا انيڪ آهن. شهر جون، بتيون. ٻرڻ شروع ٿي ويون آهن. هوءَ هتي ئي آهي، گهرن نيٽن..... پر هڪ هڪ بتيءَ جي ٻرڻ سان ڪيترا رنگ ظاهر ٿي پيا آهن. ڪيترا رنگ اکين آڏو ظاهر ٿي پيا. پر رات ڪڏهن ٽيندي ختم؟

جيون جي هن سفر ۾ ڪيترا چهرا اجنبي آهن..... ۽ انيلا، تنهنجو ۽ منهنجو

بہ تہ ساڻ هوپل جو،

ڪهڪشان

جي هن پل

ڪليل آڪاس هيٺان

هڪ هڪ ٽي

ڇڏائجي ويا هٿ

پن پن ٽي ويو،

ٽي وڃي ٽو،

هر سپنو،

۽ سپنا ٽي لهي اچن تنهنجا سپنا.

(سپنا+ سپنا= انيلا!)

هاءِ! هيءَ رات بہ ڪيڏي نہ پوائتي آهي. سج سياري جي رات جو بيوفا ساڻي آهي، ويو ڪڏهوڪو موڪلائي.

(رستا ۽ پيچرا)

گم ٽيل، رستا ۽ پيچرا،

گم ٽي ويا رنگ رتا سپنا، گم ٽي ويا ڪيترا جنم، تنهنجا ۽ منهنجا،

(جنم ۽ جنم)

وڇوڙو ۽ ملاقات)!

شروعات، ۽ سندرتا، ڏرتي ۽ آڪاس، جيون ۽ موت، پيار ۽ بيوفائي، گهايل نيٺ ۽ سمونڊ، (!!)

(۽ جنم تنهنجو منهنجو ٽي ويو پيا نڪ، هر جنم ۾!!)

هر جنم ۾ ٽي ويئي،

تقدير،

جدائي، تنهنجي منهنجي!

(ملاقات ۾ وڇوڙو، اڏوري پنڌ جا، سپنا، ۾ ساپياڻون!!)

پر هيءَ Teen Age واري عمر ۾ ته ڪيڏي نه هوندي عجيب آ .....!!

ـ ۾ اهوئي ڏوهه آ انيلا، تنهنجو، منهنجو. وقت جي هن بيوفا پل ۾ ڇو مليا آهيون هڪ ٻئي سان!!

ـ مون سوچيو، مان سماج سان، ويڙهه ڪنديس!.

ـ تون Teen Age ۾ آهين، انهيءَ ڪري اها ڳالهه تي ڪرين!

ـ نه Teen Age جي ڳالهه ناهي انهيءَ ۾. مان ننڍي هوندي ڪان جيڪا شيءِ حاصل ڪرڻ چاهيندي آهيان، اها حاصل ڪري ونندي آهيان.... مان توهان سان سول ميرج ڪنديس.

ـ انيلا، زندگي ڏاڍي بيوفا آهي ۾ اسان فقط پنهنجي خوشين لاءِ انهيءَ بيوفا زندگيءَ جي اوچين رسمن سان ڪيئن ٽا سر ٽڪرائي سگهون. مان ڪنهن ڪنهن مهل ڏاڍو مايوس ٿي ويندو آهيان. مان توسان ملڻ ڪانپوءِ ڪيڏو نه پريشان ٿو رهان!!

ـ توهين- توهين، فراڊ آهيو. انساني جذبن سان راند توهان لاءِ راند ٿي ويئي آهي. ڇو ٿي وڌيا توهان مون ڏانهن.... ڇو وڌيس توهان ڏانهن..... مون توهان سان ڇو ڳالهايو؟ هليا وڃو..... هليا وڃو هتان..... مون کي توهان کان نفرت آهي.

.....

(ا ن ي ل ا)

ائبنارمل آهيان مان! توکي ڪهڙي ڇاڻ ته مان سالن کان ڪيئن نه پاڻ کي ڊسٽرب ڪيو آ.....!!.....!

What can I do about my life.....!

هن ٻڌندڙ دل سان ڏيان ڏنو.

سرنهن جي پوڪ مٽان ايندڙ هوائن ۾ ڪائي سڃڻڻ هئي ۾ پريان سنڌوءَ جو پاڻي ڏيري ڏيري ڇيڪي مٽي وارن ڪپرن کي

کائيندو اڳتي وڌي رهيو هو. اوچتو چيڪي مٽيءَ جي هڪ ڇپ ڪري ۾ آواز ٿيو. پاٽيءَ جا ڇنڊا ڊرتيءَ تي پيا ۽ ڊرتي انهن کي پاڻ ۾ ڇُهي ورتو. سنڊوءَ جي لهرن جي لڙ ۾ هڪ هڪ ٽي ڪيترا گينڊي جا گل اڇي ڪريا ۾ دريا جي ڇاتيءَ تي زرد گل ترڻ لڳا.....

هو اڳتي وڌيو، سامهون مقبري جا سوناڪلس تيز اُس ۾ چمڪي رهيا هئا. اوچتو ڪيترا ڪبوتر اڏاٽا، هو ڊوڙيو. ۽ ڊوڙي بيهي سامهون ڏسڻ لڳو: هوا ۾ لوبان جي مهڪ هئي ۽ دور دور تائين ٽانگر جا گل هوا ۾ جهومي رهيا هئا.

هو وٽن جي جهونن ۾ اتهاسڪ وٽن جي ڇانو ۾ سمورو ڏينهن گهاري ٻاهر نڪتو. تہ سج سامهون لڪن جي اوٽ ۾ لڙي رهيو هو ۽ هن جي پيرن ۾ ڏلوڪٽا هئا. ۽ پريان شوپنٽي شام جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ دنيا کان بيخبر ٿيو نچي رهيا هئا. شام جي اداس پاڇن ۾ ڏمال جي نوبت جو پڙاڏو دور دور تائين گونجي رهيو هو. هو ٽڪل قدمن سان هلندو اڇي انهن شوپنٽين ۾ شامل ٿي ويو. ۽ اتهاسڪ شهر مٽان رات ڏيري ڏيري لهي آئي هئي. آڪاس تي ڪٽي ڪٽي ڪوئي تارو ليئو پائي ٽمڪڻ لڳو ۽ هو اکيون ٻوٽي گم ٿي ويو.

نڊرٽ ڪاليج جي اڳڻ ۾، گهرن ۽ گهايل نيٽن سان هوءَ اڇي سندس آڏو بيٺي. هن چتائي انهيءَ اداس اُپسرا کي ڏٺو. سندس هٿ ۾ سفيد گلاب، کاپي ٻانهن ۾ سونو ڪڙو پيل هو. هن ٻيهر انهيءَ اپسرا ڏانهن ڏٺو، اوچتو سامهون وٽن تان ٻہ اڇا ڪبوتر اڏاٽا. هن چرڪي مٽي ڏٺو. سفيد ڪبوتر سامهون ڪيٿولڪ چرچ جي مٽان ٽنگيل ٽياس تي وڃي ويٺا هئا. (بائيبل ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي: "تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ پکڙيل آهي، هڪ وشال ماڙي!!)

(۽ مون سالن کان فقط هڪ سپنو ڏٺو هو.)

- انيلا!

- جي.

- ڪنهن ڪنهن پل، مون کي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ Age Gape جو فرق گهرائيءَ سان محسوس ٿيندو آهي!!

- چو؟

- الائي چو؟

- توهان جي Date of Birth ڪهڙي آهي؟

- 12 آڪٽوبر 1952ع

-.....!..... My Goodness، توهان مون کان ڪيترا نہ وڏا آهيو!

خاموشي.

- چو چپ ٿي ويا؟

- توڳالهہ ئي اهڙي ڪئي نہ.

- مون چا چيو؟

- تون چوين ٿي نہ، تہ مان توکان وڏو آهيان.

هلکو ٽهڪ.

- چريا آهيو توهين.

- ها، اهو تہ آهيان، تڏهن تہ.....!!

- سچ پچ توهين ڏاڍا عجيب آهيو. اڙي مسٽر، چيو بہ توهان ڳالهہ بہ توهان ڪئي، هاڻ وري ڪاوڙ مون تي!

- مون کي معاف ڪريو.

-.....

- معاف ڪريو نہ.

- نہ، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي انيلا.

- ڏسو هي هٿ ٿي ٻڏان.

- انيلا! تنهنجا هٿ ڪيڏا نہ خوبصورت آهن. مون کي انهن ڪومل هٿن ۽ تنهنجي پدم جهڙن پيرن سان بہ ڏاڍي محبت آهي!

۽ هيل ڏينهن بہ ڏاڍا تتا آهن. آڪاس اُلا پيو اڇلائي. دوربيڄي توڙهي جي وچ ۾ ڪوئي ڪانءُ لات بہ نٽولنوي. ڪوئي ڪانگ بہ تہ

ڪونہ ٿو ڪان ڪان ڪري. تنهنجي ۽ منهنجي نالن وارو اکريل نذرٽ ڪاليج ۾ اتهاسڪ بڙ جو وڻ بہ تہ ڪڏهوڪو تيز هوائن ۾ ڪري پيو. پر محبت ازلي ۽ ابدي آهي انيلا! محبت تہ ازلي ۽ ابدي هوندي آهي. چند پلن جو ساڻ ئي تہ صدين جو سفر ڪرائيندو آهي ۽ تنهنجو، منهنجو بہ تہ ساڻ هو. چند پلن جو. تنهنجو ساڻ هو. آهي چند پلن جو. فقط ازلي ۽ ابدي هوندي آهي. محبت! ڪنول جهڙي ڪومل. محبت! ازلي. ابدي. لطيف جي ڪراڙ ڏنڊ جيان تنهنجي گهرن نيڻن جيان. جهڙي محبت. ازلي. ابدي.....!! (۽ مون سالن کان فقط ڏٺو هو توکي. هر رنگ هر روپ ۽ هر چهري ۾!!

ـ توهان مون سان ساڻ ڏيو. مان ڪورٽ ۾ سول ميرج ٿي ڪرڻ چاهيان. توهين سمجهو چو نٿا جنهن مهل مون انٽر پاس ڪئي. تہ مونکي نذرٽ مان اتاري. ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪري چڏيندا. بابا. هينئر کان ئي پيو منهنجي شاديءَ جون ڳالهيون ڪري.

ـ پر ائين ڪيئن ٿي ٿو سگهي انيلا.

ـ بزدل!!

ـ تون..... تون بہ ائين ٿي چوين!

ـ ها! توهين منهنجي مائٽن کان ٿا ڊجو.

ـ انيلا! انسان زندگيءَ جي پل پل ۾ تو جهڙا سپنا ڏسندو آهي. ۽ پوءِ سموري حياتي انهن سپنن جي ساڻيا جي ڳولا ۾ پتڪندو آهي. مون بہ سالن کان توکي سپنن ۾ ڏٺو هو. توکي. تنهنجي ڪنول جهڙي چهري کي. هنن خوبصورت هٿن کي. پدم جهڙن پيرن کي.....

ـ بس. بس. مون کي ضرورت ناهي تعريف جي!

ـ تہ. انيلا اهو سڀ حقيقت آهي. پر ڏک اهوئي آهي. تون ساڻيا ٿي. جڏهن اڳيان آئي آهين. تہ الائي ائين چو ٿو محسوس ٿئي. تون ملاقات سان گڏ وڇوڙو بہ کڻي آئي آهين پاڻ سان!!

ـ جيڪي شخص سدائين تريجڊي کي چاهيندا آهن. تقدير انهن کي قسمت ۾ وڇوڙو ئي ڏيندي آهي.

.....

خاموشي،

- مان اڄ توهان کي اهوئي چونديس، تہ توهين محبت فقط انهيءَ ڪري تا ڪريو، تہ جيئن هڪ ٽرئجڪ استوري لکي سگهو.

- توکي ائين ڪنهن چيو آهي؟

- ڪنهن به نہ!!

- پر تون سمجهين چو نٿي انيلا، تہ زندگيءَ جي هر موڙ ۾ هر پل تي مون سان ايترا تہ پوائتا مذاق ڪيا آهن جو مون کي هر شيءِ کان پوءِ ٿيندو آهي. پوءِ ٿيندو اٿم، حال کان، ماضيءَ کان، ايندڙ مستقبل کان! ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ حياتيءَ جي هن سموري سفر ۾ ڪٿي منهنجا سپنا ئي تہ مون سان بيوفائي نٿا ڪن.

- توهين پنهنجي پاڻ سان ئي بيوفائي ڪندا آهيو. غلطي منهنجي آهي، جو مون توهان سان ڳالهايو.

- نہ، انيلا، غلطي تنهنجي ۽ منهنجي نہ، پر گذري ويل ڪنهن پنهنجي جنم جي آهي، جنهن ۾ پاڻ وري ملڻ جو سُنهن ڪنيو هو!!

۽ هن چرڪي ساممون نهار ڪئي. دور دور تائين آڪاس ڏوتل، اڇو اجرو ۽ وهنتل پئي لڳو ۽ سامهون نيٺ نهار تائين درياءَ پکڙيل هو. سنڌوءَ جون مست چولیون، مانار ۽ ڦٽڪنديون ويرون، (لڙ لهرن ۾ لهر لهرٽي ويئي زندگي منهنجي.)

سندس ٻيڙي لڏڻ لڳي. لهرون هڪ هڪ ٽي سندس ٻيڙيءَ سان ٽڪرائجي وري واپس ورڻ لڳيون.

اُس ڪليل آڪاس مان هيٺ لهي سندس متان اڇي بيٺي، سامهون درياءَ هو. پريان وڻڪار هئي. ساوڪ ۾ گهريل گهاٽو ٻيلو هو ۽ پريان اتهاسڪ شهر سيوستان جي خانقاه جا ڪلس ڪيس ڏسڻ ۾ پئي آيا. ٻيڙي ڏيري ڏيري ڪپر ڏي هلڻ لڳي تہ هن اکيون ٻوٽي چڏيون.

جذبن جي جهر مر

سپنن جو سنسار

سندرتا ۽ جذبا

تنهنجا منهنجا،
لهر لهر تي
لڙهي ويا،
۽ لهر لهر تي
لڙهي ويئي زندگي،
تنهنجي، منهنجي

اوچتو هڪ وڏو ٽڪاءُ ٿيو. هن اکيون کوليون. ٻيڙي وچي ڪپر سان ٽڪرائي هئي. هن ٽپو ڏنو. پاڻي سندس من کي منجهائڻ لڳو. هن مٿي ڏٺو، جتي نيري آڪاس ۾ ڪوئي پکي به نه هو. هن هٿ هڻڻ شروع ڪيا، پر ڪپر سندس پهچ کان پري ٿيڻ لڳو. هن اکيون مهٽيون ۽ وري ڏٺو. سچ پچ اتهاسڪ شهر جو ڪپر سندس سپنن جي نهار کان دور ٿيڻ لڳو. دور ٿيڻ لڳي هر شيءِ (هاءِ انيلا زندگي ڪيڏي- بي معنيٰ، فنا ۽ عدم جي اونداهه ڪيئن ٿي ڪري اسان سان ويساهه گهاتيون)

اوچتو هوا جو هڪ جهوٽو هليو، ته انيلا جي وارن مان هڪ عجيب سُرهي سُرهي سڱڌ نڪري سندس ساهه ۾ اوتجي ويئي- هن کيس ڏٺو، جيڪا ريلنگ تي جهڪي هيٺ سنڌوءَ جي ميري ۽ گدلي پاڻيءَ کي ڏسي رهي هئي. هن سندس وارن کي چهيو، ته هن ڪنڌ ورائي کيس ڏسي مرڪي ڏنو.

هو ۽ انيلا سنڌوءَ جي ڪپر تي بيٺا هئا. سندس مٿان جنوري جو ڪرن سان پريل آڪاس هو. ڪڪر هڪ هڪ ٿي مڙيو پئي گڏ ٿيا. ٽڏي ٽڏي هوا، دور ڪٽان دلفريب هڳاءُ ڪٽي پئي آئي.

-- انيلا! تون منهنجي زندگيءَ جو آخر سپنو آهين.

(هلڪو ٽهڪ)

-- ڪلين ٿي نه،

-- چوڪلان به نه،

-- مون تي يقين نه اٿئي.

-- هڪ ڳالهه چوان، Mind تہ نہ ڪندا.

-- نہ،

-- توهان اهو ڊائيلاگ ڪيترا ڀيرا Repeat ڪري چُڪا آهيو؟

-- توڪي، هوءَ تنهنجي ڪلاس فيلو منهنجي خلاف ڀري ..... ٿي، واهيات رن!

-- توهين، مون کي ڪنهن مهل فقط هڪ فيوڊل ڪلاس جا لڳندا آهيو.

-- تون، مون تي شڪ نہ ڪندي ڪر انيلا! مون هيل تائين زندگيءَ جي سفر ۾ سدائين چانو جي ڳولا ڪئي آهي ۽ چانو منهنجو مقدر ڪڏهن بہ ناهي ٻڌي.

-- ۽ توهان سدائين چانو جي ڳولا ڪندا رهندا.

(خاموشي)

-- منهنجون ساهيڙيون توهان بابت ڪيتريون ڳالهيون ڪنديون آهن.

-- ۽ تون انهن کي سچ سمجهندي آهين؟

-- سچ سمجهان ها تہ توهان سان هتي نہ اچان ها،

-- انيلا

-- جي،

I Love You --

..... --

-- مون سان سات ڏينديءَ.

-- ها،

-- پاڻ سول ميرج ڪنداسين، ۽ پوءِ هتان هلي ڪراچي رهنداسين. توڪي ڪراچي وڃندي آهي نہ،

-- ڪراچي، منهنجو آئيڊيل شهر اٿو.

-- مون سوچيو آهي تہ پاڻ شادي ڪري ڪراچي ۾ هلي رهنداسين. ڪلفٽن ۾ ڪوئي خوبصورت اپارٽمينٽ وٺنداسين ۽ پوءِ روز صبح ۽ شام جو سمنڊ جي ڪناري هلنداسين. سمنڊ

جيڪو نيرو ۽ گهرو آهي تنهنجي نيٽن جيان. چانڊوڪي رات ۾ سمنڊ ڪناري تنهنجي ۽ منهنجي قدمن جا نقش هميشه هميشه لاءِ اُڪرجي ويندا، جن کي ڪائي لهر به نہ مِٽائي سگهندي. هٿ هٿ ۾ ڏيئي، ڪليل آسمان هيٺان، تون ۽ مان، تارن جي جهر مر ۾، زندگي کي ڪنهن انوکي طريقي سان گهاريندا سين. تون ساڻ ڏينديءَ تہ منهنجو هر پل، هر دور ۾!

-- مان پنهنجي خانداني رسمن سان بغاوت ڪنديس، مان توهان سان سول ميرج ڪنديس.

-- ڏس انيلا! توکي مون تي چند پل اڳ يقين نٿي آيو. پر هي ڏس، مون پنهنجي ڪاپي ۾ انهن تي تنهنجو نالو سُين سان اڪرايو آهي.

.....

-- هي توهان ڇا ڪيو؟

-- انيلا! هي لفظ سدائين لاءِ منهنجي ۽ انهن تي اڪريل رهندا، تون مون کي ڇڏي نہ وڃين.....

-- ائين نہ چئو.

-- ها انيلا، هي لفظ منهنجي ۽ انهن تي اڪريل رهندا،

تنهنجي ياد ۽ منهنجي سچائيءَ جو هي اٽمٽ نشان، ڪڏهن نہ مٽجندڙ نشان تي سدائين لاءِ اڪريل رهندو.

I Love you. I can not leave you. I love very much.

تڪليفون

دل

جا

ڏک

پيڇتاؤ

سمورا

دور

رکي،

اسين
روئي
رهيا
آهيون
.....
اسين
روئي
رهيا
آهيون

-- انيلا
-- جي
-- اڄ هي خط مون تنهنجي نالي ويهي لکيو آهي.
-- ڇا لکيو اٿو... پر هي توهان جي هٿ ۾ پٽي ڇو ٻڌل آهي؟
-- مون.....
-- اُف خدايا، توهان هي ڇا ويهي ڪيو آهي. توهان پنهنجي رت سان، ڇو خط لکيو آهي. ڇو لکيو پنهنجي رت سان هي خط.....

*There are so many things,
In my heart that I want
to say to you
I can not say them.
there is something cold
in words while there is
nothing cold in me
But your understand
you see or sea?

---

* خليل جبران

else secs me
We both trust silence

ڪڪرن سان پريل آڪاس ڏيري ڏيري صاف ٿيڻ لڳو. ڪٽان ڪٽان ڪوئي تارو ڪڪرن وچان جهاتي پائي هيٺ ليڪا پائڻ لڳو. ۽ هيٺ گهٽو هيٺ درياءَ مٽان هوا تيز هلڻ شروع ٿي ويئي. هوا تيز هلي ته پاڻ سان گڏ درياءَ جي واري کڻي هلي. ۽ هن ڏٺو ته تيز هوا هلي سندس سمورا پيچرا گم ڪري ڇڏيا هئا.

-- ٻڌو.

-- جي

-- اڄ، مان اڄ ڏاڍي پريشان آهيان.

-- ڇو؟

-- مون توهان کي اڳ چيو به هو ته هي انٽر ۾ منهنجو آخري سال آهي ۽ ڏيڏي نذرڻ ڪاليج کان اڳيان مون کي وڌڻ نه ڏيندو. گهر ۾ هاڻ منهنجي شاديءَ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون آهن.

-- تون، فقط منهنجي آهين.

-- توهان فقط خوبصورت ڳالهيون ڪري سگهو ٿا. بس ٻيو ڪجهه به نه.

-- مان، پلا تنهنجي خانداني رسمن سان ڪيئن ٽو وڙهي سگهان؟ تون ڪجهه وقت ترس، مان ڪنهن ڏينهن دل جهلي تنهنجي پيءُ سان ڳالهائيندس.

-- توهين ڪوئي فيصلو ڪريو يا نه، پر مون هڪ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي!!

-- ڪهڙو فيصلو؟

.....

-- مون سوچيو آهي ته مان پنهنجي خانداني رسمن کي ٽوڙي توهان سان نڪري هلان.

-- ڪيڏانهن؟

-- ڪيڏانهن ب. دنيا جون ڪيتريون ئي ڪندون آهن، پاسا آهن. مان توهان جي ڪري ماءُ، پيءُ ياءُ، پيٽ ۾ سيني کي چڏڻ جو آخري فيصلو ڪيو آهي- ۽ توهان کي منهنجو ساٿ ڏيڻو پوندو.

-- پر.....

-- توهين ڏڃو ڇو ٿا-- منهنجي Age هاڻ سترهن سال آهي. دنيا جو ڪوب قانون منهنجي فيصلي کي روڪي نٿو سگهي. ڪابه طاقت مون کي منهنجي فيصلي کي بدلائي نٿي سگهي- مان توهان کان سواءِ زنده نٿي رهي سگهان. مون کي سڃي سڃي رات ننڊ نٿي اچي. مان بيزار ٿي پئي آهيان. توهان کي مون سان ساٿ ڏيڻو پوندو.

-- مان توهان سان ساٿ ڏينداس. انيلا،

-- اڄ 7 فيبروري آهي نه؟

-- ها-

-- مان 9 فيبروري تي رات جو آڏيءَ رات محل پنهنجي بنگلي مان نڪرنديس. توهين گاڏي ڪٽي اچجو.

-- پر تنهنجي بنگلي ۾ ته ڪيترا ماڻهو هوندا آهن.

-- مان ٻئي گيٽ کان نڪرنديس. اڄ ڪلهه بابا ڪراچيءَ ويل آهي ۽ چاچا ڳوٺ آهي. مون کي اهڙو موقعو وري ڪڏهن ب نه ملندو.

-- انيلا! هي هڪ اهڙو قدم آهي جيڪو...

-- مان هاڻي توهان جي هڪ ڳالهه ب نه ٻڌنديس، توهان وعدو ڪريو.

-- مان وعدو ٿو ڪريان.

-- توهان گاڏي ڪٽي اسان جي بنگلي کان ٿورو پري بيهارجو. مان چادر ڍڪي ٻئي نمبر گيٽ کان نڪرنديس. ٺيڪ آهي نه.

-- ٺيڪ آهي.

-- پهرئين ڪيڏانهن وڃي هلندا توهين مون کي.

-- ڪراچي هلندا سين.

-- ها، منهنجو ب اهوئي خيال آهي. توهان واچ ٻڌي اچجو. مان

پوري ٿين وڳي گهران نڪرنديس. ٽيڪ ٿين وڳي.

ڪن
لفظن
جو
مطلب
رڳو
پنهنجي
زخمن
جي
وسيلي
ئي
سمجهه
۾
اچي
وڃي
ٿو.

هن هلندي هلندي پويان نهاريو. پر پويان رستي تي ڪوئي به نه هو. سندس اڳيان رستي تي ڪوئي وڻ نه هو. ڪوئي پاڇو نه هو. ڪوئي پيڇرو نه هو. هو بيهي رهيو. آڪاس تي شام جي بدلجندڙ رنگن ۾ هن پاڻ کي به بدلجندي محسوس ڪيو. انساني جذبا، محبتون ۽ رشتا فاني آهن. فنا آهي هر شيءِ ۽ فنا ٿيو وڃي هر شيءِ ! محبتون ۽ جذبا، رشتا، سونهن ۽ سندرتا، خوابن ۽ جذبن جي جهرمر، لهر لهر ئي گم ٿيو وڃي..... هاءِ انيلا! تون ۽ مان به هڪاسين ڪنهن اڳياڙي جنم جا پچاڙ ڪا سپنا!!

لطيف آباد!

نرسري ۾ زرد پن اڏامي رهيا آهن. وڻ اڪيلا ۽ اداس هن جيان، پنهنجي پاڇن جي پوڪان ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ گم آهن ۽ هو هلي هلي ٽڪجي پيو آهي. دور دور تائين ڪا بہ راهہ نظر نہ ٽي آيس. هاءِ انيلا، تقدير ڪٽي هڪ پيرو وري پاڻ سان ڪا ويساهہ گهاتي تہ نہ ڪري رهي آهي. ڪٽي پاڻ سان..... (مان توهان جو انتظار ڪنديس. پاڻ ڪٽي هلي رهنداسين. دنيا جون ڪيتريون ڪنڌون آهن اهڙيون) پر آڪاس آ گهرو ۽ نيرو ڪٽي تہ ڇانو ملي، ڪٽي بہ ملي ڇانو! ڪٽي بہ تہ نٽي ملي ڇانو!! هي ڇانو جي بہ ڪلپنا ڪيڏي نہ آ عجيب!!

هن مٽي نهاريو. سندس مٿان 9 فيبروريءَ جي ڪليل شفاف آڪاس ۾ چوڌهينءَ جو چنڊ ڏيري ڏيري اڇن اڇن ڪڪرن جي وچان تري رهيو هو. هن ڪنڌ ڪٽي مٽي ڏنو، ۽ ڏوتل آڪاس ۾ ترندڙ چنڊ کي ڏسڻ لڳو. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو هو ۽ انهيءَ سان گڏ سموري زندگيءَ جو نقشو بہ سندس اڳيان تيزيءَ سان گذرندو پئي ويو. جڏ سندس ڇٽني پاسي ڪن مهان چترڪارن جا اڪريل نقش ڪنهن ڇٽي ڇڏيا هئا. سندر ۽ پرپائيندڙ چترا!!۔ (پر هن جي روح جا اصلي غم ڪهڙا هئا؟ هن سوچيو!!)

اوچتو هن محسوس ڪيو ڪجهہ ۽ هو جيڪو، جو شام لٽي کان پنهنجي گهر جي ڪڌ تي ٻيٺو هو، تنهن کي محسوس ٿيو، سندس زندگي جو اصل مقصد ڪائي اٽڄاتل ڳول هئي. ڪوئي پرهہ جو پنڌ سندس مقدر بنجي ويو هو ۽ هو هيو جيڪو جنم جنم کان، انهيءَ اٽڄاتل ڳولا ۾ حياتي جو اڻ ڪتندڙ پنڌ ڪري رهيو هو، -- (پر انيلا!) هن کي اوچتو انيلا ياد آئي-- انيلا، جيڪا سندس اوسيئڙي ۾ هئي...-- (ها، اڄ رات ئي هوءَ گهران نڪرندي) هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيڻ لڳي. هو چند قدم هلي وري پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. چٽني پاسن کان چانڊوڪيءَ ۾ پنل هر شيءِ اڇي ۽ اجري ٽي پئي هئي. حيدرآباد جي مهڪيل هوائن ۾ گلن جي خوشبوءَ سان گڏ خنڪي بہ اچي ويئي هئي. هن کي ان وقت محسوس ٿيو هو تہ محبت جو جذبو حياتيءَ جي سمورن جذبن ۽

احساسن کان ڪيڏو بہ مٿي هوندي بہ ڪنهن نيري ۾ گهري سمونڊ جي ويڑ جيان هوا هن ٿڏو ساهہ ڪنيو ۽ پاڻ کي جُڳن جو ڏوهاري محسوس ڪيو. وقت سان ويڑهہ ڪرڻ وارا شايد پنهنجي ذهن جي هٿان ئي مات کائي ويندا آهن، ۽ مات جيڪڏهن هڪ پيرو انسان جي اندر ۾ ڇانڻجي ويندي آهي تہ پوءِ جنم جنم ۾ اهو ساڳيو انسان، ويڑهہ بہ تہ فقط پاڻ سان ڪندو آهي--

پر هن محسوس ڪيو تہ ڪيس حياتيءَ جي هن ويڑهہ ۾ وڙهڻ جو ڪوئي گُر نٿي آيو-- ۽ هو هيو جيڪو الائي ڪيتري وقت کان، ڪنهن اڻڄاتل شڪتيءَ سان وڙهندو پئي آيو. سپنا ڏسندو ۽ انهن کي پوريندو پئي آيو. پنهنجن ئي هٿن سان. سپنا جيڪي ڪنول جي گلن کان بہ وڌيڪ سندر هئا- (هن کي ان مهل انيلا ڏاڍي ياد آئي--) "انيلا" ها، انيلا بہ تہ ڪوئي خوبصورت ڪنول جو گل هئي-- (سندس دل ۾ محرومي جو سخت احساس ايريو. خوش نصيب انسان هوندو اُهو، جيڪو سندن لاءِ انيلا جي گلن جهڙي جسم جو مالڪ بنجندو-- (ڪيس محرومي جي لهر وکوڙي ويئي). ها، انيلا بہ تہ هڪ خوبصورت گل جيان هئي. سهڻي، نازڪ، چيلهہ تي چوٽو، اکين ۾ نيرو گهرو سمونڊ.

-- تنهنجا وار ۽ اکيون، ڪيڏا نہ خوبصورت آهن.
-- توهان کي وٽن ٿا.
-- ڏاڍا.
-- ياد اٿو پنهنجي پهرئين ملاقات.
-- ها- سڀ ڇتيءَ طرح ياد اٿم-- ڪرائيسٽ جي ڇانو ۾ هي سڀ ڪڏهن بہ نہ وسارڻ جهڙو آهي-
-- مان جڏهن سيوهڙ ويندي آهيان، تہ اتي توهين مونکي ڏاڍا ياد ايندا آهيو-
-- تنهنجي انهي اتهاسڪ شهر سان منهنجون ڪيتريون خوبصورت يادون سمايل آهن-
-- پاڻ سياري ۾ سدائين اتي هلي رهنداسين.
-- هون!

-- هون چا.
-- بس سوچيان ٿو. ڪٿي پنهنجي هيءَ ملاقات ڪنهن ڏڳي وچوڙي جو اهجاڻ نه بنجي ويجي.
-- ائين چو سوچيندا آهيو؟ مون توهان کي چيو به آهي ته شادي مان فقط اوهان سان ڪنديس.

اوچتو دور ريل جي سيٽي وڳي ۽ هو چرڪي اٿيو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، ته هن کي ياد آيو ته هو اڪيلو هو، ۽ رات هن مٿان تيزيءَ سان لنگهندي ڪوئي عجيب احساس ڏيئي پئي ويئي. مٿان ستارن جو نور جهڪو ٿي رهيو هو ۽ چنڊ به هن جي سوچن سان پنڌ ڪندو ڪائنس دور ٿيندو پئي ويو. (اسين ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي اندر جي روشنيءَ ۾ ڪيئن نه ڏٺا ٿي پئون ٿا- هن سوچيو).

هو خالي خالي اکين سان سامهون نهارڻ لڳو. هيٺ شهر سمورو ستل هو- ۽ سامهون کان شهر جون بتيون ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيو هيون. پريان ڪٿي ڪائي شادي هئي، جتان سهرن جا آواز اچي رهيا هئا. هن ڏيان ڏنو پر سهري جا ٻول ڪڏهن ويجها آيا ٿي ۽ ڪڏهن دور ٿي ويا. رات جي سانت ۾ ڪٽان ڪٽان ڪتن جو پونڪڻ جو آواز تيز هوا جا جهونڪا، هيٺ جاين جي قطار ۾ انهن جا اداس ۽ ٻيانڪ پاڇا مٽس هڪ عجيب ڊپ طاري ڪرڻ لڳا. هُو اٿيو، ۽ چت جي ڪٽهڙي تي ٻيئي ٻانهون رکي، هيٺ هلندڙ تيز هوا ۾ اڏامندڙ ڪاغذن، وٽن جي سڪل پنن، اسٽريٽ لائيٽس جي ٻرندڙ جهڪين بتين ۽ سنسان رستي کي ڏسڻ لڳو. ("رات جي رنگ کي پنهنجو جادو ٿيندو آهي، پر تنهنجي غمزي ۾ گم هوندي به دل تي اهو سپ ڪجهه ڪيئن ٿي ويو"-) هن سوچيو، ۽ سڏو بيهي آسمان ۾ ٽمڪندڙ ٽيڙن ۽ ڪتين، پنڙن ۽ قلڙين کي ڏسڻ لڳو. جيڪي چندرما سان گڏ ڪيس ڏسي رهيا هئا--

(روشنيٰ پبليڪيشن ڪنڊيارو 1982ع)

هينئڙو ڪچي تند جيئن

اها سياري جي هڪ سرد شام هئي. آسمان تي ڪٿي ڪٿي ڇڀا ڇڀا اڇا ڪڪر پئي تريا. سيءُ ۽ چوي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. مون پنهنجي گهر جي ورانڊي ۾ گڏين راند پئي ڪيڏي، پريان سڳريءَ ۾ اڳر پئي ٻريا، جو امي ۽ ناني امان، سهي سنيري اچي منهنجي پر ۾ ٻيٺيون.

"ناني امان، ڪيڏانهن ٿا وڃو، مون کي به ونڊي هلوا!"

مون گڏين مان هٿ ڪيڊي ڪٽي نانيءَ جي برقعي کي پڪڙيو.

"مهناز ولايت مان موٽي آئي آهي، اسين وڃون ٿا ڪيس ڪيڪارڻ،" اميءَ چيو.

آپا مهناز جو ولايت مان واپس ورڻ جو ٻڌي روئڻ لڳس، ڇاڪاڻ جو ڪيترن ڏينهن کان مهناز آپا جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻڌيون هيم اميءَ وارن جي واتان، انهيءَ سبب سندس انيڪ شڪليون چٽي ڇڏيون هيم.

مون کي پٽ تي ليٽڻ ئين پائيندي ڏسي، ناني امان اُتاري وڃي سنبرائي تيار ڪيو. نيري چنبي، بڪلن سان ۽ پٽاپٽي بشرٽ پائي ٽپا ڏيندو، ناني ۽ اميءَ کان به به وڪون اڳتي ڪٽندو وڃي وڪتوريا گاڏيءَ ۾ ويٺس. وڪتوريا هلڻ شروع ڪيو ته مان گاڏيءَ جي پوئين دريءَ جو چمڙو ڪٽي رستي کي ڏسڻ لڳس.

انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد جي رستن جي ڳالهه ئي اور هئي. نه ايتري گهٽي ٽريفڪ، نه ساهه گهٽيندڙ انهن جو دونهون، نه رڪشائن جي ڦٽ ڦٽ، نه سوزڪيون! موٽرون به ايڪڙ ٻيڪڙ، رستن تي فقط وڪتوريا گاڏيون، ٽانگا ۽ سائيڪلون۔ فوٽ پاٽ رستن کان گهٽو

مٽي، جن جي ٻنهي پاسن کان ٻهر ۾ بڙ جا گهاتا وڻ. تلڪ چاڙهيءَ کان استيشن روڊ انهن وٽن سان پريل هوندو هو.

رسالا روڊ جي ٻنهي ڪنڊن تي وڏا شاهي باغ (هڪڙو حيدر چوڪ وٽ ۾ ٻيو هاڻ جتي گول بلڊنگ آهي)، جن ۾ اوچا اوچا وڻ، سائي سائي ڇهر، پاڻيءَ جا تلاءُ ۽ ڦوهارا. روز شام جو اسين انهن ٻنهي باغن ۾ سير ڪرڻ ويندا هئاسين.

وڪٽوريا گاڏي سيشن ڪورٽ کان ٽيندي، پنڌين پاسي کان بمبئي بيڪريءَ ۾ گهڙي ته مان ناني امان سان گڏ لهي اندر هليو ويس. امان جن جڏهن به ڪنهن پنهنجي سينڊ وارن وٽ هلندا هئا ته پهرئين اچي اتان ڪيڪ ونندا هئا. (پڪي ساڳ جا ٺهيل ڪيڪ، جن جي شيشن مان منجهن رکيل ڪيڪ پيا نظر ايندا هئا، جڏهن ته شيشي جون وڏيون وڏيون گول برنيون بسڪوٽن سان سدائين ستيل هونديون هيون.)

وڪٽوريا گاڏي وري هلڻ لڳي ته مان ٻيهر دريءَ مان ڪئنٽونمينٽ جي رستن کي ڏسڻ لڳس. ڏگهي رستي تي سواءِ وٽن مان ڪريل سڪل پنن جي، جيڪي هوا ۾ اڏامي رهيا هئا، ٻيو ڪجهه به نه هو. گاڏي صدر مان ٽيندي اچي هڪ ڳاڙهي پٿر جي ٺهيل شاهي ٻماڙ جاءِ وٽ بيٺي ته اسان لهي ڏاکڻ چڙهي مٽي آياسين. اهو هو آپا مهنازوارن جو شاهي گهر، جيڪو گهر نه پر محلات هوندو هو. سجو ڳاڙهي پٿر سان جوڙيل. ان جاءِ جا سوين ته صفا هوندا هئا. هيٺ مٽي ٺهيل ان جاءِ جا ٻه درهوندا هئا، هڪ جو رخ ڏکڻ ۽ ٻئي جو اوپر ڏي. وڏين وڏين اوچين ڪاٺ جي چتين وارا صفا، ورانڊا، سنگ مرمر جون ڏاڪڻيون، وڏا وڏا روشندان، جن ۾ رنگين شيشا ڏينهن جو اُس ۾ تجلا پيا ڏيندا هئا. سنگ مرمر جا اچا اچا شينهن، جيڪي پنهنجي ڪُلهن تي ان جاءِ جي خوبصورت پتين جا بار ڪنيو آئي وئي کي پيا تڪيندا هئا.

مٽي ڪَڏ تي سنگ مرمر جي ٻارنهن دري ته پري کان پئي پسڻ ۾ ايندي هئي. ٻماڙ شاهي عمارت ۾ الهندي پاسي کان اڳڻ ۽ ايرندي پاسي کان ننڍڙو باغ هو، جنهن ۾ پاسن کان نم ۽ گيدوڙي جا وڻ، ۽

انهن جي وچ ۾ هڪ سهڻو ڦوهارو، جنهن مان پاڻي ڦوهارا ڪيو هيٺ تلاءُ ۾ پيو پوندو هو.

"اهو جادوئي محل پڪ ڪنهن شهزاديءَ پنهنجي رهڻ لاءِ جوڙايو هوندو." روز رات جو امي ۽ ناني امان کان گل ٻکاولي، مومل راڻي ۽ گل ڦل راڻيءَ واريون آکاڻيون ٻڌي منهنجي تصور ۾ بہ سدائين فقط محل، شهزادين ۽ ديو رچيل هوندا هئا. سهڻي ۽ ڪومل شهزادي، جن کي هڪ وڏو ديو، هڪ شاهي محلات ۾ قيد ڪيو ويٺو هوندو هو، جن کي پچاڙي ۾ اچي هڪڙو شهزادو ماري، سندس جند آجي ڪرائيندو هو.

امي اڳڻ ۾ ڪنهن سان ياڪر پائي ملي تہ مان هن کي ڏسڻ لڳس. امي، مهناز آپا جي سس سان ڳالهائي رهي هئي. هوءَ اسان کي ورانڊي ۾ وٺي هلي، جنهن ۾ سپ ڪان پهريائين هڪ شاهي صفو هو، جنهن کي ڊرائنگ روم ڪري ڪوٺيو ويندو هو. (۽ اُنهن ڏينهن ۾ مون لاءِ اهو لفظ ڊرائنگ روم بہ ڪيڏو نہ موهيندڙ هو!) ڊرائنگ روم پراڻي وڪٽورين دور جي فرنيچر سان پريل هو. ڪوچ، شيشي جون ٽپايون، ميزون (سائيڊ ٽيبلون)، متي چٽ ۾ جهاڙ۔ بلب! (جن جون تارون ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندیون هيون، فقط ڪارن لوهي بٽڻن دٻائڻ سان بتيون ٻرنديون هيون. جن جي ٻارڻ سان اڇيون اڇيون بتيون روشن ٿي ويندیون هيون. مان جڏهن بہ ان ڊرائنگ روم ۾ ويهندو هوس، تہ عجب ڪائيندو هوس تہ بنا تارن جي آخرڪار اهي بتيون ڪيئن ٿيون ٻرن! تڏهن ايڏا اندر گرائونڊ بجليءَ جي تارن جو رواج ڪونہ هو!)

"مهناز ڪٿي آهي؟" اميءَ پڇيو.

"ويٺي آهي، پنهنجي ڪمري ۾!" آپا مهناز جي سس نڪ کي موڙو ڏيندي چيو. "گهرائي ٿي ونانس!" ائين چئي هوءَ وري بہ اميءَ سان ڳالهين ۾ مشغول ٿي ويئي. هوءَ اميءَ جي ننڍپڻ جي ساهيڙي هئي. ساٺس گڏ مڪتب ۾ پڙهي هئي، ان ڪري سندن ڳالهين ڪٽڻ جو نانءُ ئي نٽي ورتو، پر مون سندن اهي ڳالهيون ٻڌڻ بدران، ويٺي ناني‌ءَ امان کي تپائي ڏنو. سندس چولو چڪي چڪي ڪيس اٽڻ لاءِ

ڪنڌ سان اشارا: "هل، هل مون کي هلي آپا مهناز ڏيکار!"

منهنجي تپائي ڏيڻ تي، نانيِ امان مون کي ونيِ هلي آپا مهناز ڏانهن. ڊرائنگ روم جي پرسان هڪ ننڍڙو اڳڻ هو، جنهن کي لتاڙي هڪ ننڍڙي ڪمري مان ٽيندا، هڪ وڏي صفي جي دروٽ ٻيناسين.

سامهون پکي ساڄ جو ٿهيل در هو، جنهن جي مٿان رنگين شيشا لڳل هئا، جيڪي اندر هرندڙ روشنيءَ ۾ پئي چمڪيا. در کي کولي اندر ٽياسين تہ جهاڙ جي روشنيءَ ۾ هڪندڙ صفو اسان جي اکين آڏو هو. منهنجي سامهون ڊبل بيڊ تي هڪ اڇي رنگ جي خوبصورت عورت (شهزادي!!) ليٽيل هئي، جنهن جي هٿن ۾ ڪوئي ڪتاب هو، پر جنهن جا نيڻ سندس کاهي پاسي واريءَ دريءَ جي ٻاهران پکڙيل اونداهي کي تڪي رهيا هئا. مون اميءَ جي واتان جيڪي ٻہ آکاڻيون ٻڌيون هيون، انهن قصن ڪهاڻين جي شهزادي، پنهنجي سموري سونهن، ڪوملتا ۽ سينگار سان منهنجي آڏو هئي. هوءَ اسان کي ڏسي اُٿي اڇي ڏاڍي قرب سان نانيِ امان سان ملي! (سرو قد، ڏڳها ڪارا وار، گهرا ۽ نيرا نيڻ، بيضوي مُکڙو، گلاب جي گل جهڙا ڳاڙهـا چپ.)

مون کي ائين ڏسر سُر پاڻ ڏي تڪيندو ڏسي ڪٽي ٻانهن کان جهليائين.

"ماسي شانيءَ جو پٽ آهي نہ!" نانيءَ کان پڇيائين.

"ها، امان! ڏس نہ توکي ڪيئن پيو تڪي، توسان ملڻ لاءِ اصل آتو هو!" نانيِ امان کيس ٻڌايو.

"صفا پنهنجي ماءُ تي ويو آهي!" ائين چئي مون کي ڊبل بيڊ تي پنهنجي ڪڇ ۾ ويهاريائين ۽ نانيِ امان سان گالهيون ڪرڻ لڳي تہ مان سندس صفي ۾ رکيل شين کي ڏسڻ لڳس.

آپا مهناز ڪيترا ورهيہ پنهنجي مڙس سان گڏ ولايت مان رهي واپس وري هئي، انهيءَ ڪري سندس روم ۾ عجيب عجيب شين سان سينگاريل هو۔ ڊبل بيڊ، پاسي کان سائيڊ ٽيبلون، پيتين تي پينٽنگس، ڪاٺ جي وڏن فريمن ۾ بند، هڪ ڪنڊ ۾ شيشي جو ڪيٻ جنهن جي هڪ حصي ۾ ڪتاب، ٻئي ۾ گڏيون ۽ راندڪا

رکيل ۽ پريان هڪ ميز ٽائيپ، جنهن ۾ تارون لڳل هيون. (پوءِ خبر پئي ته اها نٽنگ مشين هئي، جيڪا آپا مهناز حيدرآباد ۾ سپ کان پهرين پهرين لنڊن مان آندي هئي ۽ اهو سال 1957ع جو زمانو هو!!) صفي جي ايرندي پاسي هڪ شاهي گيلري هئي، جنهن تي لڙڪيل ڳاڙهو ريشمي پڙدا، ريشمي رسيءَ سان ٻڌل هئا، جنهن مان هيٺ باغ ۾ بينل وٽن جو تاريون، هوا ۾ لڏندي ڏسڻ ۾ پئي آيون، ٻاهر آڪاس تي اونداهي ڇائنجي چڪي هئي، ۽ هيٺ اسٽريٽ لائيٽ جا بلب ڪڏهوڪو ٻري چڪا هئا. دريءَ مان سياري جي ٺڏي هوا لنگهي اچي اسان کي ڇهي رهي هئي ۽ مون آپا مهناز جي ڪ ۾ وينو وينو کيس ڏٺو. سندس چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ جيان روشن هو ۽ سندس نيرن، گهرن نيٽن ۾ اٽاهه گهرائي هئي. (ها، سموريون شهزادیون اهڙيون ئي هونديون، شهزادي گل بڪاولي، گل ڦل راڻي، مومل..... اميءَ جون سموريون ٻڌايل آکاڻيون ۽ انهن جون شهزادیون اچي منهنجي سامهون بيٺيون!)

"ڇا نالو آ تنهنجو؟" هن منهنجي کاڌيءَ کي پنهنجي سٽي، اچي هٿ سان ڇهندي چيو.

مون ڏٺو: سندس خوبصورت هٿن جا نُهن وڏيل هئا، جيڪي ڳاڙهيءَ نيل پالش ۾ پئي چمڪيا. مون لڄي ٺيندي نالو ٻڌايو ته چوڻ لڳي، "توکي مان مڏو سڏيندس..... ڇا سڏيندس؟..... ٻڌاءِ نه بابا؟"

مون لڄ وچان ڪجهه به نه ڪُچيو، ته کلڻ لڳي. سندس موتين جهڙا ڏند، ۽ گلابي چپ- مان ڪنڊ ڪٽي کيس تڪڻ لڳس ۽ اميءَ جي ٻڌايل گل ڦل راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ کي سارڻ لڳس..... (رات جو اميءَ کي ٻڌائيندس، ته گل ڦل راڻي، ديو جي ٻنڌڻن مان پاڻ ڇڏائي، پنهنجي محل ۾ موتي آئي آهي.)

۽ اها هئي آپا مهناز سان منهنجي پهرين گڏجاڻي/ ملاقات، جنهن منهنجي ڪچڙي ذهن تي سندس لاءِ سمجهه ۾ نه ايندڙ انيڪ طلسماتي جذبن جي جهرمر لائي ڏني. منهنجي عمر ان مهل اٽڪل ست اٺ سال مس هوندي، پر مون کي ايڏا تائين سندس

شخصيت جا سمورا رنگ ۾ روپ ياد بيٺا آهن. آپا مهناز حيدرآباد جي اعليٰ سوسائٽيءَ جي هڪ ذهين عورت هئي. ان وقت جي سول لائينس واري علاقي ۾ مشڪل سان ڪائي بي عورت فيشن، سونهن ۽ سينگار ۾ ساٿس برميچي سگهي هوندي. جيم خاني جي محفلن کان ويندي ڪاڇن تائين، سندس سونهن ۽ سندرتا جي هاڪ پکڙيل هوندي هئي. سندس پيڪا سول لائينس ۾ ساهرا شهر ۾ رهندا هئا. آپا مهناز جو مڙس شهر جو نامياروڊاڪٽر هو، جيڪو تازو لنڊن مان نئين نئين ڊگري وٺي آيو هو ۽ سال 1957ع واري حيدرآباد ۾ اهوئي جڳ پڌرو ڊاڪٽر هوندو هو. سندس سُهري کي انگريزن جي زماني ۾ خانبهادريءَ جو لقب مليل هو، جيڪو سدائين انهيءَ جاءِ جي وڏي ۽ ڏگهي ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي اهليو چُروٽ پيو چڪيندو هو. اسان جا ساٿن پراٽا ڪٽنبي رستا هوندا هئا، ان ڪري پاڻ ۾ گهٽي اڇ وڇ هوندي هئي. اُهو ڏينهن خالي نه هوندو هو، جو اسان مان ڪو هنن ڏي، ۽ هنن مان ڪوئي اسان ڏي نه ورندو هو.

امان جن هلندا هئا، تہ سڄو سڄو ڏينهن آپا مهناز وارن وٽ گذارينداهئا ۽ هو اسان وٽ ايندا هئا تہ سانجهيءَ ٽاڻي پنهنجي گهر ورندا هئا. (عجب جهڙو زمانو هو۔ زندگيءَ جي سمورين ڳالهين تي اڄا مشيني زندگيءَ پنهنجا اثر نہ وارايا هئا، ۽ اڄ ڏک فقط انهيءَ ڳالهہ جو رهيو آهي جو محبتن ۽ قربتن جا اِهي ويجها ناتا الائي ڪهڙي پاسي منهن ڏيئي هليا ويا، جن جو ڪوئي پرونٽو پوي۔ جن ۾ ڇاهہ ۽ موهہ هوندو هو اهڙو جو انسانن جا مُک وٽندا پيا هئا هڪ ٻئي کي!!)

۽ جيئن جيئن مان آپا مهناز وٽ گهٽو وڃڻ لڳس، تيئن تيئن اسان جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو بہ ويو گهاٽو ٿيندو. مون کي هوءَ پائيندي بہ ڏاڍو هئي. مان هڪ نہ ٻئي ڏينهن ساٿس ملڻ ويندو هئس. نانيءَ امان اڪثر دوا سندس مڙس کان ونڻ هلندي هئي تہ مان بہ هن سان گڏجي ويندو هئس. (آپا مهناز جي مڙس جي اسپتال بہ انهيءَ شاهي عمارت جي هيٺئين حصي ۾ هوندي هئي!) نانيءَ امان، سندس مڙس کان دوا وٺندي هئي ۽ مان آپا مهنازوٽ متي وڃي راند ڪندو هو.

آپا مهناز جو صفو جاءِ جي اڳيارڙيءَ کان هوندو هو، جنهن جي آڏو هڪ شاهي گيلري (فرانسيسي طرز جي) هوندي هئي، جنهن کي وٽن جون ٽاريون پيون ڇهندیون هيون. تيز هوا جي جهوٽن ۾ انهن وٽن جا سُڪل ۽ ساوا پن چٽي هيٺ ڦوهاري ۾ پيا ڪرندا هئا. ڳاڙهي پٿر جي ان شاهيءَ گيلريءَ ۾ مان ويهي راند ڪندو هوس- هيٺ ڦوهاري جي پاٽيءَ ۾ ترندڙ پنن کي ڏسي خوش ٿيندو هوس ۽ آپا مهناز منهنجي پرسان آرام ڪرسي وجهي ويهندي هئي. گيلريءَ جي هيٺان ننڍڙو باغ هوندو هو، جنهن ۾ ٻ- چار نم ۽ گيدوڙي جا ڪاٺا وڙ ۽ انهن جي وچ ۾ سنگ مرمر جو ٿميل ڦوهارو هو جنهن مان پاٽي نڪري تلاءَ ۾ وڃي پوندو هو. ان جي چٽي پاسن کان سائي سائي ڇپر ۽ پريان جاءِ جو شيشم جو شاهي ڪارو در هو، جيڪو پريان کان ڪنهن محل جو در پيو پاسندو هو. انهيءَ در آڏو رستو هوندو هو، جتان پپر جي وڻ هيٺان ڪنهن ڪنهن محل کوئي ٽانگو لنگهندو هو تہ ان جو آواز بہ اتي پيو ايندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مان ۽ آپا مهناز انهيءَ گيلريءَ جي ڪٺڑي تي نوڙي، هيٺ تلاءَ کي ڏسندا هئاسين. تيز هوائون اسان جي پر مان لنگهي، آپا مهناز جا ڊگها وار اڏائي، وٽن ۾ شور ڪندیون هليون ويندیون هيون. مان اُن محل آپا مهناز جي مُک ۾ نهاريندو هوس، جيڪا ٻئي هٿ پنهنجي ڳلن تي رکي، هيٺ پاٽيءَ کي پئي تڪيندي هئي.

هڪ پيري مان ۽ آپا مهناز گيلريءَ ۾ وينا هئاسين. هوءَ جڏهن بہ چُپ هوندي هئي تہ سگريٽ دکائي مٿي نيري آڪاس ۾ نهاريندي هئي. اُن ڏينهن بہ هوءَ سگريٽ کي هڪ سمٽي هولڊر ۾ وجهي لائيٽر سان ڏکائي، سگريٽ جا ننڍا ننڍا ڪش هٽي سامهون وٽن جي چوٽين کي ڏسڻ لڳي. مان جيڪو سندس پر ۾ بينو هوس، کيس سگريٽ چڪيندي ڏسي چوڻ لڳس، "آپي، توهان اِهو نہ پيئندا ڪريو؟"

اِهو ٻڌي هن مرڪي مونَ ڏانهن نهاريو. هوءَ اُن محل وهنجي اچي باهر ويٺي هئي، سندس ڪارا ۽ ڊگها وار ڪلهي تي پئي لڙڪيا. انهن

کي هڪ هٿ سان پري ڪندي مون کي ٻانهن کان جهلي پنهنجي ويجهو آڻي چوڻ لڳي، "چو مڏوا توکي اهو سڏو نٿو لڳي چا؟"

مون ڪنڌ سان هاڪار ڪئي ته منهنجي وارن کي پنهنجين سهڻين آڱرين سان سنواريندي چوڻ لڳي، "چگو، هاڻ نه پيئنديس!" مان ڪنڌ هيٺ ڪري سندس پدم جهڙن پيرن کي ڏسڻ لڳس. آپا مهناز جا هٿ پير به ڏاڍا سهڻا هوندا هئا. (عورتون چونديون هيون ته مهناز جهڙو حسن به اسان تمام گهٽ ڏٺو!)

سندس ڀگهيون ۽ سهڻيون آڱريون، ۽ انهن آڱرين جا وڏايل ننهن، جن کي هوءَ ڳاڙهي نيل پالش هڻندي هئي، روشني ۾ چمڪندي ڏٺو. اوچتو مون سندس پيرن کي ڏسندي چيو، "آپي توهان هي پنهنجي هٿن جا ننهن به ولايت مان نهرائي آيا آهيو نه؟"

اهو ٻڌي هوءَ کلڻ لڳي، "چو توکي وٽن ٽا چا؟"

مان سندس هٿن جي وڏايل ڳاڙهن ننهن کي ڏسندي پنهنجا ننڍڙا ٻئي هٿ سندس آڏو ڪندي چوڻ لڳس، "آپي، منهنجا ننهن به توهين ائين ناهيو، مان گهر وڃي انهن کي ڳاڙهو ڪندس!"

هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ته مان لڄي ٽي ويس. هن کلندي کلندي چيو، "هل، ته تنهنجي ننهن کي نيل پالش هڻان!" ائين چئي هوءَ مون کي اُڌاري اندر بيڊ روم ۾ وٺي هلي. سندس ڊريسنگ ٽيبل ڳاڙهي رنگ جي هئي، جنهن ۾ بيلجم جي شيشي آڏو قسمين قسمين جون انيڪ شيشون رکيل هيون. هڪ شيشي کڻي چوڻ لڳي، "ڪهڙو رنگ هڻان؟

"آپي توهان کي ڪهڙو رنگ وٽندو آهي؟" مون وراڻيو.

"ڳاڙهو..... مون کي ڳاڙهو رنگ وٽندو آ." هوءَ پنهنجي رگيل ننهن کي ڏسي چوڻ لڳي.

"مون کي به اهو ئي هڻو!"

هن هڪدم منهنجي مک ۾ نهاريو.

"توکي مڏوا! اهو رنگ به منهنجي ڪري وٽي ٿو نه؟"

مون ڪنڌ ڏوڙيو ته وري به ڪلي چوڻ لڳي، "چگو هاڻ اڄ ته تنهنجي ننهن کي نيل پالش هڻان."

ائين چئي هوءَ ڊريسنگ ٽيبل وٽ استول تي ويهي منهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي، نُنهن کي پالش هٽڻ لڳي ۽ مان سامهون آرسيءَ ۾ ڪيس ۽ پاڻ کي ڏسڻ لڳس.

اوچتو هڪ شخص بيڊ روم ۾ ٽڪڙو اندر گهڙي آيو- سوٽيڊ بوٽيڊ، بت پريل، رنگ صاف پر چپ تمام ٽلها. آپا مهناز جنهن جي چپن ۾ اٽڪيل هولڊر جو سگريٽ ڏُکي ڏُکي پورو ٽيڻ تي هو، منهنجي هٿ کي نيل پالش هٽندي، هڪ نهار مٽس ڏوڙائي، وري پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويئي. بيڊ روم گهڙي ايندڙ شخص مون کي الائي چونہ وٽيو. اُن معل مون کي اُنهيءَ شخص کان ڏاڍو پو لڳو. مان ڊنل ۽ هيسيل نظرن سان ڏانهس ڏسڻ لڳس، جيڪو وارڊروب مان ڪائي شيءَ ڳولي رهيو هو. اوچتو هن ڪا شيءِ وارڊروب مان ڪڍي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ وڌي ۽ اچي اسان جي پر ۾ بيٺو تہ مان وڌيڪ ڊجي، آپا مهناز سان لڳي بينس.

"چا پيو ٿئي؟" هن جو آواز بہ ڏاڍو ڳرو هو (تيز، تکو ۽ انساني جذبي کان خالي....!)

"چو ڊاڪٽر صاحب، ڪا شيءِ ڪپيو چا، جو هن معل متي آيا آهيو؟" آپا مهناز بنا ڪنڌ کڻي ڪيس نهارڻ جي، وري بہ منهنجي ٻئي هٿ جي ننهن کي نيل پالش هٽڻ ۾ مشغول رهي.

"هي ڪير آهي؟" هن پڇيو.

"ماسي شانيءَ جو پٽ آهي!" آپيءَ وراڻيو.

"ٺيڪ آهي.... ٺيڪ آهي." هن تکو ٽيندي چيو، "پر تون سگريٽ گهٽ چڪيندي ڪر!"

"مان پنهنجي چگي- مدي کي چگيءَ ريت ڇاڻان ٿي. اوهين مهرباني ڪري ڪابہ ڳڻتي نہ ڪريو." آپا مهناز منهنجي چيڄ جي ننهن کي نهايت ئي خوبصورتيءَ سان پالش ڪندي چيو. اوچتو الائي اُنهي شخص کي چا ٽيو، جو هو آپا مهناز سان تکو تکو ٿي ڳالهائڻ لڳو. هوءَ بہ کيس تکيون وراڻيون ڏيڻ لڳي تہ اهو شخص ڪاوڙ مان زور زور سان پٽ تي لتون هڻندو هيٺ هليو ويو.

۽ اهو هو آپا مهناز جو مڙس، جنهن کي پهريون پيرو مون انهيءَ

حالت ۾ ڏنو. آپا مهناز ۽ سندس مڙس جي سياو ۾ ڪا وڏي وچوتي هئي، پر منهنجو ڪچڙو ذهن ان محل انهيءَ وچوتيءَ کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهيو.

هڪ ڀيري اسان جي گهر آپي جي سس آيل هجي. امي ۽ هُن ويني کٽ تي ڀَالهيون ڪيون ۽ مان پرسان پيل پينگهي جي مٿان سرائيءَ تي چڙهيو وينو هئس. منهنجي هٿن ۾ نانيءَ امان جو ناهيل "چتون کينهوڙو" هو. (ڪنهن زماني ۾ ننڍڙي جاول ٻار لاءِ چتون کينهوڙو رنگين ڪپڙي مان ناهيو ويندو هو. جنهن جي اندر ڪپهه پري ٻاهر گونٽي ۽ ستارن جو ڪم ڪيو ويندو هو. جيڪو ٻار جي لوڏڻي ۾ ٽنگي ڇڏيندا هئا) جنهن کي مان پينگهي جي مُنهي ۾ ٻڌي رهيو هوس. اوچتو وينو مون محسوس ڪيو ته آپا مهناز جي سس جي واتان مهناز جو نالو نڪتو، ته مون هڪدم پنهنجا ڪن سندس ڀَالهين تي ڌريا. آپا مهناز جي سس آپيءَ جون گلائون ڪري رهي هئي. هن چيو پئي، "مائي زالون هجن اهڙيون، مڙس هيترا سُک ڏنا اٿس، ته به ڪيس مڙس جي اصل شڪل نٿي وٺي. نپٽيءَ کي ولايت وڃي ويو ته اتان به هيڪلي هيڪلي هلي آئي. وري ڪيس وڃي ويو ۽ هاڻي هيترا ورهيه اتي گذاري آئي آهي، ته به مُنهن ئي ڪانه ٿي ڏٺيس!"

"توهان کي زوري شادي نه ڪرڻ ڪپندي هئي." امي وراڻيو.

"ته پوءِ ڇا ڪريون ها۔ سوٽاڻي سوٽ، ڏي وڃ جا سگ، اسان کي ڪهڙي ڄاڻ ته هيءَ ڪنهن ٻئي سان نينهن لايو وينو آهي. منهنجو پٽ ته هو ولايت، هاڻ ته مڙسس کي به هر شيءِ جو پروپئجي ويو آهي." ائين چوندي هن به چار ڪڙا لفظ آپا مهناز لاءِ چيا. هن جو ائين چوڻ ۽ مان جيڪو مٽي پينگهي تي وينو هوس، اتان رڙ ڪئي: "اوهان سپ آپيءَ کان سڙو ٿا!"

منهنجو ائين چوڻ، جڙ پنيورکي باهه وکوڙي ويئي. امي‌ءَ مون کي چڙب ڏني:

"شرم نٿو اچئي وڏن جي وچ ۾ ڀَالهائيندي؟"

آپيءَ جي سس جيڪا اهو لقاءُ ڏسي ٿوري دهلجي ويئي هئي،

چوڙ لڳي، "مائي ڇڏيوس ڪٽي، هن جو بہ ڪو ڏوهہ ڪونهي." مان خارن مان پينگهي تان هيٺ لهي، اتي ئي چتون ڪينهوڙي ڪي ڦٽو ڪري، صفي مان ٻاهر نڪرڻ لڳس تہ آپا مهناز جي سس جو ٻڌڪو ٻڌم، "هيڏڙي نينگر ڪي بہ ڪٽي پنهنجو مطيع بڻايو اٿس!"

مان ٻاهر اڳڻ ۾ نڪري وڃي پنهنجي هرٽيءَ وٽ ويٺس. جڏهن بہ ڪنهن سان رسندو هوس تہ وڃي انهيءَ هرٽي وٽ روئندو هوس. ان واقعي کان پوءِ جڏهن بہ آپا مهناز جي سس اسان جي گهر ايندي هئي، تہ منهنجي اڳيان اصل هڪ لفظ بہ نہ ڳالهائيندي هئي.

هاڻ جيئن جيئن ڏينهن لنگهندا ويا، منهنجي ڇڪ آپا مهناز سان ويڪي وڌندي. سندس آرتسٽڪ سياڻ جا انيڪ رنگ هوندا هئا. سندس بيڊ روم کي ڏسي انهيءَ سياڻ جو اولڙو پيو پسبو هو. ڪيس گلن سان خاص ڪري موتئي جي گلن سان تہ بيحد موهہ هوندو هو. هوءَ موتئي جي گلن کي "رابيل" ڪري ڪوٺيندي هئي- مون رابيل لفظ بہ پهريون ڀيرو سندس واتان ٻڌو! هوءَ گهٽو ڪري شام جي مهل وانگوڙي ۾ موتئي جا گجرا هٽندي هئي. سندس بيڊ روم ۾ داخل ٿيندي- ئي گلن جي سڱڌ ايندي هئي. انهيءَ بيڊ روم جي ٻن ڪنڊن کان وڏا وڏا اٽالين گلدان رکيل هوندا هئا، جن ۾ روز سندس نوڪرياڻي گل بدلائيندي هئي. بيڊروم جي اڇين اڇين پٽين تي ڪيٽريون سهٽيون پينٽنگس ٽنگيل هونديون هيون. وٽس ويجهو هو تہ ڪڏهن نٽنگ پئي ڪندي هئي پنهنجي نٽنگ مشين تي ڪڏهن ڪوئي ڪتاب پئي پڙهندي هئي تہ ڪڏهن ستار پئي وڄائيندي هئي. هوءَ ستار وڄائڻ ڪڏهن ۽ ڪٽي سکي، اهو ياد نہ اٿم، ۽ نہ ڪڏهن اهو ڪانئس پڇيم، پر ڪيس ڇڪيءَ ريت ستار وڄائيندي ڪڏهن ٻڌم اهو چٽيءَ ريت ياد ٻيٺو اٿم.

پهريون ڀيرو جڏهن مان سينٽ بوناوينچر ۾ داخل ٿيس، (جيڪو سندس گهر جي ويجهو هوندو هو) تہ پهرئين ئي ڏينهن روئي روئي ڪٽي هيٺا حال ڪيم. منهنجا اهي پرڪار ڏسي اسان جو نوڪر يارو مون کي وڃي آپا مهناز وٽ ڇڏي آيو.

اُن مهل صبح جا ڏهہ- يارنهن وڳا هوندا. مان سندس بيڊ روم ۾

آلين اکين سان گھڙيس تہ هن هيٺ غاليچي تي ستار پئي وڃايو. کيس ڪاري رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي ستارن جو ڪم ٽيل هو. بيڊروم ۾ اڌ اونداهي ۽ اڌ روشني هئي. درين جا پردا مٿي ٽيل نہ هئا، پر روشندانن جا رنگين شيشا تجلا ڏيئي پئي چمڪيا، جن ۾ آپيءَ جي ڪاري ساڙهي ۾ لڳل ستارن جي ڪم ۾ پئي تجلا ڏنا۔ پريان گلدانن ۾ موتئي جا گل پيا هئا جن جي مهڪار سان سجو صفو واسجي ويو هو. هوءَ مون کي اُن مهل ايتري تہ وٽي، جو مان پنهنجو روئڻ وساري وڃي هن جي قدمن ۾ وينس. سندس نيٺ ٻوٽيل هئا، ۽ سڄي وايو منڊل تي ستار جو اُداس ۽ وٽندڙ آواز ڇانيل هو. اوچتو ستار وڃائيندي وڃائيندي هن کي ڪنهن جي هٿ جو احساس ٿيو. پنهنجا نيٺ پٽي مون تي نهار وڌائين. ستار جو آواز بند ٿيو تہ بيڊروم ۾ هڪ عجيب چپ ڇائنجي ويئي. مان، جيڪو سندس مُک ۾ نهاري رهيو هوس، کيس پاڻ ڏانهن ڏسندي لڄي ٿي ويس. هن ستار هڪ طرف رکيو ۽ مون ڏانهن ڏسي مرڪڻ لڳي.

"آپي، مان نہ پڙهندس!" مون روٺڙهارکو ٿيندي چيو.

مون کي اسڪولي ڊريس ۾ ڏسي سمجهي ويئي تہ مان اسڪول مان هليو آيو آهيان.

"نہ مڌو! ائين نہ چئبو آ." هن ٻانهن وڌائي مون کي پنهنجي پر ۾ ويهاريندي چيو. "تون پڙهندين ۽ هڪ ڏينهن لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿيندين!"

مان جيڪو اڳي ئي پريو ويٺو هوس، تنهن سڏڪا پري ڪڍي سندس هنج ۾ منهن لڪايو.

هوءَ پنهنجي آڱرين سان منهنجا وار سنوارڻ لڳي، تہ مون چيو،

"آپي، مون کي اسڪول ڪان ڊپ ٿو لڳي!"

"چريا! چو، چا ٿيو آ اسڪول کي۔ سڀ تہ آ تنهنجو اسڪول!"

"نہ آپي، مان نہ پڙهندس. اصل ڪڏهن بہ نہ پڙهندس!"

"نہ پڙهندين؟"

مون ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ مرڪي چوڻ لڳي، "نہ پڙهندين تہ وڏو ماڻهو ڪيئن ٿيندين. مڌو، تون لکي پڙهي وڏو ٿي، تہ پوءِ مان تو

وٽ هلي رهنديس!" (هڪ پيري مون ڪيس چيو هو، "آپي، توهان هلي اسان وٽ رهو. هتي سڀ اوهان سان وڙهن ٿا!")

مان چپ چاپ سندس هنج ۾ منهن لڪائي ويٺو رهيس. هوءَ منهنجا وار ناهي چوڻ لڳي، "ڪيئن مڏو، پڙهندين نہ؟"

مان ڪنڌ لوڏي چوڻ لڳس، "ها آپي، مان پڙهندس ۽ پوءِ جڏهن وڏو ماڻهو ٿيان تہ پوءِ توهان هلي اسان وٽ رهجو!"

هن اهو ٻڌي ڪلندي منهنجي نرڙ تي مٺي ڏني ۽ چوڻ لڳي، "چگو. هاڻي ائين ٿا ڪٽي ڪريون تہ تون روز شام جو اچي مون وٽ پڙهہ، مان توکي A.B.C.D سيکاريندیس! ايندين نہ؟"

"ها!" مون خوش ٿيندي چيو.

هن ڪلي منهنجا ڳوڙها پنهنجي هٿ سان اڳهيا، تہ مون ڪيس چيو، "آپي، توهان اهو ڇا پئي وڃايو؟"

"هي.... هي ستار آهي!" هن جي چپن تي مرڪ وري آئي، "ڇو توکي وٽي ٿو انهيءَ جو آواز؟"

"سچي آپي، توهان ڏاڍو سٺو پئي وڃايو. توهان ان کي وري وڃايو!" مون ائين چئي سندس پير ۾ رکيل عاج لڳل ستار جي تارن کي ڇهيو.

هن ڪجهہ پل سوچيو. ۽ پوءِ ستار ڪٽي هوريان هوريان ڪائي ڏُن ڇيڙي. آپا مهناز ستار بہ ڏاڍو سٺو وڄائيندي هئي. مان گم سم ٿي ڪيس ٻڌڻ لڳس. هوءَ ستار وڄائيندي پئي ويئي ۽ مان پنڌ پهڻ ٿيو. سندس خوبصورت ۽ نازڪ آڱرين کي تارن تي هلندي ڏسندو پئي ويس. (اڄ انهيءَ ڳالهہ کي ڪا مدت گذري ويئي آهي، پر مان ايڏا تائين انهن خوبصورت آڱرين، ۽ انهيءَ اُداس ستار جي ڏن کي نہ وساري سگهيو آهيان!)

اوچتو ستار وڄائيندي وڄائيندي هن جي نيٽن مان لڙڪ ٽمڻ لڳا. هن جي نيٽن مان لڙڪ وهي اچي سندس ڳلن تي بيٺا تہ مان ڏڃي ويس. هڪدم اٿي پنهنجن ٻنهي هٿن سان سندس ڳوڙها اڳهي چوڻ لڳس، "آپي نہ روئو، آپي نہ روئو!"

۽ هوءَ ستار وڄائڻ بند ڪري منهنجي ننڍڙن هٿن کي پنهنجن

نيٽن تي رکي سڏڪا پري روئڻ لڳي. انميءَ رات، جڏهن آڪاس تي ستارن پنهنجي جهرمر لاتي، تہ مان اميءَ جي پر ۾ ليٽي متي ٽمڪندڙ ستارن کي تکڙ لڳس. مون کي هڪ ٽڪ آڪاس ۾ تکيندي ڏسي امي چوڻ لڳي، "پٽ، آسمان ۾ نہ ڏسبو آ نہ تہ ننڊ ۾ ڊجندين!"

"چو پلا؟ چا آهي آسمان ۾؟ ايجا تہ تيڙو بہ ڪونہ ڪڙيا آهن، پنهنجي اگڙ مٽان، مان تہ ڪونہ ٿو ڊجان!" مون ضد ڪندي ڪاوڙ مان چيو.

"پٽ ضد ناهي ڪبو." امي منهنجي وارن کي سنوارينديِ چيو،

"پلا چو اڄ کا آڪاٽي ڪونہ ٻڌندين چا؟"

مان پنهنجا ٻئي هٿ متي هيٺان ڏيندي، لڳاتار تارن کي ڏسندي چوڻ لڳس، "امي، هو تون مون کي جيڪا گل ڳل راٽي واري آڪاٽي ٻڌائيندي آهين نہ، جنهن ۾ شهزادیءَ کي هڪ ديو وڏي محلات ۾ ڪٽي پنهنجي بند ۾ رکيو آهي، اها وري ٻڌاءِ!"

"اها تہ کوڙ پيرا ٻڌي اٽئي!" امي مرکي چوڻ لڳي.

"بس، اُها ئي آڪاٽي وٽيم ٿي." مون ڪجهہ ويچاريندي چيو، "جڏهن شهزادو، ديو کي ماري اچي شهزادیءَ کي اِنهي بند مان ڇڏائيندو!" پوءِ جڏهن اميءَ پيرائتي نموني آڪاٽي ٻڌائڻ شروع ڪئي تہ منهنجا نيٹ آڪاٽي ٻڌندي ٻڌندي الائي ڪهڙيءَ مهل ٻوٽجي ويا. انميءَ رات مون کيترا پيرا پوائتا سپنا ڏٺا ۽ جرڪ پري اُٿي وينس ۽ سڄي رات ننڊ ۾ وڪلندو رهيس.

"رات، مڏو خواب ۾ ڊنو آهي!" ورندي ڏينهن صبح جو امي، ناني امان کي چيو، جيڪا کير جو گلاس جهليو منهنجي سپراندیءَ ٻيٺي هئي. ناني وڏي منهنجي نرڙ کي هٿ لاتو تہ اهو ٻريو پئي. بخار جو ٻڌندي ئي سڄي گهر ۾ ڏڦوٽ پئجي ويئي. هڪدم پاڙي واري ڊاڪٽر عزيز احمد کي گهرايو ويو. جنهن اچي سئي هنئي ۽ دوا ڏني. منهنجو اسکول وڃڻ بند. شام جو ناني امان بخاري شاهہ مان مائي بچل کان وڃي فال ڪيرائي پليٽون لکرائي آئي. (چينيءَ جي ساسرين تي زعفران سان ڪجهہ آيتون لکيون ويندیون هيون. روز

صبح جو سويل انهن ۾ ٽورو پاڻي اوتي، اهو پاڻي پياريو ويندو هو.)

ٻه چار ڏينهن آپا مهناز وٽ نه ويس، ته هڪ شام جو اچي اسان جي گهر نڪتي. مان اُن مهل تازو بخار مان اٿيو هوس، ۽ وهنجي سهنجي شاپنگ سينٽر تان بخار مان اٿڻ جي خوشيءَ ۾ ورتل پوتن واري بشرٽ ۽ ڪاري بخمل جي چڊي (پن پٽين واري) پهريو. اڳڙ ۾ پئي ڦريس. (حيدرآباد شهر ۾ اُن وقت ريڊي ميڊ ڪپڙن جو فقط هڪ وڏو دڪان هوندو هو. جنهن ۾ طرحين طرحين هارن توڙي وڏن جا ريڊي ميڊ ڪپڙا ۽ ڪاسميٽڪس سان پريا پيا هوندا هئا. اهو دڪان تلڪ چاڙهيءَ مٽان جتي هاڻ هوٽل جبيس آهي، ان جي پر ۾ هوندو هو.)

ڪيس ڏسندي ڏُڪ پائي وڃي ساڻس پاڪر پائي مليس. هن ڪي آسماني رنگ جي ساڙهي پهريل هئي، جنهن تي هُرمچي جو سٿو ڪم ٿيل هو ۽ پيرن ۾ ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل پيل هو. مان خوش خوش ڪيس هٿ مان وڌي وڃي پنهنجي هرڻي وٽ وڌي ويس. پنهنجون سموريون گڏيون (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ 70-80 سال پراٽيون هيون،) ڇتون ڪينهوڙو ۽ تپ دوران ورتل راندڪا ڏيکاريم.

هُن مون لاءِ چاڪليٽن جي هڪ سهڻي پيٽي آندي هئي، جيڪا مون انهيءَ مهل وڃي ڪٻٽ ۾ لڪائي رکي. امي مون کي خوش ٿيندو ڏسي، آپا مهناز کي چوڻ لڳي، "هيترن ڏهاڙن کان پوءِ اجهو ڪِليو آهي، توکي ڏسي!" اهو ٻڌي هوءَ مرڪڻ لڳي. اُن شام هوءَ مون کي پاڻ سان گڏ گهمائڻ وڌي هلي. اسان جي گهر جي ٻاهران سندس موٽر بيٺي هئي. مان ٽپا ڏيندو ساڻس هلڻ لڳس. هن مون کي ڪار جو درکولي اڳيئءَ سيٽ تي ويهاري، پاڻ اچي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺي ۽ مان خوش خوش ڪيس موٽر ڊرائيونگ ڪندي ڏسڻ لڳس. (انهيءَ وقت حيدرآباد شهر ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ موٽر ڪارون هونديون هيون.)

حيدرآباد جا رستا شام جي ڏنڊلکي ۾ ويڙهيل هئا. فوٽ پاٿن تي ماڻهن چهل قدمي پئي ڪئي. رستي تي بينل بجليءَ جي ٽنين ۾ لڳل بجليءَ جا بلب ٻرڻ شروع ٿي ويا هئا ۽ اسان جي موٽر هوريان

هوريان ڏامر جي رستي تان هلندي پئي ويئي. موٽر جڏهن گاڏي کاتي واري باغ کان مُڙي، تڏي سڙڪ ڏي هلڻ لڳي ته هن مون کان پڇيو: "مڏو، ڪيڏانهن گهمڻ هلندين؟"

مان، جيڪو اُن محل درياءَ مان باغ جي اوچن وڻن کي ڏسي رهيو هوس، گد گد ٿيندي چوڻ لڳيس، "آپي، جتي به وڃي هلو. اوهان جي مرضي!"

پويان باغ ۾ جهرڪين جو شور، شام جي اونداهي محل ڏاڍو عجيب پئي لڳو. مان سيٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺس ٿي ته ڪنهن محل وري ايو ٿي سامهون باغ کي ٿي ڏسڻ لڳس. موٽر جڏهن سنڌ يونيورسٽي (نو وديالي) وٽان لنگهي ته ٽاور جو گهڙيال ٽڪاءَ هڻي رهيو هو. پاسي کان سيشن ڪورٽ جي عمارت، آڱڻ ۾ بينل وڻن سان گڏ ڏاڍي پوائتي پئي لڳي. اسان جي ساڄي پاسي سيشن ڪورٽ ۽ کابي پاسي سنڌ يونيورسٽي (نو وديالي) جي عمارت جو ٽاور، اُن جي اڳيان شاهي باغ ۽ ان جو لوهي جنگلو هو. سڀ شام جي ڏندلڪي ۾ ويڙهيل نظر اچي رهيا هئا، جن جي وچ ۾ ننڍڙو رستو هو. (تڏهن ايڄا اهو رستو ويڪرو نه ڪيو ويو هو. ڪورٽ جي اڳڻ ۽ اولڊ ڪئمپس جي لان کي گڏائي) جنهن تان اسان جي موٽر آهستي آهستي هلندي پئي ويئي.

سامهون رستو ڏِڪو ۽ سنسان هو، جنهن تان ڪنهن ڪنهن محل ڪا وڏي گاڏي يا تانگو لنگهيو ٿي. ڪورٽ کان ٿورو اڳيان ويندي کابي پاسي کان سول لائينس جو بنگلو نمبر پهريون هو، جنهن جي آڱڻ ۾ ڪيتريون ڳئون ٻڌل هيون. مان اهو سمورو ڏيک ڏاڍي موهه سان ڏسي رهيو هوس. اسان جي سامهون ڊاڪ بنگلو ۽ ان جي پريان جيم خانو هو جنهن جي مٿان ٻريل بتي پري کان ڏسڻ ۾ پئي آئي. موٽر جڏهن پريم پارڪ وٽ پهتي ته مون آپي کي ٻڌايو: "آپي، اسين پريم پارڪ ۾ هڪ پيروگهمڻ آيا هئاسين!"

هن ڪلندي چيو، "چگو، اڄ وري اسين پنهنجي مڏوءَ کي ڪلب گهمائيندا سين." مان ڏيان سان پريم پارڪ جي وڻن هيٺ چاڙهيءَ تي پٽر جي ٺهيل بينچن ۽ سول لائينس ڏانهن ويندڙ رستي تي

ڊوڙينا جي قطارن کي ڏسڻ لڳس.

گاڏي جڏهن سامهون جيم خانه ڪلب جي اندر گهڙي تہ مان ڪلب جي عمارت کي ڏسڻ لڳس، جنهن جي اڳيان ڪيترا وڻ هئا، جن جي وچ مان شام جي ٺڏي ٺڏي هوا لنگهندي پئي ويئي ۽ عمارت جي مٿان ٻريل بلب هوا ۾ لڏي رهيو هو.

هن موٽر هلي نہ جي گهاٽي وڻ هيٺان بيهاري ۽ درکولي هيٺ لهي، منهنجي پاسي وارو درکولي مون کي ڪلب جي اندر وٺي هلڻ لڳي. اسان جي مٿان رات جي اونداهي ڇانئجي رهي هئي. اسان جي کاٻي پاسي کان ڪيترا وڻ بيٺل هئا، جن جا پاڇا ڏاڍا پوائتا پئي لڳا.

اسين ڏاڪڻيون چڙهي مٿي ٽياسين تہ سامهون هڪ شاهي لان نظر آيو، جنهن جي اوچن اوچن وٽن جي هيٺان ڪيترين ڪرسيون ۽ ميزون پيل هيون، جن جي آڏو ڪيترا مرد ۽ عورتون ويٺل هئا. (1897ع ۾ ڪولونيل دور جي ٺهرايل جيم خاني واري زندگي سال 1958ع ۾ اچوڪي جيم خاني واري ماحول کان اوڏي.) اسين لان لتاڙي اندر وراندي ۾ داخل ٽياسين- هڪ پاسي بليئرڊ روم هو، جنهن ۾ ڪيترا سوٽيڊ بوٽيڊ مرد وات ۾ چروٽ/ پائيپ ۽ هٿن ۾ ڊگهيون ڪانيون جهليو، هڪ شاهي ميز جي چوگرد بيٺل هئا.

"هي، چا پيا ڪن؟" مون اوچتو آپا مهنازکان پڇيو.

"هيءَ راند آهي- بليئرڊ." هن وراٽيو ۽ مون کي هٿ کان جهلي بار روم (جتي هاڻ ڊرائنگ هال آهي) کان پاسو ڪري، ليڊيز هال ڏانهن وٺي هلڻ لڳي. ليڊيز هال- هڪ شاهي ڪمرو هو، جيڪو وڪٽورين دور جي فرنيچر سان ڀريل هو. هيٺ غاليچو، وڏين ٻانهن وارا ڪوچ، ميزون، ٽپايون، ڪرسيون، سامهون بُخارو جنهن جي مٿان تامي جي گلدانن ۾ تازا گل مهڪي رهيا هئا. هال ۾ ڪيترين خوش پوشاڪ عورتون ويٺل هيون ۽ سڄو هال طرحين طرحين جي سينٽن جي سڱندَ سان واسجي ويو هو.

آپيءَ مون کي وٺي هلي ڪرسيءَ تي ويهاريو، تہ ڪيترين

عورتون اچي ساڻس مليون. هوءَ عورتن سان وش ڪري اچي منهنجي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويٺي.

"ٻاهر هلي لان ۾ ويهون!" هن مون کي لڇي ٽيندي ڏسي چيو. مون ڪنڌ سان هاڪار ڪئي ته هوءَ مرڪي پئي. مان سڄ پڄ ته عورتن جي هيڏي ساري ميڙ ۾ لڇي ٽيندو پئي ويس. هوءَ مون کي هٿ کان وٺي ٻاهر آئي. ورانڊي ۾ ڪجهه ٻار به هئا، جن کي ڏسي هوءَ چوڻ لڳي: "ڏس مڏو، هي ٻار ڪيئن نه پيا هتي ڦرن ۾ تون پيو لڇي ٽين!"

ٻاهر لان ۾ هڪ ٻئي کان پري پري رکيل ميزن جي چوگرد ڪرسين تي ڪيترا جوڙا ويٺل هئا، جن سان ڪجهه ٻار به گڏ هئا. لان ۾ بينل وٽن مان اونهاري جي ٽڏي ٽڏي هوا گهوگهٽ ڪندي پئي ويئي. ڪلب جون سموريون بتيون ٻري چڪيون هيون، جن جي مٽان آڪاس تي ڇڏن ڇڏن ڪرن جي وچ ۾ ڪٽان ڪٽان، ڪي پتڪيل تارا ليلڪا پائي اسان کي ڏسي رهيا هئا.

آپا مهناز مون کي هڪ ٽيبل وٽ ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ منهنجي سامهون ويهي سگريٽ ڪڍائي ان جا ننڍا ننڍا ڪش هڻڻ لڳي. اڇي ڊريس پهريل هڪ بيرو اچي اسان جي پر ۾ بينو ته ڪيس چپس، سينڈوچز ۽ آئس ڪريم جو آرڊر ڏيئي وري سگريٽ چڪڻ لڳي.

هن مون کان پڇيو، "مڏو، ڪيئن ٽيو آهين؟"

"نه آپي، مون کي ته ڏاڍو مزو پيو اچي هتي!" مون کيس چيو.

اسان جي مٽان حيدرآباد جي اونهاري جي رات پنهنجي پوري مهڪ سان ماحول تي چائنجندي پئي ويئي. هوا ۾ گلن جي مهڪ هئي. پريان عورتن، مردن ۽ ٻارن جي ڳالهائڻ جو هلڪڙو آواز اسان تائين آيو پئي ۽ هوءَ الائي ڪهڙي ويچار ۾ گم، سگريٽ جا ڪش هڻي رهي هئي. مون رات جي تيزيءَ سان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ جيئر خاني جي لان ۾ اڏ اونداهيءَ ۽ روشنيءَ ۾ کيس ڏٺو، جيڪا هڪ سگريٽ مٽان پيو سگريٽ چڪي مٽي آڪاس کي ڏسي رهي هئي. مٽي آڪاس هاڻ ڪرن سان صاف ٿي چڪو هو، جنهن ۾ آرهڙ

جو چنڊ ۾ تارا ٽمر ٽمر ڪري رهيا هئا ۾ هوءَ لڳاتار سگريٽ چڪيندي ڪليل آڪاس کي تڪي رهي هئي. (مون ان مهل هلڪي هلڪي روشنيءَ ۾ سندس مُک ڏانهن ڏسندي سوچيو هو- وڏو ٿي مان آپا مهناز سان شادي ڪندس ۾ ڪيس هلي پاڻ وٽ رهائيندس!)

۾ پوءِ مون وري روز شام جو آپا مهناز وٽ وڃڻ شروع ڪيو. هوءَ مون کي شام جو ويهي پڙهائيندي هئي. ڪڏهن سندس بيڊروم ۾ ته، ڪڏهن مٿي ڪُڏ تي اڇي سنگ مرمر جي ٻارنهن- دريءَ ۾. مان روز وڌ ويندو هوس. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترا ڀيرا سندس مڙس سان مڪاميلو ٿيو، پر نه هن مون سان ڳالهايو، نه مون سندس ويجهو ٽيڙ جي ڪوشش ڪئي. هڪ لڳ مون کي چٽيءَ ريت ياد آهي، منهنجي ٻانهن تي ڳاڙهو داغ ٽي پيو هو. (شايد چمڙيءَ جي ڪائي بيماري هئي.) آپا مهناز جو اهو داغ ڏٺو، ته مون کان پڇيائين، "مڏوا هي ڇا ٽيو اٿئي؟"

"آپي، هن ۾ خارش بہ ٿئي ٿي، پائوڊر بہ هنيو اٿم، ته بہ ڪَري ٿو" مون کيس ٻڌايو. هوءَ اهو ٻڌي مون کي هيٺ وٺي هلي. ان مهل شام جا پنج يا ڇهہ ٽيا هوندا. هيٺ اڳڻ ۾ سندس مڙس واش- بيسن ۾ ڏنڊ ڪري رهيو هو. آپا مهناز، هڪدم مڙس کي چيو، "ڏسو، ننڍڙي کي هيءُ داغ ٽي پيو آهي، توهان ڪائي دوا لکي ڏيو."

مون ٻانهن اڳيان وڌائي، ته هن ڏنڊ ڏيندي، نهايت ئي ڪاوڙ مان چڙچ ڏني، "مان هتي ڪنهن بہ مريض کي ڪونہ ڏسندو آهيان. ڏيکارڻو اٿو ته صبح جو اسپتال موڪليوس!"

مان چڙچ ٻڌي پوئتي وريس. منهنجي نيڻن مان ڳوڙها وهي آيا. آپا مهناز ان مهل کيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ڪاوڙ مان مون کي ٻانهن کان وٺي پنهنجي بيڊروم ۾ هلي، ڪيٽ مان ڪٽي ڪورا جي ڊبي مان پائوڊر ڪڍي منهنجي ٻانهن تي هڻڻ لڳي. منهنجي نيڻن ۾ ڳوڙها ڏسي، انهن کي پنهنجي هٿن سان اگهندي، مون کي هيٺ وٺي آئي. قوهاري جي ڪٿڙي تي ويهي اسين قوهاري مان نڪرندڙ پاٽيءَ کي ڏسڻ لڳاسين. سندس چهرو ڪاوڙ مان تامڻي هٽي ويو هو. ان مهل مون ڪڏهن بہ کيس ايترو ڪاوڙيل نہ ڏٺو.

مون کي ياد آهي، آپا مهناز کي سير سفر جو بہ ڏاڍو شوق هوندو هو. قدرت جي سمٽن نظارن ڏسڻ جو تہ کيس عجب موهہ هوندو هو. مان شام جو وٽس پڙهڻ ويندو هوس. رات جو ڪڏهن سندس ڊرائيور عمر مون کي موٽر ۾ گهر ڇڏي ويندو هو تہ ڪڏهن ناني امان مون کي وٽڻ ايندي هئي.

چيٽ جي چانڊوکيءَ ۾ هوءَ گهٽو ڪري مٿي کُڏ تي اِنهيءَ سنگ مرمر جي ٻارنهن دريءَ ۾ هلي ويهندي هئي. رات جي سانت ۾ اوپر کان چند حيدرآباد شهر مٿان آهستي آهستي ڪڙندو هو ۽ آڪاس ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ڪوئي ٽيٽيهر رڙيون ڪندو هليو ويندو هو. پريان شهر جا منگهہ، انهن جا پاڇا ۽ ماڙيون، هر شيءِ ڪنهن سپني جي ماحول جيان طلسمي لڳندي هئي- ۽ هوءَ آرام ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي پولار ۾ نهاريندي رهندي هئي. (اُن مهل هوءَ بتيون گل ڪرائي ڇڏيندي هئي.)

هر سياري جي مند ۾ هوءَ منجهر ڏينهن گهمڻ ويندي هئي جتي سندس ماروٽ ڪيس شڪار ڪرائڻ وڃي ويندو هو. (منهنجي ذهن تي ايڏا تائين سندس اهو فوٽو بہ اُڪريو پيو آهي، جيڪو سندس پيڪي گهر جي گول ڪمري ۾ پٽ تي ٽنگيل هوندو هو، جنهن ۾ هوءَ رائيڊنگ جي فل ڊريس ۾ گهوڙي تي ويٺل نظر ايندي هئي.)

هڪ پيري سندس اباڻي گهر ۾ ڪوئي ڪاج هو. سندس اباڻو گهر سول لائينس ۾ هوندو هو- تمام وڏو بنگلو، جنهن جي پنهي پاسن کان لان هوندو هئو، ۽ پاسن کان زيتون، انب، ۽ نم جا وڻ هوندا هئا اهو ڪاج رات جو انهيءَ ڪليل شاهي لان ۾ هو، جنهن ۾ تنبو لڳل هئا. ٻاهر هلڪي هلڪي ٺڏ هئي. لان ۾ هڪ طرف ٽيبلون رکيل هيون، جن تي اڇيون چادرون وڇايل هيون، تہ ٻئي طرف لڳل تنبوءَ ۾ عورتن جي ويهڻ جو انتظام رکيل هو. آپا مهناز جي ڪتب جون ڇوڪريون پاسي وارن بنگلن جي ڇوڪرين سان گڏجي شيشي جي گلاسن ۾ اڇا رومال (نيپڪن) ويڙهي رکي رهيون هيون. مان وراندي ۾ آپا مهناز جي ڪيڊ پئي ڏريس. امي پاسي واري گول ڪمري (ڊرائينگ روم) ۾ پنهنجي پراڻين ساهيڙين سان ڪچهري پئي

ڪئي، جيڪو عورتن سان پريل هو ۽ آپا مهناز سنيرڙ جي تيارين ۾ هئي. هوءَ اُنهيءَ محل اندران ويجي ڳاڙهي رنگ جي ساڙهي اوڍي آئي هئي، جنهن تي هر مَچ جو ڪم ٿيل هو. قدرت ڪيس سونهن ئي اهڙي ڏني هئي، جو هر لباس سندس بت تي نهڪندو هو. انهيءَ محل ۾ هوءَ ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. سندس ڏڳا ۽ ڪارا وار جن کي هن چوٽين ۾ ٻڌو هو، چيلهه تائين پئي لڙڪيا.

"هل مڏو ته مان سنيري وٺان!" هن ماڻس جي صفي مان ٻاهر نڪري مون کي چيو.

مان جيڪو سندس اوسيئڙي ۾ وراندي ۾ بيٺو هوس، جهٽ ۾ سندس هٿ جهلي ساڻس اندر هلڻ لڳس. هوءَ مون کي اندر ڊريسنگ روم ۾ وٺي هلي. انهيءَ ڊريسنگ روم جو لنگهه سندس ماءُ جي صفي مان هو. اندر سندس ماءُ ڪاٺ جي صندل تي نماز پئي پڙهي. اسين اندر هلياسين ته هن سلام ورائي اسان کي ڏٺو. ڊريسنگ روم ۾ پهچندي هن مون کي استول تي ويهاريو ۽ پاڻ ڊريسنگ ٽيبل آڏو بيهي برش کٽي ڪٽي ڏيڻ لڳي. ننڍڙي ڊريسنگ روم ۾ ڊريسنگ ٽيبل، ڪيترا ڪاٺ جا ڪٻٽ (وارڊروب) هئا، جن کي ڏسندي، مون ڪنهن ڪنهن محل ڪيس ڪٽي ڏيندي پئي ڏٺو. اوچتو هوءَ ڪٽي ڏيندي ڏاڍي سهڻي سُر ۾ ڳائڻ لڳي. اها شاهه سائينءَ جي سُر سسئيءَ مان ڪافي هئي:

"لائي ته ويا، مُئي کي لوري،
هيءَ گهوري، منهنجي جندڙي جتن تان!"

(سندس خوبصورت آواز ۾ مون پهريون پيرو سنڌي ڪلام ٻڌو. وقت جي بي رحم پلن ۾، اهو پل ۽ اهو آواز ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنن ۾ پيو سُرندو آهي.)

مون پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، استول تي ويٺي سنڌس اهو راڳ ٻڌو، ته اوچتو ڊريسنگ روم جو درکولي، آپا مهناز جي ماءُ لنگهي آئي. آپا مهناز کيس ڏٺو ته ڪٽي ڏيڻ بند ڪري کيس آرسيءَ مان ڏسڻ لڳي، جيڪا سندس پويان اچي بيٺي هئي.

"مهنازا!" هن آهستي کيس سڏيو.

"جي، امان!" آپا مهناز برش هٿ ۾ گهمائيندي چيو.

آپا مهناز جي ماءُ جي گنيبر اکين تي عينڪ پيل هئي، جنهن مان سندس اکيون ڏيءَ تي پونديون اچي مون تي بينيون. "پٽ، تون هلي ٻاهر ويهه، تہ اسين اچون ٿا!" هن منهنجي وارن تي هٿ ڦيرايندي چيو.

"نہ امان، هيءَ وينو هجي." آپا مهناز ڪجهہ تيز ٿيندي چيو، "توهان کي جيڪي ڪجهہ چوٽو هجي، هن جي اڳيان ئي چئي ڏيو."

"تنهنجي پويان مڏو اصل ڇيلو ٿيو پيو ڦري." آپا مهناز جي ماءُ ٿورو مرڪي چوڻ لڳي، "ماٽس چوندي آهي تہ هي منهنجو ڏيئرڙي پٽ آهي، تڏهن تہ مهناز، توسان ايڏي دل اٽس!"

"امي، هي منهنجو اصل جُهٽ اٽئي، مون کي هن جي وندر آهي!" آپا مهناز مون کي پيار جي نهار سان ڏسندي چيو.

ڪجهہ پلن جي چپ رهڻ کان پوءِ ماٽس ڪيس وري سڏ ڪيو: "مهناز!"

"امي" چئو نہ. چا ٿا چوڻ چاهيو توهين!" آپا مهناز، برش جي ڏندن تي هٿ ڦيرايندي چوڻ لڳي.

"ڏيءَ، تون پنهنجي چگي ۾ مدي پاڻ سمجهين ٿي، مان توکي وڏيڪ چا چوان." ماٽس آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو، "۾ چوڻ ہ گهٽو ڪجهہ چاهيان ٿي، پر چوندیس فقط اهو تہ جيڪي ڪجهہ ٿيو، سو ٿيو، هاڻ حالتن سان ناهہ ڪر!"

"ناهہ!" آپا مهناز جي منهن جو رنگ لهندو ويو، "امي، ناهہ ڪنهن سان ڪريان، پنهنجي پاڻ سان، حالتن سان يا زندگيءَ سان؟"

"مهناز تون سمجهين چو نٿي؟" ماٽس سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

آپا مهناز ڪنڌ ورائي، ماءُ کي چوڻ لڳي، "امي، مون توهان کي اڳي ہ چيو هو، ۾ اها ڳالهہ اڄ وري ہ توهان کي ٻڌائي ٿي ڇڏيان، تہ توهان انهيءَ شخص سان شادي ڪرائي، منهنجي حياتي تباهہ ڪري ڇڏي. مري ويندیس تہ پوءِ ياد ڪندؤ منهنجي اِها ڳالهہ!"

سندس آواز کاوڑ ۾ ڏک وچان ڀرجي آيو.

اوچتو ماٽس اڳيان وڌي ڪيس پاکر پاتو، ته هوءَ ماءُ جي ڇاتي ۾ منهن لڪائي ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

"بس ڪر، مهناز نه روءِ." ماٽس ڪيس چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

مون استول تي ويٺي اهو سمورو لقاءُ ڏٺو. ڪا معمل چپ چپات رهي، جنهن ۾ فقط آپا مهناز جي سڏڪن جو آواز هو، جيڪو رکي رکي گونجي رهيو هو.

"مهناز، هاڻ ٽي ٻه ڇا ٿو سگهي!" سندس ماءُ کيس چوڻ لڳي، "تون ڪوشش ڪري پنهنجي گهر کي تباهه ٿيڻ نه ڏي. هُن مُئي سان ٻه فون تي نه ڳالهائيندي ڪر. تنهنجي سس هڪ هڪ ڳالهه تنهنجي مڙس کي ويهي ٻڌائي آهي."

آپا مهناز ڪابه ورندي نه ڏني. اوچتو، هُن ساڃي هٿ سان پنهنجي نيٽن مان وهندڙ ڳوڙهن کي اُگهيو ۽ مون ڏانهن ڏٺو، جيڪو ڪيس هيسيل هيسيل نهار سان ڏسي رهيو هوس.

"اڄ مڏو ٻاهر ٿا هلون!" هن منهنجي ڪلهي کان وٺي مون کي استول تان اٺڻ لاءِ چيو. مان جيڪو اڳي ئي انهيءَ وايومنڈل ۾ هيسڻي ويو هوس، يڪدم سندس هٿ جهلي ساٽس ٻاهر هلڻ لڳس.

"ڪيڏانهن ٿي وڃين مهناز؟ سندس ماءُ پويان پڇيو.

"اتي ئي آهيان، امي. ويندیس ڪيڏانهن!" هن آهستي چيو، ۽ مون کي ٻاهر وٺي آئي. ٻاهر ورانڊي ۾ ريفريجريٽر رکيل هو، جنهن مان شيشي جي هڪ ٽڏي بوتل ڪڍي، انهي مان پاڻي پيئڻ لڳي. مون ان معمل کيس عجب مان ڏٺو، جيڪا اهڙي سيءَ ۾ ٻه ايڏو ٽڏو پاڻي پي رهي هئي.

ٻاهر لان ۾ چوڪرين جو شور هو، جيڪي نيپڪن ٽاهي، پاڻ ۾ زور زور سان ڳالهائي رهيون هيون. نوڪر لان ۾ پئي ڦريا. زالون اڇڻ شروع ٿيڻ لڳيون هيون. ڀريان تنبوءَ ۾ حاجياڻي ڇُٽي شيدياڻي پنهنجي پارٽي سان اچي ويٺي هئي. ڏينهن اڃا پورو نه ٿيو

هو. جنهن جي ڪري سڄ جي روشني اڃا باقي هئي. پر لان جي وٽن ۾ ڪاڄ سبب لڳايل بلبن جي جھالر (مرچيون)، هينئر ڪان ئي ڪنهن ٻاري ڇڏي هئي.

اسين وراندي جون ڏاڪڻيون لھي هيٺ لان ۾ آياسين تہ آپا ھناز کي چوڪريون وکوڙي ويون. هوءَ ساٽن ڳالھائيندي، لان لتاڙي، تکو تکو مون کي پاڻ سان وٺي بنگلي جي لوھي گيٽ ڏانھن ھلڻ لڳي، تہ مون پڇيو، "آپي، ڪيڏانھن ٿا ھلو؟"

"ٻاھر ٿا ھلون ٽڪريءَ تي ھوا کائڻ، مڏو، ھتي تہ منھنجو ساھ ٿو منجھي!" ھن چيو.

ڀ مان چپ چاپ ساٽس ھلندو، بنگلي جو لوھي گيٽ اکري ٻاھر ھليو آيس.

ٻاھر سول لائينس جي رستن مٿان، شام آھستي آھستي لھي رھي ھئي، ڀ مان آپا ھناز سان گڏ واڪ ڪري رھيو ھوس. شام سموري وايومنڈل تي پنھنجن سمورن رنگن سان چانڀجندي پئي ويئي ڀ ھوءَ سامھون ٽنڍو جھانيان واري ٽڪري ڏانھن ننڍيون ننڍيون وکون کڻندي پئي ويئي.

(حيدرآباد شھر جون سانجھيون اڄ بہ وٽندڙ آھن، پر سول لائينس حيدآباد جي شام اڄ کان ويھہ ٻاويھہ ورھيہ اڳ اور ھوندي ھئي. اڄوڪي سول لائينس ڀ سال 58_1959ع واري سول لائينس ۾ وڏو فرق ھو. سول لائينس جي ٻنھي رستن تي سرنھن جا وڻ، انھن جي پاسي کان ڊوڙينا جون سايون سايون قطارون، ڀ انھن سان گڏوگڏ سيمنٽ ڀ پٿر جون بينچون، پريم پارڪ کان بہ اڳيان ڊاڪ بنگلي تائين پکڙيل ھوندیون ھيون، جڏھن تہ وري راڻي باغ تائين بہ پٿر جون بينچون ڪھيل ھوندیون ھيون. پريم پارڪ، ان ۾ وڏا وڏا وڻ، چپر ڀ انھيءَ جي اڳيان ٽڪري، روز صبح ڀ شام ھوا خوريءَ لاءِ ايندڙ ماڻھو، پريم پارڪ مان ٽي، پٿر ڀ سيمنٽ جي بينچن تي گھڙيءَ پل لاءِ ويھي ٽڪ ڀڄندا ھئا. گلن ڀ وٽن جي ھبڪار ۾ رچيل ھوا، انھي وٽندڙ شام جي ماحول کي ڇڻي پاسن کان مھڪائي ڇڏيندي ھئي، پنھنجي سڱندڙ سان.)

اسين پنڌ ڪندا پئي وياسين ۽ مان آس پاس جي وايومنڊل کي ڏاڍي ڌيان سان ڏسي رهيو هوس. ٻنهي پاسن کان اڌيل ٻنگلن مان ڪنهن ڪنهن محل ماڙهن جا آواز اچي وري گم ٿيو پئي ويا. ٿورو پنڌ ڪري اسين ٽڪري تي پهتاسين. (ٽنڊو جهانيان واري اها شاهي ٽڪري، سول لائينس جي چيڑي تي هوندي هئي، ۽ اڄ اها ٽڪري ۽ معدوم ٿي ويئي آهي، جو انهيءَ سموري ٽڪريءَ تي ٻنگلا ٺهي ويا آهن!) انهيءَ ٽڪري تي بيهي هوءَ اولهه ڏي ٻڌندڙ سج کي ڏسڻ لڳي.

اسان جي چئني پاسن کان شام جا سمورا رنگ ۽ روپ هڪ هڪ ٿي وايومنڊل تي ڇائنجندا پئي ويا. سامهون اولهه ڏي ڇام شوري وارين ٽڪرين ۾ ڳاڙهو سج لڙيو پئي ۽ آڪاس تي جڙ ڪنهن ڪهنبو رنگ هاري چڏيو هو. هيٺ ٽنڊو جهانيان هو، جتي وٽن ۾ جهرڪين جي چين چين، مٽي آڪاس تي آڪيرن ڏاڪن ويندڙ پکين، ابابيلن ۽ سرڙين جا ولر هئا. مان ڪنڌ ورائي وٽن ڏانهن تڪڻ لڳس. اسان جي پويان، ڪنهن ٻنگلي ۾ ڪوئي ريڊيو زور زور سان وڄائي رهيو هو، جنهن جو آواز هوا جي هندوري تي ڪنهن محل آيو ٿي ۽ وري گم ٿيو پئي ويو. مان سامهون ٽنڊي جهانيان جي اڇي مقبري کي ڏسڻ لڳس، جنهن سان لاڳو ڪچن گهرن مان نڪرندڙ دونهون آهستي آهستي مٽي شام جي آڪاس ۾ گم ٿيندو پئي ويو ۽ آپا مهناز، چپ چاپ، الائي ڪهڑن ويچارن ۾ گم، شفق جي بدلجندڙ رنگن کي تڪي رهي هئي. (۽ آڪاس مان اونداهي، آهستي آهستي لهڻ جي تيارين ۾ مشغول هئي!)

مون کي ان محل، شام جي پکڙجندڙ اونداهيءَ کي ڏسي الائي ڪهڙو پيو ٿيو، جو مون کٽي آپا مهناز جي ساڙهيءَ جو پلاند پکڙيو پر کيس ان جي ڪا لکا نه پئي. مون ڪنڌ کٽي کيس ڏٺو: ان محل سندس اکين جي گهرائي ۾ ڪا پري جي نهار، ۽ سندس من ۾ ڪائي اُڻ تڻ هئي.

مون ان محل شفق جي انيڪ رنگن جي روشني ۾ سندس مک تي هڪ عجيب اُداسي محسوس ڪئي ۽ مون سوچيو، سموريون شهزاديون، ديون جي بند ۾ ائين ئي ڏکويل ۽ ملول هونديون موم،

سومل، گل قل راٹي!"

اوچتو هن مون کان پڇيو، "مڏو، ڊڇين پيو چا؟"

"نہ آپي!" مون ڪوڙڳالهايو، "توهان جو مون سان گڏ آهيو!" مون ڪنڌ مٽي ڪٽي ڪيس وراٹي ڏني، ۽ هوءَ وري سامهون شفق جي رنگن کي ڏسڻ ۾ گم ٿي ويئي- لهندڙ سج جون لامون، ٽيڪ اسان جي سامهون هيون. اوچتو، ڪجهہ پلن کان پوءِ سج اولهہ ۾ ٿُبي هنئي تہ سڄي وايومنڊل تي ڊپ جهڙي مات ڇائنجي ويئي. پکي پکڙ سيڻ چپ ٿي ويا. ٽڏي ٽڏي هوا اسان جي ير مان لنگهندي پئي ويئي، جنهن ۾ آپا مهناز جا ڪليل وار اُڏامي رهيا هئا، ۽ آڪاس مان لهي ايندڙ ڏنڊلڪو، اونداهي سان گڏ سرمئي شام کي ڳڙڪائيندو ٿي ويو.

هن هڪ ڊگهو ساهہ ڪنيو، ۽ مون کي ٻانهن کان ونڊي پوئتي وري. اسين ننڍڙيون ننڍڙيون وکون ڪٹندا واپس وري رهيا هئاسين. سندس هٿ منهنجي ڪلهي تي هو، ۽ سامهون سول لائينس جي رستن تي لڳل اسٽريٽ لائيٽس جي ڊگهي قطار جا بلب ڪڏهوڪو ٻري اٿيا هئا، جن جي جهيڻي روشنيءَ ۾ سڄو رستو سنسان هو، رستي تي تيز هلندڙ هوا ۽ وٹن مان ڇڻيل پن اُڏامي رهيا هئا،- پريان ڪنهن وٹن جي سڪل پنن جي ڍير کي باهہ ڏيئي ڇڏي هئي، جنهن جو دونهون شام جي اونداهي آڪاس ۾ شامل ٿي رهيو هو. وٹن جي سڪل پنن جي سڑڻ جو واس هوا ۾ شامل ٿي اسان تائين پهچي رهيو هو. اسان جي ٻنهي پاسن کان اَڌيل بنگلن ۾ هوريان هوريان بتيون ٻرندیون پئي ويون ۽ هوءَ ڪنڌ نمائي، پنڌ ڪندي هلي رهي هئي.

اسين جڏهن واپس بنگلي جي لوهي گيٽ وٽ پهتاسين تہ سرمئي شام رات جي اونداهي جي پيٹ ۾ اچي ويئي هئي. مٿي آڪاس جي ڪاراٹ ۽ نيراڻ ۾ رات جا ستارا ٻڌل نظر پئي آيا. اندر لان ۾ عورتن ۽ ٻارن جو گوڙ هو. رات جي تيزيءَ سان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ ڪاڄ واري تنبوءَ ۾ لڳايل سموريون بتيون جڳ مگ جڳ مگ ڪيو ٻرين پئي، جنهن جي وچ ۾ گلمہ مٹان وڇايل غاليچي تي مشهور ڳائٹي حاجياٹي ڇُٹي پنهنجي درد يلي آواز ۾ ڏوهيڙو ڏيئي رهي هئي: .

لڙيو سج لڪن ۾، راسيون رتائين،
مون کي ماريائين، آيل اونداهي ڪري!

انهيءَ واقعي جي ڪجهہ مهينن کان پوءِ اوچتو بابا جي بدلي لاهور ٿي، تہ اسان بہ اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئي۔ منهنجي دل وسامي ويئي، حيدرآباد شهر ۾ راندين ڪندي ڏينهن گذاريا هيم۔ ان کي ۽ آپا مهناز کي ڇڏيندي من وسامندو ٿي ويو۔ مون اصل روڄ پاري ڏنو تہ مان لاهور نہ هلندس، آپا مهناز وٽ رهي پڙهندس، مون کي هتي ڇڏي وڃو.

مون کي ياد آهي تہ آپا مهناز اسان سان موڪلائڻ لاءِ اسان جي گهر آئي تہ مان ڀڪ پائي وڄي کيس پاکر پائي روئڻ لڳس. آپا مهناز منهنجا ڳوڙها اڳهندي، چوڻ لڳي:

" نہ مڏو، سڻا پارتہ روئنداکونہ آهن! تون لاهور وڃ، مان توسان اتي بہ ملڻ ايندیس."

"نہ آپي، توهان بہ هلو اسان سان،" مون سڏکا پريندي چيو، "مڏو تون لکي پڙهي وڏو ماڻهو ٿي، تہ پوءِ مان اچي تو وٽ رهنديس، ڏس ياد ڪونہ اٿئي پنهنجو واعدو!" هوءَ مون کي پرچائيندي اندروني وڃڻ لڳي، تہ مان وڌيڪ روئڻ لڳس.

۽ اهڙيءَ ريت پورا ڏهہ ورهيہ تکڙا تکڙا اکين اڳيان لنگهي ويا. اونهارو ويو تہ سيارو آيو، چيٽ، سانوڻ، سرءُ، مون اهي سموريون مندون لاهور جي مهڪ پريل هوائن ۾ گهاري ڇڏيون. سال 1968ع جي ڳالهہ آهي، مان انهيءَ زماني ۾ ميٽرڪ ۾ پڙهندو هوس جو بابا سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو ۽ اسين واپس حيدرآباد ورياسين.

حيدرآباد آياسين، تہ اوچتو ئي اوچتو خبر پئي، تہ آپا مهناز کي ڪينسر ٿي پئي آهي (اڄرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ سندس ستارو بہ "ڪينسر" هو. سندس جنم 3 جولاءِ تي ٿيو هو) ۽ هن علاج لاءِ ولايت وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

هوءَ منهنجي ننڍي هوندي جو آدرش هئي. منهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين جا سمورا رنگ رتا سپنا هن جي رنگن سان چٽيل هئا. مان کيس پهريون پيرو ڏسڻ ويس.

(ڏهن- يارنهن سالن ۾ حيدرآباد جو نقشو ئي بدلجي ويو هو. رستن تي هاڻ ٽاڙيندو ٽريفڪ جو گوڙ، رستن تان وڻ غائب. فوٽ پاٿن جي نالي نشان جو پرو ئي نٽي پيو. سول لائينس ڏانهن ويندي رسالا روڊ تان ٻئي سمٽا باغ گم ٿي ويا هئا- حيدر چوڪ واري باغ جي جاءِ تي هڪڙو ڏڏو پارڪ ۽ ٻئي هنڌ تي اوچي گول بلڊنگ بيٺي هئي. سول لائينس جي رستن تان ڊوڊينا جون سايون سايون قطارون، بينچن سان گڏ ڪنهن ٻئي جهان ۾ وڃي پهتيون هيون ۽ سپ کان سهٽي پريم پارڪ ڊاڪ بنگلي ۾ فليٽ ۽ هٽ اڏجي رهيا هئا!) اهائي سول لائينس هئي، اها ئي حيدرآباد، پر الائي ڇو سپ ڪجهه عجيب عجيب لڳي رهيو هو. سندس بنگلي ۾ گهڙيس ته هر طرف کان مات ئي مات لڳي پئي هئي. در وٽ آپا مهناز جي ماءُ منهن ۾ گڏجي ويئي. نوڙي سندس پيرن تي هٿ رکي نالو ٻڌايم ته پاڪر پائي منهنجي متي کي مِني ڏيئي اڇي سُڏڪن ۾ پئي. منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ڪيترن ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ مان پنهنجي ننڍي هوندي جي انهيءَ آدرش کي ڏسڻ پئي ويس، جنهن منهنجي ڏهن جي ڪئنواس تي عجيب عجيب رنگ رتا انيڪ سپنا چٽي ڇڏياهئا، جنهن جي لاءِ مون من ئي من ۾ الائي ڪيترا واريءَ جا محل ٺاهي ۽ پوءِ پوري ڇڏيا هئا. مان ڪنڌ هيٺ ڪيو، آپيءَ جي ماءُ جي ڪيڊ لڳي ويس. هوءَ مون کي پنهنجي صفي ۾ وٺي هلي، جتي آپا مهناز ترسيل هئي. صفي جي ٻاهران اهوئي ساڳيو ڪاٺ جو صندل پيو هو، جنهن تي سندس ماءُ ويهي نماز پڙهندي هئي. انهيءَ ساڳئي صندل تي آپا مهناز جو مڙس ويٺو هو. سندس ڪنڌ هيٺ هو، پر هو ڪنهن ويچار ۾ گم هو. هن مون ڏانهن نهاريو ئي ڪونه ۽ مان سندس پاسي مان لنگهندو اندر گهڙيس.

اندر صفي ۾ آپا مهناز هالن جي جنڊيءَ جي پاون واري ڪٽ تي ليٽيل هئي. سندس مٿان اجرڪ پئي هئي. ٻئي هٿ متي هيٺان ڏيو هن لڳاتار متي چٽ ۾ پئي نهاريو.

"مهناز، ڏس ڪير آيو آ؟" سندس ماءُ جو آواز صفي ۾ گونجيو ته هو چرڪي مون ڏانهن نهارڻ لڳي. (خوبصورت چهرو، سرو، قد، گهرا ۽

ڪارا نيٺ، سٺا ۽ ڪير جھڙا اڇا ھٽ، ڏگھيون آڱريون ۽ پدم جھڙا پير.) مون کي سجاڻڻ جي ڪيائين تہ مون نوڙي سندس پير ڇھيا.

"مڏو آھين نہ؟" ھن اٿڻ جي ڪئي.

"ھا، آپي!" مون روئڻھارڪو ٿيندي چيو.

سندس زرد مُک تي مرڪ ۽ خوشي وري آئي. ھڪدم منھنجي وارن تي ھٿ ڦيرينديِ منھنجي لِلاٽ تي مٿي ڏينديِ، ماڻ کي چوڻ لڳي، "امان، ڏس مڏو ڪيڏونہ وڏو ٿي ويو آھي!"

مون ڪنڌ ڪٽي ڏانھس نھاريو جڏھين ۽ جو چند گرھجي ويو ھو. سندس ڳِھرن ۽ نيرن نيٽن ھيٺان ڪارا نشان ھئا. نہ اھو اڇيان مُک، نہ اھا مرڪ، نہ اھو رنگ نہ اھو روپ. مان آلين اکين سان ننڍڙي ھوندي جي ڏٺل آپا مھنازکي ڳولڻ لڳس. (جڏ حيدرآباد شھر سان گڏ آپا مھنازکي بہ ڪائي پراسرار سائي وکوڙي ويئي ھئي.)

ھن ھڪ پيرو مون کي چتائي ڏنو ۽ پوءِ پڇڻ لڳي، "مڏو، پڙھين تہ پيو نہ؟"

"ھا آپي!" مون سندس ڪٽ تي ويٺي ويٺي نگاھ ڪٽي ھيٺ ڪئي.

"مڏو، مون کي اتي ياد ڪندو ھئين؟"

مون لڄي ٿي وراڻي نہ ڏني تہ مرڪي چوڻ لڳي، "اسان جو مڏو ھيڏو وڏو ٿيو آھي پر چوڪرين جيان اڄا پيو لڄي ٿئي!"

ائين چئي ھوءَ وري وھاٽن تي ڪنڌ رکي ليٺي ٿئي. صفي ۾ ھڪ عجيب ماٺ ڇانئجي ويئي. ٻاھر رات جي اونداھيءَ ۾ ھوا جا سوسٽ ٻڌڻ ۾ ٿئي آيا. سامھون دري ڪليل ھئي جنھن مان جولاءِ جي ھيٺي جو اونداھو آڪاس ڏسڻ ۾ ٿئي آيو، جنھن ۾ ڏکڻ جي پاسي کان ستارا ٽم ٽم ڪيو ٿئي ٽمڪيا. دور ڪٽان ڪنھن ڪتي جي اونائڻ جو آواز ٿئي آيو.

پوءِ مان روزانو صبح جو ڪيس ڏسڻ ويندو ھوس. چنبيليءَ جي گلن جو پنھنجي ھٿ سان ٺاھيل گلدستو روز سندس ھٿن ۾ وجي ڏيندو ھوس، جنھن کي ھوءَ پنھنجي سيراندیءَ رکي مُرڪي پوندي ھئي.

پڇاڙيءَ پيرو ڪيس ڏسڻ ويس تہ اھا جولاءِ جي ھڪ اُداس ۽ سنسان شام ھئي. سندس حالت اڳي کان وڌيڪ خراب ٿي ويئي

هئي. هوءَ ائين ئي ساڳي ڪٽ تي ليٽيل هئي. سندس سيراندي‌ءَ ڪان ماٽس ويڙي وار سنواريا، جنهن جا نيٺ پنل هڻا. پريان ڪان ڪرسيءَ تي سندس مڙس ويٺو هو. آپا مهنازجي ڪٽنب جا سڀ ياتي صفي ۾ آيا ۽ ويا پئي.

مون پنل نيٽن سان چتائي آپا مهنازڪي ڏنو جيڪا نيٺ ٻوٽيو ستي پئي هئي. منهنجي اچڻ تي پيرن جو ڪڙڪو ٽيو تہ ٻوٽيل نيٺ کولي مون ڏانهن نهاريائين. گهرن ۽ نيرن نيٽن ۾ ٻرندڙ ڏياٽيون، جيڪي ڪڏهن انهن ئي نيٽن ۾ پيون ٻرنديون هيون، انهن ۾ اها ساڳي جوت نہ رهي هئي. اوچتو هن مرڪي مون ڏانهن نهاريو. اها مرڪ هڪ عجيب مرڪ هئي، جڙ پوهہ جي سياري ۾ اُس جو تجلو.

مون پنل نيٽن جي نهار مان ڪيس ڏنو: هوءَ منهنجي ننڍڙي هوندي جو اهو املهہ سپنو هئي، جنهن سپني جي ساڻيان، مون سدائين سپني ۾ ئي ڏٺي هئي. هوءَ منهنجي ننڍڙي لاڪي جو هڪ سهڻو آدرش، ڪنهن راندیڪي جيان هئي. مون سوچيو هو: وڏو ٿي ڪيس انهيءَ بند مان آجو ڪرائيندس. (ها، سموريون شهزادیون ائين ئي هونديون آهن. گل ڦل راڻي، مومل..... مون ڪي ننڍي هوندي ٻڌل آکاڻيون ياد اچي ويون.) هن مون ڪي پڙهايو هو. A.B.C.D سيکاري هئائين. هٿ کان وٺي اوچي سوسائٽي هلي ڏيکاري هئائين.

اوچتو هوءَ وري اکيون ٻوٽي سمهي پئي، تہ مون نوڙي سندس پيرن کي هٿ لاتو

چوندا آهن تہ استاد ماڻھ پيڙھ جي برابر هوندو آهي. هوءَ بہ مون کي حياتيءَ جا رنگ رتا انيڪ رنگ ڏيکاري سونهين ٿي هئي. مان سندس پيرن تي هٿ رکي، آلين اکين سان ننڍيون ننڍيون وکون کٽندو وراندا لتاڙي لوهي گيٽ اُکري بنگلي کان ٻاهر نڪري آيس.

ٻاهر سول لائينس جي رستن مٿان آرهڙ جي سُرمئي شام پنهنجا رنگ پکيڙي رهي هئي. اسٽريٽ لائيٽس جي جهيڻين بتين ۾ سمورو رستو سنسان ۽ اُداسيءَ ۾ ويڙهيل هو، جنهن ۾ شام جي هوا سُوسٽ ڪندي سرنهن جا سُڪل ۽ چٽيل پن اڏائي رهي هئي.

(آرسي پبليڪيشن حيدرآباد. مارچ 1983ع)

سامي سج وڙاءُ

اوچتو فليش گن ۽ وي سي آر جي ڪئميرا سان گڏ روشنيءَ جو چمڪو ٻري اُٿيو. تہ هن جون اکيون بند ٿي ويون. ڪا گھڙي تہ هن کي اکين آڏو اونداهہ ڇائنجي ويئي. هن عينڪ لاٿي،- ۽ هڪ هٿ سان اکيون مھٽڻ لڳو. اکيون مھٽي هُن وري عينڪ پاتي ۽ سامهون نهاريو. سامهون نهارڻ سان هُن جي اکين اڳيان وري هڪ پيرو ڪنهن روشنيءَ جو چمڪاٽ ٿيو. پر اهو روشنيءَ جو چمڪاٽ ڪنهن ڪئميرا جي فليش گن جو نہ پر سامهون بيٺل ڪنهن عورت جي سدا مھڪندڙ چهري جو هو۔ (۽ هن کي لڳو ائين جڻ دور ڪنهن هنڌان ڪي گھنڊ وڄڻ لاءِ هن ڳڻيا: هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنج، ڇهہ.....!!) هو؟ قدم اڳيان هلي وري بيهي رهيو۔ هن چتائي سامهون نهاريو. ڪاري ساڙهي پهريل هڪ عورت ڪيس چتائي ڏسندي ڪنهن مرد سان اندر هال ۾ هلي ويئي۔ اندر هال، انيڪ روشنين، خوشبوئن، رنگن، عورتن ۽ مردن سان ڀئي جرڪيو۔ هو اُتي ئي بيهي رهيو۔ هن سامهون نهاريو۔ هال جي در تي گھوٽ جو پيءُ ايندڙن جي آجيان ڪري رهيو هو، ۽ هيٺ هوٽل جي نادیا ريسٽورنٽ ۾ ڪرسمس جون خوشيون شروع ٿي چڪيون هيون۔ هن کي ياد آيو تہ اهو ئي چهرو تہ هو، جنهن کان سواءِ هو حياتيءَ جا سمورا رنگ ڦڪا ۽ بيرنگ پائيندو هو۔ (هن پنهنجي ٻانهن تي نهار وڌي، جنهن تي هن سندس نالو اُڪرايو هو۔ اُهو نشان ڏٺو. جيڪو سگريٽ سان ڏنيپيو ويو هو) ۽ ٿي سگهي ٿو تہ حياتي اها هئي۔ حياتي اها رهندي، جيڪي ڪجهہ مون ڏٺو، ۽ محسوس ڪيو، (پر

ملنداسين ڪڏهن تون ۽ مان، زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي اوچتو، مان، مان نہ هوندس، تون تون نہ هوندينءَ، منيزه! سال ايندا ۽ ويندا رهندا، رُتون ڪيتريون تنهنجي ۽ منهنجي زندگيءَ مان نڪري ويندیون گلن جي رت جو هڪاءُ رهندو..... هڪاءُ رهندو.....

"اسين زندگيءَ ۾ محبت ڪريون ٿا، ڪندا رهون ٿا، پر حياتيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي، هڪ نہ هڪ ڏينهن اهو احساس وکوڙي ٿو وڃي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ فضول آهي، بکواس آهي، ڪجهہ بہ تہ ساڀيا ڪونهي!" هن ڪيس هڪ پيرو ڇيو هو ۽ هوءَ جيڪا پٽ کي ٽيڪ ڏيو آسمان ڏانهن تڪي رهي هئي، ڪيس عجيب نهار سان ڏٺو هو.

"اوهين چوڻ ڇا ٿا چاهيو؟"

"چوڻ اهو ٿو گهران تہ مان ٽڪجي پيو آهيان حياتي جي هڪ جهڙائيءَ کان، ٽيلي فون کان، تنهنجي ٽيليفون جي اوسيئڙي کان، توسان ملڻ لاءِ، اوسيئڙي کڻڻ کان. ڏک اهو ناهي تہ انت ڇا ٿيندو، پر ڏک اهو ٿئي ٿو تہ اسين پنهنجن آدرشن، آئيڊيلز لاءِ وڙهون ٿا يا نہ۔ ۽ جيڪر وڙهون ٿا تہ اهو بہ ڪيتري وقت تائين. آدرش، خوشيون، ڏک، اسان ۾ ڪوبہ ڦيرو نٿا آڻين. اسان ۾ ڪجهہ بہ تہ ڦيرو نٿو اچي. خوشي ٿي اچي تہ سمورا ڏک وسري ٿا وڃن، ۽ ڏک اچن ٿا تہ پوءِ ڪوئي بہ ياد نٿو اچي۔ اڄ مان، مان سمجهان ٿو ۽ محسوس ڪريان ٿو چگهيءَ ريت تہ مان توسان محبت ڪريان ٿو. توکان سواءِ رهي نہ سگهندس ڪڏهن. مان محبت هر ڪنهن سان بہ تہ نہ ڪري سگهندس پر اهو سڀ ڪجهہ ڳالهہ جو فقط هڪ رخ بہ ٿي سگهي ٿو، ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هر سهٽي ڇوڪري هر انسان جي بنيادي ڪمزوري ٿي سگهي ٿي، هر انسان جي ڪلپنا.....

"اوهان جي اڄ طبيعت ٺيڪ ڪونهي شايد! اداس ٿي وينءِ هئي.

"نہ ائين ڪونهي منيزه! رڳو ڪڏهن ڪڏهن حقيقي جذبا... پر ڇڏ انهيءَ ڳالهہ کي. تون، تون مون سان شادي ڪر۔ مون کي هن

اڪيلائيءَ کان هاڻ ڏينهون ڏينهن ڊپ وڪوڙيندو ٿو وڃي- تون مون سان سول ميرج ڪر- مان توکان سواءِ جيئرو نٿو رهي سگهان.

سنڊس پر مان ڪوئي لنگهيو ته هو ماضيءَ مان نڪري هوتل جي هال ۾ موٽي آيو- هن اندر هال ۾ نهاريو. هال سمورو عورتن ۽ مردن سان ڀرجي چڪو هو- "سپ ڪيڏا نه خوش آهن؟" هن سوچيو- سامهون اسٽيج تي الائي ڪيڏي مهل گهوٽ ۽ ڪنوار اچي ويهي ٻه رهيا هئا، ۽ هو اڪيلو اڪيلو هال جي ٻاهران ٻيٺو سوچي رهيو هو. خيالن جي سموند ۾ ٽٻيون هٽندي هٽندي ڪنهن مهل ٻاهر ٽي نڪتو ته ڪنهن مهل ٻڏي ٽي ويو- عورتن، ٻارن ۽ مردن جو شور تيز ٿيندو پئي ويو ۽ ٻاهر ڪراچي جيٰ گهميل رات ڪڏهوڪي گهري ٽي ويئي هئي- (هاءِ حياتي!) هو هلندو، نندڙيون نندڙيون وکون کڻندو، اچي اسٽيج جي پرسان ٻيٺو. گهوٽ جي پيٽ ڪيس وش (wish) ڪيو. هُن ڦڪي ۽ اُباڙڪي مُرڪ سان ڪيس ورندي ڏني ته گهوٽ ڪيس مٿي اسٽيج تي اچڻ جو اشارو ڪيو. هو اسٽيج تي مٿي چڙهيو، ته گهوٽ ڪيس پنهنجي پر ۾ ويهاري، آهستي ڪنوار سان سنڊس ڏيٺ ويٺ ڪرائي. هن هٿ ٻڏي ڪنوار کي ڪيڪر ڪئي- "ڳاڙهي ويس ۾ ڪنواريون ڪيڏيون نه سندرلڳنديون آهن." هن اباڙڪو ٽي سوچيو.

"چو چپ آهين؟" گهوٽ ڪيس چيو.

"بس ائين ئي؟" هو پڇڪيو. "مان اڃان ٿو؟"

"اڙي ويهه. مان اڪيلو ٽيندم." گهوٽ جيڪو سنڊس گهاٽو دوست هو، ڪيس ٻانهن کان جهلي ويهاريو ته هن ڊڇندي ڊڇندي سامهون هال ۾ نهاريو. ڪيتريون اکيون ڪيس نهاري رهيون هيون. هن اکيون کٽي هيٺ ڪيون- (سال اڳا پنج ڇهه مس ٽيا هوندا، پر هوءَ ڪيس وسري ويئي هئي. ها وسري ٽي ويئي هئي).

هو منيزه جي اتهاسڪ شهر ۾ آيو هو. ڪاليج جون موڪلون

ٿيون هيون ته منيزه کائنس وچن ورتو هو ته هو سندس شهر ايندو۔ ۽ هو هليو آيو هو، اهو نه سوچي ته سندس سوچن ۽ خيالن کان وقت جا بي رحم پل اوچا، گھٽا اُوچا هئا۔ هُن مٿي نهاريو هو. سياري جو چند مٿي آڪاش ۾ ڪرن جي ڏنڊ مان کيس نهاري پئي مرڪيو.

"ها حياتي ڏکويل آهي، پر پوءِ به ڪيڏي نه سهڻي آ. انسان هر محل جيئڻ گھري ٿو، ڏکن ۾، سکن ۾، انسان جيئڻ ڪارڻ ڪيڏا نه نديڙي کان نندا آسرا پل اپل ۾ ناهي ونندو آهي. پريان کان پڙ پئي آيو. دهل جو آواز، شرنائيءَ جو ڏکويل آواز۔ مرٽين چوندڙن جو آواز۔ هو به ڏکويل هو. هن کي به ته ڪي ڏک ۽ درد هئا۔ پڙ ويجهو آيو، ته هو به انهيءَ جلوس ۾ شامل ٿي ويو۔ هاءِ حياتي، هاءِ حياتي۔ "شاهه جي تابوت سان۔" هن ورجايو. "شاهه جي تابوت سان" ياحسين، ياحسين، "شاهه جي تابوت سان اڄ مصطفيٰ روئندو هليو، ميرجي مظلوم مڙهه سان مرتضيٰ روئندو هليو." هُن سڏڪو پريو۔ پر سندس سڏڪو ماتم، ياحسين، دهلن ۽ شرنائين، ۽ مرٽين چوندڙن جي آواز ۾ گم ٿي ويو۔ "هاءِ حياتي! هاءِ حياتي۔!! حياتي آ، سياري جي آڪاش ۾ اٽڪيل پونئين تاريخن جو چند!

"اُٺ ته هلون." ۔ گھوٽ کيس ٺونڊ هڻي سجاڳ ڪيو.

"ڪيڏانهن؟" هو منجهي پيو.

"صاحب، مانيءَ جو سڏ ٿيو آ."

"سوري!" (Sorry)

"آئي نو ويري ويل۔ اڄ مڙيئي ڪوئي ملي ويو اٽئي ماضيءَ جو ڪو سپنو!" "گھوٽ مرڪندي کيس چيو. هن اباڻڪي کل کلي ڏني۔ ڪنوار به کيس مرڪي ڏني. هن کيسي مان موڙي جا پئسا لفافي ۾ وجهندي سندس جهوليءَ ۾ ڪڍي رکيا.

۔"هي چا؟" گھوٽ مرڪي کيس چيو.

۔"پاپيءَ جي منهن ڏيکائي!"

۔"سستو ٽوپاڙ کي ڇڏائين؟"

-"نہ گفٹ هيٺ ڪار ۾ رکي اٿم-"

- "ءِ دعوت!"

- "اها حيدرآباد ۾!"

"ڪيئن ٺيڪ آهي نہ!" گھوٽ ڪنوار کي اردو ۾ چوڻ لڳو. "هن جي دعوت پھرئين کان ئي ٿا بوکنگ ڪرايون، جو هي اٽئي ڪتر قوم پرست!"

ڪنوار مرکي هاڪار ڪئي تہ هو اٽي بيٺو. هال ۾ ويٺل مرد ءِ عورتون پاسي ۾ لڳل مانيءَ ڏانهن اُٽي چڪا هئا. گھوٽ ءِ ڪنوار به اٽڻ گھريو تہ گھوٽ جون پينرون کين اتي ويهاري اٽڻ کان جھليو- هُو انيڪ خوشبوئن، رنگا رنگي ڪپڑن، ميڪ اپ، تماڪ جي دونهين جو واس ونڊو، هال مان ڪاريڊور ۾ اچي عورتن ءِ مردن کي ماني کائيندو ڏسڻ لڳو- "ڪراچيءَ جون عورتون، ميڪ اپ ڪرڻ جون ماهر آهن. پر فيومس هڻڻ ڪوئي کانئن سِکي-" هن سوچيو.

"چو، ماني چو نٿا کائو؟" ڪنهن کانئس پڇيو-" ءِ سندس پر مان ٽالهي جھليو لنگهي ويو.

هن ورندي ڏيڻ جي ايجا ڪوشش ڪئي تہ اهو شخص وري ماني کائيندڙن جي ميڙ ۾ گم ٿي ويو- هن چپ چاپ ڪوٽ جي کيسي مان پائيپ ڪڍيو ءِ اتي بيٺي بيٺي منجھس تماڪ پرڻ لڳو. تماڪ پري هن ماچيس جي تيلي دکائي، ءِ ہہ ٽي ڀگھا ڀڳھا ڪش هنيائين تہ پائيپ جو تماڪ ڏُکڻ شروع ٿي ويو. هو اتان هلندو، وري اچي ڏاکڻ جي ريلنگ کي ٽيڪ ڏيئي هيٺ ڏسڻ لڳو، جتي ڦوهاري مان پاڻي، رنگين بتين جي روشنيءَ ۾ پئي جرکيو- اوچتو هن محسوس ڪيو تہ ڪنهن پنهنجو نرم ءِ ڪومل هٿ سندس کلهي تي رکيو- هو آهستي آهستي ڪنڌ ورائي سڏو ٿي بيهي رهيو. هن ڏٺو، سندس سامهون منيزه ڪاري ساڙهيءَ ۾ سندس آڏو بيٺي هئي. هن کي لڳو، جڻ هو اُتي پنڌ پھڻ تي بيهي رهندو. ڪا مھل سندس منهن مان ڪو آواز ئي نہ نڪتو.

"ڪيئن آهيو؟" منيزه آهستي کيس چيو.

هن کيس ڏٺو. اُهي ٻئي گهرا ۽ گهايل ڪندڙ ڪارا نيٽ، وار، چپ، خوبصورت هٿ، نيل پالش لڳل ننڍن. هُن کيس زندگيءَ ۾ پهريون پيرو چتائي ڏٺو. ڪاب چوڪري شاديءَ کان پوءِ تڙپي گلاب ٿي پوندي آهي ۽ پوءِ هوءَ فقط عورت پاسندي آهي. رڳو عورت! هُن سندس ساڙهيءَ ۾ لڳل ستارن کي ڏٺو، جيڪي روشنيءَ ۾ پئي ٽمڪيا. هن کا تکي پرفيوم هنئي هئي جيڪا سندس جسم جي مهڪ سان گڏجي، آس پاس جي وايومنڊل کي مهڪائي رهي هئي. کيس اڄ زندگيءَ ۾ پهريون پيرو سالن جي ڏکن کائڻ کان پوءِ محسوس ٿيو هو ته هن حياتي جو کيڏو نه قيمتي ۽ کڏهن به واپس نه ايندڙ وقت هن چوڪريءَ (جيڪا اڄ عورت ٻنجي سندس سامهون آئي هئي) جي اوسيئڙي ۾ وڃائي ڇڏيو. هوءَ، جنهن هر جنم ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ڏک ڏنا هئا (۽ الائي ڪيستائين ڏک ڏيندي رهندي)

ـاوهان نڪا ڳالهائڻ چاهيو مون سان؟" هوءَ تڪ ٻڌي کيس نهاري رهي هئي، ۽ هُن جڙ سپني ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو:

ـ"کڏهن کڏهن ڳالهائڻ لاءِ به لفظ نه ملندا آهن، پر، کيڏي نه اڄ عجب جهڙي ڳالهه ٿي آهي، مون کڏهن سوچيو به نه هو ته ڪو هيئن به ملنداسين، جڏهن.....!" هو چپ ٿي ويو هو. لفظ جڙ سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا هئا.

ـ "توهان کڏهن آيا آهيو ڪراچي."

ـ "اڄ..... اڄ پهتو آهيان!"

ـ "ڪٽي رهيل آهيو؟" هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو.

ـ "ڪلفٽن ۾ دوست جي اپارٽمينٽ ۾".

ـ "سياٽي مون سان ملي سگهندو؟"

هو چپ.

ـ "مان هينئر وڃان ٿي، سياٽي شام جو 7 وڳي هتي ئي نادر ۾ هيٺ ملنديس. ضرور اچجو. مان هلان ٿي!

هوءَ ساڙهيءَ جو پلئو ناهيندي هلي وئي، ته هن کيس ڏٺو،

جيڪا ويئي پئي. ڪاري ساڙهيءَ ۾ لڳل ستارا ائين پئي جرڪيا، جڙ شام جي شفق کان پوءِ تارا آڪاس ۾ ٽمڪڻ لڳندا آهن. هُن سوچيو. اهو چهرو، اها عورت جيڪا چند سال اڳ هڪ چوڪري هئي، دنيا جي هڪ اڪيلي ئي هستي هئي، جيڪا ڪيس حياتيءَ جي سڀ کان وڏيڪ املهه هستي هئي، پر اها هستي ئي هئي، جيڪا دنيا ۾ ڪيس فقط ڏک ئي ڏيئي سگهي ٿي، سموري حياتي!

اهو ئي سوچي، سندس منهن تي پڇتاءُ سان رنگ وري آيا ۽ هن پنهنجي چپن کي ڏندن جي سختيءَ سان زور ڏيندي سامهون عورتن ۽ مردن جي ميڙ کي ڏٺو، ۽ آهستي آهستي ڏاڪڻ لهڻ لڳو. ڏاڪڻ لهي هو هوٽل جي وراندي ۾ اچي ڦوهاري وٺ بيهي رهيو. نادیا ڪافي شاپ جو سمورو هال پريل هو. مٿي به عورتون ۽ مرد خوشيءَ سان ٽمٽار هئا، ۽ هيٺ ريسٽورينٽ ۾ به عورتون ۽ مرد ڪرسمس جون خوشيون ملهائي رهيا هئا ۽ هو ئي شايد اڪيلو انسان هو جيڪو ڪنِ پاوناڻ جي انيڪ پاڇن ۾ گم هو.....!

۽ شام کان رات تائين مون ڪيو، ڪيڏو نہ ڏکو پنڌ! پر پل، اَپل ۾ ڪٽي ٿي ويو صبح. هي نہ اهو ئي صبح هو، جنهن صبح لاءِ سالن کان ڪيو هو. مون ۽ تو صدين جو اوسيئڙو. نيٺ سپنن کان ٿي ويا خالي، خالي، خالي. ۽ خالي نيٺ، ڳوڙهن بنا خالي. مون نہ هر سپني کي توڙي ڇڏيو، حياتي، ڪنهن پڳل جهاز جيان، جو ٻڏندو ٿو وڃي، ڏيري ڏيري، ۽ آڪاس تي ٽا ٽمڪن تارا. محبت بکواس، بن جسمن جو ميلاپ، انتظار، انتظار، تون ڪٽي، ۽ مان ڪٽي. شهر سنسان، من اڪيلو، بند ڪمرا ۽ ڪليل دريون، زرد پن، ۽ اڏامندڙ پن. دونهون ٿو وڃي ٽيندو، ٿي ويو سڀ دونهون. هي اُهو ئي نہ صبح هو، هيءَ اهائي نہ رات هئي، جنهن رات ۽ صبح جي ڪئي هئي مون ۽ تو ڪڏهن ڪلپنا. هر شام جو لهندڙ سج، شفق جي لالاڻ، حياتيءَ جي سمنڊ تان لهر لهر ٿي، ڏکن جو مينهن وسندو رهيو. آڪاس هو اُباڻڪو، جنهن ۾ ٿي ٽمڪيو هڪ تارو. ازل کان ابد تائين هر سفر، من جي اڪيلي بيابان ۾ هي سفر! دور اوپر کان ٿو نظر اچي زرد چنڊ،

هاءِ هي اڪيلو سفر، شام کان رات تائين ڪيڏو نہ ٿي ويو لمبو! مون پنڌ ڪيو، مون پنڌ ڪيو، ڪيڏو نہ مون پنڌ ڪيو! هر جنم، ۽ هر دور ۾ هي سفر، جنهن جو نہ ڪوئي ماڳ ۽ نہ ئي وري ڪا منزل! وٽن مان سپ ڪري پيا پن، ۽ راهہ ٿي ويني کوٽي، هاءِ! راهہ ٿي ويني کوٽي هر جنم ۽ هر دور ۾!

(ناول جو هڪ اڻپورو باب)

(ماڪ پبليڪيشن، ڪراچي آڪٽوبر 1985ع ۾)

ائبسٽريڪٽ جيون
جا ڪجھ ايڪسٽريڪٽ

"ڇ هي بہ ڪوئي جيون آهي؟"

هن ڪي سجاڳ ننڊ ۾ ورائي ويو خيال ڪنهن ڪڪر جيان، ڇ هو اهو سوچي هنڌ تان اُٿي بيٺو. اُٿيو تہ سندس نيٺ نهار سامهون ديوارتي ٽنگيل وال ڪلاڪ تي وڃي پئي: صبح جا پنج ٽيا هئا.

"صبح ايڏا ناهي ٽيوا" هن سوچيو.

(صبح؟) + (ڪهڙو صبح؟) + (صبح تہ ڪيترا هئا؟) + (صبح تہ انيڪ هئا، صبح، صبح ٽيو ئي ڪونہ هو يا جيڪڏهن ڪوئي صبح ٽيو بہ هو تہ اهو صبح سندس جيون جي اُماوس رات جي ڪُک مان ڦٽندڙ صبح تہ نہ هوا!! هي اهو صبح تہ نہ هو، جنهن صبح لاءِ، ها جنهن صبح لاءِ هن ڪيترا ورهيہ واجهائيندي گهاريا هئا!)

اوچتو وال ڪلاڪ پنهنجي مڏرآواز ۾ ٽڪاءُ هڻڻ شروع ڪيا. هڪ بہ ٽي چارڇ پنج. هن اوباسي ڏئي، آرس پيچي، نهار وال ڪلاڪ تان هٽائي بيڊروم تي ڦيرائي. بيڊ روم ۾ هلڪي نيري بلب جي روشني پکڙيل هئي. ڪمرو مسلسل ايئرڪنڊيشنر هلڻ جي ڪري برف ٽي ويو هو. بيڊ تي سندس ٿي پير ۾ سندس زال ڇ ٻارگهاٽي ننڊ ۾ ستل هئا. هن چٽائي سندس زال جي مُک تي نهار ڦيرائي. هوءَ سندس زال هئي. (زال؟!! هن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ هو وهاڻُ بہ ڪندو ڇ وهاڻُ بہ ڪندو تہ هڪ اهڙي عورت سان جنهن جي ياد ۾ هن هڪ پل بہ نہ گهاريو هو. نہ هن جي جدائي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي،

آڪاش جا تارا ڳڻيندي، ٽيڙو ٽڪيا هئا. سڄ پڄ ته جيون جون ڪڙيون سڃايون ٻين سمورين ڳالهين کان مٿانهيون هيون، هڪ ڳالهه کان مٿي. ڪوبه جذبو، ڪا به ساروٽي، ڪا به سونهن، ڪابه سندرتا، جيون جي ڪڙين حقيقتن کان مٿانهين نه هئي. انسان ناهه ڪري ٿو ونڊي هر شيءِ سان- نظرين کي، جذبي کي پاسيرو رکي هو جيون جي هر ڪڙي کان ڪڙي حقيقت سان ناهه ٿو ڪري ونڊي ۽ جڏهن ناهه ٿو ڪري ته پوءِ؟ ته پوءِ ڇا ٿو ٽٽي. ڇا ٿو ٽٽي پوءِ؟)

ڇا..... ٿو..... ٽٽي..... پوءِ.....؟! هن سوچيو ۽ ڏنو زال جي مُک کي، جنهن کي وارن جي ڇڳن پٽي ڇهيو. سندر- گهٽي سندر، پر سندس جذبن کي نه سمجهندڙ (شايد سمجهي سگهي ٻه نه ڪڏهن!)

هو مرڪيو ۽ ٻه وکون ڪٽي بات روم جو درکولي، واش بيسن تي بينو. واش بيسن تي لڳل آرسي ۾ هن پنهنجو مک ڏٺو. نل کولي اکين تي ٽڏي پاڻي جا ڇنڊا هنيا. منهن ڏوئي هن ٽوال سان منهن اگهندي وري آرسي ۾ ڏٺو.

ڪيڏو نه بدلجي ويو آهيان مان، بدلجي ويو سڀ ڪجهه. نه آهن جذبا جيون کي بدلائڻ جا، نه اکين ۾ سپنا ايندڙ دور کي ڏسڻ جا، نه نراڙ ۾ للاٽ، نه رات جو آڪاش ۾ تارن جي جهرمر جهرمر کي پسڻ جي، نه سپنن جي، نه ٽيڙن کي پنڌ ڪندي پسڻ جي، نه شام جو شفق جي بدلجندڙ رنگن سان گڏ سج جي لام کي ڏسڻ جي.

ڇا هي ٻه ڪوئي جيون آ. ۽ هي ٻه آهي ڪو جيون. صبح جو سويل اُٺي ٽريڪ سوٽ پائي، جاگر پائي اڌ اونداهن رستن تي تيز جاگنگ. گهر موٽي وهنجي نيرن ڪري زال کي ڪوري مرڪ سان "بائي" چئي آفيس وڃڻ ۽ آفيس ۾ جهٽ جهٽ پروپرائيٽرز سان ڳالهه ٻولهه، ڊائيٽنگ، هر ڪنهن سان ۽ پوءِ شام جو گهر اچي ويهي رهڻ. ڪڏهن ڪڏهن ڪلب ۾ وڃي هيلو هيلو ڪرڻ ۽ وري ماڻ ڪري وڃي سمهي پوڻ، زال جي سندر مک کي ڏسي. (هڪ مک روز روز ڏسي ٻه ڪيڏي نه ٿي بيزاري ٿيڻ.)

۽ هي به آ اهو جيون جنهن جيون کي گهاريڻ جا هو ڪڏهن سندر سپنا ڏسندو هو. (تون ۽ مان هونداسين. ٻيو ڪوئي نه هوندو. هوندا تنهنجا منهنجا سپنا، سپنا ۽ سپنن جي ساڻيا هونداسين تون ۽ مان، شفق جا بدلجندڙ رنگ، آڪاش ۾ ٽمڪندڙ ٽيڙو ۽ ڪتيون، چند چمڪندو رهندو ۽ هوائون گهلنديون رهنديون. صبح ٿيندو، رات ٿيندي، ڏينهن ٿيندو، تون ۽ مان هونداسين ۽ ٻيو ڪوئي به نه هوندو. (ڪوئي به ته نه هوندو)
پر ڪٿي آ هوءَ؟

هن بيزاري مان سوچيو ۽ من مان اهي بيڪار خيال ڪڍي ڊريسنگ روم ۾ اچي، ٽريڪ سوٽ ڪڍي پاتو. جوراب ڪڍي پيرن ۾ پاتا ۽ جاگر پائي اچي ڊريسنگ ٽيبل وٽ بيٺو. برش کڻي هن وارن کي ڏنو (وار به آهستي آهستي ڪنهن بيوفا محبوبا وانگر سات ڇڏيندا تا وجن! ڪيڏا نه سندس گهاٽا وار هوندا هئا، سڀ سندس وارن تي رشڪ ڪندا هئا. پر اهي وار به سندس سمورين امنگن سان گڏ لهوارا ٿي ويا هئا.)

هن هڪ ٽڏو ساهه کنيو ۽ وري اچي بيڊ سائيڊ تان چاپي کنئي. چاپي کڻي. هن وري زال کي ڏنو جيڪا نند ۾ ستل هُئي. هو الائي ڪهڙي سوچ هيٺ مرڪيو ۽ زال کي ڏنو ۽ اجرڪ کڻي سندس مٿان وجهي فليٽ جو در کولي ٻاهر نڪتو. ڏاڪڻيون آهستي آهستي لهندو هو مين گيٽ کان ٻاهر نڪتو.

ٻاهر اڃان رات جي پوئين پهر جا سڏڪا ونندڙ اونداهي جو راج هو. مٿي آڪاش تي تارن کي ڏسندي، هن رستي تي اسٽريٽ لائيٽس کي ڏنو ته ٽڏڙي هير سندس مک سان لڳي. ڪيس تازو توانو ڪري ڇڏيو. هن به چار ڊگها ساهه کنيا ۽ تکيون تکيون وکون کڻندو اڳتي اونداهي ۾ گم ٿي ويو. سندس پويان ٿي ڪتا هڪ ٻئي پويان ڀڪندا پونڪندا هن کان به اڳتي پڄي وبا. پربان ڪٽان ڪتن جي پونڪ سان گڏ ڪڪڙن ٻانگ ڏني ۽ آڪاش تي پرهه ڦٽي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا.

سمورن ڏينهن وانگر اهو ڏينهن به عام ڏينهن هو.

جون مهيني جي آڪاش تان سج ٽاندا پئي اڇلايا. هر پاسي کان اُبس، ساهه کي مونجهه! (اهڙي گرمي..... الله ڏي ٻانهون سهي!) صبح جو واڪ مهل ته ڏڏي ڏڏي هير پئي گهلي، پر هينئر ته جهڙوڪر ساهه ڏي نڪتو. سيمينٽ جون پتيون ۾ چتيون تپي ٻاهه ڏي ويون هيون. هن پنکي کي ڏنو. جيڪو چت جي سموري تپش سندس مٿان اڇلائي رهيو هو. هن جي دل چاهيو ته هو هن ٻاهه جهڙي ڪمري مان نڪري ڪمپيوٽر روم واري ايئرڪنڈيشنر ڪمري ۾ وڃي ويهي.

هو اهو سوچي اٿيو ته فون جي گهنٽي وڳي. هن فيڪس کي ڏنو پر گهنٽي فيڪس جي نہ پر فون جي هئي. هيڪر هن جي دل چاهيو ته هو فون نہ کڻي، سندس دل چيو پئي ته اهو فون سندس باس جو هوندو. هن بيزاريءَ مان فون کنيو، حسب معمول فون سندس باس جو ئي هو.

"هيلو" فون تي سندس باس جو آواز هو.

"جي."

"فون ئي نٿا کڻو، هينئر آيا آهيو چا؟"

"نہ، مان ٻئي ڪمري ۾ هئس."

"پر فون ته ڪنهن کي کڻڻ گهرجي."

"جي، آئنده احتياط ڪبو" هن وراڻيو.

"اوهان اڄ به ڏهه منٽ آفيس ۾ دير سان آيا."

"ها، مان ڏهه لڳي ڏهن منٽن تي آفيس آيو هئس."

"پر چو؟"

"جي، ڪار کو نہ اٿم، رکشا منهنجي گهر کان ڪجهه پر پرو ملندي آهي."

"بهرحال، مون اڪائونٽنٽ کي چيڻ آهي ته جيڪو به دير سان اچي، ان جي پگهار مان ڪٽ ڪئي وڃي."

هو چپ.

"ڏٺو پيا نہ؟" هن جي باس چيو.

"ڏٺم."

"مطلب تہ هاڻ آئنده ائين نہ ٿيڻ گهرجي."

"منهنجو خيال آهي تہ اوهان کي هن قسم جي آفيس سان پهريون پيرو تجربو ٿيو آهي."

"مقصد چا" سندس باس کي باهہ وڃي وئي.

"مقصد اهو تہ مان صبح جو ڏهين وڳي کان رات جو ٻارهين وڳي تائين آفيس ۾ ڪم ڪريان ٿو ۽ هفتي ۾ ڪا موڪل نٿو ڪريان....."

"چوڻ چا ٿا چاهيو توهين؟" سندس باس چيو.

"اوهان کي اها ٻہ خبر آهي تہ مان ڪو ٻہ اوور ٽائيم نٿو وٺان. اوهين پگهار ڏيو تا اٺ هزار ۽ اٽن هزارن ۾ آءٌ ڏهن ماڻهن جو ٿو ڪم ڪريان ۽..... ٻہ ٻہ مهينا توهين پگهار نٿا ڏيو. ٻن مهينن کان مون کي پگهار نہ ملي آهي....."

"توهين مون سان اجايو بحث پيا ڪريو!" باس سندس ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"جي نہ، مان بحث ڪونہ ٿو ڪريان پر مان ڪيترن ڏينهن کان گهٽو ڪجهہ برداشت ڪري رهيو آهيان. مان هاڻ اوهان جي اداري ۾ ڪم نہ ڪندس. اوهان کي اٽن هزارن ۾ ڪوئي ڪمدار ملي ويندو." هن ائين چئي فون زور سان بند ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ فون جون گهنٽيون وڄنديون رهيون. ٻاهر جون مهيني جو سج وڏيڪ تاندا اڇلائڻ لڳو هو.

هو آفيس مان ٻاهر نڪتو.

ٻاهر سڄي ڏينهن جي گرمي جو آزاريل رستو ۽ ان تي وڇايل ڏامر ڪڏهوڪو ٽڏو ٿي چڪو هو. سامهون ٽيليفون ايڪسچينج

جي مٿان خبر ناهي تہ ڪهڙين تاريخن جو اداس چنڊ ڪيس تڪي رهيو هو. هن چنڊ کي ڏٺو، چنڊ آڪاش ۾ بيٺل هو يا ڇڻ ڪنهن بيزاريءَ سان اتڪائي ڇڏيو هو. ڏينهن جو ٽانڊا اچلائيندڙ جون مهيني جو آڪاش هاڻ ڪنهن ڇپر ڇانوَ وانگر هو بيٺل سندس مٿان. اوچتو تيز هوا جي جهوٽي سندس منهن سان اچي مُڪا ميلو ڪيو. هن تيز ساهہ ڪنيو. هوا ۾ ڪائي ڄاتل سڃاتل خوشبو هئي شامل (هر مند کي، هر هوا کي ۽ هر وقت کي آهي پنهنجي خاص سڃنڊ ۽ اها ڳالهہ بہ بنهہ سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي، ڇو ۽ ڇا لاءِ، هو ڪنهن کي يا ڪنهن ڪنهن ماڻهو کي لڳندي آهي، اها خوشي ڄاتل سڃاتل!)

هن مٿي آڪاش کي ڏٺو، آڪاش بہ هن ڏانهن نهاريو. سامهون قاسم آباد جو اڪيلو روڊ بہ اڄ هن جي من جيان هو سنسان، وياڪل ۽ هيڪلو. هن رڪشا لاءِ هيڏانهن هوڏانهن تڪيو پر دور دور تائين ڪنهن بہ رڪشي جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. روز جيان آفيس جي سوزوڪي ۾ ويندڙ هو اڄ رڪشا جي اوسيئڙي ۾ بيٺل هو ۽ سندس هٿ ۾ ڪتابن ۽ فائلن جا ٿها هئا جيڪي ڪيس ٽڪائڻ لڳا ۽ رستي تي تيز هوا ۽ ان ۾ اڏامندڙ ڪاغذن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو.

هو گهر ۾ داخل ٿيو.

سندس زال ڪيس چٽائي ڏنو ۽ ڏٺائين سندس ڪتابن ۽ فائيلن کي. هن ڪتاب ۽ فائيل اڳڻ ۾ پيل ڪٽ تي اچي رکيا. سندس زال سمجهي وئي.

"ڇو خير تہ آهي، اڄ سوزوڪي ۾ ڪونہ آيا ۽ هي ڪتاب ۽ فائيل؟" هن جي زال سوال ڪيو. هڪ پيرو اڳ بہ هو ائين ڪتاب ۽ فائيل کڻي گهر آيو هو.

"بس، هاڻ وڌيڪ تون سمجهين ٿي." هن ٿڪي مرڪ مرڪي ڏٺو.

"سمجهي تہ آءٌ گهٹو ڪجهہ اڳي ئي ويني آهيان." هن جي زال، اڳڙ ۾ بيني بيني هن سان بحث ۾ شروع ٿي وئي.

"پوءِ پڇين ڇو ٿي؟"

"توهان هي ٽيون پيرو نوڪري ڇڏي آيا آهيو؟"

"ٽيون پيرو نہ، پر ٻيو پيرو."

"پر هي توهان کي آخر ويني ويني ٿئي ڇا ٿو؟"

هو چپ.

"جواب ئي نٿا ڏيو؟"

"ٻلا آڏيءَ رات جو هتي جميڙو ڪري ڇا پاڙي وارن کي ٻڌائيندين؟"

"پاڙي وارن کي سڄي خبر آهي تہ توهين زال کي ڪيترو ٿا پانيو. پر مون کي اهو ٻڌايو تہ توهان نوڪري ڇو ڇڏي؟"

"ڇا ٻڌايان؟" هن چيو.

"ڪجهہ تہ ٻڌايو؟"

هو چپ.

"مون کي تہ ٻڌايو آخر ڪهڙ ڪٽان هلندو؟" سندس زال روئڻهارڪي ٿي چيو.

"الله مالڪ آهي." هن آڻت ڏني.

"الله ٻہ چوي ٿو"..... سندس زال اڃا ڳالهائڻ ۾ هئي تہ هو ڪيس پري ڪري اندر ٿي وي لائونج ۾ داخل ٿيو. پويان سندس زال ٻہ پويان هلي آئي.

"ڪراچي ۾ سڪيا وينا هئاسين. اتي ٻہ توهان کي اسان جو سڪ اصل نہ وٽيو. ڪار هئي، گهر هو، اتي ٻہ توهان سڪ سان ويهڻ نہ ڏنو!"

"سڪ، سڪ، آخرڪار"..... هن کي باهہ وٽي وئي پر پوءِ! هن پنهنجي ڪاوڙ کي اچلائي پري ڦٽو ڪيو، "ڪهڙي ٿي ڳالهيون ڪرين؟ ڪراچي واري نوڪري مون دل سان تہ نہ ڇڏي هئي، ۽ اها توکي ٻہ خبر آهي."

"اتي بہ توهين پنهنجي باس سان نہ ٹهيا." هن جي زال سندس ڳٽن تي لوڙ ہرکڙ شروع ڪري ڏنو.

"مان هن سان نہ ٹهيس؟" هو بہ بحث ۾ شروع ٿي ويو.

"ها توهان هن پوڙهي سان نہ ٹهي هليا."

"توکي خبر ناهي تہ هن مون کي سو ماڻهن کي نوڪري مان ڪيڙ لاءِ چيو هو!"

"تہ پو ڪيڙ چڏيو ها!"

"سو بي گناهہ ماڻهن کي نوڪري مان ڪيڙ چڏيان ها؟"

"ها، آخرڪار باس جو حڪم هو."

"منهنجي ڳٽن تي لوڙ نہ ہرک."

"پر هاڻ چا ٿيو؟ هت تہ ٹيڪ هو سپ ڪجهہ، آخرڪار ٿيو چا؟ صبح جو گهران نڪتؤ تہ ٹيڪ، پوءِ اتي وڃي ٿيو توهان کي چا، جو نوڪري چڏي آيا؟"

"پلا توکي هاڻ چا ہڏايان."

"ڪجهہ تہ ہڏايو."

"ڳالهہ اها آهي تہ مان عزت سان نوڪري ڪري ٿو سگهان، منهنجي پنهنجي عزت آهي، پنهنجو ڏهن آهي." هو پنهنجي ڳالهہ سمجهائي نہ سگهيو.

"اها تہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ٿي."

هو چپ.

"سوچي چڏيو، زندگي ڏکي آهي، سنها ہچا، آخرڪار ڪٽان پئسا ايندا؟ ڪجهہ تہ سوچيو ها."

"مون چيو تہ الله ڏيندو!" هن هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهريا.

"الله بہ چوي ٿو تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي روزيءَ کي ٿو لت هڻي....."

"ڏس! مان اڳي ئي پريشان آهيان، مون کي وڌيڪ تنگ نہ ڪر." هو ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ گهڙيو.

ٻاهر سندس زال روئڻ شروع ڪري ڏنو. روئڻ سان گڏ هوءَ ڪجهہ

چئي رهي هئي..... هن ڏيان سان ٻڌو:

"منهنجا نصيب ڦٽل هئا. جو هڪڙي ماٽهوءَ کي کٽي منهنجي ماءُ پنهنجو نائي بنايو. شاديءَ کي هيترا سال گذري ويا آهن پر هڪ ڏينهن به هن شخص مون کي سک نه ڏنو آهي. پائي پائي لاءِ تو سڪائي. ڪيترن ڏينهن کان ڇوانس پئي ته گهر جو سيڏو ختم ٿي ويو آهي. ننڍڙي جوکير نٿو آٽي، بجلي جو بل نه پريو اٽس. عذاب ڏئي زندگي جهنم بٽائي ڇڏي اٽس....." اهي ڳالهيون ٻڌي هو خاموشيءَ سان پنهنجي ننڍڙي ٻار جي پاسي ۾ ليٽي ٽوپوي.

ٻاهر رات جو سفر ڏيري ڏيري جاري آهي.

هاءِ حياتي،

هاءِ حياتي.....

حياتي

آ

شام جي آڪاش ۾

تمڪندڙ ڪنهن اڪيلي تاري جيان!

ڇ هو ننڍ ۾ اڏ سجاڳ ڇ ماضي جي ڪنهن خوبصورت لئنڊ اسڪيپ ۾ پٽڪڙ لڳو. اڳيان ڪيڪٽس جو جهڳٽو هو. هن انهن مان ليئوپائي هيٺ ڏسڻ شروع ڪيو.

سندس گهر جي اڳڻ ۾ ذاڪرياڻي مجلس پڙهي رهي هئي.

اڳڻ ۾ ڪارن ڪپڙن ۾ مايون ڏاڏي ڏيان سان مجلس ٻڌي رهيون هيون. نما شام جو ذاڪرياڻي جو دردبلو آواز سرائيڪي ٻوليءَ ۾ پريان کان پئي سندس ڪنن ۾ گونجيو ڇ سندس متان بيٺل شام جو آڪاش به حسين ع جي غم ۾ شامل ٿي ويو هو.

ياحسين ع،

ياحسين ع،

هن کڏ تي بيٺي بيٺي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، هوءَ ايجا نه آئي هئي، اوچتو آڪاش تان لٽل ڪنهن اپسرا وانگر اچي هوءَ سندس پر

۾ بيني. هن کيس چتائي ڏنو، ڪارن ڪپڙن ۾ هوءَ ڏاڍي سهڻي پئي لڳي. سمنڊ جهڙا گهرا نيٽ، نڪ ۾ هيري جي ڪڻي، متي تي ستارن سان اٽيل ڄاري جو رئو ۽ هن بي اختيار چئي ڏنو:

"ڪاش! جيڪڏهن تون منهنجي لاءِ ائين ڪارا ڪپڙا پائين، ته مان هزارپيرا مرڻ لاءِ تيار تي ويندس تيار!"

"توهان ڪنهن ڪنهن مهل الائي چو اهڙيون عجيب ڳالهيون ڪندا آهيو. جو هانءُ ئي ڏڪي پوندو آهي. خبر اٿو ته هن وقت اهڙيون ڳالهيون نه ڪبيون آهن!"

هن پٽ کي ٽيڪ ڏئي کيس ڏنو هو، جا نما شام مهل ڪارن ڪپڙن ۾ چئني طرفن کان پکڙجندڙ اونداهي ۾ کيس ڪنهن ڪلاسيڪل دور جي ڪائي اپسرا لڳي رهي هئي. اوچتو زهره کانئس پڇيو هو، "توهان کان هڪڙي ڳالهه پڇان؟"

"ها." هن وراڻيو هو.

"ڇا توهين پنهنجي گهر ۾ ملهايل محرم جي هنن سمورين ڳالهين ۾ سچ پچ يقين رکو ٿا. الائي چو ڪالهه مون کي پنهنجي ساهيڙيءَ ٻڌايو هو ته توهان جا خيال ۽ نظريا عجيب آهن!"

هن کي ان مهل الائي چو زهره جو اهو سوال ايترو عجيب نه لڳو هو.

"مون کي پنهنجي خانداني روايتن، رسمن ۽ گذريل دور جي ڳالهين سان بي انتها چاهه آهي." هن چيو هو. "مون کي اها چگي ريت ڄاڻ آهي ته انسان پنهنجي حالتن، سماجي پس منظر ۽ مستقبل جي خوف کان ڪهڙي ريت اک ٻوٽيندو آهي ۽ مون کي اها به پوري ريت ڄاڻ آهي ته مان جيڪو اڄ هن دور ۾ جنهن به حالت ۾ آهيان ان جي تسلسل ۾ ڪار فرما ٿيندڙ ڪهڙين اوچتن حالتن ۽ واقعن جو نه ڪٽندڙ قافلو ڏيري ڏيري مون سان سفر ڪري رهيو آهي ۽ جيئن،"..... اوچتو هن کي محسوس ٿيو هو ته هن جيڪي ڪجهه ڳالهايو هو اهي لفظ شام جي هن مان ۾ کيس پاڻ ڪائڻ پئي آيا. (انسان پنهنجي ذهني تسلسل کان ڌڻل آهي. پريشان آهي، هي وقت

پاڇي جيان آخر انسان سان هر محل واقعن، احساسن ۽ جذبن جي شڪل ۾ مسلسل ڇوٽو سفر ڪري.)

"توهان جون سڄ پڄ ته اهڙيون ڳالهيون مون کي منجهائي ڇڏيندیون آهن." زهره جو آواز ڪيس شام جي خاموشي ۾ ڏاڍو عجيب محسوس ٿيو هو. ان محل شام جي تڏي تڏي هوا زهره جا ڪليل وار اُڏائي ، ندس ڳلن سان ٽڪرايا ته اوچتو پريان مرداني امام بارگاهه ۾ شام جا نغارا وڄڻ شروع ٿي ويا ڪيس محسوس ٿيو هو ته محرم جي 5 تاريخ تي سندس ئي حويليءَ جي ڪُڏ تي زهره سان موجود آهي ۽ هيٺ سندس گهر ۾ زناني مجلس اڃا جاري آهي.

هن بي اختيار چيو هو، "زهره! هي هزار سالن جي هن هيڏي وڇوٽي کان پوءِ به غم حسين ع ڪيڏو نه زنده آهي. اهو خيال مون کي سدائين ان محل ايندو آهي جڏهن مان پنهنجي گهر واري امام بارگاهه ۾ سياهه پوش چاڙهيندو آهيان، هن پيري به سياهه پوش هٽندي مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ هي سياهه پوش ڪنهن اڻ ڏٺل طاقت هن سموري ڪار زار حيات کي ويڙهي ڇڏيو آهي ۽ هن وقت به هي شام جي چپ چپات منهنجي حياتي جو انت آهي ۽ هر شام هن سموري زندگي جو انت آهي!" هو ائين چئي چپ ٿيو هو ته شام جي وڇندڙ نوبت به بند ٿي وئي هئي. زهره سندس انهي ڳالهه جي وراٽي ڏيڻ بدران چپ چاپ شام جي ڦهلجندڙ اونداهي ۾ پريان اوپر ڏي بينل نمن ۽ ڪنڊين جي وٽن ۾ جهرڪين جي شورڪي ٻڏي رهي هئي ۽ آڪاش ۾ ڏيري ڏيري لهي ايندڙ اوندهي هر شيءِ کي جڻ ڳڙڪائي رهي هئي.

(هر شام زندگيءَ جو انت آهي. هر شام زندگيءَ جو پويان تجلو آهي، هر شام زندگيءَ جو سيان نه ٿيندڙ سوجهرو آهي، هر شام زندگيءَ جي ڪڏهن سائيا نه ٿيندڙ سپنن جو اولڙو آهي ۽ هر شام فنا جو نه منجندڙ اهو پل آهي، جڏهن انسان جي ذهن جو سمورو طلسم پل ا پل ۾ ٻڙي تائين پهچي ويندو آهي ۽ ذهن جو طلسم جڏهن ٻڙي تي پهچي وڃي ته پوءِ فنا جو وشال درياءَ انسان کي پنهنجي وهڪري

۾ اُڏائي ڇڏيندو آهي.)

اوچتو زهره پنهنجن ڏگهن ڪارن ۽ ڪُليل وارن کي ڪاري سنهڙي ڇاري جي رئي سان ڏڪيو هو تہ رئي ۾ پريل ستارا جڳ مڳ، جڳ مڳ ڪري اونداهي رات ۾ تارن سان ٽمڪندڙ وشال آڪاش جيان ڀري اُتيا هئا. جڏ ساموندي ڪناري تي دور جهازن ۾ ڪنهن هڪ ئي وقت بتيون ٻاري ڇڏيون هيون. سندس سامهون زهره بيٺل هئي. ايراني ۽ سنڌي حسن جو گڏيل شاهڪار ("زهره ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي هن مرڪندڙ مڪڙي کي ڏسي دل آتم هتيا ڪرڻ لاءِ چوندي آهي." هو اڪثر اها ئي ڳالهہ ڪيس ٽيليفون تي چوندو هو!)

"مون کي يقين آهي تہ توهان سڄي زندگي فقط خوبصورت ڳالهيون ڪري سگهو ٿا. مون جيان ڪيتريون چوڪريون توهان جي هنن خوبصورت ڳالهين ۾ توهان سان ساڻ نيائڻ جي ڪوشش ڪنديون پر توهان ڪنهن سان بہ ساڻ نيائي نہ سگهندا!" آواز زهره جو هو ۽ هن ڇرڪي زهره کي ڪارن ڪجلن نيٽن ۾ نهار ڪئي جتي سڄن موتين جهڙا ٻہ موتي ڏيري ڏيري ڳلن تان وهي رهيا هئا. هن ڏڇي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪيس محسوس ٿيو تہ جڏ زهره جي اها ڳالهہ ڪوئي اهڙو پڙاڏو هئي جنهن سان سندس من جي خالي ماڙي زور زور سان گونجي اُٿي هئي. هن پنهنجون نگاهون سامهون ڪيون. دور اولهہ ڏي سج ڪڏهوڪو ٽٻي هڻي گم ٿي ويو هو ۽ شام جا گهرا پاڇا لڙي امام بارگاهہ مٿان اڇي بيٺا هئا، جنهن ۾ عباس علمدار جي عَلم جي ڪاري ۽ نئين بيرڪ زور زور سان ڦڙڪي رهي هئي ۽ پريان درياءَ تان ابندڙ ابابيل آڪاش ۾ اُڏامندڙ الائي ڪهڙي پار وڃي رهيا هئا. هيٺ سندس حويليءَ ۾ شيدياٽيون شام جي زناني مجلس ۾ ورهائڻ لاءِ نياز ٺاهين ۾ وڃي امام بارگاهہ ڏانهن ڪٽي وڃڻ جي تيارين ۾ هيون.

"توهان چپ ٿي ويا..... منهنجي ڳالهہ توهان کي ناراض تہ ڪونہ ڪري ڇڏيو. سڄ پڄ مان ڪنهن ڪنهن مهل ڏاڍي بيوس ٿي پوندي آهيان. منهنجو هي توهان سان هنن محرم جي مجلسن ۾

ملڻ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. منهنجي ماءُ کي پورو پورو شڪ پئجي ويو آهي ۽ توهان، توهان ۾ ايتري همت نہ آهي جو توهان ڪنهن ڏينهن وڃي بابا سان ڳالهايو. بابا ڪنهن ڏينهن منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيندو ۽ اوهين، اوهين محرم جو انتظار ڪندا تہ مان مجلس ۾ اڇي توهان سان ملاقات ڪريان. توهان جي روز روز ٽيليفون ڪرڻ تي هاڻ ٽيليفون بہ تالي ۾ بند ٿي ويو آهي. توهين اهو ڇو نٿا سمجهو تہ دنيا هر انسان جي اک جي نهار کي سڃاڻي ٿي. توهان جي نوڪرياڻي جڏهن بہ اسان جي گهر اچي ٿي تہ ادا وڏي جي شڪل ڏري ويندي آهي. مان هاڻ ڏاڍي منجهي پئي آهيان!"

زهره ائين چئي سندس ڪلهي تي پنهنجو اڇو ڪير جهڙو نرگسي آڱرين وارو سندر هٿ رکيو هو ۽ هن مڙي کيس ڏٺو هو. جا شام جي اونداهي ۾ کيس پنهنجو ئي ڪوئي پاڇو لڳي رهي هئي. هن کيس ڏٺو، سندس وارن مٿان اوڀيل رئو ۽ انهي کاري رئي ۾ پربل ستارا جڳ مڳ، جڳ مڳ ڪري رهيا هئا، سرءُ قد زهره جون ڪاريون ڪاريون وڏيون اکيون، ننڍو سهڻو نڪ ۽ گلابي گلن جهڙا سنهڙا سهڻا چپ، شام جي انت ۾ ڪيس عجيب لڳا هئا ۽ مٿي شام جي انت جي پوئين پڇاڙ ڪي هئي. رات جي اونداهي جو راج تيزيءَ سان پکڙجندو پئي ويو ۽ آڪاش ۾ شام جو اڪيلو زهره ستارو تمر تمر ڪري ٽمڪي رهيو هو.

"اسان جي زندگين ۾ اهڙيون اداس شامون ڪڏهن ڪڏهن ڪهڙا نہ سڪون وارا پل آڇيندیون آهن. اڄ بہ هن ئي اداس شام جي آڪاش هيٺان، توسان گڏ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ جڙ پاڻ اڳي بہ ڪڏهن ائين مليا هئاسين ۽ پوءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿي لهرن ۾ لڙهي ويا هئاسين. ڇا توکي بہ ائين محسوس ٿئي ٿو."

"توهان جي ڳالهين ۾ هڪ جادو هوندو آهي، دل ۾ ڪاوڙ هوندي بہ الائي ڇو اوهان تي ترس ايندو اٿم." زهره کيس مرڪي چيو هو. هن ان مهل ڏڳهو ساهہ ڪڍي مٿي آڪاش کي ڏٺو هو جنهن ۾ هزارين ستارا چمڪڻ شروع ٿي ويا هئا.

هن ڏگها ڏگها ساهه کنيا، هاڻ سندس پويان يادن جو قافلو نه هو. هن محسوس ڪيو ائين، پر شايد يادن جا قافلا ڪڏهن انسان جو پيڇو نه ڇڏيندا آهن. آوازانسان جو پيڇو ڪندا آهن. سڄي زندگي هوائون پنهنجي سڱڻڊ ۾ گذريل دور جي يادگيرين کي پنهنجي سڱڻڊ ۾ لڪائي انسان جي اندر ۾ اوتجي ويندیون آهن. هن کي ان مهل پويان اونداهي ۾ بيئل وڻ رولاڪ انسانن جي آتمائن جيان لڳي رهيا هئا. اوچتو سندس متان ۽ ڇمڙا اُڏامندا هليا ويا ته هو ڏڇي ويو هو. هن کي ان وقت، وقت کان ڏاڍو ڊپ محسوس ٿيو هو.! (مان گهٽو ڪجهه پلجي ويو آهيان، ويندس گهٽو ڪجهه پلجي. يادگيري ڪنهن اونهي ۽ عميق سمنڊ جي تري ۾ پيل ڊبليءَ ۾ بند موتي جيان. خبر ناهي ته ڪڏهن ۽ ڪٽي لڳي وڃي ڪنهن جي هٿ ۽ حياتي؟... حياتي آ ٿر جي پٽن ۾ سفر ڪندڙ ڪنهن اڪيلي مسافر جي من جيان هيڪل ۽ وياڪل.)

صبح ٿيو...

هو اڄ ٻه واڪ تي نه نڪتو ۽ اڄ سنجهي هن جي اک نه ڪلي هئي. اڇوڪو ڏينهن ڪيس نڙيءَ ۾ قاتل مڇيءَ جي ڪنهن ڪنڊي جيان ڇيپي رهيو هو ۽ ان سور جي اثر کي ڪمري جي اي سي ٻه ٽڏو نه ڪري سگهيو هو.

پر رات ٻه ڪيڏي نه ڏگهي ٿيو وڃي ڪڏهن ڪڏهن، هن سوچيو. آرهڙ جون راتيون ٻه ڪيڏيون نه آهن عجيب، ۽ هو الائي ڪيتري وقت کان ايئر ڪنڊيشنڊ ۾ سمهي سمهي، آرهڙ جي راتين جو واس وساري وينو هو. اوچتو هن کي ياد آيو ته ڪيئن نه ننڍڙي هوندي آرهڙ جي راتين ۾ هُو ڪليل اڱڻ ۾ سمهندا هئا. مٿي ڪليل آڪاش، چنڊ، ستارا ڪنهن ڪنهن مهل چنڊول پکي جون آڪاش ۾ رڙيون ڪري لنگهي وڃڻ، سڀ ويو ڪيڏانهن؟ ۽ راتيون ڪليل، گلن جي سڱڻڊ سان پريل..... سندس ننڍڙي ڏيءَ ننڍ مان چرڪ پري ٻاڻي روئڻ لڳي. هن جي زال گهري ننڊ ۾ ستل هئي. هن

فيڊرڪٽي بيبي جي هٿ ۾ ڏنو. نندڙي ستل ٻارڙي فيڊرڪٽي پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ گهڙي ۾ روئڻ ٽي ويو بند. هو وري ليٽي پيو.

اڄ ڪيس آفيس ۾ نه ويٺو هو. (چگو ٽيو جو روز روز جي جهڪ جهڪ کان جند ڇٽي پئي. سمورا ٽينشن ٽي ويا ختم. باس ڪيس ڏهني ٽارچر ڏيئي رهيو هو. پر ڇو؟ هن سندس ڪمزوڏوهه ڪيو هو؟ ڇا صلو مليو ڪيس ايتري محنت، ايتري ايمانداري سان ڪم ڪرڻ جو؟ ايمانداري محنت سڀ بڪواس. ماٺهو دنيا سان گڏ هلي، دنيا وانگر هلي، جڏهن ڪوئي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ کي مڃي نه ٿو ته پوءِ ڪنهن لاءِ ٿڃي ايماندار؟ هيپوڪريٽ سنسار ۾، هيپوڪريٽ ماسڪ پهريو ڦرن پيا سڀ. اڄ ڪٽي آفيس نه ويٺو هو، پر ٽائيم ڪيئن ٽيندو ڪل(Kill) ؟ ۽ گهر جي خرچ لاءِ پئسا ايندا ڪٿان؟ گهر جي مسواڙ گهر جو خرچ. ٻارن جي اسڪول جون فيون؟ سڀ ڪجهه آعذاب، زندگي جو آهر مرحلو، هر پل، هر موڙ آعذاب.)

۽ هن اکيون پوري ڇڏيون. جڏهن سندس زال بيڊ تان اٿي ڪيس ڏنو، ته هو اکيون بند ڪري دٽ هٽي سمهي پيو. دٽ هٽڻ، سمهڻ، پوءِ خيالن ۾ خوبصورت ڳالهيون سوچڻ آ هُن جي پراٽي هابي. ۽ ٻاهر جون جي آڪاش تي سندس بيروزگاري جو پهريون سج ڪڏهوڪو نروار ٿي چڪو هو.

"ٻڌو!" آواز هن جي زال جو هو ۽ هو جيڪو بيڊ تان اُٿي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ باٿ روم ٽي ويو، هڪ منٽ لاءِ بيهي رهيو.

"جي!"

"نندڙيءَ جو ڪير ختم ٽي ويو اٿوَ؟"

"پهرين نٽي ٻڌايو؟"

"توهان کي هجي ڪو هوش ته ٻڌايان! هوندا آهيو نوڪريءَ ۾ ته سڀ هوش غائب... گهوڙا ڏي گهوڙا... منهنجي آفيس... منهنجا ڪم."

"صبح ساڻ ليڪچر ضروري آهي ڇا؟" هن گهنڊ وجهي زال

ڏانهن نهاريو.

"مطلب تہ ہن ڏينهن کان کير ختم ٿي چڪو آهي."

"تہ پوءِ ٿورو ٿورو ڪري هلائيندا ڪريو. حالتن جي خبر اٿو!"

"ذرو ذرو ڪري تہ پئي هلايم. گھٹي پاڻي ۾ ٿوري کير، ننڍڙي کي دست ڪري ڇڏيا آهن."

"هينئر تہ مون وٽ پئسا آهن ئي ڪونہ. توکي خبر آهي تہ ہن مهينن کان پگھار نہ مليو آهي."

"پوءِ آءٌ پلا ڇا ڪريان؟ ويو وڃي ڪجھہ پئسن جو بندوبست ڪريو. پنھنجي پاءُ کان کڻي ونو." ھن ماڻ ڪري اھا ڳالھہ ٻڌي.

"سچي! ہي ڳالھہ ٻڌو ڪالھہ واپڊا وارا آيا ھئا بجلي ڪاٽڻ. اڄ وري ايندا، توھان بل جو مسئلو ايڏا حل نہ ڪرايو آهي." سندس زال چيو ۾ ھو سندس ڳالھہ ٻڌي ٻاڻ روم ۾ ھليو ويو ۾ زور سان ٻاڻ روم جو دربند ڪري شاور کولي وھنجڻ لڳو.

ننڍي ھوندي کان سندس من وياڪل وياڪل ھوندو ھو. ڄڻ وڻ ويڑھيءَ وانگر حياتيءَ جون سموريون بي رحميون ويون ھيون کيس شروع کان وکوڙي، پر ھو ننڍپڻ کان ئي سپنا ڏسندو رھيو ھو. ھر ڳالھہ جو ڇڙو سپنو ڏسندو ھو. جنھن اسڪول ۾ پڙھندو ھو اتي ڪلاس ۾ ويٺي ويٺي ھو ڪلاس جي دريءَ مان مٿئين ڪلاس جي پاڻ کان گھٹي وڏي ڇوڪريءَ کي پيو ڏسندو ھو. خيالن ئي خيالن ۾ گھوڙي تي کڻي ھن کي نڪرندو ھو. ھوائن جي دوش تي. ھو ھلندا پيا ويندا ھئا ۾ تان جو ڪلاس ٽيچر مس حسنا جي رڙ کيس سجاڳ ڪري ڇڏيندي ھئي.

"اڙي ھي دري مان ڪنھن کي پيو ڏسين؟"

"ڪنھن کي بہ نہ مِس." ھو چرڪ پري اُتي بيھندو ھو.

اڇي قميص ۾ خاڪي نِڪر ۾، رسيس مھل ھو انھيءَ ڇوڪريءَ جي آڏو پيو ڦرندو ھو. ٻاھر ڇولن واري وٽان کيس ڊبل روٽي ۾ ڇولا آڻي ڏيڻ سندس روز جو دستور ھوندو ھو ۾ ھو دل ئي دل ۾ سندس پوڄا پيو ڪندو ھو. ھڪ ڏينھن ھوءَ اسڪول نہ آئي. پوءِ خبر

پئي تہ مائٽن هن جي شادي ڪري ڇڏي تہ هو سڏڪا پري رنو. پوءِ هو روزانو ان خالي بئنچ ڪي ڏسندو هو جتي اها هن کان عمر ۾ وڏي چوڪري اچي ويهندي هئي. (ڪيس ياد آيو حياتي جو سڪ سندس پيءُ کي بہ تاحيات نہ مليو هو. هن جي ماءُ بہ پنهنجي مڙس کان نفرت ڪندي هئي ۽ حياتي جي بي رحمين سان وڙهندي وڙهندي هن جو پيءُ هڪ ڏينهن آخرڪار هارڪائي ويهي رهيو هو.)

ڪيس ياد آيو. تہ هن کي ننڍڙي هوندي کان خوبصورت عورتون ڏاڍيون وٽنديون هيون. پاڙي ۾ ٽيندڙ شاديءَ ۾ هو ڪنوار جي پر ۾ وڃي ويهندو هو. ڳاڙهن ڪپڙن ۾، ميندي‌ءَ رتل هٿن سان، زيور پهريل ڪنوارون ڪيس ڏاڍيون وٽنديون هيون. اکين ۾ ڪجل، متي تي پاسو ۽ ٽيڪو، هر هر ساهيڙي جي ڳالهہ تي کلي ڏيڻ ۽ هو تڪ ٻڌي اهو سڀ ڏسندو هو.

اوچتو ڪوئي آواز هن کي خيالن جي دنيا مان ٽو موڪلائي آڻي ڇڏي.

"آخر بات روم مان ٻاهر نڪرندؤ يا سڄو وقت پيا وهنجندؤ؟"

سندس زال بات روم جو درڪڙڪائي ڪيس سڄاڳ ڪري ڇڏيو. هن جا خيال پرزا پرزا ٿي ويا.

"ها اچان ٿو." هن شاور بند ڪيو، ٽوال سان مٿو اگهي، ڪپڙا پائي نڪتو.

"ڪيتري دير ٿي وئي توهان کي بات روم ۾، تڏهن درڪڙڪايم."

هن جي زال گهبرايل هئي

"ڀ تو ڇا سمجهيو!" هن مرڪي چيو.

"ڪجهہ بہ نہ." هن جي زال جواب ڏنو.

هن مرڪي چيو، "تو ائين تہ ڪونہ سمجهيو تہ مون خودڪشي ڪري ڇڏي؟"

"خدا خدا ڪريو. صبح ساڻ ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو."

هو ڪلي چپ ٿي ويو ۽ سگريٽ دڪائي زال جي چهري کي تڪڻ لڳو.

"خدا جي واسطي سگريٽن کي تہ بند ڪريو." سندس زال چيو.

"سگريٽ ڪٽان ٿو بند ڪري سگھان؟"

"ائين نٽا چئو ته هاڻ توهان جي عادت ٽي وئي آهي."

"چگو آهستي آهستي سگريٽ ڇڏي ڏيندس." هن چيو

"خالي سگريٽ يا الڪوئل ۾؟"

"ڪڏهن ڪڏهن پيئندو آهيان ۽ اهو به دوستن سان گڏ."

"اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ، پر مون توهان کي چيو ته اڄ ڪيئن به ڪري ننڊيءَ جو ڪير وٺي اچجو."

هو گهر کان ٻاهر نڪتو. بنا ڪنهن احساس ۽ بنا ڪنهن سوچ جي (ڪيڏانهن وڃجي؟ هن سوچيو) ٻاهر، رستو اُهو ئي ساڳيو، رستن جي ٻنهي طرفن کان بينل وڻ ۽ وٽن مان ڪرندڙ پن، اُهو ئي ساڳيو منظر. اهو سڀ ڪجهه رهندو آ، سڀ ڪجهه ساڳيو، ڪجهه به نه آ بدلجندو. بدلجندو آڇڙو من. اندر جي دنيا جو انسان ڪٽي ٿو بدلجي..... تبديلي ۽ بدلائڻ جي خواهش ۽ ڪلپنا ۽ سوچ..... بدلائڻ ۽ تبديل ڪرڻ جي خواهش ۾ بدلجي وڃي ٿو. خود انسان!

(هاءِ حياتي

هاءِ حياتي

حياتي آ،

ڪنهن تپندڙ ۽ تتل سج ۾

ڪنهن وڻ جيان!)

هو خيالن ۾ گم ۽ رستو تتل! سندس پيرن هيٺ اوچتو ڪنهن ڪار جي بريڪن جا تيز چيچڑات! هن چرڪي سامهون ڏٺو، هو ڪار جي بنهه سامهون هو.

"ڏسي نٽا هلو چا؟"

هو چپ.

"ڏسي هلندا ڪريو!"

"سوري"

۽ ڪار وارو ڪاوڙ مان گاڏي کي استارٽ ڪري رمندو رهيو.

هن مرڪي رستو پار ڪيو ۽ رستي جي پرڪان ڏيري هلڻ لڳو. اندر ۾ آيل پورسندس متي ۾ لڳا ڦرڻ.

(مهيني جي پڇاڙي+ گهر ڪيئن هلندو+ گهر جي مسواڙ+ نندڙيءَ جي ڪير جا پئسا+ فون جو بل + ۽ ٻوڙ+ ياڇي لاءِ پيسا، آخر ڪٽان ايندا؟) + فون ڪٽجي ويندو ته مڙيئي خير آ، فون کان سواءِ به زندگي گذري ويندي+ جاءِ جي مالڪياڻي ته جند ڪانه ڇڏيندي+ هر مهيني جي 5 تاريخ تي مسواڙ نه ملیس ته اڇي گهر ۾ بيعزتي ڪندي+ سمورن پاڙي وارن کي دانهون ڏيندي + ايس 26 ڪيرونڙ لاءِ 200 رپيا هر ٽئين ڏينهن، سچ پچ ته مون جهڙي ماڻهو کي شادي هرگز نه ڪرڻ ڪپندي هئي+ گهر هلائڻ، گهر جو خرچ هلائڻ جو سمورو تاجي پيٽو هن کان آهي زور ۽ سندس زال کي سواءِ سپنن ڏسڻ جي ٻيو ڪجهه اچي ئي نه ٿو (سندس من تي تري آئي هڪ پراڻي ياد.) ساروٽي، حياتي جي سندر سپنن جيان سندر هوندیون آهن ساروٽيون. ڪنهن خوبصورت چوڪري جي خوبصورت سپنن جهڙيون ساروٽيون، ڪنهن پراڻي غوراب جيان سمنڊ جي وهڪري تي ڏيري ڏيري هلندڙ لهرن تي! خدا جي پناهه ڪٽان جي ڳالهه ڪٽي وڃي پهتي. ها، سوچيم پئي، ڪا ساروٽي، ساروٽي جيڪا هوندي آهي ساروٽي-

"توهان سموري حياتي بس خواب ئي ڏسندا رهندا!" هن کيس چيو هو. هوءَ جيڪا ڪڏهن به سندس ڏهن جي ڪٽنواس تان ڪڏهن به ميسارجي نه سگهي هئي.

هن مرڪي وراڻيو هو، "خواب ڏسڻ سڀني ڳالهه هوندي هئي.

"پر سائين، فقط خواب ڏسڻ ئي ته زندگي ناهي. توهين بس خواب ڏسو، خواب ڏسندا رهندا ۽ مان هڪ ڏينهن ڪنهن ٻئي سان پرٽجي اوهان جي آڏو هلي ويندیس. توهين ڪجهه به ڪري نه سگهندا، ڪجهه به نٽا ڪري سگهو. مون کي ته لڳي ٿو ته توهان ڪجهه به نه ڪري سگهندا."

"تون مون کي بلڪل نه سمجهي سگهي آهين."

"نہ، مان هرڳالهه چڳيءَ طرح سمجهي وئي آهيان. توهان کي درد اپنائڻ ۾ مزو تو اچي. پنهنجي پاڻ کي ايذائڻ ۾ اوهان کي سکون ٿو ملي."

"ائين ناهي....."

"ائين ئي آهي، جيئن مان سمجهان ٿي، توهان کجهه به نٿا ڪري سگهو، کجهه به نه ڪري سگهندا." ۽ پوءِ هوءَ ٻنهي هٿن سان منهن لڪائي روئي ٿي ڏي.

۽ هن جا سڏڪا هوا جا تائين ٻڌندو آهي.

خوشيون+ ڏک+ سک ۽ حياتي.

۽ حياتي؟

حياتي، ڪنهن خوبصورت اَپسرا جو آ ڪوئي خوبصورت سپنو.

۽

محبت به ته.....

ڪيترن ٻين جذبن جيان آهي، عارضي!

هو هڪ بنگلي جي در تي وڃي بيهي ٿو. بنگلو سندس دوست جو آهي، در تي بيٺل نوڪر ڪيس چڳيءَ ريت سڃاڻن ٿا، ان ڪري ڪيس وٺي وڃي ڊرائنگ روم ۾ ٿا ويهارين، ايتري ۾ سندس دوست اچي ساٽس پاڪر پائي گڏجي ٿو ۽ ٻانهن کان ڇڪي ڪيس پنهنجي بيڊ روم ۾ ٿو وٺي هلي. ان کان اڳ جو هو ڪيس پنهنجي مجبوري ٻڌائي، کجهه اوڏر گهري، سندس دوست ڪٻٽ مان بليڪ ليبل وهسڪي جي بوتل ڪڍي آڻي ٿو سندس آڏو رکي. نوڪر ٻه شيشي جا نازڪ گلاس، جن جي ڪنارين تي سنهري ڪم ٿيل آهي، ميز تي آڻي رکي ٿو.

"يار گهڻن ڏينهن کان پوءِ منهن ڏيکاريو اٿئي؟" سندس دوست چيو.

"ها، بس، کجهه ڪم ڪار هئا." هو ڦڪي مرڪ سان چوي ٿو.

"نوڪري جو ڇا حال آهي؟" سندس دوست سوال پڇي نوڪر کي برف آٽڻ لاءِ چوي ٿو.

"نوڪري اڄ ڪلهه ناهي."

"ڇا مطلب؟"

"مطلب اهو ته نوڪري ڇڏي ڏنم." هو چوي ٿو.

"چگو ڪيئي. تون آزاد ماڻهو ڪٽي ٿو وڏيرن سان هلي سگهين!"

هو چوڻ چاهي ٿو ته زندگي گهارڻ لاءِ پئسو گهرجي ۽ پئسو وٽس آهي ڪونه، بلڪ اڄ به هو وٽس پئسا اوڏر تي ونڻ لاءِ آيو آهي. سندس ڏيءَ جي ڪير لاءِ ڪيس پئسا گهرجن.... پر هو ڪائي مان چئي ڪجهه نه ٿو سگهي.

ايتري ۾ نوڪر آئيس باڪس ۾ برف ڪٽيو ٿو اچي ته سندس دوست بن گلاسن ۾ ڊرنڪ ٺاهي، گلاس ٿو سندس آڏو رکي. اڇي ڪير جهڙي گلاس ۾ سون جهڙي رنگ جي وهسڪي ۾ پاڻي ۽ برف جا ٽڪرا ڪيس ڏاڍا تا سهڻا لڳن.

"دوست ڊرنڪ ڪر ۽ غم غلط ڪر." چيئرز...! سندس دوست پنهنجو گلاس ٿو هن جي گلاس سان ٽڪرائي. هو به چيئرز چئي گلاس کي ٽڪرائي پهريون ڊُڪ ٿو پري. وهسڪي، جا اعليٰ قسم جي آهي، پر پهريون پيگ ئي هن ڏاڍو سخت ٺاهيو آهي. هي به ٽي ڊڪ پري گلاس ٿو پنهنجي آڏو رکي چڏي.

"يارا پهريون پيگ ته جلدي پي، وهسڪيءَ جي بوتل مون تنهنجي لاءِ کولي آهي." سندس دوست مرڪي چوي ٿو.

"هو ڊرنڪ جو گلاس کٽي به وڌا ڊڪ هٽي ٿو ته بليڪ ليبل جي ٻارنهن ورهيه رکيل وهسڪي سندس دماغ کي معطر ٿي ڪري چڏي، گهڙيءَ لاءِ هو رليڪس ٿو ٿي وڃي ۽ پنهنجا سمورا ڏک ۽ درد وساري ٿو ويهي رهي.

"يارا تو به زندگي ۾ ڪجهه نه ڪيو." سندس دوست وهسڪي جو ٻيو پيگ هٿ ۾ جهلي کيس چوي ٿو.

"تون ئي ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان!" هو مجبوريءَ مان چوي ٿو. انهيءَ موضوع کان هو جند ڇڏائڻ ٿو گهري. "گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو گهر تہ ونڃي ڇڏين ها، توکي تہ نہ پنهنجو گهر آهي، نہ ڪارائتئي."

هن کي اهي ڳالهيون نٽيون وٽن. هو هڪ ئي ڏڪ ۾ گلاس ۾ پيل وهسڪي ٿو اندر ۾ اوتي ڇڏي..... هاڻي ٽيون پيگ مٽس آهستي آهستي پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي ۽ هو آهستي آهستي چوڻ شروع ٿئي ٿو.

"پر مون زندگي کي ائين نہ ڏٺو آهي جيئن ٻيا ڏسن ٿا.... حياتي جي ڀگهي ويڑهہ وڙهي اٿم ۽ ان ڀگهي ويڑهہ جو نچوڙ خبر اٿئي تہ ڇا آهي؟"

"ڇا آهي؟" سندس دوست هن کي ڏاڍي ڌيان ۽ ڪٽتي جي نظرن سان ڏسندي چيو.

"ڪجهہ بہ نہ..... ڪجهہ بہ نہ آهي، چڑو انسان کي دل جي آڇت گهرجي، اندر جو سڪون گهرجي. اندر جو سڪون ئي دنيا جي سڀ کان وڏي دولت آهي. خوش نصيب آهن اُهي ماڻهو جن حياتي جي ويڑهہ ۾ دل جو سڪون حاصل ڪري ورتو..... ان کري... ان کري انسان کي گهرجي....."

"مان تنهنجي آخري ڀرنڪ ناهيان؟" سنندس دوست چيو.

"نہ، مان هاڻ وڌيڪ نہ پي سگهندس... مان تن پيگن کان وڌيڪ نہ پيئندو آهيان..... پر اڄ مون تي هڪ تمام وڏي ڳالهہ ظاهر ٿي آهي تہ انسان جيڪي ڪجهہ آهي اهو رهڻ جي ڪوشش کري، پر ڇا تو ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي آهي؟"

سندس دوست کلي ڏنو ۽ هڪ ٽڏو ساهہ پري چيو "توکي خبر آهي تہ مون محبت هڪڙي سان ڪئي ۽ شادي بي سان ڪيم!"

"اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي... دل جو مقصد حاصل ٿيڻ گهرجي. باقي زندگي جو مقصد، آخري گهڙيءَ تائين ظاهر نٿو ٿئي. انسان ڪنهن ويڑهہ ۾ ڀوڙندو ٿو رهي ۽ حادثن جو لشڪر هر طرف کان اوچتو ٿو هن جي پويان ڀوڙي." هو ائين چئي اکيون بند ڪري ماڻ

ٿي ويو. ڪمري ۾ ايئرڪنڊيشن هلڻ جي آواز کان سواءِ هڪ عجيب ماڻ چائنجي وئي. سندس دماغ ۾ ڪيترا خيال آيا ۽ گم ٿي ويا اوچتو هن اکيون کولي چيو:

"دوست! چا تون اها ڳالهه ڄاڻين ٿو ته انسان ڏک ڇو نٿو برداشت ڪري؟"

سندس دوست کيس ڏسي مرڪندو رهيو، پر ڪوبه جواب نه ڏنو.

"دراصل اسين سڀ مان ۽ تون..... مقصد ته اسين ورهين جا ورهيه دوستيون رکون ٿا، زندگيءَ جي هر نندي کان نندي خواهش لاءِ ڊوڙون ٿا، جدوجهد ڪريون ٿا، پر اڳتي هلي احساس ٿئي ٿو ته: اهو سڀ ڪجهه جيڪي ڪجهه اسان ڪيو اهو بيڪار، بي معني ۽ فضول هو. ڪڏهن ڪڏهن توکي اهو احساس ٿيو آهي ته اسين ڪنهن جي لاءِ ٿا ايتري ڊڪ ڊوڙ ڪريون؟ چا توکي احساس آهي ته مان، مان سمورن ٻين ڪيترن ماڻهن کان مختلف آهيان؟"

هن جي دوست ٻيهر مرڪي کيس ڏنو هو ۽ هڪ ڊرنڪ مان سپ وٺندي چيو هو، "استاد! مان تنهنجي دل سان عزت ڪندو آهيان، ٽيهن ورهين جي دوستي آهي."

ويٺي ويٺي هن کي خيال آيو ته هو هتي ويهي وقت ويجائي رهيو هو ۽ هو اهو وساري چڪو هو ته هن کي هتي ويهي ڊرنڪ ڪرڻ بدران واپس گهر ورڻ گهرجي، جتي هن جي زال ۽ ٻار اوسيئڙي ۾ ويٺل هئا پر هن تي آهستي آهستي بليڪ ليبل جا ڪيپ چڙهڻ شروع ٿي ويا هئا.

پاڻي جا ٻه ڦڙا خبر ناهي ڪٿان ٽپ ٽپ ڪري اچي سندس مٿان پيا.

هن منهن کڻي تارن سان ڀريل آڪاش کي ڏٺو. چوطرف ماڻ جو راڄ هو. رات پنهنجي مڪمل جوبن سان سندس چوطرف موجود هئي. سامهون سنڌو درياءُ آهستي آهستي وهي رهيو هو. پريان ڪوٽڙي شهر ۽ سندس ساڃي پاسي ڪوٽڙيءَ جي پُل جون بتيون

تم تم ڪيو پئي هريون. هو سامهون اتهاسڪ سپت سنڌوءَ جي وهڪري کي ڏسڻ لڳو.

ڇا انسان جي آخري جاءِ پناهه آپگهات ۾ آهي. (هن سوچيو) پر سڪ ڪٿي به ناهي! نه زندگيءَ ۾ سڪ آهي نه وري مرڻ کان پوءِ، انسان کي به سڪ نٿو ماڻي سگهي. هر طرف کان موت جو پاڇو انسان سان گڏ گڏ ٿو هلندو رهي، ڪنهن به پاسي سڪ ناهي.

ڪنهن طرف وڃان،

ڪيڏانهن وڃان.

ڏک ۽ موت آهن انسان جا پاڇا ۽ ڪٿي به نه ڇڏيندا اهي ڪڏهن انسان کي؟ ۽ انسان مجبور، بيوس، لاچار ۽ خودغرض! پر هر انسان ته خودغرض ڪونهي، هن بيزاري مان سوچيو. منهنجي خيالن ۾ ڪيڏا نه تضاد آهن!

هن ٻيهر ڏٺو سنڌوءَ جي خاموش وهڪري کي! ڪيڏو نه سڪون آهي، هتي هن مهل آڌيءَ رات جو سندس دل هڪ ٻيرو ڇڪ ڪاڌي ته هو هن مهل خاموشيءَ سان پاڻ کي سنڌوءَ کي ارپي ڇڏي. پر هن قديم سئو ورهيه پراڻي پل تان پاڻ کي هيٺ پاڻي ۾ اڇلائڻ بهادري جو ڪم آهي؟ ۽ هو سنڌوءَ جي وهڪري کي ڏسندو رهيو. زندگي به هن درياءَ جي وهڪري جيان آهي. خاموش وهندڙ ۽ لڙلهرن ۾ لڙهندڙ انسان؟ لڙهندو ٿو وڃي سهٽيءَ وانگر..... (هن کي اوچتو الائي ڪهڙو اڻ ڄاڻ ڊپ ورائي ويو) هن سامهون سئو ورهيه پراڻي ٺهيل پُل کي ڏٺو جنهن کي پريان نظر ايندڙ ٻتيون ڪنهن راکاس جي اڪين جيان ڪيس ڏسي رهيون هيون. سندس سامهون ڪونڙي شهر جون برندڙ ٻتيون ڪيس زرد ۽ بيمار لڳيون هيون. هو بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي، ڪجهه وکون هلندو پُل جي ويجهو وڃي ٿو، (زندگي ڪيڏي نه آ بيوس، هيڏي ۽ هيسيل. ماڻهو ماڻهو جي من ۾ وسي ٿو ڪوئي پڙيانگ شهر) اوچتو پري کان ريل جي سيٽي وڳي ۽ گهڙي ۾ ڪراچي ويندڙ ڪائي آڌي رات جي ٽرين ڏڙ ڏڙ ڪندي پل مٿان اچي لنگهي. هن ريل کي ڏٺو. ريل جون ٻتيون هيٺ سنڌو درياءَ

۾ جھرمر جھرمر ڪري ٻرڻ لڳيون. هن ڪي سانت ۾ وهندڙ سنڌو درياءَ ۾ مٽان لنگهندڙ ٽرين جي بتين جو پاڻيءَ جي مٽان پوندڙ عڪس ڏاڍو عجيب لڳو. گھڙي ۾ ريل لنگهي وئي، هن جي من چاهيو هو ته ڊوڙي آهستي آهستي لنگهندڙ ريل جي پوئين ڏهي ۾ چڙهي پوي ۽ ڪنهن سنسان، اڻڄاتل ريلوي استيشن تي لهي پوي، نه ڪائي منزل نه ڪائي راهه..... ريل تي هن ڪي ياد آيو ته جڏهن هو بابي سان گڏ اسر مهل ڪراچي ويندڙ پئسينجر ٽرين ۾ ڪراچي ويندو هو ته ڪيس جھمپير استيشن ڏاڍي وٽندي هئي. صدين کان چانيل ڪائنات ۾ اڪيلائي سناٽا، تيز هوائون ۽ ان ۾ لڏندڙ ۽ لمندڙ وڻ ۽ انهن جا گھرا پاڇا، وقت ڪڏهن بہ ساڳيو نہ ٿو رهي. وقت ۽ انسان جي پاڻ ۾ سدائين ويڑهه رهي آهي. ڪير ڪنهن ڪي شڪست ڏيندو آهي، ڇا ڪڏهن ڪنهن سوچيو آهي.

انهيءَ عجيب ۽ سنسان ماحول ۾ ان وقت پاڻ ڪي الائي ڇو اڪيلو محسوس ڪيو. ڏنل هوندي بہ من ۾ گھرا يادن جا بارڪٽندي هن محسوس ڪيو. سندس اندر ۾ ڪنهن هزارين ڏيئا ٻاري ڇڏيا هئا، جن سان سمورو اونداهو اندر روشن ٿي ويو هو. هن ڏٺو ساهه ڪنيو ۽ پويان پير ڪيا. سندس پويان وهندڙ پاڻي هو، سنسان ماحول هو ۽ سنڌو درياءَ جو وهڪرو آهستي آهستي وهي رهيو هو.

پوين تاريخن جو اداس، زرد ۽ سندس من ڪي اڪيلاين، مايوسين جي اوڙاهه ۾ ڪٽي ڦٽو ڪندڙ چنڊ آسمان ۾ اٽڪيل هو ۽ جون جو آسمان سندس مٽان ڪنهن ڇپر ڇانو جيان هو بيٺل اڳي وانگر. اُبس واري هڪ ڄاتل سڃاتل ۽ من ڪي ياسندڙ خوشبو پکڙيل آهي. هو اڄ ڏينهن تائين سمجهي نہ سگهيو هو اها ڳالهه ته ڪڏهن ڪڏهن ڪائي وايومنڊل پکڙيل سڳنڌ، من ڪي ڄاتل سڃاتل آخرڪار ڇو لڳندي آهي. ڪٽي ائين ته ناهي ته ڪنهن اڳئين جنم ۾ ڪائي سڳنڌ جيڪا من ڪي ڪڏهن وٽندي آهي، اها ٻيهر لڳندي آهي ڄاتل سڃاتل. ڪڏهن ڪڏهن ڪي هنڌ، گھر ۽ شهر نہ ڦريون

پيرو ڏسندي ۽ لڳندا آهن جاتل سجاتل. هن مرڪي پنهنجي پوپان ڏنو. سندس پوپان قاسم آباد جون سهٽيون بتيون اونداهه ۾ پئي جرڪيون ۽ سامهون بيٺل پاٽي ۽ هوا ۾ جھومندڙ لهرن ڪنهن ڪنهن معل هلڪو آواز ٿي ڪيو. سمورا بنگلا خاموش ننڊ ۾ ستل هئا. ڪٽي ڪائي ڪتي جي پونڪ ۽ نٽي ٻڌڻ ۾ آئي. هو سامهون اڇو مقبرو ۽ رستو خاموش بيٺو هو. هر شيءِ ستل هئي. جيڪڏهن ڪوئي ستل نه هوتہ سندس من.

اڄ هو پنهنجي گهر جو رستو پلجي ويو هو. هن جي اڄ پراٽي ڪلپنا پوري ٿي هئي. وهسڪي پيئڻ کان پوءِ گهر پلجي وڃڻ جي هئي هن جي هڪ پراٽي ڪلپنا.... هن اڳتي وڌي هڪ درکڙڪايو. درکڙڪائيندي ڪيس احساس ٿيوتہ اهو واقعي هن جو گهر نہ هو. هن ڏيان سان ڏنوتہ هو ڪنهن ٻئي جو درکڙڪائي رهيو هو. هن مرڪي ڏنو. پر اندران ڪوئي آواز نہ آيو. هن کي محسوس ٿيوتہ گهٽي پلجي وڃڻ جي ڪلپنا رکندي ۽ هو پنهنجي گهر جو رستو نہ وساري سگهيو هو. (چا مان پنهنجو پاڻ سان ۽ دوکو ڪري رهيو آهيان؟) هن پنهنجي پاڻ سان هڪ ٻيو دوکو ڪيو هو. گهر جو رستو ڪيس چٽيءَ ريت ياد هو. ڪيتري ۽ ڀرنڪ ڪرڻ جي باوجود ڪيس پنهنجي گهر جو رستو ياد هو. هن ٻيهر مرڪي پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ ڏانهن رخ ڪيو. گهر ڏانهن ويندڙ رستي ۾ ڪيترن بنگلن جون بتيون روشن هيون. هو پنڌ هلي ٿيڪ اڇي پنهنجي گهر جي در وٽ بيٺو.....

اهو گهر هو، آهي سندس..... هو ننڍيون ننڍيون وکون کڻندو اڇي گهر وٽ بيٺو. گهر سڄو اونداهيءَ ۾ ٻڏل هو. پر وارن گهرن جون بتيون روشن هيون. پاسي واري گهر جي گيٽ وٽ رات جي راڻي جي تيز مهڪ سڄي گهٽي کي واسي ڇڏيو هو. هن ڀڳا ساهہ کڻي رات جي راڻي جي سڳنڌ کي پنهنجي اندر ۾ اوتيو ۽ ڏنو اونداهيءَ ۾ ٻڏل پنهنجي گهر کي (معنيٰ تہ واپڊا وارا اڄ ئي بجلي ڪاٽي ويا!) "چگو ٿيو..... جند ڇٽي..... ويهہ هزار ڪٽان اڇن ها؟ پر بجلي کان

سواءِ بہ نہ ٿو رهي سگهجي." هن بيزاري مان سوچيو.

ڇا ڪجي، ڪيئن ڪجي، ڪيڏانهن ويجي. مشڪلاتون ۽ عذاب حياتيءَ جا جڏهن اوچتو تا اچن تہ ماڻهو آخرڪار ويجي تہ ڪيڏانهن ويجي؟ ۽ اڄ اها بہ ڳالهہ ظاهر ٿي هئي تہ هو حياتي جي سمورين مشڪلاتن کان هاريل شخص هو.

اهو سوچي هن گهر جي درٻاهران لڳل ڪال بيل تي ڌڃي ڌڃي آڱر رکي (متان نہ ڪاتي ويا هجن؟)، پر ڪال بيل تي ڪيتري مهل هٿ رکڻ جي باوجود گهنٽي نہ وڳي. هو ڪجهہ دير ڪال بيل تي هٿ رکي بيٺو رهيو. سندس مٿان ڪليل آڪاش هو. چمڪندڙ تارا هئا، اوپر کان سفر ڪري اولهہ ڏي ويندڙ چنڊ هو ۽ چنڊ سامهون سرهئي نم جي مٿان چمڪي مرڪي ڪيس ڏسي رهيو هو. تيز هوا ۽ ان ۾ اُڏامندڙ پن هئا. اوچتو سندس گهر جي اندران ننڍڙي جي روئڻ جو آواز آيو. شايد ننڍڙي چرڪ پري اٿي آهي، هن سوچيو ۽ هٿ سان گهر جو دروڄايو پر اندران ڪوبہ آواز نہ آيو. هن زور زور سان گهر جي درتي ٽڪ ٽڪ ڪئي. لوهي درتي هن ڪيترا ڏڪ هنيا، آخرڪار گهر جي ڏاڪڻ تي ڪنهن جي قدمن جي چاپ جو آواز آيو.

"ڪير آهي؟" هن جي زال جو آواز آيو.

"مان..... مان آهيان..... درتہ کوليو؟" هن چيو.

سندس زال درکوليو. هو درکولي اندر داخل ٿيو. هن جي زال ڪيس ڪجهہ بہ نہ چيو. هو اندر داخل ٿيو. سڄو گهر هو اونداهي ۾ ٻڏل، بورچي خاني ۾ هڪ ميڙ بتي پئي ٻري. ميڙ بتي جي روشني ۾ ٽي وي لائونج ۾ پيل صوفن تي سندس ٻارگهريءَ ننڍ ۾ ستل هئا. هو هڪ صوفي تي ويهي رهيو.

"توهان ماني کائيندا؟" هن جي زال پڇيو.

"نہ..... پر... بجلي....." آواز هن جي نڙي ۾ قاسي پيو.

"اڄ شام جو واپڊا وارا بجلي ڪاٽي ويا. توهان کي ڪيترن ڏينهن کان پئي چيم تہ ڪجهہ ڪريو پر توهان هن مُئي سپروائيزر جي پويان پيا تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو."

"پر بل بہ تہ ويهن هزارن جو هو. مون سوچيو تہ اقبال سپروائيزر کجهہ ڪندو." هن کي ڏاڍي پشيماني پئي آئي پنهنجو پاڻ تي.

سندس زال کجهہ بہ نہ چيو.

"پر بجلي بہ اڄ ئي ڪٽي هئي." هن آهستي چيو.

"چوندا آهن تہ مشڪلاتون هڪ ٻئي پٺيان نہ بلڪ گڏ ايندیون آهن." سندس زال آهستي چيو. هن ميڙ بتي جي روشني ۾ پنهنجي زال جي مک کي ڏٺو جيڪا ڪائنس ڪيترا ورهيہ ننڍي هئي ۽ ڏٺو ڪيس ڏاڍي افسوس وچان (ڪيڏي نہ سڻي..... باهر رهندڙ چوڪري ساٿس ڪيئن نہ، ڪهڙي ريت، ڪهڙين نہ انيڪ ۽ طرحين طرحين جي مشڪلاتن سان منهن پئي ڏنو. ۽ هو هيو جو هر ڳالهہ ۽ ذميوارين کان پئي پڃو.)

"آءِ ايم ساري." هن زال کي آڇت ڏنو.

"مڙيئي خير آهي، زندگيءَ ۾ هي ڏينهن بہ آخر ڏسڻا هئا.... پر توهان ماني...."

"نہ، ماني نہ کائيندس، پر توهان سامان ڪٽان آندو؟"

"توهان جي پاءُ کي فون ڪيم، هن بصر، پٽاٽا، تيل ۽ چانهہ ڏياري موڪلي."

هن کي اونداهي ۾ پکڙيل سجو گهر کائڻ لڳو. مڇر سندس ڪن ۾ يون يون ڪرڻ لڳا. هن زال کي چيو، "ٻارن کي اندر سمهاريو ها، هتي تہ مڇر ڏاڍا آهن؟"

"اندر بہ مڇر گهٽا آهن، توهان بہ هتي صوفي تي ليٽي پئو، جهڙي تهڙي رات گذري ويندي." هن جي زال چيو.

"ها جهڙي تهڙي رات ئي گذارڻي آهي. پر تون دلگير نہ ٿي، مان صبح سان ڪجهہ نہ ڪجهہ بندوبست ڪري بجلي ڪولرائي ونندس."

"اڄ ننڍڙي کي بخار ٿي پيو اٿو." هن جي زال چيو.

"بخار! ڪڏهن..... پر ڪير....." هن سوال ڪيو.

"اڄ ڪير ڪونہ هو. توهان کي تہ خبر آهي ننڍڙي ايس 26

کانسواءِ ٻيو ڪير پيئي ٿي ڪونہ ۽ ڏٻي وارو ڪير ختم ٿي ويو هو.“

”واقعي مان ڏاڍو پشيمان آهيان، تنهنجي آڏو!“ هن چيو.

هن جي زال ڪجهہ بہ وراڻي نہ ڏني ۽ ماڻ ڪري ڪيس رومال ۾ ويڙهيل ننڍڙي هڙ هٿ ۾ ڏني. هن خاموشي سان رومال جي ڳنڍ کولي، ان ۾ سندس زال جون ڇهہ سونيون چوڙيون پيل هيون.

”هي ڇا!“ هن آهستي چيو.

”منهنجون چوڙيون اٿو. صبح جو وڪڻي پنهنجو مسئلو حل ڪري ڇڏجو.“ سندس زال اهو چئي ماڻ ڪري ننڍڙي جي پاسي ۾ ليٽي پئي. هن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ جڙ ڪنهن زبان بند ڪري ڇڏي هجي هن جي. هن ڪجهہ چوڻ چاهيو پر لفظ سندس زبان ۾ اٽڪي پيا ۽ هو بہ ماڻ ٿي ڪوڇ تي ليٽي پيو. سندس ذهن ۾ ڪيترا خيال، ڪيترين ڳالهيون ٻاهرن ڪنڌن وانگر چيڙ لڳيون..... هن ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو تہ زندگي ڪنهن موڙ تي ائين اوچتو اوچتو پنهنجي سمورين بي رحمين سان اڇي سندس مقابلو ڪندي! ائين اڇي سمورا ڏک سندس جهول ۾ اڇلائيندي، جو هو انهن جي بار ۾ ويندو ڏٻجي! (آءٌ جهليان ٿو جهول....) ڇا مان حياتي جي هن وهندڙ درياءَ جي ڪنهن ڪن ۾ قاسي ڇڪو آهيان؟ نہ ڪائي راهہ، نہ ڪائي منزل، نہ ڪوئي ماڳ ۽ نہ وري ڪائي روشن راهہ ۽ مان هن حياتي جي ماڳ تي هلندڙ ٽڪل مسافر، نہ ڪوئي آ ڪنهن جو ساڻ، نہ ڪنهن جي پلڪن جي ڇانو ۾ گهڙي پل لاءِ ساهہ کڻڻ جي آس؟

هن کي احساس ٿيو تہ هو پنهنجي ذاتي نظرين، خيالن ۽ سوچن جي سزا پنهنجي زال ۽ ٻارن کي ڏئي رهيو هو. آخرڪار مان ڇاهيان ڇا ٿو.

ٻاهر ڪيترا ڪتا اوچتو پونکڻ لڳا تہ سندس ڏيءَ چرڪ پري روئڻ لڳي.

هن جي زال ٻارڙي جي روئڻ تي ڪٽي ننڍڙي جي وات ۾ فيڊر ڏني ۽ ٻارڙي پنهنجن ننڍڙن هٿن سان فيڊر جهلي پيئڻ لڳي: هن اٿي ڏيان سان بوتل کي ڏنو، ميڙ بتي جي روشني ۾ بوتل اندر نلهو

پاڻي صاف نظر اچي رهيو هو.

هن جي دل کي هڪ جهوبو آيو. هو اُٿي ويهي رهيو ۽ زال کي چيائين، "ننڊڙيءَ کي ڇا ڏنو اٿئي؟"

سندس زال جون اکيون بند هيون پر شايد جاڳي رهي هئي. آهستي هن کي وراڻي ڏنائين، "بيبيءَ کي پاڻي ۾ ڪنڊ ملائي ڏني اٿم، توهين سمهي پئو."

پر هو نه ستو، ننڊ هن جي نيٽن کان پري پيڇي وئي هئي. هو اُٿيو ۽ آهستي آهستي هلندي ٻئي ڪمري جي دري کولي، ٻاهر هر طرف کان پکڙيل رات کي ڏسڻ لڳو. ڇوطرف رات جو راڄ هو، پريان قاسم آباد جون بتيون بہ جهڙوڪر ننڊ ۾ ستل هيون.

هن کي الائي ڇو محسوس ٿي رهيو هو تہ هو رستو ڀلجي ڇڪو هو. خوابن ۽ خيالن ۾ پنهنجي منزل کان پري هٽي وڃي ڪنهن ٻئي رستي تي پهتو هو يا منزل وڃائي ويٺو هو. ڪنهن اٽڄاتل قافلي ۾ کوڙجي ويو هو، پر هن جي وڃائجي وڃڻ ۾ بہ تہ ڪا معنيٰ نہ هئي. ڪائي معنيٰ ناهي هن حياتي کي (هن جي من ۾، هن جي ذهن تي هڻا ڪيترن مونجهارن جا ڇاروڇايل)

هن کي الائي ڇو لڳندو هو،

لڳندو آهي تہ هو جڏ ڪنهن ريگستاني سفر تي نڪتو آهي، رات ڏڳهي ۽ اونداهي ۽ هو ريگستاني چيلهي تي جنهن جي ٻنهي پاسن کان بينل آهن اڪ جا گهاٽا ٻوٽا، تن تي وڇ ۾ هو وڃي پيو هلندو پنڌ ئي پنڌ..... ساهہ منجهي ٿو پر رستو نٽو ڪٽي، رستو ڪٽي نٽو ۽ رستو ڪٽي نٽو، رستو ڪٽي پوندو..... رستو ڪڏهن بہ ناهي ڪٽڻو..... رستو ائين ئي ڏڳهو ٽيندو ويندو..... ۽ هوئي هلي هلي، اڌ پنڌ ۾ ڪٽي پوندو ٽڪجي..... پوندو ٽڪجي.....

اوچتو ڪوئي ولر کان وڇڙيل پنڇي آڪاش ۾ رڙيون ڪندو اچي اُڏاڻو. هن ڇرڪ پيري ٻاهر پکڙيل رات کي ڏنو جيڪا سندس سامهون آهستي آهستي رڙهي رهي هئي.....

۽ صبح ٽيڻ ۾ ايڇا الائي ڪيترو وقت باقي هو.....؟

(ڪاوش ڪهاڻي ڪتاب 1995ع)

هوجي مُئا ماڳ ۾

ناولیٹ

سروم دکم دکم

۽ اُن رات ئي رخسانہ کي ياد آيو۔ راحيل هڪ پيرو چيو هو: "زندگيءَ جو اصل مقصد سڪون آهي، ۽ خوش نصيب آهن اُهي ماڻهو، جن کي دل جو سڪون نصيب آهي."

"چيو تہ برابر ائين هڻائين، پر اهو ڪيس ڇو ياد آيو؟" رخسانہ سوچيو. رخسانہ، جيڪا اُن مهل جيمخاني کان موٽڻ بعد اڇي اکيلي اکيلي، دريءَ مان باهر، گهٽو دور اونداهيءَ ۾ وٽن جي هُن پارنهاري رهي هئي، تنهن کي محسوس ٿيو تہ سندس نهار ۾ ڇڻ ڪا ڳولا هئي. پر، ڳولا ڪنهن جي هئي، ان جي ڪيس بہ ڪا ڄاڻ نہ هئي..... زندگيءَ جو اصل مقصد سڪون آهي!..... زندگيءَ جو اصل مقصد سڪون آهي!..... سڪون! سڪون؟ اڄ ڪيس بي اختيار اهو احساس ٿي رهيو هو تہ زندگيءَ ۾ سڪون ئي سڀ کان وڏي شيءِ آهي. سڪون، جنهن جي ڳولا ۾ انسان سدائين پيتڪندو رهي ٿو. سڪون، جنهن جي خواهش هن ڪڏهن بہ يونيورسٽيءَ جي پڙهائيءَ واري دور ۾ نہ ڪئي هئي. (تڏهن هوءَ سوچيندي هئي تہ زندگي ائين ئي هلندي رهندي، ڪلندي ۽ ڳالهائيندي!) پر ڇا هِن زندگيءَ ۾ ڪيس سڪون حاصل نہ هو؟ "هينڊ سم" ڪامورو مڙس، شاندار بنگلو، نئين ماڊل جي ڪار. ۽ .....؟ پر اهو سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪيس اڄ پهريون پيرو احساس ٿيو هو تہ هن جي دل کي سڪون نصيب نہ هو- عجيب ڳالهہ آهي. شاديءَ کي ٽئي ايڇا سال مس ٿيو آهي ۽ مان ائين سوچي رهي آهيان، مون کي ائين سوچڻ ڪيئي بہ الائي نہ؟ هن سوچيو.

اڄ هن جي ذهن ۾ مونجهارن جا ڇارهڻا۔ انيڪ ڇار، جن ۾ هن

پنهنجي پاڻ کي ڦاسندي پئي محسوس ڪيو. هوءَ اڄ پهريون پيرو جيمخاني کان موٽڻ بعد ائين ڪپڙن بدلائڻ بنا اچي بيزار بيزار دريءَ ۾ بيٺي هئي. ڪيتري وقت کان. هن پنهنجي شخصيت جي چوگرد جيڪو هٿرادو خول ٺاهي چڏيو هو، اُهو اڄ ڪيس ٽٽندي پئي محسوس ٿيو. ڪو وقت ٿيو جو هن پنهنجي ماضيءَ کي وساريڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. دور گهٽو دور پڇڙ چاهيو هئائين، پنهنجي ماضيءَ کان ۽ وساريڻ چاهيو هئائين سڀ ڪجهہ! پر ڇا انسان پنهنجي ماضيءَ کان دور پڇي سگهي ٿو؟ ماضي، جيڪو انسان جي پٺ ڪنهن پاڇي جيان ڪڏهن بہ نٽو چڏي. ماضي جيڪو انسان پاڻ ئي آهي. (ڇا مان بہ فقط ماضي آهيان؟ منهنجو ڪو حال ۽ مستقبل ڪونهي؟) ۽ سڀ ڪجهہ وساريڻ بہ تہ ڏاڍو ڏکيو آهي. انسان ڪيترو بہ دور پڇي پنهنجي ماضيءَ کان، پر ماضي ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ، زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي، ڪنهن حادثي، ڪنهن واقعي جي صورت ۾ اچيو ٽڪرائي، جنهن کان پوءِ انسان هڪ پيرو وري پنهنجي انميءَ ساڻ ئي ماضيءَ ۾ موٽي وڃي ٿو. جنهن کان هو سدائين دور گهٽو دور پڇڙ چاهيندو آهي. وسريڻ ۽ پڇڙ ڪجهہ بہ انسان جي هٿ ۾ نہ آهي! ("انسان، جيڪو اڄا تائين زندگيءَ جي اڻيان مجبور ۽ بيوس ٿيو بينو آهي!" راحيل چوندو هو!)

پر هي ڪهڙا مونجهارن جا ڄار هئا؟ ڪهڙين يادگيرين جا انيڪ نہ ڪٽندڙ سلسلا هئا، جن مان هن جيترو پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، ايترو ويتر انهن ۾ ڦاسندي پئي ويئي. سندس ذهن جڙ خيال جو ڪو سمنڊ هو. سمنڊ، جنهن ۾ ڪئين خيال لهرن جيان اچي ۽ وڃي رهيا هئا. هن پنهنجي ذهن مان سڀ ڪجهہ ڪيڑ چاهيو. "مون کي ڪپڙا متائي، ننڊ جي گوري ڪائڻ ڪپي."

"بيگم صاحب توهان ماني ڪائيندا نہ" آواز نوڪرياڻيءَ جو هو، جيڪو هن نہ ٻڌو.

....

"بيگم صاحب توهان...."

هُن چرڪ پريو. پويان نهاريائين تہ نوڪرياڻي سندس پر ۾ بيٺي هئي.

"چا آهي؟"

"توهان ماني کائيندا؟"

"نہ." هن کيس غير انساني آواز ۾ چڙڀ ڏني. نوڪرياڻي کيس عجيب نظرن سان ڏسندي ويئي هلي. نوڪرياڻي ويئي تہ کيس پنهنجي پاڻ تي ڪجھ تعجب ٿيو. پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجي انميءَ انوکي ورتاءُ تي.

"پر مان اهو سڀ ڪجھ ڇو سوچي رهي آهيان؟ هي خيال، هي سوچون تہ مون کي مينٽل ڪيس بنائي ڇڏيندا..... ڇو ويس اڄ جيم خاني؟ نہ ويجان ها، نہ ئي اُتي اقبال ۽ نسرين سان ملاقات ٿئي ها، ۽ نہ ئي وري ڪو راحيل ياد پوي ها." راحيل، جنهن کي هُن الائي ڪيتري وقت تائين پنهنجن سپنن ۽ خيالن ۾ پنهنجو ۽ فقط پنهنجو سمجهيو هو. راحيل، جنهن سان هن جي زندگيءَ جي الائي ڪهڙين ڪهڙين يادگيرين جا نہ ختم ٿيندڙ سلسلا گڏيل هئا.....

يونيورسٽيءَ جي پڙهائيءَ وارو آزاد ماحول. آزاد زندگي، آزاد فضائون ۽ روز هنگاما. (۽ هر هنگامي ۾ راحيل اڳيان.) آرٽس بلاڪ جا ڏگها ڪاريڈور، ڪئمپس ۾ هلندڙ تيز هوائون ۽ الائي ڪيترا چهرا، جيڪي سدائين هن پڙهائيءَ واري عرصي ۾ گڏ هوندا آهن. جيڪي پوءِ زندگيءَ جي هن بي معنيٰ ۽ بي مقصد پيڙ ۾ هميشه هميشه لاءِ الائي ڪيڏانهن گم ٿيو وڃن. عجيب ڳالهه آهي، ته اهي چهرا اسان کي زندگيءَ ۾ فقط هڪ ئي پيرو ملندا آهن. (هيءَ زندگي به ڪيڏي نه وسيع ۽ ڦليل آهي!) ۽ هي پڙهائيءَ وارو دور به ڪيڏو نه عجيب ۽ اڻ وسرندڙ ٿئي ٿو. ڪاش! انسان سدائين ائين گهمندي، ڦرندي ۽ پڙهندي زندگي گذاري سگهي! ۽ اهو وقت به ڪيترو نه عجيب هوندو آهي. نه ڪنهن جو ڊپ نه ڪنهن جي پرواهه. ڪڏهن ڪنهن سوچيو به نه هو ته ڪو اهو وقت ائين گذري ويندو. آخر وقت ايترو جلدي ڇو ٿو گذري وڃي؟ عجيب ڳالهه آهي. (۽ شايد هر ڳالهه مون کي عجيب ئي لڳندي آهي.) جڏهن اهو وقت هوندو آهي ته اسان کي اُن جو ڪو احساس نه هوندو آهي. لڳندو آهي ته جڏهن اهو وقت ائين ئي هلندو رهندو، پر پوءِ الائي ڪيئن اهو وقت اسان کي اوچتو ئي اوچتو اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن گم ٿيو وڃي. پوءِ جڏهن وقت اسان جي هٿن مان ڇڏائجي وڃي ٿو، ته پوءِ اسان کي انهيءَ گذري ويل وقت جي وڇوڙ جو بيحد احساس ٿيندو آهي. پر پوءِ فقط احساس وڃي رهندو آهي- ۽ زندگيءَ ۾، سواءِ احساسن جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

اوچتو ڪيس ياد آيو. هڪ پيرو ڪنهن بحث ۾ راحيل آرٽس بلاڪ جي متئين ماڙ تي اُنهيءَ ڏگهي ڪاريڈور ۾ چيو هو: "انسان زندگيءَ ۾ بيحد اڪيلو آهي، تنها آهي. تنهائي اڄ جي انسان جو مقدر بنجي چڪي آهي. پر سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها تنهائي به انسان کي ميسر نه آهي. پر پوءِ به انهيءَ تنهائيءَ ۾ انسان جو بهترين ساٿي اُن جو پنهنجو ماضي آهي. ماضي، جنهن ۾ ڪيترين ئي يادگيرين جا هار پکڙيا پيا هوندا آهن، جنهن کان انسان پنهنجي ڪڏهن به جند نٿو ڇڏائي سگهي!"

"بڪواس آهي اها." هن ڪاوڙ مان چيو هو، "ماضي، تنهائي،

چا آهي اهو سڀ ڪجھ It is only a romantic idea.... ۽ مون کي حيرت آهي. تون پاڻ کي انقلابي ۽ سڌائين ٿو ۽ اهڙين غير انقلابي ڳالهين ۾ ۽ يقين رکين ٿو."

"رخسانہ، هيءَ زندگي ڏاڍي عجيب ۽ سمجھ ۾ نہ ايندڙ چيز آهي. هن زندگيءَ ۾ اسين ڏاڍا مجبور ۽ بيوس آهيون. ايترا مجبور جو اسان کي پاڻ پنهنجي انهيءَ مجبوري ۽ بيوسيءَ جو احساس ڪونهي. اسان جون خواهشون، اسان جون سوچون ۽ اسان جي ڪجھ ڪرڻ جي خواهش وقت ۽ تاريخ جي وهڪري ۾ لڙهيو وڃي ۽ اسين....."

اقبال، جيڪو ايترو وقت چپ هو، تنهن راحيل جي ڳالھ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هو: "تون ڪڏهن ۽ سچو انقلابي نہ ٿي سگھندين. اهي سڀ ڳالهيون وچولي ڪلاس واري واهيات رومانٽسزم جون نشانيون آهن. اسان کي اهو ڪلاس ڏاهٽو آهي. انهيءَ ڪلاس جي ريتن رسمن سماج ۽ سوسائٽيءَ کي ڏاهٽو آهي. مون کي حيرت آهي، تون انهن Anti Revolutionary ڳالهين ۾ يقين رکڻ لڳو آهين. پاڻ کي تہ سڌائين پرولتاري ڪلاس جي مستقبل ۾ يقين رکڻ ڪپي."

راحيل سگريٽ دکائيندي، هڪ عجيب نظر سان اقبال کي ڏسندي چيو هو: "ڪامريڈ، For your Information تہ جنهن وچولي ڪلاس کي ڏاهڻ جي تون ڳالھ ڪرين ٿو، انهيءَ وچولي ڪلاس جو پاڻ وٽ ڪو وجود ڪونهي. پاڻ وٽ انهيءَ وچولي ڪلاس بدران "پوءِ ڏائو" ڪلاس آهي. اُپرندڙ وچولو ڪلاس جنهن جا تون ۽ مان نمائندا آهيون. جنهن ڪلاس جا پنهنجا ذاتي مفاد آهن، جيڪو ذاتي مفادن کي قومي مفادن کان وڌيڪ ٿو سمجھي، جنهن ڪلاس قومي تحريڪ کي پنهنجن ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو آهي، تاريخ ۽ وقت جو اهو پاڻ سان هڪ پيانڪ مذاق آهي، جو پنهنجو ڪو وچولو ڪلاس ڪونهي. تاريخ جي انهيءَ پيانڪ مذاق اسان کي هزارين سال پوئتي وڃي اڇلايو آهي. ڪير ڄاڻي تہ ان وچولي ڪلاس نہ هٿ ڪري اسين سڀ پوڳيندا رهنداسين... هتي ٻيو سڀ کان وڏو عذاب هي ٻہ ٽي پيو آهي، تہ هن اڄ جي دور ۾

انقلابي سڏائڻ ۾ هڪ فيشن ٿي پيو آهي. پر انقلابي ٿيڻ جو ڀلا اهو مقصد آهي ڇا ته اسان زندگيءَ جي حقيقتن کان ۾ پري پڇون؟ زندگي سکن ۾ ڏکن جو ٻيو نالو آهي. اوهان آخر زندگيءَ جي بي رحمين ۾ بيهودگين کي ڇو ٿا وساريو؟ زندگي موت ۾ جيڪا اسان کي مايوسي ڏئي ٿي، ڏک ڏئي ٿي، ڇا انهيءَ تي سوچڻ غير انقلابي آهي؟ ڇا انسان جي احساسن ۾ جذبن جي ڪا اهميت ڪانهي؟ انسان جا جذبا ۽ احساس، زندگي جي سيني ۾ين شين کان مٿانهان آهن. انسان سياسي نظرين جو ٺاهيل ڪونهي، پر نظريا انسان جا پنهنجا ٺاهيل آهن!..... پر ڪامريڊ، تون ڪميونسٽ آهين نه، توهان جي اڳيان انسان فقط هڪ مشين جيان آهي، جنهن کي جڏهن مرضي پوي use ڪري اڇلائي ڇڏجي. پر دوست، مون لاءِ انساني جذبا، احساس ۽ انسان جي اندر جي آزادي سڀ کان مٿانهين حيثيت رکن ٿا ۽ توهين جيڪي Revolution جي ڳالهه وڏي زور شور سان ڪريو ٿا، سي هن زندگيءَ ۽ انسانن کي ڪڏهن ۾ نه سمجهي سگهندا... منهنجي هڪ ڳالهه سدائين ياد رکجائين ته هن زندگيءَ متعلق ڪوبه نظريو آخري نه آهي. مارڪسزم ۾ ڪو آخري نظريو ڪونهي. زندگي ڪو بيئل پاٽيءَ جو تلاءُ ڪونهي. هي وهندڙ درياهه آهي. هن وهندڙ درياهه ۾ ڪئين لهرون ايندين ۽ ويندين رهنديون. زندگيءَ بابت ڪير ۾ هن ڌرتيءَ تي ڪو آخري رايو نٿو ڏيئي سگهي. جيڪڏهن ائين هجي ته پوءِ ايندڙ نسل کي چوڻ لاءِ باقي ڇا وڃي رهندو؟ ۽ آخر ۾ مان توکي اها ڳالهه ۾ ٻڌائي ٿو ڇڏيان، ته هن دور جو انسان جيڪڏهن مذهب کي ڇڏي ڇڪو آهي ته اُن جو ڪو اهو مطلب ڪونهي ته ڪيس مارڪس جي جدلياتي ماديت سيٽسفاءِ ڪري سگهي ٿي. هن دور جو انسان آزاد آهي ۽ آزاد رهڻ چاهي ٿو ۽ هن دور جي انسان جي بنيادي گهرج سندس اندر جي آزادي آهي."

ائين چئي، راحيل اُداس ٿي ويو هو. سگريٽ جي دونهي ۾ سندس دونهانٽيل چهرو وڌيڪ دونهانٽيل پئي لڳو. "پر مون کي توهان سان بحث نه ڪرڻ ڪپي. مان الائي ڇو ڪميونسٽن سان

بحث ڪندي گورڪي، مايا ڪوفسڪي، يسينين، ايليا اهرن برگ، بورز پيسٽرنڪ، يولي ڊينيل ۽ آندري سيناسڪي جي انجام کي وساري ويهندي آهيان."

اقبال هڪ ٽهڪ ڏنو هو. پنهنجو هڪ خاص اندر وارو ٽهڪ ۽ هڪ ٽوڪ سان پريل نگاهه سان راحيل ڏانهن ڏسندي چيو هو، "روايتي اينٽي ڪميونسٽن وانگر تنهنجا به اهي دليل بيڪار آهن. ساٿيو، اسان جو هي انقلابي ساٿي، انقلاب جي هن ڏگهي پنڌ ۾ اسان جو ساٿ نه ڏيئي سگهندو. جلدي ٿڪجي ويهي رهندو پنهنجي انهن Anti Revolutionary سوچن جي ڪري..... ۽ منهنجا دوست، تون هن انقلابي موومينٽ لاءِ بلڪل قابل نه آهين. تون هڪ ڏينهن اسان جو ساٿ ڇڏي ويندين."

۽ اڄ.

جيم خاني ۾ اقبال ۽ نسرين سان ملڻ بعد رخسانه کي احساس ٿي رهيو هو ته ٿڪو ڪير هو؟ ساٿ ڪنهن ڇڏيو هو؟ اقبال، جيڪو انتها پسنديءَ جا نعرا هڻندي هڻندي وڃي پروفيسر ٿيو هو، يا راحيل، جيڪو اڄ ڪنهن جيل جي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند هوندو يا ڪٽي روپوشيءَ واري زندگي گذارينڊو هوندو يا ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ جلاوطني جي زندگي.....؟

"اُف خدايا، هيءَ زندگي به ته ڪيڏي عجيب ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي! زندگي، جيڪا فقط هڪ ئي پيرو ملي آهي. زندگي، جيڪا وري ڪڏهن به نه ملندي: اُها زندگي انسان ائين ڪنهن مقصد جي پٽيان ڪيئن ٿو وڃايو ڇڏي؟ (مقصد؟ بڪواس!؟) پر ڇا مقصد يا آدرش جي به گذاري سگهي ٿو..... پر نه، شايد سڀ وسيلا آهن خوشين حاصل ڪرڻ جا! سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونه ڪو مقصد يا آدرش بنائڻو پوي ٿو. پر ڇا انسان کي اها خوشي به حاصل ٿئي ٿي، جنهن خوشي ۽ سڪون کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ائين زندگيءَ جي بي رحميءَ سان وڙهندو رهي ٿو؟..... ڪير ڪٽي خوش هوندو، ڪير ڪٽي؟ ڪنهن کي ڪٽان خوشي ملي ٿي ۽ ڪنهن کي خبر ناهي ڪٽان؟ هتي مان شادي ڪرڻ کان پوءِ خوش نه آهيان.

هُتي کو ٻيو الائي ڪٿي سُکون جي ڳولا ۾ پٽڪندو هوندو. پر ڪٿي؟ ڪٿي هوندو هو؟ ائين ڇو ٿيو؟ هُن پنهنجي زندگي ائين تباهه ڇو ڪئي؟ هُن ته ڪڏهن به ڪا وڏي ڳالهه نه ڪئي. هو ته سدائين زندگيءَ جي بي رحمين سان مقابلي ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو هو. چوندو هو ته ڪي ڪي ماڻهو پيدا ئي ان لاءِ ٿيندا آهن ته هو ائين زندگيءَ جي بي رحمين سان مقابلو ڪندا رهن. ڪاش جيڪڏهن وقت اسان سان انهيءَ مقابلي ۾ ساٿ ڏئي ته اسين هر شيءِ کي شڪست ڏيئي سگهون ٿا. پر وقت اسان سان سدائين ان مقابلي ۾ دوکو ڪيو ويجي.

"شايد صحيح ڇيو هڻائين." هُن سوچيو. "ڪي ڪي ماڻهو شايد جنم ئي ان لاءِ ونندا آهن، ته ائين چپ چاپ زندگيءَ جي ظلم جو شڪار بنجي وڃن ۽ ٿيو به شايد ائين....." هن جي دل ڀرجي آئي. "پر مون ته انهيءَ مقابلي ۾ سندس ساٿ ڏيڻ ٿي چاهيو. زندگيءَ جي هن اداس ۽ ويران پنڌ ۾ ساٿس گڏ ٿي هلڻ چاهيو..... انسان جي زندگيءَ ۾ سدائين ڪي نه ڪي خواهشون جنم ونديون رهنديون آهن. (انسان جي اندر ۾ الائي ڇا ڇا لڪل آهي. ڪا خبر نٿي پوي ته اسان جون خواهشون ۽ اميدون عارضي آهن يا مستقل. پر مان سمجهان ٿي ته انسان جون خواهشون به هن زندگيءَ وانگر عارضي آهن. زندگيءَ جي ڪنهن دور ۾ ڪي خواهشون ڪنهن کي چاهڻ جي شڪل ۾ جنم ونديون رهنديون آهن. پر پوءِ جڏهن ڪنهن کي حاصل ڪرڻ جي خواهش نامڪمل رهجي ويجي ٿي، ته پوءِ انسان ڪجهه وقت لاءِ پاڻ کي هڪ عجيب محسوسات جي دنيا ۾ قائل محسوس ڪندو آهي..... پر نه، فقط ڪجهه وقت جي لاءِ کي جذبا انسان تي اچن ٿا. پوءِ هو ساڳئي جو ساڳيو ٿيو وڃي. صرف اندر ۾ ڪي نه ڇٽندڙ زخم پيدا ٿي وڃن ٿا، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن وري اُتلي انسان جي اندر ۾ڪي ٻيا نوان زخم پيدا ڪندا آهن..... پر نه، هيءَ زندگي به عارضي آهي. انسان جون خواهشون، اميدون ۽ آسرا به عارضي آهن. انسان ڪجهه به نٿو محسوس ڪري. هيءَ دنيا تمام وڏي آهي. هن دنيا ۾ رهندي. انسان جي

زندگيءَ ۾ هزارين غم ۽ هزارين دُک آهن. شايد زندگي ۾ هڪ حادثو آهي، جنهن ۾ اهي دُک ۽ غم ٻين حادثن جي صورت ۾ ايندا رهن ٿا. انسان کي هن زندگيءَ ۾ سدائين ڪنهن نہ ڪنهن دُک ۽ غم لاءِ تيار رهڻ کپي. ۽ انسان ۾ حادثن کان ۽ پنهنجي ايندڙ مستقبل کان ڪيترو نہ اڻ واقف آهي. ڪا خبر نٿي پوي تہ ايندڙ وقت ڪهڙا ڪهڙا حادثا ۽ ڪهڙا ڪهڙا دُک ڪٽي ٿو اچي.....) پر اسان جي اندر ۾ آخر ڪنهن کي اپنائڻ جي خواهش جنم ڇو ٿي ونڊي؟ مون ۾ تہ ڪنهن زماني ۾ راحيل کي چاهيو هو. منهنجي ۾ تہ شايد اهائي خواهش هئي، تہ مان ۽ هو زندگي گڏ گذاريون! انهيءَ يونيورسٽيءَ واري دور ۾ منهنجي ۾ تہ اهائي خواهش هئي. (ڪيڏي نہ واهيات خواهش هئي!) ۽ اهو زمانو ۾ تہ ڏاڍو عجيب ۽ جذباتي هوندو آهي. مان پائيندي هيس تہ هن کان سواءِ زندهہ نہ رهي سگهنديس. هن سان جڏهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪندي هيس تہ هو عجيب پاڳل انسان، خبر ناهي ڪهڙي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ فلاسافي ڪولي ويهندو هو. (هن جو پيار ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان هو شايد. پر خبر ناهي ڪير هئي اُها؟) ..... پر فلاسافي هن جي ئي صحيح هئي. مان، جيڪا پائيندي هيس تہ هن بنا زندهہ نہ رهي سگهنديس، سا شادي ڪري چڪي آهيان، ۽ هو ائين تنها رهجي ويو، زندگيءَ جي هنن اونداهن رستن تي! اسين هِن لوئر مڊل ڪلاس جون ڇوڪريون الائي ايتريون جذباتي ۽ سينزيٽو ڇو هونديون آهيون؟ موٽر، بنگلي ۽ زندگيءَ جي خوشين کي، هر چيز کان مٿي سمجهڻ ۾ تہ وڏو دوکو آهي..... پر، جيڪي ڪجهہ ٿي ويو، اُن تي سوچڻ ڇا ضروري آهي؟ پر، ڪيتري وقت کان مان ائين بيٺي آهيان، بنا ڪنهن مقصد جي؟ مون کي سمجهڻ کپي. بيچيني ۽ بيزاريءَ جو ٻيو علاج نندِ ۾ تہ آهي. (۽ نندِ جيڪا هوندي ۾ نہ آهي ۽ الائي ڪيسين تائين نہ هوندي.....).....

۽سوچيندي سوچيندي هن کي محسوس ٿيو، تہ هوءَ اڪٽي سوچڻ کان ڪيٻائي رهي هئي. هن ٻاهر نهاريو. ٻاهر اوندهہ هئي، روشني هئي، تيز هوا هئي، ۽ هڪ عجيب سناٽو چانيل هو هر طرف

کان. سنسان روڊ تي بيٺل وڻ ۾ انهن جا پاڇا ڪجهہ عجيب لڳي رهيا هئا. هوا جو ڪو تيز جهوٽو لڳو ۽ هڪ عجيب آواز وايومنڊل ۾ گونجيو ۽ وري خاموشي. سناٽو. بي انت خاموشي. هر پاسي کان ڇانيل سناٽي ۽ خاموشيءَ کان ڪيس اڻ ڄاتل ڊپ ٽپڻ لڳو. (.....اسين خوف جي اڻ ڄاتل ديوارن ۾ بند آهي انسان آهيون، جن کي هر چيز کان صرف خوف ٽيندو آ. پر نہ. اسين خوف ۽ ڊپ جي ديوارن کان نہ، پر فقط پنهنجي پاڻ کان خوف کائيندا آهيون..... هي اسان جي آس پاس کان ڇانيل سناٽو تہ ازلي ۽ ابدي آهي. انهي سناٽي ۾ هلندڙ تيز هوا جي جهوٽن ۽ انهيءَ خوف جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي. سناٽو هوا ۽ خوف، صدين کان قائم آهي..... ۽ انسان؟ انسان فقط خاموشيءَ ۾ مري ويڃي ٿو..... پر هي سڀ ڪجهہ آخر آهي ڇا؟ ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪو سبب بہ تہ هوندو. سبب آهي بہ الائي نہ، ان جي ڪا خبر ڪانهي. پر ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪو سبب ڪونهي. هر شيءِ ائين آهي ۽ ائين رهندي.....

روڊ تان ڪا ٽرڪ تيز رفتاريءَ سان لنگهي ويئي. ٽرڪ جي شور ڪجهہ دير لاءِ سانت کي ٽوڙيو. هن تيزيءَ سان ويندڙ ٽرڪ جي پوين ڳاڙهين بتين ڏانهن ڏٺو: "ذليل، ڪيڏو نہ تيز ٿا هلائين..... ڪو ٻار هجي ها رستي تي تہ پوءِ؟..... ٻار؟ ٻار، هينئر ڪٽان ايندو هن مهل، هن سنسان روڊ تي!" هن بيزاريءَ مان خالي خالي رستي ڏانهن ڏٺو، جنهن تي سواءِ خاموشيءَ جي، تيز هوا جي جهوٽن ۽ ميرانجهڙن پول جي بلبن جي روشنائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ..... (ڪاش، ڪير هجي جيڪو مون کي اچي ٻڌائي تہ انسان زندگيءَ ۾ ايترو اڪيلو ۽ بيوس ڇو آهي. انسان، اڪيلي ۽ بيوس زندگيءَ سان گڏ لڙهندو وڃي پيو هي سمنڊ جهاڳيندو. سمنڊ، جيڪو پاڻ زندگي آهي. عميق آهي. ۽ .....)

۽ هن کي ياد آيو. هوءَ ننڍڙي هوندي شايد هنن ئي رستن تان گذري ٽنڊي غلام حسين ويندي هئي. (تڏهن هيءَ لطيف آباد نہ هئي هتي) ٽنڊو غلام حسين! ڪچا ۽ ڪشادين ڇتين وارا گهر، علم ، پڙ. سيج!..... هتي تہ سڄ لڳي پئي هوندي هئي. محرم جي مهيني

جي مجلس ۾ ان ۾ پٽيندڙ ۾ روئندڙ عورتون (پٽر پرائو، سور پنهنجا سپ کا روئي!) زندگيءَ جو سپ کان سٽو دور نندپٽ جو ئي ٽئي ٽو ۾ ڪيئن نہ نندڙي هوندي سيج ڏسڻ لاءِ ٽنڊي غلام حسين ويندا هئاسين..... گهران هلندي ته ٽانگو ملندو هو، پر موٽندي کا سواري کانہ ملندي هئي. ٽانگي واري کي اڳواٽ پئسا ڏيا هئا، جيڪو واپس اچي ڪٽندو هو..... ۾ ڪيتريون ته زالون گڏجي هلنديون هيون! نانيِ امان.... ڪاري بچائي..... لالي ڪزو..... مائي حاجاٽي..... ۾ جيجي بچائي..... پر اهي سپ ڪيڏانهن ويون؟ ڪيڏانهن ويون اهي سپ؟ (۾ ڪيس سخت ڏک ٿيو، جڏهن ڪيس احساس ٿيو ته اهي سپ مري چڪيون آهن. سندس من پرجي آيو ته اهي چو مري ويون؟..... ۾ ڪين مُئي به ڪيڏي نہ مدت گذري چڪي آهي! موت به ڪيڏو نہ سخت ذليل ۾ بيوفا آهي.)

سوچيندي سوچيندي هن کي محسوس ٿيو، ته هوءَ بيحد ٽڪجي پئي هئي. هوءَ مٿو دريءَ سان لڳائي بيهي رهي. ٻاهر جي ٽڏي ٽڏي هوا سندس منهن سان ٽڪرائجي هلي ويئي. ڪيترا وار اڏامي اچي سندس منهن تي ڪريا. هُن خالي خالي نظرن سان هڪ پيرو وري هرويرو به ٻاهر ڏٺو. سامهون رستي جي پاسن کان بيئل بنگلن ۾ اونداهه هئي. بنگلن جا لان ويران ۾ سخت اونداهه ۾ ٻُڏل هئا. بنگلن جي بند درين جا روشن شيشا ۾.....؟

"هنن اونداهن ۾ سرد گهرن ۾ رهندڙ انسان به ڪيترا نہ سرد ۾ بي حس آهن. ڪير ڪنهن جي جذبي کان واقف ناهي ۾ جيڪڏهن ڪير آهي به ته پاڻ تي هڪ عجيب خاموشي ۾ بي حسيءَ جو پردو چاڙهيو ڇڏي..... اسين بلڪل هڪ ٻئي جي جذبن مان واقف آهيون. پر اسين فقط نفرت ڪري ڇاٽون ۾ نفرت جي لائق آهيون. نفرت، جنهن جو اظهار ڪڏهن ڪڏهن ڪندا آهيون ۾ ڪڏهن ڪڏهن منافقي ۾ مڪاريءَ کان ڪم ونِي اهو جذبو لڪايو ڇڏيون. (اسين سخت منافق آهيون. مڪار آهيون. ذليل آهيون ۾..... ۾ رحم جي لائق آهيون!)..... مون کي به ته پنهنجي مڙس کان ۾ پنهنجي هن ماحول کان سخت نفرت آهي.

چاڪاڻ تہ مان هن ڪلاس ۾ شامل نہ ٿي سگهي آهيان..... مون هن ڪلاس جي خواهش تہ ڪئي هئي، پر اڄ هن ڪلاس کان نفرت اٿم. مان پنهنجي پاڻ تي هڪ منافقيءَ جو هٿرادو خول چاڙهيو هن ڏکي ڏکي اُداس ۽ بي رنگ زندگي جو ساڻ ڏيئي رهي آهيان. چاڪاڻ تہ مان.....؟ پرّ..... خدايا! مون کي پاڻ کان ۽ هن زندگيءَ جي ماڻ کان بيحد ڊپ ٿو ٿئي. مون کي تہ هاڻ ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿو اچي. پر مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟ مون کي سمهڻ کپي. مون کي ڪجهہ نہ سوچڻ کپي.....“ اهو سوچيندي هوءَ ٽڪل ٽڪل قدمن سان هلندي اچي بيڊ تي ويٺي، بنا ڪنهن سوچ ۽ بنا ڪنهن جذبي جي (ٻاهر ڪيڏي نہ خاموشي، سمنڊ جهڙي ماڻ چانيل آهي!) ۽ مُنهنجو علاج بہ تہ گهري ۽ ڪڏهن بہ نہ ڦٽندڙ ننڊ ۾ آهي!.

(تخليق پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

اڏوهيءَ جيئن ڏکڙا

لان ۾ لڳل هلڪا هلڪا بلب ڪنهن ٻاري ڇڏيا. تہ رخسانا کي احساس ٿيو تہ شام پنهنجا پَر پکيڙي وڃڻ تي هئي. هُن پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو. جيڪو خاموشيءَ سان سگريٽ ڇڪي رهيو هو. اوچتو هُن کي پنهنجي هيڪلائيءَ جو گهرو احساس ٿيو. ڪجهہ دير اڳ ماحول تي جيڪا رنگيني ڇانيل هئي، اُها ڪا مهل ٿي تہ اُڏامي ڇڪي هئي. (زندگيءَ جي خوشين جا رنگ بہ تہ ڪيترا نہ ڦڪا آهن!) ماحول تي هڪ پيرو وري هڪ عجيب خاموشي ۽ بيزاري ڇائنجي ويئي هئي! هُن بيزاريءَ مان اولهہ ڏي شام جي آسمان ۾ نهاريو ڪئي: اولهہ ڏي، شام جو آسمان پنهنجي پوري اداسيءَ سان هن جي مٿان موجود هو، جنهن ۾ نيرا ۽ پيلا رنگ بدلجي رهيا هئا. (شام جي آسمان جا هي رنگ بہ ڪجهہ دير لاءِ آهن! فقط ڪجهہ وقت لاءِ. پوءِ هڪ گهري انڌوڪار ڇائنجي ويندي، جنهن ۾ تارن جي روشني نہ هجي تہ پوءِ؟ هر زندگيءَ جي چيز هتي مڪمل نہ آهي. هي سڄو ماندار بہ تہ فقط چند لمحن جو آهي. ۽ لمحا؟.....)

ٻاهر روڊ تان ڪائي موٽر تيز هارن وڄائيندي تيزيءَ سان لنگهي ويئي. هارن جي آواز سان گڏ سندس اندر ۾ ڪئين اونداهيون، پنهنجي پنهنجي مايوسين ۽ ناڪامين سان گڏ گهڙي آيون. ڪجهہ وقت اڳ هُن سامهون ويٺل اقبال سان جيڪو Astrology بابت بحث ڪيو هو، اهو هن مهل ڪيس سخت بي معنيٰ پئي لڳو. (هي سب ڪائنيننٽ بہ هتي جي انسان وانگر ايترو ئي پراسرار آهي، جيترو انسان پاڻ! پر سمجهہ ۾ نہ ايندڙ زندگيءَ جون اُهي قاتل قوتون ڪهڙيون آهن، جيڪي سدائين هتي جي وڻڪندڙ فنڪارڪي، تاريخ

جي اونداهن دورن ۾ ڏکي، هميشه هميشه لاءِ گمنامي ۾ گُم ڪري ڇڏيندیون آهن؟) اوچتو تيز هوا جا ڪي جھوٽا لڳا، جن هُن جي وارن کي اڇي منهن تي ڪيرايو. هن هڪ هٿ سان وار پري ڪندي هڪ پيرو وري پنهنجي مڙس ۽ اقبال ڏانهن ڏٺو، جن ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو هو. اقبال اوچتو ڪنهن ڳالهه تان ٽهڪ ڏنو. هُن ڪلندڙ اقبال ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ سندس زال نسرين ڏانهن جيڪا چپ چاپ هنن جو بحث ٻڌي رهي هئي. ڪيس الائي ڇولڳو، جڙ اقبال جو اهو ٽهڪ نقلي هو. ڪيس سخت ڪاوڙ لڳي. هن خبر ناهي ڪيئن چئي ڏنو، "اقبال حيرت جهڙي ڳالهه آهي، وقت سان گڏ تنهنجو اهو ٽهڪ اڃا نه بدلجي سگهيو آهي؟"

ان اوچتو ڳالهائڻ تي اقبال ڪجهه ڪنفيوز ٿي ويو ۽ نسرين مُرڪي ڏنو. سندس مڙس، جنهن اقبال سان ڳالهايو پئي، تنهن کي شايد سندس اهو وچ ۾ ڳالهائڻ نه وٽيو. هُن ڪلي اقبال کي چيو، "پروفيسر! توهان جو ڇا خيال آهي، ته هڪ وڏيڪ پڑهيل لکيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ به هڪ وڏي مصيبت آهي؟"

اقبال، جنهن پنهنجو پاڻ سنيالي ورتو هو، تنهن کلي چيو، "پنهنجو پنهنجو خيال آهي. پر مون کي انهيءَ ڳالهه جو اڃا اهڙو تجربو نه ٿي سگهيو آهي."

"پروفيسر، هيءَ توهان سان گڏ پڑهي آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءَ فلاسفر صاحب ماٺهن کي دعوت ڏيئي گهر ۾ گهرائي پوءِ ويهي انهن جو نفسياتي ڇيد ڪندي آهي."

رخسانا کي سخت ڪاوڙ لڳي. هن کي احساس ٿيو ته ڪيس اقبال ۽ نسرين کي چانهن پارٽيءَ تي پنهنجي گهر نه سڏڻ ڪپندو هو. سندس دل ٿي ته هوءَ هڪ ناهوکو جواب ڏئي پنهنجي مڙس کي، پر هن موقعي تي، هوءَ زهر جو ڏڪ پري چپ ٿي ويئي.

اقبال ڳالهه کي وڌندو ڏسي يڪدم ڳالهه کي بدلائڻ چاهيو. "نسرين تون چو چپ ڪيو وينی آهين؟"

نسرين، جيڪا هن وقت تائين چپ ڪيو وينی هئي، تنهن کلندي چيو، "مان توهان جو بحث ٻڌي رهي هيس."

رخسانا پنهنجي مڙس ڏانهن نهاريو، جيڪو اقبال کي ڏسي رهيو هو. هُن کي محسوس ٿيو، جڙ هوءَ هنن سيني جي وچ ۾ بيحد اجنبي ۽ بيحد اڪيلي آهي. (پر نہ اڪيلوتہ هتي هرڪو ئي آهي. هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ بي انتها اڪيلائي ۽ ويراني آهي. ڪو محسوس ڪري ٿو ۽ ڪو محسوس ڪري ہ اُن کي محسوس ڪرڻ نٿو ڏي!) اوچتو هن کي محسوس ٿيو، سندس مڙس اقبال کي ڪجهہ چئي رهيو هو. هُن پاڻ کي محفل ۾ واپس آڻڻ چاهيو. سندس مڙس اقبال کي چا چيو، اُهو هن نہ ٻڌو. هُن فقط اقبال کي ٻڌو، جيڪو چئي رهيو هو، "توهان جو چوڻ هو تہ انسان زندگيءَ جي حقيقتن کان فراريت چو چاهيندو آهي؟"

"ها، منهنجو اهوئي چوڻ هو تہ انسان زندگيءَ جي حقيقتن کان ڪيترو ہ دور ڀڄي، پر زندگيءَ جون اهي حقيقتون انسان کي هڪ نہ هڪ ڏينهن مجبور ڪري پنهنجي سڄي حقيقت مڃايو ڇڏين!"

اقبال، رخسانا ڏانهن ڏسندي چيو، "رخسانا تنهنجو چا خيال آهي؟"

رخسانا، جيڪا هڪ ڀيرو وري خبر ناهي چا سوچي رهي هئي، تنهن اقبال ڏانهن ڏسندي چيو، "مان سوچي رهي آهيان، تہ اسين ڪڏهن ڪڏهن هروپرو ہ چو ڳالهائيندا آهيون؟ ڪٽي ائين تہ ناهي جو اسين پنهنجي ئي ناهيل اصولن جي قيد ۾ بند ٿيل اُهي قيدي آهيون، جيڪي هڪ ٻئي جا چهرا ڏسي ڏسي تنگ ٿي پيا آهيون. زندگيءَ جي هڪ جهڙائي ۽ يڪسانيت هاڻ ختم ٿيڻ ڪپي. هتي اسين هينئر هڪ ٻئي کان بيزار وينا آهيون، پر پوءِ ہ ڳالهائڻ لاءِ مجبور آهيون. جيتوڻيڪ اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ ہ نہ رهيو آهي، ۽ اسان جا لفظ پنهنجي پنهنجي معنيٰ وڃائي چڪا آهن." (۽ رخسانا کي محسوس ٿيو، هُن هروپرو ڳالهايو، بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي.)

ڪجهہ دير لاءِ هڪ خاموشي ڇائنجي ويئي. نسرين اقبال ڏانهن ڏٺو ۽ اقبال مُرڪي سامهون موتئي جي ٻوٽن کي ڏسڻ لڳو. سندس مڙس چپ چاپ سگريٽ دکائي چانهن جي ٽراليءَ ۾ رکيل

ڪٽليءَ کي هروپرو ڦيرائڻ لڳو ۽ رخسانا حيرانيءَ سان سيني کي ڏسڻ لڳي. ماحول جي گنڀيرتا ۽ خاموشيءَ کي توڙيندي، اقبال آهستي آهستي چوڻ لڳو، "رخسانا.....، مون سمجهيو هو، وقت سان گڏ تون پنهنجي ان خوابن جي دنيا کي ڇڏي چڪي هوندئين. پر اڄ مون کي محسوس ٿيو، تون ايڏا تائين پنهنجي انهيءَ خوابن جي دنيا ۾ گهمي رهي آهين!"

۽ رخسانا کي محسوس ٿيو، جڙ هي سڀ کيس پاگل سمجهي رهيا آهن. هوءَ سامهون نم جي وڻ کي ڏسي چوڻ لڳي، "خواب ۽ انسان جي زندگيءَ جو پاڻ ۾ ايترو ته گهرو تعلق آهي اقبال، جو اسان زندگيءَ ۾ هنن خوابن کان ڪڌهن به جند نٿا ڇڏائي سگهون. سپنا ڏسڻ زندگيءَ جا بنيادي سهارا آهن، اميدون آهن ۽ آسرا آهن. اسين ڪيتري به ڪوشش ڪريون انهن سپنن کان پڄڻ جي، پر اسان جي ذهن جي ڪئنواس تي سپنا جڙندا ۽ ڌهندا رهندا. انسان شروع کان وٺي سپنا ڏسندو آيو آهي ۽ ڏسندو رهندو. اڳ جو انسان سپنا ڏسندو هو چترن ۽ پورٽريٽ جي شڪلين ۾، پر اڄ جي انسان سان وڏي مصيبت اها آهي، جو هو سپنا ته ساڳيا ڏسي ٿو، پر انهن سپنن جا چتر ۽ پورٽريٽ گم آهن. فقط نلهو ڪئنواس آهي، جيڪو خالي خالي ۽ ائبسٽرئڪٽ آهي."

سندس مڙس جيڪو ڪيس عجيب نظرن سان ڏسي رهيو هو، تنهن چيو، "جذباتي ۽ آئيڊلسٽ ماڻهو سدائين حقيقتن کان پري پڄندو آهي، جڏهن ته زندگي فقط خواب ڏسڻ نه آهي."

۽ رخسانا کي سخت دک ٿيو ته ڪيس هن ماڻهوءَ سان شادي نه ڪرڻ ڪپندي هئي. ڪيس سخت ڪاوڙ آئي. "حقيقت.... حقيقت! آخر حقيقت ڇاکي ٿو چيو وڃي. مان ايڏا تائين انهيءَ حقيقت جي معنيٰ کي سمجهي نه سگهي آهيان. زندگيءَ جي حقيقت آخر آهي ڇا؟ فقط لفظ، جن جي ڪا معنيٰ ڪانهي. زندگي خود حقيقت آهي يا نه، پهريون سوال ان ڳالهه جو آهي، جنهن کي ايڏا تائين ڪير سمجهي نه سگهيو آهي. هر انسان هتي پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ مطلب موجب پنهنجي ئي ڳالهه کي حقيقت جو نالو ڪٽي ڏنو آهي.

اسين جيڪي هينئر هتي وينا آهيون، سي هڪ حقيقت آهيون ۽ نہ ۽..... وقت جي هن دور ۾ اڄ اسين هتي حقيقت آهيون، پر سڀان جڏهن اسين نہ هونداسين، تڏهن هن ئي هنڌ تي اسان غير حقيقي ٿي ويندا سين. فقط وقت حقيقت آهي، جيڪو هلندڙ آهي ۽ هلندو رهندو. ڇهرن ۾ نالن جي ڪا حقيقت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ ڇهرا ۽ نالا سدائين بدلجندا رهندا. فقط وقت ساڳيو آهي. ٻيو سڀ ڪجهہ غير حقيقي آهي، ٽائيم ليس آهي ۽ اسپيس ليس آهي. خود اسين جيڪي ڪجهہ هينئر ڳالهايون پيا، اهو ٻہ فضول آهي، بي معنيٰ آهي، لفظن جي راند آهي، جنهن سان اسين پنهنجي اندر کي وندرايون پيا. لفظن جي راند بلڪل بي معنيٰ آهي." ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڇڙ هوءَ وسامي ويئي. ڪيس محسوس ٿيو، ڇڙ هوءَ تمام گهٽو ٽڪجي پيئي آهي ۽ ان مهل هُن پنهنجي پاڻ کي سخت رحم جي قابل سمجهيو. "۽ خود مون هينئر شايد جيڪي ڪجهہ ڳالهايو، سو ٻہ فضول هو" (۽ هن کي سخت دک ٿيو تہ هن ايترو چو ڳالهايو!).

هن جي مڙس بيزاريءَ مان سگريٽ ٽرالي ۾ ئي وسائيندي چيو، "شايد نہ، پر تو بلڪل فضول ڳالهايو. تو جيڪي ڪجهہ ڳالهايو، سو تو پاڻ ٻہ نہ سمجهيو، رخسانا! تو جهڙا ماڻهو سدائين بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي هن دنيا ۾ هلندا آهن ۽ پوءِ سدائين فقط پڇتائيندا رهندا آهن. تنهنجي بيزاريءَ ۽ مونجهاري جو علاج ڪجهہ ٻہ نٿو ٿي سگهي. تو پنهنجو پاڻ کي هروپرو ڪٽي نفسياتي مريض بنايو آهي."

ماحول تي هڪ عجيب سناٽو ڇانئجي ويو ۽ رخسانا کي هڪ پيرو وري ٻہ الائي ڇو اهو احساس ٿيو تہ کيس هن گهر ۾ اقبال ۽ نسرين کي سڏڻ نہ ڪپندو هو. "پر گهر ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟" هن دک منجهان سوچيو. (ڇا هي گهر منهنجو پنهنجو نہ آهي؟ پر آخر منهنجو گهر ڪهڙو آهي! منهنجو مڙس ٻہ تہ ڪيترو نہ عجيب آهي! ڇا اسين هڪ ٻئي سان بيزار ٿي چڪا آهيون؟ ڪٽي هي ائين تہ نہ سمجهي رهيو آهي تہ اقبال کو منهنجو پراڻو عاشق آهي. ڪيڏا نہ تنگ دل ماڻهو آهن! پنهنجن دوستن سان ملائيندي خوش ٿيندا آهن ۽ زال

جي دوستن سان گڏجي شايد اندر ئي اندر ۾ سڑندا آهن. پر نه، جئلسي (Jealousy) هر مرد ۽ عورت ۾ ٿئي ٿي. جئلسي هر انسان جي جنسي فطرت آهي. (مان هروپرو ائين سوچي رهي آهيان. مون خود ئي فضول ڳالهايو!)

"ڪيتري نه خاموشي ٿي ويئي آهي!" نسرين گهري چانيل خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو.

هن نسرين ڏانهن ڏسندي دک منجهان چيو، "ها، ڪيڏي نه گهري خاموشي چانئجي ويئي آهي، هر شام ۾ هڪ لڪل، سمجهه ۾ نه ايندڙ ۽ جاتل سجاتل خاموشي سمايل هوندي آهي..... پر مون فضول ڳالهائي شايد سيني جو موڊ خراب ڪري ڇڏيو. خبر ناهي ڇو انسان ڪڏهن ڪڏهن هروپرو بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي ڳالهائيندو رهندو آهي!" سندس آواز جڙ پرجي آيو.

اقبال ۽ نسرين کيس خاموشيءَ سان ڏٺو. ۽ هوءَ چپ چاپ، سامهون آهستي آهستي ڦهلجندڙ انڌڪار ۾ خبر ناهي ڇا ڏسڻ لڳي.... (ڪڏهن ته سوچيو هيوسين، ڪنهن شام جو، سانوري ۽ اونداهي شام جو، جڏهن سج ڏيري ڏيري سامهون آسمان ۾ ٻڏي ويندو، ۽ پيلاڻ جا ڪيترا ئي رنگ گهڙيءَ ۾ بدلجندا رهندا، تڏهن تون ۽ مان پنهنجي لان ۾، ڪنهن انب يا نم جي گهاٽي وڻ هيٺان وينا هونداسين. پر اي وقت! ڪلندڙ زندگين کي اونداهين ۾ ڏکوئيندڙ وقت! تون به ته ڪيترو نه ظالم آهين. جو انسان کي انسان کان. زندگي کي زندگي کان ائين جدا ٿو ڪري ڇڏين، جو ڪڏهن ڪير ياد به اچي ٿو، ته فقط .....؟!)

هن کي خاموش ڏسي! سندس مڙس کي شايد احساس ٿيو ته هوءَ غمگين ٿي ويئي آهي. هن ڏانهس ڏسندي چوڻ شروع ڪيو. "رخسانا، تون غلط نه سمجهه. منهنجو موڊ خراب نه ٿيو آهي. مان فقط ايترو سمجهان ٿو ته اسان ڪنهن کي سمجهڻ ۾ دير ڪريون ٿا. فرق فقط سمجهڻ جو آهي. تون بيحد جذباتي ۽ سينزيٽو آهين ۽ مان هڪ حقيقت پسند. پر تون گهٽو خيال نه ڪر. ڏس نه. اقبال صاحب وارا چا سوچيندا ته اسان کي گهر ۾ سڏائي پاڻ وڃي پيا!"

(رخسانا سوچيو: ۽ جڏهن هڪ ٻئي کي سمجهون ٿا، تڏهن وري وقت هٽن مان نڪريو وڃي!)

اقبال رحم پريل نگاهن سان کيس ڏسندي چيو"نه، اسين ڏاريا ته ڪونه آهيون جو ائين سوچيندا سين. مان ۽ نسرين رخسانا سان گڏ پڙهيا آهيون ۽ اسين هن جي طبيعت مان واقف آهيون."

رخسانا پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو، جيڪو شايد اٿڻ تي هو. (جڏهن ڪير ڪنهن تي رحم ڪندو آهي، ته ڪيڏو نه عجيب لڳندو آهي. اسان سيني کي هڪ ٻئي تي رحم ڪرڻ کپي. اسين سڀ رحم جوگا ڪردار آهيون، زندگيءَ جي هن سمجهه ۾ نه ايندڙ ويڑهه منجهه. ڪنهن کي به ڪا جاڻ نه آهي ته هي سڄو مانڌاڻ ڇو آهي؟ سوال "ڇو ۽ ڇالاءِ" جو آهي. ڳولا هر شيءِ ۾ آهي. ڳولا ۽ جاڻ زندگيءَ جا سڀ کان پهريان ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ جذبا آهن. ۽ زندگي سڄي فقط سمجهڻ ۾ ئي پوري ٿيو وڃي. زندگي مختصر ۽ جاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ته الائي ڪيترا جنم کپن، هيءَ سڄو سانگ ته کن پل جو آهي.)

سندس مڙس اٿي ٻيٺو: "اقبال صاحب، مان اجازت وٺندس، چاکاڻ ته مان اڳواٽ ئي ڪنهن کي تائيم ڏيئي ويٺو آهيان. مون رخسانا کي شروع ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ ها رخسانا، ڏس اقبال صاحب وارن کي رات جي مانيءَ کان سواءِ نه ڇڏجانءِ. هي پهريون پيرو پاڻ وٽ آيا آهن. مان نائين وڳي تائين مانيءَ جي تائيم تي موٽي ايندس."

رخسانا ڏک پريل نگاهن سان پنهنجي مڙس ڏانهن ڏسندي سوچيو: اسين هڪ ٻئي جي احساسن ۽ جذبن جو مذاق اڏائي ڪيترو نه خوش ٿيندا آهيون. هي منهنجو مڙس مون ۾ان خوش نه آهي ۽ آءٌ شايد هُن مان نه! پر؟....

سندس مڙس هليو ويو ته کيس احساس ٿيو، جڙ سندس من تان ڪو بار لهي ويو هجي. هن خالي خالي نظرن سان لان ۾ ڦهليل هلڪي هلڪي روشني ۾، شام جي اُداس آسمان هيٺان، هن گهاٽن ۽ اوچن وڻن جي پر ۾ پنهنجي پاڻ کي هڪ عجيب انسان محسوس ڪيو. (انسان! زندگيءَ جو هڪ رحم جوگو ڪردار، سڀڪو ۽

مستقل خوشيءَ جي مستقل ڳولا. سمجھ ۾ نہ ايندڙ جذبا. اجنبي چھرا، اجنبيت ۾ ڏک، چئني پاسن کان. بيزاريءَ جو بيزار ڪندڙ اجنبي ڏنڊ. مسلسل انتظار، اميدون، آسرا. خواهش ڏکن ۾ غمن جي صليب تي چڙھيل ائٽنارمل، ائبسٽرئڪٽ، ۾ خالي خالي انسان!..... ۾ زندگي پنھنجي ئي پيدا ڪيل مونجھارن جي ڏنڊ ۾ گم ۾ قاتل. ڪو آھي جيڪو ساڻ ڏئي؟ ساڻ؟ زندگي، ۾ زندگي ائين ئي ھلندي رھندي، احساس ۾جذبي جي ھوندي، بنا ڪنھن احساس ۾ جذبي جي.)

نسرين ڪيس خاموش ڏسي چيو. "رخسانا، توکي پنھنجي مڙس سان ائين نہ ھلڻ ڪپي."

ھن چرڪ پري سامھون ڏٺو: سامھون سندس مڙس واري ڪرسي خالي ھئي. ڪيس خالي ڪرسي ڏسي ڪجھ ڏک ٿيو. ھن خالي ڪرسيءَ تان نظر ھٽائي، اقبال ڏانھن ڏٺو. جيڪو چپ چاپ سگريٽ جا ھلڪا ھلڪا ڪش ھڻي ڪيس ڏسي رھيو ھو. ھُن کي ڇڙ ھڪ عجيب ڊپ محسوس ٿيو. ھن تيزيءَ سان چيو. "نسرين، منھنجي طبيعت منھنجي وس ۾ نہ آھي. مان پنھنجي پاڻ کي ۾ پنھنجي طبيعت کي سمجھي نٿي سگھان. سويل ڪجھ دير اڳ مون کي پنھنجي مڙس جي موجودگي خراب پئي لڳي ۾ ھاڻ جڏھن ھو ھتي ناھي، تڏھن وري ھيءَ خالي ڪرسي ڏسي، ھُن جي وڇڙ جو بيحد ڏک ٿي رھيو اٿم. نسرين، اسين سڀ عجيب انسان آھيون. ھن دؤر جا عجيب انسان، جيڪي سدائين اونداھين ۾ رھندي بہ وڌيڪ اونداھ چاھيندا آھن! پر نسرين تو ڪڏھن محسوس ڪيو آھي تہ پنھنجي چوڌاري ڪيتري نہ اونداھ، خاموشي ۾ سناٽو چانيل آھي. ڏس ھينئر ھن محل شام جا ھي ختم ٿيندڙ پاڇولا بہ ڪيڏا نہ عجيب ھئا؟ ڇا اسان اھا خاموشي، اُداسي ۾ سناٽو محسوس ڪيو؟ پر مون کي اھو سڀ ائين الائي ڇو ٿو محسوس ٿئي؟ مون کي پنھنجي اڪيلي ھئڻ جو ايتروتہ گھرو احساس ٿئي ٿو، جو ڪنھن ڪنھن محل مان پنھنجي پاڻ کان، پنھنجي ماحول کان ۾ جتي مان ويٺي ھوندي آھيان، ان ھنڌ کان، دور الائي ڪٿي گم ٿي

ويندي آهيان. ائين الائي چوتو محسوس ٿئي؟ اقبال، تون ئي ٻڌاءِ تہ اهو سڀ ڪجھ ڇا آهي؟ ڇا آهي آخر اهو سڀ ڪجھ؟"

اقبال سگريٽ جو آخري ٽوٽو پريان ڇپر تي اڇلائيندي چيو، "ڇاڪاڻ تہ پاڻ سدائين زندگيءَ کي هڪ سندر سپنو سمجھندا آهيون ۽ سپنو بہ اهڙو، جنھن جي دور کان هڪ جھلڪ ڏسي پوءِ پنھنجين اميدن ۽ آسرن جا سوين محل بنايو ڇڏيون. ۽ اهي محل فقط واري جا محل هوندا آهن، جيڪي ٺهندا ۽ ڊهندا رهندا آهن. پر رخسانا توکي زندگيءَ کي ڏسڻ لاءِ پنھنجي جذباتيت وارو انداز بدلائڻ ڪپي."

"اقبال، مان آخر هن زندگيءَ مان سيٽسفاءِ چو نہ آهيان؟ ڪٽي ائين تہ ناهي جو جيڪي ڪجھ مون چاهيو ٿي، اهو ٿي نہ سگهيو، ۽ جيڪي ٿيو، ان جي موٽ ۾ منھنجي جھوليءَ ۾ اچي ڪِريا فقط ڏک ۽ مايوسيون."

اقبال سگريٽ دکائيندي نسرين کي چيو، "نسرين، رخسانا پنھنجي هن زندگيءَ مان سيٽسفاءِ نہ آهي! پر ڪيس هن ماحول سان آخر ناهہ ڪرڻو پوندو."

"ناهہ....." رخسانا کان ٽڏو ساهہ نڪري ويو. هن ڏک ڀريل نگاهن سان مٿي آسمان ۾ نهار ڪئي. پورو آڪاش اونداهيءَ ۾ ٻڏل هو. سامھون کان فقط هڪڙو تارو ٽم ٽم ڪري رهيو هو. (هن هيڏي ساري آسمان ۾ هي شام جو تارو آهي. پر ڪيترو نہ اڪيلو ۽ ڪيترو نہ تنها! هي آسمان بہ ڪيڏو نہ عجيب آهي! صدين کان ائين ئي بيٺو آهي ۽ الائي ڪيسين تائين ائين بيٺل رهندو. ڪيترا انسان هن جي هيٺان زندهہ آهن ۽ ڪيترا انسان زندهہ هوندي بہ مريو وڃن.)

"رخسانا، توکي راحيل ياد آهي."

آواز اقبال جو هو. هن کي محسوس ٿيو، جڙ هن جي دل ۾ ڪنھن ڏاروجھي ڇڏيا هجن. (ڪڏهن تہ سوچيو هوسين، ڪنھن شام جو، ڪنھن سونھري شام جو، سج جڏهن تجلا ڪري گم ٿي ويندو، تون ۽ مان پنھنجي لان ۾،.....) هن اونداهي آسمان تان نظرون

کٹي اقبال ڏانهن ڏنو. کيس هلکي هلکي اونداهه ۾ اقبال کجهه عجيب محسوس ٿيو. شايد ان سوال جي ڪري هن کان بي اختيار هڪ ٽڏو ساهه نڪري ويو. هُن اقبال کي جواب ڏنو. "ها، ڇگيءَ طرح ياد اٿم..... پر، هو توکي ڪيئن ياد آيو؟"

"تنهنجون ڳالهيون ٻڌم، تہ مون کي هو بي اختيار ياد آيو. مون هن کي اڌ پنڌ ۾ ڇڏيو هو. مون جيڪي ڪجهه ٿيڻ ڄاهيو ٿي، اهو هن ٿي ڏيکاريو. مون کي بعد ۾ اهو احساس ٿيو تہ هو ڪجهه نہ هوندي بہ گهڻو ڪجهه هو."

"پر تون تہ اُن وقت هن سان سخت اختلاف رکندو هئين!" نسرين اقبال کي چيو.

رخسانا ڪجهه ٽوڪ منجهان چيو. "هي صاحب اُن وقت سخت ڪميونسٽ هو."

"مان مڃان ٿو، ان وقت هُن سان مون اختلاف ڪيو هو. پر توهان کي شايد اها خبر ڪانهي تہ هُو پاڻ بہ ڪميونسٽ هو ۽ ڪنهن وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ رهي چڪو هو. جڏهن مان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيس تہ هو پارٽي ڇڏي چڪو هو نئشنلزم جي سوال تان، ڇاڪاڻ تہ هو بنيادي طور تي فقط هڪ فنڪار هو ۽ شايد فنڪار ڪنهن بہ شيءِ سان ناهه نہ ڪري سگهندو آهي. مون بہ اها ڳالهه گهڻي وقت کان پوءِ محسوس ڪئي تہ جيڪي ڪجهه هو چوندو هو، اهو سچ هو. هو سدائين چوندو هو تہ: "هڪ فنڪار جو يا هڪ حساس دل ماڻهوءَ جو سياست ۾ هلڻ تمام ڏکيو آهي ۽ شايد اهو ئي سبب هو جو مان ڪجهه وقت پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٽڪجي پيس. مون لاءِ "هول ٽائيمر" ٿي ڪم ڪرڻ تمام ڏکيو هو. جڏهن ڪجهه وقت لاءِ "انڊرگرائونڈ" ٿيس تہ ويتر احساس ٿيم، تہ هي سڀ ڪجهه منهنجي وس کان ٻاهر آهي. پوءِ سياست ڇڏيم. نوڪري ورتم. ٻاهر ويس ۽ واپس اچي چپ چاپ شادي ڪري ماڻ ٿي ويهي رهيس..... پر ڪڏهن ڪڏهن احساس ٿيندو اٿم، جڙ هو مون کي اڃا تائين ڪنهن راهه تان سڏ ڪري رهيو آهي."

رخسانا جو من پرجي آيو. هن کي محسوس ٿيو، جڙ دور ڪٽان

ماضيءَ جي وشال ميدانن مان ڪيترائي آواز وڌي واڪي ڪيس سڏي رهيا آهن. هن جي دل چاهيو ته هو اڃا به اقبال جي واتان راحيل جو ذڪر ٻڌندي رهي. هن اقبال کان گهٽيل آواز ۾ پڇيو "اقبال..... ڪا خبر به پئي ته هن جو ڇا ٿيو؟"

"شايد توکي خبر هجي به يا نه، ته هُو مون سان آخري پيري مليو هو. هو ڪيترن سالن کان اندر گرائونڊ هو. مان جڏهن ٻاهران موٽي آيس ته هُو سخت تڪليفن ۾ هو ۽ ان ئي زماني ۾ مون ساڻس ملاقات ڪئي هئي. هو شهر کان ٻاهر هڪ ڪچي جاءِ ۾ رهيل هو. لالٽين جي جهڪي روشنيءَ ۾ هو هڪ وڏي ڪاري ڏاڙهيءَ سان، مون کي هڪ عجيب انسان لڳو هو. ٻاهر مينهن وسي رهيو هو. مون کي ڇڙ ان محل محسوس ٿيو ته هو هلي هلي بيحد ٽڪجي پيو هو. مون کيس گهٽو ئي چيو ته هو هي سڀ ڪجهه ڇڏي ڏي، پر منهنجي ڪنهن به ڳالهه جي جواب ڏيڻ بدران هو چپ چاپ لالٽين جي روشنيءَ ۾ سگريٽ پيئندي ٻاهر وسندڙ مينهن کي ڏسي رهيو هو. الائي ڇو مون کي ان محل محسوس ٿيو هو ته هو هڪ سيڊيسٽ بنجي ڇڪو هو. کيس پنهنجي پاڻ کي برباد ڪرڻ ۾ مزو پئي آيو. مان ساڻس اُتي ٿي چار ڪلاڪ گڏ هيس، پر هُن تمام گهٽ ڳالهايو. جڏهن مون ڪانئس موڪلايو. ته هُن خاموشيءَ سان مون کي رخصت ڪيو. ٻاهر هلڪي هلڪي بوند پئجي رهي هئي ۽ ٻاهر گهٽيءَ ۾ اونداهه هئي. هو مون کي گهٽيءَ جي مڙ تائين ڇڏڻ آيو هو. گهٽيءَ جي مڙ تي هن مون سان مُرڪي هٿ ملايو هو. هو مرڪيو هو ته ڇڙ مون کي محسوس ٿيو هو ڇڙ اونداهي وايومنڈل ۾ ڪا ڪنوڙ ٿي هئي، جنهن جي چمڪاٽ ۾ مون کي هن جي چهري تي هزارين دک ۽ درد نظر آيا. هُن موڪلائڻ محل فقط ايترو چيو، "زندگي..... هاڻ جنهن به روپ ۾ ملي اٿم اها قابل قبول آهي. هاڻ فقط چاهيان ٿو سڪون جنهن جي ڳولا ۾ پٽڪي رهيو آهيان. ائين چئي هو واپس وريو هو. مون ڪجهه قدم اڳيان هلي پويان ڏٺو هو. اونداهيءَ ۾ هو ننڍا ننڍا قدم کڻندو وڃي رهيو هو. زندگيءَ سان لڙندڙ ۽ وڙهندڙ ان اونداهه ۾ ويندڙ انسان کي ويندو ڏسي منهنجي دل محسوس ڪيو

هو تہ هن انسان کي شايد مان ڪڏهن وري الائي ڏسي سگهندس ۽ يا نہ؟....“ اقبال سگريٽ جو هڪ وڏو ڪش هڻي، سگريٽ پريان اڇلائي، ڪنڌ پويان ڪرسيءَ تي رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

رخسانا هڪ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ احساس سان اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي. ڪيس اهو سڀ ڪجهہ الائي ڇو ايترو عجيب محسوس نہ ٿي رهيو هو. هن جي اندر مان ڪيترا ئي سڏ ۽ پڙاڏا نڪري اڇڻ لاءِ آتا هئا. هُن هروپرو ۽ مٿي اونداهي آڪاس ۾ نهار ڪئي. اونداهي آسمان ۾ ڪيترا ستارا هئا، جيڪي چمڪي رهيا هئا. آسمان ۾ تہ ڪيترا ستارا هئا، پر شام جو اڪيلو تارو خبر ناهي ڪنهن محل گم ٿي ويو هو. يا انهن هزارن ستارن ۾ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ڇڪو هو. پريان ڪٽان ڪنهن بنگلي ۾ ڪير تيز آواز ۾ ٽيپ رڪارڊر وڄائي رهيو هو، جنهن جو آواز هن خاموشيءَ ۾، هن ازلي ۽ ابدي خاموشيءَ ۾ تمام عجيب ۽ وٽندڙ لڳي رهيو هو. هر طرف خاموشيءَ جو هڪ سناٽو ڇانيل هو. ڪنهن ڪنهن محل ڪِچن مان نوڪرن جو آواز اچي وري بند ٿي پئي ويو. ٻاهر روڊ تي ڪي ماڻهو زور زور سان ڳالهائيندا پئي ويا. اهي سڀ آواز گڏجي ڪيس هڪ عجيب سُڪون ڏيئي رهيا هئا. (ڪڏهن ڪڏهن ڪي آواز، اسان لاءِ، زندگي ۾، هن سنسار ۽ اجاڙ زندگيءَ ۾، هن بي انت سناٽي ۾، ڪيڏو سڪون ڏين ٿا..... اسان کي زندگيءَ جي موڙ تي، هر موڙ تي ڪنهن نہ ڪنهن ڏهني ساٿ ۽ سهاري جي ضرورت آهي..... پر مون تہ وقت وڃائي ڇڏيو. وقت تہ ڪڏهوڪو هٿن مان ڇڏائجي الائي ڪيڏانهن اُڏامي ويو. مون تہ اهو سڄو عرصو ائين ئي گذاري ڇڏيو، بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي!..... مُندون تہ وري ٻہ ايندين، پر اي زندگي، تون نہ هوندينءَ. نظرن کان تہ دور ۽ گهٽو دور ٿي ويو سڀ ڪجهہ. پر جتي ڪڏهن مليا هئاسين، ۽ جيڪي ڪجهہ ڳالهايو هيوسين، اهو سڀ ڪجهہ ڪڏهن واپس وري سگهندو؟ پر تون هجين ها اي دوست، تہ شايد ائين نہ ٿئي ها!.....)

اقبال اکيون کولي رخسانا کي ڏٺو، جيڪا سامهون آسمان ۾ الائي ڇاکي ڏسي رهي هئي. (هيءَ ڇوڪري ٻہ ڪيتري نہ عجيب

آهي! پنهنجي ناهيل دنيا مان هڪ قدم ٻاهر اچڻ لاءِ تيار ڪانهي! زمانو ته الائي ڪٿي وڃي پهتو، پر هيءَ اتي جو اتي بيٺي آهي. هن ٻه ته پيار ڪيو هو راحيل سان ۽ شادي وڃي ڪيائين هڪ اهڙي ڪاموري سان، جيڪو هن مان ۽ هن جي عجيب خيالن ۽ سوچن مان بيزار آهي!. اقبال سوچيو.

اوچتو نسرين اقبال کي چيو، "تو وٽ راحيل جا ڪي خط ٻه ته آهن نه."

اقبال ڪجهه چرڪي چيو، "ها..... مون وٽ هن جا آخري لکيل ٻه خط آهن، جيڪي هن مون کي لکيا هئا، مون سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ."

رخسانا جي دل ۾ هڪ خواهش جنم ورتو، "اقبال، تون مون کي اهي خط پڙهائيندين؟" سندس آواز ۾ هڪ رحم جوڳي نماڻائي هئي. (اسين چاهيندا آهيون، ته اسان تي اسان جا دوست ۽ ساڻي رحم ڪن. ۽ هي سڀ شايد سوچيندا هوندا ته مون پيار ته هڪ سان ڪيو ۽ شادي ڪيم ٻئي سان..... پر هنن کي ڪهڙي خبر ته محبت جو جذبو ٻه ٻين ڪيترن جذبن جيان وقتي آهي. زندگيءَ جي ساڻ ۾ فقط کي چهرا اهڙا هوندا آهن، جن جي لاءِ انسان پنهنجي اندر ۾ ازلي ڇڪ محسوس ڪندو آهي. پر ان ازلي ڇڪ کي محبت جو جذبو ٻه ته نڙو ڇئي سگهجي. پر انسان جي ذهن ۾ ٻه ته الائي ڇا آهي؟ هڪ انسان جو ذهن فقط ان ئي انسان جو ذهن ته ڪونهي. صدين کان ۽ جڳن کان هڪ ذهن ٻئي انسان ۾ منتقل ٿيندو پيو اچي. سوچ هتي فقط هڪ انسان جي ناهي. پر اها سوچ هزارن سالن جي ان قديم ۽ اتهاسڪ انسان جي آهي، جيڪو ان وقت ۾ ٻه سڪون جي تلاش ۾ هو، ۽ اڄ ٻه سڪون جي تلاش ۾ آهي. سوچ ۽ ذهن ٻه موروثي آهي. پر مان ٻه ته پهرئين جنم ۾ الائي ڪير هيس ۽ ڪنهن جي تلاش هيم؟..... انسان مري وڃي ٿو، پر ذهن نڙو مري. سوچ نڙي مري ۽ الائي ڇا!؟ پر ڪڏهن ڪڏهن اسين هڪ ٻئي جا خيال ڪيئن پڙهي ونندا آهيون؟)

رات جي اونداهه هر طرف کان پکڙجندي پئي ويئي. لان ۾ رات

جي هوا جا تڏا تڏا جھوتا کين لڳي رهيا هئا. لان ۾ لڳل ننڍن بلبن جي ڏيمي ڏيمي روشنيءَ ۾ هو ٽيئي جڻا چپ چاپ پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ سوچن سان وينا هئا. فضا ۾ موتئي ۽ گلاب جي مهڪار هوا سان گڏ سندن اندر ۾ اوتجندي پئي ويئي. پريان ميندينءَ جي قطار مان آر جو آواز پئي آيو. تيز هوا جا جھوتا تيزيءَ سان کين لڳي سامھون ميندينءَ جي قطار مان لنگھي گم ٿي پئي ويا. ۽ رخسانا، خاموشيءَ سان نسرين کي ڏئو جيڪا اقبال کي ڏسي رهي هئي ۽ اقبال سگريٽ چڪي رهيو هو. رخسانا کي بيحد ڏک ٿيو ته هن زندگيءَ ۾ هيل تائين ڪوبہ فيصلو سوچي سمجھي نہ ڪيو. ڪيس ايجا شادي نہ ڪرڻ ڪپندي هئي. "شادي نہ ڪريان ها؟" هن سوچيو. (ته پوءِ ڪنهن سان شادي ڪريان ها؟ راحيل سان جيڪو زندگيءَ سان لڙندي ۽ وڙهندي الائي ڪھڙين اونداهين ۾ لڪي ويو هو. نظريو بہ ڪيڏو نہ عجيب ٿئي ٿو ۽ آئيڊيلست ماڻھوءَ سان ته زندگي بہ نٽي گذاري سگھجي! پر ڪڏهن ڪڏهن نظريا زندگيءَ کي ناھڻ بدران انسان کي ڇو ٿا کائي ويجن! انهن انسانن کي جيڪي ڪي نظريا کڻي ميدان ۾ ايندا آهن ۽ هن معاشري ۽ هن زندگيءَ کي بدلائڻ لاءِ ڪي ته نظريا هجن. زندگيءَ جي هنن تيز طوفانن ۾ ڪير آهي، جيڪو بيھي سگھندو ۽ ڪير آهي جيڪو بيٺو آهي هر دور ۾؟ ۽ اهي ڪرانتيڪار بہ ڪير هئا، جن زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ پنهنجو خون ملايو. مون کي ته ڪا ڄاڻ ڪانهي ته اڄ کان پنجاھ سٺ سال اڳ اهي ڪھڙا ڪرانتيڪار هئا، جن سوچيو هو انسانن جي زندگيءَ کي بدلائڻ جو. ۽ راحيل ئي ته چوندو هو: "هر تحريڪ کي شروع فقط چند گمنام ماڻھو ڪري سگھندا آهن! منزل جي پڇاڻيءَ ۾ ته هزارين انسان هوندا آهن. اسان زندگيءَ جي هن ڪاري ڀاٽ اونداھ ۾ جيڪا سچائيءَ جي لاٽ ٻاري آهي، اها ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور پنيٽ ٽيٽي آهي. ۽ شايد اهو سپ ڪجھ منهنجي زندگيءَ ۾ نہ ٿي سگھي. پر.....؟" پر مون کي ته ڪا خبر نٽي پوي ڪنهن ڳالھ جي. سچ ته مون کي شادي نہ ڪرڻ ڪپندي هئي، شادي ڪرڻ ڪپندي بہ هئي يا نہ، ان جو فيصلو ڪير ڪندو.

ڪير ڪري سگھندو ان ڳالھ جو فيصلو؟ زندگي ڪڏھن ڪڏھن تہ ڪنھن فيصلي ڪرڻ تي مجبور نٿي ڪري. پوءِ بہ اسين بنا ڪنھن سوچ ۽ سمجھ جي، ڪي فيصلا ڪندا آھيون ۽ پوءِ سڄي زندگي انھن ڪيل فيصلن تي سڏائين پڇتائيندا آھيون. پر پڇتاءُ تہ زندگيءَ ۾ الائي ڪيترا آھن. (پڇتاءُ تمام گھٽا آھن. ايترا گھٽا، ايترا گھٽا، جن جي ڳڻپ بہ نٿي ڪري سگھجي.....) ۽ سوچيندي سوچيندي ھن کي محسوس ٿيو تہ ھوءَ اھو سڀ ڪجھ ائين ھروپرو سوچي رھي ھئي. ھن کي سخت بيزاري ٿيڻ لڳي (اسين ھڪ ٻئي جي ذھنن ۾ لڪي لڪي ليڪا ڇو پائيندا آھيون ۽ ھينئر بہ ھڪ ٻئي جي ذھنن ۾ ليڪا پائڻ جي ڪوشش ڪري رھيا آھيون. ھي ڇو ڏسي رھيا آھن سڀ مون کي؟)

نسرين ڪجھ ڳالھايو، جيڪو ھن نہ ٻڌو. نسرين وري شايد ڳالھ کي ورجايو. "رخسانا، ڪھڙين سوچن جي دنيا ۾ ھلي وئينءَ؟"

رخسانا اقبال ڏانھن ڏٺو، جيڪو نسرين سان گڏ ڪيس ڏسي رھيو ھو. اوچتو ھن کي محسوس ٿيو، ڪٽي ھي سڀ سنڊس خيال تہ نہ پڙھي رھيا ھئا. ھن يڪدم سوچڻ بند ڪري چيو، "ڪڏھن ڪڏھن خاموشيءَ ۾ ھڪ عجيب سڪون ملندو آھي."

"۽ ھر خاموشيءَ کي پنھنجي ھڪ زبان بہ ھوندي آھي." اقبال آھستي چيو.

۽ نسرين کي محسوس ٿيو، اقبال ھر ڳالھ ۾ رخسانا جي پٽيرائي ڪري رھيو ھو.

"ڪاش، ھيءَ خاموشي اسان کي سڏائين حاصل ھجي." رخسانا چپر تان گاھ جا ڪي سلا پٽيندي چيو. "خاموشي، تنھائي ۽ سڪون اسين چاھيون ٿا، پر اسان کي اھو سڀ ڪجھ نٿو ملي."۔ ائين چئي ھوءَ اٿي بيٺي.

اقبال ۽ نسرين بہ اٿي بيٺا.

"اچو. اندر ٿا ھلون. مون کي ھن خاموشيءَ ۾ ويھندي بہ ھاڻ وحشت ٿي ٿئي." رخسانا ائين چئي اڳيان وڌي.

۽ ھو ٽيئي، ننڍا ننڍا قدم کڻندا، اونداھيءَ مان روشنيءَ ڏانھن

وڏي ويا..... تيز هوا سوست ڪندي، خالي ڪرسين سان ٽڪرائيندي، اڳتي وڏي ويئي..... ۽ ٻاهر رهجي ويا هوا جا تيز جھوتا، خالي ڪرسيون، سناٽو، خاموشي ۽ آرجا تيز آواز!.....

".... ڏاڪٽي ڇھ ماسي، ڪرشن پک ۾، رات جو، جڏھن دونھون پکڙيل هجي، تڏھن جيڪو مري ٿو، سو چندرما لوڪ پائي وري جنم ونٽي ٿو...." پڙھندي پڙھندي رخسانا کي محسوس ٿيو جڻ انھن لفظن سان گڏ ڪن اڏمن جا درياھ ھئا، جيڪي اوتجي پيا سندس من ۾. هوءَ اڳيان نہ پڙھي سگھي. هن بيزاريءَ مان اھو ڪتاب اڇلائي ٻيو ڪتاب کنيو. پر اھو ڪتاب نہ پر ڪا نوٽ بڪ ھئي. هن بيزاريءَ مان ڪاپيءَ جا ورق اٽلائڻ شروع ڪيا. نوٽ بڪ سندس ئي ھئي. جنھن ۾ هن ڪٽي پڙھيل ھڪ نظم اُتاري ڇڏيو هو ڪنھن وقت. هن زور سان اھو نظم پڙھڻ شروع ڪيو:

تمام عمر انھيءَ انتظار ۾ گذري، (1)

ستم ۽ درد ۽ مايوسين جي راھُن ۾.
تہ ڪنھن جو سج کان ٻي داغ چمڪندڙ ڇھرو،
هزار جھلڪا ڏيئي چمڪندو نگاھن ۾،
انھيءَ تصور جان بخش جي سھاري تي.
حيات مُرڪي پئي آخري پساھن ۾.

☆☆☆

۽ ڪير ڇاڻي انھيءَ مرڪ جو قدر قيمت؟
۽ ڪير ڇاڻي انھيءَ مُرڪ لاءِ ڪيترا سال،
لِکي لِکي ۽ اکيلائيءَ ۾ رُنا آھيون،
۽ ڪير ڇاڻي انھيءَ مرڪ لاءِ ڪيترا سال
اڃا ٻہ روئڻو پوي- ھا اڃا ٻہ روئڻو پوي.
۽ ڪير ڇاڻي انھيءَ زندگيءَ کي ماڻڻ لاءِ،
هزار سُور سھي ڪنھن کي ڪنھن کي مرڻو پوي.
۽ ڪير ڇاڻي انھيءَ پرھہ کي پسڻ ڪارڻ،
الائي ڪيترو عرصو اسان کي جلڻو پئي!

---

(1) امدا حسيني

اوچتو هن جي دل پرجي آئي. هُن ڪاپي ۾ مُنهن لڪائي روئڻ شروع ڪيو. هرو پرو ۾ بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي. (گهريون ته زندگيءَ کان بيحد خوشيون هيون سين ۽ گهرندو آهي هر ڪو ئي زندگيءَ کان خوشيون ۽ سک. پر اي زندگي، او زندگي. تون جيئن ۾ ملي آهين ۽ جنهن ۾ روپ ۾ ملي آهين، اُها قابل قبول آهي. موت خوفناڪ چيز آهي، پر موت ان ماڻهوءَ لاءِ خوفناڪ نه آهي، جنهن ماڻهوءَ پنهنجي زندگي عام حيثيت ۾ گذاري ڏني هوندي. ۽ موت شايد ان لاءِ ۾ خوفناڪ چيز آهي، جو زندگي بيحد سونهن سان پريل آهي ۽ هڪ پيرو شايد راحيل ئي مون کي الائي ڪنهن جي چوٽي ٻڌائي هئي ته: "مون کي دنيا جي تعريف جي ڪڙي پرواهه. مان سمجهان ٿو ته صداقت ۽ حقيقت تمام ٿورن ماڻهن کي وٽندي آهي. ان لاءِ جيڪي ماڻهو حقيقت بيان ڪندا آهن، انهن کي کپي ته هو چپ چاپ پنهنجو ڪم ڪندا رهن ۽ انهيءَ وقت جو انتظار ڪن، جڏهن اهي ٿورا ماڻهو پيدا ٿين، جن کي فڪر جي غير معمولي ڳالهه پسند ايندي آهي. زندگي مختصر آهي، پر صداقت ۽ حقيقت دوردور تائين ڦهلجي ويندي آهي، ۽ دير تائين زندهه رهندي آهي. اچو ته صداقت ۽ حقيقت جو اظهار ڪريون."(1)

روئندي روئندي هن کي محسوس ٿيو، جڙ سندس ساهه مُنجهي پيو هجي ڪنهن ڪُن ۾. هوءَ چرڪ پري اُٿي بيهي رهي. ٻاهران ڪنهن وڻ تان ڪوئل ڪُوڪ ڪئي. ڪوئل جي ڪُوڪ سندس دل جي ديوارن مان لنگهي الائي ڪيڏانهن پيهجي ويئي. هن کي هي پنهنجو ڪمرو جڙ بلڪ هول محسوس ٿيڻ لڳو. هوءَ بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهه جي پنهنجي روم مان ٻاهر نڪري آئي. (مون کي ماني کائي سمهڻ کپي!) هن پنهنجن خيالن مان پلاند آجو ڪرڻ چاهيو، پر خيال ۾ ته ڪنهن پراسرار پاڇي جيان هر انسان سان گڏ آهن. "مون کي ماني کائي سمهڻ کپي!" هن رڙ ڪئي، "قمر، او قمر." ۽ رڙ ڪندي هن کي محسوس ٿيو، جڙ اهو آواز سندس پنهنجو نه هو،

(1) شوپنهار

۾ اها رڙ شايد هن ڪئي ڪنهن خوف منجهان! هن وري سڏ ڪرڻ چاهيو، پر ڪيس ياد آيو تہ نوڪرياڻي تائين اهو آواز نڪو پهچي سگهي هيٺ ڪِچن ۾. هوءَ اهو سوچيندي تيز تيز قدم کڻندي هلڻ لڳي. ڏاڪڻ تان هيٺ لهندي، هن کي لڳو تہ جڻ هوءَ هڪ قدم بہ نہ هلي سگهندي. هن پنهنجي پاڻ تي هڪ عجيب بيزاري ڇائنجندي محسوس ڪئي. ڏاڪڻ تان لهي هوءَ ڪيئن اچي ڊائننگ روم ۾ بيٺي، تنهن جي ڪيس بہ خبر نہ پئي.

ڊائننگ روم.

وچ ۾ تمام وڏي بيضوي ڊائننگ ٽيبل، چوڌاري اُن جي ڪرسيون، پريان کان رکيل فِرج. سامهون پٽ تي لڳل وال ڪلاڪ ڊائننگ روم ۾ ڇانيل ساڳيو سناٽو، ساڳي خاموشي، جنهن ۾ سواءِ وال ڪلاڪ جي "ٽڪ ٽڪ" کان سواءِ ڪو آواز ڪونهي. ڪيس هي اولڊفيشن وارو وال ڪلاڪ ڪيترو نہ وٽندو آهي. هُن اهو وال ڪلاڪ ڪراچيءَ جي ڪنهن پراڻين شين واري دڪان تان خريد ڪيو هو- "هي زندگيءَ جو بيحد گهرو سناٽو ۽ خاموشي بہ انسان جا ساٿي آهن." هن اهو سوچيندي پرسان ديوار ۾ لڳل سوئچ بورڊ تي گهنٽي جي بٽڻ تي هٿ رکيو. دور ڪٿي گهنٽي وڄڻ لڳي ۽ وڄندي رهي. ڪيس انهيءَ بيحد گهري سناٽي ۾ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ اُهو دور کان ايندڙ گهنٽيءَ جو آواز بيحد سڪون ڏيڻ لڳو. (زندگيءَ جي انهيءَ شديد سناٽي ۾، گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ شايد زندگي جي اهميت جو احساس آهي ۽ احساس ئي رهن ٿا، جيڪي اسان کي زندگيءَ جي حقيقتن کان واقف ڪندا رهن ٿا... احساس؟) هن جو هٿ ائين بٽڻ تي هو ۽ هوءَ ائين ئي بنا ڪنهن سوچ جي اُتي بيٺي رهي انهيءَ سناٽي ۾، انهيءَ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ! قمر سندس نوڪرياڻي ڊوڙندي اچي سندس پر ۾ بيٺي. هن ڏانهس نهاريو- "مون هن کي ڇو سڏايو؟" هن هٿ بٽڻ تان کنيو. دور ڪٿي گهنٽيءَ جو آواز بند ٿي ويو. وري هڪ پيرو سناٽو. خاموشي. قمر ڪيس ڏسڻ لڳي. هن پڇيو- "ڇا آهي؟"

"توهان سڏيو نہ بيگم صاحب!"

"هون... صاحب ڪونہ آيو؟"- هن هروپرو بہ اهو سوال ڪيو. جيتوڻيڪ ڪيس خبر بہ هئي تہ سندس مڙس هن وقت ڪٽي هوندو. نوڪرياڻي ڪهڙو جواب ڏنو، سو هن نہ ٻڌو. اوچتو ڪيس ياد آيو، هن نوڪرياڻيءَ کي مانيءَ لاءِ سڏايو آهي. "ٻڌ، ماني رک جلدي."

- "پر توهان تہ چيو هو بيگم صاحب! توهان ماني نہ کائيندا؟"

هن نوڪرياڻيءَ ڏانهن تيز نظرن سان ڏٺو. نوڪرياڻي سندس نظرن مان ڪجھ سمجھندي، ڪجھ نہ سمجھندي، تيز تيز ٻوڙندي ڪچن ڏي ويئي هلي. انهيءَ گهريِ خاموشيءَ ۾ نوڪرياڻيءَ جي قدمن جي چاپ ٻڌڻ ۾ آئي ۽ پوءِ وري خاموشي ۽ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ. (هاڻي چا ويهي ڪريان؟)

هوءَ خالي خالي نظرن سان ڊائننگ روم جي هڪ هڪ شيءِ کي ڏسندي اچي ڊائننگ ٽيبل واري ڪرسيءَ تي ويٺي. ٻئي هٿ ڳلن تي رکي هوءَ ميز تي رکيل خالي ٽانون کي ڏسڻ لڳي: ٽاليون اونڌيون رکيل، گلاسن ۾ نيپڪن، چريون، ڪانٽا، چمچا، ساس جي بوتل، ميز جي ڪاري بيحد صاف سطح تي سڀ شيون رکيل هيون. هُن جون نظرون ميز تان هٽنديون وڃي سامهون ديوار ۾ لڳل ٽانون جي شوڪيس تي پيون. شوڪيس چينيءَ جي ٽانون سان سجايل. ڊنر سيٽ بہ. هڪ چينيءَ جو جاپاني سيٽ ۽ ٻيو پلاسٽڪ جو ايراني سيٽ. گلاس. واٽر سيٽ. ڊرنڪ (Drink) جا گلاس ۽ ننڍا سمٽا فرينچ جام. ٽانون سان پريل شوڪيس تان سندس نظرون ڦرنديون وري اچي ڊائننگ ٽيبل تي ٽيڪيون. (سڀ ڪجھ اجايو آهي، هي سڀ ڪجھ هتي رهجي وڃي ٿو. هي ٽانو بہ سمٽا لڳن ٿا هِن شوڪيس ۾. پر جڏهن هي سمٽا ٽانو شوڪيس مان ٻاهر نڪري ويڃي پون ٿا، تہ پوءِ؟ پوءِ اسان انهن ٽنل ٽانون کي ڪيئن ٿا اڇلائي ڇڏيون ٻاهر. گهڙيءَ لاءِ ڏک ٿيندو آهي، ۽ پوءِ بس. انسان بہ انهن چينيءَ جي بيحد نازڪ ۽ سمٽن ٽانون مثل آهي. انسان بہ هڪ ڏينهن آخر ويڃي پوي ٿي. ٽُڪر ٽُڪر ٿي وڃي! ۽ پوءِ؟.....پوءِ چا؟ پوءِ

ڪجھ بہ ڪونھي. ھر شيءِ جي پنھنجي جاءِ آھي. ڪابہ شيءِ پنھنجي اصلي ھنڌ تان ھٽي ٿي، تہ اھو ھنڌ ڇيڏو نہ عجيب محسوس ٿيندو! پر شيون؟ سڀ شيون؟ نہ، پر شين جو تعلق اسان سان ڪھڙو؟ اسان تہ نھيو، پر منھنجي پنھنجي ذات سان.....؟ منھنجي ذات؟ منھنجو وجود؟ سڀ ڪيڏانھن ويا؟ "او خدايا، سڳھ ڏينم دک سھڻ جي. طمع تياڳڻ جي ۽ ھيڪلو گھارڻ جي." ھا، الائي ڪنھن جو شعر آھي، جيڪو خبر ناھي ڪنھن جي واتان ٻڌو ھيم، پر انسان ھيڪلو ڪيئن گھاري سگھندو؟ نہ، ھيڪلو گھارڻ بہ زندگيءَ جو ھڪ عذاب آھي. بڪواس، پر ھنن سيني ڳالھين جو ھن وقت ۽ مون سان آخر تعلق ڪھڙو؟)

"اُف خدايا!" ھن کي محسوس ٿيو، جڙ ائين سوچيندي سوچيندي سندس ٻئي لوندڙيون ڦاٽي پونديون سُورکان (آخر اسين سوچيون ڇو ٿا؟ آخر اھا اندر جي ڪھڙي لاشعوري ۽ سمجھ ۾ نہ ايندڙ طاقت آھي، جيڪا اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿي.) ھن ھڪ ھٿ سان ڏيري ڏيري ٻنھي لوندڙين کي زور ڏيڻ شروع ڪيا. سندس اندر ۾ ھڪ سمجھ ۾ نہ ايندڙ بيچيني ھئي. ھن پنھنجي پاڻ کي خيالن جي آڏو بيوس پئي محسوس ڪيو. ھن ھڪ پيرو وري بيزاريءَ مان ڪمري ۾ چئني پاسن کان نظر ڊوڙائي، تہ ڪيس سخت وحشت ٿيڻ لڳي.(ڪيڏي نہ خاموشي آھي.... ھيءَ خاموشي، ھيءَ رات جو سناٽو، ھي خيال، ھي اندر جي اڪيلائپ ۽ ھي گھڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ..... ھي سڀ گڏجي مون کي ماري ڇڏيندا.... مان ڇا ڪريان؟ ڪيڏانھن ويجان؟ ۽ وڃي بہ ڪيڏانھن ٿي سگھان. چئني پاسن کان سخت انڌوڪار آھي. سخت انڌوڪار، اندر جي اڪيلائي، بيچيني، بيحسي، بيرحمي، خيال، خوف، بيوسي، ۽ ھيو.....؟ ھيو ڇا. ڪجھ بہ نہ. فقط انڌوڪار ۽ ان ۾ سخت پٽکندڙ اڪيلو ۽ ذليل، بيرحم، بيوس ۽ نفرت جي قابل..... نہ، نفرت جي قابل نہ، پر فقط رحم جي قابل انسان.)

ھن پنھنجي اندر جي بيچينيءَ کي ختم ڪرڻ چاھيو. خيالن

جي رُخ کي ڦيرائڻ جي کوشش ڪئي، ڪنهن سيکڙات ناکئي جيان، جيڪو ڪُن کان ٻيڙيءَ کي بچائڻ جي کوشش ۾ ويڄي ڪُن جي حوالي ٿيندو آهي. (ڪُن؟ زندگي؟) هن ميز ڏانهن نهاريو. سندس دل ٿي، هن خاموشيءَ ۾، گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ ڪو ٻيو به آواز هجي. "پر ڪهڙو آواز؟" ـ هن هڪ هٿ سان ڊائننگ ٽيبل تي هلڪي هلڪي ٽڪ ٽڪ ڪئي. گهري خاموشي، ٽڪ ٽڪ جو عجيب آواز، هن بي انتها خاموشيءَ ۾، گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ ڪيس اهو آواز به سڪون ڏيڻ لڳو. ڪجهه ديرتائين هوءَ ائين آڱرين سان ڪا سمجهه ۾ نه ايندڙ ڏُن وڄائيندي رهي، خالي خالي ذهن سان! خالي ذهن؟ (ڪاش! اسان جا ذهن سدائين خالي هجن. بلڪل هن ڊائننگ ٽيبل جي ڪاريءِ صاف سطح وانگر بيحد صاف، جنهن تي ڪو نشان پوندو آهي نه اُهو هڪ منٽ ۾ ڪپڙي سان صاف ٿي ويندو آهي. اسان جا ذهن به ائين هجن. اسين جڏهن چاهيون، پنهنجي مرضيءَ سان انهيءَ ذهن جي اسڪرين تي ڪي يادون ناهيون، ۽ ڪي يادون ڊاهي ڇڏيون. ڪاش! هيءُ ذهن جو اسڪرين اسان جي ڪنٽرول ۾ هجي. پر هي ذهن جو اسڪرين نه فقط ائبسٽرئڪٽ (Abstract) آهي. سنمبالڪ آهي. سمجهه ۾ نه ايندڙ، مونجهارا پيدا ڪندڙ جديد دور جي جديد انسان جو ائبسٽرئڪٽ ذهن، جنهن ۾ سواءِ ذهني پريشاني، روحاني نا آسودگي، دکن، جذباتي ۽ غير جذباتي خواهشن جي، ٻيو ڪجهه به ڪونهي.)

"پر هيءَ ذليل نوڪرياڻي ڪيڏانهن وڃي مري ويئي؟" هن سامهون وال ڪلاڪ ۾ نهاريو. رات جا سايا ٻارهن. "سايا ٻارهن؟ ٻارهن جو ٽڪاءُ مون ڇو ڪونه ٻڌو؟ ڇگي ديرٿي ويئي آهي!" اوچتو ڪيس پنهنجي مڙس جو خيال آيو. جيڪو هينئر شايد ڪٿي نشي ۾ گم، رمي ڪيڏندو هوندو. يا.....؟ پر مون کي انهيءَ سان ڇا؟ مون کي سندس انتظار ڪونهي."

قدمن جي چاپ جو آواز ٽيو. هن ڪنڊ ورائي پويان ڏٺو. قمر ماني ٽراليءَ ۾ ڪٽي پئي آئي. هن قمر ڏانهن ڏٺو. ڪيس هن تي بيحد

رحم اچڻ لڳو- "مون هِن ويچاري غريب کي سويل دڙڪو ڇو ڏنو؟" هن قمر ڏانهن نهاريندي سوچيو، جيڪا ڪنڌ هيٺ ڪيو، ميز تي چانورن جو ڍِش رکي رهي هئي. (اسين پنهنجي نفرتن جو اظهار ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کان گهٽ ماڻهن تي ڇو ڪندا آهيون؟ چاڪاڻ تہ اسين جن سان پُڄي سگهندا آهيون، تن سان نفرت جو اظهار ڪندا آهيون، ۽ جن سان پڄي نہ سگهندا آهيون تن سان اندر ۾ نفرت جو اظهار ڪندا آهيون، ۽ اُها بہ هڪ سخت منافقي آهي!) هن جي دل ٿي تہ هوءَ قمر کان معافي گهري- "پر ڇو؟"

"ڏڪ قمر، تون وڃ. آءٌ پاڻهي ماني کائيندیس." هن قمر کي چيو، جيڪا ڪنڌ هيٺ ڪيو، چپ چاپ بيٺي هئي- (ويچاري. هن مهل تائين جاڳي پئي. اسين سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وقت ۽ حالتن جي هٿن ۾ سخت مجبور ۽ بيوس آهيون. هيءَ نوڪرياڻي آهي، ان ڪري سخت مجبور آهي هن وقت تائين جاڳڻ لاءِ. مون کي خبر آهي هيءَ غريب آهي، مڙس خون جي ڪيس ۾ جيل ۾ بند، ۽ ماءُ انڌي اٿس. غربت بہ ڪهڙي نہ ذليل چيز آهي. خبر ناهي ڪڏهن هيءَ غربت ختم ٿيندي؟ ۽ مان بہ هن سان وڙهندي آهيان. پر سڀ ڪجهہ فضول آهي.) هن هڪ پيرو وري قمر ڏانهن ڏٺو، جيڪا چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪيو، ڪمري مان ٻاهر وڃي رهي هئي. قمر ٻاهر ويئي تہ هن اکيون بند ڪري، مٿو ڪرسيءَ سان لڳائي ڇڏيو. سندس ذهن بيحد ٿڪل هو. ڪيس لڳو پئي، جڙ هوءَ سوين ۽ هزارين ميل سفر ڪري آئي هجي. (زندگي بہ هڪ سفر آهي، جنهن جي ڪا منزل ڪانهي. اڻ جاڻ ۽ منجهل پيچرن جو سفر، ڏگهو ۽ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ. پانڌيءَڙا هڪ هڪ ٽي ختم ٿيندا ويندا، انهيءَ ساڳين پيچرن تي، پر هي سفر ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو. الائي ڪڏهن اُهو ڏينهن ايندو جڏهن هي سڀ ڪجهہ سانگ پورو ٿيندو. خبر ناهي ڪڏهن؟ ڪا جاڻ نہ آهي.)

هن جي دل ٿي تہ هو ائين اتي سمهي پوي، هتي هن خاموشيءَ ۾، هن شديد گهري سناٽي ۾، هن گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ. هن

يڪدم اکيون کولي ڪمري ۾ نهار ڦيرائي. ڪمري ۾ ڦهليل خاموشي، هاڻ ڪيس هڪ عجيب سُڪون ڏيئي رهي هئي. هڪ اهڙو سُڪون، جيڪو هن کي اڳي ڪڏهن به ڪونہ مليو هو. ڪيس پنهنجي بيبڙ روم جي خيال کان سخت وحشت ٿيڻ لڳي. ڪيس سخت نفرت ٿيڻ لڳي پنهنجي بيبڙ روم کان. پنهنجو بيبڙ روم جنهن ۾ هن الائي ڪيتريون راتيون بيحس ٿي گذاريون هيون. اڄ ڪيس پهريون پيرو احساس ٿيو هو تہ ڪيس هن گهر کان، هن گهر جي ماحول کان سخت نفرت هئي. سخت نفرت، جنهن کي هوءَ الائي ڪيئن لڪايو ويني هئي. اڄ اهي سڀ پردا ختم ٿي ويا هئا. سڀ پڇ تہ ڪيس هن ڪمري جي خاموشي، هڪ عجيب سڪون ڏيئي رهي هئي: خاموشي، سخت گهري خاموشي، سناٽو، اڪيلائپ ۽ هيءُ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ. هي سڀ گڏجي ڪيس سُڪون ڏيئي رهيا هئا. (ان جي معنيٰ تہ سڀ ڪجهہ هِرڻ تي آهي. انسان جنهن بہ ڳالهہ تي پاڻ کي هيري ٿو چڏي، پوءِ اُها ڳالهہ عجيب نٿي محسوس ٿئي! "مون کي ڪجهہ دير اڳ هِن سناٽي ۽ خاموشيءَ کان سخت ڊپ لڳي رهيو هو. پر هاڻي مون کي ڪيترو نہ سڪون ملي رهيو آهي هن خاموشيءَ ۾، هن سناٽي ۾ هِن گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ سان گڏ! پر هيءُ گهڙيال جيڪڏهن بند ڪري چڏجي تہ پوءِ ڪيڏو نہ عجيب محسوس ٿيندو. ماحول ڪجهہ عجيب ٿي ويندو، پر فقط ڪجهہ دير لاءِ. پوءِ وري هِري ويندا سين. هن خاموشيءَ ۾، هن سناٽي ۾ گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ کان سواءِ! ڪاش، هي هينئر وارو سڪون، خاموشي ۽ سناٽو، مون کي سدائين حاصل هجي. مان هتي ئي سمهي پوان. مون کي ڪنهن جي پاسي ۾ سمهڻ کان سخت نفرت آهي. نفرت سخت نفرت.....)

اوچتو سندس نظر مانيءَ تي وڃي پيئي. ڪيس ياد آيو تہ هن کي بُک صفا نہ هئي. ٻاهر موٽر جو تيز هارن وڳو ۽ هارن جي آواز سان گڏ هن جي اندر ۾ ڊپ جو هڪ عجيب ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ احساس جاڳي پيو. هوءَ بنا ڪنهن احساس جي ڪرسيءَ تان اٿي بيهي رهي.

(اڇي ويو شايد ۽ هيءَ رات ۾ شايد جاڳندي گذري وڃي..... ۽ گذري ويندي هيءَ رات ۾ ائين!)

هن سوچيو: "رات پويان ڏينهن، ڏينهن پويان رات ۽ زندگي ائين ئي هلندي رهندي، احساس ۽ جذبي جي هوندي، بنا ڪنهن احساس ۽ جذبي جي!"

ڏورڻ گھٽو ڏاکڙو

اوچتو نند ۾ ڪيس محسوس ٿيو، جڙ ڪوئي ڪيس گھوگھو ڏيئي رهيو آهي. هوءَ ڇرڪ پري اُٿي ويهي رهي. خالي خالي ذهن سان چند گھڙيون هوءَ ائين ئي ويٺي رهي. ڪيس سمجھ ۾ نه پئي آيو ته هُن ائين ڇو محسوس ڪيو. (مان ڪير آهيان.... ڪٿي سُتل آهيان.... مان سُتل ڪٿي آهيان؟؟) ۽ سچ پچ ته هن نند ۾ ائين ئي محسوس ڪيو هو ته ڪيرڪيس گھوگھو ڏيئي رهيو آهي؟ هُن کي اهو احساس ٿيو ته بي اختيار سندس هٿ پنهنجي ڇڇيءَ ڏانهن وڌي ويو. هُن پنهنجي ڇڇيءَ کي هٿ لائيندي پاسي ۾ نهار ڪئي. ڊبل بيڊ تي پاسي کان سندس مڙس گھري نند ۾ ستل هو. سندس نظرون پنهنجي مڙس تان ٿيندیون اڇي پنهنجي ڪَڇ تي پيون، جنهن ۾ سندس مڙس جو هٿ هن جي اٿي ويهڻ جي ڪري اڇي پيو هو. هُن ڪمري ۾ نهار ڪئي، ڪمري ۾ زيرو جو بِلو بلب ٻري رهيو هو. بلب جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن سامهون کان ڪليل دريءَ ڏانهن نهاريو. سامهون دري ڪليل هئي. ڪليل دريءَ مان تيز هوا جي جھوٽن سان گڏ چانڊوڪي پڻ ڪمري ۾ گھڙي آئي هئي. اڌ ڪمري ۾ چانڊوڪي ڦھليل هئي، (شايد چوڏھينءَ جو چند آهي، ۽ هنن چانڊوڪين ۾ ٻه تہ مون کي الائي ڇا ٿي ويندو آهي؟ ٿي ڇا ويندو آهي، ڪا ڄاڻ ناهي؟) سوچ سان گڏ سندس من ۾ مونجهاري جي ڪوريڙي اُڏڻ شروع ڪئي.

هُن هڪ ڀيرو وري پنهنجي مڙس جي گھاٽن وارن واري ٻانهن کي ڏٺو ته کيس سخت ڪراهت ٿيڻ لڳي. هوريان پنهنجي مڙس جي ٻانهن پاڻ تان هٽائي، هوءَ تيزيءَ سان بيڊ تان لهي اُٿي بيهي

رهي.هوءَ اٿي بيٺي تہ ڊگها پنيا وار مُک تي لڙي آيس. هڪ هٿ سان پنهنجي ڪليل وارن کي سنواريندي هوءَ اچي دريءَ ۾ بيٺي، تہ ڪيس محسوس ٿيو، تہ هوءَ دريءَ تائين پيرين اُگهاڙي آئي هئي. پيرن هيٺان نرم ڪارپيٽ پيل هو، جنهن ۾ سندس نرم پير بيهجي ويا هئا. دريءَ وٽ بيٺي بيٺي هُن کي الائي هڪ عجيب قسم جي مونجهہ ٿيڻ لڳي. (اها مونجهہ ۽ الائي ڪهڙي قسم جي آهي؟ ڪيس ياد آيو تہ هوءَ جڏهن ۽ مونجهہ محسوس ڪندي آهي، تہ اچي ان دريءَ ۾ بيهندي آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ائين ئي هوءَ دريءَ ۾ بيٺي هوندي آهي. ان دريءَ سان منهنجي من جون الائي ڪهڙون تندون ڳنڊيل آهن. سنهنڙا ان دريءَ سان شايد ان ڪري ۽ آهي، جو منهنجي من جو وياڪل پکيئڙو ان وڏي ڪليل دريءَ مان ٻاهر اُڏامي ويندو آهي. اُڏامي ويندو آهي دور دور تائين، (سنڌوءَ جي هِن پارڪان، سنڌوءَ جي هُن پار تائين!!) هينئر هِن مهل جڏهن پنهنجي من ۾ هُن گهريَ مونجهہ محسوس ڪئي، تہ دريءَ مان مُنهن ٻاهر ڪيڊي ڊگها ڊگها ساهہ کڻڻ شروع ڪيا. ڏڏي ڏڏي آڏيءَ رات جو هوا پنهنجي هڪ عجيب مهڪار سان گڏ سندس اونداهي اندر ۾ گهڙي آئي، تہ هن پنهنجي ٻاڻ کي ڪجهہ تازو توانو محسوس ڪيو. هن هڪ ڀيرو وري پنهنجي ڳچيءَ تي هٿ ڦيرينديِ، دريءَ مان هيٺ نهاريو. ٻاهر تيز هوا لڳي رهي هئي. جوڏس چانڊوڪي ئي چانڊوڪي ڦهليل هئي. هيٺ لان سڄو چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل هو.

چانڊوڪيءَ ۾ لُڏندڙ ۽ لمندڙ هيٺ بيٺل وڻ ۽ نِمن جا وڏا وڏا ٻاڇا ڪيس عجيب نظر پئي آيا. لان جي ديوارن کان ڀريان رستي تي ٻہ وڻن جي ٻاڇن ۽ تيز هوا کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ٻہ نہ هو. سندس من ٻہ هاڻ سنسان رات وانگر سُنسان هو. هُن مٿي ڪليل آڪاس ۾ ڪڙيل سڄي چنڊ ڏانهن ڏٺو، تہ ڪيس اُهي راتيون ياد اچي ويون، جيڪي هُن پنهنجي گهر جي ڪليل اڱڻ ۾ ڪٽ تي سمهندي گذاريون هيون. جيڪو سڪون رات جو اڱڻ ۾ سمهڻ کان پوءِ ايندو آهي، اهو هتي هنن بنگلن جي بند ڪمرن ۾ ڪٿي؟ ۽ سچ پچ تہ سنڌ جي شام ۽ رات ٻہ ڏاڍي عجيب آهي. امان ڳالهہ ڪندي آهي تہ ورهاڱي وقت

جڏهن سنڌي هندو ويا پئي تہ چوندا پئي ويا تہ: "سنڌ جون هي راتيون ۽ هي ڪليل جايون اسان جي نصيبن مان نڪري ويون!" (ڪهڙي خبر تہ ڪير ڪنهن جا ڏک پوڳي ٿو؟ ڪا خبر نٿي پوي تہ اسين اهو سيڪجهہ پوڳيون چو ٿا، جيڪي اسان جو ڪيل ناهي! پر منهنجو من بہ تہ ڪيڏو نہ اونداهو آهي هنن چانڊوڪي راتين ۾!! هنن سونهن پرين راتين ۾ جيڪا سوييا آهي. اُها اڪيلي اڪيلي رڳو محسوس ڪري سگهان ٿي. ۽ محسوس ڪري سڀ ڪجهہ ويندي آهيان. اندر ۾ رات ٿيندي آهي تہ اها بہ محسوس ڪندي آهيان ۽ من جي بن تي جڏهن شام ڇانئجي ويندي آهي تہ پوءِ يادگيرين جون الائي ڪيتريون بتيون ٻرڻ ۽ وسامڻ شروع ٿي ويندیون آهن. انسان جي ذهن جون يادگيريون بہ تہ شام جي آڪاس تي ڇانيل شفق جي پيلاڻ جيان آهن. پر سنڌوءَ جي ڪپرتي وسندڙ اسان ماڻهن جا من ايترا منجهيل منجهيل الائي چو آهن؟) اوچتو سندس ذهن تي هڪ لوڪ گيت ٻُري آيو: "ساڻيهہ منجهہ سرير.... هينڌڙي لڳم هير....!" اهو لوڪ گيت الائي ڪير، ڪوئي اڻ ڏٺل وجود سندس مَن جي ڦُرهيءَ تي لکندو آيو آهي ڪيترن جُڳن کان! (ڪاش! مان بہ ڪنهن اڳئي دور ۾ جنم ونان ها. مون کي سدائين لڳندو آهي تہ منهنجي آتما ڪيترن جُڳن کان ائين ئي جيون جا ڏک ۽ درد سهندي پئي اچي.)

اوچتو ڪونگهرن جي آواز تي هوءَ ڪن جڳن مان واپس وري آئي. هُن ڪنڌ ورائي پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو، جيڪو هاڻ ڪونگهرا هڻي رهيو هو. ڪونگهرن جي آواز تي هن جي دل چاهيو تہ ڪائي ڳوري شيءِ هجي، جنهن سان هوءَ پنهنجي مڙس جو مٿو ڦاڙي ڇڏي. هن کي ڪونگهرن جي آواز کان نفرت ڏيڻي لاڪون سخت نفرت هئي. هتي بہ شاديءَ کان پوءِ جڏهن سندس مڙس ڪونگهرا هڻندو آهي، تہ هن جي دل چوندي تہ هوءَ ڪمري جي ديوارن سان پنهنجو سِر ٽڪرائي، يا پنهنجي مڙس جو سِر زور زور سان ديوارن سان ٽڪرائي. انهن پيانڪ آوازن کي هميشہ هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏي. (مون کي سخت نفرت آهي هن شخص کان. هن شخص کان ۽ هن جي ڳالهين کان. مون کي

نفرت آهي هن گهر جي ماحول کان. مون کي هن جي پاسي ۾ سمهڻ کان بہ سخت ڪرپ ٿيندو آهي. منهنجي من ۾ جيڪا اونداهي چانيل آهي، ان کي ايڏا بہ وڌيڪ اونداهي ۽ اڪيلائپ ڪپي! مون کي هاڻ ڪنهن جي بہ ساڻ جي ضرورت ڪانهي. نہ ڪنهن ساڻيءَ جي ۽ نہ ڪنهن سهاري جي! مون هاڻ سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ جڏهن انسان سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏيندو آهي، تہ پوءِ..... پر ڇا مان سپنا ڏسڻ ڇڏي سگهان ٿي. ڇڏي سگهان بہ ٿي الائي نہ؟ پر مون کي تہ هاڻ هر شيءِ سان نفرت ٿيڻ لڳي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ انسان کي جسماني سنبنڌ کان بہ ايترو تہ ڪرپ ٿيندو آهي جو.....؟ ۽ مون کي ان جسماني چاهت کان بہ سخت ڪرپ ٿيندو آهي. مون هاڻ سوچي ڇڏيو آهي، تہ مان هر ڳالهہ ۾ پنهنجي مڙس کي انڪار ڪنديس. آخر انسان جي پنهنجي بہ تہ ڪائي مرضي ٿيندي آهي، پر مرضي شايد عورت جي هن دنيا ۾ هلي نہ سگهندي آهي.. Opposite sex ۾ ڪوئي بہ آهي تہ اُهو مجبور ۽ لاچار آهي! ماڻهو ڪيترو نہ مجبور آهي هن دنيا ۾! ۽ مان بہ هُن جي زال آهيان، ان ڪري ڪنهن بہ ڳالهہ کان انڪار نٿي ڪري سگهان، پر منهنجي انڪار يا منهنجي مرضيءَ جي ڪائي اهميت بہ آهي؟ انڪار لفظ جو تہ اُن ئي ڏينهن انت ٿي ويو هو، جنهن ڏينهن مون پنهنجي من اندر ڦُٽندڙ اُميدن ۽ سپنن جا ساوا ساوا سلا پٽي ڇڻا ڪيا هئا. انسان جي جيون ۾ ڪوئي دور اهڙو بہ ايندو آهي، جڏهن انسان پنهنجي اندر ۾ ڪيترا گلاب جا سُرخ گل ڦُٽندي محسوس ڪندو آهي ۽ جڏهن من ۾ سُرخ گلاب ڦُٽندا آهن تہ پوءِ جيون جون سڀ خوشيون اکين ۾ اوتجي ايندیون آهن. پر الائي ڇو اهي اندر ۾ ڦُٽندڙ سُرخ گلاب ڪومائجي ڪيئن ٿا وڃن؟! پوءِ من اندر گهلندڙ اُداسيءَ جو واءُ اهڙو تہ وري ٿو، جو من جي آلي ڏرتي سڪيو ٽوٽ ٿيو وڃي!)

اوچتو ڪيس ياد آئي شاديءَ جي پهرين رات. اُن رات، ان سهاڳ واري پهرين رات بہ هن جي اڻين ئي پوئين پهر اک ڪلي پئي هئي. اک ڪلي هيس تہ هڪ پيرو وري پنهنجي پاڻ کي پيڙجندي محسوس ڪيو هئائين. ۽ اُن مهل بہ هوءَ بيزاريءَ سان اُٿي ويهي رهي هئي. ان

رات پهريون پيرو ڪيس پنهنجي جسم کان نفرت ٿي هئي. نفرت ٿي هيس پنهنجي بَت کان، ۽ پنهنجي پاڻ مان هڪ قسم جي بوءِ کان. جسمن جي اندر بہ بوءِ آهي، تہ ٻاهر بہ بوءِ آهي. ۽ الائي ڪيترا پيرا سُرهي صابڻ هٿ کان پوءِ بہ پنهنجي پاڻ مان هڪ عجيب قسم جي بوءِ ايندي پئي محسوس ڪيائين. ۽ پوءِ چارليءَ جي اڌ شيشي هٿ کان پوءِ جڏ هوءَ سيٽسفاءِ نہ ٿي هئي. (پر مان هر حالت ۾ هاڻ پنهنجي آزادي نہ وڃڻ ڏيندیس. ۽ مون کي جسماني چاهت کان بہ سخت نفرت آهي، پر نفرت آهي بہ الائي نہ؟ جسماني چاهت، ذهني ميلاپ کان سواءِ اٽپوري ۽ بي معنيٰ آهي، پر ذهني ميلاپ کان سواءِ بہ اها اندر جي گهرج ٿي پوندي آهي. ۽ منهنجي اندر جي بہ گهرج آهي اها! شايد هر چاهت جي پويان بہ تہ ڪاڻ ڪا گهُرج ضرور هوندي آهي. نفرت مون کي ڪنهن ٻئي کان نہ پر فقط پنهنجي پاڻ کان آهي. شادي سدائين سوچي ۽ سمجهي ڪجي. مون شادي ڪئي ائين بنا ڪنهن احساس ۽ بنا ڪنهن جذبي جي!)

هُن کان تڏو ساهہ نڪري ويو. (مان سدائين تڏا ساهہ ڪيترا نہ کڻان ٿي!) هن جي اندر ۾ اوچتو هڪ مانار چانئجي ويئي. هڪ اهڙي مانار، جهڙي مانار ٻاهر وايومنڊل تي چانيل هئي. هوءَ چپ چاپ ڏيري ڏيري ڪُتنڊڙ ٻاهرين رات کي ڏسڻ لڳي. (ٻاهرين رات تہ پوري ٿي ويندي، پر من جي بن تي چانيل رات الائي ڪڏهن پوري ٿيندي؟) ڪوئي زمانو هو جو هُن بہ اهڙي ئي رات جي ڪلپنا ڪئي هئي. چوڏهينءَ جي چنڊ کي ڪنهن ٻئي سان گڏ ڏسڻ جي خواهش ڪئي هئي. (چوڏهينءَ جو چنڊ سڄو ڪڙيل هجي آڪاس ۾! ڏگها ڏگها وڻ هجن. رات هجي، هو هجي، مان هجان، تيز هوائون هجن ۽ هوائن ۾ اڏامندڙ هن جا ۽ منهنجا وار هجن. هن جا ۽ منهنجا وار پاڻ ۾ وڇڙن ۽ سنڈوءَ جو ڪپر هجي. سنڈوءَ جو ڪپر هجي ۽ شام هجي..... ۽، ۽ الائي ڇا ڇا نہ هجي! ڪهڙي خبر تہ ڇا هجي ۽ ڇا هئڻ ڪپندو هو، پر هو ذليل نہ ٿئي ها. تہ ڪنهن ٻئي سان شادي ڇوڪريان ها!) ڪيس بيٺي بيٺي احساس ٿيو تہ اڄ رات سنڈس ننڊ ڇو ڦٽي؟ (ڇو ڦٽي پئي ننڊ؟ جيون جي هر شيءِ جيان. هاڻ ننڊ بہ

مون کي اڪيلو ڇڏي ويئي هلي.)

ٻاهر ڏيري ڏيري ڪُتندڙ رات هئي ۽ سندس اندر ۾ نہ ڪٽندڙ خيال هئا. هوءَ هئي، ۽ اڪيلائي هئي. من جي سنسان بن ۾ ٻڏندڙ هن جي سنسان آتما هئي. سنسان رات جو پريان ڪتان ڪتن پونڪ ڪئي. ڪتن جي پونڪ جو آواز رات جي خاموشيءَ ۾ الائي ڪيس عجيب نہ لڳو. ڪتن جو آواز ويجهو ٿيو تہ هُن ٻاهر روڊ ڏانهن نهاريو. ٻہ ڪتا (يا هڪ ڪتو ۽ هڪ ڪتي) هڪٻئي جي پويان پونڪندا سامهون واري بنگلي جي پاسي کان ٽپندا هليا ويا. اوچتو رستي تان هڪ ٽانگو اچي لنگهيو. هُن خاموشيءَ سان ويندڙ ٽانگي کي ڏٺو. جيڪو هاڻ سامهون واري رستي تان لنگهي رهيو هو. گهوڙي جي ٽاپن جو آواز سندس من ۾ ائين گونجڻ لڳو. جيئن ڪڏهن ڪڏهن....؟ ٽانگي جون ٻئي بتيون سندس من ۾ وساڻل يادن جون الائي ڪيتريون ٻيون بتيون روشن ڪنديون ڪائنس دور ٿي ويون. (پر ڪير ٿو ڪنهن کي هاڻ ياد ڪري. ياد ڪرڻ جو ٻہ ڪو وقت هوندو. هڪ پيري هو ۽ مان ٽانگي ۾ چڙهي الائي ڪيڏانهن ويا هئاسين..... پر هي ٽانگي وارو الائي ڪير هوندو؟ ڪير هوندو هي ٽانگي وارو، جيڪو هِن معل اڪيلو يا ڪنهن ٻئي سان گڏ ٽانگو هلائيندو پيو وڃي؟ هن دنيا ۾ اسان جي آس پاس کان ڪيترا نہ انسان وسن ٿا. هر انسان پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ موجب پنهنجي پنهنجي جاءِ تي زندگيءَ سان اڪيلو اڪيلو جهيڙي رهيو آهي- ۽ مان ٻہ تہ هاڻ ظاهر ٿي پئي آهيان ڪيترن ڏينهن کان پنهنجي پاڻ تي!!)

ڪيس ٻيئي ٻيئي احساس ٿيو تہ هاڻ سندس سوچن جا سلسلا ٽُٽي پرزا پرزا ٿي ويا هئا. سلسلو تہ ڪنهن شيءِ جو ٽيندو ئي ڪونهي. هُن وساڻل نيٽن سان مٿي دونهاڻيل آڪاس ۾ نهاريو. (سڀ چوندا آهن تہ "تون آسمان ۾ ڪنهن کي نهاريندي آهين؟ ڪنهن کي نهاريندي آهيان، ڪهڙي خبر؟ منهنجي نظرن کي جنهن شيءِ جي تلاش آهي، ان شيءِ جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر؟) آڪاس ۾ سجو چنڊ ڪا معل هن جي مٿان موجود هو، پر هاڻ چنڊ

هُن جي مٽان الائي ڪيئن ترندو، اولهه ڏي پاسي وارن جي بنگلي مٽان وڃي ٻيٺو هو. تارن جي وچ ۾ ڪڙيل هي چنڊ به ڪيڏو نه عجيب آهي! چنڊ آهي ته تارن جي روشني به ڦڪي ٿيو وڃي. چنڊ ڇوڪهينءَ جو آهي ته ٿيڙو به الائي ڪيڏانهن سويل ئي پنڌ ڪيو ٿا هلیا وڃن! آرهڙ جي راتين ۾ جڏهن هوءَ ٿيڙن کي ڏسندي آهي ته سندس اندر ۾ الائي ڇا ٿيندو آهي. ننڍڙي هوندي به هوءَ سمهڻ مهل سدائين آڪاس ۾ نهاريندي هئي، ته ماٽس آڪاس ۾ نهارڻ کان ڪيس روڪيندي هئي. آرهڙ جون راتيون، ڪليل وڏو اڳڻ ۽ ڪليل اڳڻ ۾ ڪٽن جي قطار، ۽ مٽان آڪاس ۾ ٽمڪندڙ الائي ڪيترا تارا. تارن ۾ ڪيس ٿيڙو وٽندا هئا. ڪيس ٿيڙن سان ننڍڙي لاڪون هڪ عجيب پيار هوندو هو. سندس گهر جي ٻاهران بينل اوير جي پاسي کان بڙ جي وڻ مٽان جڏهن ٿيڙو ٽمڪندا هئا، ته هوءَ الائي ڪيتري دير تائين انهن ٿيڙن کي پنڌ ڪندي ڏسندي هئي. هڪ رات ته هُن سڃي رات جاڳي اويرکان ٿيڙُن کي نڪرندي ۽ اولهه ۾ گم ٿيندي ڏٺو هو. (انسان به هن جيون ۾ انهن ٿيڙُن وانگر پنڌ ڪندو رهي ٿو. ٿيڙو به پنڌ ڪن ٿا. انسان به پنڌ ڪري ٿو. هيءَ رات به پنڌ ڪري ٿي ۽ هي چنڊ به پنڌ ڪري ٿو، ۽ منهنجو هي ذهن به پنڌ ڪري ٿو. امان چوندي آهي، پر امان هينئر گهر ۾ ڇا ڪندي هوندي؟ الائي ڪٽي اڪيلي اڪيلي سُتل هوندي؟ ڪليل اڳڻ ۾، ٻيڙي پيئندي ڪيس نند اچي ويئي هوندي. هوءَ ستل هوندي ان ساڃَئي اڳڻ ۾، جتي نِم جو گهاٽو وڻ آهي، ۽ ميندیءَ جا ٻوٽا آهن!) سوچيندي سوچيندي هُن کي احساس ٿيو، ته هاڻ هُن جي اندر کي هڪ نئين صبح جي تلاش هئي. هڪڙو نئون صبح. خوشين، سُکون ۽ گلن جي مهڪار سان تمتار هڪ صبح. پر الائي ڪهڙيون خوشيون هيون سندس؟ الائي اُها ڪهڙي بسنت جي رُت هئي، جنهن جي اچڻ سان سندس من جي بن ۾ ساوڪ ٿي سگهي ٿي؟ (ڇا مون کي خبر آهي ته منهنجي اندر کي ڪهڙي صبح ۽ ڪهڙي سکون جي تلاش آهي؟)

هوءَ هڪ آخري نهار ٻاهرئين ماحول تي وجهي، مُڙي ۽ ڏيمي ڏيمي چال سان هلندي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. ڪرسيءَ تي

ويهندي ڪيس الائي وري ڪهڙو احساس ٿيو. جو هوءَ اتان اٿي وڃي پنهنجي مڙس جي پر ۾ سُتي. بيڊ تي ليٽڻ کان پوءِ هُن پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو. جيڪو گهري ننڊ ۾ گُم هو. سُتل مڙس تي هڪ نظر وڌي، هُوءَ پاسو ورائي نيٽن کان سوين ڪوهه دور پٽڪندڙ ڪنهن ويراني ۾ ننڊ جي پکيڙ ۾ گولڻ لڳي، پر ننڊ جو پکيڙو تہ آڪاس جي الائي ڪهڙن تَهن ۾ وڃي لڪو هو. ٻاهر هوا تيز ٿي ويئي هئي. هوا جي تيز ٿي وڃڻ جي ڪري دريءَ جو پردو وري اُڏامڻ لڳو هو. ٻاهران ڪٽان هڪ ئي وقت ڪيترين ٻانگن جو آواز اڇڻ شروع ٿي ويو. (سنجهي مون نہ سنيالیو. صبح ساريم سُورا!) اسر مهل ٻانگن جي انهن آوازن سان گڏ ڪي ٻيا آواز، زندگيءَ جي ڇُرپُر جا ڪيترائي آواز، سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳا، تہ هُن خاموشيءَ سان بنا ڪنهن سوچ جي پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون! اسُر جي ٽڏي ٽڏي هِير ڪليل دريءَ سان ٽڪرائجي اچي ڪيس لڳي، تہ هُن جون اکيون پاڻهي ٻُوٽجي ويون!

(تماهي مهراڻ 1979ع)

من تنها ۽ منزل دور

ٻاهر آسمان ۾ گوڙ جو هيبت ناڪ آواز ٿيو، ته هن جي من ۾ ڌپ جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي. (شايد اڄ مينهن پوي! هن سوچيو) هوءَ جيڪا صبح کان وٽي هتي ڊرائنگ روم ۾ ويٺي هئي، تنهن کي لڳو ڄڻ آسمان ۾ ڪائي پراسرار طاقت ڪنهن بيءَ طاقت سان وڙهي رهي آهي. هن ڊرائنگ روم ۾ هڪ نظر وڌي. هر شيءِ هن جيان سانت هئي- (هن کي محسوس ٿيو ائين). ڪوچ، ميزون، ڪرسيون، ديوارون، غاليچو (وال ٽو وال)، پردا ۽ ڳاڙهي پردي ۾ لڪل شيشي جي وڏي شاهي دري يا ديوار. (هن جون نظرون ڄڻ ڪنهن ڪئميرا جون لينس هيون) ٻاهر هڪ پيرو وري گوڙ جو ٽڪاءُ ٿيو، ته هوءَ ڏڪي ڪوچ تان اُٿي بيهي رهي. ٻاهر سانوڻ جي مند هئي ۽ اندر سنڊس من ۾ بہ ڪا اهڙي ئي وسڻ جي مند گهڙي آئي هئي. سانوڻ جي مند سڳنڌ ۾ڻل هوا سان گڏ ڪمري ۾ گهڙي ڪيس احساس ڏياري رهي هئي ته هن بدلجندڙ من ۾ ڪي تحريڪي يادگيريون لڪل آهن.... ننڍڙي هوندي، هن ڪي ياد آهي ته جڏهن سانوڻ جي مند ايندي هئي، ته بهار جيان ڄڻ سيني جي دلين ۾ خوشين جون بند مکڙيون پٽجي پونديون هيون. هوءَ بہ ٻين سرتين سان گهٽيءَ ۾ ڊڪون پائي چوندي هئي..... "پت تي جهرڪي، مينهن آيو ترڪي..... پت تي وايو، مينهن آيو ڏاڏو..... !" (پت!..... وڏي شاهي صفي جون پتيون ۽ ٻاهر اڱڻ ۾ بيٺل شاهي وڏيون پتيون....) هن چرڪي، ڊرائنگ روم جي ننڍين چتين وارين ننڍين ديوارن ڏانهن ڏٺو ته هن کي ڏاڏو ڌپ ٿيو. ڪيس لڳو ڄڻ هوءَ سامهون بيٺل ديوار اڳيان وڏي رهي آهي، جا وڏي اچي مٽس ڪرندي. هوءَ ڏڪي ويئي

ڪنهن اڇاڙ ڊپ مان! ڪنهن اڙ جاڙ ڊپ وڃان، هوءَ تڪيون وڪون ڪٽندي اچي ٻاهر لان ۾ بيٺي. سندس پيرن ۾ نرم سنڈي جتي هئي. هن اها جتي لاهي پنهنجا نرم ۽ گلابي پير ڊاڪا گراس تي رکيا تہ سندس من تي هلڪي هلڪي مينهوگيءَ جهڙي ٽڏڪار ڇانئجي ويئي. سندس پيرن هيٺان نرم نرم ڇپر هئي ۽ مٽان ڪارن ڪڪرن سان ڊڪيل اونداهو آسمان. مينهن اڃان نہ وٺو هو پر مينهن پوڙ ڪان اڳ هلندڙ هوا ڏيري ڏيري هلي رهي هئي. هن جي پر ۾ ئي گلاب ۽ موتئي جون قطارون هيون جن جي وچ ۾ زيتون جو وڻ هو. اوچتو گوڙ جو آواز ڪيترن ٽڪاون سان ٽيو. جنهن سان سڄو وايومنڈل گونجي اُٽيو. پر هوءَ هن ڀيري نہ ڊني. هوءَ بيٺي رهي انهن آوازن سان گڏ! ڪليل آسمان جي هيٺان، ڪارن ڪڪرن سان گڏ. (جڏهن ننڊپڙ ۾ اهڙا ساڳيا گوڙ جا هيبت ناڪ آواز ٻڌندا هئا تہ هوءَ ڊڪي وڃي پنهنجي ماسيءَ جي هنج ۾ لڪندي هئي. ماسيءَ جي هنج ان مهل ڪيس ڪنهن ٽڪر تي ٽهيل ڪوٽ جيان لڳندي هئي، جنهن ۾ لکي هوءَ پاڻ کي هر شيءِ کان محفوظ سمجهندي هئي.....) مينهن وڏ ڦڙي وسڪاري سان وسندو هو ۽ هوءَ وراندي ۾ وڏي ڪٽ تي ماسيءَ جي هنج ۾ ويهي نيسارن مان وهندڙ مينهن جي پاڻيءَ کي ڏسندي هئي. سانوڻ جي مند وڏي شاهي اڳڻ ۾ نم، جنهن ۾ پينگهہ وجهي هوءَ لڏندي هئي. نم جي پرسان ٽين جي پڙڇن سان ٽهيل شاهي رڌڻو، جنهن ۾ ڪانين جي باهہ تي الائي چا چا پيو پچندو هو. سانوڻيءَ ۾ اها سندس ماسي، ميدي جون مانيون پچائيندي هئي، پکوڑا ترينديِ هئي ۽ مني تهري رڌيندي هئي.

ڪيس ڇگيءَ طرح ياد آهي، جڏهن مينهن پوندو هوتہ مينهن جو پاڻي رڌڻي جي ڇت تان نيسارا ڪري وهندو هو ۽ هوءَ چلهہ وٽ هرندڙ باهہ جي پر ۾ صندليءَ تي ويهي اهو نظارو يڪ ٽڪ ٿي ڏسندي هئي..... پر وقت جي هڪ ئي ويڙ سندس نيٽن اڳيان اهو سڄو منظر وهائي وڃي چڪي هئي.... انسان، ڪاش مرڻ سان گڏ پنهنجيون سڀ يادگيريون بہ پاڻ سان گڏ کڻي وڃي تہ ڪيڏو نہ سنو ٿئي! پر هاڻي هوءَ ڪٽي ڳولينديِ انهن گذري ويل گهڙين کي! ڪاش! موت،

انسان سان گڏ، انهيءَ جون سڀ پويان ڇڏيل يادگيريون ۽ ميڙي وڃي! مٽن مٽيءَ ۾ سوين پٽرن جي هيڻان پوريل ماسي هاڻ ڪٽي سندس ڳالهيون ٻڌندي! سانوڻ جي مند تہ وري ۽ اچي ٿي، پر اُهي ماڻهو جن اهو سانوڻ ڏٺو هو، چا سي واپس وري سگهندا؟ هن اداسيءَ مان سوچيو.... ۾ پڇيو پنهنجو پاڻ کان سوال!)

اوچتو ڪي ڦڙيون آسمان مان ڪريون ۾ اهي اچي سندس اکين جي پنبڻين تي پيون. هن هڪ هٿ سان اُهي مينهن جون ڦڙيون پنهنجي اکين جي پنبڻين تان پري ڪرڻ چاهيون، پر پوءِ الائي ڪهڙو خيال آيس جو اهو وڌيل هٿ هن روڪي ڇڏيو. اکين ڪي چنيپي هن لان ڏي نهاريو. پريان مالهي ۾ سندس چوڪري گلاب جي ٻوٽن وٽ گڏ ٻئي ڪئي. پريان پيلي رنگ جي گلن جا ٻوٽا هوا ۾ لڏي رهيا هئا. هوا جا تيز ۾ ٽڏا جهوٽا آيا ۾ اچي سندس گلابي ڳلن سان ٽڪرايا. هن نظرون ڪٽي آڪاس ۾ چانيل گهنگهور گهٽائن ڪي ڏٺو. (آڪاس ۾ جڏهن گهنگهور گهٽائون چانئجي ويندیون آهن تہ منهنجي من ۾ ٻہ ائين انهن گهٽائن جيان، يادگيرين جون گهنگهور گهٽائون پرجي ايندیون آهن ۾ پوءِ مان ٻہ انهن گهٽائن جيان روئي پوندي آهيان. آڪاس تي چانيل گهنگهور گهٽائون تہ وسي هليون ويندیون آهن، پر هي من تي چانيل گهنگهور گهٽائون جڏهن وسڻ شروع ٿيندیون آهن، تہ پوءِ اُهي چاهيندي ٻہ بس نہ ڪندیون آهن!)

هوءَ خيالن ئي خيالن ۾ گم ٻہ قدم اڳيان وڌي اچي زيتون جي وڻ وٽ بيني. سامهون نم جي وڻ ۾ ڪوئل ڪوڪ ڪئي- ۾ پوءِ ڪوئل ڪوڪ ڪندي ئي رهي. سندس من پرجي آيو. ڪوئل جي ڪوڪ ٻڌي، آسمان تي چانيل ڪارين گهٽائن جيان. اجا ڪجهہ ڏينهن اڳ ئي هن اقبال، نسرين ۾ پنهنجي مڙس سان گڏ هن ئي لان ۾ گڏجي چانهہ پيتي هئي ۾ ان کان پوءِ هن محسوس ڪيو هو تہ سندس اندر ۾ ان ڏينهن کان وٺي مونجهہ ۾ اُداسيءَ جي ڪوريڙي پنهنجي اُٽت شروع ڪري ڏني هئي. اوچتو ان ئي مهل زيتون جي ننڍڙي وڻ هيڻان بيني سندس من پرجي آيو. آڪاس تي چانيل گهنگهور گهٽائن جيان، ڪالهہ آڏيءَ رات کان وٺي هوءَ بيچين هئي.

(الائي ڪيترن ڏينهن کان وٺي پيچري ۾ بند ٽيل ڪنهن پنڇيءَ جيان هوءَ پنهنجي شام صبح ائين گهاريندي پئي آئي!) ڪالهه آڏيءَ رات کان وٺي سندس من ۾ صدين جا ڪي وسريل پڙلاءَ اڇي گونجيا هئا، جن سندس نيٽن مان ننڊ جي پکيڙڙي کي اڏاري ڇڏيو هو. هوءَ اسر تائين جاڳي هئي ۽ پوءِ جاڳندي جاڳندي الائي ڪيئن پريات جي ٽڏي ٽڏي هير ڪيس پنهنجي هنج ۾ لڪائي ٽپڪيون هٽي سمهاري ڇڏيو هو. صبح جو دير سان اُٿي هئي ته مٿي ۾ سخت سور هيس ۽ مڙس اڳي آفيس وڃي چڪو هو. ڪيس اڄ دير سان اٿڻ جو ڏک هو، پر اهو ڏک وڌيڪ ان محل گهروٽي ويو هو، جڏهن ڪيس خبر پئي هئي ته سندس مڙس اڄ بنان نيرن ڪرڻ جي ائين ئي نيرانو آفيس هليو ويو هو. (هي رشتا بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي معنيٰ سان گڏ ڪيڏا نہ بي معنيٰ ٿي پوندا آهن۔ هن سوچيو). رات جي اوجاڳي سندس اکين ۾ الائي ڪهڙي جوت جاڳائي ڇڏي هئي، جنهن ڪيس اڄ اهو سڀ ڪجهه محسوس ڪرايو هو، جنهن کي هن اڳي محسوس ڪندي بہ، محسوس ڪرڻ نہ پئي ڏنو!

هن کي الائي ڇو ڪيترن ڏينهن کان اهو محسوس پئي ٿيو ته هن جي ۽ سندس مڙس جي وچ ۾ ڪي ديوارون اڇي پيون آهن، جي ڏينهون ڏينهن اوچيون ٿي رهيون هيون. هن کي ڪڏهن ڪڏهن ته ائين محسوس ٿيندو هو ته هوءَ هروپرو بہ پنهنجي اندر ۾ نفرتن جون ديوارون ٺاهي ۽ ڌاهي رهي هئي. (پر هاڻ شايد اهي ديوارون مون کي پاڻ ئي ڌاهٽيون پونديون) زال ۽ مڙس جي زنجير کي ٽوڙڻ ڪنهن جي هٿ ۾ آهي، ان تي هن ڪڏهن بہ غور نہ ڪيو هو. پر ڪيس ان ڳالهه جو احساس ضرور هو ته عورت جڏهن شادي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجا سيئي آئيڊيل ڇڏي ڪنهن اجاڻ انسان کي پنهنجن سپنن جو خريدار بنائيندي آهي ته پوءِ اهي سيئي سپنا ڪنهن پيانڪ ۽ پوائتي سپني جيان لڳندا آهن. اهي پيانڪ ۽ پوائتا سپنا پوءِ انسان جو سڄي زندگي ڪنهن پراسرار پاڇي جيان پويان هوندا آهن. پر هن ته پنهنجا سيئي سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏنا هئا. پر پوءِ بہ ڪنهن پوت جيان اهي سپنا سندس پويان هئا. (خدايا، مون کي ڊيجاريندڙ سپنا

نہ ڏيکارا) ۽ خدايا، هاڻ تہ سچ پچ مان پڄڻ چاهيان ٿي پنهنجن سپنن کان، سوچن کان، آئيڊيل کان. اوچتو هن کي اهو خيال آيو تہ هوءَ ائين چو سوچي رهي آهي. ڪالهہ تائين تہ هن سوچيو هو اڳيان هلي هن زال ۽ مڙس واري زنجير کي هڪ ئي ڇڪ سان ٽوڙي ڇڏيندي، پر اڄ صبح جو هوءَ جڏهن باٿ روم ۾ ويئي هئي، تہ ڪيس سخت حيرت ٿي هئي تہ ڪيس ڪپڙا ڪونہ آيا هئا. مهيني جا شروعاتي ڏينهن هئا، ۽ ڪيس سدائين مهيني جي شروع وارن ڏينهن ۾ اهي ايندا هئا. (ڇا مان اُن انسان جي پار جي ماءُ ٻڌڻ واري آهيان، جنهن کي ڪڏهن مون پنهنجن سپنن ۾ بہ ڪونہ ڏٺو آهي! ۽ جنهن کي ماڻهو پنهنجن سپنن ۾ بہ نہ ڏسي، اهو شخص چو ٿو ڪنهن جي جسم جو مالڪ ٿئي. مون کي تہ هن جسماني ميلاپ کان ڪيڏو نہ ڪرپ ٿيندو هوا!)

ڪيس اهو خيال ايندي ئي هڪ اوڪارو آيو. اوڪارو ايندي ئي سندس ڇاتيءَ ۾ ڇڪ ڪنهن ہاڻ هڻي ڪڍيو. هوءَ اُداس ٿي ويئي. اوچتو وڏي ٽڪاءُ سان مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. هن سامهون نهاريو. لان مان مالهي ۽ سندس چوڪرو الائي ڪيڏيءَ مهل وڃي چڪا هئا. آسمان مان مينهن سان گڏ اونداهي بہ لهي سندس آس پاس جي ماحول کي پنهنجي پيٽ ۾ گم ڪري ڇڏيو. هن جي دل چاهيو تہ هن زور سان وسندڙ مينهن ۾ ائين ئي بيٺي رهي، پر ائين سوچيندي ڪيس محسوس ٿيو ڇڪ سندس پيٽ ۾ ڪائي شيءِ چري رهي آهي. ڪائي جاندار شيءِ آهي اندر ۾، جا ڪيس اندر هلڻ لاءِ پئي چئي. اهو خيال ايندي ئي هوءَ اداس دل سان تکڙا تکڙا قدم کڻندي، ڪاريڊور جون ڏاڪڻيون چڙهي، ڪاريڊور ۾ آئي تہ سندس گهاٽن وارن مان پاڻي ٽمي رهيو هو. هن ڪنڌ هڪ پاسي لاڙي، هٿ سان پنهنجن ڍڳن ۽ ڪارن وارن کي هڪ چنبڪو ڏنو تہ پاڻيءَ جا موتي پري پري تائين پکڙجي ويا. ننڍڙا ننڍڙا قدم کڻندي هوءَ اندر ڊرائنگ روم ۾ هلي آئي. اوچتو ڪوئي خيال پڇري ۾ بند ڪنهن بيوس پنڇيءَ جي اُڏام جيان ڦڙڦاٽ ڪندو سندس من ۾ گهڙي آيو.... (ڇا مان ڪڏهن پنهنجي من جي باندي پنڇيءَ کي آزاد ڪرائي

سگھندیس؟ يا ائين خواهشن جو ڪاڄ بنجندي رهندیس!... پر ڇا سڀ پڇ مان ڪنهن ٻئي جي ٻار جي ماءُ بنجي ويندیس؟) هن جي اندر ۾ جڙ ڪنهن بجليءَ جو ڪرنٽ ڊوڙائي ڇڏيو. هوءَ ننڍيون وڪون ڪٽندي اچي ڪوڇ تي ويٺي. ڪوڇ تي ويهي هن سامهون دريءَ کي ڏٺو. جنهن تي ڳاڙهو شاهي پردو لڙڪي رهيو هو. اوچتو سندس دل ۾ الائي ڪهڙو خيال آيو. جو هوءَ اُتان اٿي دريءَ وٽ وڃي بيٺي. اتي بيهي هن شيشي جي درين تان ڳاڙهو پردو هڪ پاسي هٽايو.

لان جي پاسي کان لڳل، ديوار بدران اهو شيشو لڳل هو. هن ٻاهر نهاريو. پر ٻاهر ته پاٽيءَ جي اڇ ئي اڇ هئي. لان جي چهر، وڻ ۽ انهن جون ٽاريون، پن، سڀ پاٽيءَ جي اڇ ۾ گم هئا. شيشي سان لڳل ڳاڙهن گلن جي ول مان پاٽي ڏيري ڏيري ٽمي رهيو هو. هوءَ شيشي جي ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ٻاهر پاٽيءَ جي اڇ ۾ الائي ڪنهن کي ڳولڻ لڳي. (ڏندڙ ساعتن سان گڏ، مينهوڳيءَ واري هوا پنهنجو سر شيشي جي ديوار سان ٽڪرائي ڪجهہ چئي رهي هئي. ڪوئي پڙاڏو هو ٻاهر هوائن ۾. ڪير الائي ڪنهن کي سڏي رهيو هو.... "پر ڪير ٿو ڪنهن کي سڏ ڪري سگهي!" هن سوچيو.) پر ٻاهر ته ڪوئي هوندي ٻه ڪوئي نہ هو. فقط بنگلي جو لان هو، جنهن ۾ سانوڻ جو مينهن زور زور سان ٻڌجي رهيو هو. هيءُ بنگلو ٻه سندس آئيڊيل بنگلو هو. وڏو شاهي لان، وڏا ڪمرا، ڊائننگ روم ۽ ان جي پر ۾ ڊرائنگ روم، جنهن کي هن پنهنجيءَ پسند موجب نهرايو هو. ڏاکڻي لان واري ديوار کي ٽوڙائي هن اتي سڄو شيشو هٽايو هو. انهي شيشي جي ديوار مان لان جو هڪ هڪ وڻ ۽ هڪ هڪ ٽرندڙ گل ڊرائنگ روم ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي هڪ عجيب سڪون ڏيندا هئا. ڪڏهن شام جو هوءَ پنهنجن مهمانن سان گڏ ويهي جڏهن ڪافي پيئندي هئي، ته گلابي گلن جون وليون شام جي ڏيري ڏيري هلندڙ هوا ۾ لڏي، ان شيشي جي ديوار سان اچي لڳنديون هيون. مٿي بيڊ روم واري فرينچ دري ۽ هي لان جي پاسي کان ديوار سندس آئيڊيل هئا. (پر مان اهو سڀ ڪجهہ هينئر ڇو سوچي رهي آهيان!)

ٻاهر پاٽي ئي پاٽي هئو. ۽ اندر، هوءَ پنهنجي اندر جي

اڪيلائيءَ سان شيشي سان گڏ لڳي بيٺي هئي. مينهن جو پاڻي شيشي تان وهي هيٺ ڪچي متيءَ واري زمين ۾ گم ٿي رهيو هو. هوءَ واپس ورڻ ۽ اچي ڪوچ تي ويٺي. سندس نظرون وري به ان شيشي جي ديوار تي هيون. ٻاهر سانوڻ جي مند ته الائي ڪڏهن کان شروع ٿي هئي، پر ڪيس اهو محسوس ضرور ٿيو هو ته آڪاس مان فقط هوائون ۽ مينهن جو پاڻي نه لٿو هو، پر اهي سڀ پاڻ سان گڏ مونجهه ۽ اداسيءَ جو مينهن به کڻي آيون هيون. وڏ ڦڙي مينهن وانگر سندس ذهن ۾ به يادگيرين جو وڏو ڦڙو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو. ٻاهر زور شور سان وسندڙ برسات، ۽ اندر ڏيري ڏيري وسندڙ يادگيرين جو مينهن هو. ڪنهن گذريل دور جا اڌوراڌا پراڻا سپنا سندس اکين ۾ لهي آيا.....

"رخسانا، تون هي سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏي، هي سپنا ڪنهن ڏينهن توسان دوکو نه ڪري ويجن!" هڪ ڏينهن ڪيس راحيل ڪنهن فنڪشن مان ٻاهر نڪرندي چيو هو.

"توهين شايد صحيح چوندا هجو راحيل. پر منهنجيون هي اکيون الائي ڇو سپنن ڏسڻ تي هري ويون آهن!" هوءَ الائي ڇو ان مهل ڏڇي ويئي هئي.

"تون..... رخسانا، تون منهنجا سپنا ڏسڻ ڇڏي ڏي. مان سمجهان به ٿو ته تون هي سڀ ڪجهه منهنجي لاءِ ڪري رهي آهين. پر پوءِ به الائي ڇو مون کي لڳي ٿو ته اڄ جا ڏنل سپنا ڪٽي توسان سياڻي جي ايرندڙ سج سان گڏ ڪائي ويڙهه نه ڪن. ڪالهه ڪان اڳ تون سپنن ڏسڻ جي انڪاري هئينءَ، پر اڄ تو فقط منهنجي ڪري پنهنجي سڃي طبيعت بدلائي ڇڏي آهي. هي سڀ صحيح ۽ سچ هوندي به الائي ڇو مون کي محسوس ٿي رهيو آهي ته هيءَ منهنجي راهه ڏاڍي اٽانگي آهي. مان توکي هنن اونداهن رستن تي پاڻ سان گڏ نٿو وٺي هلي سگهان. الائي اسان مان ڪنهن ڪنهن کي پنهنجي رت مان روشنيءَ جي لات ٻاري هنن اونداهن رستن کي روشن ڪرڻو آهي.... ۽ تون منهنجي زندگيءَ جي هن اونداهي رات جي پرهه ڦٽي آهين، جنهن جي سوجهري ٽيڙ تائين مان الائي هجان يا نه!!"

"توهين اهڙيون ڳالهيون ڇو ڪندا آهيو، جن سان منهنجي اندر ۾ ڪي خوف جون غفائون جنم وٺڻ لڳنديون آهن. مون پنهنجو پاڻ سان اهو وعدو ڪيو آهي ته، مان اوهان سان زندگيءَ جي هر ڏک سک ۾ ساڻ ڏينديس. هن ڏرتيءَ تي سياڻي جڏهن ڪوئي سچ اپريو ۽ ان سچ اُپارڻ ۾ توهان سان گڏ منهنجو تر جيترو به ساڻ رهيو ته منهنجي لاءِ اهو ڪيترو نه خوشيءَ جو مقام هوندو. مان توهان جي زندگيءَ ۾ روشنيءَ جو ڪرڻو نه سهي، پر اونداهي به ته نه آهيان، توهان منهنجي زندگيءَ جا آئيڊيل آهيو ۽ آئيڊيل کي ڪوئي به پنهنجي هٿان وڃائڻ نه چاهيندو آهي. مون سوچي سمجهي اوهان کي، اوهان جن نظرين سميت قبول ڪيو آهي. مون جڏهن پنهنجي راهه چونڊي ورتي آهي ته توهين منهنجي انهيءَ چونڊيل راهه ۾ رڪاوٽون ڇوٽا وجهڻ چاهيو؟"

باهر ڪڪرائجان به زور سان وسڻ لڳا، هن باهر نهاريو، وساٽل ۽ پنل نيٽن سان!

"هو ڪٽي آهي؟" هن وسندڙ بادلن کان پڇيو. پر هو ته سندس من جي اندر ڪنهن لڪل ڪنڊ ۾ ويٺل هو. مينهن اڃان به زور شور سان وسڻ لڳو. هن وري وسندڙ مينهن کان پڇيو، "هو ڪٽي آهي؟" هو الائي ڪٽي هوندو. (هن جي اندر ۾ ڪنهن ڪوئل ڪوڪ ڪئي!) نيٽ جي نهار کان دور، ڪنهن رڄ کي ڏسندڙ ۽ پتڪندڙ هرٽيءَ جيان، هوءَ به ڪنهن ريگستان جي هرٽي هئي. ڇلانگون هٽي هن به ڊوڙڻ چاهيو ٿي، پر پوءِ الائي ڇا ٿيو جو ڇلانگون هٽندڙ هرٽي الائي ڪيئن هڪ سهٽي باغيچي ۾ اچي بند ٿي. جنهن جي چار ديواري ۾ بند ساوڪ به هئي، وڻ به هئا، پاٽي به هو، پر الائي ڇا نه هوا؟ هن وري به اڃان زور سان وسندڙ بادلن کان ڪجهه پڇڻ گهريو. پر بادل سندس سڀ ڳالهيون وسندڙ پاٽيءَ سان گڏ وهائي هلندا پئي ويا. هن سوچيو، "ڪنهن جو ڪهڙو ماڳ هو، اها ته ڪنهن کي ڄاڻ نه هئي. پر منزل سامهون هوندي به الائي ڇو دور ٿي ويئي هئي. منزل جا دوڪا الائي ڪنهن سان ٽيا هئا! " باهر برسات پئجي رهي هئي هڪ مسلسل شور سان گڏ. ڊرائنگ روم جو دروازو ڪليل هو. ڪاريڊور

مان تيز هوا لنگهي اندر پئي آئي. تيز هوا جا جهڪڙ ۾ پنل وٽن مان ٽمڪندڙ برسات جو پاٽي ۾ دور ڪٽي ڪن درين جي ٽڪرائجڻ جا آواز. هوءَ بت بڻيو ويٺي رهي. هن پنهنجي آدرش سان دوکو ڪيو هو. زندگيءَ وري ڪيس سپ خوشيون ڏيندي ٻه ڪي دوکا ڪري ويئي هئي. لکي لکي، ايندڙ زندگيءَ ۾ جهاتيون پائيندڙ، اڄ کان ڪي سال اڳ جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ ڇوڪري اڄ پنهنجن خيالن ۾ سوچن جي پيچري ۾ بند، ڪنهن گهايل هرڻيءَ جيان پاڻ ڪي ڦٽڪندي پئي محسوس ڪيو. هن راحيل جي ويڇ ڪانپوءِ پاڻ ڪي سدائين گهايل محسوس ڪيو هو. اندر جون خواهشون مري ويون هيون. ڪاش! ڪوئي ڪنهن سان محبت نه ڪري پر محبت ٻه ته ضروري آهي هن زندگيءَ ۾. (هن ڪٽي پڙهيو هو. "پست جو اهو گل جنهن کي ڦٽڻ ۾ دير لڳندي آهي ته هوا جو جهوٽو ان جي پنکڙين کي کولي ڇڏيندو آهي. محبت ٻه هڪ ڇوڪريءَ جي آتما کي اوچتو هڪ گل وانگر تڙائي ڇڏيندي آهي.") محبت جي واءُ ورڻ کان اڳ ۾ ئي سنڌس اندر جو گل ڪومائجي ويو هو.

هن محسوس ڪيو هو ته ڪنهن جي ويڇ سان هن جي زندگيءَ تي ڪائي شام لهي آئي هئي. اداس، ويران بَن ۾ ڪنهن پن ڇڻ جي شام! ويڇ وارا ته هليا ويا پر سنڌس من جي ريگستان تي، ويندڙن جي پيرن جا نشان تيز هوا اڃا مٽائي نه سگهي هئي. ڏينهن راتين ۾ ۽ راتيون ڏينهن ۾ بدلجنديون رهيون. ڪئين رتون آيون ۽ هليون ويون. سانوڻ آيو ۽ ويندو رهيو، پر نه ڪنهن سج، نه ڪنهن رات، ۽ نه ڪنهن مند هن لاءِ ڪائي خبر آندي ۽ جڏهن ڪائي خبر آئي ته هوءَ شادي ڪري چڪي هئي. (پر اها ٻه خبر هئي! هن دل ئي دل ۾ سوچيو) خبر ته هن ٻه سنڌس ڪانه لڏي هئي ۽ نه وري ڪو هوءَ سسئي ٿي هن لاءِ جبل جهاڳڻ وئي هئي.

زندگي جا جبل جهاڳيندي جهاڳيندي اڌ پنڌ ۾ ڪوئي ڪنهن سان دوکو ڪري ويو هو. (پر دوکو الائي ڪنهن، ڪنهن سان ڪيو هو. هن راحيل سان ڪيو يا راحيل هن سان.) هن جو مٿو چڪرائجي ويو. هن جي من ۾ الائي ڪٿان ڪٿان جا خيال آيا ۽ ويا پئي. هوءَ

انهن خيالن جي وچ ۾، جڏ ڪنهن سمنڊ ۾ بيئل پراڻي جهاز جيان هئي، جنهن کي تيز لهرون هيڏانهن هوڏانهن لڏائي رهيون هيون.

اوچتو ٻاهر مينهن هڪدم بند ٿي ويو. هوءَ ۽ خيالن جي سمنڊ مان هٿوراٽيون هٽندي ٻاهر نڪري آئي. مينهن جي بند ٿيڻ ڪري هڪدم هڪ عجيب خاموشي ڇائنجي ويئي. هن جي اندر ۾ ۽ هڪ ماڻ جي لهر ڊوڙي ويئي. ٻاهر مينهن بند ٿي چڪو هو، پر سندس اندر ۾ اڃا مينهن وسڻ بند نه ڪيو هو. اوچتو هن محسوس ڪيو ته سندس اکين ۾ وري هڪ ڀيرو ڪائي وياڪل وياڪل شام لهي آئي آهي. اکين ۾ اداس ۽ سنسان شام هئي ۽ ذهن ۾ يادگيرين جا ڄار ڪيس پاڻ ڏي ڇڪي ڦاسائي رهيا هئا. (اسان ۽ توهان جي وچ ۾ هڪ وڇوٽي حائل آهي.) هن کي ان ڳالهه تي ڪجهه ياد آيو، پر جيسين هن ان ڳالهه کي ياد ڪرڻ چاهيو، ان کان اڳ ۾ ئي ڪا ويسر سندس ذهن تان اها يادگيري ميساري هلي ويئي.

هوءَ انهن يادگيرين کي ڳولڻ لاءِ يادن جي وشال صحرا ۾ گهڙي پئي. تيز هوا اندر زور سان الائي ڪٿان ڪٿان جون وڇايل گهڙيون ميڙي چوندي ڪٽي آئي هئي هن جي اڳيان. ۽ هوءَ هڪ ڀيرو وري الائي ڪيڏانهن کوڙجي ويئي. من جي صحرا تي وري ڪوئي قافلو ڏيري ڏيري لنگهي رهيو هو. اُٺن جي چڙن جو آواز پئي آيو ۽ دور ڪٽي ڪنهن ٽوپي جي پر ۾ ڪائي اُڇايل هرڻي ڇلانگون هٽندي اڇي بيٺي.

"سال گذري ويندا، جڏهن سانوڻ جي ٻي مند ايندي ته خبر ناهي تون ڪٽي هوندين ۽ مان ڪٽي. منهنجي دل چوي ٿي ته اسان جي زندگين تي هي جيڪو اڻ ڏٺل آسيب ڇانيل آهي، اهو اسرار ۾ وجهندڙ ڏنڊ هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور لهندو. پر رخسانا، انهن سيني شين کي پورو ڪرڻ لاءِ توکي مون سان هن بيابان ۾ ڪنهن نم جي ڏڏي ڇانو ٽيٽو پوندو. اڄ ته گڏجي پنهنجي هن اندر جي اونداهي شهر ۾ ڪوئي شمعدان ٻاريون. الائي ڇو مون کي لڳي ٿو ته مان جيئن جيئن پرهه ڦٽيءَ جي پويان پوان ٿو، هوءَ مون کان دور پيڇي ٿي ويڃي. ازل کان ونئي ابد تائين هي جيڪو اُداسي جو قافلو اسان سان

گڏجي هلي پيو. ان کان سات چڏائڻ ۾ مون کي ايا الائي ڪيترا جنم ونڊا پوندا."

هو ائين چئي چپ چاپ سامهون وسندڙ مينهن کي ڏسڻ لڳو هو. سانوڻ جو پهريون مينهن آرٽس فيڪلٽيءَ مٿان پئجي رهيو هو ۽ هن راحيل سان گڏ ٽئين ماڙ تي بيٺي وسندڙ مينهن کي پئي ڏٺو. "توهان جون سدائين هي اداسيءَ سان پريل ڳالهيون ٻڌي ٻڌي هاڻ مون کي لڳي ٿو ته، ڪٽي مان به توهان جي ان رنگ ۾ نه رڳجي وڃان!" هوءَ بي اختيار ڪلي پيئي هئي ان مهل!.

"تون ڪلين ٿي ته منهنجي دل جي هڪ هڪ ڪنڊ ۾، ڪي عجيب سپنا ٿا جنم وٺن. مون سوچيو آهي ته جڏهن به زندگيءَ مون سان سات ڏنو، ته مان تنهنجي هن مرڪ تي ڪائي ڪوتا لکندس."

"آهيو نه بنيادي طور تي رائيٽر؟ ڪيترا به ڪٽي توهين پاڻ کي انقلابي سڏايو- پر توهان جي اندر ۾ جيڪو فنڪار لڪو ويٺو آهي، اهو ڪڏهن ڪڏهن ڪيئن ٿو جاڳي پئي توهان جي من ۾!"

"منهنجي اکين اڳيان سرنهن جي سونهن پري پوک آهي ۽ مٿان آڪاش ۾ ڪڙيل چنڊ. مان گيت لکڻ چاهيان ٿو، سرنهن جي سونهن جا، آڪاش جا ۽ ستارن جا، پر منهنجي هٿن ۾ قلم بدران ڪجهه ٻيو مڙهيو ويو آهي ۽ منهنجا چيل گيت اڌورا رهجي ويا آهن. مون ته ايا پنهنجن ناهيل چترن ۾ رنگ به نه پريو آهي....."

"بس، بس. سائين، مون مڃيو ته اوهين فنڪار آهيو!" هن ڪيس اڌ ۾ ڪٽيندي چيو هو.

"رخسانا!" هن ڏيري ڏيري سندس نالو ورتو هو.

"هون!" هن سندس وارن کي ڏسندي چيو هو.

"هڪ ڳالهه چوان؟."

"ها، چئو!"

"تون، رخسانا تون، ڪنهن سٽي انسان سان شادي ڪري ڇڏجان؟." ۽ هوءَ ان مهل ڏڪي ويئي هئي.

"توهين وري به اهي ڳالهيون ٿا ڪريو. مان سچ پچ ته هميشه هميشه لاءِ، توهان سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيندیس!" هن وساٽل

نيٽن سان ڪيس ڏسندي چيو هو.

"ناراض ٿي ويئينءَ نہ!" هن سندس هٿ ۾ هٿ ڏيندي چيو هو.

"نہ."

"توکي هڪ شعر ٻڌايان." هن جڙ ڪيس پرچايو ٿي.

"ها، پر هجي خوشيءَ جو."

ڇ پوءِ هن ڏيري ڏيري ڪيس اهو گيت ٻڌايو هو:

The warm sun is failing, the bleeze wind is wailing,
The bare boughs are sighing the pale flowers are dyaing, And the year,
On the earth her death-bed in a shroud of leaves dead,
Is lying.
Come months, come away,
From November to May,
Follow the bier,
Of the dead cold year,
And like dim shadows watch by her sepulchre.

ٻاهر پورچ ۾ ڪوئي زور زور سان موٽر جو هارن وڄائڻ لڳو. هوءَ جڙ هڪ ڏڪي ننڊ مان چرڪ پري اٿي ويهي رهي. ٻاهر سندس مڙس جي موٽر جو آواز هو. ڪوئي نوڪر ڊوڙي ڪارڊي ويو هو. سندس مڙس ڇ نوڪر جا آواز ڪيس ڪنهن دور جي دنيا مان ايندي پئي محسوس ٿيا. ("جا نيهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري." سندس دل تي تري آيو شاهہ سائينءَ جو بيت) هوءَ چپ چاپ اتي ئي ڪوچ تي ويٺي رهي. ايتري ۾ سندس مڙس درمان لنگهي اندر آيو. ڪيس ڪوچ تي ويٺل ڏسي هن بہ ساٽس نہ ڳالهايو. هوءَ پٿر جي بت جيان پنهنجي مڙس کي ڏسي رهي هئي، جيڪو ڪنهن اجنبي جيان اندر آيو هو ڇ اچي پريان پيل جنڊيءَ جي ڪرسيءَ تي ماٺ ڪري ويهي رهيو هو. ان مهل سندس دل چاهيو هو تہ سامهون ويٺل سندس مڙس ڪيس اچي پرچائي. اچي ڪانئس پڇي تہ هوءَ همڙيءَ مند ۾ ائين اڪيلي اڪيلي ڇ اداس ڇو ويٺي آهي! پر هن محسوس ڪيو تہ سندس مڙس شايد ڪانئس وڌيڪ ناراض هو. هوءَ اهو خيال دل ۾ رکندي چپ چاپ اٿي ڇ آهستي آهستي هلندي اچي مڙس جي پر ۾ بيٺي.

(ماهوار سنگم، ڪراچي 1980ع)

شهر صحرا پانیان

(سفرنامو)

She is one girl, there is no one like her.
She is more beautiful than any other,
Look, she is like a star goddess arising.
at the beginning of a bappy new year.
Brilliantly white, bright skinned,
With beautiful eyes for looking,
with sweet lips for speaking.
she has not one phrase too many
With a long nek and white breast,
her hair of genuine lapis lazuli,
her arm more brilliant that gold,
her fingers like lotus flowers,
with heavy buttocks and girt waist.
Her thighs offer her beauty.
with a brisk step she treads on ground
she has captured my heart in her embrace.
she makes all men turn their necks
to look at her.
one looks at her passing by,
this one, the unique one.
I wish, I were your mirror
so that you always looked at me.
I wish, I were your garment
So that you would always wear me.
I wish, I were the water that washes your body.

(پيپائرس تي لکيل، هزارين ورهيه قديم مصري گيت)

شهر آشوب ۾ ويجايل شخص

68_1967ع جو زمانو هو. سنڌ تي ون يونٽ جا ڪارا ڪڪر ايڄا گهاٽا ڇانيل هئا، پر 4_ مارچ 1967ع واري واقعي جڙ هڪ تحريڪ کي جنم ڏنو هو. سنڌ جي نوجوان شاگردن ۾ سياسي شعور جاڳي چڪو هو ۽ اهي ون يونٽ جي مزاحمتي تحريڪ ۾ پرپور نموني سان اڳتي وڌي آيا هئا. انهن ڏينهن ۾ مون هڪڙو افسانو لکيو هو. "ابر ۾ اُهاڻ ٿيو." جيڪو قومي رسالي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيو هو. ان افساني جو موضوع قومي هلچل ۽ سنڌي نوجوانن ۾ پيدا ٿيل سجاڳي هو_ "پريات آرٽ سرڪل" طرفان ان افساني کي ڊرامي جي صورت ۾ پهرين مرزا قليچ بيگ جي ورسي جي موقعي تي استيج تي پيش ڪيو ويو ۽ پوءِ ٽريبل يونين طرفان حسن ناصر شهيد ڊي جي موقعي تي پيش ڪيو ويو. گهمندي ڦرندي پنڌال کان ٿورو پري ڪار ۾ ويٺل هڪ نوجوان ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪجي ويو. هڪ سهڻو نوجوان، جنهن جا وار غير معمولي طور وڌا هئا_ سو، ڪار ۾ ويهي ڏاڍي ڌيان سان آخر تائين فنڪشن ڏسندو رهيو. مون کي الائي ڇو هن ۾ ايتري دلچسپي پيدا ٿي جو مون ڪن دوستن کان هن بابت پڇيو. ڪنهن مون کي هن جو نالو ممتاز علي قريشي ٻڌايو، پر هن بابت وڌيڪ خبر پئجي نه سگهي.

ان کان پوءِ به هو مون کي ڪڏهن ڪار ۾ اتان لنگهندو نظر ايندو هو. ان مختصر نموني ڏسڻ جي باوجود مون کي هن جي شخصيت وٽندڙ لڳي هئي. هن جو ڳنڀير انداز، خاموشي، سوچيندڙ اکيون ڏسي ماڻهو هن کي نظر انداز نٿي ڪري سگهيو. هڪ ليکڪ جي حيثيت سان مون کي هن جي شخصيت ايتري پراسرار لڳي، جو

مون چاهيو تہ آءٌ هن جي ويجهو ويجان ۾ هن کي جاڻي سگهان. مون کي معلوم ٿيو تہ ممتاز سنڌ يونيورسٽيءَ مان هسٽريءَ ۾ ايم اي ڪئي هئي ۽ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ بہ اڪثر يونيورسٽي ويندو رهندو هو، شايد هن جي هسٽري ڊپارٽمينٽ سان گهٽي دل هئي. شهر جي سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ هن جي چگي خاصي حيثيت هئي.

بن ٽن سالن تائين مون کي ڪڏهن بہ اهڙو موقعو نہ مليو جو هن جي ويجهو ٿيڻ سگهان. 1969ع ڌاري مدد علي سنڌي "اڳتي قدم" رسالي جو پهريون پرچو شايع ڪيو تہ مدد سان دوستي ٿي. مدد علي سنڌي سان دوستي ٿيڻ کان پوءِ خبر پيئي تہ ممتاز علي قريشي سنڌس وڏو پاءُ آهي، جيڪو سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ سنڌي ادب ۾ ڏاڍي دلچسپي رکندڙ آهي.

تڏهن مدد وارا گاڏي کاتي ۾ اسٽيشن روڊ تي واقع هڪ وڏي ماڙيءَ ۾ رهندا هئا. پاسي واري گهٽيءَ ۾ مدد وارن جو هڪ ٻيو گهر هوندو هو. ان گهر جو شاندار ايئرڪنڈيشنڈ ڊرائنگ روم ۽ ان گهر جي سامهون مدد جو قائم ڪيل "آشرم"، سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اديبن جو جهڙوڪر مرڪز هوندو هو. انهيءَ "آشرم" ۾ سنڌ جا اديب ۽ قومي ڪارڪن اچي رهندا هئا.

سال 1969ع ۾ سائين جي- ايم- سيد، سنڌ متحده محاذ ٺاهيو تہ ان جو جهنڊو بہ حيدرآباد شهر ۾ فقط مدد وارن جي گهر تي لڳل نظر هوندو هو. سنڌ جو اهو قومي جهنڊو، اجرڪ، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جي پٽين، مٿس لڳل سنڌ جي نقشي سان،- مدد وارن جي اوچي ماڙيءَ تي جڏهن هوا ۾ ڦڙڪندو هو تہ پريان پريان کان پيو نظر ايندو هو. 1970ع ۾ جڏهن سجو حيدرآباد شهر پيپلز پارٽي، مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ مولانا نوراني جي جهنڊن سان ڀريو پيو هوندو هو، تڏهن اهو اڪيلو سنڌ جو جهنڊو، سنڌ جي قومي ڪارڪنن لاءِ هڪ وڏي آٿت هوندو هو. مدد جي والده، جنهن کي سجي سنڌ جا قومي ڪارڪن امان ڪري سڏيندا هئا، سيني جي لاءِ ڇپر ڇانو ۽ گورکيءَ جي ماءُ واري ڪردار مثل هوندي هئي. مدد گهر هجي يا نہ هجي، آشرم ۾ رهندڙن کي نہ رڳو ماني ٽکي ٻئي

موڪليندي هئي. بلڪ روانگيءَ مهل هر ڪارڪن کي حسب ضرورت پاڙو بہ ڏيندي هئي. دراصل مدد جي والده ۽ سندس وڏي پاءُ ممتاز علي جو وجود سنڌ جي قومي ڪارڪنن لاءِ ڪنهن گهاٽي وڻ جي ڇانو وانگر هوندو هو.

ان زماني ۾ مدد وارن جي گهر ۽ "آشرم" تي مون سنڌ جا سياسي اڳواڻ بار بار ايندي ۽ انهن جون دعوتون ٿيندي ڏٺيون. تن ۾ سائين جي. ايم. سيد، ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي، شيخ اياز، قاضي فيض محمد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ميرعلي احمد خان ٽالپر، ميررسول بخش خان ٽالپر، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ پوهو، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ، مزدور ڪسان پارٽيءَ جو اڳواڻ ميجر اسحاق، حفيظ قريشي- ان وقت جا شاگرد اڳواڻ يوسف ٽالپر، سيد حسين شاهہ بخاري، لالا قادر، اقبال ترين، سيد شاهہ محمد شاهہ، يوسف جڪراڻي، مير ٽيپو، اسماعيل وساڻ، عزيز پنگوار، سڪندر پنگوار، مولا بخش لغاري، امان الله شيخ، مولا بخش چانڊيو، قمر راڄپر، حبيب الله ناريجو، ابوبڪر زرداري، علي حيدر شاهہ شامل آهن.

تنهن کان سواءِ اديب ۽ شاعر علي بابا، غلام حسين رنگريز، عبدالفتاح عبد، مومن مليرائي، نبي بخش ڪوسو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ابراهيم منشي، عبدالواحد آريسر، رشيد پٽي، عبدالحق عالماڻي، امداد حسيني، ذوالفقار راشدي، عبدالڪريم پلي، ظفر حسن، طارق اشرف، عبدالقادر جوٽيجو، ڊاڪٽر ڪنيو گيانچنداڻي، علي انور هاليپوٽو، عزيز ناريجو، نثار حسيني، خير محمد لغاري، مشتاق شورو، نياز همايوني، مراد علي مرزا، مولانا غلام محمد گرامي، ع ق شيخ ۽ ولي رام ولپ سميت ڪيترائي اديب دوست "آشرم" جا مستقل مهمان هوندا هئا. اهو سمورو ڪم هڪ شخص جي همت افزائيءَ جي ڪري ٿيندو هو- اهو هو ممتاز علي قريشي!

ڪو وقت هو، جو منهنجو ٻيو گهر بہ مدد جو گهر هوندو هو. اڪثر ڪري مدد وارن جي گهر ويندو هوس، اتي سندس وڏي پاءُ ممتاز علي قريشي سان بہ ملاقات پئي ٿيندي هئي. مون تي شروع کان ونيِ ممتاز جي ڳنيرتا ۽ شخصيت جي پراسراريت جو اثر ويٺل

هو. تنهن چاهڻ جي باوجود مون کي هن جي قريب ٽيڻ نہ ڏنو. پر ڪنهن حد تائين مون کي موقعو مليو. جو هن کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي سگهيس.

سمنڊ جي سطح تي ماڻ چانيل هوندي آهي، پر ان جي گهرائي ۾ الائي ڪيترا طوفان لڪل هوندا آهن. ممتاز علي قريشي بہ اهو مانو. خاموش ۽ گهرو سمنڊ هو. جنهن جو پري کان بيهي پتو لڳائڻ مشڪل هو. هو ٻاهر جيترو خاموش نظر ايندو هو، اوترو ئي گهر ۾ زور زور سان ٻگالهائيندو هو. مون ڪڏهن مدد کان پڇيو ڪونہ پر مون کي لڳو تہ هو بيحد حساس ۽ جذباتي هو. شايد ان ڪري هن کي جڙ جلدي اچي ويندي هئي ۽ پوءِ هو رڙيون ڪري ٻگالهائيندو هو. پر ٿوري دير کان پوءِ اهائي ٻگنيپرتا ۽ اکين ۾ اداسي جا لڙيل پاڇا! منهنجي ذهن ۾ ممتاز هڪ رومانوي ڪردار جو روپ ونڻي چڪو هو. آءٌ چئي نٿو سگهان تہ صحيح ٻگالهہ ڪمڙي آهي. اهو منهنجو خيال هو يا هو واقعي ائين هو تہ ممتاز مون کي اداس اداس، هيڪل ۽ وياڪل لڳندو هو.

ممتاز عمر ۾ مون جيڏو هو، پر پنهنجي صلاحيتن ۽ محنت سان ايتري مختصر عرصي ۾ گهٽو اڳتي وڌي ويو هو. اهو ان وقت جي هلندڙ سنڌ جي قومي تحريڪ جي وڏي دل سان مالي مدد ڪندو هو. اهو يقينن ڏکيو دور هو. ممتاز مالدار شخص هوندي قومي ساڃاهہ ۽ ديس جو درد دل ۾ رکندو هو ۽ وقت جي حڪومت کان ڪڏهن بہ ڊنو نہ هو.

ممتاز هڪ خوددار ماڻهو هو. هن اڪيلي سر جاکوڙ ڪري پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي خوشحال بڻايو هو. اها ٻي ٻگالهہ آهي تہ حساس ماڻهو پاڻ کي دنيا جي منافقين ۽ دوکيبازي سان شريڪ نہ ڪري سگهندا آهن. ممتاز سان بہ ائين ٿيو۔ ممتاز اڃا نوجوان ئي هو تہ ٽڪجي پيو. شايد هن حد کان وڌيڪ محنت ڪئي هئي. شايد هن ڏنو تہ سندس ڪارج پورو ٿي چڪو هو۔ دنياوي طور هن جيڪي ڪجهہ چاهيو هو سو ڪيس ملي ويو هو۔ پر ڪا ازلي ڪوٽ هئي، جيڪا هن جي اکين مان جهلڪندي هئي. جيڪا ڪڏهن

پرجي نہ سگھي.

آخري وقت ۾ مون ممتاز کي کو نہ ڏٺو (27 آڪٽوبر 1980ع) پر مون کي پڪ آهي تہ هن جي چهري تي اهائي ڳنڀيرتا هوندي ۽ اکين ۾ چانيل اداسي جي جاءِ تي سکون اچي وارو هوندي.

اڄ بہ ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد شهر جي اسٽيشن روڊ تان لنگهڻ ٿيندو آهي تہ روڊ تي واقع اها زرد رنگ جي پراٽي عمارت ڏسي، مون کي پراٽو دور ياد اچي ويندو آهي، جتي ڪڏهن سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۽ اديبن جا ميلا لڳل هوندا هئا، جنهن ۾ سائين جي ايم سيد بہ پيرا اچي رهيو هو، جنهن ۾ شيخ اياز هر سال دعوتون اچي ڪائيندو هو، جيڪو گهر ڪڏهن سنڌ جي ويرين کي ٻاهرين ڪنڊي وانگر پيو محسوس ٿيندو هو.

"هنڌ اُهي ئي ماڳ، پر جَت نہ پسان جُوءِ ۾!"

ڳالهہ ڪٽان جي ڪٽي وڃي پهتي. پر اها حقيقت آهي تہ مدد جي شخصيت تي پنهنجي وڏي ٻاءُ جو پرتو پيل هو. اهو ئي شخص هو، جنهن جي بهادري سبب مدد ۽ سندس گهر وارن 1971ع کان وٺي 1977ع تائين حڪومتن جو ڏاڍ ۽ جبر ويهي برداشت ڪيو. اهو زمانو 1972ع کان 1973ع جو هو، جڏهن اسين ڪيفي جارج ۾ شام جو ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. ان وقت مدد علي، "اڳتي قدم" رسالو ظفر حسن شاهہ جي پرفيڪٽ پريس، 474 صدر حيدرآباد مان ڪيندو هو. ڊسمبر 1972ع ۾ مدد جي گرفتاري کان پوءِ، مون ماٽڪ ۽ عبدالحق عالماڻيءَ "اڳتي قدم" جو سلسلو جاري رکيو هو. 28 اپريل 1973ع تي ڪنووڪيشن واري واقعي کان پوءِ مدد، سنڌ يونيورسٽيءَ مان رسٽيڪيٽ ٿيو ۽ انڊرگرائونڊ ٿي ويو. مئي 1973ع ۾ اسان کي مجبور ٿي اڳتي قدم رسالو بند ڪرڻو پيو، جو مدد جي گهر تي ڇاپو لڳو هو ۽ مٽس ڪيترا ڪيس درج ڪيا ويا هئا. بعد جو سمورو وقت مدد جي گهر وارن تي عتاب نازل رهيو. يونيورسٽيءَ ۾ ڪو واقعو ٿئي، يا نعپ تي بندش لڳي، پوليس جو ڇاپو مدد وارن جي گهر تي ضرور لڳندو هو. 1975ع جو اهو زمانو بہ ياد اٿم. جڏهن ان وقت جي حڪومت هڪ ئي وقت "اڳتي قدم" پبليڪشن سميت 72

تنهنجو ڪردار، زندگيءَ جو ايترو تہ پرپور ڪردار آهي، جو ان کي ڪهاڻيءَ ۾ سمائي نٿو سگهجي! شايد، مان تنهنجي زندگيءَ تي ڪڏهن بہ ڪهاڻي نہ لکي سگهندس!

***

ـ مس "گ" جي نالي.....

"مدت گذري ويئي آهي، ۽ مان گهٽو ڪجهہ پُلجي ويو آهيان. مدت بعد رهجي ويل مان بہ گهٽو ڪجهہ پُلجي ويندس. ڏک ياد اچڻ سان ٿيندو آهي، ۽ مان آهيان، جو تنهنجي پُلجي وڃڻ جو ڏک ڪري رهيو آهيان!!"

(مهراڻ- اپريل 1978ع حيدرآباد)

اُپريو ڏينهن ڏکن جو

14- سيپٽمبر، چنچر، سانجهي.

تنهنجا وار ڪُلهن تي وکريل آهن ۽ وشم آويت جو جهنگل مصرا ڪشيءَ جي رنگين مندر کي پنهنجي ڪچ جي گهيري ۾ ڪيو وينو آهي! (-امارو)

سپ کان اڳ رخسانا، مان توکي اهائي ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اڄ سجاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ مون کي محسوس ٿيو ته مون کي هيبتناڪ سپنو ڏٺو آهي. پر ڪجهه گهڙيون سوچڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيم ته اهو هيبتناڪ ۽ ڊپ جهڙو سپنو تنهنجي ۽ منهنجي ڪنهن اڳئين جنم جي دور جو هو. جهڙڪين جي چين چين ۽ سانجهيءَ جي ٽڏي ٽڏي هوا جي جهوٽي سان ذهن سجاڳ ٿيو ته من مان ڪا سُرهي سُرهي سڳنڌ ڦٽي پئي. مون سپني ۾ تنهنجو ۽ منهنجو گذريل هڪ جنم ڏٺو هو. ڇا توکي منهنجي انهيءَ سپني تي يقين ايندو؟ مون ته ڪڏهن پراڻو سکر ڏٺو به نه آهي. پر منهنجي سپني ۾ اهو گذري ويل اسان جو جنم الاءِ ڪيئن ڏسڻ ۾ آيو. درياهه جو گهاٽ ۽ بکر شهر جون ماڙيون، منهنجي ذهن تي چٽي ڇڏيون آهن اُن سندر سپني!

۽ جڏهن انهيءَ سپني ڏسڻ ڪانپوءِ منهنجي اک کُلي پئي ته ڏٺم ڪو پاڇو منهنجي ڪٽ وٽان لنگهي ويو پئي، ڪو اجنبي پاڇو! اهڙي ئي هڪ اجنبي پاڇي کي مون هڪ ڀيرو اڳ به جاڳندي وهنجڻ واريءَ جاءِ ۾ آڏيءَ رات جو ڏٺو هو.تون چوندينءَ ته مان هاڻ ڏينهون ڏينهن عجيب عجيب ڳالهين تي يقين ڪرڻ لڳو آهيان. پر اها هڪ حقيقت اٽئي ته مون کي هاڻ سچ پچ لڳي ٿو ته منهنجي سوچ تي ۽ پنهنجي پاڻ تي ڪنهن پُراسرار شڪتيءَ جو پاڇو پئجي ويو

تائين گڏ گڏاريل گھڙيون، ننڍڙ اس جيان ماڻھوءَ کي پيون ساڙيندیون آھن."

ليکڪ ۽ ڪلوپيٽرا ۾ بيچين روح آھن، جيڪي گھڙي کن لاءِ ملیا ئي ھڪ وري ھميشه لاءِ وڇڙي وڃڻ کان. ڪلوپيٽرا ھن جي ڪائي وجايل محبوبہ ۽ ڪانہ ھئي، جنھن جي وڃڻ تي ھو ويھي ھنجون ھاري ھا. اھو ھڪ چند گھڙين جو ساٿ ھو، گونگو ۽ ٻوڙا پر چند گھڙين جو ساٿ ۽ پوءِ دائمي وڇوڙي جو مدد جي مخصوص استائل ۾ بيان پڙھندڙ جي من تي درد جي ھڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي ٿو، جڻ پڙھندڙ پاڻ مدد جي جاءِ تي ھجي.

ھڪ تخليق ڪار جي سفرنامي جي اھا ئي خوبي آھي تہ ان ۾ رڳو فوٽوگرافيڪل بيان ڪونہ ھوندو آھي ۽ نہ ان ۾ ڪنھن ملڪ، شھر يا تاريخي جاءِ تي ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ پاران ڇپايل بروشر مان ھٿ ڪيل معلومات ۽ انگ اکر ھوندا آھن. بلڪ سفر جي دوران ليکڪ جا جيڪي احساس ھوندا آھن، انھن جي تخليقي انداز ۾ اپٽار ئي ڪنھن سفرنامي کي ادب ۾ جوڳي حيثيت ڏياري ٿي.

مصر يا قاھرہ جي نالي سان گڏ ھڪدم پرئمڊ يا اھرام مصر ذھن ۾ اچن ٿا. مدد کي پرئمڊ ڏسڻ جو موقعو نہ ملي سگھيو. ان جو ڏک مدد کي تہ رھيو ئي، پر پڙھندڙ ۽ ان کوٽ کي ضرور محسوس ڪندا.

مدد علي سنڌي بنيادي طور سفرنامن جو ليکڪ ڪونھي. "شھر صحرا پانيان" عام سفرنامن کان بنھہ مختلف ھڪ ادبي سفرنامو آھي.

ـ شوڪت حسين شورو
ڊائريڪٽر سنڌالاجي، ڄامشورو.
22 فيبروري 2003

اهرامن جي سحر ۾ قاتل....

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن اسين ون يونٽ تحريڪ ۾ پنهنجن پنهنجن ماڳن ۽ ٺڪاڻن تي اڏول ٽيو بينا هڻاسين. ڪوبه اسان جو اڳواڻ نه هو ۽ نه ئي اسين ڪنهن جا ڪارڪن هڻاسين. پنجاب جي استئبلشمينٽ، سنڌ کي ڪالوني ٺاهڻ لاءِ، ٽورن پئسن ۽ رعايتن تي، ڪجهه ويڪائو سنڌي سياستدانن کي ڏٽا ۽ دلاسا ڏيئي ويسٽ پاڪستان وجود ۾ آڻي، سنڌ جي سونهن، ثقافت، اقتصاديات، ماضي، حال، مستقبل ۽ سمورو موروثي ۽ تاريخي سرمايو هڙپ ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺي هئي- هيڏانهن رڳو سنڌي اديبن جي قومي تنظيم ، "سنڌي ادبي سنگت" ۽ ان جا ڪارڪن هئا، جيڪي مٽي سان ڪفن ٻڌي هٿين خالي پڙ ۾ لٽل هئا. نه ڏينهن ڏسبو هو ۽ نه ئي رات. بکن ۽ فاقن تي ڪيسا خالي ريتي جي ٽرڪن جي پويان گهلبا گهلبا، شهر شهر ۽ واهڙ واهڙ پيا لتاڙيندا هڻاسين ۽ در در وڃي انهيءَ ظلم خلاف ماٺهن کي جاڳ ڪرائبي هئي.

انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪارڪنن جا ڪي هجوم نه هئا، بس هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سچا ليڪڪ ئي جيالا ڪارڪن هئا، جيڪي پنهنجي مٽي ڪٽي پيا ووڙيندا هئا. ڪو ڊپ نه هو، ڪا مصلحت نه هئي، زندگيءَ جو اهو ئي مشن ۽ مقصد هو ته انهيءَ آزار کي هٽائڻو آهي.

ان دور ۾ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي سنڌي اخبارون هيون، جيڪي به پنجاب جي دلالن جون ٻولڙيون هيون. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ "نواءِ سنڌ"، مولوي عبدالغفور سيتائيءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ نڪرندي

هئي، جيڪو ڪڏي (ڪراچي) جي مظهر العلوم مدرسي جو فارغ التحصيل هو ۽ ايوب کهڙي جو ذاتي ملازم هو. اهو سدائين پنهنجن آقائن جي اشاري تي ون يونٽ جي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ، پيو ڪوششون ڪندو هو ۽ ون يونٽ جي پنپرائيءَ ۾ سنڌين کي ايندڙ دور لاءِ سبز باغ پيو ڏيکاريندو هو. سيتائي مرحوم جي سياسي سرت متاهين هئڻ گهرجي ها، چاڪاڻ ته هن جو لاڳاپو انهيءَ علمي ۽ مذهبي درس گاهه سان هو، جنهن مولانا عبيدالله سنڌي جي فڪر جي ترويج ڪئي ۽ عوام کي انگريز سامراج ۽ ان جي گماشتن جي گمراه ڪُن ۽ عوام دشمن حرڪتن کان منطق ۽ دليل ذريعي، ننڍي کنڊ جي ابتڙ ۽ گنجريل صورتحال کان معروضي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ سجاڳ رکيو. پر مرحوم مولوي عبدالغفور سيتائي، پنهنجو ضمير ۽ ذهن ايوب کهڙي جي هٿ تي گروي رکي چڪو هو.

"روزاني مهراڻ" پير سائين پاڳاري جي اخبار هئي ۽ ان جو ايڊيٽر اڳوڻي "الوحيد" ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪندڙ سردار علي شاهه ذاڪر هو. منگهي پير جو خليفو، خليفو غلام محمد صاحب، ڏٺي صحت سان وڏي جمار ڏئيس، انهيءَ ڳالهه جو شاهد آهي ته هُو ساڻن سان سنمک ۽ پئنچن سان پورو رهڻ وارو فرد هو. هُو وڏيون وڏيون مڃ ن رکندو هو ۽ آکڙ مان ٻيٽو پيو ٽيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سطح تائين اسان جي ڪاز جي همنوائي ب ڪندو هو، پر سنڌ ۾ ترقي پسند اديبن جي خلاف رشيد لاشاري ۽ مرحوم ڊاڪٽر ابراهيم خليل جي گروپ سان گڏ اسان جي خلاف محاذ کوليو ويٺو هوندو هو. هن کي ته ڪجهه نصيب نه ٿيو، پر اسان ڏکين حالتن مان گذرنديءَ، ديرسان ئي سهي پر مقصد ضرور ماڻيو ۽ سچ جي سوپ ٿي!!

اسين نوجوان ته نه چئبو، نوخيز هئاسين. پر اسان جو سياسي شعور سائين جي. ايم. سيد، ڪامريڊ جمال الدين بخاري، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ مير محمد تالپر، نورالدين سرڪي، قادر بخش نظاماڻي، سوپي گيانچنداڻي ۽ اهڙي اعليٰ مقام جي ٻين ڪيترن ئي ڏاهن،

استادن ۾ بزرگن جي فڪري روشنيءَ ۾ انهيءَ چوٽ تي وڃي پهتو هو جو ڪنهن مدرسي جو ملو، قاضي، يا انهن جو ڪو چاڙتو اسان جي ڪنيل قدمن کي پوئتي نه پئي موٽائي سگهيو.

رسول بخش پليجي جو ذڪر به ضرور ڪبو. ون يونٽ خلاف سندس ڪردار بيشڪ برجستائيءَ وارو هو، پر سندس شخصي ڪردار کو اتساهيندڙ ۽ آدرشي نه هو. هو انهن ڏينهن ۾ نوجوان هو ۽ دنيا جي مختلف تحريڪن جا انقلابي فلسفا به ٻين جي پيٽ ۾ گهٽو هنڌايا هئائين. پٽائيءَ جي بيتن جي سياسي شرح سان هن وڏي جوش ۽ ولولي وارو ماحول قائم ڪيو ۽ وڏي اٽل پٽل پيدا ڪرڻ ۾ ٻين سميت جوگو ڪردار ادا ڪيو.

خدمتون ته ٻين گهڻن دوستن جون به آهن، جن ۾ حميد سنڌيءَ جو نالو سرفهرست آهي. حميد سنڌي ۽ ان جي رسالي "روح رهاڻ" ون يونٽ جي ٽوڙائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. حميد سنڌي، نوشهري فيروز جي زميندار ۽ ميمڻ سيٺين جي برادريءَ مان هوندي به نه رڳو پاڻ کي ڊي ڪلاسيفاءِ ڪيو پر سنڌ جي ڪاز لاءِ ڏاڍيون پيڙائون سٺيون. هن ڏاڍي نيڪ نيتيءَ سان "جشن روح رهاڻ" جا وڏي پئماني تي اهتمام ڪيا ۽ شيخ ايازکي هيرو ٻڌايو. حميد، شيخ ايازکي سنڌ جو آواز ٻڌائڻ جي ڏس ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو- پر اها ٻي ڳالهه آهي ته شيخ ايازعزتون ۽ شهرتون ماڻڻ کان پوءِ وقت جي ظالم حڪمرانن جو ساٿ ڏنو ۽ مظلوم سنڌ جي پيٽ ۾ چرو وهائي ڪڍيو- پوءِ جڏهن اهي ساڳيا ظالم حڪمران پاڻ مظلوم ٻڌجي پيا ته شيخ ايازِ مظلوم پٽي جي پٽيءَ ۾ خنجر هڻي وڃي ظالم ڊڪٽيٽر ۽ بنياد پرست جنرل ضياءُ الحق جا پير پکڙيا. شيخ ايازِ ماضيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان لکيل پنهنجي قومي ۽ انقلابي گيتن تان هٿ پٽ ڪٽي ڇڏيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ فڪري طور تي مولوي موسيٰ پٽو ۽ ٻين رجعت پسند ۽ بنياد پرستن جي ٽولي ۾ ڳٽجڻ لڳو.

سنڌ جي لوڻ ۾ ڪو عجب خلل آهي جو جن کي به مان ڏئي بلندين تي پهچايائين، تن مان ٿورن ساٿس وفا ڪئي هوندي.

روزاني "ڪاروان" جو مولوي خير محمد نظاماڻي، ۽ سائين جي. ايم. سيد جي اخبار، "نئين سنڌ" ۽ هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي هفتيوار پرچا هئا، جيڪي اسان جي ۽ سنڌ جي پنيرائي ۾ هئا۔ نہ تہ گھٽو ٽٽو ڪم هٿ سان لکيل پوسٽرن کي مينوئيل ڊپليڪٽر تي ڪيڻ سان پيو هلندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾، مرحوم طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل جيڪي نوجوان ڪھاڻيڪار ۽ سنڌ جو درد رکندڙ فرد هئا، تن ڪتابي سلسلو شروع ڪيو، جيڪو اڳتي هلي ماهوار "سھڻي" جي صورت ۾ انقلاب لاءِ دنگئي پٿر ثابت ٿيو. شايد ٻئي ڇڻا، حيدرآباد جي ميونسپالٽيءَ ۾ پٺاري وارن کان آنو آنو يا چار چار آنا، سرڪاري محصول طور اوگاڑڻ واري نندڙي نوڪري ٻہ ڪندا هئا تہ انقلابي راهہ کي هموار ڪرڻ لاءِ سڄو وقت پيا جاکوڙيندا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾، "اڳتي قدم" نالي هڪ پرچو حيدرآباد مان پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ڪٿي نہ ٻہ ڇرڪايو هجي، پر مون کي وڏو اتساهہ ڏنو. ان ڪتابي سلسلي جو سميڙيندڙ هو مدد علي سنڌي. مدد، جيڪو تحريڪ جي هر اول دستي ۾ اسان سان شامل هو، اسان جو چاڪلو ۽ لاڏلو دوست هو. حرڪتي ۽ حرفتي ڪالهہ ٻہ هو ۽ اڄ ٻہ آهي، پر ڏهين ۽ بردبار.

پرچو پڙهي، مون کي ساٽس ملڻ جو شوق جاڳيو ۽ مون ڪراچيءَ کان سڏو ويجي حيدرآباد جي ڪوڪر پاڙي ۾ مغل ۽ طارق جون پچائون ڪيون. جنهن ماڻهوءَ مون کي انهن ٻنهي جو ڏس ڏنو، اهو ڪپيرو جوانڙو هو، قد جو پورو پنو (پر هاڻوڪي قد کان هر لحاظ کان گھٽ) اکين تي ٽلهو چشمو ۽ وار ڪراچيءَ جي هڪ اردو شاعر تيغ الله آبادي جھڙا گھاتا، چيڙهالا، گھنڊيدار ۽ ڪلهن تائين وريل هئا. بعد ۾ تيغ، مصطفيٰ زيدي ثابت ٿيو. جوش مليح آبادي ۽ جو ٻالڪو هو ۽ اڄتي هلي اردوءَ جو معتبر شاعر ۽ ڪامورو نڪتو. تيغ سڄو ڏينهن اسان جي دوستن مرحوم بدر قريشي، ڪرار نوري ۽ ٻين مڪاني شاعرن سان گڏجي لائيٽ هائوس سئنيما جي پر واري ايراني هوٽل ۾ تنگ پاجامي مٿان يڪ رنگ ٻٽيهن بٽڻ واري

شيرواني اوڍيو، پتي جي ٻيڙين مان پيو سوٽا هٽندو هو. هن جي اکين ۾ ڏهانت ته هئي، پر مفلسيءَ ۾ تنگ دستيءَ، انهيءَ تي ٻوڌار جا غلاف چاڙهي چڏيا هئا. جڏهن ڏي، سي ٽي ويو ته جن کيس ڪڏهن چخي به نه ڪيو، سي سڀ هن جا مداح ۽ دوست بڻجي پيا ۽ ڇڇ هزاري جي ناڇو ڇوڪرن جيان ڪلهن تائين لڙڪيل وار به ترتيب ۾ اڇي ويا. مصطفيٰ زيدي جو پيءُ لختِ حسنين گڏيل هندستان ۾ پوليس انسپيڪٽر هو، جنهن ڪراچي جي خالق ڏنا هال ۾، مولانا محمد علي جوهر ۽ ان جي ياءُ مولانا شوڪت علي (جيڪو انگريزن جو مخبر هو) تي اغلام بازيءَ جو ڪيس هلايو. مولانا جوهر، ڪلئي عدالت ۾ زيديءَ جي پيءُ جي خلاف في البديهه شعر چيو هو:

محمد ڪا دشمن علي ڪا عدو
ڪهان سي هوا لختِ حسنين تو!!

بعد ۾ مولانا انهيءَ ڪيس مان آزاد ٿيو

"خير ته آهي؟"- هن سوال ڪيو، "توهان جو نالو؟"-- هن هڪ ساهيءَ ۾ ٻٽو سوال ڪيو.

"ياءُ، مون کي مدد علي سنڌيءَ سان ملڻو آهي؟"- مون اتاولائيءَ مان وراڙيو.

ان دور ۾ اسين سڀ ڏاڍا خبردار هوندا هئاسين ۽ ڊڄ پيو ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته هر چوٿون ماڻهو ڇڪلخوريءَ لاءِ سندرو ٻڌيو ٻيٽو هوندو هو. ايتري قدر جو ون يونٽ جي حمايت ۾ ويٺ پاڪستان جي حڪومت سنڌي نوجوانن لاءِ مضمونن جي چٽا پيٽي ڪرائي ته مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي جهڙي ماڻهوءَ ٽن سون رپين جي لاءِ پنهنجي وڏي پٽ محمد عليءَ جي نالي ۾ مضمون لکي انعام ڪٽيو ۽ مرحوم کي جيستائين انفارميشن کاتي مان چيڪ نه مليو هو، گهٽو ٽٽو وقت حليم جوش وٽ ويٽو هوندو هو. مون اکين سان ڏٺو.

اسين گهٽو ٽٽو فرضي نالن سان پيا هلندا هئاسين، آءٌ پاڻ کي "الهڏتو" پيو سڏائيندو هوس.

هڪ پيري جڏهن اسان جي يارپرواني پٽي ٽنڊي محمد خان ۾ يادگار مشاعرو ڪرايو تہ هڪ سانورن ارڪاڻن وارو ڪراڪلي ٽوپيءَ سان همراهہ پڇائون ڪندي اڇي مون تائين پهتو. "پائو، تاج بلوچ تون آهين؟" مون کيس ڪونہ ڏٺو هو. جهٽ ۾ وراڻيو مانس. "نہ ادا. آءٌ تہ الهڏتو آهيان." جواب ۾ هن همراهہ مايوس ٿي ٻئي پاسي هليو ويو. هڪ انتهائي خوبصورت انسان مرحوم مقبول صديقي ۽ ڊان جي عزيز شيخ (جيڪو انهن ڏينهن ۾ عبرت اخبار ۾ ڪم ڪندو هو ۽ اسان جو مهربان دوست هو) جڏهن اهو مڪالمو ٻڌو تہ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي چوڙ لڳا. "ابا، جمعدار الهڏتو آيو آهي." ٻاڪاهہ پڌري ٿي پئي ۽ پوءِ سرويچ سجاولي مون کي ٻڪن ۾ سوگهو ڪري پيار ڏنا ۽ چيائين، "جهڙو ٻڌوسين، اهڙوئي نڪتين!!"

چغلخوريءَ واري اهڙي تناظر جو احساس ڪندي، مدد علي پڪ ڪرڻ پئي چاهي تہ ڪراچيءَ کان ڪهي جيڪو نوجوان مون سان ملڻ آيو آهي، اهو آهي ڪير؟

مدد جي ٻڌڻ ڏسندي چيومانس. "ادا، آءٌ تاج بلوچ آهيان" پوءِ مدد مون کي پاڪرن ۾ پريو ۽ اڳيان کان نياز همايونيءَ سان گڏجي وڃي هوٽل ۾ ڪچهري ڪئيسين.

ان ٻاڪاهہ کي ڏهو عرصو ٿي چڪو آهي. ماڻهن جون ترجيحات تبديل ٿيون. ميل ملاقاتن جا سلسلا منقطع ٿيا، هرڪو پنهنجي پنهنجي نفسا نفسي ۾ ونڊجي ويو. چڙوچڙ ٿي ويو. چوڙو چوڙي کان ڌار ٿي ويو. گهٽن ماڻهن انهيءَ تحريڪ مان وڏا فائدا ورتا. غريب امير ٿي ويا ۽ ڪاهہ جيڪي مڃي ماني لائق هئا، اهي وڃي عبدالڪريم گدائي، گرامي ۽ ابنِ حيات پنهورٿيا. انقلاب پنهنجا ٻچا کائي ڇڏيا.

انهيءَ هلچل کان پوءِ ٽاڦوڙا کائي ڪن کي ڪنارو مليو تہ ڪي ٽٽل تختي تي وچ سير ۾ ايجا تائين پيا لوڏا لما کائيندا وتن!!

اسان جو يار مدد، جيڪو سڪر گهراڻي جو فرد هو، اڄ اتي ناهي، جتي ڪيس پهچڻو هو. جذباتي آهي. ڪڏهن ڪڏهن غلط فيصلا بہ ڪندو آهي. يارن کي ذليل بہ ڪندو آهي تہ پاڻ بہ ڏٺو ٽيندو آهي، پر هن جي اندر جو اهو سچو سنڌ دوست، پنهنجن سمورين تخليقي

صلاحيتن سان، وڃي اخباري دنيا وسائي.

اسان پارن مان گھڻن تہ اڃا ملان ڪاتيار، ٽڪڙ، درپيلو ۽ ساڻ پيلو بہ سولي‌ءَ ريت، نہ ڏٺو آهي، چاڪاڻ تہ جنهن ماڻهوءَ وٽ رسول بخش درس، علي بابا، وفا پلي وٽ پهچڻ ۽، جهمپير، ڪوٽڙي‌ءَ ۾ عمر ڪوٽ جو ڪرايو ئي نہ هوندو تہ اهر ڪهڙا سفر ڪندو؟

خوش بختي آهي مدد جي جو اخبار نويس جي حيثيت ۾، سرڪاري وفدن ۾ ڪيئي ملڪ گھمي آيو آهي- "شهر صحرا پانيان"، سندس ڪجهہ سال اڳ جو سفرنامو آهي.

گھٽا اڻ گھڙيا ڪاڻ. پنهنجي اڻ ڄاڻائي، واڻڄائپ، هلڪڙائپ، يا تخليقي صلاحيتن جي اڻ هوند يا ذات جي حصار ۾ بندر رهڻ جي ڪري چارُ اوڳرايون ڏيئي مسافرنامہ پيش ڪندا رهيا آهن، جن ۾ هڪ بيوس بندي جو نالو سر فهرست آهي، جيڪو اڌيا جو سفر ڪري، گند جو ڏهو ساڻ ڪٽي آيو آهي، جنهن کي آڇيندي لڄ بہ نٿو مري. نہ بولي، نہ عبارت. نہ مقصد، نہ vision - رڳو ذاتي نمائش ۽ شخصي تعريف ۽ وڏائي!

"شهر صحرا پانيان" مدد جي اهڙي لکڻي آهي، جنهن ۾ علمي ساڃاهہ ۽ سياسي بصرت موجود آهي. قاهره ويندي، جڏهن هڪ خوبصورت، دلاويز ۽ اڪيلي همسفر چوڪريءَ جو قصو ٿو ٻڌائي تہ طنز ۾ هن جي مزاح واري شوخي ۽ بي ساختگيءَ سان گڏ چوڪريءَ جي تنهائيءَ جو درد بہ شامل آهي. بولي‌ءَ جي جڙاءُ ۽ سيبتي لهجي، مدد جي لکڻي کي منفرد ڪري ڇڏيو آهي. اهو ڪنهن معمولي ۽ شوقين سياح نہ پر هڪ ڪميٽيڊ اديب ۽ سُڄاڻ صحافي‌ءَ جو سفر نامو آهي.

سندس سياسي سرت ۾، پنهنجي ديس جي مهڪندڙ مٽي‌ءَ جا هڃاءُ محسوس ٿين ٿا. دبئي نارتان اڏامندي، ڪيس ڪيٽي بندر جي خوشبوءِ جا هڃاءَ محسوس ٿين ٿا، جيڪو گھٽين ڪارٽين، ماضي‌ءَ جيان، سنڌ جو جديد بندر نہ بڻجي سگھيو آهي. عربي سمنڊ جتان جتان گذري ٿو، ان کي انهي‌ءَ ڌرتي‌ءَ جو نالو ڏنو وڃي ٿو، پر جڏهن اهو

ساڳيو سمنڊ سندڙ مان گذري ٿو تہ تاريخدانن جي تعصب تي حيران ٿيندي سوچي ٿو، تہ چو، چو ان کي "سندڙي سمنڊ" چوندا ويو؟--

قديم مصري پيپائرز مان هڪ لڳل جڏهن انهيءَ انگريزي نظم (اصل ضرور عربي ۾ هوندو) کي حوالي طور پيش ڪري ٿو، تڏهن هن جو شعري شعور پنهنجي پرپور جمال سان متي ايري اچي ٿو. ان گيت جو ترجمو هيٺ ڏيان ٿو:

ڏس تہ ڪيڏي نہ من موهڻي آهي!!
آهي ڪو انهيءَ جو مَٽ؟
نئين سال جي مهورت لاءِ
ڪيئن نہ ستارن جي ديويءَ جيان نزول پئي ڪري!!
هوءَ ڏونئري ۾ شفاف رنگت واري ڇوڪري
هن جون اکيون ڪيڏيون نہ اونهيون ۾ سهڻيون آهن
جڏهن ڳالهائي، سندس چپن مان ماکيءَ لارٽپڪيو پوي.
هن جي سونهن جا استعارا محدود ڪٿي؟
هن جي ڳچي ڊگهي ۾ سينو گدازآهي
هن جي زلفن جي سونهن ۾ چمڪندڙ ڏاتو ڳٽيل آهن
هن جون هانهون نازڪ ۾ سونهري آهن.
هن جون آڱريون مخروطي
هلي تہ پاري جيان ڇلڪي چيلهہ هن جي
هن جون سٽرون سونهن جي لهر آهن
تلي تہ ڊيل جيان تلي
هن منهنجي دل ڇڪي ۾ ڪسي ورتي آهي
ڪاش، مان هن جو آئينو هجان
۾ هوءَ هر وقت مون ۾ پئي نهاري!!
ڪاش، مان هن جو لباس هجان
۾ ڪيس چمٽيل هجان
ڪاش، مان اهو پاٽي هجان
جيڪو هن جي وجود کي.....

مدد، هن سفرنامي ۾ ڪٽي ڪجهہ نہ لکي ها، پر هي ٽي هزار سال

پراٽو مصري گيت ڪتاب ۾ شامل ڪري، سفرنامي جي علمي سونهن، اهميت ۽ افاديت کي وڌائي ڇڏيو آهي. مدد نہ رڳو پاڻ کي، پر اسان کي بہ مصري اهرامن مان هٿ آيل اهڙي مڏرگيت جي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي.

ڪا ڪا سِتَ ڪويءَ جو سينو
چيري ڦاڙي ٽئي نروار
جڙ تيز تکي تلوار

مدد، رومانوي شعري روايت جي پنيرائي ۾ جنهن گيت جو انگريزي Version ڏنو آهي، اهو نہ رڳو سندس جمالياتي حس کي ظاهر ڪري ٿو، پر انهيءَ مان پڙهندڙ کي جيڪا معروضي خوشي حاصل ٿئي ٿي، اها جڙ Promise of pleasure آهي، جيڪو هيگل جي خيال مطابق، هيئت جو مادي تي حاوي ٿي وڃڙ ۽ ماورائي آدرش يا سيڪس کي هٿي ڏيندڙ آهي. ڪاش، اناتول فرانس اهو نظم پڙهي ها تہ ڪيس ائين نہ چوٽو پوي ها، "اها سُڏ ئي نٽي پوي تہ ڪا شيءِ سهڻي چو هوندي آهي؟"

مدد، گيت کي حوالي طور پيش ڪري، انهيءَ روماني ہڏيمانيءَ جي بہ تصديق ڪئي آهي، جيڪا فنڪار جي تخليقي قوت جو نيپاج ڪري، ڪيس فن جي اعليٰ سطحن تي پهچائي ڇڏيندي آهي. هونءَ بہ نقادن جو خيال آهي تہ روماني ہڏيمانيءَ ۾، جنس ۽ آرٽ جو ماخذ ساڳيو ئي آهي، ڇاڪاڻ تہ خواهشون، ڪرب کي جنم ڏيئي، فنڪار کي حساس ۽ جذباتي بڻائي ڇڏيندیون آهن ۽ پوءِ فنڪار لڳاتار آزار ۽ بي چينيءَ ۾ گرفتار رهندي پنهنجي تصورات کي لامحدود ڪري ڇڏيندو آهي.-

ولڊيورانٽ صحيح چيو هو، تہ "جذبن جي شدت جو اٿاهہ وهڪرو ۽ اهڙي حيراني روماني فنڪار لاءِ، هر ماڳ تي پُرڪشش هوندي آهي ۽ پوءِ اهڙا ئي ماڻهو، شاعري، فلسفي ۽ محبت جي ٻيهر جوڙجڪ ڪندا آهن- ۽ هر عاشق مزاج، اهڙين ئي لکٽين مان لطف اندوز پيو ٿيندو آهي."

ٻيو تہ هر وچئين ۽ روماني دور کان پوءِ، جيڪو عهد ايندو آهي،

اهو انقلاب جي نويد بڻجي ايندو آهي- اسان کي انهيءَ عهد جي ڪرشمہ ساز ڪردار جو اوسيئڙو آهي. انقلاب لاءِ سنڌ ۾ اپرا سيرا سندرا ٻڌجڻ جا انڌا ڪاٽا امڪان ضرور پيدا ٿي پيا آهن، پر ان سان گڏوگڏ دلالين بہ نيلام پيون ٿين. شل ڏٺي رحم ڪري.

ڪتاب جي ٻولي معياري، متن ۾ چمڪ ۽ ڪشش آهي. هي ڪتاب اهڙي صحافيءَ جي لکت آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ ساڃاهہ وند شاعر، حساس ڪهاڻيڪار۽ قومي ڪارڪن وينو آهي.

تاج بلوچ

18 جون 2003

سوجهرو آفيس
ڪراچي

E:mail: taj baloch2000@hotmail.com

شهر صحرا پانيان

11 آگست 2000

ايجپٽ ايئر لائينز جي جهاز مان

صاحب من! پهريون سوچيو هوم ته قاهره پهچي اتئون سفر جو احوال لکندس، پر ايئروپلين ۾ چڙهڻ کان پهريون ڊپريشن، وڻ ويڙهيءَ وانگر وکوڙي ويئي. الائي ڇو مون کي سفر کان سخت ڊپريشن ۽ هڪ عجيب ورهين جو ٽڪ محسوس ٿيندو آهي. هر پيري جڏهن به سفر تي نڪرندو آهيان، سخت ٽينشن ۾ هوندو آهيان. اهو سلسلو مون سان گهڻي وقت کان هلندڙ آهي. مان هن جمار ۾، دنيا جا ڏاهه پارنهن ملڪ گهمڻ جي باوجود سفر کان سخت ڪيهائيندو آهيان.

سو ڳالهه پئي هلي سفر جي. ڪراچي ايئرپورٽ تان ايجپٽ ايئرلائين جي جهاز ۾ ساڍي ٻارهين وڳي منجهند جو اچي چڙهياسين. ڪل 25 کن مسافر ان ۾ سوار، باقي جهاز سڄو خالي. مون سان هن سفر ۾ دوست قمر راجپر ۽ "ڪاوش" اخبار جو اسلام‌آباد وارو عيوضي اعجاز مهر به گڏ آهن. مصري ايئرلائين جو پلين نئون، صاف ۽ ستڙو، عملي جا ماڻهو به ڏاڍا فضيلت پريا. اصل هر هر پيا سافت ڊرنڪس ۽ جوسز آڏو آٽي رکن. البت هات ڊرنڪس ندارد! پڇڻ تي ٻڌايائون، "ايجپٽ ايئرلائين ۾ لڪئر سَرو ڪرڻ تي جهل آهي."

هوائي سفر ۾ بيئر ۽ وسڪيءَ تي هريل مسافر اوباسيون ڏيئي باربار پيا مصري جوس واپرائين.

دل کو بہلانے کے لئے غالب یہ خیال اچھا ہے

هي جهاز ڏبئي مان ٽيندو هلي قاهره پهچندو، اتان سياٽي اسان

لنڊن وڃڻ لاءِ مصري ايئرلائين جي ٻئي جهاز ۾ سوار ٿيندا سون. مون کي پهريون ٻڌايو ويو هو ته قاهره ۾ چند ڪلاڪن جي اسٽي آهي، پر هت ته ڳالهه ئي ٻي هئي. لڳي ٿو ته رات قاهره ۾ رهڻ ڪا نصيب ۾ لکيل هئي.

بهرحال سفر ڏکو، پنڌ پري ۽ منزل ڏور، ان ڪري مان ٻه سري درياءَ جي ويجهو ٿي جهاز جي اندرئين وايومنڊل کي لڳس جاڃڻ. جهاز ۾ ويهل مسافرن مان اڪثريت پاڪستانين جي آهي. منهنجي ساڃي پاسي قمر راڃپر ۽ اعجاز مهر، ان جي پرسان هڪ گجراتي ڪٽنب، تنهن کان اڳتي ٻه زال ۽ مڙس. منهنجي اڳيان وري هڪ اڪيلي ڇوڪري، تنهن جي اڳيان ماءُ ۽ ڏيئر، ٻه جهونا زال مڙس ۽ چار پنج جوڙا، ٻيا سڀ ڇڙا ڇاند، اسان وانگر. سڄي جهاز ۾ ڇڙو ٿي اڪيليون عورتون، باقي ٻيون سڀ پنهنجن مڙسن سان گڏ. اڪيليون هئڻ جي ڪري جهڙوڪ ڪيترن ئي مسافرن جون اکيون ٽنهي ۾ ڪُتل، خاص طرح سان منهنجي اڳيان ويهل اڪيلي ڇوڪريءَ ڏي هرڪو پيو نهاري.

اها ڇوڪري ڪراچي مان جهاز ۾ چڙهي ته سيني جي اکين ۾ اچي ويئي. واقعي هوءَ آهي ٻه ته ڏسڻ جهڙي- قد جي ڏگهي، هڪڙيءَ ٻانهن ۾ امام ضامن ٻڌل ۽ ٻيءَ ۾ سونو ڪنگڻ، جاڙا ڀرون، نيٺ آهو چشم، طبيعت ۾ بي انتها چلولائي ،خوبصورت نرم ۽ نازڪ پيرن ۾ اٽلين وڏي ڪڙي وارو سينڊل، وار ڏگها، جن کي هر هر پنهنجي سهڻن هٿن سان ٿي پوئتي ڪري. جنهن مهل پنهنجي وارن کي پئي هٿ لائي ته مان سندس مخروطي ڏگهين آڱرين کي ٿو ڏسڻ لڳان. الله سائينءَ ٻه ڪو خاص فرصت جي ويل ويهي گهڙيو اٿس. مون دل ئي دل ۾ سندس نالو رکيو آهي ڪلوپيٽرا! جاڪاڻ ته ڪلوپيٽرا جي پرواري سيٽ خالي آهي، ان ڪري هر مسافر جي اها ڇاهنا ته سندن پر واري سيٽ تي هو ويهل هجي ها. جيڪي زالن وارا آهن، سي ٻه ڪنهن نه ڪنهن ٻهاني سان پيا ڪيس تڪين!

جوڳيڙا جادو ڪري مون وٽان مر وهو.

ڪراچي کان ڏٻئي ڪلاڪ جي اڏام، پر وقت اٽين گذري ويو

جو خبر ٿي ڪانہ پئي. اسان اڃا ايجپٽ ايئرلائين جي مخزن "هورٿ" پئي پڙهي تہ جهاز اچي دبئي ٽڪاءُ ڪيو. دبئي ۾ هڪ اڏ مسافر لٽو پر اسان کي لهڻ نہ ڏنائون. دوست اعجاز مهر ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پنهنجي ڪارڊ تي ٻہ ٽي اکر پائليٽ ڏي لکي اماٽيائين، پر مصري ايئر هوسٽس ڪارڊ ڪٽي جاگم ٿي. سا ظاهر ان وقت ٿي جڏهن جهاز قاهره لاءِ پئي اڏاٽو. اسين ٻہ چپڙي ڪري ويهي رهياسين، باقي جهاز سڄو مسافرن سان پرجي ويو. دبئي مان چڙهيل مصرين، جهاز ۾ اصل هولچو مچائي ڏنو. مصرين جا پرڪار ٻہ بنهہ ڪي اسان سنڌين جهڙا. پهريون تہ هڪ ٻئي کي ونڊي وڏا وڏا ٻاکر پاتائون. چميون ڏيئي هڪ ٻئي سان ائين مليا، جهڙوڪ ورهين کان وڇڙيل هجن. پوءِ وڏي واڪي ڳالهائڻ سان گڏوگڏ شروع ٿي ويا پاڪستاني عورتن کي پنهنجن تيز نظرن سان تپاسڻ!

اسان جون همسفر پاڪستاني عورتون، جن سان پنهنجا مڙسالا گڏ آهن، سي مصرين جي ابوالهول جهڙين تيز ۽ تکين نهارن جا تاب نہ سهندي پنهنجن مڙسن جي پاسن ۾ سسي ويهي رهيون. هوءَ اڏڙوٽ عورت، جنهن سان سندس نينگري گڏ آهي، تنهن ٻہ ڏيڊس کي ڪڙ وانگر لڪائي ڪٽي مخزن منهن آڏو رکي. ها اسان جي آڏو ويٺل ماه لقا عرف ڪلوپيٽرا، جيڪا هيستائين اڪيلي سيٽ تي ويٺي هئي، تنهن جي پر ۾ اچي هڪ مصري ويٺو. اڃا ڪجهہ گهڙيون مس گذريون، جو ڪلوپيٽرا هن مصري سان اهڙي رلي ملي ويئي، جڙ ڪا سندس پراڻي واقف ڪار هجي. اڏڙوٽ مصري پڙ ڪلوپيٽرا جي حسن کان هيسيل ۽ هراسيل. ڪلوپيٽرا جنهن مهل ٿي مُرڪي ڪيس ڏسي تہ هن پائوءَ جون سموريون وايون بتال ٽيو وڃن!

زندگي مسئلا هزار مگر، مُرڪ تنهنجي سين جو حل آهي....

مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو، ان مهل جهاز دبئيءَ واري نار تان اُڏامي رهيو هو. هيٺ سمنڊ جو نيرو پاڻي ڏسندي مون کي ڪيتي بندر ياد اچي ويو. دبئي ٻہ ڪڏهن ڪيتي بندر جهڙو هوندو هو. اها ئي عربي سمنڊ جي چاڙ، ان جي پسگردائيءَ ۾ سو ڪن گهر، سندن زندگيءَ جو گذران مڇي مارڻ. پوءِ وقت بدليو تہ دبئي ڇا مان ڇا ٿي

ويو. ڪيتي بندرتي بہ جيڪڏهن بندرگاهہ نهي تہ هوند اهو بہ ڊبئي ڪي اڳتي هلي مات ڏيئي چڏي. بهرحال اڄ خليج فارس، يعني عربي سمنڊ جي نارواري رياستن جي پل پلان جو ڇيهہ ئي ناهي! اصل ۾ هي عربي سمنڊ بہ ڏاڍو عجيب آهي. جيڪڏهن لنگهي ٿو ايران وٽان تہ سڌو جي ٿو خليج فارس، جي گذري ٿو بنگال وٽان تہ خليج بنگال، لنگهي ٿو هندوستان وٽان تہ بحر هند، گذري ٿو عدن وٽان تہ خليج عدن پر سنڊ وٽان لنگهندي خبر ناهي تہ تاريخ نويسن ان کي "سنڊي سمنڊ" ڪري چو نہ سڏيو آهي؟

قصو ڪوتاهہ، عربي سمنڊ مان نڪتل سمنڊ نار جي ساڄي پاسي آهي ايران، کاٻي پاسي عرب اِمارات، اومان ۽ سعودي عرب. اها نار وري عراق وٽ بند ٿيو وڃي.

خليج فارس کان وري ٻاهر نڪري عربي سمنڊ ۾ اڇبو تہ اهو يمن وٽ نار جي صورت ۾ وهي ٿو. ڏکڻ يمن جو بندرگاه عدن ان نار جي بنهہ مڙ تي واقع آهي. ان نار جو پاڻي وهي وڃي ٿو Red Sea يعني ڳاڙهي سمنڊ جي شڪل اختيار ڪري. عدن جي سامهون آهي آفريڪا ڪنڊ جو ملڪ ايٿوپيا، جنهن کي ڪڏهن حبش جو ملڪ ڪري سڏيندا هئا. ڳاڙهي سمنڊ جي هڪ طرف آهي سعودي عرب تہ کاٻي پاسي اٽس ايٿوپيا، سوڊان ۽ مصر. اڳتي هلي ڳاڙهو سمنڊ مصر وٽ بند ٿيو وڃي. ان کي وري بحيره روم يعني ميڊيٽرينين سي (پونچ سمنڊ) سان ڳنڍيو ويئي آهي سوئيز ڪئنال. يورپ انهيءَ سوئيز ڪئنال وسيلي ايشيا سان جڙيو پيو آهي.

خبر ناهي تہ ڪيڏيءَ مهل سمنڊ جهاڳيندي جهازاچي سعودي عرب جي ريگستان مٿان اڏامڻ لڳو. جهاز ۾ خاموشي مڪمل ڇانيل هئي. مان وقت گذارڻ لاءِ "هورٿ" مخزن پڙهڻ لڳس. ايجپٽ ايئرلائين جي انگريزي ۽ عربيءَ ۾ ڇپيل مخزن "هورٿ" (Hourus) مون کي ڏاڍي وڻي. عربي رسم الخط بہ ساڳي سنڌيءَ جهڙي، ان ڪري سمجهہ ۾ نہ ايندي بہ ڏاڍي سهڻي پئي پاسي. پهرين تہ مخزن هورٿ کي ڏسي مون سمجهيو تہ اهو نالو حارث آهي، پر پوءِ ياد آيو هورٿ اصل ۾ قديم مصر جو هڪ ديوتا هوندو هو. مصري ماڻهو

هورٿ جي پوڄا ڪندا هئا. شروعاتي زماني ۾ مصر ۾ هر شهر جو ديوتا پنهنجو هوندو هو. انهن مان اڪثر ديوتائن جي شڪل جانورن جهڙي هوندي هئي. هورٿ به باز جهڙي شڪل جهڙو هو. مصري ڪيس آسمان جو ديوتا سمجهندا هئا، بعد ۾ ڪيس سورج ديوتا سڏڻ لڳا.

قديم مصري عقيدي موجب هورٿ جي بن اکين مان هڪ سج ۽ ٻي چنڊ آهي. مصري ديو مالا موجب سندس ڪهي اک هڪ ويڑهه ۾ زخمي ٿي پئي، جنهن جي ڪري چنڊ جا روشن ۽ اونداها مرحلا طئ ٿا ٿين، يعني ڏينهن ۽ رات ٿئي ٿو. انهيءَ هورٿ جي تصوير ان دور جي سنگتراشن پنهنجن عبادتگاهن جي پٽين تي ناهي چڏي. هزارين ورهين گذرڻ کان پوءِ به اهي سموريون تصويرون قاهره کان پر پروهڪ قديم مندرجي پٽين تي اکريل آهن.

هورٿ مخزن ۾ هڪ هنڊ هورٿ جو فوٽو پڻ شايع ٿيل هو. مخزن ۾ ڪيترائي معلوماتي مضمون انگريزي ۽ عربي ۾ ڇپيل هئا. انگريزي حصي ۾ ڇپيل قديم مصر جا به پراڻا گيت مون کي ڏاڍا وڻيا. انهن گيتن جو عنوان هو: "قديم مصر جا محبتي نظم." اهي گيت اهرامن مان هٿ آيا، جيڪي اٽڪل ٽي هزار ورهيه پراڻن پيپائرز تي لکيل هئا. دراصل "پيپائرز" ڪاغذ جي هڪ قديم شڪل هئي. مون اهي لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ پڙ رکيل ڏٺا. (پيپائرز Papyrus نالي هڪ ٻوٽو قديم مصر ۾ نيل ندي جي ڪناري تي ٿيندو هو. ڏاها مصري ان جي ڇوڏن تي ويهي لکندا هئا. تڏهن اڄا ڪاغذ ايجاد ڪونہ ٿيو هو. بعد ۾ چينين ڪاغذ ايجاد ڪيو. ان جو نالو هن "پيپائرز" جي نسبت سان "پيپر" رکيو.)

قديم "پيپائرز" تي لکيل ٽي هزار ورهيه اِهي قديم گيت پڙهڻ سان، اصل دل ۾ ڪنهن تير وانگر ڪُپي ويا!

She is one girl, there is no one like her.
She is more beautiful than any other,
Look, she is like a star goddess arising.
at the beginning of a happy new year.
Brilliantly white, bright skinned,

With beautiful eyes for looking,
with sweet lips for speaking.
she has not one phrase too many
With a long neck and white breast,
her hair of genuine lapis lazuli,
her arm more brilliant than gold,
her fingers like lotus flowers,
with heavy buttocks and girl waist.
Her thighs offer her beauty.
with a brisk step she treads on ground
she has captured my heart in her embrace.
she makes all men turn their necks
to look at her.
one looks at her passing by,
this one, the unique one.
I wish, I were your mirror
so that your always looked at me.
I wish, I were your garment
So that you would always wear me.
I wish, I were the water that washed your body.

هنن گيتن کي لکئي ٿي هزار ورهيہ گذري ويا. جنهن لکيا، اهو زماني جي هزارين ورهيہ پراڻي دز جو حصو بنجي ويو. جن سهڻين اکين جي شاعر واکاڻ ڪئي، اُهي متيءَ منجهہ ملي ويون. پر اهي جذبا هزارين ورهين گذرڻ کان پوءِ بہ محبت جي شڪل ۾ زندهہ آهن. جيتر انسان هن ڌرتيءَ تي موجود آهن، سچ، حسن ۽ صداقت ڪڏهن بہ ناهن مرڻا.

مخزن پڙهندي پڙهندي مون کي ننڊ جو جهوٽو وڪوڙي ويو. اوچتو اک کلي. دريءَ مان ٻاهر ڏٺم. اسان واري جهاز ان مهل ريگستان کي پئي جهاڳيو. جهاز جي اندر لڳل ٽي وي اسڪرين

ڏانهن نهاريم، جهاز اڃا سعودي عرب جي ريگستان مٿان پئي اُڏاٿو. صحراءِ عرب جي ايڏي وسعت ڏسي اچرج وکوڙي ويئي. هيٺ ريگستان، مٿي آسمان ۽ وچ ۾ جهاز- ٻيو ٿيو مڙيئي خير. خدا ڏئي پناهه. ڪٿي به ڪا آبادي، ڪوئي وڻ ٽڻ، پکي پکڙ نداردا! مسلسل ريگستان کي ڏسندي الائي ڇو اچي مون کي اُڃ ورايو. يڪدم ايئر هوسٽس کي سڏ ڪيم. مائي ويچاري وئي ۽ ڪن پل ۾ مصري شربت جو جمن پري، برف سميت آٽي منهنجي آڏو رکيائين. گلاس سڄو پي ويس. خبر ناهي ماٺهو اڳ هن صحرا ۾ ڪيئن سفر ڪندا هئا ۽ سو به اُٺن تي! آخر ڪار انسان ئي آهي، جنهن پنهنجي آد جڳاد کان جاري ذهني سفر وسيلي، اُٺن کان آٽي هوائي جهازن تي ٻيهاريو آهي. اڳتئون جو به الله مالڪ آهي. هٽي وڃي هنڊ ڪندو.

سو، ذڪر پئي ٿيو صحرا جي جهاز جو. اسان جو جهاز سعودي ريگستان ٽپي ڳاڙهي سمنڊ جي ڇاڙ اُڪري، وري اڇي مصر جي ريگستان مٿان اُڏاٿو. ان مهل ياد آيو، شايد خدا نه ڪيائي ته سال 1967ع ڏاري پي. آءِ. اي جي قاهره ڏي ويندڙ پهرين افتتاحي فلائيٽ جو جهاز هن ئي ريگستان ۾ ڪري تباهه ٿي ويو هو. فلائيٽ جا سوين مسافر مري ويا هئا. بهرحال ڏٺيءَ خير ڪيو جو اسان وارو جهاز اهو ريگستان ٽپي اڇي هڪ سمنڊ مٿان اُڏاٿو. يڪدم سامهون جهاز ۾ اندر لڳل ٽي وي اسڪرين تي ڏٺم، اسان سوئيز ڪئنال کي پئي پار ڪيو. هيٺ سوئيز ڪئنال ۾ ڪيترائي جهاز پئي هليا، خبر ناهي ڪيڏانهن ٿي ويا؟ ڏاڍو سٺو منظر هو. (نوي ميل ڊگهي، سوئيز ڪئنال، فرينچ انجنيئر موسيو فريڊنڊ، ڊي اليسپ جو ڪارنامو. 25 اپريل 1859ع تي نهر جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ٿيو، جيڪو سال 1869ع ۾ مڪمل ٿيو. سوئيز شهر وٽ جتي ڳاڙهو سمنڊ ختم ٿو ٿئي، اتان ڪئنال شروع ٿي اتر ۾ پورٽ سعيد وٽ ميڊيٽرينين سمنڊ کي پاڻ ۾ ٽيوڳنديو.)

سوئيز ڪئنال کي ڏسندي دل گهريو ته جيڪر مصر پاٽيءَ جي جهاز ۾ اڇجي ها. اوچتو ياد آيو ته بابو مرحوم به سال 1920ع ۾ ڪراچيءَ کان "پينشولر اينڊ اورينٽل نيويگيشن ڪمپنيءَ" جي

پاٽيءَ واري جهاز ۾ ايران، عدن ۽ مصر ويو هو. سندس ان دور جي هڪ يادگار تصوير اسان جي ڪراچي گارڊن ايسٽ واري گهر ۾ لڳل هوندي هئي. تصوير ۾ جهاز جي ڊيڪ تي بابو مرحوم هڪ عورت جو هٿ هٿ ۾ جهليو بيٺو آهي. ساڻهي پهريل ان سانوري عورت ۽ بابي مرحوم جو ڪوٽ، پينٽ ۽ اڪين تي نظر جي سنهري نازڪ ڪمانين واري عينڪ واريون شڪليون اڃا تائين نه وسريون اٿم. امان مرحيات ٻڌائيندي هئي ته اها پڻهين جي ساهيڙي هئي، جنهن کي هو پهرين ايران ۽ پوءِ مصر وٽي ويو هو. دراصل اها مائي، جيڪا اصل ۾ ايرانٽ هئي، ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ نرس هوندي هئي. بابا مرحوم ڪراچي ۾ سال 1912ع کان 1974ع تائين 62ورهيه رهيو. امان سان بابي ٽين شادي سال 1945ع ۾ ڪئي هئي.

زمانو هر شيءِ کي ٽوڙڻڪائي وڃي. اڄ سال 2000ع آهي ۽ مان سال 1920ع کي پيو ياد ڪريان، يعني مُني صديءَ کان اڳ جي زماني کي. اسي ورهين کان پوءِ قسمت سانگي مان ساڳئي ملڪ ڏانهن پئي ويس!.

دکھلائیں جا کے تجھے مصر کا بازار
خواہاں نہیں، لیکن یہ کسی جنس گراں کا

12 آگسٽ 2000ع

هوٽل موان پڪ، هيليو پولس، قاهره.

صاحب من! ڪجهه گهڻين جي تاخير لاءِ معافي. اسان وارو جهاز اڌائي ڪلاڪن اندر اچي قاهره پهتو. ان محل شام جا پنج پئي ٽيا. اسان جي وقت ۽ مصري ٽائيم ۾ ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي؛ يعني هتان جو وقت اسان کان ٽي ڪلاڪ پوئتي آهي. سج اڃا صحراءِ مصر ۾ ٽُبي نه هئي هئي، جو اسان جي جهاز سوئيز کي پار ڪيو. تنهن کان پوءِ ريگستان شروع ٿي ويو. ريگستان ٽپياسين ته پريان کان هڪ چُمچ ۽ سائي ڏرتي ڏسڻ ۾ آئي. هڪ پاسي ريگستان، بيابان ۽ بربٽ ته ٻئي پاسي ساوڪ جو اهڙو ميلاپ ورلي ڏٺو هوندم. جڙ اکين کي ساءُ اچي ويو. ريگستان ۽ نخلستان جو امتزاج اسان جي آڏو هو. مقصد ته جتان جتان نيل لنگهي ٿي، اهو

ٿيو سائو ستابو مصر ۾ جتان نيل نٽي لنگهي سو ٿيو ريگستان! عجب جهڙي ڳالهه آهي، مصر جا 99 سيڪڙو ماڻهو به آباد آهن نيل نديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي.

جيئن ريگستان ٽپي ساوڪ واري علائقي ۾ آياسين تہ آبادي شروع ٿي ويئي. ڪجهہ گهڻين ۾ جهاز اچي قاهره مٿان اُڏاٽو. هيٺ وڏيون وڏيون عمارتون سج جي روشنيءَ ۾ چٽيون پئي نظر آيون. جديد قاهره اسان جي آڏو هئي. جهاز قاهره مٿان ٻہ ٽي چڪر هنيا. هيٺ ميرانجهڙي رنگ وارو درياءُ وهندي نظر آيو. اها نيل ندي هئي، جيڪا شهر جي وچون وچ وهي ٿي.

ايتري ۾ جهاز اچي قاهره ايئرپورٽ جي رن وي تي لٿو. جهاز مان هيٺ لٿاسين. ٻاهر اسان جي مٿان مصر جي آسمان تي اڃا سج بينل هو. چؤطرف هوا ۾ هڪ عجيب ۽ اٽڄاتل هُڃاءُ شامل هو. اسان سان گڏ جيڪي ٻيا مصري مسافر هئا، اهي سامهون ڊپارچر لائونج ۾ هليا ويا. اسان کي وٺي آيا ٽرانزٽ لائونج ۾.

منهنجي آڏو وينل ڪلوپيٽرا، جنهن سڃي وات مصري مسافر سان ويٺي ڳالهايو، تنهن ٻہ رن وي تي لهندي کانئس ڪلي موڪلايو. مصري جهڙو مٽس چريو، جيڪر وس پڃيس تہ ڪلوپيٽرا سان پاڪر پائي عربي ڊنگ جي موڪلاٽي ڪري ها. پر خبر ناهي تہ ڪهڙو حياءُ اچي ويس. ڪلوپيٽرا ٻہ ڪيس چگو بيوقوف بنايو. کانئس ٽيليفون نمبر ورتائين ۽ باءِ باءِ ڪندي اسان سان گڏ اچي ٽرانزٽ لائونج ۾ پهتي.

لائونج ۾ سمورين پاڪستانين جهڙوڪر هڪ ڪتب جي شڪل اختيار ڪري ورتي. پلا ائين ڪن ٻہ چونہ؟ چاڪاڻ تہ لنڊن ويندڙ ٽرانزٽ مسافرن کي لائونج ۾ پهرين تہ جنگي قيدين وانگر وڃي واڙيائون. پوءِ سيني مسافرن جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ مصري اميگيريشن وارن پاڻ وٽ رکيا ۽ هڪڙو عملدار وينو هٽ سان انهن پاسپورٽن ۽ ٽڪيٽن جي لسٽ ناهڻ. ڪيتري دير تائين هو لسٽ ناهيندو رهيو. لسٽ ناهي، پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ ڪٽي غائب ٿي ويو. هاڻي خبر ئي نہ پئي پوي تہ ايئرپورٽ تي ڪيترو وقت ويهارينداسين

مسافر پريشان ٿي ويا. اسان جي آڏو جيڪي مصري عملدار پيا گھمن، سي کابہ لفٽ ڏيڻ کان لاچار. کٽي جو ڪنھن کان پُڇ پر مجال آھي جو ھنن پائرن جي وات مان ڪو اکر اُکلي وڃي!

ھاٽي محسوس ٿيو تہ ٽرانزٽ مسافري معنيٰ عذاب! ٽڪيٽ برابر سستي، پر بعد ۾ وڏي خواري. لائونج ۾ اميگريشن وارا، ڪسٽم وارا، مني چينجرز چڙو پيا پاڻ ۾ ڪچھريون ڪن. سڀ ڳالھين جا ڳھير، پر اسان سان منھن ڏيو بہ نہ پيا ڳالھائين.

ايجپٽ ايئرلائين وارا تہ اسان مان مورڳو ھٽ ڪيڊي ويا. بازار مصر جي در يعني قاھره ايئرپورٽ تي ويھي ويھي سڄ پڄ تہ صبر جا سمورا پيمانا لبريز ٿي ويا. انتظار ائين ڏکوئيندڙ- پوءِ ڪٽي اھو ڪنھن دلربا جو ھجي يا ريل جو- ٻنھي ۾ ڏاڍو ڪرب سمايل ھوندو آھي. بقول غالب "عاشقي صبر طلب اور تمنا بيتاب". سو قاھره ايئرپورٽ جي ٽرانزٽ لائونج ۾ ويھي مصري اميگريشن عملدار جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، جيڪو اسان جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ ڪٽي گم ٽيو ھو. جڏھن گھٽي ديرٽي، تہ ھر ڪو لائونج ۾ ٽڙي پکڙي ويو.

ھڪ تہ قاھره ايئرپورٽ پراٽي ڊنگ جو ٽھيل. ٻيو اَن جو ٽرانزٽ لائونج يورپي ٽرانزٽ لائونجن جي پيٽ ۾ ننڍڙو، منجھس نہ تہ ڪو وڏو ڊيوٽي فري شاپ موجود، جتي ڪٽي ونڊو شاپنگ ڪجي، نہ منجھس ڪا چگي ڪافي شاپ جنھن ۾ ويھي اک ٽيٽ ويڙھائجي. ڇڙو ٽرانزٽ لائونج، ان ۾ ڏھ پندرھن ننڍڙا شاپس. ڪجھ پرفيومس، ڪجھ جيولري ۽ ڪجھ ھينڊي ڪرافٽس جا استال. گھمي گھمي ٻہ آخر ڏسجي ڇا؟ لائونج ۾ ھڪ ننڍڙو ڪافي جو استال ۽ مني چينجرز جو ھٽ، پرسان ڪنڊ ۾ ھڪ طرف نماز پڙھڻ لاءِ مسجد تہ پاسي ۾ جامع الازھر جي ڪتابن جو بند ٽيل استال. البت سڄي لائونج ۾ قديم مصري آثارن جا سٺا نمونا رکيل يعني ديوارن تي لڳل، جيڪي مسافرن کي پنھنجي ھزارين ورھيہ پراٽي شاندار ماضي جا ڏس ۽ پتا پيا ٻڌائين. ٽرانزٽ ھال جي وچ ۾ اھرام وانگر ھڪ شيشي جو ڪٻٽ رکيل، ان ۾ ھر مسافر ڪجھ نہ ڪجھ چندو ضرور وجھي. ڪٻٽ ۾ ڪيترن ئي ملڪن جي

ڪرنسيءَ جا نوٽ ۾ سڪا پيا هئا. مون ڪيسي مان ڪجھ پاڪستاني رپيا ڪڍي ان ۾ دان ڪري ڇڏيا.

اسان جا همسفر ساٿي، ڪجھ وڃي ڪافي جي استال آڏو وينا. ڪن لائونج ۾ پيل ڪرسين ۾ اچي پناھ ورتي. ڪي پسار ڪرڻ لڳا. مان ۽ ڪرسيءَ تي ويھي ڪجھ لکڻ لڳس. اسان سان گڏ آيل گجراتي ڪتب ھڪ پوڙھو ۾ پوڙھي ۾ ھو ماءُ ڏيئرون ۽ ڪرسين تي ويھي رھيون. باقي ڪلوپيٽرا وڃي جيولري ۾ پرفيومز جي دڪانن جا ڦيرا ڏيڻ لڳي. منھنجي سامھون پرفيومز جي دڪان تي سيلزگرل کان گونچي جي پرفيوم ڪڍايائين. پرفيوم ھجي پيڪ ٽيل، ھيءُ چوي تہ مون کي ڪولي ڏيکار. اڳيان ۽ مصري سيلزگرل، اُھا ڪٽان ٽي پرفيومز جا سيمپل ڏيکاريس. ھوءَ چويس تون وٺ، باقي ڪولي ڪونہ ڏيکاريندیسانءِ، مون اھو لقاءُ پئي ڏٺو، ان وچ ۾ منھنجا ساٿي قمر راجپر ۾ اعجاز مھر اچي منھنجي پر ۾ بيٺا.

"ـ ھاڻ ڇا ڪجي؟" قمر راجپر چيو.

"ـ ڦاسڻ کان پوءِ ھاڻ ڦٽڪڻ وري ڪھڙو؟ ادائي ڪلاڪ ھتي ويھندي ٽيا آھن. اڃا ڪو والي وارث ٽئي ئي ڪونہ ٿو. ويھي ويھي ڪڪ ٽي پيا آھيون. خبر ناھي تہ اھرام ۾ نيل ڏسڻ جي اجازت ملندي ڪي الائي نہ." مون چيو.

ـ ايجپٽ ايئرلائين جا ڪجھ ماڻھو في مسافر پنجاھ ڊالر پيا ونن، جنھن ۾ ھو نيل ندي ڪروز ۾ گھمائيندا. رات جي ماني ۽ اتي ھوندي ۾ چون ٿا تہ اھرام وڃي ھلندا، پر ھو پيسا گھٽا ٿا ونن." اعجاز چيو.

"ـ منھنجو خيال آھي تہ ھوٽل تي وڃي ھلن تہ پوءِ اتي ڪو ويھي فيصلو ڪجي. پنھنجي ٽيڪسي ڪري گھمون تہ وڌيڪ بھتر ٽيندو." وراٽيم.

منھنجي انھيءَ ڳالھ تي ھو ۽ رضامندي ڏيکاري ھليا ويا. مان ۽ اتان اڻي سامھون لائونج ۾ مني چينجر جي پر وڃي ورتي. پھرين ھمراھ ڳالھائڻ لاءِ تيار نہ ٿئي. پوءِ مھر جي نگاھ وڌائين. "قبلا، پاڪستاني رپيا مصري ڪرنسي ۾ بدلائي ڏيندو؟"

يڪدم وراڻي ڏنائين، "پاڪستاني ڪرنسي هرگز نه گهرجي."

"..پر توهان انڊين ڪرنسي ته قبول ڪريو پيا."- ڪيس چيم. پر همراهه جو موڊ خراب ٿي ويو. يڪدم دري بند ڪري. سندس پر ۾ ويٽل همراهه سان ڪچهري ۾ شروع ٿي ويو. مَني چينجر جي دريءَ وٽ لڳل چارٽ موجب پارتي ڪرنسي سميت سموريون ڪرنسيون قبول هيون، پر جيڪڏهن ناقابل قبول هئي ته پاڪستاني ڪرنسي! ڏک بہ ڏاڍو ٿيو. هڪڙا اسين ماڻهو آهيون جيڪي عربن لاءِ اصل مريو ٿا وڃون. اسرائيل کي ايڏا تائين ڪونہ ميڙيو اٿئون، پوءِ پلي مصر ۽ فلسطين وارا اسرائيل سان دوستيون رکيون ويٺا هجن، پر اسان جو جهيڙو قائم ۽ دائم:

خنجر چلے کسی پہ، تڑپتے ہیں ہم امیر
سارے جہاں کا درد ہمارے جگر میں ہے!

ڪرنسي چينج ڪرڻ واري وٽان ٿي اچي ڪرسي پيڙو ٿيس، سوچيم:

"قومن جي مزاج ۽ عادتن بابت چڙو ڪن ماڻهن کي ڏسي ڪابہ اڳڪٿي هرگز نٿي ڪري سگهجي. پر عام طرح ان قوم جي چند ماڻهن جي هلت چلت ۽ سندن افعالن مان ان قوم جي ماڻهن جي مزاج جي البت ڪجهہ پروڙ ضرور پئجي ويندي آهي."

ايئرپورٽ تي ويهي مصري ماڻهن جي پرڪارن کي ڏسندي يقين ئي نٿي آيو ته ڪو هي اها قوم آهي، جيڪا 1967ع جي اسرائيلي عرب ويڑهہ ۾ وڏي هار کائي چڪي آهي. تر جيترو بہ احساس منجهن ڏسڻ ۾ نہ آيو. يقينن قومن کي ڪي هٿيار، پنهوار، جنگين ۾ نہ بچائيندا آهن، پر منجهن ڪو لڪل ڪارفرما جذبو ئي ڪين مقابلي تي آماده ڪندو آهي ۽ اڳتي وڌڻ جي سگهہ عطا ڪندو آهي. چيني، جپاني، ويٽنامي ۽ ڪيوبن ماڻهن جا مثال اسان جي آڏو آهن. يقينن خاطري اٿم ته مصري ماڻهن ۾ بہ ڪي خاصيتون ۽ روايتون هونديون، جيئن سنڌي ماڻهن جو قومي ورثو. تاريخ جو عروج ۽ زوال منجهن وڙهڻ جو جذبو ڪيڏي نہ سگهيو آهي. انيڪ پيرا سنڌ بہ پنهنجي مٿان حملي آور غاصبن، رهزن مزاج رهبرن جي گهوڙن، انهن

جي سنبن هيڻان پئي لتاڙجي رهي آهي ۽ لتاڙجي ڏڪ پچائي وري اٽندي رهي آهي.

- "ان سخت مزاجيءَ جو سبب ڪي خاصيتون ئي آهن. پڪ اٽم يا ٽي سگهي ٿو. مصرين ۾ به ڪي اهڙيون خاصيتون ضرور هونديون، جن تاريخ جي هزارن ورهين واري خوفناڪ اٽل پٽل کان کين پئي بچايو آهي!"

مان انهيءَ سوچ ۾ هوس ته ايتري ۾ ايجپٽ ايئرلائين جا به عملدار مسافرن کي ورائي ويا. مان اُتي وڃي هنن جي پر ورتي. خبر پئي ته هو نيل نديءَ ۾ ڪروز ۾ گهمائڻ واري پروگرام جي بوڪنگ ڪري رهيا هئا. هر مسافر ذهني ڪوفت کي دور ڪرڻ واسطي "ڪروز" ۾ نيل نديءَ جي سير واري پنجاهه پنجاهه آمريڪي ڊالرن ۾ بوڪنگ ڪرائڻ شروع ڪري ڏني. مون وڏي عرب سڳوري کان پڇيو:

"پلا هوٽل ۾ ڪيڏيءَ معل ٿا وڃي هلو؟"

- انهن مان هڪ وراڙيو: "مون کي خبر ڪونهي. مان فقط بوڪنگ لاءِ آيو آهيان."

ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي. هيتري دير به رڳو ان ڪري پئي ڪئي وئي ته جيئن ٽرانزٽ مسافرن کان ڪجهه ڦُر ڪري سگهجي. گهڙيءَ ۾ اسان کي چڏي باقي سموڻن مسافرن بوڪنگ ڪرائي چڏي. مون کي به ريس لڳي. وري وڃي هن عملدار جي پر ورتم. ايتري ۾ گجراتي سيٺ مون کي آهستي چيو: "سائين توهين ٽيئي اڪيلا ماڻهو آهيو. چوٽا هي مهانگو ٽرپ ونو. اسين ته آهيون زالن سان، جو اهو خشڪ ٽرپ خريد پيا ڪريون. هوندو وري ان ٽرپ ۾ ڇا؟ ڪروز ۾ نيل گهمائيندا، اتي ماني کارائيندا، جڏهن ته ماني پنهنجي ائين ئي هوٽل ۾ هوندي. توهين گهمو ڦرو، کائي پي وڃي ڪلبن جو مزو ونو."

واقعي چيو هن به صحيح. مان موٽي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ان وچ ۾ اميگريشن واري ڪمري ۾ اچي گوڙ متو. خبر پئي ته اسان سيني جا پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ اچي ويا آهن. مون وارا ٻئي

همراهہ غائب هئا. ڊُڪي وڃي مسافرن جي انبوهہ ۾ شامل ٿيس، سامهون ميز تي مصري عملدار پاسپورٽن جو ڍير ميز تي رکيو هڪ هڪ مسافر جو نالو وٺي رهيو هو. هر ڪنهن کي تڪڙ. هرڪو ڊِڪو ڏَئي جهت هڪڙ ۾ پوروتہ من کيس جلدي پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ هٿ چڙهي.

خدا ڀلو ڪري هنن مصرين جو. منجهن ڪا بہ ترتيب اڻ موجود. آخرڪار پاسپورٽن جي ڍڳ مان منهنجو پاسپورٽ نظر آيو. ماڻ ڪري اهو مٿي ڪٽي سندس حوالي ڪيم. هن نالو پڙهي ٽڪيٽ، پاسپورٽ ۽ بوردنگ ڪارڊ منهنجي حوالي ڪيو. مسافرن جو گوڙ متل ڏسي منهنجا ٻئي ساٿي بہ اچي اتي پهتا. کين بہ پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ مليا. ڪجهہ دير تائين اهو عملدر سيني کي پنهنجا پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽون ڏيندو رهيو.

اسين بہ ٻيهر لائونج ۾ ڪرسين تي ويهي رهياسين. جيڪا افراتفري پاسپورٽن ۽ ٽڪيٽن وٺڻ مهل ٿي، اوترو اطمينان ان جي واپسيءَ کان پوءِ ٿيو. پر ان مهل اتي ڪنهن مسافر ٻڌايو تہ: "ابا اڄا منزل ٻئي اٿو. پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ هتان نڪرندي مهل توهان سيني کان واپس وٺي رکندا. ملندا وري اهي سياٽي ان وقت جڏهن توهان جي فلائيٽ جو وقت هوندو!"

"ـ ٻلا رسيد وغيره بہ ڏيندا ڪي نہ؟" مون پڇيو.

"ـ بلڪل نہ، رسيد ڏين ڪو نہ. ٻئي ڏينهن صبح جو ٽي ڪلاڪ اڳ اڇي ايئرپورٽ تان اهي هٽ ڪبا." هن وراڻيو.

سڄ پڄ تہ اهو ٻڌي جهڙوڪر مون سميت ڪيترن ئي مسافرن جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو. پرديس ۾ ماڻهو وٽ چڙو پاسپورٽ ۽ رٽرن ٽڪيٽ ئي بچاءِ جا بہ هٿيار هوندا آهن، انهن کي هو ساهہ سان سانڍي رکندا آهن. پئسا پل پورا ٽي وڃن، پر ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ هيڏانهن هوڏانهن ٽي ويوتہ ماڻهو عذاب ۾ اچي ويندو آهي.

حسب معمول منهنجا ٻئي ساٿي وري لائونج ۾ پسار ڪرڙ هليا ويا. قمر راجپر مون کي ويندي وقت چيو، "استاد منهنجي پويان پويان نہ اچجائين، منهنجي لائين فٽ ٽي وئي آهي." مون مُرڪي هن

ڏانهن ڏنو. هو انهيءَ پوڙهي عورت جي ڏيءَ سان لائين فٽ ڪرڻ ۾ پورو هو. جيڪا هڪ پل لاءِ به ڏيءَ کان الڳ نه ٿيڻ ٿي. اوچتو منهنجي پر ۾ ويٺل سيٽ ۾ سنڊس گجراتي زال جي وچ ۾ سُس پُس شروع ٿي وئي. گجراتي سيٽ کي سنڊس زال کا وڏي ڏمال ڪڍي رهي هئي. مون ڪن ڏنو.

زال چيو: "مون توکي به پيرا ٿوڪيو ته اها ڪاري عينڪ لاهي ڇڏ، پر تون بازنه ٿو اچين. هر هر بات روم جو بهانو ڪري انهي چوريءَ کي ڏسڻ ٿو وڃين. شرافت سِکُ، نه ته هتي اهو حال ڪنديسانءُ جو ياد ڪندين."!

مڙس آهستي وراڻي ڏني، "خدا جي واسطي آهستي ڳالهاءِ. ماڻهو ٿا ٻُڌن. مون ڪنهن سان ڪجهه به نه ڳالهايو آهي... تون...!!

"ـ بند ڪر بڪواس، مان جهاز ۾ به ماڻ ڪيو ويٺي هيس. اتي به تون چُپ ڪيو نه ويٺو هئين. هاڻي خبردار جو وري بات روم ويو آهين." گجراتي سيٽ، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪاري عينڪ لاهي مون کي ڏنو. مون اڳي ئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون، جڙ مان بيخبر هيس.

مان به ٽي منٽ رکي اتان اٽي وڃي جامع الازهر جي بند ٽيل بوڪ شاپ تي بينس. ڪتاب جو هٽُ سڃو ڪليل، ٻن ڪارنرز ۾ ٿهيل بنا ڪنهن ڇت جي ڪٻٽن ۾ ڪيترائي عربي ۾ ڇپيل ڪتاب موجود- پر ڪٻٽن تي ڪلف چڙهيل.

ڪتابن جي بند ٽيل دڪان کي ڏسي مون کي عباسي دور جي پراڻي شاعر المهلبي جو هڪ شعر ڏهن تي تري آيو:

يا بني اذا وقفتم في الاسواق فلا تقفو الا
علي من تبيع السلاح وسميع الكُتب!!

"يعني اي پٽ! جڏهن به تون بازار ۾ ڪٽي بيهين، ته فقط انهن هنڌن تي بيهه، جتي هٿيار يا ڪتاب هجن!"

سو ڪتابن جو هٽ ته قاهره ايئرپورٽ تي موجود هو، پر هٿيارن جو ڪوئي دڪان نه هو. ان ڪري ڪتابن جي استال کان ٽي وڃي پرفيومز جي دڪان تي بينس. استال تي طرحين طرحين جون پرفيومز رکيل هيون.

سيلزگرل هڪ عام چوڪري هئي. هن يڪدم اڳتي وڌي چيو. "توهان کا پرفيوم پسند ڪندا؟"

"- توکي ڪهڙي پرفيوم وٽندي آهي؟"

ان تي هوءَ ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳي. چيائين: "اسين ڪسٽمر جي پسند تي هلندا آهيون، پر توهان کي ڪنهن جي لاءِ گهرجي؟"

"- يقينن پنهنجي لاءِ نہ!" وراٽيم.

هوءَ بہ اڳيان مصري سيلز گرل هئي، نہ پھ پڇيائين، "فار فيميل؟"

مون مُرڪي ڏنو، هوءَ سمجھي وئي. يڪدم ڪٽي گونچي، اوپيم، فرسٽ مارٽيئر جي سوپرٽي منهنجي آڏو رکيون.

"هنن مان پسند ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي." هن کان وري پڇيم.

"- توهان جي فيانسي کي ڪهڙي وٽندي آهي؟" هن کان وري پڇيم.

- "تون سمجھين ٿي تہ هن ايج ۾ آءٔ فيانسي رکي سگهان ٿو؟"

"- انهيءَ ۾ ڪهڙي خراب ڳالھ آهي!!" مادرن مصر جي نينگريءَ نہ پھ وراٽيو.

"- بهرحال مون کي پنهنجي لاءِ نہ پر پنهنجي وائيف لاءِ گهرجي."

"- تڏهن تہ مون توهان کي ليڊيز پرفيوم ڪيڏي ڏنيون آهن." هن چيو.

سيني پرفيومز جون قيمتون 50 آمريڪي ڊالرن کان هرگز گهٽ نہ هيون. هڪ پرفيوم سوپرٽي ۾ ٻي گونچي جي آرگنزا جون شيشيون ڏاڍيون سهڻيون هيون. مون يڪدم گونچيءَ جي آرگنزا تي هٿ رکيو. قيمت هيس چاليھ آمريڪي ڊالر. کيس 50 ڊالر ڪيڏي ڏنم. هن پرفيوم ڪاغذ جي هڪ خوبصورت شاپنگ بيگ ۾ ڏاڍي نفاست سان پيڪ ڪري، ٻہ پيرا ٽينڪ يو چئي 10 ڊالر مون کي ورائي ڏنا.

اوچتو پريان کٽي نظر وجهان تہ اسان وارا سمورا همسفر لائونج ۾ لين ئي ڪونہ. موٽي هال ڏانهن ويس. اتي ايجا هڪڙو همراهہ بيٺو هو. چيائين، "مسافرن کي هوٽل پيا وٺي هلن. ٻيا سڀ ٻاهر نڪري

ويا آهن. منهنجو ٽيلهو رهجي ويو هو. اُهو ڪٽڻ آيو آهيان!"

يڪدم پنهنجن سنگتين کي سڏ ڪيم. هو پريان شاپ وٽ بينا هيا. مون وٽ ته ڪوئي سامان نه هو. جو منهنجي بيگ بئگيج ۾ هلي وئي هئي. البت قمر راجپر ۾ اعجاز مهر وٽ ننڍيون بيگون هيون. انهن کي گهلينڊا لائونج کان ٻاهر نڪتاسين. پر خبر اچا ٻه نه هئي ته وڃڻو ڪيڏانهن آهي؟ اڳيان مصري اميگريشن وارا بينا هئا. هنن اسان جا ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ وٺي پاڻ وٽ رکيا.

پچيم، "ڪڏهن ملندا؟"

چيائون: "سياٽي صبح جو اچي هتان ڪليڪٽ ڪجو."

اڳتي ٽياسين ته وري ٻين همراهن بوردنگ ڪارڊ وٺي ڇڏيا. هنن کان پچيم: "پائو هاٽي ويون ڪيڏانهن"؟

هن ٻڌايو، "هلي پولس" ۾ هٽ جي اشاري سان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. هاڻ بنا پاسپورٽ، بنا ٽڪيٽ ۽ رسيد جي اسين سڄو هال لتاڙي ٻاهر ٽياسين.

ايئرپورٽ جي عمارت کان ٻاهر نڪرندي قاهره جي ٺڏي هوا اچي اسان سان ٽڪرائي. قاهره جي شام آهستي آهستي رات ۾ بدلجي رهي هئي. وڇينءَ جي مهل لڙي چڪي هئي. اُس ڪنهن وڏي پکي وانگر پر ڦهلائي چئني پاسن کان پئي موڪلايو. قديم مصر جي اُس ۾ به هڪ عجيب نرملتا هئي. وايومنڊل ۾ اٽجاتل سُڳنڌ شامل هئي. سامهون ايئرپورٽ آڏو ٽنين جا بلب جڳ مڳ ڪيو پئي ٻريا. پريان اولهه ۾ مصر جي سُرمئي آسمان ۾ شام جو تازو زهره ٽِمر ٽِمر ڪيو پئي ٽمڪيو.

مون چئني پاسي ڏٺو: اُس جا لهندڙ پاڇا، آهستي آهستي گم ٽيندڙ سوجهرو، زرد بلب، آسمان، تارا ڇڻ سمورا منظر هڪ هنڌ بيهجي ويا هئا. هر ڏيڪ فريزٿي ويو هو.

ڪلڪ ڪلڪ

منهنجي اندر جي ڪئميرا اهو سڄو ڏيڪ جهٽي ورتو.

ڪجهه وکون اڳتي ٽياسين ته مصري ٽيڪسي ڊرائيورن اچي اسان کي ورايو: "ٽيڪسي..... ٽيڪسي فندق.... هوٽيل!!"

بمشڪل هنن مان جند ڇڏائي ايئرپورٽ روڊ تي آياسين. سامهون اسان واري همسفر پاڪستانين جو هجوم هڪ وين وٽ بيٺل نظر آيو. وڏي وڃي هنن وٽ پهتاسين. اتي ڪو وڏو جميڙو متل هو. ٻن پاڪستاني مسافرن هڪٻئي کي زور زور سان گهٽ وڌ پئي ڳالهايو. انهن ۾ هڪڙو اڌڙوٽ ماڻهو هو. فل سوٽ پهريل انهي اڌڙوٽ ڏاڍي لاپرواهيءَ سان هڪ ڏگهي ڏاڙهيءَ واري کي پئي جواب ڏنا. ٽي شرٽ اڌ ٻانهن سان ۽ پينٽ پهريل ڏاڙهيءَ وارو ٻه وڏو جميڙو مچايو بيٺو هو. سندس پر ۾ بندري زال ڪچ ۾ ٻار جهليو بيٺي هئي.

ٻنهي همراهن جي جميڙي کي ڪو ٻه تارڙ لاءِ تيار نه هو. اڳتي وڌي وڃي ٻنهي کي ٽڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. جهونو ته چُپ ٽي ويو، پر ڏگهو اصل ماڻ ئي نه ٽئي. پريان کان پيو چيلينج ڪري، چئي: "توکي ڪراچي هلي ڏسندس."

ان تي اڌڙوٽ مون کان ٻانهن ڇڏائي وراڻي ڏنس، "ڪراچي چو، هتي ئي هلي اڇ ته پاڻهي خبر پئجي ويندئي."

اڌڙوٽ ٻه ڪنهن وقت ٻاڊي بلڊر ضرور رهيو هوندو. هڏڪاڻ پکو هوس. آخرڪار اڳتي وڏي وڃي ان ڏگهي ڏاڙهيءَ واري کي سمجهايم، "ٻيلي تون ئي ڏاهو ٿي. جميڙو ڪندؤ ته گهڙي ڪن ۾ مصري پوليس ٻنهي کي وڃي ڪاٺ ۾ وجهندي. اهو ٻه خيال ڪر ته سياڻي پاڻ سينې کي صبح جو لنڊن واري فلائيٽ تي ٻه پهچڻو آهي. تون ئي ڪٽي ماڻ ڪر. هو ته اڪيلو آهي توسان ته ٻارگڏ آهن."

منهنجي صلاح هنئين سان هنڌائي هن ڪٽي ماڻ ڪئي. پر همراهه جي زال وڏو وات شروع ڪري ڏنو. ايتري ۾ هوٽل جي وين ٻه اچي پهتي. ڏاڙهي وارو ۽ سندس زال، ٻيا ڪتنب ڪلوپيٽرا سميت ان ۾ روانا ٿيا ته اسان ٻي وين ۾ چڙهياسين. پوڙهو باڊي بلڊر ٻه اسان سان گڏ. وين ۾ ويهڻ بعد خبر پئي ته اسان هوٽل تي پيا هلون، جتي ايئرلائين وارن اسان جي رات ترسڻ جو پروگرام رٿيو آهي.

گاڏيءَ ۾ هن جهوني سان ڪچهري ٿي. ٻڌايائين ته هو پاڻ رٽائرڊ ميجر ۽ ڪنهن وقت ڪمانڊو رهي چڪو آهي. هن وقت

ڪراچيءَ جي ايٽمڪ انرجي مرڪز ۾ سيڪيورٽي ۾ ڪم ڪري ٿو. جهيڙو سندن انهي ڳالهه تان ٿيو جو ڏاڙهيءَ وارو چوي پيو ته پهرين اسان وين ۾ ويجون ۽ هي جهونو چوي ته مان پهرين ويجان. واقعي جيڪڏهن ٻنهي جي وچ ۾ فري استائيل ويڙهه ٿئي ها ته پوڙهو ڪمانڊو ٽيڪي ڏاڙهيءَ واري کي هڪ منٽ ۾ ناڪ آئوٽ ڪري ڇڏي ها.

اسان کي جنهن هوٽل ۾ ويڄڻو هو، سا ايئرپورٽ کان هروپرو گهٽو پري نه هئي. ڏهن منٽن اندر اچي وين اسان کي "هيلو پولس" علائقي ۾ واقع هوٽل ۾ پهچايو. هوٽل جو نالو هو "هوٽل موان پڪ" شايد ايئر لائين جي پنهنجي هوٽل آهي. عمارت هوٽل جي ڏاڍي سهڻي ۽ شاندار، سڄي بلبن جي روشنيءَ ۾ پئي جرڪي. وين مان لهي هوٽل اندر داخل ٿياسين. اندر لابيءَ ۾ وڏي رونق لڳي پئي هئي. سامهون ڪائونٽر تي اسان سان گڏ آيل مسافر فارم پري پنهنجي پنهنجي سامان سان گڏ ٻيٺا هئا. ڪائونٽر تي پهتاسين ته هوٽل وارن بنا پڇاڻي جي ڪٽي هڪڙو هڪڙو فارم اسان جي حوالي ڪيو. فارم پري ڪين ڏنوسين. هوٽل وارن هر هڪ مسافر کي ڪمرن جا ڪي ڪارڊ ۽ رات جي ڊنر سان شامل صبح جي بريڪ فاسٽ جا ڪوپن حوالي ڪري ڇڏيا.

يورپ وانگر هن هوٽل جي ڪمرن جون چابيون نه پر (Key card) هئا. دراصل يورپ جي هوٽلن ۾ ڪمرن جا لاڪ چابين سان نه پرڪاردن سان ٽا ڪُلن. ٽيلي ڪاردن جهڙو ڪِي ڪارڊ، هر هڪ ڪمري جو الڳ ٿئي. ان کي درجي آٽوميٽڪ لاڪ ۾ وجهي هٽيو گهمائڻ سان درهڪ سيڪنڊ ۾ ڪُلي ويندو آهي. اهو سسٽم سولو، پر اڪثر نئين مسافر لاءِ وڏو مسئلو پيدا ٿو ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته ڪارڊ وجهي جيڪڏهن يڪدم هينڊل نه گهمائبو ته لاڪ اصل نه ڪلندو.

هڪ ڀيرو ڪِي ڪارڊ مون سان اتر يورپ جي ڏورانهين ملڪ ناروي ۾ وڏو مسئلو پيدا ڪري ڇڏيو. اسين اوسلو ۾ رهيل هجون. جولاءِ جو مهينو. درجهءِ حرارت مائينس کان گهٽو هيٺ ڪريل،

يعني مائينس 10. ھڙو خوفناڪ سيءُ زندگيءَ ۾ ڪڏھن بہ نہ ڏٺم. ھڪ ٽہ رات جو دير سان ھوٽل آيس. ٻاھر سخت برف پئي ڪري. سيءَ ۾ سخت ڏڪندو اچي لفٽ ۾ چڙھيس. ھوٽل جو لائونج ويران ۽ رسيپشنٽ غائب. چڙو ھوٽل جو سيڪيورٽي وارو حاضر. ڪمري وٽ پھچي ڪٽي جو "ڪِي ڪارڊ" لاڪ ۾ وجھان ٽہ درڪُلڻ کان اصل جواب ڏئي بيھي رھيو. ھڪڙو پيرو، ٻيو پيرو، ائين پنج ست پيرا در کولڻ جي ڪوشش ڪيم، پر لاڪ ڪُلڻ جو نالو ئي نہ پيو ونئي. ھاٽي اچي ڏاڍو ششدر ٿيس. ھڪڙو اڳي ئي رشين واڌڪا جا پنج ست گلاس پيتل، مٿان سخت سيءَ جي ڪري ھٿ ڪم ڪرڻ کان لاچار. اتر يورپ جي ھوٽل ۾ آڏي رات جو پيئنگ پئي واڪا ڪندڙ ماحول، ھوٽل جي ٻاھران برفاني ۽ طوفاني ھوا جا تيز گھوگھٽ. ڪاريڊور جي شيشي وارين درين سان جو ڪٽي مٿو ٽڪرائين ٽہ خدا جي پناھ. ٻاھر رستا سُجا ۽ ٽڏ غضب جي. سخت برفباريءَ ۾ سارو آسمان انتھائي ھولناڪ ۽ مان اڪيلو ھوٽل جي اڏ اونداھي ۽ ٽڏي ڪاريڊور ۾ ھٽوراڙيون ڏئي ڪمري جو لاڪ کولڻ ۾ ناڪام. لاچار دريءَ جي شيشي وٽ وڃي بيھي ڪنھن مھل زرد ۽ جھيڻن بلبن جي روشني ۾ ڪرندڙ برف ۽ سُتل شھر کي ڏسان، ٽہ ڪنھن مھل وري اچي لاڪ تي طبع آزمائي ڪريان..... نتيجو ڪيترا ڪلاڪ ڪاريڊور ۾ ڦرڻ ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ واري سبق آموز تجربو. ان کان پوءِ ناروي ۾ جيترو وقت رھيس ڪِي ڪارڊ تي ھٿ پکو ڪري ورتم.

سو قاھره جي ھوٽل "مو اِن پڪ" جي روم نمبر 1236 جو ڪِي ڪارڊ ڪٽي روانا ٿياسين پنھنجن پنھنجن ڪمرن ڏانھن. ھوٽل جي جن ڪمرن ۾ اسان کي ترسايو ويو ھو، سي ھوٽل جي ڪنھن مٿئين فلور تي نہ پر ھيٺ بيسمينٽ ۾ ھئا. ڏاڪڻيون لھي ھيٺ ٿياسين، سامھون ھن ڪاريڊورز ۾ ڪمرن جون قطارون نظر آيون. سامان ٽہ مون سان ھوئي ڪونہ، ڪمرو ڪولي ٿيس اندر. ھوٽل جو ڪمرو صاف ستڙو، باٿ روم ۾ صاف توال ترتيب سان رکيل. ڪمري ۾ ٽي وي ۽ فرج موجود، پر ان مان مِني بار غائب. ڪمري کي جھڙوڪر منھن

ڏيڪاري نڪتس ٻاهر. مون وارن ٻنهي ساٿين کي پرئين ڪاريڊور ۾ ڪمرا ملايا هئا. ساڻن مون کي متي لابيءَ ۾ ملاقات ڪرڻي هئي. ڪمري کان جو ٻاهر نڪران تہ ڇا ڏسان تہ منهنجا ڪيترائي جهازي همسفر کي ڪارڊن ذريعي ڪمرن جي تالن تي طبع آزمائيءَ ۾ مشغول، پر ڪمرن جا لاڪ کلڻ کان لاچار ۽ معذور. اڳتي وڌي ويچي پهريون اڏاوت زال مڙس کي لاڪ کولي ڏنم. هو طريقو سمجهي ٽيا اندر تہ پر واري روم جي در تي بيئل پوڙهي عورت ۽ سندس ڏيءُ کي لاڪ کولي ڏنم. پوڙهيءَ ويندي ويندي ٻڌايو: "ياءُ لنڊن ۾ رهي ٿو. ان وٽ ڏيءَ کي ڇڏڻ پئي وڃان. نينگري اتي سيٽ ٿي تہ واپس ڪراچي موٽي ويندس."

هنن کي ڇڏي ٻاهر نڪتس تہ ڪاريڊور ۾، ڪلوپيٽرا هڪ هٿ چيلهہ تي رکيو ۽ ٻئي هٿ ۾ هينڊ بيگ جهليو انتظار ۾ بيٺي هئي. مان ٻہ وکون کنيون تہ ڏاڍي چلولائيءَ سان انگريزيءَ ۾ چيائين:

"Sir, I also need your kind help"

ڪانئس کي ڪارڊ ونڊي فوري طور تي روم جو لاڪ کولي ڏنم. هوءَ ٿينڪس چئي مرڪي ڪمري ۾ داخل ٿي. مان "ذرا عمر رفتہ کو آواز دينا" جو اڏورو شعر دل ۾ چوندو متي لابي ڏانهن ٽيس روانو. جتي اعجاز مهر ۽ قمر راجپر کي منهنجو انتظار ڪرڻو هو. متي آيس تہ هو ٻئي منهنجي اوسيئڙي ۾ بيٺا هئا.

هوٽل جي لابيءَ ۾ ڏاڍي رونق لڳي پئي هئي. وايو منڊل سڄو ڪراچي جي هوٽلن ميريٽ، پي سي ۽ شيرٽن جهڙو. اصل وڏو ميڙو متل- عورتون مرد، نوجوان پوڙها اڇ وڇ ۾ مشغول- هوٽل ۾ ڪيترا هال موجود، لابي ۾ بار ۽ نهيل ، البت اتي وسڪي مهانگي. هوٽل جي ڪنهن هڪڙي هال ۾ ڪا شادي هئي. ڪا معل گذري تہ مصري عورتن، چوڪرن، چوڪرين جو هڪ وڏو ٽولو دف ۽ توتاريون وڄائيندو هل هنگامو ڪندو اچي اسان جي آڏو لنگهيو. سندن وچ ۾ ڪنوار اچي ويٺي ۽ ڏاڍي سهڻي ۽ خوش و خرم. مصري عورتن جي سونهن گهٽي وقت کان مشهوريءَ جو باعث بڻيل. امان مرحيات

مصري عورتن جي سونهن ۾ سوپيا جي پئي واکاڻ ڪندي هئي. چوندي هئي، "سونهن ڏسڻي هجي ته وڃي مصري عورتن کي ڏسجي. پاڻي پيئندیون ته اهو به سندن ڳچيءَ مان لهندي پيو نظر ايندو."

دل ته ڏاڍو گهريو ته جيڪر ڪنهن مصري چوڪريءَ کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيئي چئجي "اهلن و سهلن يا حبيبي، مهرباني ڪري گلاس مان به ٿي ڏڪ پاڻي جا ته پي ڏيکار" ۾ پوءِ ويهي اهو نظارو پسجي. ان محل عربي نه اچڻ جو ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو. مصري عورتون ڏاڍيون سهڻيون ۾ قداور، ڳچيون سندن ڊگهيون، رنگ اڇا، اکيون وڏيون، طرحين طرحين جي پرفيومز جي خوشبوئن ۾ وهنتل. ڪيتري دير تائين شاديءَ ۾ ويندڙ عورتن کي ڏسندا رهياسين. ڄڃ جو هل هنگامو هلي ٿيو پورو، ان کان پوءِ اسان به وڃي لابي ۾ موجود ٽيڪسي ڪائونٽر جي ڀر ورتي اعجاز چيو: "مان هنن سان پاڻهي ڊيل ٿو ڪريان."

هن اڳتي وڌي ساڻن بارگيننگ شروع ڪري ڏني. اعجاز چيو: "اسان کي قاهره شهر ڏسڻو آهي ۽ نيل ندي جي لانچ ۾ سير ڪرڻو آهي، پيسا ٻڌايو؟"

مصري ڊرائيور به وڏي شيءِ آهن. دراصل جن ملڪن ۾ ٽوئرزم گهٽي آهي، اتي هوندي آهي فارينرس کان چڙو ڦُر ڦُران. اسان کي ڏسي سمجهي ويا ته نوان آهن، مسلمان آهن، پوءِ ته برادر کان سواءِ اصل سڏين ئي ڪونه. چون ته اهي پيسا گهٽ توهان جي ڪري ڪريون پيا، جو توهان مسلمان آهيو. بهرحال هزارن کان شروع ٿيا ۽ پوءِ وڃي سون تي بيٺا. نيٺ وڏي بحث کان پوءِ قاهره شهر ۽ نيل ندي جي سير تي ڳالهه ٻولهه ٿي.هڪ سو آمريڪي ڊالرن ۾، شهر ۽ نيل گهمائڻ جو ڏهو ڪنيو، جنهن ۾ لانچ جو پاڻ به شامل هو. مصري ڊرائيور مصطفيٰ ٿيو اسان جي حوالي. ڊرائيور کي اتي ئي بيهاري اسان جڏهن ڊنر لاءِ روانو ٿيڻ لڳاسين ته ٽيڪسي واري چيو: "رات جي وقت اهرام نه هلي سگهنداسين چو جو اتي لائيٽ جو صحيح بندوبست ڪونهي. البت صبح جو سويل هلو ته توهان کي وٺي هلندس. پر ان جا وڌيڪ پيسا لڳندا."

خير، اهرام ڏسڻ کان هٿ کڻي اسين وياسين هوٽل جي "ييلو ڪارنر" ۾، جتي اسان جي ڊنر جو بندوبست ٿيل هو. هوٽل جا ڪيترائي ڊائننگ هال هئا. ييلو ڪارنر به انهن مان هڪ هو. جهڙو ڪراچي شيرٽن هوٽل جو دربار هال، ڏاڍو سهڻو سينگاريل، گلن ۽ ٻوٽن سان جهنجهيل.، سڄو هال ميڻ بتين جي روشني ۾ ڏاڍو رومانٽڪ لڳو پيو هو. صفائي منجهس بي مثل. عملو به چست ۽ هوشيار. هال سڄو ماٺهن سان ڀريل، مقامي مسافرن جي ماني ڪائڻ جو سسٽم بوفي، پر ٽرانزٽ مسافرن لاءِ علحده ڪنڊ ۽ ويهاري ماني ڪارائڻ جو انتظام موجود.

هال ۾ اسان جا جهازي هم سفر سمورا ماني ڪائڻ ۾ مشغول هئا. ڪلوپيٽرا به هڪڙي ڪٽنب يعني ماءُ ۽ ڏي سان گڏ ويني سوپ پيتو. ميڻ بتي جي جهيڙي روشنيءَ ۾ هوءَ ڪا آسماني اپسرا ٿي پاسي. اسان وڏي وڄي سنڊن سامهون هڪ ميز وارا ري تہ سروس ڪرڻ واري مصري ڇوڪري اڇي پهريون پيرو چڪن سوپ سرو ڪيو. سوپ سان مکڻ، ٽوسٽ به گڏ. بعد ۾ مصري ڪُڪڙ جو پڪل ٽڪر، چانور ۽ سلاد ڏنو ويو. مصري ڪُڪڙيون اسان جي مرغين کان گهٽيون وڏيون ٿين. پچائڻ جو طريقو ڪل سميت، پر ڏاڍي سني ڊنگ سان پڪل ۽ لذيذ. مصالحو به منجهس اهڙو وڏل جو ان ۾ ڪِڪَ جو ذرو به احساس اڻ موجود.

ماني ڪائي ٻاهر نڪتاسين، ڪاريڊور ۾ مصطفيٰ اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو. پورچ ۾ آياسين. اتي سندس نئين ماڊل جي ڪار بينل هئي. ڪار ۾ ويناسين. مصطفيٰ ٻڌايو تہ هي ڪار 12 لکن جي آهي. ڪار واقعي سهڻي هئي. خبر ناهي ڪهڙي ڪمپني جي هئي؟ پاڪستان ۾ تہ اهڙيون موٽر ڪارون امپورٽ ئي نہ ٿيون ڪيون وڃن.

اسان واري هوٽل شهر کان پرپرو هئي. ڪجهہ دير ۾ اڇي ڪاهره جي مک رستن تي پهتاسين. سامهون روشنين جو شهر ڪاهره پئي ٻهڪيو. هر روڊ ۽ رستو ائين پئي ٻريو جڻ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ پيا هلون. رات تہ اصل نہ ٿي لڳي. يارهين وڳي رات جو به ڪاهره جي

بازارن تي جوين چانيل. هوٽلون، ڪلبون، قهوه خانا، ڪپڙن ۽ بوٽن جا دڪان پريان کان جڳمگ جڳمگ ڪندڙ روشنين جا تجلا، شيشن وارن دڪانن تي ٽي پيا تہ اندر رکيل سامان چٽو پئي نظر آيو. لڳو ئي نہ ٽي تہ ڪو آفريڪي شهر قاهره آهي. اهڙي رونق اسان کي رات جو تہ لنڊن ۾ بہ نظر نہ آئي. لنڊن جا شاپس سج لٽي کان اڳ ۾ ئي بند ٿيو وڃن، پر مصر جي تاريخي شهر قاهره جون بازارون آڌيءَ رات مهل بہ جوان ۽ جماڻ ڪنهن ڪنوار وانگر پئي ٻهڪيون. (قاهره ۾ اڄ کان اسي ورهيہ اڳ بہ انيڪ نائيٽ ڪلبون هونديون هيون. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ اتحادي فوجن جو قاهره ويجهو ڪيمپ واقع هوندو هو. شام جو انگريز سپاهي ۽ آفيسر انهن ڪلبن ۾ اچي ناچ ڏسندا هئا. 1941ع ۾ شارع سليمان تي هڪ نائيٽ ڪلب Au-berge-Des- Pyramides جي نالي سان مشهور هئي، جنهن ۾ مصر جو بادشاهہ فارق پاڻ روزانو شام جو اچي ڊانس ڏسندو هو ۽ اڄ بہ شهر ۾ ڪيترين ئي نائيٽ ڪلبون موجود آهن)

رستن تي ٽريفڪ بي انتها، پر مصطفيٰ ڈاڍي هوشياريءَ سان پئي گاڏي هلائي. ڊرائيونگ ڪندي گائيڊ جو بہ فرض پئي نيايائين. چي، هي فلاڻو روڊ، هي فلاڻو هنڌ، سندس انگريزي ڏکي. خاص طرح انگريزي تلفظ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ. ان ڪري سندس ڳالهہ کي ڈاڍو ڌيان ڏئي پئي ٻڌڻو پيو.

سڄو شهر قديم ۽ جديد عمارتن سان ڀريل، وڏيون وڏيون عمارتون ملٽي پل پلازه. مصطفيٰ جي چوڻ موجب اڄ ڪلهہ قاهره ۾ گهٽو ٽٽو ماڻهو رهن فليٽن ۾، يعني ماڻهن جو وڏو تعداد انهن فليٽن ۽ گهٽ ماڙ عمارتن ۾ وکوڙيل. اوچتو ياد آيو تہ بابو مرحيات ٻڌائيندو هو تہ هُو قاهره جي هوٽل شيپرد ۾ وڃي رهيو هو. اسي ورهيہ اڳ هُو قاهره جي هنن ئي رستن تي گهميو هوندو. ڪاش خبر هجي ها تہ وڃي انهيءَ هوٽل کي ڏسان ها. هڪ پيري پير حسام الدين راشديءَ بہ ذڪر ڪيو هو تہ هو پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي سان گڏ لنڊن کان موتندي 1951ع ۾ قاهره ويو هو.

هڪ هنڌ وڏي چونڪ وٽان ڪار لنگهي، اتي هڪ شاهي

مجسمو فرعون جو لڱل نظر آيو. چڱو وڏو بت هو. خبر پئي تہ اهو اهرام مصر وٽان کڻي اڇي شهر ۾ هنيو اٿن. مصطفيٰ ٻڌايو، "شهر جو پراڻو ڏيک ڏسڻو هجي تہ هلجي قاهره جي خان الخليل بازار ۾."

"اها ڪٿي آهي؟" قمر راڇپر پڇيو.

"اها پرپرو آهي، پر هن وقت بند ٿي وئي هوندي." ڊرائيور چيو.

"ٻلا حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ ڪٿي دفن ٿيل آهي؟" اعجاز مهر سوال ڪيس.

مصطفيٰ ڪو جواب نہ ڏنو. مون وري هن کان آهستي پڇيو. "منهنجو دوست توکان پڇي رهيو آهي تہ حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ قاهره جي ڪهڙي مسجد ۾ دفن ٿيل آهي؟"

مان ڇاڪاڻ تہ اڳئين سيٽ تي مصطفيٰ سان گڏ ويٺل هوس ان ڪري هو منهنجي ڳالهہ چڱي طرح پيو سمجهي سگهي. پر مصطفيٰ کي يا تہ خبر نہ هئي يا وري هو ان سوال جو جواب ڏيڻ کان لنوائي رهيو هو. ايتري ۾ اعجاز چيو. "هن کان پڇ تہ ٽوئرسٽ هتي پنهنجو وقت ڪيئن گذارينداآهن؟"

"اعجاز، اهو سوال تون ئي ڪر. ڏسين نٿو تہ مسجد حسين جو ڏس نہ پيو ڏي. الائي ڪٿي اخوان المسلمين جو ڪارڪن نہ هجي!" مون چيو.

"واقعي حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر قاهره ۾ دفن ٿيل آهي؟" قمر راڇپر مون کان پڇيو.

"ها، چون ائين ٿا." وراٽيم.

هن کي جواب ڏيندي منهنجي ذهن تي تري آيو تہ هن سلسلي بابت ڪيتريون ئي روايتون ڪتابن ۾ آيل آهن. تاريخ نويس اهو مڃن ٿا تہ حضرت امام حسين عليہ السلام ڪربلا ۾ آرامي آهن، پر ڪيترن ڪتابن ۾ آيل آهي تہ جڏهن ڪربلا ۾ حضرت امام حسين شهيد ٿيو تہ يزيد کي ڏيکاريڻ لاءِ امام حسين عليہ السلام جي سر مبارڪ کي نيزي تي دمشق نيو ويو هو. اُتي سر مبارڪ ڏسڻ کان پوءِ يزيد ان کي مختلف شهرن ۾ گهمائڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن وري ڪو بہ ماڻهو سندس حڪومت جي خلاف بغاوت جو سوچي بہ

نہ سگھي. بعد ۾ سر مبارڪ، عسقلان شهر ۾ پهتو ۽ اتي ئي موجود رهيو. سال 1754ع بمطابق 8 جمادي الا آخر 548 هجريءَ ۾ سر مبارڪ عسقلان کان قاهره پهتو. تڏهن مصر تي فاطمي خليفي الفائز جي حڪومت هئي. سندس هڪ وزير نالي صالح طلاع بن زريڪ، حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ 30 هزار دينارن ۾ خريد ڪري قاهره آندو. جڏهن قاهره ويجهو سر مبارڪ پهچي رهيو هو تہ خليفي سميت فاطمي لشڪر پيرين پنڌ هلي، قاهره کان ٻاهر ان جو استقبال ڪيو. پوءِ ان کي آڻي جامع الازهر جي پر ۾ آسوده خاڪ ڪيو.

"پلا جامع الازهر ڪهڙي پاسي آهي؟" اعجاز مهر پڇيس.

"جامع الازهر اسان جي ڪابي پاسي واري رستي تي آهي. سامهون پر ۾ ئي مسجد راس الحسين آهي." هن وراڻيو.

انهيءَ مسجد راس الحسين ۾ حضرت امام حسين عليہ السلام جو سر مبارڪ دفن ٿيل آهي. مسجد حسين تہ اسان کان پرپرو هئي. دل گهريو جيڪر ڏينهن هجي ها تہ انهي هنڌ وڃي حاضري پرجي ها.

گاڏي تيزيءَ سان هڪ موڙ وٺان لنگهي. ڪنوار وانگر سينگاريل شهر قاهره کي ڏسندي مون کي پراڻي مصر بابت ڪي خيال دل تي تزي آيا.

"هزارين ورهيہ قديم ملڪ مصر پيغمبرن، جادوگرن، فرعونن، پراڻي تهذيب ۽ تمدن، سونهن ۽ سندرتا جي ڏرتي. پنج هزار ورهيہ اڳ بہ هتي شاندار تهذيب هئي. سنڌ جي موهن جي دڙي جهڙي عظيم تهذيب! جيئن سنڌ ۾ هڪ ئي درياهہ شاهہ سنڌوءَ تي سنڌي ماڻهن جو دارومدار آهي، تيئن مصر ۾ بہ هڪ ئي ندي وهي ٿي. جيڪڏهن نيل ندي اتان نہ وهي تہ مصر بہ مصر نہ هجي ها .سنڌو ماڙيءَ وانگر نيل ماڙي بہ نيل ندي جي ٻنهي ڪنارن تي پکڙيل ڊيلٽا کان وٺي اسوان تائين. قديم مصري زبان ۾ هن علاقي کي چوندا هئا ڪميٽ (Kemet)، يعني ڪاراڙ تي مائل زمين. ماڙيءَ جا قديم زماني ۾ بہ حصا هئا: هڪ ڊيلٽا يعني مصر لوئر ۽ ٻي اصل

ماڻري يعني اپر مصر سعيد، قديم دور جي پهرين بادشاهه منس (Menes) جي دورکان اڳ ۾ ٻنهي حصن ۾ جدا جدا سلطنتون قائم هيون. سڄو ملڪ تڏهن 42 پرڳڻن ۾ ورهايل هو. مشهور قديم يوناني تاريخ نويس هيروڊٽس (Heroduts) مصر کي نيل جو عطيو ڪري سڏيو آهي. واقعي اهو آهي ته ٻنهه درست. ڇاڪاڻ ته نيل درياهه ئي آهي جيڪو هزارين سالن کان هن ملڪ کي آباد ڪندو پيو اچي. اڄ ته هن ئي درياهه جي ماڻريءَ ۾ پٽر جي دورکان وٺي رومن ۽ يوناني تاريخ جا ورق تڙيا پکڙيا پيا آهن.

"مصر تي قبل مسيح دور ۾ ڪيترن ئي بادشاهن حڪومت ڪئي. ان وقت مصر جي جنهن مذهبي پيشوا 280 قبل مسيح پنهنجي ملڪ جي تاريخ ويهي لکي، تنهن جو نالو هو مينٿو. انهيءَ تاريخ جا ڪجهه جزا مورخن محفوظ ڪري ڇڏيا. انهن مان خبر پوي ٿي ته مصر جي پهرين بادشاهه منس کان وٺي اردشير تائين ٽيهن خاندانن ويهي حڪمراني ڪئي. انهن ٽيهن ڪٽنبن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، يعني قديمي بادشاهي خاندان، وچون بادشاهي خاندان ۽ جديد بادشاهي خاندان. قديم شاهي خاندان جي حڪومت جي شروعات 290 قبل مسيح ۾ ٿي. سندن ئي دور جي بادشاهن چيوپس ۽ چيفرن جي زماني ۾ وچولي خاندان جي شروعات 2111 قبل مسيح ۾ ٿي اهو دور 1580 قبل مسيح ۾ پورو ٿيو. ان دور ۾ اپر مصر تي حملو ڪري اهي ماڻهو قابض ٿي ويا، جن کي تاريخ ۾ هيڪسوس (Hykoso) جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي. اهي سامي نسل جا ماڻهو فلسطين ۽ شام مان مصر آيا هئا. حضرت يوسف به انهي هيڪسوس جي زماني ۾ مصر آيو هو، جنهن جي ڪري حضرت يعقوب جو ڪٽنب اچي اتي آباد ٿيو هو.

"1580 قبل مسيح ۾ جديد بادشاهه جو دور شروع ٿيو. انهن کي فرعون (PHAROAH) ڪري سڏيندا هئا. اهي فرعون ڪيترا هئا، جن مان هڪ فرعون يعني منفتاه جي زماني ۾ حضرت موسيٰ جو واقعو ٿيو. فرعون اصل ۾ بادشاهن جو لقب هوندو هو. اهي پاڻ کي سج جو اولاد سمجهندا هئا. ان وقت جيڪا قديم مصري ٻولي

ڳالهائي ويندي هئي سا سامي ۾ بربر ٻولين جهڙي هوندي هئي. ان ٻولي کي لکڻ لاءِ وري تصويرن مان ڪم ورتو ويندو هو. ان رسم الخط کي چون ٿا هيروغلافي (HEROGHALPHIC). بعد ۾ ڪجھ نشان مقرر ڪيا ويا. انهي ٻوليءَ ۾ مختلف اکرن لاءِ مختلف نشان مقرر هئا. مثال طور اي جي لاءِ پکي، ب جي لاءِ ٽنگ، سي لاءِ چراغ ۽ ايم لاءِ دلو.

"تڏهوڪي دور ۾ فنڪارن وڏا وڏا اهرام، شاندار ٽنبين وارا محل ۽ مندر ويهي تعمير ڪيا. سنگتراشن ۽ نقاشن ان وقت جي ديوتائن، ديوين، انسانن ۽ جانورن جون تصويرون اهڙيون ته ويهي ناهيون جو اهي اڄ به قائم ۽ دائم آهن. مصر ۾ سج جي پوڄا هيلو پولس راڄڌاني مان ٿي، جتي اڄ قاهره جو مشهور علائقو هيليو پولس واقع آهي. هيليو پولس جي لفظي معنيٰ آهي شهرِ آفتاب، يعني سج جو شهر. هن ئي شهر مان مذهبي پيشوائن مصر ۾ پهريون مذهبي سرشتو تيار ڪيو ۽ اهي به مصري هئا، جن 4241 قبل مسيح جو پهريون ڪئلينڈر ايجاد ڪيو. تڏهن قديم زماني ۾ مصرين جو نئون سال جولاءِ کان شروع ٿيندو هو. ان مهيني ۾ نيل نديءَ ۾ زبردست ٻوڏ ايندي هئي. مصري نجوميءَ پنهنجي مشاهدي هيٺ ان نتيجي تي پهتا ته ستارو سائرس هر سال آسمان تي سج اپرڻ کان اڳ ۾ ئي ان وقت ظاهر ٿيندو آهي، جڏهن نيل ۾ ٻوڏ ايندي آهي. ٻوءِ هنن انهيءَ حساب سان سال کي 12 مهينن يعني 365 ڏينهن ۾ ڪيو ۽ هر مهيني کي ٽيهن ڏينهن ۾ ورهائي ڇڏيو. ٽيهن جي حساب سان ٽيا سال جا 360 ڏينهن، باقي جيڪي پنج ڏينهن بچيا سي وري هنن جشن نوروز لاءِ رکي ڇڏيا.

"هر نئين سال کي ملهائڻ جو اهو سڃو تفصيل رعميسس ٽئين جي مندر ۾ ديوارن تي اُکريل آهي. چون ٿا ته دنيا ۾ سڀ کان پهرين ڪبوترن وسيلي خط موڪلڻ جو طريقو به مصرين جي دماغ جي ڪارستاني هئي.

هن ئي علائقي ۾ 3550 قبل مسيح هڪ ڏاهو شخص "تاهه هو تيپ" جي نالي سان پيدا ٿيو. سندس ڪيترين لکيل ڳالهيون

"پيپائرز" تي محفوظ آهن. هن چيو هو:

"انسانن ۾ خوف ۽ دهشت نہ پکيڙيو. خدا ان کي سزا ڏيندو، جيڪو شخص چوي ٿو تہ سڄي طاقت ۽ سڄو اقتدار منهنجو آهي. گهٽو ٽٽو اهو ماڻهو ئي ڏڪ کائيندو آهي. پنهنجي اندر ۾ سدائين شانت رهو. ڏيڙ وارو خدا آهي. بندو اهو نہ سمجهي تہ هو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ خبردار لفظن وسيلي ڪڏهن بہ فساد نہ پکيڙجو!"

"سچ پچ تہ مصري ڏاڍا ڏاها ماڻهو هئا. هزارين ورهيہ اڳ بہ هنن موت کي مات ڏني ڏيڙ گهريو. مري ويل بادشاهن ۽ راڻين جي لاش کي خبر ناهي ڪهڙا مصالحا هٽي ناهي سينگاري رکيائون اهڙن لڪل مقبرن ۾، جو جيڪر چورگهڙي منجهن تہ سڄي زندگي رلي مري..... دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ عجوبو يعني اهرامِ مصر، جنهن کي دي گريٽ پرامڈ بہ ڪري چون، سي قاهره کان اڏ ڪلاڪ جي پنڌ تي غزه ماڙيءَ ۾ واقع آهن..... ڪاش اسين انهن کي ڏسي سگهون ها. شايد قسمت وري ڇڪي ٻيهر مصر وٽي اڇي. چون ٿا تہ نيل نديءَ ۾ هڪ وڏي ڪشش ۽ ڇڪ آهي. جيڪو هڪ ڀيرو هن جو پاڻي پيئندو آهي، اهو ٻيهر ڇڪجي هت ايندو آهي! ڪهڙي خبر تہ ائين ئي هجي.

ڇڪ ۽ ڪشش واري مصر جي ڌرتي جنهن ۾ سنڌ وانگر جيڪو آيو تہ هتان جو ئي ٿي ويو .يوناني آيا تہ هتان جا ٿي ويا. اسڪندريا شهر يونانين جو آباد ڪيل آهي، رومي آخري دم تائين مصر لاءِ رڙندا ويا، ايرانين جي اک شروع کان مصر تي رهي.

"سن 65 قبل مسيح ۾ بابل جي بادشاهہ بخت نصر مصر تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪيو. بابلين کي وري مصر مان ڪڍيو اڇي ايراني بادشاهہ ڪمبوچا سال 525 قبل مسيح ۾. سال 334 قبل مسيح سڪندر اعظم مصر تي حملو ڪري اسڪندريا جي نالي سان نئون شهر ويهي ناهيو. سڪندر جي مرڻ بعد مصر ۾ پٽولمي يعني بطلموسي خاندان جي حڪومت جو بنياد پيو. تان جو پٽولمي xii جي وفات کان پوءِ ڪلوپيٽرا vii جي دور ۾ رومي جنرل

جيولس سيزر اچي مصر تي قبضو ڪيو. جڏهن جيولس سيزر مارجي ويو تہ ڪلوپيٽرا پنهنجي پاءُ/مڙس پٽولمي xii کي مارائي سيزر جي جنرل اينٽوني سان گڏجي مصر ۾ خودمختيار حڪومت ٺاهي ورتي.

"هوڏانهن روم ۾ جيولس سيزر جي پاٽيجي جي پٽ اوڪيٽوين، سينيٽ کان اجازت ونڻي مصر تي حملو ڪري ڏنو. جنگ لڳي ۽ مصري جنگي ٻيڙي کي شڪست نصيب ٿي. مارڪ اينٽوني ۽ ڪلوپيٽرا آپگهات ڪري پنهنجو پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيو. بعد ۾ مصر رومين جي قبضي ۾ هليو ويو، تان جو سال 642ق.م ۾ مسلمانن مصر تي حملو ڪري مصر کي اسلامي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. فاتح مصر عمرو بن العاص کي مصر فتح ڪرڻ ۾ 23 مهينا لڳي ويا. ڊسمبر 639ع ۾ مصر تي حملو ٿيو. آخري شهر اسڪندريا هو. ان جو مسلمانن 641ع ۾ گهيرو شروع ڪيو. 8 نومبر 641ع ۾ اسڪندريا جي ماٺهن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. دراصل ان وقت قبطين تي جيڪي مصر جا اصلوڪا رهاڪو هئا- رومين جو وڏو ظلم هوندو هو. اسڪندريا رومين جي هٿان ويو تہ سڄو مصر اسلامي سلطنت جو حصو بڻجي ويو."

"مصر ان وقت بہ ايڏو ئي سهڻو هو، جهڙو اڄ آهي. خود قرآن شريف ۾ بہ مصر جو پنجن آيتن ۾ ذڪر آيل آهي. (مثال طور: "مصر شهر هليو وڃ. اُتي توکي اُهي شيون ملنديون. جن جو تو سوال ڪيو." "داخل ٿي وڃ مصر ۾، جيڪڏهن الله گهريو تہ خير عافيت سان رهندين!)

"حضرت عمر رضہ، جڏهن مصر فتح ٿيڻ کان پوءِ عمرو بن العاص کان مصر بابت تفصيل پڇيا، تہ هن جواب ۾ خط لکيو:

"اميرالمومنين جو خط، الله سائين کين سدائين سلامت رکي، پهتو، جنهن ۾ حُڪم ٿيو آهي تہ مصر بابت تفصيل لکان. اميرالمومنين! مصر هڪ چمچ سائو زرخيز هنڌ آهي. هن جي ڊيگهہ هڪ مهينو ۽ ويڪر ڏهن مهينن جي مسافري جيتري آهي. هن کي خاڪي رنگ جي جبل ۽ خاڪستري رنگ جي ريگستان، چئني

پاسن کان گهيري ۾ آڻي رکيو آهي. سندس وچ مان نيل درياهه ٿو وهي، جنهن جو رهڪو ڪڏهن تيز ٿو ٿئي، ته ڪڏهن بنهه آهستي- جيئن سج ۾ چنڊ جي رفتار. خاص وقتن ۾ هن جون لهرون ايڏيون ته اڇيون ۽ منيون ٿيو وڃن، جڙ ته اهي ڪير جون هجن ۽ ماکيءَ جون مکيون ٿيون ان جي مٿان ڀُون ڀُون ڪن. ڏرتيءَ جا چشما نيرا ۽ تکيون نيون جڏهن ان ۾ ٻوڏ ٿيون آڻين ته درياهه رانيات ٿو ڪرڻ لڳي ۽ جڏهن ان جون لهرون مٿي تي ڪنارن کي ٽپيو ٿيون وڃن، ته ننڍڙيون ٻيڙيون ٿيون ان ۾ هلن، جن کان سواءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ ناممڪن ٿي پوندو آهي. پر اهي ٻيڙيون ائين پاسنديون آهن، جڙ ڪڪرن ۾ لڪل چنڊ تري رهيو آهي. جڏهن نيل جي ٻوڏ زور ٿيندي آهي، ته ٻوءِ اها اهڙي ئي شان ۽ مان سان پوئتي لهندي آهي. پوءِ ان وقت ماڻهو نڪرندا آهن. ڏرتيءَ جي ڇاتي کوٽي ان منجهه ٻج ڇٽيندا آهن ۽ پروردگار کان پوک جي وڌڻ ۽ ويجهڙ جا طلبگار ٿيندا آهن.

"جيڪي ماڻهو محنت نه ڪندا آهن، اهي به بنا ڪنهن محنت جي ان جو ڦل پائيندا آهن. جڏهن ٻج سلو ٿي ڏرتيءَ مان ڦٽندو آهي ته گهم ان کي پاڻي پيئاريندي آهي ۽ ڏرتي ان کي کاڄ ڏيندي آهي- ۽ ان وقت يا امير المومنين! مصر جي ڏرتي قسمين قسمين رنگ بدلائيندي آهي. اڄا هاڻي اها ڪنهن چمڪندڙ موتي جهڙي ته ڪنهن مهل عنبر ۽ اشهب جهڙي!، اڄان هاڻي زمرد سائي آهي ته اڃو ڪٽڪائين رنگ جهڙي ٿي ويندي آهي. پاڪ آهي اهو خالق ڪائنات، جنهن مصر کي اهڙين نعمتن سان آهي نوازيو ۽ ماڻهن جي آبادي سان آهي بخشيو. البت هتي ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ بابت عام ۽ ننڍي ماڻهوءَ جي ڳالهه نه ٿي ٻڌي ويجي!!"

مسلمان تاريخ نويس لکن ٿا ته جڏهن اهو خط حضرت عمر رضه کي پهتو، ته هن اهو خط پڙهي چيو، "سبحان الله، ابن العاص، تو مصر جي تصوير منهنجي اکين آڏو آڻي ڇڏي!"

البت کي عالم ان خط کي العاص جو خط نه ٿا مڃن. هو چون ٿا ته همڙي شاندار اسلوب واري ٻولي ڪنهن ٻئي جي آهي. والله اعلم باالصواب!

هڪ ٻئي خط ۾ به عمرو بن العاص اسڪندريا بابت حضرت عمر کي لکيو:

"مون هڪ شهر فتح ڪيو آهي. ان جي جيتري به واکاڻ ڪجي اها گهٽ آهي. وڏ ۾ وڏ مان اهو ڇئي سگهان ٿو ته مون هتي چار هزار عمارتون ۽ ايترائي حمام ڏٺا آهن. هن شهر ۾ چاليهه هزار يهودي آباد آهن ۽ چار سو ناچ گهر آهن!"

۽ اڄ اسين رات جو مصر جي سادا نو سو ورهيه پراڻي شهر قاهره جي رستن تي هئاسين. دراصل قديم به اهو ئي علاقو هو، جنهن کي اڄ سڏين ٿا قاهره جي نالي سان. هن شهر کي اولهه کان جبل مقاتم پنهنجي گهيري ۾ آڻي وينو آهي ته اوپر کان وري اٽس نيل ندي. هي علاقو تاريخ جي انيڪ اهم دورن مان گذريو آهي. هڪ، هيلو پولس (ٽي هزار هڪ سئو ويهه قبل مسيح)، ٻيو سيمپس، ٽيون بيبون قلعي وارو دور. جتي اڄ قاهره شهر آباد آهي، اتي قديم شهر جو نالو هو ممفس، ان دور ۾ اهرام ٺهيا. بيبلون قلعي کي 640ع ۾ اسلامي لشڪر اچي ختم ڪيو.

قاهره تڏهن آباد ٿيو، جڏهن 4 فيبروري 969ع تي فاطمي خليفي المعزز الدين الله (975ع-952ع) جي سپهه سالار جوهر صقلي مصر تي سوپ پاتي. مصر فتح ٿيڻ بعد خليفي پنهنجي غلام ۽ فاتح جنرل کي حڪم ڏنو ته اتي بغداد جهڙو شهر آباد ڪيو وڃي، جنهن ۾ اسماعيلي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي درس گاهه ۽ ڪتب خانو پڻ هجي.

5 آگسٽ سال 969ع ۾ هُن هڪ نئين شهر ۽ درسگاهه "جامع الازهر" جو بنياد رکيو. بعد ۾ اُتي هڪ وڏو ڪتب خانو پڻ قائم ڪيو ويو. اهو شهر قاهره ۽ جامع الازهر اڄ به قائم ۽ دائم آهن. تاريخي قاهره شهر جي بنياد پوڻ وارو احوال به ڏاڍو دلچسپ آهي:

"چون ٿا ته خليفي معززالله ۽ سندس غلام جوهر صقلي، جنهن جو ستارن جي علم يعني نجوم ۾ تمام گهڻو ويساهه هوندو هو، نجومين کان ڪا سٽي ساعت يعني نيڪ گهڙي ۽ ڏينهن جي چونڊ ڪري ان ڏينهن تي نئين شهر جي پيڙهه وارو پٿر رکڻ جو پروگرام

رٽيو. سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا. جن نجومين نيڪ گهڙي ڪڍي، اهي بہ پيڙهہ واري پٽر رکڻ واري جاءِ کان پريرو هڪ مٽانهين ٽڪر تي چڙهي بيهي رهيا. نجومين، پيڙهہ واري پٽر واري هنڌ تي رسيون ٻڌي، اُنهن ۾ گهنڊٽيون ٻڌي ڇڏيون تہ جنهن مهل نيڪ گهڙي اچي، تہ هو رسيءَ کي ڪٽي هلائين ۽ مزدور گهنڊٽين جو آواز ٻڌي پيڙهہ وارو پٽر هٽي ڇڏين.

قدرت خدا جي، ان مهل اوچتو هڪ ڪانگ اچي رسيءَ تي ويٺو، تہ گهنڊٽين وارو رسو لُڏڻ سبب گهنڊٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون. هوڏانهن مزدورن سمجهيو تہ رسيءَ کي نجومين هلايو آهي، سو هنن يڪدم ڪٽي شهر جي پيڙهہ وارو پٽر نصب ڪري ڇڏيو.

"ان مهل مريخ سيارو (Mars) سامهون هو. عربي ۾ مريخ کي چون قاهره. مريخ جميڙي ۽ لڙائيءَ جو سيارو آهي، جنهن کي نجومي نحس ستارو ڪري سمجهندا آهن. اهو لقاءُ ڏسي نجومين وٽي پريان کان دانهون ڪيون. چي، "قاهر سامهون آهي، بنياد نہ رکو!!". پر ان مهل ديرٽي چڪي هئي ۽ هڪ نئين شهر جي پيڙهہ وارو پٽر رکجي چڪو هو. ان وقت خليفو ڪجهہ بہ نہ پئي ڪري سگهيو ۽ نہ وري جواهر صقليءَ جي هٿ ۾ ڪجهہ هو. پوءِ انهي نسبت سان شهر جو نالو ئي ڪٽي رکيائون "القاهره"، جيڪو سڏجي اڇلهہ قاهره جي نالي سان.

هن شهر پنهنجا انيڪ عروج ۽ زوال بہ ڏٺا. چون ٿا تہ شهر جي بنياد رکندڙ خليفي المعزز الدين الله جي پٽ العزيز بالله (975ع-996ع) کي ڪتاب گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. انهيءَ خليفي قاهره ۾ ڪيترين ئي پليون ٺهرايون، مسجدون ۽ محل جوڙايا، ڪٺال ڪوٺايا ۽ وڏي ڀگالهہ تہ هن قاهره شهر ۾ پنهنجي محل اندر هڪ وڏو ڪتب خانو قائم ڪيو. اهو ڪتب خانو خانگي طرز جو هو. ان جو انتظام وري سندس وزير يعقوب ابن ڪلس جهڙي پڙهيل لکيل شخص جي هٿ هيٺ هو. يعقوب اصل عراق جو يهودي هو جيڪو بعد ۾ مسلمان ٿيو هو. خليفي جو ڪتب خانو اٽڪل چاليهن ڪوٺين تي مشتمل هو. لائبريريءَ جو انچارج ان وقت جو

مشهور تاريخدان ۽ مصنف علي بن محمد الشابشي هوندو هو. انهي ڪتب خاني ۾ فقط قديم علوم يعني نجوم، فلسفي، رياضي وغيره جا 18 هزار ڪتاب موجود هئا. جڏهن ته ڪتابن جو مجموعي تعداد 2 لک ٻڌايو وڃي ٿو.

ان وقت قاهره شهر ۾ ابن البواب ۽ بنو مقلہ جهڙا به وڏا خطاط رهندا هئا. سندن هٿن سان لکيل ڪيترن ئي ڪتابن کان سواءِ قرآن حڪيم جا 24 سون ۽ چانديءَ جي پاڻي سان لکيل نسخا رکيل هئا.

بعد ۾ خليفي العزيز (1021ـ 996ع) جي پٽ الحاڪم انهيءَ ڪتب خاني ۾ نه رڳو ڪتابن جو اضافو ڪيو بلڪ شاهي محل اندر قائم ٿيل ڪتب خاني کي محل مان ٻاهر ڪڍي آڻي هڪ عمارت ۾ رکيو. مصر ۾ پبلڪ ڪتب خاني جي اها پهرين شروعات هئي. ان ڪتب خاني جو نالو هو دارالعلم. ڪتب خاني ۾ هر مذهب جي ماڻهوءَ کي اچڻ جي اجازت هئي. قاهره جي ان شاندار ڪتب خاني ۾ علم جي طالبن کي مس، قلم ۽ ڪاغذ مفت ڏنو ويندو هو. ان وقت انهي لائبريري تي جيڪو خرچ ٿيندو هو، تنهن جو تفصيل تاريخ جي ڪتابن ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي:

1ـ تڏا وغيره: ڏهہ دينار
2ـ لائبريرين جو پگهار: 48 دينار
3ـ فراش جو پگهار: 15 دينار
4ـ پردن جي مرمت: هڪ دينار
5ـ نمدي جو فرش: 5 دينار
6ـ ڪتابن لاءِ ڪاغذ: 90 دينار
7ـ ماشڪي: 12 دينار
8ـ مس قلم: 13 دينار
9ـ ڪتابن جي جلد بندي: 12 دينار
10ـ ديون سرديءَ لاءِ: 4 دينار

تنهن کان سواءِ ڪتب خاني ۾ ڪيترا ڪاتب موجود هوندا هئا، جيڪي شاگردن کي ڪتاب نقل ڪري ڏيندا هئا. الحاڪم

پاڻ بہ ھڪ وڏو عالم ھو. ھن ڪيترائي مذھبي ڪتاب لکيا ۽ لڳاتار ويھ ورھيہ مصر تي حڪمراني ڪئي. سندس ماءُ ھڪ عيسائي عورت ھئي پر تاريخ نويس لکن ٿا تہ ايڏو وڏو ادب دوست ھوندي سخت مذھبي ماڻھو ھو. سندس پڇاڙڪي دور ۾ عيسائين ۽ يھودين تي ڏاڍو سخت قانون ناھيو ويو. ھو پاڻ بہ ڏاڍي پراسرار طور تي مارجي ويو. چون ٿا تہ ڪيس ستارن جي علم ۽ نجوم جو ڏاڍو شوق ھو. ھن قاھرہ جي ٻاھران جبل مقاتم تي ھڪ رسد گاھ ٺھرائي ھئي. ان تي ويھي ستارن کي ڏسندو ھو. 13 فيبروري سال 1021ع تي ھو اڪيلو جبل ڏي ويو ۽ واپس نہ وريو. ماڻھن ڳولا ڪئي تہ جبل تي فقط سندس رت سان پريل جُبو پيو ھو.

افسوس تہ اھو ڪتب خانو بعد ۾ تباھہ ٿي ويو. فاطمي خليفي المستنصر (1094_1045) جي زماني ۾ 1068ع ۾ قاھرہ ۾ زبردست بغاوت ٿي. سندس فوج جا حبشي سپاھي، مصري سپھ سالار ناصر الدولہ بن حمدان جي اڳواڻيءَ ۾ ترڪ سپاھين خلاف برسرِ پيڪار ٿيا. آخر وڏين مشڪلاتن سان مخالف فوجين کي شڪست ڏني وئي ۽ سپھ سالار پنھنجي سپاھين لاءِ خليفي کان تاوان ورتو. تاوان وٺڻ ۾ سندس وزير ابو الخراج محمد بن جعفر المغربي بہ شامل ھو. ھن ڪارگذاريءَ جي انعام طور ڪائنس پنجاھہ ھزار دينار گھريا. دينار خليفي وٽ ڪونہ ھئا. نتيجي ۾ ھُن خليفي کان ايترا ڪتاب ورتا جو پنجويھہ اُٺَ ڪتابن سان پرجي ويا. انھن ڪتابن جي قيمت ھڪ لک دينار کان بہ وڌيڪ ھئي.

ساڳئي ئي سال تُرڪ فوجن وري بغاوت ڪري سپھ سالار ناصر الدولہ کي قاھرہ مان ٻاھر ڪيڊي ڇڏيو. ترڪي فوج جڏھن قاھرہ ۾ ڪيترين ئي جاين تي چڙھائي ڪئي، تڏھن سلطان جي محل جو ٻاھريون ڪتب خانو تباھہ ٿي ويو. البت محلات اندر قائم ڪتب خانو لشڪر جي دسترس کان محفوظ رھجي ويو. ڇاڪاڻ تہ ان جو رستو مخفي ھو، جو ھو ڳولي تہ سگھيا. باقي بچيل ڪتاب اسڪندريا جي ھڪ گورنر کي ھٿ لڳا. جڏھن اھي ڪتاب وري قاھرہ ڏي موڪليا پئي ويا، تڏھن حبشي غلامن قافلي تي حملو ڪري

اهي ڪتاب وات تي ڦري ورتا. حبشي غلامن مال غنيمت ۾ هٿ آيل ڪتابن جي ڇڻڻي جي جُلدن مان پنهنجن پيرن جون جتيون جوڙائي ڪتاب ساڙي ڇڏيا. ساڙڻ جو سبب اهو هو، جو قصر سلطاني مان آيل ڪتاب سندن عقيدي موجب نه هئا.

باقي جيڪي ڪتاب سڙڻ کان بچي ويا، انهن کي قاهره جي ٻاهران هڪ ميدان تي آڻي اڇلايائون. ان کي "گلال الکتب" يعني ڪتابن جو ڏڙو ڪوٺيو ويندو هو. تنهن هوندي ب قاهره ۾ آخري فاطمي خليفي العاضد (1171ع- 1160ع) جي وقت تائين ڪتب خانو چگو هوندو هو. سال 1168ع ۾ سلطان نور الدين زنگيءَ جي سپهه سالار صلاح الدين ايوبي مصر کي فتح ڪيو. هن پنهنجي وزير الفاضل کي هڪ لک 20 هزار ڪتاب دان ڪري ڇڏيا. باقي بچيل ڪتاب ڇاڪاڻ ته اسماعيلي عقيدي جا هئا، ان ڪري اهي هفتي ۾ ب ڀيرا قاهره جي بازارن ۾ نيلام ٿيندا هئا. انهن ڪتابن جي ڏيرکي نيلام ٿيڻ ۾ هڪ سال لڳو.

هن ئي شهر ۾ ويهي مشهور حاڪم سلطان صلاح الدين ايوبي، (1207- 1116) عيسائي حڪومتن سان مقابلا ڪيا. بعد ۾ 1517ع ۾ مصر، ترڪيءَ جي خلافت هيٺ رهيو. نيپولين بوناپارٽ ب هن ملڪ کي 1799ع ۾ فتح ڪيو، پر هو هڪ سال کان وڌيڪ راج نه ڪري سگهيو. آخر مصر برٽش حڪومت جو حصو بڻجي ويو.

تاريخ جي هن سموري اُٽل پٽل ۾ نيل درياهه ۽ اهرامِ مصر قائم ۽ دائم- سڪندر، دارا، عمر بن العاص ۽ نيپولين جهڙا چالاڪ حڪمران ان جو ڪجهه ب بگاڙي نه سگهيا. ابوالهول يعني اسپينڪس اڄ ب اهڙي ئي مان ۽ شان سان اوپر مان اپرندڙ سج کي تڪيندو ٿو رهي.

(ڪاش ابوالهول جو مجسمو ڏسي سگهجي ها. زندگي بنهه مختصر ۽ خواهشون ڏگهيون)

۽ مصر جيڪو ڪڏهن شاهه فاروق جي عيش و عشرت طور مشهور هوندو هو. مصر جيڪو بعد ۾ جمال عبدالناصر جي اڳواڻيءَ ۾ سڄي عرب ملڪن جو ليڊر بڻجي ويو. مصر جتان جي مشهور

ڳائڻي اُمِ ڪلثوم پنهنجي حيرت انگيز سحر آفرين آواز ذريعي سڄي عرب ٻيٽ کي مسحور ڪري ڇڏيو.....

"ـ ياڻو! ڪهڙي سوچ ۾ هليو وئين"؟ مون کي خيالن ۾ گم ڏسي پوئين سيٽ تي ويٺل اعجاز مهر چيو. مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس، اسان جي ٽيڪسي تيزيءَ سان قاهره جي ڪليل رستن تي پئي ڊوڙي ۽ مان هزارين ورهيه اڳ جي مصر بابت پئي سوچيو. ٻاهر قاهره جي رستن تي گاڏين جي اڇ وڇ جاري هئي. فوٽ پاٿن تي ماڻهو پسار ۾ مشغول هئا. مٿي مصر جي آسمان تي تيرهينءَ جو چنڊ ڪڍوڪو نروار ٿي اسان سان گڏ ڊُڪي رهيو هو.

سڪندر دي گريٽ کان وٺي عمرو بن العاص، حسن بن صباح کان شاهه فاروق جو تختو اونڌو ڪندڙ ڪرنل نجيب ۽ جديد مصر جي باني صدر جمال ناصر تائين، زندگي روان دوان. اُمِ ڪلثوم ۽ شاهه فاروق جي ناچڻي سميعه جمال جو مصر اڄ ٻه جوان ۽ جماڻ اسان جي اکين آڏو هيو.

مون مصطفيٰ کان پڇيو، "شاهه فاروق جو نالو ٻڌو اٿئي؟"

وراڻيائين: "ڪهڙو فاروق"؟ مون ڪِلي ڪٽي مات ڪئي. (شاهه فاروق تي ياد آيو ته قاهره ۾ هونئن ته انيڪ بادشاهه دفن آهن، پر ويهين صديءَ جا ٻه بادشاهه ڏاڍي لاچاري ۽ جلاوطنيءَ جا ڪشالا ڪڍي جڏهن مئا ته کين قاهره ۾ دفن ٿيڻو پئجي ويو. اهي هئا، مصر جو شاهه فاروق ۽ ايران جو شهنشاهه رضا شاهه پهلوي ـ هڪ هنڌ دفن آهن.)

ان محل گاڏي هڪ محل وٽان لنگهي، هن ٻڌايو. " هيءَ محل پراڻي وقت جو آهي!" محل جا اونداها پاڇا، پنهنجي ماضيءَ جي عظمت جا خاموش گيت ڳائي رهيا هئا. اڄ جي نئين مصري نسل کي نه ڪنهن فرعون جي فرعونيت، نه وري ڪنهن بادشاهه جي شهنشاهي جي پرواهه. اهو محل مصر جي اڳوڻي بادشاهه شاهه فاروق جو محل عابدين هو. شاهه فاروق جي بادشاهت کي 1952ع ۾ ڪرنل نجيب ۽ جمال عبدالناصر اونڌو ڪيو ته پهرين هتي هڪ هوٽل قائم ڪئي وئي هئي. اڄ ڪلهه اتي صدر مصر جو مهمان خانو آهي.

ان ئي محل ۾ جڏهن هوٽل قائم ٿي تہ ان ۾ شاهہ فاروق جي دلپسند عربي ناچڻي سميعہ جمال نچندي هئي. اڄ شاهہ فاروق قاهره ۾ ئي مٽين منهن متيءَ هيٺان دفن آهي. پر اهو محل قاهره ايندڙن کي زندگي جي عروج ۽ زوال جي داستان پيو ٻڌائي.

(۽ سميعہ جمال بيروت ۾ ڊانس ڪندي دنيا جي هجوم ۾ همیشه همیشه لاءِ کوئجي وئي.)

قاهره شهر کان پريرو گهڙي ۾ اسان جي ڪار ڦرندي اچي نيل نديءَ جي ڪپر تي بيٺي.

"اچو سر، نيل اچي وئي!" مصطفيٰ هڪ هنڌ ڪار بيهاري اسان کي لهڻ لاءِ چيو.

ٻاهر نيل جي پر وارو روڊ روشنيءَ سان ڀريو. اسان موٽر مان لٿاسين. ساڃي پاسي ڏاڪڻيون ٿهيل هيون. سامهون نيل ندي رات جي روشنين ۾ اسان جي سامهون وهي رهي هئي. قاهره شهر مان جتان نيل لنگهي ٿي، اتان ٻئي ڪپر مٿي ڪري درياهہ جي ٻنهي پاسي پارڪ، هوٽلون ٺاهيون ويون آهن. اسين جتي بيٺا هئاسين، اهو هنڌ گهٽو مٿانهون هو. دراصل مصرين، نيل جي ٻنهي ڪنارن کي پڪو بند ڏئي، ان جي ٻنهي ڪنارن کي تفريح جو مرڪز ٻڌائي ڇڏيو آهي.

اسين ڏاڪڻيون لهي هيٺ آياسين. منهنجي خيال ۾ اهو نيل جو ساڃو ڪپر هو. سامهون قديم نيل ندي اسان جي سامهون هئي. درياهہ ۾ ڪيتريون ئي لانچون پئي هليون. ڪناري تي ب انيڪ لانچون بيٺل هيون. انهن لانچن تي لڳل قسمين قسمين رنگين جهنڊا پئي هوا ۾ جهوليا. ڪنارو بيحد خوبصورت ٿهيل هو. مصطفيٰ اڳتي وڌي هڪ لانچ واري سان عربي ۾ ڳالهائڻ لڳو. گهڙيءَ ۾ هن سان ڳالهائي، لانچ مالڪ کي آڻي اسان جي حوالي ڪيائين، چي، "خدا حافظ."

اسين لانچ ڏي وڌياسين، تہ وري ٿهڪ ڏئي چوڻ لڳو، "برادر هاڻي صبح جو ملاقات ڪنداسين!"

مون چيو، "برادر، ڪلاڪ ڏيڍ ۾ موتي اچجانءِ."

کلي چوڻ لڳو. "مان اتي ئي آهيان، توهان گهمي جنهن ۾ مهل ايندا مان توهان کي هتي ئي ملندس!"

اسين لانچ ۾ ويناسين. لانچ چگي ڪشادي ٺهيل هئي. ان ۾ ۽ عربي ميربحر اڳي ئي وينل هئا. هڪ ٽيپ رڪارڊر سندن آڏو رکيل هو. لانچ تي ٻاڙهيون پيليون جهنڊيون ۽ جهنڊا لڳل هئا. انهن جون بيرڪون هوا ۾ پئي ڦڙڪيون. گهڙيءَ ۾ لانچ آهستي آهستي ڏکڻ طرف هلڻ لڳي. نيل جي ٻنهي ڪنارن تي عمارتون ٺهيل هيون. اهي تيز روشنين ۾ پئي جر جر ڪيو جرڪيون.

الائي ڇو قاهره جي وچون وچ لنگهندڙ نيل ان مهل مون کي ويڪر ۾ سنڈو درياهه کان ٻنهه ننڍي لڳي. سکر وٽ سنڈو درياهه جو ويڪرو پيٽ ۽ ان جي ٻنهي ڪنارن تي آباد سکر ۽ روهڙيءَ جا ڪنارا مون کي نيل کان وڌيڪ سهڻا لڳا. اها ٻي ڳالهه آهي ته نيل جي ڪنارن کي تفريح جوڳو ناهڻ لاءِ مصري حڪومت واقعي وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. اسان وٽ ته اهڙي ڳالهه آهي ئي ڪونه. جيڪر جام شوري کان ونڊي گدو بندر تائين سنڈوءَ جو ڪاٻو ڪپر پڪنڪ پوائنٽ لاءِ ناهجي ته هوند سنڈو درياهه جو ڪپر نيل کان وڌيڪ سهڻو ڏسڻ ۾ اچي!

هن ئي نيل مان هڪ چانڊوڪي رات جو هڪ نئون ڄاڻل ٻار موشي، فرعون جي ڏيءَ کي لڏو هو. پوءِ اهو ٻار موسيٰ جي نالي سان فرعون جي فرعونيت سان وڙهيو. چون ٿا ته جتي اڄ قاهره شهر آباد آهي، اتي ئي ڪٿي فرعون جا محل هوندا هئا.

۽ هن ئي نيل نديءَ ۾ اڄ کان ٻه هزار ورهيه اڳ، يعني قبل مسيح 69 ۾ مصر جي بادشاهه پٽولمي xii جي ڏيءَ ڪلوپيٽرا vii جا ٻيڙا هلندڙ هئا. هن جي سونهن جا قصا قديم مصر جي داستانن ۾ موجود آهن. سندس اسڪيچ ڪجهه هن ريت ٿو بيهي: 18 ورهين جي ڄمار ۾، پيءَ جي مرڻ بعد تخت ڏيجياڻي ٿي. تڏهن مصري رواج موجب پاڻس پٽولمي xiii سان سندس وهاڻ ٿيو. ان مهل پٽولمي جي ڄمار هئي ڪل ڏهه ورهيه. پوءِ اهو ئي پاڻس ساڻس تخت لاءِ وڙهيو.

اسڪندريا شهر تڏهن مصر جي گاديءَ جو هنڌ هو. ڪلوپيٽرا انهي ئي شهر ۾ جنم ورتو. هوءَ تمام گهڻي سهڻي، چارمنگ ۽ بهادر عورت هئي. ڪلوپيٽرا جا وڏا اصل مصر جا نه پر مقدونيا جا هئا. ڪيس يوناني هولي سميت ڪيترين ئي هولين تي عبور حاصل هوندو هو، پر هوءَ ڳالهائيندي سدائين مصري هولي هئي. هن ڪڏهن به ڏاڙي سفير سان ڳالهائڻ لاءِ پاڻ وٽ مترجم نه رکيو. ڪيس مصري ادب، مصري ۽ يوناني ثقافتن سان بيحد محبت هوندي هئي. ستارن جي علم ASTRONOMY جي به ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. تڏهن قديم مصري شاهي گهراڻن جي عورتن کي ڪڏهن به راڻي جي لقب سان نه، پر رايل آرنامينٽ ڪري سڏيو ويندو هو..... ڪيس به ٻيون پيٽون به هيون. انهن مان هڪ ئي بيرينس ۽ ٻي جو نالو هو ارزينو.

روم جو حڪمران جيولس سيزر ۽ سندس وزير جنرل مارڪ انٽوني هڪ ئي وقت مٿس عاشق هئا، پر ڪلوپيٽرا جي دل هئي انٽوني سان. دراصل ڪلوپيٽرا سان انٽوني اسڪندريا ۾ تڏهن مليو هو، جڏهن هوءَ پندرنهن سالن جي هئي. جوليس سيزر جي مرڻ بعد، ڪلوپيٽرا، انٽوني سان گڏجي مصر تي حڪومت ڪرڻ لڳي. بعد ۾ روم جي حڪمران آڪٽوين مصر تي حملو ڪيو. جنگ ۾ ڪلوپيٽرا ۽ مارڪ انٽوني هارائجي ويا. انٽوني جڏهن ٻڌو ته ڪلوپيٽرا لڙائيءَ ۾ مارجي وئي آهي ته هن آپگهات ڪري ڇڏيو. پر ڪلوپيٽرا زنده هئي. اسڪندريا تي رومي فوج قابض ٿي چڪي هئي. ڪلوپيٽرا پنهنجي پاڻ کي موت جي سزا جو فيصلو ڏئي جنرل کي هڪ خط لکي اماٽيو. فاتح حڪمران خط کولي پڙهيو ته اها ڪلوپيٽرا جي اپيل هئي. ان ۾ ڪلوپيٽرا لکيو هو ته ڪيس مرڻ کان پوءِ انٽوني جي مقبري ۾ ساڙڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بادشاهه خط پڙهي فوري طور تي پنهنجا سپاهي ڊوڙايا ته ڪيئن به ڪري ڪلوپيٽرا کي آپگهات کان روڪيو وڃي- پر تيتر گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ڪلوپيٽرا پنهنجي ناهيل MAULALEUM ۾، ٻانهي ايروز کي چيو ته تون مون کي قتل ڪري ڇڏ. پر وفادار نوڪرياڻيءَ ڪلوپيٽرا کي مارڻ بدران پاڻ کي ماري ڇڏيو.

جڏهن آڪٽوين جا رومي گارڊ ڪلوپيٽرا جي خواب گاهه ۾ داخل ٿيا تہ هنن 39 سالن جي خوبصورت ڪلوپيٽرا کي سندس سوني بيڊ تي مئل لڌو. بيڊ جي پر ۾ ڪلوپيٽرا جي ٻي ٻانهي چارمائن اڌ مئل حالت ۾، ڪلوپيٽرا جو سونو تاج جهليو بيٺي هئي.

رومي گارڊ اهو حال ڏسي ٻانهيءَ کان ٽوڪ طور پڇيو، "چار مائن! چا تنهنجي مالڪياڻي هي سڀ ڪم ڪيو آ؟"

ٻانهيءَ آهستي وراڻيو، "ها، هن بلڪل سڀ ڪيو..... آخرڪار هوءَ انيڪ بادشاهن جي نسل ما، هئي.!!"

اهو جواب ڏئي چارمائن ٻہ اتي پساهہ ڏنو. اصل ۾ ڪلوپيٽرا پاڻ کي هڪ خطرناڪ زهريلي نانگ ISP کان پاڻ ڏنگايو هو. ڪلوپيٽرا کي مئي هزارين ورهيہ لنگهي ويا، پر تاريخ کيس ڪڏهن ٻہ وساري نہ سگهي آهي، هن جو هڪ خوبصورت محل اسڪندريا ۾، ميڊيٽرينين سمنڊ جي ڪناري تي آباد هو. اهو محل سنگمرمر، هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل هو.

"مدد صاحب" اعجاز ممر مون کي سڏ ڪيو، مون ڪلوپيٽرا جي خيالن مان نڪري هن کي ڏٺو.

"- جي-"

- نيل نديءَ ۾ واقعي ڏاڍو سحر آهي." هن چيو.

-"ها، واقعي نيل ۾ ڏاڍي ڇڪ آهي!" مون اتهاسڪ نيل جي وهندڙ پاڻي کي ڏسندي چيو.

"- چا اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي؟" اعجاز پڇيو.

"- اڄ تيرهينءَ جي رات آهي!" وراڻي ڏنم.

"- پر چنڊ تہ چوڏهينءَ جهڙو آهي؟" قمر راڇپر چيو.

"- ها چنڊ واقعي چوڏهينءَ جهڙو ئي آهي!" مان چنڊ کي مٿي ڏسندي چيو.

ان وقت تيرهينءَ جي چنڊ جا ڪرڻا سڌا انسان جي مٿان پئجي رهيا هئا. نيل ندي چنڊ جي روشني ۾ ڏاڍي پراسرار لڳي رهي هئي. مون مٿي چنڊ ۽ هيٺ نيل کي ڏسندي سوچيو تہ تي هزار ورهيہ اڳ ب هي چنڊ ائين ئي هن نيل درياهہ مٿان اپريو هوندو ۽

هزارين ورهين کان پوءِ بہ ساڳيو چنڊ ائين ئي چمڪي رهيو هو.

چانڊوڪيءَ ۾ درياهہ جو پاڻي بہ مانو هو. ڪا بہ لهر تڪي ۾ تيز نہ هئي. ڇڙو نيل جي ڪناري اڏيل وڏيون وڏيون عمارتون اهو احساس ڏياري رهيون هيون تہ اسين اڃوڪي دور ۾ آهيون.

اسان جي ڪاهي پاسي هڪ وڏي عمارت نظر آئي، جنهن جي مٿان عرب ليگ لکيل هو. ان دوران هڪ ڪروز اچي اسان جي پرسان لنگهيو. شايد اهو ساڳيو ڪروز هو، جنهن جا ٽڪيٽ ايئرپورٽ تي پئي وڪيائون. ڪروز جي عرشي تي وڏو گانو بجانو لڳو پيو هو. ماڻهن جون رڙيون ۽ گوڙ. ڪروز هڪ پل ۾ اسان جي پر ڪان لنگهي اڳتي روانو ٿي ويو.

پاڻيءَ سان تارون تار نيل کي ڏسندي مون کي سُڪل سنڊو درياهہ ياد اچي ويو. ڪڏهن تہ سنڊو گجگوڙ ڪري وهندو هو، تڏهن تہ انگريزن بہ سنڊو ۽ نيل جي ياد ۾ مشابهت ڏسي ان کي هڪ ٻئي سان پيٽيو. نيل ندي بہ سنڊو درياهہ وانگر هڪ ڏگهو سفر ڪري پوءِ ٿي مصر ۾ داخل ٿئي. هي درياهہ يوگنڊا جي هڪ ڍنڍ مان ٿو نڪري. انگريزن ان ڍنڍ جو نالو رکيو آهي وڪٽوريا. نيل درياهہ جي ڪل ڊيگهہ چار هزار ميل آهي. اُن جو پيٽ ڪٿي بنهہ ننڍو، تہ ڪٿي وڏو ويڪرو. نيل جا بہ حصا آهن، هڪ کي سڏين اچي نيل جيڪا يوگنڊا مان ٿي نڪري. نيري نيل وري ايٿوپيا مان نڪري اچي سوڊان جي شهر خرطوم وٽ نيل سان ٿي ميلاپ ڪري، ائين جيئن الهہ آباد وٽ گنگا ۽ جمنا جو ميلاپ ٿئي ٿو. سوڊان مان اهي ٻئي نيل ندين هڪ، نيل ٿي مصر ۾ ٿيون داخل ٿين. سڄو مصر لتاڙي نيل قاهره وٽان ٿيندي اتر ۾ پورٽ سعيد وٽ ميڊيٽرينين سمنڊ ۾ وڃي ٿي ڇوڙ ڪري.

نيل ندي جڏهن سمنڊ ۾ پوي ٿي تہ سنڊو ندي‌ءَ جي ڍيلٽا وانگر هن جا ست مُنهن ڇاڻن جي شڪل ۾ وڃي سمنڊ ۾ ٽا پون. اتي انهن ستن ئي ڇاڻن جا نالا جدا جدا آهن، جيئن ڪيٽي بندر وٽ سنڊو درياهہ جي ڇاڻن جا مختلف نالا آهن.

قاهره شهر وري نيل ندي جي ڇوڙ کان هڪ سو ميل اورتي واقع

آهي. درياهه جي ٻنهي پاسن کان شهر آباد، پر نيل جا ڪنارا ڏاڍا خوبصورت. شهر کي ڳنڍيڻ لاءِ ڪيتريون ئي پليون ٺهيل، جن تان ٽريفڪ جي اڇ وڇ جاري و ساري. درياهه جي ٻنهي ڪپرن تي رستا ۽ انهن تي وڏيون وڏيون عمارتون، هوٽلون ۽ ريسٽورنٽ ۽ گهر پئي نظر آيا.

ڇٽني پاسن کان هوا تيز پئي گهلي ۽ اسان جي لانچ هڪ پل هيٺان لنگهي. (اها پل قاهره جي مشهور پل "قصر النيل" جي نالي سان مشهور آهي. 132 ميٽر ڊگهي هن پل جو بنياد 19 مارچ 1932ع ۾ رکيو ويو، جيڪا 15 مهينن جي اندر 6 جون 1933ع تي مڪمل ٿي. هن ئي پل ذريعي ماڻهو اهرام مصر جي غزا ماڻري ڏي وڃي سگهندا آهن. سيپٽمبر 1970ع ۾ جڏهن مصر جو صدر جمال عبدالناصر گذاري ويو ته سندس جنازو هن پل تان لنگهيو هو. جلوس ۾ شامل ڪيترن ئي ملڪن جا صدر ۽ وزيراعظم پيرين پنڊ هن پل تان لنگهيا هئا.)

پريان ڪناري تي نيل هلٽن هوٽل جي بلند عمارت نظر اچي رهي هئي. نيل جي سحر ۽ چانڊوڪي رات جي طلسم ۾ زمان ۽ مڪان جڙ گم ٿي ويو هو.

نيل کي ڏسندي ياد آيو ته ڪنهن وقت ماڻهو هن ندي‌ءَ جي پوڄا ڪندا هئا. ڏکڻ سوڊان ۾ جتان نيل گذري ٿي اچي مصر ۾ پوي، سوڊاني ماڻهو هر سال هڪ ڪنواري نينگري‌ءَ کي نيل کي پيٽا ڪندا هئا. هر سال انمي‌ءَ خاص ڏينهن تي ڪنواري ڇوڪري‌ءَ کي ويس وگا پهرائي ڪيس درياهه ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. جڏهن مسلمانن مصر کي فتح ڪيو ته ان وقت به مصر ۾ اهڙي رسم هلندڙ هئي. هڪ پيري مصر جي والي عمرو بن العاص وٽ قبطين جو هڪ وفد لنگهي آيو. ڇئي، "اسان وٽ نيل جي هڪ رسم آهي. ان کان سواءِ درياهه ۾ ڇاڙهه ڪڏهن به نه اچي سگهندو آهي."

عمرو پڇيو، "اها ڪهڙي رسم آهي؟"

هن چيو، "هر سال هن مهيني جي ٻارهين تاريخ تي هڪ ڪنواري ڇوڪري چونڊي ان ڇوڪري‌ءَ جي مائٽن کي رضامند ڪري ڪيس سنو ويس ۽ گهر پارائي، نيل ندي‌ءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا آهيون. پوءِ درياهه ۾ ڇاڙهه ايندو آهي."

ابن العاص وراڻيو، "اسلام اهڙين ڳالهين کان اسان کي جهلي ٿو."

تنهن تي قبطين جا اهي سمورا سردار ڪاوڙجي اٿي بيٺا. وڃڻ وقت چيائون: "جيڪڏهن نيل ندي ۾ چاڙهه نه آيو، ته پوءِ اسان مصر مان لڏي ويندا سين."

عمرو بن العاص اها سموري ڳالهه حضرت عمر بن الخطاب کي لکي اماڻي. وراڻيءَ ۾ خليفي لکي موڪليو، "توصحيح چيو ته اسلام اهڙين ڳالهين کان جهلي ٿو. مان توکي هڪ پرزو لکي موڪلي رهيو آهيان، جڏهن منهنجو اهو خط پهچي ته تون انهي پرزي کي نيل ۾ وجهي ڇڏجائين."

ابن العاص کي اهو خط پهتو. هن کولي پڙهيو. خط ۾ لکيل هو، "الله جي بندي اميرالمومنين عمر بن خطاب طرفان نيل درياهه جي نالي..... اما بعد، جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان وهندو آهين ته وهندو رهه. پر جيڪڏهن توهِ رواني پيدا ڪندڙ الله تعاليٰ واحد و قهار آهي ته اسين الله تعاليٰ واحد و قهار کان عرضدار آهيون ته اهو تو ۾ رواني پيدا ڪري!"

ابن العاص ماڻهن کي اهو خط پڙهي ٻڌايو ۽ صليبي عيد کان هڪ ڏينهن اڳ انهيءَ خط کي درياهه ۾ وجهي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن مصر جا ماڻهو صليبي عيد جي صبح جو ننڊ مان اٿي ڏسن ته راتو رات نيل نديءَ جو پيٽ ڦوڪجي وڏو ٿي ويو هو.

هڪ ٻي روايت آهي ته : فرعون جي دور ۾ به ماڻهوءَ نيل نديءَ جي پوڄا ڪندا هئا. اونهاري جي مند ۾ هر سال نيل ديوتا جو جشن ملهائيندا هئا. ان جشنَ ۾ هو انيڪ مورتيون ديوتا کي پيٽ ڏئي ڪانهن جي ڪاغذ تي ڪوئي قديم شعر لکي درياهه ۾ وجهي ڇڏيندا هئا ته جيئن نيل ندي ملڪ ۾ ڪا وڏي تباهي نه آڻي.

يوناني ڪتابن ۾ به نيل ندي بابت ڪيترا قصا لکيل آهن. يوناني مورخ پلوٽمي لکي ٿو ته مصر جي بادشاهه اگيٽن پنهنجي ملڪ کي ايندڙ مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ الهامي امداد گهري، اشارو مليس ته پنهنجي پياري ڏيءَ جي نيل کي قرباني ڏي. بادشاهه کي پنهنجي اها ڏيءَ ڏاڍي پياري هوندي هئي، پر ملڪ ۽ ماڻهن خاطر

آخرڪار هڪ چانڊوڪي رات جو هن پنهنجي پياري ڏيءَ کي نيل نديءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. ڇوڪريءَ کي نيل نديءَ ۾ لوڙهڻ بعد بادشاهه کي اڇي پنهنجي ڏيءَ جي ياد ستايو. ڇئي مون هي ڇا ڪيو؟ پوءِ هو ڇرين وانگر نيل جي ڪناري تي بيهي لڙ لهرن ۾ پنهنجي ڏيءَ کي ڳولينڊو هو. آخرڪار هڪ ڏينهن پاڻ به نيل ۾ ٽپو ڏئي مري ويو.

ڪجهه ٻيا قصا به مشهور آهن. مثال طور مصر جي قديمي دور 1167ق مسيح جي رامسيس جي دور ۾ چون ٿا ته نيل جي ٻنهي ڪنارن تي سوڪان وڌيڪ گهاٽ هوندا هئا. انهن جي وچ ۾ مفاصلو هوندو هو. هرگهاٽ تي نيل ۾ ديوتا "حابي" لاءِ هڪڙي محراب نهيل هوندي هئي، ان جي سار سنيال هڪ "ڪاهن" جي ذمي هوندي هئي. اهو ڪاهن ان محراب تي روزانو گل چاڙهيندو هو. اتي نيل جي ديوتا حابي ءِ هن جي زال ربيت ديويءَ جون ست ست مورتيون لڳل هونديون هيون. تنهن کان سواءِ ڪيترا بت به رکيل هوندا هئا. هر سال اونهاري ۾ مند بدلجندي، اهي سموريون مورتيون سونا ڳهه ڳڻا، حابي جي جشن واري ڏينهن تي نيل نديءَ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. پوءِ انهن جي جاءِ تي وري نيون مورتيون اڇي رکندا هئا، جن تي سڄو سال پوڄا ٿيندي هئي.

هڪ ٻيو قصو آهي ته ڪنهن وقت هر سال ڪاٽ جي هڪ خوبصورت مورتي جوڙي، ان کي ڳهه ڳڻا پارائي ان کي درياهه ۾ لوڙهيو ويندو هو ته جيئن درياهه شاهه وڏي ءِ ويجهي ءِ مصر جي ڏرتيءَ کي پنهنجي پاڻيءَ سان سکيو سائو ءِ ستابو رکي!!

ءِ اها ساڳي نيل سامهون وهندي ٿي نظر آئي. اسان جي مٿان مصر جي آسمان تي تيرهينءَ جو چنڊ ائين ڪڙيل هو جڙ آسماني رنگ جي ستارن سان پريل ڇٽ ۾ ڪوئي فانوس ٻري رهيو هجي. هيٺ نيل ندي ۾ چنڊ ءِ تارن جو عڪس، پريان ڪنارن تي ڪٽي ڪٽي بينل ڪجيءَ جي وٽن جا جهڳٽا- جهڙوڪ ڪنهن اتهاسڪ دور ۾ هليا ويا هڪاسين.

چوڦطرف خاموشيءَ جو راج هو. هر شيءِ نيل جي سحر ۾ گم هئي.

لانچ جا مصري ناخدا بہ چُپ هئا. لانچ جي پرينءَ کنڌ ۾ اعجاز مهر بيئر سان شغل ڪري رهيو هو. قمر راڄپر ۾ مون بہ چُپ چاپ وهندڙ نيل ۾ چانڊوڪي رات کي پئي ڏٺو. محسوس ائين ٿي رهيو هو جڙ وقت هڪ هنڌ نيل ندي مٿان بيهي رهيو هو.

مون وهندڙ درياءَ، چنڊ تارن سان ڀريل مصر جي آسمان، سامهون کجور جي وڻن کي ڏسندي سوچيو ڪيڏو نہ وٽندڙ ۾ دلڪش منظر آهي. هيءَ رات ۾ هي منظر ۾ اهڙا ڏينهن ورلي زندگي ۾ اچن ٿا. اهڙا ڏينهن وري ڪڏهن بہ موٽي نہ ٿا اچن. هي راتيون وري ڪڏهن نہ ايندیون، رهجي ويجي ٿي ڇڙو انهن جي ياد. ياد جيڪا ڏهن جي ڪئميرا تي ڪنهن استل ويو وانگر هميشه هميشه لاءِ ٿي بيهي رهي. بقول چيخوف جي: "خدا جي هيءَ زمين خوبصورت آهي، بس هڪ شيءِ خوبصورت ڪونهي ۾ اُهي آهيون اسين پاڻ."

زندگي جي سڀني شيءِ هيءَ ڪائنات آهي. هيءَ لهندڙ سج، هي چنڊ، هي تارا ۾ هي وهندڙ درياءُ هيءُ آڪاس تي شام جو شفق جي لالاڻ ۾ ان جا انيڪ رنگ. هيءَ ايرندڙ سج- سچ پچ تہ هن ڪائنات ۾ هيڏو آهي انسان، جيڪو سڄي حياتي سمورين مشڪلاتن سان مقابلو ڪندي اونداهين کنڊن ۾ پٽڪندو ٿو رهي. پر ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن زندگي کيڏي نہ سڀي ٿي لڳي- آرهہ جي راتين ۾ بهار جي پرسکون صبح وانگر.

اوچتو اعجاز مهر سري اچي منهنجي پر ۾ ويهي چيو، "چا ڳالهہ آهي سڀ چُپ ٿي ويا آهيو؟"

"- بس ائين ئي"، مون وراڻي ڏني.

"- چا خيال آهي... شعر و شاعري ٿي وڃي؟" اعجاز چيو

"- نيڪ خيال آهي." مون چيو.

"- مون کي ايازجي هڪ غزل جي ست پئي ياد اچي." اعجاز چيو.

"- ہڏاءِ!" قمر راڄپر چيو.

"- اعجاز آهستي آهستي شيخ ايازجي غزل جون بہ ستون ہڏايون:

"صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،
چُمي جيئن سگهي چنڊ تنهنجون چگون!

هو شعر ٻڌائي چپ ٿي ويو. اڳتي ڪيس اهو نظم ياد نہ هو، پر مون کي ايياز جي ڪتاب "پونئر پري آڪاس" ۾ ڇپيل اهو نظم ياد بيٺو هو.

چيم، "اهو نظم سڄو ٻڌايانو؟

اعجاز چيو، "ها ضرور!"

۽ اهو نظم منهنجي چپن تي لهي آيو:

"صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،
چمي جيئن سگهي چنڊ تنهنجون ڇڳون،
گهڙيءَ لئه گناهه محبت ڪيون،
نہ شايد وري زندگيءَ ۾ ملون،

پرين ڪوئي انسان، انسان جو،
نہ ٿيو آ، نہ ٿيندو سدا مرحلو،
فقط رات جي رات تو جيئن ڏٺو،
صنوبر جي ٻانهن ۾ مهتاب هو.

سندءِ جسم جي اجنبي آرزو،
سندم روح ۾ ائين ڦري ڪُو بُکو،
جيئن رڄ ۾ ڪائي هرڻي ڦري،
ڪري ڪنهن مٺي نهر جي جستجو،

رات جي چانڊوکيءَ ۾ نيل نديءَ جو سير ڪندي، ايياز جي ٻولن واقعي رات کي وڌيڪ جوبن ڏيئي ڇڏيو. اعجاز مهر چيو، "ڪوئي ٻيو نظم بہ ٻڌايو مهرباني ڪري!"

مون کي پونرپري آڪاس جو هڪ غزل دل تي تري آيو:

الائي وري رات ايندي نہ ايندي،
اسان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي.
پلي ڏي نہ ورندي، تمنا نہ ورندي،
پئي دل اسان جي اوهان کي سڏيندي.
بهار آيو آهي، اگر تون بہ آئين،

گلن سان محبت بہ جھولي پريندي.
سدا تنھن جو حسن و حيا ياد ايندو.
وري دل نہ ٻي کا بہ مکڙي پتيندي.
وري تنھنجي در تي اياز آيو آھي.
سندس اک نہ ٻي کا بہ چانڊ چمندي.

ڪجھ مصري بيئر، ڪجھ چانڊوڪي رات، ڪجھ نيل جو ساحل ۽ ڪجھ شاعريءَ جو اثر ۽ سحر۔ گھٽو وڌي ويو. چؤطرف سانت ئي سانت، جڙ نيل، وقت، چنڊ، رات سڀ ڪجھ پنڊ پھڻ ٿي ويا ھئا. اسان سميت ھر شيءِ استل ٿي ويئي ھئي. لانچ ڏکڻ طرف ھلندي ٿي ويئي، الائي ڪيترين پليون لنگھي چڪا ھئاسين، مون ملاحن کي واپس ورڻ جو اشارو ڪيو.

ملاح بہ ڪي ڏاڍا شريف ماڻھو ھئا. ھنن لانچ کي موڙي ورتو. ھاڻي درياھ جي لھواري طرف اسان جو رخ ھو، ان ڪري واپسي مھل نہ رڳو لانچ جي رفتار تيز ٿي وئي بلڪ نيل مٿان ھوا ڏاڍي تکي ٿي ويئي. بس نيل ۽ سنڈوءَ ۾ صرف ھڪ اھو ئي فرق نظر آيو. سنڈو درياھ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۾ ٿو وڃي پوي ۽ نيل وري اتر ۾ بحيرہ روم ۾ ٿي وڃي ڇوڙ ڪري.

واپسي مھل اسين چپ ھئاسين. لانچ ھڪڙي ھنڌاڻ لنگھي، پريان کان سمجھيم تہ ڪو وڏو جھاز آھي. ويجھا ٿياسين تہ خبر پئي تہ اھا بہ ڪائي ريسٽورنٽ ھئي. ھڪ وڏي جھاز جھڙي ٺھيل ريسٽورنٽ، جنھن جي شيشي جي درين مان اندر ٻريل ميڙ بتيون پئي نظر آيون. ميزن ۽ ڪرسين تي ماڻھو ويٺل، عورتون ۽ مرد- گھڙيءَ ۾ اسان جي لانچ اتان لنگھي وئي. آياسين تہ لانچ ڏاڍي پئي آھستي ھلي، پر واپسيءَ مھل اصل ديرئي نہ ڪيائين، اڏ ڪلاڪ ۾ اڇي اُتي پڇايائين، جتان لانچ ۾ چڙھيا ھئاسين.

ڪناري تي مصطفيٰ اڳ ئي اسان جي انتظار ۾ بيٺو ھو. ھمراھ وقت جو پابند ٿي ڏسڻ ۾ آيو. کلندي اسان جو آڏاڻ ڪري ملاحن کي پري وٺي ڪجھ رقم سندن حوالي ڪيائين. ان مھل رات جا ٻہ ٿي رھيا ھئا پر نيل جا ڪنارا ماڻھن سان ٻريل ھئا. مون

پوئتي ڪنڊ ورائي سدا وهندڙ نيل ندي ڪي ڏسندي سوچيو، لکين ورهيه لنگهي ويا ۽ لکين ورهيه ٻيا به لنگهي ويندا. الائي ڪيترا زمانا گذري ويندا، وقت تنهنجي مٿان خاڪ اڏائيندو رهندو، پر اهو توکي ڪجهه به نه ڪري سگهندو. نيل وهندي رهندي، وهندي رهندي. الوداع! اي نيل، ڪهڙي خبر ته توکي وري الائي ڪيترن ڏسي سگهجي ڪي الائي نه؟ يا وري اڇي توسان ٻيهر مڪا ميلو ڪجي- ڪهڙي خبر؟.

اسين ڪار ۾ ويناسين ته مصطفيٰ ڪٽي ڪار کي ڊوڙايو. هن اسان کان پڇيو، "ڪيئن توهان انجواءِ ڪيو؟"

"واقعي ڏاڍو سٺو ٽرپ هو. نيل نديءَ جو سير ڪڏهن به نه وساري سگهبو." اعجاز مهر چيو.

مصطفيٰ چيو، "صبح جو هلو ته پرامڊ ونڊي هلانو؟

"صبح جو ڏهين وڳي اسان کي ايئرپورٽ تي پهچڻو آهي. ان ڪري هن ڀيري نه پر لنڊن کان واپس ورڻ تي اهرام ڏسنداسين!" وراڻيم.

ان مهل مون کي اها ڄاڻ نه هئي ته ڪو واپسي مهل ٽرانزٽ ٽائيم مختصر هوندو آهي ۽ مسافرن کي ايئر پورٽ تي ويهاري اهو ٽائيم گذاري ڇڏيندا آهن!

ايتري ۾ مصطفيٰ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ مون کي ڏنو ۽ چيو، "جڏهن به قاهره ۾ اچو ته مون کي فون ڪجو، توهان کي گهمڻ ۽ ڦرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي پيش نه ايندي."

اسان جي ڪار قاهره جي جنهن رستي تان ڊوڙي رهي هئي، خبر ناهي ان جو نالو ڇا هو، پر قاهره جي رستن تي اڄا زندگي روان ۽ دوان هئي. تاريخ جي انيڪ دورن ۾ هن شهر الائي ڪيترا عروج ۽ زوال ڏٺا. فاطمي خليفي مستنصر بالله جي (1036ع- 1095ع) زماني ۾ سال 1078 ۾ اسلامي تاريخ جو هڪ عجيب ڪردار حسن بن صباح ايران جي شهر ري کان قاهره پهتو. خليفي جي دربار سان تعلق پيدا ڪري، هن شهر ۾ 18 مهينا رهيو. آخر درباري سازش جي نتيجي ۾ خليفي کيس قاهره جي ويجهو دمياط جي قلعي ۾ قيد ڪري ڇڏيو.

اتفاق سان هڪ ڏينهن قلعي جي هڪ مضبوط عالم پناهه ڏهي پئي. حسن بن صباح اتان فرار ٿي اسڪندريا جي بندرگاهه تان هڪ جهاز ۾ سوار ٿي وڃي ايران جي شهر اصفهان پهتو.....

"لهو صاحب، هوٽل اچي ويئي." قمر مون کي خيالن ۾ گم ڏسي چيو. ان وچ ۾ مصطفيٰ گاڏيءَ کي تيز هلائيندو اچي واپس هوٽل پهتو هو. رات جا به ٽي رهيا هئا پر هوٽل جي لابي اڃا به جوان جماڻ هئي. اعجاز مهر ڊرائيور مصطفيٰ کي پيمينٽ ڪئي. واپس وريو ته ڪلندو آيو، چيائين "مصطفيٰ ڊرائيور پنهنجي انتظار ۾ بيٺو آهي."

"چو خير، پاڻ وٺو ته پورو مليس، باقي ڇا جي لاءِ." مون چيو.

"اُها جيڪا پاڻ ڳالهه ڪئي هُئيسين ته ٽوئرسٽن جي وندر ورونهن واري. تنهن جي تدارڪ لاءِ نسخو پيو ٻڌائي-" ڪلي چيائين.

- "ڇا ٿو چوي؟" قمر پڇيو.

"پنج سو ڊالرن ۾ ٿو ڪائي مصري حور پيش ڪري!" اعجاز ٻڌايو.

- "چريو ته ڪونه ٿيو آهي"، مون چيو.

"اسان ته چڙو اهو پڇيو ته ٽوئرسٽ پنهنجي وندر ڪيئن ڪندا آهن. هاڻي چوي ٿو ته هلو مون سان گڏ!" اعجاز چيو.

-"چڏيوس، پاڻهي هليو ويندو!" مون چيو.

اسان ڪلي ڪمرن ڏانهن رخ رکيو، جو صبح جو سويل اٿي ايئرپورٽ تي وڃڻو هو.

هو ٻئي پنهنجن ڪمرن ڏانهن هليا ويا. مان به ڪمري ۾ موٽي آيس. درڪولي اچي بيڊ تي ويٺس. سامهون رکيل ٽي وي، جو سوئچ آن ڪيم. ڪيترائي چينل هلي رهيا هئا. هڪ چينل تي عربي ناچ جو ڪو ئي پروگرام پئي هليو. به چار منٽ پروگرام ڏٺم. پر الائي چو ڪمري ۾ اچي مونجهه ٿي. خبر ناهي ڪهڙو خيال آيو. ڪمرو لاڪ ڪري مٿي لابيءَ ڏي رخ ڪيو.

لابيءَ ۾ ماڻهن جي اڃ وچ اڃان جاري هئي. هوٽل ۾ ڪيسينو ڪو سڄي رات هلندڙ هو. ان ڪري وڏي رونق متل هئي. مان لابي ۾ پيل صوفي تي ويهي رهيس. سامهون بار ۾ ڪيترائي مصري بيئر

سان شغل ڪري رهيا هئا.

- برادر، هت اڪيلو ڇو ويٺو آهين؟" اوچتو ڪنهن منهنجي ڪنڌ تي هٿ رکي اهو جملو چيو.

پٺ ورائي ڏٺم. اسان وارو ڊرائيور مصطفيٰ منهنجي پر ۾ بيٺو هو. هن کي ڏسي پهرين ته سوچيم هاڻي هن مان ڦاٽس واهه جو، پر روايتي اخلاق ظاهر ڪندي، ڪيس ويهڻ لاءِ چيم، هو ويٺو ۽ چيائين، "توهان جي دوست کي هڪ سٽي آفر ڪيم، پر هو واپس ئي نه ورهو."

"-دراصل اسان کي لنڊن وڃڻو آهي ۽ ٻيو ته اسين سيئي جرنلسٽ آهيون، نه ڪي ارب پتي ٽوئرسٽ. ان ڪري توکان جيڪو سوال ڪيو ويو هو اهو فقط معلومات خاطر." مون هن کي چيو.

"- ڪا وڏي ڳالهه ناهي. ڇاڪاڻ ته هر ٽوئرسٽ هتي پهريون شراب، ڪلب ۽ پوءِ چوڪريءَ جي پڇا ڪندو آهي. ان ڪري مون بعد ۾ اوهان کي ٻڌايو سپ ڪجهه. وڌيڪ توهان جي مرضي!" هن چيو.

لڳوتي، هو به ٽي پيگ هڻي آيو هو. ان ڪري ڪجهه موڊ ۾ هو.

"- پر توهان هتي اڪيلا ڇو وينا آهيو، هلو ڇو نه ٽا ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾."

"- ڪهڙي ڪلب ۾"

"- هوٽل کان ٻاهر، ڪيٽريون ئي مشهور نائٽ ڪلبون آهن. اتي بهترين ناچ ٿيندو آهي!"

"- ٻاهر ته نه هلي سگهندس"

"- ته پوءِ هن ئي هوٽل جي ڪيسينو ۾ هلو!" هن چيو.

"- پر....." مون جند ڇڏائڻ گهري.

"- ڪا به ڳڻتي نه ڪريو، ڪيسينو ۾ توهان کي ڪا به ٽڪيٽ نه ونڊي پوندي. توهان هوٽل جا گيسٽ آهيو. باقي ڊرنڪ هتان ئي ٽا ڪري هلون!"

ائين چئي هن مون کي زوري اتان اڌاريو. بور مان به ٽيس پئي، ان ڪري هن سان گڏ وڃي سامهون بار ۾ ويٺس. بار ٽينڈر هن جو

سجاٽو هو. گهڙي ڪن گذري جو هن ۾ ڊرنڪس ناهي آڻي اسان جي ٽيبل تي رکيا. خوبصورت شيشن جي گلاسن ۾، گهٽي برف ۽ ٺوري پاڻي سان ڪائي ڊرنڪ پيل.

"- هي هتان جي مشهور وسڪي عمر خيام آهي." مصطفيٰ هڪڙو گلاس کڻي منهنجي هٿن ۾ ڏنو ۽ ٻيو گلاس پاڻ جهلي چيو.

"- گهٽي استرانگ ته ڪونهي؟" مون پڇيو.

"- نه نه هي ڏاڍي سني شيءِ اٿو." هن ائين چئي پنهنجو گلاس منهنجي گلاس سان ٽڪرايو ۽ هڪ ئي ڇڪيت ۾ اڌ گلاس چٽ ڪري ويو.

"- برادر، عمر خيام ڏاڍي پياري مڌ آهي. توهان کي لنڊن ۾ به هي ياد ايندي. اتي توهان کي ٻيون ڪيتريون ئي وهسڪيون ملنديون، پر عمر خيام هرگز نه ملندي. هن ۾ نيل جو پاڻي آهي. مصرين جي محبت آهي ۽.....!!

"- ۽ عمر خيام جي نالي جو اثر آهي." مون هن جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي.

"-بلڪل، بلڪل،" مصطفيٰ ٻئي ڏڪ ۾ منو گلاس کڻي پنهنجي اندر ۾ اوتيو.

مون هڪ ڏڪ پريو.

هن وري چيو. "سر! ڊرنڪ ونو."

مون ڏٺو، مصطفيٰ بنهه يار ويس ماڻهو هو. ترجيتري به منجهس ٻيائي موجود نه هئي. عمر خيام مڌ پيئندي هن تي خمار چڙهي رهيو هو. مون ڊرنڪ جا ٻه چار ڏڪ پيتا. واقعي عمر خيام مڌ ڏاڍي استرانگ هئي.

"مصطفيٰ! عمر خيام بابت ڪا خبر اٿئي؟" مون ڊرنڪ پيئندي هن کان پڇا ڪئي.

-نو سر! ..... پر هي شيءِ ڏاڍي لاجواب اٿو!" هن سچائيءَ سان جواب ڏنو. عمر خيام مڌ پيئندي مون کي عمر خيام جي هڪ رباعي دل تي تري آئي،

ايں قافلهٔ عمر عجب می گذرد، درياب و ميخه باطرب می گذرد
ساقی غم فردائ قيامت چه خورد، پيش آر پياله که شب می گذرد

يعني: حياتيءَ جو قافلو جھڙي تيزي سان گذرندو پيو وڃي، ان ڪري جيڪو پل خوشيءَ سان گذري ان تي صبر ڪر. اي ساقي! قيامت جي ڪھڙي ٿو ڳڻتي ڪرين. جام ڪٽي اڇ، رات تيزيءَ سان پئي گذرندي وڃي.

ٻاهر واقعي مصر جي رات تيزيءَ سان پئي گذرندي ويئي. عمر خيام جي وفات کي 800 ورهين کان ٻہ مٿي جو عرصو لنگهي ويو آهي، پر اڄ ٻہ ڪيس زندهہ رکيو ويئيون آهن سندس رباعيون. ايران جي شهر نيشاپور ۾ (1131-1048ع) هڪ تنبن ناهڙ واري جي گهر ۾ جنم ونندڙ ابوالفتح عمر بن ابراهيم نيشاپوري سندس نالو ۽ لقب هيس خيام. نيشاپور تڏهن وڏو علمي مرڪز هوندو هو. عمر خيام جنهن مڪتب ۾ پڙهندو هو تنهن ۾ ساٿس گڏ ٻيا ٻہ گهاٽا سنگتي پڙهندا هئا. هڪ حسن ۽ ٻيو حسن بن علي. مڪتب ۾ پڙهندي تنهي قسم کنيو تہ هنن مان جيڪو ٻہ وڏو ماڻهو ٿي ڪنهن اهم عهدي تي پهچندو اهو باقي ٻين جي مدد ڪندو. تڏهن ڪنهن کي خبر هئي تہ اهي ٽيئي ماڻهو تاريخ ۾ وڏي جاءِ والا رينداَ. منجهن هڪڙو حسن، حسن بن صباح (1124- 1034ع) جي نالي سان مشهور ٿيو. ٻئي حسن اڳتي هلي نظام الدين ملڪ طوسيءَ (1092-1027ع) جي نالي سان مشهوري ماڻي ۽ سلطان ملڪ شاهہ سلجوقي جو وزيراعظم ٿيو. هوڏانهن عمر خيام کي سندس لازوال شاعري دنيا ۾ سدائين لاءِ امر ڪري ڇڏيو.... چون ٿا تہ اصفهان ۾ عمر خيام جي رسدگاهہ وڏي شاندار هوندي هئي. روز رات جو اتان بيهي هو آسمان ۾ بيٺل هزارين ستارن کي ڏسندو هو. اوپر جي دنيا جي هن مهان شاعر، فيلسوف، سائنسدان، مرڻ کان ڪجهہ وقت اڳ وصيت ڪئي تہ "هو مرڻ کان پوءِ اُن هنڌ آرامي ٽيڻ پسند ڪندو، جتي بهار جي هر مند ۾ اتر جون هوائون اچي لڳنديون، جيڪي سندس قبر جي مٽان وٽن جا پن ۽ گلن جون پتيون پيون نچاور ڪنديون" ۽ پوءِ اٽڪل 5 ورهين بعد سندس هڪ دوست نيشاپور پهتو. اتي هن خواجہ باغ ۾ عمر خيام جي قبر تي وڃي حاضري ڀري. هن ڏٺو تہ عمر خيام جي قبرپرسان زيتون ۽ زردالوءَ جي وڻن جون ٽاريون چانوَ ڪيو

بيئيون هيون،جن مان هوا لڳڻ جي ڪري ڪيترا پن ۾ گل اڇي سندس قبر مٿان ڪريا.....

"- برادر..... عمر خيام توهان جو انتظار ڪري رهي آهي!" آواز مصطفيٰ جو هو. خبر ناهي ڪيڏيءَ مهل هو پنهنجي ڊرنڪ ختم ڪري ٻ ٻيون ڊرنڪس نهرائي ڪٽي آيو هو. جڏهن ته منهنجو گلاس اڃا خالي نه ٿيو هو. مون مرڪي ٻ ٽي ٻيا ڊڪ ورتا.

-" جلدي ڪريو. اڃا پاڻ کي اندر ڪيسينو ٻ هلڻو آهي."

مون جلدي گلاس کي ختم ڪندي چيو. "پر مصطفيٰ! مون ٻي ڊرنڪ لاءِ ته توکي نه چيو هو."

-"اصل ۾ مون کي لڳو ته توهان کي عمر خيام مڏ وڌي آهي، ان ڪري ٻي ڊبل ڊرنڪ وٺي آيس. توهان ٻيهر ايجپٽ اچو ته مون کي ضرور فون ڪجو. مان توهان کي سڄي قاهره گهمائيندس. پر امڊزتي وٺي هلندس. پر امڊز توهان نه ڏنو ته ڪجهه ٻ نه ڏنو. مان توهان کي پنهنجو ڪارڊ ڏيان ٿو."

ائين چئي هن ٻيو پيرو پنهنجو ڪارڊ مون کي ڏنو. اهو مون وٺي کيسي ۾ رکي ڇڏيو. هاڻي واقعي کيس کيپ چڙهي رهيا ها. مون ٻئي گلاس مان وڏا وڏا ڊڪ پري ورتا. هاڻ مون تي ٻ ٻئي پيگ جو نشو تيزي سان چڙهي رهيو هو. لڳو ٿي ته هو مون واري گلاس ۾ ڊبل پيگ نهرائي آيو هو. ڏاڍو اسٽرانگ پيگ هو.

ڪا گهڙي گذري ته هوٽل جي هال ۾ اسان جا پاڪستاني همسفر لابي ۾ داخل ٿيا. هو ڪروز ۾ نيل ندي ۾ شهر جو سير ڪري هاڻي اڇي پهتا هئا. ڪلوپيٽرا ٻ هنن سان گڏ هئي. آسماني رنگ جي ڪپڙن ۾هوءَ واقعي ڪائي آسماني اپسرا ٻئي لڳي. لابي ۾ ايندي هنن پرهان کان اسان کي ويٽي ڏنو پر ڪو ٻ بار طرف لڙي نه آيو. مصطفيٰ چپ چاپ گلاس کي پورو ڪرڻ ۾ مشغول هو. پر هاڻي سندس پيئڻ جي رفتار ۾ ڪجهه ڊرائي اڇي ويئي هئي. بار ۾ آهستي آهستي ماڻهو گهٽجي رهيا هئا. ڪيسينو وڃڻ جو هروپرو مون کي ٻ ايترو شوق نه هو. سوچيم ٻئي ته گلاس مان آخري ڊڪ پورو ڪري ٿو هن کان موڪلايان. جو اهڙو تيز نشو مون کي اڳ

ڪڏهن به نه ٿيو هو. مان ايڏا ان سوچ ۾ هيس ته اوچتو ڪلوپيٽرا کي پريان کان ايندي ڏٺم. هن کي ڏسي مون کٽي ڪنڊ هيٺ ڪيو. سمجهيم ته هوءَ ڪيسينو وڃڻ پئي گهري يا وري ڪمري جو لاڪ کانئس نه ڪلي سگهيو آهي.

مان ان سوچ ۾ ٻڏل هوس جو هن اچي مٿان ٽڪاءُ ڪيو.

-"سر معاف ڪجو!" هن آهستي چيو.

مون ڪنڊ کٽي ڪيس ڏانو پر چيم ڪجهه به نه.

-" سر توهان مون کي ڪمري جو لاڪ ڪولي ڏيندا." ڪلوپيٽرا منهنجي پر ۾ اچي بيٺي.

ان وچ ۾ مصطفيٰ به اکيون ڪولي کيس ڏانو ۽ مرڪي هن ڏانهن نهاريندي چيو. "مادام مان اوهان جي لاءِ چا ٿو ڪري سگهان؟"

-" تون مون سان نه ڳالهاءِ!" ڪلوپيٽرا کيس چنڊ پٽي. مصطفيٰ ڪلوپيٽرا جي چڑ ٻڌي ڪرسيءَ ۾ آهلجي پيو ۽ هن کان لڳو معافيون ونڊ.

مون ان وچ ۾ چيو. "توهان سامهون ڪائونٽر تي وڃي ڪنهن کي وٺي وڃو. هوٽل وارا توهان کي هڪ منٽ ۾ لاڪ ڪولي ڏيندا."

منهنجي رکي جواب هن کي جهڙوڪر ڪاوڙائي وڌو. هوءَ تپي باهه ٿي وئي. يڪدم ڪرسي گهلي ان تي ويهي چڙ مان چوڻ لڳي: "سر آءِ ايم ويري سوري. مون کي اوهان مان گهٽ ۾ گهٽ اهڙي اميد نه هئي. مان ته توهان کي پنهنجو سمجهي آئي هيس.... پر توهان الائي ان جو ڪهڙو مطلب ورتو."

-" منهنجو مقصد....."

-" نه سر توهان..... سڀ مرد هڪ جهڙائي آهيو. هڪ ئي نگاهه سان عورتن کي ڏسندا آهيو ۽ معاف ڪجو... پر توهان به آخرڪار روايتي قسم جا انسان نڪتا.....؟" هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي روڪٿار ڪي ٿي وئي.

مان اچرج مان هن کي ڏسي رهيو هوس، جيڪا انتهائي بولڊ ٿي منهنجي اڳيان ڳالهائي رهي هئي. پراڻي نسل وانگر هن ۾ ڪي به ڪامپليڪس نه هئا ۽ واقعي مان هن کي ڪجهه ٻيو سمجهي رهيو

هوس. مون کي ان محل ڏاڍو پڇتاءُ محسوس ٿيو.

"سوري!! مان توهان کان معافي ٿو گهران، جو مون توهان کي انڪار ڪيو. توهان مون کي ڪِي ڪارڊ ڏيو. آئون ٿو توهان کي روم کولي ڏيان" مان اٿي بيٺس.

هن اٿڻ کان انڪار ڪندي چيو، "نه هرگز نه"

-" چگو ٿيڪ آهي، پر توهان هتان ته اُٿو سنو نه ٿو لڳي اوهان جو هتي ويهڻ!" مون چيو.

" چو؟ چا ٿيو؟ چا بار ۾ ڪائي عورت نه ٿي ويهي سگهي؟..... توهان ته مون کي ڪال گرل ٿا سمجهو؟" هن ڪاوڙ مان چيو.

هاڻي مان اچي ڦاٽس. مون بيٺي بيٺي ٻيهر هن کي اتان اٿڻ لاءِ چيو. مصطفيٰ جيڪو ماڻ ڪيو ويٺو هو، تنهن کڻي کڙين تي زور رکيو.

"برادر مان هلان ٿو متي ڪيسينو ڏانهن. توهان اتي اچجو. مان توهان جو انتظار ڪندس." ائين چئي هو هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ ڏٺم ته هو پنهنجو سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس ٻہ پل ۾ ڇڏي ويو. مون سگريٽ ۽ ماچيس کڻي ڏٺا. ڪوئي لوڪل برانڊ جي سگريٽن جو پاڪيٽ هو. اوچتو ڪلوپيٽرا ٻہ ڪرسيءَ تان اٿي بيٺي. اسين ٻئي چپ چاپ بار مان نڪري لائونج ۾ آياسين. مون سمجهيو هوءَ ڪمري ڏانهن ويندي، پر هوءَ لائونج ۾ اچي بيهي رهي. لائونج ۾ ان محل رونق گهٽي ڪانه هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ مسافر ۽ ڪن ايئر ڪمپنين جا آيل ڪريو هوٽل جي لائونج ۾ ڪائونٽر تي داخلا لاءِ بينا هئا.

-"مان توهان کي روم تائين ڇڏي اچان ۽ ڪمري جو لاڪ.....!!"

-" نه، مان هن محل روم ۾ نه ويندیس. مون کي سخت ٽينشن پئي ٿئي." هن چيو.

مون تعجب مان هن کي ڏٺو، پر ڪجهيس ڪجهہ ٻہ ڪونہ. هڪ ته منهنجي دماغ تي اڳ ئي عمر خيام وهسڪي جا خمار چڙهيل، ويتر مٿان ڪلوپيٽرا جو ڳالهائڻ يا هن جهڙوڪر منهنجي چوري

پکڑي ورتي هئي. مون کي ڪائي پئي محسوس ٿي ۽ اهو احساس مون کي ٿي رهيو هو.

-"آءِ ايم ربئلي ويري سوري." مون آهستي چيو.

-" منهنجو نالو ناديا آهي!" هوءَ لائونج ۾ سامهون صوفي تي ويهي رهي.

مان چپ.

-"توهان ويهو نہ هتي!" ڪلوپيٽرا مون ڏانهن ڏسندي چيو.

مان ڪنڌ هيٺ ڪري سندس سامهون پيل صوفي تي ويهي رهيس.

-"سر"، هن آهستي چيو.

-" جي!" منهنجا نيٺ هيٺ هئا.

-" سر توهان شايد مون کي ڪو نہ سڃاتو؟" هن چيو.

مان هڪ ٻڪو ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳس. واقعي مون ڪيس ڪڏهن ڏٺو ئي ڪونہ هو، ان ڪري ڪيئن ٿي هن کي سڃاڻي سگهيس؟

-"مان.....خان جي پيٽ آهيان." هن آهستي چيو.

-" اسلام آباد.....؟" مون کان چرڪ نڪري ويو.

-"جي ها، توهان ڪيترا پيرا اسان جي اسلام آباد واري بنگلي تي آيا آهيو." هن چيو.

منهنجي مٿان جهڙوڪر ڪائي چپ اچي ڪري. مون کي هن جو اسلام آباد وارو شاهي بنگلو ياد اچي ويو. اسلام آباد جي ايف سڪس ۾ خواجہ ناظم الدين روڊ تي ٽهيل ٻن هزارن والن جو شاندار بنگلو، جنهن جي لان ۾ ڪيترا موربينل ڏسي پهريون پيرو مون کي ڏاڍو تعجب وڪوڙي ويو هو. مان پهريون پيرو سال 1990ع جي سيپٽمبر مهيني ۾، هڪ وڏي ماڻهوءَ جي پٺ سان گڏ وٽن لنچ تي ويو هوس. مون کي چگيءَ ريت اها لنچ ياد هئي. گهر جو مالڪ نوجوان، سندس والد صدر ايوب خان جي دور ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ پنجاب جي هڪ علاقي جو وڏو ڪڙيل زميندار، اولهہ پاڪستان جي اڳوڻي گورنر مرحوم نواب ملڪ امير محمد خان آف

ڪالاباغ جو ذاتي دوست، جنهن جي نالي سان علائقي جا وڻ پيا وڃندا هئا. سندس اڪيلو پٽ ۽ ايڏو رعبدار ۽ محبتي ميزبان. ساڻس منهنجو دوستيءَ جو پير ايترو ته وڌي ويو، جو پوءِ آءُ جڏهن ۽ اسلام آباد ويندو هوس ته هو هر پيري منهنجي دعوت جهليندو هو.

چا نادیا هن جي سڳي پيٽ هئي؟

مون تعجب مان هن خوبصورت ڇوڪريءَ کي ڏٺو، جنهن جي نيٽن ۾ بغاوت ۽ بيزاريءَ سان گڏ صحرائي سينا جهڙي وشال رُڄ سمايل هئي.

-"تون يقين ڪر- مان سچ پچ ڏاڍو پشيمان آهيان!" مون آهستي چيو.

-"نہ سر! ڪائي ڳالھ ڪانهي... مون توهان کي پليز ۾ ئي سڃاڻي ورتو هو.... شايد پنهنجي سڃاڻپ نہ ڪرايان ها، پر توهان جي اکين ۾ پنهنجي لاءِ ڏڪار ڏسي الائي ڇا ٿيو جو پنهنجو تعارف ڪرائي ويٺيس." هن ائين چئي ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو.

مون هن ڏانهن ڏٺو، هوءَ واقعي ڏاڍي عجيب هئي. ڪائي پراسرار ڇڪ هن ۾ موجود هئي. هر ڪنهن ۾ نہ، پر ڪنهن ڪنهن عورت ۾ ڪا ڇڪ ازلي ضرورت ٿئي ٿي. اها اڳلي کي ڇڪي چقمق وانگر گهلي ٿي ڪٽي اچي بيهاري. هن جي اکين ۾ نيل ندي کان ۽ اونهي ۽ عميق گهرائي هئي. هن جي هڪ ٻانهن ۾ امام ضامن ۽ ٻي ۾ سونو ڪنگڻ پيل هو. سندس نڪ ۾ لڳل لونگ جي چمڪ، روشنيءَ ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ائين ٿي مون تي پئي ڇڻ ساڻوٽيءَ جي مينهن ۾ اوچتو آسمان تي نڪري ايندڙ سج جي پوئين شعاع پوندي آهي ۽ هاڻي واقعي عمر خيام مڏ جا ڪيپ مون تي طاري ٿي رهيا هئا.

-"سر هڪ ڳالھ: مائينڈ ته نہ ڪندو، جيڪر مان اوهان جي سگريٽن مان هڪ سگريٽ ڪڍان." هن چيو.

مون مصطفيٰ جي سگريٽ جو پاڪيٽ هن جي هٿ ۾ ڏنو. هن ڏاڍي نفاست سان پاڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي ورتو. مون ماچيس مان هڪ تيلي ڪڍي دڪائي ته هن سگريٽ ڪٽي پنهنجي چپن ۾ جهليو. مون سندس سگريٽ دڪائي، تيلي وسائي ڇڏي.

(سچ پچ تہ الائي ڪيتري وقت کان وٽي سگريٽ ڇڪيندڙ عورتون مون کي ڏاڍو امپريس ڪنديون آهن. شايد انهيءَ ڪري جو ننڍڙي هوندي جيڪا خوبصورت عورت مون کي پهريون پيرو ڏاڍي وٽي، اها بہ سگريٽ ڇڪيندي هئي. حيدرآباد جي هڪ اميرگهراڻي جي هئي اها عورت. سندس مڙس انگلينڊ مان ڊاڪٽري پڙهي آيو هو، هوءَ بہ ساٺس انگلينڊ مان واپس وري هلي. نالو هو سندس ممتاز عباسي. هُن جو محلن جهڙو گهر اڄ بہ سينٽ بوناوينچر اسڪول حيدآباد کان اڳتي راحت سئينما واري گهٽيءَ جي مڙني واقع آهي. گهٽو وقت ٽيو تہ هوءَ مري چڪي آهي پر سندس سونهن ۽ سوپيا مون کان ناهي وسري. هي وڏي ڳالهہ اها تہ جنهن چوڪريءَ سان مون پهريون پيرو عشق ڪيو، اها بہ سگريٽ مون سان گڏ ڇڪيندي هئي. هُن جي پيتل سگريٽن جا ڪيترائي اڏڻ سندس وار، چند گلابن جون سُڪل ڪليون، هڪ ننڍڙي سگار باڪس ۾ ڪيتري وقت تائين مون وٽ پيل هوندا هئا. هڪ پيري مون پنهنجي زال کي چيو، "عورت سدائين مون تي مهربان رهي آهي." هن نہ پهہ وراڻي ڏني، "ها، پر اُهي عورتون، جيڪي سگريٽ ڇڪيندیون هجن ۽ آواره....." (مون ان مهل اچرج وچان هن ڏانهن نهاريندي سوچيو هو، ڇا واقعي هن سچ پئي چيو؟.)

-"سر توهان ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟" هن مون کي سوچن ۾ گم ٿيندي ڏسي چيو.

مون چرڪ پري چيو: "توهان....."

هن مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ ڪجهہ بہ نہ چيو.

مون لڄي ٿي هن کان پڇيو، "توهان لنڊن هلو پيا؟"

-"نہ سر مان لنڊن نہ پئي وڃان!"

-"تہ پوءِ؟"

-" مان، نيويارڪ پئي وڃان ۽ منهنجي فلائيٽ صبح جو سويل آهي." هن چيو.

-" مون سمجهيو....."

-" اوهان جي فلائيٽ صبح جو ڏهين وڳي آهي نہ!" هن چيو.

-"ها..... پر توهان، هي ڏگهي فلائيٽ چو ورتي؟"

-"مون کي پرامڊز (اهرام) ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. ادا گهٽو زور پريو ته ايجپٽ ايئر لائين ۾ نه وڃان، پر مون زوري هي فلائيٽ ورتي."

-"توهان آمريڪا گهمڻ پيا وڃو؟" پڇيم.

-"نه‌اُتي داخلا ورتي اٿم!" هن وراڻيو.

-"گهٽن سالن لاءِ ٿا وڃو!"

-"ڪڏهن به نه موٽڻ لاءِ" هن چيو

-مون هن کي ڏٺو. هوءَ ڏاڍي بولڊ هئي. سندس هر جواب ۾ ڪنيپيرتا شامل هئي. مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ هن کان پڇيو. "توهان پرامڊز ڏٺا؟"

-"ها اسان جيڪو ٽوئر ورتو هو ان ۾ پرامڊز ڏيکارڻ به شامل هو. پر رات جو پرامڊز ۾ اندر وڃڻ نه ڏنائون."

-"ڪيئن لڳا اوهان کي پرامڊز؟" مون پڇيو

-"پرامڊز واقعي ڏسڻ وٽان آهن. خاص طور تي رات جو پرامڊز کي ڏسڻ جو هڪ پنهنجو مزو آهي. چؤطرف ريگستان، مٿي آسمان ۾ هزارين ستارا ۽ هيٺ پرامڊز تي پوندڙ روشني- واقعي هڪ جادو آهي انهن ۾!!"

-"رات جو پرامڊز ڏسڻ جو مون کي به ڏاڍو شوق هو. چون ٿا ته پرامڊز ناهيندڙن ان ۾ هڪ وڏي ڪاريگري رکي آهي. ڇا تو تنهي اهرامن کي ڏسندي آسمان ۾ ٽري استار (ٽيڙن) کي ڏٺو هو؟"

-"نه سر" هن عجب مان مون کي ڏسندي چيو. شايد هن کي ائين لڳو هو، هو جڙ مان نشي ۾ ڳالهائي رهيو هوس.

-"مِٽ اها آهي ته تنهي اهرامن يعني خوفو، خيفري ۽ مينڪري جو لي آئوٽ اورين بيلٽ يعني ٽيڙن جي ليول سان نهيل آهي. تنهي تارن جون چمنبون تنهي پرامڊز جي چوٽين سان ملن ٿيون. دراصل قديم مصري ستارن جي علم مان ڇگيءَ ريت واقف هئا. هنن جو اهو ويساهه هو ته مرڻ کان پوءِ ماڻهو ختم نٿو ٿئي، بلڪ انهيءَ سان هن جي هڪ ٻئي جڳ ڏانهن سفر جي شروعات ٿئي ٿي. سندن عقيدو هو ته مصر ڏرتيءَ تي هڪ بهشت آهي ۽ نيل ندي ان

جو کير وارو رستو آهي. هڪ ڏينهن پرامبز ۾ ستل خوفو اٿي آسمان ۾ بينل سج ڏانهن هليو ويندو، ان کي اهرام سج ۽ تارن جي سڌ ۾ ناهيا ويا."

-"سر توهان کي ته وڏي معلومات آهي پرامبز بابت. توهان کي اهي ضرور ڏسڻ گهربا هئا. پر توهان پرامبز ڏسڻ ويا چو نه؟"

-"بس، ڊرائيور اسان کي مس گائيڊ ڪيو. هاڻي وري اچي ڏسندس." مون چيو.

-"توهان وري موٽي ايندا؟" هن اچرج مان پڇيو.

-" ها، مان وري موٽي ايندس. چون ٿا ته نيل ندي جي پاڻيءَ ۾ هڪ ڪشش آهي. اهو پاڻي جيڪو هڪ پيرو پيئندو آهي، ان کي نيل ندي وري پنهنجي ملڪ گهرائيندي آهي!"

هن مرڪي چيو، "توهان ته نيل ندي جي پاڻيءَ سان گڏ ي ٻيو بہ ڪجهہ پيتو آهي. ٿي سگهي ٿو ته توهان وري موٽي قاهره اچو..... پر آءٌ هاڻي ڪڏهن بہ واپس نہ ويندیس!!"

-"پنهنجي وطن بہ نہ؟"

-"بلڪل نہ"

- ائين چئي هوءَ چپ ٿي وئي. نہ هن ڳالهايو نہ مون ڪجهہ چيو. ڪڏهن ڪڏهن مائ کي بہ پنهنجي ڪائي معنيٰ ۽ کو مطلب هوندو آهي.

- منهنجي دل گهريو، جيڪر هن کان پڇان، ته هوءَ آخرڪار همیشه لاءِ ڇو پئي وڃي ۽ اهو سوال منهنجي اندر مان نڪري نروار ٿيو.

-"توهان کي ته پنهنجي وطن ۾ هر سک آهي. منهنجو مطلب آهي ته توهان....!" مان الائي ڇو اڳتي ڪجهہ نہ چئي سگهيس.

-"هر سک ۾ اندر جو سک سمايل نہ هوندو آهي سر." هن ڏک مان چيو.

-"سک ۽ سکون انسان کي، هر سک هوندي بہ واقعي سک نٿو ميسر ٿئي. پر....."

- هن منهنجي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو "پر مان انهن

خوش نصيبن مان ناهيان.“

- مون هن تي هڪ نمارو جهندي ڪنڌ هيٺ لاڙي ڇڏيو. الائي ڇو مان هن جي تکي ۽ تيز نمار جو مقابلو نہ ٿئي ڪري سگهيس. منهنجون اکيون هيٺ هيون، پر وري بہ همٿ ٻڌي چيم، ”هڪ ڳالهہ چوان- مائينڊ تہ نہ ڪندو.“

”نہ سر توهان ضرور چوو“. هن آهستي چيو.

- ”حياتي ۾ هر ماڻهو کي نہ کي سپنا ڏسندو آهي. بلڪ اسين سڀ خواب ڏسندا آهيون ۽ انهن خوابن جي ساڀيائن جي آس رکندا آهيون. پر کي کي ماڻهو خواب ڏسندي ڏسندي انهن جي اسرارن ۾ وڃائجي ويندا آهن. مون کي محسوس ائين ٿو ٿئي تہ تو جيڪي ڪجهہ گهريو اهو توکي حاصل ٿي نہ سگهيو. ۽ تنهنجي زندگي ۾ مختلف حصن ۽ رستن ۾ ورهايل آهي. تنهنجا بہ روپ آهن. ڪوشش ڪر تہ جيئن پنهنجي پاڻ سان گهٽ وڙهي سگهين.“

نشي جي بولبڌنيس ۾ هن کي اهو چئي ڏنم جيڪو ٿي سگهي ٿو تہ هوش جي حالت ۾ نہ چئي سگهان ها.

هن ماٺ ڪري منهنجي ڳالهہ کي ٻڌو. پهريون پيرو مون هن کي تعجب ۾ ايندي ڏٺو. چوڙ لڳي، ”سر توهان آسٽرونامي۽ ۾ يقين رکو ٿا؟“

-”ها مون کي ستارن جي علم تي يقين آهي. منهنجو پورو پورو ويساهہ آهي تہ انسان جي حياتي تي ستارن جي چال جو اثر ضرور پوي ٿو!“ وراڻيم.

- ”توهان کي ايسٽرولاجي اچي ٿي؟“ هن پڇيو.

-”منهنجي ايسٽرولاجي ۾ ايتري تہ ڄاڻ ڪونهي، پر مان ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ٻڌائي سگهندو آهيان.“ (مون ڪوڙ ڳالهايو)

”- نہ سر توهان کي ايسٽرولاجي ضرور اچي ٿي. توهان مون کي ڪجهہ ٻڌايو پليز.“

هن يڪدم پنهنجا ٻئي هٿ کٽي مون ڏانهن اڳتي وڌايا.

-”توهان منهنجو هٿ ڏسو سر.“

مون هن جي بيحد سهٽن هٿن کي ڏٺو. مخروطي ڏگهيون

ڏکيون آڳريون، سندس ننھن تي لڳل ڳاڙھي نيل پالش، ساڃي ھٿ جي چيڇ ۾ پيل سونو ويڙھ ۽ ٻانھن ۾ پيل سونو ڪنگڻ. مان ھُن جي ساڃي ھٿ کي پنھنجي ھٿ ۾ جھلي، ھُن جي ھٿ ريکائن کي ڏسڻ لڳس. نرگس جي گلن جھڙو ھن جو ھٿ، جنھن تي انيڪ ريکائون، سندس چيڇ ۽ وچينءَ آڱر جي وچ ۾ مرڪيوري جا اُپار ھن جي مالدار ھٿ جي شاھدي ڏيئي رھيا ھئا. مان سچ پچ ته ھن جي ھٿن جي ريکائن ۾ گم ٿي ويس. (تنھنجي ھٿن جون ريکائون نرگس جي گلن جھڙيون، جڏھن ٻہ ياد ايندیون ته مون کان ڪڏھن ٻہ نہ وسرنديون!)

"ـ سر ڪجھ ٻڌايو نہ."

ھن جي آواز تي مون اکيون کڻي ھن ڏانھن ڏٺو. ھوءَ مرڪي مون ڏانھن ڏسي رھي ھئي. سندس ھٿ منھنجي ھٿ ۾ھو. مان ڇڻ ھوش ۾ اچي ويس.

"تون لبرا آھين؟" مون اونداھيءَ ۾ تير ھنيو يا ھن جي ھٿ جي ريکائن مان ڪجھ سمجھي ويس.

ھن يڪدم چيو.

"I cant believe, but you are right, really, Iam libra. Sir tell me more!"

"ـتون طبيعت جي بيحد ضدي ۽ خوددار آھين. ھڪ پيرو ڪا ٻہ شيءِ توکي وٽندي آھي ته ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ ھر طرح سان ڪوشش ڪندي آھين. جيڪڏھن زندگي ۾ توکي ڪا ٻہ شيءِ نہ حاصل ٿي، ته تون ان لاءِ ھڪ طويل انتظار ڪري سگھين ٿي، پر تو جيڪي ڪجھ گھريو ٿي اھو توکي حاصل ٿي نہ سگھيو!!"

اوچتو مون ھن جي ھٿ تان نھار مٿي ڪري سندس چھري کي ڏٺو. سندس سمنڊ جھڙن اونھن نيٽن ۾ نما شام جھڙي اُداسي جي اونداھہ لھي آئي ھئي.

مون يڪدم سندس ھٿ کي ڇڏي ڏنو. پوءِ نہ ھن ڳالھايو نہ مون ڪجھ چيو. ھوءَ اکيون ھيٺ ڪري ويھي رھي. خبر ناھي ڪيتري ھل گذري ويئي. خبر ئي نہ پئي.

ـ"سر توهان واقعي عجيب ماڻهو آهيو!". اوچتو هن چيو.
ائين چئي هو ماڻ ٽي وئي.

ڪجهه گهڙين کان پوءِ هن پاڻ مرادو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي آهستي آهستي. هڪ هڪ لفظ تکي ترار جهڙو! سندس آتم ڪتا ٻڌي سچ پچ ته منهنجي اکين ۾ لڙڪ لهي آيا. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن جي داستان کي ڪيئن بيان ڪريان؟ خبر ناهي، ڪنهن ڪنهن انسان يا هر ڪنهن ماڻهوءَ جي اندر ۾، ڪڏهن ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ مهل عشق جي تيلي پڙڪو ڏيئي ٽي ويندي هاري؟

هن جي اندر ۾ به عشق جي تيلي ڏکي ته ڪنهن جي لاءِ؟ سندن ئي هڪ غريب هاريءَ جي پٽ لاءِ؟ اهو چوڪرو هن ڏٺو پنهنجي ڳوٺ ۾. هوءَ اسلام آباد جي هڪ ماڊرن ڪاليج ۾ پڙهيل ۽ چوڪرو؟... چولستان جو رهاڪو! هڪ پيري پنهنجي ڪاليجي ساهيڙين کي دراوڙ قلعو ڏيکارڻ ويئي. موٽي ته هن جي عشق ۾ ائين ڦاٽي جيئن ڪائي مڇي هار ۾ ڦاسندي آهي. ڳوٺان ٽي اسلام آباد پهتي ته محسوس ڪيائين ته هڙ پنهنجو سڄو تن من هوءَ ڳوٺ ڇڏي آئي آهي.

ڪجهه مهينن بعد وري هن سان وڃي ملاقاتن جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين، نتيجي جي هاڻ به ڪيس ڇگيءَ ريت هئي. هڪ ڏينهن، پنيرڪي مهل، هوءَ اتان پنهنجي محبوب کي وٽي پڄي نڪتي. پروگرام سندن ڪوئيٽا رستي ايران ڏانهن نڪرڻ جو هو، پر هوءَ گهران ڇا نڪتي، هڙ دراوڙ قلعي ۾ ڏار پئجي ويا. سندس پاءُ جا نوڪر، شڪاري ڪتن وانگر نوس ڪندا اچي سندن ڪيڙ لڳا.

هو ٻئي بس ۾ هئا. بس رستي ۾ خراب ٽي ٿي. ان مهل شام جي مهل هئي. سج لهي ويو هو. هن کي چادر اوڍيل هئي، پر سندس عاشق سڃاتو ويو ۽ پوءِ جيئن روايتي طور تي ٽيندو پيو اچي، هن کي ڪجهه نه چيو ويو، بلڪ ڪيس واپس اسلام‌آباد وٽي آيا. البت سندس محبوب جو سڄو ڪٽنب ناس ٽي ويو. بعد ۾ ڪيس خبر پئي ته عشق جي راهه تي هلڻ جي سزا ڪيس ڇڙو جدائي جي صورت ۾ ۽ هن جي محبوب کي جيئري باهه ڏئي ساڙيو ويو. ان ٻريل باهه جو

سيڪ ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ضرور محسوس ٿيندو آهي.

ان وقت هوءَ محسوس ڪندي آهي ته عشق جي تيلي جيڪا سندس اندر ۾ هڪ ڏينهن دکي هئي، تنهن پنهنجي عاشق کي ئي ساڙي چڏيو هو. ڪن پل لاءِ جيڪو سڄ سندس زندگي کي سوجهرو ڏيڻ لاءِ ايريو هو، سو اوچتو اُلهي اڏ پنڌ ۾ ڪيس هميشه لاءِ اونداهو ڪري ويو هو. هن جي حالت اها هئي جڻ:

هن اڪيڙين جي بند خانن ۾،
چند سپنن جي ريزگاري آ.

سال اڏ پچاڻان هن جي من ۾ هريل مڇ ٽري چار ۾ بدليو، ته سندس پاءُ ڪيس پنهنجي هڪ ڪزن سان پرٽائي چڏيو. اُتي ئي اسلام آباد ۾ هن پنهنجي مڙس سان گڏ گذارڻ شروع ڪيو، پر اهو سلسلو بہ گهٽو اڳتي نہ هلي سگهيو. مڙس طعنن جا تير هٽي سندس هاڻ جهوري وڏو. هوءَ گلن ۾ تورڻ جهڙي ڇوڪري، هڪ ڏينهن چپ چاپ پنهنجي مڙس جي مار کائي رهي هئي ته اوچتو سندس پاءُ اچي نڪتو. جاگيردار پاءُ پنهنجي اڪيلي پيٽ جو اهو حال ڏسي، ان محل پنهنجي گهر وٽي آيو. نتيجو طلاق ۽ حياتيءَ جو ويراڳ، جنهن کي پوڳڻ لاءِ هوءَ آمريڪا پئي ويئي.

سندس چواڻي ته وڃان پئي، ڪڏهن بہ نہ ورڻ لاءِ!
«ساجن ڪارڻ سڄ ، مر قبولي سسئي!»

هوءَ مات هئي ۽ مان بہ خبر ناهي ته ڪهڙين ڳڻتين جي درياهہ ۾ لڙهي ويس. ڪيڏي نہ ڏکويل هئي هوءَ! خبر ناهي ته ڪنهن ڪنهن ماڻهو کي چو ننڍي جمار ۾ ئي وڃہ جا ڏڪ پيڻا تا پئجي وڃن. هُن کي پنهنجي پهرئين محبت نہ وسري سگهي هئي. هر ڇوڪري، پنهنجي پهرئين عشق جي يادن کي مجبورين جي زنجيرن سان ٻڌي چڏيندي آهي. پوءِ اُهي وڇوڙي جي غمناڪ گهڙين سان پيون هن کي ڇلهيندیون آهن.

واقعي اهو سڄ آهي ته خوشي ۽ غم حياتيءَ جا بہ رليتو ترمس آهن. انهن کي سمجهڻ لاءِ حياتي جا الائي ڪيترا رڻ جهاڳڻا تا پون. خوشيون وري موتي ڪڏهن بہ نٿيون اچن، پر پچتاءَ يا ڳوڙهن

سان کا بہ شيءِ موتي نٿي سگهي. خوشنصيب هوندا آهن اهي انسان، جن کي عشق ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي. پر ناڪام اهي بہ نہ هوندا آهن، جيڪي محبت ڪندا آهن ۽ ان ۾ کين حاصلات نہ ٿيندي آهي. ڇڙو بظاهر ڪاميابي ئي زندگي جي ڪيترين مشڪلاتن جو آخري حل ناهي. زندگي، حادثن ۽ اتفاقن جو ٻيو نالو آهي. ڪير ڪٽي، ڪيئن، ڇو ۽ ڇا لاءِ ملي ٿو ۽ وڃڻي وڃي ٿو ڪڏهن بہ وري نہ مڪاميلو ٿيڻ لاءِ ۽ انسان جيڪو سڄي حياتي ڳولا ۾ رهي ٿو سونهن، حقيقت ۽ خوشيءَ جي لاءِ، تنهن کي ڏاڍي ديرکان پوءِ ئي زندگيءَ جي بي رحمين جي خبر پوي ٿي! قرة العين حيدر سچ چيو آهي ،تہ "دنيا ۾ فقط اُهي ماڻهو ئي خوش ٿا رهي سگهن، جيڪي زندگيءَ کي بنا ڪنهن بحث ۽ تڪرار بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي قبول ٿا ڪري وٺن. اسين جيترو تڪرار ۽ سوال ڪندا آهيون، اوترو ئي وڌيڪ اسان تي ظاهر ٿئي ٿو تہ زندگي ڏاڍي ڪٺن آهي!"

"۔ سر مان زندگيءَ جي هر بازي هارائي چڪي آهيان. زندگي جي اڪيلائي مون کي چؤطرف کان پنهنجي گهيري ۾ ونڊي ڇڏيو آهي. هاڻ تہ لڳي ٿو تہ مان اڪيلائيءَ جي جهنگل ۾ هلندي پئي وڃان. ڪا بہ منزل ناهي. ان ڪري مان چاهيندي آهيان تہ ماڻهو مون کان نفرت ڪن." هن آهستي چيو.

مون هن کي ڪا بہ وراڻي نہ ڏني.

(دل ديان گلان، دل هي جاڻي، هورنہ جاڻي ڪوئي)

ان مهل لابي آهستي آهستي ماڻهن کان خالي ٿي رهي هئي، رات جا خبر ناهي ڪيترا پهر لنگهي چڪا هئا. مون هن کان ٽائيم پڇيو. هن ٻڌايو، "صبح جا ساڍا چار پيا ٿين."

اسين لابي مان اٿياسين، ان مهل هوٽل جي عملي کان سواءِ سڄي لابي خالي ٿي چڪي هئي. مون ڪائونٽر تان پڇا ڪئي، "ايئرپورٽ سيڪان پهرئين وين ڪهڙي وقت ويندي."

"۔ صبح جو پوٽين ڇهين کان وين هلڻ شروع ٿي ويندي." هن ٻڌايو.

ڪلوپيٽرا پڇيو، "مون کي ايئرپورٽ تي گهٽي وڳي رپورٽ

ڪرڻ گھرجي؟."

ڪائونٽر تي ويٺل چوڪريءَ سوال ڪيو. "تنھنجي فلائيٽ ڪھڙي وقت آھي."

"-صبح جو اٺين وڳي." ڪلوپيٽرا ٻڌايس.

"تہ پوءِ توکي فلائيٽ کان ٻہ ڪلاڪ پھرئين وين ۾ ايئرپورٽ وڃڻ گھرجي." رسيپشنسٽ وراڻي ڏني.

اسين ھن جو ٿورو مڃي اڳتي روانا ٿياسين. ھوٽل جي بيسمينٽ ۾ ٻہ سُڄ لڳي پئي ھئي. گھٽو ڪري مون واري ونگ جي سمورن مسافرن جي فلائيٽ صبح جو ڏھين وڳي ھئي. ڪلوپيٽرا جي ڪمري وٽ پھچي، مون ھن کان ڪارڊ ونڊي، کيس ڪمرو کولي ڏنو. ھوءَ اندر ھلي ويئي. مان ٻاھر بيھي سندس انتظار ڪرڻ لڳس. ھوءَ ڪن پل ۾ اندران پنھنجو ھينڊ بيگ کڻي آئي.

"-توھان اندر کو نہ آيا." ھن پڇيو.

"- بس ائين ئي..." مون وراڻي ڏني.

ھن مرڪي ڪمري جو در بند ڪري ڇڏيو. مون ھن کان ھينڊ بيگ ورتي. ھن نہ نہ ڪري پنھنجي ھينڊ بيگ منھنجي حوالي ڪري ڇڏي.

"جيڪر تون چوين تہ مان توکي ايئرپورٽ ڇڏڻ ھلان." مون ھن کان پڇيو.

" نہ سرا اھڙي ڪا بہ ڳالھ ڪانھي. اڪيلي سفر تي مون کي گھبراھٽ بلڪل نہ ٿيندي آھي ۽ ھونئن بہ اڳتي جو سفر گھٽو ڏکو آھي، جيڪو مون کي اڪيلو ئي طئ ڪرڻو آھي." ھن ھلندي ھلندي چيو.

اسين ڪائونٽر تي پھتاسين. ساڳي چوڪري معنيٰ خيز نھار سان ڏسي ڪلي اسان کي ڪيڪر ڪئي. مون کي ڪارڊ ھن جي حوالي ڪيو. ھن تي ڪابہ پيمينٽ ڪانہ ھئي. چڙو ڪيس ڏپارچر ڪارڊ تي سگنيچر ڪرڻي ھئي.

"- ھيو اي نائيس ٽرپ اينڊ گڊ مارننگ فار بوٿ يو." ڪائونٽر تي ويٺل چوڪريءَ چيو.

ڪلوپيٽرا ٽينڪس چئي مون سان گڏ هلي. هوٽل جو وڏو شيشي جو دركولي اسين باهر اچي هوٽل جي پورچ ۾ پهتاسين.

"ـ ڪائونٽر واري چوڪريءَ سمجهيو ته پاڻ گڏ آهيون."

ڪلوپيٽرا چيو. مون هن کي ڏنو ۽ ڏکي مرڪ مرڪي ڏنم.

اسان جي پويان هوٽل جو پورچ سنسان هو. ايئرپورٽ ويندڙ وين اڃا نه پهتي هئي. اسين پورچ کان باهر ٽپي بيٺاسين.

مٿي آسمان تي آگسٽ جي رات آهستي آهستي باک ڦٽيءَ ۾ بدلجي رهي هئي. هيلو پولس واري علائقي جي پويان ايسٽرن ڊيزرٽ کان لڳندڙ ٺڏي ٺڏي هوا اچي پئي اسان کي لڳي. خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل قاهره جي آسمان تي ڪي ڪارا ڪڪر اچي مڙيا هئا. صبح جي انتظار ۾ بيٺل ڪجهه ستارا گهٽو هيٺ لهي آيا هئا. سڄي رات جو سفر ڪندڙ ٽڪل بيزار چنڊ انهن جي وچ مان ليئاڪا پائي رهيو هو.

مون پنهنجي پر ۾ بيٺل ڪلوپيٽرا کي ڏٺو. هن جا وار هوا ۾ پئي اڏاٽا. هن جي عنابي ڪارن ڪجلن نيٽن ۾ آسمان ۾ بيٺل سمورا ستارا ان مهل ائين چمڪي رهيا هئا، جيئن اونداهي ڪاري رات ۾، ڪنهن نيري ۽ گهري ڊنڊ ۾ رات جا تارا ٽم ٽم ڪري هرندا آهن. دور، مصر جي افق تي، حسن بن صباح جهڙي سازشي اونداهه چانيل هئي. ڪجهه گهڙين ۾ عمر خيام جي رباعين جهڙو اڇو اجرو کير جهڙو سوجهرو ڦٽڻ وارو هو.

اسين ٻئي ماڻ، وين اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. اوچتو هوا جو هڪ تيز ۽ ٺڏو جهوٽو هليو، ته هن کان سيسرات نڪري ويو. مون ڏنو ته هوءَ جهڙوڪر ڏکي رهي هئي. مون ٺڏي هوا کان بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪوٽ لاٿو ۽ اهو هن جي ڪلهن ۾ پارائي چڏيو.

"نه سرا مون کي سيءُ نٿو لڳي" هن چيو.

"ڪا ڳالهه ڪانهي... صحراءِ سينا جي ٺاريندڙ ريگستاني هوا پئي هلي ۽ تنهنجو سامان ته بيگيج ۾ هليو ويو هوندو!"

"هن مُرڪي، مانيٽي نظرن سان مون ڏانهن ڏسندي ڪجهه به نه چيو. اوچتو هن ڪوٽ جي کاپي کيسي کي هٿ لاتو. کيسي ۾ اها

ئي پرفيوم پيل هئي، جيڪا مون قاهره ايئرپورٽ تان ورتي هئي. هن ڪيسي مان شاپنگ بيگ ڪڍي، پرفيوم جي ڊبي کي ڏٺو، شايد هن کي تعجب ٿيو. پر اهو هڪ عجيب اتفاق هو. ڇاڪاڻ ته جيڪا پرفيوم هن قاهره ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ مان ڏسي واپس ڪئي هئي، سائي سندس آڏو هئي!

هن مون کي ڏسي ماڻ ڪري اها پرفيوم واپس ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي ڇڏي.

"ڪا جاڳالهه هئي، جيڪا مون نه سئي."

هن ايڏا ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو، ته ايتري ۾ ٻه نيگرو عورتون وڏن ٽيلهن سان گڏ اچي اسان جي پر ۾ بيٺيون. ايتري ۾ ايئرپورٽ ويندڙ وين اچي ويئي.

مون ڊرائيور کان پڇيو، "ايئرپورٽ"؟

عربي ڊرائيور ڏاڍي مان ڪنڊ ڏوٽي وراڻي ڏني. "ها ايئرپورٽ، هاڻ هر پندرهن منٽ کان پوءِ وين ايئرپورٽ ويندي رهندي!"

مان يڪدم وين ۾ چڙهي سامهون درياءَ واري سيٽ تي هن جي هينڊ بيگ رکي، ته هوءَ منهنجي پويان هلندي اچي سيٽ تي ويٺي.

هوءَ صبح جي جهونجهڪڙ ۾ ان مهل ڏاڍي سٺي پئي لڳي. هن جي نيٽن ۾ بيوسي ۽ مڪ تي چانيل پاڇا وين ۾ ٻرندڙ جهيٽي بلب جي روشنيءَ ۾ صاف نظر پئي آيا. ان وچ ۾ ٻه ٽلهيون نيگرو عورتون مون کي ٽيلهو ڏيندي وين ۾ چڙهيون، ته ڊرائيور وڻي وين کي گيئر هنيو.

مون هن جي ان ٻانهن تي هٿ رکيو، جنهن ۾ امام ضامن ٻڌل هو ۽ چيو، "امام ضامن ته توکي اڳي ئي ٻڌل آهي، اهو تنهنجو هن سڄي سفر ۾ ضامن رهندو. آخر ۾ چڙو هڪ دعا ڪريان ٿو ته خدا توکي غمِ حسين کان سواءِ ٻيو ڪوبه غم نه ڏئي!"

هن پنهنجوخوبصورت مخروطي آڱرين وارو هٿ، منهنجي هٿ تي رکندي چيو: "سر، ٿينڪ يو. مان توهان کي ڪڏهن به نه وساري سگهنديس.!"

مون ڏکويل مرڪ سان هن کي ڏٺو.

(ڏارٽيون ٽا، پر ناهي هيءَ ويل اسان جي ڏارٽيڙ جي!)

الائي ڇو هوءَ مون کي اٽجاڙ نہ پئي لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ سان گڏاريل ڪجهہ پل سدائين ڪنهن بڙ جي گهاٽي وڻ جي ٽڏي ۽ منڌ پاڇي جيان ساڻ پيا ڏيندا آهن ۽ ڪڏهن ته وري ورهين تائين گڏ گڏاريل گهڙيون، نٽهڻ اُس جيان ماڻهوءَ کي پيون ساڻيندیون آهن.

ان مهل مون پنهنجي دل ۾ هن لاءِ ڏاڍي اُڪير ۽ ڇڪ محسوس ڪئي. منهنجي دل گهريو ان مهل جيڪر آءٌ ڪيس پنهنجي اندر جي ڪاٻاڪاهہ ڪري ڇڏيان ته ڪيس چوان ته تون نہ وڃ. ڪيس اهو چوان ته تون هلي ويندينءَ ته بہ تنهنجي يادن جون شمعون منهنجي اندر ۾ سدائين روشن رهنديون، ڪڏهن بہ نہ وسامنديون.

پر ايتري ۾ نيگرو عورتن ۽ مردن جو هڪ ٽولو وين ۾ اچي چڙهيو، هنن مون کي ڏکو ڏيئي پوئتي ڪري ڇڏيو.

مان وين مان لهي دريءَ وٽ وينل ڪلوپيٽرا کي ڏسڻ لڳس ته ڊرائيور وڻي وين کي هلايو.

هن دريءَ مان هٿ لوڏي چيو، "سرا گڊ باءِ!"

مون هٿ لوڏي چيو "الوداع! نادیا."

ان وقت وين تيز هلڻ شروع ٿي وئي. هو دريءَ مان مون کي نهاري رهي هئي. مان وين سان گڏ چرين وانگر ڊوڙڻ لڳس. خبر ناهي ڇا ٿيو مون کي، ان مهل مان ڊوڙڻ لڳس. منهنجي دل گهريو، جيڪر مان وين سان گڏ ڊوڙندو وڃان... پر تيزيءَ سان ويندڙ وين سان مان ڪٿي ٿي ڊوڙي سگهيس!

وين پرهہ ڦٽيءَ جي ميرانجهڙي روشني ۾ منهنجي نهار کان اوجهل ٿيڻ لڳي. ڪا گهڙي ايئر پورٽ ڏانهن ويندڙ وين جون پويون بتيون نظر ايندیون رهيون ۽ پوءِ اُهي باک ڦٽيءَ جي اونداهي ۾ روشنيءَ ۾ گم ٿي ويون. مون تي ان ويل لهي آئي ڪائي شامِ غريبان!

پنهون پريشان ۽ بر بر نکو خان نہ مان، هئ هئ حال منهنجو.
مون کي بک بوتن جي، ناهہ ڏريم نان،
شهر صحرا پانيان، مون ليکي ميدان،

مون کي آري جام جو، آهي ڪاري ڪان.
رڱان ٽي رُجن ۾ آري لڳ عريان.
پٽيان منهنجي پسڻ لڳ، هڳ هڳ ٽي حيران.
ڪڍهن ٽيندو ڪيڇ ۾، مڱيءَ جو مڪان،
آهين عبداللطيف کي، اڳيان تون اڳواڻ.

مون ان مهل ڪنڌ مٽي ڪري صحرائي سينا جي آسمان کي ڏٺو. سامهون اوپر کان باک ڦٽي رهي هئي. آسمان تي ان پاسي سج جي لالاڻ ۾ چنڊ اوجهل ٿيندڙ تارا مون کي قياس مان نهاري رهيا هئا ۾ مان ڏاڍي بيوسيءَ مان قاهره ايئر پورٽ ڏي ويندڙ روڊ "هيلو پولس" کي ڏسي رهيو هوس، جنهن تي سواءِ تيزبتين ۾ مٽي چانيل اونداهي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

ڇا عمر خيام وانگر مون کي به مصطفيٰ ڪائي قديم مڏ ته نه پياري هئي!

اهو سڄو خواب ته نه هو؟

مون کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. نه مان عُمر خيام هوس، نه هوءَ منهنجي ڪائي ويجايل محبوبا هئي، جنهن جي ويڑ تي مان ويهي هنجون هاريان ها. چند ڳڻڻين جو ساڻ، گونگو ٻوڙو، خبر ناهي يا ڇمار وري ملون الائي نه؟.

چون ٿا ته عمر خيام جي هڪ بازنيطي محبوبا "زوئي" هن کان وڃائجي وئي. پوءِ هو سدائين پيو هن کي سارينڊو هو. هڪ پيري هو مصر آيو. اتان موٽندي حسن بن صباح کيس پنهنجي قلعي الموت ۾ وٺي ويو. اتي کيس ڪوئي مشروب پيارياٿين، اهو چئي ته هاٽي تون منهنجيءَ جنت جو سير ڪندين.

عمر خيام چوي ٿو ته واقعي هن خواب يا حقيقت ۾ حسن بن صباح جي جنت جو سير ڪيو. اتي اها ئي سندس وڇڙيل محبوبا "زوئي" کيس ملي. سرءُ جي چنڊ هيٺان، ڏنڊ ۾ ٻيڙي هلائيندي- پوءِ هن وري ڪڍهن کيس نه ڏٺو.

سچ پچ ته هن دنيا جا ڪيترا اسرار ۽ رمزون سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن. خبر ناهي ته ڪڍهن ڪٽي ۽ ڪنهن مهل ماڻهوءَ يا ڪنهن

ڪنهن ماڻهوءَ تي ظاهر ٿين ٿا اهي اسرار. (حياتي؟... حياتي ڪنهن ديواني قانون گو جي ڪنهن وجايل ملفوظات وانگر آهي. ورق ورق جدا)

هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ آهي هڪ سمونڊ ۽ ماڻهو وري آهي انهيءَ سمونڊ ۾ هڪ پراڻي ساموندي جهاز وانگر، جيڪو پنهنجي منزل وڃائي ويهندو آهي. هوا جي زور تي اونداهيءَ ۾ وڃي ٿو اهو جهاز لڙ لهرن ۾ لڙهندو.... ها ڇڙو محبت انهيءَ رستو پلجي ويل جهاز کي لائيٽ هائوس جو ڪم ڏيندڙ محبت جيڪا زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي، ڪنهن سوڙهي گهٽيءَ مان ٽئي ٽي اوچتو ظاهر! (۽ مون ڪنهن هنڌ لکيو هو، ته "اسين سڀائين محبت ڪندي خبر ناهي ته ڪٽي ۽ ڪنهن محل ڪائي غلطي ضرور ٿا ڪري ويهي رهون"- ۽ هڪ پيرو اتهاسڪ مصر جي هيلو پولس يعني سج جي شهر ۾، ٻيهر وري ڪا غلطي ضرور ٿي ويئي هئي.....)

خنک آں سوختہ جاناں، کہ چو فیضی دل خویش،
ہدف غمزہ، ناوک خگنی ساختہ اند۔

("مبارڪ آهن، اهي قتيل عاشق، جيڪي فيضيءَ وانگر پنهنجي دل کي ڪنهن تيرانداز جي غمزي جو نشانو بڻائي ويٺا.")

واقعي خوش نصيب آهن اُهي ماڻهو، جن زماني جي سموري سوختي پٽي جو شڪار ٿي محبت ۾ ناڪامي حاصل ڪئي!

اوچتو هوا تيز گهلي. آسمان تي ڪجهه اڇا پکي وٺي اڏاٽا. دور اوپر کان سج نڪرڻ جي تياري ڪئي. پريان ايئر پورٽ ڏانهن ويندڙ روڊ تي ڪائي گاڏي تيز هارن وڄائيندي لنگهي وئي ۽ منهنجي دل تي تري آئي عمر خيام جي هيءَ رباعي:

هاءِ! منهنجا پرين! ڪاش تون ۽ مان ڪري سگهون ها.
هن تقدير سان ڪائي سازباز،
۽ وٺي پنهنجي بند مُٺ ۾ هن دنيا جي سموري رنج ۽ الم کي،
پوءِ ڪري نه ڇڏيون ها ان جا پرزا پرزا،
۽ پوءِ ناهيون ها، ان مان پنهنجي لاءِ هڪ نئين ۽ دلپسند دنيا!
تنهنجو پنهنجو.

هو کيرٽر کڙو آ.....!

ڪرچات سينٽر جي عمارت تي شام جا پاڇا لڙي رهيا آهن. عمارت جي چوگرد بينل وٽن مان شام جي هوا گهوگهٽ ڪندي، پنهنجي وجود جو احساس ڏياريندي پئي وڃي. سامهون اولهه ۾ کيرٽر جبل تان شام جي اونداهي آهستي آهستي لهي رهي آهي. ڪرچات سينٽر آڏو لڳل هوا جا رخ ٻڌائيندڙ چار تير ايس ڊبليو، اي ۽ اين- تيز هوا هلندي به صحيح طرف ڏيکارين پيا. سامهون سج اولهه ۾ لهڻ جي تيارين ۾ آهي. گهڙيءَ ۾ ڇنڇر 29 هين ذوالحج 17 مئي 1999ع جو سج کيرٽر جي لکن پويان ٿهي هٽندو ۽ پهرئين محرم جو چنڊ ٿيندو ظاهر ته آڪاش تي پکڙيل شفق جا سمورا رنگ ٿي ويندا اوجهل!

(پهرئين محرم جي چنڊ ظاهر ٿيڻ کان اڳ، شام جي اونداهه چوماسي مينهن وانگر وڃي پئي روشنيءَ کي لپيٽ ۾ وٺندي.)

اوچتو ڪي پکي ڦڙ ڦڙ ڪري وڻي اُڏامن تا. شام جي سانت ۾ اهو آواز گهڙي لاءِ گونجي ٿو ۽ پوءِ وري ماڻ ٿي ڇانئجي وڃي. (هي اوپر ڏي ويندڙ پکين جون قطارون، پر ڇا پکين کي به جاڻ ٿي پئجي وڃي ته اجهو ٿو سج ٿهي هٽي..... ۽ رات ٿي ظاهر ٿئي)

(يا مولا! ڏاڍو ڊپريس ڪندڙ آهي هي ڏينهن)

ڇوڪرو جبلن جي وچ ۾ مان اڪيلو ۽ ڇوڪرو من کي اُڏوهيءَ جيان کائيندڙ هيءَ مند! سسئيءَ وانگر هي پهڻ کيرٽر جو کائڻ ٿو اچي، يا الاهي.....

هي جي لڪ،

هُو جي لڪ،

مون ماريندا لڪ،
ڪيڇ نہ اوڏيءَ ڇڪ
مون ماريندا لڪ!

شام جي هن پکڙجندڙ/تيزيءَ سان وڌندڙ اونداهيءَ ۾ هر شام کي ٽيندو آهي علحده رنگ! هر شام کي واقعي ٽئي ٽو پنهنجو رنگ، جبل جي شام کي به هوندو آهي پنهنجو رنگ! پنڌ ۾ جبل جي شام ڪنهن غنيم وانگر، اوچتي حملي آور جيان مٿان اچي ويندي آهي. سسئيءَ تي به جبل جي شام ائين حملي آور ٿي هوندي! لطيف سائينءَ کي به شايد ائين ڪٽي اڌ پنڌ ۾ جابلو علائقي ۾ شام پئي هوندي! (ان وقت ڪيڏونہ من تي ٽئي ٽو هڪ عجيب ڊپ طاري!)

هُو سامهون ڪيرٽر جي لڪن ۾ ٽُبي هڙڻ جي تيارين ۾ مشغول سج... ءِ مان سج کي لهندي ڏسان ٿو:

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٽو لهين سج،
آءٌ جي ڏيان سنيها، سي نيئي پريان نج،
وڃي ڪيڇ ڇڪج، تہ ويچاري واٽ مئي.

(اُهي ماڻهو، جيڪي پنهنجن منزلن تائين نہ پهچي سگهندا آهن.... يا اڌ پنڌ ۾ ماريا ويندا آهن/ مري ويندا آهن، تن کي ڇا اها اڳواٽ جاڻ پئجي ويندي آهي تہ هو اڌ پنڌ ۾مري ويندا؟ ڪڏهن پنهنجي منزل نہ ماڻي سگهندا!؟)

مئيءَ جي مارڳ، ڇپر ڇلي جي
تہ قدر ڪيڇين کي، هوند پوي تنهنجي پنڌ جو.

مئيءَ جي مارڳ، مئيءَ جي مارڳ..... مان من ٿي من ۾ اها ست ٿو ورجايان. لطيف سائينءَ جي هن بيت مان ڪهڙي معنيٰ ٿي ڪڍي سگهجي؟ سسئيءَ جي واتان هو ڇا ٿو چوڻ گهري؟.....

اوچتو سامهون ڳاڙهو سج لڪن ۾ لڙي اونداهہ ٿو پکيڙي چڏي.

لڙيو سج لڪن ۾ راسيون رتائين،
مون کي ماريائين، آيل اونداهي ڪري.

هوڏانهن سج لڪن پويان ٽُبي هنئي تہ ان جي پويان نڪري نروار ٽيو پهرئين محرم جو چند، ڪنهن انب جي سنهي ڏار وانگر!

(مان محرم جي چنڊ تي نظر ٿو وجهان) پهرئين محرم جو چنڊ اسان کي ليکا پائي ڏسي رهيو آهي. کيرٿر جي آڪاس ۾ محرم جي چنڊ سان گڏ شام جو اڪيلو تارو... هر طرف کان ڇانيل ماٺ ۾ ٿم ٿم ڪري پيو ٽمڪي!

(مٿي آڪاس ۾ هيٺ ڏرتي، ڇڻي پاسن کان ڏرتيءَ سان ملندڙ آڪاس ۾ ڏرتي هڪ گول پيالي وانگر)

مان اونداهه ۾ پوئتي نهاريان ٿو. اسان جي ساڃي ۾ ڪابه هٽ تي ٽڪرين مٿان سنڊ واڦيلڊ لائيف ڪاتي جا ننڍڙا هٽس ٽهيل آهن، اتي اسان کي رات گذارڻي آهي. پويان اوپر ۾ پرپروکيٽن ۾ بصر پوکيل آهن. کيٽن ۾ هڪ نار ۾ کوهه پريان کان ڇٽا پيا نظر اچن. کيٽن کان پرپرو ڪرچات جو ڳونڙو آهي. ڳوٺ جي ڪنهن گهر ۾ دڪايل باهه جو دونهون آهستي آهستي آڪاس ۾ گم ٿي رهيو آهي. سامهون اسان جنهن ٽڪريءَ تي بينا آهيون، اها ڪجهه مٽيري آهي، تنهن جي اڳيان ڪرچات سينٽر جي عمارت آهي ۾ سامهون جبل آهن. ڪرچات سينٽر جي عمارت جي پويان واڦيلڊ لائيف ڪاتي جا ماڙهو ڪاٽين تي باهه ٻاري، رات جي مانيءَ ٽاهڙ جي تيارين ۾ آهن. ڪاٽين تي دڪندڙ باهه جا اُلا شام جي اونداهي ۾ ڏاڍا عجيب پيا لڳن. کيرٿر جبل تي لهي ايندڙ اونداهه، چؤطرف ڇانيل سانت، مٿي آڪاس ۾ بينل محرم جي پهرين تاريخ جو چنڊ، شام جو اڪيلو تارو، تيز گهلندڙ هوا جا زوزاٽ، ڪاٽين تي ٻرندڙ باهه جون ڇيڙيون ۾ انهي سموري وايو منڊل ۾ بينل اسين سڀ، ڪنهن اتهاسڪ دور جا ماڙهو پيا لڳون. وقت ڇڻ هزارين ورهيه اڳ پوئتي موٽي ويو هجي. وقت ڇڻ ڪنهن فاسلز وانگر هر شيءِ کي پنڊ پهڻ ڪري ڇڏيو آهي. (ڪاش! انسان به وقت سان گڏ فاسلز ٿي وڃي ها) مون ٽاٽي بولا خان کان ڪرچات ايندي رستي ۾ پيل هزارين ورهيه پراڻي قبل مسيح جي دور جي ٽيل فاسلز کي ڏسندي سوچيو هو. چون ٿا ته هزارين سالن کان پيل ڪاٺ پٿر ٿي وڃي ٿو. پر ماڙهو فاسلز نه ٿو ٿئي..... ماڙهو..... منهنجو ذهن منجهي پيو.

"مدد صاحب! ڏسو ته اڄ محرم جو پهريون چنڊ... اڄ پهريون پيرو

آهي جو مان محرم جي پهرين رات مجلس ۾ شامل ٿيڻ بدران، هتي کيرٿر جي بيابان ۾ رات گذاريندس!"

منهنجي پر ۾ بيٺل نصير مرزا مون سان مخاطب آهي. هو محرم جي چنڊ کي ڏسي "يا حسين يا حسين" چئي چاتيءَ تي ٿو ڏڪ هڻي ۽ پوءِ محرم جي ذڪر تي منهنجي مٽان يادگيرين جا ڪڪر پنهنجي يادن جو وڏ ڦڙو مينهن ٿا وسائڻ لڳن.

(حيدرآباد شهر ۾ هار ۽ وڏا، جاين تي چڙهي محرم جو چنڊ ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن . محرم جو چنڊ آڪاس تي نظر اچڻ شرط چوٽرف پڙن تان جو نغارا ٿا وڄن ته هر گهر ۾ محرم ڪنهن شام غريبان وانگر ٿو لهي اچي. هو ڪارن ڪپڙن ۾ گهرن اندر اچ وچ ڪندڙ عورتون ڪير آهن؟ (مان ڏيان سان ڏسان ٿو) اسان جي پراڻي گهر جي اڱڻ ۾ نصراني فرش واري ٽلهي تي، اسان جي ماسي عالم خاتون، سيد ثابت علي شاهه جو بياض کولي مرثيو پڙهي رهي آهي:

چنڊ چڙهيو ماتم جو موٽي،
ٿي قيامت ۾ قيام!

رات جي پهر ۾ سندس دردبلو آواز گونجي رهيو آهي. بياض ڪنهن وڏي جي هٿ اکرين سجو ڪاري مس سان لکيل، مرثين سان پريو پيو آهي. مرثيو پڙهندي پڙهندي، ڪنهن ڪنهن محل هن جي اکين ۾ ٻہ چار لڙڪ ٿا لهي اچن، جن کي هوءَ عينڪ لاهي پنهنجي ململ جي رئي سان ٿي اڳهي ۽ وري عينڪ پائي مرثيو پڙهڻ ٿي لڳي.....

۽ پوءِ رات جو مجلس.....

"ڏاڪرياڻي زهرا مجلس پئي پڙهي."

"مون کي خبر هئي ته منهنجي حسين سان ڇا ٿيندو، سر ڏئي ٿيا سُرها فاطمہ جا لال. هاءِ حسين! جناب امير جو قسم نبي ڪريم ﷺ جي ڏوهٽن سان هڙو حال ٿيندو! بيمار ڪربلا سجاد، اُجايل علي اصغر، شهزادو علي اڪبر، هاءِ حشر جو ڏينهن، اڪيلو حسين ۽ سجو سارو ڪافرن جو لشڪر." (ننڍي هوندي سمجهندو هوس ته امام حسين کي قتل ڪندڙ ڪافر هئا). ڏنو سر حسين.....

علي مولىٰ... هاءِ مولىٰ.... هاءِ مولىٰ... علي مولىٰ....

هئ هئ رڙ ۾ بيبي بانو
سر تي خاڪ وسائي ٿي
شاهه حسين جي لاش تي ويهي
نيٽوُن نير وهائي ٿي

هر ڏينهن جو پنهنجو مرثيو، حشر جي رات جو پنهنجو مرثيو، صبح جو پنهنجو مرثيو، حشر جي شام جو پنهنجو مرثيو.....!.....

پر هو ڏهه ڏينهن ڪٽون اونڌيون ڪري، ڪير نه واپرائيندڙ حشر جي ڏينهن چلهو نه ڏکائيندڙ، سڀ ڪيڏانهن هليا ويا؟

"ڪيڏانهن هليا ويا سڀ؟"

مان خيالن جي دنيا مان موتي هيڏي هوڏي ڏسان ٿو، ڪو به باقي ناهي بچيو. محرم موتي آيو، موٽيا تان نه امام! محرم ته موتي ٿو اچي پر موتي نٽا اچن اهي ماڻهو جيڪي ملهائين ٿا محرم. هر شيءِ ٻڌندڙ سڄ وانگر آخر فنا، هر شيءِ جو آهي انت.

("مختصر ڳالهه اها ته اسان کي ڇا حاصل ٿيو؟ پاڻيءَ وانگر آياسين ۽ هوا وانگر هليا وياسين" عمر خيام)

اوچتو مان پاڻ کي هيترن سارن يارن دوستن جي موجودگيءَ ۾ به بيحد اڪيلو ٿو محسوس ڪريان. مان پنهنجن خيالن جي دنيا مان موتي پنهنجن يارن ڏي نظر وجهي ڏسان ٿو. اسان جا دوست مون کان گهڻو پريرو وڃي چڪا آهن ۽ مان خبر ناهي ته ڪيترا ورهيه پراڻين يادگيرين جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي ويو آهيان. مان به ٿي وڪون ڪٽي وائلڊ لائف ڪاتي جي عملدار غلام سرور جمالي جي وڃي پروٽان ٿو.

"رني ڪوٽ هتان کان گهڻو پري آهي؟" محسوس ڪريان ٿو ته مون اهو سوال پنهنجي اندر جي اڪيلائيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ هن کان ڪيو آهي.

-"سائين! جتي بينا آهيون، تنهن جي اوير ۾ آهي جهٽنگ جبل. اسان جي پاسي کان لوٽو جبل آهي، ان جي پويان هوڙي جبل آهي ۽ رني ڪوٽ وري آهي هتان کان ٽيهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي."

ـ"مطلب تہ هتي جي جبلن جي چوٽين جو جدا جدا نالو ٿئي."

ـ"ها سائين!"

ـ"پلا رني ڪوٽ جو ڪهڙو پاسو ٿو ڪرچات کي لڳي"؟

ـ"موهن گيٽ وارو"

ـ"موهن گيٽ!....." موهن گيٽ جو نالو ٻُڌي مان ٽيهارو ورهيہ اڳ 1970ع جي دور ۾ ٿو هليو ويجان.

"هڙڪ هلو، ڊيمان هلو، هڙڪ هلو، ڊيمان هلو" ايار جو گيت اسان جي چپن تي آهي ۽ اسين عنايت الله ڏمچر جي اڳواڻي ۾ وڃون پيا ملڪ امان الله خان جي ڪنارا جيپ ۾. سائين. جي ايم سيد سنڌ متحده محاذ جو ڪوهستان مان قومي اسيمبلي سيٽ لاءِ اميدوار، مقابلي ۾ پيپلز پارٽي جو ملڪ سڪندر خان. سڄي ملڪ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جو جادو چڙهيل، ڪير ٿو صوبائي خودمختياري، سنڌ ۽ سنڌين جي ڳالهہ ٻڌي؟ ٽاٽي بولا خان جا ماڻهو ڊنل ۽ هيسيل. اسين الهبچائي يار محمد سمي جو ڪتاب "سير ڪوهستان" پڙهي انهن ڪوهستاني ماروئڙن کي پيا ڳوليون. هاري ڪميٽي جو شاعر عنايت الله ڏمچر اسان جو اڳواڻ. ٽاٽي بولا خان جا ماڻهو سردار جي خوف کان ڳالهہ ٻڌڻ تہ پري رهيو پر پاٽي پيئارڻ کان بہ لاچار. اوچتو ملڪ امان الله خان جي جيپ خراب ٿي پوي ٿي ۽ اسان ڊڳي گاڏين ۾ چڙهي اليڪشن ورڪ جاري رکون ٿا. هڪ رات ڪرچات وٽان ٽيندا اونداهي ۾ رني ڪوٽ جي پٽ وٽان لنگهون پيا. رات جي اونداهيءَ ۾ رني ڪوٽ جي هيبتناڪ ديوار، سفر ڊگهو ۽ منزل دور! پنڌ پرينءَ جو پنڌ پلو ميان، هڙڪ هلو ڊيمان هلو..... اونداهي رات جو شروع ٽيل سفر لڳي ٿو اڄا بہ جاري آهي.

"توهان اڳي بہ ڪڏهن هِت آيا آهيو؟" جمالي مون کان پڇي ٿو.

(ڇا هو منهنجو ذهن پڙهي رهيو هو؟)

ـ"ها، گهڻو وقت اڳي هتي آيو آهيان، پر تڏهن زمانو ٻيو هو."

ـ"ڪڏهن؟"

ـ"1970ع ۾."

ـ"الاهي زمانو ٽيو آهي انهيءَ ڳالهہ کي."

-"ها واقعي وڏو وقت ٿيو آهي..... پلا اهو ٻڌاءِ ته جهانگارا هتان کان ڪيترو پري آهي."

-"جهانگارا هتان کان اتر ۾ واقع آهي ۽ بلوچستان وري آهي اولهه ۾. لس ٻيلي جو شهر دريجي هتان اولهه کي لڳي ٿو."

وائيلڊ لائف جي عملدار جمالي ۽ کي هتان جي ڪنڊ ڪڙڇ جي مڪمل ڄاڻ حاصل (جڏهن هن ٻڌايو ته هو اصل نواب شاهه جو آهي ته مون کي ڏاڍو تعجب ٿو لڳي) چند سالن ۾ هو هتان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ڪيترو نه واقف ٿي ويو آهي.

اسين ڪافي دير اتي بينا رهون ٿا، تان جو رات جي اونداهي مڪمل چؤطرف ڇانئجي وڃي ٿي. آسمان ۾ بيئل چنڊ گهڙيءَ ۾ ڪيرٿر جبل جي وڃان ٽپي هڻڻ جي تيارين ۾ آهي. ايتري ۾ جمالي مون کي هيٺ سنڊ وائليڊ لائف جي ننڍڙي ٽهيل ميوزم ۾ وٺي ٿو هلي، جيڪو ڪرچات سينٽر جي عمارت جي بنهه پر ۾ واقع آهي. ميوزم جي ننڍڙي هال جي اندر هڪ بتي جي روشني ۽ ڇانيل اُبس مون کي ويتر ڊپريس ٿي ڪري ڇڏي. هال ۾ ڪوهستان جي ڪيترن ئي جانورن جون استف ٿيل سسيون پتين تي لڳل آهن ۽ وچ ۾ ٽهيل ڪيرٿر پارڪ جو ماڊل رکيل آهي. منهنجي پر ۾ حميد سنڊي، تاج جويو، نصير مرزا، مظهر لغاري، ناز سهتو، انعام شيخ، زيب سنڊي، اعجاز ڪوکر، نفيس احمد ناشاد، نياز پنهور، انور بلوچ، اسحاق مگريو بيئل آهن. هال ۾ ڇانيل اونداهيءَ ۾ هڪ بتي جي روشني ۾ استف ٿيل سورهن گڏهن جون سسيون ۽ اسين سڀ، هيبتناڪ وايو منڊل جو هڪ حصو پيا لڳون. اوچتو منهنجو ساهه منجهڻ لڳي ٿو ۽ مان هال کان ٻاهر نڪري اچان ٿو.

ٻاهر اونداهه جو راج آهي. مٿي آڪاس ۾ محرم جي پهرين تاريخ جو چنڊ آسمان ۾ اوجهل ٿي ويو آهي، (يا ڪيرٿر جي پويان ٻڏي ويو آهي) البت آسمان ۾ اٽڪيل تارا آسمان کي ڏسي رهيا آهن. منهنجي پر ۾ ڪرچات سينٽر جي وڏي عمارت آهي، جنهن ۾ اسان کي هتي گهمائڻ لاءِ وٺي ايندڙ اسان جي قافلي جو ساٿ ڏٺي حميد سنڊي ڏيان سان ڏسي رهيو آهي.

مان عمارت جي ٻاهران پيل هڪ ڪرسيءَ تي اونداهه ۾ ويهي رهان ٿو. منهنجي پر ڪان نصير مرزا ۽ عرفان علي انصاري اچي لنگهن ٿا. مان هنن کان ٽائيم پڇان ٿو. "رات جا اٺ ٽيا آهن". هو ٽائيم ٻڌائي مون کان پرپرو وڃي ڪرسين تي ويهي رهن ٿا. عرفان انصاري جي هٿ ۾ نندڙو ٽرانسسٽر آهي. ريڊئي تان بي بي سي جون خبرون اچن پيون. رات جي خاموشيءَ ۾ تارن پري رات هيٺان هلندڙ ٽڏي ٽڏي هوا ۾ ريڊئي جو آواز من کي ڏاڍي آٽت ڏئي رهيو آهي. اسان جا دوست اڄا ميوزم مان واپس نه وريا آهن. ڇوٽڪارو ٻاٽ اونداهي جو راڄ آهي. ڪرڃات سينٽر جا ملازم جنريٽر هلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن. مان اتي ڪرسي تي ويهي ڪرڃات بابت سوچڻ لڳان ٿو.

"هيءُ ماڳ، پوڪرا (پوکڻ) کان چار ميل ڏکڻ طرف آهي. دلچسپ ڳالهه هي آهي جو ان جي مٽاڇري تان ئي اسان کي شيون هٿ لڳي ويون. ڪرڃات جي ٻاهران 27 فوٽ اتاهون دڙو آهي، ان جي لاهه 75 فوٽ ۽ منڊو 680 فوٽ آهي. هي ڪيرٽر جبل کان اوپر طرف واقع آهي. هن دڙي کي هتان جا ماڻهو "معصوم جي بني" ڪري سڏيندا آهن. دڙي جي پر پاسي تي پاڻي جا جهرڻا آهن. ماڻهو انهن جهرڻن جو پاڻي واهڻ ۾ آڻي زمينون آباد ڪندا آهن. ڪارو پٿر، جنهن کي پٽين جي پيڙهه ۾ ڪتب آندو ويندو آهي، سو مٽاڇري تي اڏيو پيو آهي. اتان کوٽائي دوران اسان کي پٿر جا اوزار، ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ وارا ٺانو، مٽي جي پڪل شين جي ڀڳ ۽ مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون ۽ ٻيون شيون لڌيون آهن. انهن شين مان اسان کي اندازو ٿيو ته اهو ماڳ تامي واري دور جو همعصر آهي ۽ سنڌ جي ثقافت جو همعصر آهي.

"هن ماڳ تان اسان کي ڪاري چٽسالي وارا تمام سٺا ٺانو هٿ لڳا. ٺانوَ جا هنر، چٽسالي جي ڪاريگري جو اعليٰ نمونو هئا. ڪرڃات جي ٺانون تي سنڌي سرهه جي تصوير جي طرز کي مقامي طور گهٽي اهميت حاصل آهي. ڪرڃات پرسان ڪيرٽر جي دارنج يا دنگ واري پاڳي ۾ گد ۽ سرهه جي تحفظ جو علائقو آهي. اصل ۾ اهو ميرن جي حاڪميت ۾ هو ۽ هاڻي ڪراچي ضلعي ۾ آهي. ڪيرٽر

وارو جبل هنن گڏن ۾ سرهن سان پريو پيو آهي ۽ دانگ هن جي شڪار جو ڏن آهي. شڪاري ڪرچات کان ڦري اتي پهچندا آهن.

"اسان کي هتان کوتائي دوران ٽانو هٽ آيا جن ۾ ٻاراٽي راند، گاڏين جو ڦيٽو ۽ متيءَ جون چوڙيون شامل آهن. هن علائقي ۾ اسان کي 5 فيبروري 1931ع تي سخت مينهن ۽ طوفان اچي ورايو. مينهوڳيءَ جي ڪري ڏکيا سکيا ڏينهن ڪرچات ۾ گهاريا سين. اهو مجبوري وارو وقت بہ اجايو ڪونہ ويو. جهانگارا کان پوءِ ڪرچات پهرين جاءِ هئي، جتان اسان کي سيڊو سامان ملي ويو. خط وغيره جهانگارا مان هر ٻئي ڏينهن ملي ويندا هئا. پوءِ اسان اُٺن ذريعي جهانگارن مان خط گهرائڻ بند ڪري، پنهنجي ڪيمپ 35 ميل پري، ٽاٽي بولا خان ۾ وڃي قائم ڪئي."

(مشهور آرڪيالاجسٽ اين. جي. مجمدار جي ڪتاب "ميمريز آف دي آرڪيالاجي سروي آف انڊيا نمبر 48 ايڪسپلوريشن ان سنڌ" تان ورتل)

حيدرآباد کان 130 ڪلوميٽر ۽ ڪراچي کان وري 80 ڪلوميٽر پرتي ٽاٽي بولا خان جي اولهہ ۾ واقع هي پارڪ 110 هم چورس ميل يعني ٽي لک اٺ هزار ست سئو ٽيهتر هيڪٽرز تي پکڙيل آهي. سنڌ وائلڈ لائيف مئنجمينٽ بورڊ جي انتظام هيٺ هلندڙ هن پارڪ جون حدون هڪ ئي وقت دادو ۽ ڪراچي ضلعن تائين پکڙيون پيون آهن. پارڪ جو 1/3 حصو ڪراچي ۽ 2/3 حصو وري آهي دادو ضلعي ۾ شامل. ڪيرٿر نيشنل پارڪ جو افتتاح 25 مئي 1975ع تي تڏهوڪي ايم اين اي ملڪ سڪندر هٿان ٿيو. اهو پيڙهہ وارو پٽر ڪرچات سينٽر جي عمارت ۾ اڃا تائين لڳل آهي.

هن علائقي ۾ ڪل ڳوٺن جو تعداد آهي 93، جن مان 20 ڳوٺ ڪراچي ۽ 73 ڳوٺ وري شامل آهن دادو ضلعي ۾. انهن ڳوٺن مان کار، ڪنڊ جنگ ڪراچي ضلعي ۾ ۽ ڪرچات ۽ تونگ شريف، بهلي (بهلور جيڪو گس آهي لاهوتين جو) وري آهن دادو ضلعي ۾. ڪيرٿر نيشنل پارڪ جا جبل سمنڊ جي مٿاڇري کان اٽڪل ٽي هزار فوٽ

مون کي مرتيو مان امرپڻ ڏانهن وڃي!

(اپنشد مان)

سپنن جا سنسار ۾ ته ڪيترا نه عجيب آهن. سپنن جي سنسار ۾ انسان ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته ڪوڙجي وڃي ٿو، جو پوءِ هن کي حقيقت جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پوڳڻو پوي ٿو. مان ۽ ڏينهون ڏينهن سپنن جي سنسار ۾ ايترو ته گم ٿي ويو آهيان، جو هاڻ شايد اتان موٽي اچڻ ۾ ڪو وقت لڳندو!

☆☆☆

هنومان ٻڌ سان شرط رکيو ته مان ٽپو ڏيئي تو کان اوجهل ٿي سگهان ٿو، پوءِ هن اونهو ساهه کنيو ۽ وڏي چلانگ ڏئي ڪيڏانهن اوجهل ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو موٽي آيو ۽ ٻڌ کي چيائين "سرشٽي جي پوئين چيڑي تي پنج ڳاڙهي پٿر جا ٿنيا آهن."

شاڪيه مني هن ڏانهن پنهنجو هٿ وڌايو، جنهن ۾ هر آڱر زخمي هئي ۽ هن کان پڇيو. "اُهي هنن وانگر نه هئا؟"

(هڪ ڏند ڪٿا)

☆☆☆

ساٿين ڪريو سڏڙا، لڪ چڙهيو رڻ روءِ،
هينڙو ڪچيءَ تند جيئن، ڇڇيو ڇڇيو پوءِ،
ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، ته پرت پراڻي نه ٽئي!

☆☆☆

۽ ڪالهه رات پورنماسي جي رات هئي. مان ٻاهر اڱڻ ۾ ڪٽ تي ستو پيو هئس ته اوچتو آڏي رات جو مون محسوس ڪيو ته ڪائي ڳوري چيز منهنجي ڇاتي تي اچي سوار ٿي آهي، ڪوئي اڻ ڏٺل وجود هو، جنهن منهنجي بت مان سڄو ست ڪڍي ڇڏيو. مون رڙيون ڪرڻ چاهيون، پر آواز نه نڪري سگهيو. مون اُٿڻ چاهيو، پر اُٿي نه سگهيس ۽ پوءِ جڻ ڪنهن اونهي کوهه ۾ پاڻ کي ڪرندي محسوس ڪيم ۽ پوءِ سڄو هوش وڃائي ويٺس.

آخر هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ڇا اهو به هڪ ڊپ جو قسم آهي يا ڪي پراسرار اڻ ڏٺل قوتون آهن، جيڪي انسان سان هر وقت گڏ

رهن ٿيون. ڪهڙي خبر ته هن سنسار ۾ وسندڙ ماڻهو جي ماضي جو ڪهڙين ڪهڙين شين سان ڪهڙو ڪهڙو ناتو آهي؟ مون کي الائي چو هاڻ ڊپ ڪنهن بہ شيءِ کان نٿو ٿئي!

رگ وید ۾ رات ۽ پرهہ ڦٽيءَ کي هڪ ٻئي جون پيٽيون سڏيو ويو آهي ۽ سچ پچ ته رات جي تاريڪي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جي ڪير جهڙي سوجهري ۾ بہ هڪ عجيب سونهن آهي.- پرهہ ڦٽي جي سونهن ۽ رات جي تاريڪي جنهن ڏيان گيان سان ڏٺي آهي، اهو انسان سدائين سندرتا ۽ پيار جي تلاش ڪندڙ هوندو آهي. رگ وید ۾ پرهہ ڦٽيءَ لاءِ اشاس جو لفظ ڪم آيل آهي. لکي ٿو ته اڄ کان هزارين سال اڳ جو انسان بہ پرهہ ڦٽيءَ جي تلاش ۾ هو. رگ وید جا ڪيترا ڀجن اهڙا آهن، جن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته جڻ اهي ڀجن سندوءَ جي ڪپر تي تاريڪ رات جو پوئين پهر مهل آڪاش ۾ پرهہ ڦٽيءَ جي اچڻ جا آثار ڏسي ڪن ٻڌيمانن ويهي ڳايا هئا.

"اي اشاس ديوي! اسان تي پنهنجا بهترين ڪرٽا چمڪاءِ ۽ اسان جي زندگي کي طويل ڪر!"

پر مون کي ته رات جي تاريڪي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جي سونهن ٻئي وٽن ٿا. مون الائي ڪيتريون راتيون جاڳي، هن رات جي تاريڪي ۽ هن روز ٽيندڙ پرهہ ڦٽيءَ جي مڌر مڌر سوجهري ۾ پنهنجي پاڻ کي گم ٽيندي محسوس ڪيو آهي! ۽ سچ پچ اي اشاس ديوي! تون زندگي جي سپنن جي اها لاٽ آهين، جنهن جي سوجهري ۾ هر کوئي پنهنجي منزل تلاش ڪري ونندو، پر اهي فاني انسان جن مون وانگر حسرت سان هن پرهہ ڦٽي کي ڏٺو هوندو، جيڪي هن دنيا مان هليا ويا، انهن کي ڪير ياد ڪندو؟

☆☆☆

اي ڏينهن! تون ڪڏهن ته ڪيترو پيارو ٿي وجين ٿو.
اي رات! تون ڪڏهن ته ڪيڏي نہ اداس ٿي وجين ٿي.
اي رات! ڪڏهن ته تون ڪيتري نہ مٺي بنجي وجين ٿي.
اي ڏينهن! تون ڪيترو نہ درد سان پرجي وجين ٿو، جيڪڏهن هن کي اچڻو ناهي.

ڪوهستان گل وگلزار ٿي ويڄي.

بلوچستان کان ايندڙ سوئي گئس جي لائين پڻ هتان کان لنگهي، پر هتي گئس ماڻهن کي ميسر ڪانه. ڪيرٿر نيشنل پارڪ کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ کي پهرين هن ڪرچات سينٽر ۾ اچڻو پوندو، جتي هڪ وڏو هال، ان جي پر ۾ ننڍڙو ميوزم ۽ ان جي پويان ننڍڙي ٽڪريءَ تي رهڻ لاءِ پنج هٽس ٺهيل آهن. اهي هٽس هتي ملندڙ جانورن جي نالن تي رکيا ويا آهن، جهڙوڪ چنڪارا، اڙيال ۽ آءِ بيڪس وغيره.

"چا پيا سوچيو"، مون کي خيالن جي دنيا ۾ ڏسندي ڪو دوست مون کان پڇي ٿو. آواز تي خيالن جي دنيا مان موتي ڏسان ٿو. اولهه ۾ منهنجي پر ۾ نفيس احمد ناشاد بينو آهي، اسان جا ٻيا سمورا دوست ميوزم گهمي واپس هال جي اندر اچي چڪا آهن. پريان اوندهه ۾ ويٽل نصير مرزا ۽ عرفان انصاري ٻه نظر اچي رهيا آهن. ٽرانسسٽر جو هلڪو هلڪو آواز منهنجي ڪنن ۾ اچي رهيو آهي. بي بي سيءَ جون خبرون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هاڻ ڪنهن استيشن تان ڪا قوالي نشر ٿي رهي آهي. ڳائيندڙ جو دردبلو آواز هوا جي زور تي هلڪو هلڪو مون تائين پهچي رهيو آهي:

میری قسمت میں لکھی تھیں رسوائیاں
آپ ہی اپنا دامن بچا کے لے گئے
راز کہنے چلے تھے اہل غم کبھی
کچھ بیان کر گئے کچھ چھپا کے لے گئے

قوالي هلندي اوچتو جنريٽر هلڻ سبب سينٽر جي اونداهه ۾ ٻڏل سجي عمارت روشني ۾ جرڪي پوي ٿي ۽ هر طرف کان چانيل اونداهه روشني ۾ بدلجي ويئي. ايتري ۾ اسان کي حميد سنڌي سڏائي ٿو. اسين هال ۾ داخل ٿيون ٿا، سنڌ وائلڈ لائيف جو ڊپٽي ڪنزرويٽر سعيد اختر بلوچ بريفنگ لاءِ تيار ويٺل آهي. گهڙي کن ۾ هو اسان کي مختصر بريفنگ ڏيڻ ٿو شروع ڪري:

"کيرٿر نيشنل پارڪ پاڪستان جو سڀ کان خوبصورت قومي پارڪ آهي، جنهن ۾ دنيا جا اٽلپ جانور سرهه ۽ گڏ هتي وڏي مقدار ۾ موجود آهن. هن وقت سنڌ جي جهنگلي جيوت ۽ ٻيلي ڪاتي جو سيڪريٽري شمس الحق ميمڻ، جيڪو پاڻ به سنڌ وائلڈ لائيف ڪاتي ۾ رهي چڪو آهي، خاص دلچسپي وٺي پارڪ کي ترقي ونڊائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهي. هيءُ پارڪ 1992ع ۾ وجود ۾ آيو. کيرٿر نيشنل پارڪ ۾ مناسب سار سنڀال سبب اٽلپ جانورن جو تعداد سون مان وڌي هزارن تائين وڃي پهتو آهي. هتي سرهه پنج هزار ۽ گڏ ٽي هزار رهن ٿا. هتي سموري علائقي ۾ هر قسم جي شڪار تي بندش لاڳو آهي، ويندي تلور کي به ماري نه ٿو سگهجي. البته خاص موسم ۾ تلور جي شڪار لاءِ پرمٽ جاري ٿيندي آهي. ڪرچات سينٽر کان مٿي کيرٿر جبل جي مختلف حصن ۾ اٽلپ جانور ڏٺن جي صورت ۾ رهن ٿا، انهن کي پيئڻ جو پاڻي پائيپ لائين وسيلي پهچائيندا آهيون."

بريفنگ کان پوءِ سوالن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. منهنجي هڪ سوال جي جواب ۾ هو چوي ٿو: "اسان وٽ واقعي جانورن جي ڳڻپ جو ڪو جديد سسٽم موجود ڪونهي، پر اسان جو عملو جانورن جي ٽولڙين کي ڳڻي تنهن مان جانورن جي تعداد جو اندازو لڳائيندو آهي. اسين جانورن جي کاڄ لاءِ وري باراني علائقن ۾ ٻج جي چٽ ڪندا آهيون، ته جيئن گاهه ٿئي، 1971ع ڌاري ٽيل ڳڻپ موجب 1200 جانور موجود هئا، جيڪي هاڻي وڌي ڇهن هزارن تائين پهچي چڪا آهن. 1982ع ۾ به هتي ڳڻپ ٿي هئي."

نازسهتي جو سوال آهي ته "تيل جي ڳولا ڪندڙ ڪمپني پي پي ايل هتي زمين جي اندر جيڪو ڌماڪو ڪري ٿي، انهيءَ کي روڪڻ لاءِ اوهان جو ادارو ڇا پيو ڪري؟" جواب ۾ سعيد بلوچ چوي ٿو:

"واقعي اهو ڌماڪو نيشنل پارڪ ۾ رهندڙ جانورن لاءِ هاڃيڪار آهي. البت اسان هنن کي پنهنجي علائقي ۾ اهڙا ڌماڪا ڪرڻ هرگز نه ڏيندا سين ۽ نه وري پي پي ايل کي ڏنل زمين ۾ کيرٿر

نيشنل پارڪ جو علائقو شامل آهي."

دراصل ناز سمتي کي انهيءَ مسئلي بابت تمام گهڻي معلومات حاصل آهي. هن ٻڌايو تہ "پي پي ايل وارا (پاڪستان پريميئر لميٽيڊ تيل جي ڪمپني) ڌرتيءَ جي اندر اٽڪل 3 هزار فوٽ اونهي کوٽائي ڪري زمين ۾ هڪ مادو وجهي ڏماڪو ڪندا آهن. اندر گرائونڈ ڏماڪي سبب (ڌرتيءَ جي اندر) وڏي اٿل پٿل ٿئي ٿي ۽ نتيجي ۾ جانورن ۾ وڏو خوف ٿو پيدا ٿئي، جنهن جي روڪ ٿام خاص ڪري هن نيشنل پارڪ ۾ تمام ضروري آهي.

هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سعيد بلوچ ٻڌائي ٿو تہ "ڪيرٿر نيشنل پارڪ ڏيهان ڏيهي اداري آءِ يو سي اين (انٽرنيشنل يونين فار ڪنزرويشن آف بينچر اينڊ نيچرل ريسورسز) جي معيار تي لهي ٿو ۽ اهو پاڪستان جي چئن قومي پارڪن مان هڪ آهي، بلڪ انهن سڀني کان ايراضيءَ ۾ وڏو آهي، جنهن کي گڏيل قومن واري اداري جي عالمي قومي پارڪن واري لسٽ ۾ 1975ع ۾ شامل ڪيو ويو، اهي باقي ٽي آهن "لال سنهارا نيشنل پارڪ بهاولپور، (ايراضي 31354) خنجراب نيشنل پارڪ (ايراضي 22675) پاڪ چين سرحد وٽ ۽ مرگلا هل نيشنل پارڪ (11635 هيڪٽر ايراضي) اسلام آباد. انهن ٽنهي پارڪن کي گڏيل قومن واري لسٽ ۾ 1980ع ۾ شامل ڪيو ويو آهي."

"هتي ايندڙ ويندڙ جو گهٽو تعداد پرڏيهين جو هوندو آهي، ايڪڙ ٻيڪڙ تن ۾ پاڪستاني شامل هوندا آهن." هڪ سوال جي جواب موجب سڄي سال ۾ غير قانوني شڪار جا 12 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جن مان اڪثريت با اثر ماڻهن جي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي اڻ وٽندڙ واقعا بہ پيش ايندا آهن. سال 1988ع ۾ هتي هڪ اڻ وٽندڙ واقعو پيش آيو، جنهن ۾ مري قبيلي جو هڪ ماڻهو اتفاق سان مارجي ويو، تہ بعد ۾ ڪراچي مان ڪهي ايندڙ قبيلي جي ماڻهن 53 قيمتي جانورن کي گوليون هڻي ماري وڌو.

سوالن ۽ جوابن بعد "مود" ناهڻ لاءِ ڪچهري جو دور ٿو شروع

ٿئي. ايتري ۾ ڪم ڪندڙ همراه ٻاهر ڪائين جي باهه تي پچايل ڀُڳل گوشت اڇي اسان جي آڏو رکن ٿا. جابلو ليلي جو گوشت سپڪ ۽ ڏاڍو لذيذ نٿيل، ويتر ڪائين جي باهه ۾ ٿڏي سنڊي مصالحي ان کي سرهو ۽ چسڪيدار بڻائي چڏيو آهي. انهيءَ وچ ۾ ماني ڊائننگ ٽيبل تي لڳي ٿي ته سڀ وڃي ڊائننگ ٽيبل جو پاسو ٿا ونن. ماني به ڏاڍي سٺي نٿيل آهي. گوشت جو ٻوڙ، چانور، سنڊي ڪڪ جون مانيون (ورهين کان پوءِ ڪا سنڊي ماني نصيب ٿي آهي!). ماني کائڻ کان پوءِ هال کان ٻاهر نڪرون ٿا.

ٻاهر نڪرندي کيرٿر جي سرهي رات اسان جو آڌرياءُ ٿي ڪري. هوا ڏاڍي تيز ٿي وئي آهي جو هر ڪنهن کي سيءُ پيو لڳي. آسمان سڄو تارن سان ڍڪيل آهي. سامهون کيرٿر جبل جون قطارون اونده ۾ ڏاڍيون عجيب پيون لڳن، رات جي سانت ۾ هلندڙ جنريٽر جو آواز رات جي سانت کي ٽوڙي ٿو چڏي. سينٽر جي عمارت جي پويان ڪيترين ڪٽون پيل آهن. جنهن تي رڌ پچاءُ ڪندڙ عملو وينو آهي. سندن آڏو ڪيل باهه مسلسل ٻري رهي آهي. انهيءَ ڪيل باهه جي سامهون اوپر ۾ ٽڪرين جي پرسان نٿيل هٽس مان هڪ هَٽ ۾ حميد سنڊي طبيعت جي خرابي ۽ سبب وڃي آرامي ٿئي ٿو. اسين به وڃي پنهنجا هٽ والا ريون ٿا. ڪمري ۾ مظهر لغاري، مان ۽ ناز سمتو آهيون. مان مظهر کان ٽائيم پڇان ٿو. انهيءَ مهل رات جا 10 ٽيا آهن. هر هڪ هٽ ڏاڍو سهڻو ۽ سيبتو نٿيل. هڪ ڪمرو، ان جي پر ۾ اٽيچڊ باٿ روم، بورچي خانو ۽ ڪمري جي آڏو ننڍڙو ورانڊو. ورانڊي مان بيهي هيٺ نظارو ڪري سگهجي ٿو. آءُ ۽ مظهر ورانڊي ۾ پيل ڪٽ تي ويهي رهون ٿا. هيٺ سامهون ڪٽن تي ماڻهو وينل آهن، جن جي آڏو ڪندڙ باهه ڏسي مون کي چانهه جي ٻاڙڪٽي ٿي. مظهر کي اتي چڏي مان ٽڪريءَ تان هيٺ لهي وڃان ٿو. اتي همراهن سان گڏ ڪٽن تي سعيد بلوچ به وينل آهي. مان چانهن جي فرمائش ڪريان ٿو. گهڙيءَ ۾ همراهه ڪتليءَ ۾ چانهه جو پاٽي وجهي. ڪتلي کي ٿا باهه تي رکن.

آءُ ڪٽ تي پلٽي هٽي ويهي همراهن سان ڪچهري ڪرڻ لڳان ٿو. سعيد بلوچ اٿي ٿو. جوهن کي صبح جو سويل 4 وڳي اٿي تيار ٿي مٽي جبل تي، سرهه ۾ گڏ کي ڏسڻ لاءِ اسان کي وٺي ويڙهو آهي.

تارن سان آسمان هيٺان، کيرٿر جي پڪ ۾، هرندڙ باهه جي پرسان ڪٽ تي ويهي، چانهه جي انتظار ۾ مون کي ڏاڍو مزو پيو اچي. ڪٽ تي ويڻل ڪم ڪندڙ همراهه سمورا اتان جا رهواسي آهن، جن جو ڳوٺ به اسان جي هٽس جي پويان آهي. مان هڪڙي قدآور، پنيي ڏاڙهيءَ واري همراهه کان حال احوال ٿو پڇان، هو چوي ٿو:

"صاحب! ڪهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو. حال ته مڙئي خير آهي، البت اسان وٽ لڳاتار ٽن سالن کان مينهن نه وٺو آهي. توهان کي ته معلوم هوندو ته اسان ماڻهن جو دارو مدار آهي ئي مينهن تي. ڪڏهن پوي برسات ته واهه، نه ته جهڳو ٽيو وڃي بنهه جهڙ. پوءِ شروع ٿئي ڏڪار ۾ ماڻهو، مال، پکي ۾ پکڙ سڀ پون ٿا عذاب ۾. آخر وڃون ته اسين وڃون ڪيڏانهن؟ نه دانهن، نه ڪوڪ ۾ نه وري ڪو فرياد سڙڻ وارو. توهان پاڻ هلي ڏسو! سڀ پٽ سڃا لڳا پيا آهن. توهان هي جيڪي جانور ڏسڻ آيا آهيو اهي به ٿا اڄ مرن...توهين ئي ڪٽي ڪجهه سرڪار کي لکو ته من اسان جو ڪو داد فرياد ٿي پوي."

- "پلا جيڪي اوهان کان ووٽ ٿا وٺن، اهي به ڪي اوهان جا ڪم ڪن ٿا يا نه؟" مان هن کان پڇان ٿو.

- "واهه سائين واهه! توهين به ڏاڍا ڪي زور آور ٿا ڏسجو. خبر توهان کي سڃي آهي، پوءِ به ٿا اسان جا اڳ وٺو؟ پلا ووٽ کان پوءِ ڪو آيو آهي ڪنهن وٽ لڙي؟ جو هو اسان جا هي سڀ ڪم ڪندا. اسان جو مٽي به آهي الله ۾ هيٺ به آهي الله. ڏٽي پيو مڙيئي اسان جو حال هلائي."

- "ته پوءِ ووٽ نه ڏيو انهن کي." مون پراٽي ڪميونسٽ پارٽي واري لائين ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته منهنجي پر ۾ ويڻل سنڌ وائيلڊ لائيف جو عملدار جمالي کلڻ لڳو.

- "زور آور آهين صاحب تون به ڪو. ووٽ نه ڏيون ته وجهن وڃي

ڪنهن ڪاڻ ۾. اسان لاءِ تہ هينئن ٻہ آهي مرڻ تہ هونئن ٻہ آهي مرڻ. بس صاحب تون ڇڙواسان لاءِ قلم هلاءِ، تہ سرڪار کو ڏڪار لاءِ پلو ڪري، نہ تہ ٻيو مڙئي خير آهي."

هو ائين چئي ٻيڙي ڏکائي چپ ٿي ويي ٿو ۽ مان هن پنيي ڏاڙهيءَ واري ماڻهوءَ کي چتائي نهاريان ٿو. جنهن جي هٿ ۾ بندوق آهي ۽ پوءِ ٻہ هيسيل آهي. هو انهيءَ نسل جو ماڻهو آهي جيڪي نسل درنسل ڏکن ۽ غربت کي ٿا منهن ڏيندا اچن ۽ خبر ناهي تہ ايڏا ڪيترا نسل انهن کي اهي تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون. نہ پيئڻ جو صاف پاڻي، نہ صحت جي عام سهولت ميسر، ان اپرانڍ ۽ وري نانگ بلائون جام. واقعي ماڻهو ويي تہ ڪيڏانهن ويي. ڪنهن مائيءَ کي ويم وگهي جيڪڏهن ڪٽي وڃڻو پوي ٿاڻي بولا خان، تہ غريب ماڻهوءَ کي سواءِ ڏيگي گاڏي کان ٻي ڪهڙي ٿي سواري هٿ چڙهي سگهي. اهڙي ئي حال ۾ جيئرا آهن هي ماڻهو ۽ گهارين ٿا ڏکن پري اها زندگي، جنهن جي اسين فقط هڪ ئي جهلڪ پريان کان ٿا ڏسون. هنن ماڻهن جون خوشيون، غميون، عيدون ۽ برادون، ڏک، سک سڀ آهن اسان کان ڏور.

چانهہ پي مان مٿي اچان ٿو. اندر هٿ ۾ ٻيا دوست آرامي آهن. مان ۽ مظهر لغاري هٿ جي ٻاهر ورانڊي ۾ پيل کٽ تي ويهي ڪچهري ڪرڻ ٿا لڳون. اسان اتي ويٺا آهيون تہ جنريٽر بند ٿي وڃي ٿو. (گهڙيءَ ۾ سمورو علائقو اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويو) هي اونداهي رات ۽ مٿي آڪاس ۾ هزارين لکين ستارا، پنهنجي تمام تر خوبصورتي سان اسان کي ٽم ٽم ڪيو پيا ڏسن. رات آهستي آهستي گذرندي پئي وڃي. ننڍ اسان جي نيٽن کان ڪوهين ڏور هلي وئي آهي. هيٺ برندڙ ٻاهہ ٻہ دکي دکي وسامي وئي آهي. ها ڇڙواونداهہ ۾ ٻڏل جبل، تارن پريو آسمان ۽ اسين آهيون جيڪي تارن کي ٽم ٽم ڪندي پيا ڏسون.

اوچتو مظهر چوي ٿو: "چا توهان کي خبر آهي تہ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو رات جو سفر ڪرڻ مهل طرفن جو اندازو ڪيئن لڳائيندا آهن؟"

"نہ"، مان وراڻي ٿو ڏيان.

"هو ڏسو آسمان ۾" هو هٿ کڻي اتر طرف تارن ڏانهن ٿو ڪري. "هي اُتو وڇون، جنهن ۾ ڪل ست تارا آهن. انهن کي وچان پاڻ ۾ ملائيندو ته اهو وڇي جنهن ۾ پوندو سو ٽيندو اتر". پوءِ هن آڱر سان ٽن ۾ چئن تارن کي آڱر سان ڳنڍيو، ته واقعي طرف معلوم ٿيو اتر جو.

ستارن وسيلي پنڌ ڪرڻ واري ڳالهه تي اوچتو مون کي پنهنجو مرحوم دوست احمد علي سومرو ياد ٿو اچي. هن هڪ پيرو مون کي ٻڌايو هو ته جڏهن هو ۾ سنڌس ساڻي، ضياءَ جي مارشل لا واري دور ۾، سرحد ٽپي ڪابل وڃي رهيا هئا ته اونداهي رات ۾ تارن جي حساب سان طرفن جو اندازو نه لڳائي سگهيا ۽ رستي جو غلط ڪاٿو لڳائي گرفتار ٿي وڃي مردان جيل ۾ بند ٿيا.

مرحوم ڪلي چوندو هو ته "انهن تارن کي ڏسي نه پلجون ها ته نه جيل ڪاٽيون ها، ۽ وري ٽڪجي ويهون ها."

ڪنهن پرهه اسان کي پاليو هو،
هن رات اسان کي رولیو آ،

اڄ هو تارن جو غلط حساب لڳائي منزل نه ماڻيندڙ، انتهائي ارڏو، بيحد ذهين شخص، چانڊڪا جي مٿيءَ ۾ ابدي ننڊ ۾ ستل آهي. رهي نالو الله جو!

- "مدد صاحب، ڇا خيال آهي، هلي هاڻي سمهجي؟" مظهر لغاري جي آواز ٿي خيالن جي دنيا مان موٽي حال ۾ واپس اچي ڪيس وراڻي ڏيان ٿو. "ها هاڻي واقعي سمهڻ گهرجي."

هو کٽ تي ليٽي پوي ٿو ته مان اندر وڃڻ بدران ورانڊي جي چائنڊ تي بيهي، ڪيرٽر جي خوبصورت رات جي نظاري کي ڏسان ٿو. باهر هڪ عجيب ماڻ لڳي پئي آهي. ٺڏي هوا هاڻي وڏيڪ تيز ٿي وئي آهي، جنهن ۾ هي بيئل وڻ پيا لڏن. ڪاپي پاسي پري ڪان جبل تي سوئي گئس ريسٽ هائوس جون بتيون، مون کي ڪنهن پٽڪيل آتمائن وانگر پيون لڳن. اوچتو مون کي ڪرچات جي حوالي سان مشهور آرڪيالاجسٽ اين جي مجمدار جي ياد اچي ٿي.

"ڇا ڪرڇات ۾ مجمدار هن ئي هنڌ تي اڇي ڪئمپ قائم ڪئي هئي؟" مان سوچيان ٿو. ڪهڙي خبر تہ اڄ جتي اسين رهيا پيا آهيون، اتي مجمدار ۽ سندس ساٿي فوٽو گرافر بابو اين گپتا، ناڪا بابو، ڪشوري لال رهيا هجن. افسوس تہ سنڌ جو عظيم محسن نونو گوپال مجمدار، جنهن 1925ع تي سر جان مارشل، راءِ بهادر دياڪرام ۽ ڊاڪٽر اين جي مُڪي سان گڏ موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪئي هئي ۽ جنهن 1927ع کان 1931ع تائين سنڌ جا انيڪ پراڻا ماڳ هٿ ڪيا هئا، سو 11 نومبر 1938ع تي دادو ضلعي ۾ نئين گاج وٽ ڏاڙيلن هٿان مارجي ويو. چالیهن ورهين جي ڇمار جو مجمدار، آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جو سپرنٽينڈنٽ، نئين گاج وٽ روهيل ڪنڊ واري ماڳ جي کوجنا ڪري رهيو هو تہ سندس چمڪندڙ تيشي ۽ ٻين اوزارن کي چاندي جو سمجهي، اتان جي مقامي ڏاڙيلن کيس ڪهاڙيون هڻي ماري ڇڏيو. سنڌ جي سَڄ ۾ بنگال جو سپوت ڪسجي ويو. پر سندس ڪيل تحقيق اڄ بہ سنڌ جي پراڻن ماڳن لاءِ هڪ مثال آهي:

ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو،
ٻہ چار لڙڪ هارجو،
تہ ڪير سَڄ ۾ مُڙو.

(مجمدار جي ذڪر تي منهنجي اکين ۾ لڙڪ لهي آيا!)

سامهون چؤطرف ڪيرٿر جبل جي رات جو هڪ سحر چانيل آهي. هو ڪيرٿر جبل، مٿي آڪاس ۾ بينل تارا، آڌي رات جو ڏڪي هوا ۽ اونداهہ ۾ بينل وڻ ڪن رولا ڪ آتمائن جيان اڪيلا. چون ٿا تہ جيڪي ڪجهہ اسين ڳالهايون ٿا، اهي آواز سدائين لاءِ وايو منڊل ۾ رهجي وڃن ٿا. پولار ۾، فضائن ۾ سمورا آواز قائم ٿيو وڃن. ڪهڙي خبر، ڪرڇات جي فضائن ۾ مجمدار جو آواز بہ موجود هجي؟ ڪهڙي خبر تہ اهي سمورا آواز ڪرڇات ۾ موجود هجن؟ ڪهڙي خبر تہ هن سنسار ۾ هڪ ٻيو سنسار آباد آهي؟ ڪهڙي خبر!

مان ڪ مان سوچيان ٿو، ۽ پوئين پير موٽي اڇي پنهنجي ڪٽ تي

ليٽي ٽوپوان، جتي منهنجا سمورا ساٿي هڪ مني ننڊ ۾ ستل آهن.

(هي تارن پريو آڪاس، لکين ورهيہ پراڻو اتهاسڪ کيرٽر، هي تيزگهلندڙ هوا ۽ ان ۾ جهومندڙ وڻ، زندگي ڪيڏي نہ آ خوبصورت ۽ هن حياتيءَ جي ڪيترن خوبصورت پلن ۾ هي پل بہ سياڻي جي ماضي جي ڪيترن ئي خوبصورت ۽ وري ڪڏهن بہ موٽي نہ ايندڙ لمحن/پلن ۾ ٽي ويندو گم!

هاءِ حياتي،

هاءِ حياتي،

حياتي آ،

ڪنهن خوبصورت،

ايسارڪا جو اوسيئڙو،

۽ باهر ڪيرٽر جي رات پنهنجو سفر جاري رکي ٽي.

☆☆☆

اڄا پرهہ ڦٽي ۾ ڪي پهر باقي آهن. مان ننڊ جي ماڙين ۾ گم آهيان تہ اوچتو هڪ سپنو ڏسان ٿو. ماحول ۽ هنڌ اهو ساڳيو ئي ڪرچات وارو آهي، هڪ شخص سوٽيڊ بوٽيڊ، جنهن کي سولو هيٽ مٿي تي پاتل آهي، اٽ تان لهي اسان ڏي اچي ٿو. سندس ٻيا ٽي ساٿي اڻن تي ويٺل نظر اچن ٿا. لڳي پيو همراهہ وڏو پنڌ ڪري آيا آهن.

- "گڊ مارننگ"، اهو همراهہ چوي ٿو.

- "گڊ مارننگ"، مان ڪرسيءَ تان اٿي ساٽس هٽ ملايان ٿو.

- "منهنجو نالو نونو گوپال مجمدار آهي. مون زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو سنڌ جي بيابانن ۾ گذاريو آهي. مون اصل ۾ بنگال جي هڪ زميندار گهراڻي ۾ 1897ع ۾ جنم ورتو. ڇا توکي خبر آهي تہ نونو جي معنيٰ ڇا آهي؟"

- "نہ"، مان وراڻيان ٿو.

- "نونو جي معنيٰ آهي پيارو، يعني گوپال جو پيارو. مجمدار اسان جو ڪٽنبي نالو آهي. مون ڪلڪتي يونيورسٽي مان تعليم

حاصل ڪئي. 1920ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪري انميءَ ساڳي يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿي ڪم ڪرڻ لڳس، پر مون کي ننڍي ڪنڊ جي پراچين سڀيتا ۽ اتهاس سان ڏاڍو پيار هو. سال 1924ع ۾ مان راج شاهي ميوزيم ۾ ڪيوريٽر مقرر ٿيس. مون کي سنسڪرت، پراڪرت، هندي ۽ بنگالي ٻولين تي عبور حاصل هو. پراٽا ڪتبا ۽ ڪنڊر جاڇڙ ۾ مون کي ڏاڍي مهارت حاصل هئي. سال 1922ع ۾ ننڍي ڪنڊ جي عظيم آثارن موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪيم، ته سڄي هندستان ۾ هاهاڪار مچي وئي. سال 1925ع ۾ مان سنڌ آيس، لاڙڪاڻي ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ مان جان مارشل، راءِ بهادر دياڙام ۽ ڊاڪٽر اي جي ايڇ ميڪي سان گڏ شامل هيس. مون کي ياد آهي ته موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ وقت مان ۽ سرجان مارشل، سر صاحب جي موٽر ۾ سنڌو درياهه جي ڪپر تي سير ڪرڻ لاءِ ويندا هئاسين. مان سر صاحب کي چوندو هوس ته اڄ هن موهن جي دڙي سڄي هندستان کي اٽ ڏني پنڌ ڏي مس ڏيان ڇڪرايو آهي، پر ڪو وقت ايندو جو سڄي دنيا جا ماڻهو هن پنج هزار ورهيه قديم آثارن کي ڏسڻ لاءِ هتي ڇڪجي ايندا ۽ پوءِ سر جان مرکي چوندو هو "برابر اهو وقت ضرور ايندو جو ماڻهن کي هن ڏکويل ماڙي جي عظيم تهذيب جو ضرور احساس ٿيندو." مان 1927ع ۾ ٻيهر سنڌ آيس. سر جان مارشل مون کي لاڙڪاڻي جي پرسان جهڪر جي ماڳن جي کوٽائي جو ڪم حوالي ڪيو. تنهن کان سواءِ مون جون 1927ع ۾ موهن جي دڙي جي ٻيهر کوٽائي ڪئي. مان آڪٽوبر 1927ع ۾ سنڌ ٽيهر واپس آيس. ڪراچي ۽ روهڙي جي علائقن جي کوجنا ڪيم. آڪٽوبر 1930ع ۾ چوٽون پيرو سنڌ اچي آڪٽوبر 1930ع کان اپريل 1931ع تائين ڏوکري، لاڙ، دادو وارن علائقن آمري، اروڙ، منچر، علي مراد، جهانگارا، سيوهڙ ۽ کيرٿر جبل جي کوٽائي ڪري ماڳ ۽ مڪان ڳوليا، جن جو واسطو تامي جي دور سان هو."

- "پر توهان....."

- "منهنجي ڳالهه ٻڌ، مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي. اجهو پرهه

ڏٽي ٽيڻ واري آهي ۽ اسان جو سفر وري ترت شروع ٿي ويندو. مون کي سنڌ سان بيحد محبت هئي. مون زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو بيابان جهاڳيندي ۽ سنڌ جي خاڪ چاٽيندي گذاريو آهي، پر منهنجو ڪهڙو ڏوهه هو....؟"

- "مان اوهان جو مطلب نه سمجهيس."

- "توکي ڪهڙي خبر ته مان ڇا هيس؟ توکي ڪهڙي ڪل ته سنڌ ڇا آهي؟ سچ پچ ته مون کي اڄ به سنڌ نٽي وسري ۽ منهنجو ڪو به ڏوهه نه هو. مان پنجون پيرو بنگال کان جڏهن سنڌ ٽي آيس ته ان وقت مان ڪلڪتي جي انڊين ميوزيم جو انچارج هيس. منهنجي ڄمار تڏهن چاليهارو ورهيه مس هئي. مان آڪٽوبر 1938ع کان ڪلڪتي کان سنڌ آيس پئي ته منهنجي زال مون کي جهليو هو. منهنجو ننڍڙو پٽ هو، منهنجي ننڍڙي ڇهن مهينن جي ڌيءَ هئي، پر مان سنڌ جي عشق ۾ سنڌ هليو آيس. هن پيري مون کي کيرٿر جي علائقي جي کوٽائي شروع ڪرڻي هئي. منهنجو خيال هو ته نئين گاج وارو علائقو دنيا جي قديم سيويتا جو مرڪز آهي. هتان کوٽائي ڪندي هوند گهٽو مواد هٿ اچي پئي سگهيو، پر 11 نومبر 1938ع جي شام جو جڏهن مان پنهنجي تنبوءَ ۾ لڏل ٺڪريون ڳوڙ مان ڪڍي رهيو هوس ته ڪن شاهينگن مون کي ماري ڇڏيو. قاتلن ائين سمجهيو ته اسين جيڪي اٽن تي چڙهي وتون ٿا جهر جهنگ ڦرندا، سي زمين مان ٺڪريون ۽ پٿر نه پر ڪي لکل خزانا ٿا ڳوليون. هنن مون کي ماري ڇڏيو....."

- "پر منهنجو روح اڄ به سنڌ جي کيرٿر جبل جي هنن چوٽين تي پٽڪندو رهي ٿو. پر منهنجو ڏوهه ڪهڙو هو؟ توهان کي ڪابه خبر نه آهي ته سنڌ جي سيويتا ڇا آهي؟ ۽ منهنجو ڏوهه ڪوبه ڪو نه هو، سڀ ڪجهه ائين ئي آهي! ۽ ائين ئي اڏورو رهجي ويجي ٿو...."

- مان پنڌ پهٽ جيان هن کي ڏسندو ٿو رهان، ته هو اٿي سامهون ويٺل اُٽ تي وڃي ويهي ٿو. اُٽ اٿي بيهي ٿو.- ..... ۽ هو سڀ سامهون اُٽن کي کيرٿر ڏي هڪليندا اونداهيءَ ۾ ٽاڪر ٽيو وڃن.

اوچتو مون کي ڪو ٻانهن مان جهلي اتارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. مان اکيون کولي ڏسان ٿو: سنڈ وائيلڈ لائيف ڪاتي جو ڪو همراهه منهنجي پر ۾ بيٺل آهي. هن مون کي ننڊ مان اچي اتاريو آهي.

ڪمري ۾ گهگهه اونداهي چانيل آهي. هٿ نه پيو ڏسي سگهي هٿ کي. مان اٿي ويهان ٿو. ٻيا سڀ همراهه اڃا گهري ننڊ ۾ آهن. ٻاهر ڪاريڊور ۾ مظهر لغاري ستو پيو آهي. (اسان ٻنهي رات اڌ ڪان مٿي جاڳي گذاري چڪا). مان هٿوراڙيون ڏيندو باٿ روم ۾ وڃان ٿو. نل کولي منهن تي پاڻي جا ٻه چار چنڊا هڻي عينڪ پائي ٻاهر ورانڊي ۾ ٿو اچان. ٻاهر چوڦرف پرهه ڦٽي جو پراسرار ڏنڈ چانيل آهي. هلڪي هلڪي ڪوهيڙي ۾ نظر ايندڙ جبل، مٿي آڪاس ۾ گم ٿيڻ جي تيارين ۾ مشغول تارا، هيٺ ڪرچات سينٽر جي ٻاهران ڪٽن تي پيل رليون ۽ ان جي اڳيان ڪاٽين جي ٻاهه تي چانهن جو ديگڙو، اڃ وچ ڪنڊڙ همراهه. مان ٽڪ ٻڌي اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ لڳان ٿو.

"وريو آهي وائڙو وطن تي،
هينئڙي لڳم هير، ساٽيهه منجهه سرير."

آهستي آهستي سوجهرو ڦٽڻ لڳي ٿو. پريان ڪرچات جي ڳوٺ مان ڪڪڑن جون ٻانگون اڇن ٽيون ۽ پوءِ ڪرچات جي مسيت مان ٻانگ جو آواز اچي ٿو. گهڙيءَ ۾ اوپر ڏي آسمان روشن ٽيڻ لڳو ته آسمان جي اونداهه مان روشن سج ڦاڙهاڙ سان اپرڻ لڳو. سج اپرڻ وقت هينان هڪ همراهه ڇانهه ٽرماس ۾ پري کڻي آيو. پليٽ ۾ بسڪوٽ ٻه رکيل آهن. مظهر لغاري ايتري ۾ اٿي اچي منهنجي پر ۾ بيهي ٿو. مان ۽ مظهر لغاري وڃي ڪرسين تي ويهون ٿا. سامهون ناز سهتو اٿي ڏنڊڻ جي ڳولا شروع ڪري ٿو. ٻين هٿس ۾ ٻه چرپر شروع ٿي وئي آهي. صبح ساڻ جبل جي ٻڪ ۾ ڪليي آسمان ۾ چانهه پيئڻ جو هڪ عجيب مزو آهي. ايتري ۾ هينان ڪرچات سينٽر وٽان گاڏيون مٿي اچي هٿس جي ٻاهران لڳن ٽيون، جو اسان کي صبح ٽيڻ کان اڳ ئي هتان کان نڪرڻو آهي.

منزل اسان جي آهي سامهون کيرٿر جبل، جتي چون ٿا ته گبڙ ۾ سرهه ڏٺن جي شڪل ۾ نڪرندا آهن. ڪجهه دير گذري ٿي ته وائيلڊ لائيف وارا اچي اسان سيني کي اٿارين ٿا ته جلدي ڪريو نه ته ٿوري دير کان پوءِ سرهه ۾ گبڙ بنهه ڏسي نه سگهندو.

اسين سڀ هيٺ لهي گاڏين ۾ ويهون ٿا. گاڏين ۾ ويهڻ شرط گاڏيون رخ ڪن ٿيون اولهه ڏي. ٻاهران صبح جي ٽڏي ٽڏي هير گهلي رهي آهي. اڳتي رستو ڪچو آهي، البت پيچرو سنو نهيل، جنهن تان اسان جون گاڏيون لنگهنديون پيون وڃن. اوچتو سامهون هڪ شاندار بنگلي تي منهنجي نظر ٿي وڃي پوي. چون ٿا ته اهو بنگلو ڊاڪٽر مرحوم رضوي جو آهي. ڊاڪٽر رضوي ڪراچي ۾ اڪين جو مشهور ڊاڪٽر هوندو هو. ڪيس هن علائقي سان بيحد محبت هوندي هئي. سندس ئي ڪوششن سان کيرٿر نيشنل پارڪ نهڙ جو اعلان ٿيو. جيٽر جيئرو هو، هتي پيو ايندو هو. مرڻ کان پوءِ سندس پوئيرن کي ايڏو شوق ڪونهي، جو هتي ڪهي اچن.

انهيءَ ڪري سڄو بنگلو پيو آهي بند. اڳ جتي ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندا هئا، اڄ اتي ڪڪڙ به ڪو نه ٿا ٻانگ ڏين. چون ٿا ته ڏاڍو پلو ماڻهو هو، سال بسال هتي اچي اڪين جي مريضن جا مفت علاج ڪندو هو. ماڻهن جي چوڻ موجب مرحوم جي بنگلي ۾ بااثر ماڻهن جون اکيون ڪتل آهن، پر ڪراچي جي ماڻهوءَ جو بنگلو ٿي پيو آهي. ان ڪري بچيو پيو آهي. جيڪر هجي ها ڪنهن لاوارث ماڻهو جو ته ڪڏهوڪو قبضو ٿي وڃيس ها. جيئن ڪجهه وقت اڳ دادا دولت مهتاڻيءَ جي ٽاڻي بولا خان واري مهتاڻي هائوس تي قبضو ٿي ويو هو.

اسان جون گاڏيون رضوي هائوس وٽان ٽيندين، جبل جي چڙهائيءَ تي چڙهڻ ٽيون شروع ڪن. ڪجهه دير ۾ هڪ لوهي گيٽ اچي ٿو، جنهن تي تالو لڳل آهي. تالي کي کولرائين ٿا ته خبر پوي ٿي ته اهو گيٽ سدائين بند هوندو آهي، جنهن جي چابي به مقامي وڏي عملدار وٽ هوندي آهي ته متان ڪي شڪار جا شوقين وڃي هنن

بي زبان ۽ املهه جانورن جو ڪوس نه ڪري وڃن. اسان گيٽ مان لنگهي پار پئون تا ته وري ساڳي چڙهائي. رستي ۾ وڻ ٽڻ گهٽ، واقعي هتي برسات نه پوڻ جي ڪري وڏو نقصان ٿيو آهي. جابلو علائقو ته آهي ئي برسات تي جيئرو. وڻ، ٽڻ، گاهه ٽئي ئي پاڻيءَ تي ۽ جبل سائو ٿيندو به برسات تي. جيڪڏهن برسات نه پوندي ته پوءِ ڪٽان ٿو جبل سائو ٿئي.

هڪ هنڌان سنهي پائيپ لائين وڃي پئي، جنهن وسيلي مشين ذريعي انهن خاص هنڌن ڏانهن پاڻي پهچايو ويندو آهي، جتي سرهه ۽ گبڊ ڏٽن جي شڪل ۾ ايندا آهن پاڻي پيئڻ لاءِ. اسان جون گاڏيون جابلو پيچري تان، جيڪو مٽي جبل تي وڃي پيو، ڏاڍي خبرداريءَ سان آهستي آهستي وڌي رهيون آهن. مان گاڏيءَ جي دريءَ مان ٻاهر جابلو پيچري کي ڏسان ٿو. رستي تي هلندي هلندي ڪٽي ڪٽي ٿوهر، ٻهر ۽ ڪنڊيءَ جا وڻ بينل آهن. صبح جي هوا ۾ ڪنهن ڪنهن هنڌ جهرڪيون ۽ ٻيا عجيب پکي اڏامن پيا. جيئن اسين مٽي پيا چڙهندا ويون ته ٻاهر جو نظارو ويتر ٿو سهڻو ٿيندو وڃي. ڇڇ پنڌ هلڻ بعد هڪ هنڌ اسان جو سونهون گاڏين کي بيهاري، اسان کي هيٺ لهڻ جو اشارو ٿو ڪري. اسين پير پير ۾ پائي آهستي آهستي هن جي پويان تا وڃون. اوچتو اسان جي نظر سامهون سرهن ۽ گبڊن جي هڪ وڏي ڏڻ تي پوي ٿي. ايڏي وڏي تعداد ۾ اسان ڪڏهن به سرهه ۽ گبڊ زندگي ۾ نه ڏٺا آهن. سعيد بلوچ ڪيترين ئي دوربينيون ڪٽي هليو آهي، جن جي ذريعي اسين انهن کي ڏسون ٿا. سامهون جبلن جي وچ ۾ هڪ ماڻري ۾ پاڻي جي ڇولا ۾، سرهن ۽ گبڊن جو تعداد بينو آهي. سرهه ۽ گبڊ واقعي ڏاڍا سهڻا ٿا ٿين. اسان تڪ ٻڌي هنن کي ڏسون ٿا پر هنن کي به ڪا اسان جي چرپر جي خبر پئجي ٿي وڃي ۽ هو هڪ وڏو تاهه وجهي ونې ٿا ڊڪڻ لڳن.

اسين ٻيهر گاڏين ۾ ويهي پنهنجو سفر جاري ٿا رکون. ڪجهه دير ۾ آڏو لڪ لتاڙي، کيرٿر جي هڪ مٿانهين چوٽي تي ٿا اچي پهچون. اهو هنڌ سمنڊ جي مٿاڇري کان اٽڪل ڇهه سئو فوٽ مٿي

آهي، ڏکڻ ڏي نهار ڪرڻ سان هيٺ سڄي ماڻري چٽي پئي نظر اچي. اتر اولهه ۾ ڪيرٿر جبل جي سڀ کان مٿاهين چوٽي اسان جي آڏو آهي. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته انهي چوٽيءَ جو نالو آهي لاهوت. ٻيءَ چوٽيءَ جو نالو آهي لوٽو. ته پريان کان وري آهي ڪانپو جبل. اسين جتي بيٺا آهيون اتي قدرت جا عجيب نظارا آهن. چؤطرف جبل، ڪٽي ڪٽي وڻ، ٽڻ ۽ سامهون پريان کان ڏوڙندڙ سرهن ۽ گڏن جون ڏاکون جيڪي شڪارين کي ٽيون پاڻ ڏي ڇرڪائيندڙيون رهن. دراصل هيءُ علائقو ڪڏهن شڪار لاءِ مخصوص هوندو هو. هت ڪيرٿر ۾ ٽالپر گهراڻي جا حڪمران مير صاحب بہ گهٽو شڪار ڪرڻ ايندا هئا، بلڪ ڪيرٿر جو هيءُ پاڳو هو ئي مير صاحبن جي شڪار لاءِ مخصوص.

سنڌ جي آخري حڪمران مير محمد نصير خان ٽالپر جي فرزند هزهائينس مير حسن علي خان ٽالپر شڪار بابت فارسي ٻولي ۾ جيڪي بہ ڪتاب لکيا آهن، انهن مان هڪ جو نالو آهي "در ڪيرٿر سنڌ، ماهه جمادي الاول 1303ع هجري مطابق ماهه فيبروري 1886ع". هي ڪتاب اڃ ڇپيل شڪل ۾ حيدرآباد جي ٽنڊي مير نور محمد وارن مير صاحبن جي ذاتي لائبريري ۾ محفوظ آهي. تنهن کان سواءِ سنڌ جي مشهور شاعر هز هائينس مير عبدالحسين سانگيءَ پڻ پنهنجي شاعري ۾ ڪيرٿر جي شڪار بابت ڪي شعر چيا آهن:

هي سا زمين آهي جتي شهر يارِ سنڌ،
بهرِ شڪار ايندا ها چا ڪروفر ڪري،
آهي نشان هي صنديدگانِ سنڌ،

☆☆☆

ٽي ويو آهي ويران لوٽيءَ جو ڪوٽ،
ها لهندا جتي شوق مان شهريار،
جتي نوبتون ٽي وڳيون ۽ نشان،
اتي ڪن ٿا چرڙ چهرا هزار،
هي دنيا جو چٽڪو آهي چار ڏينهن،

اڄ نہ باقي رھيا اُھي ھاڪارا حڪمران ۽ نہ وري شڪاري. سڀ فنا جي دز ۾ گم ٿي ويا. ھا البتہ گريٽ ڪيرٽر اُتي جو اُتي ائين ئي ڪڙو آ. صدين پڇاڻان ائين ئي ٻيٺو رھندو.

"سرھ!" وائيلڊ لائيف ڪاتي جو واڇ مين اسان کي سڏي ٿو. سامھون ڪيترا سرھ وڃن پيا ڏکندا. چون ٿا تہ سرھ ۽ گڏ انسانن کان ڏاڍا ٿا ٿھن. ٿي سگھي ٿو ھو ڪمزور دل جا ھجن، پر ائين ضرور آھي تہ اھي جانور انساني غلامي ھرگز برداشت نہ ڪري سگھندا آھن. قسمت سان جيڪر ڪو ڪنھن انسان جي ھٿ چڙھي وڃي تہ گھڙيءَ پل ۾ اھو جانور ساھ ڏئي ويھندو آھي. ان ڪري زنده گڏ کي فقط پري کان ئي ڏسڻ جو موقعو ٿو نصيب ٿئي. مون بہ ڪيترن نامي گرامي شڪارين / سردارن جي بنگلن ۾ سرھن ۽ گڏن جون استف ٽيل سسيون ڏٺيون آھن، جن جون فرياد ڪندڙ اکيون ھر ڏسندڙ کي پنھنجو داستان ٽيون ٻڌائيندیون رھن.

اسين جتي بيٺا آھيون اتي ھڪ ٻوٽو ناز سھتو اسان کي ڏيکاري ٿو. ان ٻوٽي بابت ھو اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ان جو نالو آھي گگر. اسان وڏي وڃي اھو ٻوٽو ڏسون ٿا. گگر ڪاري رنگ جو ٻوٽو آھي، جنھن جي پاڙ واري ڪاٺ مان ڪونئر جھڙو ھڪڙو پاٽيات نڪرندو آھي. گگر جي خوشبوءِ ڏاڍي وٽندڙ ھوندي آھي. چون ٿا تہ اھا سڳنڌ ھندستان جي مندرن ۾ ڌوپ ڏيڻ جي ڪم آندي ويندي آھي، پر اسان وٽ وري اھا شيءِ ڪراچيءَ ۾ نمبر ٽو يعني نقلي پرفيومز ناھڻ ۾ ڪتب اچي ٿي. ٽر جا مسڪين مارو ويچارا گگر جي پاڙ مان اھو پاٽيات ڪڍي واپارين کي ٽن ڇٽن سون ۾ وڃي وڪڻندا آھن، جيڪي وري اھا شيءِ ڪراچي ۾ 12 سئو کان 1800 سئو ۾ وڪرو ڪري ڇڏين. گگر جي نڪرندڙ رس ھاٽي ٽر جي غريب ماڻھن جي پھچ کان پري ٿي وئي آھي. سانگھڑ ۽ ٽرپارڪر جا بااثر وڏيرا انتظاميا کي چئي قلم 144 لاڳو ڪرائيندا آھن، جيئن ڪو بہ ماڻھو ان کي ھٿ نہ لائي سگھي. پوءِ غريب ماڻھو گگر مان رس ڪڍندي پڪڑيو

ويو تہ ڪٽي وجھندس ڪاٽ ۾. باقي وڏيرا خوب ھن ٻوٽي مان ناٽو ڪمائين. ڪراچيءَ جي واپارين جي چوڻ تي ھاڻ ٽر ۾ ھنن ڇا ڪيو آھي، جو ھڪڙو خاص ڪيميڪل وجھن ٿا ان جي پاڙ ۾، جيڪو سمورو رس ھڪ ئي وقت ڪڍيو وڃي، جنھن مان ھو ھڪ ئي وقت ھزارين رپيا ٿا ڪمائين. البت پوءِ وڻ مريو وڃي. ان ڀيٽ ۾ غريب ٽري ان مان گھٽو رس ڪونہ ڪڍن، تہ متان وڻ سڪي نہ وڃي.

ـ "پلا ڪوھستان ۾ اڃا ماڻھن کي ڳگر جي خبر نہ پئي آھي جو اھو ٻوٽو ڪيترن ھنڌن تي اسان کي پيو نظر اچي." مان چوان ٿو.

اسان کي گھمندي صبح جا 10 اچي ٽيا آھن، ۽ ھاڻي سج تپش پيو ڏيکاري. انھيءَ ڪري اسان واپسي جي تياري ڪريون ٿا. گاڏيون پنھنجا رخ موڙي اسان جي انتظار ۾ اچي بيھن ٽيون. اسين ڪيرٽر کي الوداع چئي گاڏين ۾ ويھون ٿا تہ گاڏيون وري لاھيءَ تان آھستي آھستي لھڻ لڳن ٽيون. واپسي مھل ساڳيو رستو، ساڳي لاھي، ساڳيا وڻ. ھڪ ھنڌ پاڻي تي ٻہ چار سرھ بينا آھن، جن کي اسين ڏسڻ لاءِ گاڏين مان لھي ھيٺ اچون ٿا. ھيٺ ھڪ ھنڌ ڪاھي ۾، نل ذريعي پھچايل پاڻيءَ تي اھي جانور آيا آھن، انھن کي ڏسي اسان وري اچي گاڏي ۾ سوار ٽيون ٿا. ھاڻي سج اُلا پيو اڇلائي، ڪجھ دير جي سفر بعد اسان واپس ڪرچات سينٽر جي عمارت ۾ ٿا موٽي اچون.

ايئر ڪنڊيشن گاڏين ۾ جابلو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اسين ڏاڍو ٽڪجي پيا آھيون، انھي ڪري ھر ڪو ھٽ منھن ڏوئي اچي ڪرسين تي ويھي ٿو. منھنجي آڏو وزيٽر بوڪ رکيل آھي، مان اھو کٽي پڙھڻ شروع ڪريان ٿو.

وزيٽر بُوڪ ڇگو پراڻو آھي، منجھس ڪيترن ئي معروف ۽ غير معروف ماڻھن جا انگريزي ۽ اردو ۾ تاثرات لکيل آھن. سڀ کان اول تاثر لکندڙ مارشل لا دور حڪومت جو تڏھوڪو گورنر جھانزيب ارباب آھي، جنھن 22 ڊسمبر 1977ع تي ڪيرٽر نيشنل پارڪ جو دورو ڪيو ھو. ھو لکي ٿو "ڪيرٽر نيشنل پارڪ ۾ مان اچي ۽ ڏسي ڏاڍو خوش

ٿيو آهيان، جڏهن ته مون کي اميد آهي ته اڳتي هلي هي علائقو وائيلڊ لائيف جي دور ۾ پنهنجي اهم جاءِ وارو ۽ لاربندو ۽ ترقي ڪندو."

جهانزيب ارباب سنڌ جو ارڙو گورنر هو. ساڻس منهنجي هڪ پيرو ملاقات سال 1991ع ۾ ڪراچيءَ ۾ چيف منسٽر هائوس ۾ هڪ دعوت ۾ ٿي هئي. گهٽ ڳالهائڻ وارو ماڻهو، نه طبيعت ۾ گهٽي مغروري، نه وري رعب تاب، شايد اقتدار ماڻهو جي مٿي مان ڦيري ڪيي ٿو ڇڏي. اقتدار مان نڪرڻ بعد، سڄو رعب ختم ٿيو وڃي. سندس ئي دور ۾ جام صادق علي ضياءَ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ سنڌ کان جلاوطن ٿي لنڊن ويو هو ۽ ڪيس هوائي اڈي تي الوداع ڪندڙ هو جهانزيب ارباب.

مون هڪ پنو اٿلايو.

وزيٽر بوڪ تاثرات سان ڀريل آهي. (ڪيڏو نه سٺو ٿئي جو ڪو ماڻهو اهي سمورا تاثرات سهيڙي پارڪ بابت مختصر ڇاڻ سان ايڊٽ ڪري مختلف هولين ۾ شايع ڪري، ته هوند ماڻهن کي هن پارڪ بابت سٽي معلومات ميسر/ حاصل ٿئي)

ڪجهه پنا اٿلايان ٿو. منهنجي نظر هڪ تاثر تي ٿي وڃي پئي، اهو لبنان جي هڪ ننڍڙي نينگر جو لکيل آهي. سال 1981ع جي 24 جولاءِ تي لبنان جي شهر ٽريپولي مان ڪهي آيل عرب نينگر معظم علي لکي ٿو:

"مان ڪلاس نائين جو شاگرد آهيان، ۽ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ اڄ هي علائقو ڏسڻ آيو آهيان. منهنجي زندگيءَ جو هي پهريون موقعو آهي جو مان هڪ بيحد خوبصورت هنڌ ڏسڻ آيس. دراصل کيرٿر نيشنل پارڪ ڏاڍو سهڻو علائقو آهي ۽ مان هي علائقو ڏسي متاثر ٿيو آهيان. منهنجي دل چوي ٿي ته مان جيڪر هتي گهڻو وقت رهي پوان، پر ائين نه ٿو ٿي سگهي. هي علائقو مون کي سدائين ياد ايندو رهندو، بلڪ ڪڏهن به مان هن علائقي کي وساري نه ٿو سگهان."

وزيٽر بوڪ جا ڪيترائي پنا زرد ٿي ويا آهن. ڪهڙي خبر ته

اڏوهي هنن پنن کي بہ ڪٽي کائي نہ ويجي. زندگي جي ڊوڙ ڪيڏي نہ تيز آهي ۽ انسان ڪيڏو نہ هيٺو ۽ وياڪل.

مان وزيٽر بوڪ اڃا پڙهي رهيو آهيان تہ ڪو دوست دانهن ڪري ٿو ادا هاڻي اسان کي بہ ڏي تہ انهي ۾ ويهي ڪو تاثر لکون. مان وزيٽر بوڪ سندس حوالي ڪريان ٿو.

ٻاهر ڪيرٽر جو علائقو تپش سبب آهستي آهستي گرم ٿي رهيو آهي. اسان ڪجهہ دير ۾ هاڻي هتان روانا ٿي ويندا سين. نصير مرزا الوداعي تقريب کي رکارڊ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ننڍڙي ٽيپ رکارڊ کي ناهي پيو. هن ادبي، صحافتي ۽ مطالعاتي دوري جو آرگنائيزر نفيس احمد ناشاد پڃاڻي جي رسمن کي آخري ترتيب ڏئي رهيو آهي. محترم حميد سنڌيءَ جي رهنمائي ۾ آيل هي ليڪڪن جو گروپ. هاڻي ڪجهہ گهڙين ۾ هتان هليو ويندو.

ڪالهہ شام وانگر هن محل بہ ڏاڍو ڊپريس ڪندڙ ماحول آهي. ڪجهہ دير کان پوءِ هر ڪو وري زندگيءَ جي گهمسان ۾ کوٽجي ويندو/ زندگيءَ جي اسٽيج تي ساڳي پنهنجي ڪرت کي وڃي لڳندو ۽ هت ڪرچات ۾ رهجي ويندو اسان جو ڳالهائڻ ۽ اسان جو آواز.

(الوداع اي ڪيرٽر جا پهاڙ الوداع)

مان اٿي ٻاهر ڪيرٽر کي ڏسان ٿو. ٻاهر سج ڪيرٽر جي پهاڙ تي تاندا پيو اڇلائي. تيز ۽ گرم هوا ۾ سڪل پن اڏامن پيا. سامهون اتل ۽ اڏول ڪيرٽر اُس ۾ پيو جرڪي.

جي تو اڃا نہ ڃاتو، آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي متي اڃاسي،
آيو ويو سڪندر سيوهڙ اڃا اتي آ،
هو ڪيرٽر ڪڙو آ ويندا رهي وناسي!

(15 ڊسمبر 1999ع جي عبرت مئگزين ۾ ڇپيل)

پاڻي ناهه پنڌ گهٽو

ايا باک ڦٽيءَ ۾ ڪي پهر باقي هئا، جو هڪ همراهه اچي مون کي ننڊ مان اٺاريو. ڪمري ۾ گهگهه اوندهه چانيل هئي. پهريون سمجهه ۾ نه آيو ته ڪٽي سُتل آهيان. اکيون ڦاڙي ننڊ مان اٺارينڌڙ شخص کي ڏسندو رهيس، پوءِ عينڪ پائي هن کان پڇيم، "ڇا آهي؟" چوڙ لڳو، "سائين اٺو، صبح جو توهان کي 6 وڳي ويڙهو آهي." ائين چئي هو ٻاهر ويو، ته پوءِ ياد آيو ته هي پنهنجو گهر نه، پر بدين ڪئنٽونمينٽ آهي، جتان صبح جو سويل آئي. ايس. پي. آر طرفان ٽرجي اپياسي دوري تي صحافين جي ٽيم سان گڏ روانو ٿيڻو آهي.

اهو سوچي بيڊ تان اٺي بتي ٻاريم. منهنجي ۾ واري بيڊ تي دوست غلام نبي مغل بيورو چيف "فرنٽيئر پوسٽ" سُتل هو. هن کي اٺارڻ مناسب نه سمجهيم. بتي بند ڪري ٻاهر نڪري آيس.

ٻاهر چؤطرف هر شيءِ چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل هئي. مٿي لاڙ جي آڪاش تي تيرهين ذوالحج جو چنڊ ڪڙيل هو. چنڊ جي چئني پاسن کان هزارين ستارا بيئل هئا، پر اهي سڀ چنڊ جي آڏو جهڙوڪر مُرجهايل پئي لڳا. مان ورانڊي ۾ بيهي ڏگها ڏگها ساهه کنيا ۽ چانڊوڪيءَ جي جادوءَ ۾ کوڙجي ويس. سامهون ٻهر ۽ نم جا ڪيترا وڻ، ليار جا ساوا ٻوٽا، چانڊوڪيءَ ۾ ڏاڍا عجيب پئي لڳا. مٿي آڪاس تي ڪو پکي پکڙ ٻ ڪونه هو، جڙ سڃو وايومنڊل ننڊ جي دنيا ۾ سُتل هو. چؤطرف مات چانيل هئي. پريان کان ڪاپي پاسي ميس وٽ ڪيترين فوجي جيپون رات کان اچي بيٺيون هيون، جن ۾ چڙهي، سڃي پاڪستان کان آيل صحافين جي ٽيم ڪچ ۽ ٽرجي سرحدي دوري تي نڪرڻي هئي.

مان اتي ئي بينو هوس، تہ ايتري ۾ غلام نبي مغل اچي منهنجي پر ۾ بينو. چوڻ لڳو، "توهان پهرئين بات ونو، تہ پوءِ مان بہ تيار ٿيان!"

چيم، "توهان پهرئين تيار ٿيو، مان بعد ۾ اچان ٿو." هو اندر هليو ويو تہ ايتري ۾ آهستي آهستي پرهہ ڦٽيءَ جو سوجهرو نروار ٿيڻ لڳو. آڪاش تان هڪ هڪ ٿي سمورا تارا غائب ٿي ويا. گهڙيءَ ۾ مغل صاحب تيار ٿي نڪتو تہ مان بہ هٿ منهن ڌوئي ٻاهر آيس. فوجي ميس ٿورو پرپرو هئي. ميس ۾ داخل ٿياسين، تہ اتي اسلام آباد، ڪراچي ۽ حيدرآباد کان آيل صحافي دوست نيرن ڪري رهيا هئا. اسان تڪڙو ناشتو ڪري ٻاهر پورچ ۾ وڃي بيناسين. همراهن اسان جا ٿيلها اڳي ئي جيپن ۾ رکي ڇڏيا هئا. هر هڪ جيپ ۾ ٻہ ٻہ ٽي ويناسين تہ، الله توهار اسان جو ٽر جو سفر ٿيو شروع. هن سفر ۾ حيدرآباد جا صحافي غلام نبي مغل، آءٌ، رئيس ڪمال، سرفراز وسطڙو، جُنيد خانزادو، شڪيل بچاڻي ۽ ڪراچيءَ جو فاروق عادل شامل هئا. بدين واري رستي تي ٽرئفڪ نہ هئي، ان ڪري گاڏين سڌو رخ رکيو ڪيڙ روڊ ڏانهن، جيڪو ڪيڙ رحمڪي بازار کان ٿيندو ڏيپلي وڃي ٿو.

ڪجهہ ئي دير ۾ بدين شهر کي لتاڙي اسان ڪيڙ واري روڊ تي اچي چڙهياسين. ڪيڙ روڊ ايترو موڪرو ڪونهي، جنهن جي ڪري ان روڊ تي هڪ گاڏي مس هلي سگهي ٿي. سامهون کان جيڪڏهن ڪا گاڏي ٿي آئي تہ ان کي ڪچي ۾ ٿي لهڻو پيو. صبح سان روڊ تي گهٽي ٽريفڪ نہ هئڻ جي ڪري گاڏيون تکيون پئي ڊڪنديون ويون. گهڙيءَ ۾ اچي لنواري شريف کان لانگهائو ٿياسين. لنواري شريف حضرت خواجہ محمد زمان جي ڪري گهڻو مشهور آهي، پر بدقسمتيءَ سان ڪيترن ورهين کان درگاهہ کي بند ڪري ڇڏيو اٿن. صبح سويل، لنواري شريف مان لنگهندي، لنواريءَ جو لال ياد اچي ويو. دل ئي دل ۾ فاتح پڙهي گاڏيءَ جي دريءَ مان مقبري تي نظر وڌم. مقبرو پراڻو پر ڏاڍو سهڻو نهيل آهي. مقبري جي چوگرد، قلعي وانگر عالم پناهہ ڏنل آهي. مقبري جي پر ۾ هڪ پراڻي پر ڏاڍي سهڻي

حويلي بہ ڏسڻ ۾ پئي آئي.

لنواريءَ مان نڪرندي گاڏيون وري تيز هلڻ شروع ٿي ويون. ڪجھ دير ۾ اڇي ڪيڙ پھتاسين. ڪيڙ ۾ ڪن دوستن کي سگريٽ ونڊا ھئا، ان ڪري ھڪ ڪئبن واري وٽ اڇي بيناسين. ضلعي نٽي وانگر بدين ۾ بہ پانُ ماٺھو تمام گھٽ ڪائين، مون بہ ۾ چار پان ورتا. ڇاڪاڻ تہ اڳتي ٽر ۾ پان ملڻ مشڪل ھو. سگريٽ ۽ پان وٺي، گاڏيون وري ڏيپلي واري پاسي ڊُڪڻ شروع ٿي ويون. اسان کي علي بندر ۽ رحمڪي بازار وارو رستو وٺي، ڏيپلي واري ٽريڪ تي چڙھڻو ھو. بدين کان علي بندر 42 ڪلوميٽر ۽ رحمڪي بازار وري آھي 55 ڪلوميٽر پري. ڪيڙ کان پوءِ روڊ ويتر خراب ھو. ان ڪري گاڏين ۾ ڏاڍا جھٽڪا پئي آيا. ڪجھ دير ۾ اسان اڇي "سُني گني" وٽ پھتاسين، ھتي اسان کي واٽر سپلاءِ اسڪيم ڏيکاري وئي. سُني گني واھ ۾ دراصل بہ واٽر ٽينڪ 50 ھزار گيلن جا ۽ بہ واٽر ٽينڪ 20 ھزار گيلن پاڻي جا ٺھيل آھن. اتان وري 15 ڪلوميٽر ڊگھي پائيپ لائين وسيلي رحمڪي بازار کي ايڪيھ لک گيلن پاڻي پھچائڻ جو بندوبست ٿيل آھي. ماٺھو پري کان پاڻي پرڻ لاءِ ڪمي اچن. سُني گني ۾ ٺھيل حوض مان پاڻي پرڻ واسطي ھن علائقي ۾ پاڻيءَ جي ھيءَ رٽا فوج ناھي آھي، سنڌ سرڪار جي مالي سھڪار سان. اتي ڪيترا ماٺھو اُنن تي چڙھي پاڻي پرڻ آيا ھئا. اڳي ھت پاڻي جي ڏاڍي تڪليف ھئي، پر ھاڻ پري کان پاڻي ھتي پرڻ لاءِ اچن. ھڪڙي حوض مان اُٺ بہ پاڻي ٿي پيئو تہ ماٺھوءَ پاڻي پئي پريو.

ڪجھ منٽ اتي ترسي اسين ٻيھر اڳتي روانا ٿياسين. ڪجھ ميل گاڏين پنڊ ڪيو تہ اڳيان واريءَ جون پٽون ظاھر ٿيون. سُني گني کان اڳتي ساڄي پاسي اولھ ڏي رحمڪي بازار ھئي. رحمڪي بازار وڃڻ لاءِ ويندڙ رستي تي ھڪ ننڍڙو بورڊ بہ زمين ۾ ڪتل ھو. خبر پئي تہ رحمڪي بازار اتان بہ ٽي ميل پرتي آھي. سمنڊ بہ اِن طرف آھي، رڻ تہ اٽس بنھ سندس سامھون. ڪنھن زماني ۾ رحمڪي بازار ھڪ وڏو بندر ھوندو ھو، جتي دنگيون ۽ جھاز اڇي لنگر ھڻندا ھئا. سڪندر اعظم بہ حضرت عيسيٰ کان سوا ٽي سو صديون اڳ جڏھن

هتان لنگهيو هو ته، هتي چولين پئي ڇلڪا ڏنا. پوءِ نه رهيو سمنڊ نه رهيو پاڻي، اڄ ڪلهه رڳو سڄ پئي واکا ڪري.

مون گاڏيءَ مان رحمڪي بازار طرف نهاريو. گاڏيون موڙ ڪائي ڪاهي پاسي مڙيون. اڳتي رستو پڪو هو ۽ اهو رستو ريگستاني پٽن جي وچ مان ٿاهيو اٿن. اسان کي ٻڌايائون ته اهو رستو اڳتي هلي ڏيپلي تائين پڪو ٿيندو. ڪجهه ميل اڳتي هليا سين ته اهو پڪو روڊ به ختم ٿي ويو. هاڻ اسان جي سامهون ڏيپلي ڏانهن ويندڙ واريا سو رستو هو. ان ڪري پڪي روڊ جي پڇاڙي تي گاڏيون بيهاريون ويون. گاڏيون بيٺيون ته ڊرائيورن گاڏين جي ڦيٽن مان هوا ڳهٽائڻ شروع ڪئي، ڇاڪاڻ ته واريا سي ٽريڪ تي ڳهٽ هوا وارا ڦيٽا سولائي سان ڊڪي ٿا سگهن. رستي جي ٻنهي پاسن کان وڏيون وڏيون ٽڪرون هيون. رستي تي هڪ ڳوناٽو بيٺل هو. وڏي وڃي ڪائنس حال احوال ورتم. ٻڌايائين ته سندس ڳوٺ جو نالو آهي "ڪاري" ۽ ڳوٺ ۾ گهٽو ڪري رهن ٿا راهما. هو پاڻ به راهمون هو. سندس معلومات موجب ڳوٺ ڪاري ۾ فقط پرائمري اسڪول آهي، جنهن ۾ 25 ڪن هارڙا پڙهن ٿا. البته پرپرو ڳوٺ مسو ڊاهڙو ۾ هڪ هاءِ اسڪول موجود آهي!

چيم، "راهما، پلا ٻڌاءِ ته ووٽ ڪنهن کي ڏيندا آهيو."

ڏٺم، ته همراهه ڏاڍو هوشيار هو. مون واري سوال کي لنوائي چوڙ لڳو. "سائين سيني کي ڏيندا آهيون، اسان جو ڪنهن به پارٽي سان تعلق ڪونهي!"

"پلا هتان جو ايم اين اي ڪير آهي؟" سوال ڪيم

"ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم" نهه پهه وراڻي ڏنائين.

"يار هتي پاڻي مٺو آهي يا کارو؟" هن کان سوال ڪيم.

"سائين پاڻي کارو آهي!" هن وراڻي ڏني.

ايتري ۾ ڊرائيورن گاڏين جي ٽائرن مان هوا ڪڍي ڇڏي ته اسان جون گاڏيون پڪي روڊ تان ڊيزرٽ ٽريڪ تي چڙهيون. جنهن کي ٽر ۾ چون "واريءَ جو چيلهو" واريءَ جي انهيءَ چيلهي تي جڏهن گاڏي هلي ٿي، ته لڳندو ائين آهي، جهڙ پاڻيءَ جي لهرن تي ڪا لانچ

آهي، جيڪا وڃي ٿي هلندي. ڪڏهن هيٺ، ڪڏهن مٿي، مطلب ته الله ڏي ۽ هانءو سمي! سامهون رينٽيءَ جا چيلها، پاسن کان واري جون وڏيون وڏيون پٽون ۽ مٿي آسمان ۾ اپريل مهيني جو سج پنهنجي پوري تپش سان، اسان مٿان تاندا اُڇلي رهيو هو. مون کي ياد آيو ته ڪيترا ورهيه اڳ، جڏهن نئين ڪوٽ کان مني تائين پڪو رستو نه هيو هو ته غلام علي الانا، عبدالقادر جوٽيجي سان گڏ مائيٽي اوني جي تعزيت ڪرڻ لاءِ ڳوٺ خانور اوني ويا هئاسين. نئين ڪوٽ ۽ وڃوٽي جي وچ ۾ مرحوم مائيٽي جوڳوٽ، ۽ اتان جي مهمان نوازي اڄ به ڪونه وساري سگهيو آهيان.

جيئن جيئن ڏينهن ٿي ويو تپندو، تيئن تيئن ٿر جي واريا‌سي علائقي ۾ اسان جون جيپون به ٿي ويون ٽڪبيون. سوچيم، خدايا خير ڪجانءِ، ايڏا ته سفر جي شروعات مس ٿي آهي، اڳتي هڻڻي گرميءَ ۾ سفر ڪيئن ٽيندو؟ واريا‌سي سفر جو خيال ايندي اڇي اُڄ تپايو. پاسي ۾ رکيل بوتل ۾ هٿ وڌم. پاڻي تپي باهه ٿي ويو هو. اهو ڏسي ڊرائيور چيو، "سائين باقي ٿورو پنڌ آهي. ڏيپلي ۾ ٽڏو پاڻي جام، بس ٿورڙو انتظار ڪريو." مون مٿي تپندڙ سج ۽ ٿر جي آڪاس کي ڏٺو. سوچيم ته، خبر ناهي سوين سال اڳ ماڻهو هڻڻي ريگستاني علائقي ۾ سفر تي ڪيئن نڪرندا هئا؟

اوچتو مون کي ياد آيو ته مغل بادشاهه شاهجهان جي صوفي پٽ شهزادي داراشڪوهه به پيرا ڪ جي رڻ کي پار ڪيو هو. پهريون پيرو 24 نومبر 1658ع تي ۽ ٻيو پيرو 3 مئي 1659ع ۾. ان جو تفصيل ڪجهه هن ريت آهي:

"اورنگزيب عالمگير هٿان 29 مئي 1658ع بمطابق رمضان 1068 هجري ۾ ساموگڙهه (آگري ۽ دولتپور جي وچ ۾) وٽ شڪست کان پوءِ، جڏهن اورنگزيب عالمگير جو سالار صف شڪن پنهنجي ڇهه هزار سپاهين سان سندس ڪيڙ لڳو، ته دارا سنڌ ۾ اچي پناهه ورتي. هو سيوهڻ وٽان ٽيندو، ٽٽي کان سنڌو درياهه پار ڪري، 24 نومبر 1658ع تي بدين مان ٽيندو رڻ ۾ ڪاهي پيو هو ۽ رڻ کي ڪاميابي سان اُڪري وڃي احمد آباد پهتو. ان وقت ساٽس گڏ

سندس بهادر زال نادره بيگم بہ گڏ هئي."

"ٻيو پيرو جڏهن دارا 14 مارچ 1659ع تي ٽن ڏينهن جي جنگ بعد اورنگزيب هٿان شڪست کاڏي تہ بي سرو سامانيءَ جي حالت ۾، ڏهن هارنهن ماڻهن ۽ چند عورتن سميت هُو ٻيهر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. ان وقت وري اورنگزيب جا وفادار ساٿي راجا جئ سنگهہ بهادر خان، پنهنجا لشڪر وٺي دارا جي ڪيڙ لڳا. هو 3 مئي 1659ع تي رڻ پار ڪري بدين وٽان سنڌ ۾ داخل ٿيو. پويان سندس ڪيڙ جئ سنگهہ ڪڇ جو رڻ پار ڪيو. پر جئ سنگهہ جو لشڪر رڻ ۾ رُلي ويو. پاڻيءَ جي قلت، رستي جون ڏکايون ۽ واٽ جون تڪليفون، خوفناڪ حد تائين جئ سنگهہ برداشت ڪيون. اهو لشڪر رڻ پار ڪري جڏهن رحمڪي بازارڪان اورتي پهتو هو، تہ ڪين پهريون ڳوٺ راهمان مليو هو." ڪهڙي خبر تہ اهو ڳوٺ راهمن جو هجي. ڪهڙي خبر تہ اهو ساڳيو ڳوٺ ڪاري هجي. ڪهڙي خبر؟ مون سوچيو. تاريخ بہ ڪيڏي نہ عجيب آهي. اڄ نہ اونگريزيب ۽ نہ وري دارا باقي رهيو آهي. هڪڙو ياءُ پنهنجي شاندار مقبري اندر آگري ويجهو اورنگ آباد ۾ دفن آهي تہ ٻيو ياءُ دهلي ۾ پنهنجي پڙڏاڏي همايون جي مقبري ٻاهران ابدي ننڊ ۾ آرامي آهي. ها البت رڻ اهو ساڳيو آهي. زمين ساڳي آهي ۽ هي سج جيڪو هن مهل بہ اُلا اڇلائي رهيو هو، ساڳيو آهي.

"سائين! هاڻ ڏيپلو ويجهو اڇڻ وارو آهي." ڊرائيور جي آواز تي مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس. ڏينهن جا يارهن پئي ٽيا ۽ اسين ڏيپلي جي پسگردائيءَ ۾ داخل ٿي رهيا هئاسين. واٽ تي بہ ٽي ڳوٺ آيا. هڪ اسڪول ۾ هارن راند پئي ڪئي. گهڙيءَ ۾ اسان جون گاڏيون ڏيپلي شهر اندر داخل ٿيون.

ڏيپلو

بدين کان ڏيپلو 114 ڪلوميٽر پري آهي. هتان کان 1996ع واري چونڊ ۾ ايم اين اي جي سيٽ تان ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ۽ ايم پي اي ارباب فيض محمد چونڊجي آيا آهن. 145 ڪلوميٽر ڊگهي پارتي سرحد، ڏيپلي کان رڳو ٽيهن ميلن جي فاصلي تي واقع

آهي. ڏيپلي جي آبادي ڏهه هزار کن هوندي، جن ۾ ميمڻن جي اڪثريت آهي. ڏيپلي ۾ ميمڻن جا وڏا وڏا گهر موجود آهن. پر اهي گهٽو ٿلو رهن حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾.

تازو مني‌ءَ کان ڏيپلو (مفاصلو 50 ميل) پڪو رستو نهيو آهي، جنهن جي ڪري اڄ وڃ جون سهولتون سوليون ٿي پيون آهن. سنڌ جو مشهور اديب محمد عثمان ڏيپلائي به اصل هتان جو رهاڪو هو. ٿر جي پس منظر ۾ سندس لکيل "ڏڪار" ناڪ اڄ به ٿر جي حالتن تي نهڪي اچي ٿو. اهو ناڪ ڪتابڙي جي صورت ۾ به شايع ٿيو، 1958ع جي ايوب خان جي مارشل لا ۾، ڏڪار ناڪ تي بندش پئي، ان دور ۾، سچ لکڻ وڏي جرئت جو ڪم هو ۽ ڏيپلي جي متيءَ مان جنم وٺندڙ محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي سچ لکڻ ايندو هو. اڄ ڏيپلي جي ڪنهن گهٽيءَ يا چونڪ تي سندس نالو لکيل نظر نه ايندو، نه وري ڏيپلي وارن کان اهو ڪم پُڇو آهي ته، هو پنهنجي شهر جي مکيه چونڪ کي محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ياد ۾ منسوب ڪري ڇڏين. ٻي ڪنهن قوم ۾ اهڙو جرئتمند جونجهار پيدا ٿئي ها ته، سندس ياد ۾ ڪيترين ئي يادگيريون قائم ٿي وڃن ها. سنڌ ۾، پيرپرستي جي خلاف جيڪڏهن ڪنهن عملي جهاد ڪيو ته اهو هو ڇڙو محمد عثمان ڏيپلائي، جنهن سنڌ ۾ پنهنجي لکڻين جي وسيلي وڏي جاڳرتا پيدا ڪري ڇڏي. خدا شل جنت ۾ جايون ڏئيس. مون اهڙا بهادر انسان تمام گهٽ ڏٺا.

سو ڳالهه پئي هلي ڏيپلي جي، چون ٿا ته هتي ڪنهن وقت لٽريسي ريٽ 90 سيڪڙو هو، پر اڄ ڪلهه ان جو رجحان ايترو گهٽو ڪونهي. اسان جون گاڏيون جڏهن ڏيپلي شهر ۾ داخل ٿيون، ته مون کي شهر ۾ پڪسريون جايون نظر آيون، هڪ جاءِ ۾ ته اي سي به لڳل هو. شهر جي مکيه چونڪ "ينيا بازار" مان لنگهندي، اسين ڊسٽرڪٽ بنگلي تي پهتاسين، ان مهل صبح جو 11 پئي وڳا. ريسٽ هائوس وارو بنگلو 1958ع جو ٺهيل، جتي اڄ ڪلهه رينجرز وارا ٿا رهن. بنگلي جي اڳڙ ۾ ساڄي پاسي کان جانور رکڻ لاءِ ڪمري جيترو پيجرو ٺهيل هو، جنهن ۾ به مور ويٺا هئا. مورن کي پيجري ۾ بند

ڏسي الائي ڇو منهنجو من وسامجي ويو. ويجهو وڃي انهن کي ڏسڻ لڳس. ڏيپلي جي ڊسٽرڪٽ بنگلي جي ڊرائنگ روم ۾ ويناسين تہ، اردلي پاٽي ڪٽي آيو. پاٽي ٽڏو منو هو، جنهن لاءِ ٻڌايائون تہ اهو پاٽي ڏيپلي جي ڪوهن جو آهي!"

ايتري ۾ رينجرز جو ڪرنل منيب اچي اسان وٽ ويٺو.

مون هن کان پڇيو، "اخبارن ۾ اڪثر رينجرز وارن جون ٽر جي ماٺهن سان ڏاڍاين جون خبرون شايع ٿيون ٿين. چون ٿا تہ خاص طور تي سرحدن جي پسگردائيءَ مان ڪوئي ماٺهو لنگهي ٿو تہ هن کي گرفتار ٿو ڪيو وڃي؟"

هن وراڻي ڏني، "ائين ڪونهي. ها البت ڪو ماٺهو سرحد پار ڪندي ڏٺو ويندو آهي تہ پوءِ هن کي ضرور گرفتار ڪندا آهيون!"

"چا باردر ڪراس ڪرڻ جا واقعا هتي گهٽا ٿيندا آهن؟" ڪنهن سوال ڪيو.

"نہ بالڪل نہ. دراصل هتي 50 ڪلوميٽرن ۾ نہ پاٽي آهي، نہ وري ڪا رستي جي سهولت، ان ڪري باردر ڪراس ڪرڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. مهيني ۾ 5 ڪيس بہ انهيءَ قسم جا نٿا ٿين. باقي گرفتار ٿيل اهڙا ماٺهو هوندا آهن، جن جو مال هتان کان هوڏانهن هليو ويندو آهي."

"چا باردر جي علاقي ۾ ڪو اوپرو ماٺهو نٿو وڃي سگهي. چون ٿا تہ هتي رات جو ڪرفيو لڳل هوندو آهي." غلام نبي مغل سوال ڪيو.

"باردر جي 8 ڪلوميٽرن اندر ڪوبہ اوپرو ماٺهو چرپر نٿو ڪري سگهي، بلڪ اوهان کي بہ اجازت نہ مليل هجي ها تہ سرحد وٽان لنگهڻ نہ ڏيون ها."

"پلا ڪوبہ اوپرو ماٺهو 8 ڪلوميٽر اندر چو نٿو اچي سگهي!" مون سوال ڪيو.

"اهو انهيءَ ڪري جو اسان وٽ اوپري ماٺهوءَ کي روڪڻ لاءِ اهوئي قانون وڃي بچي ٿو. باقي هيڏي وڏي سرحد تي، چڪاس رکڻ ناممڪن ڀالہ ٿي پوندي. هتان جي رهاڪن کي بہ اهو چيل هوندو

آهي تہ کو بہ اوپرو ماڻهو اوهان کي نظر اچي تہ فوري طور تي اسان کي ٻڌايو وڃي. ان کان سواءِ اسان وٽ "پيري" بہ هوندا آهن، جيڪي روز ڇڪاس ڪندا رهندا آهن. اهي پيري ايڏا تہ هوشيار آهن، جو اُٺ بہ سرحد پار ڪندو تہ پيري ٻڌائيندو تہ اُٺ تي ڪيترو بار هو، مٽس گهٽا سوار هئا، انهن ۾ مرد ڪيترا هئا ۽ عورتون ڪيتريون هيون؟ اهي کوجي پيرن جا نشان ڏسي کوجنا ڪندا آهن، تہ ڪير آيو، ڪير ويو!"

"ڇا رستي تان ماڻهوءَ جي پيرن جا نشان نہ ڏهندا آهن؟" مون پڇيو.

"بلڪل نہ. 15 ڏينهن تائين ماڻهوءَ جي پيرن جا نشان بيٺل هوندا آهن ريگستان ۾!"

"دراصل پارتي علائقي ڪچ ۾ بہ ڪو اوپرو ماڻهو ڊي سي جي اڳواڻ اجازت کانسواءِ سرحدي ڇوٽ ۾ نٽو گهمي سگهي" اسان جي ڪچهري ڪجهہ اڳتي هلي تہ ايتري ۾ رينجرز جو هڪ سنڌي عملدار شير محمد اچي اسان سان مليو. ڪنڈ ڪوٽ جي علائقي جو همراهہ ڪيترن ورهين کان رينجرز ۾ ڊيوٽي ڏيئي رهيو آهي. پيرين جي ذڪر تي مون کي محمد اسماعيل عرساڻي جو ڪتاب "سير ريگستان" ياد اچي ويو. ان ۾ عرساڻي صاحب پيريءَ بابت ڏاڍي مزيدار ڳالهہ لکي آهي، جيڪا سربستي ڪجهہ هن ريت آهي:

"هڪ دفعي جي مزيدار ڳالهہ آهي تہ اسان ڪيتلاري (اربابن جي ترائي) تان اٺ تي سوار ٿي رحمڪي بازار ٿي وياسين، جا اتان 28 ميل ڏکڻ طرف هئي. اتان اڌ پنڌ مس ڪيوسين تہ اوچتو جت اٺ کي جهڪايو ۽ لهي واٽ مٿان جيڪا هڪ رلي پئي هئي، اها ڪنئي. مون ڪانئس پڇيو، "اها رلي تنهنجي آهي يا ڪنهن ٻئي جي آهي؟" هن جواب ڏنو "سائين، هڪڙي اُٺ جا پير آهن. پاڻجي ٿو تہ ڪو گذريل رات هتان لنگهيو آهي ۽ اٺ تي ننڍ ڪندو ويو آهي. هيءَ رلي ان جي ڪيرايل ٿي ڏسجي." وري چوڻ لڳو، "سائين ٻيو ڪو واڌوڪٽي ويندو، سو مان چونہ ڪٽان؟"

"اسان شام جو 4 وڳي ڏاري ارباب امير حسن خان جي

سينگالي تي منزل انداز ٿياسين، جيڪا رحمڪي بازارکان ٻه ميل اورتي هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو سويل اسان رحمڪي بازار وياسين ۽ اسڪول جو امتحان ونڊي اٽڪل ٽين ونگي ڏاري واپس سينگالي آياسين. اتي پهچون تہ ڏسون تہ هڪ ٽريو وينو آهي. هو اسان کي ڏسي چوڻ لڳو، "سائين، اوهان جو جت منهنجي رلي فلاٽي هنڌ تان ڪٽي آيو آهي، سا مون کي ونڊي ڏيو!" مون کي اهو ڏاڍو تماشو لڳو، سو ٽريءَ کي چيم، "توکي ڪيئن خبر پئي تہ رلي منهنجي جت ڪنئي آهي؟" جواب ڏنائين، "سائين اٽ جو پير ڪٽي هتي پهتو آهيان." مون ڪلي چيو، "هينئر نہ اچين ها تہ اسين شام جو هتان ڪوچ ڪري 22 ميلن تي هليا وجون ها." انهيءَ تي وراٽيائين: "سائين! ٽر ۾ جيستائين هجو ها، مان اوهان کي نہ ڇڏيان ها". اسان کي ڏاڍي ڪل آئي. پڇيم، "رلي تنهنجي وڌ ۾ وڌ ٻن رپين جي هوندي، جنهن لاءِ تون سجو ٽر پيو اسان جي پنيان رُلين ها" چيائين، "سائين مون کي ٻيو ڪمڙو ڪم آهي؟ غريب ماڻهو آهيان ٻن رپين جي رلي مان ڪوهہ ڇڏيان!" وري هن کان پڇيم، "تو اها رلي ڀلا ڪيئن ڪيرائي؟" چيائين، "سائين رات جي وقت اُٽ تي چڙهي پئي ويس. ننڊ جو جهوٽو اچي ويم ۽ رلي ڪري پئي. ڳوٺ وڃي سنياليم تہ رلي ڪانهي، تنهنڪري واپس ساڳي واٽ ڏي وريم ۽ ڏٺم تہ هائو ٻيلي ڪو جت اٽ تي رلي ڪٽي ويو آهي. پوءِ اُٽ جو پيرو ڪٽي اچي هتان پڇا ڪيم. خبر پئي تہ هڪڙو صاحب انهيءَ واٽ برابر آيو آهي."

اهو هڪ مثال آهي ٽر ۾ پيرين جو.

ڪچ رڻ ڏانهن

چانهہ پي ٽاڪ منجهند جو ڏيپلي کان روانا ٿياسين، هاڻ اسان جي منزل ڪچ جي سرحد وٽ واقع رينجرز جي چوڪي "جت ترائي" هئي. هت اسان کي مانجهاندو ڪرڻو هو. ڏيپلي کان ڏکڻ پاسي اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي مفاصلي تي ڪچ جي سرحد لڳي ٿي ۽ اهو مفاصلو ٽيندو وڃي 30 ڪلوميٽر، پر ريگستاني رستو ڏاڍو

اٽانگو. جنهن تي هلندي گاڏين کي ڏاڍا ور وڪڙ وٺي ٿي هلڻو پيو. مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو. ٻاهر چئني پاسن کان پٽن کان سواءِ ڪو بني بشر نظر نٿي آيو. سخت گرميءَ ۾ هن ڏکئي رستي تي فوجي جيپون ۽ جهڙوڪر هلندي هلندي ٽڪجي ٿي پيون. "رحمڪي بازار" کان "ڏيپلي" تائين ريگستاني رستو وري ۽ بهتر هو. پر ڏيپلي کان جت ترائي جي رستي سخت بيزار ڪري ڇڏيو. چگو جو ڏيپلي مان پاٽي ڪٽي هليا هئاسين، جنهن مان بار بار ٿي اُڄ اجهايم. بمشڪل ڏيڍ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ وڃي رستو سٽائو ٽيو ۽ زمين سڏي نظر آئي ته ڪجهه پيٽ ۾ ساهه پيو. جت ترائي ڏانهن ويندي ٻن هنڌن تي لوڻ جون ڪاٽيون نظر آيون، جن ۾ ۽ ٿي ماڻهو لوڻ ڪڍي رهيا هئا. لوڻ جي ڪاڻ ڏسندي ياد آيو ته، 1845ع ۾ هتي لوڻ ايترو ٿيندو هو، جو ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ لوڻ هتان ويندو هو.

گاڏيون اڳتي هليون ته خبر پئي اسين هاڻ ڪچ جي ويجهو پهچي ويا آهيون. چند منٽن ۾ وڃي اسان رينجرز جي چوڪي "جت ترائي" پهتاسين. اتي ٻه ٿي چونرا ٺهيل هئا، جن مان هڪ چونڙي ۾ اسين وڃي ويناسين. چونرو ڏاڍو صاف ستڙو ٺهيل هو. آڳنڌ کي مٽيءَ جو ليپو ڏنل هو. جنهن چونري ۾ اسين وڃي ويناسين، اهو ڏاڍو ٺڏو هو. چونري ۾ ننڍڙيون دريون ٺهيل هيون؛ جن تي خس لڳل هئا. هوا انهن مان لنگهي ٿي آئي ته اها پاڻمرادو ٺڏي ٿي پئي اڇي اسان کي لڳي.

ٻاهر سخت گرمي هئي. چوٻطرف جڙ ٻاهه ٻري پئي، پر ٽر جي هنرمند ڪاريگرن جا ٺهيل چونرا، ٻنهه ٺڏا ۽ آرام ڏيندڙ هئا. "جت ترائي" سنڌ جي آخري سرحدي چونڪي آهي، جنهن کان ڏيڍ ڪلوميٽر پري ڪچ جي سرحد آهي. اسين ڪجهه دير ويناسين، ته ايتري ۾ ماني آڻي اڇي اسان جي آڏو رکيائون. ننڍڙي ليلي جو ٻوڙ، تنور جون مانيون، پلاءُ، مطلب ته ماني ڏاڍي سوادي ۽ چسڪيدار هئي. ماني کائي، چانهه جو ڪوپ پي، چونري کان ٻاهر نڪتاسين. ٻاهر هڪ چبوتري تي پاڪستان جو جهنڊو جهولي رهيو هو ۽ هڪ چونڪي تي سپاهي دوربين رکيو ويٺو هو.

رڻ آف ڪڇ

جت ترائي کان اسان سڌو رخ رکيوسين ڪڇ جي سرحد ڏانهن. اٽڪل سوا ڪلوميٽر پنڌ ڪري، وڃي چڙهياسين ڪڇ جي پوڻي تي. پوڻي جي زمين ڪلرائي هئي، پر رستو سڌو جنهن ۾ نه جهاڪو، نه جهٽڪو، جهڙوڪر پڪو رستو. ڇيائون ته رحمڪي بازار کان ڪارونجهر جي ٽڪرين تائين اهو رستو اهڙو قدرتي ٺهيل آهي، جهڙوڪر ڊامر جو رستو. پر برسات کان پوءِ اهو سڄو علائقو ڏهڙ ۾ بدلجي وڃي ٿو.

ڪئپٽن اسٽئنلي ريڪس پنهنجي ڪتاب "ٽر ۽ پارڪر جي يادگيرين" ۾ لکيو آهي ته" رحمڪي بازار کان ننگر پارڪر تائين رڻ سان لڳولڳ رستي کي صاف ڪرائي ٺهرايو ويو، جيڪو گجرات جي سوئي گام شهر تائين وڃي ٿو." هن رستي کان بمبئيءَ جو گورنر سر رچرڊ ٽيمپل ڊسمبر 1875ع ۾ ڪڇ کي پار ڪري، ويراواهه، ننگرپارڪر کان ٽيندو، قديم ماڳ ۽ مندر ڏسندو عمر ڪوٽ وڃي پهتوهو. هن رستي تي تڏهن نو هزار پنجهٽ روپيا خرچ آيو هو ۽ اهو مفاصلو هو 193 ميل."

اسين هاٽي انهيءَ ساڳئي رستي تي بيٺا هئاسين، هاٽي اسان جي ساڄي پاسي ڪڇ جو رڻ، کاٻي پاسي ٽر ۽ سامهون ڇاڙ ٻيٽ جو علائقو هو. ان مهل ڏينهن جا چار ٿي رهيا هئا ۽ هوا ڪڇ جي رڻ کان ٽيندي اسان کي لڳي رهي هئي. سرحد ڪجهه پرپرو هئي، پرسرحد تي لڳل پلرز(Pillers) پريان کان صاف ٿي نظر آيا.

مون ڪڇ ڏي نهار ڪئي. سامهون وڏا وڻ پئي نظر آيا. پهرين ته واقعي اهي مون کي وڏا وڻ لڳا، پر اوچتو مون کي ياد آيو ته ڪڇ ۾ رڻ هر طرف کان آهي، ان ڪري پريان کان هر ننڍي شيءِ وڏي پئي نظر ايندي." ڪاڪي پيرومل پنهنجي ڪتاب "لطيفي سير" ۾ لکيو آهي:

"رڻ ڏي نهاربو ته نهايت عمدو نظر ايندو. رڻ ڪنهن نه ڏٺي هجي ته هتي اچي ڏسي، جيڪا ڏاڍا رنگ ٿي ڪري. پريان پاڻ ته سڄو پٽ پاٽيءَ سان پريو پيو آهي، پر ويجهو وڃي ڏس ته ڪوڙ جو مثال

ڪوڙا ڪچ جو رڻ جنهن مهل اُٽندو آهي تنهن مهل ننڍڙي شيءِ بالڪل وڏي ڏيکارو ڏيندي آهي. مثلا پٽ ۾ چٽو پيو هوندو ته پريان ائين پيو پائنبو ته ڪو راکاس پيو اچي. جنهن جي چوٽي آسمان سان پئي گسي! هلندڙ اُٺ جي ٽنگن جو پاڇولو اهڙي ڏيکاري ڏيندو آهي جڻ ڪو زمين تان آسمان ۾ وڏيون شاهي تريون هڪٻئي پٺيان ٽڪڙيون ٽڪڙيون پيون ٿهن. جيڪڏهن رڻ ۾ ڪا پهر نه هوندي ۽ پٽ صفا پيو هوندو ته به پريان ائين پائبو ته ڪو وڏو جبل بينو آهي، جنهن جي اڳيان دريا پيو وهي. هن ٽڳيءَ نماءَ کي رچ چئبو آهي."

بُڌ پڪشو "شين سئنگ" سنہ 649-645ع دوران هندستان جو سفر ڪندي ڪچ مان ٽيندو ٿر مان لنگهيو هو. پنهنجي سفر جو احوال هن چيني ٻوليءَ ۾ سي- يو -ڪي، يعني "اولهندي دنيا جو تاريخي دستاويز" جي نالي هڪ ڪتاب ۾ ڪيو آهي. ان سفر جي پچاڙي دوران هو ڪچ پهتو. هن ڪچ کي "ڪيچا" ڪري لکيو آهي. هو لکي ٿو ته: "ڪيچا ۾ ماڻهن جو انگ وڏو آهي. مکيہ شهر هتان جو "ٽسي- شي- نالو آهي (يعني ڪوٽيسر). هتي ڪوہ حڪمران وغيره نه آهي ۽ اهو سنڌ جي راجا جي هٿ هيٺ آهي. زمين هتان جي هيناهين ۽ سم واري آهي. ڌرتيءَ جي مٽاچري تي ريتي لوڙ جا ٿهه ڄميل ڏسڻ ۾ پيا ايندا. ڇوڪرف جهنگلي ٻوٽن جي اوبر پئي پسبي ۽ زمين گهٽو ڪري برپٽ ۽ غيرآباد آهي!"

ورهاڱي کان اڳ هندستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ اڄ وچ لاءِ هڪ بهتر رستو ڪچ وارو ڪم پئي آيو آهي. اهو ڪچ جو رڻ منهنجي اکين آڏو هو. نيڻ نهار تائين رڳو رڄ، سُڄ ۽ لوڙ جو هڪ ڪل سمنڊ. ڇوڪرف ڌرتي ۽ آڪاس هڪٻئي سان ملندڙ. ايڏو وڏو وٽندڙ لينڊ اسڪيپ مون ورلي ڏٺو هوندو. دراصل ٿر وانگر ڪچ جي رڻ جي پکيڙ ست هزار چورس ميل آهي. سنڌ جي مشهور محقق پيرومل مهر چند آڏواڻي موجب "ڪچ لفظ جي اصل معنيٰ آهي ڪنڊي يا ڪنارو" ڪچ کي الهندي کان عربي سمنڊ ۽ ڏکڻ کان ڪچ جي نار جون چوليون ڇلڪا ڏئي ان جو پٽ پيون پسائن، تنهنڪري نالو پيو اٽس ڪچ. جتي اڄ پيانڪ رڻ پيو نظر اچي، اتي چون ٿا ته هزارين

ورهيه اڳ ڪڏهن سمنڊ پيو چوليون هڻندو هو. "سڪندر اعظم" جڏهن هتان لنگهيو هو، تہ هتي سمنڊ ئي سمنڊ هو. جنهن کي پاسو ڏيندو هو وڃي ننگر وٽان لنگهيو هو. ڪڇ ستين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ جو حصو هو.

جڏهن ڪڇ جو رڻ سمنڊ هو، تڏهن پنجاب وٽان سنڌو درياهه ۾ هڪ درياهه، عمر ڪوٽ جي اوپر مان وهندو، ننگر پارڪر وٽان ٽيندو، وڃي ڪڇ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. انهيءَ درياهه کي تاريخ ۾ هاڪڑي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. رگ وید ۾ جنهن سرسوتي نديءَ جو ذڪر آيل آهي، اهو به چون ٿا تہ اصل هاڪڑو درياهه هو. پر خبر ناهي ڪڏهن ۽ ڪيئن اهو درياهه سُڪو، سمنڊ کاري لوڻ ۾ بدليو ۽ هي علائقو سدائين لاءِ رُڃ ۽ سُڃ جي آماجگاهه بنجي ويو!

هن رڻ کي جتي عام ماڻهن پار ڪيو، تہ ساڳئي وقت هندستان جا مختلف شهنشاهه به هتان لنگهيا آهن. مغل بادشاهه "همايون" جڏهن شير شاهه سوريءَ کان شڪست کاڌي، تہ پنهنجي ٿوري اٽالي سان جيسلمير وٽان ان کي پار ڪيو هو. "ليمبرڪ" پنهنجي ڪتاب "سنڌ بابت عام جائزو" ۾ لکيو آهي تہ همايون جڏهن بعد ۾ هندستان جو تخت ماڻيو، تڏهن هُن راڻڪ ڏهروٽ گهڙيل پٿر جي هڪ ٽانڪي ڏٺائي، جا سندس انهن ڏينهن جي يادگار هئي، جڏهن هو وڏي آفيءَ ۾ هو ۽ ماڻهن کيس پاڻي آڻي ڏنو هو.

ڪڇ تي نظر پوندي مون کي هڪ ڏند ڪٿا ياد اچي ويئي، جيڪا مشهور انگريز اليگزنڈر برنس پنهنجي ڪتاب "بخارا جي سفرنامي" ۾ درج ڪئي آهي.

"ڪڇ جي هندن ۽ مسلمانن جو عقيدو آهي تہ رڻ اڳ ۾ سمنڊ هو. هيءَ روايت هر هڪ جي واتان ٻڌي ويئي آهي تہ هڪ جوڳي "ڏرناٿ" ڪڇ جي اتانهين ٽڪري "دينودر" جي چوٽيءَ تي وڃي، مٿي پر بيهي ٻارنهن ورهيه تپسيا ڪئي. جڏهن سندس اهو يوگ ختم ٿيو تہ کيس خدا نظر آيو. پوءِ اها ٽڪري، جنهن تي هو پاڻ بيٺو هو، سا ڦاٽي ۽ ٽڪر ٿي پئي ۽ رڻ وارو سمنڊ خشڪ ٿي لوڻ بنجي ويو. جهاز ۽ ٻيڙيون جيڪي منجهس ان وقت تري رهيون هيون،

اونڌيون ٿي پيون ۽ بندر بازارون سڀ تباهه ٿي ويا."

بهرحال اها ڏند ڪٿا به هجي، پر اها حقيقت آهي ته ڪڇ جو رڻ ويندي سڄو ٿر ڪنهن جڳ ۾ سمنڊ هو ۽ هن ڌرتي جي ڏوڻن ڪاڻ ڪا تبديلي ضرور پئي آندي آهي. ويتر 1102ع ۾ ڪڇ جو علائقو ان وقت ويتر تباهه ٿي ويو، جڏهن سنڌ جي حڪمران ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪم سان ڪڇ ڏي، سنڌو درياهه مان ويندڙ شاخ "مورا" کي بند ٻڌائي، بند ڪري، ان جو پاڻي ٻئي ڦاٽ ۾ وجهي ڇڏيو. نتيجي ۾ ڪڇ جو سائو ستابو علائقو رڻ ۾ بدلجي ويو. سن 1770ع ۾ ميان غلام شاهه، ڪڇ جي راءِ جي سوٽ راءِ ڪنگهار جي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن ناتي ميان صاحب لکپت جو بندر ڪڇ جي راءِ کي موتائي ڏنو.

سن 1819ع ڌاري سڄي ڪڇ ۾ هڪ خوفناڪ زلزلو آيو، جنهن ۾ هزارين ماڻهو مري ويا. چون ٿا ته انهيءَ زلزلي جا لوڏا سج لٿي مهل سنڌ جي سرحد تي به محسوس ٿيا هئا.

اليگز ينڈر برنس جي رپورٽ موجب (1831ع) "رڻ آف ڪڇ" ڏيگهه ۾ سنڌو درياهه کان وٺي اولهه گجرات تائين هليو ويجي ٿو جنهن جو فاصلو 200 ميل ٿيندو.

هن وقت ڪڇ پارتي صوبي گجرات ۾ شامل آهي ۽ سندس مکيه شهر آهن: پج ۽ گانڌيڌام. ڪڇ ۾ اڄ ڪلهه به جيڪا ٻولي ڳالهائجي اها ساڳي سنڌي. بنهه ڪو ٿورو فرق هوندو سنڌي ۽ ڪڇيءَ ۾. اسان وارو يار فقير امداد علي سرائي ٻڌائيءَ جي بيٽن جي ڳولا ۾ جڏهن ڪڇهه ورهيه اڳ جت فقيرن سان گڏ ڪڇ ويو هو ته موتي اڇي مون کي ٻڌايو هئائين ته سڄي ڪڇ ۾ نه ڇڙو ڳالهائجي سنڌي ٻولي بلڪ ذاتيون به اتان جي ماڻهن جون ساڳيون جهڙوڪ ميمڻ، سميجا وغيره. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي هڪ مضمون ۾ هڪ ڪڇي شاعر منڌار شاهه جي هڪ وائي ڏني آهي جيڪا منهنجي دل تي تري آئي:

لڳو ماءُ مون کي جوگيڙن جو ٻاڻ،
لڳو ماءُ مون کي سامينڙن جو ٻاڻ،

جوگي هڙڻا جوءِ ۾ الا لا،
راتيون ڏينهن هئي رهاڻ،
سامي سنوارا سفر کي الا لا،
کوئي نہ کيائون پرياڻ.
مڙهيون ڏسي ميان منڌار چئي الا،
سُک نہ اچي ٿو هاڻ.

مون سامهون ڏٺو، نيٺ نهار تائين رڳو لوڻ ئي لوڻ تي پکڙيل علائقو هو ڪ۾ جو، جتي ڪيترن هنڌن تي ڏٻڻ بہ آهي، جنهن جي خبر جتن کي ڏاڍي پوندي آهي. جت اٽن کي هتان ڪنهن زماني ۾ ڏاڍي خبرداري سان وڻي وڃي پُڄ پهچائيندا هئا. رڻ کي ڏسندي مون کي منشي لطف الله سورتيءَ جي آتم ڪٿا ياد اچي ويئي. جيڪا اوڻهين صديءَ جي هڪ يادگار تحرير آهي. هو صاحب لکي ٿو ته: "رڻ هڪ اهڙو صحرا آهي، جنهن ۾ رستن جا ڪي بہ نشان ڪونہ آهن. جيستائين صحرا ۾ نظر ٿي ويئي سواءِ ان جي ته هڪ اڇي چادر وڇائي پئي آهي ۽ افق ۾ آسمان ان کي ڀڪيو ويٺو آهي. ان پوري منظر ۾ نہ ته ڪي وڻ هئا، نہ جانور ۽ نہ وري ڪي پکي. رڻ ۾ ننڍيون ٽاريون پري کان وڻن وڻن وانگر ٿي لڳيون ۽ ويجهي وڃڻ تي خبر ٿي پئي ته ان ۾ ڪي وڏا وڻ نہ پر ننڍڙا ٻوٽا آهن ۽ اهو سراب هوا!"

گاڏيون هلندیون ٿي ويون. اوچتو اسان جي نظر ڪڇ جي سرحد ڏانهن ويندڙ ڍڳين جي هڪ ڊگهي قطار تي وڃي پئي. اهو ڏيک ايڏو ته وڻندڙ هو، جو سيئي اتي گاڏيون بيهاري اهو ڏيک ڏسڻ لڳا. اُتر پاسي هڪ ڊگهي قطار ۾ هڪٻئي پٺيان ڍڳيون پاڻمرادو ڪڇ جي سرحد کي پار ڪري رهيون هيون، جنهن لاءِ خبر پئي ته سنڌ جي علائقي مان چوپايو مال هڪ وڏي تعداد ۾ روزانو چرڻ لاءِ سرحد ٽپي ڪڇ هليو ويندو آهي ۽ ڪڇ مان گاهہ چري وري پاڻمرادو موٽي ايندو آهي. نہ هيڏانهن ڪا جهل نہ اٽئون نہ ڪا روڪ. ڪنهن ٻڌايو ته سنڌ وارو پاڳو آهي بنهہ ريگستاني علائقو، پر ڪڇ جي پاسي ڪن پاڳن ۾ مڙئي ڪا ساوڪ ڏسجهي آهي، جنهن جي ڪري مال روزانو ويندو آهي ايڏانهن چرڻ. اسين ڪيتري دير تائين اهو ڏيک ڏسڻ

لڳاسين. ڏاڍو سهڻو منظر هو. پريان ڪچ ڏي وڻن جون قطارون پئي نظر آيون، جنهن بابت ٻڌايائون ته اهو پارتي علائقو آهي. اسين هيٺ لٿاسين. اسان جي پر ۾ ساڄي پاسي "رڻ آف ڪچ" جو پارتي پلر لڳل هو. ان پلر جو نمبر هو 3-1024. اوريان پاڪستان ۽ پريان پارت. دور تائين ڪابه آبادي ڪانه هئي، چٽو ڪچ جو رڻ ۽ پري نهار تائين لوٽائيل زمين ۽ تنهن کان پوءِ آسمان زمين کي ڇهي رهيو هو. هاڻ اسان جي ڏکڻ ۾ هو ڪچ ۽ اوپر ۾ ڪارونجهر. اسان کي سفر ڪندي ساندهه 12 ڪلاڪ لنگهي چڪا هئا. صبح کان وٺي اسان 264 ڪلوميٽر پنڌ ڪيو هو. ڪجهه گهڙيون اتي بيهي اسان وري سفر شروع ڪيو اولهه ڏانهن. رستي ۾ ڪٿي ڪٿي پوسل هئي، جيڪا مينهوگيءَ ۾ ڏهڻ ۾ بدلجي ويندي آهي.

سج پويان لاڙجي آڪاش ۾ ٽٻي هڻڻ وارو هو. شام جا سايا ڇهه ٽيا هئا. اسان جي ساڄي پاسي ڪچ جو رڻ هو ۽ سا مون هيون ڪارونجهر جون اڏول ٽڪريون. رستي ۾ ڪٿي ڪٿي ڏهڻ هئي. ان ڪري گاڏيون ڏاڍي خبرداري ۽ آهستگي سان هلي رهيون هيون.

ويراڙواهه سامهون انهن جابلو ٽڪرين جي پويان هو. ويراواهه ڏانهن ويندي، سج لٿي مهل ڏوتڙ ڳوٺ پهريون پهريون اسان جي آڏو آيو. شام جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ وڏي پٽ تي ٽهيل اهو ڳوٺ اسان جي نظرن کان لنگهي ويو. ڏوتڙ ڳوٺ جي ٻاهران ڪيترين ٻڪريون چري رهيون هيون. پريان وٽن جي اونداهن پاڇن ۾ هڪ گهر جي ڪشادي اڳڻ آڏو ٻه مور بيٺا هئا. اهو سمورو ڏيک ڏسي الائي ڇو مون کي لڳو جڙ مان ڪنهن قديم دور ۾ پهچي ويو آهيان..... نما شام مهل انهيءَ ڳوٺ جو منظر اکين کي نار ۽ من کي هڪ عجيب آٿت ڏئي غائب ٿي ويو. سڄي ڏينهن جي ٽڪائيندڙ مسافري کان پوءِ دل گهريو ٿي ته جيڪر ان ڳوٺ ۾ ڪٽن تي سمهي پئجي. اهو علائقو ڪنهن سامونڊي ڪناري جهڙو هو. وڏا وڏا گول پٿر، جهڙا هاڪس بي وٽ نظر ايندا آهن، ڇا هي علائقو واقعي ڪڏهن سمنڊ جو حصو هو ۽ هتي ڪوئي وڏو بندر آباد هو؟ اوچتو مون کي ياد آيو ته هتي ئي تاريخي بندر "پاري نگر" آباد هو، جيڪو سال 1226ع تائين هڪ وڏي

بندر طور ليکيو ويندو هو ۽ ان بندر جو نالو هو ڏوتڙ. ڇا اسين ان علائقي مان لنگهي رهيا هئاسين، مون سوچيو. انهيءَ علائقي کي ڏسندي محسوس ٿي رهيو هو جڙ هن هنڌ ڪڏهن پاڻي هوندو، جنهن ۾ وڏا وڏا ٻيڙا هاڪاريا ويندا هوندا.

ان وقت هوا بند ٿي ويئي هئي. اصل هوا جو جهوٽو به نٿي هليو، جڙ وقت به هڪ هنڌ بيهجي ويو هو، يا پاري نگر وانگر ڪنهن تاريخي پونچال جي لپيٽ ۾ اچي پنڌ پهڙ ٿي ويو هو. اصل ۾ عيسوي صدي جي پهرين سال، ويرا واهه جي بنهه پر ۾ يعني ايرندي پاسي، هڪ وڏو تاريخي شهر پاري ننگر آباد هوندو هو. تڏهن اڄان ڪچ رڻ نه ٽيو هو ۽ اتي سمنڊ جون چوليون اچي، پاري ننگر جي ڪناري سان پنهنجو سر ٽڪرائيندڙيون هيون.انهيءَ بندرگاهه پاري ننگر ۾ ڏاڍا مالدار ماڻهو رهندا هئا، جن جي اڪثريت جين ڌرم جي پوئلڳن جي هوندي هئي. ريڪس جي جاڻ موجب ان وقت پاري ننگر ۾ 5200 گهر واڻين جا، 900 گهر لوهارن جا، 700 گهر راجپوتن جا، 1200 گهر ٻين هنرمندن جا ۽ 1300 گهر لوهاڻن جا آباد هوندا هئا. هن شهر کي 1226ع ۾ دهليءَ جي مسلمان فوجن اچي تباهه ۽ برباد ڪيو. پوءِ هتان جو واپاري طبقو لڏي ويو ۽ سمنڊ به ڪچ وارو ويو پوئتي هٽندو ۽ بندر بازارون ڦٽي ويران ٿي ويون.

بهر حال ڳالهه ڪٽڻي به هجي، پر خبر ناهي ڪهڙو واءُ وريو، يا ڪنهن غنيم جي لشڪر اهو بندر برباد ڪري ڇڏيو، جو پاري ننگر جو نالو نشان به ڳولهي نٿو لڀي. ها البت ان دور جا نشان، توڙي بندر جا اهجاڻ، انهن وڏن وڏن پٽرن مان ليڄن ٿا، جن جي وچان اسين لنگهي رهيا هئاسين. انهن پٽرن جي وچ مان لنگهندي ساهه منجهڙ لڳو. گهڙيءَ پل ۾ اتان لنگهي وياسين ته آڪاس کان چوڌطرف اونداهي هر شيءِ کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو، اونداهي ٿي، ته اسان اچي ويرا واهه شهر ۾ پڳاسين.

ويراواهه ۾ هر طرف کان اونداهيءَ جو راڄ هو. ڇڙو سامهون پيٽ تي ٺهيل ريسٽ هائوس جون ٻرندڙ بتيون پريان کان پئي نظر آيون. اسين ويراواهه وٽ ريسٹ هائوس پهتاسين ته رات جي اونداهي

جھڑوڪ اسان سان گڏ تاريخي شهر ويراواهہ تي لهي آئي. مان گاڏيءَ مان ٽپ ڏئي هيٺ لٿس. هوا ۾ وڏا ۽ ڊگها ساهہ کڻي، مٿي آڪاس ۾ ڏٺو. ويرا واهہ جي آسمان ۾ شام جو هڪڙو تارو ٽمڪي رهيو هو. (يا جڙ اسان کي ڏسي رهيو هو) سڄي آڪاش ۾ هڪ تاري کي ڏسندي، مون کي ياد آيو. تہ اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي، پر ايجا چوڏهينءَ جو چنڊ آڪاش ۾ نہ ڪڍيو هو.

اسان جي سامهون ويراواهہ ميس جي عمارت آڏو هئي، جنهن جي اڳڻ ۾ هڪ وڏو ٽلهو ٽهيل هو. اندر جنريٽر هلي رهيو هو. جنريٽر تي هلندڙ بلبن جي روشني ۾ سامهون اڳڻ ۽ نم جو وڻ پريان کان پئي نظر آيا. اسين اڳڻ ۾ داخل ٿياسين تہ سامهون ٽي وي تي نظر پئي، جنهن تي زي ٽي وي جو ڪوئي پروگرام هلي رهيو هو. سڄي وايومنڊل ۾ جنريٽر جو آواز گونجي رهيو هو.

اڳڻ ۾ اسان جو آڏر پاءُ رينجرز جي ڪئپٽن عابد ۽ ڊاڪٽر راجا فيصل ڪيو. اسين ڏاڍا ٽڪل هئاسين، ان ڪري سامان گهرائي وڃي ڪمرن ۾ ٽانيڪا ٿياسين. هر هڪ ڪمري ۾ چار چار ڪٽون پيل هيون. هڪ ڪمري ۾ مون، شڪيل بچاٽي، جنيد خانزادي، عوامي آواز واري دوست معصوم علي وڃي قبضو ڪيو. پاسي واري نندڙي ڪمري کي ڪراچي ۽ اسلام آباد جي صحافين وڃي آباد ڪيو. پريان ورانڊي واري ڪمري ۾ غلام نبي مغل، سرفراز وسطڙي، ڪرنل اشفاق ۽ ميجر ارشد کي رهايو ويو.

اسان وارن ڪمرن ۾ هڪ باٿ روم ٽهيل هو. ان ڪري هر ڪنهن کي وهنجڻ لاءِ واري جو انتظار پئي ڪرڻو پيو. دوست وهنجڻ ۾ مشغول ٿيا تہ مان ڪٽ تي ليٽي ويراواهہ بابت سوچڻ لڳس.

"ويراواهہ شهر ننگر پارڪر تعلقي ۾ 2431 اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ 70 اوير ويڪرائي ۾ واقع آهي. جڏهن سنڌ ۾ ميرن جي صاحبي هئي، تڏهن بہ هيءُ شهر اڏبنگ سوڊن، ڪوسن ۽ سرڪش ماڻهن جو شهر هوندو هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني جا جيڪي قافلا ڪچ کان سنڌ ڏي ايندا هئا، انهن تي حملا بہ ويراواهہ مان ٿيندا هئا. اٽويهين

صديءَ ۾ انگريزن جي ڪارندي منشي لطف الله سورتي پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ٻه ويراواهه جو ذڪر ڪيو آهي. هو 1820ع ۾ پنهنجي انگريزي مالڪ ڪئپٽن هارٽ سان گڏ هڪ فوجي مهم دوران ويراواهه اچي نڪتو هو. ويرا واهه جو ذڪر ڪندي هو لکي ٿو ته ويراواهه هڪ اهڙو علاقو آهي، جتي چار پنج سو جھوپڙيون آهن."

منشي لطف الله ويراواهه ۾ ترسيو هو ۽ ٻئي ڏينهن هُن صبح جو هڪ يورپي شخص کي ڏٺو. جيڪو ويراواهه جي پراڻي مسجد تي لڳل ڪتبي جا اکر ڪاغذ تي اتاري رهيو هو. منشيءَ لطف الله موجب اهو يورپي شخص پالنپور (ڪچ) جو انگريز ريزيڊنٽ مسٽر مائيڪل هو. پوءِ جڏهن هو اتان ننگر پارڪر لاءِ روانا ٿيا ته رستي ۾ سندس ڪجهه ساٿين کي زمين ۾ پوريل مجسما هٿ چڙهيا، جيڪي سنگ مرمر جا جڙيل هئا، جن کي ڏاڍي خبرداريءَ سان زمين مان کوٽي، اهي همراهه پاڻ سان گڏ کڻي هليا هئا."

ڪنهن وقت ويراواهه جو ڏاڍو اوج هوندو هو. ريهاري ذات جي هڪ شخص ويري طرفان جوڙايل هن شهر ۾ جين ڏرم جا پوئلڳ سون جي تعداد ۾ رهندا هئا. دراصل جين ڏرم جي معنيٰ آهي فاتحن جو مذهب، جنهن کي زور وٺرايو مهاويرِ. اهو وقت اڄ کان اڍائي هزار ورهيه کان ٻه اڳ جو آهي. ويرا واهه ۽ ان جي ڀر ۾ آباد شهر پاري ننگر جا ماڻهو وري پوئلڳ هئا پارسناٿ جا، جيڪو جين ڏرم جي پرچارڪ مهاويرِ کان اڳ جو ٿي گذريو آهي. انهي پارسناٿ جو ساڌا يارنهن فوٽ ڊگهو، اڇي سنگ مرمر جو نهيل پُتلو، پهريون ويراواهه کان پريروپالوا وٽ واقع گوڙي جي مندر ۾ رکيل هوندو هو. انهيءَ پتلي جي اکين ۽ ڇاتيءَ ۾ هيرن جون ڪٽيون لڳل هيون. ڪئپٽن ريڪس موجب اهو مجسمو 1716ع ۾ ٻاڪاسر لڳ جوڏپور نيو ويو، جتي ٻارهين مهيني جو درشن ڪرايو ويندو هو. آخرڪار اهو پتلو واپس ويراواهه آندو ويو، جتي آخري ميلو 1828ع ۾ لڳو. تنهن وقت اهو مجسمو ويراواهه جي هڪ شخص پونجي سوڊي وٽ هو، جيڪو 1832ع ۾ ٽالپرن سان جنگ ۾ مارجي ويو. چون ٿا ته هن ويراواهه ويجهو واريءَ ۾ ڪٽي اهو پتلو پُوري ڇڏيو هو. سندس مارجي ويڻ

سب اهو پتلو هميشه لاءِ گم ٿي ويو.

پارسناٿ انين صدي قبل مسيح ۾ بنارس جي راجا جي گھر ۾ پيدا ٿيو، جنهن جي فلسفي کي مهاوير تمام گھٽو مشهور ڪيو. ويرا واهه جي پر ۾ اڄ به جين ڌرم جي مندرن جا آثار موجود آهن. ورهاڱي کان اڳ ويراواهه جي مندر ۾ ريڪو ديو جو انتهائي شاندار مجسمو رکيل هوندو هو. سنگ مر مر جو ٺهيل اهو مجسمو، جنهن جي اکين ۾ تجلو ڏيندڙ شيشو لڳل هو، خبر ناهي پوءِ ڪيڏانهن گم ٿي ويو يا اڃان اتي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ موجود آهي يا نه؟ ويرا واهه جي مندر مان انگريزن کي هڪ در جو طاق به هٿ آيو هو، جنهن کي ڪليڪٽر ٽر مسٽر جائليس 1928ع ڌاري ڪراچي ميوزيم ۾ وڃي رکرايو هو.

"مدد صاحب! توهان پلا وهنجي وٽو ته پوءِ ماني رکرايون." آواز تي مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس. سامهون ڏٺم ته اسان جي قافلي جو سونهون ڪرنل اشفاق اڇا ڪپڙا پايو منهنجي آڏو بيٺو هو.

"ها مان جلد ۾ تيار ٿي باهر اچان ٿو." مان هن کي وراڻي ڏيئي باٿ روم ۾ وهنجڻ لاءِ هليو ويس. باٿ روم ۾ پاڻي ۽ صابڻ رکيل هو. وهنجڻ سان سڄي ڏينهن جو ٿڪ لهي ويو. تيار ٿي باهر آيس. ته اڳڻ ۾ اسان جا سمورا دوست تيار ٿيو وينا هئا. مان پهتس، ته ڪرنل اشفاق ميزبانن کي ماني لڳرائڻ لاءِ چيو. گھڙيءَ ۾ ڊرائنگ روم ۾ ماني لڳي وئي. ڪاڌي جي ميز تي دال، چانور، ڪڪڙ جو ٻوڙ ۽ مانيون رکيل هيون.

ماني کائيندي ڪئپٽن عابد ٻڌايو ته مرغي اسان چاچري مان گھرائي آهي، چاڪاڻ ته ڪجھ ڏينهن اڳ هتي عرب سڳورا آيا هئا، جن ڪڪڙيون کائي پينگ ڪري ڇڏيون.

"عرب سڳورا به هتي ايندا آهن؟" ڪنهن سوال ڪيو.

"ها، اهي پري کان ايندا آهن. تلور جي شڪار لاءِ." هن چيو.

پوءِ خبر پيئي ته عرب سڳورا، سنڌ جي چيف سيڪريٽري سالڪ نذير جا مهمان هئا، جنهن سندن لاءِ مڪمل بندوبست ڪيو هو.

"پلا اهي عرب هتي هرڻ جو شڪار ڪن يا نه" مون سوال ڪيو.

"نہ، هرڻ جي شڪار تي مڪمل بندش آهي، ان ڪري اهي هتي هرڻ جو شڪار نہ پر تلور جو شڪار ڪندا آهن. پر هو اهو شڪار بندوقن سان نہ پر بازن سان ڪندا آهن."

"عرب هتي اچن تہ پوءِ رهن ڪٿي؟" مون پڇيو.

"هو پنهنجو بندوبست پاڻ ڪندا آهن. تنبو تولان پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن!" ڪئپٽن عابد ٻڌايو.

ڊرائنگ روم ۾ گرمي گهٽي هئي، ان ڪري جلدي جلدي ماني کائي اچي ٻاهر اڳڻ ۾ ويناسين. اڳڻ ۾ هڪ بلب ٻري رهيو هو. پريان کان جنريٽر هلڻ جو آواز رات جي سانت کي ٽوڙي رهيو هو. مٿي ٽر جي آڪاس تي چوڏهينءَ جو چنڊ نڪري نروار ٿيو هو. چوطرف کان هر شيءِ چوڏهينءَ جي چانڊوڪي ۾ وهنتل هئي. سامهون ڪارونجهر جا جبل ۽ ان جي اوپر کان سنگها ڏنڊ جا وڻ، هر شيءِ طلسمي پئي لڳي. چوڏهينءَ جو چنڊ ٽيڪ پاري نگر جي ڦٽل شهر مٿان اُپريو هو. اڳڻ ۾ رکيل ٽي وي ٽي زي ٽي وي جو ڪو پروگرام پئي هليو. رينجرز جي ڪئپٽن عابد گهٽ ڳالهايو پئي، البت ڊاڪٽر راجا فيصل ڪچهريءَ جو ڪوڙيو هو. چوڻ لڳو، "اوهين صحافي آهيو. گهٽ ۾ گهٽ هتان جي ماڻهن جي مسئلن تي ڪجهہ لکو. هتان جي ماڻهن جي زندگي ڏاڍي اذيتناڪ آهي. ڏسو تہ هو ڪيئن نہ مزربل لائيف گهاري رهيا آهن. هتي ڪابہ سهولت، ننڍي کان ننڍي بہ عام ماڻهن کي ميسر ڪونهي. پيٽ جو صاف پاڻي ميسر ڪونهي، اسپتالون ڪونهن، دوائون ڪونهن، نانگ ايترا آهن، جو اوهين ان جو اندازو نٿا لڳائي سگهو. علاج معالجي جون سهولتون آهن ئي ڪونہ. اسان کي تہ تعجب آهي تہ ايترين مشڪلاتن ۽ تڪليفن هوندي بہ هتان جا ماڻهو هن علائقي ۾ رهيا ڪيئن پيا آهن!"

"اين جي اوز هتي ڪم ڪن پيون يا نہ؟" مون پڇيو.

"اهي سڀ فراڊ آهن، ڪنهن بہ اين جي او جو اوهان کي هتي ڪوئي ڪم نظر ڪونہ ايندو. فقط پبلسٽي ۽ فنڊز جي حاصلات لاءِ بورڊ هٽي ڇڏيا اٿن. ٻہ چار اسڪول ٺهرايا اٿن، تہ اهي بہ خالي. ويراواهہ ۾ هڪ اسڪول ٺهرايو اٿن، پر اتي ماستر ئي ڪونهن.

اسڪولن جون عمارتون خالي پيون آهن. سرڪاري اسڪولن جو اهو حال آهي جو ماستر سڀ گهر ويٺي پگهارون کڻن. اسڪول اچن ڪونہ. هتي سڀ کان وڏو عذاب گرميءَ جي مند ۾ نانگن جو آهي. نانگ ماڻهن کي ڏنگين تہ سرڪاري اسپتال ۾ نانگ جي ڏنگ کان پوءِ لڳندڙ انجيڪشن هتي ملي ئي ڪانہ. اسان وٽ جيڪي هوندیون آهن. ان مان ڪڏهن ڪڏهن عام ماڻهوءَ کي سيون هٽون. پر خود اسان جا رينجرز وارا بہ گرميءَ جي موسم ۾ گهٽو نانگن جا شڪار ٿين. پوءِ اسين هنن کي سيون هٽون يا عام ماڻهن کي اها سهولت ڏيون. حڪومت کي گهرجي تہ اها هتان جي عام ماڻهن کي زندگيءَ جون سهولتون ميسر ڪري ڏي. سهولتون نٿي ڏئي سگهي تہ کٽي هن علاقي مان هٽ ڪيڙي!"

اسين سڀ خاموشيءَ سان اهي ڳالهيون ٻڌي رهيا هئاسين.

پلا هتي خاص بيماري ان کان سواءِ ڪهڙي آهي؟" شڪيل ٻچاڻي پڇيو.

"هتي ٽي بيءَ جي بيماري ڏاڍي عام آهي. ڪيترا ماڻهو ٽي بي جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿين ٿا ۽ اوهين پاڻ هلي ڏسو. هتي ميلن تائين اسپتال آهي ئي ڪونہ. هاڻ ماڻهو وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي، يا مٿي وڃي علاج ڪرائي، يا وري ميرپور خاص يا حيدرآباد جو رخ ڪري. تازو هتي هڪ نئين بيماري منهن ڪڍيو آهي."

"اها وري ڪهڙي؟" ڪنهن سوال ڪيو.

"اها بيماري آهي بخار جي. پهريون تہ ماڻهوءَ جو گلو خراب ٿيندو، ۽ پوءِ بخار اچي ماڻهوءَ کي ورائيندو ۽ بخار بہ 106 ڊگري تائين وڃيو پهچي. اسان جي رينجرز جي جوانن ۾ اهڙا ڪيترا ڪيس ٿيا، جن کي علاج لاءِ حيدرآباد سي- ايم- ايچ موڪليو ويو. پر هتان کان حيدرآباد تائين پهچندي سڄو ڏينهن لڳيو وڃي. تازو ڪور ڪمانڊر هت آيو تہ اسان ان بيماريءَ جي شڪايت ڪئي. بعد ۾ اسلام آباد کان هڪ خاص ميڊيڪل ٽيم هتي آئي، جيڪا ان بيماري جو نمونو پاڻ سان گڏ کڻي وئي، تہ کٽي اها بيماري انڊيا کان تہ هتي ڪانہ آئي آهي."

"ڀ عام ماڻهو؟" مون سوال ڪيو.

"عام ماڻهو ويچارو انهيءَ بخار ۾ مبتلا ٿئي ته چڙهندو وڃي ڪيڪڙي ۾ ڀ پوءِ ٻئي يا ميرپور خاص هوندي سندس منزل."

"توهين به ته وڏين مشڪلاتن ۾ هتي رهيا پيا هوندا؟" اسلام آباد جي صحافي سوال ڪيو.

"ها اسين به هتي وڏين تڪليفن ۾ رهيا پيا آهيون. هاڻي گرمي جي مند آئي ڀ نانگ ٽيا شروع. ويراواهه ۾ پيئڻ بلا به جام ٿئي، تنهن کان سواءِ هتي لنبي بلا به ڏاڍي آهي، جيڪا لڪي ماڻهن تي حملو ڪندي آهي. ويرا واهه جي علاقي ۾ جڏهن ڪنهن ماڻهو کي نانگ ڏنگيندو آهي ته پوءِ ڳوٺ جا سمورا ماڻهو ڏنڊا ڪڻي بلا جي پويان ڪاهي پوندا آهن ڀ ان وقت تائين نه ويهندا آهن جيسين کين اها بلا هٿ نه ايندي آهي. اسان خود بلائن کان بچاءُ لاءِ ريسٽ هائوس جي دروٽ ننڍڙي ڇرڪوٽي ڇڏي آهي، جنهن کي ٽپي اوهين اندر داخل ٽيا هوندا، لنبي ڪڏو نه ٽپي سگهندي آهي، ان ڪري ڪجهه بچاءُ ٿي ويندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن گٽر مان بلا نڪري ايندي آهي. اسين رات جو سمهڻ لاءِ هنڌ ڀ رليءَ کي چنبي پوءِ سمهون ڀ صبح جو يا رات جي مهل بوٽ کي چنبي پوءِ پايون، رات جي مهل گهٽو ڪري لانگ بوٽ پايون ڀ هٿ ۾ ٽارچ ڪٽون!"

هو مان ٽيو ته محسوس ڪيوسين ماڻهن جي مشڪلاتن کان وڌيڪ اسان ۾ نانگن واري ڳالهه جهڙوڪر هراسمينٽ پکيڙي ڇڏي هئي. ڪجهه دير اڳ ماني کائي واڪ ڪرڻ واري ڳالهه تان هر ماڻهو هٿ کڻي ويو. اوچتو ڳالهيون هلندي هلندي بحث شروع ٿي ويو ته ٽر ڪڏهن سمنڊ هو. اسلام آباد مان آيل هڪ صحافي دوست بار بار چئي رهيو هو ته مون کٽي ناهي پڙهيو ته ڪو ٽر ڪڏهن سمنڊ هو.

مون کان رهيو نه ٽيو چيم، "ڪهڙا ڪتاب پڙهيا اٿئي؟" هو هڪ ٻڪوٽي ويو. چوڻ لڳو، "ڪجهه ته پڙهيا اٿم!"

"پلا ڪي نالا ٻڌاءِ" مون پڇا ڪئي، هو چپ ٿي ويو.

چيم، "ٽر ڀ راجپوتانا بابت سڀ کان مشهور لکيل ڪتاب جو نالو آهي.

Annals and Antiquities of Rajistan or the Central and western Rajpoots of India.

ڪرنل جيمس ٽاڊ جو لکيل اهو ڪتاب 1829ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جو اردو ترجمو "تاريخ راجستان" جي نالي سان ورهاڳي کان اڳ ۾ شايع ٿيو. تنهن کان سواءِ ڪيڇ جي هڪ پوليٽيڪل ايجنٽ ڪيپٽن ريڪس 1858ع ۾ هڪ ڪتاب "دي ميمائرز آف ٽر اينڊ پارڪر" پڻ لکيو. سنڌي ٻولي ۾ اُستاد رائچند راٽوڙ جو "تاريخ ريگستان" جي نالي سان ٻن حصن ۾ پڻ ڪتاب شايع ٿيل آهي. باقي رهيو جيتريقدر ٿر ۽ ڪيڇ جي علائقي جي سمنڈ يا سمنڈ نہ هڻڻ بابت جو سوال تہ اوهين ايڇ. ٽي. ليمبرڪ نالي هڪ انگريز جو لکيل ڪتاب "سنڈ اي جنرل انٽروڊڪشن" پڑهي سگهو ٿا. جنهن ۾ هو صاحب ٻڌائي ٿو تہ انڊس جو ڪچ پاڻ، جيڪو هن وقت ڊيلٽا وارو علائقو سڏجي ٿو، سمنڈ هو ۽ رڻ ڪيڇ ۽ شايد سمنڈ جو هيڻان هو. پوءِ وقت گذرڻ سان سمنڈ پوئتي هٽندو ۽ پنهنجي پوئتان واريءَ جا ڍڳ ڇڏيندو ويو. دراصل اها ڳالهہ اوهين ۽ سمجهو ٿا تہ ريگستان جي واري هوائن سان گڏ نہ ٽيندي آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ هن علائقي ۾ برسات گهٽ پوي ٿي ان ڪري واري واپس سمنڈ ڏي نہ وڃي سگهي.

مان ڳالهائي چپ ٿيس، تہ سڀ خاموش ٿي ويا. ڪئپٽن عابد پڇيو، "تاريخ راجستان" ڪتاب ڇا هن وقت ملي ٿو."

"مون کي خبر ناهي تہ اهو ڪتاب اڄ ڪلهہ ملي ٿو يا نہ، البت اردو ۾ اهو ڪتاب ڪيترا سال اڳ شايع ڪيو ويو آهي پر اها ڇپائي انتهائي ناقص آهي!"

ڏٽم تہ منهنجي جواب تي اسلام آباد وارو صحافي ڪجهہ ناراض ٿي پيو، جنهن جو ثبوت اهو هو جو هو فوري طور تي ننڊ اڇٽ جو بهانو ڪري، اسان کان موڪلائي هليو ويو. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ مون ايڏي ڊگهي تقرير ڇو ڪئي، پر ڇا ڪجي. ڏٽو اٽم تہ جيئن جيئن ماڻهوءَ جي عمر وڌي ٿي، هو غلط ڳالهہ ٻڌڻ ۽ گهٽ ٿو پسند ڪري ۽ ڪاوڙ ۽ گهٽي ٿي اچي.

ايتري ۾ ڪئپٽن عابد چيو، "ڪجهہ دير ۾ جنريٽر بند ٿي

ويندو، انهيءَ ڪري اوهان سڀ هلي پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿيو!"

اسان اٿي پنهنجن پنهنجن ڪمرن جو رخ ڪيو. ڪمرن ۾ پهتاسين ته جنريٽر بند ٿي ويو. ڪمري ۾ اڳي ئي ڏيئو آٽي رکيو هئائون. لالٽين جي جهيٽي روشنيءَ ۾ اسان سيني کي پنهنجا چهرا ڏاڍا عجيب پئي لڳا.

ڪمري ۾ گرمي هئي، پر ٻاهر هوا ڏاڍي سٿي پئي لڳي. مان ڪمري کان ٻاهر آيس. اسان جي ڪمري آڏو ننڍڙو لان ٺهيل هو. جنهن جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪوٺڙي نما پيچري ۾ ڪي پکي بند هئا. پريان کان پت هئي، جنهن جي پريان چاندوڪيءَ ۾ ڪارونجهر جبل پئي نظر آيو. انهيءَ لان مان ٽيندو ٻاهر اگڙ ۾ وڃي ٻيٺس. جنريٽر بند ٿيڻ کانپوءِ چاندوڪي وڏيڪ پنهنجي پوري جوبن سان سڄي علائقي کي روشن ڪري ڇڏيو هو. البته پريان کان چائنا ڪلي جي ڪارخاني جون بتيون پارس ناٿ جي پُتلي وانگر پئي ٻريون. ڪهڙي خبر ته ڪٽي اڄ هن سر زمين ۾، ڪنهن هنڌ تي پارس ناٿ جو اهو پتلو دفن هجي؟ مون سوچيو!

ايتري ۾ منهنجو ساٿي جنيد خانزاده مون وٽ ٻاهر آيو ۽ چوڻ لڳو. "سائين پاڻ واري ڪمري ۾ پت تي وڃون وينو آهي." وڃونءَ جو ٻُڌي ڪمري ۾ آيس، ته شڪيل بچاڻي جي ڪٽ جي پاسي پت تي وڃون نه پر ڪوئي وڏو جيت وينل هو. واپس وڃي بٽ مين کي سڏي آيس. هن ڏسي چيو. "هي وڃون ڪونهي پر زهريلو جيت آهي. اجهو ٿو آءُ ڪيس ماريان." پهرئين سوچيم، ته ڪيس جهليان پر پوءِ اهو سوچي ته مان ڪو جين ڏرم جو پوئلڳ ناهيان، جو ڪنهن به ساهه واري جيت کي نه مارڻ ڏيان. ماٽ ڪري ڏنم. ته گهڙي ۾ هن جيت کي ماري ڇڏيو. جنيد خانزاده اڃا به ڪجهه گهبرايل هو. ڪيس آئٽ ڏيڻ لاءِ چيم. "گهبراءِ نه. پيئڻ ٻلا هت ڪانه ايندي. اڃا به چئين ته بصر گهرائي ٽا رکي ڇڏيون." پوءِ بٽ مين کي بصر آڻڻ لاءِ چيم، ته هو گهڙين ۾ هڪ ساسر ۾ بصر ڪٽي کڻي آيو. ڏسي کل به ڏاڍي آئي. پر ماٽ ڪري اهو رکي ڇڏيم.

ان وچ ۾ معصوم علي سنديلي چيو. "ادا، هتي ڪمري ۾ گرمي

ڏاڍي آهي. آءُ ڪٽ ڪٽي ٿو ٻاهر سمهان." اسان انهيءَ سوچ ۾ هئاسين ته ڪئپٽن عابد اسان جي ڪمري ۾ لنگهي آيو ۽ چوڻ لڳو. "اوهان کي جيڪڏهن گرمي ٿئي ته ٻاهر ڪٽون ڪيائي ڏيانو؟"

اسان ته ٻاهر سمهڻ کان انڪار ڪيو. پر معصوم علي سنديلو. پنهنجي ڪٽ ڪيائي وڃي ٻاهر ليٽي پيو. ننڍ اسان کي ٻه ڪاڻ پئي آئي. جو ايترو جلد ۽ اهو ٻه رات جو 11 وڳي سمهڻ جي عادت آهي ئي ڪانه. سو مون شڪيل بچاڻي ۽ جنيد خانزاده ڪرسيون ڪڍي وڃي معصوم سنديلي جي ڪٽ ويجهو رکيون.

"چا پيا سوچيو." شڪيل بچاڻي مون کان پڇيو.

"ڪجهه ٻه نه."

"لڳي ٿو اڄ ننڍ ڪاڻ ايندي." هن چيو.

"چون ٿا ته ننڍ سوريءَ تي ٻه اڇي ويندي آهي. ان ڪري ڪيترو ٻه نانگن جو ڊپ ڪريون. ننڍ پاڻمرادو اڇي ويندي. البت ڏر جي هن چانڊوڪي رات جو هڪ سحر ايڏو آهي. جو دل چوي ٿي ته جيڪر سڄي رات چانڊوڪي ۾. هن ڪليل آڪاس هيٺان. ويٺو هججي!" مون چيو.

مون سامهون پنهنجي ساڻي معصوم علي سنديلي کي ڏٺو. جيڪو اسان کان خاموش سگريٽ ڪائي. وڏا وڏا ڪش هڻي رهيو هو. مون ٻه هن کان سگريٽ ورتو ۽ سگريٽ ڪائي چانڊوڪيءَ جي سحر ۾ کوڙجي ويس. اسان جي پويان اونداهي ۾ ٻڏل ويراواهه شهر تي اونداهي ڇانيل هئي. لڳو ٿي ته هڪ گهري ننڍ ۾ جڙ شهر تي صدين کان اونداهي جو راڄ هجي. جڙ سوين سالن کان سڄي شهر جا ماڻهو ڪنهن جادوگر جي طلسمي اثر سبب گم ٿي ننڍ ۾ ستل هجن. هر شيءِ پنڊ پهڻ ٿي ويئي هجي. ماڻهو. گهر. رستا. پٿر جا بنجي ويا هجن. جڙ ورهين کان سوجهرو هن شهر تائين پهتو ئي نه هجي (ها فقط سامهون ڇائنا ڪلي واري ڪارخاني جون بتيون سارنگا جي اکين وانگر ٽم ٽم ڪيو پئي ٻرين.)

چون ٿا ته ويراواهه ٻه پاري ننگر جي هڪ پاڪي ٿي آباد آهي. 1876ع جي گزٽيئر موجب ويراواهه ۾ ميونسپل ڪميٽي قائم

هئي.- پر اڄ تہ رڳو واري پئي اُڏامي. ويراواهہ ڪنهن معمل يعني انگريزن جي اوائلي وقت ۾ باغين جو شهر ڪري ليکيو ويندو هو.

15 اپريل 1859ع ۾ ويرادواهہ ۽ ننگر پارکر ۾ بغاوت ٿي هئي. انهيءَ ڏينهن تي سيني گڏجي بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. پهرين ٽيلي گراف جون تارون ڪپي، رستا پيچي، سرڪاري خزانو لٽي، پوءِ ٽاٽي تي حملو ڪري ڪچهريءَ کي باهہ ڏيئي چڏيائون. نہ رڳو اهو بلڪ پوليس ٽاٽي تي حملو ڪري سوارن کي پڄائي چڏيائون. ان وقت ڏيئومل نالي مختيار ڪار ويراواهہ مان خبر ناهي تہ ڪيئن اها خبر حيدرآباد اُماٽي موڪلي، جا تن ڏينهن بعد 18 اپريل تي حيدرآباد پهتي. ڪرنل ايونس تڏهن حيدرآباد جو اسٽيشن ڪمانڊنگ آفيسر هو. تنهن هڪدم ٽرڊ بلوچ ريجيمنٽ جي هڪ ونگ ننگر پارکر ڏيارڻ موڪلي. ترت ڪيس ۾ حڪم اچي پهتو تہ هو پاڻ وڃي فوج جي قيادت ڪري. هوڏانهن ڪراچي مان ڪجهہ بارود توپخاني سميت ۽ احمد آباد مان فوجي دستن کي ننگر اُماٽيو ويو. اسلام ڪوٽ ۾ ڪرنل ايونس اچي پهتو. جتي ڊپٽي ڪليڪٽر تروٽ ۽ سپرنٽينڈنٽ پوليس موجود هئا.

هوڏانهن احمد آباد مان آيل ديسي فوج ننگر پارکر پهچي چڪي هئي، جنهن تي سوڊن حملو ڪيو. جواب ۾ انگريزي فوج جي توپخاني مٿن حملو ڪيو. توپن جي ٺڪاون جا آواز ڪرنل ايونس، ننگر پارکر کان 50 ميل اورتي ٻڌا. ڪرنل ايونس 2 مئي 1859ع تي ويراواهہ شهر پهتو تہ سڄو ويرادواهہ شهر خالي ٿي ويو هو. 3 مئي 1859ع تي هن جي ۽ ديسي فوج جي وچ ۾ ويڙهہ لڳي ۽ انگريزي فوج ڪارونجهر تي راڻي چندن جي قلعي کي توپن سان اُڏائي چڏيو. جنهن جي ڪري سوڊا چڙوچڙ ٿي وبا ۽ انگريزن ننگر پارکر تي قبضو ڪري راڻي ڪرڻجي ۽ لاڏو سنگهہ کي گرفتار ڪري ورتو. اهڙيءَ طرح اها بغاوت مائي ٿي. پوءِ راڻي ڪرڻجي ۽ لاڏو سنگهہ کي عمر قيد جي سزا ۽ ٻين کي 10، 10 سال قيد جي سزا ملي.

"مدد صاحب! صفا چپ ٿي وبا آهيو؟" منهنجي ٻر ۾ ويٺل جنيد خانزادي چيو تہ مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس. رات

آهستي آهستي گذري رهي هئي. هر شيءِ فنا آهي. ڪابہ شيءِ امر ناهي. اڄ مٿي چوڏهينءَ جو چنڊ هو ۽ هيٺ ان جي روشنيءَ ۾ اسين سگريٽ دڪائي ڪنهن پراڻي دور جا ماڻهو پئي لڳاسين. چوڌاري چاندوڪي پکڙيل هئي. پرسان ڪارونجهر جبل چاندوڪيءَ ۾ اسان کي ويٺي صاف پئي نظر آيو. ٽڏي ٽڏي هوا پئي گهلي. ڏينهن جي تتل واري ڌري هاڻي برف پئي ٽيندي وئي. جنهن اسان کي پئي احساس ڏياريو تہ ريگستاني رات جو ڪيڏو نہ عجيب احساس هوندو آهي.

اوچتو، پريان اوپر کان سانگاهہ ڏنڊ تان پکين جو هڪ وڏو ولر اڏامندو اولهہ طرف ويندي اچي اسان جي مٿان اڏاٽو. چاندوڪي رات ۾ ڪير جهڙن اچن سوين پکين جو ولر ڪنهن ڏورانهين سفر ڏانهن پئي ويو. پکين جو تيز آواز رات جي خاموشي ۾ دور دور تائين پئي ٻڌڻ ۾ آيو. اهي پکي ويراواهہ جي اوير ۾ سڌ پنڌ تي واقع سانگاهہ ڏنڊ تي اچي رهندا آهن ۽ پوءِ گرمين ۾ هتان کان پنهنجي وطن هليا ويندا آهن. ڪنهن زماني ۾ چون ٿا تہ اهي پکي جڏهن رات جو اڏامندا هئا، تہ چاندوڪي رات ۾ انهن پکين جي ولرن سبب چنڊ بہ ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو ۽ هر طرف اونداهي ڇانڀجي ويندي هئي. پر بعد ۾ شڪارين اهڙو تہ اچي هٿي ٽر ۾ بہ پکين کي سوگهو ڪيو آهي، جو انهن جو تعداد وڃي ٿوگهٽجندو! مون سوچيو وقت سان گڏ، شهر، ماڳ ۽ مڪان بہ ڪيئن نہ ختم ٽيندا ٿا وڃن.

رڻ جي بنهہ ۾ ۾ رات آهستي آهستي ڌري رهي هئي. هوا ۾ هڪ عجيب هڪاءُ هو. مٿي تارن سان ڀريل آڪاس ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ آهستي آهستي اوپر کان اولهہ طرف وڃي رهيو هو ۽ اسين هڪاسين جيڪي چپ چاپ ان رڙهندڙ رات کي رڙهندي ڏسي خبر ناهي ڇا سوچي رهيا هئاسين.

پوڏيسر ۽ ننگر پارکر ڏانهن

رات اڌا آخري پساهن ۾ هئي تہ بٽ مين اچي مون کي ننڊ مان جاڳايو. مان اکيون مهٽيندو ڪمري کان ٻاهر نڪتس. ٻاهر اڱڻ ۾ چوڌاري چاندوڪي ئي چاندوڪي پکڙيل هئي. رات چوڏهينءَ وارو

چنڊ جيڪو اوپر کان آڪاس ۾ اپريو هو. پاري ننگر کان سڄي رات پنڌ ڪري اولهه ڏي اڳڻ جي وچ ۾ بيٺل نر جي مٿان اچي بيٺو هو. چنڊ جي چوگرد هزارين تارا پنهنجي چمڪ وڃائي چوڌاهين جي چنڊ کي تڪي رهيا هئا. ويراواهه شهر جي چانڊوڪيءَ واري رات. هاٿي پرهه ڦٽيءَ ۾ بدلجڻ جي تيارين ۾ مشغول هئي. باهر اڳڻ ۾ تڏا وڇايل هئا. جنهن تي هڪ اردلي ويٺو هو. ڪا مهل ٿي ته هن اٿي فجر جي بانگ ڏني. بانگ جي آواز تي مان کوئجي ويس. بانگ پوري ٿي ته تڏي تي اردليءَ نماز پڙهڻ شروع ڪري ڏني. مان اڳڻ ۾ هلندو باهر نڪري آيس. هتي اسان جون جيپون تيار بيٺيون هيون. پريان سانگاهه ڏنڊ مٿان ڪجهه پکي اڏامي. خبر ناهي ڪيڏانهن اڏامي وڃي رهيا هئا. ڏکڻ ۾ ڪارونجهر جبل جون قطارون پرهه ڦٽيءَ جي روشنيءَ ۾ جڙ اسان کي پاڻ ڏانهن اڇڻ جي نينڊ ڏيئي رهيون هيون. مان ڪيتري مهل تائين نظاري ۾ کوئجي ويس. ايتري ۾ اردلي اچي مون تائين پهتو. "سائين جلدي تيار ٿي وٽو. چانهن پي. گهڙي سوا ۾ ننگر هلڻو آهي." مان ڏيمن قدمن سان هلندو ريسٽ هائوس ۾ داخل ٿيس.

ڪجهه دير ۾ اسان تيار ٿي باهر آياسين. ته باهر ميز تي چانهن اچي رکيائون. چانهن جو ڪوپ پي اچي جيپن ۾ سوار ٿياسين ته پريان ڪٽي ڪڙ هانگون ڏيڻ شروع ڪري ڏنيون. اسان جي گاڏين ريسٽ هائوس مان نڪري رخ رکيو ننگر پارڪر ڏانهن. جيڪو ڏکڻ ۾ اسان کي ڪرڪٽي پليڪار چئي رهيو هو. هاڻ آهستي آهستي پرهه ڦٽي. سوجهري ۾ بدلجي رهي هئي. جنهن ۾ ڪارونجهر جبل جون ٽڪريون صاف پئي نظر آيون. ننگر ڏانهن ويندڙ رستي ۾ هڪ ڳوٺ واڌائي نظر آيو. جتي اسان نه پهتاسين. اوچتو سڄ اسان جي ڪاپي پاسي وارين ٽڪرين مان منهن ڪٽي اسان کي ڏٺو. صبح جو ٽڪريءَ مان سڄ اپرڻ جو منظر ڏاڍو وڻندڙ هو. سامهون ننگر پارڪر تي ٽڪريون صاف نظر اچي رهيون هيون.

پوڏيسر ۽ ننگر پارڪر

ننگر پارڪر هڪ طرف ريگستان ته ٻئي طرف رڻ آف ڪڇ ۾

جمڑوکر ڪاٽو پيو آهي. ڪو وقت هو جڏهن هتان هاڪڙو درياهه وهندو هو. ته سمنڊ به سندس پاسي کان پيو ڇوليون هڻندو هو. مٿي ۽ ڪاري پاٽيءَ ۾ دنگيون ۽ جهاز هلندا هئا. ڏونڙ جو بندر آباد هو. پر اڄ ڪلهه ڇوڙاري رائو، رڄ ۽ سڄ ٽي واڪا ڪري، ويرادواهه کان ننگرپارکر اٽڪل 15 ميل پري آهي. جڏهن ته وڃ تي وري اڇي ٽو پوڙيسر جيڪو ويرادواهه کان اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي مس آهي.

صبح جا اڃا ست ٽيا هئا. جو اسين پوڙيسر اڇي پهتاسين. ساڃي پاسي پرائمري اسڪول هو. جنهن جي پيشانيءَ تي سال 1972ع لکيل نظر پئي آيو. اسان جون گاڏيون ڦرنديون اڇي پوڙيسر جي تاريخي مسجد وٽ بيٺيون. سامهون پوڙيسر جي مسجد جي ديوار مٿان به مورويئل هئا. صبح سان مورن جا رنگ ڏسي سڀ دنگ رهجي ويا. اسان پريان کان مورن کي ڏسڻ پئي گهريو. پر مور اسان جي اچڻ تي اڏامي مسجد جي پويان هليا ويا. انهن مورن مان هڪ ڊيل هئي ڏاڍي سهڻي هئي. مان ڪيتريءَ دير کان انهيءَ ڊيل کي ويندي ڏسندو پئي رهيس. دور هليا ويا ته اسين مسجد اندر داخل ٿياسين. مسجد جي پويان ديوين جو هڪ وڏو جهنگ آباد هو. مسجد جي اڳڻ ۾ سوين سالن جون ڪجهه پراٽيون قبرون هيون، جن جو رنگ وقت جي مندن کارو ڪري ڇڏيو هو. "خبر ناهي ڪنهن جون اهي قبرون هونديون." مون سوچيو. "اهي ماڻهو به ڪڏهن جيئرا هوندا، اتي هليا هوندا، هي صبح، هي شام، هي رات، هي چنڊ، هي تارا ۽ هي روز اپرندڙ ۽ لهندڙ سج، کي ائين ڏئو هوندو، جيئن اسين ڏسون پيا؟ سڀ ڇا آهي، سڀ ڪجهه وجود ۽ عدم وجود جي ڪوهيڑي ۾ ٽو ختم ٿيندو جي؟"

مون ڏيان سان پوڙيسر جي مسجد کي ڏٺو. مسجد جي باهرائ انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ بورڊ لڳل هو. بورڊ- ميرپور خاص جي اڳوڻي ڪمشنر محمد صلاح الدين، ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٽر سيد علي انور شاهه هٽايو هو. جن جا نالا آخر ۾ لکيل هئا. بورڊ جي عبارت ڪجهه هن ريت هئي:

"سلطان محمد شاهه بن تيمور شاهه، دين محمد شاهه بن مظفر

شاهہ بن غياث الدين بن عبدالله 827 هجري 1515ع بمطابق 1440ع ڌاري راس ٿي."

بورڊ تي انگريزيءَ ۾ لکيل هو ته "پاڪستان جو صدر فاروق لغاري ۽ هيءَ مسجد ڏسڻ آيو." مسجد تي هر طرف کان اداسي ڇانيل هئي. اسان جا ڪيترا ساٿي چئي رهيا هئا، ته هيءَ مسجد محمود غزنويءَ ٺهرائي هئي. پهرين سوچيم ته هنن کي ٿوڪي تاريخ درست ڪريان، پر رات واري تجربي کان پوءِ اهو ڪم ڇڏي مٽ ڪري بيهي نوٽس وٺڻ لڳس. ڪجهہ پوائنٽس لکي ورتم ته ايتري ۾ اسان جا ڪيترا ساٿي فوٽو گرافي ۾ لڳي ويا. فوٽا ڪڍرائي واپس اچي جيپن ۾ ويناسين. اسان جو رخ ننگر پارکر ڏانهن هو. مون ڪنڊ ورائي ننڍڙي شهر پوڌيسر کي ڏٺو ته ياد آيو ته ڪنهن وقت هن شهر کي پوڌيسر ننگري ڪري سڏيندا هئا. پوڌيسر، ننگر پارکر کان ۽ ميل اورتي، اتر اولهندي ۾ واقع آهي. 1026ع ۾ سلطان محمود غزنوي سومناٿ مندر فتح ڪري واپس ويو پئي، ته ڪڇ جي رڻ مان لنگهندي، پنهنجي لشکر سميت رستو پلجي، پاٽيءَ جي ڳولا ۾ پٽکندو اچي پوڌيسر پهتو. اتي هڪ وڏو تلاءُ هوندو هو، پاڻي ڏسي هو لشکر سميت هتي ۽ ڏينهن ترسي پيو ۽ واپسيءَ مهل هڪ نشان قائم ڪري هليو ويو.

انهيءَ ساڳئي نشان تي گجرات جي حاڪم محمد شاهہ بيگڙي، هيءَ مسجد 1505ع ۾ ٺهرائي ۽ مسجد جي اندر فارسيءَ ۾ هي ڪتبو هٽائي ڇڏيو: "محمد شاهہ بن مظفر شاهہ بن غياث الدين 1505ع جيڪڏهن مسجد زخمي ٿي پوي ته وقت جي حاڪم تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اهو ان کي ٺهرائي." منهنجو ذهن پوڌيسر بابت سوچي رهيو هو: ڪيپٽن ريڪس (1858ع) جي تحقيق موجب پوڌيسر 512 قبل مسيح ۾ آباد ٿيو. هتي جين ڌرم جا ڪيترا مندر هوندا هئا. جين ڌرم جا اهي مندر 1375ع ۾ ٺرپارکر اهو ۽ لکيو آهي ته قديم زماني ۾ هيءُ عاليشان شهر هو، ۽ خاص طرح هيءُ شهر واپاري مرڪز هو، جنهن ۾ جين ڌرم جا وڏا وڏا واپاري رهندا هئا. چون ٿا ته جين ڌرم جي واپارين جون ڏاڍيون سهٽيون هونديون

هيون. صبح شام ڏاڍا هار سينگار ڪري نڪرنديون هيون. صبح جو جڏهن هٽ منهن ڏوئڻ لاءِ تلاءَ تي اينديون هيون تہ سندن ڪجل جي ڪري سڄو تلاءُ ڪاروٽي ويندو هو. بعد ۾ ڪنهن ڳالهہ تان ناراض ٿي، اهي سڀ واپاري ڪتنب اٽڪون لڏي ويا.

سندن ڪاوڙ جو سبب اهو ٻڌائين ٿا، تہ ان وقت هتي پرمار سوڍن جي حڪومت هئي ۽ ڪجل شاهہ ۽ وجل شاهہ انهن واپارين جا مڪي هوندا هئا. اهي پوڄاريسر جي راجا وٽ ڏياريءَ جي موقعي تي سلامي پيڙ ويندا هئا.

1557ع ۾ ڏياري جي ڏينهن جڏهن انهن شاهوڪار ڪتنبن جا 5 هزار ماڻهو پنهنجي پنهنجي مڪين جي اڳواڻيءَ ۾ راجا وٽ سلامي پيڙ ويا تہ اتي کين عزت ڪانہ ملي. موتي اڇي مڪين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هاڻ هتي بيعزتو ٿي هرگز نہ رهبو. انميءَ ڪري هي علائقو ڇڏي وڃي ڪنهن ٻئي شهر ڪي وسائبو. اها صلاح ڪري، هو ٻئي سال ڏياري جي موقعي تي پنهنجن گهرن جا ڏيئا ٻرندڙ ڇڏي ويا، تہ جيئن ماڻهو سمجهن تہ گهر ياتي گهرن ۾ موجود آهن. پوءِ هو هتان لڏي ڪڇ ۽ ٻين شهرن ڏانهن هليا ويا ۽ ويندي وقت ڪجل شاهہ ۽ وجل شاهہ هي لفظ لکي ويا، "ڪاجل ڏيکسو ڪوڙي، ويجل واڏڙي"، يعني هاڻ ڪجل ڪپڙين ۾ ڏسندا ۽ بجلي بادلن ۾ چمڪندي ڏسندا.

پوءِ نہ رهيو پوڄاريسر جو اوج، نہ رهيو اڳوٽو دور. اڄ ڏينهن تائين اهو شهر سڄو آهي، جيئن اسان جي آڏو پڙ پانگ لڳو پيو هو. هر طرف اڏامندڙ واري، انهن جي وچ ۾ چند گهر.

اسان جون گاڏيون ريگستان تي تيزيءَ سان ڊوڙنديون پئي ويون. ساڃي پاسي ڪارونجهر جي قطار هئي. رستي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳوٺ آباد هئا پر اسان ڪٿي بہ نہ بيناسين، جو اسان کي وري واپس ويراواهہ اڇي ناشتو ڪري، ڇاڇري ڏانهن سفر ڪرڻو هو.

ننگر پارڪر کان اورتي اسان گوڙدرا ندي پار ڪئي تہ پريان هڪ مندر نظر آيو، جنهن جي ٻاهران هڪ کوهہ هو. مندر ڏسڻ لاءِ اسان جون جيپون اڇي مندر جي ٻاهر اڳڙ ۾ بيٺيون. آس پاس ڪجهہ

نمن جا وڃ هئا. مون الائي ڪٿي پڙهيو هو ته تروٽ صاحب ننگرپارڪر جي ٻاهران نمن جا وڃ تمام گهٽا پوکايا هئا. جيڪي اڄ ڏينهن تائين هلندا پيا اچن.

مندر جو در اندران بند هو. ننڍڙي پٽ کان جهاتي پائي ڏٺم. اندر ورانڊي ۾ مندر جا ٻاوا وينا هئا. اسان کي ڏسي هنن مان هڪ ٻائي در کوليو جنهن جو نالو هيرو هو. ڏاڪڻ چڙهي مندر ۾ وياسين. ته خبر پئي ته اهو شوشنڪر جو مندر آهي. مندر جي اندر شو جون ٻه تصويرون پٽ تي لڳل هيون. ۽ هيٺ لنگهم پٽر جو ٿهيل هو. جنهن جي ساڄي پاسي هڪ جدا ڪونڙيءَ ۾ هنومان جي مورتي لڳل هئي. ڪن عقيدت مندن ان تي سِڪا چنبڙائي ڇڏيا هئا. کاٻي پاسي هڪ ڪونڙيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ جي مورتي لڳل هئي ۽ هيٺ سنگ مرمر تي ٻن پيرن جا نشان اڪريل هئا.

ٻائي کان پڇيم، "هيرا صاحب، ٻڌايو ته هي ڪنهن جي مورتي آهي؟"

چوڙ لڳو. "بابا سائين، هي لکڻ پارتيءَ جي مورت آهي!"

اسان جا ڪيترا ساٿي سامهون لنگهم ڏسي حيران ٿي ويا. پيا پڇائون ڪن ته اهو ڇا آهي؟ آخر ڪين انگريزيءَ ۾ لنگهم جي معنيٰ ٻڌايم ته چپ ٿي ويا. مندر کي ڏسي اسان واپس ورياسين ۽ ويندي معل ڪجهه پئسا دکشٽا طور ٻائي صاحب کي ڏنم. اصل ۾ لکڻ پارتي بابت علائقي ۾ هڪ ڏند ڪٿا مشهور آهي، جيڪا ڪجهه هن ريت آهي:

"چون ٿا ته جتي اهو مندر آهي، اتي ڪنهن زماني ۾ هڪ ٻائو اچي ويٺو. انهيءَ هنڌ تان ڪارونجهر جبل مان گورڌرندي، اٺاهه پاڻي سان لنگهندي هئي. هڪ پيري برسات نه وڻي ته علائقي جا ماڻهو ڏاڍا اچي پريشان ٿيا. هو ويا انهيءَ ٻائي وٽ ته ڏٺيءَ در ڪو نماڻو عرض ڪر ته ڪا برسات پوي. اهو ٻائو لڳاتار ٻه ڏينهن ساندهه اتي بنا ڪجهه کائڻ ۽ پيئڻ جي ويٺو رهيو. ٽئين ڏينهن خدا جي ڪرڻي اهڙي ٿي، جو مينهن وٺو. ماڻهن وڃي ٻائي کي چيو ته هاڻ هتان اٿو. نه ته جبل مان وهندڙ پاڻي توهان کي ٻوڙي ڇڏيندو. پر ٻائو نه اٿيو. پوءِ

پاڻي جڏهن ڪارونجهر جبل مان گڙگاٽ ڪندو وهندو اچي هتان لنگهيو. تڏهن اهو هن وهڪرن ۾ ورهائجي، ٻائي ڪان پاسو ڪري اڳتي هليو ويو. اڄ ٻه ساڳئي هنڌ تان گورڌر ندي هن وهڪرن ۾ اتان وهندي آهي. ماڻهن سندس ياد ۾ اهو مندر ٺهرائي ڇڏيو. جنهن ۾ اسين بيٺا هئاسين."

گهڙي ڪن ترسي اسان اتان کان روانا ٿياسين. مندر جي ٻاهران هڪ وڏو ڪوهه هو. جتان ماڻهن پاڻي پئي پريو. لکڻ پارتيءَ جي مندر مان روانا ٿياسين ته گهڙيءَ پل ۾ اچي ننگرپارکر جي ڪنڌيءَ تي پهتاسين. اتي ٻانهن ٻيلي تنظيم جو هڪ بورڊ لڳل هو ۽ شهر جي ٻاهران رينجرز جي هڪ چوڪي ٺهيل هئي.

ڪارونجهر سان مون کي ورهين کان دلي لڳاءُ رهيو آهي. هي شهر ننگر پارکر ٻه اڍنگ ماڻهن جي جنم ڀومي آهي. هر علائقي جيڪڏهن روپلو ڪولهي جي بهادري ڏني ته وري اسان جي سانيرن ۾ ايڏوئي هڪ سچو ۽ بهادر انسان مسڪين جهان خان ڪوسو ٻه هتان جو رهواسي هو.

ننگر پارکر جو ذڪر ڪيترن پرڏيهي سياحن پنهنجي سفر نامن ۾ ڪيو آهي، چيني يڪشو (49-645) ٻه ننگرپارکر ڏٺو هو.

ساڳئي وقت هڪ مسلمان سياح سيد علي رئيس جي ڪتاب "مرات الممالڪ" ۾ ننگر پارکر جو احوال ڏنل آهي. علي رئيس بحري ڪمانڊر هو. جيڪو همايون ۽ جي دور ۾ پورچوگيزن سان وڙهڻ لاءِ، ترڪيءَ جي سلطان طرفان هڪ جٽي سان نڪتو هو. رستي ۾ سامونڊي طوفان لڳڻ سبب اچي گجرات کان پهتو هو. هو لکي ٿو:

"اسان جي پارٽي ڏهن ڏينهن جي سفر بعد راجپوتن جي شهر ننگر پارکر پهتي. جتي راجپوتن اسان سان وڙهڻ شروع ڪيو. پر اسان جي جوابي حملن سندن هوش ٽڪاڻي آڻي ڇڏيا. هنن اسان کان پٺسا پئي ڇڏرائڻ گهريا، پر اسان وٽ ڪجهه ٻه ڪونه هوا"

هڪ ٻئي يورپي سياح نڪولاس وٿنگٽن، جنهن سال 1613ع ۾ احمد آباد کان ڏٽي تائين سفر ڪيو هو، لکي ٿو:

"اسين ڪن هندستاني واپارين سان گڏ ڪولاد- رائپور جي رستي کان رڻ جو ڪنارو ڏيئي، 28 ڊسمبر 1613ع تي اچي ننگرپارکر پهتاسين. ننگر پارکر ننڍو شهر آهي، پر مسافرن جي ضرورتن واريون سڀ شيون موجود آهن. هتان کان ويندي جوڙ تائين ماڻهو ڪنهن به بادشاهه جي ڊل ڪونه پرين. فقط ڦرمار تي گذارو اٿن. البت جيڪڏهن ڪو مغل لشڪر مٿن ڪاهي ايندو آهي ته، پوءِ پنهنجن ڪکاون گهرن کي باهيون ڏيئي ويجيو پٽن ۾ لڪن. البت مسافرن کان خرچي ونڊي سندن خاطري ڪندا آهن."

پارکر لاءِ چوٽي آهي ته "پارکر جا پهاڙ- جمنگ ۽ جهاڙ، رڳو آهي بک ۽ اگهاڙ، رڻ ۽ رائو، لنگهه ۽ لاهو، مال به رکن ماهيو، ته به ڏائو ڪو ڏونڊيو ليڀي!" پلا چونه ٿئي اتي بک، رڄ ۽ رائو، جو سنڌ جي بنهه آخري ڪنڊ ۾ رڻ ۽ ريگستان جي آخري ڇيڙي تي واقع هئڻ سبب ماڻهو ڪن ته ڪن ڇا؟ سنڌ جي ڏکڻ ايرنديءَ ڪنڊ تي اڄ اسين اچي پهتا هئاسين، جنهن جي ٽنهي پاسن کان واريا سو رڻ آهي. يعني اتر ۾ تعلقو ڇاڇرو، اوپر ۾ جوڻپور، اولهه ۾ تعلقو مٹي ۽ ڏکڻ ۾ اٽس رڻ آف ڪڇ ۽ سندس پاسي ۾ يعني ڪڪ مان اڏول ڪارونجهر ڪرڪنيو پيو هر ايندڙ ويندڙ کي سڪ مان نهاري.

ننگر تعلقي جي هن وقت ايراضي آهي به هزار اٺ ميل ۽ ڏيگهه وڇي ٽيندي ٽيهه ميل، ويڪر اٽس ويهه ميل. ماڻهو وري منجهس آباد آهن پنج هزار ڪن.

گاڏي هڪ جهٽڪي سان اچي ننگرپارکر جي چوڪ ۾ بيٺي. اسان جا ساٿي گاڏين مان لهي هيٺ ٽيا. آءٌ به بازار ۾ لهي پيس. ننگر ۾ اڃان صبح مس ٽيو هو. شهر جي چوڪ تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو بيٺا هئا. سامهون مٹي وڃڻ لاءِ لاريون بيٺيون هيون. شهر جو هٽ هڪ به نه کليو هو. البت ڪارونجهر جي ڪور منهنجي اکين آڏو هئي. ننگر ۽ ڪارونجهر مون کي ڏاڍا وٽندا آهن- دل چوندي آهي ته سڀ ڪم ڇڏي جيڪر هن شهر ۾ رهي پئجي. مان به وکون کٹي وڃي سامهون بيٺل مقامي همراهن جي ويجهو پهتس.

"ياءِ پلا هتي ڪاليج آهي؟" مون اتي هڪ همراهه کان پڇيو.

جيڪو دڪان تي آڏو ويڙل هو. چوڙ لڳو "نہ سائين ڪاليج ڪونهي، البت ڪاليج جي عمارت ڪڏهوڪي ٺهي چڪي آهي. پر ڪاليج اتي شروع نہ ٿيو آهي."

ننگر پارکر ۾ بيهي مون ڪارونجهر جبل ڏانهن ڏٺو، جتان هن وقت بهترين پٿر نڪري ٿو. اهو پنڪ (گلابي) رنگ جو پٿر فرانس جي پٿر کان بہ قيمتي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪراچي جي ٽريڊ سينٽر ۾ لڳل ڪارو پٿر ڏٺو هوندو تہ پوءِ خبر پوندي تہ ڪارونجهر مان اهڙو ساڳيو پٿر نڪري ٿو، پر ان مان هتان جي ماڻهن ۽ علائقي کي ڪوبہ فائدو ڪونهي. وڏو عذاب تہ اهو آهي جو پٿر ڪيڙ واريون ڪمپنيون اتي پٿر ڪيڙ لاءِ ڀائنامائيٽ ٽيون ڪتب آڻين. ڀائنامائيٽ جي ڌماڪي سان هڪ طرف جبل جو پٿر گهٽو ضايع ٿي رهيو آهي تہ ٻئي طرف انهيءَ ڌماڪي جي آواز سان مورن جا هانو ڦاٽيو تا پون، جو مور ڏاڍو نازڪ جيوُ ٿئي ٿو. ٽروانگر هتان جا بہ اهي ئي ساڳيا حال. اسڪول موجود، بہ ماڻ اسپتالون حاضر پر ماسٽر ۽ ڊاڪٽر ڪونهن. ڊاڪٽرياڻي جو تہ سوال ئي نٿو پيدا ٿي. سنڌ جي انگريز ڪمشنر مسٽر بارٽل فريئر 1855ع ۾ ٽر جي جن ٽن شهرن ۾ پهريان اسڪول قائم ڪرايا، تن ۾ ننگر پارکر بہ شامل هو. باقي بہ اسڪول مٽي ۽ اسلام ڪوٽ ۾ کولرايا ويا. فريئر صاحب تڏهن اسڪول لاءِ خاص احمد آباد مان ٽي ماسٽر گهرايا ها. تڏهن 1856ع ۾ ننگر پارکر جي اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد هو 105، مٽي ۾ 35 ۽ اسلام ڪوٽ ۾ 34، اڄ ننگر پارکر ۾ هاءِ سڪول تہ آهي، پر تعليم جو رجحان نہ هڻڻ جهڙو.

اصل ۾ انگريز بادشاهہ بہ هو ڏاڍو عجيب. ماڻهن جي نفسيات کي سندن بالا عملدار چگهيءَ ريت ڄاڻندا ۽ سڃاڻندا هئا. ننگرپارکر جهڙن علائقن ۾ جتي سدائين اڻپنگ ڪوسن، ورهين کان ڏمار کي پنهنجو ذريعو معاش بڻائي ڇڏيو هو، تن کي انگريز چڪي آيو پوليس ۾. ڪيپٽن ريڪس چواٽي: "اهو ڏسڻ گهرجي تہ جڏهن سنڌين کي هٿيار بند ٽيڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ انهن ۾ ڪيترو اعتماد ۽ عزت نفس اچي وڃي ٿي. هٿيار بند ڪرڻ ۾ بين

جي پيٽ ۾ قبيلن جي سردارن کي ترجيح ڏني ويئي آهي. هونئن ته اها ننڍڙي ڳالهه آهي، پر قبيلن جا سردار ان کي وڏي اهميت ڏين ٿا."

سو انگريزن به ڇا ڪيو جو 1855ع ۾ ننگر پارکر ۾ ڪوسن جي سردار "ڪاپڙي خان" کوسي کي پوليس ۾ نوڪري ڏيڻ تي راضي ڪري ورتو. تڏهن ٻاڙو خان جي جمارهئي سٽ ورهيه. هن پاڻ ورهين جا ورهيه انگريزي فوج سان لڙايون لڙيون هيون، ۽ آخرڪار انگريزي فوج جي ڪيپٽن جيڪسن آڏو وڃي پيش پيو هو. پوڙهي سردار جي بدن تي انهن گهاون جا نشان هئا، جيڪي انگريزي فوج سان لڙندي هن کاڌا هئا. جڏهن ڪيس انگريزن نوڪري لاءِ چيو ته هن پنهنجو پهراڻ کڻي، اهي زخمن جا گهاؤ ڏيکارينديِ چيو هو، "اوهان سان وڙهندي ۽ مقابلا ڪندي مون هي ڏڪ کاڌا آهن، هاڻي اوهان جو نمڪ ڪيئن کاوان." آخرڪار ڪرنل رابرٽ ۽ ٻين سردارن جي چوڻ تي هو راضي ٿيو ۽ پوليس ۾ جمعدار طور پرتي ٿي رٽائرڊ ٿيو.

اهي ڪوسا ايڏا ته ڏنگا هوندا هئا جو اهي پنج پنج سو جا جٿا ٺاهي وڃي ڪڇ ۾ ڏاڙا هڻندا هئا. 1831ع ۾ 500 ڏاڙيلن جي هڪ ٽولي، ڪڇ جي ڳوٺ واگهڙ ۾ وڃي قرمار ڪئي ۽ واپسيءَ ۾ رڻ جي رستي ۾ پونا اريگيولر هارس جي 50 جوانن سان سندن مقابلو ٿي پيو هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ انگريزن جو هڪ فوجي عملدار مير عباس علي مارجي ويو. جنهن جي آڙ ۾ انگريزي فوج ڪڇ کان ننگر پارکر کاهي آئي هئي. دراصل ڪي ماڻهو اهو به چون ٿا ته، خود انگريزن جي ڪڇ ۽ پارکر جي ڏاڙيلن کي هُشي هوندي هئي، جنهن جي آڙ ۾ هنن هڪ طرف ڪڇ تي قبضو ڪري ورتو هو ته، ٻئي طرف هو سنڌ تي قبضي ڪرڻ جون سٽون سٽي رهيا هئا. سنڌ جي حڪمران مير مراد علي خان ٽالپر پنهنجي فوج ڏاڙيلن کي ناس ڪرڻ لاءِ نگر پارکر موڪلي ڏني هئي، ويچاري مير مراد علي خان ٽالپر پنهنجي سرحدي ٽاڪيدارن کي هدايت نامو جاري ڪيو هو ته جيڪڏهن پارکر جا ڏاڙيل کين ڪٽي هٽ چڙهن ته انهن کي قتل ڪرڻ جي کين اجازت ڏجي ٿي! "پر انگريزن جو مطالبو هو ته، گهربل ڏاڙيلن کي انگريز حڪومت آڏو پيش ڪيو وڃي. هن سالن اندر ٽيل نقصان پري

ڏنو ويجي. ڏاڙيلن کي پاڻ روکيو ويجي يا وري انگريزي فوج کي پارکر ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ويجي يا پارکر جو علائقو ڇڏي جي راءِ جي حوالي ڪيو ويجي."

قدرت خدا جي، جو وري به پارکر جي ڏاڙيلن جنوري 1832ع ۾ ڪڇ ۾ ڏاڙو هنيو تہ انگريزي فوج نومبر 1832ع ۾ بنا ڪنهن اجازت وٺڻ جي ڪڇ کي اُکري اچي پارکر پهتي. ان وقت سنڌ تي ميرن جي صاحبي هئي، پر انگريزن جي انهيءَ ارهہ زوراڻيءَ تي هو ڪجهہ به نہ ٻڌي ڪري سگهيا. ميرن به پنهنجي فوج ننگر اماڻي موڪلي. جيڪا ننگر پهتي تہ، سندن انگريزي فوج سان جهيڙو ٿي پيو، جنهن ۾ ڪيترا سنڌي فوجي مارجي ويا....."

"..... مدد صاحب! هاڻ هلجي." آواز ڪنهن دوست جو هو. مان خيالن جي دنيا مان موٽي آيس. سامهون اڏول ڪارونجهر ڪَر ڪنيو ڇڻ مون کي ڇڻي رهيو هو، اڇوڪي ملاقات مختصر رهي. وري مون کي ڏسڻ ضرور اچجانءِ! يقينن ننگر پارکر ۽ ڪارونجهر جبل ڏسڻ جهڙا، پر اسان کي وري واپس ٽيڙو هو. ان ڪري ڪارونجهر جي ڪور کي پريان کان اکين ۾ لکائي، وري اڇڻ جو دل ۾ وچن ڪري واپس ٽياسين ويراواهہ ڏانهن، جتي اسان کي نيرن ڪري ڇاڇري روانو ٽيڙو هو.

واپسيءَ مهل اسان جي ساڄي پاسي کان سورج پنهنجون شعاعون اسان تي اڇلائي رهيو هو. ويراواهہ واپس آياسين. سامهون پٽ تي ٽهيل ويرا واهہ ريسٽ هائوس اُس ۾ چمڪي رهيو هو. ريسٽ هائوس واريءَ جي پٽ تي ٽهيل آهي. ان ڪري پريان کان ٽوڏسڻ ۾ اچي. ريسٽ هائوس مان نيرن ڪري ٻاهر نڪتاسين. ويرا واهہ جي چوڪ ۾ رينجرز جي چوڪي ٽهيل آهي. هر گاڏيءَ جي سچاڻپ ضرور ٿئي. ان مهل صبح جو مٽيءَ واري رستي کان آيل ڪيڪڙي واري بس اسان کي نظر آئي. اها بس رات جو دير سان مٽيءَ مان نڪتي هوندي، جيڪا سڄي رات جو پنڌ ڪرڻ بعد ويراد واهہ پهتي هئي ۽ هاڻ ننگر پئي ويئي.

اسان کي ويراد واهہ کان اسلام ڪوٽ وڃڻو هو. جتان وري

اڳتي ڇاڇرو هو اسان جي منزل. رستو اهوئي ساڳيو وارياسو. جنهن مان ڇڙو هڪ گاڏي هلڻ لاءِ چيلهو نهيل، پر ڏاڍو خراب. رستي ۾ هڪ ڳوٺ نظر آيو. نالو هو ان ڳوٺ جو "ورواهي!" ڳوٺ ۾ سمورا گهر چونرن جا نهيل، ۽ تي ٻارڙا ٻڪريون چاريندي نظر آيا. پريان ۽ مايون پاڻي پيرڻ لاءِ دلا مٿي تي رکيو وڃي رهيون هيون.

ويراواهه کان پنج ڪوهه مس هلياسين، ته اوچتو رستي تي ساڃي پاسي کان پالوا لکيل بورڊ تي نظر پيئي. پالوا تي نظر پوندي ئي دل ڏاڍي ڇڪ ڏني. پالوا، سنڌ جي لوئيءَ جي لڄ جي حفاظت ڪندڙ مارئيءَ جو ڳوٺ! سڄي ڳوٺ کي ڇهه ست وڏيون وڏيون پٽون ورا کا ڏيون ييئيون هيون، جن کي ڏسندي لطيف سائينءَ جو بيت ياد اچي ويو:

"جوءِ ڪشادي جيڏيون، ملير موڪ مهاڙا!"

پٽن کي ڏسندي سوچيم، ڪڏهن لطيف سائين ۽ هت آيو هو؟ تڏهن ته اهو بيت چيو اٿائين. انهن پٽن جي اڳيان ڏهر ۾ پالوا جو ڳوٺ واقع آهي، پالوا کي ڏسندي دل گهريو ته جيڪر گاڏيءَ مان ٽپ ڏيئي پالوا ۾ جهاتي پائي اهو ڳوٺ ڏسي اچان، جتان جي هڪ نينگريءَ پاڻ کي سنڌ جي تاريخ ۾ هميشه هميشه لاءِ امر ڪري ڇڏيو. ڪنهن ٽي ڇاتو ته هڪ ڏينهن هتان هڪ اهڙي نينگري جنم ونندي، جنهن جي مهڪار سان سڄي سنڌ سُرهي ٽي ويندي. روايت آهي ته مارئي اصل ۾ ريبارڙ هئي. مٿي تي اوني ڇڻي ۽ بت تي اُن جو گهاگهرو پهريل. هن نينگريءَ کي جڏهن عمر ڪوٽ جي بادشاهه عمر سومري، پالوا جي ڪوهه تان زوري کڻي وڃي عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ بند ڪيو ته، هُن محل جي عيش عشرتن کان منهن موڙي، پنهنجي سِر تان ٽر جي لوئي نه لاٿي. ڪپڙا لِيڑون لِيڑ ٽي ويس، پر مخمل کي اصل هٿ نه لاتائين.

چون ٿا ته عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ روز رات جو، مارئي، ٽر طرف ڪُلندڙ محل جي ڏکڻ واري دريءَ ۾ بيهي هنجون هاريندي، پنهنجي ماروئڙن کي پئي ساريندي هئي.

آخرڪار عمر هارايو ۽ ماروئڙن جي لڄ سرخرو ٽي ۽ هوءَ پنهنجي

ڏيهه موتي آئي، شاهه سائين، مارئيءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڳائي، همیشه همیشه لاءِ جيئاري چڏيو.

پالوا ۾ اهوکوهه اڃا باقي آهي، جتان مارئيءَ کي عمر زوريءَ اُٺ تي کڻي ويو هو. کوهه جي پرسان هڪ ڪوندي پيل آهي، جنهن ۾ مارئي پنهنجي ہڪرين کي پاڻي پيئاريندي هئي. ان ڪوندِيءَ جا ٿي حصا اڃا بہ سلامت آهن.

6 مارچ 1967ع تي مون کي ياد آهي تہ ٿرپارکرجي مشهور علمي شخصيت ۽ ضلعي ڪائونسل ٿرپاکر جي تڏهوڪي وائيس چيئرمين مرحوم مير محمد بخش تالپر پالوا ۾ مارئيءَ جو پهريون ميلو لڳرايو هو. پوءِ تہ وري ڪنهن پالوا کي ياد بہ نہ ڪيو آهي. مارئي جي ميلي ۾ سنڌي اديبن جو وفد مولانا غلام محمد گرامي جي اڳواڻيءَ ۾ وڃي شرڪت ڪئي هئي.

پالوا اسان جي نظرن کان اوجهل ٿي ويو، تہ مون کي شيخ ايازجا لفظ ذهن ۾ اڇي ويا: "جي مارئي پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ نہ اڇي ها، تہ ٻهراڙيءَ جي ٻي ڪنهن ڪنيل زائفان کان مختلف نہ هجي ها. پٽائيءَ هن کي سنڌ جي حب الوطنيءَ جي علامت بڻائي چڏيو. ٻہ سو سالن کان پوءِ جڏهن اسان پڙهون ٿا"

"مون مارُن سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سگڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آءٌ، پٽ ڪيئن پهريان سومرا.....

"تہ اسان جي لونءَ لونءَ ڪانڊراجي وڃي ٿي. اهو پٽائيءَ جي فن جو ڪمال آهي. بُت تراش پٿر ۾ ساهه تہ نہ وجهي سگهندو پر ان کي هر ساهه واري کان وڌيڪ پيارو بنائي چڏيندو هو. مصورگاهه جو هڪ پن بہ نہ پيدا ڪري سگهندو آهي، پر پوءِ بہ هو پنهنجي ڪئنواس کي ڪائنات جي هر تخليق کان وڌيڪ سهڻو بڻائي سگهندو آهي!"

پالوا تي مون کي ياد آيو تہ هتي ويجهو گوڙيءَ جا مندر واقع آهن. اهي جين ڏرم جا تمام سهڻا مندر آهن، جن کي ڏسڻ کان سواءِ اسان وڃي رهيا هئاسين تہ، اوچتو گاڏين کي جهٽڪو لڳو، تہ منهنجو مٿو ڏري گهٽ وڃي جيپ جي چٽ سان ٽڪرايو. پالوا ڪيترو وقت اڳ

منهنجي نظرن کان اوجهل ٿي ويو ۽ اسان جي گاڏي هڪ وڏي پٽ تي مٽي چڙهي. مون ساڻمون واريءَ جي وڏي پٽ کي ڏسندي سوچيو. واقعي نيپولين بوناپارٽ، ريگستاني علائقي کي "ريگستاني سمنڊ" صحيح ڪري ڪوٺيو آهي. هيءَ آهي به سڄو علائقو واريءَ جو سمنڊ، جنهن مان اسان جون گاڏيون لانچن وانگر ٿي ترنديون ويون. سمنڊ جي تيز لهرن وانگر جنهن مهل ٿي جيپن کي ٽيلها ڏنا، تہ سڄي ٻَٽ مان ساهہ ٿي نڪتو. اسان جي منزل اسلام ڪوٽ هئي ۽ اسان جي قافلي جو سونهون هو ڪرنل اشفاق جيڪو نقشي جي مدد سان سڀ کان اڳتي هلندو پئي ويو. رستو سنڊس ڏنل نہ هو، البت ڪٿي منجهي ٿي پيو تہ اتي ماڻهن کان ڳوٺ جو نالو پڇي پڪ ٿي ڪيائين، تہ واقعي اسين صحيح رستي تي وڃون پيا يا نہ.

لوٽيو

اوچتو پريان کان هڪ ڪسري ماڙيءَ تي وڃي نظر پئي، اها ساڻمون کان نظر ايندڙ ڳوٺ جي اڪيلي ماڙي هئي. ويجهو ٽياسين تہ مون گاڏي بيهاري هڪ ماڻهوءَ کان ڳوٺ جو نالو پڇيو. هن ٻڌايو ڳوٺ جو نالو آهي: "لوٽيو."

هن کان پڇا ڪري يڪدم گاڏي استارٽ ڪرايم، جو قافلي کان پوئتي رهڻ جي نتيجي ۾ وڏي مشڪلات پيش اچي ٿي سگهي. لوٽيو ڳوٺ ۾ ٽهيل ڪسري ماڙي، هڪ پٽ تي وڏي شان ۽ مان سان سمورن ڪچن چونرن ۾ ڪرڪنيو بيٺي هئي. خبر ناهي اها شاندار ماڙي ڪنهن جي ٺهرايل هئي؟ منهنجي دل ڏاڍو چاهيو تہ جيڪر انهيءَ محل جهڙيءَ جاءِ جي مالڪ جو نالو پڇان، ڳوٺ ۾ اسڪول به هو ۽ ڳوٺ جي پٽن تي پيچ پاڪارا جا نالا لکيل هئا. هڪ ٻيو نعرو لکيل هو: "مان کي دعا، جنت کي هوا." گهڙيءَ ۾ لوٽيو ڳوٺ اسان جي نظرن کان لنگهي ويو. رستو ڏگهو پئي ٿيندو ويو ۽ اسلام ڪوٽ جو دور دور تائين ڪوبہ پتو نہ هو.

اسلام ڪوٽ کان چاچري تائين رستي ۾ ڪيترا اهڙا هنڌ آيا، جتي اڪ ڏاڍو هو. ريگستاني ٽيلهي تي، ٻنهي پاسن کان اڪن جو

هڪ جهنگ آباد هو. جنهن جي وچ مان اسان جون جيپون ڊوڙي رهيون هيون. مون مٿي ٽر جي آسمان ۾ لهندڙ سج ڏانهن ڏٺو. ٻنهي پاسن کان اڪ جي جهنگل مان لنگهندي ساهه منجهڻ لڳو. مون زندگيءَ ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ اڪ نه ڏٺا هئا. نيٺ نهار تائين اڪ ئي اڪ هو. چون ٿا ته اڪ پاڻمرادو ڦٽندو آهي. جڏهن اڪ جون ڦلڙيون، ڌرتيءَ تي ڪرنديون آهن، ته اهي ڦٽي پوءِ ٻوٽي جي شڪل ۾ ٻيهر جنم وٺنديون آهن. اڪن جي وچ مان هلندي هلندي، جڏهن تپندڙ سج تي ٽي نظر پيئي ته الائي چو هڪ عجيب ڊپريشن من کي وکوڙي ٽي ويئي. اسين صبح جو اٺين وڳي ويراواهه کان نڪتا هئاسين، ٻيڪ 11 وڳي 24 منٽن تي اچي اسلام ڪوٽ پهتاسين. شهر جي ٻاهران ڪيترا اٽ پاٽي پري وڃي رهيا هئا. اسلام ڪوٽ جي چوڪ ۾ ڪيترين هوٽلون ٺهيل هيون ۽ پريان هڪ لائبريري نظر پئي آئي. جنهن جي مٿان "ٽر ميوزيم" جو نالو لکيل هو. ميرن جي صاحبيءَ ۾ هتي قلعو بہ ٺهيل هو. جيڪو 1895ع ۾ ٺهيو هو. قلعي جي ماپ 386فوٽ هم چورس هيس ۽ پڪين سرن ۽ گاري سان ٺهيل هو. جنهن جي ٻاهرئين پاسي کان چوني جي ليپائي بہ ٿيل هئي. اهو قلعو اٽ لکن ۾ ٺهيو هو.

اسلام ڪوٽ ۾ مڙيئي ڪجهه رونق نظر آئي. چوڪ تي هڪ هنڊ گاڏيون جهلي اسان تڙي پڪڙي شهر جو واءُ سواءُ وٺڻ لڳاسين. چوڪ ۾ ڪيترين هوٽلون ۽ دڪان هئا. اسان وڏي وڃي سامهون عجائب گهر منجهه داخل ٿياسين. عجائب گهر ننڍڙو پر چگي نموني پنهنجي وسيلن آهر. اتان جي چيئرمين ٽائون ڪميٽي راجا موهن لال ٺهرايو هو. جيڪو هتان جي مشهور مهمان نواز ۽ سماجي شخصيت مڪي نهال چند جو پوٽو هو. ميوزم ۾ ٽر جون ڪيترين شيون رکيل هيون ۽ ڪيترا سنڌي ڪتاب هٿ ڪري رکيا اٽن. ميوزيم کي ڏسي مون کي مُکي نهال چند ياد اچي ويو. جنهن جي هر ماڻهو واکاڻ ڪندو هو. شيخ ايازبہ جڏهن 1964ع ۾ پنهنجن دوستن محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي، رشيد پٽي سان گڏ اسلام ڪوٽ آيو هو ته مڪي نهال چند سندن مهماني ڪئي هئي ۽ رات جو ڪيس

ٿري لوڪ گيت ٻڌرايا هئا. اڄ نہ ايازا سان ۾ موجود آهي نہ مکي نهال چند، پر ٻنهي جون سهٽيون ڳالهيون پيون ڳائجن. پچا ڪرڙ تي خبر پيئي تہ سندس ديهانت کان پوءِ هن جو اولاد مهمانن جي ماني ٽکيءَ جو خيال ڪندو آهي، پر مُکيءَ جي ڳالهہ ٻي هئي.

هڪ هوٽل ۾ چانهن پيتي سين. ايتري ۾ ڪجهہ هاڪر اچي مون سان مليا. خبر ناهي مون کي ڪيئن سجاتائون! عمر جا ننڍڙا هئا. هڪڙو الڪ اخبار جو هاڪر ۽ ٻيو هو ڪاوش جي عيوضي جو ياءِ. ٻئي معصوم ٻارڙا، جن جون عمريون اڃا اسڪول ۾ پڙهڻ جهڙيون، پر پيٽ گذران لاءِ اخبارون وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي مائٽن جو گذران پيا ڪن. سوچيم، جڏهن سال 1700ع ۾ ظالم ۽ ڪورو مدد خان پنڌ اسلام ڪوٽ کي ڦريو هوندو، تہ ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو؟

اسلام ڪوٽ جي بازار ۾ هڪ شخص سان ملاقات ٿي، سندس نالو هو الهہ بچايو ڏهوٽ. هو ڏيپلي تعلقي جي ڪنهن ڏورانهين اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر هو ۽ اسلام ڪوٽ آيل هو. ساڻس ڪچهري ٿي تہ مون کي تعجب وڪوڙي ويو تہ هو ٿر جي مسئلن کان ڪيڏو نہ باخبر هو. اخبار ڪاوش پڙهندو هو ۽ تجربو سندس ڳالهين مان ظاهر پئي ٿيو. چوڻ لڳو، "اسان وٽ تعليم جو سڄو نظام تباهہ آهي. اسڪول ۽ ماستر حوالي آهن وڏيرن جي. وڏيرا پنهنجا ماستر رکائن ٿا، انهن کي ڏيوٽي تي اڇڻ لاءِ ڪير چوي؟ هڪ طرف سچا پچا پڙهيل نوجوان ٽاپا پيا ڪائين نوڪرين لاءِ، تہ ٻيا وري وڏيرن جي چوڙ تي ٿا نوڪرين ۾ رکيا وڃن. اهي ماڻهو نہ نوڪريءَ تي ٿا اچن، نہ وري هارن کي ٿا پڙهائين. هر مهيني پگهار وٺيو وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ ٿا آرامي ٿين، سڄي ٿر ۾ اسڪول آهن تہ ماسٽر ناهن، ماسٽر آهن تہ اسڪول ڪونهن. سڄي ٿر ۾ ڪاليج ٻہ آهن، هڪڙو مٺي ۽ ٻيو عمر ڪوٽ ۾. ائين هاءِ اسڪول ۽ مڈل اسڪول توڙي هاسٽلون تہ برابر آهن، پر ڪيترا اسڪول وڏيرن جي اوطاقن ۾ بدلجي ويا آهن."

"پر ياءِ، آخر اوهين بہ پڙهيل آهيو، چو نٿا انهن جي تدارڪ لاءِ آواز بلند ڪريو؟"

"ڪٿي آواز ٿاريون"، هن سوال ڪيو.

"اخبار ۾"

"اخبارن ۾ ڪير خبرون موڪلينڊو؟"

"نمائندا؟"

"نمائندن جي همت ئي ڪانهي ته اهي اخبار ڪي اهي مسئلا پهچائن. توهين ته پڙهيل آهيو. وڏن شهرن منجهه رهو ٿا، توهان کي خبر آهي ته پيٽ جي پاٽيءَ کي ڪيڏي نه زندگيءَ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي."

"ها!"

"ته پوءِ توهان ٽر جي ڪوهن جوهاڙو پاٽي ڪڍهن پيتو آهي؟" هن سوال ڪيو.

"اسلام ڪوٽ کان چاچري ايندي اهو ڪارو پاٽي پيتو اٿم."

"ته سائين، هاڻ توهان پاڻ محسوس ڪريو ته، ٽر جا ماڻهو ڪيڏي نه مشڪلات واري زندگي ٿا گهارين. سڄي ٽر ۾ عام ماڻهو ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڪري ٻه سو پُرهه اونهن ڪوهن مان اهو هاڙو پاٽي ٿا حاصل ڪن. انهن سائيڪن ڪوهن ۾ جڏهن پاٽي ختم ٿيو وڃي، ته ماڻهو ڪارو پاٽي استعمال ٿا ڪن، جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهن کي "واري" جي بيماري ٿي ٿئي. توهان کي خبر آهي ته واري جي بيماري چا آهي؟"

"چون ٿا ته "واري" جي بيماريءَ ۾ ماڻهوءَ جي جسم مان هڪ ڏاڍي وانگر ڪينئون نڪرندو آهي. پوءِ مريض جا مائٽ انهيءَ ڏاڍي کي ويڙهيندا آهن. پر جيڪڏهن اهو ڏاڍو وڃان ڪٽي ٽنٽي پيو ته ماڻهو مري ويندو آهي!"

"ها سائين، توهان کي ته سڄي خبر آهي، پوءِ ڪهڙا ٿا اسان جا حال پڇو. جڏهن ٽر ۾ ورهين جا ورهيه وسڪارو نٿو ٿئي، ته پوءِ ماڻهو کوهن مان پاٽي ختم ٿيڻ بعد، حيران ۽ پريشان! مارو ماڻهو پري پري تائين لوٽا هٿندي خالي پخالون ۽ متڪا ڪٽي موٽن ٿا ۽ ٻئي ڏينهن تائين پاٽي اڇڻ واري آس تي اُڄ ڪاٽين ٿا. گهٽن هنڌن تي پاٽيءَ جي ڪوٽ سبب ماڻهو ڏينهن جا ڏينهن اڻ وهنتل نظر ايندا ۽ اهڙي چوٽي به ٽرين لاءِ ٽوڪ بڻجي وئي آهي ته ٽريا رگو وسڪاري ۾ وهنجن

ٿا، يا برسات ۾. مينهن جي موسم ۾ اتان جا ماڻهو پخالون، سانداراً، ڪوائيون ۽ متڪا ڪٽي تار ٽيل ترائيءَ مان پاڻي پري ذخيرو ڪن ٿا. مينهن وارو پاڻي گهٽو عرصو رکڻ سبب مختلف جيت جنم وٺن ٿا، جنهن ڪري اهو پاڻي واپرائڻ سبب "واري" جهڙي موذي مرض کان بچڻ مشڪل ٿيو پوي. گورنمينٽ ڪجهه هنڌن تي کاري پاڻيءَ کي مٺو ڪرڻ لاءِ فلٽر سسٽم بہ رکيو، جيڪو رڳو سؤ ماڻهن کي بہ سهولت مهيا نہ ڪري سگهيو ۽ اهڙو سسٽم بالڪل ناڪاره بڻجي ويو. کارو پاڻي پيئڻ سب التي، دست، السر ۽ ڪاڇي جهڙيون ڪوڙ بيماريون جنم وٺن ٿيون، کارو پاڻي ۽ چڪڙي جي سواري وجود کي لوڙيو چڏين."

ٿر ۾ زنده رهڻ لاءِ پاڻي جي ڏُڪ کي وڏي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن ٿر ۾ واٽر سپلاءِ مهيا ڪيو وڃي ۽ ڦوهاري تي پوکي ٻاڙي ڪئي وڃي تہ هوند سهولت ٿي پوي.

"ان کان سواءِ ڪي ٻيا مسئلا؟" مون هن کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"سرا ٿر ۾ شڪار جو رجحان وڏي ويو آهي. هر سال عربستان کان ايندڙ عرب ۽ سنڌ جي سمورن وڏيرن سميت وزير بہ ٿر مان وڏي انگ ۾ مختلف جانورن ۽ پکي پکڙي پنهنجو ڪاڇ ٻٽائڻ کان سواءِ سوکڙيون ڪري ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ ياريون باشيون نيائين ٿا. ٿر ۾ روجهہ، هرڻ، ڦاڙهي سميت ٻيا اهم جانور مڪمل طور تي ختم ٿي چڪا آهن. گهٽا شڪارين جي ور چڙهيا تہ، گهٽا وري بندوقن جي ٽڪائن تي ڊپ کان رڙ واري پاسي لهي ويا. پکين جي شڪار ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿي رهيو آهي. مور، تتر، ڪونج ۽ ٻاٽيڙ جهڙن اڙ لپ پکين جي نسل ڪشيءَ سبب ٿر ۾ اڙ ڪٽيا شڪار ۽ انڌا ڏنڌ بندوقن جا ٽڪاءَ آهن. سعودي شهزادن جي هر سال لڳندڙ ڪئمپن ۽ بنا ڪنهن جهل پل جي ٽيندڙ شڪار ٿر مان جهنگلي جيوت جون پاڙون پٽي چڏيون آهن. لاکي ڄاڄي، تلور، ڪونج جهڙا نسل ٿر ۾ مڪمل طور ختم ٿي ويا. سرڪار پاران سواءِ چند علائقن ۾ پابنديون مڙهڻ جي شڪار روڪڻ لاءِ ڪوبہ عملي قدم نہ کنيو ويو آهي. هتان جي ڪامورا

شاهي بہ هرڻ ۾ مورپکڙي گفت ڪري ٿي. وري ڏک اهو آهي جو ڪي هتان جا ماڻهو، پنهنجي سونهن جو ٿڪي جيترو بہ قدر نٿا ڪن، ويترپنهنجي ويڑهي مان مورن کي پکڙي ٻين کي آڇين ٿا."

هن همراهہ جون ڳالهيون ڏاڍيون تکيون ۽ مٺيون هيون، ان ڪري هن کان موڪلائي اڇي گاڏيءَ ۾ ويٺس. گهڙيءَ ۾ اسان اسلام ڪوٽ کان ٻاهر نڪتاسين. جنهن جيپ ۾ آءٌ سوار هوس، سا اوچتو خراب ٿي پئي. قافلي ۾ ٽيڪنيشن گڏ هو، تنهن گاڏيءَ کي وقتي طور ٺاهي تہ ڏنو، پر ڊرائيور کي چيائين تہ "گاڏي هاڻ اصل ڪٽي نہ بيهارجانءِ، جيڪڏهن بيهاريئي تہ پوءِ وري ڏکو ڏيڻو پوندوا!" گاڏي استارٹ ٿي، تہ سيئي گاڏين جي پويان هوريان هوريان هلڻ لڳاسين. رستو ڇاڇري وارو ڏاڍو خراب هو ۽ اسان جي قافلي جو سونهون، جتي رستو منڊو ٿي، تہ بيهاري واٽهڻن کان ڳوٽ جو ٿي نالو پڇي پڪ ڪيائين. هڪ هنڌ هو بيهي رهيو، پر مون واري گاڏي کي بيهڻو ڪونہ هو، انکري اشارو ڪيائين تہ اڳتي هلو. مون واري ڊرائيور بہ نڪا ڪئي هم، نڪا تم وٽي جو گاڏيءَ کي تيز ڊڪ پاتائين، تہ اسان جي قافلي وارن سيني گاڏين کي پوئتي ڇڏي ڏنو. هلندي هلندي پوئتي جا ڪٽي نهار ڪريون تہ گاڏي پويان ڪابہ نهي ئي ڪانہ. ماڻ ڪري هڪ ڳوٽ وٽ بيهي رهياسين. هاڻي خبر ئي نہ پئي پوي تہ اسين ڪٽي ٻيٽا آهيون. ڪهڙوڳوٽ آهي يا ڪهڙو ٿو رستو وڃي ڳوٽ جي ٻاهران. هڪ چونري وٽ بيهي گهٽائي سڌ ڪياسين، پر مجال آهي جو ڪو مرد ماڻهو ٻاهر نڪري. آخرڪار هڪ مائي ٻاهر نڪتي. هن کان ڇاڇري جي پڇا ڪئي سين. چوڻ لڳي، "نہ هي رستو ٻيو آهي. ڇاڇري هتان رستو نڪو وڃي." ڏاڍو پريشان ٿيس. ايتري ۾ هڪ گاڏي اسان کي ڳولهيندي اڇي اتي نڪتي ۽ اسان کي واپس قافلي ۾ هلي پهچايائين. هاڻ اسين ڇاڇري واري رستي تي سفر ڪري رهيا هياسين، رستي ۾ هڪ ڏاڍو خوبصورت ۽ تمام وڏو ڳوٽ آيو. اتي اسان ڪجهہ دير بيهي رهياسين، جو هڪ گاڏي خراب ٿي پئي. انهيءَ ڳوٽ جو نالو هو "ڏاڪلو". سڄو ڳوٽ ٻن حصن ۾ ورهايل هو، هڪ هندن جو ۽ ٻيو

مسلمانن جو. ڳوٺ ۾ سڀ گھر چونرن جا ٺھيل. اھو ڳوٺ پريان کان ئي سھٽو پئي لڳو. ڳوٺ جي ٻاھران گاڏي بيھاري پاڻي پيتوسين. پاڻي ڇا ھو پر جنسي لوڻ ھو. پاڻي پي ته ويس پر گلو سڄو خراب ٿي پيو ۽ اچي کنگھ ورايم. ھوٽل پر ھڪ منھ ۾ ديگڙي تي پاڻي پئي ٽچڪيو. لوٽانيل چانھ جو ڪوپ پي، ڳوناٽن کان خبر چار ورتم. ٻڌايائون ته ڊاڪلو ۾ پرائمري ۽ مڊل اسڪول آھن، پر پيئڻ جي پاڻيءَ جي سخت تڪليف آھي، بيماريءَ جي حالت ۾ وڃون ڇاڇري. وسڪارو پڻ ورھين کان نہ پيو آھي، انڪري آھستي آھستي وڃي پيو ڏکار منھن ڪيندو.

ڊاڪلو تي اوچتو مون کي ياد آيو، ته سنڌ جو ھي اھو پاسو آھي، جنھن جي ڪڪ ۾ ھن وقت ويھ ارب ٽن کان مٿي ڪوئلو موجود آھي. ڪاش اڳوٽي وزيراعظم بينظير ٻٽو جي دور ۾ "ڪيٽي بندر بجلي گھر" جو ڪم شروع ٿي وڃي ھا ته اھو ڪوئلو ٽرين ذريعي ڪيٽي بندر پھچايو وڃي ھا ۽ ھيءُ علائقو گل گلزار ٿي وڃي ھا. پر اھا سموري رٽا اتي جو اتي رھجي ويئي.

ڊاڪلو جي رھواسين ٻڌايو ته ٽر ۾ اسان سان وڏو عذاب اھو به آھي جو سڄي ٽر ۾ ماٽھن جا شناختي ڪارڊ ٺھيل ڪونہ آھن. ان ڪري نہ رڳو چوندن ۾ ووٽ ڏيڻ وقت ماٽھن جو گھٽو تعداد رھجيو وڃي، بلڪ ڏکار جي مھل امداد ڏيڻ وقت شناختي ڪارڊ نہ ھئڻ جي ڪري ماٽھو ڏاڍا پريشان ٿين!

ڊاڪلو ۾ ڪلاڪ کن ترسي روانا ٿياسين چاڇري ڏانھن. رستي ۾ ڪيترا ڳوٺ آيا، پر اسان ڪٽي ب نہ بيناسين، تان جو پريان کان ھڪ پٽ تان جڏھن گاڏين لھڻ شروع ڪيو، ته پريان کان ٽيلي فون جا ٽنيا نظر آيا، جيڪي چاڇري شھر جا ھئا. صبح 8 وڳي کان ھلندي اسان کي پورا 10 ڪلاڪ ٽيا ھئا. ڪيترن ھنڌن تي رستو پلجي وڃڻ سبب ڪيترو وقت ضايع ٽيو ھو. ٽر ۾ منجھند جو، نٿھڻ اس ۾، جڏھن سج مٿان آسمان مان اُلا اڇلائي رھيو ھجي ۽ ريتي تپي باھہ ٽئي ٽي، سفر ڪرڻ لاءِ وڏي دل گھرجي. چاڇرو ڏسي جھرڪ سيني کي ساھہ پئجي ويو. ٽڏو پاڻي اسان جو ڪڏھوکو

ختم ٿي ويو هو ۽ ڊاڪلو مان ڪوسو ۽ ڪارو پاڻي پيئڻ سبب مون سميت ڪيترا ماڻهو ڪنگهي رهيا هئا.

چاچرو

ريتيءَ جي چيلهن مان گاڏيون هلندي چاچري شهر ۾ داخل ٿياسين. اهي ئي ٽر جا مخصوص گهر، واريءَ سان رستي پريل. پر چاچرو مون کي ڪشادو شهر نظر آيو. چاچرو پارتي باردر کان 100 ڪلوميٽر ۽ عمر ڪوٽ کان 65 ڪلوميٽر پري آهي، پر ٽر جي وچ ۾ هئڻ سبب جيڪڏهن چاچري کي ٽر جي دل چئجي تہ انهيءَ ۾ ڪو وڌاءُ هرگز نہ ٿيندو.

گاڏيون اسان جون ڦرندیون اچي هڪ هنڌ بيٺيون، اهو رينجرز جو هيڊ ڪوارٽر هو. ان محل شامر جا 5 ٿي رهيا هئا ۽ ايڏي سفر ڪرڻ کان پوءِ هر ماڻهو بيزار ويٺو هو. گاڏين مان هيٺ لٿاسين تہ رينجرز جي مقامي ڪرنل وسيم اسان جو آڏرپاءُ ڪيو ۽ وٺي هلي اسان کي گيسٽ روم ۾ ويهاريائين. ويهندي شرط ئي سيني پاڻيءَ پاڻيءَ جي وٺي دانهن ڪئي. ايتري ۾ بيرو ٽاڊل جا گلاس کڻي آيو. جيڪا هر ماڻهو ہ گلاس پي پنهنجي اڃ اجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽاڊل پي سامت ۾ آياسين تہ ڪرنل وسيم سان ڪچهري شروع ٿي. هن ٻڌايو تہ چاچري تعلقي جي آبادي اٽڪل 3 لک آهي ۽ مسئلا اهي ساڻيا ٽر جي ٻين علائقن جهڙا. بيماري ہ ساڻي ئي ٿي بي. ساڻئي وقت زچگيءَ دوران چاچري تعلقي ۾ مري ويندڙ عورتن جو تعداد ہ گهٽو، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو تہ سموري تعلقي چاچري شهر ۾ ڊاڪٽرياڻي آهي ئي ڪانہ.

"پوءِ عورتون آخر ڪار ڪيڏانهن وڃن، علاج يا زچگيءَ لاءِ!" مون سوال ڪيو.

"اهو وڏو مسئلو آهي هتان جو. ڪجهہ وقت اڳ مون پنهنجي زال کي لاهور مان وٺي هتي اچي رهايو آهي. هوءَ ڊاڪٽرياڻي آهي ۽ اها ڳالهہ مون کي ڪرڻ تہ نہ گهرجي، پر بهرحال هن جي اچي رهڻ سبب هتان جي عورتن کي علاج جي مفت سهولت حاصل ٿي ويئي

آهي. پر هتي ليبڊي گائناڪولوجسٽ جي تمام گهٽي ضرورت آهي. جيئن مون توهان کي ٻڌايو ته هتي ٽي بيءَ کان پوءِ وڏو مسئلو عورتن جون زناني بيماريون آهن، ان جي ڪري هتي بي اولادي تمام گهٽي وڌي ويئي آهي ۽ ان جو ڪارڻ انفيڪشن آهي. دراصل صحيح معنيٰ ۾ عورتن کي سندن "خاص ڏينهن ۾" ڊاڪٽرياڻي رهنمائي ڪري، ته انفيڪشن جي بيماري عورتن ۾ نه ٽئي، جنهن ڪري بي اولادي وڌي رهي آهي."

"پلا ٽي بي لڳڻ جو وڏو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟" ڪنهن سوال ڪيو؟ "سيپ کان وڏو ڪارڻ صفائيءَ جو نه هئڻ ۽ ٻيو واريءَ ۾ ڪم ڪرڻ سبب هتي ٽي بي جي بيماري وڌي رهي آهي. تنهن کان سواءِ نانگ جي ڏنگجڻ جا واقعا تمام گهٽا ٿا ٿين. گرميءَ جي موسم ايندي شرط هتي نانگ جي ڏنگڻ جا واقعا تمام گهٽا ٿين ٿا."

هتي سرڪاري اسپتال ۾ نانگ جي ڏنگ واريون انجيڪشن هوندیون آهن؟" ڪنهن صحافيءَ سوال ڪيو.

"چند سيون هوندیون آهن، پر توهان پاڻ ماڻهن کان وڌي پڇي ڏسو، ته توهان کي معلوم ٿيندو ته خود سرڪاري اسپتال ۾ 300 روپين جي اها سئي ٻن هزارن ۾ هڻي ٽي وڃي ۽ ٻه هزار هڪ غريب ماڻهو آڻي ته ڪٽان آڻي؟ تنهن کان سواءِ هتي سرڪاري اسپتال کي مهيني ۾ ٽي واقعا نانگ جي ڏنگجڻ جا ضرور ٿين. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ ٻار کي نانگ چڪ هنيو، سرڪاري اسپتال ۾ انجيڪشن موجود ڪانه هئي. اسان اها انجيڪشن هڻي ٻار جي جان بچائي، اسان جا پنهنجا قانون ضرور آهن، پر هڪ ٻار جي حياتي ان سخت قانون کان هر طرح سان مٿانهين آهي."

"پلا هتي ڏوهه وغيره ٿئي؟"

"ڏوهه هتي ٿين ئي ڪونه. اسان جي ڊيوٽي باردر جي حفاظت ڪرڻ آهي. 6 مهينن اندر هڪ اڏ ڏوهه مس ٿيو آهي. ڏاڙا هتي لڳن ڪونه. قتل جو واقعو به ڪونه ٿئي."

"پلا باردر ڪراس ڪرڻ جا ڪي واقعا؟"

"ايڪڙ ٻيڪڙ واقعو ٿيندو آهي، وڌيڪ نه."

"چيو وڃي ٿو تہ اوهان باردر جي پسگردائي ۾ عام ماڻهن کي تنگ ڪريو ٿا؟"

"نہ، ائين ڪونهي. دراصل اڳي هتي اسمگلنگ جا واقعا ٿيندا هئا. پر اڄ ڪلهہ باردر سيل هڻڻ سبب اهڙا واقعا بند ٿي ويا آهن. اسين باردرتي اڃ وڃ تي سختي ڪريون ٿا."

ڪچهري اڃا هلندڙ هئي تہ اسان کي مانيءَ جو سڏ ٿيو. جيپن ۾ چڙهي اسان اتان ڪجهہ پرتي رينجرز جي ميس ۾ ويا سين. ميس جي ڊرائنگ روم ۾ وينا هئاسين، تہ منهنجي نظر سامهون پٽ تي لڳل هڪ سب مشين گن تي وڃي پئي. مون پڇيو، "هيءَ سب مشين گن توهان کي ڪٿان هٿ آئي هئي؟"

ڪرنل ٻڌايو، "اها سب مشين گن سنڌ جي مشهور ڏاڙيل محب شيديءَ جي آهي، جنهن کي اسان جي 61- رينجرز ماريو هو."

انهيءَ تي اسان جي صحافي دوست غلام نبي مغل ٻڌايو تہ "محب شيدي اسان جي ڳوٺ جو هو ۽ بنهہ هڪ عام رواجي ماڻهو هوندو هو. سدائين پيو ملهہ وڙهندو هو. پوءِ هڪ معمولي ڳالهہ تان پنهنجي هڪ دوست کي ماري وڌائين، تہ پوليس جي ريڪارڊ تي چڙهي ويو ۽ وڃي هڪ خوفناڪ ڏاڙيل ٿيو!"

ٿوري دير ۾ ماني جي ٽيبل تي ويا سين، ٽيبل تي خاص ٿر جي ماني رکيل هئي. چيڙن جي ياڃي، تريل سڪل گوار، ڪڙهي، چانور، چانورن جي ماني، ٻاجهر جي ماني، پٽ دال وغيرهہ. انهيءَ سان گڏ مرغي بہ رکيل هئي، پر اسان ٿر جي خاص ماني لسيءَ سان کاڌي. ماني کائڻ کان پوءِ اسين پنهنجي پر ڇاڇري ۾ نڪري پياسين. ان مهل شام جا 6 ٽي رهيا هئا، جو اسان هڪ ٽيوب ويل تي وڃي بيناسين، جيڪو تازو آرميءَ وارن سازدا کان ٺهرايو آهي. ڪيترا ماڻهو اٽن تي ٽيوب ويل تان پاڻي پريو پئي آيا. مون اتي پاڻي پريندڙ پر واري هڪ همراهہ کان پڇيو، "اوهان هتان پاڻي پريندا آهيو تہ اوهان کان ڪو ماڻهو پئسا ونندو آهي يا نہ!؟"

"نہ سائين، پاڻي اسين مفت پريندا آهيون." هن وراڻيو.

"پوءِ پلا اوهين سانداروگهٽي وڃي وڪڻو؟" منهنجي سوال تي همراهه هيڪي بيهي رهيو. ايتري ۾ پر ۾ بيٽل هڪ ٽريءَ ڇيو. "بابا ڳالهه اها آهي ته ڪوڙ ڪونه ڳالهائبو. باقي هتان ٻاٽي پري، گهر تائين پهچائڻ جا في سانداروڏهه روپيا ونندا آهيون ۽ اهو اسان جو حق به آهي."

ٽيوب ويل مان پاٽي ڏاڍو وصاف ۽ منونڪري رهيو هو. مون پاٽي جڳ ۾ پري پيتو پاٽي منو هو.

شام سج لٿي مهل، پري پري کان ماڻهو هٿي پاٽي پرڻ اچن، اسان جي ويني ماڻهن جو وڏو ميڙ گڏ ٿي ويو. هڪڙي همراهه کان جنهن جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪارا ۽ اڇا وارهئا پڇيو:

"اڄي اوهان کي ڪهڙو پاٽي ملندو هو پيئڻ لاءِ؟" ڪنهن سوال ڪيو.

"بابلا، اڄي کوهن جو پاٽي هوندو هو ٻاڙو، پر هن ٽيوب ويل جي ڪري اسان کي ڏاڍي سهولت ٿي پئي آهي. جيڪر هي پاٽي نلن ذريعي چاچري ۾ گهر گهر تائين پهچي ته اسين هوند سرڪار کي ڏاڍيون دعائون ڏيون!"

سرڪار کي ماڻهو دعائون ڏين يا نه، پر پٽون سازدا جي انهن پيپ ٻريل عملدارن ۽ ٺيڪيدارن کي ضرور ڏيندا، جن پنهنجي رڪارڊ ۾ الائي ڪيترا ٽيوب ويل ڏيکاري ڇڏيا، جن جي دانهن ڏجي ته ڪنهن کي ڏجي؟"

سڄي چاچري ۾ هڪ سماجي تنظيم "ٽرديپ" جي نالي سان ڪم ڪري ٿي. هڪ عيسائين جي اين جي او "مور چائلڊ هيلٿ سينٽر" جي نالي سان ڪم ڪري پئي. ان تنظيم پاران آغا خان اسپتال ڪراچي جي ڊاڪٽرياڻي ڊاڪٽر فلنما مهيني ۾ هڪ ڀيرو چاچري ۾ اچي ماڻهن جو علاج ڪري، باقي سڀ ٺيو خير. باقي اهي اين جي اوز جن جا همراهه لکن ۾ پگهار ڪٽي ايئرڪنڊيشن گاڏين ۾گهمندا وتن ۽ جن ٽر جي نالي ڪروڙين روپيا ڪمايا آهن، تن جو ته سڄي ٽر ۾ نالو نشان ئي ڪونهي! اهي همراهه رڳو ڪراچي، اسلام

آباد ۾ حيدرآباد ۾ آفيسون کولي پيا پگهار ڪمائين.

ٽيوب ويل ڏسي، اسان کي وٺي هليا چاچرو آرمي پبلڪ اسڪول ۾. چاچري جهڙي ڏورانهين شهر ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جو هئڻ هڪ وڏي غنيمت آهي. اهو اسڪول 1997ع ۾ قائم ٿيو. اسڪول هن وقت نئين تعمير ٿيل عمارت ۾ منتقل ٿي رهيو آهي، جڏهن ته پراڻي عمارت ۾ اسڪول جي هاسٽل قائم ڪئي اٿن.

"هتي شاگرد گهٽا ٿا پڙهن؟"

"هتي 75 شاگرد پڙهن ٿا، البت استادن جو هتي وڏو مسئلو آهي. ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿئون ته ٻين علائقن مان استاد هتي اچي پڙهائين. انهن لاءِ پگهار به سٺا ڏيون ٿا، پر تمام گهٽ ماڻهو هتي رهڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. ان کانسواءِ ليڊيز ٽيچرز جو به وڏو مسئلو اٿئون."

چاچرو آرمي پبلڪ اسڪول جي هن نئين عمارت ۾ 10 ڪلاس روم ڏاڍا سهڻا ۽ سيبتي نموني جا ٺهيل هئا. انگلش ميڊيم جي هن اسڪول ۾ چاچري جي پسگردائي جا ٻار به تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.

چاچري جي آرمي پبلڪ اسڪول مان نڪرندي شرط اسان کي هڪ وڏي پٽ تي وٺي ويا، جتي آرميءَ وارا ڪنريءَ کان چاچري تائين ستر ڪلوميٽر ڊگهي پائيپ لائين وسيلي پيئڻ جو پاڻي چڪي آيا آهن. انهيءَ ڪم ۾ سنڌ سرڪار آرميءَ جي مالي مدد ڪئي آهي، جڏهن ته ڪنريءَ کان چاچرو ايندڙ پاڻيءَ 11 لک گيلن گڏ ڪري سگهجي ٿو. اهو منو پاڻي چاچري ۾ اسان به پيتو.

اسان جي سامهون پاڻيءَ جو هڪ وڏو ٽينڪ ٺهيل هو، جنهن ۾ هڪ ئي وقت 11 لک گيلن پاڻي گڏ ٿئي ٿو. منهنجي پڇا ڪرڻ تي، ڪرنل سليم انهي پاڻيءَ مان هڪ گلاس پري مون کي پيئاريو، جيڪو شهري علائقي جهڙو صاف ۽ منو پاڻي هو.

هڪ پٽڪي وارو همراهه مون سان اچي گڏيو. چيائين، "بابلا اخبارن وارا آهيو، اسان جي مسئلن بابت ضرور لکجو!"

چيم، "ها سائين، آيا ئي انهيءَ ڪري آهيون. توهين مهرباني

ڪري ٻڌايو تہ مسئلا ڪهڙا آهن؟"

چوڙ لڳو، "سائين اهو پڇو تہ مسئلا ڪهڙا ناهن؟ پاڻي ڏسو ٿا. اسان وٽ ايڏان هاڻ پهتو آهي. علاج معالجي جي سهولت ليپي ڪانہ. سرڪاري اسپتالن جا حال پورا ٿيا پيا آهن. نانگ جي ڏنگ جي سئي ملي ڪانہ. جيڪڏهن ملي ٿي تہ اها سماجي تنظيم ٽر ديپ وڪٽي ٿي پنج سو روپين ۾، ۽ دڪان تان اها وري ملي 2000 روپين ۾! هاڻي غريب ماڻهو وڃي تہ وڃي ڪيڏانهن. پويان ڏيان ڪريو تہ اسان وٽ ائين بہ ٿئي ٿو تہ انهن کي يا ٻارن کي گرميءَ جي مند ۾ نانگ چڪ هڻن. غريب ماڻهو ويچارا مورن جا پر نانگ واري ڏنگ تي ٻڌائي، پوءِ ڪيترا ماڻهو مريو وڃن. سڄي تعلقي ۾ ڊاڪٽرياڻي آهي ڪانہ. جيڪر ڪو ڪيس خراب ٿئي تہ هتان کان عمر ڪوٽ آهي 75 ڪلوميٽر پري. هاڻ پيٽ وارين ماين کي ۽ اها بہ 9 مهينن واري زال کي عمر ڪوٽ پهچندي ڏٽي بچائي، باقي نہ تہ....."

واقعي ٽري ماڻهن سان وڏو عذاب آهي. مون سوچيو ڪن تہ ڪن چا، ڪيڏانهن وڃن؟ سنڌ سرڪار خشڪ علائقن لاءِ سنڌ ايرڊ زون تہ جوڙي، پر سڄي ٽر ۾ ان جو ڪوئي وجود ڪونهي. سازدا جا ڪيترا ايم ڊي اڄ ڪلهہ ارب پتي بنجي ويا آهن، جن مان ڪي هتي وينا آهن، تہ ڪي وري پرڏيهہ ۾ وينا موجون ماڻين. ساڳئي وقت ڪيترا ٽيڪيدار ڊفينس ڪراچيءَ ۾ شاندار بنگلا جوڙيو وينا آهن.

چاچرو واٽر سپلاءِ تي اسان کي سڄ لهي ويو. اسان کي اتان وري سڌو گيڙي وڃڻو هو، جيڪا سنڌ جي آخري سرحدي چوڪي آهي. گيڙي ۾ اسان کي رات رهڻو هو، ان ڪري جلدي جلدي گاڏين ۾ سوار ٿياسين. چاچرو واٽرسپلاءِ هڪ پٽ تي آهي، اتان لهندي اوچتو منهنجي نظر وڃي هڪ همراهہ تي پئي جيڪو ڪلهي تي پنهنجو ٽيلهو ڪٽي ويو پئي. گاڏي هن وٽان ويجهو لنگهي تہ ڏسان تہ هو اسان جو ساٿي شڪيل بچاڻي هو. فوري طور تي گاڏي بيهاري هن کان پڇيم، "ڀائو خير، گاڏيءَ ۾ چو نٽو چڙهين، چا ڳالهہ آهي؟"

وراٽيائين، "مدد صاحب، اسلام آباد واري صحافيءَ سان منهنجي تون چا، تون چا ٿي آهي، ان ڪري هتان کان ئي واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو آهي!" مون گاڏيءَ مان لهي، فوري طور تي پويان وڃي، اها گاڏي روڪرائي، جنهن ۾ اسلام آباد جا صحافي ويٺل هئا. نڪا ڪيم هم نڪا تم چڙهي ويس هنن تي، "توهين سمجهو چا ٿا.....". هو ڪچن جهڙي يت! آخر وچ ۾ اچي ڪرنل اشفاق پيو، جنهن هنن جي مون مان جند ڇڏائي. مون شڪيل بچاٽيءَ کي ونڊي اچي پنهنجي جيپ ۾ ويهاريو ۽ روانا ٿياسين گيڙڻي ڏانهن، جيڪو چاچري کان اٽڪل 50 ميل پري آهي.

چاچري کان گيڙڻو ڏگهو پنڌ آهي، ساڻيو ريگستاني چيلهو. اسان جيئن ڪجهه پنڌ اڳتي ٿياسين، ته اونداهه اسان کي ورائي ويئي. رستي ۾ سواءِ اڪ جي ٻيو ڪوئي ٻوٽو ورلي ٿي نظر آيو. چيائون ٿي ته جيسين اڳتي ٿيندا سين، ته پارتي سرحد نظر ايندي، جنهن تي پارتي سرڪار وڏيون وڏيون بتيون هٽائي تارن سان بند ڪري ڇڏيو آهي.

چاچري کان گيڙڻو رستو سڌو آهي، مطلب ته پٽن جون لاهيون ۽ چاڑهيون بنهه گهٽ آهن. چاچري کان عمر ڪوٽ ٻه رستو ويڃي ۽ گيڙڻي ٻه اتان رستو نڪري..... مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو، چوطرف اونداهه ئي اونداهه هئي. اونداهي رات ۾ واريءَ جي پٽن مٿان هزارين ٽارا ٽمڪندا ٽمڪندا هيٺ ڏسي رهيا هئا. اوچتو هڪڙو هنڌ اهڙو آيو، جتان ٻنهي پاسن کان واريءَ جون پٽون اچي ويون. پاسي کان رڳو اڪ ئي اڪ، مٿي تارن ڀريو آڪاش. مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. اڇيان گاڏين جي روشني ۽ اڏامندڙ واري کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه نظر نٿي آيو. اف خدايا، هي رستو ڪيڏو نه لمبو ٿي ويو آهي.

شيخ ايار ٻه ڪڏهن هن رستي تان لنگهي چاچري کان عمرڪوٽ ويو هو، ڪاش هو سڃو ٽر گهمي ها، ته الائي ڪيترا شاعريءَ جا ڪتاب لکي ها.

گيڙي ڏانهن

رات جي اونداهيءَ ۾ اسان جو سفر جاري هو. مون مٿي آڪاس ۾ نهاريو. جتي اڃا پندرهينءَ جو چنڊ نه نڪتو هو ۽ ايرندي وارين پٽن پويان لڪل هو. آڪاس تي تارا ٽم ٽم ڪيو ٽمڪي رهيا هئا. ڪٽي ڪٽي ڪي چوٽرن وارا ڳوٺ، چوطرف اوندهه ۽ خاموشي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿي نظر آيو. پريان کان جڏهن ڪوئي چوٽري جو ڳوٺ ٿي نظر آيو ته اونداهيءَ ۾ ان جا پاڇا پراسرار ٿي لڳا. چوطرف هوا ۾ اُبس هئي. اڳي ائن تي ماٺو الائي ڪيئن سفر ڪندا هئا. 1920ع ۾ سنڌ جو مشهور اديب پيرو مل مهرچند آڏواڻي، گيڙي کان اٺ تي چڙهي هن طرف آيو هو ۽ اهو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب "لطيفي سير" ۾ ڪيو آهي.

ڪهڙي خبر ته لطيف سائين به هتان لنگهيو هجي. رستا صدين کان اهي ساڳيا پيا ڪتب اچن. اوچتو سامهون زرد بتين جي هڪ قطار نظر آئي. اها پارتي سرحد هئي. پارت پنجاب کان سنڌ تائين سرحد کي لوهي تارن سان بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ اتي بجلي به ڇڪي آيا آهن. رات جو هو سرحدن تي لائيٽ ٽا ٻاري ڇڏن. هاڻي اسان انهن بتين جي قطارن سان گڏ پئي سفر ڪيو. مون مٿي چنڊ کي ڏٺو. هو به اسان سان گڏ، ساڃي پاسي کان، اوچين پٽن مٿان گڏ ڊوڙي رهيو هو. يا گيڙي ڏانهن سات ڏئي رهيو هو. مٿي ٿر جو اداس آڪاش، پاسي کان پٽون ۽ اونداهه ۾ گيڙي ڏانهن ڊوڙندڙ اسان جون گاڏيون. اوچتو هڪ ڳوٺ وٽان اڇي لنگهياسين. ڳوٺ جي اونداهي چوڪ ۾ وچ تي ڪجهه ماٺو ننڍ ۾ ستل هئا. گاڏين جي روشنيءَ تي هو ڇرڪ پري اٿي ويٺا. اسين اتان چڪر ڏيندا ٻاهر نڪتاسين.

ڪجهه دير ۾ اسين وڃي گيڙي پهتاسين. اتي اڳي ئي اسان جو انتظار پئي ڪيو ويو. سامهون پارتي سرحد تي لڳل بتيون ٻري رهيون هيون. خبر پيئي ته پارتي سرحد به ٿي سو فوٽ پري آهي. هاڻي جڙ اسان پارتي باردر جي پاڇي ۾ پاڪستاني سرحد تي ويٺا هئاسين ۽ پارتي علاقو اسان کان چند منٽن جي مفاصلي تي واقع

هو. اسين ٽڪل ۾ ڏاڍا هئاسين. هڪ وڏي ڪمري ۾ اسان کي ڪٽون وجهي ڏنائون. گهڙيءَ ۾ وهنجي تازا توانا ٿي اچي مانيءَ جي ٽيبل جو پاسو ورتوسين. ماني شاندار نهرائي هئائون. اسين سرحد جي پاڇي ۾ رويٺا هئاسين لائيٽ اسان جي پاسي ۾ هئي، پر جنريٽر تي هلي رهي هئي ۽ ٻارهين وڳي بند ٿيڻي هئي. ڪچهري ڪري اڃا ڪٽن تي مس ويٺاسين، ته بجلي بند ٿي وئي. اندر ڪمري ۾ ڏار هو. ٻاهر ٿر جي رات آهستي آهستي ڏري رهي هئي. هنڊن تي ليٽندي ننڊ نهوڙي ويئي. صبح جو پرهه ڦٽيءَ مهل اک کلي. ٻاهر مسجد مان فجر جي بانگ پئي آئي.

اسان هڪ چونڪيءَ تي چڙهي، پريان کان پارتي شهر گڏڻي جو نظارو ڏسڻ لڳاسين. اسان جي سامهون پهرين بين الاقوامي باردر جا نشان ۽ ان کان پرتي تارن جي باڑ نظر آئي. پريان گڏڙو صاف پئي نظر آيو. مون دوربين مان ڏٺو. گڏڙو شهر ۾ بسون هلي رهيون هيون. ڪيترن هنڊن تي فوجي ٽرڪون بيٺل هيون. اصل ۾ گڏڙو استيشن پارت وٽ آهي، باقي گڏڻي جو ڳوٺاڻو علائقو پاڪستان وٽ آهي. اوچتو مون کي ياد آيو ته ننڍي هوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ مهان چترڪار ع. ق. شيخ ۾ اصل گڏڻي جو رهاڪو هو. اسان طرف بجلي ڪانهي، پر پرتي پارتي حڪومت نه رڳو اتي بجلي ڪٽي آئي آهي، پر روڊ، رستا ۽ ٻيون سهولتون موجود ڪري ڏنيون اٿن. سامهون گڏڻي شهر ۾ ڪيترا وڻ لڳل هئا. اسان کي فوجي عملدارن ٻڌايو ته پارتي پنهنجي علائقي ۾ پاڻي پائيپ لائين وسيلي ڇڪي آيا آهن، جنهن جي ڪري اتي ساوڪ آهي، ۽ اوهان کي ڪيترا وڻ پيا نظر اچن.

مون هن کان پڇيو، "مهرباني ڪري اهو ٻڌايو ته اسان وٽ ائين ڇو نٿو ٿئي؟ جيڪڏهن هن طرف رستا نهندا، ته فائدو عوام ۽ فوج ٻنهي کي پهچندو يا نه؟"

نهه پهه چيائين، "فوج ڪڏهن به رستي ناهڻ جي بندش نه وڏي آهي. اهو ڪم سنڌ حڪومت جو آهي. سنڌ حڪومت کي گهربو هو

ته ترقياتي پروگرام ناهي هتي ترقي ونڻائي ها!"

چيم، "اسان ٻڌو آهي ته اوهين ٽر ۾ رستن ناهڻ جي مخالفت ٿا ڪريو؟"

چيائين، "نه بالڪل نه، اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي. ترقياتي ڪم ضرور ٿيڻ گهرجن. پارت وارا پنجاهه سالن کان ترقياتي ڪم ڪرائين پيا. اسان وٽ اهو ڪم دير سان شروع ٿيو آهي. ڏسو ته سنڌ ايرڊ زون وارا ٽر ۾ کوهن جي نالي ۾ پئسا کائي ويا ته، هنن اسان کي چيو ته ٽيوب ويل هڻي ڏيو. اسان ٽر جي مختلف علائقن ۾ ٽيوب ويل هڻي ڏنا ۽ اهو ڪم اڃا جاري آهي. ترقياتي ڪم ضرور ٿيڻ گهرجن. اسٽرڪچر اسان جي علائقي ۾ ٺهندو ته خود اسان کي به فائدو پهچندو. اوهين ڏسو ته اسان وٽ سدائين ڊفينس بجيٽ تي اعتراض ٿو واربو ويجي، پر پارت اسان جي پيٽ ۾ چوٽو بجٽ ٿو ڊفينس لاءِ رکي. اوهين ڏسو ته پارتي ڪيڏوٽا ڊفينس تي خرچ ڪن ۽ اسين ان جي پيٽ ۾ ڪيترو ٽا خرچ ڪريون؟ هن علائقي ۾ يعني گيڙڻي ۽ چور ۾ گرمي 52 سينٽيٰ گريڊ پوي ٿي. سڄي ٽر ۾ گرمي گهٽي پوي. سڄي پاڪستان کان وڌيڪ گرمي چور ۾ پوي ٿي. اهڙيءَ گرمي ۾ اسين به ٽر جي ماڻهن سان گڏ وينا آهيون. ٽر جا ماڻهو ٽر سان محبت ڪن ٿا، ٽر ۾ ماحولياتي سهوليتون هوندیون ته ماڻهن کي به فائدو پهچندو. اسين به ٽرين جي مدد ڪريون ٿا. لڙائيءَ ۾ حر مجاهد اسان کان به اڳتي ٿي وڙهيا. اسان سان هتان جا ماڻهو هر قسم جو سهڪار ڪن ٿا. اڳي چور جو علائقو ريگستان هو، اسان هاڻي اتي نخلستان ناهي چڏيو آهي، ٽر جا ماڻهو اڳي ئي ڊنل آهن، انهن کي اسان نه‌حفظ ڏنو آهي."

"پلا اهو ته ٻڌايو ته پارت پنهنجي سرحد کي بند ڪري اُتي تارون هڻائي، بجليءَ جا بلب هڻائي چڏيا آهن، اهو ڪم پاڪستان چو نه ڪري سگهيو؟"

"اهو ان ڪري جو پارتي حڪومت ورلڊ بئنڪ کان فنڊ ونڻي باردر تي تارون هڻي بجلي هڻي چڏي آهي. اتي هنن ٻيون به گهٽيون

سهولتون پهچايون آهن. پر اسان وٽ ان جي پيٽ ۾ ڪابه سهولت ميسر ڪانهي."

"ورلڊ بئنڪ چا سرحدن تي باردر بند ڪرڻ لاءِ رقمون ڏئي ٿي چا؟"

"دراصل پارت ورلڊ بئنڪ کان منشيات جي روڪٿام لاءِ اربين روپين جي رقم ورتي ۽ اها باردرڪي سيل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪم آندي، ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ کي هتي صحت، پاڻي ۽ بجلي جي سهولتن ڏيڻ لاءِ اسان به هڪ رٽ ڏني آهي. اهو ڪم سولين حڪومت جو هو، جيڪا هونه ڪري سگهي."

ڪرنل سان ڪچهري هلندي هلندي اسان سرحدي واچ تاور تان لهي هيٺ آياسين. فوجي ڪئمپ ۾ هڪ فوجي ڊاڪٽر مريضن کي تپاسي رهيو هو. ڊاڪٽر سنڌي هو. وٽس ڪيترائي ڳوٺاڻا وينا هئا. ڊاڪٽر ٻڌايو ته هتي علاج معالجي جي ڪابه سرڪاري سهولت موجود ڪانهي. البت فوجي ڊاڪٽر روزانو صبح جو مريضن جو مفت علاج ڪندا آهن.

اتي هڪ ڳوٺاڻو مليو، ذات جو بجير ۽ نالو نور محمد هوس. مون هن سان ڪچهري ڪئي ته چوڻ لڳو، "سائين گيڙي شهر ۾ پاڪستان کان پهرين ڏاڍي وسندي هوندي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هتان کان هندو لڏي ويا. هاڻي ڪجهه ڳوٺڙا آباد آهن، جيڪي هڪٻئي کان گهڻو پري آهن". هن سان ڪچهري ڪري اڳتي هلياسين ته سڌ پنڌ تي ٽيوب ويل هئا، جتان ماڻهن پاڻي پئي پريو. ڳوٺ چاڪاڻ ته پرتي آهن، انڪري سانداريون اڻن تي رکي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ڪٽي وڃن. خبر پيئي ته گيڙي جي علائقي ۾ ڪل ٻه ٽيوب ويل آهن، جن مان هڪڙو اسان جي آڏو هو. ٻيو ٽورو پرتي ڳوٺ جي ويجهو آهي. اهي ٽيوب ويل سنڌ حڪومت جي خرچ تي آرميءَ جي نگرانيءَ ۾ سازدا کان کوٽايا ويا آهن. تنهن کان سواءِ ٽر جي سرحدي علائقي ۾ ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت طرفان اٺ وڌيڪ ٽيوب ويل مختلف ڳوٺاڻن

علائقن ۾ کوتايا ويندا.

ان مهل صبح جا 11 ٽي رهيا هئا. اسان کي گيڙڻي کان کوکرا پار وڃڻو هو. ان ڪري سوائين يارهين وڳي جهڙوڪر گيڙڻي کي الوداع چئي ريگستاني ٽريڪ تي اچي چڙهياسين. گيڙڻي کان کوکرا پار جو مفاصلو وڃي ٽيندو 32 ميل، پر واريءَ جا چيلها ڏاڍا اٽانگا، رستي ۾ وڏيون ۽ اوچيون ٽڪريون، جن تي چڙهندي فور ويل گاڏي کي به اُڀ ساهي وڻيو وڃي. رستي جي ساڄي پاسي پارتي سرحدي ٽاور ۽ کاهي پاسي پاڪستاني سرحد تي ڪيترين ٽڪرين تي اوچا ٽاور ٺهيل هئا، جن تي فوجي سپاهي پهروڏيئي رهيا هئا.

هڪڙو ڳوٺ اوچيءَ ٽڪ تي نظر آيو، جنهن جي لاهيءَ تان ڪجهه عورتون مٽي تي مٽ رکيو پاڻي پرڻ لاءِ هيٺ لهي رهيون هيون. ڇوٽرف نيڙ نهار تائين واريءَ جون ٽڪريون هيون، جن جي وچ مان اسين لنگهندي کوکرا پار پئي وياسين.

کوکرا پار جي رستي ۾ هڪ ڀٽ تہ اهڙي آئي، جنهن تي گاڏيون ڏاڍي مشڪل سان ۽ هڪ هڪ ٽي چڙهيون، پر هر هڪ گاڏي کي مٽي ٽڪ تي چڙهندي گهڻو وقت لڳي ويو. مون واري گاڏي اڳي ٽي ڦٽل تنهن چڙهڻ کان جهڙوڪر جواب ڏيئي ڇڏيو. آخرڪار هي گاڏيءَ مان ميجر ارشد لهي آيو، جنهن ڏاڍي ڏکيائيءَ سان جيپ کي انهيءَ ٽڪ تي چاڙهيو. سچ پچ تہ جنهن مهل انهيءَ خوفناڪ ٽڪ تي گاڏي چڙهي رهي هئي، منهنجو ساهہ جڙ تہ مٽ ۾ هو، تہ اجهوڪي اجهو ٽي جيپ اونڌي ٿئي، پر شڪر خدا جو چڙهي وڃي پار پياسين. هيٺ پري پري تائين ڏاڍو سهڻو منظر پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڇيائون تہ هن وڏي ڏهر کي پار ڪري هلي کوکرا پار پهچنداسين. اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي پنڌ کان پوءِ وڃي کوکرو پار پهتاسين.

کوکرا پار

سنڌ ۾ ريلوي لائين جو بنياد 1858ع ۾ پيو. آگسٽ 1862ع ۾ انگريز حيدرآباد کان شادي پلي تائين ريلوي لائين ڇڪي آيا. تنهن

کان پوءِ سال 1880ع ۾ شادي پليءَ کان جوڌپور تائين ريل هلڻ شروع ٿي، جنهن کي سڏيندا هئا، "راجا واري ريل." 1947ع ۾ انهيءَ ريلوي لائين ذريعي لکين مهاجر اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. آخر 1965ع واري جنگ ۾ لائين بند ٿي وئي.

کوکرا پار جي بازار ۾ هئي، ۾ چار دڪان، ۾ ميڊيڪل استورا هڪڙي ميڊيڪل استور ۾ لنگهي وياسين. اتي مقامي مسجد جي پيش امام سان ملاقات ٿي. چيائين "منهنجو نالو غلام مصطفيٰ آهي ۽ آءٌ هتان جو قديم رهاڪو آهيان." جڏهن مون هن کان هتان جي مسئلن بابت پڇا ڪئي تہ نہ پھ چوڙ لڳو: "ڪهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو. اهو پڇو تہ هيڏين مشڪلاتن ۾ زندگي ڪيئن پيا گذاريون! اوهان کي تعجب لڳندو تہ هتي فقط مسئلا ئي مسئلا آهن. ڪو هڪڙو هجي تہ ڪٽي ٻڌايانو؟ پھريون هتي شروع شروع ۾ پيٽرٻ جو پاٽي هوندو ئي ڪونہ هو. روزانو ڇور اسٽيشن کان ريل ۾ پاٽي پرجي ايندو هو، تڏهن ماڻهن ۽ مال کي پيٽرٻ جو پاٽي ميسر ٿيندو هو. ماڻهو، ڏور، ڏڳا، سڀ ريل جي سيٽي ٻڌي اچي اسٽيشن وٽ پاٽيءَ لاءِ گڏ ٿيندا هئا. هي اسٽيشن وٽ جيڪي پاٽيءَ جون نالیون نھيل ڏسو تا تنهن ۾ اچي ريل گاڏي پاٽي ڇڏيندي هئي، تہ ان مان جانور پاٽي پيئندا هئا تہ اسين بہ. هاڻ مڙيئي بورنگ ڪري هتي پاٽي ڪڍيو اٿن، ان ڪري پاٽيءَ جي اٽاڻ جو مسئلو ختم ٿي ويو آهي."

"هتي اسپتال وغيره آهي؟" مون پڇيو:

"اسپتال تہ نہ پر بيسڪ هيلٿ سينٽر آهي، پر دوائون ان ۾ ملن ئي ڪونہ. ان ڪري هر ڪو پنهنجي دوا هنن ميڊيڪل استورن تان وٺي. ٻيو تہ بيسڪ هليٿ سينٽر تي ڪابہ ايمبولينس آهي ئي ڪانہ."

"پوءِ پلا بيمار ماڻهو ڪيڏانهن وڃي؟"

"ويندو وري ڪيڏانهن؟ الله ڏئي ٻانهو سهي! ڪا مائي ويم جي ڪري، يا ڪو مريض خطرناڪ حالت ۾ هجي تہ پوءِ ان کي ڪٽي وڃون ڇور."

"چور هتان کان گهٹو پري آهي؟"

"چور 50 ميل پري آهي. کوکرا پار کان ريل ۾ ڏينهن هلي ڪاڻ. پڇڙ وارو ڪوبہ ڪونهي. رستو جيڪو آهي اهو فقط ريگستاني چيلهو آهي. جتان اهي گاڏيون هلن. چار پنج ڪلاڪ لڳيو وڃن چور پهچڙ تي!"

کوکرا پار استيشن ڪنهن وقت تہ ڏاڍي مشهور هوندي هئي، خاص ڪري 1947ع ۾. ورهاڱي وقت هندستان کان وڏي تعداد ۾ مهاجر هن ئي رستي کان سنڌ ۾ داخل ٿيا. تڏهن راجا واري گاڏي هلندي هئي ميرپور خاص کان جيسلمير تائين. 1965ع واري جنگ ۾ اها ٽرين بند ٿي وئي. هاڻي چڙو ريتي پئي اڏامي! ائين تہ شهر کوکروپار ۾ رينجرز جي چوڪي آهي، پوليس ٽاڻو آهي، پر ڪابہ ليڊي ڊاڪٽرياڻي موجود ڪانهي. اسڪول پرائمري ۽ مڊل آهن، انهن ۾ 200 کن شاگرد پرائمري ۾ ۽ 100 کن شاگرد مڊل ۾ تعليم وٺن پيا. سڄي شهر ۾ اٽڪل ٽي هزار ماڻهو رهن ٿا.

کوکرا پار استيشن اسان کان ہ چار وکون پري هئي. اسان کوکرا پار شهر جي ريتيءَ واري گهٽين مان هلندا ويجي استيشن جي پليٽ فارم تي پهتاسين. استيشن تي پاڻيءَ جون ڪيتريون ئي هوديون (حوض) ٺهيل هيون، جن ۾ ڪڏهن ريل پاڻي ڪڍي اچي لاهيندي هئي. پوءِ ماڻهو ۽ جانور هتان پنهنجي اُڃ اجهائيندا هئا. سڄي استيشن سنسان لڳي پيئي هئي. چڙو هڪڙو اسسٹنٹ استيشن ماسٹر مليو، نالو هوس مير محمد. پُڇڙ تي ٻڌايائين تہ 1965ع جي لڙائيءَ کان چار ڏينهن اڳ يعني 2 سيپٽمبر 1965ع تي ريلوي لائين بند ٿي ويئي. هاڻي هتي فقط ميرپور خاص کان ٽرين اچي ٿي، اها پٽورو، شادي پلي، بلوچ آباد ۽ ميرپور خاص کان ٿي ڦرندي اچي."

"ميرپور خاص جو پاڙو گهٹو آهي؟" مون پڇيو.

"20 روپيا"

"ريل هلي ہ ٿي يا نہ!"

"ها هلندي تہ آهي، البت ڪڏهن ڪڏهن اها اچي ئي ڪانہ!"

"چو؟

"اها خبر ڪانهي!"

"اوهين سمجهو ٿا ته ڪوڪرا پار لائين ڪلڻ سان ڪو فائدو ٿيندو؟

"چو نه فائدو ٿيندو؟ اسٽيشن جي رونق موتي ايندي، ماڻهن کي روزگار ملندو." هن چيو.

سنڌ ۾ اسٽيم انجڻ تي هلندڙ اها اڪيلي ئي ريل وڃي بچي آهي. جيڪڏهن اسان وٽ ٽوئرزم کي زور وٺرائين ته جيڪر اسٽيم انجڻ واري ريل ۾ ٽرجي واريا سي علائقي جو سير ڪرڻ لاءِ شوقين ماڻهو ضرور اچن. خاص ڪري وسڪاري جي مند ۾. پر سنڌ ويچاريءَ سان ڪير ٿو ايتريون چڱايون ڪري. جيڪي ووٽ وٺي ٿا ڪامياب ٿين، سي ئي نٽا لڙي اچن. باقي ٻيو ڪنهن کي گتي پيئي آهي جو وينو هتان جا مسئلا ٻڌي. هتي اين اي 175 جو تڪ لڳي ٿو، جتان ايم اين اي چونڊيو آهي سيد نور محمد شاهه نواز ليگ جو ۽ ايم پي اي وري آهي اڳوٽو وڏو وزير سيد مظفر حسين شاهه پيرپاڳاري وارو.

پاڻي ڪنهن وقت هتان جي ماڻهن لاءِ وڏو مسئلو هوندو هو. پر اڄ ڪلهه اهو مسئلو ائين نبري ويو آهي جو آرميءَ وارا چورڪان هڪ سو ڪلوميٽر پائيپ لائين ذريعي پاڻي ڪوڪرا پار ڪٽي آيا آهن. انهيءَ پائيپ لائين وسيلي 60 لک گيلن پاڻي اسٽوريج ڪيو ٿو وڃي.

ڪوڪرا پار ڪان نڪتاسين، ساڄيو ريتيءَ جو ٽريڪ. چور ڪينٽ هتان ڪان 100 ڪلوميٽر پري آهي. ڪوڪرا پار ڪان چور ڪينٽ تائين، هونئن ته ريگستاني رستو آهي، پر چور ڪينٽ ڪان جالوءَ جي چوڻري تائين روڊ ڪي پڪو ڪيو ائن. چيائون ته ڪوڪرا پار تائين رستو پڪو ٿي ويندو.

ڪوڪرا پار تائين ڊيزرٽ ٽريڪ ڏاڍو خراب آهي. نڻهڻ اُس ۾. جيپ ۾ سفر ڪندي ساهه ٿي نڪتو. مون درياءَ مان ٿي ريگستاني آڪاس کي ڏٺو. جتان واقعي اپريل جو سج جهڙوڪر ٽانڊا اڇلائي رهيو هو. اسان جي اڳيان جيپن جو قافلو گهٽو اڳتي نڪري ويو هو.

ڊرائيور کان پاٽيءَ جو پڇيم تہ ٻڌايائين تہ ڪوڪرا پار کان پاٽي ڪٽڻ وسري ويو. هاڻي اڇي آڇ جي پريشانيءَ ورايو. سو ڪلوميٽر پنڌ جا ۽ اهي ٻہ ريگستاني رستي تي، جيڪر گاڏي اڌ ۾ خراب ٿي پوي، مون سوچيو، پر گاڏي تہ اڳتي پئي ريتيءَ تي رينگمندي هلي. ڪڏهن هيٺ، ڪڏهن مٿي. شڪيل بچاڻي مون کان پڇيو، "مدد صاحب! هاڻي تہ واقعي ڏاڍا ٽڪجي پيا آهيون." مون چيو، "واقعي ڇئين سچ ٿو، پر ڳڻتي نہ ڪر، ڪلاڪ اڌ ۾ تا هلي چورپهچون."

اسان کي ريگستاني سفر ڪندي اڇي پورا ٽي ڏينهن ٿيا هئا. پر ٽرڊسٽ جي شوق ۾ ڪٽي ٻہ حوصلو نہ وڃايو هيوسين. اڌ ڪلاڪ کن اڳتي هلياسين تہ اسان واري جيپ وري خراب ٿي پيئي. ڊرائيور گهٽا وس ڪيا، پر گاڏي اسٽارٽ ٿيڻ کان جهڙو ڪر نابري واري چڏي هئي. چي اڇ ڪٽي ڇا ٻہ ٿئي، پر هلنديس صفا کانہ! مات ڪري اتي بيهي رهياسين. ان وقت منجهند جا پوٽا ٻہ ٽي رهيا هئا. چوٻطرف ريگستاني گرم هوا ۽ سامهون ايڪڙ ٻيڪڙ اوچا ٻوٽا. اسان اتي پندرهن منٽ بيٺا رهياسين. اهو ضرور يقين هو تہ اسان جا اڳتي ويندڙ ساڻي اسان جي ضرور خبر لهندا. سو واقعي ٽيو ٻہ ائين. چور ڪينٽ جي ڪمانڊر جڏهن ڏٺو تہ هڪ گاڏي پوئتي رهجي ويئي آهي تہ فوري طور تي هڪ گاڏي اماڻي موڪليائين، تہ گاڏيءَ ۾ سوار همراهن کي نئين گاڏيءَ ۾ ونڻي اچو. خراب گاڏي پل اتي چڏي ڏيو.

خراب گاڏيءَ کي اتي چڏي اسين آيل نئين جيپ ۾ سوار ٽياسين. اڌ ڪلاڪ مس اڳتي هلياسين، تہ جالوءَ جي چوڻري وٽ وڃي پهتاسين. اتان پڪو روڊ 14 ڪلوميٽر پرڇي جي ويري کان ٽيندو وڃي چور ڪينٽ تائين ٽوپهچي. چور پهتاسين تہ جهڙوڪر سڪ جو ساهہ ڪنيوسين. چور ڪينٽ جو علائقو 1965ع جي جنگ کان اڳ ۾ رڳو ريگستان هو، پر اڄ ڪلهہ تہ اتي شهر ٻڌجي ويو آهي. سال 1994ع ۾ چور ڪينٽ ٺهي. سي ايم ايڇ، آرمي پبلڪ اسڪول ۽ ميوزم گهمي ڏٺوسين. ميوزم ۾ ٽرجي سمورن ٻوٽن، ويندي ٽرجي نانگن جا قسم نموني طور رکيا اٽن. انهيءَ ميوزم جو نالو آهي "ڊيزرٽ

روم." اتي گھوڑيال نانگ جو قسم ڏنوسين، جيڪو 12 فوٽ ٽپ ڏيئي حملو ڪندو آهي. تنهن کان سواءِ پيئٽ بلا، لنڊي ۽ واسينگ وغيره جا قسم رکيل هئا. "ڊيزرٽ روم" ۾ ٽر جي سمورن گاهن، جھڙوڪ ڪرڙ، ڪنڊي، ديوي، ڪاهيجي، گوگڙ، ڪنيات، ڪونئر، ڪپڙ، مُرٽ جا ٻوٽا ۽ ڏنا سين.

ميوزيم گھمي اسان کي پرچي جي ويريءَ ۾ واقع آرمي ميس ۾ لنچ لاءِ وٺي ويا. پرچي جي ويري ۾ هڪ شاهي پٽ تي ٺهيل آرمي ميس ڏاڍي سھٽي آهي. مٿي پٽ تي ڊرائنگ روم ڏاڍو سھٽو ٺهيل آهي، جنهن جي چئني پاسن کان شيشا لڳل. انهن شيشن مان پري پري تائين پکڙيل ريگستان تي وڇيو نظر پوي. ماني کائيندي منهنجي نهار سامهون ريگستان تي هئي.

ماني کائي اتان موڪلائي اسان رخ رکيو عمر ڪوٽ ڏانهن. چورکان عمر ڪوٽ جو پنڌ اڌ ڪلاڪ مس ٿيندو. گھڙيءَ ۾ اچي پهتاسين عمر ڪوٽ. مان ڪيترا پيرا هِت آيس، بلڪ ائين ڪٽي چئجي تہ ان ۾ ڪوئي وڏاءُ ڪونہ ٿيندو تہ هڪڙو سال اهڙو آيو جو هر مهيني ٻہ ٻہ پيرا هت اچڻ ٿيو. دراصل نواب محمد يوسف تالپر 1993ع ۾ هن تڪ مان چونڊجي وفاقي وزير ٿيو هو. مان تڏهن محترمہ بينظير ڀٽو جي اخبار ڊيلي "بختور" ۾ ڪم ڪندو هوس. تالپر صاحب "بختور" جو انچارج هوندو هو. ساٺس گڏ ٽي وي جي ٽيم وٺي هر مهيني عمر ڪوٽ اچڻ ٿيندو هو. گرمي هجي يا سيارو، يوسف تالپر پنهنجي وزارت دوران عمر ڪوٽ جو ڪڏهن بہ پيرو نہ ڇڪو. عمر ڪوٽ تعلقي جو ڳوٺ ڳوٺ هن سان گڏ گھمي ڏٺم. ڇور، غلام نبي شاهہ، عمر ڪوٽ جو ريگستاني علائقو، صوفي فقير، بچاءُ بند، ڊورو نارو، ڪوٽ غلام محمد، ڪنري، مطلب تہ هو صاحب پنهنجي تڪ جي هڪ هڪ ڳوٺ ۾ هلي جلسا ۽ ڪليل ڪچهريون ڪري ماٺهن جا مسئلا نبيريندو هو. هڪ پيرو سوين سائڪلون ڪٽي اچي عمر ڪوٽ ۾ ورهايائين. نوڪريون بہ ڏاڍيون ماٺهن کي ڏنائين. يوسف تالپر جو اصل ڳوٺ جيمس آباد، پڙهيو ۽ وڏو ٽيو

حيدرآباد شهر ۾. سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ حصو ونڊي ويجي ذوالفقار علي ڀٽو تائين پهتو. ادا وڏي ممتاز مرحوم سان سندس گهاٽي ياري هئي. مون کي به ڏاڍو پائيندو هو. جڏهن وزير ٿيو. ته سخت مخالفت جي باوجود محترمه بينظير ڀٽو وٽ لنگهي ويو ۽ هن کان اجازت ونڊي آيو ته مدد علي‌ءَ کي "بختور" جو چيف ايڊيٽر ڪري ٿا رکون. يوسف ٽالپر جهڙو باشعور، مڙس ماڻهو ۽ ذهين وزير ورلي ئي ڪابينٽ ۾ هو. ان ڪري پنهنجي تڪ جي ماڻهن جو ڏاڍو خيال رکندو هو. هڪ ڀيرو چور آياسين. سخت گرمي هجي. شام جو خبر پئي ته ان ڏينهن سڄي پاڪستان ۾ گهٽي کان گهٽي گرمي چور ۾ پئي هئي. پر 1996ع جي چوندن ۾ خبر ناهي ماڻهن ڪيس ووٽ چو نه ڏنو؟ بهرحال ڳالهه پئي هلي عمر ڪوٽ جي، جتي ڪڏهن ڪڏهن ته باربار اچڻ ٿيندو هو، ۽ اڄ وري ٽرجي دوري جي پڄاڻي عمر ڪوٽ کان پئي ٿي.

عمر ڪوٽ يا امر ڪوٽ

پراڻين تاريخن جهڙوڪ "تاريخ فرشته"، "ماثر الامراء"، "منتخب التواريخ"، "همايون نامه"، "تاريخ راجستان" وغيره ۾ عمرڪوٽ کي امر ڪوٽ ڪري سڏيو ويو آهي. امر ڪوٽ، عمرڪوٽ ڪيئن ٿيو، اهو هڪ ڌڳو بحث آهي. البت اها هڪ حقيقت آهي ته عمرڪوٽ سنڌ جي پراڻن تاريخي شهرن جهڙوڪ سيوهڙ ۽ ٺٽي جيترو پراڻو نه هجي ته به هن شهر کي قائم ٿئي. 8 صديون لنگهي ويون آهن.

ڪرنل جيمس ٽاڈ پنهنجي ڪتاب "تاريخ راجستان" (1838ع) ۾ لکي ٿو ته، "سوڍن جي صاحبيءَ ۾ امر ڪوٽ ۾ پنج هزار پڪا گهر هوندا هئا. پر هاڻي اتي ايڏائي سؤ گهر ڪچا آهن. قلعو شهر جي اتر اولهه ۾ واقع آهي. قلعي ۾ 18 برج ٺهيل آهن ۽ منجهس هڪ قلعو يا ٻيو محل ٺهيل آهي. اتر طرف هڪ واهه وهيس ٿو. هيءُ شهر ٿر جي ريگستان جي ڪنڊيءَ تي آباد آهي. هن شهر ۾ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ سان پوک ٿئي ٿي. ته باراني پوک به ڪئي وڃي ٿي."

اصل ۾ عمر ڪوٽ کي پرمار سوڍي امر سنگهه اڇي آباد ڪيو.

سال 1200ع صديءَ جي تاريخي احوالن ۾ عمر ڪوٽ جو ذڪر آيل آهي. بعد ۾ هتي سومرن جي حڪومت ٿي. برهمڻن کان پرمار سوڍا، جيڪي اصل راجپوتانا کان لڏي اچي هت آباد ٿيا، تن 1226ع ۾ سومرن جي حاڪم پونگر سان جنگ جوٽي عمر ڪوٽ ۽ ٺر کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

مغل بادشاهه همايون شير شاهه سوريءَ کان هار کائي پنهنجي زال حميده بيگم سان آگسٽ 1542ع ۾ عمر ڪوٽ اچي پهتو، ته هن شهر تي راڻي پرشاد جو راج هو. راڻي پرشاد همايونءَ جو نه رڳو آڏر پاءُ ڪيو، بلڪ سندس راڻيءَ ۽ ٻين مغل خواتين لاءِ پنهنجي محل جي اندر شاندار جاءِ رهڻ لاءِ ڏيئي ڇڏي. هن همايونءَ کي سنڌ جي حاڪم ميرزا شاهه حسن سان وڙهڻ لاءِ پنهنجو لشڪر به شامل ڪري ڏنو، جو راڻي پرشاد جي والد کي شاه حسن ارغون مارايو هو.

هن ئي شهر ۾، 15 آڪٽوبر 1543ع تي، صبح جو همايونءَ جي راڻيءَ حميده بيگم کي شهنشاهه اڪبر ڄائو. تنهن وقت همايون عمر ڪوٽ کان سڌ پنڌ تي هو. ته ڪيس اها خبر اچي پهتي. ساڳئي سال، ساڳئي عمر ڪوٽ ۾ راڻي پرشاد کي هڪ پاٽيجو نالي ميرزا جاني بيگ ڄائو، جو اڳتي هلي سنڌ جو حڪمران ٿيو ۽ اڪبر جي جرنيل مرزا عبدالرحيم خان خانان جي هٿان هار کائي دهليءَ ۾ اڪبر بادشاهه وٽ نيو ويو. اتي هن اڪبر سان اٺ ورهيه گذاريا ۽ دهليءَ ۾ ئي گذاري ويو. چون ٿا ته اڪبر هن کان سنڌي راڳ ۽ عمر ڪوٽ جون خبرون پڇندو هو.

اڪبر به بادشاهه ٽيڻ کان پوءِ عمر ڪوٽ کي اصل نه وساريو. هندستان جي راج سنيالڻ بعد هن عمرڪوٽ جي راجا کي لکي موڪليو ته اوهين منهنجي والد سان سڪا هليا ۽ آڻ پاڻ عمرڪوٽ ۾ ڄائو هوس، ان ڪري اوهان جي ملڪ مان ڏل ونڊ بند ٿو ڪريان. توهان کي سڀ ڏلون معاف آهن. شاهه لطيف ٿر ۾ ڏل نه ونڊ واري اها ڳالهه هن ريت چئي آهي:

"نه ڪا جهل نه پل، نڪو رائر ڏيهه ۾!"

رائر چون ڏل کي. اها ڳالھ سوڍن جي قلمي ڪتابن جي حوالي سان پيبرومل مھرچند بہ لکي آھي.

عمر ڪوٽ جي قلعي ۾، ميندڙي راڻي کي، عمرڪوٽ جي حاڪم ھمير سومري مومل سان ملڻ جي ڏوھ ۾ بند ڪري رکيو ھو، جيڪو اڄا قلعي جي ڪنھن ڪنڊ پاسي ۾ موجود آھي.

چوڏھين صدي عيسويءَ ۾ عمر ڪوٽ تي سومرن جو راڄ ھو. عمر سومري جي دور ۾ مارئيءَ جو قصو مشھور ٿيو. ھن مارئيءَ کي عمرڪوٽ ۾ آڻي بند ڪيو ھو. بعد ۾ وري عمر ڪوٽ تي سوڍن جو راڄ قائم ٿيو، جن کان وري 1750ع ڌاري ميان نور محمد ڪلھوڙي جنگ جوتي عمر ڪوٽ کي سنڌ ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

سال 1739ع ۾ جڏھن نادر شاھ دھلي کي پنھنجي سپاھين جي گھوڙن جي سنبن جي ھيڻان لتاڙي، سنڌ ڏانھن رخ ڪيو تہ ميان نورمحمد ڪلھوڙو اچي عمر ڪوٽ لڪو ھو، پر نادر شاھ مينھن واڇ ڪري 14 فبروري 1740ع تي اچي عمر ڪوٽ تي ڪڙڪيو ھو.

عمر ڪوٽ جو قلعو:

سج لھڻ ۾ اڃا ڪجھ دير ھئي، جو اسان عمر ڪوٽ جي قلعي کي ڏسڻ لاءِ نڪري پياسين. عمرڪوٽ جو ھيءُ قلعو ڪڏھن ٺھيو، قلعي جي تاريخ بابت ڪجھ اختلاف موجود آھن. ڪن مورخن جو خيال آھي تہ عمر ڪوٽ جو قلعو اھو ساڳيو قلعو آھي، جنھن کي سومرن ٺھرايو ۽ عمر سومري بہ مارئيءَ کي ھن قلعي ۾ اڇي قيد ڪيو ھو. مومل راڻي وارو راڻو ميندڙو بہ ھن ئي قلعي ۾ قيد ٿيو ھو. جڏھن تہ ڪن مؤرخن جو چوڻ آھي تہ عمر ڪوٽ جو پراڻو قلعو، جنھن ۾ اڪبر بادشاھ ڄائو ھو، اھو بعد ۾ ڍھي ويو، جنھن کان پوءِ نور محمد ڪلھوڙي (1755-1718) ۾ ھن موجوده قلعي کي تعمير ڪرايو. بھرحال سومرن، سوڍن، مغلن، ڪلھوڙن، تالپرن، جوڌپوري راجائن ۽ بعد ۾ انگريزن وٽ ھن قلعي جي ڏاڍي اھميت ھوندي ھئي. ھي قلعو ڪجھ وقت جوڌپوري راجائن جي قبضي ۾ بہ رھيو،

چاکاڻ تہ میان عبدالنبي ڪلهوڙي سال 1782ع ۾ ، جوڌپوري مهاراجا بجيہ سنگهہ کي عمر ڪوٽ جو قلعو ميربجار خان کي مارائڻ جي عيوض وڪڙي ڏنو هو. جن کان وري سال 1813ع ۾ مير ڪرم علي خان ٽالپر جي حڪم تي ٽالپرن جي فوج نواب ولي محمد خان لغاريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ عمرڪوٽ تي ڪاهي آئي هئي. جوڌپور جي مهاراجا قلعي کي بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ هن ٽالپرن سان وڙهڻ لاءِ روهيلن جي مدد بہ ورتي، پر جنگ کان اڳ ۾ روهيلن جي سپهہ سالار مير خان روهيلي کي فارسي ٻوليءَ ۾ هڪ خط لکي شرمايو ويو تہ تون مسلمان ٿي ڪري هندن جو ٿو ساٿ ڏين، جنهن تي روهيلو سردار سپهہ سالاريءَ تان هٽ ڪڍي ويو. نتيجي ۾ ٽالپرن جي فوج عمرڪوٽ جي قلعي جي هڪ ديوار توپن سان اڏائي ڇڏي. پوءِ خوفناڪ لڙائي لڳي ۽ ٽالپر فوج قلعي ۾ داخل ٿي ۽ عمرڪوٽ کي سنڌ ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

24 مارچ 1843ع تي ڏهي واري جنگ هارائڻ کان پوءِ شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ اچي رهيو هو. سر چارلس نيپئر سندس پويان ميرپور خاص تائين آيو هو ۽ بعد ۾ هن پنهنجي انگريزي فوج فتز جيرالڊ جي نگرانيءَ ۾ عمر ڪوٽ تي حملي لاءِ اُماڻي هئي. ان وقت سنڌو درياهہ ۾ ٻوڏ اچڻ جي امڪان سبب انگريزي فوج ڏاڍي ڊنل هئي، پرمير شير محمد ٽالپر ۽ ان جا اٽڪل ٽي هزار سپاهي، 30 مارچ 1843ع تي عمر ڪوٽ جو قلعو خالي ڪري هليا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ 4 اپريل 1843ع تي انگريزي فوج عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ داخل ٿي، مٽس انگريزي جهنڊو ڦڙڪائي ڇڏيو. عمر ڪوٽ جو قلعو انگريزن جي قبضي ۾ آيو، تہ جڏ سجي سنڌ انگريزن جي جهوليءَ ۾ اچي ڪري. سر چارلس نيپئر پنهنجي 5 اپريل 1843ع واري ڊائري ۾ لکي ٿو: "عمر ڪوٽ اسان جو آهي، قلعي جا سڀ ستر سپاهي پيش پيا. انهن کان هٿيار ونڊي آزاد ڪيو ويو تہ هو پنهنجن گهرن ۾ وڃي پهچن. هي قبضو سنڌ جي فتح کي مڪمل ٿو ڪري. هر جڳهہ منهنجي قبضي

۾ آهي ۽ خدا جو شڪر آهي. هاڻي مون کي اميد آهي ته ڪابه غصي واري بندوق اُيي نه ٿيندي ۽ نه ان جو آواز ٻڌندس!"

۽ واقعي ٿيو به ائين. ميرشير محمد خان جيئن عمر ڪوٽ مان نڪتو ته وڃي آخرڪار لاهور پهتو، جتان آخرڪار انگريزن سان ناهه ڪري باقي حياتي اڇي خاموشيءَ سان ميرپور خاص ۾ گذاريائين.

عمرڪوٽ جي فتح بابت ڪئپٽن ايسٽوڪ پنهنجي ڪتاب "نئين مصر جا پراڻا ورق" ۾ لکي ٿو ته "حيدرآباد کان 100 ميل پري عمر ڪوٽ جو قلعو مضبوط قلعو هو. پر تالپرن جي شڪست جو ٻڌي هاڻ سنڌ جا زميندار به ميرن کان منهن ڦيرائڻ لڳا هئا."

قدرت خدا جي هن ئي قلعي ۾ ڊسمبر 1886ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر ايس مينسفيلڊ هڪ شاهي دربار منعقد ڪئي، انهيءَ دربار ۾ سنڌ جي اڳوڻي باغيءَ يعني پوڙهي ميرشير محمد خان تالپر کي "ستاره هند" جي لقب سان نوازيو ويو. ميرصاحب جهڙي ويڙهاند جهونجهارکي K.C.S.I. جي لقب ملڻ تي سندس ڪهڙا تاثرات هوندا ته اهي هن قلعي جي ديوارن ضرور ڏٺا.

سنڌ جو هڏ ڏوکي ڪمشنر سر بارٽل فريئر، جيڪو 1851ع کان 1859ع تائين سنڌ ۾ رهيو، تنهن کي سنڌ جي تاريخ، قديم ماڳن، ادب ۽ ٻوليءَ سان بيحد محبت هوندي هئي. فريئر صاحب 1853ع ۾ خاص طور تي عمر ڪوٽ هلي آيو. هتي هن پراڻن ۽ وڏي ڇمار وارن ماڻهن کان پڇائون ڪري، عمر ڪوٽ جي اتر طرف، هڪ ميل جي مفاصلي تي اڪبر بادشاهه جي ڇمڙ وارو هنڌ ڳولهي، اتي اڪبر جي ولادت جو سال هڪ پٿر تي لکرائي هڪ قبي ٺهرائي ڇڏي، جيڪا سوا سوَ سالن بعد، قديم آثارن واري کاتي جي نااهلي ۽ لاپرواهيءَ سبب ڏهي اڇي پٽ پئي. اها قبي ۽ سنڌيءَ ۾ اڪبر جي ولادت وارو پٿر کي ورهيه اڳ مون به ڏٺو ۽ بعد ۾ ڏٺل حالت ۾ اهو هنڌ وڃي ڏٺم.

سال 1875ع ۾ ڊسمبر مهيني ۾ بمبئيءَ جو گورنر سر رچرڊ ٽيمپل، جيڪو قديم آثارن ڏسڻ جو شوقين ۽ پڙ آرڪيالاجي جي

علم جو ڄاڻو ٻه هو. رڻ ڪڇ جي رستي کان ويرا واهه ۾ ننگر پارکر کان ٽيندو، جين ڏرم جا مندر ڏسندو اچي عمر ڪوٽ پهتو هو. هتي هو عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ ڪجهه ڏهاڙا ترسيو ٻه هو.

عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ ڏيڍ سؤ سال پراڻو ڊاڪ بنگلو ٻه موجود آهي. ڊي- سي عمر ڪوٽ اڄ ڪلهه ان ۾ رهي ٿو. قلعي جي اندر اتر ۾ وري آهي ميوزيم. قلعي جي وچ ۾ هڪ وڏو ٽلهه ٽهيل آهي، جنهن تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻيون ٽهيل آهن. ڏاڪڻين وٽ آرڪيالاجي پاران هڪ بورڊ لڳل آهي. مون انهيءَ بورڊ کي پڙهڻ شروع ڪيو:

"عمر ڪوٽ جي تاريخي قلعي مختلف حڪمران گهراڻن جي لاهين چاڑهين جي تاريخ کي ڏنو آهي. هيءُ شهر سومرا گهراڻي (1050ع کان 1350ع) جي پهرئين حاڪم عمر سومري اڏايو هو. تيرهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ۾ هڪ راجپوت حڪمران پرمار سوڍي هن شهر تي پنهنجو تسلط ڄمايو. اُن جي پونيرن مان راڻي پرشاد پنهنجو لشڪر وٺي ان وقت جي مغل بادشاهه همايون جو استقبال ڪيو، جڏهن هو 1541ع ۾ شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي سنڌ ۾ وارد ٿيو هو. همايون جو پٽ اڪبر عمر ڪوٽ ۾ ڄائو هو. اڳتي هلي راجپوت حڪمرانن اهو قلعو ڪلهوڙن جي حوالي ڪيو. ڪلهوڙن جي پونيرن وري اهو قلعو جوڌپور جي راجا کي وڪڻي ڏنو. جيڪو وري تالپرن 1813ع ۾ هٿ ڪيو. 1843ع تائين اهو قلعو سندن هٿ ۾ رهيو، تان جو انهن کان انگريزن سنڌ فتح ڪري قلعو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. هي قلعو مستطيل نموني جو ٽهيل آهي. انهيءَ جي ڊيگهه 946 فوٽ ۽ ويڪر 785 فوٽ آهي. ان جي عالم پناهه واري ديوار هن ڪنڊن ۽ ٻاهرئين ڪمانيدار دروازي جي ٻنهي پاسن تي اڏگولا برج ٽهيل آهن!"

ڪاري بورڊ تي لکيل اهي اکر اتاري، ٽلهه جون ڏاڪڻيون چڙهي مٿي چبوتري تي پهتس. اتي ڪجهه توپون رکيل هيون. 16 فيبروري 1880ع تي راڻي وڪتوريا جي جوبلي ملهائڻ وقت اهي

توپون چوريون ويون هيون. چبوتري تان سڄو عمر ڪوٽ جهڙوڪر پيرن ۾ پيو پسجي. هڪ طرف کان ميرپورخاص کان ايندڙ رستو ۽ پڪي جو علائقو ته ٻئي طرف ريگستاني علائقو ۽ وڏيون وڏيون پٿرون اکين آڏو نيٺ نهار تائين ٿي نظر وڃي. ٿي سگهي ٿو ته هتي ماڻڪ ٽهيل هجي، جتي عمر مارئيءَ کي اڇي قيد ڪيو هو. تڏهن ته مارئي بي اختيار چئي ڏنو هوته:

منهنجي آهه اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي. (شاهه)

واقعي مارئي جي آهه ڪوٽ ڀاهي وڌا. اڄ رڳو ان جا کنڊر اکين جي آڏو آهن. ٽل تي ميرن جي دور جون توپون رکيل هيون. ان محل تڏي تڏي هوا لڳي رهي هئي ۽ سڄ اولهه ڏي سفر ڪري وڃي رهيو هو. مارئي ۽ عمر ڪوٽ، محل ۽ ماڻيون، ڪوٽ ۽ لطيف سائين مون کي پٽائيءَ جو بيت ياد اڇي ويو:

ڪيم مهاڻ مليير ڏي، مٿي ڪوٽ چڙهي،
نت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي،
نگي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي.
ويڙهيڇن وري، ڪر نه لڏي ڪڏهين.

واقعي شاهه سائين واهه جو نقشو چٽيو آهي. هتان ٽلهه تان بيهي جيڪر مارئيءَ جي ملڪ مليير ڏي نهار ڪبي ته دور دور تائين نهار ڊوڙندي ٿي وڃي. هتان ئي مارئي مليير ڏي نهاريندي هئي، شام جو مال ڪاهيندڙ مارن کي ڏسي سندس اکين ۾ آب لهي ايندو هو ۽ جڏهن ٿر جي آسمان تي، سڄ لٿي کان پوءِ ڪاري غلاف تي ستارا موتي ٿي چمڪندا هئا ته سندس اکين ۾ ڳوڙها موتي ٿي، ٿم ٿم ٽمڪندا هئا.

"مدد صاحب! هاڻ هلو، سڀ هليا ويا اٿوا" آواز جنيد خانزادي جو هو. مان ماضيءَ مان نڪري حال ۾ آيس ۽ آهستي آهستي ڏاڪڻيون لهي سامهون ڀاڪ بنگلي کي ڏنو.

عمرڪوٽ جو قلعو عجيب آهي. هن ئي قلعي جابر انگريز

ڪليڪٽر تروٽ جا ظلم بہ ڏٺا، جنهن روپلي ڪولهيءَ کي 1859ع ۾ گرفتار ڪري هِن قلعي ۾ بند ڪيو هو ۽ سندس آڳرين تي ڏياڻيون ٻاري ڪائنس وطن دوست باغيءَ راڻي ڪرٽجيءَ جي پڇا ڪئي هئي. هن ئي قلعي ۾ هڪ ٻئي جھونجھار راڻي رتن سنگھ کي 1866ع ۾ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو. تڏهن تروٽ پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ هو. چون ٿا تہ راڻي رتن سنگھ جي ڦاهيءَ بعد هن جي وفادار گھوڙي هڪ سوناري خريد ڪئي. پر اها گھوڙي اُتان رسو ڇنائي پنهنجي مالڪ جي ڳولا ۾ عمر ڪوٽ جي قلعي وٽ پهتي. قلعي جو در بند هو. گھوڙيءَ قلعي جي در آڏو پيٽ ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اتان ڪري ڦٽڪي ڦٽڪي مري ويئي. قلعي جي درٻاهران مکيہ ديوار تي ڪيترو وقت انهيءَ گھوڙيءَ جي سنبن جا نشان بہ باقي هئا.

قلعي جو ميوزيم:

قلعي جي اندر هڪ ميوزيم بہ آهي. اهو ميوزيم سال 1968ع ۾ تڏهوڪي بنگالي مرڪزي وزير تعليم قاضي انوارالحق جي حڪم سان قائم ٿيو هو. ميوزيم ۾ اتان جو ڪيوريٽر شمس الدين اچي اسان سان مليو. ٻڌايائين تہ نئون ميوزيم نٿي رهيو آهي جنهن ۾ تي گيلريون غير مسلم دور، ٻہ مسلم دور ۽ تي ٽر ڪلچر جون رکيون ويندیون. پنجن سالن کان اهو نٿي پيو، جيڪو اڃا جڙي راس نہ ٿيو آهي. عجائب گھر ۾ فارسي ٻوليءَ جا انيڪ قلمي نسخا بہ رکيل آهن. مون جيڪي نسخا ڏٺا. تن مان ڪن جا نالا هن ريت آهن.

(1) خلاصه التواريخ، منشي راءِ پنڌاري نالي ليکڪ اهو ڪتاب 1107هجري بمطابق 1700ع ۾ لکي تيار ڪيو. هن تاريخ ۾ هندستان جي قديم تاريخ داراشڪوهہ جي شهادت تائين جو ذڪر آيل آهي. هٿ سان لکيل هي فارسي نسخو هتي ڪيئن آيو، ان بابت اتي ڪابہ معلومات ميسر ڪانهي.

(2) مناقبت مرتضوي قدت (فارسي) امير احمد نالي ليکڪ اهو

ڪتاب حضرت علي جي زندگي بابت لکيو. ڪتاب جي مٿان سال وغيرهہ لکيل ڪونهي.

(3) اڪبر نامو فارسي (حصو ٻيو): درٻار اڪبري جي مشهور رتن ابوالفضل جو مغل عهد بابت لکيل ڪتاب.

(4) تحفه شير شاهي (فارسي): عباس سبزواري نالي ليکڪ هي تاريخ شير شاهہ سوريءَ بابت لکي.

(5) سنگهاسن بتيسي (فارسي): سنسڪرتي آکاڻين جو ڪتاب.

(6) آئين اڪبري: ابوالفضل

(7) آئين اڪبري: (ابوالفضل) جلد ٽيون.

(8) ديوان نذيري: اڪبر بادشاهہ جي دور جي غزل گو شاعر محمد حسين نيشاپوري جو ڪلام.

(9) تاريخ اڪبر آباد: اڪبر آباد ۾ آگري جي تاريخي عمارتن جو احوال.

(10) انشاءَ ابوالفضل: ابوالفضل جا لکيل خط.

(11) حالات تاج محل.

(12) اقبال نامہ جهانگيري: مرتب معتمد خان (عهد اڪبري ۾ جهانگير جي دور جي تاريخ.)

(13) واقعات ميان نذير: اڪبري عهد ۾ مبارڪبادي جا خط.

(14) مهابارت: فارسي (ترجمو).

(15) فرهنگ جعفري: مرتب حسن جمال الدين (1017) هي فارسي لغت جهانگير جي نالي منسوب ڪيل آهي.

(16) ديوان عرفي شيرازي.

(17) شاهہ تراب جو حج بابت سفرنامو.

(18) مثنوي رين پد: ملڪ عبدالشڪور بزمي (رائي رکن ۾ پدماوتي جي مشهور قصي جو فارسي ترجمو.)

(19) تاريخ ڪشمير: قديم دورڪان اڪبري عهد تائين.

عجائب گهر ۾ مغل پيرڊ جو جنگي سامان بہ رکيل آهي، جن ۾

پنج توڙيدار بندوقون، چار تير، هڪ ڪمان، ست تفنچا، ٻه ڍالون، ٻه زرهه، ڇهه ترازون، هڪ لوهي توپ، چار خنجر، ٻه لکڻ ۾ وڏي تعداد ۾ گولا.

"چا هي سڪا اصلوڪا آهن؟" مون ڪيوريٽر کان پڇيو.

"نه سائين، سمورا گولڊ سلور جا ڊپليڪيٽ / ريپليڪا آهن".

"ميوزيم ۾ وڌيڪ شيون چو نه ٽا رکو؟"

"ڪوشش ته گهٽي ٽا ڪريون. تازو هڪ عملدار کي هندو دؤر جا ڪجهه مجسما هٿ چڙهيا آهن!" هن ٻڌايو.

"پوءِ ونو چو نه ٽا؟" مون سوال ڪيو.

"چا ڪريون اڳتي ٻه ڳرا عملدار آهن. ڪير هٿ ڳنڍين."

"پلا اهي چڙو مغل دور جون شيون چو رکيون اٿو؟" سوال ڪيم.

"اهو هن ڪري جو هي ميوزيم ٻه اڪبر بادشاهه جي جمڙ واري ڳالهه جي ڪري. بهرحال هاڻ ٻيون شيون ٻه رکي رهيا آهيون." هن وراڻي ڏني.

ميوزيم ۾ مغل دور جي هندستان جو نقشو ٺهيل نظر آيو، جنهن ۾ سنڌ جا شهر ٺٽو، بکر ۽ لاهري بندر ڏيکاريل آهن. تنهن کان سواءِ اڪبر بادشاهه جي پينسل ورڪ سان ٺهيل تصوير (1556-1606). هاڻين جي لڙائي، شهزادو دارا شڪوه اورنگزيب جي دربار ۾، مغل دربار، هڪ مغل شهزادو ٻارهين صديءَ ۾، نامعلوم مغل بادشاهه شينهن جو شڪار ڪندي. اڪبر درٻارين سان گڏ، هاڻين جي لڙائي جنهن ۾ هڪ مغل شهزادو ويٺل، راجا توڊر مل، راجا مان سنگهه، اڪبر جي والده حميده بيگم ۽ اورنگزيب جون تصويرون پٽ تي لڳل. هڪ هنڌ مغل بادشاهن جي بادشاهت جا سال لکيل هئا، جن جي ترتيب ڪجهه هن طرح هئي.

ظهير الدين بابر:	1530 ـ 1526ع
نصير الدين محمد همايون:	1565 ـ 1530ع
جلال الدين محمد اڪبر:	1605 ـ 1556ع
نور الدين محمد جهانگير:	1627 ـ 1606ع

شهاب الدين محمد شاهجهان: 1658_ 1627ع

محي الدين اورنگزيب: 1712_ 1707ع

ميوزيم تڙ تکڙ ۾ ڏسي ٻاهر نڪتس. سڄ آهستي آهستي اولهه ڏي ٽٻي هڙڻ جي تيارين ۾ هو. اوچتو پريان اتر_ اولهه ۾ منهنجي نظر وڃي هڪ چوٽٽنيي‌۽ تي پئي. مان تکڙيون تکڙيون وکون کڻي ان طرف ويس. قلعي جي اتر_ اولهه ۾ وٽن وٽ پهتس. اها چوٽٽنيي ڪنهن انگريز جي قبر هئي. ڳاڙهي رنگ جي جوڙپوري پٿر سان جڙيل، جنهن جا انگريزي ۽ گجراتي ۾ لکيل ڪتبا مون غور سان پڙهڻ شروع ڪيا.

Well done thou good and faithful servant entre thou into the Joy of the God.

In loving memory of Herbert Edward Waston, Deputy Commissionor Thar and Paraker. Died Feb 26, 1894. aged 47.

چبوتري جي پر ۾ وري لکيل هو.

H.E. Waston, Sindh Commissioner, for many years Deputy Commissioner of this Dist; Born 23. November 1846- Died 26 Feb. 1894. This memorial was erected by the subordinate officials and the Zamindars of Thar and Parkar. in rememberance of his good quailities and in Token of their affection for him.

سؤ ورهيه پراڻي عبارت ڏاڍي مشڪل سان ٿي پڙهڻ ۾ آئي. الائجي ڇو ڪنهن به ٽر جي تاريخ ۾ يا عمر ڪوٽ جي ذڪر ۾، هن غريب الوطن ٽر ۽ پارڪر جي ڊپٽي ڪمشنر مسٽر واسٽن جو ذڪر ڪونهي، جنهن پاڻ کي سنڌ جي ڌرتي ۾ پورائي ڇڏيو.

واسٽن جو نالو پڙهندي منهنجي ذهن ۾ ڪتڪيو. ته هيءُ نالو ڪٿي پڙهيو اٿم. اوچتو ياد آيو ته واسٽن نالي ٽر ۽ پارڪر جي ڊپٽي ڪمشنر کي ٽر جي قديم ماڳن ۽ مندرن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو.

هيءُ ئي اِهو همراهه هو، جنهن پالوا کان ڇڻ ميلن جي مفاصلي تي واقع گوڙيءَ جي عاليشان مندرن جي هڪ حصي جي 1894ع ۾ کوٽائي ڪرائي هئي. چون ٿا ته جڏهن گوڙيءَ جي مندروٽ ٽهيل غفا جي اندر ڇڻ ڪوٽين مان آخري ڪوٽي جي اندران کوٽائي پئي ڪرايائين، ته اتان ڪيس ڪوئي پراسرار آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن بعد هن مزدورن کان کوٽائي بند ڪرائي ڇڏي ۽ واپس جڏهن ڇاڇري ڏانهن روانو ٿيو ته رستي ۾ بيمار ٿي مري ويو. سندس لاش ڇاڇري کان اٽن تي عمر ڪوٽ کڻي آيا، جتي عمر ڪوٽ جي قلعي ۾ اڇي ڪيس دفن ڪيائون. همراهه ڄائو ست سمنڊ پار انگلينڊ ۾ ۽ دفن ٿيو اڇي سنڊ جي متي عمر ڪوٽ ۾!

الائي ڇو واسٽن جي ذڪر تي منهنجي دل غمگين ٿي ويئي. سج ان مهل اولهه ۾ ٽٻي هڻڻ وارو هو. شام جا لهندڙ پاڇا آهستي آهستي لڙي مون کي احساس ڏيارينداٿ پئي ويا ته هي زمانو 1894ع جو نه پر 1998ع جو آهي ۽ وقت، وقت وڏو بيوفا ۽ تاريخ ڏاڍي ظالم آهي. هر شيءِ کي وقت اڏوهيءَ جيان کائي ٿو وڃي. ڪنهن پراڻي قلمي نسخي جي ورق ورق وانگر گم ٿي وڃي ٿي. هر شيءِ ! هر شيءِ فنا، نه رڳو فنا بلڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ! هزارن ورهين کان زندگي ۽ انسان جو سلسلو شب و روز وانگر جاري وساري. ڪئين آيا. ڪئين ويا، نه رهيو ڪنهن جو نالو نشان ۽ آثار. هر شيءِ زمين جي دز ۾ گم ٿي ويئي. تاريخ جي ورقن ۾ کوئجي ويئي.

..... هيٺ اسان جا همسفر گاڏي جو هارن زور زور سان وڄائي مون کي سڏي رهيا هئا. عمر ڪوٽ جي آسمان تي چانيل اونداهي هر طرف کان ڪنهن غنيم جي حملي آور لشکر وانگر عمرڪوٽ جي شهر ۽ قلعي کي وکوڙي رهي هئي. مان گاڏيءَ ۾ ويٺس ته گاڏي عمرڪوٽ کي ڇڏي رخ رکيو حيدرآباد طرف، جتي اسان جي هن سفر جي پڄاڻي ٿيڻي هئي. مون گاڏيءَ ۾ ويٺلن طرف نهاريو. هر ساٿي سفر جي ٿڪ سبب آهليو پيو هو. ٻاهر رات جي اونداهي ڇانئجي ويئي

هئي ۽ اسان جي وين رات جي اونداهيءَ کي چيريندي روڊ کي پار ڪندي پئي ويئي. مون کي گورڪيءَ جو شعر ياد اچي ويو:

هن سفر جي آخري مرحلي ۾
پرهه ڦٽيءَ جي گهڙي آ ويجهي.
رات جي پاڇن ۾ ويڙهيل آ برپٽ،
پر اسان کي هن پاسي آ ويڙو.
ڏوڙاءِ گهوڙيءَ کي ته ڏينهن سان گڏجون.
جو ميدان جي هن پار چمڪي ٿو.
پر ڏيان رهي چنڊ جي چهري کي.....

۽ باهر ذوالحج جي اڌ اونداهي آسمان تي سورهينءَ جو چنڊ آهستي آهستي ٿر جي پاسي کان نڪرڻ وارو هو.

☆☆☆

ڪڏهن اتر سامهان،
ڪڏهن دونهين جهل

هينئر شام جا سايا ڇهه وڳا آهن. ڪجهه مهل اڳ طوفان لڳي چڪو آهي. مان ٻاهر اڱڻ ۾ ڪٽ تي ويٺو هي سڀ ڪجهه لکي رهيو آهيان. تيز هوا لڳي پئي، آڪاس تي ڪارا ڪڪر چانيل آهن. هوا ۾ متيءَ جي هڪ عجيب سڳنڌ آهي ۽ اها چيڪي متيءَ جي عجيب سڳنڌ منهنجي من کي ڏاڍو وٽندي آهي ڪيتري عرصي کان وٺي. هن ئي سڳنڌ جي ڪري مان اندران هلي اچي ٻاهر اڱڻ ۾ ويٺو آهيان. منهنجو من الائي ڇو اداس آهي. جڏهن کان وٺي مان هڪ هنڌ تي ويٺو آهيان، تڏهن کان وٺي محسوس پيو ڪريان ته منهنجي اندر ۾ ڪائي تبديلي اچي وئي آهي. اڳي اندر کي ڪائي جستجو نه هئي، پر هاڻ اندر کي الائي ڪهڙي ڀُولا آهي. انسان جيڪڏهن غور ۽ فڪر ڪري ٿو ته پوءِ هو ڀُولا ۽ جستجو جي اٽ ڄاڻ پيچرن تي پٽڪندو رهي ٿو. ڪنهن اٽ ڄاڻ منزل جي تلاش ۾. مون ڪيترائي ڀيرا محسوس ڪيو آهي ته انسان جي اندر ۾ هڪ ٻي دنيا به آباد آهي، جنهن ۾ اسان ڪڏهن به جهاتي پائي نه ڏني آهي. مون به اڳي ڪڏهن اندر جي دنيا ۾ جهاتي پائي نه ڏني هئي. پر هاڻي جڏهن کان وٺي هڪ هنڌ تي ويهي غور ۽ فڪر ڪيو اٿم ته اها اندر جي دنيا ظاهر ٿي پيئي آهي ۽ مان به هاڻ ڪوشش ڪندس ته اندر جي دنيا ۾ ٽپو ڏئي ٻاهرئين دنيا جي نظرن کان اوجهل ٿي وڃان.

☆☆☆

مون کي است مان ست ڏانهن وٺي وڃ،
مون کي انڌڪار مان پرڪاش ڏانهن وٺي وڃ،

مون کي مرتيو مان امرپڻ ڏانهن وڃي!

(اپنشد مان)

سپنن جا سنسار ۾ ته ڪيترا نه عجيب آهن. سپنن جي سنسار ۾ انسان ڪڏهن ڪڏهن ايترو ته ڪوڙجي وڃي ٿو، جو پوءِ هن کي حقيقت جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پوڳڻو پوي ٿو. مان ۽ ڏينهون ڏينهن سپنن جي سنسار ۾ ايترو ته گم ٿي ويو آهيان، جو هاڻ شايد اتان موٽي اچڻ ۾ ڪو وقت لڳندو!

☆☆☆

هنومان ٻڌ سان شرط رکيو ته مان ٽپو ڏيئي تو کان اوجهل ٿي سگهان ٿو، پوءِ هن اونهو ساهه کنيو ۽ وڏي چلانگ ڏئي ڪيڏانهن اوجهل ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو موٽي آيو ۽ ٻڌ کي چيائين "سرشٽي جي پوئين چيڑي تي پنج ڳاڙهي پٿر جا ٿنيا آهن."

شاڪيه مني هن ڏانهن پنهنجو هٿ وڌايو، جنهن ۾ هر آڱر زخمي هئي ۽ هن کان پڇيو. "اُهي هنن وانگر نه هئا؟"

(هڪ ڏند ڪٿا)

☆☆☆

ساڻين ڪريو سڏڙا، لڪ چڙهيو رڻ روءِ،
هينڙو ڪچيءَ تند جيئن، ڇڇيو ڇڇيو پوءِ،
ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، ته پرت پراڻي نه ٽئي!

☆☆☆

۽ ڪالهه رات پورنماسي جي رات هئي. مان ٻاهر اڱڻ ۾ ڪٽ تي ستو پيو هئس ته اوچتو آڏي رات جو مون محسوس ڪيو ته ڪائي ڳوري چيز منهنجي ڇاتي تي اچي سوار ٿي آهي، ڪوئي اڻ ڏٺل وجود هو، جنهن منهنجي بت مان سجو ست ڪڍي ڇڏيو. مون رڙيون ڪرڻ چاهيون، پر آواز نه نڪري سگهيو. مون اُٿڻ چاهيو، پر اُٿي نه سگهيس ۽ پوءِ جڻ ڪنهن اونهي کوهه ۾ پاڻ کي ڪرندي محسوس ڪيم ۽ پوءِ سجو هوش وڃائي ويٺس.

آخر هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ڇا اهو به هڪ ڊپ جو قسم آهي يا ڪي پراسرار اڻ ڏٺل قوتون آهن، جيڪي انسان سان هر وقت گڏ

رهن ٿيون. ڪهڙي خبر ته هن سنسار ۾ وسندڙ ماڻهو جي ماضي جو ڪهڙين ڪهڙين شين سان ڪهڙو ڪهڙو ناتو آهي؟ مون کي الائي ڇو هاڻ ڊپ ڪنهن بہ شيءِ کان نٿو ٿئي!

رگ وید ۾ رات ۽ پرهہ ڦٽيءَ کي هڪ ٻئي جون پيٽيون سڏيو ويو آهي ۽ سچ پچ ته رات جي تاريڪي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جي ڪير جهڙي سوجهري ۾ بہ هڪ عجيب سونهن آهي.- پرهہ ڦٽي جي سونهن ۽ رات جي تاريڪي جنهن ڏيان گيان سان ڏٺي آهي، اهو انسان سدائين سندرتا ۽ پيار جي تلاش ڪندڙ هوندو آهي. رگ وید ۾ پرهہ ڦٽيءَ لاءِ اشاس جو لفظ ڪم آيل آهي. لکي ٿو ته اڄ کان هزارين سال اڳ جو انسان بہ پرهہ ڦٽيءَ جي تلاش ۾ هو. رگ وید جا ڪيترا ٻڌن اهڙا آهن، جن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته جڻ اهي ٻڌن سنڌوءَ جي ڪپر تي تاريڪ رات جو پوئين پهر مهل آڪاش ۾ پرهہ ڦٽيءَ جي اچڻ جا آثار ڏسي ڪن ٻڌيمانن ويهي ڳايا هئا.

"اي اشاس ديوي! اسان تي پنهنجا بهترين ڪرٽا چمڪاءِ ۽ اسان جي زندگي کي طويل ڪر!"

پر مون کي ته رات جي تاريڪي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جي سونهن ٻئي وٽن ٿا. مون الائي ڪيتريون راتيون جاڳي، هن رات جي تاريڪي ۽ هن روز ٿيندڙ پرهہ ڦٽيءَ جي مڌر مڌر سوجهري ۾ پنهنجي پاڻ کي گم ٿيندي محسوس ڪيو آهي! ۽ سچ پچ اي اشاس ديوي! تون زندگي جي سپنن جي اها لات آهين، جنهن جي سوجهري ۾ هر کوئي پنهنجي منزل تلاش ڪري وٺندو، پر اهي فاني انسان جن مون وانگر حسرت سان هن پرهہ ڦٽي کي ڏٺو هوندو، جيڪي هن دنيا مان هليا ويا، انهن کي ڪير ياد ڪندو؟

☆☆☆

اي ڏينهن! تون ڪڏهن ته ڪيترو پيارو ٿي وڃين ٿو.
اي رات! تون ڪڏهن ته ڪيڏي نہ اداس ٿي وڃين ٿي.
اي رات! ڪڏهن ته تون ڪيتري نہ مٺي بنجي وڃين ٿي.
اي ڏينهن! تون ڪيترو نہ درد سان پرجي وڃين ٿو، جيڪڏهن هن کي اڇو ناهي،

ته توهين ٻڌي گم ٿي ڇونٽا ٿي ويجو! (امارو)

☆☆☆

اڄ صبح جو سويل اڪ ڪلي ڦٽي ۽ اُها پرهه ڦٽيءَ جي مهل هئي. آسمان ۾ پوئين پهر جي پڇاڙيءَ جو چنڊ پنهنجي مڌم مڌم اداسي واري پيلاڻ سان ڪڙيل هو. اُن جي آس پاس ڪان ڪوئي تار و ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيو هو. پريان ڪائي ڪوئل ڪوڪ ڪري رهي هئي. ان مهل ڪوئل جي اها ڪوڪ ۽ اسر جي ٽڏي ٽڏي هير ڏڪي مون کي پنهنجي ننڊپڻ ڏانهن وٺي وئي! اها ڪوئل ۽ سندس ڪوڪ مان اڳي به ٻڌي چڪو آهيان. ڪيترو وقت ٽيو آهي جو مان پنهنجي ننڊپڻ جي يادگيرين ۽ ماضيءَ جي واقعن کان پري پڇندو آيو آهيان. منهنجون ڪيتريون ننڊپڻ جون يادگيريون ان ڪوئل جي ڪوڪ ۾ لڪل آهن. مون کي خبر آهي ته اها ڪوئل سامهون اسان جي گهر اڳيان وڏي بڑ جي وڻ ۾ ڪوڪي رهي آهي. ان جهوني بڑ جي وڻ هيٺان مون راندیون کيڏيون آهن. مون کي ياد آهي ته ننڍڙي هوندي پرهه ڦٽي جو ان ئي مهل جڏهن ڪوئل ڪوڪ ڪندي هئي ته مان ننڊ مان اٿي ننڍڙي بالٽي کڻي ايڏانهن ڊوڙندو هيس. اتي هڪ اجاڑ باغ هوندو هو، جنهن ۾ چنبيلي جا وڏا شاهي ٻوٽا هوندا هئا. جتان اتي جو پوڙهو مجاور به گل پٽيندو هو ۽ مان به گل چنندو بالٽي ۾ وجهندو ويندو هيس. هو درگاهه جو پوڙهو مجاور ذري گهٽ انڌو هوندو هو، جنهن جي ڪري گل گهٽ چني سگهندو هو ۽ مان سڄي بالٽي چنبيليءَ جي گلن سان پري خوش خوش گهر ڪٽي ايندو هئس. اهي اڇا اڇا ڪير جهڙا گل مان اڇا تائين نه وساري سگهيو آهيان. اڄ انهيءَ باغ تي ماٺهن جا گهر آهن. ڪو وقت ٽيو ته اهو پوڙهو مجاور به مري چڪو آهي. اهي چنبيليءَ جا ٻوٽا ۽ انهن جي پرسان بيٺل زيتون جو وڻ، جنهن تي بيهي مون هڪ فوٽو ڪيڙايو هو، سڀ گم ٿي چڪا آهن. هاڻي اتي فقط اهو بڑ جو وڻ وڇي بچيو آهي، جنهن جي وڏي ٽڙ تي مون ننڍڙي هوندي پنهنجو نالو لکيو هو.

ڇا اها ڪوئل ساڳي آهي؟ ڇا هن جي ڪوڪ ڪنهن کي سڏي رهي آهي؟ جيڪڏهن هيءَ اها ساڳي ڪوئل نه آهي ته پوءِ هن

جي ڪوڪ اها ساڳي ڇو آهي؟ وقت سدائين ساڳيو آهي. فقط انسان ساڳيا نہ آهن. هر چيز فنا آهي.....

ڪاش! مون کي زندگي هڪ پيرو ايتري مهلت ڏئي، جو مان هڪ پيرو پنهنجي ان ننڍپڻ جي اوسٹا ۾ هليو ويان. اها ننڍپڻ جي اوسٹا، جنهن ۾ سوچن تي ڪي پهرا نہ هئا. منهنجي دل تي ان مهل الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون تري آيون. ڏيري ڏيري روشني ڦٹڻ لڳي. ٻاهر روڊ تي گاڏين جي هلڻ جو آواز شروع ٿيو. مان ذهن ۾ اهي سڀ ڳالهيون رکي سمهي پيس هڪ مني ننڊ. ڪاش! مان زندگي ۾ اهڙي ننڊ ڪري سگهان!

☆☆☆

ڪيس انهيءَ سانوري شام جو ڏنڊلڪو ياد آهي، جڏهن هن گلن سان ڀريل ٻوٹي جي پاڇي ۾ سندس پريم جو قسم کنيو هو. ڪيس هن جي بيوفائي ۽ ياد آهي. هن جو ڪوڙ، هن جو ائين بي رحميءَ سان هليو وڃڻ ۽ هوءَ خوش آهي تہ هوءَ اهڙي ماڻهو جي ڏنڊي مان بچي وئي، پر چانڊوڪيءَ ۾ وڻ تي ڪڙيل گل ڪيس سدائين ڏنڊلا نظر ايندا آهن!

(امارو)

☆☆☆

جڏهن ۽ رات ٿئي ٿي ۽ انسان جي چئني پاسن کان تاريڪي ڦهلجي وڃي ٿي، تڏهن مان پنهنجي هستي کي ڪيترن پاڳن ۾ ورهايل محسوس ڪندو آهيان. اها هستي ۽ ان هستي جا ورهايل ڪيترا پاڳا، جن ۾ هر طرف کان اونداهي آهي، تنهن ۾ الائي ڪيترا ڊپ جا پاڇا آهن، ۽ اهي پاڇا هلندي هلندي هاڻ مون کي محسوس ٿيڻ لڳا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن هلندي هلندي مون کي محسوس ٿيندو آهي جڻ ڪوئي منهنجي پويان هلي رهيو آهي..... پر ڇا رات جو ڊپ سان ڪوئي گهرو سنبڌ آهي؟(جڏهن اونداهي رات جو پويون پهر ٿيندو آهي، يعني جڏهن رات جو ايا ڪجهہ حصو باقي هوندو آهي، تڏهن مان زندگيءَ سان هر تعلق ختم ٿيندي محسوس ڪندو آهيان.)

☆☆☆

سنگھمترا منھنجي ذھن ۾ چيندڙ اھو ڪردار آھي، جنھن تي مان اڃا ڪجھ بہ نہ لکي سگھيو آھيان. منھنجي ذھن جي اونداھن ڪنڊرن ۾ الائي ڪھڑا ڪھڑا نالا ۽ ڪردار ٽڙيا پکڙيا پيا آھن، جن تي جڏھن بہ مان سوچيندو آھيان تہ پنھنجي من ۾ اتھاس جي انھن ڪردارن لاءِ ڪائي ازلي ڇڪ محسوس ڪندو آھيان ۽ اھا ازلي ڇڪ الائي ڪھڑي آھي، جيڪا سدائين ڇڪي مون کي اتھاس جي اونھي سمنڊ ۾ ونڊي ويندي آھي.

سنگھمترا، اشوڪ موريا جي ڏيءَ/ پيٽ ھئي، جيڪا پوءِ يڪشو ڏي پنھنجي پاءُ مھيندرا سان گڏ، شاڪيہ مني جي فلسفي جو پرچار ڪرڻ لاءِ سريلنڪا جي راجا تسا جي دعوت تي سريلنڪا وئي ھئي سمنڊ جھاڳيندي. (ق م 250)

ٻڌازم ڦھلائڻ ۾ اشوڪا جو ڪردار اتھاس ۾ تمام اھم جاءِ والاري ٿو. اھڙي ريت اتھاس ۾ سنگھمترا ۽ مھيندرا جا ڪردار بہ عجيب آھن. ان زماني ۾ جيترو مھيندرا ماڻھن ۾ مشھور ھو، سنگھمترا ان کان بہ وڌيڪ عورتن ۾ مشھور ھوندي ھئي ۽ مان سدائين سنگھمترا جي نالي ۾ الائي ڪھڑي ڇڪ محسوس ڪندو آھيان. مان چاھيان ٿو تہ سنگھمترا جي زندگي تي ڪجھ لکان. ڪاش زندگي ايترو ساٿ ڏئي جو مان ھن ننڍي ڪنڊ جي اتھاس ۾ اونھي ٽبي ھڻي ڪي املھ ماڻڪ ھٿ ڪريان. املھ ماڻڪ، جيڪي ھزارن سالن جي اونھائين ۾ گم ٿي چڪا آھن! پر مان بہ تہ ھن ننڍي ڪنڊ جي اتھاس جو ڪوئي ڪردار آھيان، جنھن کي وقت جي بي رحم وھڪرن، جنم جنم جي چڪر ۾ ڦاسائي بيچين آتما بنائي ڇڏيو آھي. مون کي الائي ڇو لڳي ٿو تہ مان بہ ان سريلنڪا واري مشن ۾ مھيندرا ۽ سنگھمترا سان شامل ھيس، سريلنڪا ڏانھن ويندڙ ٻيڑي ۾ مان بہ شايد سنگھمترا سان گڏ سوار ھئس. ڇا منھنجي آتما ڪنھن يڪشوءَ جي تہ ناھي؟ ۽ مون کي سڪون بہ تہ سدائين ٻڌ مان ملندو آھي!

☆☆☆

خدا ھجي يا نہ ھجي، حقيقت فقط ھيءَ آھي تہ ڏک موجود

آهن. محبت بيڪار آهي، فلسفو بيڪار آهي، سڀ دوکو آهن. شروع ۾ نہ وجود هو، نہ عدم وجود. هر شيءِ غير حقيقي آهي، پوءِ هتي خواهش جو گذر ڪٿي؟ ڪير خواهش ڪري ۽ ڪنهن جي؟ ڪنهن بہ شيءِ جو ڪنهن بہ شيءِ سان ڪوبہ تعلق ڪونهي.
(شاڪيہ مني)

☆☆☆

اڄ تون ڏاڍو پيو ياد اچين ۽ پاڻ کي روڪڻ کان پوءِ الائي ڇو دل ٿي چاهي تہ تون گڏ هجين، اڳيان هجين، ٻيئي چُپ هجون ۽ پنهنجي پاڻ ۾ گم هجون. تو ڪڏهن ياد نہ ڪيو، جيتوڻيڪ منهنجي پيٽ ۾ تو لاءِ اها ڳالهہ سولي هئي. منهنجي طرفان خط لکڻ مناسب نٿي لڳو، ان ڪري توکان ۽ تنهنجي گهروارن کان معافي ٿو وٺان.

مون کي هينئر اوچتو اهو خيال آيو آهي تہ تنهنجي ۽ منهنجي دوستي عام رواجي نہ آهي. نہ ذاتي سطح تي، نہ ادبي سطح تي، نہ نظرياتي سطح تي، پوءِ ڇا آهي؟ ان جو جواب ايترو سولو ڪونهي. شايد گهرائپ ان ڪري آهي، جو تون مون کي سمجهي سگهين ٿو ۽ آئون توکي سمجهي سگهان ٿو. شايد ان ڪري جو اسان هڪ ٻئي جي اڳيان پنهنجو اندر کولي رکيو آهي. شايد ان ڪري جو اسين وڙهيا آهيون، ڪاوڙيا آهيون، گڏجي رنا آهيون، سڏڪا گُهٽي رنا آهيون، ان پياري دوست لاءِ، جيڪو اسان ٻنهي کي سيني کان وڌيڪ پيارو هو. عبدالحق عالماڻي جيئرو هجي ها تہ اسان ٻنهي کي گاريون ڏئي ها، ڊپائي ها، شرمسار ڪري ها. عالماڻي ڪونهي، شايد ان ڪري آءٌ تو لاءِ تون مون لاءِ ۽ اجنبي بنجي ويا آهيون. پر اها اجنبي بنجي جيئڻ جي پيڙا آءٌ پوڳيان پيو ۽ مون کي پڪ آهي تہ تون بہ پوڳيندي هوندين! پنهنجي پنهنجي هستيءَ جي اجاڑ ايوان ۾ ٻئي تنها سوچيون پيا. دل چاهي ٿي تہ اها سوچ آءٌ توکي ٻڌايان ۽ تون مون کي ٻُڌين. هن وقت، هن پل اسين ڇا ڇا پوڳيون پيا. ڪيترا نہ اڪيلا آهيون اسين. پر تون جتي بہ هجين شال خوش هجين (اها دعا توکي روايتي لڳي تہ معاف ڪجانءِ)

خط لکڻ کان پوءِ اهو سوچيان ٿو، ڪٿي مون هي خط ان ڪري

ته نه لکيو آهي ته تون مون کي ياد ڪرين!

(شوڪت حسين شوري جو 30 ڊسمبر 1976ع تي لکيل خط)

☆☆☆

مون ڪيترائي ڀيرا سوچيو آهي ته اسان جي هن زندگي کي ڇا ڪائي معنيٰ ۽ آهي؟ اسين جيئون ٿا، ڪلون ٿا، ڳالهايون ٿا ۽ ڪلندي ڳالهائيندي روئندي مريو وڃون. مري هرڪو ئي ٿو وڃي. اهو انسان ۽، جنهن ڪڏهن زندگيءَ تي سوچيو ۽ ناهي ۽ اهو انسان ۽ جنهن زندگيءَ تي سوچيو آهي ۽ پنهنجي سوچ کي ڪاڏر تي اتاريو آهي، پر ڇا مرڻ کان پوءِ انهن سيني ڳالهين کي ڪائي اهميت آهي؟ اهميت آهي ۽ الائي نه، پر ماڻهو جي مرڻ کان پوءِ هن جندڙي جي ساري جهرمر کي جيڪڏهن ڪائي اهميت ۽ آهي ته اها نظرن کان اوجهل ٿي وڃي ٿي.

۽ مرڻ ته ڪوئي ۽ نٿو چاهي. مرڻ ته ڪاموءَ ۽ نٿي چاهيو. مرڻ کان اڳ هن چيو ته "منهنجو اصلي ڪم هاڻي شروع ٿيو آهي." پر موت اڳوات ئي هن جو ڏڳ اڇي جهليو. هو موٽر يا بس جي سواري ڪرڻ کان سڀائين ڪيبائيندو هو، ان ڪري سڀائين هوري ۾ سفر ڪندو هو. مرڻ کان اڳ هو پيرس کان سينس ويو، جتان هو واپس ريل ۾ ٽي آيو ۽ ريل جي ٽڪيٽ ۽ خريد ڪري ڇڏي هئائين، پر سندس دوست ماءِڪل گليمارڊ، جيڪو پبلشر هو، تنهن جي گهٽي زور پرڻ تي هو موٽر ۾ واپس اچڻ تي راضي ٿيو ۽ هن ريل جي ٽڪيٽ ڪينسل ڪرائي. 4 جنوري 1960ع تي سينس ۽ پيرس جي وچ ۾ سندن ڪار جو ٽڪر هڪ وڻ سان ٿيو. موٽر ٽڪر ٽڪر ٿي وئي ۽ ڪامو مري ويو. مرڻ کان پوءِ هن جي ڪيسي مان ريل جي ٽڪيٽ واپس ڪرڻ جي رسيد نڪتي. ڪاموءَ زندگي ۾ فقط اها رسڪ ڪنئي، پر اها ۽ هن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي (زندگي جون قاتل قوتون سچ پچ ته اسان کان طاقتور آهن ۽ سخت بي رحم آهن.) هن هڪ پيري چيو هو ته قانون ڏانهن منهنجي جوابداري ۽ محبت ۽ منهنجي ماءُ ڏانهن منهنجي محبت جي وچ ۾ ڪوئي ٽڪرار ٿيو ته مان قانون کي چڏي ماءُ جو طرف ڪٽندس.

هن زندگي ۾ فقط ۽ بي انتها پيار ڪيا. هڪڙو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ۽ ٻيو الجزائر جي هڪ ڊاڪٽر جي ڏيءَ سائيمون سان! ڪميونسٽ پارٽي سان هن استالن جي غلط پاليسين ۽ ڪميونسٽن ياران انساني وقار ۽ عزت کي چيلينج ۽ فنڪارن ۽ انسانن کي غلام سمجهڻ جي ڪري لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيا ۽ الجزائر جي انهيءَ ڇوڪريءَ سان هن 1933ع ۾ شادي ڪئي، پر فقط هڪ ئي سال اندر ۾ بنهي جي وچ ۾ طلاق ٿي وئي.

☆☆☆

جيڪو ماڻهو سمجهي ٿو ته مان آتما کي ماريان ٿو ۽ جيڪو ماڻهو سمجهي ٿو ته منهنجي آتما مارجي وئي آهي، سي ٻئي ڪجهه نٽا ڀاڻن. آتما نڪي ماري ٿي، نڪي مارجي ٿي. اهي پليل پرش آتما جي سروپ کي نٽا سمجهن.

(ڪٺ اپنشد مان)

☆☆☆

"ڪو وقت ايندو، جو تون مون کي وساري ڇڏيندين"، تو چيو هو. پر زندگيءَ ۾ گهٽو ڪجهه وسارڻ کان پوءِ به ڪجهه رهجي وڃي ٿو، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن اُتلي پوندو آهي، ڪنهن ٻوڏ جي پاڻي جيان. اڄ جڏهن اڪيلو ٿيو آهيان ته تون مون کي ڏاڍو پئي ياد اچين. ورورڻي تنهنجو چهرو منهنجي اکين جي اڳيان اچي وري گم ٿي پيو وڃي. تون ۽ تنهنجي ياد زندگي جا اهي دک آهن، جيڪي مون سان منهنجي راهه ۾ سدائين منهن سامهون ٽيندا رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان ته زندگي حادثن لاءِ ڇا اسان کي ئي چونڊيو؟ چونڊيو الائي ڪنهن ڪنهن کي هيو، ڪهڙي خبر؟ جيون جا هي آسرا ٻه ڏاڍا عجيب ۽سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن. اسين سدائين اونداهين سان الجهي دک پرائيندا آهيون. ائين ٻه ته ٿي سگهيو ٿي ته زندگي حادثن لاءِ اسان کي چونڊ نه ڪري ها، پر چونڊ ڪرڻ جو اختيار هر دور ۽ هر جنم ۾ اسان کي نه هوندو آهي.

هاڻي مون کي اهو احساس ٿي ويو آهي ته تون، مان ۽هوءَ جيون جا ڪي اتهاسڪ ڪردار آهيون. تون حيران ٿيندينءَ ته هوءَ ٽين

ڪير آهي؟ هوءَ به تو جيان ڪوٽن ۾ ڪٽن ۾ بند هئي. تو ڪان پوءِ هوءَ منهنجي زندگي ۾ گهڙي آئي هئي. تون ماگهه جي ڏگهي سرد رات هئينءَ تہ هوءَ سانوڻ جي ڪا شام هئي. توهين ڪوٽن ۾ ڪٽن ۾ بند ڇوڪريون سچ پچ تہ عجيب آهيو، هن جيون جيان- جنهن جي اسرار کي ڪوئي سمجهي نہ سگهندو، ۾ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ توهان ٻنهي جي خاندانن جو سنڌ جي اتهاس سان گهرو سٻنڌ آهي. مون کي لڳي ٿو تہ اتهاس جي مختلف دورن جو اسان جي جيون سان بہ ڪوئي گهرو تعلق آهي. ڪو وقت هو جو مون بہ ڪي سپنا ڏٺا هئا، پر جيون جي سپنن تي الاءِ ڪٿين اونداهيون اچيو پون. جيڪي اونداهيون پوءِ ڪڏهن بہ سپنا ڏسڻ نٿيون ڏين. تنهنجي لاءِ بہ مون جيڪي سپنا ڏٺا هئا. اهي الائي ڪيئن اڏامي ويا! ڪاش اڏامي آءُ پاڻ وڃان ها. جيون جي هن وهندڙ تيز جهرٽي ۾. هاڻي تہ هٿن هٽڻ جي بہ شڪتي ڇڏائجي وئي آهي. الائي ڇو جڏهن جيءُ جهري پوي ٿو تہ پوءِ مون کي ڪائي شيءِ نہ وٽندي آهي. ڇا مان اڳتي هلي زندگي سان ناهہ ڪري ويهي رهندس؟ ڇا انهن سپنن جي سنسار ۾ ڪا بي هستي گهڙي سگهي ٿي؟ ساٺ سدائين ذهني ۾ اتهاس ٿيندو آهي. زندگي ۾ مون لاشعوري ڇڪ ڪنهن لاءِ محسوس ڪئي هئي تہ اُها پهرين تون هئينءَ ۾ توکان پوءِ هوءَ ڇوڪري هئي، جنهن لاءِ مون ساڳي ازلي ڇڪ محسوس ڪئي هئي. پر الائي ڇو ڪنهن سڻي وقت اچڻ کان اڳ ۾ ئي اسان جا جذبا، اسان جون سوچون ۾ اسان جا احساس ڪنهن اهڙي سنسار ۾ هليا ٿا وڃن، جتان ڇاهيندي بہ ڪڏهن وري موٽي نٿا اچن.

توکي شايد ياد هوندو تہ هڪ پيري مون توکي ٻڌايو هو تہ اسين پيار فقط پنهنجي پاڻ سان ڪندا آهيون ۾ جڏهن پيار فقط پنهنجي پاڻ سان ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ اهو ياد ڪرڻ جي پيٽ ۾ وسارڻ ئي بهتر آهي! ۾ مون سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو آهي. هاڻي وساري ڇڏيو اٿم پنهنجي پاڻ کي ۾ جيون جي هر شيءِ کي!

------ شام جو ڪوئي پکيئڙو پنهنجا پر ڪولي،

اُڏامندو پيو وڃي،

سرءُ جي منڊ ۾،
سڀڪل وٽن جي شاخن مان،
ڇٽي ايندڙ شام جي اُس جا ڪرڻا!
۽ پريان تيزڏوڙ ۾ اُڏامندڙ سڀڪل پن،
تو ۽ مون جيان
پر پوءِ بہ ڪا اڻ ڏٺل شڪتي
ڪنهن پاڇي جيان،
منهنجي پويان ڊوڙندي اچي پئي ۽ شام هاڻ ماضي جي شام وانگر نہ آهي!

تڏهن تہ اوندهہ،
رات جي ڪاري اوندهہ،
منهنجي من جي بند دري کي،
زور زور سان کڙڪائي رهي آهي.

☆☆☆

ـ هڪ ليکڪ کي سياست ۾ حصو وٺڻ گهرجي يا نہ، تہ اهو سوال ور ور ڏئي ذهن جي ڪئنواس تي اُپري ٿو. سچ پچ تہ جڏهن هيءَ ڀگالهہ هن معل لکي رهيو آهيان تہ دل ڏاڍي ڏکويل اٿم. سوچيان ٿو تہ ڇا واقعي مان سياست ۾ آهيان يا وقت ۽ حالتون مون کي ڏکي ايڏانهن وٺي ويون آهن، جتان واپس ورڻ ۾ بہ گهٽو وقت لڳي ويندو. منهنجو من ڏاڍو منڊل آهي. ڪالهہ ويهون ڏينهن آهي، جو مان رات جو ننڊ نہ ڪري سگهيو آهيان. هينئر بہ جڏهن سمورو جڳ ننڊ ۾ غلطان آهي تہ مان جاڳي رهيو آهيان. هي سنسان جاءِ، جنهن ۾ مان رهيو پيو آهيان، منهجي اندر کان وڌيڪ پڙپاڻگ ناهي. ويهن ڏينهن کان پريشان آهيان، انميءَ ڪري جو بابا کي صوبائي وزير بديع الحسن زيديءَ جي اغوا کان پوءِ منهنجي عيوض وڃي لاڪپ ۾ ويهاريو ويو آهي. اسي ڄمار جو هيءُ پوڙهو منهنجو پيءُ لاڪپ ۾ بند منهنجي لاءِ ڇا سوچيندو هوندو؟ دل ڏکي ٿي وڃي جڏهن اها ڀگالهہ سوچيان ٿو. ڪيترا پير اخيال آيو اٿم تہ وڃي پيش پوان، پر دوست ۽ ساٿي جهلين ٿا. اڄا ڪالهہ رات سوچيم پئي تہ قومي تحريڪ

جي تاريخ جڏهن اڳتي هلي ڪنهن همراهه لکي ته هن کي شايد اهو ياد به نه هوندو ته ڪهڙن ڪهڙن گمنام ڪارڪنن ڪندن سان پريل پيڇري کي ڪيئن پنهنجن هٿن سان ويهي صاف ڪيو ۽ هي جيڪا اسين اڄ ويڙهه وڙهون پيا، تنهن کي به خبر ناهي ته الائي ڪير ياد ڪندو به يا نه؟

☆☆☆

ـ اسان جو وهيل رت، اسان جهڙن ٻين هزارن ماڻهن کي جنم ڏيندو، هڪ آزاد ايراني قوم اسان جي موت جو بدلو ونندي.

(19 آڪٽوبر 1954ع تي ايران جي جن ڏهن فوجي عملدارن کي غداري جي ڏوهه ۾ گولين سان اڏايو ويو هو، انهن جا مرڻ کان پهرين چيل لفظ)

ڇا اُهي ماڻهو، جن دنيا کي بدلائڻ خاطر ظلم سان مهاڏو اٽکايو، انهن جي حياتي ۽ قرباني اڳتي هلي رنگ لائيندي؟ رنگ لائيندي به کي الائي نه؟ اهو سوال ڪيترا ڀيرا ذهن ۾ اٽندو اٿم ۽ پوءِ سوچيندو آهيان ته بلاشڪ اهي ماڻهو، جيڪي ايندڙ دور لاءِ سوچين ٿا ۽ پاڻ ظلم جو مقابلو ڪري تاريخ جي اونداهين ۾ گم ٿي وڃن ٿا، اُنهن جي آهوتي هڪ نه ڏينهن ضرور رنگ لائيندي

☆☆☆

ـ منهنجي گرفتاريءَ کان پوءِ جهاز سمنڊ جي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو ۽ گهڙي پل ۾ اچي بندرگاهه سان لڳو. مون ڏٺو ته پوليس جا اٽڪل ايڊائي سئو سپاهي موجود آهن. اهي پهرين مون کي چٽاگانگ پوليس استيشن وٺي ويا. اتي سي آءِ ڊي انسپيڪٽر عبدالحميد باجوا مون کي هڪ بنگالي پوليس عملدار جي نگراني ۾ ڏئي پاڻ غائب ٿي ويو. مون انهيءَ عملدار کي چيو" مهرباني ڪري ڪنهن حجام کي سڏائي وٺو، مان ڏاڙهي ڪوڙائڻ ٿو گهران!" بنگالي عملدار چيو، "اجهو هينئر ئي ٿو بندوبست ڪري وٺان."

انسپيڪٽر باجوا جي اچڻ تائين مان شيو ڪرائي هٽ منهن ڌوئي تيار ٿي ويٺو هئس. منهنجو ڪوڙيل منهن ڏسي باجوا کي ڏاڍو ڏڪو پهتو. چوڻ لڳو، "تون ته ڏاڍو تيز نڪتين. اسان ته ڏاڙهي سان

تنهنجي تصوير ٿي ڪيرائڻ گهري ته جيئن اها پوليس رڪارڊ ۾ رکي سگهجي!" ۽ پوءِ کا گهڙي مان ڪري ويهي رهيو. ان بعد اوچتو مرڪي چوڻ لڳو، "بهرحال ڪائي وڏي ڳالهه ناهي، هاڻ ته تون به هڪ ڏگهي مدي لاءِ قيد خاني ۾ آرام ڪندين ۽ جڏهن ٻاهر نڪرندين تڏهن ڏٺو ويندو، تيستائين ته دنيا بدلجي ويندي!"

مون چيو، "اسين به ته اهوئي چاهيون ٿا!"

باجوا اچرج مان وراڙيو، "چا؟"

مون چيو، "دنيا کي بدلائڻ"

(پنڊي سازش ڪيس جي جوابدار محمد حسين عطا جي ڪتاب "زندگي زنده دلي کا نام هي" تان ورتل)

☆☆☆

- ننڍي کنڊ ۾ جيل ڀائرين لکڻ جي تاريخ 1857ع جي بلوي کان شروع ٿئي ٿي. مولانا فضل الحق خيرآبادي جو عربي ۾ لکيل ڪتاب باغي هندستان (الثوره الهنديه) ننڍي کنڊ جي پهرين جيل ڀائري آهي، جيڪا هن غدر کان پوءِ عمر قيد جي سزا ملڻ بعد انڊيمان ٻيٽ ۾ ويهي لکي هئي. مولانا خير آبادي هڪ ڏاڍو ڏاهو سياسي سوچ رکندڙ عالم هو. سندس جنم 1797ع ۾ اوڌ پرڳڻي جي ضلعي سيتاپور جي ڳوٺ خيرآباد ۾ ٿيو. هن ڪيترن اعليٰ عهدن تي به ڪم ڪيو، جن مان لکنئو جي صدر الصدور (يعني عدالتن جو سربراهه) جو عهدو به شامل آهي. جيتوڻيڪ پاڻ امير ڪبير هو ۽ دولت ۽ علم جي وٽس ڪابه گهٽتائي نه هئي، پر سندس دماغ ۾ انگريزن جي خلاف غصو پريل هو. خيرآباد ۾ سندس عاليشان ديوان خانو ۽ محل سندس امارت جو نمونو هوندو هو، پر جڏهن 1857ع جو غدر شروع ٿيو ته هو ڪهي دهلي وڃي پهتو، جتي هن جولاءِ 1857ع ۾ جهاد لاءِ نڪتل فتويٰ تي صحيح ڪئي ۽ بهادر شاهه ظفر کي بغاوت لاءِ اُڀارڻ لڳو. انهيءَ دور جي روزنامچن مان اهو پتو پوي ٿو ته مولانا 16 آگسٽ 1857ع تي بهادر شاهه جي دربار ۾ موجود هو.

☆☆☆

لاهور فورٽ،
4 آڪٽوبر 1960ع
پياري امي!

توهان سڀائين چوندا آهيو تہ مان جيل مان ئي اوهان کي خط لکندو آهيان ۽ هاڻ وري ڪجھ اهو ئي معاملو آڏو آهي. اوهان کي پڪ هن ڀل تائين منهنجي گرفتار ٿيڻ جي جاڻ پئجي وئي هوندي.

مون کي ڪراچي ۾ 6 آگسٽ تي گرفتار ڪيو ويو ۽ اتي اٽڪل هڪ مهينو رکي لاهور وٺي آيا آهن، جتي مان هن ڀل نظربند آهيان.

منهنجي نظربندي سيڪيورٽي ايڪٽ هيٺ آهي. اها انهن ئي قانونن جي ڪاپي آهي، جن جي تحت مان ماضي ۾ نظربند پئي رکيو ويو آهيان. نظربندي جو مدو 6 آگسٽ 1960ع کان وٺي هڪ سال جو آهي، يعني مان هاڻ هتي سيپٽمبر 1961ع تائين نظربند رهندس.

منهنجي صحت بلڪل سٺي آهي، اوهان کي انهيءَ بابت ڪابہ ڳڻتي نہ ڪرڻ گهرجي.

توهان مٽي ڏنل ايڊريس تي مون کي خط لکي سگهو ٿا. ٿي سگهي تہ توهان مهرباني ڪري مون کي آمريڪي مخزن "تائيم"، "نيشنل جيوگرافيڪل" ۽ ان قسم جون ٻيون مخزنون وقفي وقفي کان پوءِ موڪلينداً رهندا، جيڪي سينسر ٿيڻ بعد مون تائين پهچي ويندیون. توهان کي تہ ياد هوندو تہ اڳي جڏهن 1951ع ۾ مان لاهور فورٽ ۾ بند هئس تہ توهين مون کي اهي مخزنون موڪلينداً هئا.

مون کي اميد آهي تہ توهان جا آپريشن ٿي ويا هوندا. گذريل پيري جڏهن توهين مختصر وقت لاءِ ڪراچي آيا هئا تہ مون کي توهان جي صحت ۽ جسماني حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. اوهان جي حالت بگڙيل هئي. مون کي انهيءَ ڳالهہ جو ڏاڍو ارمان آهي تہ منهنجي ڪري توهان کي ڏک ۽ ڳڻتي لاحق رهي ٿي. مان اوهان جي مشڪلاتن ۾ برابر اضافو ڪندو ٿو رهان.

مهرباني ڪري مون کي توهين پنهنجن سمورن آپريشنن بابت تفصيل سان جاڻ ڏيو تہ انهيءَ بابت ڪهڙي اڳيرائي ٿي آهي.

بابا، ممتاز ۽ پاپيءَ کي سلام. منهاج ۽ سندس ننڍڙي پيٽ کي

گھٽو پيار ۽ ٻين کي پڙ.

توهان سان محبت ڪندڙ

ناصر،

نظربند، سيڪيورٽي آف پاڪستان ايڪٽ،

لاهور فورٽ.

مسز علمبردار،

معرفت ڊاڪٽر جعفر حسين،

ڏوپ چائون، بنجاره هلز،

حيدرآباد، آندارا پرديس (انڊيا)

(حسن ناصر شهيد جو لاهور جي قلعي مان مرڻ کان اڳ پنهنجي ماءُ کي لکيل آخري خط)

☆☆☆

وحيد منزل 405-5-11

ايڊ هلز، حيدرآباد دکن

پيارا، پيارا ناصر،

پيارا، تنهنجو لاهور مان لکيل خط چار ڏينهن ٿيا آهن جو اچي پهتو آهي. منهنجي طبيعت ٺيڪ نه هئي، انهي ڪري جواب موڪلڻ ۾ دير ٿي اٿم. تنهنجي گرفتاريءَ جي خبر مون تائين پهتي هئي، پر انهيءَ کان پوءِ کوبه خط يا تو بابت ڪا ڄاڻ نه پهچڻ سبب دلگير هيس. خبر ئي نٿي پئي ته تون ڪٿي آهين ۽ ڪيئن آهين؟

تو سان گهٽ ۾ گهٽ خط پٽ وسيلي ڳالهه ٻولهه ٿئي ته خبر پوي ته تون ڪيئن آهين ۽ ڪٿي آهين! تو لکيو آهي ته تنهنجي صحت هاڻ بهتر آهي، خدا ڪري ته اها ائين ئي هجي ۽ تون صحتمند ئي رهين.

منهنجو ڪهڙو ٿو حال پڇين، حادثي (Accident) ٿيڻ کان پوءِ طبيعت اڳي ڪهڙي ڇڳي هئي، جو هاڻ ڇڳي ٿيندي. آپريشن ٿيڻ جي هڪ سال بعد ٻيهر اهو حادثو ٿيو، انهي کان پوءِ طبيعت بهتر نٿي رهي. ڄاڙي جي تڪليف اڃا اٿم، ٻيو وڏو آپريشن نٿو ٿي سگهي. البت ڳنڍ ۾ سڻي لڳندي، پر ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته منهنجي بگڙجندڙ صحت سبب سندن همت نٿي پوي. بهرحال

ڪانٽ جو واسطو ٻہ غريب ڪتنب سان هو. "مابعدالطبعيات" بابت هڪ نئون بحث شروع ڪري دنيا کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرائيندڙ هي فلسفي لکي ٿو. "مابعد الطبعيات تہ هڪ سمنڊ آهي، جنهن جو ڪوئي ڪنڌي ڪونهي. انهيءَ سمنڊ ۾ نہ تہ روشنيءَ جا مينار آهن ۽ نہ انهيءَ جا ڪي ڪنارا آهن. ها البت ڪٽي ڪٽي فلسفين جا ٽُٽل جهاز ضرور وکريا پيا آهن!"

پوءِ هو پاڻ بدلجي ويو. ٻائيتاليهن ورهين جي جمار ۾ هو لکي ٿو "تقدير جو ظلم تہ ڏسو، تہ مان مابعدالطبعيات تي عاشق لڳو پيو آهيان، هوڏانهن منهنجي محبوبا مون تي مهر جي نظر ئي نہ وڌي آهي!"

1770ع ۾ هو ڪانگس برگس يونيورسٽي ۾ پروفيسر مقرر ٿيو، شاگردن کي منطق ۽ مابعدالطبعيات پڙهائڻ لڳو. هو زندگي ۽ ڪائنات جي اسرارن تي ڪليل بحث ڪندو هو. ظاهر آهي تہ سندس سوچ ان دور جي حڪومت کي ناراض ڪري وڌو.

1776ع ۾ فريڊرڪ اعظم جي مرڻ بعد فريڊرڪ وليم ثاني تخت تي ويٺو، جنهن کي محسوس ٿيو تہ ڪانٽ جا ڪتاب ۽ هن جو نظريو ڪيترين حدون اورانگهي بادشاهي نظام سان پيو ٽڪر ڪائي، ان ڪري هن پنهنجو تعليم وارو وزير "دلتر" نالي هڪ شخص کي مقرر ڪيو، جنهن 1788ع ۾ هڪ سرڪاري حڪمنامو ڪڍيو، جنهن تحت مدرسن ۽ يونيورسٽين ۾ هر انهيءَ ڳالهہ جي پڙهائڻ تي بندش مڙهي وئي، جيڪا الوٿر جي عيسائي عقيدي جي خلاف هئي. وزير صاحب اهو حڪم ٻہ ڪڍيو تہ سمورا ڇپجندڙ ڪتاب اڳواٽ سينسر ڪرايا وڃن، انهن ۾ جيڪڏهن ڪائي ڳالهہ عيسائي عقيدي جي خلاف هجي تہ اها ڪڍي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ٻہ استاد تي اهو شڪ ثابت ٿيو تہ هن جي عقيدي ۾ ڪائي بدعت شامل آهي تہ ڪيس نوڪريءَ مان نيڪالي ڏني ويندي. ان وقت ڪانٽ هڪ مخزن ڪڍندو هو، جنهن ۾ هو اهي سمورا بحث شايع ڪندو هو، جيڪي وقت جي بادشاهہ کي بنهہ نہ آئڻيا. نتيجي ۾ سندس اها مخزن بند ڪئي ويئي. مخزن بند ٿي تہ ڪانٽ پنهنجا سمورا مضمون هڪ ٻئي پرڳٽي جينا ۾ ڇپرائڻ لاءِ اماٽي موڪليا.

"نہ، هرڻ جي شڪار تي مڪمل بندش آهي، ان ڪري اهي هتي هرڻ جو شڪار نہ پر تلور جو شڪار ڪندا آهن. پر هو اهو شڪار بندوقن سان نہ پر بازن سان ڪندا آهن."

"عرب هتي اچن تہ پوءِ رهن ڪٿي؟" مون پڇيو.

"هو پنهنجو بندوبست پاڻ ڪندا آهن. تنبو تولان پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن!" ڪئپٽن عابد ٻڌايو.

ڊرائنگ روم ۾ گرمي گهٽي هئي، ان ڪري جلدي جلدي ماني کائي اچي ٻاهر اڳڻ ۾ ويناسين. اڳڻ ۾ هڪ بلب ٻري رهيو هو. پريان کان جنريٽر هلڻ جو آواز رات جي سانت کي ٽوڙي رهيو هو. مٿي ٽر جي آڪاس تي چوڏهينءَ جو چنڊ نڪري نروار ٿيو هو. چوطرف کان هر شيءِ چوڏهينءَ جي چانڊوڪي ۾ وهنتل هئي. سامهون ڪارونجهر جا جبل ۽ ان جي اوپر کان سنگها ڏنڊ جا وڻ، هر شيءِ طلسمي پئي لڳي. چوڏهينءَ جو چنڊ ٽيڪ پاري نگر جي ڦٽل شهر مٿان اُپريو هو. اڳڻ ۾ رکيل ٽي وي ٽي زي ٽي وي جو ڪو پروگرام پئي هليو. رينجرز جي ڪئپٽن عابد گهٽ ڳالهايو پئي، البت ڊاڪٽر راجا فيصل ڪچهريءَ جو ڪوڙيو هو. چوڻ لڳو، "اوهين صحافي آهيو. گهٽ ۾ گهٽ هتان جي ماڻهن جي مسئلن تي ڪجهہ لکو. هتان جي ماڻهن جي زندگي ڏاڍي اذيتناڪ آهي. ڏسو تہ هو ڪيئن نہ مزربل لائيف گهاري رهيا آهن. هتي ڪابہ سهولت، ننڍي کان ننڍي بہ عام ماڻهن کي ميسر ڪونهي. پيٽ جو صاف پاڻي ميسر ڪونهي، اسپتالون ڪونهن، دوائون ڪونهن، نانگ ايترا آهن، جو اوهين ان جو اندازو نٿا لڳائي سگهو. علاج معالجي جون سهولتون آهن ئي ڪونہ. اسان کي تہ تعجب آهي تہ ايترين مشڪلاتن ۽ تڪليفن هوندي بہ هتان جا ماڻهو هن علائقي ۾ رهيا ڪيئن پيا آهن!"

"اين جي اوز هتي ڪم ڪن پيون يا نہ؟" مون پڇيو.

"اهي سڀ فراڊ آهن، ڪنهن بہ اين جي او جو اوهان کي هتي ڪوئي ڪم نظر ڪونہ ايندو. فقط پبلسٽي ۽ فنڊز جي حاصلات لاءِ بورڊ هٽي ڇڏيا اٿن. ٻہ چار اسڪول ٺهرايا اٿن، تہ اهي بہ خالي. ويراواهہ ۾ هڪ اسڪول ٺهرايو اٿن، پر اتي ماستر ئي ڪونهن.

"نہ، هرڻ جي شڪار تي مڪمل بندش آهي، ان ڪري اهي هتي هرڻ جو شڪار نہ پر تلور جو شڪار ڪندا آهن. پر هو اهو شڪار بندوقن سان نہ پر بازن سان ڪندا آهن."

"عرب هتي اچن تہ پوءِ رهن ڪٿي؟" مون پڇيو.

"هو پنهنجو بندوبست پاڻ ڪندا آهن. تنبو تولان پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن!" ڪئپٽن عابد ٻڌايو.

ڊرائنگ روم ۾ گرمي گهٽي هئي، ان ڪري جلدي جلدي ماني کائي اچي ٻاهر اڳڻ ۾ ويناسين. اڳڻ ۾ هڪ بلب ٻري رهيو هو. پريان کان جنريٽر هلڻ جو آواز رات جي سانت کي ٽوڙي رهيو هو. مٿي ٽر جي آڪاس تي چوڏهينءَ جو چنڊ نڪري نروار ٿيو هو. چوطرف کان هر شيءِ چوڏهينءَ جي چانڊوڪي ۾ وهنتل هئي. سامهون ڪارونجهر جا جبل ۽ ان جي اوپر کان سنگها ڏنڊ جا وڻ، هر شيءِ طلسمي پئي لڳي. چوڏهينءَ جو چنڊ ٽيڪ پاري نگر جي ڦٽل شهر مٿان اُپريو هو. اڳڻ ۾ رکيل ٽي وي ٽي زي ٽي وي جو ڪو پروگرام پئي هليو. رينجرز جي ڪئپٽن عابد گهٽ ڳالهايو پئي، البت ڊاڪٽر راجا فيصل ڪچهريءَ جو ڪوڙيو هو. چوڻ لڳو، "اوهين صحافي آهيو. گهٽ ۾ گهٽ هتان جي ماڻهن جي مسئلن تي ڪجهہ لکو. هتان جي ماڻهن جي زندگي ڏاڍي اذيتناڪ آهي. ڏسو تہ هو ڪيئن نہ مزربل لائيف گهاري رهيا آهن. هتي ڪابہ سهولت، ننڍي کان ننڍي بہ عام ماڻهن کي ميسر ڪونهي. پيٽ جو صاف پاڻي ميسر ڪونهي، اسپتالون ڪونهن، دوائون ڪونهن، نانگ ايترا آهن، جو اوهين ان جو اندازو نٿا لڳائي سگهو. علاج معالجي جون سهولتون آهن ئي ڪونہ. اسان کي تہ تعجب آهي تہ ايترين مشڪلاتن ۽ تڪليفن هوندي بہ هتان جا ماڻهو هن علائقي ۾ رهيا ڪيئن پيا آهن!"

"اين جي اوز هتي ڪم ڪن پيون يا نہ؟" مون پڇيو.

"اهي سڀ فراڊ آهن، ڪنهن بہ اين جي او جو اوهان کي هتي ڪوئي ڪم نظر ڪونہ ايندو. فقط پبلسٽي ۽ فنڊز جي حاصلات لاءِ بورڊ هٽي ڇڏيا اٿن. ٻہ چار اسڪول ٺهرايا اٿن، تہ اهي بہ خالي. ويراواهہ ۾ هڪ اسڪول ٺهرايو اٿن، پر اتي ماستر ئي ڪونهن.

ان تي وقت جي بادشاهہ ڏمرجي مٿس هي فرمان جاري ڪيو:

"اهو ڏسي تہ تون فلسفي جي وسيلي مقدس ڪتابن، ۽ عيسائيت جي اهم ۽ بنيادي عقيدن کي چيهو پهچائي رهيو آهين، مابدولت توکي تنبيهہ ٿو ڪرڻ گهري تہ تون شاهي عتاب هيٺ اچي چڪو آهين. اسين توکي حڪم ٿا ڏيون تہ تون فوري طور تي سموري روئداد اسان تائين پهچائي ڏي، تہ جيئن اهو فيصلو ڪري سگهجي تہ تون ڪيتري حد تائين ڏوهاري آهين، مابدولت اها توقع ٿو رکي تہ توکان آئنده اهڙي خطا هرگز نہ ٿيندي ، بلڪ تون پنهنجو فرض سمجاڻي، پنهنجي قابليت ۽ پنهنجي اثر جو صحيح استعمال ڪندين. جيڪڏهن تو شاهي فرمان کان ڪنڌ واريو تہ تو تي شاهي عذاب نازل ڪيو ويندو!"

انهيءَ شاهي فرمان جي جواب ۾ ڪانٽ لکيو تہ "هر عالم کي مذهبي معاملن ۾ ڪنهن نتيجي تائين پهچڻ ۽ پنهنجو رايو ظاهر ڪرڻ جو پورو حق حاصل آهي، پر انهيءَ هوندي بہ مان واعدو ٿو ڪريان تہ موجوده فرمانروا جي حڪومت ۾ مان ماڻ ڪري ويهندس!"

ستر ورهين جي جهور پوڙهي جي انهيءَ جواب تي ڪانٽ جي تنقيد ڪندڙن مٿس گهٽي جهل ڪئي آهي. هو لکن ٿا تہ بادشاهہ فريڊرڪ وليم ثاني جي تخت تي ويهڻ جي ٽن سالن اندر فرانس ۾ انقلاب سمورين بادشاهين کي لوڏي ڇڏيو، جنهن جي اچڻ تي خود ڪانٽ خوشيءَ جا نعرا هنيا هئا. فرينچ انقلاب اچڻ تي ڪانٽ جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها وهي آيا هئا، ۽ هن انهيءَ معمل پنهنجي دوستن کي چيو هو، "هاڻ مان شمعون وانگر اهو چئي سگهان ٿو تہ خداوند هاڻ پنهنجي بندي کي موڪل ڏي، ڇاڪاڻ تہ هنن کان تنهنجي عطا ڪيل چوٽڪاري جو منظر ڏسي ورتو آهي!"

بهرحال 1795ع ۾ جڏهن فرانس اندر انقلاب جي هلچل قدامت پسندن کي زير ڪري ورتو، تہ ڪيس اهو آسرو ٿيو تہ يورپ ۾ هر هنڌ جمهوري سرشتو قائم ٿي ويندو. ڪيس اها بہ اميد هئي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن اهو ڏيهان نظام اٿي ڪڙو ٿيندو، جيڪو سڄو جمهوريت تي ٻڌل هوندو، ۽ جنهن ۾ ڪنهن کي بہ اهڙي اجازت نہ

ڏني ويندي تہ هو ٻين کي پنهنجو غلام بڻائين يا هنن جو مال کائي ويهي رهن. نہ رڳو اهو بلڪ اهو نظام سڀائين امن جي لاءِ ڪم ڪندو رهندو. ڇاڪاڻ تہ حڪومت جو منصب اهو هجڻ گهرجي تہ هو اهڙن ماڻهن جي مدد ڪري ۽ ان جي مسئلن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿئي، نڪي انهن کي پنهنجي مفاد لاءِ ڪم آڻي. هر فرد کي پنهنجي لياقت آهر ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيڻ گهرجي، تہ جيئن هو ترقي ماڻي سگهي.

ڪانٽ جو خيال هو تہ رياست ۾ مساوات قائم ٿيڻ گهرجي. هو خاندانن ۽ موروثي سلسلن جي بنهہ خلاف هو. سندس خيال ۾ نسل درنسل جيڪي هي ڪٽنب هلندا ٿا اچن، اهو سڀ ڪجهہ ماضيءَ ۾ تشدد وسيلي هٿ ڪيل يادگار آهي!

بهرحال پوڙهو فلسفي هاڻ ٽڪجي پيو هو. حياتيءَجي آخري ورهين ۾ هو بلڪل چريو ٿي پيو، ۽ آخرڪار 1804ع ۾ هو 79 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

☆☆☆

_ "هيٽا ماڻهو بہ چاهيندا آهن تہ ڪين حياتي جا سڪ وڏ ڪان وڏ ميسر هجن ۽ اهي بہ اقتدار حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن، البت اهو ضرور آهي تہ هو پنهنجي انهي جذبي کي ظاهر ڪريو ڇڏين!" اها ڳالهہ چئي آهي، دنيا جي برڪ فلسفي شوپنهار.

هو چوي ٿو، "مون کي دنيا جي واکاڻ جي ڪهڙي پرواهہ؟ مان تہ سمجهان ٿو تہ صداقت ۽ حقيقت فقط ڪجهہ ماڻهن کي وٽندي آهي. انهيءَ لاءِ جيڪي ماڻهو حق جي ڳالهہ ڪن ٿا، انهن کي گهرجي تہ اهي ماڻ ۾ پنهنجو ڪم ڪندا رهن ۽ انهيءَ وقت جو انتظار ڪن. جڏهن مٽ جيترا ماڻهو پيدا ٿي وڃن، جن کي فڪر جو غير معمولي اسلوب وٽندو هجي. زندگي مختصر آهي، پر حقيقت ۽ سچ دور دور تائين پکڙجي ويندو آهي ۽ دير دير تائين زنده رهندو آهي. اچو تہ صداقت ۽ حقيقت جو اظهار ڪريون!"

عجب جهڙي ڳالهہ آهي، دنيا جا جيڪي بہ فلسفي ۽ ڏاها پيدا ٿيا، انهن ۾ اڪثريت اهڙن ماڻهن جي هئي، جن جي ذاتي حياتي ۾

نہ رڳو تضاد هو، بلڪ زندگي جي بي رحمين سان مقابلو ڪيائون، شوپنهار، 22 فيبروري 1788ع تي جرمني جي شهر ڊان رگ ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ هڪ مشهور واپاري هو. جنهن پنهنجي پٽ کي به پاڻ وانگر واپاري ڪرڻ پئي گهريو. 1805ع ۾ سندس والد آپگهات ڪري ڇڏيو، جڏهن ته سندس ڏاڏي به چريائپ وگهي پاڻ کي ماري ڇڏيو هو. شوپنهار جي ماءُ پنهنجي دور جي برک لبيڪا هوندي هئي، جنهن جا لکيل ناول ماٺهن ۾ ڏاڍا مشهور هوندا هئا. پنهنجي طبيعت سبب سندس ماءُ سڄي زندگي پنهنجي مڙس سان نباهه نه ڪري سگهي. مڙس جي مرڻ کان پوءِ هن عشق ڪرڻ شروع ڪيا، جيڪا ڳالهه شوپنهار کي بنهه نه وڻندي هئي. آخرڪار ماءُ ۽ پٽ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا ۽ ٻئي علخده رهڻ لڳا. البت هو ماءُ جي وڏين دعوتن ۾ ضرور شامل ٿيندو هو. سندس ماءُ وٽ ان دور جو ڏاهو گوئٽي به ايندو هو. جنهن هڪ ڀيرو شوپنهار کي ڏسي چيو هو. "اوهان جو پٽ هڪ ڏينهن مشهور ماٺهو ٿيندو!" اها ڳالهه ٻڌي شوپنهار جي ماءُ بنهه چڙي پئي. چي، "پلا هڪ ڪتب ۾ ٻه ڏهين ماٺهو ڪيئن پيدا ٿيندا."

ـ ڪتاب "The world as will" ۾ هن جياتيءَ بابت ڏاڍيون مزيدار ڳالهيون لکيون آهن. چوي ٿو ته "اسين ڪنوارا هوندا آهيون ته زندگي کان بيزار ٿيندا آهيون ۽ شادي ڪندا آهيون ته اڪيلائي کائڻ پئي ايندي آهي، دوستن سان گڏ هوندا آهيون ته مزو نه ايندو آهي ۽ اڪيلا هوندا آهيون ته دل اداس ٿي ويندي آهي."

☆☆☆

ـ ڇا تاريخ لکڻ تي ڪڏهن پابندي هٽي سگهجي ٿي؟ اهو سوال ڏاڍو عجيب آهي، پر اها به هڪ حقيقت آهي ته مغل شهنشاهه اورنگزيب عالمگير پنهنجي دور ۾ تاريخ لکڻ تي پابندي هٽي شاهي دربار ۾ تاريخ لکندڙن جي نوڪري ختم ڪري ڇڏي هئي. نه رڳو اهو بلڪ هن خانگي طرح ماٺهن کي تاريخ لکڻ کان روڪي ڇڏيو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اورنگزيب عالمگير جي سلطنت جا اصل واقعا بعدجي تاريخ نويسن جي نظرن کان بنهه اوجهل پئي رهيا آهن. چيو وڃي ٿو ته انهيءَ دور ۾ ڪن تاريخ نويسن لکي انهيءَ دور جون

حالتون قلمبند ڪيون، پر اهي شهنشاهہ جي وفات تائين ظاهر ٿي نہ سگهيون. عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ بادشاهہ جي گهر ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري جنم ورتو، جنهن جو نالو زيب النساءَ هو. (جنم 1668ع) هن فارسيءَ ۾ مخفيءَ جي نالي سان ڏاڍي خوبصورت شاعري ڪئي. چوندا آهن تہ شاعري عشق ۾ ڇوٽ ڪائڻ کان پوءِ ئي پڪي پختي ٿيندي آهي. ڪهڙي خبر تہ زيب النساءَ ڪا اهڙي ڇوٽ ڪاڏي هوندي، جو پوءِ ميڙ وانگر رجندي رجندي پاڻ بہ آخرڪار ختم ٿي وئي. ڪي تاريخ نويس اهو الزام هڻن ٿا تہ زيب النساءَ کي زهر ڏنو ويو هو.

☆☆☆

ـ انساني زندگيءَ جي ارتقا جي تاريخ بہ عجيب آهي. لکين نہ بلڪ ڪروڑين ورهين کان موت ۽ زندگيءَ جو مامرو جاري وساري آهي. لکين سج اپريا ۽ لهي ويا، پر ڪائنات جا سمورا رنگ رتول ساڳيا ئي رهيا. هي روز اپرندڙ سج، هي لهندڙ سج جي لام، هي آسمان تي شام جي مهل ڪنبهي رتا رنگ، هي اڌ اونداهي آسمان ۾ شام جو سوين رنگ، هي چند، هي ستارا، سڀ ڪيڏو نہ عجيب آهن! جڏهن کان هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي آهي، هي سڀ ڪجهہ ائين ئي آهي ۽ هزارن سالن کان پوءِ بہ ٿي سگهي ٿو تہ ائين ئي رهندو.

☆☆☆

ـ ڪالهہ دارا شڪوه جو جڳ مشهور ڪتاب تذڪره الاولياءَ پڙهي پورو ڪيم. اهو ڪتاب منهنجي مامي فقير محمد قريشي جي لائبريري ۾ پيل هو. عجيب ڪتاب آهي. شهنشاهہ هند شاهجهان جي گهر ۾ جنم ونڊندڙ هن درويش شهزادي جي لکيل ڪتاب ۾ مختلف شخصيتن ۽ درويشن جي حياتي جو بيان آيل آهي. انهن مڙني مان مون کي منصور حلاج جو داستان دارو رسن ڏاڍو وڻيو. ڏاڍ ۽ ڏمر، جبر ۽ استبداد خلاف مهاڏو اتڪائيندڙ ۾ منصور جو نالو سدائين مٿانهون پئي رهيو آهي.

هونئن تہ بادشاهن جي پگهارن ۽ انعامن جي نمڪ حلالي جو فرض نيائيندي تاريخ لکندڙن منصور کي هڪ مجذوب ۽ پاڳل طور

پئي پيش ڪيو آهي، جي هن انا الحق جو نعرو هٽي شريعت جون حدون اورانگهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر اصل حقيقت انهيءَ جي بنهه ابتڙ هئي، منصور وقت جي حڪمرانن جي خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ مکيه رول ادا ڪيو هو. چون ٿا ته هو سنڌ ۾ آيو هو. 24 ذوالحج 306 هجري جو ڏينهن تاريخ جو اهو منحوس ڏينهن آهي، جڏهن منصور حلاج کي ٽياس تي لڙڪايو ويو. سندس ڏوهه فقط اهو هو ته هن وقت جي بدترين حڪومت جي مخالفت ڪري خدا جي خلق تي ٽيندڙ ظلم خلاف آواز بلند ڪيو هو. 24 ذوالحج جي شام جي وقت جڏهن بغداد جي آسمان تي بينل سج ۾ وقت کان اڳ فقط انهيءَ ڪري لهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، چاڪاڻ ته دجلا ندي جي ڪناري ٽياس تي هڪ اهڙو لاش لڙڪيل هو، جنهن جو سر ڏڙ کان ڌار ۽ هٿ پير ڪٽيل هئا. بغداد شهر جي مٿان ڇڻ ڪوئي راکاس پنهنجا پير گهمائي ويو هو. شهر جا ماڻهو گهرن جا دريچڪڙي پنهنجن ٻارڙن کي چئي رهيا هئا ته ٻاهر ڪوئي به نه نڪري، چاڪاڻ ته گهڙيءَ کان پوءِ شهر مٿان ڪائي آفت اچڻ واري آهي. شهر جي وچ ۾ باب خراسان وٽ رهندڙ ماڻهن پنهنجن ڪڌن جي چتين تي چڙهي ڏٺو ته آسمان تي ڪوبه پکي پکڙ نٿي اُڏاڻو. جڏهن ته اولهه کان آسمان تي شفق جا رنگ ائين پئي لڳا ڇڻ ڪنهن بغداد جي زمين تان منصور جو وهندڙ رت بغداد جي آسمان تي هاري چڏيو هجي، آسمان تي شفق جا رنگ نه پر منصور حلاج جو ڪنبهي رتو رت هاريل هو.

اوچتو ڪيترا ابابيل وٽن تان اڏاڻا ته انهن جي پرن جي ڦڙ ڦڙ سبب منصور حلاج جي لڙڪيل لاش وٽ بينل پاڙيتو سپاهين جون دليون ۽ ڪنبجي ويون. سپاهين هيسيل هانوَ ۽ ڏنل نگاهن سان هڪ ٻئي کي ڏٺو. اوچتو ڪنهن سپاهي ڏوڙيَ اڇي ڪين ٻڌايو ته بغداد ۾ فساد شروع ٿي ويو آهي. سيني هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ درياءَ ڏي سامهون ڏسڻ لڳا، جتان ڪوئي قاصد سندن لاءِ اهم پيغام ڪٽي اڇٽو هو. هو سڀ ڏنل انهيءَ ڪري ۽ هئا جو هنن اڄ ظلم جي بنهه انتها ڪري ڇڏي هئي. 23 ذوالحج جي آڏيءَ رات جو زندان جي لوهي سيخن پٽيان سجدي مان ڪنڌ ڪٽي منصور چيو هو "شهادت

منهنجي نصيب ۾ آهي ۽ آخرت جي ڏينهن مان سرخروئي اڻندس"
۽ پوءِ ڪيس ٽياس جي تختي تي جڏهن آندو ويو ته هو جھونجھارن
وانگر پاڻ ٽياس جي تختي ڏانهن پنڌ ڪري ويو هو. ان مهل جيلر
جي لکيل فيصلي موجب سڀ کان پهرين ڪيس ڏٺڪن هٽ جو
حڪم ڏنو ويو. هن خاموشيءَ سان سڀ ڏٺڪا کائي هر سپاهي ۽
جلاد کي ڏنو. بعد ۾ سندس ٻئي هٿ وڍيا ويا هئا ته منصور جو رت
ٽينديون ڪري وهڻ لڳو ۽ هن مرڪي کين چيو هو، "توهان منهنجا
ظاهري هٿ ته وڍي چڏيا، پر منهنجا باطني هٿ ضرور موجود آهن،
جيڪي منهنجي منزل کي ڇهي رهيا آهن."

انهيءَ کان پوءِ فيصلي مطابق سندس ٻيئي پير به وڍيا ويا هئا ته
هن چيو هو "مان انهن پيرن سان خاڪ تي هلندو هيس، پر منهنجا
باطني پير اڃا به موجود آهن، جيڪي ٻنهي جهانن جو سفر ڪندا
آهن. تي سگهي ته انهن کي به وڍي چڏيو." اهو چئي هن پنهنجي
ٻنهي وڍيل ۽ رت ڳاڙيندڙ ٻانهن سان پنهنجو منهن اگهيو ته سندس
سموروَ منهن رت سان ڳاڙهو ٿي ويو. ان مهل ڪنهن کانئس پڇا
ڪئي ته تو ائين ڇو ڪيو؟ ته هن وراڻيو هو "مان اها ڳالهه چگيءَ
طرح ڄاڻان ٿو ته وڏيڪ رت وهڻ جي ڪري منهنجو رنگ زرد ٿي ويو
هوندو ۽ توهين سڀ اهو سمجهندا هوندا ته مان ڊڄي ويو آهيان،
انهيءَ ڪري مون پنهنجو منهن ڳاڙهو ڪري ورتو آهي ته جيئن توهان
سيني آڏو منهنجو ڪنڌ مٿي ئي هجي. پر حقيقت اها آهي ته عشق
جي نماز به فقط رت جي وضوءَ سان ئي پڙهي سگهجي ٿي!" هن اڃا
ائين چيو ته اوچتو هڪ جلاد اڳتي وڌي سندس ٻئي اکيون ڪڍي
ورتيون. اهو ڏسي بينل پاڻيتو ماٺهن جي وات مان ڊپ وچان رڙيون
نڪري ويون. ساڳئي جلاد سندس جپ کي پڪڙي انهي کي وڍڻ
گهريو ته منصور چيو، "ڪا گهڙي ترس، مون کي ڪجهه چوڻو آهي!"
جلاد سندس جپ ڇڏي ته هن بغداد جي آسمان تي آهستي آهستي
پکڙجندڙ اونداهي کي ڏسندي چيو:

"اي بحر ۽ بر جا خداوندا! تون ڪيئن نه انهيءَ کي پنهنجو
دوست ڪندين، جيڪو تنهنجي راهه ۾ هيڏا ڏک ٿو برداشت

ڪري!" هن اڃا ائين چيو ته اوچتو شام جي اونداهي ڪائنات جي هر شيءِ کي ڳڙڪائڻ لڳي ۽ جلاد اڳتي وڌي هن جي زبان کي ويڙي چڏيو. جنهن جي ويڙ سان حاڪمن سمجهيو ٿي ته هاڻ جبر ۽ ڏاڍ خلاف ڪوبه آواز بلند نه ٿيندو. آسپاس بينل ماڻهو اهو سڀ هيبت ناڪ منظر ڏسي ٿاهه کائڻ لڳا. پر اڃا منصور جو سر باقي هو. جنهن کي قلم ڪرڻ جو حڪم خليفي وٽان نه پهتو هو. هوڏانهن بغداد ۾ هڪ وڏو هنگامو شروع ٿي ويو هو. اهو ڏسندي ئي ڏڪ ۾ منصور جي سر ويڙ جو حڪم ڪڏيو ويو ته جلاد شام جي اونداهي آسمان هيٺان ترار جي هڪ ئي ڏڪ سان منصور جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري چڏيو. ڪي سپاهي اهو ويڙيل ڪنڌ کڻي خليفي ڏي ويا ۽ انهن مان ڪي واپس وريا جن فوجدار محمد بن عبدالصمد کي ڪنڌ ۾ ڪوئي نياپو ڏنو. نياپو پهچڻ شرط هن سپاهين کي منصور جي بنا سسيءَ جي ٻئي هٿ، ٻئي پير، ٻئي اکيون ۽ ڇپ ويڙيل لاش کي ٽياس تان لاهي مٽس تيل هاري، ساڙڻ جو حڪم ڏنو. تيل ۾ ٻڏل منصور جو لاش ٻڙڪا ڏئي ٻرڻ لڳو ته انهيءَ باهه ۾ منصور جو لاش نه پر ڇڻ بغداد شهر ٿي ٻريو.

۽ پوءِ اها باهه اڃا تائين نه اجهامي سگهي آهي. چون ٿا ته اڄ به انهيءَ باهه جي تپش کان شهر بغداد پنهنجا پلاند آڃا نه ڪرائي سگهيو آهي، جنهن ۾ منصور جو لاش ٻريو هو.

☆☆☆

ـ منصور حلاج جو ذڪر ڪندي ذهن جي جهروڪن ۾ بغداد جا نقش ليئاڪا پائڻ لڳا آهن.

دجلي نديءَ جي ٻنهي ڪپرن تي آباد هيءُ شهر اٽين صدي عيسويءَ ۾ آباد ٿيو. شهر جو بنياد رکندڙ عباسي خليفا هئا. بهرحال هيءُ شهر تاريخ نويسن موجب 1800 ق م ۾ "بگدادو" جي نالي سان موجود هو. جڏهن ته عباسي خليفي المنصور هن شهر کي اڏي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو. سن 900 عيسوي ڌاري لکيل هڪ تاريخ ۾ هن شهر بابت ڄاڻايو ويو آهي ته گول دائري ۾ ٺهيل بغداد هڪ قلعي وانگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جي چوگرد هڪ شاهي خندق ۽ انهيءَ کان پوءِ

ان کي هڪ وڏي شهر پناهه ڏنل آهي. شهر پناهه کي به وڏا ۽ به ننڍا در ڏنل آهن، جڏهن ته شهر پناهه تي 56 برج جوڙيل آهن ۽ هڪ برج 57 نمبر وچ ۾ واقع آهي، جتان سموري شهر جو ڏيک ڏسي سگهجي ٿو. ان جي بنهه هيٺان سپاهين جا گهر ٺهيل آهن.

پهرئين مهاپاري لڙائي هلندي جڏهن ترڪيءَ جي عثماني حڪومت جو دور ختم ٿيو، بغداد کي پنهنجي سلطنت جو حصو ڪرڻ پئي گهريو. پر حالتن پٽاندڙ 1921ع ۾ شريف مڪي کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ نئين رياست عراق جو بنياد وڌو ويو، جنهن جي گادي وارو شهر بغداد ئي بڻيو. هن شهر جو انتهائي ڏکيو حشر برپا ڪندڙ ڏينهن 10 فيبروري 1258ع آهي، جنهن ڏينهن خليفي المعتصم بالله حملي آور منگولن آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ پوءِ بغداد تي ڇڙ ظلم جي اهڙي رات لهي آئي هئي، جو ان جي اونداهي هڪ هفتي تائين جاري رهي. انهيءَ دوران هلاڪو جيڪو قتل عام ڪيو، تنهن جو ته ڪوئي حساب ڪونهي، لکين ماڻهو مارايا ويا. چيني سياح چانگ ئي پنهنجي 1259ع ڌاري لکيل سفر نامي ۾ ڄاڻائي ٿو ته بغداد جي قتل عام ۾ لکين ماڻهو پڳڙن وانگر پڳا ويا. هڪ اندازي موجب انن کان ويهه لک ماڻهو قتل ٿيا. سوين ڪتب خانا برباد ڪيا ويا ۽ دجلا ندي بيگناهن جي خون ۽ عالمن جي لکيل ڪتابن جي ورقن سان ڍڪجي وئي. هلاڪوءَ جي انهي خوفناڪ تباهي بعد اٽڪل ڏيڍ سئو ورهين تائين بغداد ۾ مسلسل سازشون برپا پئي رهيون، جڏهن ته تيمور بادشاهه ٻيهر هن حملن دوران بغداد ۾ آفت مچائي، جنهن ۾ پڙ وڏي رتوڇاڻ ٿي. ٻئي حملي ۾ جيڪو 1405ع ۾ ٿيو، تنهن ۾ ٽيل تباهي هلاڪو خان جي ياد تازي ڪري ڇڏي. انهيءَ کان سواءِ هن شهر عجيب ڏک ڏٺا. الف ليلىٰ جا قصا به هتي جوڙيا ويا.

☆☆☆

سپاهي "منگل پانڊي" ننڍي کنڊ جي تاريخ جو اهم ڪردار آهي، جنهن کان سواءِ آزاديءَ جي جنگ جي ڪهاڻي اڌپوري آهي. اهو ڪردار ننڍي کنڊ جي تاريخ جي ٻين ڪيترن ئي ڪردارن سان گڏ منهنجي ذهن ۾ سدائين اپرندو آيو آهي. 1857ع واري ويڙهه کي

نندي کنڊ جي پهرين جنگ آزادي طور مڃتا حاصل آهي .انهيءَ آزاديءَ واري ويڙهه جو پهريون سپاهي به منگل پانڊي هو، جنهن کي 18 اپريل 1857ع تي 26 ورهين جي ڄمار ۾ بارڪپور ڇانوٽيءَ ۾ ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو هو. انگريز فوج جو هي دلير سپاهي پاڻ ڦاهي کائي پنهنجو پاڻ کي هميشه هميشه لاءِ امر ڪري ويو. چون ٿا ته هو ڏاڍي اطمينان سان ڦاهي گهاٽ تائين پاڻ پنڌ ڪري ويو. ان کان اڳ ڪانئس بار بار اهو پڇيو ويو ته هو پنهنجي سازشي ساٿين جا نالا ٻڌائي، پر هو ڪجهه به ٻڌائڻ کان نابري واري وينو. مٿس جنهن فوجي عدالت ۾ ڪيس هلايو ويو، اها عدالت ديسي فوجي آفيسرن تي ٻڌل هئي. صوبيدار ميجر جواهر لال تنواڙي عدالت جو صدر ۽ صوبيدار پولا ريو ديا، ڪڙڪ سنگهه، رام سنگهه، امانت خان، سومير پانڊي، درگا رام، خدا بخش، ميروان سنگهه، سک لال، اجوڌيا پنواڙي، ظالم سنگهه، ديوان علي جمعدار، موهن سنگهه ۽ رام بخش ان جا ميمبر هئا، جن 16 اپريل 1857ع تي مٿس بغاوت ۽ آفيسرن خلاف تشدد جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلايو. 17 اپريل 1857ع تي ڪيس ڏوهاري قرار ڏئي 18 اپريل 1857ع سندس لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي.-

- اڄ اهي ڪيس هلائيندڙ آفيسر ته ڪنهن کي به ياد ڪونهن، پر منگل پانڊي کي بعد جي تاريخ لکندڙن هڪ دلير مجاهد قرار ڏئي، ڪيس تاريخ ۾ جيئاري ڇڏيو. بنگال جي راڄڌاني ڪلڪتي کان 16 ميل پرتي شهر بارڪپور ۾ ڦاهي ڪائيندڙ منگل پانڊي ، 29 مارچ 1857ع تي منجهد ڏاري سوئر جي چربي وارن ڪارتوسن خلاف جهيڙو ڪري ڪوارٽر گارڊ آڏو پنهنجي سارجنٽ ميجر تي گوليون وسايون، پر هو قسمت سان بچي ويو. اهڙو اطلاع جڏهن ليفٽيننٽ باگهه کي پهتو، ته هو گهوڙي تي سوار ٿي اچي موقعي تي پهتو، پر منگل پانڊي مٿس به ونئي فائر ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ باگهه جو گهوڙو مري ويو ۽ باگهه وڃي پٽ تي ڪريو. اهو ڏسندي منگل پانڊي ٻيهر باگهه ۽ سارجنٽ ميجر تي الرڪئي ته باگهه مٿس فائر ڪيو، پر اها گولي منگل پانڊي کي نه لڳي سگهي.

انهيءَ وچ ۾ منگل پانڊي بندوق ڇڏي ترار ڪڍي اچي مٿس

حملي آور ٿيو ته انهيءَ وچ ۾ هڪ ٻئي سپاهي شيخ پلٽو غداري ڪري منگل پانڊي کي اچي ٻک وڌو، جنهن جي نتيجي ۾ سارجنٽ ميجر ۽ باگھ پڇي پنهنجي جان ڇڏائي، اها روئداد جڏهن جنرل هيرسيءَ کي پهتي ته هو پستول پري ڪجھ سپاهي وٺي اچي ميدان ۾ پهتو. جتي منگل پانڊي پريل بندوق کٽي پنهنجن ساٿين کي پئي گاريون ڏنيون ته توهان مون کي ميدان ۾ لاهي هاٿي چو پيا پٺ ڏيو؟ ان وچ ۾ جنرل هيرسي منگل پانڊي ڏانهن وڌيو. ته ڪنهن کيس جھليو ته هو اڳتي نه وڌي. هوڏانهن منگل پانڊي ٻين سپاهين کي اهو چئي رهيو هو ته پائرو اٿو، همت ڪريو، پر ان مھل گورن جي خوف کان ديسي سپاهي همت هاري ويٺا هئا، جن سندس ڪوبہ ساٿ نہ ڏنو! اهو ڏسندي هن پنهنجو پاڻ کي گولي هٽي ڇٽي وڌو. جنرل هيرسي کيس گرفتار ڪري اسپتال آندو ۽ سندس علاج ڪرائي، مٽس بغاوت جو مقدمو قائم ڪيو.

اهڙيءَ ريت تاريخ جو هي هيرو ڦاهي کائي ويو. جڏهن ته کيس گرفتار ڪندڙ شيخ پلٽو کي انعام طور هڪ معمولي اعزاز تمغو حاصل ٿيو. گھٽي وقت کان پوءِ هڪ انگريز عملدار وڏي جاکوڙ ڪري شيخ پلٽو کي ڳولي هٿ ڪيو ۽ انعام طور کيس هڪ وڏي جاگير عطا ڪئي. اڄ تاريخ کي شيخ پلٽو ته ياد ڪونهي، پر منگل پانڊي جي ياد تاريخ ۾ ضرور مٿانهين آهي.

ـ سپاهي منگل پانڊي جي ڳالھ هلندي سندس هڪ ٻئي ساٿي جمعدار ايشوري پانڊي جو ذڪر نہ ڪرڻ سخت بي انصافي ٿيندي. جنهن کي فقط انهيءَ ڪري 16 اپريل 1857ع تي ڦاهي چاڙهيو ويو هو، جو هن ٻين سپاهين کي نہ رڳو اهو چيو ته ڪوبہ ماٺو منگل پانڊي کي گرفتار نہ ڪري، بلڪ جڏهن کيس چيو ويو ته هو منگل پانڊي کي گرفتار ڪري ته هن اهو حڪم مڃڻ کان نابري واري ڇڏي. اهي ٻئي گمنام سپاهي هئا، جن جي موت کان پوءِ 10 مئي 1857ع تي ميرٺ ۾ خوفناڪ بغاوت پڙڪو ڪاڏو، جنهن کي بعد ۾ پهرئين آزاديءَ واري جنگ جو رتبو حاصل ٿيو. چون ٿا ته 24 اپريل 1857ع تي ميرٺ ۾ ڪرنل سمائٿ سپاهين جي پريڊ ۾ حڪم ڏنو ته سمورا

سپاهي نون ڪارتوسن جو استعمال ڪرڻ سکي ويٺن. هي ڪارتوس اهي ئي هئا، جن لاءِ مشهور هو تہ انهن ۾ سوئر ۽ ڳئون جي چربي ڪتب آندل هئي. پريڊ ۾ گڏ ٿيل 90 سپاهين مان 85 سپاهين ڪارتوسن وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهن 85 سپاهين مان 49 مسلمان ۽ 36 غير مسلمان هئا. ڪرنل سمائٿ انهن 85 ڄڻن تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جي سفارش مٿي لکي موڪلي. بعد ۾ پندرنهن ڄڻن تي ٻڌل فوجي عدالت 85 باغي سپاهين کي ڏوهاري قرار ڏيندي کين ڏهہ ڏهہ سال قيد جي سزا ٻڌائي. 9 مئي 1857ع جي صبح جو 85 باغين کي پريڊ ۾ بيهاري پهرين سندن فوجي وردين لاٿيون ويون ۽ بعد ۾ لوهارن کين ڏنڊا ٻيڑيون پارايون.

اهو ڏيک ڪجهہ عجيب هو. هڪ طرف انگريز سپاهي مٿن بندوقون تاڻيو بيٺا هئا، تہ ٻئي طرف توبن جا منهن بہ سندن طرف ڪڙا ڪيا ويا هئا تہ متان ڪوئي سپاهي ڀڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي تہ ڪيس اتي جو اتي پورو ڪيو ويجي. جڏهن 85 سپاهين کي لوهہ ٻئي پارايو ويو تہ هنن پهرين انگريز جنرلن کي التجائون ڪيون تہ کين اها سزا نہ ڏني ويجي، پر جڏهن هو مايوس ٿيا تہ پنهنجي ديسي سپاهين کي شرمائڻ لڳا، چي۔ ”حيف اٿو، ايجا مات ڪيا بيٺا آهيو.“ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي ديسي فوج جا سپاهي تپي لال ٿي ويا ۽ آخرڪار هنن سيني گڏجي 10 مئي 1857ع جي شام جو بغاوت جو جهنڊو ان وقت کڙو ڪيو، جڏهن انگريزن جي ديول جو گهنڊ وڄي رهيو هو. ديسي فوج جي لشڪر پهرين قيدخاني جو رخ ڪري انهن 85 باغين کي ڇڏائي ورتو، جن قيدخاني جي اونداهين ڪوٺين ۾ آزاديءَ جو اوسيڑو ٻئي ڪيو. اهڙيءَ ريت 1857ع جي جنگ آزادي جي شروعات ٿي.

عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ تاريخ ۾ انهن 85 باغين جا نالا اڄ بہ محفوظ آهن، جن کي ٻيڑيون پارايون ويون هيون. اهي هي هئا،

1۔ متا دين، 2۔ ميرقدرت علي، 3۔ شيخ حسن الدين، 4۔ شيخ نور محمد، 5۔ تيمار نائڪ، 6۔ تسيل سنگهہ، 7۔ جهانگير خان، 8۔ ميرمحسن علي، 9۔ علي نور خان، 10۔ ميرحسين بخش، 11۔ مٿرا سنگهہ، 12۔ نارائڻ سنگهہ، 13۔ لال سنگهہ، 14۔ بشن سنگهہ، 15۔

بلديو سنگهہ، 16۔ نندو، 17۔ نواب خان، 18۔ شيخ رمضان علي، 19۔ درگا سنگهہ، 20۔ نبي بخش خان، 21۔ علي محمد خان، 22 مکڑ سنگهہ، 23۔ چورامن سنگهہ، 24۔ نجو خان، 25۔ عبدالله خان، 26۔ عيسيٰ خان، 27۔ زبردست خان، 28۔ مرتضيٰ خان، 29۔ برجور سنگهہ، 30۔ عظيم الله خان، 31۔ ڪالا خان، 32۔ شيخ سعد الله، 33۔ سالار بخش خان، 34۔ شيخ راحت علي، 35۔ دوارڪا سنگهہ، 36۔ ٽڪا سنگهہ، 37۔ رگهبير سنگهہ، 38۔ بلديو سنگهہ، 39۔ درشن سنگهہ، 40۔ امداد حسين 41۔ پير خان، 42۔ يوسف علي خان، 43۔ موتي سنگهہ، 44۔ شيخ فضل امام، 45۔ هيراسنگهہ، 46۔ شيوا سنگهہ، 47۔ مراد شير خان، 48۔ شيخ امام علي، 49۔ ڪانشي سنگهہ، 50۔ شرف علي خان، 51۔ قادر داد خان، 52۔ شيخ رستم، 53۔ پڳوان سنگهہ، 54۔ مير امداد علي، 55۔ شبون جش سنگهہ، 56۔ لڇمڻ سنگهہ، 57۔ شيخ امام بخش، 58۔ عثمان خان، 59۔ مقصود علي خان، 60۔ شيخ غازي بخش، 61۔شيخ اميد علي، 62۔عبدالوهاب خان، 63۔ رام سهاني سنگهہ، 64۔ پناهہ علي خان، 65۔ لڇمڻ ڏوبي، 66۔ رام سورن سنگهہ، 67۔ شيخ ايزد علي، 68۔ شيوا سنگهہ، 69۔ تيل سنگهہ، 70۔ موهن سنگهہ، 71۔ ولايت علي خان، 72۔ شيخ محمد عوص، 73۔ اندر سنگهہ، 74۔فتح خان، 75۔ ليک سنگهہ، 76۔ شيخ قاسم علي، 77۔ رام چون سنگهہ، 78۔ ديوا سنگهہ، 79۔ نصر الله بيگ، 80۔ سهراب خان، 81۔ عظيم الله، 82۔ اندر سنگهہ، 83۔ پرشاد سنگهہ، 84۔ دلاور خان، 85۔ غلام نبي خان.

☆☆☆

۔جيڪو مذهب علم جي خلاف آهي، اهو مذهب سچو مذهب ڪونهي. (حضرت علي)

☆☆☆

ڏينهن لڙندو پئي ويو. سالن پڇاڻان تو سان ملڻ بعد لڳو ائين، جڻ مون گهڻو ڪجهہ وڃائي ڇڏيو هو. بن هٿن مان وقت واريءَ جيان گهڻو وهي ويو هو. سنڌو درياءَ جي ٻئي ڪپر گهٽا ڪاڇي چڪا هٿا. مفاصلو وڌي ويو هو گهڻو. تو شايد اهو نہ ڏٺو تہ منهنجا نيٹ

ورهين کان پوءِ ڳوڙهن سان پرجي آيا هئا. ان وقت اسين جڏهن سڀ ڪجهہ زندگيءَ ۾ حاصل ڪري سگهندا آهيون تہ پوءِ انهيءَ لاءِ ڇو ايڏي جاکوڙ ڪندا آهيون؟ لڳي ٿو تہ اهي ڪي نصيب وارا هوندا آهن، جن کي حياتيءَ ۾ سک ۽ خوشيون اپار ۽ پنر ملن سولائيءَ سان هٿ اچي ويندو آهي.

☆☆☆

هي آرهڙ جي آسمان تي اٽڪيل زرد چنڊ ۽ ستارا ۽ پريان پاڻيءَ لاءِ تڙپندڙ ٽيٽيهر جا آواز۔ سڀ ڪيڏو نہ عجيب ٿو لڳي! ڪيترا ورهيہ لنگهي ويا آهن، جو مان ائين لوڪ کان لڪندو ٿو وتان. دل ڏاڍي چوندي آهي تہ ڪاش مان بہ آسمان تي اڏامندڙ هنن پکين وانگر آزاد هجان ها. آزادي ءَ جو صحيح احساس ئي قيد ۽ بند جي تڪليفن کان پوءِ محسوس ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پڇتاءُ جا پاري احساس ڪنهن وڏي چپ جيان منهنجي مٿان اچي ڪري پوندا ۽ پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماڻ ٿي ويهي سامهون آسمان ۾ نهاريندو آهيان. انهيءَ مهل من ۾ طرحين طرحين جا احساس اٿندا آهن. گذري ويل هڪ هڪ پل جو احساس يادگيري جي شڪل ۾ ذهن جي ڪئنواس تي اپري پوندو آهي. يادگيريون سڀ پڇ تہ ڏاڍيون عجيب ٿيندڙيون آهن. ڪاش! يادگيريون درياءَ جي لهرن وانگر ور ور ڏئي ايندڙيون رهن. گذري ويل وقت زندگي ۾ ڪڏهن بہ موٽي نٿو اچي. منهنجي ذهن جي ڪئنواس تي ننڍپڻ جي پهرين يادگيري جيڪا اپري ايندي آهي، اها آهي ننڍڙي هوندي بنهہ ننڍڙي هوندي. جو هڪ گذري ويل سمو ياد اٿم، بلڪل ياد اٿم. سياري جي مند جو هڪ صبح! منهنجي امڙ پريان مڇيءَ جو تيل ڪير ۾ اوتي رهي آهي. وڏي شاهي صفي ۾ سگريءَ ۾ ڪوئلا پيا ٻرن ۽ منهنجي نانيءَ جي امان شيشي جي گلاس ۾ مون کي ڪير پئي پيئاري. ٻاهر شاهي پڌر ۽ انهيءَ جي بنهہ وچ ۾ ٽين جي ڇپرن سان وڏو رڌڻو. اولهہ کان وراندو، اها ياد منهنجي ننڍپڻ جي پهرئين ياد آهي، جيڪا سدائين منهنجي ذهن تي ان وقت تري ايندي آهي جڏهن مان ننڍپڻ کي ياد ڪندو آهيان. ننڍپڻ جي هڪ ٻي ياد جا رنگ بہ ذهن جي ڪئنواس تي اپري اچن

ٿا. مون ضد ڪيو ته مون کي ڪئميرا وٺي ڏيو ۽ پوءِ ادا وڏو مون کي صدر وٽي ويو هو. امان کيس ويهڻ رڌيا ڏنا هئا. جنهن مان هڪ جاپاني بي بي ڪئميرا ڪوڊڪ منهنجي لاءِ ورتي وئي هئي.

اهو سال 1955ع جو زمانو هو. جڏهن مان ايجا پنجن سالن جو مس هئس. اها ڪئميرا ورهين تائين مون وٽ هوندي هئي. بلڪ سڄي پاڙي ۾ ڪئميرا ئي مون وٽ هوندي هئي. ننڍپڻ جون ڪوڙ ساريون يادگيريون انهيءَ ڪئميرا جي اک مان نڪتل فوٽن جي شڪل ۾ مون وٽ محفوظ آهن.

ڪئميرا ڇڪيءَ ۾ لڙڪائي، ڏاڍي شوق سان هر شيءِ جا فوٽا ڪڍندو هئس. فوٽا ڪڍندو هئس باغن جا، مائٽن جا، راهه ويندڙ راهگيرن جا. شهر حيدرآباد ۾ انهيءَ وقت ڪوڙ پارڪ هوندا هئا. جتي اڄڪلهه حيدر چوڪ ۽ گول بلڊنگ واقع آهن، اتي به بيحد خوبصورت باغ هوندا هئا. ڪيترا وڻ انهن منجهه هوندا هئا. بڙ ۽ پيپر جا گهٽا وڻ، جن جي ڇانو ۾ انهن پارڪن ۾ اس بنهه نه اچي سگهندي هئي ۽ بنهي پارڪن جي وچ ۾ وڏا سنگ مرمر جا حوض به ٺهيل هوندا هئا.

اهي ٻيئي پارڪ ڏاڍا سهڻا هوندا هئا. انهيءَ کان سواءِ پريم پارڪ جي ڀَالهه ئي ٻي هوندي هئي. اسين روز شام جو وڪٽوريا گاڏي ۾ شهر گهمڻ ويندا هئاسين. ڪڏهن پريم پارڪ ته ڪڏهن راڻي باغ. وڪٽوريا هلندي هئي ته مان ان جي پوئين دريءَ وارو ڇپرو مٿي ڪري رستي کي ڏسندو هئس. دل چوندي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن وري هڪ ڀيرو وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ سوار ٿيان. گاڏي هلي ته مان پردو کڻي ٻاهر ڏسان ۽ ٻاهر هڪ ڀيرو ٻيهر ماضي جي حيدرآباد موٽي اچي!

☆☆☆

- تاريخ ۾ ڪنهن جي هارائڻ يا فتح جي ڪا به معنيٰ نه هوندي آهي. ڪيترا ماڻهو اڄ نه پر هزارن سالن کان وڙهندا؛ مرندا ۽ شڪستون کائيندا پيا اڄن ۽ ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ ٻن هزارن سالن تائين اهو سلسلو جاري رهي. اسان وٽ ڇڙو ويڙهه کي ڪائي معنيٰ

حاصل آهي، باقي فردن جي نالن ۾ سچاٽپ جي ڪائي معنيٰ ڪانهي ۽ نہ تاريخ انهن جي نالن کي ڪٽي پاڻ وٽ محفوظ ڪري سگهي آهي.

☆☆☆

ـ سقراط چوي ٿو، لفظن جو غلط استعمال دنيا جو سڀ کان وڏو گناهہ آهي. هڪ ٻيو ڏاهو تاهہ هو ٿيپ (355 ق م) چوي ٿو تہ "ماڻهن ۾ ڊپ ۽ هيبت پيدا نہ ڪريو، چاڪاڻ تہ خدا انهيءَ کي سزا ڏيندو جيڪو شخص چوي ٿو تہ سموري طاقت ۽ سمورو اقتدار منهنجو آهي. گهٽو ڪري اهو ئي ٿاهو ڪائي ڪري پوندو آهي. ڏيڻ وارو خدا آهي، بندو اهو نہ سمجهي تہ هو پاڻ ڪجهہ حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ خبردار، لفظن سان ڪڏهن بہ فساد نہ پکيڙجو!" سچ پچ تہ لفظن جو جادو ۽ ساڻ دنيا ۾ فساد پکيڙڻ ڪيڏو نہ مهان گناهہ آهي. ڪهڙيءَ خبر، اڄ جيان سادا ٿي هزار قبل مسيح ۾ بہ ڪي اهڙا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي لفظن جو غلط استعمال آٿي جڳ جهان ۾ ممڻ مچائيندا هئا. هي سموري ڪائنات ۽ ان جا سمورا اسرار سمجهہ ۾ ايندي بہ ڪيڏا نہ پراسرار ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ آهن!

☆☆☆

هي اڪيلائي بہ تہ ڪيڏي نہ عجيب آهي!

ـ واندڪائيءَ جو سمورو وقت هاڻ فقط پڙهڻ ۾ گذري وڃي ٿو. ادبي ڪتابن سان گڏوگڏ هاڻ مذهبي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪيو اٿم. ڇا ڪجي، وقت گذارڻ جو ڪوئي وسيلو هجي ۽ ڪتاب وقت گذارڻ جو هڪ بهترين وسيلو ئي تہ آهي، پنهنجي مامي فقير محمد قريشيءَ جي لائبريريءَ مان ننڍي هوندي کان ئي ڪتاب کڻي پڙهندو هئس. ادبي شوق هن ئي لائبريريءَ مان پرايم ۽ هاڻ وري انهيءَ ئي لائبريريءَ جا ڪتاب ڪيڙي رکيا اٿم. ماما جي لائبريري ٽن حصن ۾ ورهايل آهي- مذهبي، ادبي ۽ تاريخي. مذهبي ڪتابن ۾ سوين ڪتاب آهن. ڪالهہ امام ابوحنيفہ جي حياتي بابت هڪ ننڍڙو ڪتابڙو هٿ چڙهي ويو. هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهي

پورو ڪري ورتم. عجب جهڙي ڳالهه آهي ته امام ابوحنيفه، نعمان بن ثابت، جنهن کي سنت جماعت جي حنفي فقهه جو باني طور مڃيو وڃي ٿو، تنهن جي زندگيءَ جو هڪ وڏو عرصو نه رڳو قيدخاني ۾ گذريو، بلڪ سندس وفات به بغداد جي شاهي قيدخاني ۾ ٿي. سندس جنم 80 هجري بمطابق 699ع ۾ ٿيو. جواني ۾ ئي فقهه جي حوالي سان تمام گهڻو مشهور ٿيو. اهو ئي سبب هو جو سندس واکاڻ ٻڌي عباسي خليفي منصور کيس بغداد جو وڏو قاضي ٿيڻ جي آڇ ڪئي، پر امام انهيءَ آڇ کي ٺڏي ڇيو ته اهو رتبو مون لاءِ ڪا حيثيت نٿو رکي. انهيءَ ڳالهه تان عباسي خليفو تپي لال ٿي ويو ۽ فوري طور تي کيس قيد ڪري ڇڏيائين. قيد خاني ۾ مٿس طرحين طرحين جون سختيون ٿيڻ لڳيون، پر پوءِ به هن آڻ نه مڃي ۽ آخرڪار قيدخاني ۾ سختيون سهندي هو 150 هجري بمطابق 767ع ۾ گذاري ويو. بغداد شهر جي عظميه پاڙي ۾ ابدي ننڊ ۾ ستل آهي. هن جيتوڻيڪ ڪوئي ڪتاب نه لکيو، پر سندس ٻن شاگردن هڪ قاضي ابو يوسف ۽ محمد الشباني حنفي فقهه جا بنياد مرتب ڪيا. هوڏانهن مٿس ظلم ڪندڙ منصور ابو جعفر عبدالله بن محمد، عباسي خاندان جو ٻيو خليفو هو، جنهن سندس پاءُ عبدالله السفاح جي وفات بعد 41 ورهين جي عمر ۾ 735ع ۾ تخت سنڀاليو هو. بغداد شهر دراصل منصور جو ئي وسايل آهي. کيس لکڻ پڙهڻ جو بيحد شوق هوندو هو، جڏهن ته اها به هڪ حقيقت آهي ته هن پنهنجي زماني ۾ مختلف موضوعن تي انيڪ ڪتاب لکرايا.

(1975ع کان 1977ع جي دوران رويوشيءَ واري دور ۾ لکيل نوٽ بوڪ جا ورق - "سنڌي ساهت"، ايل ايم سي مخزن ۽ "سنڌ رنگ" جي 1978ع واري پرچن تان کنيل)



(شاعري)

محمد علي سنڌي

پنرملن

محمد علي سنڌي

ملهه: 8 رپيا
ٽائيٽل: ع ۽ ق. شيخ
اکر: خدا بخش ابڙو
ڇپائيندڙ: طارق عالم ابڙو
ڇپيندڙ: جمالي پريس حيدرآباد
پاران: آڪاڈمي پبلشرز، ويسٽ ڪچا حيدرآباد
سول ايجنٽ: ادبيات، سول اسپتال روڊ، حيدرآباد



PUNAR MILLAN (Sindhi Poetry)
By: Madad Ali Sindhi
First Published 1982
All- Rights Reserved with Author
Price: Rs. 8-00

پنهنجي وڏي ۽ مربي ياءُ

ممتاز علي قريشي

جي نانءُ

(ڪڏهن ڪڏهن ڪارزار حيات ۾ جوان جماڻ موت ڪيڏو نه پنڌ ۾ ٽڪائي ڇڏيندا آهن!)

ڪيڇ وٽن ڪونجون،
شام لٽي آهي.
واريءَ منجهه وڃائيا، تنهنجا پيرا مون،
شام لٽي آهي.
آءٌ ائين ئي پنڌ ۾، توڙي پير پٽون
شام لٽي آهي
اڳريون آهن اڳ ڪان ڏونگر ڏاڍيون
شام لٽي آهي
ڪيڏو ڏور لڳين پيو، وبجهو هوندي تون
شام لٽي آهي.

(ايياز)

ڪڏهن نہ ڪٽندڙ سفر جو آغاز

طوفان لڳو.

ڀ ڪري پيا،

(ڪن) وٽن مان ساوا ڀ سڪل پن!

ٻاهرين طوفانن جي ڏونڏاڑ سان پن تار سپ اڇيو پٽ پون- ٽڙ پاڙان پٽجيو ويڻ، اهڙائي طوفان اندر ۾ بہ لڳندا آهن.

تيز ڪيڏي نہ هوا،

من بن ۾

رڳو تڙڪات هڻا

سپ تن ۾!

ٻاهريان/اندريان طوفان. ڏک/سک. لڙڪ/مرڪ. آشا/نراشا- ڀ ائين داخلي/ خارجي ميلاپ سان ئي ڪلا جو سرجڻ ٿئي ٿو. شمشير جي آفاقي نظر "لاٺ" جي هيءَ پهرين ست منهنجي مقصد کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي.

حقيقتن کي طبيعت جي روشني پهتي

ڀ داخلي/ خارجي رت ريت متجندي/ متجندي رهي ٿي.

بهار (جي مند) ايندي ئي

رابيل جا گل تڙي پيا آهن

ائين روايتن سان بہ ساڳي ڪر ٿيندي رهي ٿي. متجڻ/ متجڻ واري، پر هڪ ريت/روايت، جيڪا ڪنهن بہ سچي ڪلاڪار لاءِ ڪڏهن بہ نٽي متجي/متجي سا آهي، پن جڻ ۾ بسنت رت جي ورڻ جو امٽ ويساهہ- اٽڪيهين جي گهگهہ اونداهين ۾ بہ اوشا جي آشا.

پر اجامي نہ سگھيا،
تنھنجا ۾ منھنجا،
اجايل نيٺ!

"پنر ملن" جي رچنائن لاءِ ھڪ سڏي سنواتي ست تہ اھائي آھي تہ: اھي وچوڙي جا ورلاپ آھن ۾ اڪيلائيءَ جي احساس انھن کي جنميو آھي. توھان انھن رچنائن کي شعري- نثر/نثري- شعر سڏي سگھو ٿا. ھونئن سنڌي ادب ۾ اھا ڪا نئين شيءِ نہ آھي، ورھاڳي کان اڳ "سدا گلاب" ۾ اچي چڪي آھي.

ورھاڳي کان پوءِ ان قسم جي رچنائن کي ھڪ صنف جي طور ٻيھر رواج ۾ آڻڻ جو سھرو ايياز جي سر سونھي ٿو- ۽ ايياز جون اھي رچنائون سڀ کان پھرين "نئين دنيا" ۾ ڇپيون ھيون. تڏھن دادا ملڪاٽيءَ انھن کي شاعريءَ مڃڻ کان انڪار ڪيو ھو ۽ انھن رچنائن کي "نظماٽو نثر" سڏيو ھو پر ائين چوڻ سان انھن رچنائن جي اھميت گھٽي نٿي، نہ ئي دادا ملڪاٽيءَ جو ڪو اھو مقصد ھو.

موجوده دور ۾ بہ ڪيترائي نالا آھن، جيڪي ان صنف ۾ لکي رھيا آھن، پر انھن جي گھڻائي "سھل پسنديءَ" ۽ "فيشن پرستيءَ" جو شڪار آھي- ان صنف جو وڪاس (Evolution)، نئين ڪھاٽيءَ وانگر وري بہ ھند ۾ ئي ٿيو آھي. ان ڏس ۾ ھريش واسواٽيءَ ۽ شيام جئسنگھاٽيءَ گھرا ۽ گنيير تجربا ڪيا آھن ۽ اھي ڪتابي روپ ۾ پڻ اچي چڪا آھن ۽ ھتي سنڌ ۾ مدد سنڌيءَ جو "پنر ملن" ان صنف تي پھريون مڪمل ڪتاب آھي.

ھتي منڌ ۾ ئي ھڪ سوال ٿو ايري، تہ جڏھن ڪنھن بہ ليکڪ/ڪلاڪار وٽ اظھار لاءِ نثر جھڙو وسيلو موجود آھي ۽ اھو بہ ڪھاٽيءَ جھڙو سگھارو وسيلو، تڏھن ھن کي نثري- شعر/شعري- نثر ۾ لکڻ جي ڪھڙي ضرورت آھي؟ جڏھن تہ نثر ۾ بہ شعري تاثر ھڪڙو ھوندو آھي، خاص طور تي مدد جھڙي ليکڪ وٽ. تڏھن اھڙي صنف ۾ لکڻ، جيڪا بھرحال نثر کي وڌيڪ ويجھي آھي، جي ڪھڙي ضرورت پيش آئي آھي؟ ھتي منھنجو مقصد اھو ڪڏھن بہ نہ آھي، تہ ڪلا جي ھڪ ئي وقت ھڪ کان وڌيڪ صنفن سان نيائڻ

کا اڻ ٽيٽي آهي، پر ان کي ٽيٽي ٻڌائڻ جوکم جو ڪم ضرور آهي. سنڌ ۾، هند جي سنڌي ڪوتا (نثري-شعر/شعري-نثر) جي روايت سان ئي سلسلو جوڙيو ويو آهي. (سنڌ جي نئين ڪهاڻيءَ سان به ساڳيو مسئلو آهي).

جيڪڏهن ڪنهن به رچنا (نثري توڙي شعري) ۾ لفظن/ گهاڙيٽي/معنا (تاثر) جو رچاءُ/ سنگم آهي ته پوءِ اسان جون اکيون ٽڏيون.

سپنا سمورا
ساڻيا جي پنڌ ۾
ڪٽو ڪٽو ٿي ويا!

۽ انهن لفظن جو جڙاءُ نج نثر کان نج شعر کي وڌيڪ ويجهو آهي.

هتي هڪ ٻي ڳالهه به ڪري سگهجي ٿي ته، نثري- شعر/ شعري - نثر ڪٽي پابند شاعريءَ (عروض/ چند تي) کان اڻ ڄاڻائيءَ جو نتيجو ته نه آهي، پوته سنڌي اتهاس جون پاڙون ته وري به پاتال ۾ ڪتل آهن. ساڳي وقت چند/بحر تي آڌار رکندڙ شعر خيال/ جذبي فکر تي پابنديون مڙهي ٿو. ڪڏهن قافيي/ردیف کي نيائڻو آهي ته ڪڏهن وري رکنن/ماترائن جي ڳڻتي..... ۽ ائين ان روايت سان بغاوت ڪري سگهجي ٿي- ۽ جڏهن توهان اهو جوکم کڻو ٿا، بي قافيي نظم ۽ آزاد نظم کي به هرانگهه سان اورانگهڻ چاهيو ٿا، تڏهن توهان جون ذميواريون به وڌي وڃن ٿيون. پابند شاعري ۾ ته وزن/ردم/ليءَ کي برقرار رکڻ لاءِ زائد اکر اڇي ئي ويندا آهن، پر نثري-ڪوتا ۾ ائين نه ٿيڻ گهرجي، جيئن مون ص 17 جي رچنا ۾ "ڪن" لفظ ۽ ص 16 تي "جي منڊ" ڏنگيين ( ) ۾ ڏنا آهن.

مدد جون هي رچنائون گهٽي ياڳي تاثراتي ۽ ذاتي انيو تي آڌارڪ آهن. بنيادي ڪيفيت ساڳي آهي. ڏک. وچوڙي کان پوءِ جو ڏک/ ۽ وچوڙو ضروري آهي ٻيهر ملڻ لاءِ- هي رچنائون مختلف ڏسن کان ان جي روپ- ريکا آهن.

مدد "ملاقات" کي هڪ پيانڪ وچوڙي جي شروعات ٿو سڏي پر

مون وٽ، ان رچنا جي ناتي، اهو پيمانڪ وچوڙو ڪنهن مڏر ملن جي اوسيئڙي جو آرنپ آهي! يادگيرين جي ڪڏهن نہ ڪتندڙ سفر جو آغاز.

مٿي آڪاس ۾ چمڪي پيو،
سرءُ جي مند جو زرد چنڊ،
ءِ منهنجي اندر ۾ هري پيو،
يادگيرين جو اداس چنڊ!

مدد جي هنن رچنائن تي هئڊ رنگ هاريل آهي، اداسيءَ جو رنگ.

ءِ منهنجي هستيءَ مٿان
ڏيري ڏيري چانڀجي رهي آهي
صدين جي ڪائي پراچين شام!

ءِ اهڙي ئي شام، جڏهن سورج اجهامي ويندو آهي، تڏهن "پنر ملن" جو ڪوي ڦلهار مان چٽگون ڦلهورڻ لڳندو آهي- ءِ پوءِ اهي ئي چٽنگون لفظ لفظ ٿي ستون ٻڌجنديون آهن جيڪي تيز هوائن ۾ نہ اجهامنديون آهن نيٽن وانگي ايجايل نيٽ. اهوئي ڪارڻ آهي، جو ٽڪائيندڙ ڏينهن ءِ اداس سانجهين ۾ نہ مدد وٽ روشنين جي پياس جو گهرو شعور موجود آهي.

اداسيءَ جي هن گهري رات ۾،
سنڌو جي ڪناري،
نرت ڪندا رهنداسين،
ءِ،
سوجهري جو انتظار،
ڪندا رهنداسين.

ان ڏس ۾ مدد جي رچنا "صبح" جو مثال ڏيئي سگهجي ٿو. پنهنجي دور/ذات جي دڪ جو ورنن ضروري آهي، پر ان کي وشال/آفاقي بنائڻ ان کان نہ وڌيڪ ضروري آهي، خاص طور تي سنڌي قوم لاءِ. ڪنهن نہ ڪلاڪار جو بنيادي ڪڙدا روري نہ ٻاڪ جي سڪ ڏيڻ واري جو ئي هوندو آهي ءِ مدد ان ڳالهہ کان واقف آهي:

اهو وقت نہ ايندو،
اهو صبح نہ ٿيندو!

ع "شام غريبان" ۾ بہ هو:

ع دليون،

روشن آهن،

حسين جي غم جيان

"پنر ملن" جي هر رچنا هيٺان ڪاڪ ڪا تاريخ درج ٿيل آهي، جنهن مان ڪن خاص حالتن / واقعن / حادثن جو ڏس ملي ٿو، پر هتي جيڪا ڳالهه چوڻ پئي چاهيم، سا اها آهي، ته اهي حادثا / واقعا / احساس / ڪيفيتون جيترو شديد آهن، مدد انهن کي اوتروئي سهج سياڻ سان چوڻ چاهيو آهي.

چامشورو سنڌ

26-فيبروري 1982ع

امداد حسيني

کھنبي رتا رنگ

شايد ڪٽي اڳ لکيو هيم: ڪلاڪار جي من جو ماڻهو ڪنهن اهڙي سانول سائين جيان هوندو آهي جيڪو پل ۾ رسي ته پل ۾ پرچي. اهو پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ هوندو آهي. سندس گس ۾ گهيڙ، پنڌ ۾ پيچرا، رند ۾ رستا پنهنجي مرضي موجب ۾ ضرورت پٽاندڙ پيا ڦرندا آهن، بدلبا آهن ۾ مٽبا آهن! اهو ڪنهن هڪ خاص يا ساڳئي رند ۾ راهه- گس ۾ گهيڙ (ڪلا-ڪيتر) جو محتاج نه هوندو آهي، جيئن مست سنڌو وڻي ته پنيءَ ويلا نند- سپنن جي شهر مانجهندن کي منتن ۾ ٻوڙي وجي پارپوي يا ماڻ پريت ۾ بنا ڪنهن ڪريت جي، بنا ڳڙڻ ۾ گجڻ، ڦوڪجڻ ۾ شوڪجڻ يا لڇڻ ۾ ڦٽڪڻ جي ڪاريهر جيان ڪرڪٽي سنئين اوچي ڳات وات ونيو هلي وجي.....!!

اهڙيءَ طرح هيلوڪي بسنت رت ۾ مدد جي من جي ماڻهو به رکي رکي، اچانگ ۾ اوچتو کو گهيڙ ڦيرايو آهي، کو دڳ بدلايو آهي، کو رند مٽايو آهي، کو پاسو پلٽايو آهي ۾ اندران ئي اندران کات هنيو آهي ۾ ڦات کاڏو آهي ۾ هو ڪماڻي ڪيتر مان ڪر موڙي ڪوتا- گهر ۾ ٽپي پيو آهي.

ان ويل! جڏهن چوڏس چند ڪوين کان سواءِ ڪوتا جي ڪومايل/ اداس ڪاڪ راڻو راڻو پئي ڪري ۾ اهڙي وهاڻي ويلا ۾ مدد جو ڪوتا- گهر ۾ ڪڏي پوڻ اچرج جوڳو آهي- خاص طور انهن لاءِ جيڪي ڪيس چڙو ڪماڻي- ڪيتر جي حوالي سان جاڻن ۾ سجاڻن، پر مان ته ڪيس منڊ کان ئي سجاڻان! مون کي خبر آهي ته هو

شروع شروع ۾ ڪوتا۔ گھر ۾ ئي نپنو آھي. مولانا گرامي 1968ع کان سندس گيت ۽ غزل واري پابند شاعري تماھي مھراڻ ۾ ڇپيندو رھيو "سانگي" جي تخلص سان، پر مان تہ کيس ڇڙو ڪلا۔ ڪيٽر جي حوالي سان نہ پر ذاتي طرح سڃاڻانس. سندس سوچن/ آشائن/ اميدن/ منزلن ۽ ماڳن جي بہ ڇگڻيءَ پر پروڙ اٿم.

مدد جو ڪھاڻيءَ جي ڪڪوريل ڪاڪ کي ڇڏي، ڪوتا جي پابند ڪاڪ کي اورانگھي ڪوتا جي ڇڙواڳ ڪيٽر ۾ ڪاھي اڇڻ جو سبب مٿي ٻڌايو اٿم ۽ ڪارڻ جيڪر ڏنو وڃي تہ اھو پاڻ مدد جو نہ پر سندس من جي ماڻھو جو آھي. سندس اندر جي ڪلاڪار جو ڪجھ ڪچيو ۽ آڇيو آھي، آکيو ۽ ھوليو آھي، ان لاءِ ايترو چوڻ ڇا ڪافي ناھي تہ:

۔لڳي ٿو مدد جي ڪوتا ڪنھن اداس اپسرا جي ڳولا ۾ پٽڪڻ جو ٻيو نالو آھي.

۔ لڳي ٿو مدد پٽڪي پٽڪي ٻيھر اچانگ ۽ اوچتو، اک چنپ ۾ گم ٿي ويو آھي، ٻڏي ويو آھي، لھي ويو آھي ڪن نيرن گھرن نيٽن جي سمنڊ ۾ پاتال تائين ۽ پاسي ٿو ھو غواص بنجي ميڙي آيو آھي اتان پنھنجي قاتل جھول ۾ اڳ جيان ڪجھ ڏک ۽ پيڙا جي اداسي ۾ ويڙھيل ڪوتائون ھڪ پيرو وري.

".... ۽ تنھنجا سمنڊ جھڙا گھرا نيٽ (جيڪي منھنجي نس نس ۾ سمائجي ويا آھن)

ھاڻ مان ھڪ پيرو وري اداسيءَ جي انھيءَ سمنڊ ۾ ٻڏي رھيو آھيان."..... (نظم: ڪلپنا)

مدد جتي سمنڊ جھڙن نيٽن ۾ پيھي ڪي موتي ميڙيا ۽ رولیا آھن اتي نئين سنڊي ڪوتا کي ڪي اٽمٽ اميجز Images پڻ ڏنا آھن تہ ديو مالائي ڳالھ کي پھريون پيرو روشناس بہ ڪرايو آھي.

ڪجھ مثال اميجز جا:

"..... ۽ منھنجي اندر ۾ ھري پيو
يادگيرين جو اداس چنڊ!" (مند)

"..... تنھنجي يادن جا اداس ۽ ڪنھبي ۔رتا رنگ۔"

(سانجهيون)

"..... پر اجهامي نه سگهيا

تنهنجا ۽ منهنجا

اڃايل نيٺ-" - (نيٺ)

"..... مان تنهنجي جيون تي

رات سان گڏ لهي ايندس.....!" (تارو)

"..... اها منهنجي ڪلپنا هئي

ته توکي ڦري وڃان توکان." (ڪلپنا)

"..... دوستو- دشمنو

رات جي ڪاراڻ ۾

ڪا اميدن جي شمع ٻاريو!" (دوستو- دشمنو)

مدد جو هي نو لفظو نظم نه رڳو مڪمل نظم آهي پر پرڻات پڻ:

ڪاش!

مان به

هجان ها

تنهنجي

ڪائي اڻ چپيل

ڪوتا!

منهنجي راءِ آهي ته مڪمل ڪوتا لاءِ ٽاڪ آتما جو درجو ٿو رکي ۽ ردم سرير جو- مدد وٺ ٻئي ڳالهيون موجود آهن، ان ڪري سنڌس ڪوتا مڪمل آهي ۽ مون کي ته اها ڪنهن هالاري رنگ مان رتل نئين ڪنهبي جهڙي ياسي ٿي.

نثار حسيني

آن قدر روز ازل تیره نصیبم کردند،
تیرگی می طلبد "شام غریبان" از من!!



We love, and we must not be unhappy.
We are the children of light, and
let us not think of the shadows.
(Khalil Gibran)

And I hope,
you- will remember me,
in silent hours.
(K.G.)

شامِ غريبان

ءِ شام غريبان
جي هن پل ۾
جڏهن آڪاس
اڏ اونداهو،
ءِ دليون
روشن آهن،
حسين جي
غم جيان،
تنهنجي وڇوڙي
جو غم به
اڏ اونداهي
آڪاس ۾
گم ٿيندو ويجي،
شام غريبان
جي هن پل ۾!
(10 محرم 1402)

☆

آخري پرارٿنا

خدايا!
مون کي
هن
اداس
اُپسرا
جي
سونهن
جا
گيت
رچڻ
لاءِ
هڪ
پيرو
وري
ٻيو
جنم
ڏي!
(27 اپريل 1980ع)
☆

شام

جڏهن هوا
هلي ٿي،
۽ رات ٿئي ٿي،
آڪاس تي
اوپر کان،
ٽيڙو۽ ڪتيون،
پنڙا۽ ڦلڙيون،
جهرمر جهرمر
ڪن ٿا،
تنهنجي بدن
۽ زلفن جي خوشبو،
هر پاسي کان
نڪري اچي ٿي!
(24 نومبر 1981ع)

☆

ويساهہ گهاتي

منهنجي سپنن جي،
شهر جي،
اداس شهزادي،
(جڏهن پنهنجا
نيرا ۽ گهرا
نيڻ ڪٽي)
منهنجي سپنن ۾،
ايندي آهي.
تہ مان سوچيندو آهيان،
زندگي مون سان،
ڪيڏي نہ ڪئي آ،
ويساهہ گهاتي!
(26 اپريل 1980ع)

☆

زندگي

اهوئي سوچي،
مان چپ آهيان،
ته زندگي،
هر جنم ۾،
۽ هر دور ۾،
کيڏونہ ديرسان،
ملائيندي آهي،
۽ کيڏونہ جلد،
جدا ڪندي آهي.
(25 اپريل 1980ع)
☆

سڪل وٽ

تيز جهوتا سوچ جا،
هلندا ٽا وڃن،
يادن جي گهاٽن جهنگلن ڏانهن،
يادن جا گهاتا جهنگل،
جن ۾ بيٺل،
يادن جي سدا ساون وٽن جا پاڇا،
جنهن ۾ تون ۽ مان
بيٺا آهيون هٿ هٿ ۾ ڏئي،
اهي سدا ساوا وڻ،
سدائين ساڻيا نه هوندا،
ڪڏهن ته تون ۽ مان،
انهن وٽن جيان هئاسين،
۽ هاڻ جڏهن،
مان، مان نه آهيان،
۽ تون، تون نه آهين،
تڏهن مان آهيان،
بڙ جو ڪوئي سڪل وڻ،
اداس، ويران ۽ سنسان وڻ،
ساون ساون گهاٽن وٽن ۾ گهيريل!
(24 اپريل 1980ع)

☆

دوستو - دشمنو

رات جي ڪاراڻ،
تيزيءَ سان چائنجندي پئي وڃي،
دوستو - دشمنو،
ڪا روشني تہ ٻاريو،
هي اُماس جي رات،
هن اُداسيءَ جي شهر کي،
اونداهو ڪري ڇڏيندي،
پوءِ ڪوئي ڪنهن کي
ڳولي نہ سگهندو،
هٿ هٿ کي ڏسي نہ سگهندو،
دوستو ۽ دشمنو،
رات جي ڪاراڻ ۾،
ڪا اُميد جي شمع تہ ٻاريو!
(4 اپريل 1980ع)

☆

راهہ

بهار ايندي ئي،
رابيل جا گل ٽڙي پيا آهن
ڪوئل دور ڪنهن وڻ ۾
ڪوڪي پئي،
ءِ هوءَ،
پنهنجا سموند جهڙا نيٽ نوائي،
راه تڪي پئي ڪنهن جي!؟
(27 اپريل 1980ع)
☆

پيلو پن

طوفان لڳو،
۽ ڪري پيا،
وٽن مان ساوا ۽ سڪل پن!
مون ڏٺو:
انهن سڪل ۽ ساون پنن ۾،
شامل هو:
منهنجي اندر جي ڪنهن سڪل تاريءَ جو،
ڪوئي پيلو پن!
(25 اپريل 1980ع)

☆

تارو

جڏهن هنن پونڻ تي رات لهي اچي،
تہ اي ساڻي!
جيون جي هن رڄ ۾،
مٿان چانيل شام،
۽ اڪيلي آڪاس هيٺان،
پاڻ کي اڪيلو نہ پائنجان۽!
هن اونداهي رات ۾،
آڪاس ۾ چمڪندڙ ڪوئي تارو بنجي،
مان تنهنجي جيون تي،
رات سان گڏ لهي ايندس!
(26 اپريل 1980ع)

☆

پچتاءُ

زندگيءَ جي سنسان راهن تي،
جڏهن پاڻ وري ملون،
اکين ۾ پچتاءُ جا پاوڏسي،
(سموريون ڪلپنائون،
ءِ سمورا پچتاءُ
وساڻيل ڇيڻين جيان آهن)
چپن سان ڪجهه به نه
ڳالهيون،
نه مان توکي،
ڪوئي وچن ياد ڏياريان،
(تنهنجي جفائن جو،)
ءِ نه وري تون

مون کي ياد ڏيارين،
ڪوئي قسم
(منهنجي وفائن جو)
مان تنهنجي نيڻن جي نهار ۾
ڪنهن کي ڳوليان،
ڇو تون منهنجي نهارن ۾
اداسي جا پاڇا ڏسي،
وقت جي بي رحم،
پلن کي ياد ڪندي،
چپن سان چپن کي
ڇهڻ جي ڪلپنا رکي
تون ڇو مان
وري جدا ٿي وڃون.
(12 آڪٽوبر 1981ع)

☆

"ر" سيد جي نالي

ڪڏهن ڪڏهن
اکيون
چونٽيون
ساڻ ڏين منهنجو
ماضيءِ مستقبل
جي خوشي
هاڻ تہ
ساڻ ناهي مون سان،
راهہ جا انيڪ پنڌ
ڪڏهوڪو دورٿي ويا،
دل جي ويراني ۾
ڪوئي وڻ وندر
جو بہ تہ گڏ ناهي،
سپنا سمورا
ساڻيا جي پنڌ ۾
ڪٽو ڪٽوٿي ويا
ياد ناهي

ڪڏهن ۽ ڪٿي
مون سوچيو هو
اکين ۾ تنهنجا چتر
اُڪرجي وڃن،
خالي خالي اکين سان
۽ مان رهجي وڃان اڪيلو،
اهو تہ مون نہ چاهيو هو،
شام جي ڏِگهن پاڇن جهڙن
پاون سان،
اکيون
چونٽيون
سات ڏين منهنجو!!
(حيدرآباد، 24 نومبر 1981ع)
☆

صبح

اهو صبح بہ ٿيندو!
جنهن صبح لاءِ،
تنهنجا ۽ منهنجا
اجهاڻل نيٺ آتا
۽ اجايل آهن،
جنهن صبح لاءِ
روئندڙ ڇهرا
۽ ٽمڪندڙ ڳوڙها
الائي ڪڏهن کان
اوسيئڙي ۾ آهن
اهو وقت بہ ايندو،
جڏهن اونداهين راهن تي
ٽمڪندڙ ٽيڙن
۽ چمڪندڙ تارن
جي روشني ۾
ڪوئي ڪنهن کان
جدا نہ ٿيندو،
هٿ هٿ کان
الڳ نہ ٿيندو
اهو وقت بہ ايندو
اهو صبح بہ ٿيندو!

(27، عامل ڪالوني، ڪراچي 12 اپريل 1980ع)

☆

نيٺ

ميٺ وانگر ٻرندا رهياسين،
تون ۽ مان،
سڄي رات ٽمڪندا رهيا تارا،
۽ هوائون تيز گهلندیون رهيون،
پر اجهامي نه سگهيا،
تنهنجا ۽ منهنجا،
اڃايل نيٺ!
(3 مئي 1981ع حيدرآباد)

☆

چنڊ

مٿي آڪاس ۾ چمڪي پيو،
سرءُ جي منڊ جو زرد چنڊ،
ڪ منھنجي اندر ۾ ٻري پيو،
يادگيرين جو اداس چنڊ!
(25 اپريل 1981ع حيدرآباد)
☆

شروعات

تنهنجي،
ءِ،
منهنجي،
ملاقات،
آ،
ڪنهن،
پيانڪ،
وڇوڙي،
جي،
شروعات!
(22 جولاءِ 1981ع حيدرآباد)
☆

مند

بهار جي مند ۾،
اونداهي آڪاس هيٺان،
املتاس جي پر ۾،
اسين بہ آهيون.
(هوءَ ۾ مان
مان ۾ هوءَ)
پر نہ!
اسين بہ نہ، تي آهيون،
چاڪاڻ تہ اسان بن سان،
محبت جي ديوي بہ تہ گڏ آهي!
رات، ڪنهن اونداهي سمنڊ جيان،
گهري ۾ گهٽي گهري آهي،

ڏرتي ۽ آڪاس تي،
اونداهي ۽ اونداهي جو راڄ آهي،
پر مان
هڪڙي اونداهه ۾ به
هن راڄڪماريءَ جي للاٽ مان ڦٽندڙ
پرهه ڦٽيءَ جهڙي مڌر مڌر سوجهري ۾
سرشٽيءَ جي هڪ هڪ چيزڪي
ڏسي رهيو آهيان!
اداس ۽ اڪيلن وٽن جا
لڏندڙ ۽ لمندڙ پاڇا،
(جا تو ڏٺا آهن ڪڏهن
بهار جي مند ۾
املتاس جا وڻ!)
پريان ڪٽان ايندڙ هوائن ۾
موتئي ۽ چنبيليءَ جي مهڪار
هن جي سرهي ساهه جي سڱڌ سان گڏ
منهنجي من ۾ ڦهلجندي پئي ويجي!
اي نيرن گهرن نيٽن واري
اداس راڄڪماري!
تنهنجي جيون جو
مان ئي اوسيئڙو آهيان.
اڇ!
اڇ!
بهار جي مند ۾.
اداس آڪاس هيٺان
سنڈوءَ جي ڪناري
ڪائي انوکي نرت ڪريون!
تنهنجي چمپا جهڙن پيرن
جڏهن به سنڈوءَ جي ڪناري

ڪا نرت ڪئي،
تہ اي اداس راجڪماري،
جيون جا اونداها رستا
ڪڏهن بہ پاڻ سان ويساهہ گهاتي نہ ڪندا!
(اشون ديوتا (1)
توسان ۽ مون سان
هر مهل گڏ آهي)
اي ڪام ديو!
تون اسان جي
هنن ۾ن جدا جسمن کي
هڪ ڪري ڇڏ!
مون کي
هن کي
۽ ٻين اهڙن کي
جي اسان جهڙوئي پريم
ڪري رهيا آهن!
اسين سڀ رات جي پيانڪ انڌيرن ۾
انوکو پريم ڪري رهيا آهيون.
اي اندر ديوتا:
اي نہ ڏسڻ ۾ ايندڙ
مهان شڪتي!
رات جون گهريون اونداهيون
اسان کي پاڻ ڏي سڏي رهيون آهن.
پر اسين
اي مهان شڪتي!
اي اُشاس ديوي!
تنهنجي سوجهري ٽيڙ تائين،

---

(1) هندو ميٿالاجي موجب آڪاس جو هڪ ديوتا

اداسيءَ جي هن گهري رات ۾،
سنڌو جي ڪناري،
نرت ڪندا رهنداسين،
ءِ،
سوجهري جو انتظار،
ڪندا رهنداسين!!
(13 اپريل 1981ع حيدرآباد)
☆

سانجهيون

موتي آيا آهن پن- چڙ جا ڏينهن،
ٽڪائيندڙ ڏينهن،
ءِ اداس سانجهيون،
هوا ۾ اُڏامندڙ پيلا پن،
ڪٽي آيا آهن پاڻ سان،
تنهنجي يادن جا،
اداس ءِ ڪنهبي رتا رنگ!
(26 اپريل 1980ع حيدرآباد)
☆

جنم جنم

سپنن جي صحرائن جي رچ ۾،
ٿوهر جي اداس،
بنا چانو جي وڻ هيٺان،
پاڻ سان گڏ روئندي،
سوچيم:
هن جنم ۾:
۽ هن جنم ۾:
توکي پائي نه سگهيس ته چا ٿيو؟
منهنجي هٿن جون ريکائون،
تنهنجي جيون جي،
اونداهين راهن کي،
ٽمڪندڙ ستارن جيان،
روشن،
ڪندیون رهنديون.
(25 اپريل 1980ع حيدرآباد)
☆

ڪلپنا

تون ڪاش سمنڊ هجين ها!
تہ مان ان جي گهراين ۾ گم ٿي وڃان ها!
لهر لهر سان گڏ لڙهندو
دور دور تائين هليو وڃان ها.
پر تون سمنڊ نہ هئين،
تنهنجا تہ نيٺ هئا سمونڊ
مون جڏهن انهن نيٺن ۾ گم ٿيڻ چاهيو
تہ توئي ٻڌايو:
"مان ڪنهن ٻئي جي ٿيڻ واري آهيان"!
(۽ هاڻ مان
اداسيءَ جي گهري ۽ اٿاهہ سمنڊ ۾ لڙهان پيو)
مون تہ صدين کان چاهيو هو توکي ۽ رگو توکي
اها منهنجي ڪلپنا هئي
تہ توکي ڦري ونان توکان.
پر ائين ٿي نہ سگهيو
(هاڻ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾
حائل آهي هڪ وشال ماٹري،
۽ مان وري هڪ پيرو

اڪيلو ٿي پيو آهيان
هاڻ مون وٽ باقي بچيا آهن
چند ورجايل
۽ ٽڪل اڌ پنڌ جا ڪي لفظ
جن ۾ تنهنجي سونهن جي
سڳنڌ سمايل آهي
جن لفظن کي مون ڪڏهن
سيني ۾ سانڍيو هو
اڄ اهي ئي لفظ ڏيڄاري رهيا آهن
ڪن ڀيانڪ پاڇولن جيان!
اهي ئي لفظ منهنجو سرمايو آهن
جيڪي تو مون سان ٽيلي فون تي
ڳالهايا آهن
اهي ئي لفظ
جن مون کي اڌ پنڌ ۾ ٽڪائي ڇڏيو.
ڪاش! ڪوئي مون کان ڦري وڃي
تنهنجي يادگيري.
۽ تنهنجا سموند جهڙا گهرا نيٽ
(جيڪي منهنجي نس نس ۾ سمائجي ويا آهن)
دور ڪٽان کي صدائون اڇي رهيون آهن
۽ منهنجي هستيءَ مٽان
ڏيري ڏيري ڇانئجي رهي آهي
صدين جي ڪائي پراچين اونداهي شام!
(22 اپريل 1980ع)

☆

اڏمو

رات
ڪيڏي نہ طويل
ٿي ويئي،
ڏينهن تہ
ايرڻ جو نالو نٿو وٺي
چا ڪجي، ڪيئن ڪجي
ڪيڏانهن ويجي
هن
طويل رستي تي!
(لطيف آباد، 27 آڪٽوبر 1981ع)

☆

اوسيئڙو

ڪنڊن ريسٽورنٽ جي
اونداهي ڪنڊ ۾
اجنبي چهروڪٽي
مان چو آهيان وينو
اڪيلو، اڪيلو
باهر تہ ڪڏهوڪو
ڪلفٽن جون بتيون
ٻري بہ ويون
سمنڊ جون گهميل هوائون
هلي هلي سمهي بہ پيون
پر هوءَ چونہ آئي ايجا
هاءِ چونہ آئي ايجا.
(اولڊ ڪلفٽن، ڪراچي 31 ڊسمبر 1979ع)

☆

اڪيلائي

اڪيلائي جي آڳ ۾ جلندي،
مان اهوئي سوچي رهيو آهيان،
خدا توکي ڇو مون کي
جدائي جي هن جنم ۾،
جڏهن ڪوئي ڪنهن سان
سات ڏيڻ لاءِ به
تيار نه آ،
پيار جا احساس ڏيئي،
ڪيڏونه وڏو
ظلم ڪيو آه،

(10 ڊسمبر 1981ع حيدرآباد)

☆

چپ

ڇا اهو ئي سوچي،
مان چپ آهيان،
تون جتي به آهين،
ڪنهن ٻئي جي ٻانهن ۾،
(گذري ويل ڪنهن منهنجي
ئي سپني جيان)
منهنجي آهين!
(2 نومبر 1981ع حيدرآباد)

☆

اڄ تہ ٻيهر ملون

اڄ تہ ٻيهر ملون،
وڇوڙي جا سمورا ڏک وساريو،
املتاس جي وڻ هيٺان،
ڪارن ڪڪرن سان پريل،
اونداهي آڪاس هيٺان!
(6 محرم الحرام 1402هـ حيدرآباد)

☆

رات، ڏينهن ۽ شام

اي رات!
تو کڏهن
منهنجي من ۾
جهاتي پائي ڏنو آ؟
اي شام!
تو کڏهن
منهنجي نيڻن ۾
اداسيءَ جا
لهندڙ پاڇا
ڏٺا آهن؟
اي ڏينهن!
تو کڏهن
منهنجي اندر ۾
اونداهي جي
پکيڙ ڏٺي آ؟
ڪاش!
جيڪڏهن توهان
اهو سڀ ڏسي ونو،
نه شام ٿئي
نه رات ٿئي،
۽ نه وري
ڪوئي ڪنهن کان اونداهين ۾
جدا ٿئي!
(26 نومبر 1981ع لکي شاه صدر)

☆

آپا ممتاز عباسي مرحومہ جي نالي

جنم: 3 جولاءِ 1932ع
وفات: 19 جولاءِ 1970ع

ءِ
زندگي؟

زندگي
اونداهن
رستن تي
ڪنهن اڻ ڄاتل
سفر جو
نانءُ آ
دل جي ايوانن ۾
اداسي جي
گهرن پاڇن سان
اڪيلائي جا
سنسان آواز
زندگيءَ جي شام ۾
ڪيڏا نہ پيانڪ آهن
ءِ دل جي شهر ۾
ڪلپنائون ءِ ساپياڻون
رابيل جي گلن جهڙيون
سموريون
ڪيڏيون نہ
بي معنيٰ آهن.
(9 مئي 1981ع ڪئنٽومينٽ قبرستان)

☆

شام جا پاڇا

اسين جيڪي وڇوڙي،
ڇ پنر ملن جي ڦيري ۾،
ڏينهن ڇ رات جي گهيري ۾،
ڦرندا رهون ٿا،
پل اپل لاڇ،
بيهڻ چاهيون ٿا،
ٿمڪندڙ ٽيڙن ڇ،
چمڪندڙ تارن هينان،
هٿ ۾ هٿ ڏئي،
هلڻ چاهيون ٿا،
رات جي سانت ۾،
صبح جي روشني ۾،
ڇ شام جي پاڇن ۾،
ڪڏهن به نه جدا ٿيڻ لاڇ.
(22 آڪٽوبر 1981ع حيدرآباد)

☆

ماتم غم

ڪربلا جي ايجايل
ڏرتيءَ جو قسم،
زينب جي آهـ و زاري،
ءِ حسين ابن علي جو قسم،
وقت جي
هن پل ۾
تون ءِ مان
جدا هوندي
ماتم غم ۾
گڏ آهيون!
(حيدرآباد 6 محرم 1402هـ)
☆

تنهنجي نالي

ڪاش!
مان،
به،
هجان،
ها
تنهنجي،
ڪائي،
اڻ چپيل،
ڪوتا!
(حيدرآباد 25 اپريل 1980ع)
☆

تنهنجي شاديءَ واري شام

رستا ۾ گهٽيون،
سنسان،
رستا ۾ گهٽيون سنسان!
منهنجي ٿي هن اونداهي،
من جيان،
جنهن ۾،
ڏگها رستا،
۾ ان جا ڪيترا موڙ،
ڪنهن اجنبي،
جي هلڻ جي چاپ کان،
ڏنل آهن،
۾ هوائن جي هلڻ
جي آواز ۾،
رستا ڏگها ۾ سنسان!

اسٽريٽ لائيٽس،
برڙ ڪان اڳ،
ڪنهن اونداهي رستي جيان،
نما شام مهل،
جيئن ڪرفيو لڳڻ سان،
رستا ويران ٿي
ويندا آهن،
ءِ پاڳل هوائون،
پنهنجو سر ٽڪرائي،
اڳيان وڌي ويندیون آهن،
اسٽريٽ لائيٽس ۾ گهيريل
رستا ڏڳها،

ءِ
گهٽيون سنسان.
(12 جولاءِ 1981ع حيدرآباد)
☆

اداسي

زندگي
ڪيڏي
نہ
اداس
آ
تنهنجي
وڇوڙي
کان پوءِ!

(22 آڪٽوبر 1980ع، 27، عامل ڪالوني، ڪراچي)

☆

شهر

پندرهينءَ
جي
زرد
چنڊ
کي
ڏسي
دل
اداس
ٿي
آ
وئي
ءِ
شهر
سارو
ٿو
لڳي
شام
غريبان!
(27 آڪٽوبر 1981ع، لطيف آباد کان شهر ڏانهن
ايندي)
☆

ڊاڪٽر رشيد جهان[1] مرحومہ نالي

جڏهن رات جي
طويل رستن تي
ڪوئي صبح ڦٽندو
ڀ اداسيءَ جي هن رات ۾
تاريڪ راهن جا
ڪاڪ ڪڪو ريا راڻا
ماڻيندا منزل جي مومل
جڏهين سرشتيءَ جي
هن پاسي ڪان
هن پاسي تائين
تڙي پوندا گلابي گل
تڏهن اي ساڻي!
ڇا ياد ڪندو
ڪوئي توکي؟
(7 آگسٽ 1981ع حيدرآباد)

☆

(1)مشهور ترقي پسند ليکڪا، جنم: 1905 علي ڳڙهه: وفات 7 آگسٽ 1952 ماسڪو)

اڪيلائي ۽ شام

دل جي آئيني مان جڏهن
متجي ويندا
تنهنجي يادن جا اولڙا
وسامي ويندا گهڙيءَ ۾
سمورا بيوفائي جا پل
تہ ڪنهن طرف کان
سوجهرو نظر ايندو
نہ وري ڪوئي ڪڏهن
ڪنهن جو سپنو ڏسندو
رات کي ڏينهن
ڏينهن کي رات چوڻ وارا
شفق جي رنگن ۾
ٿي ويندا گم،
تڏهن آڪاس کان لهي ايندو.
سنسان، اڪيلائي جو انڌيرو!
(حيدرآباد کان پٽ شاهہ ويندي 12 ڊسمبر 1981ع)

☆

"نذرت" جي اجنبي چوڪري نالي

توکي ڏسڻ کان پوءِ
اهوئي خيال آ
دل جي ويراني ۾
جيئڻ جي ڪلپنا
ڪڏهن به نه مرندي آ
سونهن، سوپيا،
۽ گهايل نيٺ
جيئڻ جا
دولاب آهن،
۽ تون جيڪڏهن
حياتيءَ جو سندر
سپنو آهين،
مان هزار ڀيرا
جيئڻ لاءِ آهيان تيار!

(يونيورسل بڪ ڊپو، 10 ڊسمبر 1981ع حيدرآباد)

☆

ننڊپٽ جي ڪلاس فيلو فوزيا جي نالي

دشتِ وفا ۾ جڏهن
رات آئي،
دل جي ايوانن ۾ ويئي
سانت چائنجي،
دورکان ڪنهن پڪاريو،
روشني، روشني،
سڄ اُپري تہ ڪڏهوکو
اُلهي بہ ويو
اُهي جن رات جي
سفر ۾
پرهہ جي ڳولا ڪئي،
تمڪندڙ تارن سان
آڪاس جي ڪلپنا ڪئي،
اُهي اسين تہ آهيون جيڪي
ڏينهن رات ۽ گهايل،
نيٽن جي غمزي ۾،
سمورو وقت گم رهياسين

"لکون لڳن کوسيون
ڏاڏا تپن ڏينهن"
اسين اهوئي سوچي
ٻاهر نه نڪتاسين
ڪٽي هر شيءِ پسمر ٿي نه وڃي
ڏينهن، رات جي
ڏيري ۾ نه اچي،
شام جي لهندڙ
پاڇن ۾
ڪنهبي رتل
چنيءَ ۾ لڳل ستارا
اڏامي آڪاس ۾
نه هليا وڃن
پر ائين ٿي نه سگهيو
اسين دشتِ وفا جا ساٿي
دل جي ويراني ۾
اڪيلائيءَ جون
شمعون ٻاري،
قافلي کان وڇڙيل
ڪنهن اجنبيءَ جيان
نڪري پياسين
ڪ دورکان ڪنهن پڪاريو:
روشني، روشني
اسين دشتِ وفا،
جا مسافر،
رات جي سانت ۾
گم ٿي وياسين،
(حيدرآباد 22 نومبر 1981ع)
☆

مس "الف" جي نالي

ذهن جون
سموريون دريون بند ڪري،
اکين ۾ ٻرندڙ
گذريل پَلن جا
تمڪندڙ تارا وِسائي
هن شهر جي گهٽين ۾
گهمندي ۽ پيتڪندي،
وري ڪوئي ياد
ڇوٽو اچي
هن ئي شهر جي
ڪَليل رستن تي
هٿ ۾ هٿ ڏيئي
هلڻ جي چاهنا
گم ٿي ويئي.
نہ اهي جذبا
نہ اهي خيال

جن جي پنور ۾ پرندي
آگريون آگرين کان
جدا ٿي ويون
ڏينهن رات ۾
بدلجي ويو
سپنا سمورا
ويا اَڏامي
تنهنجي تن جو ڇهاءُ
ڪَليل وارن مان
ايندڙ سڳنڌ
کارن ڪجلن نيٽن ۾
گم ٿيڻ جي ڪلپنا
ڪيڏانهن ويئي،
دل ۾ اهوئي خيال آ
هن شهر جي
گهٽين ۾ رستن تي هلندي
مان اهوئي سوچيان ٿو،
وهندڙ وقت جي ڌارا ۾
جڏهن هاڻ آهن
سنسان اڪيلايون
رات جي
سانت جون،
تڏهن پوءِ
ڪوئي ياد
چوٽي اچي،
هن شهر جي رستن تي
گهمندي ۾ پٽڪندي!!
(حيدرآباد 14 سيپٽمبر 1981ع)

☆

سمرتين جو ڇار

اهي ئي رستا آهن
سول لائينس جا
جن تي ڪڏهن
هٿ هٿ ۾ ڏيئي
هلندا هئاسين
(تنهنجي بنگلي آڏو
مون جيان اڪيلو
سرنهن جو وڻ
شام جي اونداهه
۽ صبح جي روشنيءَ ۾
ائين ئي بيٺو آ)
اڄا تائين رات به
اُها ساڳي آ
۽ ڏينهن به اُهوئي آ
تيز هلندڙ هوائن ۾
شام به گذري وڃي ٿي
۽ شفق جا رنگ
پل اپل ۾ گم ٿي وڃن ٿا
(سول لائينس جي
رستن مٿان)

ڪڏهن ڪڏهن
مان سوچيندو آهيان
ڏينهن ۽ رات جي
هن ڦيري ۾
تنهنجي ۽ منهنجي
قسمتن جا رستا به
ائين ئي گم ٿي ويا
جيئن شفق جا رنگ
گم ٿي ويندا آهن

۽ هاڻ؟
مان سدائين
تنهنجي گهر آڏو بيٺل
اڪيلي وڻ جيان
اهوئي سوچي رهيو آهيان
الائي ڪڏهن وري
هوائون هلنديون
۽ مندون ڦرنديون
تنهنجي ۽ منهنجي
قسمتن جون!
(پر ڪير ڄاڻي
ته ڪڏهن
رات ۽ ڏينهن جي
هن ڦيري ۾
قسمتن جا وڇايل رستا،
وري ڪڏهن ملن نه ملن!!)
(سول لائينس، حيدرآباد 2 نومبر 1981ع)

☆

اڑ پورو سپنو

گھايل نيٽن ۾
گم ٿيڻ جو،
چوڌهين ۽ جي چنڊ سان،
گڏ هلڻ جو،
چمڪ شاخ تان،
گلابي گل چنڻ،
ڪليل وارن ۾ هٿ وڌڻ جو
سانوڻ جي مند
هن گهر متان
برکا ٿي لهڻ جو،
پرهه ڦٽي ۽ ۾
چنبيلي ۽ جا گل
ٿي ٽڙڻ جو،
مون به ڪوئي
سپنو ڏٺو هو.
مون به ڪوئي
سپنو ڏٺو هو.

(يونيورسل بوڪ ڊپو، 16 ڊسمبر 1981ع حيدرآباد)

☆

رابيل جي نالي

تنهنجي وارن جي سڱنڌ
مون تائين پهچي رهي آهي،
تون ڪيڏي نه دور آهين مگر،
تنهنجو گلابي تن
نرم چپن جو ڇهاءُ
مون کان دور نه آهي،
تنهنجي گهرن نيٽن جي نهار
مانيِ سمنڊ جيان،
ڪيڏي نه هئي گهري،
مان ايڏا تائين
اهو سپ وساري چونه
سگهيو آهيان؟
(حيدرآباد 27 نومبر 1981ع)

☆

منزل

دور دور تائين،
راهہ ڪائي،
روشن نہ هئي،
ڏينهن جي،
هن سفر ۾،
ويندو اڌ پنڌ ۾،
سج لهي،
شام منزل هئي،
تنهنجي، منهنجي،
ائين تہ نہ سوچيو هيم،
شام منزل ٿي ويندي،
ڪڏهن تنهنجي ۽ منهنجي!!
(نذرت ڪاليج، ڪيٿولڪ چرچ، حيدرآباد، 16 ڊسمبر 1981ع)

☆

بهار

"هيءَ بهار جي مند آهي.
ءِ هن مند ۾ اڪيلائي ڏاڍو ڪائيندي آهي.
ڪيتڪيءَ جون مکڙيون ءِ زرد گل
ڪام ديو جي ٻاڻ وانگر پيا چمڪن.
پائل جي گونج ۾ پونرا سمهن ٿا.
ماڏوري هوا ۾ لڏي رهي آهي.
ءِ هو هن محل نچي رهيو آهي.
هيءَ بهار جي مند آهي.
ءِ هن مند ۾ اڪيلائي ڏاڍو
ڪائيندي آهي.
جيئن گرم چپ هوٽيل نيٽن کي
چمندا آهن.
تيئن سورج جا ڪرٽا انبڙين تي
پيا پون.
ءِ هو سڪون واري جمنا ڪناري نچي
رهيو آهي.
گلن جي رت ۾ هو اڪيلو تہ
ڪونهي!
هوگوپين سان نچي ائين
پنهنجو وقت وڃائي ڇڏيندو.
جڏهن تہ راڌا سندس اوسيئڑي ۾
آهي!"
(جئہ ديو جو هڪ گيت)
☆

انتظار

ماڏو! مون کان نہ رس!
ڪيئن نڪران ها گھر مان،
تيز هئي سانوڻ جي برکا
هر هنڌ پاڻي پاڻي هو،
راہ ۾ گپ ايڏي هئي،
ڏاڪ منهنجا ڳرا آهن ڏاڏا،
گس گس تي ڪري ٿي پيس،
ڪجھ بہ نظر آيو نٿي،
ماڏو مون کان نہ رس!
اڄ منهنجو ڪوئي ڏوھہ نہ آهي
(وديا پتيءَ جو گيت)

☆

ايسارڪا

لڪي لڪي
هر هر اُٿين ٿي.
ڪيترو پهر ٿيو آ،
هاڻ ڪيترو ڏينهن آ باقي،
اولهه ڏي وڃي
ڏسي اچين ٿي.
پائل ڪي مٿي
زور سان ٻڌي
چڏيو اٿئي.
هاڻ ته ان مان
ڪوئي به آواز نه نڪرندو.
تون ته اڄ هڪ هڪ
ڳالهه تي ڪِلين پوين ٿي
هڪ پل لاءِ به
گنهيرٿي نه ويٺي آهين.
اونداهه جهڙو ڪارو ويس
ڍڪيو اٿئي،
توکي ته اڄ
اونداهه ئي وٽندي.
(وديا پتي)

☆

وچوڑو

جڏهن منهنجي نيٽن
ڪرشن سان پريم جو
ناتو ٿي ڳنڍيو،
ان مهل ڏاهي ساهيڙي
جهليو به هو.
پر مون ايندڙ وچوڑي
جو خيال نه ڪري
ڪيس ڇڙپ ڏني
ءِ هاڻ!
پيار جي اثرکان
منهنجو بت
ڪپڙي جيان
سنهو ٿي ويو آ.
ءِ وچوڑي جو درزي،
ان جي ڪتر ڪري رهيو آ،
اي پرنگ!
ڪرشن جي وچوڑي سبب،
ڪام ديو منهنجي جيءَ
جو ويري ٿي پيو آ.
(تلسيداس)

☆

●

شام جي سانوري
بت تي،
ڪيسري ڪپڙو
ڪيڏونہ سھڻو
ٿو لڳي،
جيئن نيلم پھاڙتي
پرپات جي
سنھري اُس پئي پوي.
(اترھند جو ڪوي بھاري لال)

☆

●

هاڻ چئي ٻه ڏي،
وڏيڪ نه ڳالهاءِ تون،
چا رازآ، ان ۾،
آخر ڪجهه ته ٻڌائي،
تو ته رچايو آ،
اڄ عجيب سينگار،
هر انگ تي ڪيو آ،
ڪستوريءَ جو ليپ،
ڪهڙي خبر
جاڳي پوندا،
اڄ ڪنهن جا ڀاڳ!
(وديا پتي)

☆

اڄ

چنچل عورت جا نيٺ
سنهڙي گهونگهٽ جي وچ مان
ائين چمڪي رهيا آهن،
جڙ گنگا جي شفاف
پاڻي مان،
ٻه مڇيون،
ٻاهر نڪرڻ لاءِ،
ڦٽڪي رهيون آهن.
(ٻهاري لال)

☆

مرد ۽ عورت جي ڪوتا

"- ڪٿي مون کي لُڪ نہ لڳي، ان جو پؤ اٿم"
،- منھنجو گھر درياھ جي ڪپر تي آ، جتي
سدائين تازگي چانيل ھوندي آ."
"- جي ويس مان تنھنجي گھر، ماڻھو
ڏسي ونندا مون کي!"
"-منھنجو گھر آ جھنگل ۾، جتي گل ئي
توکي ايندي ويندي ڏسندا."
"- گل مڙ- ماکي" کي چوندا،
مڙ- ماکي مينا کي چوندي ۽ مينا
تہ سيني کي چئي ڏيندي آ"
"- جڏھن تون اُتان لنگھندين ءَ، تہ گل
الائي ڪيتري دير تائين گونگا ۽،
چريا ٿيو جھومندا رھندا!"
"-جڏھن مان واپس ورنديس، تہ
منھنجي ماءُ منھنجا وکريل وار ڏسي ونندي"
"-منھنجي درسني ۽ ۾ تون پنھنجا وار سنواري
ونجائين، ۽ پوءِ انھي ءَ درسني ۽ ۾
تنھنجي مرڪ جو اولڙو سدائين
لاءِ اتي ئي رھجي ويندو.
"-مون کي تہ آ پنھنجي گھر سان پيار ۽
مون کي تہ اھو بہ ويو آ وسري.
مرڪ چوندا ڇا کي آھن؟"
(قديم ھند جو شاعر اُمارو 384-385ق م)

☆

سپنا

"- ڪير آ؟"
"- مان آهيان، مان ڪيتري مهل کان
درپيو کڙڪايان!"
"-تنهنجو نانءُ ڇا آ؟"
"-مهاديو! مون کي ڇاڻ آ، تون
منهنجي آواز کي سڃاڻي ته ويئي آهين!"
"-سڃاڻي ته ويئي هيس، ڇاکاڻ
ته مان تنهنجا ئي پٽي ڏٺا سپنا!"
"-ءِ مان بہ اڇي پهتس!"
"-پر، هاڻ تنهنجي ڪائي لوڙ نہ اٿم.
سپنائي منهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ آهن!"
(أمارو)

☆

ڪوتا

سڪ جي انجير!
ڪٽي.
سڪ جي انجير
ڪهڙي خبر آ ڪٽي
ته پوءِ تون ئي ٻڌاءِ،
ٻن شاخن جي وچ ۾
هوڏانهن
نه
هوڏانهن
نه
هوڏانهن
نه
هيٺ، مٿي
هيٺ
نه، نه،
ته پوءِ تون ئي ان کي چني وڃ،
مان مٿي وڃان پيو.
ائي الا.....
چا ٿيو ننڍي؟
ڪجھ به نه، مان ڪري پئي هيس
سکي،
هي انجير به ڪيڏي نه گرم آهي!!
(امارو، قديم هند جو ڪوي)
☆

اگني

اي اگني!!
جنهن کان وڌيڪ شڪتي وارو
فقط اندر ديوتا آهي.
اي سرشٽيءَ جي تپش!
برفاني ٽڪرين تان
ڇلڪندي،
ستارن جي چمڪندڙ
گهيري مان ڦٽل اگني،
اگني، اگني!
تو ۾ هزارين ڪنول
جڳ مڳ ڪن ٿا،
تون رڪي ٿي
ڪانهن جيان موڙي ڇڏين
تون نرت ڪندڙن جي دلين ۾
ٿي جڳائين جوت،
تون ياڪر ۾ پريل
پريمي ۽ پريتم جي ٻانهن ۾ آهين،
اگني، اگني اي اگني!!
(امارو)

☆

ٻاجھارو شخص ۽ دلگير ڪوي

سنڌي ساهت- ڪيتر جو سپ ڪان وڌيڪ لِکوڙ ماڻھو مان ئي آھيان. ٻالجتيءَ ڪان سنڌي ساهت ۾ قلمي جاکوڙ وسيلي جيئرو ٿو رھي سگھيو آھيان. پر ڪن ڳالھ- ڳٽين قلمڪارن سان واقفيت وڌائي ۽ بنھ ھيڪڙ ٻيکر ماڻھن سان ئي سنگت جو سڳ ڳنڍيو ھوندم. ڇو ٿو گھٽن ماڻھن جا اندر ڪارنھن جا ڪَنا آھن، جن سان ويجھو ويجي رڳو داغ ئي پرائي سگھجن ٿا- لڳن تي، لٽن تي ۽ روح تي.

ھينئر ٻہ جن ھيڪڙ ٻيڪڙ نالن ڪي مان پنھنجن ويجھن ۾ شماري سگھان ٿو، مدد جو نانءَ ٻہ اَن مختصر لسٽ ۾، ڇٽن اکرن سان لکيل ڇڏيو. توڙي مدد سان مِلئي رڳو 4،2 ورھيہ ئي ٽيا آھن، پر ڪڏھن ڪڏھن، ڪنھن ماڻھوءَ کي پرکڻ لاءِ ٿ 3، 4 ڪلاڪ ٻہ ڪوڙ ٽيندا آھن.

مان سمجھان ٿو ٿ 1978ع جي سردين ۾ منھنجو حيدرآباد وڃڻ ٽيو ھو ۽ اُتي منھنجي اڪيلي ورونھن پنھنجن ڳالھ- ڳٽين ادبي يارن سان ادبي ڪچھريون ئي ھئي، جن ۾ طارق اشرف، امداد حسيني، ظفر حسن ۽ نياز ھمايونيءَ جا نالا اچي وڃن ٿا. اُنھن ئي ڏينھن ۾، ھڪ شام جو امداد چيم ٿ جيڪڏھن آءٌ گھران ٿ ھو مون کي ھڪ اھڙي ھمراھ سان ملائي، جنھن سان ملي مون کي پڪ ئي پڪ خوشي ٽيندي. آءٌ جھٽ پٽ، ٻنا سوچئي سمجھئي ھائو ڪري ويٺس. منھنجي من تي، اُنھن ڏينھن ۾، غمن جا ھيڪاندا غبار، مونجھہ ۽ ملولائيءَ جو ڪوھيڑو ڇانيل ھو ۽ آءٌ ڇوٽڪاري ۽ بچاءَ جا وڃہ ۽ واٽون ڳولي رھيو ھيس. اھڙيءَ ريت امداد جي وسيلي مدد سان ملاقي ٽيس. مدد جي پريٽ، مدد بابت، جيڪا اڄ پوري ڇاڻ مون وٽ ھئي، مان ڪيس اُن جي بنھ اُبتڙ ڏٺو. مون کي سندس ڇھري

تي نرمي ۽ نگاهن ۾ دک جا اولڙا نظر آيا. البت سندس ڳالهين مان، ڪنهن ڪنهن محل ڪنهن ڪرانتيڪار جا پاڻ ملايا پئي، پر مون هن جي منهن ۾ نرمي ۽ نگاهن ۾ دک جي اولڙن کي چٽو پٽو ڏسي ورتو. پهرين ۽ ست سهي ڪيم ته سندس من ڪنهن آرٽسٽ جو ئي ڏکي ۽ حساس من آهي ۽ هو بنيادي طرح هڪ تفڪرات ۾ وکوڙيل فلسفيءَ جو روح ۽ ذهني انارڪسٽ ئي آهي- مون وانگر.

پوءِ مان "سمٿي" ۽ "مهراڻ" ۾ مدد کي سندس ڪهاڻين جي ذريعي پڙهندو ۽ پرکيندو رهيس ته منهنجي پهرئين ڏينهي (Observation) ۽ رايي جي تصديق ٿيندي وئي. فرانزڪافڪا سان سندس قلبي لڳاءَ جو ڪارڻ به پاڻهيان اِهوئي هجي ته اڇوڪين دکي ۽ ڏنل هيسيل پيڙهين جي وهمن، وسوسن، ڏپن ۽ اداسين جو ترجمان آهي. اِنهن واقفيت وارن ٻن ٽن ورهين ۾ مان مدد جون ڪجهه ڪهاڻيون ته ڏٺيون/پڙهيون پر پوءِ به مون کي اهو پرو ڪونه هو ته هو چپ چپات ۾ شاعري (آزاد) تي به طبع آزمائي ڪري رهيو آهي. ويجهڙائيءَ ۾، اوچتو جڏهن ٻڌم ته، مدد جي آزاد شاعريءَ جو مجموعو "پنرملن" ترت پڌرو ٿيڻ وارو آهي ته مون کان هلڪڙو چرڪ نڪري ويو. چرڪيم ته سهي پر اهڙو عجب ڪونه لڳم جهڙو يوسف شاهين جي "اندر ۾ اُهاڻ ٿيو" ڏسي وسمءِ ۾ پئجي ويو هيس- چوته مدد جي ڪهاڻين مان هونءَ به مون کي شعر جي سرهاڻ محسوس ٿيندي رهي آهي. نثر (ڪهاڻيءَ) ۾ نظم جو سڳنڌ ملڻ کا بنهه نئين يا اڻ ٿيٽي ڳالهه ڪانهي، چاڪاڻ ته انگريزيءَ جي جڳ پڌري ناول نگار ۽ ٽيڪاڪار اي-ايم فورسٽر (E.M.Forster) جي ٽيڪاڪارن کي به سندس ناول جي اُٽت ۽ عبارت ۾ "ردم" جو گڙ به ملي ويو- ۽ بهرحال اهو هڪ وڏو ۽ گهروگڙ آهي.

مدد جي آزاد شاعري سندس روح تي چڙهيل رهيا ڪُهيا پرت ۽ پوش لاهي ڏٺا ڪيا آهن ۽ هو آشا/نراشا جي وچ تي لٽڪندڙ/ڦرندڙ لاتونءَ وانگر اسان جي آڏو اڇي ٿو- ۽ گهٽو ڪري وڇڙائيءَ کان به هٽي هُن جو جمڪاءُ نراشا جي پاتالن ۽ اُداسين جي پراسرار گهراين ڏانهن ٽيو وڃي:

اِهو ته نه سوچيو هُيم،
شام منزل ٿي ويندي،
ڪڏهن تنهنجي منهنجي!
(منزل)

"اهوئي سوچي
مان چپ آهيان
ته زندگي
پاڻ کي،
هر جنم ۾،
۽ هر دور ۾،
ڪيڏونه ديرسان
ملائيندي آهي،
۽ ڪيڏونه جلد،
جدا ڪندي آهي."
(زندگي)

مدد نج پج نراسائين جو پرچارڪ به ڪونهي، پر هو احمقن جي جنت ۾ رهڻ کان به انڪاري آهي. هو اميدن ۽ آسرن جو سچار انت پائڻ ۽ رڳ رڳ ٽاري رکندڙ مرادن جا حقيقي مزا ماڻڻ لاءِ تگادو (تگ ودو) ڪندڙ پٽڪندڙ روح آهي:

"رات جي ڪاراڻ،
تيزيءَ سان چانئجندي پئي وڃي،
دوستو-دشمنو
ڪا ته روشني ٻاريو.
(دوستو- دشمنو)

اڄ ته ٻيهر ملون،
وڇوڙي جا سمورا دڪ وساري،
املتاس جي وڻ هيٺان،
ڪارن ڪڪرن سان پريل
اونداهي آڪاس هيٺان.
(اڄ ته ٻيهر ملون)

پيڙا پربل تنهاين ۾، اندر جي اونگهه ۾ ۽ احساس جي ولوڙ ۾ ولوڙجندي- هو هوريان هوريان ڪنجهڻ لڳي ٿو ۽ جهيٽي، ٻاڏائيندڙ لهجي ۾ شڪايت ڪري ٿو:

اڪيلائيءَ جي آگ ۾ جلندي،
مان اهوئي سوچي رهيو آهيان:
خدا توکي ۽ مون کي
جدائيءَ جي هن جنم ۾،
جڏهن ڪوئي ڪنهن سان
سات ڏيڻ لاءِ به
تيار نه آ،
پيار جا احساس ڏئي،
ڪيڏو نه وڏو
ظلم ڪيو آهه

(اڪيلائي)

مدد کي اُتاچرو ۽ متاچرو ڏسڻ وارن جو رايو آهي ته هو جيري خاطر ٻڪري ڪَهي وجهندڙ، رُسڻو ۽ ننڍيءَ گجيءَ وارو دوست آهي ۽ هو هڪ ٻوائتو ۽ ڪنور دشمن به ٿي سگهي ٿو- مگر مان مدد جي روح جي اونهي کوهه ۾ لهي نهاريو آهي ۽ منهنجي (Study) مطابق هو رڳو هڪ ٻاجهاري ڪرانتيڪار ۽ دلگير ڪويءَ جو ٻنڌڪندڙ روح آهي، جيڪو جلوتن ۾ گجندو ۽ خلوتن ۾ ڏُنڌڪارون ٻري روئندو هوندو. هو ڪڏهن ڪڏهن ادبي ڏڻن فسادن ۾ (Involve) نظر ايندو آهي ته اُن ۾ به سندس نيت جي کوٽ نه پر سندس تماشبين ۽ مهم جو-Ad) venturous) طبيعت جو تصور ٿئي ٿو. مان جڏهن مدد جي منچلاين جو پَلَوَ ڪارڻ ڪيس چيڙيندو آهيان ۽ هو ٻارن وانگر مِٺون ڦوڪي، ماڻ ڪري رُسي ويهندو آهي ته مون کي ڏاڍو "معصومڙو" لڳندو آهي- ۽ مٽس هيڪاندي ٻاجهه اچي ويندي اٿم. اُنهيءَ مهل مون کان سندس سڀ اوٽايون پوٽايون، ارڏايون ۽ اوٽرايون وسري ويندين آهن. هو ڪل ٻوڳ سمجهي ڏاڍا بي ڪهلا ڪم ڪري وجهندو آهي، پر جڏهن احساس ڏياربو اٿس ته ڪَلي دل سان مجي ۽ پڇتائي ۽

سگھندو آھي. لڳندو آھي تہ ھُن جا سڀ شرير ڪم ۽ پيچ- ڀاھہ وارا ڏنا ٻڌا اعمال ۽ حرڪتون ڇڙ تہ جيئڙ لاءِ جتن (Struggle for Existance) ۽ من تان مونجھون لاھڙ جا حربا ھجنس. تازو حيدرآباد ۾ ڪنھن سڃاڻ سڃڙ مون کي ڪن ۾ ٻڌايو:

"مدد سان کونسبازي ڪرڻ، سنڌي ادب ۾ ٽيرر(Terror) انوائيٽ (Invite) ڪرڻو آھي."

مون کلي چيو:

"ائين ٻہ برابر آھي."

ذوالفقار راشدي

4، جنوري 1982ع
"شاھہ جو ڳوٺ"
نئون ديرو.

ٿورائتو آهيان دوست عبدالجبار عباسي، ايس ڊي ايم ڪوٽڙي، سيد فياض احمد شاهه، اسلم اڪبر قاضي ۽ مشتاق احمد راهوءَ جو، جن جي ڪري هيءُ ڪتاب اڄ اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي. نوجوان زوار نقويءَ جو، جنهن هن ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ آئيڊيا ڏني. سائين ع.ق.شيخ، خدا بخش ابڙي ۽ نور محمد خواجه جو، جن ڪتاب جي سرورق، اکر، ۽ تصوير جي سلسلي ۾ ڀال ڀلايا، دوست نثار حسينيءَ جو جنهن پروف ريڊنگ جهڙي ڏکئي مرحلي کي ڪاميابيءَ سان نيايو.

مضمون

اوندھ ۾ جرڪن، جيون جا سپنا

(ذوالفقار راشديءَ جي ياد ۾....)

4 اپريل 1989ع

(ڳڙهي خدا بخش کان موتندي روح اُتل کاڏي، ته لڙي پيس سندس ڳوٺ ڏانهن.)

ڏر تتيءَ جي مهل ڳوٺ ۾ پکي پکڙ نهڙ اُس کان بچڻ لاءِ وڃي ڪٽي لڪا هئا. ڪنهن مهل ڪنهن وڻ منجهان ڪانگ وٽي ٽي ڪان ڪان ڪئي. سوڙهيون گهٽيون، جايون ڪچيون، اوچتو ڪي ڏور رسا چنائي اُٽي پڳا ته وات سموري ڏوڙ ٽي ويئي. ڪي ٻارڙا هڪ ٻئي جي پٽيان ڏوڙندا لنگهي ويا. ڪوئي ماڻهو به ته نظر نٽي آيو. اوچتو هڪ ٻار، ڏوڙندڙ ٻار جي پويان ڏکندو اچي لانگهائو ٽيو. ٻار کان ڪجهه پڇيم، چا پڇيم ياد نه اٿم، پر اهو ضرور ٽيو جو هو اسان کي وٽي هليو راشدين جي مقبرن ڏانهن.

مقبرا، اوچتو گهٽين مان گهمندي آڏو اچي ويا اسان جي سامهون، مقبرا، سنڌ جا سمورا ساڻيا، ساڻيو وايو منڊل، ساڻيو واس، ساڻي ماٽ، ساڻي اداسي! آڪاس کان وٽي ڏرتيءَ تائين چانيل ماٽ. ساڻي آ هر شيءِ ۾ حياتي به ته ساڻي، زندگي به آ ساڻي، ڪنهن مقبري جيان سنسان، پڙ پانگ! (مقبري جو در ٻيڪڙيل، ننڍڙو قلف هٽ جي ڇهاءُ سان ڪلي پيو. اندر گلن جو واس، اگربتي جي سڱنڌ، سامهون آهن جو مرقد ۾ هو آ هُن مرقد ۾ ستل)

"تمن نيڙ رُت وهي، ڇڪاڪا ڪيو،
مون کي ڏنءُ، ڏيو، اَئين ٿا ويجو اوٽيو!"
(شاهه)

☆ سامهون اکين آڏو ڏنڏ ڇانئجي ويو.
☆ ڪجهه به نظر نٿو اچي.
☆ پر اُها سامهون گلن ۾ پَنن سان ڍڪيل قبر ڪنهن جي؟

ڪشالن جو بدلو عيوض خون جو،
مليو ڇا مليو ڇا اسان کي وري،
هئي ياد ڪنهن کي نه هڏ خواب ۾،
هيءَ دنيا ضميرن جي سوداگري.
(ذوالفقار)

☆ ها سچ ته ڪجهه به نه مليو!
(باهر سنسان، پڙ پانگ ۾ اداس ٻپهريءَ جو وٽن تي ڪانگ ٿو لنوي). سنڌ جي ٻهراڙين ۾ جتي به ويو، اتي ڪانگ ضرور لنوي ٿو! (الائي ڇو؟)

خواب کي پنهنجو سڏڻ مان فائدو؟
واءُ کي ڏاڪا ٻڌڻ مان فائدو؟
(ذوالفقار)

☆ هاءِ هي سچ پچ سمورو ڇا خواب هو؟
- سپنو، هڪ پيانڪ سپنو،
- سپنا، هاءِ اُهي سپنا،
- جي ٿي نه سگهيا ڪڏهن ساڀيان.
- سپنو فقط هڪ ئي سپنو.
- زندگي سموري ٿي ويئي آ هڪ سپنو!

اوچتو ڪوسي واءُ جو تيز جهوٽو لڳو ته مقبري جو در ٻيڪڙجي ويو .اوندهه ٿي ويئي هر شيءِ. ڊرائيور ماچيس جي تيلي ٻاري سامهون طاق ۾ رکيل ڏيئو ٻاريو. (الائي ڪير هي روزانو ڏيئو ٻاريندو هوندو؟)

"سوچيان ٿو ته مري جي ويندس مون لئه روئندو ڪير،
منهنجا پنهنجا اڳي مري ويا باقي هر ڪو غير.
منهنجي ٻَنيءَ تي ڪوئي ڏيئو ٻاري يا نه ٻاري،
مُئي پڇاڻان ڪهڙي ڳڻتي، سانجهي آ ڪ سوير.

موت نہ جاڻان ڄاهي، پائو، باهہ جو ڪو پنيٽ،
آيا لهس لپيٽ ۾ جيڪي بڻيا خاڪ جو ڍير!
(ذوالفقار)

ڀ پوءِ ڪائي ازلي ڀ ابدي پراسراريت جو ڏنڊ هر شيءِ تي ڇانئجڻ لڳو. مون پنل نيڻ ڪٽي سامهون ٽمڪندڙ ڏيئي ڀ اڌ اونداهي مقبري کي ڏسندي فاتحہ لاءِ هٿ کنيا.

ـ فاتحہ!؟

ـپر ڪنهن جي فاتحہ؟

زمن بہ جرم تپيدن ڪنارد مي ڪردي،
نيا بہ خاڪ من آرميدنم بنگر

[تو منهنجي جيئري منهن لڇڻ پڇڻ واري عادت کان مُنهن موڙ پئي ڪئي، هاڻ منهنجي قبر تي اچي منهنجو آرامي ٽيڻ ڏس!]

☆ جا شيءِ لفظن ۾ نہ ماپي سگهبي آهي، اها ڪٿي بہ نہ لکي سگهبي.

دير پهچڻ ۾ ذوالفقار ڪيئ.
چنڊ اڳهون اُلهي ويو آهي.

"زيب سنڈي ٻڌايو: اسان هُن جو مُنهن ڏٺو، لڳو ٿي جڻ مٿي ننڊ ۾ سُتو پيو آهي."

☆☆☆

☆ جنهن شخص سان ماڻهو ورهين جا ورهيہ گڏ هجي، جنهن سان زندگيءَ جي آخري پل تائين دوستي ڀ نيازمنديءَ جا ناتا قائم هجن، محبت هجي۔ ڏک سک ۾ گڏ رهجي. انهيءَ جي موت تي ڪوئي مرثيو لکڻ آ حياتيءَ جو هڪ وڏو عذاب!

ـ هاءِ حياتي.

ـ هاءِ حياتي.

– حياتي آ،

هر وچوڙي جو ورلاپ!

ـ وچوڙو؟

ـ جدائي؟

ـ حياتي!
ـ ڏک
(ڏک پُرٽ جي ڪنڊن وانگر آهن)
ـ ءِ حياتي؟
ـ حياتي آ.
ـ اڏوهي ڪاڏل ڪاغذن جو ڍير!!.....
☆ ڏک بہ تہ اُڏوهي وانگر آهن!
☆ حياتي آ، ڪنهن ڏورانهين ماڳ جو سفر ـ هلندي هلندي ٿي ويا پير پٿون!
☆ سوين سج لهي ويا،
☆ سوين سج اپري ويا.
☆ ءِ هڪ وڏيڪ چنڊ اُلهي ويو!
☆ حياتي آ، اڏوهي ڪاڏل خطن جو ڍير،
☆ اُڏوهي هر شيءِ کي کائي وڃي ٿي!
(زماني تہ ڏاڍي ڏيان سان پئي ہڏو، پر اسين پاڻ ئي داستان ہڏائيندي مني نند ۾ سمهي پياسين.)
☆☆☆

اپريل 1982ع

ـ هُو جڏهن حيات هو، تہ مون سندس ڪتاب "سوچ کي لوچ" بابت ڪجهہ لکيو هو. سال 1966ع جو زمانو هجي. اسين بہ سنڌي ادب جو چاهہ دل ۾ رکي پيا مخزنون ائلائيندا هئاسين. سُٹين ڪوتائن ءِ دل ۾ گهر ڪري ويهي رهندڙ ڪهاڻين جي ڳولا لاءِ هڪ عجيب اُٽُٽ هوندي هئي. انهيءَ ئي دور ۾ هڪ غزل پڙهيم:

"ڪائي وانگر ٽُٽي چٽي پيا، رنگا رنگي سارا سپنا.
ڪير اسان کي موتائي ڏي، اهڙا نازڪ پيارا سپنا،
آس تہ اڄ پي جيئري آهي، جيون راس نہ آيو ڇا هي،
اوندهہ ۾ پي جرڪن ٻهڪن، جيون جا سيپارا سپنا!"

غزل ڇا هو، جڙ ڏهن تي ڪنهن ڪيپ چاڙهي ڇڏيا. سنڌي

غزل، جنهن تي شروعاتي دور ۾ ڊاريائپ جو گهڻو اثر رهيو. انهيءَ پنهنجا پڙهندڙ گهٽ پيدا ڪيا. منهنجيءَ نظر ۾ ذوالفقار راشديءَ جي سنڌي غزل جيڪي پڙهندڙ پيدا ڪيا، اهو مثال تمام ٿورن شاعرن جي حوالي سان ڳڻيي سگهجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي هئي ته راشديءَ سان ملاقات ڪجي، پر ملاقات ٿي ته 1978ع ۾، امداد حسينيءَ معرفت.

ذوالفقار جي شاعريءَ ۾ مضمونن مان سندس ذهانت ڇڪيءَ ريت ظاهر ٿيندي آهي. گهٽ ماڻهن کي اها خبر هوندي ته هو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار به آهي. مون سندس هڪ بهترين ڪهاڻي "سهڻي" سلسلي ۾ "سپني جو موت" جي عنوان سان پڙهي هئي، جيڪا اڄ به منهنجيءَ دل تي اُڪريل آهي. منهنجي سدائين اها خواهش رهي ته مان به اهڙي ئي ڪهاڻي لکان. فنڪار ڪنهن به شيءِ جو محتاج نه هوندو آهي. جڏهن به ڏات هن جي جهوليءَ ۾ هوندي آهي، ته پوءِ هو ڪلا جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪري سگهندو آهي. منهنجي نظر ۾ ذوالفقار راشدي فقط هڪ فنڪار آهي ۽ بنيادي طور تي هڪ صحيح فنڪار "نان ڪميٽيڊ" هوندو آهي، ان ڪري راشدي به فنڪار جي حوالي سان نان ڪميٽيڊ آهي. سندس نظريا پنهنجا آهن. ادب جي دنيا ۾ هو نان ڪميٽيڊ آهي. مخصوص نظرين کان آجو آهي. اهو ئي منهنجو خيال آهي. ساٿس ادبي ناتن کان سواءِ ذاتي دوستيءَ جا به گهرا ناتا ڳنڍيل آهن. هو سنڌي تهذيب جي طور طريقن، اٽڪل ويهٽي ۽ دوستيءَ جي نباهه کان چڱيءَ ريت واقف آهي. عيد هجي يا ڪو ٻيو ڏينهن، سندس يادگيري خط يا تار رستي پئي ايندي آهي. حيدرآباد ايندو ته امداد حسيني، طارق اشرف، نياز همايوني ۽ مون سان ضرور ملندو. آڌي رات کان به وڌيڪ اسان سان گڏ هوندو. رستن تي هلندي، هوٽل فاران جي ڪمري ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ سندس ڳالهين جو جادو پيو بکندو. ۽ جڏهن ويندو ته دل اُداس ٿي ويندي آهي. سندس ئي غزل جي هڪ شعر جيان.

سدائين اها رات پي ياد رهندي،
هئي خوبصورت جا اڄ رات وانگر.

☆☆☆

☆ يادگيري هڪ سمونڊ آهي، جنهن مان اٽندڙ ويرِ ماڻهوءَ کي پاڻ سان ڇڪي وڃي ٿي، دور دور تائين.

☆ ساروٽي ڪڏهن ڪنهن سانوڻ جي وڇ وانگر چمڪندي آهي. ڪڏهن ٿم ٿم ڪندي آهي تارن جيان، ته ڪڏهن پڙڪو ڏيئي اُٽندي آهي ڪنهن وسامیل مڇ وانگر.

☆☆☆

☆ سچ پچ هو هليو ويو!

☆ ماڻهوءَ جي من اندر اداسيءَ جا هيڪاندا اوڙاهه آهن: وشال اونهايون آهن، انهن ۾ وچوڙو ويتر ٿو واڌارو ڪندو وڃي، ويتر ٿو وڌندو وڃي، ۽ وڃي ٿي اداسي من جي وڌندي!

ـ عبدالحق عالماڻي،

ـ ماڻڪ،

ـ طارق اشرف،

ـ موهن ڪلپنا،

ـ پاڻ ممتاز،

ف.م. لاشاري،

ڪجهه به نه لکي سگهيس،

۽ اهو به ته حياتيءَ جو هڪ وڏو عذاب، ته اوهين پاڻ پنهنجن هٿن سان، ويهي پنهنجن جا مرثيا لکو!

۽ اوسارا ڳايو!

ساڻي نه پسان سي، جي هڪر هينئن ٽوٽيون
هاڻي ڪنين جي، وڃيو اڳڙ اَبهان
(شاهه)

☆☆☆

☆ ڪٿي پڙهيو هوم، "ٻڌ هن دنيا کي چڏي ڪونه ويو آهي. جڏهن به ويساک جو چنڊ پنهنجي پوري جوپن تي هوندو آهي، ٻڌ جو پرتو

ڏسي سگھجي ٿو."

☆ ۽ انهيءَ ڳالھ کي کو وڏو عرصو بہ ته ناهي گذريو، جو ھُو اسان منجھ موجود ھو. سنڌي ادب جي آڪاس تي پنھنجي ڇاڻ جي حساب سان، ھڪ روشن ستاري وانگر جڳمگ جڳمگ ڪندڙ، ھڪ ٻاجھارو ڪوي ۽ دلگير انارڪسٽ شخص، جيڪو پنھنجي اندر ۾ دکي ۽ حساس من رکندو ھو، پير پرستيءَ جھڙي ماحول ۾ اڪ پٽيندڙ ھن ڪويءَ مارچ مھيني جي ڏھين تاريخ، سال 1938ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مردم خيز متيءَ منجھ جنم وٺيو.

سندس ڳوٺ کي "شاھ جو ڳوٺ" ڪري سڏيندا آھن، جيڪو لاڙڪاڻي نئين ديري روڊ تي بنھ ھڪ ننڍڙو ڳوٺ آھي. (مارچ جي شروعاتي تاريخن ۾ جنم وٺندڙ جو ستارو Pices يعني "حوت" ھوندو آھي. چون ٿا تہ جنھن ماڻھوءَ جو حوت بُرج ھوندو آھي، اھو تمام گھٽو ڏاھو، سخي، ٻاجھارو ۽ جھونجھار ھوندو آھي.)

ھُن جو والد سيد محمد امام شاھ "شاھ جو ڳوٺ" ۾ قائم گاديءَ جو ستون پڳدار ھو. راشدي اصل ۾ حضرت شاھ صدر نيڪ نظر جي اولاد منجھان آھن، جن کي سندن وڏي ڏاڏي سيد محمد راشد روضي ڏٽي جي نالي پويان "راشدي" ڪري ڪوٺيو ٿو وڃي، جنھن جو مقبرو پير جي ڳوٺ ضلعي خيرپور ۾ واقع آھي. جڏھن تہ سيوھڻ لڳ لکي شاھ صدر، لکياري ساداتن جو اصلوڪو شھر آھي.

پھريون سيد جيڪو اتي اچي رھيو لکي ۾، سو سيد علي بن سيد عباس بن سيد حسين بن سيد ارشد بن سيد عبدالله بن اشرف بن قاسم بن عبدالله بن امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام آھي، جيئن بيان ٿي آيو آھي.

چون ٿا تہ مٿئين سيد جي اچڻ کان ٿورو اڳ دلوراءِ جي ظلم کان اروڙ ۽ پانيرا (برھمڻ آباد) جا شھر ويران ۽ برباد ٿي چڪا ھئا. دلوراءِ پنھنجي پاءُ چٽي اُمراٽي جي ھدايت تي بُرن ڪمن کان توبھ تائب ٿي پشيمان ٿي اچي سيد جي خدمت ۾ پھتو ۽ پنھنجي

نياڻيءَ جو سڳ سيد جي نڪاح ۾ ڏنائين، جنهن مان چار پٽ: سيد محمد، سيد مرادیو، سيد حاجي عرف پرڪيو ۽ سيد چگو پيدا ٿيا ۽ انهن مان چار قبيلا نهي پيا. ڪن جو چوڻ آهي ته چوٽين صدي هجريءَ ۾ دلوراءِ جو پاءُ چنٽو ولد آمر دانهن ڪٽي بغداد جي خليفي وٽ ويو هو ۽ سامره جي رهاڪو متئين سيد كي سو عربن سميت سنڌ ۾ وٺي آيو. متئين سيد عليءَ جي فرزند سيد چگي، سيد حسين نالي هڪ پٽ ڇڏيو، جنهن مان سيد محمد، انهيءَ مان سيد محمود، انهيءَ مان سيد بهاوء الدين، انهيءَ مان سيد عبيد، انهيءَ مان سيد بايزيد، انهيءَ مان سيد فريد يونس، انهيءَ مان سيد ڪيهر پيدا ٿيا. هنن بزرگن مان هر هڪ كي گهٽو اولاد آهي. سيد ڪيهر كي چار پٽ هئا: سيد ايوب، سيد فريد، سيد يعقوب، سيد يحييٰ جو اولاد سيد سماهو عرف سيد ڪيهر آهي. چون ٿا ته انهن ڏينهن ۾ ڪنهن خسيس ڳالهه تان اچي سيدن ۾ سخت جنگ لڳي ۽ وڏو فساد برپا ٿي پيو، جنهن ڪري ڪيترا سيد رنج ٿي هيڏي هوڏي پاسو ڪري هليا ويا. (تحفه الڪرام)

☆ مرحوم پير حسام الدين راشدي اڪثر چوندو هو ته لڪياري سيد، توٽي ٻيا سيد سمورا سنڌو نديءَ جي ڪپرتي آباد آهن،

☆ اٽ پيڙهيون اڳ ذوالفقار جي وڏن نئين ديري لڳ اچي ڳوٺ ٻڌو. سندس تڙ ڏاڏو پير پاڳارن جي گهراٽي ۾ تصوف ۽ طريقت جي پهرئين علمبردار پير صاحب سيد محمد بقا شاه شهيد عرف پٽ ڏڻيءَ (1135-1198هجري) جو ٽيون نمبر پٽ هو، جنهن جو نالو سيد علي مرتضيٰ شاهه راشدي هو. سيد علي مرتضيٰ شاهه جو وڏو پاءُ سيد محمد راشد روضي ڏڻي هو، جيڪو پير صاحب پاڳارن جي جماعت جو باني هو.

لاڙڪاڻي ضلعي جي هن ننڍڙي ڳوٺ جي پيراٽي ماحول ۾ ذوالفقار ڇا ڏنو ۽ ڇا محسوس ڪيو، اهو سڀ ڪجهه هن جي حساس طبيعت مان پيو بکندو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهو وايو منڊل ئي هن كي هاري ڪميٽيءَ ڏانهن ڇڪي ويو هجي، تڏهن ته سال 1953ع ۾ "هاري حقدار" جي نعري كي هنئين سان هنڌائي ان كي

قبول ڪري وڃي هاري ڪميٽيءَ جي هفتيوار اخبار "هاري حقدار" جو ايڊيٽر ٿيو. چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس من ۾ لڪل شعور ڪر ڪٽي آٿيو ۽ سندس شعر پڪيءَ ۽ پختيءَ شڪل ۾ ڊسمبر 1952ع ڌاري غزل جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. اهو غزل دادو شهر منجهان جاري ٿيندڙ مخزن "اسان جي منزل" ۾ ڇپيو ۽ پوءِ هن لکيو ۽ لکندو رهيو.

سندس خواهش:

"هن ڏيهه ۾ انسان جي انفرادي ۽ اجتماعي آزادين کي محفوظ ڏسندي ۽ سچي شاعريءَ جي تخليق ڪري اطمينان سان مري وڃان" ("ڪسوٽي" ڪتاب جو صفحو 159)

ـ هُو متاثر تمام گهٽو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي کان هو.

"پنهنجي شاعر بڻجڻ بابت ڪوبه هڪ سبب ٻڌائي ڪونه سگهندس. البت گمان اٿم ته شايد منهنجي طبيعت شاعريءَ لاءِ موزون هئي. ڪجهه وايو منڊل جو اثر به هوندو جو منهنجي گهراٽي جو ماحول پراٽين معنائن ۾ علمي هو. مولوي شفيع محمد هاتف، مولوي قادر بخش چولياٽي ۽ ٻيا ڪيترا عالم ۽ شاعر قبلا ڏاڏي سائين مرحوم جن جا مريد هوندا هئا، ۽ علمي ماٺهن جي هر وقت آمدرفت هوندي هئي. اتفاق سان مون کي شروع ۾ جيڪي استاد مليا اهي به شاعر هئا. سنڌيءَ جو استاد عبدالڪريم اداسي، انگريزيءَ جو استاد حافظ ضياءُ الحق اسلم شاعر هئا، ۽ فارسي پڙهائڻ وارو مولوي محمد قاسم عيسيٰ ظاهري پڻ فارسي ۽ براهوي زبانن ۾ شاعري ڪندو هو ۽ اهو صاحب هڪ ڪتاب "براهوي گپ گال" (براهوي ٻول چال يا ڳالهه ٻولهه) جو مصنف به آهي. مان سمجهان ٿو ته شاعر بڻائڻ لاءِ نرم ۽ درد پري دل جو هئڻ به پهريون ۽ لازمي شرط آهي. ننڍي لاکون دل ايتري ته نرم هئي، جو ليلان چنيسر، مومل راڻو، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ سسئي پنهونءَ جا قصا ٻڌي روئي پوندو هئس، سسئي پنهون جي قصي جو هڪ بيت اڄ سوڌو اندر تي اکريل اٿم:

پنهون، اڄ پيمي، سوڙهي پاڻ منهين،
اندر باغ بهاريا، ٻيا ميوا منجهيئي،
ڪيڇ خبر پيئي، تہ پنهون سسئي مليو.
("ڪسوٽي" ڪتاب مان)

ڇ پوءِ هُو ڊان ڪيزٽو (Don Quixote) وانگر پنهنجي حويليءَ کان ٻاهر نڪتو، هڪ وشال سرشتيءَ جي ڳولا ۾ يا ايڊونچرسٽ ٿيڻ لاءِ. پهرين هاري ڪميٽي ڇ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي رفاقت ڇ پوءِ سال 1960ع ۾ "مذهب انسانيت" جو اجراءُ، هڪ گاديءَ جو ولي عهد، مستقبل جو سجاده نشين، هڪ شاعر، هڪ ڪهاڻيڪار، هڪ تنقيد لکندڙ ڇ هڪ پير، جنهن جا سنڌ ڇ بلوچستان تائين مريد ئي مريد پکڙيل هئا. هر حساس دل رکندڙ ليکڪ شروع ۾ ائين دنيا کي پنهجي سچاڻپ سان ڏسڻ لاءِ ڪا ڳولا ڪرڻ چاهيندو آهي. اصل ۾ ماڻهو هڪ اهڙي جڳ کي آباد ڪرڻ جي ڪلپنا ڪندو آهي، جنهن ۾ سچ، صداقت، خير ڇ شر هڪ ٻئي کان گهٽو پري هجن. دراصل خوشيءَ جو ڪوئي احساس انهيءَ محل اندر جي اونهاين ۾ لهي ويندو آهي، جڏهن ماڻهو پنهنجي آدرش کي ڳولي لهندو آهي.

☆ عُمر: ستيتاليهه ورهيه اٺ مهينا

☆ جواني:

☆ موت:

☆ فيبروري 1977ع ۾ والد بزرگوار جي وفات بعد ائين سجاده نشين جي حيثيت ۾ گادي نشين ٿيو ڇ سال 1986ع ۾ آگسٽ مهيني ۾ 26 تاريخ تي مرگو هيءُ جهان ئي ڇڏي هليو ويو. سموري حياتيءَ جو ادبي سرمايو ٻہ ڪتاب: هڪڙو سندس حياتيءَ ۾ "سوچ کي لوچ" (شاعري) جي عنوان سان شايع ٿيو، ٻيو "ڪسوٽي" تنقيدي مضمونن جو مجموعو، جيڪو سندس رحلت کان پوءِ پڌرو ٿيو ڇ غزلن جي مجموعي "خواب نامو" جي ايتري سڌ پيئي تہ ترتيب هيٺ هو.

☆ هليو ويو اوچتو ئي اوچتو!

☆ ۽ زندگي!
☆ زندگي هڪ حادثو!
☆ موت هڪ حادثو يا بهانو!
☆ ۽ خواهشون؟
☆ خواهشون سوين، انيڪ خواهشون، پر ڇا پوري ٿي سگهي ڪا به هڪ خواهش؟ (اسين سڀ هن معاشري ۽هن دنيا ۾ Unfit آهيون.)
☆ پر خواهش ڇا آهي؟
☆ زندگي ڇا آهي؟_ اهو سڀ ڏکو بحث آهي، تمام طويل! ڪاش طويل ۽ ڏکي ڇمار هجي ها هُن جي. ماڻهو ڄمي ٿو، مري ٿو، هي جنم جنم جو اڻ کٽ سلسلو ڪڏهن ٿيندو ختم؟ ماڻهو ڄمي ڇو ٿو؟ مري ڇو ٿو؟ هي ڊپريشن ۽ هيءَ اداسي رهي آهي، رهندي هر ڪنهن کي ۽ هي سڀ ڪجهه آ، شام جي لهندڙ پاڇن جيان.

ورق
ورق
گم
ٿي
ويئي
زندگي
ٿي ويئي، ختم ، زندگي، هُن جي!
۽ زندگي!!

☆☆☆

اکيون پير ڪري، ويجي وو! ويجي.
سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي،
ويجي وو! ويجي
لِڪائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نِجي
ويجي وو ويجي!
محبتي ميهار جو سُور نه ڪنهن سلجي،
ويجي وو ويجي.
(شاهه)

☆☆☆

☆ هوٽل فاران، حيدرآباد

- پير صاحب! (مون کلي چيو)

- چو پيو ڪلين ميان؟

- ڪلان انهيءَ ڪري پيو جو اوهين تيل ڦليل ڪيو. ڪارو ويس ڏکي وينا آهيو؟

- چو ڪارو ڪپڙو پائڻ ڏوهه آهي؟

- نہ- ڏوهه ته ڪونهي، پر "پرين تنهنجي فراق ۾ ورتوسين ويراڳ"، هي ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري آهي؟

هُو ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. ته مون سندس سليم شاهي ڪاري ناس جي ڊبليءَ مان چپٽي پري ڪٽي پنهنجي نڪ ۾ اوتي. هڪڙي چڪ..... ٻي چڪ..... ٽين چڪ... ۽ پوءِ فقط چڪون..... ڊوڙي پڳس ٻاڻ روم ڏانهن!

- ميان صاحب، آخر ته پير آهيون. پيرن کي ستائيندين ته اجهو اهو حال ٿيندئي!

☆☆☆

☆ وڃجي، پر ڪيڏانهن وڃجي ۽ وڃي اُت يا انت ڏجي، پر هو ته سڀ جهلين ٿا، عام کي انت ڏيڻ کان. لوڪ کان لِڪ ڪجي، نينهن کي ڪٽي لڪائجي؟

☆ سڀ ڪجهه ٿو ختم ٿي وڃي+سروم+ دکم + دکم!

☆ ٻُڌ سچ ئي چيو آهي.

☆ جنهن کي سوجهرو چئجي ٿو، سو ته آهي ئي ڪونه. جيڪي ڪجهه آهي، اهو سوجهرو ناهي

☆ ته پوءِ آخر ڪار ڪٽي آهي سوجهرو؟

☆ رات ۽ ڏينهن جو ڪال. رات ۽ ڏينهن جو سفر+ رات ۽ ڏينهن جو مون کي من اندر جا ڀالهڙي. ماڻهوءَ جي من اندر جيڪي ڪجهه آهي، ان جي خبر نه ڪنهن جاتي آهي ۽ نه وري ڪوئي جاڻي سگهندو. پر اهو فيصلو به ته ڪوئي نٿو ڪري سگهي. فيصلو هوندو آهي هر ڀالهه جو انت، ۽ انت جي خبر هجي ته پوءِ باقي بچي ڇا ٿو؟ سموري

حياتي ٿا اسين فقط پنهنجي پاڻ کي ڏکويون. ڏکوئيندا رهون ٿا پنهنجي پاڻ کي ۽ حياتيءَ جي اڌ پنڌ ۾ رهجي ويون ٿا اڪيلا اڪيلا. نہ مارڳ جي ڪائي ڄاڻ آهي، نہ ماڳ ٿو هٿ اچي. ڪنهن کي ڪنهن جي ناهي خبر. ڪير ڪٽي ۽ ڪنهن کان ڪيئن جدا ٿو ٿي وڃي. هٿ هٿ مان ڇڏائجي ٿو وڃي الائي ڪيئن ۽ پوءِ پلئه پون ٿا چڙو ڏک.

☆ ڏک!

☆ مابعد الطبعيات انسان جي ذاتي زندگي.

☆ ٻڌ چوي ٿو: "جنهن کي آد آهي، تنهن کي انت آهي. پاڻ لاءِ ڪوبہ ڪيوپ ۽ ڳٽتي ڪرڻ اجايو آهي. جيو آهي رُڄ جيان. سمورا دک اچي ٿا ان کي ڇُهن، سي هليا ويندا سپني جي هيبت وانگر جاڳڻ سان گم ٿي ويندا آهن ۽ اهو جنهن جاڳ پاتي آهي، سو ڀپ کان آجو ٿيو. ۽ هو ٻُڌ ٿيو. هو جاڻي ٿو تہ ڳٽتيون رکڻ اجايو آهي ۽ اهو جيڪو دک جو هٽڻ دک جو علاج ۽ ڏک جو ناس سمجهي ٿو، تنهن چار سچ پروڙي ورتا."

☆☆☆

☆ پر جاڳ ڪنهن نہ پاتي آهي. ڪير پائي سگهيو آهي، لاڀ پرائي سگهيو آهي، جاڳ مان. اسين سڀ ڪنهن پيانڪ سپني جي هيبت جي سنسار ۾ گم آهيون، الوٽ آهيون. جاڳ ٿي تہ سپنو (هيبتناڪ سپنو) گم ٿي ويو. اسين انهيءَ سپني جي سنسار ۾ ئي گُم آهيون، گم ٿي ويندا سين.

☆ هاءِ حياتي.

☆ حياتي آ، ڪنهن بيابان سنسار جو ديس.

☆ سُرها آهن اُهي جن جاڳ ۽ سڪ پائي ورتو.

☆☆☆

شاهہ جو ڳوٺ، نئون ديرو

8۔ مئي 1978ع

سکر کان ٽيندو اڄ وڳڻ (ٻيو نمبر ڳوٺ) ۾ پهچي ويو آهيان. اوهان پيارن جي خلوص، توجهہ، قرب ۽ ڪچهرين لاءِ گهٽو ٿورائتو

آهيان. شڪريو قبول ڪندا.

همڙي خط جي جواب لکڻ جي ڪائي خاص ضرورت ڪانہ ٿيندي تنهن ڪري انهيءَ سلسلي ۾ هروپرو بار محسوس نہ ڪندا، چاڪاڻ تہ پهريون تہ هن خط ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانہ آهي جنهن جو جواب ڏيڻو هجي. ٻيو تہ عام ماڻهن وٽ جيئن اهڙين چٺين چپاٽين جو رڳو وضعداري ۽ رسم رواج نباهڻ لاءِ جواب ڏيڻ جي ريت هوندي آهي مگر اُها عادي ريت اسان سان هروپرو لاڳوڪانہ هوندي آهي، چو تہ هڪ ٻئي سان اُهي لافاني رشتا ۽ روحاني ڳنڍ ڳانڍاپا ۽ لڳ لاڳاپا هوندا آهن جو اسان اهڙين رسمن ۽ رواجي ڳالهين وهيڙا نہ آهيون. اسان ۾ ڪابہ وٽ، ڪابہ دوري ڪانہ آهي. اوهان جي طبيعت اڳ ئي بي مزي آهي، تنهن ڪري خط جي هروپرو جواب لکڻ کي فرضي بار ڪري نہ سمجهو. ڏٺي توهان کي صحت ۽ خوشيون عطا فرمائي.

يارن خاص ڪري وليرام ولپ، امداد، ظفر حسن ۽ سرفراز راجڙ کي سلام چئجو. اميد تہ اوهين هر طرح خيريت سان آهيو.

والسلام، اوهان جو پنهنجو
ذوالفقار راشدي

(2)

نئون ديرو،
9_ آگسٽ 1978ع
پيارا ۽ دل گهريا مدد علي،
يا علي مدد

ڳچ ڏينهن کان اوهان جو خط آيو ۽ رکيو آهي ۽ اُن کي وري وري پڙهي منجهانئس ڪلاڪار جي اندر جي سچائي، لوچ ۽ پوچ کي پاتو ۽ نرمي. سوز ۽ سادگي جي سڳنڌ کي هر هر سنگهيو اٿم. اوهان جي اکرن مان آءٌ اکيون پوري سوچ جي هٿ سان اوهان جي رُنل اڏمن ۽ ڪُنل احساسن کي چُهي سگهيو آهيان. ڏکوين جا ڏک ڏسي رات جي اکين مان ماڪ ڦڙا وسندا آهن (روئي چُڙي رات ڏسي ڏکوين کي!)

پر فنڪار سان سورونديو ٻئي فنڪار جي سورن کي لڇ پڇ ۾ آندڙ مانڊ مان ڪي گھڙيون قرار ملي پوندو آھي. ٻئي جي بيقرارين مان فرار پائڻ خود غرضي آھي يا خلوص، مان فيصلو ڪري نٿو سگھان. پر اھا حقيقت پنھنجيءَ جاءِ تي آھي تہ سور پچار سان سورين ھرين کي ڪي گھڙيون سکون ملي ٿو:

اچو سورن واريون ڪريون سور پچارا!

اوھان مون کي پنھنجي روحاني ۾ قلبي قربائتن ۾ ڳٽيو ٿا تہ اِھي اوھان جا لک لائق چئبا، نہ تہ سچ پچ تہ مان پاڻ کي ڪنھن ڳڻ، ڪنھن قطار شمار ۾ نٿوسمجھان. ھونءَ بہ پاڻ کي ڪنھن قطار ۾ سمجھڻ ۾ پنھنجي وجود کي اڏوگابرو، اٽپورو ۽ ڀڳل ٽٽل يانئڻ ئي اسان کي تخليقي فن جي رنگارنگ ڪائنات ۾ گھلي آيو آھي، جتي ڪجھ جڙي، ڪجھ خلقي ۽ ڪجھ اُپائي اسان اڻ سڏيءَ ريت جڙڪ پنھنجي ھوند، پنھنجي وجود ۽ جياپي جو ثبوت ڏيندا ۽ پنھنجي سڏلتا کي مجائڻ جو جتن ڪندا آھيون ۽ پڙھندڙ ۽ پارکوءَ وٽان ملندڙ موٽ جڙڪ ھڪ مجتا ھوندي آھي تہ ھائو، اوھين آھيو ۽ ڪارآمد آھيو. اُنھيءَ ڪري اُھا موٽ گھڙي کن لاءِ اسان کي مست، مگن ۽ مخمور ڪري ڇڏيندي آھي!

آءٌ قلندر پنھنجيءَ ڏُن ۾ مست، مگن، مخمور. اسان ٻالا ڀولا قلندر پنھنجي معصوم سوچ ۾ ڪجھ دير تائين پاڻ کي مجازي خالق ۽ ديوتا جو درجو ڏئي ويھندا آھيون، پر وري گھڙي پلڪ کان پوءِ جڏھن حقيقي حياتيءَ جي وھ کان ڪوڙين ۽ پھاڙ کان پختين حقيقتن سان ٽڪراءُ ٿيندو اٽئون تہ اسان جا ڪپاٽ ڪُلي ۽ خوشيون جلي ويندیون آھن. ڇاڪاڻ تہ جيون جي سيني رستن ۽ ڪنڊن پاسن تي اٽڪھڙين جي پڄت ۽ حڪمراني آھي ۽ حياتي ھڪ منٽ لاءِ بہ فنڪار جو سپنو ناھي. اُنھيءَ ڪري اُن گھڙي کن جي خيالي خدائي ماڻڻ کان پوءِ وڌيڪ سور ۽ ايذاءُ سھندا آھيون، جيئن ھر نشئي نشي ٽٽڻ کان پوءِ بيچيني ۽ بيقراري محسوس ڪندو آھي. اھو اسان جو مقدر آھي تہ اسين جذبن ۽ احساسن جو سپنو سونجھي صرافن اڳيان رکڻ جي گھڙي سوا واري خوشي ماڻي

وري خالي جهوليءَ کي ڏسي مايوس ٿيون ۽ اندر جي اونهاين ۾ پيهي وڃون نوان ماڻڪ ٽيڙ لاءِ. اهو چاکيءَ جي ڏاند وارو چڪر هلندو ئي رهي، جيستائين وڃي مٿي جي بوتي مان ساري سگهہ ۽ توانائي کامجي ۽ ساري جُرپر، سموري هڙ وٽ، سپ پڄ ڏوڙ مٿيءَ ۾ ملي مٽي ٿي وڃي. نسيم کرل جي کوپريءَ کي بندوق جي چرن سان پَڇڙ وارن هڪ ڪن لاءِ بہ اهو نہ سوچيو هوندو تہ هيءُ مٿو ڪنهن مجازي خالق جو آهي جيڪو ننڍ جي حالت ۾، سپنن ۾ بہ ڪا سهڻي ڪهاڻي سرجي رهيو هوندو:

"پور آهيون ڏئي ميوو چڻي ويندا سين!"

وري ٻئي پيري.

سمورن سپنن سوداون سوڏو.
تنهنجو، ذوالفقار راشدي

(3)

نئون ديرو،
18- جنوري 1981ع
سنڌي ادب جا شرير معشوق مدد سنڌي،

اوهان کي اِهو ٻُڌي پڪ ئي پڪ خوشي ٿيندي تہ منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو- "سوچ کي لوچ" ڇپائيءَ جي آخري مرحلن ۾ آهي ۽ نومبر ۾ آئوٽ ڪرٽو آهي.

پبلشر جيئن تہ نوجوان ماڻهو (زيب سنڌي) آهي سو نئين روايت سان نباهڻ گهري ٿو. سندس فيصلو آهي تہ ڪتاب سان گڏ ڪئٽلاگ بہ ڇپائڻي آهي، جنهن ۾ همعصر اديبن ۽ شاعرن جا، ذوالفقار راشديءَ جي ذات ۽ شاعريءَ بابت، مختصر رايا شامل ڪيا ويندا.

مان حجت پري اميد رکي هيءُ خط لکان ٿو ۽ اوهان کي تڪليف ڏيان ٿو تہ مون يا منهنجي شاعريءَ بابت اوهان جو جيڪو بہ رايو هجي، مختصر نموني چوٽاڙ پني تي لکي موڪليندا تہ وڏا وڙ پائيندس. اِهو رايو ترت گهرجي جيئن تاريخ 26 ، آڪٽوبر 1981ع سومر جي ڏينهن مون وٽ پهچي وڃي. مون کي قوي اميد آهي تہ

اوهان هرگز مون کي نااُميد نہ ڪندا. والسلام!

مخلص،
ذوالفقار راشدي

(4)

8_ آڪٽوبر 1981ع

مون بابت اهڙو پيار ڙو رايو رکڻ ۾ لکڻ لاءِ مهرباني

قرب ڪري تقرير بہ هاڻي لکي رکو جو اوهان کي "سوچ کي لوچ" (منهنجي شعري مجموعي) جي مهورت تي پڙهڻي آهي. ڪجهہ مواد، تقرير جي تياريءَ ۾ ڪم اچڻ جهڙو ڏينهن ٻن اندر رجسٽر بُڪ پوسٽ ذريعي موڪلي ڏيندس اوهان ڏانهن. سنگت کي سڪ پريا سلام . والسلام

نوٽ، شمشير اڄ ڪلهہ ٻڌو اٿم تہ بدين ۾ آهي، سندس صحيح ايڊريس لکي موڪليندا مهرباني. خيرگهرو.

ذوالفقار راشدي

(5)

9 آڪٽوبر 1981ع

خلوص پري ڪچهريءَ لاءِ ٽورائتو آهيان. خدا گهريو تہ ترت ملنداسين_ مهربانيون.

خيرگهرو،
ذوالفقار راشدي

(6)

25_ آڪٽوبر 1981ع

بعد ازدعا گوئيءَ جي واضح تہ

اوهان صاحبن طرفان موڪليل اوهان جي مربي ياءُ مرحوم ممتاز علي قريشيءَ جي ياهي بابت دعوت نامو پهتل آهي. خيرات في سبيل الله جي هن سڏ ۾ مان، ڪيترا بہ ڪم ڪارين سيڙائي بہ شريڪ ٿيان، مگر اِتفاق سان ساڻئي ئي ڏينهن منهنجي پاٽيجي

جو طهر آهي ۽ مون کي خبر آهي ته دوست ته غير حاضري معاف ڪري سگهن ٿا، پر مائٽ معافي ڪونہ ڏيندا، ان ڪري اوهان کان نهايت افسوس سان معافي گهران ٿو.

والسلام

دعاگو،

ذوالفقار راشدي

(7)

26- آڪٽوبر 1981ع

يار، هڪ مختصر رايو موڪلڻ لاءِ ايترو انتظار نہ ڪراءِ. اڄ هاڻي ئي "سنڌ نيوز" جي ايڊيٽر جي ڪرسيءَ تان قلم کي هلائي وٺ!

والسلام

اوهان جو،

ذوالفقار راشدي

(8)

1 نومبر 1981ع

توهان جو مختصر رايو به ايڊا ڪونہ مليو!

"ايڊا پي چوين ٿو وفادار آهين!"

خيرگهرو،

ذوالفقار راشدي

(9)

24- ڊسمبر 1982ع

معمولي سوڪڙي موڪليان ٿو، مگر سڪ ۽ سچائيءَ سان. اُميد ته قبول پوندي. والسلام.

اوهان جو مخلص،

ذوالفقار راشدي

(هوٽل فاران روم نمبر 52، فون 23992)

(10)

9 ڊسمبر 1981ع

نئون ديرو

يا علي مدد!

آءٌ 25 يا 26 ڏاري حيدرآباد پهچي رهيو آهيان. انشاءَ الله تعالي ملنداسين، اوهان ڪراچيءَ واري "سال يا ڪال" ۾ ڪونہ آيا هئا. چو؟ بهرحال تفصيلي خبرون چارون روبرو ڏيندا سين، ونندا سين.

مخلص

ذوالفقار راشدي

(11)

5 جنوري 1982ع

شاهہ جوڳوٹ

يا علي مدد۔ من پرتا ۽ محب الفقراءِ مدد علي،

شڪر آهي جو توسان ترت وعدو پاڙي رهيو آهيان ۽ سڄا سارا 4 فُل اسڪيپ پرت رايو لکيو اٿم. هونءَ تہ اهڙو توتي ماٹهو آهيان جو پنهنجي شاعري نقل ڪندي بہ آگر ۾ ڪنڊ پئجي ويندي اٿم.

هي رايو جيڪو هِن گڏ موڪليان پيو ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ جي جذبي هيٹ لکجي ويو آهي ۽ هن ۾ هڪ لفظ جي ڪاٹ ڪوٹ ۽متا ستا بہ مون کي ڏکوئيندي. بس، اهو لحاظ رکجو. نئين سال جي مبارڪ تہ بروقت ملي هئي نہ؟ جواب ترت موڪلجو، پيارا!

امداد کي کوڙ سارا سلام

ڪتاب جي مهورت جي موقعي لاءِ 3۔4 ڏينهن اڳ تار موڪلي اطلاع ڏيٹ جو خفو ڪجانءِ ۽ اُها تاريخ مقرر ڪرٹ نہ وسارجانءِ، جنهن تي لاڙڪاٹي کان حيدرآباد لاءِ فلائيٹ هجي. توهان پنهنجو اهو وعدو ياد رکندا تہ مان بہ توهان جو سڈ پرٹ ضرور ايندس، اکيون پير ڪري. امداد ۽ ولي رام کي کوڙ سارا سلام چئجان. والسلام

خيرو گهرو،

ذوالفقار راشدي

(12)

8 جنوري 1982ع

يا علي مدد! محب الفقراءِ مدد علي سنڌي

رايو مليو هوندءِ، پڙهيو هوندءِ، الائجي وٹيءِ يا نہ؟

مان تنهنجي ذات جي حوالي سان تنهنجي ڏات کي ڏئو آهي- ڪيئن ٿيڪ آهي؟

هاڻي هڪڙو خاص ڪم تہ موجوده حالتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تخليقي ادب جي بهتري ۽ واڌاري لاءِ، سرڪاري سطح تي، ڪهڙيون بهتر تجويزون ٿي سگهن ٿيون؟ ريڊيو ۽ ٽي وي تي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي تخليقي ادب جي لاءِ وڌيڪ وقت يا ٻئي ڪنهن طريقي مجائي سگهڻ جهڙيون يا قابل عمل ڪهڙيون تجويزون آهن؟

قرب ڪري هڪ هفتي اندر موثر، مدلل ۽ مفصل تجويزون لکي موڪل تہ مان قاضي فضل الله صاحب (سابق وزير اعليٰ سنڌ) کي ڏيندس، جو نالين سنڌي سياستدانن مان پانيان ٿو تہ هو اڪيلو ماڻهو آهي، جيڪو فيڊرل ائڈوائيزري ڪائونسل ۾ ويو آهي ۽ ٻڌو اٿم تہ تازو "ڀان" کا خبر شايع ڪئي آهي تہ ڪيس مذڪور ڪائونسل جو چيئرمين مقرر ڪيو ويندو ۽ ٻيو مسٽر عبدالغفور پرڳڙي آهي، جنهن کان ڪالهہ اهڙو وعدو ورتو اٿم. مسٽر پرڳڙي رڳو نالين وڪيل ناهي پر ڪافي عرصو اڳ هڪ حدتائين صحافت سان بہ واسطو رهيو آهي ۽ ادب ذوق ماڻهو آهي ۽ شايد 1968ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر بہ مقرر ٿيو هو.

هي ڪم فوري ڪري موڪليو. مان امداد کي جدا خط لکي ڪانئس پڻ اهڙيون تجويزون گهرايون آهن. پنهنجن تحريرن جي حمايت ۾ ڪن سنڌي اخبارن يا رسالن جون ڪٽنگس بہ موڪلي سگهو تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. خدارا ڪجهہ ٻيو نہ سوچيندا. اسين پاڻ پري رهندي، گمنام رهندي، پنهنجي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪي جتن ڪري سگهون تہ سٹي ڳالهہ. ازان سواءِ اسان ڪنهن جا ڪهڙيءَ بہ ريت پيٽ ۽ ٽائوٽ ڪونہ ٻڌجي رهيا آهيون. اوهان انهي ڪري مون تي اعتبار ڪري سگهو ٿا، جو مان اديب جي سياسي

ڪمٽمينٽ ڪي ئي گناهه سمجهان ٿو.

اوهان جو
ذوالفقار راشدي

(13)

27 جنوري 1982ع

نئون ديرو

تنهنجي ڪتاب (شاعريءَ جي مجموعي) جي مهورت جو ڪوبه پرو ڪونه. جنوري ته گذري ويو. فيبروري منهنجي بلي آهي- پلا چو؟

يار، تون جواب لکڻ ۾ دير ڏيڪاري، هروپرو مصروف هئڻ جي ائڪٽنگ/ پوز نه ڪندو ڪر ۽ گهٽ ۾ گهٽ مون سان ائين نه ڪندو ڪر. اهڙيءَ ريت "وڏو ماڻهو" بڻجي ڪونه سگهبو. ڪيئن پلا "باجهارو دهشت پسند ۽ دلگير ڪوي" وارو رايو وٺيو/ دل سان لڳو يا نه؟ تنهنجي چپ اجايو اوسيئڙي ۾ وجهي ٿي. مان اِهو رايو ڏاڍي خلوص ۽ سچائيءَ جي جذبي هيٺ لکيو آهي ۽ ڪٿي اشاعت لاءِ به ڪاپي موڪلي ڏني اٿم. اِتي ئي "سنڌ نيوز" جي آفيس مان وينِي وينِي جواب لکي موڪل- صحافيانه انداز ۾ سلپن تي. "سنڌ نيوز" جي آفيس ۾ لفافن جي ڪوٽ آهي ته لفافو مان موڪليان ٿو، پر جواب بهر صورت ورندڙ ٽپال ۾ ڪپي.

خيرگهرو،
ذوالفقار راشدي

(14)

نئون ديرو

18 فيبروري 1982ع

انهيءَ ڳالهه اندر ڪي ڏاڍو اهنج پهچايو ته اوهان ڪن دوستن ڪي چيو آهي ته "سلو پوائزن" وارو افسانو، ذوالفقار راشديءَ جي پارت سان "نئين زندگيءَ" ۾ چپيو آهي. ياءُ، اهڙي غير دوستانه، غير اخلاقي ۽

واهيات عمل جي تهمت تون مون تي ڪيئن رکي سگهئين!

ذوالفقار راشدي ڪنهن کي دوست بڻائيندو ڪونهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سان دل جو پيچ پختو ٿي ويو تہ پنهنجي طرفان ان ناتي سان بيوفائي خدا نہ ڪرائيندو. منهنجي ڪاتي ۾ اهي گناهہ نہ لکو. جن جي تهمت ٻڌڻ سان ئي مان لڄائجي ويان. دوستن سان بيوفائي، منهنجي ايمان مطابق سڀ کان وڏو ظلم ۽ سڀ کان بچڻو ڪفر آهي ۽ بهرحال مان خوش آهيان. يارا! اوهان جو خط بہ ڪونہ پهتو! اوهان حيدرآباد وارا ڪيڏا نہ پڪا، رکا ۽ شڪي مزاج رکندڙ يار آهيو! آخر اوهان چو ائين آهيو؟ ڇا اوهان سچائي ۽ خلوص کي پرکي ۽ سڃاڻي نٿا سگهو؟

والسلام۔ اوهان جو اهوئي
ذوالفقار راشدي

(15)

نئون ديرو
3 مارچ 1982ع
يا علي مدد.

هڪڙي خط لاءِ گهٽا ورهيہ انتظار ڪيو آهي؟ انهيءَ سوال جو جواب وٺڻ لاءِ حيدرآباد اچان پيو.

والسلام
ذوالفقار راشدي

(16)

27۔مارچ 1982ع
يا علي مدد

اڄ نياز جو خط مليو آهي، توکي منهنجي موڪليل جواب جي حوالي سان. هن کي بہ اُکريءَ ۾ مٿو وجهڻ جو شونڪڙو جاڳيو آهي ڇا؟ حيدرآباد ۾ قلعي جي پاسي ۾ هاڻي بہ سانڊي جو تيل وڪڻڻ وارا، جيئرا سانڊا ٻڌي، دنگيون پري ويهندا آهن دوڪان لڳائي. پر نياز خود حڪيم آهي. تون نياز جهڙي عاقل ۽ پريي مڙس کي هاسيڪار

اُنگرائي ڳيرو ٻڌائڻ جو ٺيڪو ڪنيو آهي چا؟ ڇڏ يار، چو ٿو چڳن مڙسن جو اتو خراب ڪرائين! بهر صورت اهو فيصلو تہ حيدرآباد ۾ ٿيندو تہ منهنجو عزيز ۽ پراڻو يار نياز تنهنجي صحبت ۾ اچي ڪيئن ٻار ٿيو آهي.

يوگ ختم! هاڻي گنيير معاملو تہ نياز جو ڪلام ۽ اوهان جي ڪهاڻي "سڳنڌ پبليڪيشن" لاءِ تيار رکجو. مان ڪوبہ ٻانو ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان. مان دلاسي تي ٽرڻ وارن مان ناهيان. سو ڪهاڻي ۽ ڪلام (جلال چانڊئي وارو نہ) ضرور ڪپي. هن خط پهچندي پهچندي مان حيدرآباد پهچي ويندس. متان چئو تہ مان ڪم پيو وٺان. وڌيڪ حال روبرو ٻن ڏينهن اندر.

خير انديش
ذوالفقار راشدي

(17)

نئون ديرو
21-اپريل 1982ع
يا علي مدد!

توهان ڏانهن هيءُ لکڻ ڪيترو نہ هلکو ۽ اوپرو لڳي ٿو، مگر هن موقعي تي لکڻو تہ ائين ئي آهي نہ تہ اوهان جي ساندهہ تعاون لاءِ ٿورائتو آهيان ۽ هن گڏ خبر اوهان جي اخبار ۾ پرنٽ ٿيڻ لاءِ موڪليان ٿو، جو اها برمهل ٿيندي . مهرباني.

ها ننڍا ياءُ، تو واري ڪهاڻي اجا چو نہ پهتي آهي! ٻيلي، مون سان اهي گوٽنات ڪونہ هلندءِ. اڄ ئي ڪهاڻي پوسٽ ڪر، پر ڪنهن شريف کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ ڏجانءِ. ڪنهن حرامي جي ورنہ چاڙهجانءِ.

اميد تہ سڄي سنگت سوڌا خوش هوندا. قاضي اسلم صاحب کي هيڪاندا سلام.

والسلام
خيرگهرو
ذوالفقار راشدي

(18)

نئون ديرو

4- اپريل 1982ع

يا علي مدد! مُحب الفقراءِ مدد!

ڪلهه رات ٻي وڳين مهل خيريت سان ڳوٺ پُڳاسين. واٽ تي گاڏين جي تيز لائيٽ، ڄڄمي ٽريفڪ، خراب روڊ ۽ ڪيترن هنڌن تي ڊائيورشن ڏاڍو وقت ونايو ۽ ٽڪايو ۽ ها، اوهان وارو اهو خط جنهن تي اوهان 27 جنوري 1982ع جي تاريخ وڌي آهي. سو به مهيننن جو سفر پورو ڪري نيٽ منهنجي پرپٽ نئون ديرو پهتو هو- تعجب آهي!

بهرحال اوهان جنهن "نوبهار ناز" جو ذڪر ڪيو آهي، ان (اڪ نو بهار نازڪو تاڪ هي پهر هوس) کي هرگز هٿان نه وڃائجو، نه ته ڪنهن چواٽي: "زندگيءَ ۾ هيءُ جو هيترا سارا پڇتاءُ ايندا رهن ٿا، انهن ۾ هڪ ٻئي پڇتاءُ جو واڌارو ٿي ويندو." ۽ هرڪو پڇتاءُ هڪ حساس فنڪار جي نڙيءَ ۾ پيل گوگهي کي وڌيڪ سوگهو ڪندو ويندو آهي. 10 مارچ واري "سنڌ نيوز" ۾ اسان واري خبر ڪانه هئي- الائي ڇو! "سڃڻڌ" لاءِ هڪ هفتي اندر ڪهاڻي موڪلي ڏي، نه ته پوءِ ياري متاثر ٿيندي. جواب باصواب جو انتظار رهندو.

ذوالفقار راشدي

(19)

29- اپريل 1982ع

ننڍا پاءُ،

ڏاڍو بيوفا نڪتين! "سڃڻڌ" لاءِ ڪهاڻي اڃا ڇو نه پهتي؟ "روشنيءَ" ۾ تنهنجي ڪهاڻي ڏٺم، پر پڙهيم ڪانه، احتجاج طور!

مئي جي 5 تاريخ کان 7 تاريخ اندر حيدرآباد اچڻ جو ارادو رکان ٿو. روبرو ملاقات ٿيندي. ان کان اڳ ڪهاڻي رجسترڊ پوسٽ ذريعي موڪلي ڏي، نه ته هاڻي رَسي پونداسين. والسلام

اوهان جو

ذوالفقار راشدي

نئون ديرو

11 ڊسمبر 1982ع

محب الفقراءَ مدد علي، يا علي مدد!

اوهان جو تفصيلي خط بروقت پهتل اٿم. خوشي ٿيم تہ اوهان Sindh writers co-operative society بابت گنيئرتا سان سوچي رهيا آهيو. مون کي پڪ آهي تہ جن ٻين يارن کي حال احوال معلوم آهي، اهي بہ ساڳي ئي ٿيم ۾ گنيئرتا سان ويچاري رهيا هوندا. انهيءَ رٽ بابت امداد ۾ ظفر حسن کي پڙ خط لکيا آهن، اوهان هنن کي تفصيلات کان آگاهہ ڪجو. منهنجو پڪو ارادو آهي تہ ڊسمبر 1982ع جي 15 تاريخ ڏاري حيدرآباد اچان. انهيءَ موقعي تي سنگت جي هڪ غير رسمي گڏجاڻي ڪوٺائبي. اُنهي وچ ۾ اوهان رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ کان قانوني شرط شروط تفصيل سان معلوم ڪري چڏجو.

يارا مان انهيءَ اسڪيم کي هڪ سُندر سپنو سڏي سگهان ٿو. پر آدرشي رٽا جو نانءُ ڏئي نٿو سگهان. ـ چاڪاڻ تہ منهنجي مشاهدي (observation) موجب هر حسين نظريي آدم زاد سان هر دور ۾ پيانڪ دغا ۾ ڪنورپٽي وارو سلوڪ ڪيو آهي. مان اُن پوائنٽي ۾ ڪنور دوکي کان بيحد ڊنل آهيان.

راشدي گهراٽي جو ظالم جادوگر اڃڪلهہ سبيءَ جي دوري تي ويل آهي. واپس اچي تہ مان کانئس سنڌي ادب جي ظالم جادوگر لاءِ دعا سڳو ضرور حاصل ڪندس. دلجاءِ ڪندا.

ماسات طارق اشرف کي منهنجي ڪتاب "ڪسوٽي" جي چپائي جي سيڙجي وڃي پارت ڪندا، ۾ صورتحال بابت مون کي ترت اطلاع ڪندا جو اهو ڪتاب بهرحال ڊسمبر 1982ع آئوٽ ڪرٽو آهي.

اميد تہ اوهان خيريت سان آهيو

والسلام، خيرگهرو

ذوالفقار راشدي

(21)

18_ مئي 1982ع

جناب جوگرامي نامہ موصول ٿي نظر نواز ٻڌيو.

حضرت! مان اهڙو ته بيوفا ٿيڻ / ڇوائڻ مزاجاً ۽ اصولاً پسند ڪونہ ڪندو آهيان، جو جيڪا چيز دستياب هجي يا آءُ اُن تي قادر هجان ۽ پوءِ بہ دوستن کي محض وعده فردا تي ملتوي ڪندو رهان. مثلا اوهان جي گرانبها افساني جو انتظار شبِ هجر مثل طويل ٿيندو رهي ٿو ۽ هميشہ اِها معذرت موصول ٿيندي رهي ٿي ته نقشِ اول روشنيءَ جا قزاق کڻي ويا، باقي نقشِ دوم جڏهن مزاجِ مقدس تي طلوع / نزول ٿئي.

في الوقت اوهان صاحب سووينئر / بروشر جي مطالع مان استفاده فرمايو ۽ اصل ڪتاب بہ جناب والا کي جلد از جلد موصول ٿي ويندو. بس، صرف هفتہ عشره جي دير آهي.

يقين واثق اٿم ته ڪهاڻي ارسال فرمائڻ جي سلسلي ۾ جناب جن جي نيت بخير ناهي. في الوقت خدا حافظ!

والسلام_ خيراندیش،

ذوالفقار راشدي

نوٽ: ها، والا جاهہ، هو "نو بهار ناز" وارو حادثو ڪهڙي منزل / انجام کي پهتو؟ يا اجا اعلي حضرت جن "المجاز قنطره اللحقيقته" کان لطف اندوزي فرمائي رهيا آهن!

والسلام

خيراندیش

ذوالفقار راشدي

(22)

9_ جون 1982ع

شاهہ جوڳوٺ

نئون ديرو

تنهنجو 12 جنوريءَ تي لکيل خط پهتو، مهرباني

اميد تہ هن وقت تائين "سوچ کي لوچ" کي نظر مان ڪڍي چڪو هوندين. چگو جو هن پيري سنجيده (بلڪ ڪجھ رنجيده) آهين، نہ تہ اسان فقيرن خلاف اسڪينڈل بازي ڪري هروپرو تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهين، پر پوءِ بہ الائي ڇو تنھنجون اهي ڏڏي بازيون ۽ چالاڪيون وٽندیون اٿم. اتفاق سان، سيوهڙ سان اوهان جي ناناڻي ڪھول جو تعلق آهي. منھنجون بہ سيوهڙ شريف سان ڪجھ ناناڻيون ڏاڏڻيون لڇون لڳن. ڪڏهن پڇجائين تہ ٻڌائيندو سانءِ.

سنڌ نيوز اوهان سان ۽ اوهان سنڌ نيوز سان جڙيا هجو. اهو پير مان چڪر ڪڍي هڪ هنڌ ئي وينا هجو. اڄا تہ مون کي "سنڌ نيوز" جي آفيس ۾ چراخ موڪلي سيني اسڪينڈل بازين جو پلئہ ڪرڻو آهي.

ذهن ۽ روح جا باطني ڳانڍاپا ضروري نہ آهن تہ حقيقي وجود ونيِ ۽ عمر پر جا ساٿي ٿي رهن. سندر سوچون، نازڪ ناتا جلدي وکري ويندا آهن. خواب ۾ جيڪي ايندا آهن، ورلي ئي ڪنهن جا ٿيندا آهن. والسلام

اوهان جو
ذوالفقار راشدي

(23)

5- جون 1982ع

"سوچ کي لوچ" Complimentry Copy موڪليان ٿو. پوري ڏيان ۽ ڏيرج سان پڙهي پوءِ پنھنجو رايو موڪلجانءِ. پڙ "سنڌ نيوز" ۾ پرپور تبصرو ترت شايع ڪج. انشاء الله تعالىٰ هفتي ڪن ۾ ملنداسين. ٻڌو اٿم تہ اڇڪلھ تنھنجي حيدرآباد ۾ ڏاڍي گرمي آهي- ڇا سچ پچ؟ والسلام

اوهان جو
ذوالفقار راشدي

(24)

آگسٽ 1982ع

يا علي مدد!

اڄ صبح 6 وڳي حيدرآباد کي ڇڏيوسين ۽ ڳوٺ خير سلامتيءَ سان پهچي وياسين. ڳوٺ پهتم تہ تنهنجو خط تہ رکيو هو، پر تار ٻار ندارد! انهيءَ کوڙ جي پلو لاءِ تنهنجا ڪن روبرو پٽبا!

منهنجو پڪو ارادو آهي تہ تنهنجي ڪتاب جي ڪاج ۾ ضرور اچان. ظالم جادوگر، تون پلي کوڙ ڳالهاءِ پر مون کي توسان ضرور نباهڻو آهي، جو لڳيم ٿو تہ تون دل جو ڪرو ضرور آهين. محبوب صاحب ملي يا فون تي ملي تہ ڪيس ڇڪجانءِ تہ اتر سنڌ جي سارين جي گهٽ لوئر سنڌ ۾ ڏڏيون هوائون فقط بدن تان تہ لاهي سگهن ٿيون، پر روح جي ڪاڙهي ۽ من جي مونجهہ ميڙ جي سگهہ دنيا جي ڪنهن بہ سرد خاني ۾ ڪانهي.

نياز جو پتو ڳولي ڏيڻ لاءِ مان تنهنجو ٿورائتو آهيان. ظالم، ٻيو ڇا لکان جواب ۾؟

والسلام

تنهنجو،

ذوالفقار راشدي

(25)

آگسٽ 1982ع

نئون ديرو

"غزل"

(ظالم جادوگر مدد سنڌيءَ کي پڙهڻ لاءِ.)

جو لکيو ڪين وڻيو تنهن جو ڪيهو نانءُ رکون؟
تون ٻڌائينم، تہ پوءِ ڪيئن ۽ ڪنهن لاءِ لکون؟
ايتري قدر بہ ساڃهہ ۽ سچاڻپ نہ وڃاءِ
جُو سُڃان وات تي گڏجون تہ سچاڻي نہ سگهون!

اک وڃائي نہ ويهي پاٽي ۾ پرڇھ پنھنجي،
۾ ڪڏھن ڪنڌ ڪٽي آھون سامھون نہ اچون.
ڏوھہ قسمت جو رھڻ نہ ڏيون تہ اھو بھتر آھي،
جي وري وقت ملائي تہ پوءِ روئي نہ ملون
نينھن ناتو نہ رھي، ساھہ سلامت تہ رھي،
ھا ٿڏو ساھہ ڪٽي ياد تہ ھڪ ٻئي کي ڪيون!
نيت جو نانءُ بچي، لوڪ لکا ڪانہ پوي،
ڏيڻ جو ڏپ تہ ھلي، نانءُ وفا جو نہ ڪٽيون!
ماڻھپو، مت نہ رھي، پت نہ لھي ماڻھوءَ جي
مھر مرجات مروت جون جناکون نہ ڪيون!
فرد فاني آ مگر ريت امر آھي پريت،
مانُ رسمن جو رھي، گڏجي ڪتابن ۾ رھون!

ذوالفقار راشدي

☆☆☆

17 آگسٽ 1982ع

بيوفا آھين، ننڍا پاءُ!

13-8-1982ع تي "تنوير" انتظار ڪري ھليو ويو ۽ 14 تي مان بولان ۾ ھليو آيس. بھرحال خيريت سان ئي پھتم. تنھنجي فنڪشن جي پوري رپورٽ، جي شايع ٿي ھجي، تہ مون کي ڪاپي موڪلڻ نہ وسارجانءِ. اُنھيءَ کان سواءِ جيڪڏھن تون مناسب سمجھين تہ نورالھدي شاھہ جي مقالي/تقرير جي ڪاپي موڪلي ڏئي.

ھڪ غزل موڪليان ٿو، جيڪو تنھنجي Poetic prose روح وانگر اداس آھي، پڙھہ ۽ ڪا اداس ڏُن بنائي ڳائي ٻڌاءِ پيارا. جڏھن مان تنھنجي شھر اچان تہ مون کي ڳائي ٻڌائڻو اٿئي، نہ تہ پوءِ ..... جيئن سمجھين ٿو!

قاضي اسلم صاحب کي منھنجا کوڙ سارا سلام چئجانءِ!

والسلام

خيرگھرو

ذوالفقار راشدي

(27)

(نوت: هن خط سان گڏ ٻه غزل موڪليان ٿو، مدد سنڌيءَ کي پڙهائڻ، رَٽارڻ ۽ ڳارائڻ لاءِ)

غزل

زهر سوچن جو پي ويو آهي،
ايترا سال جي ويو آهي.
بس،جيئاري سگهيو دلاسو هيءُ،
هو ته ايندو جي هي ويو آهي.
ڪاٽي ڇو اجان ٻه ماڻائت!
مون تي جادو ته ٿي ويو آهي.
ليکيو ڇو ٿا پراڻا ڏوهه، ثواب
اڳلو لکيو ڏهي ويو آهي
ڪير هاڻي وري ڇڻي سگهندو،
بخت مون سان ڏهي ويو آهي
زهر جيڪو اڳي هو خيالن ۾،
هاڻي دل ۾ لَهي ويو آهي.
ڇو اڪارت وڃائين اوجاڳا!
چنڊ مٿو ڏئي ويو آهي،
دير پهچڻ ۾ ذوالفقار ڪيئه،
چنڊ اڌهون اُلهي ويو آهي.

(28)

نئون ديرو

1_ آڪٽوبر 1982ع

اوهان ڏانهن پنهنجي اُنميءَ تفصيلي خط جي ڪاپي موڪليان ٿو، جيڪو اڄ جناب ناصر بروهي، ايڊيٽر روزانه "هلال پاڪستان" کي موڪلي ڏنو اٿم. جن مسئلن ڏانهن مان بروهي صاحب جو ڌيان ڇڪايو آهي، اُهي اهڙا نه آهي، جو اُنهن تي ڪلم ڪلا رسالن ۽ اخبارن جي ڪالمن ۾ لکي ڏارين کي مداخلت جو موقعو

ڏجي. مون کي سڌو طريقو اِهو نظر آيو. تہ اسان سيني کي ناصر بروهي صاحب ڏانهن اهڙي نموني جا پنهنجن پنهنجن لفظن ۾ خط (ذاتي خط) لکي ڏيان ڇڪائجي. (جيئن هلال مڱزين هڪ ٽولي جي نظرياتي ڪٽرپڻي جو شڪار ٿي ضايع ٿيڻ بجاءِ هر مڪتب فڪر (School of Thought) جي ليکڪن جي هڪ جهڙي خوش دلي ۽ دور انديشيءَ سان آجيان ڪري ۽ اڳلي "سوجهرو" (ڊرائنگ روم مڱزين ۽ ادبي رسالي) جون سڪون لاهي سگهي. جڏهن تہ "هلال پاڪستان" ڪنهن بہ هڪ فرد يا گروهہ جي ملڪيت ڪانهي. پر سيني سنڌين جو مٿس هڪجهڙو حق آهي.

انهيءَ کان سواءِ ناصر صاحب کي هيءُ بہ احساس ڏيارڻ گهرجي تہ "ساهت ڏارا" جو هفتيوار ادبي صفحو ترت جاري ڪيو وڃي.

قرب ڪري تاريخ 8 آڪٽوبر تائين اهڙو خط لکي موڪليوس.

والسلام

ذوالفقار راشدي

(29)

24 آڪٽوبر 1982ع

يا علي مدد!

هند ۾ ڪو دوست، هنڊ ۽ سنڌ جي سنڌي شاعريءَ جي مزاج، ٻولي ۽ ماحول جي فرق تي عالمانہ مقالو لکي رهيو آهي. منهنجي سپرد اِهو ڪم ڪيو اٿس، تہ سنڌ جا ڇپيل مجموعا ڪيس مهيا ڪري ڏيان. قرب ڪري فورا ۽ ورندڙ ٽپال ۾ مون کي پنهنجو شاعريءَ جو ڪتاب (هڪ ڪاپي) موڪلي ڏي، جو هر صورت ۾ اُهي ڪتاب 31_ آڪٽوبر کان اڳ هندستان موڪلڻا اٿم. اوهان جو اِهو مون تي ذاتي ٿورو ٿيندو. مان اوهان دوستن کي اها تڪليف نہ ڏيان ها، پر اوهان جو ڪتاب لاڙڪاڻي جي بڪ اسٽالن تي دستياب ڪونهي. اميد تہ ترت ملاقات ٿيندي. نيازکي نياز چوڙ نہ وسارجو.

والسلام

اوهان جو

ذوالفقار راشدي

(30)

1- نومبر 1982ع

مدد پيارا

ياعلي مدد!

توکي منهنجي لکيل خطن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپين مان احوال معلوم ٿيندا رهندا هوندا. ڪالهه توڏانهن رجسترد پوسٽ ذريعي انهن خطن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون موڪلي ڏنيون اٿم. جيڪي مون محمد ابراهيم جويي صاحب ۽ ف م لاشاري کي لکيا آهن. اڳ ۾ ناصر بروهي صاحب کي موڪليل خط جي ڪاپي پڻ اوهان ڏانهن موڪلي ڏني اٿم.

اهو سڄو مواد هٿيڪو رکجو. جو شايد "سنڌ نيوز" ۾ ڇپجڻ جي گهرج پوي. پر جيڪڏهن تو همت نه ڪئي ته پوءِ ڪنهن پمفليٽ جي صورت ۾ شايع ڪبو. هاڻي ڪنهن خاص موقعي تي ائين نه ڇڪجاڻ، ته مون هٿيڪو ڪونه رکيو هو مواد ۽ هاڻي ته هٿ ڪونه ٿو اچي يا اهڙي قسم جو ڪو ٻيو لولو لنگڙو بهانو. جيئن مون کي "ڪونج" جو سيپٽمبر 1982ع وارو پرچو اڄ سوڌو ڪونه موڪليئ. (خير اُهو مون وٽ هاڻي پهچي ويو آهي.)

اميد ته خيريت سان آهين. سنگت کي سلام

والسلام

ذوالفقار راشدي

(31)

نئون ديرو

2- فيبروري 1983ع

ياعلي مدد

اوهان جي قربن ۽ دلي گهر لاءِ ٿورائتو آهيان. مهربانيون. مون کي اِهو به ارمان آهي ته تفصيلي ڪچهري ٿي ڪانه سگهي. هاڻي وري مارچ ۾ ملاقات ٿيڻ جي اميد آهي. پڪ اٿم ته اوهان پنهنجي

قرب ۾ يادڪان محروم ڪونہ رکندا، والسلام

خلوص مان،
ذوالفقار راشدي

(32)

30 آگسٽ 1983ع

محب الفقراءَ مدد علي

يا علي مدد!

يار، اسان فقيرن کي دڙکن ڏيڻ مان ڇا هٿ ايندءِ؟ نہ هوند نہ شُڪر! پيارا، توکي خبر آهي تہ هر تخليق ڪار فنڪار وهنواري زندگيءَ ۾ ناڪام فرد هوندو آهي. ڪامياب ماڻهن کي ڪهڙي گتي پئي آهي، جو واپارکي وهي- بندي کي بند ڪري ويهي تخليقي بياض لکن؟

هن مهاڇٽڪي سماج (منشي پريم چند چواٽي) ۾ عشق بہ هڪ واپارکي وٺ آهي. وهنواري زندگيءَ جي ناڪام ماڻهن کي هن ڏنڊي ۾ بہ ناڪام ئي سمجهڻ گهرجي. مون کي جڏهن اها پت آئي هئي تہ مان سچ پچ هڪ شاعر آهيان، تہ گڏوگڏ اها بہ پڪ ٿي هئم تہ عشق بہ هڪ وهنوار ۽ واپارکو ڏنڊو آهي اڇڪلهہ. سو مان اهڙو چريو ڪڏهن کان ٿيس جو انهن ڏنڊن ۾ پاڻ کي ڪاميابيءَ جون اميدون ڏيکاري، پوءِ ناڪام ٿيان ۽ بعد ۾ مراقبي ۾ هليو ويان.

نہ پيارا! ڪنهن ملان لاءِ اهو هُلائڻ کا معنيٰ نٿو رکي تہ ڏسوس مُلان اٿو.... ملان اٿو..... اهو تہ کو چرچو بہ نٿو ٻڌجي سگهي. شاعر، ازل کان ناڪام آهي، ان کي نئين سر ناڪامياب سڏڻ کا نئين ڳالهہ تہ ناهي. وهنواري زندگيءَ جي هن ناڪام ۽ ناڪاري ماڻهوءَ لاءِ تہ افلاطون بہ پنهنجي Republic ۾ کا جاءِ سيڙائڻ مناسب نہ سمجهي هئي. ها البت ڪنهن شاعر کي ڪامياب چوڻ ڏيکارڻ ڪجهہ تعجب جهڙي ۽ نئين ڳالهہ چئي سگهبي. مان ايڏا تہ مراقبي ۾ ڪونہ ويو آهيان، پر ڪڏهن اوچتو ويراڳ وٺان تہ عجب ڪونهي. اوهين ٻڌايو اوهان ڪڏهن عملا بہ ويراڳ وٺڻ بابت سوچيو آهي، يا رڳو ڪهاڻين ۾ پوڙ

هٽندا آهيو؟ هتي اسان جو نوجوان زيب سنڌي، مدد جي ڪهاڻين، شاعريءَ پيش لفظ کان متاثر ٿيندي ترت ويراڳ ونڊ وارو آهي!

ها يار، اوهان "سنڌي ساهت سهڪاري سوسائٽي" جي ڪم بابت ڇا ڪيو هينئر تائين؟ ظفر حسن ته ڪو احوال ئي ڪونہ لکيو آهي اڄ سوڌو!

مان سيپٽمبر ۾ حيدرآباد اچي رهيو آهيان. هفتي ڪن اندر سيني دوستن کي مقرر تاريخ لکي موڪلينڊس. انور جوڪئي ۽ سنڊس "سنڌ" مخزن جي پارت هجيو. لاڙڪاڻي ساهہ سيباڻي جو رهاڪو هيءُ اڪيلو نوجوان اوهان جي حيدرآباد ۾ سنڌي ادب جي ميدان ۾ پيو هيڪلي سر مٿا مونا هڻي. حيدرآباد، جيڪڏهن هن سان بہ نہ نباهي سگهي ته ميارداري ٿيندي. سيني يارن دوستن، جويو صاحب، امداد، ظفر حسن، طارق، شوڪت، وليرام ۽ ٻيءَ سڃي سنگت لاءِ هيڪاندا سلام آهن.

ساڻيو
ذوالفقار راشدي

(33)

نئون ديرو
15 سيپٽمبر 1983ع
ياعلي مدد!

اڄ ئي تنهنجو هڪ خط مليو اٿم، جنهن ۾ چرچي جي چهنڀڙي پائڻ کان پوءِ اهوئي گوشہ نشيني ۽ حيدرآباد طرف نہ اچڻ ۽ اوهانجي هڪ اڳلي خط جو جواب نہ موڪلڻ جو ڏوراپو ڏنو اٿئي. لڳي ٿو تہ اِهو خط ڪو پراٽو خط آهي جيڪو مون کي اڄ ئي مليو آهي، ڇوتہ انهيءَ وچ ۾ اوهان جي هر هڪ خط جو جواب ڏئي چڪو آهيان ۽ ڪا مياراڻي رهيل ڪانهي.

ٻيو تہ لفافو ڏاڍو پراٽو ٿي چڪو آهي، شايد ٽپال ۾ رُلي رُلي ۽ هٿن ۾ لتاڙجي. لفافي تي لڳل پوسٽ جي مُهرن ۾ تاريخ چٽيءَ ريت پڙهڻ ۾

نٽي اچي ۽ نہ وري اوهان ئي خط ۾ ڪا تنڊ تاريخ لکي آهي. مگر احوال ۽ لفافي جي حالت ٻڌائي ٿي تہ خط وقت کان گهڻو اوير ماڳ تي رسيو آهي. شڪر آهي جو وري بہ پهتو تہ سهي! "پُلي پُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ پُلي"!

اوهان هن خط ۾ حيدرآباد جي موسم سڌي ٿي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي. يقيناً جولاءِ جي اڌ کان پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جون موسمون موج پريون ۽ روح پرور ٿي ويندیون آهن،مگر مان انهن جو لطف ماڻي نہ سگهيو آهيان. اها ڪم بختي ئي چئبي!

هونءَ دوست، مون کي پيارين مندن کان گهڻو وڌيڪ پيارا ماڻهو منا لڳندا آهن ۽ هر گهڙيءَ ياد رهندا آهن. ڪٽي موسم ڪيڏي بہ خراب چو نہ هجي. يار، اوهين مون کي ايترو ياد رکو ٿا، تہ پوءِ اهو چونڊا سمجهو تہ مون کي بہ اوهين هر محل ۽ هر مند ۾ ياد رهو ٿا. مان وفاداري ۽ سانڍهہ وفاداريءَ ۾ مڪمل ايمان رکندو آهيان. يعني وفاداري بشرط استواري!

عيد کان پوءِ ايڏانهن اچڻ جو سعيو ڪبو. دوستن کي سوسائٽي جي ڪم لاءِ پڙ سجاڳ رکجو. ۽ سلام چئجو.

والسلام

دعاگو، ذوالفقار راشدي

(34)

25۔ مارچ 1984ع

يا علي مدد

اميد تہ توکي تنهنجي امانت (سندس نندي پاءُ کان) ملي چڪي هوندي ۽ تنهنجي ڪاوڙ بہ ڪجهہ ڏري ٿي وئي هوندي ۽ هاڻي نياز صاحب وٽ وڃي نئين دوستي وڌائيندي پراڻين سنگتين کي پُلائڻ جون ڳالهيون ڪرڻ جي گهڻي گهرج ڪانہ پوندي هوندي.

ظفر حسن باءِ لازتيار ڪري چڏيا آهن.2، مارچ تي صبح جو 11 بجي کان 12 بجي منجهند تائين فاران ۾ ميٽنگ ڪري ڪاغذن تي صحيحون ڪرڻيون آهن. منجهند جي ماني اُتي ئي کائي هڪ وڳي ڏاران ماتليءَ لاءِ روانا ٿيندا سين. جتي رئيس مرحوم جي مزار

تي گلن جي چادر چاڙهڻي آهي ۽ سندس صاحبزادي سان عذر چوڻو آهي. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن ماتلي هلڻ لاءِ اتان ڪنهن ڪرايي جي ويگن جو بندوبست ٿي سگهي ته ڏاڏو سنو ٿيندو. ورندڙ ٽپال ۾ اهڙو جواب موڪل. هيءُ خط پڙهڻ شرط جوابي لفافو موڪليان ٿو. متان اُنهيءَ مهل اويلئبل نه هجي.

اميد ته خيريت سان آهيو. سنگت ۽ پاڻ کي پروگرام مطابق تيار رکجو. والسلام

اوهان جو،
ذوالفقار راشدي

(35)

28 ڊسمبر 1985ع

نئون ديرو،

يا علي مدد

تنهنجو تحريري ڏوراپو مليو اٿم. يار، تنهنجو نياپو ائين ئي واٽ ويندي مليو هئم. مگر جنهن جو فنڪشن هوندو آهي / ملاکڙو پچائڻو هوندو آهي ته سيني نالين ملهن جو نالو کڻي پڙهو گهمائبو آهي ته اهي اچن پيا. بس، اهڙو ئي نياپو مليو هو تنهنجو. مون مذاق سمجهندي، مذاق ۾ وراڻيو هو ته مدد سان ملاقات هاڻي حيدرآباد جيم خانه ۾ ٿيندي. هونءَ به تنهنجو انتظار ڪير ڪري!

دل کي بيقرار ڪير ڪري!
تنهنجو اعتبار ڪير ڪري!

مخلص،
ذوالفقار راشدي

☆☆☆

پير صاحب! سيوهڻ منهنجي ته جنني جنم ڀومي آهي، پر اوهان وري سيوهڻ سان ڪهڙو ناتو وڃي ڳوليو آهي؟

ـ ميان باز قلندر جي درگاهه تي اندرويو آهين؟

- هاڻي اها بہ ڪا پڇڙ جي ڳالھ آهي!

- قلندر جي مزار جي چوگرد جيڪو چانديءَ جو چٽ آهي،- اهو منهنجي ناني مرحوم جو ٺهرايل اٽئي!

☆☆☆

(36)

Telegram.

0 1830 A.27.10.1985.

Madad Ali Sindhi Editor "Sindh News" Daily, Hyd.

= Very sorry for not reaching today=

Zulfiqar Rashdi

Naodero.

(37)

01500.A5 Larkana. 31.5.1986

A Happy New year Mubarak

Zulfiqar Rashdi

Naodero:

☆☆☆

- پير صاحب! منهنجو خيال آهي تہ لاڙڪاڻي اچي اوهان جو ڳوٺ ڏسان!

- ڇو وري ڪنهن اسڪينڊل لاءِ مواد ڪپندئي ڇا؟

- اهڙي تہ ڪائي ڳالھ ڪانهي، پير صاحب

- آءٌ سڀ سمجهان ٿو.

- پير صاحب آءٌ سيريس آهيان.

- اصل ۾ توکي اتان جو پيراٽو ماحول بنھ نہ وٺندو. آءٌ سدائين اوهان سنگت سان ڪمي انهيءَ لاءِ تہ ملڻ ايندو آهيان.

☆☆☆

"دنيا جي ڏاهپ جي ڏاڏي سقراط چيو هو ته شاعري، پيغمبري ۽ عشق جنون جا ٽي قسم آهن. شاعري پيغمبر جو جزو آهي يا نه؟ شاعر ۽ پيغمبر جو ڪم هڪ جهڙو ئي آهي يا مختلف؟ انهن سوالن کي هڪ پاسي رکندي مان اهو ضرور قبوليان ٿو ته شاعري، پيغمبري ۽ عشق- تنهي جي جڙ هڪ ئي پائيجي ٿي. جنون اهو جنون ديوانگيءَ جي ڪيفيت جو نانءُ لڳي ٿو. جنهن تان ڪوڙئين فرزانگيون/ دانايون گهوري گهمائجن. هر سچو شاعر/ ڪلاڪار عاشق آهي ۽ عشق ئي هر لطيف فن جو بنياد آهي. لفظ عشق پنهنجي اندر ۾ ايترين ته وڏيون گهريون ۽ گنڀير معنائون رکي ٿو. جو اُن جو انت پائڻ ۽ تت ٻڌائڻ نه رڳو اوکو پر اڻ ٽيٽي ڳالهه آهي. جيڪڏهن منهنجا لفظ ڪنهن فتويٰ جو ڪهرو روپ نه وٺي ٻيهن ۽ لهجو اسهه نه لڳي ته مان جيڪر وڏي واڪ ائين چوان ته جيڪو عشق جو انڪاري آهي سو يا ته ڪوڙو آهي يا شاعر ئي ڪونهي!"

(شاعريءَ جي ڪتاب: "سوچ کي لوچ" جي مهاڳ مان ٺڪرو)

☆ هو نه چاهيندو هو ته ڪوئي سندس ڳوٺ ۾ اچي سندس پيراٽو ماحول ڏسي. هن جي اباڻي گاديءَ جي پيري مريديءَ جو سلسلو سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکڙيل هو.

☆ هڪ حساس ذهن رکندڙ ڪوي جڏهن گادي نشين ٿيو. ته ڪيس اهو وايو منڊل بنهه نه آڻيو. سندس اندر جي سوچ جڏهن لوچ ڪائيندي هئي ته هو ڳوٺان هليو ويندو هو.

☆☆☆

☆ پير صاحب! مون ۾ ماڻهو ڏٺا آهن. جيڪي بيحد حساس ۽ ذهين هوندي به پيراٽي ماحول ۾ جڪڙيل آهن.

☆ ها سچ چئين ٿو.

☆ پچو نٿا ته اُهي به ڪهڙا ماڻهو آهن.

☆ خبر الٿم. خبر الٿم. ماڻهو جنهن ماحول ۾ جنم وٺي ٿو. جنهن خاندان ۾ نپجي وڏو ٿئي ٿو. پوءِ ان ماحول کان ڪٽي ٿو پاڻ ڇڏائي سگهي. بهرحال ڪوشش اهائي ڪجي ته ذهن ۽ ضمير

سلامت هجي ۽ ڪنهن سان بہ ڪا ويساهہ گهاتي نہ ڪجي.
بهرحال تون چڏ هن بحث کي. وڻي هل اڄ مون کي جامشوري!

☆☆☆☆

سپني جو موت!!

"هو پاڻ تماشو هو ۽ پاڻ ئي تماشائي، پاڻ پڇندڙ ، پاڻ ورجائيندڙ. پاڻ ئي ڏيک، پاڻ ئي ڏسندڙ. پاڻ ئي آواز، پاڻ ٻڌندڙ. سوداءِ ۽ سودائي.... پاڻ پنهون، - پاڻ سسئي.... پنهنجي ڳالهہ پنهنجي ڳڻتي، پنهنجو خواب، پنهنجي سوچ، پنهنجي دل ۽ پنهنجو دوزخ هو پاڻ ئي هو. سودائي ۽ خيال پرست سپنا ئي جنهن جي حواسن تي اکت ۽ اٽٽرڏک دونهين ۽ ڏنڌ وانگر چانيل هئا. اٽٻڏا آواز پڙاڏا بڻجي ۽ ايامن جا اڻ ڏٺا پور ۽ پچارون، مورتون ۽ صورتون اسرار جو ويس ڏڪي اڇي اڳيان بيٺيون. غيب، اسرار، وهم ۽ وسوسو (شال بچڙا خواب منهنجون ننڊون نہ ڦٽائن ۽ نہ ڪي اوندهہ جون قوتون ئي مون کي پريشان ڪن)

My ill dreams not distrub my rest,
Nor the power of darkness me molest.

خوشيءَ ۽ خواب جو پاڻ ۾ گهرو سنهنڌ آهي ۽ گهٽا انسان خوشين جي ڳولا ۾ خواب ڏسندا آهن، ۽ خواب ننڊ جا بہ ٽيندا آهن تہ سجاڳيءَ جا بہ!

هو ڪيڙا چنڊي الٽي ڪڙو ٽيو، مگر سودائي سوچ ڏوڙ ڪانهي، جنهن کي هٽ هٽي ذهن مان چنڊي ڦٽو ڪجي. هن کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي.

where burning sopho loved and sung.

ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان "ٻائرن" هن جي رهنمائيءَ لاءِ منهن مٽي ڪنيو. هن کي اڄ رات ڪيئن بہ ڪري پنهنجي نوريءَ وٽ خط جو جواب پهچائڻو هو. جيڪا هن معل، آڏيءَ رات تائين مٽيڻءَ ماڙيءَ جي اولهائين دريءَ مان اکيون ڏاڙي ويٺي واجهائيندي هوندي.

انهيءَ جھوني ماڙيءَ جي ڪنھن ڪوٺيءَ ۾، ميرن جي زماني جون منھن- ۾ بندوقون ھڪ پاسي پٽ تي ٽنگيل ھيون ۽ ٻئي پاسي سونھري مُنيون واريون تراريون ۽ ميناڪاري ڍالون لڙڪيل ھيون. ماڙيءَ جي چوڌاري ٻن مڙسن جيڏو ڪوٽ ھو ۽ ڪوٽ جي اندر ھڪ پاسي طنبيلو ھو، جنھن ۾ اڇي نسل جا گھوڙا ٻڌل ھئا. جيتوٽيڪ شيورليٽ ۽ بيوڪ جي زماني ۾ اھي سواريءَ جي ڪم ڪونہ ايندا ھئا، مگر اڳئين زماني کان ھلندڙ رسم ۽ شان کي ته نياڻو ھو نہ، چو ته ڪوٽ جو مالڪ ست پيڙھائتو نہ پر اجا بہ ويھہ پيڙھائتو ھو. مغلن جي زماني کان وٺي ھن جا وڏا اميرھئا. مغل، منگول... ۽ ھن کي وري تاريخ ياد اڇي ويئي. چنگيز خان تاتاريءَ جو بوقلموني ۽ ھيبتناڪ داستان! ھاڻي خيالن ۾ ٽُب ھو ڪوٽ جي ويجھو پھچي چڪو ھو، ۽ اوندھہ ۾ ڪوٽ جا ڪنگرا ڏسي ھن کي چنگيز خان جا ماڻھن جي منڊين مان جوڙايل "منارا" ياد اچي ويا. يوسف ائين خيال ڪرڻ لڳو ته ھي بوقلموني ڪوٽ، جنھن جون پيڙھيون مغلن جي جاگيري تاريخ ۾ڪُپن ٿيون ان کي ڪنھن ڪنڊ ۾ ڪا نوري نہ پر زيب النساءِ مايوسيءَ ۾ جھونگاري رھي آھي:

عمريست کہ بلبل بچمن نغمہ سرائيَت،
راہ نيست درين باغ مگر بادِ بھارا

("سھڻي" ڪتابي سلسلو مئي 1967ع ۾ ڇپيل ذوالفقار راشديءَ جي ڪھاڻي "سپني جو موت" مان ورتل.

ڪسوٽي

- مدد علي! ٻيلي ھڪڙو ڪم ته ڪر.
- فرمايو.
- يار، ماسات طارق اشرف کي "ڪسوٽي" ڇپجڻ لاءِ ڏنو اٿم. مھينا گذري ويا آھن. مون کي ھر ھر ھن کان سوال پچندي لج ٿي اچي، ته آخرڪار ھو اھو ڪتاب ڪڏھن ڇپي ڏيندو.
- پير صاحب، مھرباني ڪري مون کي معافي ڏيو. مان اوھان ٻنھي

جي وچ ۾ نٽو پوڻ گهران.

- اڙي ميان! ڏاهو ٿي.
- ته پوءِ چا ڪريان پلا؟
- تون چُپڙي ڪري چؤ مون کي معلومات ونڊي ڏي ته آيا ڇهن مهينن ۾ ڪتاب جا ڪجهه صفحا ڇپيا يا نه؟
- شابس هجيو، مارايو وري مون کي ٿا. طارق صاحب اڳي ئي مون تي ڪاوڙيل، وري جاسوسي ڪرائي مون کي ٿا ٻوهي ۾ وجهو.
- ميان باز آخر ڪار يارن جي ڪڏهن ڪم ايندين!
- توهان جو مقصد آهي ته وتان اُکرين ۾ منهن وجهندو، واهه سائين واهه! مان پاڻ کي انهيءَ ٻوهي ۾ هرگز نه ڦاسائيندس. آخر ڪار اوهين پاڻ چونٽا اهاسجي ڳالهه طارق صاحب پچو؟
- يار هو منهنجو دوست آهي پائرن جهڙو ۽ ٻيو ته مون کي لڄ ٿي اچي بار بار هُن ڪتاب بابت پڇا ڪندي.
- توهين گڏجي مون سان هلو سهڻي پريس.
- مون سان اهي استاديون نه ڪر.
- پير صاحب! اهي اوهان جا رجعت پرستيءَ وارا مضمون ڪتابي شڪل ۾.... (مان ڪلڻ لڳس)
- ٻيلي! مون کي خبر آهي ته تون وڏو ترقي پسند آهين. هاڻ مات ڪري مون کي خبر چار آٽي ڏي!
- پير صاحب، آخر ڪار اوهان کي پنهنجا ڪتاب ڇپرائڻ جي ايڏي تڪڙ ڇو آهي؟ ڇپجي ويندا آهستي آهستي اوهان جا ڪتاب!
- ميان صاحب.....
- اوڪي، پير صاحب! مان پاڻ خبر چار ونڊي توهان کي سياڻي جواب ڏيندس!

☆☆☆

هُن کي پنهنجو ڪتاب "ڪسوٽي" ڏسڻ جي ڏاڍي آس هئي. 1982ع ۾ اهو ڪتاب پريس ۾ ڏنو ويو هو، پر 1986ع جي اڌ تائين اهو

ڪتاب گردش ۾ رهيو. (ڪارڊ ڪجھ پريس جو، ڪجھ راشدي صاحب جو ۽ ڪنھن حد تائين مان بہ!) چئن سالن جي گردش کان پوءِ ٻہ مھينا کن اڳ وڃي ڪتاب بائينڈنگ جي مرحلي ۾ پھتو. تائتل بہ ڇپجي ويو. راشدي صاحب کان پڇيم، "بئڪ تائيٽل تي ڇا ڏيڻو آھي؟" ھن چيو، "ھفتي کن ۾ ڪجھ لکي ڏيندو سانءِ!" ۽ اھو ھفتو کن ويو سندس طبيعت مطابق اينگھبو ۽ ٻہ مھينا گذري ويا. گذريل ھفتي مليو تہ چيومانس، "ڪجھ لکي ڏيو، يا مان ائين ئي ڪتاب کي پڌرو ڪندس. يا وري پاڻ ئي ڪجھ لکي ڪتاب پڌرو ڪري ڇڏيندس." چيائين، "نہ، ڏينھن ٻن ۾ ئي ڪجھ لکي ڏيندو سانءِ." ۽ پوءِ نہ اھو ڏينھن آيو، ۽ نہ وري مليا سين ۽ سوچيان ٿو، شايد ڪسوٽيءَ جو بئڪ تائتل مون کي ئي لکڻو ھو ۽ ان تي ھن جي وڇوڙي جو ذڪر ئي اچڻو ھو!

(28- 8- 1986ع تي ذوالفقار راشديءَ جي ياد ۾ لکيل زيب سنڌيءَ جي تاثرتان ورتل.)

☆☆☆

اوھان جو خط پھتل آھي. جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي ويئي آھي، ان لاءِ معافي جو طلبگار آھيان. دراصل راشدي صاحب جا پونير ھن وقت ھتان شفٽ ٿي وڳڻين وڃي وينا آھن، يعني سائينءَ جو پٽ ۽ ٻي اولاد وغيره. ھت سندن پاڻ رھي ٿو، پر ان وٽ ڪجھ بہ ڪونھي. يعني راشدي صاحب جا ڪتاب، تصويرون يا ٻيو سمورو مواد سندس فرزند جي حوالي آھي، پر اُھو ھت ڪونھي! سمورو ذخيرو ھڪ ڪمري ۾ بند آھي، جنھن کي تيزيءَ سان اُڏوھي کائي رھي آھي ۽ بي سمجھيءَ سبب ڪافي ڪتاب تور جي حساب سان وڪرو بہ ٿيا آھن، جن مان ٿي چار ڪتاب مون بہ دڪان واري کان ورتا آھن، جن تي راشدي مرحوم جا ھٿ اکر بہ لکيل آھن. سو پاڻ! اوھان جي طرفان پڇيل پوري معلومات نہ ملڻ جو ڏاڍو ڏُک اٿم، پوءِ بہ يادگيريءَ جي بنياد تي اوھان جي پڇيل سوالن جي جوابن ۾ ڪجھ معلومات موڪليان ٿو.

1۔ تصوير جو ملڻ محال آهي. مون وٽ بہ صرف هڪ بليڪ اينڊ وائيٽ تصوير هئي، جنهن جي ڪاري ڪاپي هئي، جيڪا نفيس احمد شيخ کي موڪلي اٿم. تماهي "مهراڻ" لاءِ. اها بہ راشدي صاحب جي نوجوانيءَ جي آهي.

2۔ ذوالفقار راشديءَ جي پَٽ جو پورو نالو سيد عبدالحئي شاهہ آهي. ڪيس "ڏاڏو" بہ سڏيندا آهن. مٽس پيءُ جي پڳ آهي (مٽس ڏاڏي جو نالو آهي.)

3۔ راشدي گهراٽو لاڙڪاڻي ضلعي جي نئين ديري پرسان پير ڳوٺ ۾ تقريبن 12 صدي هجريءَ ڪان آباد آهي، جو حضرت سيد علي مرتضيٰ شاهہ راشدي، جيڪو پير سائين محمد بقا شاهہ شهيد جو ٽيون نمبر فرزند هو، اڇي هن ڳوٺ ۾ ويٺو. پر موجوده ڳوٺ جي ٻاهر هڪ ڪوٺ نما جڳهہ جا باقي نشان مون پاڻ ڏٺا. البت موجوده "پير جو ڳوٺ" جنهن کي "شاهہ جو ڳوٺ" بہ چون ٿا، تنهن کي سيد محمد راشد شاهہ راشدي، جيڪو سائين علي مرتضيٰ شاهہ جن جو پوٽو هو ۽ سائين محمد عطا شاهہ راشدي جو فرزند هو، ٻڌايو هو. اهڙيءَ ريت هي ڳوٺ آباد ٽيو ۽ هينئر نئين ديري شهر جو اهم محلو آهي.

4۔ ذوالفقارراشدي صاحب تي بيماريءَ جو حملو وفات (26 آگسٽ 1986ع) ڪان بہ ڏهاڙا اڳ ٽيو. ۽ شايد 25 آگسٽ تي لاڙڪاڻي نيو پئي ويو، جتي 26 آگسٽ 1986ع (27 آگسٽ جي رات) تي وفات ڪري ويو.

ادا، اها گهربل معلومات موڪليان ٿو. تصويرن جي بہ حقيقت ڪيم. نفيس احمد بہ تصويرون اوهان جي مضمون لاءِ گهريون هيون. موجوده تصوير جي نگيٽو ڪيس موڪلي اٿم. پي ڪابہ تصوير هجي ها تہ مان اڪين سان موڪلي ڏيان ها. پونيرن، سندس پائرن، ملڪيت جي ورهاست تي هڪ ٻئي مٿان ڪيس وغيره ڪيا آهن ۽ ٻئي ڏريون الڳ الڳ آهن. راشدي صاحب جي فرزند جي عمر تقريبن 15 سال ٽيندي. اميد تہ هي معلومات بہ ڇڳي مدد ڏيندي.

اميد آهي تہ اوهان بلڪل خيريت سان هوندا. ورندي‌ءَ جا ٻہ اکر لکجو.

اوهان جو

امام راشدي .

پير جو ڳوٺ، نئون ديرو....

19_ 10_ 1993ع

☆☆☆

1980ع، سنڌ نيوز آفيس، حيدرآباد

_ پير صاحب، اوهان آهيو ڏاڍا گهرا ماڻهو.

_ چو، وري ڇا ٿيو؟

_ منهنجو مقصد آهي، آهن اوهان جي اندر ۾ ٻہ وڏا ڳجهہ، پر ڪنهن کي ٻہ انت نٽا ڏيو!

_ اهو وري ڪيئن ميان باز؟

_ ڪنهن سان زندگي‌ءَ ۾ آخرڪار ڪڏهن تہ نينهن جو ناتو نپايو ضرور هوندو؟

_ تنهنجو مقصد آهي، تہ تو وانگر وتان نزرٽ ڪاليج جي وٽن تي نالا لکندو؟

_ اهو وري ڪنهن..... ٻڌايو؟

_ ڪنهن ٻہ نہ.

_ پير صاحب! اها ڳالهہ اوهان کي ضرور ڪنهن ٻڌائي آهي.

_ تون ڇڙواهو ٻڌاءِ تہ نالو لکيو هيئہ يا نہ؟

_ اهڙي تہ ڪائي ڳالهہ ڪانهي.

_ ميان. اسين ٻہ آخرڪار تہ پيراٽي نچ مان آهيون، گهر ويني خبر پئجي ويندي اٽئون.

_ پير صاحب! اها منهنجي خلاف اوهان کي جنهن ڳالهہ چئي آهي اُن جي مون کي چگي‌ءَ ريت چاڻ آهي. (هُو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.)

1986

_ يارا مدد علي، حياتي‌ءَ تي ڪو پروسو ڪونهي. خواهش اٿم تہ اها سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي ٺهرائي ونان.

پير صاحب! اوهين ته ماشا الله ايڏا جوان لڳا پيا آهيو. باقي اندر ۾ ڪوئي ڏک اٿو ته اهو ڪولي ٻڌايو؟

- اڙي ميان! ڪڏهن ته سيريس ٿيندو ڪر. سچ پچ ته ڪڏهن رکي رکي هانءُ ۾ سور پوندو اٿم.

- اهو گئس جي ڪري ٿيندو هوندو. اوهين هڪڙو ته پنڌ نٿا ڪريو ۽ ٻيو مانيءَ ۾ بہ ڏاڍي ٿا بد پرهيزي ڪريو!

- شابس هجنئي. ونيو پاڻ هلين ٿو آڏيءَ جو جامشوري ڦاٽڪ تي گوشت کارائڻ.

- اهو بہ ته اوهين پاڻ چوندا آهيو.

- ها يار! سچ پچين ته هيڏانهن حيدرآباد ايندو ئي آهيان من جا هيڪاندا بارءِ ملولائي لاهڻ لاءِ!

- پير صاحب، هي اوهين بہ ڇڏيو اهي پيريون مريديون، عام ماڻهن سان اٿو، ويهو!

- عام ماڻهن سان نٿو اُٺان ويهان چا؟

- نہ، منهنجو مطلب آهي ته ڪنهن سان ڪوئي نينهن جو ناتو ڪٽي رکو.....!!

- هاڻ ماڻ ڪر، نہ ته سچ بلوچستان مان چراخ ونڊي اچي سنڌ نيوز جي دفتر ۾ ڇڏيندس!

☆☆☆

حيدرآباد ايندو ته خالي هٿين هرگز نہ ايندو. دوستن لاءِ ماهوٽن جا زيتون، آڙيون، مائو ۽ ڪوڙ سوڪڙيون ونيو ايندو. هڪ دوست فرمائش ڪيس ته ڪيس هرٽيءَ جو ٻچو آڻي حيدرآباد پهچايائين. مون سندس اها دريا دلي سمورن دوستن کي ٻڌائي ڇڏي. پوءِ جيڪو پڇيس، "پير صاحب! هُو هرٽيءَ جو ٻچو.... " ته ڪلي چوي، "ادا، هن مدد علي مون کي بدنام ڪري ماريو آهي. ڪتان آيو هرٽيءَ جو ٻچو!" هڪ پيري منهنجي هڪ ٻئي دوست لاءِ سياريءَ ۾ ڳونڍان پکين جو ٻوڙ ۽ پُلاهہ رڙائي هتي حيدرآباد ڪٽي آيو. مون کي بہ ڏياري اُماٽيائين. مون اعتراض واريو ته چوڻ لڳو، "ادا، اوهان شهر جي

ماڻهن کي ڪٽان ٿيون آڙيون رڌڻ اچن، انهيءَ ڪري ڳوٺان رڌرائي ٿو ڪٽي اچان!"

درد جي شام آ سِڄ ويندو لهي،
واءُ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي!
(اياز)

☆☆☆

هوٽل فاران حيدرآباد
2- مارچ 1984ع

سنڌي رائيٽرس ڪو آپريٽو سوسائٽيءَ جي پهرئين ميٽنگ، راشدي صاحب جي روم ۾ ابراهيم جويو، ظفر حسن، امداد حسيني، الله بخش انيس انصاري، وليرام ولپ، طارق اشرف، نياز همايوني، مراد علي مرزا.

ڪيس گهٽي تانگهه تہ اها سوسائٽي نهڙ گهرجي. باءِ لاز جي تياري، مقصد، ڪتاب شايع ڪجن، سنڌي اديبن جي سهائتا لاءِ ڪم ڪجي. ظفر حسن ۽ جويو صاحب جو بحث مباحثو! صبح کان منجهند تائين ميٽنگ.

۽ پوءِ هڪ ويگن ۾ ماتليءَ ڏانهن روانگي، ماتليءَ ۾ شام جو پهچڻ. اُتي رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي فرزند علي رضا سان تعزيت ۽ "مائي نيست" بنگلي جي اڳڻ ۾ مرحوم جي تربت تي فاتحہ!

☆☆☆

مئي، 1986ع
ڪوٽڙي اسٽيشن

آءٌ ۽ نذير ميمڻ ڪيس سي آف ڪرڻ وياسين. وقت ٻپهريءَ جا ٽي. ريل آئي تہ پاڻ سليپر ۾ سوار ٿيو. ريل چٽڻ لڳي تہ چوڻ لڳو: "يار اوهان کي چڏڻ لاءِ دل ئي نٿي چوي. چو نٿا جامشوري تائين گڏجي هلو!"

- چو پير صاحب بنا ٽڪيٽ ريل ۾سوار ٿيڻ تي چالان

ڪرائيندو ڇا؟

- ميان ڪو بہ اوهان کي نہ چوندو. هلو مون سان ڄامشوري تائين.

ڀ پوءِ ريل هلي تہ اسان ان ۾ چڙهياسين. ڄامشوري ريلوي استيشن تائين ڳالهين جو جادو لائيندو هليو. ڄامشورو آيو تہ دل نہ ڇاهيندي بہ لهي پياسين ڀ پوءِ ريل اُتر ڏي هلڻ شروع ڪيو تہ اسان دور دور تائين ويندڙ ريل کي نيٺ نهار تائين ڏسندا هلياسين. ڀ اهائي هئي ساڻس آخري ملاقات!

23- آگسٽ 1986ع

عجب جهڙي ڳالهہ ڇئبي جو 23 آگسٽ 1986ع تي مان موهن جي ڏڙي ريسٽ هائوس ۾ ترسيل هوس. 23 آگسٽ تي لاڙڪاڻي ۾ ڪامريڊ سوپي وٽ زيب سنڌيءَ سان ملاقات ٿي. مون کانئس پڇيو، "ڪر خبر پير صاحب جي؟" چوڻ لڳو، "ڪجهہ ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي آيو هو!" ڇاڪاڻ تہ سندس ڳوٺ نہ ويندو هوس. انهيءَ ڪري چپ ٿي ويس. ان رات موهن جو ڏڙو ريسٽ هائوس تي رات جو الائي ڇو هو مون کي بيحد ياد آيو. 24 آگسٽ تي شام جو اسان جون سيٺون ڪنفرم هيون. انهيءَ ڪري، ڇاهيندي بہ ساڻس ڪوئي رابطو ٿي نہ سگهيو.

☆☆☆

"او موت! بيشڪ اڄي هِن جسم کي پنهنجو ڪراهہ ڪر. مون کي پرواهہ ناهي. مون کي ٻيا جسم بہ گهڻا ئي آهن، ڀ مان انهن ۾ ڪم ڪندس.

مان چنڊ جي ڪرٽن ۾ رهي سگهان ٿو. مان ٽمڪندڙ تارن ۾ زندهہ رهندس.

مان جبلن ۾ لهندڙ ندين جي نالن ۾ بيهي گيت ڳائيندس. مان سمنڊ جي لهرن تي بيهي ناچ ڪندس. مان ڌڙي هير ۾ گهمي سُتل هردن کي ناريندس. ڪوماڻل دلين کي سرسبز ڪيم، گلن کي کلايم، بلبلن کي رڙايم!

(سوامي رام تيرٿ جا گنگا نديءَ ۾ ٻڏڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ چيل لفظ)

☆☆☆

28 آگسٽ 1986ع

رات جا 8- منظور چيمبرس، گاڏي کاتو، حيدرآباد

روايتي تڪڙي سڏايل دستوري تعزيتي گڏجاڻي.

سمورا دوست هيٺ پٽ تي ويٺل: محمد ابراهيم جويو، امداد حسيني، مراد علي مرزا، حميد سنڌي، نياز همايوني، هند مان آيل اديب هري موٽواڻي، شوڪت حسين شورو، وليرام ولپ، نصير مرزا، اڪبر سومرو، نذير ميمڻ، زورا نقوي، طارق عالم ابڙو، نثار حسيني، نفيس احمد ناشاد، نازسهتو، محبوب شيخ، تاج جويو، عابد انڙ، انور جوڪيو، نازسهتو، ۽ ٻيا. مون اڃي بيهي ڪاروائي هلائي.

- اڄ اسين سڀ هتي انهي ڪري اچي گڏ ٿيا آهيون، جو ڪالهه اسان جو انتهائي پيارو دوست ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ تمام وڏو شاعر محترم ذوالفقار راشدي لاڏاڻو ڪري ويو. مان هن تعزيتي گڏجاڻيءَ جي صدارت لاءِ طارق اشرف جو نالو ٿو تجويز ڪريان.

هاڻ راشدي صاحب تي ٻه اکر ڳالهائڻ لاءِ مان عرض ڪندس محترم نياز همايوني کي ۽ پوءِ سيني ڳالهايو.

(جيئن موت کي ناهي / آهي ڪائي معنيٰ)

(تيئن لفظن کي ناهي / آهي ڪائي معنيٰ)

ها، هري موٽواڻي، شاعر ايم ڪمل جو خط ميڙ ۾ پڙهي ٻڌايو.

-اڄو کي هن ڏکويل گڏجاڻي جي پُڃاڻي آءٌ سندس هن غزل سان ڪريان ٿو، انهيءَ اميد سان ته هو اسان کي سدائين ياد رهندو. سنڌي ادب جي آسمان تي هڪ جرڪندڙ ستاري جيان سدائين جڳمڳ ڪندو رهندو ۽ سدائين زندهه رهندو پنهنجين امر لکڻين وسيلي! (پوءِ مون سندس غزل پڙهڻ شروع ڪيو.)

اي محبت، عشق وارو، الوداع،
عشق جا رنگين نظارو، الوداع،
ٻيو وري ڳولين ٿا ڪوئي آسرو،
من ملي پئي ڪو سهارو الوداع،

آ شب تاريڪ جان اوندهه صفا،
چاندنيءَ ۾ گُگهه انڌارو الوداع
بحر ۾ دل کي ڪيوسين غوطه زن
دير جا ڪاڏل ڪنارو الوداع
جڙ ڪري اُپ تان پياسين هاءِ پٽ،
آسمان جا چنڊ تارو الوداع،
بس خزان جون نعمتون آهن گهٽيون
اي گلستان ، اي بهارو الوداع،
هاڻي زنده ئي نه آ رهڻو هتي،
جان جانان، جيءَ جياروَ الوداع،
هاڻي ڪنهن سان پي نه آهي دشمني،
اي رقيبو، اي پياروَ الوداع.

☆☆☆

ءِ اسين، جيڪي ڏينهن رات جي ڦيري ۾ ڦرندا رهون ٿا، ڦرندا رهنداسين. هيءُ جنم جنم جو اٽ ڪٽ سفر نه ڪڏهن ٿيندو ختم. اسان جا هٿ خالي، بهار جا ڪي جهوٽا، شفق جا ڪي رنگ، خوشيون بنجي نه اچي سگهيا، جيون ۾. جيون جا مارگ سمورا سُنسان ، بيابان! خوشين جا ڪکر نه وسي سگهيا اسان جي متان! هٿ آيا چڙو خواب (سپنا هاءِ اُهي سپنا جي ٿيا نه ڪڏهن ساڀيان!) خواب به بدلجندڙ رُت جيان هوندا آهن. جيئن هر رُت کي هوندو آ پنهنجو هڳاءُ. هر خواب جو به رنگ ءِ روپ ٿيندو آ جدا. اسين جنم ونون ٿا، اسين جنميون ٿا، اسين گم ٿي وڃون ٿا، لڙ لهرن جيان، لهر لهر ٿي ويو جيون.

ـ الوداع!

ـ الوداع!

ـ الوداع، اي صاحب دل الوداع!

☆☆☆

شاهہ چو سيني کي اي آلِ محمد الوداع،
حيدر ڪرار جا اولاد امجد الوداع،
ڪڙم شاهہ ڪربلا جا شام ويندڙ الوداع،
يطهر و تطهير جا ناموس سرمد الوداع،
الوداع اي زبده زهرا و حيدر الوداع،
الوداع اي ننگ و ناموس پيمبر الوداع.

20 سيپٽمبر 1993ع

(سي. ائنڊ. ڊبليو هاسٽل، باٿ آءِلئنڊ، ڪراچي.)

حيدر ڪلوچ

سنڌ جو مشهور فارسي گو شاعر

سنڌ جي جن فارسي شاعرن جو سنڌ کان ٻاهر هندستان ۽ ايران جي مختلف تاريخن ۾ ذڪر ملي ٿو، اُنهن مان هڪ جو نالو آهي "حيدر ڪلوچ".

ڪلوچ صاحبِ ديوان شاعر هو. اصل هرات جو رهواسي، بعد ۾ ميرزا شاهه حسن ارغون جي دور ۾ سنڌ ۾ لڏي آيو. ڪجهه وقت نٽي ۾ رهيو ۽ زندگي جا آخري ڏينهن پات ۾ گذاريائين ۽ اُتي ئي گذاري ويو. هن وقت جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ جو ڪوبه قلمي نسخو سنڌ ۾ موجود ڪونهي، پر سندس شاعريءَ جو ذڪر هندستان ۽ ايران جي تاريخن ۾ موجود آهي. دنيا جي ڪيترن ئي مشهور ڪتبخانن ۾ اڄ بہ سندس شاعريءَ جا "ديوان" موجود آهن، جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي دور جو وڏو ۽ مشهور شاعر هو.

ڪلوچ جو اصل وطن ۽ سندس زندگيءَ جو احوال:

افغانستان جي اتر اولهه ۾ اڄ بہ هرات جي نالي سان مشهور شهر موجود آهي. صديون اڳي هي شهر خراسان ۾ شامل هو. چاڪاڻ تہ هرات هندستان ۽ چين ڏانهن وڃڻ جي لنگهه تي واقع آهي، ان ڪري اُن دور ۾ بہ اهم واپاري ۽ فوجي مرڪز هو. 41 هـ (661ع) ۾ اموي دور ۾ عربن هن شهر کي فتح ڪيو. 782 هـ (1380ع) ۾ تيمورلنگ اُن کي ترقي ونڊائي. 874هـ (1468ع) ۾ تيموري خاندان جي آخري بادشاهه ابوالغازي سلطان حسين بايقرا جي دور ۾ هرات وڏو عروج ماڻيو. سلطان پنهنجي دور ۾ علم ۽ ادب کي ڏاڍو زور ونڊايو

۽ هڪ عاليشان مدرسي کان سواءِ ڪيتريون ئي عمارتون پڻ اڏايون. اُن جي دور جا ڪيترائي وڏا شاعر سندس دربار سان لاڳاپيل هئا. فارسي ۽ ترڪي ٻوليءَ جو وڏو شاعر مير علي شير نوائي سندس خاص وزير هوندو هو. نوائيءَ جا فارسي شاعريءَ ۾ چار ديوان موجود آهن. تنهن کان سواءِ مشهور فارسي شاعر مولانا عبدالرحمان جامي، عبدالله هاتفي، شيخ الاسلام سيف الدين احمد، ملا شيخ حسن، ملا محمد بدخشي، ملا مسعود شيرواني، ڪمال حسين گزگاهي، انوار سهيلي ۽ روضته الشهداءِ جو مصنف ڪمال الدين حسن بن علي واعظ ڪاشفي، مير خوند ۽ ٻيا ڪيترا ئي شاعر، مؤرخ، مصور ۽ خطاط سندس دربار جا اهم رڪن هئا. خود بايقرا پاڻ به شاعر هو. ترڪي زبان ۾ سندس ديوان موجود آهي، جيڪو 1949ع ۾ استنبول مان شايع ٿيو. سام ميرزا پنهنجي ڪتاب "تحفه سامي" ۾ سلطان جي هڪ تذڪري "مجالس العشاق" جو ذڪر ڪيو آهي. پر بابر پنهنجي آتم ڪٿا "تزڪ بابري" ۾ سلطان کي شاعر نه مڃيندي، اُنهي ڪتاب جو اصل ليکڪ ڪمال حسين گزگاهي کي مڃي ٿو.

اهڙي ئي علمي ۽ تاريخي شهر هرات ۾ حيدر ڪلوچ نائين صدي هجريءَ ۾ پيدا ٿيو. افسوس ته ڪيتري جاکوڙ ڪرڻ جي باوجود به تذڪره جي ڪتابن ۾ ڪلوچ جي جنم جي تاريخ ڪانه ٿي ملي. ڪي تذڪره نويس ڪلوچ کي شاهه اسماعيل صفوي (1523_1486ع) جي دور ۾ پيدا ٿيل ڏيکارين ٿا، پر ان سلسلي ۾ به اختلاف آهي. شاهه اسماعيل صفوي 892هه (1486ع) ۾ جائو ۽ 38 ورهين جي ڄمار ۾ سال 930هه (1523ع) ۾ مارجي ويو. جيڪڏهن ڪلوچ اسماعيل صفويءَ جي دور ۾ پيدا ٿيو ته هو سال 911هه (1505ع) ۾ خراسان جي بادشاهه سلطان بديع الزمان جي دربار جو شاعر ڪيئن بڻيو؟ يقينا 911هه (1505ع) ۾ جڏهن هڪ سال لاءِ بديع الزمان هرات جو بادشاهه ٿيو ته اُن وقت ڪلوچ جي عمر ايتري ته هئي، جو هو بادشاهه جو درباري شاعر ٿيو ۽ پنهنجي مخالف شاعر ۽ بزرگ مولانا هلالي جي خلاف شعر لکيائين. اُن وقت ڪلوچ جي عمر بهرحال 30 ورهين کان مٿي هئڻ گهرجي. ان لحاظ کان ڪلوچ

جي جنم جو سال 881هـ (1476ع) هئڻ ڪپي.

ڪلوچ بنيادي طور تي هڪ غريب گهراڻي جو فرد هو. ابتدائي سالن ۾ هو ڪليجي رڌڻ جو ڪم ڪندو هو. انڪري مٿس "ڪلونج" يا "ڪلوچ" جو لقب بڌجي ويو. دراصل اڄ بہ ايران جي مختلف سرحدي علائقن ۾ صبح جو سويل ٻڪري جي مُنڊي ۽ پاون رڌڻ وارن کي "ڪلونچ" ڪري سڏيو ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ "حيدر" اهي ٻئي ڪم ڪندو هجي، يا سندس خانداني پيشو اهو رهيو هجي. انڪري مٿس "ڪلونچ" يا "ڪلوچ" جو نالو پئجي ويو. البت هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "حيدر" اختيار ڪيو. اُن وقت شاعر گهٽو ڪري بادشاهن جي دربار سان منسلڪ ٿي ويندا هئا. انڪري ڪلوچ بہ هرات جي بادشاهہ بديع الزمان ميرزا جي دربار ۾ وڃي پهتو. جتي ٻيا بہ ڪيترائي شاعر اڳ ئي بادشاهہ جي مصاحبيءَ ۾ شامل هئا.

سال 913هـ (1507ع)، ۾ جڏهن بديع الزمان، ازبڪ حاڪم محمد خان شيبانيءَ جي حملي وقت استر آباد ۽ پوءِ قندار پهچي ويو، تڏهن ڪلوچ هرات ۾هو. بعد ۾ خراسان تي شيبانيءَ جو قبضو ٿيو تہ بہ لڳي ٿو تہ هن هرات نہ ڇڏيو. سن 917هـ (1511ع) ۾ شاهہ اسماعيل خراسان جي حڪومت هٿ ڪئي تہ بديع الزمان وڃي سندس ۾ نٽي جي حاڪم سلطان فيروزبن جام نظام الدين سمي وٽ پناه ورتي. پر ڪلوچ ساٽس گڏ نہ ويو ۽ هرات ۾ رهي پيو. اُهو زمانو نهايت ئي پر آشوب هو. ڪلوچ بنيادي طور تي هڪ حساس شاعر هو. هن هرات ۽ خراسان جي مسلسل لڙاين، رتو ڇاڻ ۽ پنهنجي ولي نعمت بديع الزمان کي اقتدار تان هٽندي ۽ دربدر ٿيندي ڏٺو. هن جي اکين آڏو ازبڪ حملي آور محمد خان شيباني هرات ۾ 23 مئي 1507ع تي داخل ٿيو ۽ پنهنجي محسن بديع الزمان جي ياڃائي ۽ ميرزا مظفر جي خوبصورت زال خانزاده بيگم جي محل ۾ ڪاهي پيو. اُن وقت هوءَ عدت ۾ ويٺل هئي، پر ڇاڪاڻ تہ هوءَ بيحد خوبصورت هئي، انڪري عدت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي شيباني ساٽس نڪاح ڪيو. انهيءَ عمل يقينا شاعر کي رنجايو هوندو. جڏهن شيبانيءَ جي يائٽي

عبيدالله خان ازبڪ، بديع الزمان جي درباري ۾ مشهور شاعر مولانا بدرالدين هلالي چغتائي استر آبادي‌ءَ کي بيدرديءَ سان 936هـ (1529ع) ۾ مارائي ڇڏيو تہ شاعر جي دل هرات کان جھڙوڪر پيڇي پئي. ان وچ ۾ لڳي ٿو تہ سندس مالي حالتون بہ بهتر نہ هيون. 930هـ (1523ع) ۾ شاهہ اسماعيل صفوي فوت ٿيو تہ سندس ڏهن سالن جو پٽ شاهہ طهماسپ ايران جي تخت تي ويٺو. ڪلوچ هڪ قصيدو طهماسپ جي شان ۾ چيو، جيڪو بادشاهہ کي پڙ ڏاڍو وڻيو، پر سندس مالي مشڪلاتون حل نہ ٿيون.

سنڌ ڏانهن آمد:

اهڙين حالتن کي ڏسندي مايوس ٿي ڪلوچ پنهنجي والده کان اجازت ونڊي سنڌ جو رخ ڪيو. اُهو دور اهڙو هو، جنهن ۾ هڪ طرف ارغونن جي ظلم سبب سنڌ جا ڪيترائي هاڪارا عالم ۾ عزتدار ماڻهو سنڌ مان لڏي رهيا هئا، تہ ٻئي طرف خراسان جا ڪيترا شاعر ۽ عالم بخت آزمائيءَ لاءِ سنڌ پهچي رهيا هئا. سنڌ تي ميرزا شاهہ حسن جي حڪمراني هئي. اُن وقت سنڌ ڏي لڏي آيل عالمن ۾ مير محمود المعروف بہ شيخ ميرڪ، شيخ مير محمد، شيخ عبدالوهاب پوراني، شاهہ قطب الدين، شاه محمود بن شاهہ طيب، سيد مير ڪلان، مخدوم محمود ضمير پوراني، مولانا عبدالعزيز ابهري، مولانا يونس سمرقندي، شاهہ جهانگير هاشمي، مولانا فخري هروي ۽ نيازي بخاري سمرقندي شامل آهن.

اُهو دور ميرزا شاهہ حسن ارغون جي عروج جو هو. شاهہ حسن پنهنجي پيءُ شاهہ بيگ جي وفات کان پوءِ سال 927هـ (1530ع) ۾ سنڌ جو والي ٿيو. ڪل 34 ورهيہ سنڌ تي حڪومت ڪيائين ۽ 962هـ ۾ گذاري ويو.

ڪلوچ شاهہ حسن جي عروج جي وقت ۾ ٺٹي ۾ آيو. اُهو وقت لڳي ٿو تہ 932هـ (1525ع) جو ڏهاڪو هوندو. ڪلوچ ٺٹي ۾ ڪيترو وقت رهيو ۽ ڪهڙي سال لڏي وڃي پات وسايائين، اهو سڀ ڪجهہ ماضيءَ جي اونداهہ ۾ گم آهي. بهرحال تاريخ اهو ضرور

ٻڌائي ٿي ته ڪلوچ شاهه حسن جي دربار سان منسلڪ ٿيو. سندس شان ۾ قصيدا ۽ لکيائين ۽ بعد ۾ نٽي کي خيرباد چئي وڃي پاٽ ۾ رهيو. "پاٽ"، جنهن جو نالو تاريخ ۾ اسان کي "پاٽر" ملي ٿو، ڪنهن دور ۾ سنڌو درياءَ جي ڪناري تي هڪ اهم بندرگاهه ۽ ملتان ڏانهن ويندڙ شاهي سڙڪ تي واقع هو. اُن وقت پاٽ سڪيو ستابو علائقو هو. نه ڇڙواُتي هر مهل سڪ ۽ شانتي هئي، بلڪ پاٽ جي علائقي ۾ اناج جي ڪڍهن ۽ اڻاڻ ڪانه هئي. سنڌ ڏانهن ڪاهيندڙ انيڪ حملي آور حاڪم توڙي پناهه جي ڳولا ۾ ٻڌندڙ حڪمران پاٽ وٽان لنگهيا آهن. ميرزا شاهه حسن جي پاٽ ۾ وڏي جاگير هئي. اهوئي سبب هو جو جڏهن ڪلوچ شاهه جي دربار جي ماحول کان بيزار ٿي وڃڻ جي اجازت گهري ته شاهه کيس پاٽ ۾ وڃي رهڻ جي صلاح ڏني ۽ ڪلوچ لڏي وڃي پاٽ ۾ رهيو. سمجهه ۾ ائين ٿو اچي ته ڪلوچ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ورهيه پاٽ ۾ رهيو هوندو. چاڪاڻ ته جنهن وقت خوشحال پاٽ ارغونن جي تباهه ڪارين کان بچيل هو ته اهو 1530ع کان 1550ع جو دور هو. انهيءَ ئي دور 1541ع (948هـ) ۾ همايون اچي سنڌ ۾ پناهه ورتي. اُن وقت پاٽ جي سڪئي ستابي هڻڻ جي شاهدي اسان کي ملا عبدالقادر بدايونيءَ جي "منتخب التواريخ" ۾ ملي ٿي. ملا لکي ٿو ته: "شاهه حسن، همايون کي ڏيکارڻ لاءِ هٿرادو ڏڪار پيدا ڪيو، پر اُن جو اثر پاٽر تي نه پيو. پاٽر (پاٽ) ۾ اناج بنهه سستو هو. انڪري هن پنهنجي پاءُ ميرزا هندال کي حڪم ڏنو ته هو لشڪر لاءِ اناج هٿ ڪرڻ لاءِ پاٽر هليو وڃي." اهڙي سرسبز علائقي جو وايو منڊل شاعر ڪلوچ کي ڏاڍو وڻيو. شهر جي ٻاهران اُن وقت ٽن بزرگن پير حاجي اسماعيل، پير معصوم ۽ پير پٽي جو مقبرو واقع هو. اهو مقبرو اڄ به پاٽ پراڻيءَ جي ڏڻي لڳ اُتر اولهه طرف ۽ موجوده پاٽ کان هڪ ڪلوميٽر پرتي موجود آهي. اهوئي تاريخي مقبرو آهي، جتي همايون پهريون ڀيرو حميده بيگم کي ڏسي مٿس عاشق ٿي ڀيو هو. همايون پاٽ ۾ 13 جولاءِ 1541ع تي پهتو ۽ لڳاتار چاليهه ڏينهن اُتي رهي ڀيو. اُتي ئي اڳاري ڏينهن 23 آگسٽ 1541ع تي حميده بيگم سان شادي ڪيائين ۽ 3 ڏينهن رهي

26 آگسٽ 1541ع تي پنهنجي نئين ڪنوار ۾ هڪ لک لشڪر سان روهڙيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو. اهڙي تاريخي شهر ۾ سدائين وهندڙ سنڌو درياءَ جي پر فضا وايو منڊل ۾ ڪلوچ زندگيءَ جا پرسڪون ڏينهن ويهي گهاريا، جتي هو 959هـ (1551ع) ۾ گذاري ويو ۽ اُتي ئي دفن ٿيو. سندس وفات کي ساڍا چار سو ورهيه لنگهي ويا آهن. اڄ پراڻي پاٽ ۾ باقي نه رهي آهي، نه وري سندس قبر جو ڪو نالو نشان موجود آهي، پر سندس شاعريءَ جي حوالي سان سندس نالو هميشه لاءِ قائم آهي.

حيدر ڪلوچ جا ديوان

ڪلوچ سڄي حياتي شاعري ڪئي، جيڪا هزارن بيتن، قصيدن ۽ غزلن تي مشتمل هئي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي ديوان سندس مرڻ کان پوءِ ماڻهن شوق مان نقل ڪرايا. خود پاٽ جي قاسمي ڪتبخاني ۾ ڪلوچ جو مڪمل ديوان موجود هو. مغلن جي دور ۾ اهو ڪتبخانو هڪ حملي ۾ ساڙيو ويو. جنهن سان گڏ ديوان ڪلوچ به سڙي رک ٿي ويو. ڪجهه نسخا زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ويا. البت سندس ڪجهه شاعري مختلف تذڪرن ۾ موجود آهي. هن وقت ڪلوچ جي ديوان مان چونڊ شاعريءَ جا چار قلمي نسخا دنيا جي مختلف ڪتبخانن ۾ رکيل آهن.

(الف) هڪ خطي نسخو ڪلڪتي ۾ رائل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ رکيل هو، جيڪو هاڻ نئشنل لائبريري ڪلڪتي جي بوهار سيڪشن ۾ موجود آهي. اُن جو ڪٽلاگ نمبر 473 آهي. هن نسخي ۾ ڪل 40 ورق آهن، به صديون اڳ جو لکيل آهي.

(ب) ٻيو قلمي نسخو بهار جي شهر پٽنا ۾ "خدا بخش لائبريري" ۾ رکيل آهي.

(ج) ٽيون قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ رکيل آهي. اهو نسخو "صالح بن ميرڪ" جي هٿ جو لکيل آهي. سهڻي خوشخطيءَ ۾ لکيل انهي ديوان جا

شروعاتي صفحا رنگين حاشين سان لکيل آهن.

(د) چوٿون نسخو برٽش لائبريري لنڊن ۾ رکيل آهي. انهيءَ نسخي جي مائڪرو فلم مشهور محقق حفيظ هوشيارپوري مارچ 1957ع ۾ لنڊن کان ڪراچي کڻي آيو هو. چاڪاڻ ته سنڌي ادبي بورڊ "ديوان حيدر ڪلوچ" ترتيب ڏيڻ جو ڪم سندس حوالي ڪيو هو.

ڪلوچ جو فارسي تذڪرن ۾ ذڪر

تحفه سامي:

ڪلوچ جو سڀ کان پهريائين ذڪر اسان کي سام ميرزا (984-923هـ) جي ڪتاب "تحفه سامي" ۾ نظر اچي ٿو. سام ميرزا شاهه اسماعيل صفوي جو ننڍو پٽ هو. ميرزا فارسي شاعرن جو هي تذڪرو 957هـ ۾ لکي پورو ڪيو. ان وقت حيدر حيات هو ۽ پاڻ ۾ آخري ڏينهن گهاري رهيو هو. ڪلوچ جي وفات کان 2 ورهيه اڳ جي لکيل هن تذڪري ۾ ميرزا لکي ٿو ته ڪلوچ اڻ پڙهيل هو. هو خود پنهنجو شعر سمجهي نه سگهندو هو. ان سلسلي ۾ سندس هڪ شعر مثال طور ڏئي ٿو:

طوطي صفت حيران آن رويم،
که نگويم سخن اما نمي دانم چه نگويم

ميرزا سام لکي ٿو ته ڪلوچ جي شعرن جو تعداد ويهه هزار آهي.

تحفه سامي 1314هـ (1893ع) ۾ تهران مان شايع ٿيو. تنهن کان سواءِ پٽنا مان پڻ 1914ع ۾ چپجي چڪو آهي. صفحي 114 ۽ 115 تي ڪلوچ جو ذڪر آيل آهي.

خلاصة الاشعار

ڪلوچ جي وفات کان 26 ورهيه پوءِ تقي ڪاشي 985هـ (1577ع) ۾ پنهنجي لکيل تذڪره "خلاصة الاشعار" ۾ سندس ذڪر ڪري ٿو. اهوئي عالم اسان کي سندس وفات جي سال کان واقفيت ڏئي ٿو. ڪاشيءَ موجب ڪلوچ 959هـ (1551ع) ۾ پاڻ ۾ وفات ڪئي.

تقي ڪاشي 956هـ ۾ ڪاشان ۾ پيدا ٿيو ۽ 985هـ ۾ اهو تذڪرو چئن جلدن ۾ مرتب ڪيائين. بعد ۾ 993هـ ۾ پنجون جلد

بہ تيار ڪيائين. ڪاشي عمر جي آخري حصي ۾ هندستان ۾ آيو هو. هن پنهنجو اهو تذڪرو ابراهيم عادل شاهہ بيجاپوري (988-1037هـ) جي نالي منسوب ڪيو، انهيءَ تذڪري جا مختلف جلد مشهور ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

مجمع الفضلا:

هڪ ٻئي عالم محمد بقائي، ڪلوچ جي وفات کان 31 ورهيہ پوءِ پنهنجي تذڪري "مجمع الفضلا" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. حيدر جي وفات کان ٽيڪ 50 ورهين کان پوءِ سندس همعصر شاعر مولانا بدرالدين هلالي جي حوالي سان بقائي لکي ٿو: "جڏهن هلالي هرات جي شهزادي بديع الزمان کي پنهنجي مشهور مثنوي، شاهہ و گدا، بادشاهہ درويش، لکي پيش ڪئي تہ شهزادي خوش ٿي انعام طور شاعر کي سندس ئي خواهش موجب هڪ خوبصورت غلام انعام طور ڏنو. انهيءَ تي ڪلوچ ڪاوڙ وچان هي قطعو شهزادي کي پيش ڪيو:

شها! ڪامگارا! پئي خام مانت،
فرستاده شدزين دعاگو پيامي،
هلالي، غلامي طلب کرد و دادي،
مراهم بده چون هلالي، غلامي.

بقائي اصل بخارا (خراسان) جو رهواسي هو. اڪبر جي دور ۾ 985هـ (1577ع) ۾ هڪ سال لاءِ هندستان آيو. مرزا عبدالرحيم خان خانان ۽ "طبقات اڪبري" جي مولف خواجہ نظام الدين احمد بخشيءَ جي ملازمت ۾ ڪم ڪيائين. هي تذڪرو 1000هـ (1591ع) ۾ لکي پوروڪيائين. سندس شاعريءَ جو ديوان 1959ع ۾ استالن گرادِ مان شايع ٿيو آهي، جڏهن تہ "مجمع الفضلا" جو قلمي نسخو هن وقت پنجاب يونيورسٽي جي لئبريري ۾ رکيل آهي.

منتخب التواريخ:

ڪلوچ جي مشهوري هند، سندّ ۽ ايران تائين پکڙيل هئي. اُن جو ثبوت اهو آهي جو سندس رحلت جي 45 ورهين کان پوءِ شاعرن جي محفلن ۾ سندس ذڪر ٿيندو هو. مثال طور بدايوني "منتخب التواريخ" ۾ ڪلوچ جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

شعر رنگارنگ طبع بج حيدر كلوچ،
بچمان سري زند كز تو ده انبار گل۔

بدايونيءَ پنهنجو كتاب 1004هـ (1595ع) ۾ لکي پورو كيو. جڏهن ته كلوچ جي وفات 959هـ (1551ع) ۾ ٿي. اهو شعر محمد ابن كاتبي نيشاپوريءَ جو آهي.

تذكرة احباب:

هي تذكرو سيد بهاؤ الدين نثاري هرات ۾ 1005هـ (1596ع) ڌاري مرتب كيو. برلن جي لائبريريءَ ۾ اُن جو قلمي نسخو رکيل آهي. جتان جناب پير حسام الدين راشدي اُن جي مائڪرو فلم گهرائي هئي. خبر ناهي ته اُها حفيظ هوشيار پوريءَ جي ڪتبخاني سان گڏ ضايع ٿي وئي يا پير صاحب جي ڪتبخاني سان گڏ اسلام آباد پهتي! 1966ع ۾ اهو ڪتاب حيدرآباد دكن مان شايع ٿيو. هن ۾ كلوچ جو مختصر احوال ڏنل آهي.

تاريخ معصومي:

كلوچ جي وفات كان 50 ورهيه پوءِ مير معصوم بكري 1009هـ (1600ع) ۾ "تاريخ معصومي" ۾ سندس ذكر كيو. ميرزا شاهه حسن ارغون جي ڪجهه شاعرن جي ذكر ۾ لکي ٿو ته "كلوچ مشهور شاعر ۽ صاحب ديوان هو. هو سنڌ ۾ اچي رهيو هو. سندس مرزا پاتر ۾ آهي." كلوچ جو هڪ مطلع " دلا مجنون...." نموني طور پڙ ڏنو اٿس.

مجمع القصائد:

هن قلمي نسخي جو مرتب محمد حسين بن عبدالعزيز الحسيني العرب شاهي آهي. بادلين لائبريري آڪسفورڊ ۾ رکيل هن مخطوطي جو ڪئٽلاگ نمبر 1215 آهي. هن نسخي جي 203 صفحي تي كلوچ جو قصيدو ڏنل آهي.

عرفات العاشقين:

تقي الدين محمد الحسيني اصفهاني المعروف به تقي اوحدي، اصل اصفهان جو رهواسي هو. هي تذكرو آگري ۾ 1024هـ (1615ع) ۾ لکي پورو كيائين. هن ڪتاب ۾ كلوچ جو ذكر آهي.

نظم گزيده:

مولف خواجہ محمد صادق فرحت تبريزي هي تذڪرو 1030هـ (1620ع) ۾ لکيو. هن ڪتاب جا نسخا اٽلي آهن.

يد بيضا:

فارسي ۽ سنسڪرت جي عالم مير غلام علي "آزاد" بلگرامي هي تذڪرو 1147هـ (1734ع) ۾ اُن وقت لکيو، جڏهن مير صاحب سيوهڙ ۾ وقائع نگار هو. هن ۾ لکيل آهي تہ ڪلوچ جي ديوان ۾ ڏهہ هزار بيت، غزل ۽ قصيدا موجود آهن. (هي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي).

منتخب الاشعار:

مختلف شاعرن جو هيءُ تذڪرو محمد علي مبتلا بن محمد مشهدي سال 1161هـ (1747ع) ۾ مرتب ڪيو. بادلين لائبريريءَ ۾ رکيل نسخي جو ڪئٽلاگ نمبر 379 آهي. پنجاب يونيورسٽي ڪتبخاني جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ پڻ موجود آهي. رامپور ۾ پڻ هن نسخي جي هڪ ڪاپي موجود آهي.

حديقه غلبا:

مير علي شير قانع جي لکيل هن تذڪري ۾ ڪلوچ جا ۽ قصيدا ۽ ڪجهہ بيت ڏنل آهن. 1166هـ (1752ع) ۾ لکيل هن ڪتاب جو قلمي نسخو (262صفحا) سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. ان جي هڪ ٻي ڪاپي پير حسام الدين راشدي صاحب وٽ پڻ هئي.

مقالات الشعراء:

قانع جي "مقالات الشعراء" ۾ ڪلوچ جو مختصر ذڪر ۽ نموني طور سندس شاعري جون چار ستون ڏنل آهن. قانع 1174هـ (1760ع) هي ڪتاب لکيو. ان کي راشدي صاحب ايڊٽ ڪري 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو.

تحفه الكرام

1174ع ۾ لکيل قانع جي هن ڪتاب ۾ ڪلوچ جو تفصيلي ذڪر آهي.

صحف ابراهيم ۽ خلاصة الڪلام:

فارسي شاعرن جو سڀ کان وڏو تذڪرو "صحف ابراهيم" آهي، جيڪو نواب امين الدوله عزيز الملڪ علي ابراهيم عرف خانبهادر نواب علي ابراهيم 1198هـ (1783ع) ۾ لکي پورو ڪيو. اُن جي ص 234 تي ڪلوچ جو ذڪر آيل آهي. هن تذڪري جو اصل نسخو برلن جي ڪتبخاني ۾ رکيل آهي، جنهن جي مائڪرو فلم 1956ع ۾ راشدي صاحب گهرائي هئي. هن تذڪري ۾ 3178 شاعرن جو ذڪر آهي. صحف ابراهيم جي هڪ ڪاپي پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ ۾ پڻ موجود آهي. نواب ابراهيم اصل بنارس جو رهواسي هو .هن هڪ ٻيو تذڪرو "خلاصة الڪلام" جي نالي سان پڻ مرتب ڪيو هو، جنهن ۾ 78 شاعرن جي مثنوين کي شامل ڪيو هئائين. اهو تذڪرو بن پاڳن ۾ آهي. پهرئين پاڳي ۾ 40 ۾ ٻئي پاڳي ۾ 36 شاعرن جو ذڪر ڪيو اٿس.

"صحف ابراهيم" ڊاڪٽر محمد باقر 1969ع ۾ مرتب ڪري ان جو پهريون پاڳو "ح" ڇپايو. مڪمل تذڪرو ٽن جلدن ۾ آهي.

آفتاب عالم تاب:

محمد صادق قاضيءَ جي مرتب ڪيل هن تذڪري ۾ مؤلف لکي ٿو ته "ڪلوچ کي ڪليجي وڪڙندڙ چوڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته اصل ۾ هو قريب ڪلوچ جو رهواسي هو، جيڪو شهرود جي ڳوٺ طار ۾ واقع هو." (پر ايران جي جاگرافيءَ ۾ اهڙو ڪوبه ماڳ ڪونه ٿو ملي). هن تذڪري جي ڪاپي رامپور جي رضا لائبريري ۾ رکيل آهي.

مخزن الغرائب:

شيخ احمد علي بن شيخ غلام محمد مولوي محمد حاجي سنديلوي هي تذڪرو 1228هـ (1813ع) ۾ لکي پورو ڪيو. اهو قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ رکيل آهي. هن ۾ ڪلوچ جي شاعري ڏنل آهي ۽ 3148 شاعرن جو ذڪر آيل آهي.

خلاصة الافكار:

ابو طالب مغفور حاجي بيگ تبريزي اصفهاني لکنوي هي تذکرو 1207هـ (1792ع) ۾ لکي پورو کيو. اُن جي ص 70 تي کلوچ جو ذکر آهي. ساڳئي تذکري جي ورق 35 (حاشئي ۾) تي لکي ٿو ته وٽس کلوچ جي ديوان جو هڪ نسخو موجود آهي. ابوطالب 1176هـ ۾ لکنو ۾ پيدا ٿيو ۽ 1220هـ ۾ اُتي ئي وفات کيائين. 1799ع ۾ لنڊن ۾ ويو هو، جتي 5 ورهيه رهيو. واپس اچي سفر جو احوال فارسي ۾ "ميسر طالبي في بلاد افرنجي" جي عنوان سان لکيو هئائين. خلاصة الافکار جو قلمي نسخو بادلين لائبريريءَ ۾ رکيل آهي. ڪيٽلاگ نمبر 391 اٿس.

فارسي شاعريءَ جو تذکرو:

فارسي شاعرن جو هي تذکرو 1868ع ۾ ڪنهن شخص نالي امر (يا عمر) ترتيب ڏنو، جنهن ۾ کلوچ جي چوندڙ شاعري ڏٺل آهي. اُن جو قلمي نسخو برلن ڪتبخاني ۾ هن تائٽل سان رکيل آهي.

Die Persischen Handschriften. K.Haft, undastatas biblio theek in Munchen. Manchen 1868 By J. Umer.

هن قلمي نسخي جي مائڪرو فلم جناب پير حسام الدين راشدي برلن مان گهرائي هئي.

آتشڪده آذر:

لطف علي آذر جي لکيل هن تذکري ۾ کلوچ جي شاعريءَ سان گڏ سندس وفات جي تاريخ ڏٺل آهي. تقي کا شيءَ کان پوءِ آذر به اسان کي کلوچ جي وفات بابت سڌ ڏئي ٿو. "آتشڪده آذر" 1249هـ (1338ع) ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو. مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪتبخاني جو هيءُ ڪتاب مون پير حسام الدين راشدي صاحب وٽ (سانگيءَ جي صحيح سان) ڏٺو هو.

شام غريبان:

لچمي نرائن نالي هڪ عالم فارسي شاعريءَ جو تذکرو" شام غريبان" جي نالي سان 1197هـ (1782ع) ۾ مڪمل ڪيو. لچمي

نرائن اصل ۾ مير غلام علي آزاد بلگرامي ۽ جو شاگرد هو. اورنگزيب سان گڏ لاهور کان دکن آيو ۽ اورنگ آباد کي پنهنجو وطن ٺاهي ويهي رهيو. هو 22 ڪتابن جو مصنف هو. هي ۽ مخطوطو پهرين حيدرآباد دکن جي ڪتبخاني ۾ موجود هو. پوءِ جامع عثمانيہ جي استاد محمد اڪبر الدين صديقي اُن کي مرتب ڪري ڇپرايو. پاڪستان ۾ انجمن ترقي اردو پاران 1977ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي ص 72 تي ڪلوچ جو مختصر ذڪر ۽ سندس چوند شاعري ڏنل آهي.

شاهان اُوڌ کي ڪتبخاني ۽ فهرست مخطوطات اوڌ:

مشهور عالم ڊاڪٽر اشپرنگر جڏهن 1847ع ڌاري لکنو ۾ اوڌ جي قلمي ڪتابن جي فهرست مرتب ڪري رهيو هو تہ هن اتي ڪلوچ جو ديوان ڏٺو. هن پنهنجي "فهرست مخطوطات اوڌ" ۾ ديوان ڪلوچ جو مختصر احوال ڏنو آهي. هي ڪتاب 1854ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو. ص 122 تي ڪلوچ بابت ذڪر آهي.

ديوان ڪلوچ جي نہ ڇپجڻ جا ڪارڻ:

سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ "ديوان ڪلوچ" مرتب ڪرائڻ جو ڪم جناب حفيظ هوشيارپوري ۽ جي حوالي ڪيو. حفيظ صاحب ان کان اڳ "مثنويات هير رانجها" مرتب ڪري چڪو هو. جيڪو ڪتاب 1957ع ۾ بورڊ شايع ڪيو هو.

ديوان ڪلوچ کي ترتيب ڏيڻ جي سلسلي ۾ حفيظ صاحب وڏي جاکوڙ ڪئي. پير حسام الدين راشدي صاحب دنيا جي ڪيترين ئي لائبريرين مان مختلف نسخن جون مائڪرو فلمون گهرايون هيون. لنڊن مان خود حفيظ صاحب بہ ڪچ اهم مواد کڻي آيو هو. ان سلسلي ۾ حفيظ صاحب 14 مارچ 1957ع تي لنڊن مان راشدي صاحب ڏي لکيل هڪ خط ۾ لکي ٿو: "هير رانجها جو مقدمو اڄ جويي صاحب کي موڪلي ڏنو اٿم. دير جو ڪارڻ نہ پڇجو. اصل ۾ مان برٽش ميوزم ۾ حيدر ڪلوچ واري مسودي ۾ هٿ وجهي هڪ وڏي ۽ محنت ۾ اچي ڦاٿس. اهو ڏاڍو ڏکو ۽ صبر آزمائيندڙ ڪم نڪري پيو. اُنهي ۽ مسودي کي ڏسڻ جو اهوئي هڪ موقعو هو. اُن لاءِ مون اُن کي مقدمي کان وڌيڪ ترجيح ڏني."

حفيظ هوشيارپوريءَ 25 اپريل 1960ع تي ڪراچيءَ مان راشدي صاحب کي لکيل هڪ ٻئي خط ۾ پڻ حيدر ڪلوچ جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان لڳي ٿو تہ حيفظ صاحب 1957ع کان وٺي جون 1960ع تائين ڪلوچ جي ديوان کي گڏ ڪرڻ واري ڪم ۾ مشغول رهيو. بعد ۾ خبر ناهي تہ ڇا ٿيو، جو اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. 18 ڊسمبر 1958ع کان وٺي 4 سيپٽمبر 1960ع تائين راشدي صاحب بيماريءَ سبب پنهنجي وڏي پاڻ پير علي محمد راشديءَ وٽ منيلا ۾ رهيل هو. انڪري ٻہ ٽي سگهي ٿو تہ اهو ڪم مڪمل ٿي نہ سگهيو هجي. بهرحال 1966ع ۾ حفيظ هوشيارپوري سخت بيمار ٿي پيو ۽ سندس وفات کان پوءِ نہ فقط "ديوان ڪلوچ" جو ڪم رُلي ويو، بلڪ ڪلوچ بابت گڏ ڪيل شعري ۽ مفصل احوال زماني جي دستبرد ۾ گم ٿي ويو. رهي نالو الله جو!

ڪلوچ جي شاعري ۽ ان جو اسلوب:

سڀ کان اول سنڌ جي ڪنهن ٻہ تذڪري نگار، جهڙوڪ مير معصوم ۽ قانع پنهنجن ڪتابن "تاريخ معصومي"، "تحفه الڪرام" ۽ "مقالات الشعراءَ" ۾ ڪلوچ جي مڪمل شاعري نہ ڏني آهي، فقط ٻہ ٽي بيت نموني طور شامل ڪيا آهن. البت قانع جي اڻڇپيل "حديقتہ غلبا" ۾ ڪلوچ جا ٻہ قصيدا (درمدح شاهہ حسن) ۽ "شتر حجره" ۽ ٽي مطلع شامل آهن.

پنجاب يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ موجود ڪلوچ جو ديوان نظر مان ڪڍڻ کان پوءِ اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ جيتوڻيڪ ڪلوچ جي شاعريءَ ۾ خيال ۽ سوچ جي اُڏام گهٽ آهي، پر سندس شعرن مان ڪٽي ٻہ اهو نٿو محسوس ٿئي تہ هو ڪو نندو شاعر آهي. شاعر جي خيال ۾ شوخي ۽ اسلوب جي گهٽتائي آهي، پر ڀالهہ ڪرڻ جو بيان سادو ۽ عوامي اٿس. سندس غزلن ۾ انيڪ موضوع آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ شاعر جي زندگي ڏکويل هئي. هو پنهنجي پرينءَ جي ڏک ۾ روئي ٿو، دانهون ڪري ٿو، پنهنجي محبوب کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي، هن جو معشوق اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ رهي ٿو جتان جو ڪُتو ٻہ هن کي ڏاڍو عزيز آهي. سرو گل بيڪار آهن، هو وفادار آهي. پر هن جو محبوب ظالم آهي، رقيبن جو

ساڻ ٿو ڏئي ۽ هن کي سِکائي ٿو. انڪري سنڌس محبوب جي گهٽيءَ جو ڪُتو ئي سنڌس دل جو رازدار آهي، ۽ هُو به هاڻ چاهي ٿو ته وڃي هُن جي گهٽيءَ جو ڪُتو بڻجي ويهي رهي. شاعر کي عشق ڪرڻ تي ڪنهن به قسم جو پڇتاءُ ڪونهي، بلڪ هن کي پنهنجي عشق تي فخر آهي، انڪري هو رسمي عشق کان پاسو ڪري ٿو ۽ اهو سمجهي ٿو ته عشق جون سختيون ڏکيون آهن. بهرحال عشق کان ڪنڌ ڪڏائڻ هن جي وس کان ٻاهر آهي.

ڪلوچ جي شاعريءَ مان محسوس ٿئي ٿو ته سنڌس مالي حالتون بهتر نه ٿيون. هرات ۾ هن روزگار لاءِ هٿ پير هنيا ۽ پوءِ هو سنڌ هليو آيو. اتي سنڌس مسئلو حل ٿيو يا نه، اُن تي اڳ ئي بحث ڪري آيا آهيون. بهرحال هن جي شاعري مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته هن بيروزگاريءَ جي ڏکين حالتن ۾ به ڪڏهن دل ڪوسي نه ڪئي. هڪ شعر ۾ هو چوي ٿو ته: "حيدر زندگيءَ جي گهٽيءَ ۾ اميد ڪڏهن به ناهي لاٿي. غم سان پريل دل هوندي به هو ڪڏهن مايوس ناهي ٿيو. هو غم نٿو ڪري پر دل کي آزاد ٿو رکي ۽ زندگيءَ جي موجوده خوشين مان فائدو وٺي ٿو ۽ فقط زندگيءَ جي حال سان پنهنجو واسطو ٿو رکي. هن ڏکن سان پريل دنيا ۾ ڏک جي ڳالهين کان پاسو ڪرڻ گهرجي."

مددي ڪتاب

سنڌي

1_ تاريخ معصومي: ميرمعصوم بکري، سنڌي ادبي بورڊ.
2_ تحفه الڪرام: ميرعلي شير قانع، سنڌي ادبي بورڊ.
3_ قديم سنڌ ۽ اُن جا ماڻهو: مرزا قليچ بيگ، سنڌي ادبي بورڊ.
4_ تذڪره مشاهير سنڌ: مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ.
5_ تذڪره لطفي: لطف الله بدوي، آر. ايچ. احمد برادرس، حيدرآباد 1952ع
6_ تذڪره پوراڻي سادات: ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر 2001ع.
7_ تاريخ باب السلام: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، 2002ع.

انگريزي:

1_ پرشين پوئٽس آف سنڌ: ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، سنڌي ادبي بورڊ.
2_ ڪئٽلاگ آف پرشين مين اسڪرپٽس ان بوهار لائبريري، ڪلڪته.

فارسي:

1ـ مقالات الشعراء: علي شير قانع، سنڌي ادبي بورڊ.
2ـ شام غريبان: لچمي نرائن (انجمن ترقي اردو)
3ـ آتشكده آذر: لطف علي آذر (كلكتو 1838ع)
4ـ تحفه سامي: سام ميرزا (چاپو 1914ع پٽنه.)
5ـ صحف ابراهيم: مرتب ڊاڪٽر محمد باقر، پنجاب يونيورسٽي پريس لاهور 1969ع (ياگو پهريون)

اردو:

1ـ شاهان اوڌ كي كتب خاني: اشپرنگر
2ـ فهرست مخطوطات اوڌ: اشپرنگر: مترجم محمد اكرام چغتائي (انجمن ترقي اردو كراچي 1973ع).
3ـ فهرست مخطوطات شيراني، جلد اول، 1968ع.
5ـ همايون نامه: گلبدن بيگم مترجم رشيد احمد دهلوي (1985ع سنگ ميل، لاهور)
6ـ منتخب التواريخ: ملا عبدالقادربدايوني: مترجم محمود احمد فاروقي، (شيخ غلام علي اينڊ سنز لاهور)
7ـ تزك بابري: ظهير الدين بابر: مترجم: رشيد اختر ندوي (سنگ ميل لاهور)
8ـ پاكستان ۾ مخطوطات كي فهرست: عارف نوشاهي، مقتدره قومي زبان 1988ع)
9ـ مخطوطات تاريخ: حكيم سيد شمس الحسن قادري.

مخطوطات:

1ـ حديقه غلبا (فارسي): قانع (سنڌي ادبي بورڊ)
2ـ ديوان حيدر كلوچ (پنجاب يونيورسٽي لائبريري لاهور).
3ـ ذاتي خط (اردو) پير حسام الدين راشدي (سيد حسين شاهه جي مهرباني سان)

(خانه فرهنگ ايران كراچي طرفان سنڌ جي فارسي شاعرن بابت سڏايل سيمينار "زبان و ادبيات فارسي در سند" ۾ پڙهيل آكٽوبر 2003ع)

انڊيا آفيس لائبريري ۽ سنڌي ڪتاب

نوٽ: جڏهن آءٌ جولاءِ 1987ع ۾ لنڊن ويو هوس، تہ ان وقت "انڊيا آفيس لائبريري"، لنڊن شهر ۾ ٽيمس نديءَ جي پرئين پر، "بليڪ فريئرس روڊ" تي، "فارين اينڊ ڪامن ويلٿ بلڊنگ" ۾ واقع هئي. بعد ۾ آگسٽ 2000ع ۾ لنڊن ويس تہ انڊيا آفيس لائبريري مذڪوره بلڊنگ ۾ نہ هئي. پوءِ خبر پئي تہ انڊيا آفيس رڪارڊ کي برٽش لائبريريءَ جي نئين عمارت ۾ رکيو ٿئن. برٽش لائبريريءَ جي نئين عمارت سينٽرل لنڊن ۾، يوسٽن روڊ تي ڪنگڪراس ريلوي اسٽيشن ۽ يوسٽن انڊر گرائونڊ اسٽيشن جي ويجهو واقع آهي، جنهن کي برٽش سرڪار 6 ملين پونڊز جي خرچ سان گوٿڪ طرز تي جوڙايو آهي. جون 1998ع ۾ انڊيا آفيس رڪارڊ آڻي انهي عمارت ۾ رکيو ٿئن. لائبريريءَ جي نئين عمارت ۾ ٽئين فلور تي اهو سمورو رڪارڊ "اورينٽل اينڊ انڊيا آفيس ڪليڪشن" جي نالي سان رکيل آهي. انڊيا آفيس لائبريريءَ جو رڪارڊ، 14 ڪلوميٽرز ڊگهن شيلفن ۾ مختلف واليومس، فائيلن، انگريز عملدارن جي هٿ اکر لکيل نوٽبڪس، دهن ۾ بند اٽڪل 70 هزار سرڪاري پبليڪيشنس، هڪ لک 3 هزار مين اسڪرپٽس ۽ چپيل نقشن جي شڪل ۾ رکيل آهي، تنهن کان سواءِ ايسٽ انڊيا ڪمپني (1858ـ 1600) جي بورڊ آف ڪنٽرول ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي بورڊ آف ڪمشنرز فار آفيسرز آف انڊيا (1858ـ1784) ۽ انڊيا آفيس (1947ـ1858) جو مواد سهيڙي رکيو ٿئن. اورينٽل اينڊ انڊيا آفيس جو اهو سمورو ذخيرو، ايسٽ انڊيا ڪمپني، انڊيا سول سروس ۽ سمورو پوليٽيڪل رڪارڊ بايوگرافيڪل معلومات سان ٽمٽار آهي. انهيءَ سموري سانڍيل مواد کي ڏسي ماڻهو انگريزن جي قابليت جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي.

لنڊن شهر ۾ ٽيمس نديءَ جي پرئين پار بليڪ فريئرس روڊ تي هڪ بلڊنگ واقع آهي. ٻاهران بنهه شانت، پر اندران ڏاڍي وشال- جڙ هڪ وڏو عميق، جنهن ۾ جيڪو ويو، اُهو ماڻڪ موتي لعل پاڻ سان کڻي آيو. سچ پچ ته انهيءَ عميق ڏي جيڪي به اُجايل ويا آهن، ته اهي خالي ناهن موٽيا. علم ۽ ڄاڻ جو اهو اکٽ خزانو آهي ته ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي ملڪيت تي ٻڌل، پر 196 ورهين کان سانده انگريز اچن ٿا ان کي سانڊيندا. واقعي اها ملڪيت سنڀالي به انگريز ئي ويٺا آهن-. املهه ماڻڪن جو اهو انبار جيڪر هت هجي، ته هوند ڪٽو ڪٽو ٿي وڃي. هزارين قلمي دستخط پنو پنو ٿي وکري وڃن، بي بها شيون داٽو داٽو ٿي ڳولئي به نه لين. پنهنجي ديس ۾ پراڻن ڪتابن، اٽلپ قلمي دستخطن، پراڻي دور جي نقاشن جي قلمي ڪاوشن جو جيڪو حال ڏٺو اٽئون، ته پانيون ٿا ته چگو آهي جو اهو سڀ اُتي ئي رکيو هجي. هتان جو ته حال اهو آهي جو "سائي کي سهي ڪونه، سُڃي کي ڏئي ڪونه!" ايڏا انهيءَ ڳالهه کي بنهه ڪو وڏو عرصو ناهي گذريو جو لنڊن جي انهيءَ ذخيري تي پاڪستان، هندستان ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ تنازعو شروع ٿي ويو هو. چي: "اها اسان جي مِلڪ آهي، اصل سڀ ٽپڙ ورهايو." پر ڏٺيءَ خير ڪيو، جو انهن قيمتي ڪتابن، دستاويزن، تصويرن ۽ قلمي نسخن جو تين وال نه ٿي سگهيو ۽ "انڊيا آفيس لائبريري" ورهين کان علم، ڄاڻ ۽ تحقيق جي اُجايلن جي اُڄ لاهيندي پئي اچي. ڪي ورهيه اڳ مون جڏهن انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ ڪم پئي ڪيو. ته ڪيترن تاريخي دستاويزن جو اپياس ڪندي اهو اچي خيال ٿيم، ته آخر هيءَ هيڏي ساري "شاهي" لائبريري قائم ڪيئن ٿي يا هن لائبريريءَ جو تاريخي پس منظر ڪهڙو آهي؟ اهي ڪهڙا مٿير مڙس هئا، جن جي محنت جي پوک اڄ ٻيا پيا لُٽن. پوءِ ته يڪدم وڃي لائبريريءَ جي مدارالمهام سان ملاقات ڪيم، جنهن وري مون کي اسسٽنٽ لائبريرين مسٽر سليم قريشيءَ جي حوالي ڪيو، جنهن سان پوءِ دوستي ٿي ويئي. ڪجهه ڏينهن جي محنت کان پوءِ آخرڪار ايترو مواد ضرور هٿ چڙهي ويو، جنهن مان هي مضمون تيار ڪرڻ جهڙو ٿي ويس.

اصل ۾ پهرين پهرين لائبريري قائم ڪرڻ جو خيال 17 صدي عيسوي ڏاري "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" جي هڪ ملازم مسٽر رابرٽ اوم جي دل ۾ پيدا ٿيو، جنهن هندستان ۾ سوين ڪتاب، قيمتي نوادرات ۽ قلمي نسخا برباد ٿيندي ڏٺا هئا. چاڪاڻ ته هن پاڻ هندستان ۾ ڪيترا ورهيه نوڪري ڪئي هئي، انهي ڪري ڪيس اها ڄاڻ هئي ته هندستان جي راجائن، نوابن ۽ وڏ گهراڻن وٽ ڪيترو ئي علمي ۽ ادبي ذخيرو موجود آهي، جيڪو جيڪڏهن هڪ هنڌ گڏ ڪجي ته هوند انهيءَ مان گهٽا ماٺهو لاءِ پرائي سگهن. ساڳئي وقت اهو دور مغل شهنشاهيت جي زوال جي زماني وارو هو. وڏن وڏن نوابن ۽ راجائن جا پونير پنهنجا قيمتي نوادرات ۽ مخطوطا ڪتب خانن کي خاص طرح ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي گورن عملدارن کي خوش رکڻ لاءِ تحفي ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جتي به سوب ٿيندي هئي ته گورا سپاهي مال غنيمت ۾ هٿ آيل شيون کڻي ويندا هئا، جن مان ڪيترا ته اُهي شيون بنهه گم ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ ڪيترا وري انهن کي کڻي لنڊن ويندا هئا. لنڊن ۾ به ڄاڻ ته انهيءَ وقت کو اهڙو هنڌ موجود ڪونه هو، جنهن جي ڪري ڪيتريون شيون ضايع ٿي ويندیون هيون. اها حالت ڏسي رابرٽ مئي 1798ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هڪ رٽ لکي موڪلي، جنهن ۾ انهي سموري صورت حال جو دردناڪ منظر چٽيندي، ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن کي عرض ڪيو ته ڄاڻ ته ڪمپنيءَ جا ملازم انيڪ بيش بها نوادرات هتي کڻي اچي ڦٽو ڪري ٿا ڇڏين، جن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪمپنيءَ جي مرڪزي دفتر ۾ به ڪمرا مهيا ڪري ڏنا وڃن، ته جيئن اهو املهه خزانو تباهه ٿيڻ کان بچي سگهي. رابرٽ جي اها رٽ ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن وٽ ويچار هيٺ هئي، ته ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي سڃاڻ ۽ علم جي پارکو، عربي، فارسي، بنگالي ۽ سنسڪرت جي ڄاڻو چارلس ولڪنز نالي هڪ شخص کي ڪا اها سٽس پئجي ويئي سو هن ترت رابرٽ جي انهيءَ رٽ ۾ ڪي سڌارا ۽ واڌارا آڻي هڪ نئون خاڪو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ

کي اماڻي موڪليو: "جيڪڏهن اهڙي قسم جي لائبريري، ميوزيم سميت قائم ٿئي، تہ هوند گهٽو کجهہ لاڀ پرائي سگهجي ٿو." چارلس ولڪنز پاڻ هڪ چست ۽ هوشيار شخص هو، جنهن ورهين جا ورهيہ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نوڪري ڪئي هئي، ۽ بنگال ۾ گهٽو عرصو گهاريو هئائين. هن 1785ع ۾ گورنر جنرل وارن هيسٽنگز جي چوڻ تي پڳوت گيتا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ سندس ئي ڪوشش سان بنگالي، ناگري، سنسڪرت ۽ فارسي اکرن جي ٽائيپ تيار ٿي هئي، انهيءَ ڪري ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جو مٿس گهٽو ويساهہ هو. ويتر هن جي رڳا ۾ لائبريريءَ سان گڏ ميوزيم جو بہ نقشو شامل هو، سو ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن، 1801ع ۾ انهيءَ رٽ کي عملي جامو پهرائيندي، "اورينٽل ريپازيٽري" جي نالي سان لائبريري قائم ڪئي، ۽ چارلس ولڪنز کي 200 پائونڊ سالياني پگهار سان پهريون لائبريرين مقرر ڪيو. شروعات ۾ اها لائبريري ڪمپنيءَ جي مرڪزي آفيس ۾ هن ڪمرن اندر قائم ڪئي ويئي، جيڪا لنڊن جي ليڊن هال اسٽريٽ ۾ واقع هئي. لائبريريءَ کي پهريون پهريون جيڪو املهہ ڪتب خانو تحفي طور هٿ چڙهيو، سو هيو رابرٽ جو. اهو سال 1802ع جو هو، جڏهن لائبريريءَ کي قائم ٿئي هڪ سال مس ٿيو هو، ۽ رابرٽ اُن سال چالاڻو ڪري ويو. ڇاڪاڻ تہ مذڪوره لائبريري قائم ڪرڻ جو خواب ئي هن ڏٺو هو، انهيءَ ڪري مرندي مرندي اها وصيعت ڪري ويو تہ سندس قيمتي ڪتب خانو لائبريريءَ کي ڏٺو وڃي. بلاشڪ سندس ڪتب خانو ڪيترن ئي قيمتي نوادرات ۽ انيڪ قلمي نسخن جو پنڌار هو. اهو ڪتب خانو لائبريريءَ کي ڇا حاصل ٿيو، جڙ لائبريريءَ ۾ جان پئجي ويئي. 1804ع ۾ وري هڪ ٻئي شخص نومب ول، بنا ڪنهن اجوري جي ڪين فارسي مخطوطات جو هڪ نادر ذخيرو پيٽا ڪيو. ساڳئي سال ڊيوڊ چيني هوليءَ جا ڪتاب ڏنا. پوءِ تہ لائبريريءَ ۾ نادر قلمي نسخا، قديم ڪتاب، نايابہ تصويرون وغيره گڏ ٿيندا ويا، جڏهن تہ خود ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن کي بہ اهي شيون

حاصل ڪرڻ جو شوق ويو وڌندو. انهيءَ ڪم ۾ سندن شوق جو اهو عالم هوندو هو، جو جڏهن به ڪين اها ڄاڻ ملندي هئي ته هندستان ۾ ڪو ڪتب خانو لڏو آهي ته هو فوري طور تي لکپڙهه هلائيندا هئا، ته سمورا ڪتاب ۽ نوادرات فقط لنڊن ئي اُماٽيا وڃن. هوڏانهن هندستان ۾ به ڇاڪاڻ ته رايل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال ۽ فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي وارا به پنهنجي پر ۾ ويا ٿي نوادرات ۽ ڪتاب گڏ ڪندا، انهيءَ لاءِ هندستان جي گورنر جنرل کي هو بار بار تاڪيد پيا ڪندا هئا. ان سلسلي جو هڪ اهڙو ئي خط 5- جون 1806ع تي هندستان جي گورنر جنرل سرجارج بارلو کي هن ريت لکي اماٽيو ويو:

"اوهان کي اها ڳالهه بخوبي معلوم هوندي ته اسان هتي هڪ لائبريري ۽ عجائب گهر قائم ڪيو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي سختيءَ سان تاڪيد ٿي ڪئي وڃي ته آئنده سمورا ڪتاب، قلمي نسخا، پراٽا سڪا، تصويرون ۽ نوادرات، جيڪي به اوهان کي هٿ اچن، اهي فقط لنڊن موڪليا وڃن. اسين اوهان جو ڏيان ٽيپو سلطان جي انهيءَ ڪتب خاني طرف پڻ ڇڪايون ٿا، جيڪو سرنگاپٽم جي فتح بعد اسان جي فوج کي هٿ آيو هو، جنهن کي پڻ هيڏانهن موڪلڻ تمام ضروري آهي. اسان جو اهو رايو آهي ته انهيءَ ڪتب خاني جي اصلوڪي جاءِ به ڪمپنيءَ جي لائبريري آهي. تعجب آهي ته انهيءَ ڪتب خاني جي مڪمل لسٽ به اسان کي ايڏا نه پهتي آهي. بهرحال اسان کي غيرسرڪاري طريقي سان ڪتب خاني جي لسٽ هٿ آئي آهي، جنهن موجب ڪتب خاني ۾ قرآن مجيد ۽ شاهنامي جا ڪجهه قيمتي نسخا موجود آهن. ازان سواءِ مصوريءَ جا ڪجهه جلد ٽيل نادر نمونا به شامل آهن، جن بابت اميد اٿئون ته اهو سڀ ڪجهه محفوظ هنڌ تي رکيل هوندو. اوهان کي سختيءَ سان هدايت ڪجي ٿي ته اهو سمورو ذخيرو وڏي خبرداريءَ سان، الڳ ڪري رکيو وڃي ۽ اهو سڀ ڪجهه پيٽين ۾ بند ڪري سمنڊ رستي فوري طور تي هيڏانهن اماٽيو وڃي!"

انهيءَ خط بعد جيتوٽيڪ ترت ڪين اهو ڪتب خانو حاصل ٿي نه ٿيو، پر ڪتابن جي ڳولا ۾ هو هر وقت سرگردان رهيا. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪين ڪڏهن ڪجهه سڪا ٿي ملڻ لڳا ۽ ڪڏهن وري ڪين پراڻا ٻُڌ ٿي هٿ آيا. جيڪي لائبريريءَ جي عجائب گهر ۾ ٿي رکيا ويا. انهيءَ وقت تائين لائبريريءَ جو اهو اصول هو ته جيڪا شيءِ ڪين مفت هٿ چڙهي ٿي ته اها محفوظ ٿي ڪيائون، باقي پيسن سان ڪابه نوادرات وغيره هو بنهه نه ڳنهندا هئا، جنهن جي ڪري ڪيترين ئي شيون سندن هٿن کان نڪري ٿي ويون. انهيءَ ڳالهه کي آڏو رکندي 1807ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني پنهنجي ايڪٽ ۾ ڦيرڦار آڻي اهو فيصلو ڪيو ته جيڪر آئنده ڪن شين لاءِ ڪا وڏي قيمت چڪائڻي پوي ته انهيءَ ڳالهه کان بنهه ڪن لاڙا نه ڪئي وڃي.

انهيءَ فيصلي بعد جنهن شخص کان ٽن هزارن گنِين ۾ جيڪو املهه ڪتب خانو خريد ڪيو ويو، اهو هو ڪمپنيءَ جو هڪ رٽائرڊ ملازم رچرڊ جانسن جو، جيڪو پڻ هندستان ۾ 30 ورهيه رهي آيو هو. جانسن به ٻين وانگر 1770ع ۾ ڪلارڪ ٿي ڪلڪتي ويو هو ۽ ترقي ماڻيندو ويو. حيدرآباد دکن جي نظام وٽ ريزيڊنٽ ٿيو، جتي هن کوڙ ڪتاب، قلمي نسخا ۽ مصوريءَ جا شاهڪار هٿ ڪيا هئا ۽ جڏهن هو انگلينڊ واپس وريو ته وٽس فارسي ۽ عربي جا 1100 ڪتاب ۽ 1300 رنگين تصويرون موجود هيون، جن کي هو پنهنجي ساهه سان سانڍي رکندو هو. قدرت خدا جي، جو آخري ڇمار ۾ هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ زماني جي حالتن هٿان اهڙو ته ڪنگال ٿي پيو جو وٽس ڪائڙ لاءِ هڪ پيني به نه هئي، پر اهو املهه ڪتب خانو ضرور موجود هو، جنهن تي لائبريري وارن جي اڳي ئي اک هئي. بهرحال هن وڏي لاچاريءَ وچان تمام سستي اڳهه تي اهو سمورو ڪتب خانو لائبريريءَ کي وڪڻي ڇڏيو. جڏهن ته انهيءَ ڪتب خاني جي مالڪيت ٽن هزار سونين گنين کان گهٽ وڌيڪ هئي.

1809ع ۾ هندستان جي اڳوڻي گورنر جنرل وارن هيسٽنگز به

800 پائونڊن ۾ پنهنجا سمورا ڪتاب لائبريريءَ کي وڪرو ڪري ڇڏيا. وارن هيسٽنگز به ڪلائيو وانگر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ ڪلارڪ ٿي گهڙيو هو. پهريائين هو هندستان ۾ 1750ع ۾ آيو. شروع ۾ هو بيجڪن جا نقل ڪندو هو ۽ پٽ جي ڪپڙي ۾ ململ تي نول ٻڌندو هو. 1757ع ۾ ميرجعفر جي دربار ۾ انگريزن جو عيوضي ٿي ويو هو. 1760ع ۾ ڪلڪتي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. 1769ع ۾ مدراس ڪائونسل جو ميمبر ۽ 1774ع ۾ بنگال جو گورنر ٿيو. ساڳئي سال چاڪاڻ ته برٽش پارليامينٽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ٽيڪ ورهائي غلام هندستان کي سڌو پارليامينٽ جي انتظام هيٺ آڻي ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري هو هندستان جو پهريون گورنر جنرل مقرر ٿيو. 1785ع ۾ مٽس پڪارون ٽيٽ ڪري پارليامينٽ هڪ مقدمو ڪڙو ڪيو، جنهن جي ڪري ڪيس نوڪري ڇڏڻي پيئي. برٽش انڊيا ۾ 35 ورهيه لڳاتار رهڻ سبب هن به ڳچ ڪتاب هٿ ڪيا. سندس گڏ ڪيل ڪتاب به گهڻو ٽڻو فارسي ٻوليءَ ۾ هئا. 1788ع کان 1795ع تائين ڪيس هڪ ڪيس کي منهن ڏيڻو پئجي ويو، جنهن ۾ هن جو سمورو ارڪو ترڪو چٽ ٿي ويو ۽ ڳٽتين هٽي هن کي ڳاري وڌو. وري به شڪر جو پچاڙيءَ ۾ ڪيس بي ڏوهي ٺهرايائون. انهيءَ ڪري هن پنهنجا سمورا فارسي ڪتاب لائبريريءَ کي وڪڻي ڇڏيا، جن مان گهڻا ٽڻا فارسي شاعريءَ جي مجموعن تي ٻڌل هئا.

1809ع ۾ هندستان جي هڪ مشهور رياست ٻڙودي جي راجا لائبريريءَ کي فارسي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي ڪتابن جو هڪ وڏو تعداد تحفي طور اماڻيو. سال 1819ع ۾ وري هينري ڪول بروڪ سنسڪرت ٻوليءَ جا اٽڪل ٻه هزار ڪتاب لائبريريءَ کي پيٽا ڪيا. اڄ به لائبريريءَ ۾ جيڪڏهن سنسڪرت ٻوليءَ جي ڪتابن جو ڇهو تعداد موجود آهي، ته اهو هينري ڪول جو ئي ڏنل آهي. هينري ڪول بروڪ اصل ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن جي صدر سر جارج ڪول بروڪ جو سڪيلڊو پٽ هو. هو 1782ع ۾ ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ داخل ٿيو ۽ ساڳئي سال

هندستان پهتو هو. پهرئين اڪائونٽنٽ ۽ پوءِ اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ جج جا عهدا ماڻيندو 1800ع ۾ وڃي گورنر جنرل جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر بڻيو. اتي هو سنسڪرت پڻ سکيو، جنهن ۾ هن ايڏي ته مهارت حاصل ڪئي جو 1794ع ۾ گورنر جنرل جي حڪم تي هندو ڏرم شاستر جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ويهي ترجمو ڪيائين. چون ٿا ته هن کي ويدن تي ايڏو ته عبور حاصل هوندو هو، جو سنسڪرت جا عالم به کيس وڏو نقاد ڪري ليکيندا هئا. هن ويدن تي جيڪا تنقيد لکي آهي، اها اسلوب توڙي ڇاڻ جي لحاظ کان هڪ شاهڪار آهي. سنسڪرت کان سواءِ هن کي حيوانات، نباتات، رياضي ۽ معدنيات جي علمن جي به وڏي ڇاڻ حاصل هئي. هندستان ۾ 32 ورهيه رهڻ بعد 1815ع ۾ انگلينڊ اچي هن سنسڪرت ٻوليءَ جا ٻن هزارن کان به مٿي ڪتاب لائبريريءَ کي عطيي طور ڏيئي ڇڏيا. نتيجي ۾ لائبريري وارن به سندس هڪ عاليشان سنگ مرمر جو مجسمو نهرائي لائبريريءَ جي اڳڻ ۾ يادگار طور هٽائي ڇڏيو.

1824ع ۾ لائبريريءَ وارن جان ليڈن نالي هڪ شخص جو ڪتب خانو 500 پائونڊن ۾ خريد ڪيو. جان ليڈن به 1803ع ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت سان مدراس ويو هو. پر هندستان اچڻ کان پهريائين هن فارسي ۽ عربي سکي ۽ ان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. ڏکڻ هندستان ۾ هن تليگو ۽ مليالم ٻوليون به سکي ورتيون. 1806ع ۾ هو فورٽ وليم ڪاليج ۾ اردو پڑهائڻ لڳو. اتي هن سنسڪرت ۽ فارسي جا ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽ لسانيات جي هڪ وڏي ماهر جي حيثيت ۾ ناماچاري حاصل ڪئي. ڪاب نئين ٻولي سکڻ هن لاءِ تمام آسان ڳالهه هوندي هئي. بعد ۾ ڪلڪتي کان جاوا ۽ سماترا پهتو ته اتي به هن جاوي ٻولي سکي ورتي. بهرحال حياتيءَ وفا نه ڪيس. جو 32 ورهين جي ڇمار ۾ گذاري ويو. سندس وفات بعد سندس سمورا ڪتاب لائبريريءَ خريد ڪري ورتا.

1838ع ۾ آخرڪار لائبريريءَ ۾ ٽيپو سلطان وارو اهو ڪتب

خانو اچي لنڊن پهتو. جيڪو 1799ع ۾ سرنگاپٽم واري لڙائيءَ کان پوءِ انگريزي فوج کي هٿ آيو هو. اهو ڪتب خانو ورهين جا ورهيه فورٽ وليم ڪاليج ڪلڪتي ۾ پيو هو. جنهن لاءِ ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن بار بار ٽي هندستان خط لکيا. انهيءَ ڪتب خاني ۾ ٻن هزارن کان به مٿي ڪتاب شامل هئا، جيڪي فورٽ وليم ڪاليج جي بند ٿيڻ جي نتيجي ۾ لائبريريءَ کي هٿ چڙهيا. ٿيپوءَ جي ڪتب خاني ۾ فارسي، ترڪي، عربي، هندي ۽ دڪني ٻولين جا سوين ڪتاب شامل هئا، انهيءَ کان سواءِ ڪتب خاني ۾ شهيد ٽيپو سلطان جو خواب نامو به شامل هو. چون ٿا ته ٽيپو سلطان کي خوابن تي ڏاڍو يقين هوندو هو. روز رات جو هو جيڪو سپنو ڏسندو هو، اهو صبح جو هڪ وڏي رجسٽر ۾ لکي ڇڏيندو هو. اهو رجسٽر وري هو هڪ ڳجهي هنڌ تي لڪائي رکندو هو. جنهن جي ڄاڻ فقط سندس هڪ خاص خدمتگار حبيب الله کي هوندي هئي. جڏهن ٽيپو سلطان شهيد ٿيو ته سندس خدمتگار انگريزن کي خوش ڪرڻ لاءِ کين انهيءَ رجسٽر جو ڏس ڏنو. سندس ڏس تي انگريزي فوج جي عملدار ڪرنل ڪرڪ پيٽرڪ ڪتابن جي ڪٻٽن مان اهو رجسٽر هٿ ڪري ورتو.

هوڏانهن لائبريريءَ ۾ ڪتاب ۽ نوادرات ويا وڌندا، ته خود لائبريريءَ ۾ ڪم ڪندڙن جي ذميوارين ۾ ويو اضافو ٿيندو. لائبريرين چارلس ولڪنز جو پگهار وڌائي 700 پائونڊ سالياڻو مقرر ڪيو ويو ۽ لائبريريءَ جي اسٽاف ۾ به ٽن ماڻهن جو اضافو ڪيو ويو. مئي 1825ع ۾ فرانس بڪانن کان به سندس ڪتب خانو خريد ڪيو ويو، جيڪو پڻ 1783ع کان 1815ع تائين هندستان ۾ رهيو هو ۽ وٽس به ڪتابن جو چگو چوکو ذخيرو موجود هو.

مئي 1836ع ۾ لائبريريءَ جو پهريون لائبريرين چارلس ولڪنز گذاري ويو. جنهن پنهنجي حياتيءَ جا 35 ورهيه هن لائبريريءَ کي ناهيندي ۽ وڌائيندي گذاري ڇڏيا هئا. سندس ئي محنتن جو ثمر هيو، جو لائبريريءَ ۾ هزارين ڪتاب ۽ نوادرات جمع ٿيا هئا. هو پاڻ عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو. انهن

خدمتن جي مجتا طور ڪيس "نائٽ هڊ" جو بہ لقب ڏنو ويو. ازان سواءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي پڻ هن کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني هئي. ولڪنز جي مرڻ بعد هن جي زال پنهنجي مڙس جا سمورا ڪتاب لائبريريءَ کي ڏيئي ڇڏيا.

سر چارلس ولڪنز جي وفات بعد پروفيسر هاريس ولسن کي لائبريرين مقرر ڪيو ويو. اهو نئون لائبريرين پڻ ذاتي طور تي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو وڏو ڄاڻو هو ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڊاڪٽر ٿي هندستان ويو هو، جتي هن پهريائين ڪالڊاس جي ٻن ناٽڪن کي ايڊٽ ڪري ڇپرايو هو ۽ بعد ۾ 1819ع ۾ انگريزي ۽ سنسڪرت جي لغت مرتب ڪئي هئي. انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ لائبريرين ٿيڻ کان پهرين هو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ سنسڪرت جو پروفيسر ٿي ڪم ڪري رهيو هو. سندس زماني ۾ بہ لائبريريءَ ۾ سوين ڪتاب داخل ڪيا ويا.

1857ع ۾ هندستان ۾ انگريزن خلاف بغاوت جي پهرين باهہ پڙڪو ڪاڏو. وڳوڙن جي پڄاڻي ٿي تہ برٽش پارليامينٽ نئون "انڊيا ايڪٽ" پاس ڪيو. جنهن پٽاندر هندستان جي حڪومت جون واڳون ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان وٺي پنهنجي هٿ ۾ ڪيون ويون. برٽش پارليامينٽ هندستان جي انتظام هلائڻ واسطي "انڊيا آفيس" جي نالي سان هڪ علحده دفتر قائم ڪري هڪ جدا "وزير هند" مقرر ڪيو. ان طرح ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا سمورا معاملا هاڻي "انڊيا آفيس" وارن جي حوالي ٿيا. جنهن بعد انهيءَ لائبريريءَ جو نالو ڦري سڏجڻ لڳو "انڊيا آفيس لائبريري" جيڪو اڄ ڏينهن تائين ساڳئي نالي سان قائم آهي. بعد ۾ لائبريريءَ کي ليڊن هال اسٽريٽ مان کٽي ڪينن روڊ جي هڪ گهر ۾ آندو ويو. جتي جڳهہ جي تنگيءَ سبب لائبريريءَ کان ميوزيم کي هميشہ هميشہ لاءِ علحده ڪيو ويو.

1865ع ۾ انڊيا آفيس لائبريريءَ کي 1857ع واري آزاديءَ جي جنگ وقت هٿ آيل مغلن جي ڪتب خاني جا ڪجهہ ڪتاب هٿ چڙهيا، جن جو تعداد ڇهہ هزار هو. مورخ لکن ٿا تہ مغلن جو اهو

ڪتب خانو شهنشاهہ شاهجهان جي وقت ۾ 24 هزار ڪتابن تي مشتمل هو. اٽليءَ جو مشهور سياح "منوڪي" پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو تہ: شاهجهان جي ڪتب خاني ۾ 24 هزار ڪتاب شامل آهن، جن جي جلدن تي سون ۽ چاندي چڙهيل آهي. جيڪڏهن اُنهن جلدن تي چڙهيل سون ۽ چانديءَ جي قيمت جي ڪٽ ڪجي تہ اُها لاڳت 64 لک 63 هزار 721 رپين تائين وڃي پهچي ٿي!

1870ع ۾ انڊين سول سروس جي آرٿر برنل لائبريريءَ کي ساڌا ٿي سو سنسڪرت جا ڪتاب پيٽا ڪيا. آرٿر 1860ع ڌاري ويهن سالن جي هٿار ۾ انڊين سول سروس ۾ پرتي ٿي هندستان ويو هو ۽ پنهنجي ملازمت جو گهڻو ڀاڳو حصو ڏکڻ هندستان ۾ بسر ڪيو هئائين. اُتي هن وڏي شوق سان سنسڪرت جا انتهائي ناياب نسخا خريد ڪيا. هن کي عربي، فارسي، تامل، اردو ۽ سنسڪرت تي بہ وڏو عبور حاصل هوندو هو. 1882ع ۾ هو اوچتو 42 ورهين جي هٿار ۾ گذاري ويو. تہ لائبريريءَ وارن سندس رهيل 300 ڪتاب بہ خريد ڪري ورتا.

1860ع ۾ پروفيسر هاريس ولسن گذاري ويو تہ سندس جاءِ تي گورنمينٽ سنسڪرت ڪاليج بنارس جي پرنسپل ڈاڪٽر جيمز بيلٽالن کي لائبريرين ڪري رکيو ويو. ڈاڪٽر جيمز پٽ سنسڪرت جو وڏو عالم هو ۽ 15 ورهيہ بنارس ڪاليج جو پرنسپل ٿي ڪم ڪيو هئائين. سندس ئي ڪوشش سان بعد ۾ اهو ڪاليج وڃي يونيورسٽيءَ جي درجي تائين پهتو هو. هن سنسڪرت جا انيڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ناماچاري حاصل ڪئي هئي. انهيءَ کان سواءِ هن فارسي، سنسڪرت ۽ اردو ۾ پڻ ڪيترا ڪتاب لکيا هئا. فيبروري 1864ع ۾ هن لاڏاٽو ڪيو. اهڙيءَ ريت هو بہ فقط چار ورهيہ انڊيا آفيس لائبريريءَ جي خدمت ڪري سگهيو. سندس وفات کان پوءِ بنارس ڪاليج جي اردو ۽ سنسڪرت جو پروفيسر فٽزڈ وڊهال لائبريرين مقرر ٿيو. پر هن 1869ع ۾ ڪن ذاتي مجبورين سبب استعيفا ڏيئي ڇڏي. 1870ع

۾ هڪ جرمن عالم ڊاڪٽر راٽن هولڊ روٿ لائبريرين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر روٿ لاءِ چون ٿا ته هو اٽڪل 30 ٻوليون تي عبور رکندو هو، جن ۾ عربي، فارسي، هندي، اردو، تامل، تلیگو، تبتي، چيني ٻوليون شامل هيون. ازان سواءِ هن ڪيترائي ڪتاب ايڊٽ ڪيا ۽ ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئا. هن لڳاتار 34 ورهيه انڊيا آفيس لائبريريءَ جي خدمت ڪئي. سندس ئي ڪوششن سان اهو آرڊيننس پاس ڪيو ويو ته آئيندي جيڪو به ڪتاب هندستان ۾ شايع ٿئي ته انهيءَ جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس لنڊن کي ضرور اماڻي وڃي. انهيءَ قانون جو نتيجو اهو نڪتو جو هندستان جي سمورين ٻولين جا هزارين ڇپجندڙ ڪتاب انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ پهچي ويا. اهو قانون 1947ع تائين لاڳو رهيو. ڊاڪٽر روٿ جي ڪوششن جي نتيجي ۾ لائبريريءَ کي ڪينن روڊ مان ڪٽي وائيٽ هال جي عمارت ۾ آندو ويو. پر ڇاڪاڻ ته بدقسمتيءَ سان انڊيا آفيس لائبريريءَ جي تاريخي ميوزيم لاءِ انگلينڊ جي سرڪار کا عمارت فراهم نه ڪري سگهي، انهيءَ ڪري انڊيا آفيس لائبريريءَ جي ميوزيم جا سمورا نوادرات لنڊن جي مختلف عجائب گهرن کي ورهائي ڏنا ويا. اڄ به لنڊن جي وڪٽوريا البرٽ ميوزيم، جيالوجيڪل ميوزيم ۽ سائنس ۽ نيچرل هسٽري ميوزيم ۾ جيڪي شيون اسان کي نظر اچن ٿيون، اهي سڀ انڊيا آفيس لائبريريءَ جي انهيءَ پراڻي ميوزيم جون ئي ملڪيت آهن، جيڪي 1806ع کان وٺي 1857ع تائين هندستان جي ڪنڊ ڪڇ مان ڪٽي لنڊن آندیون ويون هيون.

1902ع ۾ پريزيڊنسي ڪاليج ڪلڪتي جو پرنسپل پروفيسر چارلس انڊيا آفيس لائبريريءَ جو لائبريرين مقرر ٿيو. 1903ع ۾ هن استعيفا ڏني، ته سندس جاءِ تي ڊاڪٽر ايف، ڊبليو، ٿامس کي اڳتي آندو ويو. انهيءَ سموري ڏور ۾ لائبريريءَ ۾ مختلف ٻولين جا ڪتاب ۽ قلمي نسخا وڏي تعداد ۾ شامل ڪيا ويا.

"انڊيا آفيس لائبريريءَ" کي ڪنهن چا چا ڏنو، اهو سمورو تفصيل لائبريريءَ جي "ڊي بوڪ" ۾ موجود آهي. جيڪڏهن هتي

تفصيلي طور تي انهيءَ جو ذڪر ڪجي تہ هوند اهو وڏو مفصل احوال ٿي پوي، ان ڪري طوالت کان پاسو ڪندي رڳو اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ مجموعي طور تي 1806ع کان وٺي 1947ع تائين انگريز آفيسرن هن لائبريريءَ کي وڏيءَ محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ٺاهيو. هو جڏهن بہ رٽائر ٿي پنهنجي وطن ورندا هئا تہ پاڻ سان انيڪ دستاويز، قلمي مسودا، سياسي احوال، نوادرات، پراڻي جڳ جي مصورن جون روغني تصويرون، سڪا، مجسما وغيره ڪٽي اڇي هن لائبريريءَ کي مالا مال ڪندا هئا. پوءِ تہ خود "برٽش هندستان" جي سموري لکپڙهہ جا فائيل ۽ ڪاغذ بہ انڊيا آفيس جي حوالي ٿيا. هن وقت لائبريريءَ ۾ جيڪي ڪتاب رکيل آهن، انهن جو تعداد "چئن لکن" تائين وڃي پهچي ٿو. جڏهن تہ انهن کان سواءِ اڄ بہ دنيا جي ڪنڊ ڪڇ مان لائبريريءَ کي تحفي طور ڪتاب ملندا رهن ٿا. لائبريريءَ ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، سنڌي، هندي، ڪشميري، گجراتي، بنگالي، اردو، مراٺي، آسامي، تامل، تليگو، پنجابي، پشتو، ترڪي، سنهالي، پالي، تبتي، چيني، سرائيڪي، وغيره جا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مسودا ۽ ملفوظات وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ساڳئي وقت يورپي هولين جا بہ اٽڪل هڪ لک ڪتاب رکيا آهن، جڏهن تہ هزارين قلمي مسودا اتي انهيءَ کان سواءِ آهن، جن جو تعداد ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهي. مون کي اسسٽنٽ لائبريرين مسٽر سليم الدين قريشيءَ جي مهرباني سان اهڙيون شيون ڏسڻ ۾ آيون، جن کي ڏسي اچرج ٿي وڪوڙي ويئي، مثال طور ڪيترا مسودا وٽن جي چوڏن ۽ پنن تي ۽ ڪيترا وري سون جي پڙچن تي لکيل ڏسڻ ۾ آيا. ڪيترا پراڻا سنسڪرت جا نسخا عاج ۽ ڪاٺ جي ٽڪرن تي لکيل هئا. ڪجهہ وري جانورن جي ڪلن تي لکيل هئا. اهو سڄو تاريخي ورثو عجب سان پريل آهي!

انهن شين کان سواءِ لائبريريءَ ۾ اڄ بہ تاريخي ۽ اٽلڀ تصويرن جو هڪ وڏو ذخيرو رکيل آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ خاص اجازت جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ خزاني ۾ مصوريءَ جا نادر نمونا موجود آهن. ننڍي ڪنڊ جي اصلوڪي ۽ ڇٽي پٽي تصوير

انهن رنگين تصويرن کي ڏسڻ سان ٻه اسان جي آڏو عيان ٿئي ٿي. اکثر رنگين تصويرون مغل دور جون آهن. انهن تصويرن جو تعداد چار هزار کن آهي، جن کي ڏسڻ لاءِ وڏي وقت جي ضرورت آهي. انهيءَ نوادرات ۾ فوٽو گرافيءَ جا ٻه نهايت اعليٰ ۽ اٽلي عڪس نظر اچن ٿا. مان سمجهان ٿو ته ننڍي کنڊ جي ماڻهن، شهرن ۽ جاين جا اوائلي فوٽوگراف ٻه فقط انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

انڊيا آفيس لائبريريءَ جو موجوده دفتر جيئن مون شروعات ۾ ذڪر ڪيو ته اهو ٽيمس نديءَ جي پرئين پر بليڪ فريئرس روڊ تي واقع آهي. لائبريريءَ جي موجوده عمارت اصل ۾ ڪامن ويلٿ جي آهي، جتي ٽئين ماڙ تي اهو اٽلي خزانو هر هڪ اينڊڙ لاءِ پنهنجي وشال اونهائيءَ سان ٻئي ٻانهون کولي آجيان ڪندو ٿو رهي.

مون ڪوشش ڪئي ته "سنڈ" سان تعلق رکندڙ قيمتي مواد جون ڪي فوٽو استيٽ هٽ ڪريان، پر مون کي ٻڌايو ويو ته انڊيا آفيس لائبريريءَ وارن کي سموري دنيا مان ايترا ته آرڊر اچن ٿا، جو فوٽو استيٽ لاءِ ٻه واري جو انتظار ڪندي ڇهه اٺ مهينا لڳي ٿا وڃن! منهنجي دلچسپي انهيءَ ڳالهه سان هئي ته 1832ع کان وٺي 1838 تائين انگريزن جا ٽالپرن سان ڪيل سمورا عهدناما، ايسٽ انڊيا ڪمپني جا سنڈ سان ڪيل واپار جا تفصيل، 1839ع ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ آڪلنڈ طرفان ڪيل انهيءَ لکپڙهه جو احوال، جنهن ۾ ٽالپرن کي چيو ويو ته سنڈونديءَ مان واپاري غورابن گذارڻ سان گڏوگڏ فوج ۽ جنگي سازِ سامان کي ٻه لنگهڻ ڏنو وڃي. 1841ع ۾ افغانستان ۾ وڳوڙ کان پوءِ سنڈ ۾ انگريز ريزيڊنٽ ميجر آئوٽرام جا سمور اخط، جنهن ۾ هن وس وارن وٽ دانهن ڪئي ته ميرن سان نهي هلو، نه ته ميرِ اسان جي هٿن مان نڪري ويندا. هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو طرفان 1843ع ۾ نيپئر کي سنڈ ۾ موڪلڻ وارو داستان، 12 فيبروري 1843ع تي ميجر آئوٽرام جي موجودگيءَ ۾ حيدرآباد ۾ ٽيل آخري عهدنامو، ڏهي ۽ ميانيءَ جي لڙاين جا وچور، ٽالپرن کي ڪلڪتي جي هزاري باغ ۾ رکڻ جي لکپڙهه، ميجر آئوٽرام جي برٽش سرڪار ڏانهن

ڪيل لکپڙهه (ته "ميرن سان نسورو انڊير ٿيو آهي، ميرن کي سنڌ موتائي ڏيو!") جواب ۾ انگريز حڪومت جو ڪتو جواب (ته "ميرن سان انڊير ٿيو آهي، اها ڳالهه اسان مڃي، پر هينئر سنڌ کين موتائي ڏبي ته اهو وڏو انڊير ٿيندو!). 1857ع واري وڳوڙ جا وڇور، جن مان هڪ مڪيه ڪارڻ اهو به هو جو هند سرڪار جيڪي بنگالي سپاهي سنڌ ڏانهن اماڻيا هئا، انهن کي واعدي موجب پنتو نه ڏنو ويو هو. 1857ع ۽ 1858ع دوران سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر طرفان بمبئي سرڪار سان ڪيل لکپڙهه جا تفصيل (جنهن ۾ بار بار چيو ويو ته سنڌ ۾ سياسي بدامنيءَ جو انديشو آهي، فوري طور تي پئرا مليٽري فورس جا جٿا سنڌ اماڻيا وڃن، ٻيءَ صورت ۾ ڪوبه مهي ولوڙو مچي سگهي ٿو!)، سنڌ جي مختلف ڪمشنرن جون سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن بابت لکيل رپورٽون، انيڪ پارليامينٽري پيپر (1908ع کان 1947ع)، جن جو واسطو سنڌ سان آهي.

سنڌي ڪتاب

"انڊيا آفيس لائبريري" ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جا قلمي نسخا، شاهه جو رسالو، سنڌ بابت نهايت ئي املهه تصويرون ۽ برٽش دور ۾ بندش ٿيل سنڌي ڪتابن جو هڪ وڏو تعداد پڻ موجود آهي. ان کان سواءِ ميرن ۽ برٽش حڪومت جي وچ ۾ ڪيل لکپڙهه، 1857ع ۾ واري بلوي وقت سنڌ جي ڪمشنر جي بمبئي حڪومت سان لکپڙهه جا اصل دستاويزن منهنجي نظرن مان گذريا. اهو سمورو مواد ايڏو ته دلچسپ ۽ معلوماتي آهي، جو راقم صبح جو لائبريريءَ جي رڪارڊ روم ۾ داخل ٿيندو هو ۽ شام جو بند ٿيڻ تائين ان جو مطالعو ڪندو رهندو هو. 1858ع جي دور جي لکپڙهه جا ڪاغذات بوسيده ٿي چڪا آهن. هٿ لائڻ سان ڪاغذ جي زرداڻ هٿن ۽ ڪپڙن تي ٿي لڳي وڃي، پر مجال آهي جو اهو اصل ڪاغذ ڪٽان ڪري وڃي- مقصد ته هڪ هڪ شيءِ جي حفاظت اهڙن جديد طريقن سان ڪئي ويئي آهي، جو به سئو

چالیھ ورھیہ پراٹا ڪاغذ جیئن جو تیئن محفوظ ٿي ويا آھن.

لائبريريءَ ۾ برٽش دور حڪومت ۾ بندش هيٺ آيل هندستان جي سمورين پولين جا ڪتاب موجود آھن، جن ۾ سنڌي پوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو تعداد اٽويھ آھي، جيڪي برٽش انڊيا جي حڪومت مختلف سالن ۾ ضبط ڪيا. انھن اٽويھن سنڌي ڪتابن جا نالا ۽ تفصيل ھن ريت آھي:

1۔ "ڪميونسٽ، اين پي." سنڌ ڪميونسٽ آف هندستان، ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ماھوار رسالو، شمارو پھريون- نمبر2 ۽3،5 مئي، 5 جون 1940ع، (لائبريريءَ ۾ ڪٽلاگ نمبر سنڌي پي- پي18-17). ھن ڪتاب ۾ هندستان اندر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي انقلابيءَ سرگرمين جون خبرون ڏنل آھن. مذڪوره ڪتاب کي انھيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو، جو ان ۾ شامل مواد ذريعي ماڻھن کي برٽش حڪومت خلاف هٿياربند جدوجھد ڪرڻ جي ترغيب ڏني ويئي ھئي.

2۔ "آزاد نارائڻ داس جي قومي گيتن جو ڪتاب"، جيڪو 1931ع ڌاري ضبط ٿيو. اھو ڪتاب ميرپورخاص جي رھواسي آزاد نارائڻ داس جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. ڪتاب جا صفحا 31 آھن. جڏھن تہ اھو ڪتاب حيدرآباد جي ھڪ ڇاپخاني "حيدرآباد پارٽ پريس" مان ڇپرايو ويو ھو.

(ڪٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي-9)

3۔ "آلاپ آزادي" (شاعري)، 24 صفحن جو ھي ڪتابڙو، سنڌي پوليءَ جي جڳ پڌري انقلابي شاعر ھوندراج "دکايل" جي شاعريءَ جو ڳٽڪو آھي، جيڪو ھن 1930ع ۾ لکيو ھو ۽ ساڳئي سال ضبطيءَ هيٺ آيو. (ڪٽلاگ نمبر، سنڌي پي پي-13)

4۔ "ڦاسي گيت مالا" (شاعري)، ليکڪ ھوندراج "دکايل"، شاعريءَ جي ھن ڳٽڪي ۾ ھوندراج دکايل پنھنجا نظم موتي لال نھرو، تلڪ، ميران ڀائي ۽ ٻين انقلابي ۽ قومي اڳواڻن جي نانءُ ڪيا آھن، انھيءَ ڪري مذڪوره ڪتاب کي 1930ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي- 13)

5_ "گانڌي گيت"، حيدرآباد جي قومي ساهتيہ يون پاران ڇپرايل هيءَ ڪتابڙو 1930ع ۾ ضبط ٿيو. ضبطيءَ جو ڪارڻ ڪتابڙي ۾ شامل گيت آهن، جيڪي مهاتما گانڌي ۽ سوديشي هلچل نالي اڀرن ڪيل آهن.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_ 3)

6_ "گانڌي گلشن" (شاعري)، حيدرآباد جي موهن داس اڌارام جي ڇپرايل اٽن صفحن جي هيءَ چوپڙي 1930ع ۾ اعتراض جوڳي شاعريءَ سبب ضبطيءَ هيٺ آئي.

(ڪئٽلاگ: نمبر: سنڌي پي پي_4)

7_ "من موهن پيجڙ واري" (شاعري)، نٿر مل ايسرداس جي 30 صفحن جو هيءَ ڪتابڙو پڻ اعتراض جوڳي انقلابي شاعريءَ ڪارڻ 1931ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_6)

8_ "مهاراج ڪاليداس" (شاعري)، گانڌي مالا حيدرآباد طرفان 10 صفحن جي هيءَ چوپڙي 1930ع ۾ ضبط ڪئي ويئي

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_ 11)

9_ "سُوراج جو سنيهو" (شاعري)، ڪراچيءَ جي لاڏڪرام ۽ خوشيرام جو ڇپرايل 41 صفحن جو هيءَ ڪتاب 1930ع ۾ ضبطي هيٺ آيو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي _10)

10_ "تلڪ يادگار" (شاعري) ڪوٽڙيءَ مان نڪتل ڪرپالداس جو هيءَ ڪتابڙو 8 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن کي 1926ع ۾ ضبط ڪيو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي 14)

11_ "اڄ ڪلهہ جو سڌارو" (ناول)، گجراتيءَ ۾ سناتن ڌرم پرچار پارٽ 14 جو سنڌي ترجمو، جيڪو هرومل پريمچند شرما ڪراچيءَ ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. 198صفحن جو هيءَ ڪتاب 1915ع ۾ ضبط ڪيو ويو، جڏهن تہ ڪتاب جي اصلوڪي ليکڪ جو نالو هو چترويج نارائڻجي ويشنجي.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي _ 1)

12_ "ڏاراسڻ ڪهاڻي" (مضمون)، نارائڻ داس ليکراج جو لکيل هيءُ ڪتاب 36 صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن ته ڪتاب ۾ "ستيہ گرهہ" تحريڪ دوران پوليس جي ظلمن جو اپٽار ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب 1920ع ۾ ضبط ڪيو ويو.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_ 15)

13_ "انقلاب زندهہ باد" (مضمون) هيءُ ڪتاب دوارڪا پرشاد جو لکيل آهي، جنهن کي انقلابي مضمونن سبب 1932ع ۾ ضبطيءَ هيٺ آندو ويو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي _ 15)

14_ ماهوار "هندو" جو "تلڪ نمبر"، آگسٽ 1931، هن ۾ لوڪمانيہ بال گنگاڌر تلڪ جي حياتيءَ بابت مضمون شامل آهن.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_ 12)

15_ "هندو ستيہ" ماهوار رسالو، سيپٽمبر 1941ع، سکر مان نڪتل انهيءَ رسالي کي انهيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو، جو ان ۾ پنڊت چندرگپت جو مضمون "جناح کي جواب" شايع ٿيل هو. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_20)

16_ "بندي جيون"_ سنيل سچندر ناٿ جي لکيل هن چوپڙي ۾ 1915ع ۾ هلايل ستيہ گرهہ تحريڪ بابت مواد ڏنل هو، ان ڪري هن کي 1930ع ۾ ضبط ڪيو ويو.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_8)

17_ "بندي جيون"، شمارو 2/1930ع ۾ شايع ٿيل انهيءَ ڪتاب ۾ پارت جي انقلابي اڳواڻن کي پيتا ڪيل آهي.

(ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي_7)

18_ "خونين جو ڪوڪٽ" ليکڪ شاهنواز جمال الدين پيرزادو، 1940ع ۾ هن ڪتاب کي انهيءَ ڪري ضبط ڪيو ويو، جو ڪتاب ۾ ليکڪ اهو ڄاڻايو هو تہ پهرئين مهاپاري لڙائيءَ ۾ انگريز جارح هئا. (ڪئٽلاگ نمبر: سنڌي _99)

19_ "ڏاراسڻ"، 47 صفحن جو هيءُ ڪتاب ستيہ گرهہ تحريڪ

بابت لکيو ويو، جنهن کي 1930ع ۾ اعتراض جوڳي مواد سبب ضبطيءَ هيٺ آندو ويو. (ڪٽلاگ نمبر: سنڌي پي پي-5)

انهيءَ کان سواءِ انڊيا آفيس لائبريريءَ جي قيمتي ڪتب خاني ۾ بندش هيٺ آيل انهن ڪتابن کان سواءِ ڪيترا ضبط ڪيل سنڌي پوسٽر پڻ موجود آهن، جن مان هڪڙو پوسٽر "برٽش سلطنت برباد! اهڙي خونخوار جنگ ۾ حڪومت جي مدد ڪرڻ گويا ملڪ سان غداري ڪرڻ!" جي عنوان سان منهنجي نظر مان گذريو. اهو پوسٽر 1940ع ڌاري پي مهاياري لڙائيءَ هلندي شايع ڪيو ويو، جنهن کي ساڳئي سال ضبط ڪيو ويو. لائبريريءَ ۾ رکيل انهيءَ پوسٽر جو ڪٽلاگ نمبر پي پي سنڌي 139-اي/6 آهي.

"انڊيا آفيس لائبريري" جي ڪتب خاني ۾ سنڌي ٻوليءَ جا نهايت اٽلي قلمي نسخا پڻ موجود آهن، جيڪي سي 72 کان 87 نمبرن هيٺ رکيل آهن، ۽ انهن جي ترتيبوار فهرست هن ريت آهي:

سي 72: "شاهه جو رسالو" (ڪٽلاگ ايم ايس ايس سنڌ. 3)
سي 73: "تفسير هاشمي". (ايم ايس ايس 1)
سي 74: "بياض اسلام" (ايم ايس ايس 2)
سي 75: فاضل
سي 76: محمد هاشم جا ٻه ورق.
سي 77: فرائض اسلام
سي 78: مطلب المومنين
سي 79: حيات الدنيا
سي 80: مطلب المومنين
سي 81: چار اسلامي نظم
سي 82: چار اسلامي نظم
سي 83: حضرت محمد ﷺ جن تي هڪ نظم
سي 84: ڪنزالعبرت
سي 85: سوره ياسين

سي 86: قصو حضرت يوسف زليخان
سي 87: قصو حضرت يوسف زليخان

انهيءَ کان سواءِ ٻيو بہ کوڙ سارو قيمتي تاريخي مواد اتي موجود آهي، پر سنڌ جي تاريخ، سياست ۽ ادب تي ڪم ڪندڙ سنڌي محققن مان جن عالمن هن نادر ڪتب خاني مان استفادو حاصل ڪيو، انهن ۾ فقط ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، جناب ايم ايچ پنهور ۽ محترمہ ڊاڪٽر حميده کهڙو صاحبہ شامل آهن. بقول منهنجي دوست ۽ انڊيا آفيس لائبريريءَ جي هلندڙ چرندڙ انسائيڪلوپيڊيا عاشق بٽالوي (هاڻي تازو گذاري ويو!) جي تہ پاڪستان مان بنهہ گهٽ عالم هتي لائبريريءَ مان مستفيض ٿيا آهن. بهرحال 1843ع کان وٺي 1947ع تائين سنڌ جي اقتصادي توڙي سياسي حالتن بابت "انڊيا آفيس لائبريري" ۾ موجود قيمتي ۽ نادر دستاويزات جي پڙهڻ کان سواءِ سنڌ ۾ ويهي ڪتاب لکڻ هرگز ممڪن ڪونهي. سنڌ جو برٽش دور هڪ عجيب ۽ ڪڌهن بہ نہ وسرندڙ حصو رهيو آهي. سنڌ جا ماڻهو 1843ع ۾ پنهنجي آزادي وڃائڻ کان پوءِ سمورو عرصو برٽش حڪومت کان نفرت ڪندا رهيا، تہ انگريزن بہ 1843ع کان وٺي 1947ع تائين سنڌ جي ماڻهن تي بنهہ اعتبار نہ ڪيو ۽ شروع کان وٺي 1857ع جي جنگ آزاديءَ وقت بہ سنڌ کي "شورش زده" پرڳڻو سمجهندا رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ ڪتب خاني ۾ موجود 1843ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ سر چارلس نيپئر جا لکيل خط، توڙي سنڌ جي ڪمشنرن پاران "سيڪريٽري ٽو گورنمينٽ آف انڊيا" کي 15- آڪٽوبر 1858ع تي ڪيل لکپڙهہ بہ پڙهڻ جي قابل آهي. آزاديءَ کان اڳ ۾ آزاديءَ واري هلچل ۾ سنڌ جي ڪيل مثالي خدمتن تي افسوس تہ سنڌ توڙي پارت ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪوئي جامع ۽ مستند ڪتاب نہ لکيو ويو آهي. جنهن جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي تہ ڪنهن بہ محقق سنڌ جي سياسي تحريڪن بابت انڊيا آفيس لائبريريءَ جي ڪتب خاني تائين

وڃڻ جي زحمت ئي گوارا نہ ڪئي آهي يا ائين ڪٽي ڇڏجي تہ اسان وٽ اُهي وسيلا ئي ميسر ڪونهن، جو ست سمنڊ پار تحقيق ڪرڻ لاءِ لنڊن ڪهي وڃون. ان سلسلي ۾ سنڌ الاجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻيا ادارا مائڪرو فلمون پاڻ وٽ گهرائي رکن، تہ هوند سنڌ جي عالمن ۽ دانشورن لاءِ وڏي سهوليت حاصل ٿي سگهي. باقي لنڊن جهڙي مهانگي شهر ۾ ذاتي خرچ تي وڃي تحقيق ڪرڻ لاءِ نہ اسان جا مالي وسيلا اهڙي اجازت ٿا ڏين، نہ وري اسان وٽ ڪوئي اهڙو دولتمند ادارو ئي موجود آهي، جيڪو عالمن ۽ محققن کي اها سهولت فراهم ڪري ڏئي.

Books Reffered

1. "Catalogue of portraits in the India Office Library and Records" By: Pauline Rohatgi.
2. "A Guide to India Office Library with a note on the Office Record" By: Scsutton.
3. "Day Book" from 1806 to 1910.
4. "The India Office Library- A Historical Sketch" By: A.J. Arberry.
5. "India Office Library and Records'.
6. Indians Overseas: A guide to source material to the India Office Records for the study of Indian imigration 1830-1930" By: Timothy N.Thomas.
7. "A General Guide to the India Office Records" By: Martin Moir.
8. "The source of the British Library" By: Nicolas Barher.
9. "Indian Paintings in the British Library" By: J.B. Losty.
10. "Hand list of Persian manuscripts-1895-F166" By: G.M. Mere Dith-Owens.
11. "Catalogue of the Library of the India Office" Vol.2 (Oriental Languages).
12. "The Indian Mutiny" 1857-58- A guide to source material in the India Office Library and Records' By: Rose-

mary setoh.
13. "Annual Reports of the India Office Library and Records and Oriental collection."
14. "Catalogue of Persian manuscripts in the India Office Library" By: H. Hthe.
15. "Catalogue of the Punjabi and Sindhi manuscripts in the India Office Library" By: Christopher Shackle.

لاهور جي قلعي ۾ چند گھڙيون

لاهور جي آسمان تي شام جي اونداهي ڏيري ڏيري ڇانئجندي پئي ويئي. لاهور جي قلعي ۾ واقع اذيت گھر جي ٻاهران اسان کي وينو کا مھل ٿي ويئي هئي. سي آءِ ڊي ۽ پوليس آفيسر ڪنھن مھل آيا ٿي، تہ ڪنھن مھل فونن جا ڪڙڪا ٿي ڪيائون. مون سان گڏ ويٺل ڪيترن ئي صحافين کي لاهور جي قلعي جي ٻيانڪ خاموشي ۽ اذيت گھر جي پھريدارن جي ٻوائتين شڪلين، پوليس عملدارن جي اٽوٽنڊڙ شڪلين ۽ پراسرار اڇ وچ ويتر ڊيڇاري ڇڏيو هو، جن پاڻ ۾ سُس پُس ڪندي مون تي ڦٽڪار ٿي وڏي، تہ مون ڪين لاهور قلعي جي اذيت گھر گھمڻ جي خواهش ڪندي ٻوهي ۾ وجهي ڇڏيو هو. ٻہ ڪلاڪ گذري ويا هئا، پر اسان کي ايا اهو اذيت گھر گھمڻ جو اجازت نامو نہ ملي سگھيو هو. هوڏانهن قلعي ۾ گھمندڙ سياح ڪڏهوکو ويجي چڪا هئا ۽ آسمان تي اونداهي وڌ تہ هيٺ لهي اسان سميت قلعي جي هر شيءِ کي ڳڙڪائيندي پئي ويئي. مون کي انهيءَ قلعي جي اذيت گھر ڏسڻ جو شوق ان وقت کان هو، جڏهن اهو ٻڌندا هئاسين تہ هن اذيت گھر ۾ ڦاٿ سنگھہ شهيد کان ويندي حسن ناصر شهيد، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جئ پرڪاش نارائڻ، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، محترم سائين جي ايم سيد سميت ڪيترن نامياري تورڙي گمنام، سياسي ڪارڪنن، ترقي پسندن ۽ جمهوريت جي راهہ ۾ قربانيون ڏيندڙ گمنام شهيدن تي تارچر ڪيو ويندو هو. هن قلعي جي قيد خاني جي در و ديوارن، هڪ طرف مغل شهنشاهيت جي دور ۾ ٿيندڙ جبر هيٺ مظلوم آوازن کي گھٽجندي ٻڏو، تہ ٻئي طرف انگريز شاهي جي دور ۾ آزادي جي لاءِ لڙائي لڙندڙن

تي سور سختيون ۽ تشدد ٿيندي ڏٺو ۽ بعد ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به اهو اذيت گهر قلعي ۾ موجود رهيو، جنهن ۾ راولپنڊي سازش ڪيس جي ڪيترن اسيرن، جهڙوڪ: مشهور شاعر فيض احمد فيض، محمد حسين عطا، برڪ انقلابي ميجر اسحاق سميت ڪيترن ئي اسيرن کي پڇا ڳاڇا لاءِ اتي بند رکيو ويو هو ۽ 13 نومبر 1960ع ۾ حسن ناصر جهڙي انقلابي کي انهيءَ قلعي جي اذيت گهر ۾ چيچلائي چيچلائي ماريو ويو هو، جنهن جي ڪري قلعي جي اذيت گهر جي اذيت ناڪ مشهوري تهائين وڌي وئي هئي.

منهنجي ذهن جي اسڪرين تي فلم جي ريل وانگر اهو سڀ ڪجهه هُري رهيو هو، جو اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ بعد قلعي جي اذيت گهر جي انچارج پوليس عملدار گورنر پنجاب مخدوم سجاد حسين قريشي کان اجازت ونڻ اچي مون کي چيو ته اوهين اذيت گهر جو هڪ حصو ڏسي سگهو ٿا. ان مهل الائي ڇو منهنجي ذهن تي خوف جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي هئي. هو اسان کي بجاءِ لوهي گيٽ کان اندر ونڻ ويڙ جي، هڪ ڪوٺڙيءَ مان اندر ونڻ هليا، جيڪا پوليس جي پهريدارن لاءِ مخصوص هئي. ڪجهه صحافي، جن ۾ نوابشاهه جو صحافي نواز خلجي ۽ هڪ فوٽوگرافر شامل هئا، مون سان اندر هليا، جڏهن ته ڪجهه صحافين اندر هلڻ پسند نه ڪيو. اسين اذيت گهر جي اڳڻ ۾ داخل ٿياسين ته ڏٺوسين ته، اڳڻ ۾ وڻن سان هوا گهوگهٽ ڪندي پئي ويئي ۽ قلعي جي ديوارن جا عجيب پاڇا ويتر اونداهه ٿي ويا هئا، جڏهن ته اڏ اونداهو جهڙوڪر هيڻ لهي آيو هو. سامهون ڏکڻ جي پاسي قطار ۾ ڪيترين ئي ڪوليون ٺهيل هيون، جن کي ڪابه دري ڪانه هئي. جڏهن ته قلعي جي پٽ آڏو ڏکڻ ۾ ٺهيل انهن ڪولين آڏو وڏيڪ هڪ ديوار ڪنيل هئي ۽ ڪولين جو هڪ ننڍڙو در ٺهيل هو. اهي بليڪ هئا جن ۾ بند ماڻهو کي نه رات جي خبر پوي ۽ نه ڏينهن جي. اهي سياسي قيدين جي لاءِ مخصوص هيون ۽ انهن مان هڪ ڪولي ۾ مزدور ڪسان پارٽي جو برڪ اڳواڻ ڪامريڊ ميجر اسحاق به رهي ويو هو، جيڪو جڏهن اتان آزاد ٿيو هو، ته گهٽو وقت ڏسي به نه سگهندو هو. اوپر جي پاسي لوهي جهنگلن ۾ ڪيترين ئي ڪوليون ٺهيل هيون، جيئن جانورن کي

پجري ۾ بند رکيو ويندو آهي. ننڍڙيون ننڍڙيون کوليون جن ۾ اندر هڪ سيمينٽ جو ٽلهو ۽ آڏو لوهي پيچرا ٺهيل. قيدين کي ڏينهن جو انهن پيچرن ۾ بند رکيو ويندو هو ۽ رات جو وري انهن جي پويان کوليل ۾ بند ڪيو ويندو هو. يقين نٿي آيو ته انهن ۾ بند انسان ڪيئن اونهاري جي اُس ۽ سياري جي ٺڏ جو مقابلو ڪندا هئا. يقينن پنهنجي دور جا اهي اڏول انسان، جن آمريت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ جبر جي اکين ۾ اکيون ملائي ڏنو، اهي تاريخ جا گمنام سپاهي هوندا آهن. ان محل منهنجي هٿن ۾ جيڪي گل هئا، انهن مان ڪجهه گل مون انهن کولين ڏانهن اڇلايا، ته سفيد پوش سي آئي ڊي عملدار طنزيه نموني مون کان پڇيو، "سندھی صاحب یہ آپ کیا کرتے ہیں؟ آپ کے کون ہیں ان کھولیوں میں جس کے لئے آپ نے یہ پھول نچھاور کیے؟ - مون سندس پوائنٽين اکين ۾، جنهن جي چوگرد ڪارا حلقا چانيل هئا، ڏسندي چيو، "یہ در و دیوار جنہوں نے ظلم کے خلاف لڑائی لڑنے والوں کی چیخ و پکار سنی، وہ در و دیوار آج بھی گواہی دے رہے ہیں، کہ ہم سے سنو، ان مظلوموں کی کہانی، جنہوں نے اپنے لہو سے وہ تاریخ لکھی، جس تاریخ کا انجام آج اس اذیت گھر کا خاتمہ ہے!"

منهنجي صحافي دوست مون کي ٿونٽ هڻي چيو، "خدا جي واسطي هنن سان بحث نه ڪر، ڪٿي اسان کي به هن اذيت گھر ۾ بند نه ڪري ڇڏين!"

مون ان محل انهيءَ آفيسر کي چيو، "هتي جيڪي ٽهه خانا هوندا هئا، اُهي ڪٿي آهن؟ پهريائين ته هو ٽال مٽول ڪرڻ لڳو ته هتي ڪوبه ٽهه خانو ڪونهي. اهي ٽهه خانن جا قصا هرويرو مشهور ڪيا ويا آهن.

اوچتو اونداهي ۾ هلندي منهنجو پير ٽاپڙجي ويو، ڏٺم ته اهو زمين ۾ ڪتل هڪ روشندان هو ۽ اهي ئي ٽهه خانا هئا ۽ جن ۾ مظلومن جون آهون ۽ دانهون، در و ديوار سان ٽڪرائيبيون آهن ۽ سسڪين ۾ بدلجي ويندیون هيون: ان محل مون کي فيض احمد فيض جي ڏيءَ، مشهور چترڪار ۽ پنهنجي دوست محترمه سليمه هاشمي جي ڳالهه ياد اچي ويئي ته بابا کان مون هڪ پيرو پڇيو ته توهان کي فن تعميرات سان دلچسپي ڪيئن ٿي، ته هن ٻڌايو هو ته جڏهن راولپنڊي سازش ڪيس ۾ لاهور جي قلعي ۾ بند هوندو

هوس ته اتي روشن دان مان مون کي بادشاهي مسيت جا مينار نظر ايندا هئا ۽ انهن مينارن جا رنگ ۽ روپ صبح جو عجيب هوندا هئا، ته شام جي رنگن ۾ اهي مينار عجيب پاسندا هئم!.

اوچتو مون کي ياد آيو ته هن ئي اذيت گهر جي 13 نمبر کولي ئي اها مشهور کولي آهي جنهن ۾ شهيد حسن ناصر جي اذيت ناڪ موت واقع ٿي هئي. منهنجي زور ٻرڙ تي اهو پوليس عملدار اسان کي متئين حصي ۾ وٺي هليو، جتي بقول ان جي ته پوليس جو اسلحو رکيل آهي. ڏاڪڻيون چڙهندي اسين متئين حصي ۾ پهتاسين، ته رات جي اونداهي اسان جي متان چانئجي ويئي. مان انهيءَ اونداهي ۾ انهيءَ کولي وٽ اچي بيٺس. 13 نومبر 1960ع تي انهيءَ ئي کوليءَ ۾ حسن ناصر شهيد ٿيو هو. مون آلين اکين سان کيسي ۾ بچيل ڳاڙها ۽ نرم گل ڪڍي، انهيءَ 12 نمبر کوليءَ آڏو اڇلايا ۽ ڳرن قدمن سان آهستي آهستي قلعي جي انهيءَ اذيت گهر مان ٻاهر نڪرڻ لڳس، جتي حسن ناصر جهڙا ڪيترا تاريخ جا گمنام سپاهي ماريا هئا. اهو انهيءَ ڪري جو هنن پنهنجي دور سان بغاوت ڪئي هئي ۽ اها دنيا بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جنهن ۾ بک بہ آهي، غربت بہ آهي، اميرن جا ظلم، حڪمرانن جا جبر بہ آهن ۽ اها دنيا ڪڏهن بدلجندي، ڪڏهن اميري ۽ غريبي جو فرق ختم ٿيندو ۽ ڪڏهن سچ جو سورج پنهنجون باکون ڪيڏندو، ته ان لاءِ هر باشعور انقلابي، جدوجهد ڪندو پيو اچي ۽ جدوجهد ڪندو رهندو.

"ڪنهن پرهہ، اسان کي پاليو هو. هن رات اسان کي رولیو آ."

سچ پچ ته 13 نومبر 1960ع جو ڏينهن پاڪستان جي تاريخ جو هڪ عجيب ۽ ڪڏهن بہ نہ وسرندڙ ڏينهن آهي، چاڪاڻ ته انهيءَ ڏينهن تي ايوب خان جي آمريت جي ننگي تلوار ۽ جبر جي گهاٽي ۾ جيڪو سرويچ پيڙهيو ويو، اهو هو شهيد حسن ناصر. پاڪستان جي تاريخ ۾ جڏهن بہ شهري آزادي، جمهوري ۽ ترقي پسندي جي راهہ ۾ جان جي قرباني ڏيندڙن جي تاريخ لکي ويندي ته انهيءَ ۾ سڀ کان اول جيڪو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو، اهو هوندو شهيد حسن ناصر جو شايد اڄ ڪنهن کي اها ڳالهہ ياد بہ نہ هجي ته ايوب خان جي بدترين مارشل لا جو سياهہ دور اهڙو ته خوف ناڪ هو، جنهن ۾ چگا

چوڪا سياستدان بہ وڃي ٻرن ۾ لڳا هئا ۽ سموري ملڪ تي هڪ هيبت چانئجي ويئي هئي، پر هر دور جيان ان دور ۾ بہ ترقي پسند قوتون ئي هيون، جن انهيءَ جبر جي خلاف وڏي للڪار سان بلند آواز ۾ مخالفت ڪئي ۽ پنهنجو تاريخي ڪردار انهيءَ ساڳي ريت نيايو. جيئن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هنن نيايو هو. بهرحال نيشنل عوامي پارٽي جي پليٽ فارمن تان سر جي آهوتي ڏيندڙ ترقي پسند بهادر نوجوان هو شهيد حسن ناصر، جنهن کي 13 نومبر 1960ع تي لاهور جي بدنام زمانہ شاهي قلعي جي اذيت گهر ۾ مسلسل مهينن جا مهينا اذيت ڏيڻ کانپوءِ شهيد ڪيو ويو ۽ پوءِ سندس موت کي آپگهات ڏيکاريو ويو پر هو سچ ۽ صداقت جي اهڙي روشن وات ڏيکاري ويو، جيڪا هر انقلابي جي سدائين راهہ روشن ڪندي رهندي.

حسن ناصر کي شهيد ٿئي هڪ زمانو گذري ويو، پر سندس قرباني ڪڏهن بہ نہ وسري سگهي، نہ وساري سگهجي ٿي.

حيدرآباد دکن جي هڪ مالدار ڪٽنب جو نوجوان حسن ناصر، چاهي ها تہ پارت ۾ پنهنجي جائداد وسيلي وڏا وڏا ڪاروبار ڪري يا ڪا انڊين سول سروس ۾ نوڪري ڪري زندگي جا عيش ماڻي پئي سگهيو، پر هو بنيادي طرح چاڪاڻ تہ مارڪسي هو، انقلابي هو ۽ غربت جو دشمن هو، انهيءَ ڪري سمورين آسائشن کي ٺوکر هڻي هو پاڪستان هليو آيو. چاڪاڻ تہ هن زندگي جو اصل مقصد ڄاڻي ورتو هو. هن پنهنجي زندگي جا سمورا قيمتي سال انهن ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هئا، جيڪي ڪارخانن، ٻڻن ۽ ڪليل آسمان هيٺ جهوپڙين ۾ گذاريندا هئا. هو جڏهن پهريون پيرو پاڪستان آيو هو ۽ پارٽي جو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هئائين تہ 1952ع ۾ ڪيس لاهور جي قلعي ۾ بند ڪري ۽ پوءِ ملڪ نيڪالي ڏيئي واپس پارت موڪليو ويو هو، پر هو وري مائٽن جي روڪڻ جي باوجود پاڪستان هليو آيو هو. سندس بهادر والده بيگم زهره عملدار حسين جڏهن ڊسمبر 1960ع ۾ پنهنجي قتل ٿيل پٽ جو لاش ڏسڻ لاهور آئي هئي، تہ اتي هن ميجر اسحاق کي جنهن سندس پٽ جي ڪيس جي پيروي پئي ڪئي، چيو هو، "حسن ناصر کي پاڪستان تمام گهٽو عزيز هو ۽ جڏهن ڪيس هڪ سال لاءِ جلاوطن ڪيو ويو ۽ هو واپس

حيدرآباد پهتو. تہ سندس مائٽن ڏاڏيون ڪوششون ڪيون. تہ هو واپس پاڪستان نہ وڃي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ، يورپ يا آمريڪا جي ڪنهن ملڪ هليو وڃي. ڪيس آندرا پرديش ڪميونسٽ پارٽي کان بہ ڇوڙايو ويو ۽ مون کي بہ ڪيس روڪڻ لاءِ چيو ويو. پر مون محسوس ڪيو هو تہ حسن ناصر هاڻي نہ رڪندو. مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ هر انسان جي زندگي جو پنهنجي ذات کان سواءِ، ڪوئي مقصد بہ هئڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ هو انسان ڪونهي. بعض مقصد اهڙا هوندا آهن، جو انهن واسطي انسان کي پنهنجي جان جي بازي لڳائڻي پوندي آهي. منهنجي پٽ جو بہ ڪجهہ اهڙو حال هو. مان گهٽن ڏينهن کان اهو ڄاڻندي هيس، تہ هن ڪيترن ورهين کان پنهنجي جيءَ کي ڪڙو ڪري رکيو هو ۽ آخرڪار اهو وقت اچي ويو، جيڪو هرگز نٿو ٽري سگهي. منهنجي ڳالهہ ڇڏيو ۽ البت حسن ناصر خوش قسمت هو جو پنهنجو مقصد حاصل نہ ڪري سگهيو تہ بہ ان لاءِ جان ڏيڻ جي سعادت تہ حاصل ڪري ورتي!"

اهڙي بهادر والده جي بهادر پٽ جي سموري زندگي جدوجهد سان ٽمٽار رهي. حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ جڏهن 1954ع ڌاري ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ سان گڏ بند هو تہ هڪ ڀيرو سندس ماءُ، جيل تي ساڻس ملاقات لاءِ آئي ۽ پاڻ سان گڏ لاهور جي هڪ تمام خوبصورت ڇوڪري (جيڪا هاڻ لاهور جي هڪ برڪ ترقي پسند جي زال آهي) کي گڏ وٺي آئي ۽ حسن ناصر تي زور پرپائين تہ "تون ها ڪر تہ هن ڇوڪريءَ سان تنهنجو مڱڻو ڪرايان!" حسن ناصر ان وقت ڪلي ماءُ کي ٽاري ڇڏيو، پر پوءِ سوپي کي چوڻ لڳو، "هڪ انقلابيءَ جي اصل شادي سندس مقصد سان ٿي ويندي آهي، مان ڪيئن شادي ڪريان؟ جنهن جو هڪ پير جيل ۾ تہ ٻيو ريل ۾ آهي!"

اهڙي ئي هڪ انقلابي ڪي، جيڪو ڪراچي جي رستن تي هلندي پنهنجو ڏينهن ۽ ڪراچي جي باغن ۾ راتيون ڪاٽيندو هو، جنهن جهڙو نازڪ انسان ڏينهن جا ڏينهن بکيو رهندو هو، محض هڪ مقصد خاطر، هڪ انقلاب خاطر، جنهن جي اچڻ جا خواب هر انقلابي ڏسندو آهي. سدا بهار ڪامريڊ حسن ناصر شهيد جڏهن 13 نومبر 1960ع تي پنجاب پوليس جي حراست ۾ شهادت جو جام

نوش ڪيو. تہ ان وقت سندس عمر 34 ورهيہ هئي. هن ننڍي عمر ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۾ وڏي عزت ۽ رتبو ماڻيو. پارٽي جي مرڪزي سيڪريٽريٽ جو ميمبر ٿيو ۽ سندّ ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري بڻيو. 1951ع ۾ جڏهن لياقت علي خان جي حڪومت ڪميونسٽ پارٽي تي بندش لاڳو ڪئي تہ حسن ناصر روپوش ٿي ويو ۽ بعد ۾ گرفتار ٿي 1952ع ۾ لاهور جي قلعي ۾ آندو ويو. اٽن ورهين بعد، 1960ع ۾ هن انهيءَ ظلم جي قلعي ۾ پنهنجي جان وڃائي ڇڏي. 1953ع ۾ ڪيس هڪ سال لاءِ ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ بعد ۾ هو اها جلاوطني ڪاٽي ٻيهر ڪراچي هليو آيو. 1956ع ۾ هڪ لکٽي ۾ حسن ناصر لکي ٿو، "سامراج پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ مختلف طريقا اپنائيندو آهي. سامراج پارليماني جمهوريت وسيلي بہ ڪم ڪري ٿو، تہ اهو آمريت جي ننگي تلوار جي شڪل ۾ بہ ڪم ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهہ کي آڏو رکندي تہ ڪنهن مخصوص وقت ۾ ڪهڙي طرز حڪومت ان جي مفادن تي پوري لهي ٿي ۽ ڪنهن سان ڪيس بهترين نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا. سامراج انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ طرز حڪومت جي همت افزائي ڪندڙ آهي ۽ ان کي ترقي ڏيندڙ آهي ۽ جتي ان مفادات تقاضا جا تقاضا ڪن ٿا، پوءِ اها وقتي طور تي کٽي ڇونہ هجي، اتي سامراج جمهوريت جي معمولي آڌارن کي بہ تباهہ ڪرڻ کان گريز نٿو ڪري ۽ ان ۾ هو پنهنجي ويجهن حمايتين کي بہ دغا ڏيڻ کان دريغ نہ ڪندو."

اها لکٽي 1959ع جي ان دور جي آهي، جڏهن سموري قوم مارشل لا جي بوٽن هيٺ چيڀاٽجي رهي هئي. اهو ئي ڪارڻ هو تہ 1958ع ۾ مارشل لا لڳڻ شرط، حسن ناصر جي ڳولا شروع ڪئي وئي. پر هو حسبِ معمول روپوش ٿي ويو. سندس آخري ملاقات سندس هڪ ويجهي ساٿي ۽ عظيم انقلابي ڪامريڊ ميجر محمد اسحاق سان اپريل 1960ع ۾ سيد ڪاظم رضا جي جاءِ تي ٿي. ان وقت هو روپوش هو. ميجر اسحاق ڪيس چيو تہ لڳي ٿو تہ "تنهنجي روپوشي ظاهر ٿي ويئي آهي!" چوڻ لڳو "مان بہ ڪجهہ ڏينهن کان اهو محسوس ڪريان پيو تہ معاملو درست ڪونهي، بهرحال ارادو اٿم تہ سندّ جي ڳوٺن ۾ نڪري وڃان، پڪڙ پچاڙ ختم ٿي وبندي، موٽي

ايندس. چار ڪم ڪراچي ۾ اٿم، اهي لاهي وڃان ٿا اندرون سنڌ هليو ويندس." ميجر اسحاق ڪيس چيو ته "جلدي نڪري وڃ، چاڪاڻ ته ون يونٽ سبب معاملو پنجاب پوليس جو آهي ۽ انگريزن پنجاب پوليس کي هڪ خاص حربي طور تيار ڪيو آهي، انهيءَ تڪبر، رغوبت، تشدد پسنديءَ، تجريديت انسان دشمنيءَ ڪيناپروريءَ سموريون تلخ حقيقتون آهن ۽ وڏي ڳالهه ته پنهنجي ڏيڍ سال ڪامياب روپوشيءَ ۾ انهيءَ سان گڏوگڏ سياسي سرگرميون انهن لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهن. انهن کان پاڻ کي بچاءِ."

بهرحال پنهنجن ئي دوستن جي نشاندهي تي ڪيس 6 آگسٽ 1960ع تي ڪراچي جي گرومندر وٽان گرفتار ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ ڪيترن ئي ترقي پسندن ميجر اسحاق ۽ ٻين کي لاهور مان گرفتار ڪيو ويو. بعد ۾ ڪيس 12 سيپٽمبر 1960ع تي لاهور آندو ويو ۽ ٻن مهينن جي مسلسل پڇا ڳاڇا ۽ تشدد جي نتيجي ۾ آخر 13 نومبر تي ڪيس لاهور جي قلعي جي 12 نمبر ڪوٺيءَ ۾ بند مڙل ڏيڪاريو ويو. پوليس رڪارڊ موجب هن ڪوٺيءَ ۾ پنهنجي اڳئ سان پاڻ کي ڦاهي ڏيئي پنهنجو انت آندو. پوليس سندس موت کي لڪائڻ لاءِ ڪيس چپ چپات ۾ مياني صاحب لاهور جي مقام ۾ دفن ڪري ڇڏيو. پر جس هجي ميجر اسحاق کي جنهن 19 نومبر 1960ع تي فيض احمد فيض کان حسن ناصر جي شهادت جو اطلاع ملڻ تي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ 22 نومبر 1960ع تي "هبيس ڪارپس" جي درخواست داخل ڪئي ته سندس ساڻي "حسن ناصر کي ظاهر ڪيو وجي، جيڪو هڪ اطلاع موجب لاهور جي قلعي ۾ نظر بند آهي. ساڳئي ڏينهن تي جسٽس ڪياني مرحوم کي جواب لکت ۾ ڏنو ويو ته حسن ناصر 12 نومبر 1960ع تي قيد خاني ۾ آپگهات ڪيو آهي!" يقيناً اڄ ڏينهن تائين اهو راز راز ئي رهجي ويو ته شهيد حسن ناصر سان ڪهڙا ويل وهايا ويا. بهرحال تاريخ هن مرد شير کي ڪڏهن به نه وساري سگهندي. جيستائين هي دنيا قائم آهي، انهن مڙس مٽيرن کي ياد ڪندي رهندي، جن هڪ مقصد لاءِ پنهنجي حياتي قربان ڪري ڇڏي.

"بندي ٻيا قرار، اسان لوچون لوهه ۾."

(ڊسمبر 1986ع عبرت مخزن)

اُجهاميو برن، توکي ساريو سپرين!

[قرة العين حيدر .... هڪ تاثر]

21 آگسٽ 2007ع بمطابق 7 شعبان 1428هجري

اي ميل تي آيل ڪنهن سڃڻ جو ميسيج:

Madad: very bad news for you: Quratulain Hyder Died.

* * *

دوست منير پرڳڙيءَ جو سيل تي موڪليل مرثيو:

Sorrowful News.
Quratulain Hyder went to the way to the way of all.....

* * *

I Don't have a great mission in life and I never thought it was necessary for a writer to have me.
(a last interview with "DOOR DARSHAN").

* * *

هـــوت نـــ پـــانيم هيئـــن،
آءٕ جا ماري سڃڻ تنهنجي نينهن،
ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين!
(شاھ لطيف)

****

۽ اهائي حقيقت آهي تہ ڏک سڌائين قائم آهن ۽ جنهن ۾ سموريون حقيقتون ۽ حياتيون هر پل کوڙجي ٽيون وڃن. يونان جي خبر ناهي تہ کهڙي فلسفي صديون اڳ چيو هو:

"مان فقط اهو ڄاڻان ٿو تہ مان کجهہ بہ نٿو ڄاڻان!"

****

21-8-2007

اعجاز منگي جو فون:

- ادا اوهان قرة العين حيدر تي ضرور لکو.

- ها لکندس.... (مون تي ان مهل سخت ڊپريشن طاري هئي).

- نہ... اوهان کي لکڻو پوندو، اوهان ئي عيني جي کهاڻين جو پهريون پيرو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.

- ها سال 1980ع ۾.

- ادا، ان وقت اسان اوهان جي ئي ترجمي ڪيل کهاڻين ذريعي قرة العين حيدر کي پڙهيو.

- بس، اُهو واندڪائيءَ جو وقت هو. رولاڪ پٽي جو زمانو هو. ننڍڙي هوندي اسان جي گهر ۾ ادا وڏي ممتاز علي وٽ قرة العين حيدر جي کهاڻين جو مجموعو "شيشے کا گهر" پيل هوندو هو، ڪاري جلد سان. اُهو زمانو منهنجي خيال ۾ 1960ع جو هو. ان کان پوءِ جڏهن شعور آيو تہ مون اهو ڪتاب بعد ۾ پڙهيو.... اُن کان سواءِ "نقوش" رسالو بہ باقاعدگيءَ سان اسان جي گهر ۾ ايندو هو. 1966ع ۾ "نقوش" ۾ سندس کهاڻي "چهٹے اسير تو بدلا هوا زمانا تها" پڙهي هئي. ان کهاڻي مون تي ڏاڍو اثر ڪيو. 40 ورهيہ لنگهي ويا ان ڳالهہ کي، پر اها کهاڻي مون کي اڄا بہ ناهي وسري. پوءِ اُها کهاڻي مون سنڌيءَ ۾ ترجمو بہ ڪئي،

ممتاز علي قريشي

جيڪا انديمان مان ڪاري پاڻي جي سزا ڪاٽيندڙن تي لکي ويئي هئي. ان ڪهاڻيءَ جو مکيہ ڪردار سڌير ڪمار بوس هو.

- "ڪڙا ڪوٽ پڳاس تہ ملک نہ مارو ساڳيا!" جي عنوان سان توهان اها ڪهاڻي ترجمو ڪئي هئي.

- ها....اها ڪهاڻي سچ پچ تہ مون تي سدائين طاري رهي. پوءِ مون اُن ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ ڪيترا سال ريسرچ ڪري انديمان ٻيٽ، ان ۾ موجود سيلولر جيل ۽ ڪاري پاڻي جون سزائون ڪاٽيندڙن جي لائيف تي تمام گھٽو مواد هٿ ڪيو. 1988ع ۾ جڏهن آءٔ لنڊن ويس تہ اُتي انڊيا آفيس لائبريريءَ مان انديمان جي سيلولر جيل ۾ عمر قيد جي سزا ڪاٽيندڙ سياسي قيدين جي لسٽ بہ کڻي آيس. اها لسٽ 1858ع کان وٺي 1947ع تائين پکڙيل هئي. اُن لسٽ ۾ بنگالي ڪرانتيڪار سڌير ڪمار بوس جو نالو بہ هو. سڌير ڪمار بوس، جيڪو اصل ۾ بنگال جي شهر باريسال جو رهاڪو هو ۽ 1939ع ۾ سيلولر جيل ۾ بک هڙتال ڪندي شهيد ٿي ويو هو ۽ اُهو ڪردار ان ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهي.

* * *

سيلولر جيل - پورٽ بليئر- انديمان

- مدد صاحب.... اوهان جي زندگيءَ تي هيءُ شعر ڪيڏو نہ ٺهڪي اچي:

مين کـ ميري شاعـري، عـمـر رفـتـه کـا سـراغ،
ميري تمام سرگذشت، کهوئـے هوئون کي جستجو!

* * *

مسـافر سويـن کـاروانِ عـدم جـا،
کـٽي سـيـ الائـي ويـا، کير سمجهي.
(ايـاز)

****

اُن رات آڪاس هيٺ گهٽو هيٺ لهي آيو هو ۽ ستارا اُن تي ائين پئي چمڪيا، جڻ ڪنهن اپسرا جو ستارن سان اُٽيل ڪارو رئو هوا ۾ اڏامي وڃي آڪاش ۾ اٽڪيو هو.

***

- انسان جي حياتي آ ڪنهن املتاس جي وڻ جيان!
- ۽ ماڻهوءَ جي شخصيت کي ٺهڻ ۾ فقط اتهاس جو عمل ڪارفرما نٿو رهي، بلڪ ان لاءِ ڌرتيءَ جي ڇڪ، فطرت قدرت جو وايو منڊل، درياهه، سمنڊ، ستارا، اونداهو آڪاش، چوڌهينءَ جو چنڊ ۽ اُماوس رات....۽....۽.....

***

بـادل آ آڪـے روگئـے هائـے غضـب،
آنسـو نايـاب هوگئـے هائـے غضـب،
جي بهرکے حسين کـو نـه روئـے اس سـال،
آنکهون کے نصيـب سوگئـے هائـے غضـب.
(مير انيس)

* * * *

22-8-2007

مون آسر مهل درياءَ مان باهر ڏنو.....

سامهون ڪلفٽن جي سمنڊ تي مينهن وسي رهيو هو. سامهون عربي سمنڊ ڪان ايندڙ هوائون تيز هيون. اوچتو ڪنهن ڪار جون هيڊ لائٽس بارش جي اوندهه کي چيريندي سامهون سمنڊ واري سنسان روڊ تان لنگهي ويون.

مولانا جلال الدين روميءَ چيو آهي:

"ڀ هن هنڌ تي منهنجو راڳ ختم ٿيو
اي دنياؤ.... هاڻ موڪلايو ڀ واپس اچو!"

***

پنهنجي عظيم تصنيف "ڊسڪوري آف انديا" ۾ جواهر لال نهرو لکي ٿو ته "جڏهن آءٌ هن وشال ڪائنات تي نظر وجهان ٿو ته مون کي اڪثر پراسرار راز ۾ اڻ ڄاتل گهراين جو احساس ٿئي ٿو. دل ۾ اختيار ڄاهي ٿي ته جيستائين ٿي سگهي، انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريان ۽ انهن اسرارن ڪان واقفيت حاصل ڪريان. ان وقت انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي اڳيان فقط هڪ ئي رستو هوندو آهي ۽ اهو آهي سائنس جو طريقو."

***

ڪجهه عجيب ۽ پراسرار ڳالهه آهي... قرة العين حيدر جي وفات واري ڏينهن کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ مون کيس ساريو هو. "ڏوم" ٽي ويءَ جي طاهره حسن انٽرويو ونڊي مون کان ڪوئي سوال ڪيو هو، ته مون کيس چيو هو، "مان قرة العين حيدر کان ڏاڍو متاثر رهيو آهيان." هن سوال ڪيو هو، "ڇا توهان قرة العين حيدر سان ڪڏهن ملاقات ڪئي آهي؟"

"نه ڪڏهن ٻه نه، پر پوءِ هوءَ منهنجي ادبي مرشد آهي. مان جڏهن ٻه اداس هوندو آهيان ته قرة العين حيدر جو ناول "آگ ڪا دريا" ويهي پڙهندو آهيان." مون هن کي جواب ڏنو هو.

***

آخر اها ڪهڙي ڇڪ هئي، جو اُن ڏينهن اوچتو ئي اوچتو مون کي هوءَ ياد اچي ويئي؟

زندگيءَ جا ڪيترا اسرار سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن، خود زندگي به ڪڏهن سمجهه ۾ نه ايندڙ!

***

هڪ پيري حيدرآباد ۾ منهنجي گهر ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، نبي بخش کوسو وينا هئاسين. رات جو وقت هو. اسان جو موما پئليس وارو گهر تلڪ چاڙهيءَ تي واقع هو ۽ اسين اياز جي خواهش تي مٽي کُڏ تي ڪرسيون رکي ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. اياز جي آڏو "شيواز ريگل" جي بوتل رکيل هئي ۽ هن پنهنجي گلاس مان آهستي آهستي ڊرنڪ پئي ڪئي. حيدرآباد جي ٽڏڙي ٽڏڙي هوا ۽ مٽي تارن جي جهرمر اسان سيني کي جهومائي ڇڏيو هو. اياز تي ڪجهه وايو منڊل ۽ ڪجهه مڌ پنهنجو اثر ڏيکاري رهي هئي. اوچتو مون چيو، "استاد! زندگي ڏاڍي پُراسرار آهي!"


شيخ اياز

اياز وراٽي ڏني هئي: "زندگي آهي ئي پُراسرار ۽ ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندڙ. ماڻهوءَ جي سڄي زندگي اوچتن حادثن ۽ پُراسرار واقعن سان پري پيئي آهي. ڇا تون ان ڳالهه ۾ يقين رکندو آهين؟"

- ها استاد! منهنجو زندگيءَ جي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندڙ واقعن ۽ زندگيءَ جي پُراسراريت تي پورو پورو ويساهه آهي."

اسان جي انهن ڳالهين تي اوچتو جويي صاحب کي ڪاوڙ وٺي ويئي. مون

کي چڙپ ڏيندي چيو هئائين، "هي کهڙيون چرين جهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو. زندگيءَ ۾ ڪابه پُراسراريت ڪانهي. اهو سڀ ذهني بيماري جي نشاني آهي!"

"پر، جويا صاحب...." مون چيو.

"ڪجهه به ڪونهي....ڪجهه به ڪونهي." جويي صاحب ڪاوڙ مان پنهنجو گلاس ميز تي هٽندي چيو هو.

- "پر، جويا، مون سان ڪيترائي اهڙا واقعا ٿي چڪا آهن." اياز چيو.

- "زندگيءَ کي سائنسي طريقي سان ڏسڻ ۽ پرکڻ گهرجي." جويو صاحب ائين چئي نبي بخش کوسي سان ڪنهن بحث ۾ شروع ٿي ويو هو.

مان ۽ ايار گهڙيءَ لاءِ ماڻ ٿي ويا هئاسين. ايار جو پيگ خالي ٿي ويو. مون ايار جي خالي گلاس ۾ پيگ ناهي سندس آڏو رکندي ڪانئس سوال ڪيو هو: "اصستاد! توهان محسوس ڪريو ٿا، ته هي زندگي پراسرار آهي!"

ايار چيو هو، "ها، ڪڏهن ڪڏهن کي اهڙا واقعا ٿين ٿا، جيڪي زندگيءَ جي پراسراريت جو يقين ڏيارينداآهن...ورهاگي کان اڳ شڪارپور ۾ منهنجو هڪ دوست هوندو هو پرمانند. اهو مون سان گڏ پڙهيو هو ۽ شاعري به ڪندو هو. جيڪڏهن هو شاعري کي جاري رکي ها ته مون کان وڏو شاعر بڻجي وڃي ها. ورهاگي کان پوءِ پرمانند به پارٽ هليو ويو. 1964ع ۾ جڏهن مان پهريون پيرو دهلي ويو هوس ته پرمانند مون کي گولينڊو اچي هوٽل تي پهتو هو. زندگيءَ جي هڙ هٽان ۽ بيرحمين هن کي شاعر بدران ڪلارڪ بڻائي ڇڏيو هو. پوءِ اسين سڄي رات ڪچهري ڪندا رهيا هئاسين ۽ جڏهن مان پاڪستان موٽيس پئي ته هو موڪلائڻ وقت مون کي پاڪر پائي سڏڪا پري رنو هو. لڳو ٿي ڇڻ اسين وري ڀيهر ڪڏهن نه ملنداسين. گهٽي وقت کان پوءِ سڪر ۾ هو اوچتو هڪ ڏينهن مون کي ڏاڍو ياد آيو ۽ مان هن کي بار بار ياد ڪندو رهيس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون کي دهليءَ مان هڪ خط آيو ته ايار تنهنجو دوست پرمانند فلاڻي ڏينهن فلاڻي ٽائيم تي دهليءَ ۾ مري ويو. مدا! يقين ڪندين ته اهو ڏينهن، اها تاريخ ۽ اهو وقت ساڳيو هو، جنهن ڏينهن هو مون کي ياد آيو هو. ٺيڪ اُهو وقت، اُها تاريخ، ۽ اُهو ڏينهن! آخر تون ئي ٻڌاءِ ته اهو سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ سڪر ۾ مون کي ان مهل ڇو ياد آيو، جڏهن هو دهليءَ ۾ پويون ساهه ڇڏي رهيو هو. اهي اسرار ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن. ڪا ته ازلي ڇڪ موجود آهي جيڪا

پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارينديِ آهي... آخرڪار اها ڪهڙي ڇڪ آهي، ڪهڙو اسرار آهي، جيڪو سمجهه ۾ نٿو اچي؟

پوءِ ايازِ هڪ ڏڏو ساهه پريندي اولهه ڏي حيدرآباد جي آڪاس کي ڏسندي چيو هو، "مدد، هي سڄي زندگي، نڱيءَ جو ڪوئي ناهه لڳندي آهي، سمجهه ۾ نه ايندڙ، ڪجهه به سمجهه ۾ نه ايندڙ.... تو راسپوتين بابت ڪجهه پڙهيو آهي."

- استاد! ڪجهه پڙهيو اٿم. چون ٿا ته راسپوتين به ڏاڍو پراسرار ماڻهو هو. هن جي اکين ۾ به ڪائي ڇڪ ضرور موجود هئي، ڪائي پراسرار طاقت وٽس موجود هئي.

ايتري ۾ ڪوسي ڪلندي چيو هو، "استاد، مدد علي جو آئيڊيل به راسپوتين اٿئي. ڏسو ته ڏاڙهي به هُن وانگر رکي اٿس. ميراجي مرشد اٿس، جنهن جي تصوير پنهنجي آشرم ۾ هنئي اٿس. باقي راسپوتين جون ڳالهيون ٻڌائي وڌيڪ مٿو خراب نه ڪريوس. ٻيگ وڌيڪ پيئندو ته ايا ابتيون ڳالهيون ڪندو."

ايازِ ڪيس چڙهه ڏيندي چيو هو، "ڪوسا، مدد سان ڪوئس نه ڪر، مون کي پنهنجي ڳالهه پوري ڪرڻ ڏي!"

محمد ابراهيم جويو

- "پر ايازِ! هي پرمانند ۽ پراسراريت مان نڪري هن اڳلي راسپوتين جي ذڪر ۾ وڃي ڦاٽا آهيو ٻئي ڇڪا. مدد! تون به ڪڏهن ڪڏهن ايازِ وانگر انارڪسٽ ٿي پوندو آهين!" جويي صاحب تڪو ٿي چيو هو.

پوءِ ڪجهه دير لاءِ مان ڇائنجي ويئي هئي. اوچتو ايازِ منهنجي ويجهو ٿي چيو هو، "مدد! مون راسپوتين جي ڳالهه پئي ڪئي. هن بابت ڪيترائي ڪتاب منهنجي لائبريري ۾ موجود آهن. مان روس ۾ اُها ندي به ڏسي آيو آهيان، جنهن ۾ هن کي زهر ڏيئي هيڻ اُڇلايو ويو هو. سياري ۾ پيٽرزبرگ جي نديءَ جو پاڻي به برف ٿي ويو هو. چون ٿا ته هو ايڏو ته جاندار هو، جو مٿس ان زهر جو ڪوبه اثر نه ٿيو هو، ۽ هن

۾ ساھ اڃا باقي ھو. پوءِ مٿس طفنچو ھلائي گوليون ھڻي ڪيس پورو ڪيو ويو ھو. اھي سموريون ڳالھيون انسان جي سمجھ ڪان مٿي آھن. ھي ڪائنات ۾ ان جا سمورا راز سمجھ ۾ نہ ايندڙ آھن. راسپوتين جي زندگيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آھن. وٽس ڪھڙي طاقت ھئي، جنھن جي زور تي جڏھن ھو نڪولس زار جي پٽ جو ھٿ وٺي پڙھندو ھو تہ ھن جو وھندڙ رت بند ٿي ويندو ھو. ھن جي اکين ۾ ھن جي ڳالھين ۾ وڏو اثر ھو. ۾ پچاڙيءَ ۾ ھن زار جي بادشاھت جي ختم ٿيڻ بابت بہ دعا گھري ھئي!"

- "۾ پوءِ استاد! واقعي ٿيو بہ ائين." مون پنھنجي گلاس مان وڏو ڍُڪ پريندي چيو ھو. "راسپوتين جي موت کان پوءِ زار جي بادشاھت جا تڏا ويڙھجي ويا، ۾ 1917ع ۾ نڪولس زار جو سڄو ڪٽنب قتل ٿي ويو."

ايتري ۾ جويو صاحب ۾ کوسو. جيڪي ھٿ ڏوئڻ لاءِ اُٿي ويا ھئا. تن مان کوسي موٽي ٽوڪ مان چيو ھو. "تڏھن تہ توھان کي چوندو آھيان تہ وڌيڪ نہ پيئندا ڪريو. دنيا پراسرار، زندگي سمجھ ۾ نہ ايندڙ.... سڀ ٺيڪ، پر رشين انقلاب عوام جي طاقت سبب نہ، ۾ زار جي بادشاھت بہ ماٺھن جي سگھ سبب نہ پر ھن راسپوتين جي دعا سبب ختم ٿي. اھا ڳالھ واقعي اڃوڪي رات ۾ مدد جي گھر ۾ ٿيل ھن دعوت جو وڏو واقعو آھي." ڇڪو ٿيو جو اُن مھل جويو صاحب ھٿ ڏوئڻ لاءِ ويل ھو. نہ تہ اھا ڳالھ ٻڌي وڏو ممٽ مڇي ھا!

مون اُن مھل مٿي آسمان کي ڏٺو ھو. جنھن ۾ سمورا ستارا ڇڻ اسان کي ڏسي رھيا ھئا. ھندن جي دور جي ٻيل اھا ماڙيءَ جي ڇت، ھيٺ ويندڙ ڪاٺ جي ڏاڪڻ، اسان جي ڪابي پاسي "ڪياني مينشن" جي شاندار بلڊنگ جي ھڪ ڪمري ۾ ٻرندڙ اڪيلو بلب ۾ اسان جي ساڃي پاسي سامھون ڇام شوري جي پُل جون جھل مل جھل مل ڪندڙ بتيون عجيب لڳي رھيون ھيون ۾ ان مھل ھوا تيز گھوگھٽ ڪندي پنھنجي ڪڏھن بہ سمجھ ۾ نہ ايندڙ آوازن سان لنگھندي ھلي ويئي ھئي.

* * *

دنيا خواب آھي، ۾ زندگاني درد آھي،

ازل جي اسرار کي نہ تون ڄاڻين ٿو نہ مان،
هي ڳجهارت نہ تہ پڳي آهي نہ مان،
هي غم جنهن کي تون بيتاب ڏسين تو،
عڪس آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ڏسين ٿو،
خواب ۾ اڀرو ڇڙ خواب ۾ خواب کي ڏسين ٿو!
(عمر خيام)

* * * *

هوءَ جيڪا هئي تاريخ جو گمشده ڪردار.....الائي ڇو ڪڏهن ڪڏهن هن کي پڙهندي، مون کي هوءَ ڪنهن سنسان خانقاه جيان لڳندي آهي. ڪنهن اتهاسڪ مقبري جيان، جنهن جي مٿان بيرحم وقت پنهنجي مختلف دورن جي اٽمٽ اٽڳنڊل کاراڻ ڇڏي ويندو آهي....تاريخ، جيڪا ڏاڍي بيرحم آهي، جلاد آهي، ڪنهن غنيم جي حملي جي آواز جيان.... ۽ وقت! وقت.... پنجين صدي قبل مسيح جي يوناني فلاسفر زينو ڇواڻي وقت ننڍڙن ٽڪرن ۾ آهي ورهايل ۽ هر دور جي اتهاسڪ ماڻهن جيڪي ڪجهہ لکيو ڪاغذ تي. (عربيءَ جي ان مشهور شعر جيان: "ڪاغذ تي لکيل لکت گهڻي وقت تائين روشن آهي /رهندي، پر ان جي لکڻ وارو مٽيءَ سان گڏجي ويو ٿو سڙي!")

مسعود مفتي ڪٽي لکيو آهي: "اک تہ هڪڙي ئي هوندي آهي پر ڪڏهن اُها مُرڪ سان روشن ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڏک مان اُجهامي ويندي آهي!"

***

جب چاند چھپے گا
تو اُجالا نہ رھے گا.

***

"مان گهٽو اڳ پيدا ٿي ويو آهيان، يا تون دير سان پيدا ٿئين. مان وجان

پيو ۽ تون داخل ٿي رهيو آهين. تنهنجي لاءِ باغ روشن آهي ۽ قلعي جي اندر مانجهاندو تيار. تون نئون آيل مهمان آهين ۽ منهنجي روانگي جا گهوڑا تيار آهن. مان هن محل ۽ باغ کان چگيءَ ريت واقف آهيان، جيڪر ڪجهه مهل اڃ اچي وڃين ها ته توکي ان جو سير ڪرايان ها. باغ ۾ گل ڪڙيل آهن. تون مون ويندڙ لاءِ گلاب جو فقط هڪ گل چِـني ڏي. هي محل هاڻ تنهنجو آهي ۽ مان گهٽو ڏور نه ڇاڻ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ موڪلاڻي جي وقت لاءِ هڪ جام ڪٽي اڇ ۽ جڏهن تون روانو ٿي چُـڪو هوندين ته مان رستي ۾ ڪٽي توکي ملندس...." (هينري ڊائيڪ جو هڪ نظم)

* * *

۽ ماڻهو انڊلڪ وانگر غائب!

* * * *

هڪ مغربي ليکڪ لکيو آهي ته قبرن جا ڪتبا ڇڻ اُهي وزيٽنگ ڪارڊ آهن، جيڪي دنيا ۾ اچڻ وارا پنهنجي پويان ڇڏي ويا آهن ۽ لکين ڪروڙين پولارن ۽ دنيائن ۽ Anti-Worlls جي هن اڻاھ، وشال ۽ ابديت ۾ ڇا انسان جي دنيا ۽ ڇا هن جي زندگي.... ڇڻ زندگي آهي سراپا بنا مقصد.

ڪراچيءَ جي هڪ فيشن ايبل رهائشي علاقي ۾ "سجاد حيدر يلدرم روڊ" ۽ "لقمان حيدر اوينيو" ناهيا ويا آهن!

امام زين العابدين کيڏو رنو- سڄي ڄمار روئندي گذاري ڇڏيائين!

۽ باب العلم مولا علي چيو هو، "جيڪي ڪجهه مان ڄاڻان ٿو، جيڪر اُن جو ذرو به توکي ٻڌائي ڇڏيان ته تنهنجي دل دهلجي ويندي- چريو ٿي پوندين."

اي رب العالمين، اي رب العالمين.

(قرة العين حيدر: "کار جهان دراز هے")

* * * *

بن آشا کيسے کاج بنے،
روکھا جيون سوکھے سپنے، بن آشا کيسے کاج بنے،
کوئي نئي اُمنگ سجائي دے،
تو هوتي بات دکھائي دے،
پهلے آکاش پہ چها جائين حسون پل مين بادل گهنے گهنے،
ميرے دل کي باتين کيا جانے..... کيا جانے
جو سنے نہ کبهي،
ميرے دل کي باتين کيا جانے.... کيا جانے
(ميراجي)

***

ادارہ فروغ اردو، ايبک روڈ لاهور،
22- آڪٽوبر 1973ع
مڪرمي مدد علي!
خط لکڻ لاءِ مهرباني. توهان "نقوش" جا پراڻا خريدار آهيو ۽ هڪ رسالي جا ايڈيٽر آهيو. مون کي توهان لاءِ عزت آهي. اوهان جا خط مون کي ملندا رهندا آهن. توهان قرة العين حيدر جي ناول "آخر شب کے همسفر" جو ذکر ڪيو آهي پر اهو ڪتاب اجا تائين شايع نہ ٿيو آهي. ان ڪري ان جون قسطون "نقوش" ۾ هلائڻ ممکن ڪونہ آهي. مون "نيا دور" جي چوڌري نذير احمد سان بہ ذکر ڪيو تہ هن ٻڌايو تہ ڪيس بہ توهان جو خط پهتو آهي. "نيا دور" ۾ فقط "آخر شب کے همسفر" جو اشتهار شايع ٿيو هو. پر 1965ع واري جنگ کان پوءِ خط و ڪتابت نہ ٿيڻ سبب "آخر شب کے همسفر" جي ڇپائي ممکن ٿي نہ سگهي ۽ نہ وري مون کي نہ عيني ان جون کي قسطون "نقوش" لاءِ موڪليون.
مون کي خوشي ٿي تہ توهان کي نقوش جو "افسانہ نمبر" (19- سيپٽمبر 1973ع) وٺيو آهي. خاص طرح توهان کي قرة العين حيدر جي "کارجهان دراز هے" جي پهرئين باب متاثر ڪيو آهي. سچ پچو تہ قرة العين حيدر کان وڌيڪ هن وقت اردو ادب ۾ ڪوبہ بهتر نہ لکي رهيو آهي. تاريخ سان سچاڻپ رکندڙ ناول جي

قُرة العين حيدر

ناخديه، افسانه نگاري ۾ ڪامل، رپورتاز ۾ يڪتا، هن جون لکڻيون علم ۽ ڏاهپ جون اُميدون آهن. اهڙيون اُميدون جيڪي دل جي ورقن تي معلومات جا پنا ڪولينديون رهنديون.

مان ڪنهن جي به واکاڻ ڪرڻ ۾ ڇگو چوکو بخيل آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن ادب ۾ سرشاري جو اهڙو مقام به ايندو آهي جو ان ۾ احتياط جا بند پڄي پوندا آهن. مان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي چوان ٿو ته جيڪي ڪجهه به چوندس سچ چوندس.

مون کي خوشي آهي ته اوهان جي گهر ۾ "نقوش" 1950ع کان برابر ايندو رهي ٿو. خدا تعاليٰ اوهان جو اهو ادبي ذوق ۽ شوق سلامت رکي. آمين.
(محمد طفيل)

***

چلا هون اُنهين قصهٔ غم سنانے،
ميرے هوش شايد نهين هين ٹهکانے.

***

عيسيٰ ابن مريم چيو: "دنيا هڪ پل آهي، ان تي گهر نه ناهيو. دنيا جي مدت جڙو هڪ ڪلاڪ آهي ۽ اهو هڪ ڪلاڪ عبادت ۾ مشغول رهو، ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، ان جي ڪنهن کي به ڄاڻ ڪانهي!"
(قرة العين حيدر جي ڪهاڻي "به سياح" مان)

***

"وقت جي ٻاٽ اونداهيءَ ۾ غير مرئي تصويرن وانگر روشن رهندا رهو، ڇو جو هر منظر، جيڪو بدلجي ويو، اُهو اڃا باقي آهي. اُنهن سمورن گهرن ۾ روشن ڪمرن جو تصور ڪريو، جيڪي وقت گذرڻ جي باوجود وقت ۾ شامل آهن، موجود آهن. ڳالهيون ڪندڙ ماڻهو، ٽيبلو گروپ ۽ اُنهن جا آواز"

("آخرِ شب کے همسفر" مان)

***

"۽ پوءِ هن ڪنڌ ڪٽي مٿي روشن آسمان ڏانهن ڏٺو. جنهن تي ٻارهين شب جو چنڊ چمڪي رهيو هو. آسمان شام جي صحرا جو اُهو سياه پوش راهب آهي، جيڪو پنهنجي خانقاه جي محراب تي مشعل ٻاري رکندو آهي، پر مسافرن کي بہ رستو نٿو هٽ اچي!"

(قرة العين حيدر جي ڪهاڻي "اڳلا جنم موهے ٻٹيا نہ کيجيئو" مان)

***

"۽ چنڊ جي پاڇي ۾ گيت ڳائيندڙ شامون لنگهنديون هليون ويون. پوئين بنگلي جي منهنجي ڪمري جي سينگار ميز جي پرواري سائيڊ روم ۾ وائيلن وڄندو هو. صبيحہ پڑهندي ڪتاب تي مٿو رکي اکيون ٽي ٻوٽي ڇڏيون. سرءُ ۽ چنار جي پنن جي چڙ چڙ مان ايندڙ هن جي وٽندڙ گيتن جو آواز خواب ۾ ڪٽي پَرين جي ملڪ کان ايندڙ ٽي محسوس ٿيو: "ٻڌو اڻئون، عالم بالا ۾ ڪوئي ڪيمياگر هو!"

۽ امينہ آپا چڙ مان تيزيءَ سان ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي. هڪ پيرو عثمان صاحب ڪيرم هارائيندي هارائيندي جوش مان اچي ڳائڻ شروع ڪري ڏنو.

"تارا ٽم ٽم ٽمڪڻ لڳن تا.

جڏهن مان رات جو روئندو آهيان."

"اڇا، توهان رات جو روئندا آهيو؟ چ... چ... چ." آصف چيو. ويچارو عثمان وسامي ويو. "هو ڏسو، ستارا ٽم ٽم پيا ٽمڪن، هاڻ توهان روئڻ شروع

ڪري ڇڏيو!"

اسين سڀ متي ڪليل ڇت تي ڪٺهڙي تي وينا هئاسين. هڪ ڪنڊ ۾ ادي ذڪيہ ۽ آمنہ آپا اشتراڪيت ۽ هندستان جي پوسٽ وار مسئلي تي اسان جي عقل ۽ سمجھ کان مٿي ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

"آصف جيڪڏهن تون بود ۾ نہ اچين تہ توکي ڪجھ ڳائڻ جي درخواست ڪٽي ڪجي!" شڪيلا چيو.

"واعدو ٿو ڪريان تہ مان هوڏ نہ ڪندس. ڏاڍو سٺو مود ٿي رهيو آهي." هن وراڻي ڏني.

"اُهوئي عالم بالا وارو" صبيحہ چيو. "اهو، جيڪو توهين عليگڙھ جي ڪنهن شاعر جي سُر ۾ پڙهندا هئا، يا اهو جيڪو اولهہ ۾ چمڪيو هڪ ستارو"، مون چيو.

ڇا ڇئجي. مون کي ڇا ياد آيو، اوهان تہ سامهون وينا آهيو، مون کي هن مهل خاڪ ياد ايندو!؟

- "تہ شروع ٿي ويئي ٽرڙائي!" پوءِ اسان ديہ تائين هن ڪان ٻڌندا رهياسين.

اولهہ ۾ هڪ تارو چمڪيو، ڇا ڇئجي مون کي ڇا ياد آيو،
جڏهن شام جو پرچم لهرايو،
ڇا ڇئجي مون کي ڇا ياد آيو.

سانت ۾ ماڻ ڇانيل هئي. دور نيري آسمان جي اوڇاين تي ننڍا ننڍا چانديءَ جهڙا تارا ٽم ٽم ٽمڪي ڏنڊلڪي ۾ گم ٿي ويا.

"ڇا سچ پچ تہ هي مڌم تارا اسان جي قسمتن جي تنها راهن تي ٽم ٽم ٽمڪن ٿا؟" صبيحہ ڪجھ سوچيندي آهستي آهستي ڇڻ ڇنهنجي پاڻ کان پڇيو.

۽ پوءِ اسان سڀ ماڻ ٿي وياسين. خاموش رات ۽ ڪليل وايومنڊل جي موسيقي ۾ خوابن جون پَريون سرهاڻ ڪري رهيون هيون: محبت- زندگي- محبت- زندگي- او بلند ۽ برتر خداوند!

اونداهي پولار وٽان هڪ وڏو روشن تارو ڪِريو ۽ هڪ ڊگهي چمڪندڙ لڪير ناهيندو اوندهہ ۾ گم ٿي ويو. اسان آسمان کي ڏسڻ لڳاسين.... (سنا هے عالم بالا مين کوئي کيمياگر تها- کهاٹي مان)

***

نظر سے چھپ رہا ہے ماہتاب آہستہ آہستہ،
بکھر جائے نہ سارا شہر خواب آہستہ آہستہ،
برس جائے گا نظروں کا سحاب آہستہ آہستہ،
کھلے گي پھر سے یادوں کي کتاب آہستہ آہستہ.

***

جنهن ڏينهن صبح جو مان نيو اورلينز کان رواني ٿي رهي هيس، شيري چيو: ايئرپورٽ وڃڻ کان اڳ ۾ مان توکي گارڊن ڊسٽرڪٽ ۾ سينٽ لوئي جو مقام ڏيکاريندي هلان. گارڊن ڊسٽرڪٽ امير جو پاڙو آهي ۽ اهو مقام هتان جي خاص شيءِ آهي.

پرفضا گارڊن ڊسٽرڪٽ کان نڪري قبرستان ڏانهن ويندي شيري چيو، "هتان جي مٽيءَ ۾ ڏهڻ آهي. مڙدا ڏرتيءَ جي اندر دفن نٿا ڪيا وڃن. پٿر جي ميزن تي سنگ مرمر جا تابوت رکي ڇڏيندا آهن."

ٻر واري سڙڪ تان لنگهندي مون نظر ڊوڙائي. . سفيد خوبصورت مزار، سمورا ڏرتيءَ کان گهٽو مٿي. اڀائي سؤ ورهين کان هن فريب نظر شهر جا رهواسي مرڻ کان پوءِ هنن عجب جهڙين قبرن ۾ بند ڪيا ٿا وڃن. ڏرتيءَ جي اندر نہ ڪٽي، ٻر مٿي ئي ڪٽي. مرزا غالب چئي ويو هو.

"جو يون هوا اور يون هوا تو کيا انجام وهي هے."

***

قصو اهو آهي تہ مون کي پنهنجو احوال لکڻ کان اڳ ۾ پنهنجي سموري ڪٽنب جو احوال لکڻو پوندو، چاکاڻ تہ مان سڀ کان جداگانہ هستي بنهہ ڪونہ آهيان... منهنجون ٽي عزيز ساهيڙيون (لکنو جون مشهور جسپال سسٽرز، شڪنتلا قدوائي ڪمال جسپال ۽ وملا) اهي مون کي سڳين پيٽين جيان عزيز

آهن، جن سان مون پنهنجي ننڊپڻ کان وٺي 1947ع تائين حياتيءَ جو هڪ هڪ پل گڏجي گهاريو هو، سي هندستان ۾ آهن. ان کان سواءِ پوءِ بہ ڪيترين ساهيڙيون آهن جن جي هڪ وڏي فوج هئي، جيڪي سموريون وطن مرحوم ۾ ئي رهجي ويون.

قرة العين حيدر پنهنجي ساهيڙين سان

ساهيڙين کي چڏي، اسان سڀ ماشاءِ الله ارڙهن، اوٽيهہ، فرسٽ ڪزن آهيون. سيڪنڊ، ٿرڈ، فورٿ، ففٿ (سلسلو چينين وانگر انين ڪزن تائين وڃي پهچندو آهي.) ان کان سواءِ خدا خراب نظر کان بچائي، انهن سيني ۾ جيڪو اسان جو پنهنجو ايج گروپ آهي، اهو الله جي فضل سان هڪڙي ئي مڪتب فڪر سان ٿو تعلق رکي. الموڙي ۾ اسان جي وچئين چاچي جو گهر بيڪٽ هائوس هو. اونهاري جي منڊ ۾ اسين هرمهل ڪنهن زلزلي وانگر ڏماچوڪڙي مچايو وينا هوندا هئاسين. شاهجهان پور ۾ نندي چاچي جو بنگلو، جنهن جي باغ جي پويان ريل لنگهندي هئي. اسين ٽرين اچڻ کان ڪجهہ گهڙيون اڳ ريل جي پٽڑين تي پٿر رکي ايندا هئاسين ۽ پوءِ وٽن جي پويان لکي انتظار ڪندا هئاسين تہ اجهو ٽي ريل پٽڑي تان لهي! بنهہ ڪرانتيڪارين جو گروپ هو. هاڻ ياد ٿو اچي تہ جيڪڏهن ان مهل واقعي ائين ٽي وڃي ها تہ ٽي سگهي ٿو تہ اسين سڀ جيل ۾ بند ٿيون ها....

اصل ۾ تمام گهٽ ڪٽنبن ۾ ايترو وڏيڪ قبيلي جو احساس موجود

هوندو آهي. ان جو ڪارڻ ٽي سگهي ٿو تہ اُها سڪيا ۽ اهو خاص تهذيبي پسمنظر آهي، جنهن جو ذڪر مون يلدرم بابت پنهنجي مضمون ۾ ڪيو آهي. هاڻ اسان جو ڪٽنب پري پري تائين چڙوچڙ آهي. ڪي سانفرانسسڪو ۾ آهن، ڪجهہ لنڊن ۾ ۽ گهٽا ٽٽا وري پنهنجي اباڻي وطن هندستان ۾ رهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن مون کي خيال ايندو آهي تہ مختلف هنڌن تي رهياسين. پانت پانت جا ماڻهو اسان سان گڏيا. پانت پانت جون مشغوليون رهيون. ننڍپڻ رنگارنگ منظرن سان ٽمٽار رهيو. اتر پرديش جي چهچ سائي ضلعي ترائي جا جهنگ، همالیہ جي چوٽين تي رهندڙ مشهور ۽ اٽڪاڻ وسنديون! سپ کان پهرئين يادگيري جيڪا آهي، سا جهاز جي سفر جي آهي، جو ڇڻ ترندا پيا وڃون. بمبئي، ڪلڪتو، ڏکڻ هند جا بندرگاهہ، ايران جا ساموندي ڪنارا، ڪربلا معلي، قاهرہ، ترڪي، مستقل هيڏانهن ڪان هوڏانهن پيا گهمون..... پنهنجي ۽ پنهنجي قبيلي بابت هن فوٽ نوٽ جو واڌارو ڪرڻ سان گڏوگڏ مان اهو بہ عرض ڪندي هلان تہ اهو چٽو رهي تہ اسين ماڻهو پاڻ غلط نہ آهيون. اسان وٽ گهڻو تڻو ماڻهن کي پنهنجي متعلق وڏي غلط قسم جي اهميت جو احساس آهي. اسان جو جيڪو معاشرو آهي، جنهن ريت اسان جي ذهنن کي ناهيو وڃي ٿو ۽ جيڪي هاڻ هتان جون حالتون آهن، انهيءَ سبب ماڻهو يا وڏماڻهپي جو شڪار آهن، يا وري پاڻ کي گهٽ سمجهڻ جي احساس ۾ ڦاٿل آهن. هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي Complex ۾ ڦاٿل آهي. نارمل ڪوبہ رهڻ نٿو چاهي ۽ مان انهن ماڻهن کي ڏاڍو مٿانهون سمجهندي آهيان، جيڪي هر وايومنڊل ۾ نارمل رهندا آهن... تہ اها ٽي منهنجي شخصيت، تہ پئي اهو هڪ وڏو جيد قسم جو خوفناڪ لفظ آهي. شخصيت تہ مولانا ابوالا اعليٰ مودودي ۽ بيگم رعنا لياقت علي خان جي شخصيت هوندي آهي. منهنجي ۽ منهنجي شخصيت ها، ڪهڙي مختلف آهي. (قرة العين حيدر "جهان ديگر" جو مهاڳ)

***

It was in the isle of Capri, I fond here
Beneath the shades of old walnut tree!

***

اے راہِ پُر غبار کے وامانده قافلے،
جو کھکشان کي جان هے وه رهگذر بهي ديکھ،
رهتے هين جس ديار مين کچھ درد آشنا،
اے ليلئي حيات کسي دن ادهر بهي ديکھ،
ناقدريون کان دور هے اي برقِ جان نواز،
يہ آشيان جوش حزين هے ادهر بهي ديکھ.
(جوش مليح آبادي)

* * * *

ڊپارٽمينٽ آف فارن لئنگويجز،
يونيورسٽي ڪلب هائوس،
چرچ گيٽ، ممبئي

فقير تازو اها قيامت خيز شيءِ پڙهي، جنهن کي ڪڏهن بہ افسانوي ادب جي خاني ۾ نڦو بند ڪري سگهجي:

قيدخانے مين هے طلاطم ڪہ هند آتي هے.

انسان جي وقت ۾ ڏرتي تي جيئن جيئن رت ٽميو ۽ وهايو ويو آهي، انهن سمورن جو درد هڪ هنڌ گڏ ٿي ويو آهي. هن ڪهاڻي نما نثري مرثيي ۾ جمي ويو آهي. ڇا عرض ڪريان پنهنجو تاثر: مخلص

ظ.انصاري

***

پهرين هنن بجلي گهرن تي قبضو ڪيو، پوءِ دوا ۽ ڪاڏ خوراڪ بند ڪيائون، پوءِ پاڻي بند ڪيائون.

"بيوس آهيون، مسافر آهيون، وطن ڏور آهي، گهر ڏور. هفتن کان انسان کي گهيرو آهي هن لشکر مقهور، هيو شور اچايلن کي نہ پاڻي جو ملي جام،

ساهي وٽڻ جي مهلت نہ ملي بي وطنن کي، مرن تا ڇيون ڪيندڙ ٻار، هاءِ هاءِ منهنجي ڪچ جا پاليل ٻار.

مرحب انهيءَ گهڙي ڪيو سامان رزم گاهہ، ڇيين الخدر ڇيو، الامان، دهشت مان ڏڪ ڏڪ ويو مريخ آسمان، ڪشتن کي پنهنجي فوج عدو لتاڙڻ لڳي. جهنگل ۾ بجلي خوف خدا کان چمڪڻ لڳي.

هاڻ دشت و دريا تي 1403هجري جو نئون چند اپري رهيو آهي. هجرت جو نئون چند! شهر بنارس ۾ استاد بسم الله خان پنهنجي اباڻي امام باڙي جي تابوتن جي سامهون ويهي شهنائيءَ تي ڏک جا آلاپ ڇيڙي ڇڏيا. امام باڙي حسين آباد لکنو جي ڪانڪ تي نوبت وڄي رهي آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي سينگاريل جڳمڳ، جڳمڳ، انگلينڊ ۽ ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي سينٽرلي هيٽيڊ سهڻن عزاخانن ۾ مرثيہ خواني شروع ٿي ويئي. ويو ٿي ڇڻ غضب ۾ صف، اهل قيد شير زبان، جملو ڪري ٿو. جنهن ريت سيد مٿان نڪتو هتان کان جو اجل جو شڪار هو. پنڊ هجي يا سوار هو ٻہ هٿا يا چار هٿا. ڪوهن تائين دشت ستر لالا زار هو، هڪ شور هو، ڇڻ موت جو عرصو قليل آهي، اُجايل پيئو جو تيغ جو پاڻي سبيل آهي.

استاد بسم الله خان

ائين ئي ڏڪ ڏڪ ڏڪي رهيا هٿا هر هڪ هيٺي جا پير. اُتي اُتي ويا سپاهہ ضلالت نشان جا پير، هڪ ممڻ ڇڻ مچي ويو ڪون و مڪان ۾، ڪنهن ريت هو اچي ها شجاعت بيان ۾. اهڙو وڙهيو ڪونہ ڪوئي اُجايل جهان ۾. ڪنڊن ۾ وڃي لڪا هٿا ڪمان دار ڏهہ هزار، چادر هلائي رهيا هٿا شجاعان نامدار. پاڻ صاحب ڦندو ڦندي جو اسير هو، دم خنجر جي تيغ جي دهشت کان بند هٿا.

پر وا محمدا! وا حسينا! ڪوئي هنن جي مدد ڪاڻ نہ پهتو. هاڻ هو سڀ بندوقون سنياليو دهشت غربت ۾ چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ ٽرڪن ۾ سوار ڪيا پيا وڃن.

هنن کي بندرگاھ وڃيو پئي ويا. ھڪ ٻي هجرت لاءِ مجبوري. پنجٽيھن ورھين کان پوءِ ھڪ ٻي هجرت!

جڳمڳ ڪندڙ مرادآبادي گھگھين ۽ فيروزآبادي جھازن ۽ فانوسن سان سينگاريل سوين محلن ۾ ڪشميري غاليچن تي ليٽيل شيخ، الف ليلي جديد هٽ کي وڌائي، رنگين ٽي وي تي ٻي چينل هٽي چڪي. گھيراءُ، رتوڇاڻ، قيد و بند ۽ هجرت جا ڏيک غائب. هاڻ هو مشهور بيلي ڊانسر نبيلا جو اڌ اگھاڙو ناچ ڏسي رهيا آهن. سندن نجي جهاز ٻاهر موجود آهي، جيڪو سياڻي اسر مهل کين مونٽ کارلو ۽ پيرس وڃي ويندو. جتان جون نائٽ ڪلبون سندن اوسيئڙي ۾ آهن.

آهي ڪوئي مائيءَ جو لال جو کين سنگسار ڪري سگھي؟ جهازن لنگر کنيا، نوح جي ڪشتي کي چڏي نوح جو طوفان ٽيو روانو. ماهي الحفيظ چيو. مئه چيو الامان اڏاڻو شاخ سدره تان جبرئيل، محراب تان بلند ڪيو، سرخيل! هو سرفروش جھونجھار سڃا مجاهد پنھنجون بندوقون هوا ۾ مٿي ڪندا، ھڪ ٻي هجرت لاءِ مجبور ٿيا. ٽٽل درن مان سندن جھور پوڙھا ماءُ پيءُ ۽ ٻار ڪنڌ هيٺ ڪيو. رھڻ جو هنڌ ڪٿي، ٻڌائي پوءِ وجو! ڪنڌ ۾ ڪٽي ڪنوار کي ويھاري پوءِ وجو! ڇوٽڪارو وٺين ٿو. اڪيلائيءَ جو عالم آهي....تون ڇوٽڪارو وٺين ٿو واجب قتل آهي.

حيا جي مارجي ويل ڳچين کي خم آيا، قدم قدم تي ڪٽندڙ غم ۽ الم آيا.

جلاد ٻانهون ڪُنجندو هليو، خنجر تي آگرين ڦيرائيندو هليو. هجوم کي پري هٽائيندو هليو. "آسمان کان هتي مسلسل چئن مهينن تائين آهي ٻاهه برسي. آسمان جي ٻاهه ۽ ڌرتي جي ٻاهه. گبرئيل اسٽوري فائيل ڪري ٿو. عمر ۾ پهريون پيرو ايمانداريءَ سان بکايل اُجايل ذهن، ڏکويل لٽجن ٿا، دشت زين ۾ گرفتار ستم لٽجن ٿا: قتل وارث هوئي، سامان گرفتاري هي يا علي آئيو سامان.

"اهي ڪنهن جو فرياد، برادر ڊوڙو ۽ ڪوئي رڙ ڪري ٿو. عباس دلاور ڊوڙو، ڏسو هو خونخوار عدو ٻالا ڏيکاري ٿو. ڊال کي ڇڪيو جو لعين گھرن ۾ گھڙي آيا آهن.

هن مصيبت ۾ نہ ايندو تہ ڪڏهن ايندؤ. مٿي تان چادر منهنجي قُـرجي ويندي، تڏهن ايندين؟

ڪوبہ نہ آيو مدد لاءِ، ڪوبہ نہ آيو.

گبرئيل اسٽوري ڪئي فائيل



حسين آباد امام بارگاهہ، لکنؤ

پرمباہ نبي تي هزار ورهيہ اڳ نوحو ڪيو هو، ڪرنل ڊائر تي مـاءُ اڄ ڪجي اڄ نوحہ گر.

اڻ ڳڻيل ستم، اپاهج ۽ زخمي پار- هند پچيو، بيماري ڪهڙي آهي، چيو آهي يتيمي، روئي پچيو، دوا ڪهڙي گهرجي، نوحہ گري!

هنن منهنجي بابا ۽ امڙ کي ماري ڇڏيو. باقي سيني کي هلي وئي ويا. گهر قُـري ويا. گهر ۾ مان ۽ بيبي ۽ اڪيلو پار آهن. مان بيبي جي سـار سنپال نٿو ڪري سگهان، چاڪاڻ تہ مان پنجن ورهين جو آهيان.

"دهشت کان ڊنل، بي گهر، بي يتيم پار". هن جو مرض ڪهڙو آهي؟ گهر بابت پچيو، تہ چوڻ لڳا دربدري. ڪر خبر ڪير آهي ڪٽي.

"گهرن تي بلڊوزر هلايا ويا. گهرن تي بلڊوزر هلايا پيـا وڃـن. "گبرئـل ڪوهن" اڄ هنن بابت اسٽوري...

ملبي جو ڍير. لاشن جا انبار. سڙيل گهر، گوڙ هو ايترو جو، الاهي، جهان، جهان ۾ آهن. لڳو نٿي ڇڻ قبر ۾ آهي يا مڪان ۾.

اها رات ڇڙ گرم ڇڙ الامان.....

هر مهل ڏرتيءَ مان دونهون ڀئي نڪتو ٿي. بخار ڇڙ دونهون تنور مان نڪرندو آهي بار بار.

ننڍن ننڍن ٻارن جو اهو عالم هو جو مائرن جي ڪڇن ۾، ۽ دهشت سبب تا لڪي وڃن ٻارڙا. اگهاڙيون تراريون جيڪي ظالمن ٿي هنن کي ڏيکاريون. وس نڏو هلي، ڳوڙها نيڻن ۾ پرجي تا اچن.

نہ تہ ڪري سگهو تا فرياد ۽ نہ تا روئي سگهو. ڍنل هيسيل، هڪٻئي جو تا منهن ڏسن. ڪنڊرن ۾ هر طرف پکڙيل راندیکا، ننڍڙا ٻوٽ ۽ ننڍڙا وڻ.

ڪالهہ مون کي لُٽمار جو جيڪو سامان ڏيکاريو ويو هو، هڪ ڦاٽل وڃي کي ڏسي حاڪم بيهوش ٿي ويو:

ایک عَلم تھا اسي اسباب مین خورشید نشان،
مشک پنجے مین بند ھے، خون مین پھریرا افشان،
ایک گھوارے کي خوشبو سے یہ ھوتا ھے عیان،
کہ ابھي سدھارا ھے کوئي غنچہ و یہ ان.

هڪڙي ستن ورهين جي نينگري ڍنل هيسيل، پنهنجي ڪنڊر جهڙي گهر ۾ لاشن ۾ گهيريل هڪ خالي ٽين جي پويان لڪل آهي. سڏڪا پري روئي رهي آهي.

سڀ ڪونهي هي عادت، نہ روئيندي ڪر بيبي! پر ۾ ڪڏهن پنهنجي امڙ جي سمهندي ڪر بيبي! چا ٿي پوي ها، جو جيڪر اسين نہ اڇون ها ڪڏهن گهر ۾، بيوس آهيون، اهڙا جو ڇڏي توکي پيا وڃون.

جهنگ ۾ انيڪ قافلا قُرجي وڃن تا بيبي. ورهين جو جيڪو هوندو آهي سات، اهو ڇڏائجي ٿو وڃي بيبي!

هزارين يتيم بي گهر ٻار،
ڏيءَ کان سواءِ اوهان جي ڪوبہ نہ آهي بابا،
سڄي رات انهيءَ ڍپ کان مان سُتي ناهيان بابا،
مان بيبي جي سارسنيال نڏو ڪري سگهان، مان فقط پنجن سالن جو آهيان.

ٻارن جا سِر هاڻ جست جي نشانن تي چاڙهيا ويندا،

دور ڪٽان ڪان سُڏڪن جي صدا ٽي ايري.
ٽيلي ويزن جا چئنل بدلايو.
پر هن چئنل تي ڪابہ تصوير نہ پر ماڻ آهي ڇانيل!

ماڻ؟ جي نہ! هتي سڀ خيريت آهي. الله جي مرضيءَ سان منافقن ۽ ڏرتيءَ تي فساد پکيڙيندڙن کي ڳولي ڳولي ختر ڪيو ويو آهي، جيڪي واجب القتل هئا. جيڪي باقي بچيل آهن، انشاءَ الله انهن کي بہ!

بنديخانن ۾ باندي اوسيئڙي ۾ ويٺا آهن. اکين تي ڪاريون پٽيون ۽ بندوق بردارن جو نشانو! ايمنسٽي جي عيوضين کي اچڻ جي اجازت ڪانهي. هو شيطان جا ساٿي آهن.

نجف امام بارگاھ لکنؤ

قيدخانے مين ھے تلاطم کہ ھند آتي ھے

هند هرگز ڪانہ ايندي، ايندي بہ چو. سيني کي پنهنجي مفاد جو خيال آهي ..... قيدخاني ۾ معصوم نينگر ۽ نينگريون اجل جي اوسيئڙي ۾ ويٺل آهن. دنيا جي ايوانن ۾، اقتدار جي غلام گردشن ۾ هنن جو آواز نٿو پهچي، ڪوئي هنن کي ڇڏائڻ نٿو اچي.

جڏهن ڪنهن ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو، تہ ڏک وڌيڪ ٽيو تيز. پت کي جهلي جهلي هوءَ ويئي در جي ويجهو. در کي ٽڪ ٽڪ ڪري هن چيو نوحو.

درباريو... آهيو جاڳيل يا اٺجاڻ؟ بيوس آهيان، اجايل آهيان، فلڪ جي ستايل آهيان، ڪجھ پنھنجو احوال ٻڌائڻ آئي آهيان.

ننڍڙي ئي ڇمار ۾ باندياٽي زندان شام آهيان،

مان دختر حسين عليه السلام آهيان.

(ڪھاڻي "قيدخانے مين تلاطم ھے ڪہ ھند آتي ھے.")

* * *

اور اس انديشے سے ھر وقت دل بھي لرزان،

موت آ لے نہ کہين سوؤن اگر مين تنھا!

(فرينچ انقلابي شاعر ميلارم)

***

ٽي سگھي ٿو تہ ھوءَ بہ ٽڪجي پئي ھئي. رڻ جھڙي حياتي، تنھا ڪاڻ ڪيڏو نہ آ وڏو زندگيءَ جو عذاب: پر رڻ جھڙي ڪاري رات، ڪڏھن عذاب نٽي بڻجي وڃي..... انسان ننڍڙي سکون جي ڳولا ۾ ٻڏندو ٿو رھي ۽ پوءِ مدتون گذري وڃن ٽيون پر پوءِ بہ ڪجھ نٿو حاصل ٿئي.

ڪجھ بہ نٿو ٿئي.... ڪجھ بہ باقي نٿو رھي.....

* * *

يون شمع کھان تلک جلا کيجئے اب،

اب نئين اشک ھو بھا کيجئے اب.

باقي نھين کچھ بھي عمر کيا کيجئے اب؟

(مير حسن)

***

"ڏھن جون ھزارين اکيون آھن ۽ دل جي اڪ فقط ھڪڙي آھي، پر جڏھن

محبت جو انت اڇي وڃي ٿو پوءِ سموري حياتي جو انت اڇي ويندو آهي.
(کھاڻي نظارا درميان مين ھے)

***

عمر گذري ھے اس دشت کي سياهي مين.

***

لاهور: 1986ع

سنڌ جي ايڊيٽرن جي اعزاز ۾ ڏنل جنگ اخبار جي لنچ:

دعوت ۾ اوچتو بئريسٽر اعجاز علي بٽالوي سان ملاقات. چائنيز هوٽل ۾ لنچ ڪندي، اردو ادب تي گفتگو ۾ قرة العين حيدر جو ذڪر نڪرڻ، ۽ پوءِ گھٽيءَ دير تائين هن سان قرة العين حيدر جي ناولن، ڪھاڻين ۽ شخصيت ۽ "آگ ڪا دريا" بابت ڳالهيون ٿيندیون رهيون.

- توهان کي آگ ڪا درياه جي ڪهڙي ڪردار متاثر ڪيو." بٽالوي جو سوال.

- چمپا.... چمپا احمد جي ڪردار.

- واقعي چمپا جو ڪردار ڏاڍو سگھارو آهي.

- آگ ڪا دريا ۽ ڪارجهان دراز هے، سندس شاهڪار لکڻيون آهن.... پر بٽالوي صاحب عيني توهان جو ذڪر ڪارجهان دراز ۾ ڪيو آهي.

هو چپ ۽ پوءِ هڪ دڳھو ساھ ڪڍي چوڻ لڳو. "قرت العين حيدر کي جيڪڏهن تاريخ جي شاعره ڪري سڏجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ هرگز ڪونہ ٿيندو. هن جي لکڻين ۾ نوسٽلجيا موجود آهي ۽ اهو درد هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن مان بار بار اپري ايندو آهي. تون کڏهن هن سان مليو آهين.

- نہ.... کڏهن بہ نہ. پر ٻڌو اٿم ته هو طبيعت جي بيحد تکي آهي.

نہ ائين ڪونهي، مڃان ٿو ته ليڪڪ جي حياتي تضاد ۽ ڏکن سان پريل هوندي آهي، يقينن اهي تضاد ۽ ڏک رائيٽر جي طبيعت تي اثر انداز ٿين ٿا. ائبنارملٽي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود رهي ٿي، پوءِ ڪٽي ڪير مڃي يا نہ. قرة العين هڪ بهترين دوست بہ آهي، ڪنهن سمنڊ وانگر هن جي شخصيت

سامونڊي لهرن وانگر آهي. ڪاش تنهنجي هن سان ملاقات هجي ها.

- نہ ملڻ جي باوجود بہ منهنجي زندگيءَ تي هن جو تمام گهڻو اثر آهي. توهان هن تي ڪجهہ لکيو ڇو ڪونہ. جيتوڻيڪ اوهان جي ماضيءَ جي خزاني ۾ گهڻيون يادگيريون موجود هونديون.

- سڄ پيچين تہ اصل خزانا يا يادگيرين ۾ محفوظ هوندا آهن يا وري پراڻن ورقن جي ڍير ۾ دفن هوندا آهن... ڪڏهن وقت مهلت ڏني تہ ضرور لکندس.

- مون کي توهان جي هڪ مضمون ڏاڍو متاثر ڪيو هو.

- ڪهڙي مضمون؟

- جيڪو توهان ايزراپائونڊ تي لکيو هو.

- توهان اهو پڙهيو هو.

- مون کي اهو چڱيءَ ريت ياد ڪونہ آهي. اهڙو ئي هڪ مضمون توهان قرة العين حيدر تي بہ لکو. مون کي ياد اچي تو تہ اوهان جو ايزراپائونڊ تي لکيل مضمون "سويرا" ۾ 1975ع ۾ شايع ٿيو هو. ايزراپائونڊ سان توهان اها ملاقات شايد واشنگٽن جي ڪنهن پاڳل خاني ۾ وجي ڪئي هئي.

- ڏاڍي تيز آهي توهان جي يادگيري.

بس ٿوري ٿوري... پر اهو ضرور ياد اٿم تہ اوهان 1957ع ۾ واشنگٽن جي دماغي مريضن جي سينٽ ايلزبيٿ اسپتال ۾ هن سان ملاقات ڪئي هئي. اتي شاعر ايزراپائونڈ توهان کي ان پاڳل خاني ۾ چيو هو، "توهان مون سان ملڻ بہ آيا هيو تہ ڪٽي، هن پاڳل خاني ۾، پر ڳالهہ اها آهي تہ مون هن Bug House ۾ جيئري رهڻ جو هڪ سولو طريقو ڳولي ورتو آهي. مون پنهنجو جسم هتي رکي ڇڏيو آهي ۽ دماغ هتان ڪان ٻاهر. هاڻ حال اهو آهي تہ جسم تہ پاڳل خاني ۾ قيد آهي ۽ دماغ آزاد آهي، انڪري ڪا خاص مشڪلات پيش نہ ٿي اچيمر!"



- ويري سرپرائيز مدا! ريئلي مان توهان کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. توهان جي ميموري واقعي ڏاڍي تيز آهي.

- توهان اهڙو ئي شاندار مضمون قرة العين حيدر تي بہ لکي سگهو ٿا. ايزراپائونڈ سان توهان جون چند ملاقاتون هيون پر...

- ها، قرة العين حيدر سان تہ هڪ پوري دور جي يادگيري ڳنڊيل آهي.

مون کي ياد آهي تہ قرة العين حيدر "کار جهان دراز هے" ۾ لکيو آهي تہ لنڊن ۾ هڪ پيري بي بي سي جي ڪينٽين ۾ توهان سڀ گڏ وينا هئا، تہ اوچتو ٻاهر برسات شروع ٿي ويئي هئي. توهان في البديهہ هي شعر چئي ڏنو هو: "قرة العين حيدر هے... ڪہ حيدر هے... آج کيسا ويدر هے!"

* * *

تو نے فرهاد، نہ کهودا کبهي ويرانۂ دل.

(اقبال)

* * *

واريءَ سان پريل هوا،
اُترئين دروازي کان اُڏامي ٿي،
ازل کان وٽي اچا تائين تنها،
وڻ ڪرن تا،
گاهہ جو رنگ سرءُ کان زرد ٿي ويندو آهي.
مان وحشي ڏرتيءَ کي ڏسڻ لاءِ
مينار مينار چڙهان...!

(ايزرا پائونڊ)

* * *

کب تک دل کي خير منائين، کب تک رہ دکهلاؤ گے،
کب تک چين کي مهلت دوگے، کب تک ياد نہ آؤگے.

(فيض)

* * *

هي منهنجي تاريخ جو ڪنڊر آهي، هٿن ۾ غمن جي بيرڪن جا عَـلم ۽ اکين ۾ هجر جي رات! يا رب! ڏکن جي هن سمنڊ ۾ لڙهندي، ڪٿي هٿ چڙهي

ڪائي سپ! هن شهر طلسمات ۾ هي انتظار ۾ پٿر ٽيل اکيون ڪنهن جي آهن اوسيئڙي ۾. ويڙي توکان هليو ويس ڪنهن بيابان ۾ ۽ پوءِ سپنن جا سمورا عالم پناهه ۽ هو سامهون ويساک جو زرد چنڊ آڪاش ۾ اٽکيل. من ڪنهن رولاڪ چندول پکي جيان بن بن پٽڪندڙ ڪنهن عبراني عشقيه شعر جيان:

"هڪ ڪنوار پنهنجي ڳچ ۽ پنهنجي هار سينگار کي نٽي وساري سگهي. پر منهنجا محبوب! تون مونکي وساري ويهي رهئين... هاءِ منهنجي دل، هاءِ منهنجي دل!"

* * *

۽ مبارڪ آهن اُهي جن سوچي سمجهي ڇاٽي واٽي ڏڪ جي راهه چونڊي ورتي. اي اونداهين راتين ۾ روشني جي ڳولا ڪندڙ مسافر! تنهنجي ۽ منهنجي قسمت جو ستارو آڪاش ۾ ڪٿي ڳوليون؟ هي ڏينهن رات جو سفر، هي رات ۽ ڏينهن جي سفر ۾ سرگردان. اسين پوئين پهر جا پانڌيئڙا پنهنجن ڪلهن تي خواهشن جي ٽياسن جا بار کٽي گذرندڙ هر شام ۽ هر رات جي اونداهيءَ کان اڻجاڻ، شفق جي رنگن ۾ ٽي وياسين گم. زرد اکين سان ڪليلي جي ڪپ وٽ ڪنهن بڙ جي اوٽ مان نما شام مهل هو اوپر کان اپرندڙ چوڏهينءَ جو چنڊ... ۽ اڄ اسين پيا ملهايون سوڳ! لکان پيو مرئيو هن تي ۽ ڏڪ پيا وندیون هن بهار رفتہ جو، جنهن لاءِ جهل مل ڪندڙ رنگارنگي رنگ آهن، انڊلڪ جي رنگن جيان! هڪ پوري عهد تي آهن ڪنهن مُهر جيان لڳل ۽ جيڪا پنهنجي پويان بي سرو سامان ۽ سنسان بيابان جهڙو ويراني جو ياس انگيز منظر ويئي آهي ڇڏي. هڪ هڪ پل تاريخ جو هڪ ڪتاب، جيڪو اُماس راتين ۾ ٽي ويو گم.... ورق ورق ٽي ويئي زندگي... هڪ ڪتاب تاريخ جو ۽ هڪ باب تاريخ جو ويو پورجي، بقول قتيل شفائيءَ جي:

دور اُفق پار کسي وادي سے،
هر کو آواز ديئے جائے گا،
آسمانون کان وه همسفر هر کو،
ذوق پرواز ديئے جائے گا هر کو،
کل بهي جو هر مين رهے گا شامل،
ياد پهر آئي هے اس کي اے دل.

* * *

ڪي ڪي ماڻهو پاڻ تاريخ هوندا آهن ۽ تاريخ جا اونداهاڻ روشن پاڇا هن جي چوگرد پيا ڦرندا آهن. هوءَ ڪائي بيچين آتما هئي، جنهن دهليءَ جي پسگردائيءَ واري شهر نوئيدا جي هڪ ننڍڙي فليٽ ۾ پنهنجي جيون جا پڇاڙڪا ڏينهن گذاري چڏيا. ڏنڏلڪن سپنن ڪي ڏسندي اڌ سجاڳ ننڊ ۾، پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪندي ساروٽين جا قافلا قطار در قطار هن جي نيٽن جي هڻا آڏو. خبر ناهي ته هن تغلق آباد ۾ جنهن پوءِ شاهجهان آباد ۽ بعد ۾ دهليءَ جو روپ اختيار ڪيو، تنهن جي پسگردائيءَ واري آبادي نوئيدا جي فلڪ تي ڪڙيل چند جڏهن ڏنڏلڪو ٿيندو هوندو ۽ دور ڪٽي وٽن جي تيز هوا جا جهوٽا وٽن جي وچ مان هلندي ويندي ڇا محسوس ڪيو هوندو. (خبر ناهه، ڪنهن لکيو آهي: مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي، ڇڻ مان هن ڏرتيءَ تي ڪنهن سڄي دنيا مان اڇي ويو آهيان، جنهن ۾ مون پنهنجي پهرين زندگي گذاري هئي. باهرئين دنيا ۾ مون کي جيڪا به ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي آهي، ان سان منهنجي دل ۾ ڏک ۽ اذيت تخليق ٿيندي آهي!)



نوئيدا فلئٽس، دهلي

* * *

کيا پوچھتے ہو وجود عدم اہل شوق کا،
اب اپني آگ کے خس و خاشاک ہوئے۔

* * * *

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پاڻ کي صوفي سڏائيندي هئي (هر ڪنهن انارڪسٽ وانگر) پر تصوف دنيا جو اڪيلو علم آهي، جنهن ۾ رستي جا پنڌ ۽ پيچرا ته ٻڌايا وڃن ٿا، پر منزل جي ڪابہ نشاندهي ناهي ڪئي ويئي. ڪڏهن لڳندو آهي ته انهيءَ رستي جي منزل تي پهچي ڳولا وڃي ٽڪ پيندو. پر اها منزل مڪمل طور تي ڏنڊ ۾ ويڙهيل ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ منزل واضح نہ هجي ته پوءِ ٻڪجڻ جو امڪان گهٽو رهي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي ته ان راهہ تي هلندڙ گهٽو تڻو مسافر رڻ ۾ ٻڪندو ٻڪندو آخرڪار گم ٿي وڃي ٿو، يا ائين ڪٽي ڇڏجي ته لاڦاني ٿيو وڃي. اهڙن ماڻهن کي اصحاب منزل ڪري سڏيو وڃي ٿو. نيڪي ۽ بدي، جيڪي انسانن جا پنهنجا ناهيل مفروضا آهن، کي چون ٿا ته انسان وسيلي خدا خود کي ڏسي رهيو آهي پر ڇا واقعي حقيقت ۾ ائين آهي؟ (پر هن سڄي ڳالهہ ۾ پُراسراريت ضرور موجود آهي.)

قرة العين حيدر

هڪ مشهور فلاسافر چوي ٿو:

"جنهن ڏينهن روحانيت جو انت اچي ويو ان ڏينهن دنيا جا سمورا ماڻهو چريا ٿي پوندا!"

پر آخرڪار هر دور ۾ اهڙا ماڻهو چو ٿا جنم وٺن، جن کي ائين سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ پراسرار چئون ٿا. آخرڪار اهي پُراسرار ماڻهو ڪير آهن؟

عيسائي چون ٿا: "هي اُهي آهن جن جا روح اونداهي رات ۾ داخل ٿي وڃن ٿا!"

ٻُڌ چوي ٿو: "اهي جيڪي دنيا ۾ رهندي بہ وسامي ڇُڪا آهن!"

اوپر جو تصوف چوي ٿو: "اهي جيڪي فنا ٿيڻ کان اڳ فنا ٿيڻ جي ڪري وصال حاصل ٿي ويو."

ته پوءِ آخرڪار شعور ڇا آهي؟ شعور وانگر وقت ۽ پولار کي محسوس ڪري سگهجي ٿو: ان کي ڏسي نٿو سگهجي. انسان جو شعور تصوف جي ڪنهن

منزل تي ٿو وڃي بيهي. منزل، جنهن جي رستي ۾ هر مهل پريل بازار ۾ مارجڻ جو خطرو سدائين لاحق ٿو رهي. بهرحال کا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ آهي. کا بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. کي کي ماڻهو هر دور ۾ جنم ونڊندا رهن ٿا، جن کي سدائين پنهنجي وجود کي تڪليف ڏيندي مزو ٿو اچي. سدائين پنهنجي وجود جي بار هيڻان رهن ٿا دٻيل ۽ هڪ پل لاءِ بہ کين آسائش نٿي وٽي. پر هن سڃي جيون کي کائي معنيٰ بہ آهي يا نہ؟ مهان چترکار وان گاگ پنهنجي پاڻ ٽيو کي هڪ خط ۾ لکيو



رومي دروازو لکنؤ

هو. "مون کي سدائين اهو محسوس ٿيندو آهي تہ مان هڪ مسافر آهيان ۽ ڪٿي ڪنهن منزل ڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ جيڪر مان ائين چوان تہ انهي "ڪنهن" ۽ "منزل" جو ڪوبہ وجود ڪونهي تہ اهو مون کي غلط ۽ اڻ ٽيٽو نٿو لڳي!... سورج مکيءَ جو گل جڙ منهنجي پنهنجي دولت آهي... زندگي گذرندي پئي وڃي، ۽ ويل وقت ٻيهر ڪڏهن موٽي نٿو اچي... ۽ پوءِ اهو احساس تہ زندگيءَ جو هڪ دور ختم ٿي ويو آهي، دل کي اداس ڪري ڇڏيندو آهي. سوچيان ٿو تہ ڪجهہ شيون ڪڏهن بہ موٽي نہ ايندیون، ان ڪري اهڙيءَ ريت اداس ٽيڙ بيوقوفي واري جذباتيت ڪونهي. منهنجي خيال ۾ غريب ماڻهو ۽ چترکار موسمن ۽ رُتن جي ڦيري کي هڪ جيترو ئي محسوس ڪندا آهن!"

هر ڪلاڪار انارڪسٽ هوندو آهي. بدلجندڙ رُتن جيان هن جي ڳالهين ۾ بہ انهي هر بدلجندڙ رُت جو رنگ شامل هوندو آهي. دراصل اهي ماڻهو محبت جا ماريل ٿين ٿا، محبت جي هٿان مارجي وڃن ٿا ڪنهن اونداهي رڻ ۾ رلندي ڪنهن ماڳ جي ڳولا ڪندي. حديث قدسي وانگر تہ: "جنهن کي مان قتل ڪريان ٿو، ان جو خون بها مان پاڻ ٿيان ٿو!" يا منصور بن حلاج جي هنن لفظن

وانگر ته: "مان بيڏوهي آهيان ۽ مون کي مارڻ وارا به بيڏوهي آهن. جيڪڏهن هنن تي اهو ڪجهه ظاهر ٿي وڃي ها، جيڪي ڪجهه مون تي ظاهر ٿيو آهي ته هو ڪڏهن به ائين نه ڪن ها، جيڪي ڪجهه هو اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيا آهن. جيڪر مون کان لڪل رهي ها، جيڪي ڪجهه هنن کان لڪل آهي ته مان به هرگز ائين نه ڪريان ها جيڪي ڪجهه مان ڪري رهيو آهيان... ۽ اي بحر و بر جا رب، تون واقعي اهڙن ماڻهن کي چو نه پنهنجو سمجهندو هوندين، جيڪي تنهنجي راهه ۾ هيڏا سارا ڪشالا ڪڍي تڪليفون ٿا برداشت ڪن؟"

هاءِ حسين! هاءِ حسين! انتها تي پهچندڙ جيتوڻيڪ صاحب علم نڙو ٿئي پر معجزن جا ظاهر ٿيڻ هن تي بيحد ٿا اثر ڪن. يقينن الله سمورن جهانن کان بيپرواهه آهي.

نموت وليس لنا حاصل،
سوي علمنا انا ماعلم

(شيخ بو علي سينا)

(ترجمو: اسين مري وياسين ۽ جيڪي ڪجهه اسين پاڻ سان گڏ ڪٽي وياسين، اهو هيءَ آهي ته "اسان اهو ڇاتو ته ڪجهه به نه ڇاتو!!!)

فارسيءَ جو مشهور شاعر ابو المعاني مرزا عبدالقادر بيدل دهلوي، جنهن کي مرزا غالب ۽ علامه اقبال پنهنجو مرشد ڪري سڏيو آهي، چوي ٿو: "ڪائنات کي جنهن به نظر سان ڏسندؤ، توهان کي اها ائين ئي نظر ايندي!"

مشهور جرمن ليکڪ هرمن هيس چوي ٿو ته غم نه ڪر، جلدئي رات ڇانئجي ويندي. ڏيمين لاهين ڇاڙهين تي جڏهن اسين ٽڏي چند کي لکندو ڪلندو ڏسي سگهنداسين ته هڪ ۾ هڪ جهلي، اسان کي شانتي ملندي. غم نه ڪر، جلد ئي اهو وقت به ايندو... فقط مون لاءِ جيڪو تنها آهيان. رات ۾ اڃ ڳڻيل ستارا چمڪن ٿا ۽ پٽر جو ڦوهارو جادو پريل گيت ڳائي ٿو فقط مون اڪيلي لاءِ. رولاڪ بادلن جا رنگين پاڇا سپنن جيان آهن، وشال ميدانن جي متان لنگهن ٿا.

آن چيز ڪ در سينه نهان الله نــ واعظ الله
بر دار نتوان گفت و بــ منبر نتــوان گفت.

(غالب)

(يعني: دل ۾ لڪل راز واعظ ڪونهي، اهو منبر تي نڙو ڇئي سگهجي، بلڪ ڦاهي جي تختي تي به ڇئي سگهجي ٿو.)

* * * *

23-08-2007

لکنؤ- قرة العين حيدر جو شهر... خبر ناهي ته عيني جي موڪلاڻيءَ تي لکنؤ جي آسمان ڪيئن رنو هوندو.

کس کے چمکے چاند سے رخسار قیصر باغ میں،
چاندني هے سایۂ دیوار قیصر باغ میں،
في الحقیقت یہ بھي کہ گلزار جنت سے نہیں،
حورین پھرتي ھین سر بازار قیصر باغ میں،
زیر شاخ گل اگر سبزہ کبھي ھونے لگا،
شور بلبل نے کیا بیدار قیصر باغ میں،
دور ھونگي کُلفتین مٹ جائین گے رنج و ملال،
لالا لے بے داغ گل بیخار قیصر باغ میں.

(امیر احمد مینائي)

* * *

هڙ هٽان ۾ ٽيڪنالاجي واري هاڻوڪي دور کان اڳ ۾ خط لکڻ هڪ مانائتو شغل هوندو هو. اردوءَ ۾ لکڻ وقت ٻارن کي وڏڙن ۾ هڪ جيڏن لاءِ مختلف لقبن ۾ ادب ڪرڻ جا طريقا سيکاريندا هئا. گهڻو تڻو ناول ۾ ڪهاڻيون ۽ خطن جي ٽيڪنڪ ۾ لکيا ويا ۽ اهي "نيرنگ خيال ۾" ڇپجندا هئا. اها منهنجي ننڍپڻ جي ساروٽي آهي. امڙ غازي پور ۾ پوئين وراندي ۾ هڪ جارجين پيل پاون واري ميز رکيو پنهنجن مائٽن، دوستن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن کي خطن جا جواب لکندي هئي. اردلي خط جو مضمون لفافو ڏسي سجاڻي ويندا هئا. هو ٽري ۾ ٽپال سان اچي حاضر ٽيندا هئا ۽ چوندا هئا: بيگم صاحبہ هن ۾ حجاب اسماعيل مدراس ۽ هي اوهان جي پيٽوئي مسٽر افضل انڪم ٽئڪس آفيسر روهتڪ ۽ هي خط پٽني کان آيل آهي. نواب نصير حسن اقبال وغيره.

امڙ کي پنهنجي هم عمرن جي انهن لفظن جي اهميت جو اونو هوندو هو. تڏهن ته هن اهي خط سانڊي رکيا هئا. 1947ع کان پوءِ امان جي خانہ بدوشيءَ ۾ ٻئي سامان سان گڏ خطن جو پيتيون بہ برباد ٿي ويون. پر ڪجهہ صندوقون ڊسمبر 1947ع ۾ لکنؤ کان روانگيءَ مهل امان حسو باجي وٽ رکرايون هيون. حسو باجي جي نانڻي نندي مهاراج محمود آباد جي ڪجهہ سامان سان گڏ اهي صندوقون بہ غلطي

وچان لکنؤ جي هڪ نيلام گهر وجي پهتيون. 1968ع ۾ مان جڏهن لکنؤ ويس تہ انهيءَ نيلام گهر جي ايدريس وٺي اسکول جي هڪ هم ڪلاسڻ عزيز بانو سان گڏ اتي وجي پهتيس. نيلام گهر جي مالڪ چيو "صاحب گذريل ڏهن ورهين ۾ تہ زميندارن ۽ الائي ڪنهن ڪنهن جو قيمتي سامان هتي آيو ۽ وڪامجي ويو. اڄ ڪجهہ شيون انهن مان پيل آهن، توهان بہ ڏسي سڃاڻي وٺو." پر هن جي گودام ۾ مون کي پنهنجي ڪابہ شيءِ نظر نہ آئي. مان مايوس ٿي ٻاهر وڃڻ لڳيس. هڪ ڪٻڙ ۾ چند ڏنل وائنل فوٽا نظر آيا. اخروٽ جي ڪاٺي جي فريمن ۾



لامارٽينرز ڪاليج لکنؤ

اسان جي ڪجهہ وڏڙن جا فوٽا هئا. چاندي جا سمورا فريم وڪامجي چُڪا هئا. ايراني غاليچا بہ وڪامجي ويا. "هڪ وڏو گلر اڄا اتي پيل آهي، ڪالهہ ئي هڪڙو صاحب پنهنجي امام بارگاهہ لاءِ خريد ڪري ويو آهي." نيلام گهر جي هڪ ماڻهوءَ ٻڌايو. مان ايڏي تہ ڏکويل هيس جو مون هن کان اهو بہ نہ پڇيو تہ توهان هن هيڏي سازو سامان جي ڪيتري قيمت وصول ڪئي. هن چيو، "جيڪو صاحب هي سامان وڪٽي پئسا وصول ڪندو هو اهو بہ هاڻ هتان ڪٽي وجي چڪو آهي." بابا مرحوم جي ڪتابن جو ذخيرو خاص ڪري ترڪي ڪتاب، جن کي پڙهڻ وارو ڪوبہ نہ هو، رديءَ ۾ وڪامجي ويا هئا.

شام ٿي ويئي هئي، جڏهن اسين انهيءَ هال مان ٻاهر نڪتاسين، تہ ٻاهر ڦڙ ڦڙ شروع ٿي ويئي هئي. سامهون هڪ وڻ وٽ پهتاسين. هڪڙي ٻکري ٻڌل هئي ۽ ان جي ويجهوئي بہ بيگون اڌ ڪليل پيون هيون. ڇڻ ان ٻکريءَ لاءِ ڏنر فراهم ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ تہ ان جي مٽان ڪجهہ ساوا پن وکريل هئا... اهي بيگون ڪتابن سان پريل هيون. مون فوري طور تي انهن کي سڃاڻي ورتو. اهي پي ايڇ او جهاز جي ليبل وارا وڏا بيگ بابا مرحوم جا هئا، جن کي ڪٽي هن ڪوڙ سارا ساموندي سفر ڪيا هئا. هڪ پيتيءَ ۾ خطن جا ڪٿها نڪتا ۽ ٻئي ۾

اسان جي ڪتب جا ڪجهه پراڻا ۽ اڻ لڀ فوٽا پيا هئا، جن جا اڻ ملهيا فريم جدا ڪري وڪيا ويا هئا، تنهن ڪري فوٽو بارش جي پاڻيءَ سبب برباد ٿي ويا هئا. يعني دنيا مان موڪلاڻي ڪري ويندڙن کي متيءَ کائي ڇڏيو ۽ انهن جون جيڪي شڪليون باقي وڃي بچيون هيون، اهي هوا ۽ پاڻي جي نذر ٿي ويون. يعني اهي صفحهٔ هستي تان بنهه نيست و نابود ٿي ويا ۽ اهي هستيون جن جي سپنن ۾ هو ايندا هوندا، اهي پاڻ خواب ۽ خيال ٿي ويا تہ پوءِ باقي ڇا وڃي بچيو؟

انهن پيتين جي هنن جيتري بہ قيمت گهري، مون اها نيلام گهر وارن کي ڏيڻي ڪئي. ٻاهر برسات هاڻ تيز ٿي ويئي هئي. اسان ٿي سائيڪل رڪشائون گهرائي ان مان ٻن تي اهي صندوقون رکيون ۽ ٽئين تي مان ۽ عزيز بانو سوار ٿي اسين اتان ٻاهر نڪتاسين. اها بہ هڪ عجيب اونداهي شام هئي. مائٽن جي نالي آيل باقي بچيل خطن مان جن جي ادبي حيثيت جي مون کي خبر هئي ۽ جن کي نيلام گهر جي ٻکري نوش جان نہ ڪيو هو، انهن مان چند خطن جي چونڊ هن مجموعي ۾ شامل ڪري رهي آهيان.

هن ڪتاب جو پهريون خط سر سيد احمد خان جو آهي جيڪو هن 1856ع ۾ مير بنده علي خان کي لکيو هو.

قرت العين حيدر 16 مئي 1998ع

J 140, Noida (U.P)

(خطن جي مجموعي "دامان باغبان" جو مهاڳ)

* * *

پھرتے پھرین گے گلیون مین ان رنجشون کے لوگ،
مدت رھین گی یاد یہ باتین ھماریان.
(میر)

* * *

پورٽ بليئر
انديمان
2-9-1931

ڊيئر جليل! اهو توهان ٻڌو هوندو تہ مون ٻيهر هندستان کي ڇڏي ڏنو آهي. ٻن ورهين لاءِ جلاوطني ورتي اٿم. هتي واندڪائي ۽ هيڪلائي آهي:

"قيد خود اختياري"

هون مبارڪ دوستو دنيا ڪي تـر ڪو وسعتين!
ميري قسمت ۾ فقط اڪ تنگ زنـدان رهـ گيا،
هر ڪو ڪيا اهل خرد هون محو گل گشت چمن!
چل ديئے اهـل جنون خـالـي بيابـان رهـ گيا.

اندیمان جو ٻيٽ ڏاڍو بدنام آهي، پر هت عيش ۽ آهي، پر ڪارن ماڻهن لاءِ نہ جن جي تقدير ۾ محنت ۽ پورهئي کانسواءِ ڪجهہ ۽ ڪونهي. پر انگريزن لاءِ سندن جدا آبادي آهي. بنگلا آهن، ساوڪ آهي، ڪجهہ ڪلب آهن، جنهن ۾ ميمون ۽ انگريز هر طرف نظر ايندا آهن. پر هندستاني ايڪڙ ٻيڪڙ آهن، جن ۾ مان ۽ شامل ڪيو ويو آهيان. پر جيئن تہ نڪي نچڻ ٽو اچي ۽ نہ وري پيئڻ، انهيءَ ڪري بس اُلو وانگر ويٺو هوندو آهيان.

وہ کس کے واسطي هـو گيا عشرت کدہ،
اندمن کيون هند کا منحوس زندان هوگيا.

عليگڙھ مسلم يونيورسٽي

منهنجي سستي ڏسو جو اڃا تائين يونيورسٽيءَ مان امتحان جو معاوضو ۽ سفر جو خرچ نہ ورتو آهر ۽ مون کي تاريخون ۽ ياد ڪونهن. مون عظمت الاهي کي لکيو آهي تہ منهنجو ٽي اي بل ۽ زباني امتحان جي معاوضي جو بل ناهي موڪلي ڇڏيو تہ تمام گهٽو ٽورائتو رهندس. هڪ گڏجاڻي اردو ڊپارٽمينٽ جي اٽينڈ ڪئي هيءَ ٻئي پيري زباني امتحان لاءِ علي گڙھ ويو هوس. تاريخون وغيره توهان اتي رکارڊ ڏسي معلوم ڪري ونجو.

ها اهو نظر "آج تو مائل مقصود هوا خواب هوا"، جو سيدين جي شادي تي

لکيو هيم. علي ڳڙهه ميگزين کي اماڻي ڇڏيو اٿم. ڇپجي ويو هجي ته اماڻي ڇڏجو. نذر سجاد "نيرنگ خيال" ۾ جيڪي ڪجهه شايع ڪرايو. اهو اصطرابي طور تي هو. نه ڪي مون کان ڦڪائي وڃان. سنو ٿئي ها ته اهو نظم ڇپجڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کي ڏيکاري ها. گهٽ ۾ گهٽ توهان کي ته ڏيکاري ها.

توهان ماڻهن جي ياد ۾ ذڪر هر مهل رهندو آهي:

سيدين و سردر قدائے کا ذکر و خيال،
درد بهي يه هوگيا، اور يه هے درمان هوگيا.

مسز جليل جي خدمت ۾ سلام. منهنجي ايڊريس هي آهي.

اسسٽنٽ روينيو ڪمشنر،
جزائر انڊيمان ۽ نڪابار
پورٽ بليئر
خاڪسار سجاد

* * *

پورٽ بليئر
31 مئي 1930ع
پياري نذر، السلام عليڪم

24 مئي جي شام جو مان ۽ احمد رشيد ڪلڪتي ۾ جهاز تي وڃي سامان رکرائي آياسين. هڪڙو ڳوناٽو نوڪر به هٽ ڇڙهي ويو. ويهه روپيا ماهوار ۽ ماني تي رکيو اٿم. ان کي جهاز تي ڇڏي شهر واپس وياسين. ماني کائڻ کان پوءِ نائين وڳي رات جو گهر کان بندرگاهه ڏانهن روانا ٿياسين. اڳتي هلي صديقه بيبي موٽر هلائڻ شروع ڪري ڏني. 11 وڳي رات جو صديقه ۽ احمد رشيد مون کي جهاز تي ڇڏي واپس موٽي ويا. صبح جو ڇهين وڳي ايس ايس مهاراجا روانو ٿيو. 28 تي 5 وڳي شام جو هت پهتاسين. ڏاڍو سهڻو بيٽ آهي. ساموندي هوا هر مهل گهلندي ٿي رهي. مند به چگي ۽ وڇولي آهي. رات جو ڪمرن ۾ سمهندا آهيون.

سردار بلونت سنگهه جسپال، جنهن کان چارج ونڊي اٿم. مون کي جهاز تان وٺڻ آيو هو. ڊاڪ بنگلي ۾ وڃي ترسايائين ۽ يڪدم چاءِ اماڻي ڏنائين. مسز بلونت سنگهه اڏو گابري انگريزي ڳالهائي ٿي ونئي. ڏاڍي روشن خيال عورت آهي.



پورٽ بليئر، انڊيمان

مسٽر ڪيودر مدراسي عيسائي، زراعت ڪاتي جو سربراھ ڪالھ مون کي پنھنجي گھر وٺي ويو. ھاڻ مان ھن جو مھمان آھيان. 2 جون تي بلونت سنگھ جسپال ۽ سندس زال ڪلڪتي ھليا ويندا. جنھن ڪان پوءِ سندن بنگلي ۾ وڃي رھندس. ٻہ ماڙ بنگلو تمام وڏو ۽ سمنڊ جي ڪناري تي واقع آھي. ھت مڇر بہ ڪونھن. ھتي ھڪ وڏو انگريزي ڪلب آھي، جنھن ۾ شامل ٿيڻ لازمي آھي. پنجويھ ربيا ماھوار ان جو چندو پرٽو پوندو.

ھاڻ ٻڌو. 24 مئي تي ڪلڪتي ۾ زاھدي جو خط ھردوئي ڪان ٽيندو بھاولپور مان اچي پھتو. مون کي رياست ۾ ھڪ موچاري نوڪري تي گھرائڻ تا چاھين. مون کان پڇيو ھئائون تہ تون منظور ڪندين اھا آڇ. تہ مون ڪلڪتي مان وراڻي ڏني تہ ڪاش ھڪ ھفتو اڳ توھان جو خط اچي ھا تہ مان ھت نہ اچان ھا.

ھتي پھچي ٻئي ڏينھن چيف ڪمشنر سان ملاقات ڪيم. ڪم گھٽو ڪونھي، پر دورا گھٽا ڪرڻا پوندا انگريزن کي ڇاڪاڻ تہ دعوتون ڪرڻ ۽ کين شراب پيئارڻ بہ لازمي آھي، چگو ٽيو جو تو ڏنر سيٽ ڏيئي ڇڏيو. ڪجھ فرينچر بلونت سنگھ کان خريد ڪيو اٿم. باقي تون اچي ھتان خريد ڪري ونجائين.

سجاد

(قرة العين جي والد جو پنھنجي زال نذر سجاد کي لکيل خط)

* * * *

پورٽ بليئر

26 جون 1930ع

پياري نذر... السلام عليڪم!

ڪالهه شام جو جهاز آيو، ان جي وسيلي ٽپال ۾ اچي پهتي. هڪ مهينو بنا خطن جي هتي رهيس. ڏاڍي عجيب ڪيفيت آهي. اڪيلائي جي دنيا ۾ هيڏو سارو اڪيلو ۽ وڏو گهر. ڪم گهٽ آهي. نه ڪو سولو ۽ سيبتو ملاقات ڪرڻ وارو آهي. ڪلب ۾ روزانو شام جو ويهي پوڙهن انگريزن سان شطرنج کيڏندو آهيان.

سجاد حيدر

* * *

شادمان ڪراچي

10 آڪٽوبر 1938ع

پياري نذر،

اسين سر عبدالله هارون وٽ اچي لٿا آهيون. هن نئون گهر خريد ڪيو آهي. ليڈي هارون تنهنجو پڇيو پئي. 14 تاريخ تائين هتي جلسا آهن. سياڻي مسلمان شاگردن جو جلسو آهي، جنهن جي صدارت راجه صاحب محمود آباد ڪي ڪرڻي آهي.

سر عبدالله هارون

ٽيهه رپيا امڙ جي نالي ميان نثار حيدر کي بريلي موڪلي ڇڏجائين.

سجاد حيدر

* * *

گهٽو ڪري شام ٽيندي ئي اسين هوا خوري لاءِ شهر جي ويجهن جهنگن ڏانهن نڪري ويندا هئاسين. پورٽ بليئر ۾ ان جي پر واري شهر ايبرڊين جون روشنيون اونداهه ۾ غائب ٿي ويندیون هيون ۽ ڪنهن گهاٽي جهنگ

مان لنگهندي اوچتو مان ناريل جي گهر ڪندي هيس تہ رستي تان ويندڙ ڦهوي جا پلاٽيشنز جو ڪو مزور ناريل جي وڻ تي چڙهي ناريل پٽي ڇني، باندر جيان بانبڙا پائي پل اپل ۾ هيٺ لهي ايندو هو. ڪافي جي باغن ڏانهن هلندا ويندا هئاسين. دور ڪٽي باهہ ٻرندي ٻہ ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ سامونڊي هوا ڪناري جي ٽڪرين ۾ سوسٽ ڪندي پئي ويندي هئي. رستي ۾ ڪٽي چند تي ٻہ وڃي نهار پوندي هئي.

"چند اسان سان گڏ گڏ ڇو هلي رهيو آهي،" مان اچرج مان پڇندي هيس.

"توکي سلام ڪندو پيو وڃي،" بابا وراڻي ڏيندو هو. ساري ٻيٽ تي تار جي ڪارن وٽن تي، ساوڪ سان پريل ٽڪرين تي چند جي سهائي پکڙجي ويندي هئي ۽ بانس جا جهنڊ هوا ۾ لڏندا هئا.

هوائون ٻہ منهنجون دوست آهن!!

هڪ ڏينهن Rose Island ۾ حوالدار رامچندر سان، چيف ڪمشنر جي باغ مان لنگهندي سندس بنگلي جي درين مان مون کي ٻہ فل بوٽ نظر آيا، جيڪي مگدر جهڙن ڪاٺ جي فريمن تي چڙهيل هئا. "اهي مسٽر اينڊرسن جون ٽنگون آهن، جن کي گهر ۾ چڏي هو پاڻ باهر هليو ويندو آهي!" مون اهو سوچيو تہ ڏاڍي اچي ڏنس.

منهنجي پاءُ جي نوٽ بوڪ ۾ لکيل هڪ قديم "نرسري گيت"

How many miles to Babylon,
Three scores and ten,
Can I get there by candle light,
Yes, and back again,
If your heels are nimble and light,
You can get by candle light.



روز آئلينڊ

اوچتو ڏاڍي ڏڙڪوٽ اچي پيئي. سيلولر جيل جي ڪجهہ بنگالي انقلابين، جيل جي عملدارن جي سخت ورتاءِ خلاف احتجاج طور بک هڙتال شروع ڪري ڏني. انهن سياسي قيدين ۾ اُهي قيدي بہ هئا، جيڪي بند واردن ۾ قيد تنهائي ڪاٽي رهيا هئا. انهن مان ڪجهہ قيدين تہ مري ساهہ ڏنو.

شام جو مون ڏٺو تہ مسٽر اينڊرسن فل سوٽ پايو موٽر ۾ سوار ٿي رهيو هو. جيڪا جاپاني پُل جي هيٺان تيار بيٺي هئي. منهنجي پيءُ جو تعلق بيٽن جي مالي ڪاتي سان هو. پينل سيٽلمينٽ جو انتظام جدا ۽ انگريزن جي پنهنجي هٿ ۾ هو. پر انهيءَ هوندي بہ ٻيٽ ۾ بغاوت جي ڊپ ڪان باره بنگلي جي هٿياربند گارڊ ٻيٽي ڪئي ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن هڪ سياسي قيدي کي اسٽريچر تي کڻي هيٺ رستي تان لنگهيا.

"سڌير ڪمار بوس اهوئي آتو!" پرڪاش چند ڪلينر آهستي آهستي برمي ٽيوٽر کي ٻڌائڻ لڳو. هو ٻئي منهنجي پاءُ سان گڏ پاسي واري ورانڊي جي جهنگلي تي نوڙي هيٺ ڏسي رهيا هئا. مان بہ جهنگلي جي ڇاريءَ مان هيٺ نهارڻ لڳس.



سيلولر جيل، انڊيمان

"ٻڌو اٿون تہ ڪالهہ وڏو صاحب پاڻ سندس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويو هو مار موڇڙا ڏيڻ، پر هن نهل جونجهار ڪٽ تان ٽپ ڏيئي اُلر ڪئي وڏي صاحب تي. تہ صاحب وٽي پڳو ٻاهر ۽ پوليس کي اچي حڪم ڏنائين تہ ڪيس ٺاهوڪي مار ڪيوس!" نور محمد چيو.

"مسٽر اينڊرسن پنهنجون ڇنگهون ساڻ ڪٽي ويو هو. تڏهن ٿي ڏک پائي سگهيو!" مون ڏاڍي اطمينان سان وراڻي ڏني. "هاڻ شايد مار ڪيي اسپتال وٽي

پيا وجنس سول سرجن واري اسپتال، پر مري ويندو!" نور محمد آهستي چوڻ لڳو.

استاد بڙے غلام علي خان

نومبر 1961ع.... ڪلڪتي جي مهاجيتي سدن ۾ للت ڪلامندر جي سالياني ڪانفرنس شروع ٿيڻ ۾ ڪجهہ ڏيڙ باقي هئي. بڙي غلام علي خان، بسم الله خان، مشتاق علي خان، بيگم اختر اشتياق ۽ ٻين وڏن فنڪارن کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر رستي تي ماڻهن جا هشام اڇي مڙيا هئا، پر هال اڃا خالي پيو هو. منهنجا ساٿي ڊاڪٽ جي هيڻان ڳالهين ۾ مشغول هئا. مان گهمندي هال جي اندر ويس ۽ هال جي پٽين تي ٽنگيل رنگين تصويرن جي قطارن مون کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪيو. سموري هال ۾ ڪٿين سئو تصويرون لڳل هيون، جن جي هيڻان ڪنڊن ۾ بنگال جي نامياري فنڪارن جون صحيحون پيل هيون "هي ڪهڙي قسم جي پورٽريٽ گيلري آهي!" مون ڪجهہ اچرج وچان سوچيو ۽ چوڪرن ۽ چوڪرين جي انهن تصويرن جي ويجهو وڃي انهن کي ڏسڻ لڳس.

ڳولائو، بيچين اکيون، سڪون پريل اکيون، اداس مرڪ، مطمئن ۽ شانت مرڪ، مسرور چهرا، گنڀير چهرا، مضطرب ۽ سوچيندڙ چهرا- اهي ڪير آهن؟ مون اچرج وچان انهن تصويرن جي هيڻان پتل جي ننڍين ننڍين تختين تي اُڪريل نالا پڙهڻ شروع ڪيا:

خودرام باسو، ڦاسي 1908ع
پرفلاڇڪي، جيل ۾ آپگهات 1927ع
اشفاق الله، ڦاسي 1929ع
پڳت سنگهہ، ڦاسي 1931ع.
پرتي لتا داديدا، ڦاسي 1932ع.
راجندر لهري، ڦاسي 1927ع
گوپي ناٿ ساها، ڦاسي 1924ع
جيتش گوها، پوليس جي تشدد سبب مري ويو، 1930ع.
ديپ پرشاد گپتا گولي هٿي ماريو ويو.
ماتا نگني حاجره پوليس جي گولي سان شهيد 1942.
سڌير ڪمار بوس: انديمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو.

مان هڪ هنڌ ڇمي بيهي رهيس. سڌير ڪمار بوس انديمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو!

اوچتو مون محسوس ڪيو. منهنجي پويان ڪوئي بيٺو آهي.

"هي -. هي منهنجو وڏو پاءُ هو!"



وائيپر جيل، انديمان

مون پٺ ورائي ڏٺو: هڪ بدحال، اٽين وارن وارو سنهڙو ماڻهو منهنجي پويان بيٺو مون کي چئي رهيو هو. "توهان انهن تصويرن کي چتائي ڏسي رهيا هئا." هو منهنجي پاسي ۾ بيهي اچي چوڻ لڳو. "توهان ته شايد هنن جا نالا به پيا نوٽ ڪريو. ڇا توهين جرنلسٽ آهيو؟"

"مان شايد توهان جي پاءُ کي هڪ پيرو ڏسي به چڪي آهيان!"

"دادا کي توهان ڏٺو هو؟ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" هن ڏاڍي اچرج وچان پڇيو.

"آه ڪم آن هني (Come on honey)" هڪ گوري رنگ وارو ٽيڊي بوائي پنهنجي ڇهنبدار بوٽن تي ترندو منهنجي ۽ تصوير جي وچ ۾ اچي ويو. جتان هو پنهنجي گرل فرينڊ کي سڏي رهيو هو. جيڪا هال جي ٻئي ڇيڙي تي شايد پنهنجي ڪرسي ڇولي رهي هئي. "هاءِ ڊوپ، ڪم آن هيئر!" ڇوڪري جيڪا بيحد سوڙهي شلوار ۽ ان کان به وڌيڪ سوڙهي چولي ۾ ڦاٽل هئي، ٽيڊي بوائي کي وراڻي ڏني. ٽيڊي بوائي ان ساڃيءَ ريت ڇهنبدار بوٽن تي ترندو اڳتي نڪري ويو. سندس ڇست ڪاري پتلون جي نازڪ ڇيلهه تي هڏل سونهري پٽو روشنيءَ ۾ چمڪي رهيو هو.

سلهه جي مريض ان بنگالي وري مون سان ڳالهه ڇوري، "مان به ڪرانتيڪار هئس. اڌ حياتي جيل ۾ گهاري اٽم." هن اداسيءَ منجهان ڇيو، "توهان، توهان آرٽيڪل لکندو؟"

"شايد! خبر ناهي!"

"منهنجو نالو پربوڌ ڪمار بوس آهي. مان باريسال جو رهاڪو آهيان. دادا جڏهن انديمان ويو ته مان اسڪول ۾ هئس. دادا جي ڏاڪ ۾ روئندي روئندي منهنجي ماءُ به مري ويئي، پر مان اسڪول مان نڪرندي ئي موومينٽ ۾ شامل ٿي ويس ۽ جيسور ۾ گرفتار ٿيس. ٻارنهن سال علي پور جيل ۾ بند رهيس. آزاديءَ کان پوءِ آزادي ملي تڏهن منهنجو ضلعو ٻئي طرف وڃي چڪو هو. هاڻي مان، هاڻ مان....!"

اوچتو ٽيڊي بوائي بجلي جيان واپس وريو. هاڻ ساٺس گڏ ڪجهه آمريڪن بيٽنڪ Beat Nikes هئا، جن مان هڪ کي ڪاري شيرواني، چوڙيدار پاجامو ۽ هڪ ڪرائي ۾ چانديءَ جو ڪڙو پيل هئس. ٻئي آمريڪي بيٽنڪ کي خاڪي چديءَ تي بنگالي پهراڻ پيل هو. ٽئين آمريڪي بيٽنڪ مغربي لباس تي ئي گذارو ڪيو هو، جيڪا شڪل مان چوڪري ٿي ڏسڻ ۾ آئي. اهي سڀ اسٽيج جي هيٺان بينل انهيءَ انگريز چوڪري شرلي ڏانهن پئي ويا، جيڪا هندستاني ناچ سکڻ لاءِ انگلينڊ مان آئي هئي، ۽ برجو مهاراج جي شاگرديءَ ۾ ڪٽڪ جي مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڄ شام جو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ واري هئي. هندستاني ٽيڊي بوائي، انهيءَ سلهه جي مريض انقلابيءَ کي ٻانهن سان ٽيلهو ڏيئي پنهنجي رستي تان هٽايو ۽ پنهنجي بيٽنڪ مهمانن سان گڏ اڳيان هليو ويو. اصل انهيءَ ئي وقت ماروارڙي سيٺين، سوسائٽي ليڊين، پروفيشنل انٽيليڪچوئلز ۽ ڪلچرولچرز (Culture Vultures) جو هڪ هشام پاسي واري در کان هال منجهه گهڙيو. ۽ سلهه جو مريض انقلابي انهيءَ هشام ۾ منهنجي نهار کان اوجهل ٿي ويو. مون هن جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. مون کيس چوڻ ٿي چاهيو ته مان سندس دادا جي ڪهاڻي ضرور لکنديس. مون کيس چوڻ ٿي چاهيو ته مان سموري ننڍي کنڊ جي ڪهاڻي ڇاڻڻ ۽ لکڻ چاهيان ٿي، پر اها ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ لاءِ فقط هڪ حياتي ته تمام ننڍي آهي. مون هن کان پڇڻ ٿي گهريو ته ڇا سندس دادا ئي ته اهو اتساهي نوجوان ته ڪونه هو، جيڪو ڪاوڙ ۾ ڦوڪجي پنڊت جواهر لال وٽ ويو هو پر اهو گمنام تباهه حال، ڪرانتيڪار، انهيءَ رنگارنگي، بيپرواهه آسودي، خوش باش ميڙ ۾ ڪٿي وڃائجي ڇُڪو هو.

۽ اسٽيج تي جل ترنگ وڄڻ شروع ٿي ويو هو.

نوٽ: هيءَ ڪهاڻي مون گذريل سال 1965ع ڌاري لکي هئي. هاڻ تازو اها خبر پيئي اٿم ته چاچو محمدي هڪ پراڻو انقلابي جنهن جي ڦاسيءَ واري سزا عمر قيد ۾ بدلائي ويئي هئي، جيڪو 24 سالن تائين انديمان ۾ قيد رهيو هو، ڪجهه ڏينهن اڳ لاهور ۾ گمنامي ۽ سخت مفلسيءَ واري حالت ۾ گذاري ويو.

(کهاڻي: چهٹے اسير تو بدلا هوا زمانا تها)

* * * *

بمبئي

9 آگسٽ 1981ع

خالد حسن! مان 4 آگسٽ تي الهه آباد، بنارس، عليگڙهه ۽ دلي مان ٿي آيس. تنهنجا ٻئي خط واڌو تعارفي نوٽ جي رکيل هئا. پر انهيءَ تعارفي نوٽ بابت خبر آهي ته عبدالرحيم خانخانان چا چئي ويو آهي- ٻڌي وٺ!

"حرفے کہ نوشتے دل من ناشاد کردے!"



قطب مينار دهلي

پئي! هي کهڙو قصو آهي جو تو جهڙا چڱا مڙس ۽ ڏور نظر رکندڙ ماڻهو به اهو سمجهڻ تي پڙ ڪيڊي بيهي رهن ته کهاڻيڪار جيڪي ڪجهه لکي ٿو، ته اها هن جي پنهنجي آتم ڪٿا جي داستان هوندي آهي.

تخيل نالي کابه شيءِ ڪانهي!

انتظار حسين اهو هجرت جو ريڪٽ شروع ڪري رکيو آهي جنهن کي Cash ڪندي ۽ ان تي Thrive ڪندي ڪندي هو "تاريخ ساز" ۽ "عظيم کهاڻيڪار" ٿي ويو پر منهنجي کهاڻين ۾ به ڇڪي تاڻي autobiography ڳولي ٿو وٺين. "فوٽو گرافر" ۾ به توکي هيءَ خاکسار جلوه افروز نظر آئي. افسوس! اها ڏاڍي مايوس ڪندڙ ڳالهه آهي. اڙي پائي هيءَ هڪ Common place ننڍڙو واقعوآهي. هڪ ڊانسر ويهن ورهين ڪانپوءِ ان ئي هنڌ تي موٽي آئي جتي هوءَ جواني ۾ پنهنجي دوست سان گڏ آئي هئي. منهنجي هندستان اچڻ سان ان جو کهڙو تعلق آهي. ڇگو ٽيو جو تو مون کي فوٽوگرافر جي ناڇڻي سان ئي وجي ملايو. ٻئي چار ورهيه اڳ منهنجو ناولٽ "آگلا جنم موهے بٹیا

نہ کیجئو" چيپو هو. جيڪو لکندو جي غريب، لاوارث، خانگي "پرديدار طوائف" جي آکاڻي آهي، جيڪا پنهنجي ڏيءَ جي ڳولا ۾ ڪراچي هلي وڃي ٿي. ڪجهہ ورهيہ سختيون برداشت ڪرڻ کان پوءِ سندس ڏيءَ کي گرل ٿئي ٿي ۽ پوءِ ڏکا ڏاڍا کائيندي ٿي رهي. اها طوائف "رشڪ قمر" هندستان موٽي ٿي اچي. بيحد تباهہ حال ۽ ڏکن جي ماريل. چڪن اٽي پنهنجي پنهنجي گذر سفر ۾ مشغول ٿي ويندي آهي. اهو ناولٽ پڙهي هڪ وڏي پڙهيل لکيل پڙهندڙ مون کي ڏاڍي گنهيرتا مان سوال ڪيو. "اها اوهان جي autobiographical ڪهاڻي آهي.

ذڪر ڪيل "فوٽو گرافر" جو هنڊ هندستان نہ بلڪ سريلنڪا آهي. ڪينڊي جي هڪ گيسٽ هائوس ۾ سائوٿ انڊين ڊانسز رهيل هئي پنهنجن سازندن سان گڏ. ان کي پلاٽ ناهي مون اها ڪهاڻي لکي هئي. منهنجو خيال آهي تہ هاڻ مون کي هر ڪهاڻي ۽ ناول جي anatomy هڪ مضمون ۾ لکڻ گهرجي.



بنارس

بنارس ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي Mirt House ۾ رهي هيس جيڪو هن مهاراجا بنارس جو گيسٽ هائوس آهي. ان جي ويجهو Tay Ganges هوٽل جي اڳڻ ۾ نديشور پئلس آهي، جنهن ۾ ڪلڪتي ويندي جان عالم پنهنجي ڪتب سان گڏ انگريزن جي قيد دوران پندرهن ڏينهن ترسيو هو.

شهر جي ور وڪڙ واري هڪ گهٽيءَ ۾ هڪ مشهور حڪيم صاحب جي گهر تي استاد بسم الله خان سان بہ ملاقات ٿي. سدائين جيان Modest & Sweet

جان عالم جي پڙ پوٽي (يعني ملڪ حضرت محل جي فرزند برجيس قدر، جنهن کي جان عالم جي معزوليءَ کان پوءِ اوڏ وارن تخت تي ويهاريو هو) جو پڙ

پوٽو پرنس انجم قدر گھٽو پڙهيل ليکيل ماڻهو آهي پر کجهه natty بنارس ۾ ڪيترن ماڻهن هن کي حضور، حضور ڪري پئي سڏيو، جڏ اهو ايڏا تائين شهزادو آهي it was quite touching

1947 تائين انگريزن طرفان هن کي ۽ هن جي والد جي لکنئو وڃڻ تي بندش لاڳو هئي. آزادي ملڻ کان پوءِ پنڊت نهرو اها بندش ختم ڪري ڇڏي.

هڪ شاهوڪار دعوت ڪئي، جنهن ۾ جان عالم جون ٽمريون به موجود هيون، جن کي انهن شاهوڪار وٽ رسولن ٻائي اچي ڳائيندي هئي.

تو بنارس جي سفر جو احوال پڇيو هو اهو مون لکي ڇڏيو.

افسانو "درين گرد سواري باشد" شامل آهي. پنهنجي راءِ کان واقف ڪج. افسانو اصل ۾ "کار جهان دراز هے" جي دور جو واڌارو آهي. فقط ڪلوخان جو ڪردار هٿرادو آهي. پس منظر مرادآباد. (عيني) بمبئي 1962ع

* * * *

مان گهر موٽي آيو آهيان
پر گهر بدلجي ويو آهي
هاڻ مان سدائين ورهايل رهندس.
اتر ۽ ڏکڻ جي روح ۾
اوپر ۽ اولهه جي وچ ۾
امن ۽ ويڑهه جي وچ ۾
ڏرتي ۽ جنت جي وچ ۾ رهڻ منهنجو مقدر آهي.

اسين جڏهن به تقدير سان وڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته ڏک برداشت ڪندا آهيون.

جڏهن تقدير کي قبول ڪندا آهيون ته خوش رهندا آهيون.

پنهنجون غلطيون ورجائڻ لاءِ
هاڻ اسان وٽ ڪجهه به ناهي بچيو.
هاڻ راهون جدا ڪرڻ لاءِ وقت ناهي رهيو

(منهنجي ذاتي نوٽ بوڪ ۾ لکيل هڪ ويٺامي نظر)

* * * *

شاھ لطيف سان قرة العين کي بيحد عقيدت هئي. پنهنجي ڪتاب "ڪار جهان دراز هيء" ۾ هن "شاھ جو رسالو" جي سري سان هڪ باب لکيو آهي:

* * * *


روضو شاھ عبداللطيف پٽائي

"ڏينهن مڙيوئي ڏُون، اڄي لوڇ لطيف ڇئي."

* * * *

"شاھ عبداللطيف ڇيو هو. "هن ڏرتيءَ ۾ ايٽرن جي خاڪ موجود آهي. ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هليا ويا. زندگي ڪيتري نہ مختصر آهي!

لطيف اٺهو... جاگو... اور ڏهونڏو...!

* * * *

ٽي.ايس.ايليٽ چوي ٿو:
اپريل سڀ کان وڌيڪ بيرحم مهينو آهي
جنهن ۾ بنجر ڏرتيءَ تي گُل ڦُٽن ٿا،
۽ ساروٽين کي خواهشن سان ڳنڍائي ٿو.
۽ بر بهاران جي ذريعي مُئل پاڻ کي جاڳائي ٿو.

* * * *

هڪ پيري ايوب ڪرماني چيو هو. "روح کان به شيءِ ڪانهي. انسان مري وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ هن جي وجود جو احساس بہ ختم ٿي ويندو آهي!"
شاھ عبداللطيف پٽائيءَ چيو هو. "هتي جوڳي پنهنجي باھ ٻارين ٿا ۽

جڏهن اُهي جوڳي هليا ويا، تہ انهيءَ هنڌ تي نہ ڪڪ مليا ۽ نہ پٿر، ۽ چار اُڏامي ويئي. ۽ جوڳي پنهنجا سنک وڃائيندا پنهنجي ابدي سفر تي روانا ٿي ويا".

(کارِ جهان دراز هے)

* * * * *

علي احمد بروهي

شيخ سلطان ٽرسٽ بلڊنگ
سول لائينس، ڪراچي
آڪٽوبر 1990ع

مان روزنامہ "هلال پاڪستان" ڪراچي جو چيف ايڊيٽر ٿيس. مسٽر علي احمد بروهي شيخ سلطان ٽرسٽ جو ائڊيشنل ائڊمنسٽريٽر هو. انڪري ساڻس ڏينهن رات جو واسطو ٿيو. شروع ۾ مون کي ڏاڍو پائيندو هو، پر پوءِ سندس ورتاءُ ۾ ڦيرو اچي ويو. هڪ ڀيري ساڻس ڪچهري ۾ قرة العين حيدر جو ذڪر نڪري پيو.

- بروهي صاحب! توهان جي قرة العين حيدر سان ملاقات هئي. "کارِ جهان دراز هے" ۾ هُن توهان جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

- ها، منهنجي ساڻس ڇڳي ڇوڪي ڏينڪ ويڪ هئي. تڏهن مان خيرپور ۾ انفارميشن آفيسر هوس، تہ اُتي هوءِ خيرپور گهمڻ آئي هئي. ڊئريڪٽر انفارميشن ايوب ساڻس گڏ هو. جيڪو سندس مائٽ بہ هو. پوءِ اسان کيس موهن جي دڙي وٽي ويا هئاسين ۽ کيس خيرپور سرڪٽ هائوس ۾ رهايو هيوسين.

- توهان هن کي ڪيئن محسوس ڪيو.

- ڇڳي ڇوڪي پڙهيل لکيل مائي هئي. مون کي ياد ٿو اچي تہ موڪلائڻ مهل مون کي ڪوئي ڪتاب بہ تحفي ۾ ڏنو هئائين.

- ايوب ڪرماني چون ٿا تہ آپگهات ڪيو هو؟

- ها، سندس موت ڏاڍي عجيب طريقي تي ٿيو هو. ڪراچي ۾ هڪ بلڊنگ جي ٻاڙ فلور جي گيلريءَ مان ڪري هُو مري ويو هو. ڳالهين ڪڙ وارن کوڙ ڳالهيون ڪيون. ڪنهن چيس تہ عشق ۾ ناڪامي ملڻ کان پوءِ پاڻ کي ٽپو ڏيئي ماري ڇڏيائين... مون کي ان مهل لڳو هو تہ کيس قرة العين حيدر سان ڏاڍي دل هئي، پر هُو انهيءَ محبت جو ساڻس اظهار نہ ڪري

سگهيو. وڌيڪ خبر خدا کي.

* * * * *

شاهه جو رسالو

"ٻڌو اٿم تہ توهان ڊانس ۽ راڳ بابت کا سرڪاري فلم ناهڻ لاءِ لاهور پيا وڃو. ٽرين رستي هلو ۽ رستي ۾ لهي موهن جو دڙو بہ ڏسندا وڃو. ان کان اڳ جو اسين سرڪاري نوڪريءَ تان استعفيٰ ڏيئي ڇڏيون، توهان کي سنڌ جو سير ڪرائي ڇڏيان. اهو اٽلي موقعو اٿو اسين توهان کي اهڙن ميدبول وڌيرن جي حاويلين ۾ رهائينداسين، جو ميدبول زمانن لاءِ توهان جو سمورو فيسينيشن هوا ٽي اڏامي ويندو. تنهن کان پوءِ اوهان کي مسڪين هارين سان بہ ملاقات ڪرائيندس." ايوب پائي مون کي چيو.

رچرڊ برٽن

ايوب اسان جي پاڇائيءَ جو وڏو پاڻ پاڪستان ٽائمس گروپ جي روزاني "امروز" لاهور مان استعفيٰ ڏيئي سنڌ سرڪار ۾ اچي ڊائريڪٽر انفارميشن ٿيو هو. ۽ گانڌي گارڊن ويجهو هڪ بماڙ سرڪاري بنگلي ۾ پنهنجن ٻارن ۽ پائرن سان گڏ رهندو هو. هن جو اباڻو وطن باره بنڪي هو. ايوب، هردلعزيز ۽ گهٽرنگي شخصيت جو زنده دل انسان هو. عقيدي ۾ پڪو مارڪسٽ هو.

اُتر سنڌ ۾ خيرپور ريلوي اسٽيشن تي ايوب ۽ هن جو انفارميشن آفيسر مسٽر علي احمد بروهي بينا مرڪي رهيا هئا. اسٽيشن کان اسان سڌو خيرپور رياست جي شاهي مهمان خاني وياسين، جيڪو هاڻ سرڪاري گيسٽ هائوس هو. اولڊ ڊرائنگ روم ۾ سرچارلس نيپئر جي حيدرآباد سنڌ جي فتح جو ليٿوگراف، ۽ برطانوي راڄ کان اڳ جي ميرن جون تصويرون لڳل هيون. هڪڙي تصوير جي هيٺان لکيل هو: حضرت بندگان عالي ميرصاحب ميرمحمد خان والئ حيدرآباد سنڌ... ميرشير محمد خان ميرپور سنڌ، ميرحسن علي خان.... سمرقند ۽ بخارا ۽ سنڌ جي اميرن جون ڏاڙهيون ۽ گهاٽين ڏاڙهين واريون شڪليون. ڏيڪ ويڪ ۾ ڳرا ۽ هڪ عجيب پراسرار ٽريجڪ مون کي ڏسڻ ۾ آئي. هڪ ڪٻٽ ۾ رچرڊ برٽن (مترجم الف ليلىٰ) جي سفرنامي جا ڀاڳا رکيل

هئا. رجرڊ برٽن 1843 کان 1849 تائين سنڌ ۾ سر چارلس نيپئر (جنهن کي هند جا رهواسي شيطان جو يار ڪري سڏيندا آهن) جي اسٽاف ۾ شامل هو. اهو ئي شخص هو جيڪو عربستان ۾ جاسوسي ڪرڻ لاءِ ويس بدلائي حج تي ويو هو. هڪ پاسي جيمس ميڊن جو "دي اميرس آف سنڌ" ڪتاب رکيل هو، 1854ع جو ايڊيشن ۽ "تذڪره اولياءِ سنڌ" ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو، جنهن کي عام طور تي "شاهه جو رسالو" ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ سر بارٽل فريئر گورنر سنڌ بمبئي جي ڏيءَ جو لکيل هڪ ڪتاب- هڪ سمورو ڏکوئيندڙ دور انهيءَ ڪٻٽ ۾ بند هو. باهر باغ ۾ هنج مراقبي ۾ مشغول هئا، جيڪي شاهه لطيف جي شاعريءَ جا خاص سِمبل هئا.

منجهند جو لنچ جي ميز تي ايوب مون کان پڇيو. "سرچارلس نيپئر سان ملاقات ٿي؟"

"نه، پر صبح ساڻ دريءَ جي هيٺان ڪنهن جي ڳائڻ جو آواز آيو هو. مون باهر وڃي هن کان پڇيو ته چوڻ لڳو ته شاهه جو ڪلام ڳائي رهيو هوس.

"اسين ڪوڙي به ويندا سين، جنهن جي ويجهو شاهه جي پٽ آهي. هو سنڌ جو حافظ ۽ رومي هو." ايوب جي انفارميشن آفيسر مسٽر بروهيءَ چيو. هو مشهور قانوندان ۽ پاڪستاني هاءِ ڪمشنر مسٽر اي. ڪي بروهيءَ جو پاءُ هو. ڏاڏو پڑهيل لکيل ۽ سوئيٽ ماڻهو هو. ورهاڱي کان اڳ ۾ هو انڊين نيويءَ ۾ هو ۽ جهازين جي بغاوت ۾ بهرو وٺي چڪو هو.

"سنڌ تي تصوف جو ايترو ته گهڻو اثر هو، جو انهيءَ سبب اها سولائيءَ سان انگريزن جي قبضي ۾ هلي وئي. اقبال انهيءَ لاءِ رسمِ خانقهيءَ جي ايڏو خلاف هو." مون چيو.


روضو سچل سرمست

"هتي رياست خيرپور ۾ هڪ ڳوٺ درازا آهي، جنهن کي فقير "درِ راز" ڪري سڏيندا آهن، چاڪاڻ ته اُتي سچل سرمست پيدا ٿيو هو. هو راڳ ۽ موسيقيءَ جو ڄاڻو ۽ زبردست وحدت الوجودي هو. سچل چوي ٿو ته ڇا مان ڪٽ پتلي آهيان، ڪينهوڙو يا لاڻون گهوڙو، جنهن تي سوار موجود آهي، يا محل جنهن جي اندر ويٺل شهنشاهه ايتريون هوليون ٿو هولي، يا سمنڊ جون

لهرون جيڪي ساحل کي پڃائي ويندیون آهن، يا ميندي يا گلاب يا ڪڪرن جي پاڻيءَ سان پريل ڦوهارو، جنهن ۾ سج ۽ چند منعڪس هوندا آهن، يا خدا جو پاڇو- جيڪو ناهي- مان بہ اُهو ناهيان!" بروهي صاحب آهستي آهستي چيو "ڪيستر، من ڪيستر، من ڪيستر، درتخير مانده ام من ڪيستر"، پر سچل منهنجي خيال ۾ هڪ ڪانشس شاعر بہ هو. هن چيو پاڻ ۾ گڏجي وجو، ان کان اڳ جو سج اولهہ ۾ ٻڏي وڃي ۽ اولهہ جا رهواسي توهان کي اونداهيءَ ۾ ڦري ونڊا ۽ پهاڙن ۽ ميدانن ۾ لاشا رهجي ويندا، ۽ قدرت ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندي آهي: هاڻ بہ وقت آهي، هڪ ٽي وجو، تہ جيئن اچڻ واري تباهي کان پاڻ بچائي سگهو!" سچل 1829ع ۾ گذاري ويو، ۽ انگريزن 1843ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو.

"سچل ۾ ڪلاس ڪانشسنيس بنهہ موجود نہ هئي!" ايوب چيو.

بروهي صاحب سچل جا وڌيڪ بيت ٻڌايا—" مون اميرن جون درٻارون ڏٺيون. غريبن تي هڪ سو مصيبتون ڪرندي ڏٺيون. گدائن کي شاهہ ۽ شاهن کي گدا ٿيندي ڏٺو. علم کان اڻڄاڻ قاضي ڏٺو. اشراف لائق ماٺو، درمانده محزون ڏٺو. ڪم چور- نااهل، ڪامياب ۽ خوش. ڳجهن کي سونا پَر پائيندي ڏٺو. حاڪمن جي درن تي نيڪ ۽ پاڪ ۽ عالم فاضل ماٺهن کي بيقدريءَ جي حال ۾ ٻيٺل ڏٺو. عالمن کي دربدر ٿيندي ڏٺو. ڏاهن ماٺهن کي پائيءَ پائيءَ لاءِ محتاج ٿيندي ڏٺو. ڪتن کي سونا ڳهہ پائيندي ڏٺو. حاڪمن جي ڊپ کان ڊنل زرد چهرا ڏٺو. مغل سلطنت کي اولهہ وارن فتح ڪري ورتو، ۽ تمام جلد سنڌ بہ پهچي ويندا." سچل جي وفات جي چوڏهن ورهين کان پوءِ چارلس نيپئر سنڌ ميرن کان کسي ورتي!" مون سامهون لڳل چارلس نيپئر جي تصوير کي ڏٺو. مون کي انگريزن جي نهرايل ٽيوڊر طرز جي تعمير ٿيل ڪراچي جيم خانہ ڪلب ۾ ويٺل ميــر بنــده علــي خــان تــالپر ۽ ميــر علــي احمــد خــان

ميــر بنده علي خان تالپر　　ميــر علي احمد خان تالپر

تالپر ياد اچي ويا. ۽ مون ٻي پراڻي تصوير تي نظر وڌي. حضرت بندگان عالي مير صاحب شاھ محمد خان ميرپور سنڌ... مير حسن علي خان تالپر، مير...."

اسين لينڊروور ۾ حيدرآباد... کوٽڙي، سکر ۽ لاڙڪاڻي لاءِ روانا ٿياسين. رستي ۾ ائينڪ قديم مقبرا ھئا. ڏرتيءَ ۾ ھيترن جي خاڪ موجود آھي. کھڙا کھڙا ماٺھو ھليا ويا. زندگي کيڏي نہ مختصر آھي.

رستي ۾ ھڪ ھنڌ صحرا تي اوچتو ڪکر مڙي آيا. سياري جي بوند بھار، سانوڻ، شاھ سُر سارنگ ۾ چيو آھي، "سارنگ (بارش) کراڙ ڏنڊ کي تارون تار ڪري ڇڏيو ۽ ڏرتي سائي ٿي وئي." ۽ ھڪ ھنڌ چيو اٿس، "ڇوڏس کنوڻ پئي چمڪي. ڪکر ڪارونيار ھر پاسي کان پکڙجي ويا. استنبول، چين، سمرقند، روم، قندار، دلي، دکن، گرنار، جيسلمير، بيڪانير، عمرڪوٽ..... سنڌ تي ۽ مينھن وساءِ، ان کي سکيو ۽ سائو ڪري ڇڏ!"

ڏينڊن ۽ ٻيلن ۾ تترن پئي ٻولايا. ھنج، ٻگھہ، باز، طوطا، مور، ڪونڊن ۽ واھٽن ۾ مغلن ۽ ڪلھوڙن جي دور جا نھيل گھر، ۽ اس ۾ تنھا صحرا! شاھ چيو ھو: صحرا، جتي پکين جو گذر ناھي، اتي جوڳي دونھين دکائين ٿا، ۽ جڏھن جوڳي ھليا ويا، تہ اُتي نہ ڪک مليا نہ پٽر. چار اڏامي ويئي ۽ جوڳي پنھنجا سنک وڃائيندا، پنھنجي ابدي سفر ڏانھن روانا ٿي ويا. بروھي صاحب چوڻ لڳو تہ معرفت جي اصطلاح ۾ ڪيچ مڪران اُھو سنھري شھر آھي، جتي شھزادو پنھون (يعني ذات حق) رھي ٿو ۽ پنيور جي مالدار ڏوہيءَ جي ڏي سسئي انسان جو روح آھي. سنڌ جا پھاڙ ۽ درياھ ۽ ريگستان سالڪ جي راھ جا اھنج آھن. شاھ چوي ٿو، ھن سفر ۾ گھُرجائوءَ ڪي "لا" جو خنجر پاڻ سان گڏ رکڻ گھرجي ۽ سسئي خطا جا نيڻ ۽ ھما وانگر لا انتھا جاکوڙ جو گرُ سکي ورتو آھي....

"توھان کي خبر آھي تہ شاھ جي وفات ڪيئن ٿي ھئي؟ پاڻ پٽ شاھ کان زيارت لاءِ ڪربلا معليٰ ٿي ويا. اجا پٽ کان سڏ پنڌ اڳتي وڌيا، تہ رستي ۾ ھڪڙي درويش سان سندن ملاقات ٿي. ھن پڇيو تہ شاھ ڪيڏانھن ٿو وڃين، جو تنھنجو پنھنجو سفر ويجھو اچي پھتو آھي! اھو ٻڌي ھو واپس وريا ۽ اچي ڪارو ويس اوڍيائون، ۽ سُر ڪيڏاري ۾ شھادت حسين تي پنھنجو مرثيو پڙھڻ لڳا. ويھ ڏينھن اعتڪاف ۾ وينا رھيا. ان کان پوءِ راڳ جي محفل ڪرايائون، ۽ جڏھن فقيرن راڳ پورو ڪيو، تہ ان وقت شاھ جو روح پرواز ڪري چڪو ھو."

"روح ڪا شيءِ ڪانھي. انسان مري وڃي ٿو ۽ ان سان گڏ ھن جي وجود جو احساس بہ ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ان کان پوءِ ڪجھ بہ ڪونھي." ايوب، جيڪو

مادیت پرست مارکسٽ هو. پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو.

سکر ضلعي ۾ واهه جي پاسي کان ليندرووَر ڪچي رستي تي هلندي پئي وئي. بروهي صاحب پنهنجي بروهي قبيلي بابت ٻڌائڻ لڳو. جنهن جي ٻولي انڊوآريائي سنڌي بدران دراوڙي لساني ڪٽنب سان واسطو رکي ٿي. بروهي صاحب چيو ته "اسان وٽ ڪائي نينگري پڇي وڃي ته مٿي تي ڪفن ٻڌي پوءِ پڇندي آهي."

- "الله... يعني ڪفن ٻڌي...؟" مون ڏڇي پڇيو. "ها، بلڪل، اصلي نئين لٹي جو ڪفن ٻڌي گهر کان نڪرندي آهي. قبيلي جا ماڻهو سندس پويان پوندا آهن. پوءِ جيڪڏهن جهلجي پوي ته ڪيس گهر آڻي باقاعدگيءَ سان ڪنوار ٻڌايو ويندو آهي."

مون چيو، "چئبو ته اوهان جو قبيلو ايترو روشن خيال آهي."

"هن کي ڪنوار ٻڌايو ويندو آهي ۽ پوءِ سمورو ڪٽنب هن سان گڏوگڏ هلندو آهي، ۽ ڪيس درياهه تائين وٹي ويندا آهن، ۽ پوءِ اتي ڪيس اوڪڙو ويهاري، سندس هٿ پويان ٻڌي ڇڏيندا آهن ۽ هڪ ڪهاڙيءَ سان هن جو سر ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندا آهن"، بروهي صاحب چيو.

"ماءِ گاڊ!" مون عجب مان چيو.

"چو، ڇا هڪ شريفزادي اهڙي ڪٹي حرڪت ڪري ته ڇا هن کي سزا نه ڏٹي وڃي؟"

مان اچرج مان هن جي منهن کي تڪڻ لڳس. هو هڪ انٽيليڪچوئل ماڻهو هو ۽ خيرپور ريلوي اسٽيشن تي هن مون کي ادبي تنقيد جو هڪڙو آمريڪي ڪتاب The Creative Process تحفي طور ڏنو هو. هو اهڙي ڳالهه ڪري رهيو هو ۽ پوئين سيٽ تي ويٹي ڪليو.

مون چيو ته بروهي صاحب! جنهن ڏرتي سسئي، سهٹي ۽ مارئي جهڙيون همت پريون ۽ باشعور هيروئنون تخليق ڪيون آهن، اتان جي نينگرين سان هڪڙو ظالماڻو ورتاءُ؟"

ڊرائيور هڪ پيٽرول پمپ جي سامهون ليندرووَر بيهاري. بروهي صاحب هڪ چاءِ جي هوٹل ڏانهن هليو ويو. مون چيو "ايوب پائي! هي بروهي صاحب هڪ عجيب ماڻهو نڪتو! هڪ انقلابي تحريڪ ۾ بهرو به وٹي چڪو آهي، ايتريون ساريون پروگريسو ڳالهيون ٻ پيو ڪري، پر پوءِ هڪڙي نينگريءَ ڪي موت جي سزا ڏيڻ جي حمايت پيو ڪري!"

ايوب چيو، "ڪيترن وڏن عالمن وٽ مرتد جو قتل جائز هو. پي ڳالهه اها

تہ قديم قبيلائي ذهنيت اڄا تائين هنن ماڻهن جي لاشعور ۾ ڪٽي لکل هوندي. هو پوڙهو، جنهن جو نالو ڪارل مارڪس آهي، چوي ٿو. "

"ڳنڊيريون ڪائو" بروهي صاحب جو آواز آيو. ڪارن ڪپڙن، وڏي پگڙ، ۽ ڪارين غلافي اکين وارو سندي، ڳنڊيريون ڪنيو، ڪنهن آلادين جي جن وانگر ڏنڊلڪي مان ظاهر ٿيو.

بروهي صاحب کلي چوڻ لڳو ته "مون فقط توهان کي 'شاڪ' ڪرڻ لاءِ چيو هو. اها قبيلائي رسم اسان وٽ گذريل صديءَ تائين رائج هئي. هاڻ ائين گهٽ ٿو ٿئي. ظاهر آهي ته مان اهڙي ظالمائي رسم کي ڪيئن ٿو صحيح سمجهي سگهان. مون فقط اوهان جو ردعمل ڏسڻ پئي گهريو. "

ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سج لهڻ جي رنگارنگي روشنيءَ ۾ اسان موهن جي دڙي ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکيو. هڪ قديم انسان سان گڏ، جنهن جا شروعاتي دراوڙي اباڻا ڪنعان، سُمير ۽ عراق جي ساموندي ڪنارن ڪان نڪتا هئا. وقت ۾ اسين پوئتي سفر ڪري رهيا هئاسين. پوئتي ۽ پوئتي ۽ پوئتي.....!

When you Hear the Tone The Time Will Be- When You Hear the Tone

موهن جي دڙي جي ميوزيم جي هڪ ڪمري ۾ بين راندين سان هڪ ننڍڙي منيءَ جي ڊگي گاڏي رکيل هئي ۽ ميوزيم جي ٻاهران بلڪل اهڙي ساڳي ڊگي گاڏي ڪچي رستي تان پئي ويئي. پنجن هزارن ورهين اندر انهيءَ ڊگي گاڏيءَ ۾ ڪوئي فرق قيرو نہ آيو هو!



موهن جو دڙو

موهن جي دڙي جي اچين اجرين گهٽين مان لنگهندي ڊائريڪٽر آف آرڪيالاجي هڪ پٽ جي سرن مان ڪجهه ٽانون جا ٻه چار ٽڪرا مون کي ڏنا. (جيڪي بدقسمتيءَ سان مون بعد ۾ ڪٽي وڃائي چڏيا.) هڪ هنڌان هن هڪڙو ننڍڙو هڏو ڪٽي ان کي ڏيان سان ڏٺو. ”مون چيو ته مان ڪنهن نوجوان جو هڏو تحفي ۾ ٿو توهان کي ڏيان. اٽلي سوڪڙي آهي.“

مون هُن جو ٿورو مڃي پنج هزار ورهيه اڳ مري ويل انهيءَ انسان جو هڏو ڪٽي پرس ۾ رکي چڏيو!

اڄي واريءَ جون چُرندڙ پٽن، زرد صحرا، سرمئي شاهراهه، اُٽن جا قافلا ۽ نٽي جو مشرقي گوٽڪ، جنهن جي رازن جي کوجنا ڪرڻ گهرجي. قديم اوجين قبرن جو منفرد حسن، جهڙيءَ ريت ترڪيءَ جي ٽڪنڊن گنبذن وارا مقبرا، پراسرار ملتان، سر رچرڊ برٽن جي ليٽوگراف مان اوچتو نڪري اسان ڏي وڏيا. اوليائن جي مزارن جو پورو هجوم اسان سان گڏوگڏ هلندو ٿو رهي. وارث شاهه جا ڪن ڦاڙ جوڳي، وٽن هينان مرليون وڄائيندا هئا. ڪنڊرن ۾ سائيبريا کان آيل پکي آرام ڪري رهيا هئا. قيد ٿيل انسان جو ڏڪ ڏاڍو گهرو آهي. مرو، بلخ ۽ ملتان جا مسافر، سنڌو درياهه جو سفر ڏکهو آهي .... وقت هڪ اهڙو ڪتو آهي، جيڪو پونڪندو پونڪندو اسان کي دوزخ جي ڦاٽڪن تي ٿو پهچائي چڏي. ڪنهن چيو هو دوزخ هِتي به آهي، ۽ هُتي به!

خيمو گاهه عمر مارئي ....

مارئي ملير ڳوٺ جي رهواسڻ هئي. انهيءَ ڳوٺ جي ميندي ڏاڍي مشهور هئي. ارڙهين صديءَ ۾ شاهه عبداللطيف پٽائي عمر مارئيءَ جي قصي کي ڳايو. جيڪو

”پٽولا پنهوار کي، عُمرا! آڄ مَ ٽون
وَرُ لوئيءَ جي لُون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.“

سسئي پنهون، هير رانجهي، سهڻي ميهار، ميرزا صاحبان وانگر پنجاب ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن جي معرفت جو هڪ ٻيو گيت هو. ملير، ڪيچ، عمرڪوٽ، سنڌ ۽ ڇاڪ ۽ شهزادا ۽ مهاڻيون ۽ ڪنير- سڀ تصوف جون علامتون هئا. هاڻ، ڪيچ هڪ ڪنڊر هو، جنهن جي ڪوٽائيءَ ۾ آرڪيالاجسٽ مشغول هئا. ملير هڪ ڪئنٽونمينٽ. مهاڻيون اصل ۾ غربت ۽ ڏڪ ۾ ٻه جيئريون هيون، جو انهن سان ڪنهن به قسم جو روحاني خيال نٿي ڳنڍيجي سگهيو. تصوف اڄ ٻه سنڌي ڪلچر جو بنياد هو ۽ شاهه عبداللطيف جون وايون يڪتارا ۽ مَٽ وڃائي ڳايا ويندا هئا. پر اهو ڪلچر ڪراچيءَ جي Hanter And ۾ لڪل هو.

آڏيءَ رات جو ماري پور ڳوٺ ڪان صحرا ڏي ويندي ڪوئي اونـي چانڊوڪي رات ۾ عمر مارئيءَ جي وائي ڳائيندو هوندو: "پيرين پوندي سانءِ... چوندي سانءِ... رهي وچ رات ڪيچ ۾!...الله، چوندي سانءِ..." اهو تصور عبدالرحمان ڇغتائيءَ جي ڪنهن پئنٽنگ وانگر مسحور ڪندڙ ۽ رومانٽڪ هو. پر اصل ۾ ماري پور ڳوٺ مهاڻن جي هڪ گندي وستي هئي، جيڪا ڪراچي شهر کان ست اٺ ميل پري ساموندي ڪناري تي واقع هئي!

("ڪار جهاز دراز هيے" مان)

* * *

25 جولاءِ 1988ع

هينلي هائوس هوٽل

ارلس ڪورٽ، لنڊن

آ، عاشق بٽالوي ۽ سائوٽ ايشيا جي مسٽر جان سان گڏ هائيگيٽ ۾ ڪارل مارڪس جي مزار ۽ سوهو جي علاقي ۾ ڪارل مارڪس جي گهر ڪان ٽي، اچي منهنجي هوٽل تي پهتا هئاسين. هائي گيٽ ۾ ته ڪارل مارڪس جي قبر تي سولائيءَ سان وڃي پهتا هئاسين، پر برٽش ميوزيم ڪان نڪري سوهو جي علاقي ۾ ڪارل مارڪس جي گهر ڳولڻ ۾ ڏاڍي



ڪارل مارڪس

جاکوڙ ڪرڻي پئجي ويئي هئي. عاشق بنّالوي پيريءَ سبب گهٽو هلڻ کان هلاک، جڏهن ته مسٽر جان کي مارکس جو گهر وسري ويو هو. آخرڪار سوهو جي علاقي ۾ واقع اها هوٽل وڃي ڳولي لڌيسين، جنهن جي پهرئين ماڙ جي ڪمري ۾ ڪارل مارڪس آخري پساهه ڏنو هو. غربت جا انتهائي خوفناڪ ڏينهن ڪارل مارڪس ۽ سندس زال انهيءَ گهر ۾ ويهي گهاريا هئا. لاجنگ ۽ بورڊنگ هائوس واري ۽ ماڙ عمارت جي مٿان ڪارل مارڪس جي نالي وارو پٽر لڳل هو. سوهو کان واپس اچي مون واري هوٽل تي پهچندي، اوچتو، عاشق بنّالوي چيو هو، "مدد! تون هن هوٽل ۾ رهيل آهين چا؟"

"ها، همايون گوهر صاحب مهرباني ڪري مون کي هن هوٽل ۾ رهايو آهي،" مون ورندي ڏني هئي.

"منهنجو فليٽ به توڙ کان سڏ پنڌ تي آهي. هو سامهون ارلس ڪورٽ ٽيوب جي پر واري گهٽيءَ ۾!"

پوءِ چوڻ لڳو: "بي هڪ حيرت انگيز ڳالهه توکي ٻڌايان ٿو. آپا نذر سجاد ۽ قرة العين حيدر 1960ع ۾ ڪراچيءَ کان جڏهن لنڊن آيا هئا، ته هن ئي هينلي هائوس هوٽل ۾ اچي رهيا هئا."

۽ پوءِ هن جهوني مسلم ليگي، جيڪو علامه اقبال سان گڏ مسلم ليگ پنجاب جو سيڪريٽري جنرل رهي چڪو هو، ماضيءَ جون ڪيتريون ئي دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون هيون.

* * *

ڪٽي نه ڪٽي برهه کي رات ....

قرة العين حيدر پچاڙيءَ ۾ ننڍي ڪنڊ جي مشهور ڪلاسيڪل راڳي استاد بڙي غلام علي خان جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ هڪڙو ڪتاب استاد جي شاگرديائي مالتي گيلاني سان سال 2003ع ۾ لکيو هو. ڪتاب جو نالو هو:

پير علي محمد شاهه راشدي

Ustad Badc Ghulam Ali Khan, His Life And Music.

ڪيس استاد بڙي غلام علي خان ۽ استاد بسم الله خان سان بيحد محبت

هوندي هئي. هيئي هندستاني موسيقيءَ جا بادشاهہ ۽ سندس وانگر خودداريءَ جا راجا هئا. استاد بڙي غلام علي خان کي مون ننڍڙي هوندي سيوهڻ ۾ حضرت قلندر لال شهباز جي سجاده نشين سيد گل محمد شاهہ لکياري جي اوطاق تي ڳائيندي ڏٺو هو. بابي مرحوم سان گڏ راڳ جي محفل ۾ وينا هئاسين. محفل ۾ لاهور جون ناڇڻيون ۽ ڳائڻيون گهڻيون هيون، پر استاد کي خصوصي وارو ڏٺو ويو هو. ياد اٿم، بابا ڏاڍي ڏيان سان هُن جو راڳ ٻڌي رهيو هو ۽ اسين ٽيئي پائر بابا جي پر ۾ وينا هئاسين. پنڊال ۾ پيٽرومڪس بتين جي روشني هئي.

بعد ۾ استاد پاڪستان ڇڏي پارت هليو ويو. جو ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي ريجنل ڊئريڪٽر زيد.اي.بخاري سندس ريڊيو پروگرام بند ڪري ڇڏيا هئا. هاڻ استاد جو گذر ڪٿان ٿئي؟ مرحوم پير علي محمد شاهہ راشديءَ مون کي هڪ پيري ٻڌايو هو تہ "جڏهن استاد بڙي غلام علي خان هتان جي حالتن کان مايوس ٿي پاڪستان ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو تہ مون کيس گهرائي منع ڪئي تہ استاد پاڪستان ڇڏي نہ وڃ. مان توکي سنڌ ۾ زمين ونڊي ٿو ڏيارياں، ويهي هتي ٻچن جو گذر سفر ڪر!" انهيءَ تي استاد وراڻي ڏني هئي: "پير صاحب! سڄي زندگي تانپورو ڪنيم، هاڻي اهي هٿ ڪٿان ٿا هر هلائي سگهن!" ۽ پوءِ هو هميشہ هميشہ لاءِ پاڪستان ڇڏي پارت هليو ويو. اها ڳالهہ مون اسلام آباد ۾ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد غوث علي شاهہ کي ٻڌائي هئي. ان وقت اسين اسلام آباد ڪلب ۾ ڊنر تي وينا هئاسين. سائين غوث علي شاهہ تڏهن وفاقي وزير هو ۽ هن منهنجي دعوت ڪئي هئي. شاهہ صاحب چيو هو "استاد وڏو فنڪار هو ۽ هن زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري پيرو فقط مغل اعظم فلم ۾ ٻہ راڳ ڳايا هئا، جاکاڻ تہ فلم جو ڊئريڪٽر کي. آصف وٽس هلي ويو هو. کي. آصف ڪڏهن بہ پنهنجي ڪار نہ ورتي ۽ سدائين ٽيڪسيءَ ۾ هلندو هو. کي. آصف جڏهن ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿي استاد وٽ پهتو تہ پهرئين استاد انڪار ڪري ڇڏيو، پر پوءِ هن مغل اعظم ۾ ڳائڻ لاءِ هاڪار ڪئي، پر راڳ جو معاوضو هن لتا منگيشڪر کان وڌيڪ ورتو هو.

سيد غوث علي شاهہ

* * *

مان ديوتائن بابت گهڻو نڙو ڄاڻان،
پر مان سمجهان ٿو تہ درياهہ
هڪ سگهارو ديوتا آهي، تيز ۽ ڪاوڙيلو،
پنهنجي موسمن ۽ پنهنجي غيض و غضب جو مالڪ،
هو اُنهن شين جي ياد ڏيارينڊو رهندو آهي، جن کي انسان
وسارڻ گهري ٿو
هو منتظر آهي ۽ ڏسي ٿو ۽ منتظر آهي
درياهہ اسان جي اندر آهي، سمنڊ ان کي گهيري رکيو آهي،
انت ڪٿي آهي - بنا آواز دانهن جي،
سرءُ ۾ ڇپ ڇپات ۾ ڪومائيندڙ گلن جو
جيڪي ڇپ ڇاپ پنهنجون پنکڙيون ڪيرائيندا آهن
ماٺهو بدلجي وڃن تا، مُرڪن ٻہ تا، پر ڪرب موجود رهي ٿو
مستقبل هڪ مڏم گيت آهي
۽ انهن لاءِ، جيڪي اڃا پشيمان ٿيڻ لاءِ
پيدا نہ ٿيا آهن،
پشيمانيءَ جو ڳاڙهو گل
جيڪو هڪ اهڙي ڪتاب جي زرد ورق ۾ رکيل آهي،
جيڪو ڪڏهن ٻہ نہ کوليو ويو آهي
اڳتي وڌو، توهين جيڪي سمجهو تا تہ سفر ۾ آهيو،
توهين اُهي ناهيو، جن بندرگاهن کي پوئتي ٿيندي ڏٺو،
يا جيڪي ٻئي ڪپر تي لهندا،
انهيءَ پل، جو ٻنهي ڪپرن جي وچ ۾ وقت بينل آهي
مستقبل ۽ ماضيءَ کي هڪجهڙو ڏيان ڏيو.
اڳتي وڌو!
۽ مسافرو ۽ ملاحو
توهين، جيڪي پٽڻ تي لهندؤ ۽
توهين، جن جا جسم سمنڊ جا فيصلا سهندا،
يا جيڪي ڪجهہ ٻہ توهان تي گذرندو، اهو توهان جو ماڳ هوندو،
ڪرشن، ارجن کي يُدّ جي ميدان ۾ چيو:

موڪلاڻي نہ، پر - اڳتي وڌو.
مسافرو!

(قرة العين حيدر جي ناول "آگ کا دريا" پر ڏنل ٽي.ايس.ايليٽ جي هڪ ڪوتا جو اٿپورو ترجمو)

* * *

هوءَ آهستي آهستي هلندي وڃي گجراتي نينگرن ۽ نينگرين جي گريا ۾ وڃي شامل ٿي. جيڪو باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ هلندڙ هو.

هے گوند راگھوچرن اب توجیون هارے،
سنده کے کنارے، سنده کے کنارے.

چوڪرين ورجايو:

سنده کے کنارے، سنده کے کنارے!

نچندي نچندي هن جي من کي ڇڙ ڪنهن ڏڪ هٽي وڌو. سنڌ؟... سنڌ تہ پاڪستان ۾ آهي. ۽ پوءِ هن کي اوچتو ياد اچي ويو. اها حقيقت آهي. ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو آهي. ۽ قومون آهن. مان مسلمان آهيان.....

(ناول "آگ کا دريا" مان)

* * * *

سکھي پيا کو جو ميں نہ ديکھوں
تو کيسے کاٹوں اندھيري رتياں.

(امير خسرو)

* * *

مهاتما ٻُڌ چيو آهي:

سروم... دکم... دکم!

سڀ ڪجهہ دک آهي. پر دُک ڇو ٿو جنم وٺي؟ اڪيلائپ مايوسي ٿي پيدا ڪري ۽ زندگي سڄي صبح جي تاري جيان آهي. جيڪو اسر مهل اوپر کان اڪيلو اپري روشنيءَ جي اوسيئڙي ۾ ٿو کوڄي وڃي.

ابديت ۽ فنا جي ڏنڊ ۾ آهي سڀ ڪجهہ وکوڙيل. باقي رهجي وڃن تا چڙو اسان جا آواز ۽ ماٺهن جو آتمائون! آتمائون سدائين وَهندڙ درياهہ جي پاڻيءَ مٿان پيون لامارا ڏيندیون آهن. تڏهن تہ شاڪيہ مني چوي ٿو تہ حقيقت فقط اها آهي تہ دُک موجود آهي. محبت بيڪار آهي. سڀ مهاموهہ آهي. سڀ مايا آهي.

سپ ڏک آهي. شروع ۾ نہ وجود هو، نہ عدم وجود. هر شيءِ غير حقيقي آهي، پوءِ هتي خواهشن جو گذر ڪٿي؟ ڪير خواهش ڪري ۽ ڪهڙي شيءِ جي؟ ڪنهن بہ شيءِ جو ٻئي ڪنهن سان ڪو بہ تعلق ڪونهي. اسين، جيڪي سمجهون ٿا تہ اسين آهيون، پر اسين فنا ۾ ٻڏل آهيون. هر شيءِ تڪليف آهي. سروم...دڪم... دڪم! هر شيءِ فنا آهي. جسم ۽ روح جي ڪابہ اصليت ڪونهي. روح لازوال ڪونهي. فقط هن کي ٽاهيندڙ باقي بچن ٿا. روح جو ڪوبہ آواگون ڪونهي. محض ڪرم جو آواگون آهي. انسان اهڙيءَ ريت اوچتو وسامي وڃي ٿو. جيئن ڪنهن ڏيئي کي ڦوڪ هٽي وسائي ڇڏبو آهي. فقط واقعات ۽ احساسات جي دور جو تسلسل قائم آهي، ۽ رهندو!"

* * *

جنوري 1980ع

اروڙ

ادا وڏو ممتاز ۽ آءٌ سڪر ڪان اروڙ گهمڻ آيا هئاسين ۽ اروڙ جي هڪ پهاڙيءَ تي بيهي اولهہ ۾ لهندڙ سج جو نظارو ڪري رهيا هئاسين. مٿي سياري جي آڪاس مان ڏيري ڏيري انڌيرو لهي رهيو هو. پريان ڪنهن ڪڪائين گهر ۾ برپل ڇُلهہ جو دونهون آڪاس جي اونداهيءَ سان مڪاميلو ڪري رهيو هو. اوچتو ادا وڏي چيو هو، "مدد علي! چا مرڻ کان پوءِ هر شيءِ ختم ٿيو وڃي؟"

"دادا! چون تہ ائين ٿا.

- مون ڪجهہ وقت اڳ قرة العين حيدر جي ناول "آگ کا دريا" جو شروعاتي باب ڏاڍي ڏيان سان بار بار پڙهيو آهي. تنهنجو چا خيال آهي.

- دادا، دل تہ ڪانہ ٿي مڃي، تہ مرڻ کان پوءِ چا واقعي سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ٿو. قرة العين حيدر تي گوتم ٻڌ جو اثر رهيو آهي. ٻڌ جي فلسفي موجب مرڻ کان پوءِ آتما جو ڪوئي وجود باقي نٿو رهي.

- توکي خبر آهي تہ مصر جي صدر جمال عبدالناصر مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ الاهرام اخبار جي ايڊيٽر حسنين هيڪل کي چا چيو هو؟

- نہ.

- ناصر حسنين هيڪل کي چيو هو تہ حسنين چا مرڻ کان پوءِ واقعي زندگي ختم ٿيو وڃي؟ ڪجهہ بہ باقي نٿو رهي؟ جواب ۾ هيڪل ڪيس چيو هو لڳي تہ ائين ٿو. ناصر ٻيهر چيو: هيڪل، جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ باقي نٿو رهي تہ اها ڪيڏي نہ ڏريجدي آهي، جو زندگيءَ کان پوءِ ڪجهہ بہ باقي نٿو رهي تہ اها ڪيڏي نہ ڏريجدي آهي، جو زندگيءَ کان پوءِ ڪجهہ بہ باقي نٿو

رهي - ۽ پوءِ ڪجھ ڏينھن ڪان پوءِ ناصر مري ويو.

- دادا، ڪي ماڻھو چون تا تہ روح ختم نٿو ٿئي، زندگيءَ جو تسلسل ڪنھن نہ ڪنھن شڪل ۾ باقي رهي ٿو.

ادا ممتاز، سامھون، اروڙ جي ميدان ڏانھن ڏسندي اداسي مان چيو ھو: ڪيڏي نہ ٽريجڊي آھي، جو ھڪ پيرو زندگي ملي ٿي، ۽ پوءِ مرڻ ڪانپوءِ سڀ ڪجھ ختم ٿيو وڃي، ڪجھ بہ باقي نٿو رهي.

۽ انھيءَ ڪان پوءِ ادا ممتاز 27 آڪٽوبر 1980ع جي آڏيءَ رات جو ھميءُ جھان ڇڏي ويو.

* * *

سارئے جھگڑے تھے زندگاني کي انيس،
جب ھم نہ رھے تو کچھ بکھيڑا نہ رھا.

(انيس)

* * *

آگسٽ 1996ع

خيرپورميرس

آءٌ سرڪٽ ھائوس خيرپور جي اولڊ بلڊنگ جي ورانڊي ۾ وينو ٻاھر سانوڻ جي وَسندڙ مينھن کي ڏسان. ڪا دير ٿي آھي، جو ايجا بجلي نہ آئي آھي. سرڪٽ ھائوس جي جافري وارين درين مان سانوڻ جو مينھن اندر اچي رهيو آھي. اوچتو ٻاھر ڪنوڻ چمڪي ٿي، ۽ آسمان ۾ گوڙ جا ايڏا وڏا ڏکاءَ ٿيڻ ٿا، جو مون ڪان چرڪ ٿو نڪري وڃي! مان ڪيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري پنھنجو وساٹل سگار ٿو دکايان. ماچيس جي برنڊ تيلي منھنجي ھٿن ۾ آھي ۽ ٻاھر ھڪ پيرو ٻيھر ڪنوڻ چمڪي ٿي. مون کي پنھنجي اخباري عيوضي حاجن سمنگ ۽ شاعر مختيار ملڪ جو انتظار آھي، جن سان ٻاھر ڪنھن ھوٽل ۾ خيرپور جي اديبن جي دعوت آھي. سڄو اولڊ سرڪٽ ھائوس اوندھ ۾ ٻڏل آھي. مون کي وينڊي ياد اچي ٿو تہ قرة العين حيدر ڪڏھن ھن ئي سرڪٽ ھائوس ۾ اچي رهي ھئي. ان وقت کان وٺي اڄ ڏينھن تائين خبر ناھي تہ ڪيترا ماڻھو ھتي آيا، ۽ وقتي طور تي ھتي ترسي ھليا ويا. ھي اولڊ سرڪٽ ھائوس آھي، سرڪٽ ھائوس آھي نہ، پر ڇڙو ھڪ آھي گذر گاھ. مون کي ان وقت الائي ڇو ڏاڍو ڊپ وکوڙي ويو. اندر سُنسان، اونداھيءَ ۾ ٻڏل ڊرائنگ روم، ڪمرا ۽ ورانڊي ۾ وينڊ ڪرسيءَ تي مان اڪيلو اڪيلو، سگار

سان گڏ. مان پنهنجي ڊپ کي لڪائڻ لاءِ سگار جا وڏا وڏا ڪش هٽان ٿو. ايتري ۾ باهران ٽارچ جي روشني ۾ ٻه پاڇا ايندي ڏسان ٿو. ويجهو اچڻ تي خبر پوي ٿي ته اهي ٻئي ڇٽا مختيار ملڪ ۽ حاجن سمنگ آهن. هو ٻئي اچن ٿا ته منهنجي اندر جو ڊپ جهڪو ٿئي ٿو. هو ٻئي اچي منهنجي پر ۾ خالي ڪرسين تي ويهي رهن ٿا. مان مختيار کي چوان ٿو. " اڄ مينهن بند ٿيڻ جو نالو ئي نٿو ونيِ!"

"ادا! اڄ برسات ڏاڍي پيئي آهي. بس، بند ٿئي ته باهر نڪرون ٿا. دوست هوٽل ۾ پهچڻ وارا هوندا." مختيار ملڪ چوي ٿو.

"مختيار! خبر اٿئي ته قرة العين حيدر به هن سرڪٽ هائوس ۾ اچي رهي هئي!"

"نه ادا! مون کي خبر ناهي، پر هاڻي خبر پيئي ته توهان انهيءَ ڪري هن پراڻي عمارت ۾ رهڻ تي زور پريو هو"

"ها، هن عمارت ۾ مان انهيءَ ڪري ترسڻ تي چاهيو."

"تڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر احمد بخش کوکر چيو پئي ته مدد صاحب آخرڪار سرڪٽ هائوس جي نئين عمارت ۾ رهڻ بدران پراڻي عمارت ۾ ڇو رهڻ تي پيو زور ڏئي." حاجن سمنگ چوي ٿو.

اوچتو لائيٽ اچي وڃي ٿي ۽ چئني پاسن کان چانيل اوندهه روشني ۾ ٽي بدلجي وڃي. ايتري ۾ وسندڙ مينهن به بند ٿو ٿي وڃي، ته اسين باهر نڪرڻ جي تياري ٿا ڪريون. ڪجهه دير ۾ سرڪٽ هائوس جي عمارت کان باهر نڪرون ٿا. باهر سرڪٽ هائوس جا ڊگها ڊگها وڻ، اُنهن جا پاڇا ۽ سامهون سنسان رستو. اسين باهر ڪار ۾ وڃي ويهون ٿا ۽ ڪار خيرپور جي رستن تي ڊوڙندي ٿي وڃي. مٿي آسمان تي جهڙ جي وچ مان اوچتو چند ليئا پائي اسان کي ڏسي رهيو آهي. مون کي خيرپور جا رستا ڏسي، قرة العين حيدر جو ناولٽ "سيتاهرن" ٿو ياد اچي، جنهن ۾ سيتا ميرچنداڻي خيرپور اچي

ٿي. شايد قرة العين حيدر خيرپور جي ٽوئر جو عڪس پنهنجي ناولٽ "سيتاهرن" ۾ ويهي چٽيو آهي. اسان جي ڪار فيض واهه جي پر مان لنگهندي پئي وڃي. مان سامهون فيض واهه جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪڪرن جي وچ مان ترندڙ چند کي ڏسان ٿو. جيڪو اسان سان گڏ سفر ڪندو پيو وڃي. ۽ سامهون

خيرپور شهر جي گهٽين ۾ اونداهي آهي ۽ گهرن جا رهواسي مٿي ننڊ ۾ ستل کي سپنا ڏسي رهيا آهن (۽ وقت ڊوڙي رهيو آهي. اڳتي گهٽو اڳتي ڊوڙندو پيو وڃي. وقت جي تيز رفتار ڊوڙ ۾ هي اونداها پاڇا ڪنهن جا آهن؟ وقت کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهبو. خواهش کي ڪير به سمجهي نه سگهندو!)

* * * *

پيئي جا پريات، سا ماڪ مرَ پانئيو ماٺهُا،
روئـــي رڙي رات، ڏســـي ڏکويـــن کـــي.
(مخدوم نوح رح)

- داستان گوئي هڪ آرٽ آهي.

- پر آرٽ ڇا آهي؟

- آرٽ هر انهيءَ شيءِ جو نالو آهي، جنهن کي انسان فطرت (Nature) سان برميچي سگهون. آرٽ ۽ نيچر کي انسان جو ذهن جُڳن کان جوڙيندو پيو اچي.

هڪ مشهور فلاسفر سرٽامس برائون چويٿو. "تمام شيون جڙتو آهن، ڇاڪاڻ ته نيچر خداوند تعاليٰ جو فن آهي."

- آرٽ؟

- لفظ آرٽ لاطيني ٻولي جي لفظ ARS مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي شين کي خاص طور تي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ يا جوڙڻ.

- جرمن لفظ ڪنسٽ (Kunst) جي معنيٰ آهي "مون پيدا ڪيو.!"

- ڪائنات ۾ پکڙيل سڀڻين شين کي سمجهڻ ۽ انهن کي پنهنجي فن ۾ اهر جاءِ ڏيڻ.

- جهڙوڪر چند، تارا، چانڊوڪي، گل ڦل ۽ خوبصورت ۽ سهڻو چهرو!

- آرٽ اوتروئي قديم آهي، جهڙو انسان پاڻ!

بزم دنيا کي تو دل سوزي سني هوگي ميرِ،
ڪس طرح شام هوئي، يان سحر پروانہ!

* * *

مهاتما ٻڌ کان ٻ اڳ جي مهان آتما مهاوير چيو هو. "ايشور جو ڪوئي وجود ڪونهي. دنيا ابدي آهي، ۽ پنهنجي وجود ۾ قائم ۽ سادي ۽ پولار ۽ ڏرم اڏرم ۽ آتمائن جي اٽڪل سان نهي آهي ۽ فقط اها ئي حقيقت آهي."

* * *

هيءَ شاهراهِ عدم ڪيتري نہ هموار آهي،
وڃي پيو سيڪو اڪيون پوري نہ خوف و خطر!

(طالب المولىٰ)

* * *

جھڙيءَ طرح آڪاس ۾ جو نيلاپڻ پاسي ٿو، سو نيلاپڻ آهي ئي ڪونہ! تھڙيءَ ريت سڪ دڪ ڏيڻ وارو ٻيو ديو ڪوبہ ڪونھي. بلڪ هي جيوَ جھڙا ڪم ڪري ٿو، تھڙو ئي سڪ دڪ روپ سمون ٿي ان کي پاسي ٿو. ۽ جھڙي نيت ٿئي ٿي، تھڙو ئي سنڪلپ ڪري ٿو. جھڙيءَ ريت بسنت رُت اچڻ سبب وٽن ۾ ڦل ڦول لڳن ٿا، تھڙيءَ ريت آتم درشي پرُش کي پوڳن کان ورڪتتا اُپجي ٿي. جھڙيءَ طرح ڪنولن جي وچ ۾ سندر سوپيا استت ٿئي ٿي، تھڙيءَ طرح آتما جي ساکشات ڪار ٿيڻ کان هردي ۾ استرتا پراپت ٿئي ٿي ۽ وشين جي پريت نبري وڃي ٿي!"

(سري يوگ واسشٹ مان)

* * *

وقت ۽ زندگي- ٻئي سمجھ ۾ نہ ايندڙ شيون! وقت بيرحم ۽ زندگي زندان وانگر جلاد. واڌ وانگر ٿي وڃائي. لڙ لھرن ۾ ئي لوڙھي ڇڏي... پر وقت ڏاڍو آهي عجيب! عجيب شيءِ آهي وقت. سنو وقت، خراب وقت، پر وقت کي اسان جي دين ۾ خراب ڇوڻ کان جھليو ويو آهي. حديث قدسيءَ ۾ آيل آهي:

وقت کي خراب نہ ڇوءِ
مان پاڻ وقت آهيان.

* * *

وقت خود رهگذر خود ميرِ سفر،
وقت کے هين نقش پا شام و سحر.

(مير تقي مير)

مون محسوس ڪيو آهي ته جڏهن اسان پيار کي دائمي بنائڻ چاهيون ٿا ته اهو بيزاريءَ ۾ بدلجي وڃي ٿو يا ڪنهن آفت ۾ بدلجي انتقام ونڊي ٿو. پيار لاءِ جُدائي ضروري آهي. اُها دونهين ڪائي رکي ٿي. آڏ ماڏ جون گهڙيون پيار جو ڪيپ اُن جي سُک دائڪ پانواڻي، اُن ۾ مَنووڪار (Passion) جو تِکو ڏنگ مون کي وٺندو آهي. هونءَ ته رڳو ڪڍ پنگ ئي سُندر آهي، عمدو آهي ۽ جو ترت اُجهامي وڃي ٿو، اهوئي پائڻ جهڙو آهي. ڪنهن وقت اهو ڪنڌيءَ جي ڪڙي تي هوڙن وانگر آهي، جنهن ۾ هٿ ڪپي وڃن ٿا ۽ ان کي تيستائين نه ٿا ڇڏن جيستائين ٻيو ڪوئي هوڙو هٿ اچي. نه رڳو پيار زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سهارو آهي پر اُن جي اعليٰ ساحري (جادوگري) به آهي، جنهن ڏانهن مان ڏاڍو حساس رهيو آهيان ۽ عمر اُن ۾ فرق نه آندو آهي. ائين ضرور آهي ته گل ڇٽي وڃن ٿا ۽ انت ۾ هر شيءِ مايا وانگر لڳي ٿي ۽ وڏي ۾ وڏيون آشائون، پورهيو، راڄ، دهنوار، گيان سڀ پاڇاوان آهن. سڀ گل آهن جي ڇٽي وڃن ٿا، سڀ پوپٽ آهن جي اُڏري وڃن ٿا. پر ڇا اُنهن جي خوشبو اُنهن جي اُڏار محفوظ رهجي وڃي ٿي؟ ڇا هيءَ ڪائنات جا هڪ بي انت ڪمپيوٽر وانگر آهي، تنهن ۾ هر ڳالهه محفوظ آهي.

(شيخ ايار)

* * * *

25 آگسٽ 2007ع

انٽرنيٽ تي ويهندي اوچتو بي.بي.سي اردو ڊاٽ ڪام کوليم، .... "۽ جڏهن عيني مون کي چڑ ڏني" جي عنوان سان ميرزا وحيد جي لکيل مضمون جو پرنٽ ڪڍي آهستي آهستي پڙهڻ لڳس: "اردو جي اڪيلي ماسٽرپيس ليکڪا جي هن جهان مان لاڏاڻي جي خبر ٻڌڻ شرط مون پنهنجي دوست ۽ هر عمر صحافي کي فون ڪري ڪيس ياد ڏياريو ته اسان قرة العين حيدر کان هڪ ڊگهو انٽرويو ڪيو هو، جنهن دوران هن پنهنجي ناول "آگ کا دريا" مان ڪجهه ٽڪرا پڙهي ٻڌايا هئا. جواب مليو، جڏهن انهيءَ مخزن جي آفيس ۽ مخزن بند ٿيا ته هڪ ڊائريڪٽر صاحب سموريون ٽيپس ۽ ڪيسٽ وغيره پاڻ سان گڏ ڪٽي ويو ۽ گهر شفٽ ڪرڻ جي چڪر ۾ هن اُهي ٽيپس گم ڪري ڇڏيون. ڏهليءَ وارن جو جواب ئي ناهي!

مون قرة العين حيدر جو پهريون ۽ آخري انٽرويو سن 2000ع ۾ ڪيو هو. جولاءِ جي تپندڙ منجهند جو جمنا ندي پار ڪري ڏهليءَ جي نوئيڊا واري علاقي ۾ واقع هن جي ننڍڙي پر خوبصورت فليٽ پهتاسين، جتي عيني آپا اڪيلي

رهندي هئي. هڪ ننڍي نيٽي نينگري بہ موجود هئي، جا شايد سندس مددگار هئي. هڪ ڪاتب پڻ نظر آيو هو. هتي پر ڪابہ فيملي موجود نہ هئي.

اچڻ کان اڳ ۾ مون فون تي عيني آپا سان اڳواٽ ڳالھ ٻولھ ڪري ڇڏي هئي. پر ملڻي ميديا شيديا جي ڳالھ ٽي سگھي ٿو تہ هن جي سمجھ ۾ نہ آئي هجي. تڏهن تہ هن ها ڪئي هئي. نہ تہ ان وقت هن انٽرويو ڏيڻ ڇڏي ڏنا هئا. ڪنهن ٻڌايو هو.

قرة العين حيدر

"ڇگو پهرين پنهنجو تعارف ڪرايو. ڪير آهيو ۽ ڇا جي لاءِ انٽرويو پيا ڪريو. ڇا پڙهيو اٿو؟" اردو ادب جي عظيم ترين ناول نگار مون تي سوالن جي بارش شروع ڪري ڏني. سچ پچ تہ آءٌ گهبرائجي ويو هوس. جڏهن تہ عيني جو مود بہ ڪجهہ تيز ۽ تکو محسوس ٿي رهيو هو.

"جي مان.... جي...."

"سچ ٻڌاءِ منهنجو ڪهڙو ڪتاب پڙهيو اٿئي؟"

مون کي ڪنهن ٻڌايو هو تہ مس حيدر کي اهڙن ماڻهن تي گهٽي ڪاوڙ ايندي آهي، جيڪي بي مقصد ائين وٽس هليا ويندا آهن ۽ هن کان بيوقوفيءَ جا سوال ڪندا آهن تہ "آگ کا دريا" لکڻ جي انسپريشن توهان کي ڪٿان ملي. ۽ ها، هوءَ انهن تي بہ ڪاوڙجي پوندي آهي، جيڪي هن جي مشهور ناول "آخر شب ڪے هم سفر" کي "آخري" ڪري سڏيندا آهن. آءٌ سخت ذهني دباءُ محسوس ڪري رهيو هوس تہ ڪٿي جلدي ۾ "آخري" لفظ نہ نڪري وڃي. مون اوهان جا بہ ڪتاب ئي پڙهيا هئا. "آگ کا دريا ۽ آخري..."

عيني آپا کي زڪام هو. ڪاوڙجي چوڻ لڳي. "توهان ڪونہ پڙهيو آهي آخر شب! سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اڄ جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڇا ٿا ڪن...."

"نہ آپا! مون پڙهيو آهي واقعي!"

"اڙي ڇڏ...." هن ڇڙپ ڏيندي ڇيو....

منهنجا ڪن ڳاڙها ٿي ويا ۽ ڏڪو ٿي ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيس. ڪجهہ دير کان پوءِ ڳالھ ٻولھ معنيٰ خيز ٿيندي ويئي، وچ ۾ فڪر انگيز خاموشي جا پل بہ ايندا رهيا. بهرحال آءٌ پنهنجي مقصد طرف وڃي رهيو هوس. مون عيني آپا کي ٻڌايو تہ "آءٌ دهليءَ جي برڪ ليڪچن جا انٽرويو ڪري رهيو آهيان.... امرتا پريتم سان گڏجي آيو آهيان.... اوهان جا ڇا خيال آهن، سندس بابت..."

"اڙي ها..... امرتا..... هن وارث شاهه سني لکي آهي."

دهلي جي ڊاڪٽين علائقي جي پوش علائقي ۾ امرتا پريتم سان سندس عاليشان گهر ۾ ملڻ لاءِ ويو هوس. هو مشهور چترڪار امروز سان گڏ رهندي هئي. ڳالهه ٻولهه دوران هن ٽريل فائيو استار جا ڏڳها ڪش هٽي ڪيترين ئي ڳالهيون ڪيون هيون. "آج آکيا وارث شاهه نون" پنهنجي خوبصورت آواز ۾ رڪارڊ ڪرائي هئي، منهنجا نيٽ پرجي آيا. امرتا به نه رهي....!

قرة العين حيدر انٽرويو وقت گهٽي ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. تمام گهٽي گنيير هئي. عيني آپا لندن ۾ گهاريل زندگي جي ساروڻين مان ڪجهه هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻُڌايون (اهي مون کي چگيءَ ريت ياد به ڪونه رهيون آهن) ۽ پوءِ "آگ کا دريا" بابت پڌائڻ لڳي (ان وقت اردو ۾ ناول لکندو ڪير هو؟)

هن چيو ته، "منهنجو آواز صحيح نه آيو آهي، ٻيهر ورجايان ٿي...." پوءِ باٿ روم ويئي. واپس اچي قرة العين حيدر "آگ کا دريا" مان ڪجهه صفحا پڙهڻ شروع ڪيا، جنهن ۾ لنڊن جي پڪدلي سرڪس جو ذڪر آيل آهي. آءٌ سمورو وقت هن جي ڪرسيءَ جي ويجهو هيٺ فرش تي ويٺو رهيس. آپا آخرڪار مهربان ٿي وئي هئي.

"توهان کجهه پيئندو؟ اڙي ڪولا ڪٽي اچو!"

(هي اُنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن آءٌ دهليءَ ۾ ڪجهه دوستن سان گڏجي هڪ نئين قسم جو ملٽي ميڊيا ميگزين هلائي رهيو هوس. قرة العين حيدر، امرتا پريتم ۽ خوشونت سنگهه جهڙن ليکڪن کان انٽرويو وٺڻ جو سلسلو شروع ڪيو هوم. مون کي ٿوري بي ايماني کان ڪم وٺندي ان وقت اُنهن ٽيپس کي ادارتي ملڪيت کان هٽي ڪري پاڻ وٽ رکڻ گهرجي ها.

* * * * *

دلي کي نه تهي گلياں اوراق مصور تهي
جو چيز نظر آئے خوش نظر آئے

(مير تقي مير)

خبر ناهي ڇو هن بمبئيءَ کي خيرآباد چئي دهليءَ ۾ آباد ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو. گذريل ڪيترن ئي سالن کان هوءَ نئين دهليءَ جي نوٽيڊا واري علائقي جي نندڙي فليٽ ۾ پنهنجي نوڪر "ميري" سان گڏ رهندي هئي.

قرة العين حيدر مهمانن کي پليڪار چوندي تمام گهٽي خوشي محسوس

ڪندي هئي. پر ٽي سال اڳ هن تي اڌ رنگ جو حملو ٿيو هو. جنهن جي ڪري سندس لکڻ واري ساڄي هٿ ڪمر ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ان واقعي کيس تمام گهٽو صدمو پهچايو هو. پر تنهن هوندي به هوءَ پنهنجي شاگردن کي ساروٽيون لکرائيندي رهندي هئي.

* * *

مصائب اور تھے پر دل کا جانا،
عجب اک سانحہ سا ہوگیا ہے،
سرھانے میر کے آھستہ بولو،
ابھي تک روتے روتے سوگیا ہے.
(میر تقي میر)

* * * *

B.B.C Urdu. Com

Tuesday, 21 August 2007, 13, 52, G M T 18, 52, Pst

اردو ادب جي نامياري ناول نگار قرة العين حيدر جي تدفين جامعہ ملیہ اسلاميہ جي قبرستان ۾ ڪئي ويئي آهي.

قرة العين حيدر جي جنازي جو ڏيک

ڪيس جامعہ مليہ اسلاميہ ۾ ڪم ڪرڻ سبب جامعہ جي قبرستان ۾ مٽي ماڻ حوالي ڪيو ويو. تدفين جي وقت هن جا ڪجھ ويجها مائٽ ۽ يونيورسٽين جا ڪجھ پروفيسر موجود هئا. اهڙي شخصيت جي آخري رسمن وقت ڪنهن بہ وڏي شخصيت جي غير موجودگي واضح طور تي محسوس ٿي رهي هئي.

ان بابت جڏهن ادیب گلزار دهلويءَ کان پڇيو ويو تہ هن جو چوڻ هو تہ "سندس چاهيندڙ سموري دنيا ۾ موجود آهن. ٿي سگهي ٿو تہ وقت جي گهٽتائي سبب هو جسماني طور تي هتي ڪونهن، پر ذهني طور تي هو سڀ هتي موجود آهن." گلزار دهلويءَ وڌيڪ چيو تہ "هوءَ فقط ناول نگار نہ هئي، بلڪ هڪ وڏي جرنلسٽ بہ هئي. هن اردو ادب کي ايترو ڪجھ ڏنو آهي، جو هوءَ سدائين زنده رهندي."

اتي موجود قرة العين حيدر جي ڪتابن جي پبلشر محمد سبحان جو چوڻ هو تہ "اردو ادب ۾ جيڪو نالو هن جو آهي اهو ٻيو ڪوبہ حاصل نہ ڪري سگهندو."

اتي ٿي موجود جامعہ مليہ جي اردو شعبي جو پروفيسر خالد محمود چوي ٿو تہ هن سان گڏوگڏ اردو ادب جي هڪ دور جو خاتمو اچي ويو. هن کهاڻي چوڻ جو جيڪو انداز اردو ادب کي ڏنو آهي، ان کي ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهجي."

قرة العين حيدر سادي زندگي گهارڻ تي ويساهہ رکندي هئي. سندس مائٽن بہ هن جي انهيءَ خواهش تي عمل ڪندي ميڊيا کان پري رهڻ تي ترجيح ڏني. تمام گهٽي زور پرڻ تي سندس پاٽيجي پنهنجو ڏک وندبندي چيو تہ "مان ممبئيءَ ۾ رهندو آهيان ۽ مون کي ان ڳالهہ جو يقين ئي نٿو اچي تہ هاڻ جڏهن مان ٻيهر دهلي ايندس تہ عيني آپا مون کي نہ ملندي... هوءَ ناچاڪ ڪيترن ئي ڏينهن کان هئي ۽ اسان کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هوءَ ڪنهن بہ مهل هن دنيا مان هلي وڃي سگهي ٿي، پر هاڻي بہ يقين نہ پيو اچي. ها، هڪ ڳالهہ ضرور آهي تہ هڪ ليکڪا جي حيثيت ۾ سندس ڪوٽ سدائين محسوس ٿيندي رهندي."

* * *

جمے گي ڪيسے بساطِ ياران،
ڪہ شيشہ و جام بجھہ گئے هين،
سجے گي ڪيسے شبِ نگاران،
ڪہ دل سرِ شام بجھہ گئے هين،

وہ تیرگی ہے رہِ بستان میں،
چراغِ راہ ہے شمع وعدہ،
کرن کوئی آرزو کی لاؤ،
کہ سب دروبام بجھ گئے ہیں،
بہار اب کیا کریگی آکے،
کہ جن سے تھا جشنِ رنگ و نغمہ،
وہ گل سرِشاخ جل گئے ہیں،
وہ دل نہ دام بجھ گئے ہیں۔

(فیض احمد فیض)

* * * * *

"... پنهنجي ڪم لاءِ مون پنهنجي حياتيءَ جي بازي لڳائي ڇڏي! " مهان چترڪار ونسٽ وان گاگ جو اهو آخري خط هن جي آپگهات ڪرڻ کانپوءِ سندس مڙهه وٽان هٿ آيو هو. 37 ورهين جو چترڪار پنهنجي حياتيءَ ۾ ناڪامُ قرار ڏنو ويو هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترائي ڪم ڪيا پر ڪنهن ۾ به هو ڪامياب نه ماڻي سگهيو. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪامياب ڇا آهي؟ ناڪامي ڇا آهي؟ ڇا هر ڪلاڪار فقط داستان گوئي پنهنجي حياتي ٿو گهاري ڇڏي؟ آخر ماڻهو جي آخري پناهه گاهه ڪهڙي آهي؟ هر ماڻهو جا ڏک هن جا پنهنجا آهن ۽ دور دور تائين پکڙجندڙ رات ۽ هو سامهون سمنڊ جي مٿان اونداهي ۽ مٿي سانوڻ جي آسمان ۾ ٽمڪندڙ ٽيڙو ڪتيون ۽ سمنڊ جي لهرن جو آواز- هر ليڪڪ چؤ داستان ٻڌائيندڙ خاموش! داستان گو، جيڪو پنهنجي انت تائين نٿو پهچي، انت تائين نٿو پهچي سگهي. هر ڏينهن خوشي جو نه هوندو آهي، هر رات ڏک جي هوندي آهي، پر هوندي به آهي ڪي الائي نه؟ ڪهڙي خبر؟ ڪهڙي خبر ته ڇا آهي سپ ڪجهه؟ تڏهن ته مشهور عربي شاعر اُمراءُ القيس چوي ٿو، "اي منهنجا دوست! ڪجهه گهڙي بيهو، ته مان پنهنجي پرينءَ جي ماڳ ڪي ياد ڪري وٺان...! اي منهنجا دوستو! رات جي ڇمار ڏگهي ٿي ويئي آهي، هاڻ ڳالهين ۽ قصن ڪانسواءِ ڪجهه به ڪونهي... بس پنهنجين ساروٽين مان سنيون ڳالهيون ڪٽي اچو، ته جيئن مان انهن مان محظوظ ٿيان! ڇاڪاڻ ته قصا...!!"

DAY LONG AND NIGHT LONG
VOICES RUSH FROM THE MIND
TAKING THE JOY OF UTTERANCE WITH THEM
AND LEAVING CHAOS BEHIND
ONLY A DUMB TERROR BEHIND
STRONG MADMEN O VOICES
TEARING YOUR HAIR AND SIGHING
AND CRYING ON THE WIND
THERE'S ONE NOT A BUNGLER
AND THATS TIME THE SLY ANGLER
SEE HIM LAY THE DEAD YEARS

LIKE FISHES IN A POW

***

"گھڻيون طوفان هُيون. هجوم وڃي رهيا هئا. ناگريز (Inelucatble) تقدير جن جي ڪيڊ هئي، موٽرون گھوڙي گاڏيون، بسون ڏوکي رهيون هيون ۽ زندگيءَ جون ڇتيون ڇوليون. بنا ڪنهن ڪنڊيءَ جي ڇُلي رهيون هيون. اوچتو دارالخلاقہ جي وچ ۾ اودو گھوڙو نروار ٽيو ۽ ان تي موت سوار هيو ۽ زندگي پنهنجي خاتمي تي پهچي چُڪي هئي."

(شيخ اياز جي نوٽ بوڪ مان بريوسوف (Briussof) جي نظر جو ترجمو)

* * *

قرة العين حيدر تي مضمون لکي رهيو آهيان، تہ ڪي.ٽي.اين تان، درگاھ شاھ عنايت شهيد تي ڪي راڳي فقير وائي ڳائي رهيا آهن:

هن عشق جي انداز کي
سمجھڻ تہ ڏکيو آ.
هت ڪير آهي، ڪير آهي جو،
ٽي آيو آهي هتڙي،
هن درد جي دمساز کي
سمجھڻ ڏکيو آ.

* * * *

ڪوئي آواز نہ آهي، سڀ آواز چپ ٽي ويا آهن. نہ ڪوئل ڪوڪي رهي آهي، ڪويل جي ڪوڪ مستقبل ڏسي سگھندي آهي. (شيخ اياز)

* * * *

"هو ڏسو،
درياهه مان ڪوهيڙو اُٽيو،
غبار تارن جو اُڏري رهيو آهي.
ڪنڊرن جي ڏنڊلڪن ۾ الم جا مغني،
پڪارين تا ته وقت رڳو غم ڏنو آهي،
وقت فقط غم ڏنو آهي.
۽ اسان کي يقين هو ته روز فردا،
ڪرٽو ڪرٽو ٽي دل ۾ اڇي ويندو،
ڇا ڪندو جهان کي روشن
الم جا ساٿي، ڪارن ڪپڙن ۾ بيدليءَ جا عَلم کٽي،
نوحه زن آهن،
هيءَ وقت ڪرب و بلا آهي.
اڇو جهڪايو ڪنڊ، ۽ وهايو لڙڪن جا دريا،
۽ وهايو لڙڪن جا درياهه.
ڇاڪاڻ ته وقت رڳو غم ڏنو آهي.
ته وقت رڳو...

("آخر شب ڪے همسفر" مان)

* * *

منهنجي دريءَ جي ٻاهران، سامهون سمنڊ تي آخري تاريخن جو غمزده چنڊ ديرسان ايري اڇي بينو آهي. ۽ دور کي ايا پکي ولر ڪيو اولهه ڏي پيا اُڏامندا وڃن. ڪٿي اٽڏني منزل ۽ ماڳ ڏانهن؟

* * *

مان لکندي لکندي ٽڪجي ٻاهر تو نڪران. چئني پاسن کان ماڻ ڇانيل آهي. سيپٽمبر جو چنڊ اوير کان ترندو اڇي منهنجي مٽان بينو آهي. چنڊ جي پر ۾ فقط صبح جو تارو آهي. مان ڏڏا ساهه کڻان تو. چنڊ منهنجي مٽان اڇي ويو.
هي آهستي آهستي ختم ٿيندڙ آرهڙ جون ڏڏيون راتيون ۽ اداس ڏينهن،
ساهه مُڪ ۾ آٽيندڙ سانجهيون، اڌ پنڊ ۾ ٽڪائيندڙ جيون.
سُنسان بيابان، بڙ جي صحرا جهڙو ٽپندڙ جيون. ڏکوئيندڙ ڏينهن!
۽ ائين اسان جو تو هي جيون گذري،
۽ ائين تا اسين گذاريون هي جيون،

نہ ٹيڻن وانگر ٿا ٽمڪون،
نہ ڪنهن جگنوءَ جيان ٿا روشن ڪريون،
زندگيءَ جي سنسان شامن کي،
تڏهن ته دل جا سڀ دڪ،
دل جا سڀ درد،
دور رکي،
اسين روئي رهيا آهيون.
ءِ اسين روئي رهيا آهيون.
اکين تي ڪنهن بار جيان
هٿ رکي، اسين روئي رهيا آهيون.
ڇاڪاڻ ته من آهي تنها ءِ منزل آهي دور
* * * *
دور گهٽي دور! دور گهٽي دور!
سڄل سائين چوي ٿو، "منصور هجي يا سرمد، هجي صنم، يا شمس تبريز هجي، هن تنهنجي گهٽيءَ ۾ اي دلبر! هر هڪ جو سِر ڏڙ کان ڏار ٿيو!"

* * * *

هن نيري گگن کي
ڇانيل جهڙ سمهاري ڇڏيو آهي.
ڇاڪاڻ ته ڪيتري وقت کان
هن آڪاس نند نہ ڪئي آهي.
انکري آڪاس ۾ سمهي پيو آهي.
پونين تاريخن جو بيمار زرد چند
نند ۾ ستل آسمان تي، حيران ءِ پريشان،
صبح جي اڪيلي تاري سان گڏ رهجي ويو اڪيلو
ءِ خواب انيڪ اکين ۾ رهجي ويندا.
خواب اکين ۾ ويندا آهن رهجي،
ڇڻ پل آپَل ۾ لنگهي ويون ڪيتريون صديون.

* * * *

ڪو وقت ٿيو ته هوءَ برندڙ شمع وئي وسامي ءِ هاڻ ته هن جي مزار تي ناهي ڪوئي ڏيئو ٻارڻ وارو! جمنا نديءَ جي هُن پر جامعہ مليہ جي مقام ۾ جتي پيا ۽

ڪيترا آهن ڏڳهي نند ۾ ستل! جنهن عليڳڙهه ۽ زندگي لکنؤ، غازي آباد، ديرادون، ڪراچي، لنڊن، ممبئي ۽ دهلي... ۽ دهلي... ۽ دهلي... وا حسرتا! هو لکنو جي وڏي امام بارگاهه ۾ رکيل جناب علي اصغر جي سبز جهولي ۽ منبر جي سامهون ميڙ بتيون ٻاريندي آغا مشهدي بن آغا ڪربلائي، پنهنجي گونجندڙ اتهاسڪ آواز ۾ زيارت پڙهائڻ شروع ڪري ڏني. السلام عليڪم يا ابن رسول الله... السلام عليڪم يا مظهرالعجائب... سڄ روز لهندو ۽ اُپرندو رهندو. چند جي چانڊاڻ سان آڪاش روشن ٿيندو ۽ اماوس جي راتين ۾ آڪاس ٽي ويندو اونداهو! هي تارا روز ٽم ٽم ڪيو ٽمڪندا رهندا... هوائون تيز گهلنديون رهنديون... پر نه هونداسين، نه هونداسين، ۽ رهجي ويندا اسان جا آواز ۽ رهجي به وڃن تا فقط آواز... آواز جيڪي سڏائين لاءِ تا رهجي وڃن. زندگي سڄي امام بارگاهه ۽ ماتم خاني جي منبر تي ڪوئي شمع روشن ڪري زندگيءَ جو نوحو پڙهي هر ماٹهو ٽو هليو وڃي. بن بن پٽڪي ٽو ڪوٺجي وڃي، هن رڻ جهڙي ڪاري رات جي گهمسان ۾.

* * * *

الوداع

الوداع! اشڪ سي لبريز آنکهين ميري
الوداع! اب نه نظر آئي گي صورت تيري
الوداع! مهر محبت! تجهي اب سي رخصت
الوداع! قلبِ حزين! درد و ڪرب سي رخصت
الوداع! جان جهان، روئي حسين! اب رخصت
تيرگي آئي هي، اي ماهِ جبين! اب رخصت
اب تو تقدير ۾ لکهي هي فرقت تيري
الوداع! اشڪ سي لبريز هين آنکهين ميري
الوداع! اب نه نظر آئي گي صورت تيري!

* * *

رات جي پوئين پهر ۾،
جڏهن توکي نند اچي ويئي هئي،
تڏهن مون هڪڙو گيت لکيو هو،
گلن بابت، پوپٽن بابت،
۽ ماڪ ڦڙن بابت!

(ذاتي نوٽ بوڪ ۾ لکيل جپاني هائيڪو. ڪنهن گمنام شاعر جو)

* * * *

... ۽ زندگيءَ جي رنگ پوميءَ تي...
ڪوئي آواز گونجي ٿو،
وقت فقط غم ڏنو آهي،
۽ اسين پوئين پهر جا مسافر،
هٿن ۾ ڏکن جا عَلم کڻي،
غمن جي سياه بيرکن ۽ علم طوفن جي پاڇي ۾،
زندگيءَ جي هن رنگ منچ تي،
ٿي وياسين گُم،
ڇاڪاڻ ته وقت وڏو ظالم آهي،
جيڪو سدائين ڏيندو رهي ٿو،
فقط غم،
فقط غم!
.....
۽ زندگيءَ جي رنگ پوميءَ تي ڇانئجي ويئي خاموشي!

چيف منسٽر هائوس، ڪراچي
(21- آگسٽ 2007/6 - سيپٽمبر 200)

* * *

نڪسل باري تحريڪ

[مارچ 1967ع ۾ اولهه بنگال (هندوستان) جي دارجلنگ ضلع جي سليگوري سب-ڊويزن ۾ نڪسل باري نالي ڳوٺ جي عظيم هارين ظلم ۽ ڏاڍ کان بيزار ٿي وڏيرن خلاف هٿيار بند جدوجهد شروع ڪري ڇڏي.

نڪسل باريءَ مان شروع ٿيندڙ انهيءَ هٿياربند جدوجهد هارين جي سامراج- دشمن ۽ وڏيرا شاهي دشمن جدوجهد کي هڪ نئون روپ ڏنو ۽ هنن کي کوڙن "انقلابن" ۽ ردعمل پسندن جي انقلاب دشمن رهبري کان نجات ڏياري.

15 سيپٽمبر 1968ع تي سليگوري سب-ڊويزن جي انقلابن جي هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ مختلف ڳوٺن ۾ هلندڙ هٿياربند جدوجهد کي سائنسي طريقن سان ڳنڍڻ لاءِ ۽ انهيءَ جدوجهد کي ويتر تيز ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويا ۽ ائين1 اپريل 1969ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسي-لينني) وجود ۾ آئي.

هي مضمون پهرين ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسي-لينني) جي پرچي "لبريشن" ۾ ڇپيو، جيڪو پيڪنگ مان شايع ٿيندڙ افرو-ايشيائي صحافين جي انجمن جي ماهوار پرچي "دي ڪال" مان ورتو ويو آهي)

جيئن اسين سريڪا ڪولم جي سانتيڪين ٽڪرين جي ويجهو پهچندا وياسين تہ اسان کي تلنگانا جي 1946ع واري عظيم جدوجهد ياد آئي. تلنگانا، جيڪو انهيءَ ساڳئي آندرا پرديش جي ٻئي حصي ۾ آهي، تنهن جا هاري، مرد توڙي عورتون، پوڙها، توڙي جوان،

پنجن سالن تائين جاگيردارانہ نظام ۾ هن جي پنيرائي ڪندڙ ردعمل پسندن خلاف، جن جي رهبري نهرو ڪري رهيو هو، وڙهندا رهيا. ڪيتري نہ بهادري هئي، ڪيتري نہ موت کان بي پرواهہ سورهيائي هئي. ۾ صرف تلنگانا ۾ ئي نہ، اسان جي جوڌن هارين جي سامراج دشمن ۾ وڏيرا شاهي دشمن جدوجهد جي ڪيڏي نہ ڏگهي تاريخ آهي!

اسان جي ملڪ ۾ تلنگانا جدوجهد وانگر بي شمار هارين جون بغاوتون ناڪامياب ٿيون آهن، چو جو هو انهيءَ سچائيءَ کي ايجا ڳولهي نہ سگهيا هئا جيڪي هنن کي فتح جي منزل ڏانهن وڌائي سگهن. مقصد تہ هو ايجان مائوزي تنگ جي خيالن کي- جيڪي مارڪسي-لينني نظريي جي عروج تي رسيل آهن- ڳولهي نہ سگهيا هئا. اڄ اسان جي ساڻين هر شيءِ تي فتح حاصل ڪرڻ واري انهيءَ رهبر اصول يعني مائوزي تنگ جي خيالن کي ڳولهي لڌو آهي. هندوستان جي خاص حالتن کي نظر ۾ رکندي هن رهبر اصول کي لاڳو ڪرڻ سان تلنگانا جي جدوجهد جي ناڪامين ۾ هندوستان جي آزاديءَ جي جنگ کي نئون رنگ ڏنو ويو آهي. هن اصول کي مخصوص طرح نڪسل باريءَ ۾ لاڳو ڪيو ويو، جنهن جو سوپارو جهنڊو اڄ (مارچ 1969ع) هندوستان جي ستن رياستن ۾ باغيانا شان سان جهولي رهيو آهي.

منهنجي سريڪا ڪولم جي دوري ۾ ان جي روح سان- يعني هتان جي عوام ايجنسي ايريا جي پروتي پورم، پٽئپٽنم ۾ پلاڪونڊا تعلقن جي عظيم وڙهندڙ جيالن سان سڃاڻپ منهنجي ان يقين کي وڌيڪ مضبوط ڪيو تہ اڄ چيئرمن مائوزي تنگ جي اعليٰ ترين مقام جو اظهار آهي ۾ انهيءَ کي مادي طاقت ۾ بدلائي سگهجي ٿو.

آندرا پرديش ۾ هاڻي تمام خونريز طبقاتي جدوجهد هلي رهي آهي. آندرا جي ڪانگريسي حڪومت هر جاءِ تي پنهنجا جاسوس موڪلي ڇڏيا آهن. سڄي رياست جا ڳوٺ، شهر ۽ ريلوائي اسٽيشنون انهن جاسوسن سان ڀريون پيون آهن. هو بسن، ٽرڪن

ايستائين جو ٽڪسين کي روڪي پڇائون ڳاڇائون ٿا ڪن ۽ رات وارين ريلن ۾ ڪتن جيان سونجهه سونجهه ڪندا ٿا وتن. ساڻين اسان جي سفر جو تمام عمدو انتظام ڪيو هو. دشمن جي مستقل ۽ مسلسل نظرداريءَ جي باوجود ساڻين اسان کي پيڇدار رستي کان لنگهائيندي حفاظت سان منزل تائين پهچايو. انهيءَ رستي تي ڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ آيا.

آءٌ ڪامريڊ ستيا نارائڻ سان مليس، جيڪو گريجنن جو رهبر هو. عمر 37 ورهيه اٽس. قد جو ڪجهه بندرو آهي. هو هت ماستر ٿي آيو هو ۽ گريجن هن کي گرو سڏيندا آهن. ڪامريڊ ستيا نارائڻ حد کان وڌيڪ نرم سياڻ وارو ماڻهو آهي. ميٽنگن ۾ هو هر اهم ڳالهه پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکندو رهندو آهي، پوءِ اها ڳالهه ڪانئس ننڍي ۽ گهٽ تجربيڪار ساٿي چونه ڪئي هجي.

نه رڳو ڪامريڊ ستيانارائڻ پر رياستي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ ضلعي ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريٽ جا ميمبر به هن وانگر نرم سياڻ وارا انسان آهن. سندن اها عظيم جدوجهد ڪنهن به وقت هنن جون جانيون وٺي سگهي ٿي ۽ پنهنجين حياتين کي مسلسل جوکي ۾ وجهڻ سان گڏوگڏ هو ٻيون به بي شمار قربانيون ڏئي رهيا آهن. پر انهيءَ هوندي به توهان هنن ۾ وڏماڻهپائي يا تڪبر ڪونه ڏسندا. هنن مان هر ڪو ائين چوندو ته "اسين ايجا سياست کي پوريءَ طرح سمجهي ڪونه سگهيا آهيون، مهرباني ڪري اسان کي مائوزي تنگ جي خيالن بابت وڌيڪ ٻڌايو ته اسين انهيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهون."

تيلگو ٻولي۽ ۾ گريجن جابلو ماڻهوءَ کي چوندا آهن. 1960ع کان وٺي هنن وري وري جدوجهد ڪئي آهي. هنن کي جيلن ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي ۽ هنن ارڙازندا (ريتو جهنڊو) هيٺ پنهنجي حقن بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. نظرثاني ڪندڙ ڪوڙن "انقلابن" جي گمراهه ڪندڙ رهبريءَ هيٺ بار بار هنن ووٽن وارو طريقو اختيار ڪيو ۽ انهيءَ اجائي اميد ۾ ته ٽين جي ڏهن ۾ پيل ووٽ هنن جون

قسمتون ۾ بدحاليون دور ڪري سنو وقت آڻيندا، جي آس تي هنن گهٽيون ئي پريشانيون سٽيون. جڏهن نڪسل باري هٿيار بند جدوجهد شروع ٿيڻ کان پوءِ پارٽيءَ جي ضلعي ڪاميٽي پارٽيءَ جي ٻين ميمبرن ۾ ڪارڪنن سان گڏجي سنڊرايا۔ بسوانا پونيا۔ هنوما نٽارائو واري ڪوڙي "انقلابي" ٽولي خلاف بغاوت ڪئي ته عوام هڪ نئين راهه تي گامزن ٿيا.

ڪامريڊ شارو مجمدار جي سڏيءَ رهبري ڪري ساڍي ستن مهينن جي مختصر وقت ۾ هو اڄ جي سريڪا ڪولم ناهڻ ۾ ٻين رياستن جي ساٿين سان ملي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسي ۔ لينني) ناهڻ جي قابل ٿي ويا آهن.

چيئرمن مائو چيو آهي ته، "عوام ئي اصل سورما آهن. جڏهن ته اسان اڪثر ٻاراڻيون ڪندا آهيون ۽ اونده ۾ هوندا آهيون ۽ انهيءَ سمجهه کانسواءِ تمام ابتدائي علم حاصل ڪرڻ ۾ ناممڪن آهي" ۽ "عوام ۽ عوام ئي دنيا جي تاريخ بنائڻ ۾ جنبش پيدا ڪندڙ طاقت آهن". اها حقيقت آهي ته سريڪا ڪولم جي روح کي پروڙڻ لاءِ هتي جي عوام کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ گهرجي، نه ته انهيءَ جنبش پيدا ڪندڙ طاقت کي سمجهڻ ممڪن ئي ڪونهي، جيڪا حيرت انگيز ڪارناما ٿي انجام ڏئي.

هي سڄو علائقو جابلو آهي ۽ هتي ڏور ڏور تائين وٽن ٽٽن ۽ ٻيلن سان ڍڪيل ننڍيون وڏيون ٽڪريون ڦهليل آهن. انهن علائقن جي ڳوٺن ۾ ٽي يا چار يا وڌ ۾ وڌ ڏهه ٻارنهن گهر هوندا آهن. ايستائين جو هڪ گهر وارا ڳوٺڙا ٻ گهٽ ڪونه ملندا. هتي جي زندگي نهايت سادي آهي. پٽ جهڙي غذا ٻ هتي جي ماڻهن جي ڪاڌي ۾ ايجا تائين شامل ڪانهي. هنن جو گذران گهٽو ڪري انب جي ڳٻ تي ٿيندو آهي. انبن جي سُڪل ڳيڻ کي ڪٽي پاڻيءَ ۾ ملائي کائڻ هتي جو رواجي کاڌو آهي. اُهي اهائي غذا کائيندڙ ماڻهو آهن، جيڪي جدوجهد لاءِ اُتي ٽڪرا ٿين، جن ۾ جوش ۽ ولولو آهي ۽ سياسي طور باشعور آهن. هنن جا ڪمرا هيناهان آهن ۽ ڏينهن جي

وقت بہ اونداھا آھن. تھذیب ۽ تعلیم جي پھچ کان ڏورانھن ڪمرن ۾ رھندڙ ھي اُھي ئي ماڻھو آھن جن جو شمار اڄ ھندوستان ۾ سياسي طور تي ڪافي سجاڳ ماڻھن ۾ ٿئي ٿو. ھي اھي ئي آھن جن پنھنجي پوئتي پيل اونداھن جابلو ڳوٺڻ کي اڄ اندیا ۾ انقلاب جي چمڪندڙ ۽ تمام اڳتي وڌيڪ ٿلھن ۾ بدلي ڇڏيو آھي. انھيءَ جو ثبوت مون کي گوريلا ڪاروائين بابت رپوٽن وغيره جھڙين گھٽين ننڍين ننڍين ڳالھين ۾ مليو.

ھڪ دفعي، پوليس وارن ھڪ سجوڳوٺ ساڙي ڇڏيو ھو ۽ ڳوٺ تي اڃا ڪاٿين جي دم گھٽيندڙ دونھي جا بادل ڇانيل ھئا جو گوريلا ساڻي واپس آيا. ھنن کي ڏسي ڳوٺ جي ماڻھن تي خوشيءَ جي لھر ڊوڙي ويئي ۽ چيائون، "ساڻيو! ذليل ڪتن اسان جي ڪائڻ جو سامان ساڙي ڇڏيو آھي ۽ جيتوڻيڪ اسين توھان کي پوري ماني کارائڻ جي لائق ڪونہ آھيون، تنھن ھوندي بہ جيڪي ڪجھ ڪاڌو آھي توھين بہ اسان سان گڏجي اچي کائو."

اٿن سون کان وڌيڪ گريجن جيلن ۾ بند ڪيا ويا آھن. انھن جي ڪٽنبن جا ماڻھو ھاڻ پاڻ بہ گوريلا ٿي ويا آھن يا ڳوٺ جي بچاءَ لاءِ ٽھيل جٿن جا ميمبر ٿي ويا آھن ۽ ڪي وري گوريلن لاءِ ماني ٽڪي ۽ رھڻ جي بندوبست ڪرڻ ۾ رڌل آھن. ھتي ڪٿي بہ ڊپ يا نراس جا ڪي بہ اھجاڻ ڪونہ ملندا. گوريلا جٿا ھڪ پٽيان ٻي لڙائي پيا ڪن. پھرين ھنن ٽڪرين کي وڌيرن ۽ انھن جي دلالن کان صاف ڪيو. انھيءَ وقت ڪانگريسي رجعت ردعمل پسندن، نظرثاني ڪندڙ ڪوڙن "انقلابين" ۽ ٻين رد عمل پسندن اھا ڳالھ ڦھلائي تہ جدوجھد جو واسطو صرف ٽڪرين تي رھندڙ ماڻھن سان آھي، تنھن ڪري ميدانن تي رھندڙ ماڻھن تي انھيءَ انقلابي ھلچل جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو. پر پوءِ ميدانن تي بہ لڙايون شروع ٿي ويون. وڌيرن ۽ ٻين طبقاتي دشمنن کي ھڪ ٻئي پٽيان نيست ۽ نابود ڪيو ويو. ايستائين جو پوليس جي چوويھ ڪلاڪ نظرداري بہ ھنن کي بچائڻ ۾ ناڪافي ثابت ٿئي ٿئي. طبقاتي دشمن کي ناس ڪرڻ کان پوءِ ھن

جي سڄي ملڪيت ضبط ڪئي ٿي وڃي ۽ ماڻهن ۾ ورهائي ٿي وڃي. هر اها شيءِ، جنهن تي گوريلا جتا قبضو ٿا ڪن، سا پارٽي مرڪز جي حوالي ڪئي ٿي وڃي. ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيوآهي ۽ نڪا ئي اها ڳالهه ٻڌڻ ۾ آئي آهي ته لڙاين ۾ حصي وٺڻ واري گريجن ساٿين يا ٻين هاري ساٿين ڪڏهن به پنهنجي لاءِ ڪا شيءِ ڪنئي هجي.

آءٌ هڪ سوارا گريجن ڪامريڊ سان مليس جيڪو گوريلا ڪمانڊر هو. هو ٻاويهن سالن جو هو ۽ صاف تيلگو ٻوليءَ ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪري رهيو هو. هن چيو ته "اسان کي پنهنجي طبقاتي دشمنن ۽ دوستن جي سڃاڻ ڪرڻ جي سمجهه هئڻ گهرجي. اسان کي انهيءَ ڳالهه ۾ مهارت حاصل ڪرڻ گهرجي ته جيئن اسان کان اڳيون غلطيون نه ٿين، جو اسين پنهنجي دوستن کي پنهنجو دشمن سمجهي ويهون. جيڪو ڪجهه هن ساڻي چيو تنهن جو تت هي هو ته:

"سياست ٻين ڳالهين تي حاوي هئڻ گهرجي."

مک ساٿين جو چوڻ آهي ته هي ساڻي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي. نئين ڪاروائيءَ ۾ حصي وٺڻ سان هن جو شعور پهرين کان وڌيڪ اوچي سطح تائين پهچندو ٿو وڃي.

هن اڙ پڙهيل سادي سودي عام گريجن ساڻيءَ کي چيئرمن مائوءَ جي باري ۾ ڳالهائيدي ٻڌو. هو چيئرمن مائوءَ کي ڏسڻ لاءِ بيتاب آهن. انهن مان گهڻن اهو سوال پڇيو ته "ڇا اسين چيئرمن مائوءَ سان ملي سگهون ٿا"؟ اهو ڪو رواجي سياسي شعور ڪونهي، پر پرولتاري بين الاقواميت جي تمام گهڻي اڳتي وڌيل سمجهه جو اظهار آهي. انهن سادن سودن ماڻهن لاءِ سياسي طرح ايترو گهڻو باشعور ٿيڻ ڪيئن ممڪن ٿيو؟ ڇا هو قدم به قدم عوامي تنظيمون ناهڻ ۽ لڳاتار معاشي جدوجهد ۾ حصي وٺڻ سان انهيءَ سطح تي پهتا؟ حقيقت انهيءَ کان گهڻي پري آهي. ته پوءِ هنن ايترو سياسي شعور ڪيئن حاصل ڪيو؟

چيئرمن مائو چيو آهي ته "اهي (صحيح خيال) ٽن قسمن جي سماجي عملن، پيداواري جدوجهد ۽ طبقاتي جدوجهد ۽

سائنسي تجربن مان پيدا ٿا ٿين" ۽ "اڪثر ڀالھ پھرين سڪڻ ۽ پوءِ ڪرڻ جي ڪانھ ھوندي آھي، پر پھرين ڪبو آھي ۽ پوءِ سڪبو آھي ڇو جو ڪرڻ پاڻ سڪڻ آھي". اوھين شھرن ۾ "مدبرانا ۽ عالمانا" بحثن ذريعي انھيءَ عظيم سچائيءَ کي سمجھي نہ سگھندا. جيڪي انھيءَ عظيم سچائيءَ کي معلوم ڪرڻ ٿا چاھين آءٌ ھنن کي صلاح ڏيندس تہ ھو وڃي سريڪاڪولم جي جانباز عوام سان ملن. انھيءَ سان انھن کي پڪ ٿيندي تہ اھڙو شعور گوريلا جنگ ڪرڻ سان جيڪا طبقاتي جنگ جي تمام اوچي شڪل آھي ۽ مائوزي تنگ جي خيالن جي پرچار ڪرڻ ۾ حصي وٺڻ سان پيدا ٿو ٿئي.

اسين ساڌا ٽي ڏينھن ھلندا رھيا آھيون. ساٺين مون کي ٻڌايو تہ اسين ھاڻ "مرڪز" کي ملڻ وارا آھيون. اھو لفظ ھو عام طور تي مرڪزي جٽي لاءِ استعمال ڪندا آھن. ھر ٽڪريءَ تي چڙھڻ مھل آءٌ اتاوليءَ سان اميد ڪندو ھوس تہ "مرڪز" انھي جي پويان آھي ۽ آخر "مرڪز" اچي ويو. پرھہ ڦٽي رھي ھئي ۽ اسين اونھيءَ لاھيءَ تان ڪجھہ ھلي ڪجھہ پڇي ھيٺ لھي رھيا ھئاسون. ايرندڙ سج جا پھريان پھريان ڪرڻا اڇا گھري نيلي آسمان کي ريٽي رنگ جو چٽ ڏيئي رھيا ھئا جو صبح جي ترش ھوا ۾ اڏامندي ھڪ ڪورس جون ھي ستون اسان جي ڪنن تائين پھتيون. "امرون پتاڪا"، "امرون پتاڪا"، معنيٰ ريٽو جھنڊو. جيئن اسين ويجھو پھتاسون تہ اسان پھرين پھرين گڏ ٽيل "مرڪز" جي ساٺين مٽان ريٽي جھنڊي کي جھولينڊو ڏٺو. ھو ريٽي جھنڊي کي سلامي ڏئي رھيا ھئا. ھنن جون بند مُٺيون ريٽي سلام جي علامت ھئي ۽ ھو ويڪري ميدان ۾ ھڪ دائري ۾ بيٺا ھئا. ميدان جي ٻنھي پاسي ڪمرن جون قطارون ھيون ۽ دائري جي وچ ۾ ھڪ ساڻي ريٽي جھنڊي کي اُيو جھليو بيٺو ھو. پھرين ڪامريڊ ستيانارائڻ ۽ ٻن عورتن ڪورس جون ستون ڳايون، جنھن کان پوءِ ٻين ڪورس شروع ڪيو. سج جي ڪرڻن ھنن جي

چهرن کي روشن پئي ڪيو ۽ هنن جو همت پريو گيت آس پاس ۾ ڦهلجي ويو. هو جيڪو گيت ڳائي رهيا هئا سو ڪامريڊ سپارائو پني گراهي لکيو هو ۽ سندس سر بہ ناهيو هو. هو آندرا جو مشهور انقلابي ليکڪ ۽ ڊرامانويس هو. دشمن هن کان انقلابي ڪم ڇڏائڻ لاءِ گهٽائي وس ڪيا هئا. فلم جي پروڊيوسرن هن کي دعوتون ڏنيون. هن جا ڊراما ڪامياب ويا ۽ انهن مان هزارين روپيا آمدني ٿي ۽ جن پروڊيوسرن اهي ڊراما اسٽيج تي آندا انهن ڪامريڊ پني گراهيءَ کي وڏين رقمن جي آڇ ڪئي پر هو انهن سيني آڇن کي ٺڪرائي انقلابي ڪم ۾ ٽپي پيو.

گيت کان پوءِ "چيئرمن مائو زنده باد"، "ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسي لينني) زنده باد"، "ٻپلب زنده باد" (انقلاب زنده باد) "پرچار سنيم زنده باد" (عوامي فوج زنده باد) جي پرپور نعرن آس پاس جي ٽڪرين کي ڏڪائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ انهيءَ ڏينهن لاءِ ڪن ساٿين کي ڏينهن جي وقت پهريداريءَ جا، ڪن کي رڌڻ پچائڻ جا تہ ڪن کي سياسي بحث مباحثي جا ڪم سونپيا ويا. اهو هتي جو دستور آهي ۽ ريتي جهنڊي کي سلامي ڏيڻ کان پوءِ پهريون ڪم اهوئي هوندو آهي ۽ ٻيا ڪم پوءِ ٿيندا آهن.

هڪ هڪ ڪري مون کي نئين اپرندڙ انڊيا جي خالق ساٿين سان ملايو ويو. مون کي عظيم شهيد ڪامريڊ رينجم بابت ٻڌايو ويو، جيڪو هڪ ٻيرو ٻين ساٿين سان گڏ اوچتو پوليس جي گهيري ۾ اچي ويو هو. هنن جي پوليس وارن سان ويڙهہ ٿي ۽ ٻن پوليس وارن جي مارڻ کان پوءِ ٻين ساٿين ڪامريڊ رينجم کي پوئتي موٽڻ جي درخواست ڪئي پر هن ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پوليس سان مست چيتي جيان وڙهندي گولي لڳڻ سان شهيد ٿي ويو.

تنهن کان پوءِ مون کي هڪ گوريلا جٿي جي ڪمانڊر سان ملايو ويو. هي قداور ۽ جانڪو جوان ساٿي مون سان ملڻ تائين پنج پوليس وارا ماري چڪو هو، جن ۾ هڪ آفيسر بہ شامل هو. هڪ

ڏينهن جڏهن هو پوک تي ڪم ڪري رهيو هو تہ بندوقن سان ہ پوليس وارا اوچتو اتي اچي نڪتا ۽ ڪيس چوڻ لڳا، "ساڻي، تون اسان سان هر وقت ڪاوڙيل ڇو ٿو رهين؟ اسين تہ تنهنجا ساڻي آهيون. ائين آهي نہ؟" تنهن تي هن گوريلا ڪمانڊر وراڻيو، "جيڪڏهن توهين واقعي ئي اسان جا ساڻي ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پنهنجون بندوقون هت ڇڏي هليا وڃو".

انهيءَ تي هنن اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڏني. هن ساڻي ڏاڍي چالاڪيءَ سان ان جو جواب ڏنو ۽ يڪدم هڪ هٿ وارو بم هنن تي اڇلائي ٻنهي کي ختم ڪري ڇڏيو. مون ساڻيءَ کان پڇيو "هٿيارن سان ليس تنهنجي ايترو ويجهو بيئل پوليس وارن کان توکي ڊپ نہ ٿيو؟" "ان ۾ ڊڄڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي". هن مشڪندي چيو، "منهنجي خيال ۾ يا تہ هو مون کي ماري ڇڏين ها يا آءٌ هنن کي ماريان. مون کي انهيءَ ۾ ڪا ڊپائتي ڳالهہ نٿي ڏسڻ ۾ اچي". مون هن ڪميونسٽ کي گهوريو ۽ منجهس ئي ڪامريڊ رينجر ۽ اسان جي ٻين عظيم شهيدن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي نڪو پنهنجي نالي لاءِ نڪوئي ليڊر ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙين پيا ۽ جيڪي موت کان بلڪل بي پرواهہ آهن. سرمائيدارن جي انهيءَ اول جي بلڪل خلاف آهن تہ "هرڪو پنهنجي لاءِ آهي ۽ ٻيا وڃي ڪڏ ۾ پون". اهي ئي ماڻهو اسان جا اصل سورما آهن.

تنهن کان پوءِ منهنجو ميدانن کان آيل هڪ بي زمين هاري ساڻي سان تعارف ڪرايو ويو. هڪ دفعو هن کي ضروري رسد وٺي اچڻ لاءِ هيٺانهن ميدانن ڏانهن موڪليو ويو ۽ جڏهن هو واپس اچي رهيو هو تہ پرهہ ڦٽي ٿي چڪي هئي ۽ هن اوچتو پاڻ کي پوليس وارن جي گهيري ۾ پاتو. هن هڪ لمحو بہ ضايع نہ ڪيو. ٽن يا چئن هٿياربند پوليس وارن تي خالي هٿن سان مُڪن جا وسڪارا شروع ڪري ڇڏيا ۽ جيئن پوليس وارا هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا تہ هو ڀڄي ويجهڙائيءَ واري جهنگل ۾ لڪو.

اڄ ڪلهه هر گذرندڙ ڏينهن سان طبقاتي نفرت تيز ٿيندي ٿي وڃي. ميدانن تان ايندڙ غريب هاري، بدمعاش وڏيرن، لوفرن ۽ ظالم "چگن مڙسن" جي اتن پتن بابت خبرون پهچائيندا آهن. انهن صحيح خبرن ۾ معمولي معمولي ڳالهين جي باري ۾ به خبرون هوندیون آهن. هڪ پيري هڪ وڏيرو پنهنجي گهر جي ٻاهران ڇپر هيٺ پاڙي جي هٿيار بند غنڊن کي لڪائي ويٺو هو. ساٿين کي اڳيئي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئجي ويئي ۽ گوريلا جٿي هڪ ئي وقت ۾ وڏيري ۽ هن جي غنڊن تي حملو ڪري هنن سڀني کي ناس ڪري ڇڏيو.

اهڙا مثال به ملن ٿا ته جنهن ڳوٺ ۾ ويڙهه ٿيڻي هوندي آهي ته اُتي جا غريب هاري اڳتي اچي گوريلن کي منزل تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندا آهن. جڏهن گوريلن جي ڪاروائين جون خبرون ڦهليون ته ويجهڙائيءَ وارن ڳوٺن جا هاري اچي پنهنجي رنجش جو اظهار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا، "توهان کي انهيءَ ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ اسان کي اطلاع ڪرڻ گهربو هو، جيئن اسين به اچي توهان سان شامل ٿيون ها."

هڪ سوارا گريجن ڪمانڊر ٻڌايو ته "هڪ پيرو اسان هڪ بدنام دلال ۽ هن جي هڪ ننڍي دوڪاندار ساٿيءَ کي پنهنجي علائقي ۾ جهليو. ساٿي انهن ٻنهي کي مارڻ وارا هئا پر مون انهيءَ تي اعتراض ڪندي کين پارٽيءَ جي هدايت ياد ڏياري جا ان جي ابتڙ هئي ۽ جنهن موجب اسان کي صرف دلال کي ئي مارڻو هو." هڪدم عوامي ڪورٽ ڪوٺائي ڪيس هلايو ويو. جنهن ۾ دلال کي موت جي سزا ڏني ويئي ۽ ننڍي دوڪاندار کي پارٽيءَ جي پاليسي سمجهائڻ کان پوءِ آزاد ڪيو ويو. طبقاتي دشمنن خلاف نفرت جي اها باهه گهاٽي ٻيلي ۾ لڳل باهه جيان تيز رفتاريءَ سان پري پري تائين ڦهلجندي پئي وڃي. ڏورانهن علائقن جا ماڻهو اسان وٽ اچي زور ٿا ڏين ته اسين سندن علائقن ۾ به گوريلا ڪاروايون منظم ڪريون.

سڄي آندرا پرديش ۾ هارين گوريلا ڪارواين کي سمجهي جدوجهد جي مک شڪل ڪري اختيار ڪيو آهي. چار سال اڳ وائيس چيئرمن "لن پيائو" دنيا جي ڪميونسٽن لاءِ چيني انقلاب جي بي شمار انقلابي تجربن کي سهيڙيندي چيو هو ته "گوريلا جنگ ئي صرف اهڙو رستو آهي جنهن سان عوام جي پوري طاقت کي اُپاري دشمن خلاف جنبي سگهجي ٿو."

اڄ اهوئي هڪ رستو آهي جنهن جي ذريعي هندوستان جي عوام کي اُپاري سگهون ٿا. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيو کو به رستو ڪونهي. آندرا جي انقلابي هٿياربند جدوجهد جي تجربي، اثباتي توڙي منفي مثالن ذريعي اهو مڪمل طور تي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته گوريلا جنگ جي طريقي جو نه ته ڪومٽ آهي ۽ نڪوئي ان جو مٽ ٿي سگهي ٿو. اهو صرف گوريلا جنگ ڪرڻ سان ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي، جو اسين عوام کي مختلف ردعمل پسند سياسي پارٽين جي اثر کان ڪڍي پاڻ سان شامل ڪري سگهيا آهيون ۽ اها جنگ هاٿي (مارچ 1969ع ۾) آندرا جي ويهن ضلعن مان ستن تائين ڦهلجي چڪي آهي ۽ پنجن ٻين ضلعن ۾ به شروع ٿيڻ واري آهي.

سريڪاڪولم جي جابلو علائقن ۾ جيڪو ڳاڙهو عوامي اقتدار قائم ڪيو ويو آهي، انهيءَ نه رڳو سڄي ضلعي کي پر سڄي آندرا پرديش کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ اقتدار جي مضبوط ٿيڻ جي ڪري ۽ تازين گوريلا ڪارواين جي سلسلن جي نتيجي ۾ شعور جي سطح وڌندي ٿي وڃي. گوريلا ڪارواين جي شروع ٿيڻ کانپوءِ پارٽيءَ عوامي تنظيمون بنائڻ جي هدايت ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ريوتنگا سنگراما سميتي (عوامي جنگي ڪميٽي) ٺهي.

آندرا جي موجوده وسيع هلچل ۾ پارٽيءَ جي رهبري چگيءَ طرح جميل آهي. پارٽي پنهنجي غير قانوني اخبار ڇاپي رهي آهي ۽ هزارين پمفليٽ ورهائي رهي آهي. چيئرمين مائو جي هدايت

آهي تہ "پارٽي تنظيم پرولتاريا جي (شعوري طور) سجاڳ فردن مان ٺهڻ گهرجي." چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نائين ڪانگريس کان پوءِ اسان کي اهو سمجهڻ ۾ گهٽ تڪليف ٿي ٿئي تہ "پرولتاريا جا اهي سجاڳ فرد" ڪير آهن. "پرولتاريا جا سجاڳ فرد" اُهي آهن، جيڪي مائوزي تنگ خيال کي، جيڪو پرولتاري نظريي جو اعليٰ ترين اظهار آهي، قبول ڪري پنهنجي ملڪ جي مخصوص حالتن پٽاندڑ لاڳو ٿا ڪن.

مک فوجي علائقي بنائڻ لاءِ هي جابلو علائقو بلڪل موزون ٿيندو. هي چيئرمن مائوءَ جي مک فوجي علائقي بنائڻ بابت ڄاڻايل پنجن شرطن تي پورو ٺهڪي ٿو اچي. انهيءَ ڪري اسان کي دنيا جي ڪائي طاقت هن علائقي کي مک فوجي علائقي بنائڻ کان نٿي روڪي سگهي.

چيئرمن مائوءَ جون مک فوجي علائقي بنائڻ لاءِ ڄاڻايل پنج شرط هي آهن:

(1) مضبوط عوامي بنياد (يا حمايت) هڻڻ.

(2) مضبوط پارٽي تنظيم هجڻ.

(3) چگي خاصي مضبوط ٻاڙهي فوج هڻڻ.

(4) فوجي ڪاروائين لاءِ فائديمند ايراضي هجڻ ۽

(5) گذران ۽ سهاري لاءِ ڪافي چگا معاشي ذريعا هڻڻ.

دشمن حملي ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي طاقت وڌائي رهيو آهي. جديد هٿيارن سان ليس سينٽرل ريزرو پوليس اڳيئي گهٽيون ڪيمپون لڳائي چڪي آهي. چيئرمن مائو دشمنن ڏانهن اشارو ڪندي چيو آهي: "توهين پنهنجي ريت وڙهندا آهيو ۽ اسين پنهنجي ريت. اسين تڏهن وڙهندا آهيون جڏهن اسين کٽون ۽ جي نہ کٽي سگهون تہ پوئتي هٽندا آهيون." ۽ جيئن وائيس چيئرمن لن پيائو چيو آهي: "توهين جديد هٿيارن تي پروسو ڪندا آهيو ۽ اسين تمام بلند شعورواري انقلابي عوام تي پروسو ڪندا آهيون." ائين ٿو لڳي تہ برهمنندارڀدي (آنڊرا

پرديش حڪومت جو مک) بنا پگهار اسان لاءِ رسد پهچائڻ واري وزير جون خدمتون انجام ڏيڻ جو پهه ڪيو آهي. بلڪل ٺيڪ! اسين انهيءَ کي بنهه خراب ڪوٺ ٿا سمجهون.

منهنجي واپسيءَ تي ساٿين هڪ ئي آواز ۾ مون کي ٻيهر اچڻ جي دعوت ڏني ۽ اسان گڏجي نعرا هنيا.

اوندهه ٿي رهي هئي ۽ اسين بار بار پٽرن سان ٽڪرائيندي اڳتي وڌندا رهياسون. اوندهه ۾ سانتيڪيون ٽڪريون وڏيڪ جهڪيون پئي لڳيون ۽ دور ٽڙيل پکڙيل ڳوٺن جون بتيون جگنو جيان ٽمڪي رهيون هيون.

پنهنجن تجربن تي نظر ڪندي مون کي معلوم ٿيو ته مون هت گذاريل چند ڏينهن ۾ گهٽيون کي ڳالهيون سکيون آهن. مون کي اُنهن ظالمن جو خيال آيو جيڪي سريڪا ڪولم جي گوريلن کي "ڊاڪو" ظاهر ڪرڻ لاءِ انقلاب جو چولو اوڍين ٿا. مون کي انهن سڙيل ماڻهن جي خلاف سخت نفرت محسوس ٿيڻ لڳي. جڏهن سامراجين ۽ وڏيرن جا چاڙتا اسان جي خلاف بکواس ٿا ڪن ته اها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ واري آهي پر جڏهن اسان جي صفن ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪندڙ هي رجعت پسند انهن عظيم انسانن کي گاريون ٿا ڏين جن موت تي فتح حاصل ڪئي آهي ۽ جيڪي سيني لالچن کي ٽڪرائيندي، لالچن کان بچندي، سخت پورهئي ۽ پنهنجي خون پسيني سان سر مٽان سر رکندا نئين اُپرندڙ انڊيا جا بنياد رکي رهيا آهن. جڏهن انهن ماڻهن کي "ڊاڪو" چيو ويجي ٿو ته اُنهن خلاف نفرت جي ڪا حد ئي ڪا نه ٿي رهي. جيئن ته توهين هنن کي "ڊاڪو" ٿا سڏيو ته توهان کان اهو پڇي سگهجي ٿو ته توهين پاڻ ڪير آهيو؟ هنن عظيم گوريلن کي گارين ڏيڻ جو توهان کي ڪنهن حق ڏنو آهي؟

اسين ٽڪجي هيٺ لٽاسون ۽ جهنگل ۾ آرام ڪيوسون. سج جا پهريان ڪرڻا وٽن ٽٽن مان جهاتي پائي رهيا هئا. چمڪندڙ اکين سان هڪ ساٿي ڏور سامهون ڏسندي چيو:

"انقلاب رياستن جي وچ ۾ وچوڑي جي حدن کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ اسين اوڙيسا ڏانهن وڌون پيا ۽ تنهن کانپوءِ مڌيا پرديش ڏانهن وڌنداسون." سامهون اولهه ۾ سج اُپري رهيو هو ۽ اوپر سجو آڪ هو. مون ڪامريڊ ستيانارائڻ جو تيلگو زبان ۾ لکيل هي پرجوش نظم ٻڌو:

اٿو! اٿو! او، ايڏواسي جا بهادرو،
پنهنجي مضبوط ۽ جاننڙ لڳن سان،
پنهنجي طبقاتي دشمن خلاف،
جنگ جي ميدان ۾.....

(هفتيوار صبح سنڌ، ڪراچي نومبر 1970 ۾ شايع ٿيل)

4 مارچ: شاگرد جدوجهد ۽ قربانيين جو يادگار ڏينهن

4 مارچ سنڌ جي نوجوانن جو ڏينهن آهي. سنڌ جي نئين ٽهيءَ جي پنهنجي مادر وطن سنڌ ڏانهن سندن تاريخي جوابداري جي احساس ۽ فرض کي سڃاڻڻ ۽ انهي کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش، جستجو ۽ جاکوڙ جو ڏينهن. 4 مارچ جي واقعي کي برصغير پاڪستان ۽ سنڌ جي تاريخي اوسر جي سلسلي لاڳاپي ۽ ڳانڍاپي کان الڳ ڪري ڪٽي رڳو سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جامشوري ۽ حيدرآباد ۾ ٽيل واقعن اندر ئي محدود ڪري رکڻ ۽ ڏسڻ نہ رڳو غلط آهي پر گمراهہ ڪندڙ بہ. 4 مارچ جي واقعن جو ڳانڍاپو، سلسلو لاڳاپو ۽ ڪارڻن جا ٻج مسلم قوم جي نظر ئي ورهاڳي، لڏ پلاڻ، ورهاڳي ڪري پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ خاص ڪري سنڌ جي معاشرتي ڍانچي ۾ انتهائي غيرمتوازن تبديلين اچڻ، جنهن هيٺ سنڌ جي شهرن ۾ غير سنڌين کي رڻا پٽاندڙ وسائڻ، اسرندڙ سنڌي مڊل ڪلاس جي سياويڪ ترقي جا سمورا رستا بند ڪري ڇڏڻ، سنڌ جي سنڌي عوام جي بنيادي حقن تي اسلام پاڪستان جي نالي ۾ ڏاڙا هڻي، سندن وجود کي کچلڻ، مٽائڻ نيست ۽ نابود ڪرڻ جي شعوري توڙي لاشعوري سڌي ريت توڙي لاشعوري سڌي ريت توڙي اڻ سڌي طرح ٽيندڙ سرگرمين ۾ ۽ نتيجي طور پيدا ٽيندڙ حالن ۾ پيل آهن انهن خارجي حالتن جو لازمي نتيجو نڪرندو هو تہ ڏٺڙيل ڦريل ۽ لٽيل قوم جي حساس نوجوان طبقي وانگر سنڌ جو نوجوان طبقو بہ پنهنجي قوم ڏانهن تاريخي جوابداري جو احساس کڻي اٿي کڙو ٿئي. اهڙو احساس

جاڳائڻ ان احساس کي وڌيڪ گهرو ۽ پختو ڪرڻ ۾ سنڌ جي انقلابي ترقي پسندن شاعرن جي تاريخي هٿي شامل آهي ۽ انهي احساس کي قومي شعور جو روپ ڏيڻ لاءِ جي ايم سيد جي فڪر سنڌي ترقي پسند ۽ محب وطن ليکڪن ۽ دانشورن ۽ بين جمهوري ترقي پسند جماعتن اهم ڪردار ادا ڪيو. 4 مارچ انهي قومي جذبي احساس ۽ شعور جو اظهار آهي.

4- مارچ جي موقعي تي شاگردن طرفان ڪنيل وقتي مخصوص مطالبا گهرون ۽ مقصد ڪاميابي سان همڪنار ٿيا يا نه، ايڏو اهم ناهي، جيترو خود 4 مارچ وارو واقعو ۽ انهي واقعي ۾ سمايل تحريڪي سائنس ۽ مسالو ۽ مواد، اهو مواد اسانجو سرماو آهي سرمايو ڇڏيل آثرن جي شڪل ۾نتيجن جي شڪل ۾، تجربن جي شڪل ۾ اسين ايا فتح جي منزل تي نه پهتا آهيون. پنهنجي حقن جي قومي جدوجهد ۾ آهيون هيءَ جدوجهد هڪ ڏينهن جي فقري سرگرمي يا سڏي سوانتي لڪ نعري جي بازي ناهي انتهائي پيچيده ونگڙ خطرن ۽ جوکمن سان ڀريل آهي. هن جدوجهد ۾ سياسي سمجهه، تحريڪي ونگي چالن، تنظيمي صلاحيتن ۽ بين ڪيترن بري لوازمن ۽ ترڪيبن جي ضرورت پوي ٿي ۽ اهو سڀ ڪجهه اسين هلندڙ جدوجهد جي آسيس ۾ سکندا ويندا سين، مهارت حاصل ڪندا ويندا سين ۽ پنهنجن حقن کي حاصل ڪرڻ جي جيت ڏانهن وڌندا ويندا سين. بنيادي شرط هيءَ آهي ته اسين اهڙين تحريڪن مان سکون. تجربي، نتيجن ۽ اثرن جي شڪل ۾ ملندڙ سرمائي مان حاصل ڪيون، ڪيل غلطيون نه ورجايون. مليل ٿوس درست سبقن کي نه وساريون. نتيجن جي چنڊ چاڙ ڪيون، سچائي ڳوليون ۽ اڳتي وڌندا رهون: آخري ۽ مڪمل تابع جي منزل ڏانهن.

اسين 4- مارچ جو ستون ساليون يادگار ڏينن ملهائي رهيا آهيون. اچو ته هن موقعي تي 4- مارچ جي واقعي مان پرٻت ٿيندڙ نعرن، نتيجن ۽ سبقن تي هڪ نظر وجهون:

بهتر ٿيندو ته اسين 4- مارچ جي تاريخ جي پراسيس ۾ سماجي حقيقتن جي اصليت جيڪا آهي، جيئن آهي، جيتري آهي،

جذباتي نموني ڏيڻ کان سواءِ، اصل انهيءَ حيثيت ۾ رکي ڏسون تہ، خاصيت جي لحاظ کان 4- مارچ جي تحريڪ سنڌ جي سنڌي نوجوانن جي جدوجهد جي مظهر آهي! اينٽي بيورڪريسي تحريڪ عام طور تي جمهوري جدوجهد جو هڪ حصو هوندي آهي. 4- مارچ تحريڪ بيورو ڪريسي- دشمن هجڻ سان گڏ مستقل مفادن جي خلاف سنڌي نوجوانن جو "پهريون" ۽ "پريور" عملي اظهار آهي. انهيءَ لحاظ کان هيءَ تحريڪ سنڌ جي قومي جدوجهد ۾ اهم موڙ جو درجو رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هن ئي تحريڪ کان پوءِ سنڌ اندر، سنڌي شاگرد طبقو سنڌيءَ جي حيثيت سان نمايان ٿي، پنهنجي سچاٽپ سان آسري ٻيٺو. 4- مارچ سنڌ جي سنڌي شاگردن کي سنڌي جي سچاٽپ ڏني. هيءَ ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي مڃيل آهي تہ معاشري ۾، جمهوري ڏوڙ قومي جدوجهد ۾ شاگرد طبقو اهم رول ادا ڪري ٿو. 4- مارچ کان اڳ سنڌ شاگرد طبقو سدائين ڪراچي ڊاڪا يا لاهور جي پوئواري ڪندو هو. 4- مارچ کانپوءِ سنڌ جي شاگرد تحريڪ جي پيڙهہ سنڌ يونيورسٽيءَ کان پئي. 4- مارچ کان اڳ سنڌي شاگردن جي قوم پرست ليڊر شپ ڪانہ هئي. 4- مارچ کان پوءِ سنڌ جو شاگرد طبقو قوم پرست جي حيثيت سان قومي جدوجهد ۾ پنهنجي تاريخي اهميت ۽ ڪردار احساس ۽ شعور ڪٽي آيو.

4- مارچ سنڌ جي شاگرد طبقہ ي کي پنهنجي سچاٽپ شڪل، پنهنجو وجود ۽ جام بنياد ڏنا. اهي بنياد جيڪي سنڌ ڏرتيءَ اندر کي آهن.

ايترن نتيجن ۽ اثرن جي باوجود بہ، هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ خود فرد نہ ٿيندي تہ: بنيادي طور تي تحريڪ هڪ فرد جي زور تي ۽ هڪ فرد جي لاءِ ۽ اهو فرد هو سنڌي، ڏٽڻيل قوم جو هڪ بيورو ڪريٽ حالتن پٽاندڙ ائين ٿي پيو. مظلوم قومن جي جدوجهد ۾، بين اهم سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي وغيره مطالبن سان گڏ هيءُ مطالبو تہ آفيسر بہ انهيءَ قوم منجهان هجن، جائز ۽ فطري مطالبو آهي. پر تحريڪ ۾ جڏهن اهڙي قسم جهڙا انفرادي نوعيت جا مطالبا، "ڪل"، سڀ ڪجهہ بنيادي شڪل اختيار ڪيو وڃن ۽ عام قوم

سان تعلق رکندڙ مطالبا انهيءَ جي هيڻان ڏيجي وڃن، ناس ٿي وڃن، ختم ٿي وڃن ۽ رڳو ڪنهن سان لاڳاپو رکندڙ مطالبو هاوي پئجي وڃي تہ پوءِ اهو تحريڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو. تحريڪ کي اڳتي وڌڻ بجاءِ هڪ هنڌ لا محدود، هڪ ڇڪي جي گرد گهمائي بيهاري ٿو. ۽ سڄي تحريڪ انهيءَ ذات جي محتاج ٿيو پوي. اها تحريڪ اجتماعي قومي شعور جاڳائڻ ۽ نڪارکي هٿي ڏيڻ بجاءِ، بدترين ذات پرستيءَ جي خدمت جو ذريعو بنجيو وڃي. فرد ۽ اجتماعي تحريڪ (پوءِ اها تحريڪ قومي هجي، طبقاتي هجي سنڌ جي يا عوامي)، جو گهرو لاڳاپو ۽ سنڌ آهي. جدوجهد جي پراسيس ۾ ذات ۽ تحريڪ هڪ ٻئي کي اثر انداز ڪندا رهندا آهن. پر ذات يا فرد هميشہ قومي مقصدن جي هيڻان رهڻ گهرجي. جدوجهد اکثر ڪري ڪو تحريڪي (ليڊر يا اڳواڻ)، جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو ذريعو آهي.

ليڊرن جو اميج اپارٽو پوندو آهي. پر ذات جو يا قوم اهو اميج جڏهن اهو پروگرام ۽ مقصدن کي اورانگهي، سڄي تحريڪ کي پنهنجي ذات جو محتاج بنائي ڇڏي ۽ تحريڪ ۾ مقصدن جي مرڪزي حيثيت ختم ٿي وڃي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي ٻين کي مرڪزي حيثيت ڏني وڃي تہ ٻين لفظن ۾ مقصدن جي جاءِ تي اچي وڃي تہ پوءِ تحريڪ قومي ڪاز ۽ انقلابي ڪاز جو درجو ڇڏي، ذات جي خدمت جو ذريعو بنجي ويندي آهي. وري روايتون ۽ جمهوري جذبا ختم ٿي ويندا آهن. اتي نفرت اچي ويندي، جيڪا ظاهر آهي تہ قومي جدوجهد ۽ انقلابي عمل لاءِ سخت هاڃيڪار آهي.

پر هتي 4- مارچ جو افسوسناڪ ۽ ان سان گڏ عبرتناڪ پهلو هي آهي تہ سڄي تحريڪ هڪ ڍڇي، گندي بيورو ڪريٽ جي ذات تائين محدود ڪئي ويئي. ادي کي ڪن نہ ن، ادي کي عشق انڊو ڪيو. حسن علي عبدالرحمان پڇ ڇڏائي پاڇ ۾ پورو ۽ شاگرد سندس پڇ کان وٽي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ پورا. نتيجو: تحريڪ انهيءَ ڇڪ ڇڪان ۾ محدود ٿي سسي وئي، جيتوڻيڪ تحريڪ کي ٻين قومي مطالبن (ون يونٽ، زبان، نوڪرين ۽ خاص ڪري ٿوس تعليمي مطالبن وغيره) تائين وڌائڻ، ڦهلائڻ ۽ ان کي مقصدي تحريڪي

روپ ڏيڻ جي گنجائش ۾ ضرورت هئي. پر اسان، سنڌي شاگرد طبقي جي ناتجربيڪاريءَ، جذبات ۾ وهي وڃڻ جي ڪمزوريءَ، تحريڪ جي سائنسي ڪان اڻ ڄاڻائپ ۾ ٻين ڪمزورين ڪري ائين ممڪن ٿي نه سگهيو. بهرحال سنڌي شاگردن جو پهريون معرڪو هو، ناتجربيڪاري ڪري ڪي غلطيون اوس ٿيٽون هيون. پر اسان لاءِ اهم ۾ بنيادي ڳالهه آهي ته اسين آئيندہ انهن غلطين کي نه دهرايون ۾ 4 مارچ تي هن بنيادي سبق کي ڪڏهن به نه وساريون ته.

سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ۾ بيوروڪريٽ ڪلاس تي ڪڏهن به پروسو ۾ ويساهه نه ڪجي. هو پاڙي، خود غرض، بنيادي طور حڪومتي مشينريءَ جو پرزو ۾ دلال آهي. جيڪڏهن هن قوم پرستيءَ جو نقاب اوڙهيو آهي ته، اهو دوکو سمجهڻ گهرجي. بيوروڪريٽ بنيادي طور بيورو ڪريٽ ئي هوندو آهي. قوم پرست نه ۾ تحريڪ جو بنياد ڪا ذات نه، پر ٿوس حالتن هيٺ، ٿوس مسئلا ۾ مطالبا هوندا آهن.

هن سلسلي ۾ 4 مارچ جي تحريڪ اسان کي هڪ هيءُ سبق ڏنو ته: تحريڪ جي رخ کي، شڪل کي مقرر ڪيل وقتي مقصدن کي ڳنڍي نه ڏجي، چنبڙي نه پئجي، اتي ئي جمي نه رهجي. پر تبديل ٿيندڙ حالتن پٽاندڙ موقعي شناسيءَ (نڪي موقعي پرستيءَ) جو مظاهرو ڪندي انهن کي نئين شڪل، نوان رخ ۾ نوان مقصد ڏجن، اهڙي ريت جو اهو انقلابي عمل اتي ئي بيهي وڃن، يا پوئتي هٽڻ جي بجاءِ اڳتي وڌي، مٿي اُپري يا اهي نوان مقصد يا رخ انقلابي عمل اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪن.

مثال طور: ابتدا ۾ جڏهن حسن علي عبدالرحمان پاڙي تي پڃڻ لڳو ۾ نتيجي ۾ شاگرد ليدرشپ توڙي ڪارڪن ۾ عام شاگرد فرسٽريشن، بيزاري، عدم اعتماد ۾ انارڪيءَ جو شڪار ٿيڻ لڳا تڏهن کي ٿوس ۾ قومي مطالبا، گهرون ۾ انهن پٽاندڙ نعرا ڏجن ها ته اهڙي قسم جي فضا ختم ٿيڻ سان گڏ، تحريڪ کي نئون اسرندڙ روپ ملي ها.

4- مارچ قومي حقن جي تحريڪن ۾ جدوجهدن جي هن تجربي

۽ اصول جي سچائيءَ کي نڪاري ٻيهاريو ٿو:

وڏيرو، پير، سرمائيدار قومي حقن جي جدوجهد ۾ سدائين غداريءَ ۽ وطن دشمني جو ڪردار ادا ڪندو آهي. غداري سندس فطرت آهي، انهن تي ٻاڙ، پروسو رکڻ، انهن کي محب وطن سمجهڻ انتهائي حماقتن ۽ نااهلي آهي. قومي دشمني ۽ دوست جو تعين ڪرڻ مهل سدائين وڏيري، پير ۽ سرمائيداري کي دشمن واري خاني ۾ رکڻ گهرجي. قومي جدوجهد ۾ جيڪو به ڪارڪن هن حقيقت ۽ اصول کي وساري ٿو اهو جڙ ٽ قومي جدوجهد ۽ انقلاب جي اصليت کي وساري ٿو.

هن سان لاڳاپو رکندڙ هڪ بنيادي سوال، جڏهن سنڌ جي محب وطن نوجوان 4- مارچ جي تحريڪ ۾ ۽ ان کان پوءِ قومي جدوجهد سان واسطو رکندڙ ٻين ڪيترن تحريڪن ۾ڏٺو، وري وري ڏٺو، ڏسون پيا ۽ ائين ئي ڏسندا رهنداسين. وڏيرو، پير، سرمائيدار ۽ بيوروڪريٽ پنهنجي ڏرتيءَ جو قوم جو، سنڌي عوام جو ويري آهي، غدار آهي. سنڌ ڏرتيءَ جي دشمن جو دوست ۽ دلال آهي ٽ پوءِ سنڌ جا ڪهڙا طبقا آهن، جيڪي سنڌ ڏرتيءَ سان سنڌ ڏرتي جي مفادن سان غداري ڪندا؟ اهي ڪهڙيون قوتون آهن، جيڪي سنڌ جي قومي حقن جي جدوجهد ۽ قومي آزاديءَ جي مقصد کي تڪميل جي منزل تائين پهچائيندیون؟

هن ڏس ۾ 4- مارچ اسان کي هيءُ سبق ٻ ڏنو ٽ: سنڌ جو شاگرد طبقو، اڪيلي سر پنهنجي منهن، سنڌي قوم جي ٻين طبقن کان پاڻ کي ڪٽي، ڌار ڪري، قومي جدوجهد ۾ نه رڳو موثر ڪردار ادا ڪري نٿو سگهي، پر اڪيلي هٿ ڪري نڌڻڪو ٽي موچڑا ٻ ڪائي سگهي ٿو. (انهيءَ حالت ۾ سندس ڪو ڏٽي ڏوٽي ٻ نٿو رهي ۽ اهي ساڳيا سنڌي وڏيرا ۽ پير ٽ دشمن سان ٻٽ ٽيو ٻيڻا هوندا آهن!) ۽ قومي انقلاب کي اڪيلي سر مڪمل ڪري نٿو سگهجي.

4- مارچ جي تحريڪ ۾ (۽ ٻين تحريڪن ۾ ٻ) سنڌي وڏيرن ٽ غداري ڪئي، دشمنن جو ساٿ ڏنو، پر انهيءَ جي جاءِ تي جيڪڏهن سنڌ ۾ هاري تنظيم ۽ ٻيون پورهيت تنظيمون مضبوط هجن ها ٽ،

محب وطن سنڌي شاگردن کي ڪيڏي هٿي ملي ها! سنڌ جي شهري شاگرد طبقي ۾ اهڙي قسم جو احساس 4- مارچ جي تحريڪ کان پوءِ ۽ ايجا وڌيڪ شدت سان ضرورت تازن سنڌي پناهگير جهيڙن کان پوءِ ٿي ته: سنڌ جي ٻهراڙين کي منظم ڪيو. سنڌ جي اصل قوت اتي آهي. هيءَ درست قسم جو احساس آهي. وقت جي ضرورت سنڌي شاگردن کي صحيح احساس ڏياري آهي. پر هن صحيح احساس جو افسوسناڪ پهلو هيءُ آهي ته، ايجا هيءُ احساس جي حدن تائين ئي محدود آهي، يا ٽيبل ٽاڪ جي وري وري ورجايل فقرن تائين!

4- مارچ جتي هيءُ تجربو ڏنو ته، سنڌ جي قومي جدوجهد جي مقصدن کي رڳو شاگرد طبقو اڪيلي سر مڪمل طور نٿو حاصل ڪري سگهي ۽ ان سان گڏ سنڌ جي ٻهراڙين جي اهميت ۽ اصل قوت جو احساس ڏنو، اتي لازمي طور سنڌ جي محب وطن شاگردن کي هي تاريخي ڪم ٻه سونپيو ته هو (جيڪڏهن قومي حقن جي مڪمل حاصلات چاهين ٿا) ٻهراڙين ۾ وڃن، اتي قومي جدوجهد جي اصل قوت کي جاڳائڻ، منظم ڪرڻ، متحد ڪرڻ، کين نظرياتي تعليم ۽ جدوجهد جي عملي طريقن جي تربيت ڏيڻ ۾ مدد ڪن. جڏهن اسين سنڌي شاگرد ٻهراڙين جو ذڪر ڪيون ٿا ۽ اتي وڃڻ جو پروگرام رٿيون ٿا ۽ وڃون ٿا ته 4- مارچ جي تحريڪ جو اهم ۽ بنيادي سبق اسان جي ذهن مان ڪڏهن ٻه نڪرڻ نه گهرجي ته: وڏيرا، پير ۽ سيد غدار آهن. عوام دشمن آهن. ٻهراڙين ۾ ڪم ڪندڙ محب وطن شاگردن جو سڌو سنئون لاڳاپو سهنڌ، دوستي ۽ ڪامريڊ شپ هارين سان هوندي، پورهيتن سان هوندي ڇاڪاڻ ته قومي انقلاب جي اصل قوت اهي ئي آهن. اهي ئي سچا ۽ وفادار محب وطن ڌرتيءَ سان سچو اونهون پيار ڪندڙ آهن ۽ پنهنجي مادر وطن لاءِ صحيح معنيٰ ۾ وڙهندڙ.

هيءَ ته عام فهم جو منطق آهي ته، جڏهن سنڌ جي محب وطن پورهيتن ۽ هارين ۾ قومي جاڳرتا جي لاءِ ڪم ڪندو، تڏهن هو هارين ۽ پورهيتن جي طبقاتي مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻه جستجو ۽ جاکوڙ ڪندا ۽ سندن طبقاتي مفادن جي جدوجهد ۾ ٻه

شريڪ ٿيندا، ٻين لفظن ۾ سنڌ جي محب وطن شاگرد طبقو قومي حقن جي مڪمل حاصلات لاءِ پورهيت عوام سان گڏجي، سنڌ ۾ انهيءَ اعليٰ معاشرتي نظام قائم ڪرڻ ڏانهن وک وڌائيندو، جتي ڪوبہ ڪنهن جي محنت تي ڏاڙو نہ هڻندو. پورهئي جي قدر ٿئي ۽ آجو سنڌ جو معاشرو!

4۔ مارچ جي تحريڪ ۾ ٻيو اهم مسئلو قومي جدوجهد ۽ جمهوريت جي لاڳاپي جي باري ۾ اسان جي آڏو آيو ۽ اسان ڏٺو تہ ٻنهي جو ڪيڏو نہ گهاٽو، اٿوٽ اڻ ڇڄندڙ نالو آهي. پنهنجي هڪ صحيح ۽ جائز مطالبي ۽ تعليمي اداري ۾ انتظاميا جي هڪ ڪميٽي آفيسر جي بيجا مداخلت خلاف احتجاج جو اظهار، شاگردن جو هڪ جمهوري حق هو، جنهن کي اتنهائي انسانيت ڪش، وحشي ۽ حيواني طريقن سان ڪچلڻ دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي لاءِ آمرانہ ۽ غير جمهوري طريقي جو استعمال هن حقيقت جي تقاضا ڪري ٿو تہ، سنڌ جي شاگرد طبقي کي قومي حقن جي لاءِ لڙڻ سان گڏوگڏ جمهوري حقن لاءِ بہ لڙڻو پوندو.

(اڳتي قدم مارچ 1973ع)

فلسطيني فدائي اڳواڻ

ڊاڪٽر جارج حباش سان ملاقات

اوريانا فالاڪي

ڊاڪٽر جارج حباش پاپولر فرنٽ فار دي لبريشن آف فلسطين جو سربراه آهي. جارج حباش ڪجهه سال اڳ عمان ۾ هڪ اسپتال جو مالڪ هو. سندس اسپتال گهٽو ڪري ننڍڙن ٻارن ۽ غريب ٻين سان پريل هوندي هئي، ڊاڪٽر حباش ڪڏهن به پيسن جي لاءِ زور نه پريندو هو، مريضن لاءِ دوائون پنهنجي کيسي مان خريد ڪندو هو ۽ جڏهن مريض اسپتال ڇڏڻ وارا هوندا هئا تہ سندن هٿن ۾ نوٽ ڏئي ڇڏيندو هو. هو 1967ع ۾ فدائي تحريڪ ۾ شامل ٿيو.

ڪائنس هي انٽرويو اوريانا فالاڪي آمريڪي رسالي "لائيف" لاءِ ورتو هو.

س - ڊاڪٽر حباش، توهان جي محاذ طرفان گهٽو ڪري دهشت پسنديءَ ڪئي ويندي آهي ۽ انهن مان گهڻا واقعا يورپ ۾ ڪيا ويا آهن. توهان کي ڪهڙو حق آهي تہ توهان هيءَ جنگ يورپ تي مڙهي؟

ج- مان توهان کي سمجهائيندس، جنگ ۾ سائنسي طور تجزيو ڪري ماڻهوءَ کي اهو طئي ڪرڻو پوندو آهي تہ سندس دشمن ڪير آهن. اسانجو دشمن اسرائيل ۽ ان سان گڏ صيهونيت آهي، جيڪا اسرائيل ۽ سامراج جي پئيرائي ڪري ٿي. منهنجو مطلب 1918ع تائين برطانوي سامراج ۽ 1948ع کان وٺي آمريڪي سامراج آهي. جيڪڏهن اسان کي رڳو اسرائيل جو مقابلو ڪرڻو هجي ها تہ مسئلو آسان ٿي پوي ها پر اسان کي هر انهي طاقت جو مقابلو ڪرڻو آهي،

جيڪا اسرائيل کي اقتصادي، جنگي سياسي ۽ نظرياتي طرح سان مدد ڪري ٿي. ان جو مطلب سرمائيدار ملڪ آهن، جن وٽ اسرائيل جون واڳون آهن ۽ جيڪي ان کي عرب علاقن ۾ پنهنجي مفادن بچائڻ لاءِ ڪم آڻين ٿا. انهن ۾ آمريڪا ۽ يورپ جا گهٽو ڪري سيئي ملڪ شامل آهن.

ٿوري دير لاءِ يورپ کي ڇڏيو، اسرائيل تي بحث ڪريون. اقتصادي ۽ سياسي نقطہ نظر کان اسرائيل هڪ پيٽ آهي، جيڪو پنهنجن دوستن کان الڳ آهي ۽ پنهنجن دشمنن شام، لبنان، اردن ۽ مصر جي گهيري ۾ آهي. ان جا سندس دوست ملڪن سان لاڳاپا رڳو هوا ۽ سمنڊ وسيلي ٿي سگهن ٿا، تنهن ڪري اسان کي سندس اهي وسيلا بند ڪرڻا پوندا. اسان کي اڳتي هلي ساموندي وسيلن، سمنڊ ۾ هلندڙ توڙي بندر تي بينل جهازن ڏانهن ڏيان ڏيڻو پوندو. اسان جا، ڪجهہ عرصي کان اسرائيلي هوائي ڪمپنيءَ جي جهازن تي حملا جائز آهن. اهي اسان جي دشمن جي ملڪيت آهن. اهي اسرائيل جي پيٽ کي ڪنارن سان ملائين ٿا ۽ اهي فوجين ۽ هٿيارن کي ڏوئين ٿا. اهي اسرائيل جي محفوظ فوجي دستي ذريعي اڏاريا وڃن ٿا. جنگ ۾ دشمن تي ڪٽي بہ حملو ڪرڻ جائز آهي ۽ ان اصول تي عمل ڪندي اسان انهن يورپي هوائي اڈن کي پنهنجو نشانو بڻايون ٿا، جتان اسرائيلي هوائي جهاز اڏامن يا لهن ٿا.

س ڈاڪٽر حباش، تون اهو وساري ٿو ڇڏين تہ انهن جهازن ۾ غير جانبدار ملڪن جا شهري سفر ڪن ٿا ۽ اهي هوائي اڈا اسرائيل جا نہ آهن، غير جانبدار ملڪن جا آهن. غير جانبدار ملڪن سان جنگ جو بيو قانون لاڳو آهي.

ج ـ ان ڳالهہ کي ڇڏي تہ اهي هوائي اڈا صيهونيت جي حامي ملڪن ۾ آهن، اسان کي اهو حق آهي تہ اسان جو دشمن جتي بہ هوندو اسان اتي ان سان وڙهنداسون. جيستائين غير اسرائيلي مسافرن جو تعلق آهي، اهي اسرائيل ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ جنهن

ايراضي کي اسرائيل چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو علائقو اسان کان ڦريو ويو آهي، ان تي اسان جو اختيار ڪونهي، تنهن ڪري جيڪو به اسرائيل ويندو، ان کي اسان جي اجازت ونڊي پوندي. جرمني، اٽلي، فرانس ۽ سوئٽزرلينڊ جهڙا ملڪ- جتي يهودي آبادي گهٽي آهي، سي پنهنجن ملڪن کي يهودين جا عربن سان وڙهڻ جا اڏا بڻايو وينا آهن. مثال طور اٽلي عربن خلاف هڪ اڏو آهي، عربن کي به حق آهي ته هو اٽلي کي يهودين سان وڙهڻ جو اڏو بڻائين.

س- ڊاڪٽر حباش، اٽلي يهودين جو اڏو نه آهي ۽ نڪوئي جرمني، فرانس يا سوئٽزرلينڊ آهن. توهان ته اسرائيلي هوائي ڪمپني تائين به محدود نه آهيو. توهان ڇا چاهيو ٿا؟ توهان هن ڏرتيءَ جي منهن حصي تي جنگ ڪرڻ چاهيو ٿا ڇا؟

ج- اسان اهو نٿا چاهيون- پر اسان کي هن باري ۾ سائنسي طور تي ڏسڻو پوندو ۽ اهو ته اسان جي انقلابي تحريڪ جو هڪ حصو آهي. اسان کي ايمانداري سان اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته اسان ويٽنام جهڙي جنگ چاهيون ٿا- اسان ويٽ نام جهڙي جنگ رڳو فلسطين ۾ نه پر سمورن عرب ملڪن ۾ لڙڻ چاهيون ٿا. فلسطيني عرب قوم جو حصو آهن ۽ اسان چاهيون ٿا ته سڄي عرب قوم هن جنگ ۾ شريڪ ٿئي. پر جيستائين ائين ٿئي، اردن، شام ۽ لبنان انقلابي طاقتون اسان جي جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙيون. اسان جي جنگ اڃان مس شروع ٿي آهي، اڃان ته اسان کي گهڻيون مصبتون ڏسڻيون آهن ۽ اهو يورپ ۽ آمريڪا لاءِ ضروري آهي ته هاڻي خبردار ٿين. تيستائين امن قائم نه ٿيندو جيستائين فلسطين سان انصاف نه ٿيندو. توهان سيني لاءِ اڳتي ڏاکڙن جا ڏينهن آهن ۽ اهي ڏينهن پري ڪونهن، جڏهن توهان کي اسرائيل جي مدد لاءِ مهانگي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. هاڻي اها ڳالهه ته صاف ٿي، اچو ته انهيءَ ڳالهه تي اچون ته انهن جهازن جو تعلق اسرائيلي هوائي ڪمپنيءَ سان ڪونهي، مان يانيان ٿو ته تنهن جو مطلب آمريڪي ڪمپني ٽي ڊبليو

اي جي ان جهاز سان آهي، جنهن کي اسان دمشق آندو هئو سين.

آمريڪا اسان جي دشمن جو اصل مددگار آهي، تنهن ڪري اهو به اسان جو دشمن آهي. ان جهاز جو رستو اسرائيل کي آمريڪي ڦينٽم مهيا ڪرڻ خلاف، احتجاج طور ڦيرايو ويو هو.

س۔ آمريڪا اسرائيل کي فينٽم جهاز ڏئي ٿي ۽ روس مصر کي مگ جهاز ڏئي ٿو. تنهنجي خيال ۾ ڳالهه مٿئي ساڳي ڪاهي؟ جيڪڏهن اسرائيلي به ان نموني، هر دفعي، جڏهن روس مصر کي مگ ڏئي ها، جهازن جو رستو ڦيرائن ته هوند ته اسان سڀ سائيڪلن تي سفر ڪريون ها. اهڙيءَ طرح ٽين عالمگير لڙائيءَ لاءِ هٿي نه ٿي ڏني وڃي؟

ج۔ سچي ڳالهه ته نه دنيا اسان کي استعمال ٿي ڪري ۽ اسان کي وساري ڇڏيو آهي۔ جيستائين اهي ان ڳالهه کي محسوس ڪن ته اسان جو به وجود آهي ۽ جيستائين اهي اسان کي پنهنجي ذاتي غرض لاءِ پيڙڻ ختم ڪن، اسان پنهنجي وطن واپس وڃڻ لاءِ هر ڪا قرباني ڏينداسون.

س۔ توهان کي دنيا جي عام راءِ جو خيال ڪونهي؟

ج۔ بلڪل، اسان کي دنيا جي عام راءِ جو خيال آهي. جڏهن دنيا جي عام راءِ توهان جو پاسو ٿي وڃي ته توهان پانيو ٿا ته توهان درست آهيو ۽ جڏهن اها توهان جي خلاف آهي ته توهان پانيو ٿا ته جيڪو ڪجهه توهان ڪيو ٿا، سو غلط آهي. پر مسئلي کي مختلف نموني سان پيش ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته اسان ان عام راءِ تي ڏيان ڏيون ٿا جيڪا ڪلهن جذبن بجاءِ ڄاڻ جي بنياد تي آهي. مان توهان کي سمجهايان ٿو. اسان جي محاذ حملا تعداد بجاءِ معيار مطابق وڌيڪ آهن. اسان جو ويساهه آهي ته جنگ ۾ 200 يهودين مارڻ کان، هڪ يهودي جيڪو جنگ جي ميدان کان ٻاهر آهي، اهو مارڻ وڌيڪ آهي، چاڪاڻ ته ان سان دنيا جو ڏيان وڌيڪ ڇڪجي ٿو ۽ جڏهن اسان لنڊن جي ڪنهن اسٽور کي باهه ڏيون ٿا، ته اهي به شعلا ٻن

بارود خانن کان وڌيڪ اهم آهن. ڇاڪاڻ تہ اسان جو اصل زور ان ڳالهہ تي آهي تہ ماڻهو اسان کان پڇن تہ ڇا ٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح سان انهن کي ان ڏک جهڙي صورتحال جو وڌيڪ احساس ٿو ٿئي تہ توهان کي هميشہ اسان پنهنجي دکدائڪ حالت جي يادگيري ڏيارڻ گهرون ٿا. بهرحال، دنيا جي عام راءِ ڪڏهن بہ نہ اسان سان رهي آهي، نہ مخالف رهي آهي. اسان ان تخريب ذريعي دنيا کي ان گهمسان جي يادگيري ڏيارڻ گهرون ٿا جيڪو اسان وٽ آهي. جيڪي ڏاڏايون اسان سان ٿيون آهن، انهن ڏانهن دنيا جو ڏيان ڇڪائڻ گهرون ٿا. سنہ 1917ع ۾ جڏهن بالفور اعلان تي صحيح ڪئي وئي، تڏهن کان وٺي توهان اسان کي وساري ڇڏيو آهي. يقين رک تہ اسان تي جيڪو وهيو واپريو آهي، وٽيس سو ڪريون، پوءِ ڪٽي انهن ۾ توهان جي چوڻ مطابق دهشت پسندي بہ آڇي ويڇي. دنيا جي عام راءِ ان مهل ڪٽي هئي، جڏهن برطانيہ 90 سيڪڙو فلسطيني آبادي جو ملڪ يهودين کي سوڪڙيءَ طور ڏنو هو.

س - ڊاڪٽر حباش، برطانيہ ان مهل عالمگير لڙائي جي ممڙ ۾ رڌل هو. مان تنهنجي جواب منجهان ائين ٿي پائيان تہ توکي يورپين جي موت جو ڪو خيال ڪونهي. ائين ناهي تہ توهان اسان جا استور ساڙيندا رهندو، اسان جي هوائي اڈن کي نشانو بڻائيندا رهندو ۽ اسان کي انهن دهشت وارن قدمن ذريعي هيسائيندا رهندو؟

ج- جڏهن يهودين فلسطين ۾ ائين ٿي ڪيو تہ توهان انهن کي تہ "دهشت" نہ پئي چيو ۽ ان کي آزاديءَ جي جنگ ٿي سڏيو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اسان پنهنجي حڪمت عملي مطابق هر ڪو قدم ڪٽڌاسين ۽ اسان اصل ۾ ان جو انت آڻڻ گهرون ٿا. بهرحال، اسان يورپين کي نقصان نہ رسائڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪنداسون. پنهنجي ڇڻ جي سر جو قسم کٽي ٿو چوان تہ اسان ان مسئلي ڏانهن پنهنجو پورو ڏيان وقف ڪيو آهي. اسان پنهنجي جوڙن کي هر حڪم ۾ هميشہ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ هو ڪنهن بہ غير

جانبدار کي ڪجھ نہ چون. 1969ع جي سموري لڙائي ۾ ان حڪم جي تعميل ڪئي وئي آهي ۽ اسان جي ڪنهن به قدم جي ڪري ڪنهن به يورپي پنهنجي جان نہ وڃائي آهي. لنڊن جي اسٽور جي باهه کي ڪٽي ونجي. اسان جي فدائين جي لاءِ اها ڳالهه بلڪل سولي هئي ته هو به بم ڦٽا ڪن ها ته گهٽائي ماڻهو ماري وجهن ها. پر هنن ماڻهن کي بچائڻ لاءِ سڄي رات انتظار ڪيو. اهو سچ آهي ته اٽينس ۾ هڪ ٻار مئو، پر ان ڳالهه ۾ فدائين جو ڪو به هٿ ڪونہ هو. رڳو اسان دهشت پسندي ڪونہ ٿا ڪيون. فلسطين ۾ گهٽيون ئي تنظيمون آهن.

س۔ موضوع بدلايون. ڈاڪٽر حباش! ڪهڙا ملڪ اوهان جا دوست آهن.

ج۔ اسان جي ساڳي ويٽ نامين جهڙي حالت آهي. اسان اُن جا دوست آهيون، جيڪو اسان جو دوست آهي. اسان جي جدوجهد جو مقصد رڳو اهو ڪونهي ته اسان فلسطين جو قومي وجود بحال ڪريون، پر اسان ان کي سوشلسٽ رياست ۾ به تبديل ڪرڻ گهرون ٿا. اسان ساڳئي وقت قوم پرست ۽ سوشلسٽ بہ آهيون. اسان جو محاذ سوشلسٽ بنيادن تي اڳتي وڌي رهيو آهي.

1967ع ۾ اسان اهو سبق سکيو ته فلسطين جي آزادي لاءِ اسان کي چيني ۽ ويٽ نامي نموني تي هلٽو پوندو. جيتوڻيڪ اسان ان تي گهڻو غور ڪيو آهي، پر ان حقيقت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو ڪونهي. اسرائيل بينڪي راڄ جي پيداوار آهي ۽ بينڪي راڄ سامراج جي پيداوار آهي ۽ سامراج سرمائيداري جي پيداوار آهي. تنهن ڪري اسان جا دوست رڳو سوشلسٽ ملڪ آهن. جن جي جهازن کي اسان ڪوبہ نقصان نٿا رسايون. اسان جو بهترين دوست دراصل چين آهي. چين چاهي ٿو ته اسرائيل کي دنيا جي نقشي تان ميساريو وڃي، ڇاڪاڻ ته جيستائين اسرائيل جو وجود آهي تيستائين عرب دنيا ۾ اڳرائيءَ جو اڈو موجود رهندو.

س سوويت روس جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟

ج سوويت روس به دوست آهي، جيتوڻيڪ ڪجھ گھٽ ئي سھي. ھو عربن کي ھٿيار ٿو ڏئي. يا هينئن کٽي چڪجي ته جيڪي حڪومتون عربن تي حڪومت ڪن ٿيون، تن کي شايد "ڪجھ گھٽ" چوڻ به غلط آهي. ڇاڪاڻ ته اسان سوويت روس جي بلڪل ويجھو آهيون. جيئن چيني چاهين ٿا، اسان تيئن روس کي نه سمجھي سگھنداسون. اھڙيءَ طرح جيئن روس چاهي ٿو تيئن چين کي نه پائيندا سون. بھرحال روس جھڙي نموني سان گڏيل قومن ۾ نمراءَ پيش ڪري ٿو، اسان ان کي سٺو نٿا پائيون. ڇاڪاڻ ته اهي اصل ۾ رکيل ڇار آهن. اسان کوبه امن پسنديءَ وارو سمجھوتو قبول نه ڪنداسون ۽ هن معاملي ۾ چين اسان سان ھڪجھڙو آهي.

س. توهان پنھنجا فوجي چين ۾ سکيا لاءِ موڪلينداآهيو.

ج- نه- اسان جو محاذ پنھنجن جوڙن کي پاڻ سکيا ڏيندو آهي. اسان نشاني بازي کانسواءِ به گھڻو سيکاريندا آهيون. اسان جي نون پرتي ٽيلن کي عبراني ٻولي به سيکاري ويندي آهي. اسان جي سکيا ساڳي الفتح جھڙي ناهي.

س. اصل ۾ توهان جي الفتح سان چڱي پوت کانه ٿي ڏسجي؟

ج- اسان ساڳين محاذن تي وڙھندا آهيون. پر ساڳئي وقت اسان جو الفتح سان گھڻن معاملن تي اختلاف آهي. مثال طور جھڙيءَ طرح هو رجعت پرستن کان رقم قبول ڪن ٿا، سا اسان کابه اھڙي رقم وٺڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون جيڪا آمريڪي تيل منجھان حاصل ٿي هجي. پر هن کان اڳ مان توهان کي پنھنجي دشمن جي باري ۾ ھڏائيندي عرب قومي حڪومتن جو نالو کڻڻ پلجي ويس. اها پل هئي. ڇاڪاڻ ته مان توهان کي فلسطين جي گذريل 52 سالن جي تاريخ ھڏائڻ ٿي چاهي. مان اهو ڏيکاري سگھان ٿو نه اسان جي راھ ۾ سڀ کان وڏي مشڪل عرب رجعت پرست آهن. مثال طور سعودي عرب، جتي گھڻا تيل جا کوھ آمريڪا جي ھٿ ۾ آهن، يا

لبنان جي سڙيل حڪومت. ان کانپوءِ اردن آهي، ان جو بادشاهه اسرائيل کي مڃڻ لاءِ تيار آهي. اها لسٽ ايڏا ۾ ڏکڻي ٽي سگهي ٽي. اهي ملڪ آهن، جن سان الفتح گڏجي ٽي، پر اسان لاءِ انهن کان رقم وٺڻ جو مطلب اسان جي اخلاقي ويساهن ۽ اسان جي وقار جو خاتمو آهي. اسان پاڻ منجهان پيسا گڏ ڪندا آهيون. جڏهن مالي حالت سخت خراب ٿيندي آهي ته پوءِ اسان، جن وٽ دولت آهي، تن کان حاصل ڪري وٺندا آهيون- جيڪي اسان جي محاذ ۾ شامل ٿيندا آهن،انهن کي اها خبر آهي ته اهو ڪو چرچو ڪونهي. بهرحال، اسان ئي آهيون جن فلسطين ۾ انقلابي عمل تيز ڪيو آهي ۽ نه الفتح. اصل عوام، پورهيت، عام ماڻهو اسان جي ڏسيل راهه تي هلندا آهن.

س- پوءِ ان حقيقت جي تشريح ڪيئن ڪندو ته عام ماڻهن جي اڪثريت الفتح سان آهي ۽ توهان سان گهٽو ڪري دانشور ۽ سرمائيدار آهن؟

ج- اها حقيقت آهي ته گهٽ ۾ گهٽ في الحال ته اسان تعداد ۾ گهٽ آهيون. پر ان جي ڪري اسان ۾ ڪو ڪمتري جو احساس پيدا ڪونه ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ائين ضروري ڪونهي ته پورهيتن جي پارٽي ۾ گهڻا پورهيت هجن. اصل ۾ جيڪا ڳالهه اهم آهي، سا آهي پورهيت نظريو ۽ پورهيت پروگرام- ان مان ڪو به فائدو ڪونهي ته رڳو پيسي جي ترغيب تي گهڻا فدائي پرتي ڪيا وڃن. سئو ماڻهو، جيڪي نظرياتي طور واضح آهن، سي هزار ماڻهن کان بهتر آهن. جيڪڏهن اسان وٽ الفتح جيتري دولت هجي ته به اسان گهڻا ماڻهو قبول نه ڪنداسون، اسان فدائي تعداد جي لحاظ کان نه پر صلاحيت جي لحاظ کان وڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسون، خاص طور تي جڏهن ڪو ماڻهو برسر جنگ آهي، جنهن کي توهان دهشت پسندي چئو ٿا.

س- پر ان ۾ ڪهڙي سورهيائي آهي ته هڪڙي ماڻهن جي گهرن کي باهه ڏني وڃي، اسپتالن جي آڪسيجن سپلاءِ ختم ڪئي وڃي يا

سپر مارکيٽ يا هوائي جهازکي تباهه ڪيو وڃي؟

ج- اها گوريلا جنگ آهي ۽ گوريلا جنگ جو خاص قسم. اصل ڳالهه آهي پنهنجو اهڙو نشانو ڳولهڻ، جنهن ۾ سو سيڪڙو ڪاميابي جي اُميد هجي. ننڍين ننڍين نقصانن جي ذريعي ڊيڄارڻ، دل شڪستو ڪرڻ ۽ ماڻهن جي اعصابن تي سوار ٿيڻ اصل مقصد آهي. طاقت جو صفا استعمال غلط آهي. اهو رڳو سوچيندڙ ماڻهو جو ڪم آهي. جنهن صورتحال ۾ اسان جو محاذ بالڪل غريب آهي، مڪمل جنگ جي باري ۾ سوچڻ حماقت آهي. سامراج گهڻو طاقتور آهي ۽ اسرائيل ڪافي مضبوط. انهن کي نابود ڪرڻ جو رڳو طريقو آهي ته انهن کي ٿورو نقصان هٿي ته ٿورو نقصان هٿي پهچائجي. اهڙيءَ طرح قدم قدم، انچ انچ اڳتي وڌي، سالن جي جدوجهد عزم، استقامت ۽ صبر سان ڪرڻي آهي. اسان پنهنجي موجوده حڪمت عملي کي برقرار رکنداسون. اها چستي واري حڪمت عملي آهي. ڏس نه، تون اسرائيلي هوائي ڪمپني ذريعي سفر ڪندينءَ نه؟ ڳالهه چاهي؟ تون هيسيل آهين.

س- مان هيسيل آهيان.

ج- توکي بلڪل حق آهي ته جيڪو ڪجهه مان چوان، تون ان کي ناپسند ڪرين، پر مان تنهنجن جذبن ۽ راين جو خيال ڪري نٿو سگهان. اهو بلڪل ائين آهي جيئن رت وهائڻ کانسواءِ جراحي ڪجي. منهنجي ان ۾ ڪابه دلچسپي ڪونهي ته تون چا ٿي سوچين، ڪٿي تون درست به هجين، منهنجي دلچسپي رڳو ان ۾ آهي ته منهنجا ماڻهو چا ٿا سوچين. تو کي خبر هجڻ گهرجي ته منهنجا ماڻهو هڪ ڪامياب قدم تي ڪهڙو ردعمل ڪن ٿا. اسان جو جذبو آسمان جيترو اوچو ٿي وڃي ٿو. جيترا توهان هيسبو، اوترا اهي خوش ٿيندا.

س- توهان سچ پچ فوجي عملن ۾ حصو وٺندا آهيو؟ اهڙن ڪمن ۾ جنهن ۾ توهان جي جان کي جوکو آهي؟

ج- بلڪل اسرائيل ۾ 85 سيڪڙو ڪم اسان جو آهي ۽ نہ الفتح جو. گھٽو ڪري غازه پٽي ۾ هر حملو اسان جو هوندو آهي ۽ ٻئي والا ريل حصي ۾ گھٽ ۾ گھٽ 50 سيڪڙو. غازه پٽي ۾ اسان جي محاذ اهڙي لڙائي لڙي آهي جنهن جو خود موشي دايان اعتراف ڪيو آهي تہ اها اسرائيلي علاقي ۾ لڙيل سڀني کان خطرناڪ هئي. هر روز ڪٽي نہ ڪٽي ڪو ٽينڪر تباهہ ٿو ٿئي، ڪو سپاهي ٿو مري يا ڪنهن غدار کي سزا ٿي ملي.

س- هاڻي مان ڪجهہ توهان جي ذاتي باري ۾ جاڻڻ چاهيندس. تون ڈاڪٽر هئين. تنهنجو فرض انساني جانين ختم ڪرڻ نہ، پر بچائڻ هو. تون عيسائي هئين، تنهنجي مذهب جا متا پيار ڪرڻ ۽ بخشي چڏڻ هو. توکي تنهنجي ماضي جي اکيرٿئي ٿي؟

ج- مان عيسائي هوس. ها- هڪ ڪٽر عيسائي. ها مان ڈاڪٽر هوس، ہارن جي مرضن جو ماهر. مان ان ۾ خوش هوس. منهنجي خيال ۾ دنيا جي بهترين پيشي کي اختيار ڪيو هوم ۽ توهان کي ان جي خبر آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪا شيءِ اسان جي دل ۽ دماغ ۾نهي تي اثر رکي ٿي، خاص طور تي ہارن تي. مان پنهنجي ہارن جي پرورش ڇاهہ سان ڪندو هوس. انهن سڀني کي چڏڻ منهنجي لاءِ بي انتها مشڪل هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي انهن ڏينهن جي اکير ضرور پيدا ٿيندي آهي، جڻ ڪو هلڪو سور ٿيندو هجي. پر مون جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، سو ڪرڻو هوم، ان لاءِ مون کي ڪو افسوس ڪونهي. منهنجي سياسي ڪم ۽ اسپتال جي ڪم ۾ ڪو خاص تفاوت ڪونہ آهي. ماڻهو پنهنجا جذبا ائين ٽڪر ٽڪر نٽو ڪري سگهي تہ هڪ هٿ سان علاج ڪجي ۽ ٻئي سان مارجي. اهڙو وقت ضرور اچي ٿو جڏهن هن کي هي يا هو جو فيصلو ڪرڻو ٿو پوي.

س- ڈاڪٽر حباش، ڪهڙي شيءِ توهان کي ائين ڪرايو ۽ ڪهڙي شيءِ اهڙي تبديلي پيدا ڪئي؟

ج- ڪهڙي شيءِ مون کي ائين ڪرايو؟ اهو ڪوبہ عقلي جذبو

ڪونہ هو، مثال طور مارڪس نہ هو. مون ان جون تصنيفون اڳ ۾ ئي پڙهيون هيون- مون هن جي سائنسي نتيجن کي اڳ ۾ ئي قبول ڪيو هو. سندس تعليم احساس کان ڪجهہ وڌيڪ هئي. توکي خبر آهي تہ مان انسانن جو روحاني اذيتون نہ پر جسماني اذيتون ڏسندو آهيان. مان شرمناڪي ۽ بي انصافي نہ سهي سگهندو آهيان- 1948ع تائين مان عام نوجوان هوس، هڪ سٹي خاندان جي اولاد، ڪاليجي شاگرد جيڪو ترندو آهي، ٽينس کيڏندو آهي ۽ چوڪرين جي پٹيان هوندو آهي. مون کي 1948ع جي واقعن سخت تڪليف پهچائي، پر منهنجي زندگي تي ڪو اثر نہ ٹيو. ان مهل 22 سالن جو هوس ۽ جيروسلم پرسان لڌا شهر ۾ رهندو هوس. منهنجو پناهگيرن جي تقديرکان بچاءُ ٹيو. ڌگري حاصل ڪرڻ کانپوءِ مون پاڻ کي طب ۾ پوري ڇڏيو، ڇوتہ مون ان کي انسان ذات جي خدمت جو رڳو ذريعو ٹي سمجهيو. ۽ مون ان کي سوشلزم آڻڻ جو وسيلو بہ پئي سمجهيو مان ڪاليج جي آخري سالن ۾ سوشلسٹ بڻجي چڪو هوس. اهو 1968ع جو سال هو، جڏهن هو (اسرائيلي) لڌا ۾ آيا ۽ مون کي سمجهہ ۾ نٹو اچي تہ مان توکي اها ويڙن ڪيئن سمجهايان..... ايا ان جو مطلب ڇا آهي تہ اسان کي گهر نہ هجي، قوم نہ هجي ۽ ڪوئي اهڙو نہ هجي جيڪو اسان جو خيال ڪري. انهن اسان کي لڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهو منظر هن مهل تائين مون کي ڊيڄاري ٹو ۽ مان ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندس. ٹيهہ هزار ماڻهو گهمندي..... روئندي..... ظلم کان ڪنبندي ..... عورتون هنجن ۾ ٻارن سان۽ ٻار انهن جي چولي سان چنبڙيل..... ۽ اسرائيلي سپاهي انهن کي بندوقن سان هڪالي رهيا هئا- کي ماڻهو رستي تي ڪري پيا ۽ کي ڪري وري نہ اٹيا- اهو پوائنٹو منظر هو- سوچجي ٹو- اهو انسان نہ آهي، اها حياتي ڪونهي. هڪ دفعو تون اهو ڏسين تہ تنهن جي دل ۽ دماغ ۾ ڇيرو اچي وڃي..... جڏهن اهڙيون حالتون ٹين تہ هڪ ماڻهوءَ جي علاج مان ڇا فائدو؟..... ماڻهو کي سڄي دنيا بدلائڻ کپي، جي ضرورت پوي تہ مارجي. ان جي ردعمل ۾ حيوان

ٽيڻ جو انديشو هجي تہ بہ مارجي..... تون اسان کي نڻي سمجهي سگهين. شايد تون اسان کي نفرت جوگو سمجهندي هجين، پر آخر ڪار ڪڏهن، تون اسان کي سمجهندينءَ تہ پوءِ تون اسان سان نفرت نہ ڪندينءَ ۽ تون اسان سان سو سيڪڙو سهمت هوندينءَ.

ڊاڪٽر حباش جا چپ ڏڪڻ لڳا. هن جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون ۽ هڪ ڳوڙهو سندس نڪ وٽان هيٺ ڪرڻ لڳو.

(هفتيوار صبح سنڌ: آگسٽ 1970)

ورق ورق گم ٿي ويئي زندگي منهنجي

سفرنامو

جڏهن فلمز ڊويزن اهو فيصلو ڪيو ته ڪرشن چندر جي ساهتيہ ۽ جيون تي هڪ دستاويزي فلم ٺاهي وڃي، ته هنن مهندر کي سڏائي اهو ڪم سندس حوالي ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن بمبئي ۾ شوٽنگ هلندي رهي، جنهن بعد ان مقصد لاءِ پونا وياسين ۽ پوءِ پونا کان واپس ورڻ بعد ڪشمير وڃڻ لاءِ رڌيو ويو. جتي اسان ٻنهي پائرن جي نندپڻ ۽ جواني‌ءَ جا چٽ اُکريل هئا.

فلمز ڊويزن پاران ڏنل هزار رپيو خرچ ٿي ويو هو، جڏهن ته ڪشمير وڃڻ لاءِ هڪ چگّي چوکي رقم جي لوڙ هئي، پر ان وچ ۾ انهي‌ءَ دستاويزي فلم تي هڪ بينڪ "مهندر" کي پنجاهہ هزار رپيا قرض ڏنو ته ڪشمير وڃڻ جو پروگرام ٺاهڻ لڳاسين.

"ڪير ڪير هلندا؟" مهندر چوڻ لڳو ته "اوهين هلندا ۽ سلمي پاپي، مان ۽ درگا، ڪپور صاحب، ۽ پونم، جنهن ڪمپني کان فلم ڪڍميرا مسواڙ تي ونڊاسين، انجو ڪڍميرا مين، ۽ هڪ اسسٽنٽ، ها، رام چندر ڊئريڪٽر آف فوٽو گرافي ۽ گڏ هوندو، ۽ جنهن بلڊنگ جي مالڪ جي فليٽ ۾ هو رهي ٿو، اُنجي نياڻي ۽ هلڻ جو پڪو پهہ ڪيو ويني آهي، ۽ درگا جو من ۽ ستيش ۽ نوتن کانسواءِ اصل نہ لڳندو، ان ڪري ٻنهي کي ونڊي هلڻو پوندو، ها اُتي پنهنجي يار مڏوسودن کي ته وساري وينس، جيڪو هيءُ فلم ڊائريڪٽ پيو ڪري، پريتم بيلي، ۽ هلڻ لاءِ پيو چوي، سندس زال ۽ هلندي ۽ .....!"

مون کيس هٿ سان جهلينديو چيو"بس، ادا، بس، 15 ڇڪا ته

اهي ٿي ويا، آخر ڪنهن جي جج پيو وٺي هليون ڇا؟!"

مهندر مرڪي چيو، "ايڏا لسٽ ڪاٿي پوري ٿي آهي، ادي سرلا کي چئي ڇڏيو اٿم! سندس ٻئي ڪڪا دينو، ۽ منو، ريوتي به هلندا، ادي آدم کي لکي ڇڏيو اٿم، سندس زال ڪملا به هلندي، ۽ سندس ڪڪو ملڪي، ڪڪي انيلا ۽ ...."

مون اچرج مان مٿس هڪ نهار وجهندي چيو، "هيترن ماڻهن کي پهاڻتي ته ڪولڪپتي ئي وٺي هلي سگهي ٿو!"

مهندر، بينڪ جو چيڪ منهنجي آڏو جهليندي چوڻ لڳو، "اڏ لکپتي ٿي ويو آهيان!" هو لڳاتار مرڪيو پئي.

"هڻئي ناڻو خلاص ٿي ويندو، ۽ پوءِ پتو ئي نه پوندوءَ ته پئسا ويا ڪاڏي"؟ منهنجي ڳالهه مڃ ته رڳو ڇهه ڇٽا هلن مان به هلندس، ڊائريڪٽر ۽ ڪئميرا مين کي وٺي هلون، به ڇٽا ڪٽي ٻيا به وٺي هلون، ڪل ڇهن ڇٽن جو يونٽ ٿيندو، ويهن پنجويهن هزارن ۾ سموري ڳالهه پوري ٿي ويندي ۽ اهڙيءَ ريت باقي پاڇي پئسا تون پاڻ لاءِ بچائي سگهين ٿو. ٽيهه هزارتہ ڪا گهٽ رقم ته ڪونهي!"

مونکي ڳنڀير ڏسي مهندر جي مڪ تي ڏڪ جي ريکا ڇائنجي ويئي، چوڻ لڳو، "ادا سائين، پئسا پاڇي رکي ڪندس به ڇا؟ منهنجي پويان آهي ڪير؟ ٻار ٻچا اٿم ڪونہ، باقي بچي ٿي درگا، ته هن جو به ڪجهه نہ ڪجهه ضرور ٿي پوندو. ڇا ڪندس پئسا بچائي، دل ته چوي ٿي هن پيري سمورو ڪتب هلي، سڀ يار هلن، ۽ اوهين پيا ماڻهو گهٽايو؟ رهڻ ڏيو ۽ منهنجي خوشي پوري ڪرڻ ڏيو."

پوءِ مون هڪ اکر به نہ ڪڇيو، ۽ ڪشمير وڃڻ لاءِ سانباها زور شور سان ٽيڙ لڳا. پر پوءِ به ڪجهه دوست رهجي ويا. پريتم بيلي ۽ سندس زال ۽ رامچندر کي ڪنهن ٻي شوٽنگ تي وڃڻو پيو. ريوتي جي روس هليا ويا، منو ۽ دينو به تيار ته ٿيا. پر پوءِ جڏهن جمون ريلوي اسٽيشن تي اسانجو قافلو لٽو، ته لڳ ڀڳ 20 ڇٽا هئاسين. مون سمجهيو پئي ته 22 ماڻهن لاءِ 50 هزار روپيا تمام ٿورا آهن، ان ڪري ڪجهه پئسا پاڻ سان ڪٽي آيو هوس، ۽ اها ڳالهه مهندر کي نہ ٻڌائي هيم، ڇاڪاڻ ته هو پئسن جي سلسلي ۾ بنهه

پارن وانگر معصوم هو.

استيشن تي محترم غلام رسول ڊئريڪٽر انڊسٽريز پنهنجن رفيقن سان اسانکي ونڊ آيو هو. سرڪار پاران هن ئي سمورو انتظام ڪيو هو. جمون هوٽل ۾ 8 ڪمرا بڪ ڪرايا ويا هئا. جڏهن ته باقي ٻين کي ترسائڻ لاءِ سرڪٽ هائوس ۾ بندوبست ڪيو ويو هو. مهندر جي نندپٽ جو يار گوري دت ۽ سندس وڏو پاءُ به آيل هئا. ان رات جمون هوٽل جي بار ۾ ان جي ڊائننگ هال ۾ ڏاڍي رونق هئي. مهندر، سيني جي ٽهل ٽڪور ۾ مشغول هيو. سندس من موهڻي مرڪ سيني لاءِ هئي، ۽ هو سيني کي خوش ڏسي پاڻ ۾ پئي هڪيو.

جمون ۾ هڪ ڏينهن جي شوٽنگ کانپوءِ (بعد ۾ جمون جا ڏيک ڪاٽا ڪرڻا پيا، جو فلم تمام ڏکي ٿي ويئي هئي.) ورندي ڏينهن تي پونڇ لاءِ روانا ٿي وياسين.

انفارميشن جي مهتمم پوري صاحب، هڪ استيشن تي ويگن جو بندوبست ڪيو، سندس ڪاتي طرفان، هڪ ڪار ۽ هڪ جيپ ويگن غلام رسول صاحب پنهنجي ڪاتي طرفان ساڻ ڪري ڏني، جڏهن ته حڪومت ڪشمير انهيءَ قافلي جي ڪشمير واري دوري لاءِ هڪ انفارميشن آفيسر سردار نريندر سنگهه اسانجي سار سنيال لاءِ ساڻ ڪري ڏنو. هونئن ته گڏ هلڻ لاءِ ادي غلام رسول ۽ناٽي واري وزير گرڌاري لال ڊوگرا به هام پري هئي، پر هلڻ وقت هو سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ مشغول ٿي ويا.

اسانجو قافلو جڏهن جمون کان پونڇ ڏانهن وڌيو، ته ڪا مهل چناب نديءَ اسانجو ساٿ ڏنو. رستي ۾ سوين بلڪ هزارين تنبو ڏسڻ ۾ آيا. انهن ۾ ڇمب جي علائقي ۾ اهي ريفيوجي رهندا هئا، جن جا گهر بار هندستان ۽ پاڪستان جي گذريل لڙاين تباهه ڪري ڇڏيا هئا. هتان کان سرحد تمام ويجهو هئي. پر ريفيوجي پار پنهنجي پسگردائي جي ڏڪارکان اڃ جاڻ ٽپا ڏيندي راند روند ۾ گم هئا. زالن نديءَ مان مٽ پئي پريا، کين شلوار ۽ چولا اوڍيل هئا، توتن جي وڻ هيٺان هڪ پوڙهو حقو ڇڪي رهيو هو. سندس ويجهو

کانئس منهن موڙي هڪ تازو پرٽيل جوڙو ڏاڍي پاڙوهه مان ويٺي هڪ ٻئي کي نهاريو.

مون مهندر ڏانهن ڏٺو پر ڪجهه ٻه نه چيو. ها هلندي هلندي ايترو ٻڌائيندو هلان، ته منهنجي ۽ سندس وچ ۾ تمام گهٽ ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. ڳالهه ٻولهه ته اصل ۾ شيشي جي هڪ ٽپ آهي، جنهن جي پار ٻئي ڏريون هڪ ٻئي کي ڏسنديون ويندیون آهن. پر منهنجي ۽ مهندر جي وچ ۾ ڪابه ٽپ نه هئي، بس هڪ طرح جي پاٽمرادو ڳالهائڻ هو. ۽ هاڻ ٻه جڏهن هو هن جڳ ۾ ڪونهي، مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساٽس ڳالهائيندو آهيان، پنهنجي پاڻ سان چا ڳالهائڻ اوکو آهي.؟

مون مهندرکان پڇيو، "ڪجهه ياد اچئي پيو؟"

"سيالڪوٽ"

سيالڪوٽ، يعني سيالن جي بستي، سيال هندو ٻه ٿيندا آهن، ته مسلمان ٻه، ڪنهن وقت سيال قبيلو ان تر جو نامياروقبيلو هو. سيالياڻيون عورتون، پنهنجي سونهن سبب ڏاڍيون مشهور هونديون هيون، ته مڙسالا وري پنهنجي بهادري سبب پر پوءِ اهو سڀ ڪجهه تاريخ ۾پوئجي ويو. لاهور ۾ اسانجو هڪ سيال دوست برجموهن رهندو هو، جيڪو اسانجي ڪاليج جي هڪ ڇوڪري دليپ ڪور تي عاشق ٿي پيو. هو فلائنگ ڪلب ۾ ميمبر ٿي، روز انهيءَ ڇوڪريءَ جي گهر مٿان جهاز ا اُڏائيندو هو. هڪ ڏهاڙي پنهنجي هوائي جهاز ۾ اُڏام جا ڪرتب ڏيکاريندي ڏيکاريندي پنهنجيءَ پريتم جي گهر آڏو ڀايو ڪندي ڪري پيو، ۽ هوائي جهاز سميت سڙي ويو.

"ٻري پيوا!" مهندر مون ڏانهن ڏسندي چيو.

مون چيو، "ها عاشق جي باهه ڪڏهن ٻه ناهي وسامندي ان سال جي چڪيا، اڄ ٻه ٻئي ٻري، پر چا ڳالهه آ مهندر جي، اڄ ڪلهه ڪنهنکي ڪنهن سان عشق ڇونٿوٿئي. بس افيئرئي ٿين ٿا!"

"ها! " سلميٰ وراڻيو، "سمورو ڏوهه ٽيلي فون جو آ، اڄ ڪلهه پريم ٽيلي فون کان ٿو شروع ٿئي ۽ انجوائنٽ ٻه ٽيلي فون تي ٿئي ٿو.

سندر جذبو ڪٽان ايندو؟"

مهندر، وٽي هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ پوءِ مائ ٽي ويو.

پر سندس نهار ان طرف هيون، جيڏانهن سيالڪوٽ هو. ڊاڪٽر اقبال جو وطن. هڪ پيرو اسان ٻئي پائر پنهنجي بائوجي سان سيالڪوٽ وياس هئاسين، (اسين پنهنجي پيءُ کي بائوجي ڪري ڪوٺيندا هئاسين!) تڏهن اسان ٻئي ننڍا هئاسين ۽ ڊاڪٽر اقبال جي نالي مان واقف نه هئاسين. سيالڪوٽ ويجهو "گهڙتل" ڳوٺ ۾ اسانجن مائٽن ۾ هڪ وهاڻ هو. شاديءَ ۾ ڪا مکيه ڳالهه ته نه هئي. پر جنهن ڏينهن اسين اتي پهتاسين ۽ رات رهڻ بعد جڏهن صبح ٿيو ته مون بائوجي کي مائ ميٽ ۾ پنهنجي هنڌ تي روئندي ڏسي ورتو. سمجهه ۾ ئي نه آيو ته ڇا ڳالهه ٽي آهي ۽ نه وري پڇڻ جي سگهه ساري سگهيس. مهندر سان ڳالهه ڪيم، پر هن جي به سمجهه ۾ اها ڳالهه نه آئي. ڪيترا ورهيه لنگهي ويا، اهي ڳوڙها منهنجي لاءِ هڪ ڪجهارت ٽي رهيا. پر هڪ ڏهاڙي جڏهن مهندر جي پريتم جي شاديءَ جا ڏينهن اوچتا مقرر ٿيا ته مهندر ڏاڍو ڏکويل ٽي مونکي چيو، "اڄ سمجهه ۾ آيو ته بائوجي چو پئي رنوا" ۽ پوءِ هڪ ٽڏو ساهه کڻي چوڻ لڳو، "انسان کي سمجهڻ سولو آهي، پر ادا، ڳوڙهن کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي!"

اسانجو قافلو هاڻ جمون جي پسگردائيءَ کان پري نيري سڙڪ تي ڊوڙندو پئي ويو. ٻنهي پاسن کان پڙپاڻگ ميدان هئا، بالو جا ڪيت، يا ٽکريون، جن ۾ ڪنڊن سان جهنجهيل ٻوٽن کانسواءِ ٻيو ڪهه به ناهي ڏٺندو. اسانجو قافلو ٽن گاڏين ۾ماپجي نڪي سگهيو انڪري نون (9) ڄڻن کي صبح واري بس ۾ پونڇ لاءِ اماڻيو ويو هو. گرمي وڌندي پئي ويئي. جمون کا نراجوڙي درياه جي ڪپر وٽ پهتاسين ته وطن جي پهاڙن مان ٽڏيون هوائون اچڻ لڳيون ۽ گجي اڏائيندیون سنهڙيون نديون اسانجو آڏرياءُ ڪرڻ لڳيون.

ڊاڪ بنگلي ۾ مانيءَ جو بندوبست هو. قسمت سان اها بس، جنهن ۾ اسانجا 9 ساڻي سوار هئا، اتي راجوڙي جي بازار ۾ مسافرن جي ڪاڏي لاءِ وڃي بيٺي. اسان کي ڄاڻ پئي ته هڪ استيشن ويگن

بازار اماڻي باقي ساڻين کي به گهرائي ورتوسين، ماني واپرائي ڪجهه دير ٽڪ پڳوسين. ڀاڪ بنگلي وارن اسان لاءِ چار ڪمرا کولي ڏنا هئا. ڪا مهل ٽڪ پيچي ٻاهر نڪتس ته مهندر مان ڪيو هيئٽين ماڙ جي ورانڊي ۾ پٽ تي ويٺل نظر آيم. مان به وڃي سندس پر ۾ ويٺس. هن هٿ ۾ چند پٽريون جهلي رکيون هيون، جن کي هڪ هڪ ڪري ننڍين وڏن وقفن بعد لان جي ڇبر تي اڇلينڊو پئي ويو. ننڍو وقفو، ننڍي ساروٽي، وڏو وقفو وڏي ساروٽي، جا ڪنوڙ جيان چمڪي اٿي، يا اهو پل جيڪو مهيني ۽ ورهيه جو ڪو من موهڻو ڇٽ ٻنجي دل جي دريءَ ۾ لهي وڃي!

مون مرڪي چيو، "مهندر جي، هي ڪهڙي شيطان کي پيو پٽريون هڻين؟" چوڙ لڳو، "من جي شيطان کي ادا، جيڪو ڪر موڙيو مونکي لاهور وٺيو پيو وڃي، ياد اٿئي، اسان رات واري گاڏيءَ ۾ لاهور کان نڪرندا هئاسين ۽ صبح جو راولپنڊي پهچي ويندا هئاسين، پوءِ صبح جي نيرن راڄ بازار ۾ روپ سنگهه جي ڏاهپي تي ڪندا هئاسين. ۽ پوءِ ـ!"

"۽ پوءِ!" مون چيو، "ڪوهنور بس سروس جي ڪنهن لاريءَ ۾ سوار ٿي راولپنڊي کان مري، مري کان ڪوهالا، ڪوهالا کان آڙي ۽ آڙي کان عليه آباد واري رستي تان پونڇ پهچي ويندا هئاسين. اهو رستو ڪيڏو نه سهڻو هوندو هو.

پوءِ مون چيو، "هن مهل تائين ته اهو رستو ڦڪو، بيرنگ هو، اُس ساڙي وڏو. جمون- پونڇ روڊ تي سفر ڪرڻ اهو اسانجو پهريون پيرو آهي!"

مهندر جي مرڪي چيو، "اهو سوچي مون هن رستي کي صاف ڪري ڇڏيو ته هن رستي سان اسانجي ڪابه ساروٽي سمويل ڪونهي ۽ اهي ساروٽيون ئي ته هونديون آهن، جيڪي هر سفر ۾ رنگ اوتيندیون آهن، مان اٽڄاڻ، پر ان اجنبيءَ لاءِ اجنبي نه، جمون ۽ چار ميل اڳ هڪ ننڍڙي نخلستان مان لنگهندي، رستي جي سفر ڪري ڏرتتيءَ گاڏي جهلي، چوڌهن سالن جي ترندڙ مڪڙيءَ کان پاڻيءَ لاءِ پچا ڪئي هئي ۽ هوءَ اسان سمورن کي هڪ لاهيءَ تان وٺي هلي

هئي! مهندر هڪ پٽري اچلينديِ چيو. "هن جا نيٺ گهرا ۾ ساوا هئا!"

"۾ هاڻ هوءَ ڪڏهن ب وڏي ٿي نه سگهندي سدائين ڇوڏهن سالن جي رهندي ۾ ٻئي ٻيري جڏهن انهيءَ رستي تان لنگهنداسين ۾ انهيءَ نخلستان جي بائوليءَ جو پاڻي پيئنداسين، ته ٿي سگهي ٿو ته اها اتي نه هجي. پر ان ٻئي سفر تي انهن سبز نيٽن جو جادو ديِ، ديِ تائين جاڳائيندو رهندو" مان اهو چئي ماڻ ٿي ويس.

مهندر منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳو، "پر اهو ته سچ آ، ته رستا ب پالتو جانور جيان هوندا آهن، آهستي آهستي پاڻ وڌائيندا آهن. پالتو جانورن جيان. ڪڏهن ڪڏهن کوئجي ب ويندا آهن. جيئن هو رستو اسان کان وڃائجي ويو... اسانجي ننڍپڻ کان جواني تائين وارو رستو!"

"انجي بدلي ۾ هي نئون رستو اسانکي ملي ويو. نيڪ آ، اسان لاءِ اڻڄاڻ آ، پر هن رستي جي سڃاڻپ انهن کان پڇو، جيڪي هر هر هن تان لنگهيا آهن، رستي جون نيون ۾ نديون، جن پيرين پنڌ پار ڪيون آهن، انهن لاءِ ڪنهن ندياءَ جي هٿن ۾ جو پري هئي. ڪنهن ڪچسري ڪوٽي جي اگهڙ ۾ ڪا شمع ٻئي ٻري...!"

مهندر کلي چوڻ لڳو، "اڙي ادا، اوهانجي شاعري... بس هاڻ اتو، هلڻ جون تياريون ڪريون. شام ٿيندي ئي پاڻ کي پونڇ پهچڻ گهرجي."

اُوچا اُوچا پهاڙ ۾ پويان پهاڙن جا خطرناڪ موڙ لنگهندي، جڏهن سندربني رستي ۾ آيو، ته پهاڙ اوچتو پري ٿي ويا ۾ هڪ سهڻي پري پري تائين پکڙيل ماڙي اچي اکين آڏو بيٺي. ميلن تائين ٻنيون هيون ۾ جهنگل ٻويان لڪي ويا هئا. ڪنن زماني ۾ اهي سمورا ڪيت جهنگل هوندا، انهيءَ نسبت سان ماڻهن انجو نالو سندربن رکي ڇڏيو هوندو، جيڪو هاڻ سندربني پيو سڏجي. ڪجهه ماڻهو ان کي ستربني ب ڪوٽيندا آهن، پر اهو آهي سندربن. هڪ سندربن بنگال ۾ ب آهي. اتي ته اڄا ب گهاتا جهنگ موجود آهن. پر هتي اهي وڃي ويا آهن ۾ هاڻ اهي ڪيتن کان پري دور دور ڌنل انسان جي انهيءَ بربريت جي شاهدي پيا ڏين، جيڪا هن جهنگلن ۾ انهن جي

رهواسين سان روا رکي آهي.

مهندر چيو، "ڏسو سلميٰ جي، هتان جا وڻ ڪيئن نہ هارکاڏل ٿا پاسجن. ڍنل ڍنل، مظلوم، بيوس نظر ٿا اچن، جيئن "گير" جي جهنگلن جا شينهن، پر جيڪو گهاٽو جهنگل اسان پوئتي ڇڏي آياسين، اُتان جي وڻن جو ڏيک ئي ڪجهہ ٻيو هو. ڪيڏا نہ ڦوندڙيل ۽ آزاد ڏسڻ ۾ پئي آيا، پنهنجي پاڻ ۾ گم، ڦوندڙيل، اوچا ۽ سگهارا اتي ڪين پنهنجي اهميت جو احساس هو ۽ هتي ڪين پنهنجي شڪست جو..."

سرلا چوڻ لڳي، "الا! ماڻهن جهنگلن کي برباد ڪري ڪيڏو نہ مهاپاپ ڪيو آهي. جتان جتان جهنگ وڍيا ٿا وڃن. اُتي مينهن گهٽ پوڻ شروع ٿي ويو آهي."

مون چيو، "گهاٽن ۽ چهچ ساون جهنگلن ۾ ٻڪرار جي بانسريءَ جي لئہ ۾ جيڪو مزو آهي، اهو ميدانن ۾ ڪٿي!"

"توهانکي سدائين بانسريءَ جي لئہ جي اچي لڳندي آهي" ڪٿي ڪا ٻڪريون چاريندڙ عورت سنگنل ڪونہ ڏنو چا؟" سلميٰ ٽوڪ مان چيو ۽ پوءِ مهندر کي چوڻ لڳي، "مهندر، رستي ۾ ڪو ٻڪرار ڏسڻ ۾ اچئي تہ گاڏي بيهارجانءِ تہ ڪرشن جي ساٽس هڪ تصوير ڪيائي ونڊاسين." سڀ کلڻ لڳا.

هاڻ پهاڙ اوچا پئي ٿيندا ويا ۽ سارين جا ٽيرس جهڙا ڪيت پئي نظر آيا، ڪنهن طرح ٿي چار هزار فوٽ هيٺ جي پاٽيءَ کي ننڍڙين ننڍڙين ڪسين رستي مٿي آندو ويو هو، بجلي يا ڊيزل جي طاقت کانسواءِ انهيءَ مان هتان جي اڻ پڙهيل هارين جي محنت ۽ مهارت جي جاڻ پوي ٿي. ٻنين جي ڪنارن سان ميويدار وڻ بہ پئي ڏسن ۾ آيا، زردالو، هاڙي، صوف ۽ چيري جا ٻوٽا، تہ ڪٿي ڪٿي ڪيلن جا جهڱٽا. هتان جا ڪيلا ڏسڻ ۾ ڪيسري رنگ جا هوندا آهن. وڏا وڏا، پر مزي ۾ پٽڙا هوندا آهن. اهو منجهن ذائقو ناهي، جيڪو سائي ڪلن وارون ڪيلن منجهہ ٽيندو آهي. گهٽو ٽهو وڻ زردالو ۽ هاڙين جا آهن. مٿي اوچائيءَ تي هڪ نينگر اسانکي خوبانيون وڪٽندي مليو. مٿي تي ول ٽوپي، گلابي ڳٽا ۽ چلي اشرفين سان ٽمتار، سلميٰ

جڏهن کانئس اڳه پڇيو ته عجب مان وڻي رڙ ڪئي:
"هڪ روپيو.!"

مهندر جڏهن انهيءَ نينگر کي ٻه روپيا ڏنا، ته پهريون اهو نينگر تعجب مان انهن ٻن روپين کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ خوشيءَ مان زردالو چليءَ سميت چڏي ٽپا ڏيندو مٽي هليو ويو. جتي اتڪل ٻه سؤ فوٽن جي اوچائيءَ تي اسين زردالن جي وڻن ۾ گهريل سندس گهر ڏسي پئي سگهياسين.

سرلا مهندر کي چيو، "ڏس دادا، اسين هتڙي 38 سالن کانپوءِ آيا آهيون، پر زردالن جو اڳه ناهي بدليو، اهو نينگر ٻه روپيا وٺي ڪيڏو نه خوش ٿيو. شايد هنکي پڪ ئي نه ٿي هوندي، سوچيندو هوندو ائين ته ڪٿي اسين کانئس اهي ٻه روپيا ڦري نه وڃون يا پنهنجي نيت نه بدلائي ويهي رهون."

مهندر چوڻ لڳو، "هتي ٻن رپين ۾ زردالن جي چلي ۽ هتي بمبئي ۾ اهو ميوو چئين رپئي ڪلو ٿو وڪامجي!"

هڪ موڙ تي شاديءَ جي ويس ۾ هڪ گهوٽ زالن ۾ گهريل نظر آيو. پنجابي سلوار ۽ قميص: جو فيشن جيڪو هيستائين سموري رستي ۾ عورتن منجهه نظر پئي آيو، هتي اچي مغلئي سلوار ۽ گهيريدار قميص ۾ بدلجي ويو. مٽي تي ترڪستاني ٽوپي. عورتون پهاڙي ڳيچ ڳائي رهيون هيون. ساماٽيل نينگرين، گهوٽ کي ويڻي چيڙيو. چند پلن ۾ اهو ڏيک ٻه گم ٿي ويو. چاڪاڻ ته اسان گاڏي نه بيهاري هئي، البت انجي رفتار آهستي ڪري چڏي هئي. ائين لڳو جڻ ماضيءَ جو هڪ وٽندڙ پل چند پلن لاءِ اکين ۾ تجلو ڏيئي وري انهيءَ ئي ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ کوڙجي ويو.

"لڳي ٿو فلمي گيت هتي اڃا ناهن پهتا؟" مهندر ٽوڪ مان چيو ۽ گاڏي وروٽان لنگهي وئي.

هاڻ اسان وارو رستو اڃا ٻه مٽي پئي ٽيندو ويو ۽ پهاڙ هڪ ٻئي جي ويجهو پئي ٽيندا ويا، جڻ اسانجي چوگرد گهيرو ٻڌي اچي بيٺا هجن. هوا ۾ برف ۽ "جمن" جي سڱنڌ هئي ۽ جڏهن هوا ٿي گهلي ته "چيڑهه" جهمرن جي پازيب پولار تائين ڪڏندي ٿي ويئي. انهيءَ

پھاڑ جي چوٽيءَ تي ويجهو هڪ جهرٽو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي پاٽيءَ کي هڪ بائولي ۾ ٻڌي ٻڌي لوهہ جي هڪ نل ۾ پهچايو ويو هو، جنهن مان اهو پاڻي تيزيءَ سان پئي نڪتو. اتي ڪيتريون فوجي گاڏيون بيٺيون هيون، جن اتان پاڻي پئي پريو. اسان بہ اتي گاڏي جهلي زردالون ڏوئي کاڌاسين. پاڻي چا هو، جڻ ڳريل برف هئي. منو ۾ صاف پاڻي. ٻنهي ڏسائن کان ڪابہ آبادي نہ هئي. رڳو چيڑهہ جي وڻن جو جهنگل ۾ انهيءَ مٿان چمڪندڙ سج، پر ايترو مٺي جو سندس چمڪ ۾ ڪابہ گرمائش نہ هئي.

اڳيان وڌياسين تہ اٽڪل هڪ ڪلاڪ جي مسافريءَ بعد پمبر گلي، سان اچي مکا ميلو ٿيو. پمپر جو لڪ، انهيءَ لڪ مان ٽي رستا نڪرندا آهن، هڪڙو پونچ ڏانهن ويندو آهي، جيڪو اسانجو ماڳ هو، ٻيو رستو "تتہ پاڻي" ڏانهن وڃي ٿو ۽ ٽيون رستو مهندر ڏانهن مڙي ٿو.

"گاڏي بيهاريو!" مهندر چيو. مهندر ۾ مان ڈيرج سان گاڏيءَ مان نڪري لڪ مٿان بيهي رهياسين. هڪ ٻئي ويجهو تمام گهڻن اڪيلن ساروٽين جو هڪ ميلو هو، جيڪو واچوڙي جيان ٽي وڏندو آيو اسان ڏانهن. جڏهن اسان ننڍا هياسين، تہ تتہ پاڻي ويا هئاسين، پنهنجي امڙ سان گڏ تتہ پاڻيءَ ۾ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. هڪ ڈرم شالا هئي، هڪ ڍاڪ بنگلو هو ۽ ڪوسي پاڻيءَ جو هڪ نالو هو، جيڪو سڌ پنڌ تي وڃي ٽي پونچ درياء سان مليو. چئني پاسن کان خشڪ ۽ مغرور پهاڙ بيٺل هئا، ڪنهن ٻرندڙ جبلن جي سلسلي جيان، سرلا اڃا ڄائي نہ هئي، اسين ٻئي پائر ئي هئاسين، جيڪي سخت سياري جي مند ۾ سجو ڏينهن انهيءَ ڪوسي پاڻيءَ جي نالي ۾ پئي وهنتاسين. انهيءَ نالي جي ڪپرن تي ڳريل گندرف جي بدبودار ساواڻ ملائيءَ جي جهالرن جيان پکڙيل هئي ۽ ڪٽي ڪٽي ان نالي جي ننڍڙن ڏهن جي پاڻي ۾ ايتري تہ ڪوساڻ هوندي هي، جو پاڻي پيو ٿهڪندو هو ۽ اسين اڳڙين ۾ڏگها چانور ٻڌي ان پاڻيءَ ۾ وجهندا هياسين تہ اهي چند پلن ۾ ابري ويندا هئا. اتي ڪيترا مختلف ڪوسا چشما هوندا هئا، ڪوسا، وڇڙا ڪوسا، سخت

ڪوسا، سخت اپامنڊ ڪوسا. پاڻي ايترو ڪوسو جو هڻ ان ۾ ڪٽي وڃجي تہ ڦوڪڙو ٿي پوي. سڌ پنڌ تي پونڇ درياء جو پاڻي برف وانگر ٺڏو هو. جنهن تي اسانکي ڏاڍي اچرج لڳندي هئي. امڙ اسان کي اتي ونڻي ايندي هئي. سيڏي جو سامان اسين پونڇ مان ڪٽي ايندا هئاسين. بائوجي اسان سان گڏ نہ ايندو هو. هو سفر جا اهنج سهي نہ سگهندو هو. پنجاب ۾ هو امڙ جيان اسان سان گڏ هر سال نہ هلندو هو. پنجن ستن سالن بعد مس هلندو هو.

ٻيو رستو مهنڊر ڏانهن ٿي ويو ۽ جڏهن انهيءَ لڪ تي بيهي اسانجي نهارتتہ پاڻي کان ٿيندي، مهنڊر ڏانهن وڏي تہ مون ۽ مهندر بي اختيار هڪ ٻئي جا هٿ جهلي ورتا، ۽ هر پل ۾ اها گرفت سوگهي ٿي ٿيندي ويئي تہ ڪٿي ساروٽين جي انبوهہ ۾ اسين وڃائجي نہ وڃون.

ٻوءِ اوچتو الائي ڪنهن مهل گاڏيءَ مان سرلا ٻ ٻاهر نڪري اچي اسان ساڻ ٻيٺي، ڇاڪاڻ تہ سرلا مهنڊر ۾ ڄائي هئي، هتي ئي سندس ننڍپڻ گذريو هو. بائوجي ڊاڪٽر هو، مهنڊر ۾ سندس ٻہ ٻيرا بدلي ٿي هئي. هڪ ٻيرو جڏهن اسين اڃا ننڍڙا هئاسين ۽ ٻيو ٻيرو جڏهن اسين جوان هئاسين.

انهيءَ ئي مهنڊر جي ماڙيءَ ۾ مهندرکي پهريون ٻيرو پيار ٿي ويو هو. منهڊر ۽ مهندر ۾ ڪو گهٽو ويڇو ڪونهي. ائين ٿي ٻاسيو جڙ سامهون کان پهاڙ غائب ٿي ويا آهن ۽ هو پنل نيٽن مان انهي ماڙيءَ کي پيو ڏسي صوفن جي ان باغ کي، جتي هو سندر ونتيءَ سان گڏ سير ڪندو هو، راند ڪندو هو، سندر ونتي جنهن کي مان ٻ من ئي من ۾ پيو پائيندو هوس، پر ڪڏهن ساڻس پنهنجو پيار ظاهر نہ ڪري سگهيو هوس، پهريون ٻيرو ڪنهن هڪ ئي ڇوڪريءَ سان اسان ٻنهي گڏجي پيار ڪيوسين. ونتيءَ جو نالو مون ناهي بدلايو، سندس نالو ونتي ئي هو ۽ منهنجي پهرئين ناول "شڪست" جي جيڪا جونتي آهي، هي اهائي ونتي آهي، چمپا جهڙو رنگ، سڊول بت، چيلهہ ۽ ڊاڪن جي بيهڪ دلڪش، ڪلندي هئي تہ وايومنڊل ۾ صوفن جا گل ٽڙي پوندا هئا ۽ سندس ڳٽن ۾ گهب پئجي ويندا

هئا، ان لاءِ گھٹو ٹٹو هوءَ پئي کلندي هئي. ڳالھ ڳالھ تي ٽمڪ ڏئي کلي پوندي هئي. سندس وهڻءَ پوڻوهار جي ڪنهن ڪٽنب ۾ ٽيل هو. پر مهندر ۾ سندس پريڪا هئا، هوءَ ڪجھ مهينن لاءِ پنهنجي پيڪين آيل هئي ۽ پيار جي ڇار ۾ اهڙي ته اچي ڦاٿي هئي، جهڙيءَ طرح ريت چمبيليءَ جون شاخون هڪ ٻئي سان اٽڪي پونديون آهن، ونتي ته "شڪست" ناول جي ئي ونتي آهي پر شڪست ناول جو "مان" مان ناهيان مهندر آهي ۽ گھٹو مهندر ئي آهي، پر ڪٿي ڪٿي مان ضرور آهيان، ڪنهن عجيب ڪيماوي عمل پٽاندڙ مون ۾ ڪردارن کي گڏائي ذهن جي ڪنالي ۾ نئون مرڪب ٺاهيو آهي. پر ونتي ته اصلي ونتي آهي، جيئن هوءَ هئي، ائين ئي هوءَ رهندي شڪست ۾ مهندر جو ڪردار آهي ته "يرقان" جي افساني ۾ منهنجو ڪردار آهي، انهن ڏينهن ۾ مان واقعي يرقان جي موذي مرض ۾ وکوڙيل هوس ۽ ڪيترا مهينا هنڊ تي پيو هوس. هوءَ گھٹو ٹٹو مونکي ڏسڻ ايندي هئي ۽ منهنجي سيراندي گيندي جا گل رکي ويندي هئي. ڪيترن سالن پڇاڻان، انهن گلن جو واس ۽ مهڪندڙ صدا، منهنجي ڪنن تائين پهچي پئي، چانديءَ جون گھنڊڙيون پيون وڄن، بائوجي کي اها جاڻ هئي ته ونتي مهندر سان پيار ٿي ڪري، ان لاءِ جڏهن هوءَ باغ مان لنگهندي هئي ته هو سندس جهولي صوفن سان پري ڇڏيندو هو. پوءِ اهو ڏينهن آيو، جڏهن ونتيءَ کي پيڪن مان ساهري گھر وڃڻو هو. هوءَ مون سان گڏجڻ لاءِ آئي هئي روز وانگر هن مهنجي سيراندي گيندي جا گل اچي رکيا هئا ۽ چيو هو، "مان وڃان پئي!" نڇاڻ چو ان مهل مان پنهنجا ڳوڙها نہ جهلي سگهيو هوس ۽ مرکي کائنس موڪلايو هو، منهنجي ڳوڙهن سان منهنجو وهاڻو ته آلوٽي ويو هو، پر هو اُهي ڳوڙها نہ ڏسي سگهي هئي. شايد هن ڳوڙها محسوس ڪري ورتا هوندا، ڇاڪاڻ ته ڪيتري مهل تائين سندس هٿ منهنجي ڪوسي نراڙ تي ڏکندو رهيو هو، مهندر کيس مهندرڪان سخي پير ميدان تائين اٽڪل ستن ميلن تائين ڇڏڻ ويو هو ۽ جڏهن واپس وريو هو ته سندس اکيون روئي روئي سڄي پيون هيون. انهيءَ رات هو مون کي پاڪر پائي رنو هو ۽ مان کيس

آٽت ڏيندو رهيو هوس. نہ جاڻ ٻنهي پريمين ۾ ڪهڙا وعدا ۽ وچن ٿيا هئا، پر مون مهندر کان ڪڏهن بہ انهن بابت پڇا نہ ڪئي هئي. شايد ونتي ٻئي سال جي موڪلن ۾ اچڻ جو وچن بہ ڪيو هو، پر هوءَ اچي نہ سگهي ۽ اچڻ کان اڳ ۾ ئي پوٽوهار جي ڪنهن نديءَ ۾ وهجندي ٻڏي ويئي ۽ اهڙيءَ ريت مهندر جي محبت جو ستارو الهي ويو.

مهندر جي انهيءَ ماڻريءَ ۾ مهندر پهريون پيرو جوانيءَ ۾ پير پاتو. ايڏا هو سنهڙو نينگر هو، جو گهٽو ٽٽو ناچاڪ رهندو هو، پر اوچتو ڪيس ڪسرت ڪرڻ جو خيال آيو ۽ ڪجهہ سالن اندر هو ڪسرتي جوان بنجي ويو، جنهنجي بت جي سونهن هر ڪنهن کي پئي وٽندي هئي. انهيءَ ئي مهندر جي اسپتال ۾ هوءَ سلهہ ۾ وکوڙيل عورت آئي هئي، جنهن کي بائوجي دل جي گهراين مان پيار ڪيو هو ۽ هوءَ اچي اچي چري جيڪا ڪنهن سان بہ چپ نہ ٿيندي هئي، بائوجي ڏاڍيءَ محنت سان سندس علاج ڪندو هو، اٽن ڏينهن بعد جڏهن هو چگي پلي ٿي ويندي هئي تہ سندس مائٽن کي سڏرائي ڪيس سندس ڀوٽ اماٽي ڇڏيندو هو، جتان هوءَ ڪجهہ ڏينهن بعد وري چري ٿي موٽي ايندي هئي اها ڪهڙي چريائپ هئي جيڪا ان وقت تہ بنهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي، پر اڄ سموري ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي. آخر ڪنهن ڪنهن کي سارجي. ساروٽين جا انگور هوا ۾ جهومي پيا، ۽ هر انگور جو ڏڙو ماضيءَ جي نلڪيءَ مان نڪري امرت بنجي ويو آهي.

سرلا گهٽيل آواز ۾ چيو، "من چوي ٿو تہ هي سامهون وارا جبل ڦاٽي پون ۽ مهندر جي ماڻري سامهون اچي وڃي."

مهندر پنل نيٽن کي هٽن سان اگهندي، منهنجي هٿ کي چڏيو ۽ ماڻ ڪري وڃي گاڏيءَ ۾ ويٺو.

"پمپير گلي" کان سوهرن ڪوٽ جو رستو اوچن اوچن جبلن ۽ چيڑهہ جي گهاٽي جهنگ مان لنگهي رهيو آهي، رستي ۾ آبادي بہ ڪونهي، ڪٽي ڪٽي ايڪڙ ٻيڪڙ گهرڙا آيا ٽي، جڏهن تہ ڪٽي وري جبل کي ڪٽي ڪجهہ ٻنيون ۽ مڪمل ماڻ، جڙ وايو منڊل

جو ساه مان ۾ هجي، مونکي ۽ مهندر کي اهي ايڪڙ ٻيڪڙ ڏاڍا وٽندا هئا. آرهڙ جي موڪلن ۾ جڏهن به اسين لاهورکان پونڇ ايندا هئاسين، ته ڪجهه ڏينهن لاءِ پڪنڪ ملهائڻ لاءِ جهنگ جي انهن اڪيلن پاتين جي گهرن ۾ رهڻ لاءِ نڪري پوندا هئاسين. جبلن، ٻيلن، ندين، نالن، جهرڻن ۽ چشمن سان انهيءَ ئي وقت کان اسانکي موهه جاڳيو. انسان جهنگ سان ڪهڙيءَ ريت پنهنجو ناتو ڳنڍيو ته جيئن نه جهنگ جو نه هنن کي ڪو اوکو پهچي. اڄ اسين اها ڳالهه وساري وينا آهيون ۽ فطرت کي وينا تباهه ڪريون ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي پاڻ کي وينا ڏڪ پهچايون. چاڪاڻ ته فطرت کانسواءِ ۽ وٽن ۽ پنن ۽ کليل هوا کانسواءِ انسان جيئرو نٿو رهي سگهي. اڄ ٽوکيو جهڙي اسريل شهر ۾ هوا ايڏي ته ڪني ٿي چڪي آهي، جو جاپاني ٻارن کي اسڪول ويندي آڪسيجن جو نقاب پائڻو ٿو پوي.

پر انٽيهن ورهين بعد به هتي سک ۽ سانت آهي ۽ فطرت پنهنجي سانت سان چئني پاسي پکڙيل ڏسڻ ۾ ٿي اچي. هڪ جبل جو موڙ ڪٽجي ٿو ته ٻيو جبل اچيو سامهون بيهي ۽ پوءِ اوچتو عجب ۽ چرڪائيندڙ طريقي سان جبل اوچتو ترکي هڪ سهٽي ماڙيءَ کي سامهون وٺيو اچن. هي سوهرن ڪوٽ آهي. ڏري گهٽ دائري ۾ پکڙيل آبادي. پونڇ جو درياهه ٽن وهڪرن ۾ وهي هڪ هنڌ اچيو گڏ ٿئي. درياهه سان گڏوگڏ ٻنيون ۽ ٽيرس جهڙن ٻنين جي ٻنن تي ميويدار وڻن جون گهاٽيون قطارون، ڪچن گهرن جي ڪچين چتين مٿان ڪاڙهن مرچن جا غاليچا ۽ اڱڻ ۾ مائرون ۽ ننڍڙون، مغلن وارن ويس ۾ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ۽ وڻ ايڏا ڏنگا جو ٻارن جيان ٽپا ڏيندا درياء جي ڪناري تائين هليا ويا هئا.

ٽيپهري پوري پئي ٿي، وٽن جا پاڇا ڊگها پئي ٽيندا ويا. اسانجي قافلي سوهرن ڪوٽ جي ڊاڪ بنگلي ۾ چانهه پيتي. اتي ئي ڪماٽيڪار شبنم سوهرن ڪوٽيءَ سان ملاقات ٿي ته محمود بن باندي ايم ايل اي به اچي ڏاڍي پاڻهه سان مليو.

سوهرن ڪوٽ، جنهن جو اصلي نالو ڪڏهن سوهرن ڪوٽ (سنهري ماڙي) رهيو هوندو. پونڇ جي سيڪان سندر ماڙي آهي ۽

پهلگام سان ٽڪر ڪائي سگهي ٿي بلڪ هڪ لحاظ کان اها پهلگام کان بہ بهتر آهي، چاڪاڻ تہ اتي ايجا سيلانين جي اچ وچ ناهي ٿي، ان ڪري اها ايجا تائين اڃي جيان اڇي اجري ڏوتل پوتل ڪنواري سرشتيءَ جي بهار سان ٽمٽار ماڻي آهي، جيئن اڄ کان چاليهہ سال اڳ هئي، ڪابہ هوٽل ڪونهي، ڪابہ ٽوريسٽ لاهي ناهي، سيلانين جي يلغار ڪونهي، ٽٽل دٻا ڪونهن، لالچي نگاهون ڪونهن، پينو فقير ڪونهن، ڪيسا ڪپيندڙ بشني ناهن، عزت وڪڻندڙ ويشيانون ناهن، فطرت اڏول ۽ سادي آهي.

چانهہ پي مهندر چيو، "اچو ادا، اخروٽ جو اهو وڻ ڳولڻيون."

وڏيڪ چوڻ جي لوڙ نہ هئي مان سمجهي ويس. ان ڳالهہ کي گهٽو وقت ٿيو، جڏهن اسين ننڍا هئاسين تہ سوهرن ڪوٽ جي سندرتا جي ناماچاري ٻڌي ضد ڪيو هيوسين تہ ضد ڪيو هيوسين، سوهرن ڪوٽ هلون، ان ڳالهہ تي ايڏو تہ زور ونڊي ڏنوسين ايڏو تہ لڙڪيوسين ۽ ونڊي رناسين، جو بائوجي ۽ امڙڪي سوهرن ڪوٽ وڃي ئي اچڻو پئجي ويو. جيتوڻيڪ اهو هنڌ پونڇ کان ڇڙو سورهن ميل پري هو پر آڻون اهو اڃي ئي ٻڌائي چڪو آهيان. بائوجي سفر کان اصل ونڍ ويندو هو، پوءِ ڪٽي اهو سفر ڪيڏو ئي ڪٽي ننڍو ڇونہ هجي. آخر بائوجي اسان آڏو هٿيار ڦٽا ڪري اسان کي سوهرن ڪوٽ وڃي هلڻ تي مجبور ڪيو.

پرهہ ڦٽي کان بہ پهريون اسان پونڇ کان روانا ٿيا هئاسين، منجهند جو ماني اسان سوهرن ڪوٽ ۾ هڪ اخروٽ جي گهاٽي وڻ هيٺان کاڌي هئي. ماني ڇا کاڌي هئي سين، اهو ياد ناهي رهيو، پر امڙ ڪلاڙي جي پاڇي ناهي هلي هئي، جيڪا ايڏي تہ لذيذ هئي، جو ان جو چسڪو اجا تائين زبان تي باقي آهي. ڪلاڙي اصل ۾ هڪ گول ماني وانگر ٽلهي ٽڪي هوندي آهي. ٻهراڙين ۾ گهٽو ٽٽو گهرن ۾ اهي پنير جون ٽڪيون هڪ ٽلهي رسيءَ مان لنگهائي اڳڻ يا گهر اندر ٽنگي ڇڏيندا آهن، جنهن کي رڌڻ لاءِ وري پاٽيءَ ۾ ڪي ئي ڪلاڪ پسائي نرم ڪرڻو پوندو آهي ۽ بعد ۾ انکي يا تہ ٻوڙ وانگر يا وري بيدي جي پاڇيءَ وانگر رڌو ويندو آهي، پر اها ڏاڍو چسڪيدار ٿيندي

آهي. ان ڏينهن تہ اسين انهيءَ پاڇيءَ کي کائيندي بنهہ ڪڙڪ جي ٻوڙکي وساري ويناهڻاسين. ماني کائي اسان انهن اخروٽ جي وڻ مان ساوا اخروٽ پٽي، انهن کي پٽرن سان پيڇي ۽ پوءِ انجو ملائيءَ جھڙو نرم گودو ڪڍي کاڌو هيوسين. اهو بائوجي ۽ امڙ جي جواني جو زمانو هو. بائوجي جو اڇو رنگ، امڙ جو ڪڪ رنگو رنگ، بائوجيءَ جي ڪشادو نراڙ ۽ امڙ جا ٻاجهہ پريا نيٺ. اڄ بہ ياد بينا آهن. ساٽن سندن ٽي ٻارڙا هئا، مان ۽ مهندر ۽ مهندر کان ننڍو پوشن، جيڪو ڇهن سالن ۾ گذاري ويو هو ۽ اهو ڪيڏو نہ سٺو ڏينهن هو، اسان ٽيئي پائر درياهہ جي ڪپر تي ننڍي پاٽيءَ ۾ هر هر پئي وهنتاسين ۽ امڙ ٻاهہ جا سلا پٽي، انهن کي پاٽيءَ ۾ وهائيندي پئي ويئي. اڄ سڀ ڪجهہ ياد پيو آهي ۽ جيڪر ان اخروٽ جي وڻ کي ڳوليو ويندو تہ اهو هڪ تصوير جيان اسانجي ذهن ۾ اپو سپنو هو.

پر اهو اخروٽ جو وڻ نہ مليو. اخروٽ جي وڻ جي تہ حياتي گھٽي ۽ ڏگھي هوندي آهي، ماڻ پيڻ نہ رهيا، پوشن نہ رهيو، پر هڪ آسرو قائم هو، اهو اخروٽ جو وڻ ضرور بيٺو هوندو تہ اسين بہ چارپل انهيءَ وڻ جي ڇانو ۾ ويهي پنهنجي امڙ، ابي ۽ ياڻ پوشن کي ۽ انهيءَ پکنڪ کي واپس ورائي ايندا سين. پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگھي، ڇاڪاڻ جو جيڪي هليا وڃن ٿا، اهي وري موٽي نہ ايندا آهن، ڇڙو انهن جون ساروٽيون، ماکيءَ جي ماناري جيان ذهن جي ٽارين تي پيون لٽڪنديون آهن.

هڪ پيرو ٻيهر اسان اسڪول جي چند نينگرن سان پکنڪ ملهائڻ هتي آيا هئاسين. ان زماني ۾ اسانکي ڪرڪيٽ جو شوق زور هوندو هو. اسان اڻن نون ڇوڪرن کي گڏ ڪري ڪرڪيٽ جي ٽيم ٺاهي ورتي هئي، جنهن کي انيتالي ٽيم ڪري ڪوٽيو ويندو هو ۽ مهندر پنهنجي تکي بائولنگ سبب ڏاڍو مشهور هوندو هو. ان ڏينهن پکنڪ بہ ٿي هئي، تہ مڇ بہ کيڏي هئي سين. درياهہ جي ڪناري ڇهر تي وڪڻون هٽي راند شروع ڪئي هئي سين. راند بعد ماني ۽ مانيءَ بعد ٻن، ٻن، ڇڻن، ڇڻن جون ٽوليون ٺاهي ڪنهن مٽي جبلن ڏانهن تہ ڪنهن جهنگ جي راهہ ڪنهن درياهہ جو ڪپر

ورتو هو. مون ۾ مهندر هلندي هلندي وٽن جي جهگٽي ۾ هڪ تنبو ڳولي ورتو هو. پر اسان کي ان تنبوءَ جي ويجهو وڃڻ جي بنهه موڪل نه ملي هئي، البت هڪ وردي‌ءَ واري چوڪيدار ٻڌايو هو ته پونچ جو اسٽنٽ ريزيڊنٽ بهادر پڪنڪ ڪرڻ لاءِ پنهنجي بن نينگرين کي وٺي آيو هو. اهو زمانو انگريزن جي راڄ جو هو ۽ پونچ جا راجا جيڪي اصل ۾ ڪشمير سرڪار جي هٿ ۾ هئا، وڏهي هٽي ريزيڊنسيءَ جي هڪ شاخ قائم ڪرائي هئي، جن جي وسيلي ان علائقي جا سمورا وڏا عملدار ڪشميرڪان نه پر پنجاب کان هٽي ايندا هئا.

اهي ٻئي چوڪريون اسان کان عمر ۾وڏيون جوان سهٽيون سنهڙن وارن واريون سروقد هيون، ٽي سگهي ٿو ته جل پريون اهڙيون ئي ٽينديون هونديون. ان کان اڳ اسان ڪنهن به جوان جماڙ چوڪريءَ کي ان حد تائين اگهاڙو نه ڏٺو هو، انهيءَ لاءِ اها سونهن ڏسي اسانجون ڏندين آڱريون اچي ويون هيون، ايڏيون سهٽيون ٽينديون آهن انگريز چوڪريون، انهن ڏينهن ۾ اسان تي مرڪو گوري چمڙي جو رعب پئجي ويو هو، پر بعد ۾ اهو رعب ان وقت ختم ٿيو، جڏهن مهندر بمبئي ۾ اچي مرائي چوڪرين جي سونهن ڏني ۽ مون ڪيرالا وڃي اتان جون ڪاريون چوڪريون ڏٺيون يا وري جميڪا جون شيداٽيون، گهٽئي وقت کان پوءِ اها جاڻ ٿي ته سونهن ڪنهن جي ملڪيت ناهي هوندي، پر ان وقت ته انهن انگريز چوڪرين کي وهنجندي پئي ڏٺوسين.

هڪ پيرو وري اسين سوهرن ڪوٽ آيا هئاسين، پر اهو جواني جو زمانو هو، ٽي چار ڪتنب گڏجي پڪنڪ ملهائڻ ايندا هئاسين، گيانچند ۽ ديوان چند جو ڪتنب ۽ گورنچش سنگهه ۽ رام لال جو ڪتنب ۽ اسين نئين ٽهيءَ جا فرد هئاسين، اسانجون سوچون ان وقت ڪنول جي گل جي پاڇي جيان ذهن تي اولڙا پيون ڏيندیون هيون، نيٽن جي نهار ۾ پيار جون اڻ ڇهيل مڪڙيون ڦٽيون هيون، هڪ، تڪائي، اتساهه جي رنگن الائي ڪهڙا ڪهڙا سامان پيد ا ڪري ڇڏيا هئا، اها هي ڳالهه آهي ته اڄ اهو اتساهه ۽ تڪائي ناهي رهي، جهڙي ريت مڌ ورهيه لنگهڻ بعد وڏيڪ پڪي پختي ٿي ويندي

آهي، اهڙي ئي ريت ساروٽيون وقت جي تہ خاني ۾ منيون ٿي ويندیون آهن. مون کي ۽ مهندر هڪ ٻئي کي لکي ڏسڻ وارو ڏيڪ ايڄا ياد ٻينو آهي ۽ امڙ جو هر هر ڪيس اهو چوڻ، هون، هون، ننڍڙا ڪاڪا هوڏانهن نينگرين ڏي نہ وڃ!" امڙ مونکي وڏو ڪاڪو ۽ مهندر کي ننڍو ڪاڪو ڪري ڪوٺيندي هئي. اڄ امڙ هن دنيا ۾ ڪونهي پر مان هن کان اهو پڇڻ گهران ٿو تہ "امان، ڇا مهندر تو وٽ آهي؟ ڇا هتي بہ ڇوڪرين ۾ راند کيڏندو آهي، هو فاسٽ بالر!"

شام جا پاڇا لڙندا پئي ويا ان لاءِ سوهرن ڪوٽ ۾ وڌيڪ دير ترسڻ مناسب نہ سمجهيوسين، جيتوٽيڪ اتان هلڻ کان دل نٿي چاهيو، بهرحال پونڇ درياهہ ڏانهن نڪري پياسين. ڪيتري مفاصلي تائين درياه پونڇ جو وهڪرو اسان جو ساڻ ڏيندو رهيو وڃ ۾ "نگالي صاحب" جو نالو ٽپيوسين تہ سامهون کان ايڪڙ ٻيڪڙ بجلي جا بلب ڏسڻ ۾آيا، اسين پونڇ جي پسگردائيءَ ۾ هڻاسين. جڏهن اسان پونڇ جي ڍاڪ بنگلي ۾ داخل ٿياسين، تہ ڊپٽي ڪمشنر غلام نبي نائيڪ ۽ سپرنٽينڊنٽ پوليس سميت ٻيا ڪيترا شهر جا ماڻهو اسانجي آجيان ڪرڻ لاءِ اتي ٻيٺا هئا، ڍاڪ بنگلي جا پراٺا توڙي نوان ڪمرا اسانجي لاءِ کوليا ويا هئا. ايڄا کا ويرم ئي نہ گذري تہ اوم (منهنجو ننڍو پاءُ) سندس زال ڪملا ۽ ڪملا جو پاءُ پرويز ڪمار، مينهي ۽ مينهي جي زال جارو مينهي ۽ ٻيا دوست اچي ويا. اسانکي ڇاڪاڻ تہ سڄي ڏينهن جو ٿڪ هو. انهيءَ ڪري ماني ڪائي جلدي سمهي پياسين.

صبح جو جڏهن اٺيس تہ مهندر مونکان اڳي ئي جاڳيو پئي ۽ ٻاهر پراٽي ڍاڪ بنگلي جي انهيءَ ڇهر پٽي صفائي پئي ڪئي، جيڪا يوڪلپٽس جي وڻن سان گهيريل هئي. هي وڻ اهي ئي هئا، جن اسانجو ننڍپڻ ڏٺو هو. اسانجي جواني ڏٺي هئي ۽ اڄ اٺيهن سالن بعد اڄ اسان انهن وڻن کي پئي ڏٺو. اهي وڻ ڪيڏا نہ وڏي ڇڪا هئا. ننڍي هوندي ٻائوجي، مونکي آڳر کان وٺي ۽ مهندر کي ڪلهي تي چاڙهي هتي رابرٽ سان گڏجڻ ايندو هو. جيڪو عيسائي ليڊي ڊاڪٽر جو مڙس هوندو هو. اهو رابرٽ پاڻ ڪوئي

ڪم نہ ڪندو هو ۽ بابا کي شروع کان وٽي اهڙا انوکا ۽ عام حالتن کان هٽيل ڪردار ڏاڍا وٽندا هئا. رابرٽ سان سندس گهاٽي سنگت هوندي هئي ان ڪري هو پنهنجن ٻنهي پٽن کي وٽي هفتي ۾ هڪ ڀيرو هن ڊاڪ بنگلي تائين سير ڪرڻ ايندو هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڊاڪ بنگلي جي باغ جا گل موهيندڙ ۽ پري پري تائين مشهور هوندا هئا.

مون ۽ مهندر هڪڀئي سان ڳالهائڻ کان سواءِ پرهه ڦٽي جي ڏنڊلجي ۾ ڊاڪ بنگلي کان ٻاهر نڪري پياسين. ڊاڪ بنگلي جي ويجهوئي پلي گرائونڊ هو. وڪٽوريا جوبلي هاءِ اسڪول جو پلي گرائونڊ! پر هاڻ انهيءَ راند جي ميدان جي اڌ ۾ ڪاليج ٺهي چڪي هئي ۽ درياهه جي پاسي کان انهيءَ ميدان جي ڪناري کان جيڪي پاٽين جا وڻ بينا هوندا هئا، اهي سڀ وڍي ڇڏيا هئائون. اڳيان وڏياسين ته سمجهيوسين ته هاڻ ڦوهاري وارو باغ ايندو، جنهن جا اوچا اوچا سرو جا وڻ بينا هوندا. سرو جا وڻ بينا هئا پر باغ تباهه ٿي ويو هو، هو ڏاڙهون جا وڻ ڪيڏانهن ويا ۽ اهي ناشپاتين جا وڻ، صوفن خوباني ۽ ٻيا ميويدار وڻ، جن تي اسين پلي گرائونڊ ايندي ويندي يلغار ڪندا هئاسين ۽ جواب ۾ باغ ۾ جو مالهي اسان جي پويان پڄندو هو، پر هو اسان جهڙن چست نينگرن جو مقابلو نہ ڪري سگهندو هو، اهو ڦوهارو جيڪو نشاط باغ جهڙو ناهيو ويو هو، ان جو به وجود باقي نہ هو، نہ ڦوهارو، نہ ٽينس ڪورٽ، نہ انگورن جون وليون، ڪجهه به ته باقي نہ رهيو هو، چوڻ ۾ اچي ٿو ته جڏهن قبائلين هتي حملو ڪري شهر کي پنهنجي گهيري ۾ ورتو هو ته شهر ۾ هارڻ جي اچي کوٽ ٿي. ماڻهن مجبور ٿي سمورن باغن جا وڻ وڍي ويهي پنهنجون چلهيون ٻاريون. اخروٽن واري رستي تي اخروٽ جو بنهه هڪ وڻ نہ بچيو هو. ڪنهن ڪٽيو، ڪنهن هارايو، ان جو فيصلو ته تاريخ ڪندي پر ٻنهي طرفن وٽن کي جهڙي ريت وڍيو ويو. ان جو فيصلو ڪير ڪندو؟

اسين هاڻ ڏيڍيءَ مان لنگهي مبارڪ قلعي ڏانهن مس وڏياسين. نيٺ اسانجا پنل هئا. ان ڪري اسان هڪ ٻئي کان منهن

پئي لڪايو. مبارڪ قلعي کان ڪجھ قدم پويون ٽاڪر نين سنگھ جي حويلي هوندي هئي جيڪو پولو جو مشهور راندگر هوندو هو. نہ جاڻ حويلي ۾ ڪيڏانهن ويئي. قلعي کان هڪ فرلانگ بعد ننڍڙي ٽڪريءَ تي زراعت واري وزير جو بنگلو هو. ان ٽڪري جي هيٺان اسان کي جنهن جهرٽي جي ڳولا هئي، اهو البت اسان کي هٽ اڇي ويو. حڪومتون آيون ۽ ويون، حالتن ۾ ڦيرو آيو تاريخ بدلجي ويئي، پر اهو جهرٽو اهڙي ئي ريت اڳ جيان روان ۽ دوان هو. امڙ جڏهن راڄ محل راڻي وٽ وڃڻ لاءِ نڪرندي هئي تہ انهيءَ جهرٽي مان پاڻي پيئندي هئي ۽ درٻار ۾ حاضري ڏيڻ کان اڳ ۾ بابا ۽ انهي جهرٽي جو منو پاڻي پيئندو هو. اڄ امڙ ڪونهي، بابا ڪونهي، پر انهيءَ جهرٽي جي وهڪري ۾ مان انهن جو ڇهاءُ پاسيان پيو. امڙ منهنجو نراڙ چمي رهي هئي، مهندر ٻڪ جهلي ان جهرٽي مان پاڻي پري رهيو هو. اٽيهن سالن جي اڄ لٽي آهي، جڏ ڪو ڪن ۾ چوي پيو، "ننڍا ڪاڪا، ننڍا ڪاڪا...!"

مون مهندر کي ڪجھ ۽ نہ چيو. اهڙن پلن ۾ ڪجھ ۽ چوڻ جڏ انهن گهڙين جي لج کي ڌاهڻو آهي. اسان ٻئي ماڻ ماڻ ۾ واپسي ورياسين. وري اهوئي قلعو. اهوئي راند جو ميدان مهندر چپ چپات ۾ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي ويو. ماڻهو ننڍپڻ کان پوڙهين تائين وڃڻ ۾ ورهيہ ونڊندو آهي، پر اسان ٻنهي پوڙهپڻ کان ننڍپڻ ۾ وڃڻ لاءِ فقط سٺ منٽ ورتا هئا!!

نيرن ڪرڻ بعد اسان سان انيڪ ماڻهو گڏجڻ آيا هئا. درشن سنگھ اڪالي، خواجہ منير حسن مير، ڊاڪٽر پٽي، سردار بدھڻ سنگھ، بشير احمد شيخ، خزان چند وڪيل، مختيارڪار غلام محمد، چوڌري بدري، نات، منموهن سنگھ سڪراج بالي ۽ ٻيا انيڪ نوان توڙي پراڻا ساٿي آيل هئا. اسڪول ۽ ڪاليج بند هئا، پر اسان جي يونٽ جي اڇڻ واري خبر اصل باهہ جيان اتي پکڙجي ويئي هئي، ماڻهو آيا ۽ ويا پئي، ڊاڪ بنگلي جو سمورو لان انهن ماڻهن سان ٽمٽار هو، گوري دتا، مهندر جي سچاڻپ سندس جهونن يارن سان پئي ڪرائي، ماڻهو اڪين ۾ خوشي جا ڳوڙها آٽيو پاڪرين پئي پيا، زور زور

سان هٿ پئي ڏنائون، جڙ انٽيهن ورهين جي وڇوڙي کي چند گهڙين ۾ گم ڪرڻ ٿي گهرياٿون.

ڪا مهل ڪپور صاحب اسانجي شوٽنگ ڊاڪ بنگلي ۾ ڪئي، نه ڪي نئين گيسٽ هائوس ۾ جتي اسين ترسيل هئاسين، ان پراڻي بنگلي ۾ جتي اسين اسڪول ۾ ڪاليج واري دور ۾ ٽاڪر موهن سنگهه ۾ ٽاڪر سڪ چين سنگهه سان گڏ پلي گرائونڊ ۾ ڪيڏڻ اينديا هئاسين اهي ٻئي ٽاڪرن جا ٻار رياست جي والي۽ جا ويجهو مائٽ هئا انهيء ڪري اسان لاءِ ڊاڪ بنگلي جو ڪمرو ڪوليو ويندو هو، جتي ويجهڙائي واري ڊونگس جي چشمي جو پاڻي گهرائي ليمي جو شربت پيئندا هئاسين، وري ليمون شربت واپرائي گراموفون جا ريڪارڊ بہ وڄائيندا هئاسين. مهندر کي ڳائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ هو سنو ڳائي وڄائي ڄاڻندو هو، اڪثر ڪري سهگل جا ريڪارڊ يا وري جانڪي ٻائي آگري واري، ڪالو قوال، جا ريڪارڊ وڄائيندا هئاسين، ٽاڪر موهن سنگهه کي ليلي مجنون فلم جا گيت ڏاڍا وڻندا هئا، جنکي ماسٽر نثار ۽ مس ڪجن ڳايو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسين شاهي طنبيلي مان گهوڙا ڪيرائي انهن تي سير ڪرڻ نڪرندا هئاسين، اهي گهوڙا ڏاڍا من موهيندڙ ۽ تيز هوندا هئا، مان گهٽو ڪري گهوڙي سواري ڪرڻ کان ڊڄندو هوس، پر ٽاڪر موهن سنگهه، مهندر ۽ سڪ چين، ڏاڍا سٺا گهوڙي سوار هوندا هئا، جيڪي گهٽو ٽٽو گهوڙن کي ڊوڙائيندا، نگالي صاحب جي نالي تائين وڃي پهچندا هئا. مان چڙو ڊاڪ بنگلي تائين اينڊو هوس ۽ اتي ئي بيهي سندس واپس ورڻ جو اسيڙو ڪندو هوس.

مهندر کي سڀ ياد پئي آيو، چوڻ لڳو، "ادا، موهن سنگهه ٽينس جو ڪيڏو نه سٺو راندگر هوندو هو. ڦوهاري واري باغ ۾ راجه صاحب جو ٽينس ڪورٽ هوندو هو. انهي ۾ ٽاڪر موهن سنگهه راجه صاحب سان ٽينس کيڏندو هو ۽ اسين وري ڪورٽ ويجهو ڪرسيون وجهي انهن جي راند کي تڪيندا هئاسين اسانکي ٽينس ڪورٽ ۾ راند کيڏڻ جي موڪل نه هئي. چاڪاڻ ته انهي ڪورٽ ۾ فقط شاهي ڪٽنب جا ماڻهو ئي کيڏي سگهندا هئا.

موهن سنگھ شڪاري بہ سنو هوندو هو هن ئي مهندر جهنگ ۾ اڏامندڙ تتر ۽ ڊنڊ مان نڪرندڙ پکيءَ کي نشاني سان ڪيرائي وجهندو هو. جڏهن ته منهنجو نشانو پکي يا تترکان سڏ فوٽ پري وڃي نڪرندو هو، مونکي ته بندوق جي فائر مهل ڪلهي ۾ اڃي سخت سور پوندو هو.

مهندر انهيءَ ساروٽي جي سار سان مرڪي مون ڏي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو."اڄ وري ناڪر موهن سنگھ سان گڏجي شڪار تي ويڙ لاءِ دل ٿي چوي؟"

"پر ناڪر سنگھ آهي ڪٿي؟ هو ڏور جنت جي ماڙيءَ ۾ مواشڪن سان ويٺو ٽينس کيڏندو هوندو!" مون مهندر کي ائين چيو ته هو ڏکن جي ڪکرن ۾ وکوڙجي ويو.

شوٽنگ ڏسڻ لاءِ ماڻهو اڃي مڙيا هئا. جيتوڻيڪ اسانجي حفاظت لاءِ ڪجھ فوجي بہ بيهاريا ويا هئا، پر هتي ڪنهن کي ڪنهن کان ٿي ڊپ ٿي سگهيو سڀ ڏاڍي قائدي سان شوٽنگ ڏسي رهيا هئا. مڏو سودن ۽ مهندر هڪيئي سان مختلف شاٽ بابت صلاح ڪندي هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦريا. هر ڏيڪ منهنجي، مهندر ۽ سرلا جي زندگيءَ جو ورق هو، ورق اٽلائيندي اٽلائيندي اسين ڊاڪ بنگلي کان نڪري وڃي توپ خاني واري ميدان ۾ پهتاسين، هتي روز هارنهين وڳي توپ چوڙيندا هئا. پر هاڻ اها توپ ڪانہ هئي. ها جيل اتي ئي موجود هو، جتي اڳي هوندو هو. اتي ئي ٽپال گهر آهي، اهائي پوليس لائينز، اهوئي اسپتال کي ويندڙ ۽ وٽن ۾ گهيريل رستو آهي اسين هاڻ اسپتال جي ورانڊي ويجهو اچي پهتاسين. اڙي، هيءَ ئي اهائي اسپتال آهي، اهوئي ان جو ورانڊو، اهوئي ورانڊي جي سامهون گلن سان پريل باغ ۽ انهيءَ ورانڊي جون ڏاڪڻون چڙهي ڪابي پاسي بابا ميز جي سامهون ويهندو هو. مريضن کي ڏسڻ لاءِ هڪ عجيب شوق موهہ ۽ آڏ ماڏ ۾ اسين ٽئي پائر ان ورانڊي ڏي وڌياسين، چاڪاڻ جڏهن سڀ ڪجھ اهوئي ساڳيو آهي، ته بابا ضرور اتي هوندو، ميز جي سامهون ڪرسي تي ويٺو دوائون لکندو هوندو مريضن کي ڏسندي، ڪڏهن ڪڏهن هلڪي سر ۾ ڳائيندي،

اڇو مڪ، وڏيون وڏيون اکيون ۽ هٿ ملائيءَ کان ٻه وڏيڪ نرم...! ۽ اڳيان وڏياسين ته عجيب ڏهڪو لڳو. اتي ته ڪوئي ٻيو ڊاڪٽر وينو هو. پونڇ درياه جي ٻنهي ڪپرن جي پونڇ مان گهٽو پاڻي وهي هليو ويو هو. جيڪو ڪيترين ئي پراڻين تصويرن کي ٻه پاڻ سان لوڙهي ئي ويو هو.

"هي آهي ڊاڪٽر شرما!" هڪ آواز آيو.

مهندر هٿ ڏنو. مون ٻه وڃي هن کي هٿ ڏنو. کي گهڙيون ته اسين ڇڻ پنڌ پهڻ ٽيو ٻيئا رهياسين. هو نوجوان ڪلٽو ملٽو ڊاڪٽر هو. جيئن ڪنهن زماني ۾ منهنجو بابا ٻه رهيو هوندو. شرما پنهنجي علائقي جو ڇاتل سڇاتل پلاسٽڪ سرجن هو. سندس زال اما شرما پڻ ڊاڪٽر آهي.

اسپتال ۾ گهٽو گوڙ ٿي ويو هو اسڪول ۽ ڪاليج جا ڪيترا نينگر ۽ نينگريون اچي گڏ ٿيون هيون. جن پنهنجي ڏيٺ ويٺ اسان سان پئي ڪرائي منهنجي ننڍي پاڻ اوم جو وڏو پٽ ملکي ۽ سندس پيٽ انيلا سندن مکا ميلو اسان پئي ڪرايو. مانوارن شهرين مان چند نالا هن مهل ياد پيا اچن. جهڙوڪ: ڊاڪٽر سروٽ ناٿ آفتاب، ڪرشن لال گيتا، چمن لال، سجاد حسين، شهزاد حسين، عبدالعزيز مستري، ارجن ناٿ مصري، وغيره. ارجن ناٿ مصري ته خاص طور تي اسانجي لاءِ پنهنجي دڪان تان پان ونڊي آيو هو. جيترا ڏينهن اسين پونڇ ۾ رهياسين، مصري صاحب مفت سودا ۽ پان سان اسانجي مهماني ڪندو رهيو. سندس هٿ پروين ڪمار مينهي جي هٿ جي سامهون واقع آهي. منهنجي ننڍپڻ جي زماني ۾ اهو دڪان ڪتابن ۽ ڪاپين جو هوندو هو. ڏيارو ۽ دسهڙي جي ڏينهن تي اسين اتان ڦٽاڪا ڳنهندا هئاسين.

اسپتال ۾ شوٽنگ ڪرڻ بعد اسين پيرين پنڌ پنهنجي گهر ڏانهن روانا ٿياسين. ساڃي پاسي هڪ پيچرو ڦرندو گهرن ڏانهن ٿي ويو. سيڪان متي چيف ميڊيڪل آفيسر رام گوپال ماٿر جو گهر ۽ هيٺ اسان جو گهر هوندو هو. ٻئي بنگلا گهاٽن باغن جي بنهه وچ ۾ هئا.

ڪنهن بہ سونهين ڪانسواءِ اسان چار پول مان، مهندر، اوم ۽ سرلا اوڏانهن هليا وياسين، جتي ننڍپڻ ۾ جوانيءَ جا سونهن پريا ڏينهن گهاريا هئاسين. ها اهوئي گهر آهي. اهائي پت آهي، پت ڪان مٿي بينل اهوئي زردالوءَ جو وڻ آهي، اسين جيئن جيئن گهر جي ويجهو پئي پهتاسين تہ دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿيندي پئي ويئي. گهر جي پت وٽ پهتاسين. جنهن بعد گهر جو در ايندو. انهي موڙ تي بيهي مون مهندر کي چيو: "ياد اٿئي، مهندر تون انهيءَ ڪنڊ تي پت سان لڳي پٽرن سان راند ڪيڏندو هئين ۽ جڏهن مان اسڪول مان ورندو هوس تہ توکي انهي هنڌ تي انگور جي ول هيٺان پٽرن سان ڳالهائيندي ڏسندو هوس هاڻ اها انگور جي ول بہ موجود ناهي رهي، پر گهر جو در تہ اهوئي ساڳيو آهي". دل جي عجيب ڪيفيت هئي. اوچتو اسين درڪان چند وکون اڳيان بيهي رهياسين ۽ هڪ عجب جهڙي حالت ۾ ڪليل درکي تڪڻ لڳاسين. وقت پوئتي وري ويو هو ۽ هر محل ائين پئي محسوس ٿيو جڻ اجهو گلابي پاسي واري ڪريم رنگ جي ساڙهيءَ ۾ امڙ درڪان ٻاهر ايندي ۽ چوندي، "ايترا ورهيہ ڪاٿي رهئين وڏا ڪاڪا، ننڍا ڪاڪا، سرلا ۽ ارم ڪٿي هئا توهين سپ، اچو جلدي اندر اچو. توهانکي بک لڳي هوندي مون اوهان لاءِ مکڻ ۽ ماکيءَ وارا اڦراتا پڃائي رکيا آهن. هڪ هڪ گلاس لسي جو بہ تہ پي ونو!" اسانکي امڙ جي هٿن جا اڦراتا ڏاڍا وٽندا هئا، جن تي هوءَ اڃ انچ ڪان بہ مٿي مکڻ رکي مٽان ان جي ماکي اوتي ڇڏيندي هئي.

پر اڄ ڪليل در اڄ ڪليل ئي رهجي ويو. امڙ انهيءَ درڪان ٻاهر نہ نڪتي. اسين هڪ ٽڪي سان ماضيءَ کان حال ۾ اچي وياسين ۽ در جي اندر هليا وياسين اهوئي اڳڻ هو. پر ان اڳڻ ۾ بمباري کان بچڻ لاءِ هڪ بنڪر بہ ٺاهيو ويو هو. ماکيءَ ۾ وه اوتيو ويو هو. جبل جي هڪ چوٽيءَ تي جيڪڏهن پاڪستاني چوڪي هئي تہ ان جي بنهہ مقابلي ۾ ٻئي جبل تي هندستاني چوڪي بنهہ چٽو ڏسي پئي سگهياسين. ايڏو ويجهو هئي گڏيل ڏڪار!

ڊاڪٽر شرما اسانکي گهر ڏيکارڻ لڳو، تہ مهندر اتاولو ٿي چيو،

"اوهين نہ ڏيکاريو، ڏسو هتي امڙ رڌ پچاءَ ڪندي هئي." مهندر هڪ پاسي اشارو ڪيو.

ڊاڪٽر شرما چيو، "اڄ بہ اسانجو رڌڻو آهي اهو!"

مهندر هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "اهو باٿ روم آهي!"

ٻئي پوءِ اسان اندر جي ٽن صفن ۾ ويٺاسين، تہ دل چيو تہ جيڪر امڙ کي سڏيان، ٻائوجي کي سڏيان، مرحوم پاءُ پوشن کي سڏ ڪريان، پوءِ ڏاڍي مشڪل سان پاڻ کي روڪيم پوءِ چوٽين صفي تي ويٺاسين، جيڪو اسانجو استيڊي روم هو، جنهن جو هڪ در باغ ۾ کلندو هو. انهيءَ درکان ٻاهر ويٺاسين پر ڪيڏانهن ويون اهي صوفن جي وڻن جون قطارون، قطارون، ڪيڏانهن ويو اهو چئني پاسي پکڙيل باغ، جنهن ۾ اسانجي نندپڻ جون من مستيون ٽڙيون پکڙيون هيون. ڪنهن ٻڌايو تہ قبائلي حملي مهل اهي وڻ بہ وڍي ويا.

ڊاڪٽر شرما چوڻ لڳو، "هتي ٻيهر باغ هٽنداسين، مون دهليءَ مان تي سؤ ٻوٽا گهرايا آهن!"

اتان ٽيندي اسين پاٽمرادو وڃي رڌڻي وٽ ٻيٺاسين. ڊاڪٽر شرما جي زال مسز اوم شرما اسانکي ڏسي مرڪڻ لڳي پر اسان هن کي نٽي ڏسي سگهياسين، اوچتو خيالن ۾ ڏٺم، تہ امڙ رڌڻي ۾ ويني چئن ٽالهين ۾ اسان لاءِ ماني وجهي هڪ ڪنڊ ۾ نوڪر وينو ٽانون سان ڪٽ پٽ ڪري، جيتوڻيڪ هن وقت منجهند جو وقت آهي. پريل اپل ۾شام تي ويئي، رڌڻي ۾ لالٽين پيو ٻري، امڙ متي تي پلئه رکيو، سونين چوڙين سان پريل ٻانهن سان پاٽيءَ جو گلاس رکي ٽي، کائڻ لاءِ چوي ٽي پر اسين ضد ڪري ٽا ٻيهون، تہ اسانکي پنهنجي هٿ سان ماني کاراءِ، امڙ پهريون اسان تي کاوڙجي ٽي، پر پوءِ مامتا جي جذبي سان مانيءَ جو پهريون گرهہ ٺاهي ٽي، اسين جهرڪيءَ جي ٻچن وانگر واري واري سان پنهنجو وات کولي ٽا چڏيون ٻ امڙ انهي منجهہ گرهہ ٽي وجهي چڏي. الا، ڪيڏو نہ چسڪيدار، ڪيڏو نہ لذيذ ٻ منو هوندو هو. اهو گرهہ. جيتوڻيڪ اهائي ماني هئي، اهائي دال هئي، اهي ئي پٽاتا، اهائي گوبي، اهو مٽر گوشت، پر نہ ڄاڻ

ڪهڙي ڳالهه آهي جو پنهنجي هٿ سان ڪائڻ ۾ اهو مزو بنهه نٿو اچي، جيڪو امڙ جي هٿ سان ڪائڻ ۾ ايندو هو ۽ اها ڳالهه به ڏاڍي دير سان سمجهه ۾ ويٺي ته مائرون جڏهن پنهنجن پيارن ٻچڙن لاءِ رڌيندیون آهن ته اهي ٻوڙ ۽ مانيءَ جي جي هر ٽڪر ۾ پنهنجي موهه پريم ۽ پاڻوهه جو مٺاڻ اوتي ڇڏيندیون آهن. ڪاڏو ته تاج، انترڪان ۽ فائيو اسٽار هوٽلن ۾ڏاڍو سٺو ملي ٿو، پر اهو ڪاڏو باهه تي رڌيو ويندو آهي، جڏهن ته هو ڪاڏو روح جي مڌم مڌم توڙ تي رڌبو آهي.

سرلا روئي رهي آهي. مهندر پنڌ پهڻ ٿيو بيٺو آهي. اوم جا نيٽ پنل آهن. ان وقت سيني اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏنو. جڻ ڪنهن اڻ موجود هستيءَ روبرو اسان پيش ٿيا هئاسين، ماضي کان ايندڙ هوائن ۾ امڙ جي پلو جي سڱندڙ سمايل هئي.

ٻئي ڏينهن صبح سويل مان پنهنجي محترم دوست ديناننڊ ڪپور سان گڏجڻ ويس سندس گهر ڏاڪ ٻنگلي جي رستي جي هن پر درياه جي ويجهو آهي. ان کان اڳ سندس گهر ڪشميري پاڙي ۾ هوندو هو ۽ شري رام لال ميني مرحوم جي هٿ ويجهو سندس ڪتابن جو هٿ هوندو هو. پر مون ديانند ڪپور کي ڪڏهن به پنهنجي هٿ تي ڪتاب وڪڻندي نه ڏٺو. مقامي شاعرن ۽ اديبن جو سندس هٿ تي اصل ميڙ لڳو پيو هوندو هو. سندس ئي هٿ تي مان پهريون پيرو چراغ حسن حسرت مرحوم سان گڏيو هوس. ديانند رام کان مان ڪو مهندر گهٽو ڪري ادبي مخزنون پڙهڻ لاءِ ڪٽي ايندا هئاسين خاص طورتي "مستانه جوگي" ۽ مانسرور، مانسرور مخزن کي اسان پائر ان ڪري پڙهندا هئاسين، جو ان مخزن جي ايڊيٽر جو نالو گوري شنڪر لال اختر هو ۽ اسانجي بابا جو نالو به گوري شنڪر هو.

ڪپور صاحب وٽ اسان چانهه پي، گذري ويل ساروٽين کي ويهي ساريوسين ۽ ڪيس شوٽنگ ۾ شامل ٿيڻ جو سڏ ڏئي واپس وريس. گيسٽ هائوس آيس ته خبر پئي ته ڪيترن گهرن مان نيرن اچي چڪي آهي، پونڇ جون به شيون مشهور آهن، مڪائي ۽ مونٽي. ان ڪري نيرن ۾ اهي ٻئي شيون موجود هيون. مڪائي جا اڦراتا، مونٽيءَ جو ٻوڙ ۽ ڪيترا ڊش گيسٽ هائوس وارن نيرن لاءِ موڪليا

هڪ پر اسان مکائي جي ماني ويهي کاڏي.

ايتري ۾ ڪيپٽن اروڙه اچي ويو. جيڪڏهن مان غلطي نٿو ڪريان تہ هو اڙدو جي مشهور نقاد مالڪرام جي ويجهن مائٽن مان هو ۽ چاڪاڻ تہ هڪ ادبي گهراڻي سان ناتو هيس. انڪري اڙدو شاعري سان بہ ڏاڍو موهہ هيس، هڪ فوجي جي واتان ايترا شعر ٻڌي اسين عجب ۾پئجي وياسين. هو اسان کي پاڻ سان گڏ موتي محل وٺي ويو جيڪو ڪنهن زماني پونچ جي راجائن جو محل هو اتي مون اهو صفو بہ ڏٺو. جيڪو راجا بلديوسنگهہ جي سمهڻ وارو صفو هوندو هو. اڄ بہ انهي صفي ۾ راجا بلديو سنگهہ جو پلنگ پيو هو. جنهن جي مڇرداني جي پتل واري ڪناري تي پتل جي اکرن ۾ بي ايس لکيل هو.

مون ڪيپٽن صاحب کي چيو "راجا بلديو سنگهہ ڏاڍي آڪڙ وارو هوندو هو اصل ڪنهن کي منهن نہ ڏيندو هو."

ڪيپٽن کلي چوڙ لڳو. "اڄ بہ سندس حالت اهائي آهي؟"

"ڇا مطلب؟" مهندر پڇيو. ڪيپٽن صاحب کلي چوڙ لڳو. "هڪ رات مان هن پلنگ تي ستس، ٻئي ڏينهن صبح جو پاڻ کي پلنگ بدران فرش تي ستل ڏٺم!"

"نہ! نہ!"

"ادا، بالڪل مان بنهہ سچ پيو ڳالهايان!

مون چيو. "تي سگهي ٿو تہ ننڊ ۾ ڪنهن اوهان سان مشقري ڪئي هجي ۽ ننڊ ۾ اوهان کي کٽي پٽ تي سمهاريو هجي.؟"

"بهرحال حقيقت ڇا بہ هجي!" ڪيپٽن اروڙه چوڙ لڳو. "اصل واقعو اهوئي آهي جيڪو مون بيان ڪيو آهي، انهي واقعي جي چند ڏينهن بعد اسانجو هڪ دوست ميجر ان پلنگ تي ستو. تہ رات جو سندس سوڙ ۾ اچي باهہ لڳي ۽ هو سڙندي سڙندي بچي ويو!"

مهندر چيو. "تي سگهي ٿو تہ ميجر صاحب شراب جي نشي ۾ پنهنجي بريل سگريٽ کي وسائڻ وساري وينو هجي!"

ڪيپٽن اروڙه چوڙ لڳو. "هاڻي اوهين ان کي ڪيئن بہ سمجهو. پر اٿو اهائي حقيقت تہ انهي پلنگ تي ڪير بہ سمهي

ڪونہ!"

سلميٰ چيو"ڪيپٽن صاحب هي سيئي انهن ڳالهين کي مڃيندا ئي ڪونہ. پر مان انهن ڳالهين کي مڃيان ٿي اڄا هن دنيا ۾ ڪيترين اهڙيون ڳالهيون آهن، جن تي سائنس توڙي عقل حيران ٿيو وڃي!"

موتي محل کان واپس وڃڻ تي مبارڪ قلعي کان سواءِ شهر جي مختلف هنڌن تي شوٽنگ ڪندا رهياسين. لنچ کان پوءِ اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ اڳ واپس ٻاڪ بنگلي پهتاسين ته اتي نينگرن ۽ نينگرين کان سواءِ پراڻا توڙي نئون دوستن جو ميڙ مڙيل هو. ماسٽر دينانات بہ ملڻ لاءِ آيو هو، جنهن مون کي ۽ مهندر کي اسڪول ۾ پڙهايو هو. اسان وڏي وڃي ڪيس پيرين پياسين ته ماسٽر دينانات پنهنجائپ واري ڪاوڙ مان چيو" هٽانو هڪ چماٽ، ڪٽي هڻا ايترا ڏينهن؟"۽ پوءِ ڪلي اسانکي ڪٽي پاڪر ۾ پرپائين. ان هجوم ۾ سائين داس بہ هو، جيڪو پنهنجي زال سان گڏ اسانکي ڏسڻ آيو هو. سائين داس بابا جو ڪمپائونڈر هوندو هو. مسز سائين چوڻ لڳي، "توهين ننڍڙا هوندا هئو، تہ اڇي منهنجي گهر ۾ رنڊڪ ٽي ۾ ڏاڍي شوق سان ماني کائيندا هئو، منهنجي گهر جي ڪائي جي ماني توهانکي ڏاڍي وڻندي هئي."

ان هجوم ۾ ڪيترا ڏڻل چهرا موجود هڻا. ان دوران ڪيترن شاگردن ۽ شاگردياڻين اسان گڏ فوٽا بہ ڪيڙايا. بعد ۾ شهرين اسان جي مان ۾ هڪ جلسو ڪوٺايو، جنهن ۾ شريڪ ٿياسين، پر ان کان اڳ اسانکي هڪ وڏي جلوس جي شڪل ۾ وٺي هليا، ماڻهو وڏي واڪ ڪرشن چندر زنده باد، سلميٰ صديقي زنده باد جا نعرا هڻي رهيا هڻا. سموري بازار کي ڪنوار وانگر سينگاريو هڻائون، هنڌ هنڌ تي دلي دروازا ڪٽي ڪڍا هڻائون. گيتاپون ۾ سيني تقريرون ڪيون، مهندر ناٿ هڪ وڏي جذباتي تقرير ڪئي، سرلا تہ ڏک وچان ڳالهائي بہ نہ سگهي، عورتن ٻارن سلميٰ ڳالهايو. سلميٰ ماڻهن کي ٻڌايو تہ جڏهن جڏهن هي ٻئي پائر بيمار ٿيندا آهن، مرڻ کان اڳ پونڇ جي درشن جو ضرور ڪر ڪندا آهن ۽ هاڻ جڏهن مون پونڇ جو

حسن ڏنو تہ سمجھيم تہ هي سچ تي آهن.

جلسي جي خاتمي بعد چانهہ پارٽي ۾ ٻہ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي.

اٽڪل هڪ مهيني تائين اسان اتي شوٽنگ ڪئي ۽ پوءِ سيئي موتي آياسين ۽ چند مهينن بعد اها فلم سيني ڏني. ڏهين مارچ تي ساحر وٽ دعوت هئي مهندر ٻہ اتي آيل هو، ڏاڍو خوش، خوش، ڪنهن دوست چيس،"مهندر ڏاڍو خوش ٿو لڳين، يار صحت ٻہ ڏاڍي سٺي تي پئي اٿئي؟"

مهندر ڪلي چوڙ لڳو، "ادا صحت چونہ سٺي ٿيندي، اڄ ڪلهہ اوباريل ڪاڏا ٿو ڪاوان ۽ صبح جو پنڌ ٿو ڪريان. مون هيترن سالن ۾ پاڻ ڪي ڪڏهن ٻہ هڙو تازو توانو ناهي محسوس ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ دهلي يونيورسٽي مونکي خطاب ڪرڻ لاءِ سڏايو ۽ مان دلي فرنٽيئر ميل ۾ روانو ٿيس تہ مهندر کي مون فون ڪئي ۽ ڪيس وڃڻ وڃڻ جو ٻڌايم، هو چوڙ لڳو "ادا مان اچان ٿو. جو مون اوهان لاءِ هڪ پهراڙ ٻہ سبرايو آهي، جنهن تي پرت جو ڪم ڏاڍو سٺو ڪرايو اٿم."

مون ڪيس چيو، "هينئر ديرپئي ٿئي، چند ڏينهن لاءِ وڃان پيو، موتي اڇي اهو پهراڙ پائيندس!"

20 مارچ تي دهلي پهتس، اتان فون پڙ ڪيم، تہ سلميٰ جو آواز آيو، "توهان جلدي اڇو، مهندر کي دل جو دورو پيو آهي، سندس حالت نازڪ آهي ۽ جهاز ۾ اڇو!"

مان ٻہ چار ڪلاڪ جهاز جي سيٽ لاءِ ڏکندو رهيس پر ڪنهن ٻہ جهاز ۾ سيٽ نہ ملي، 4 وڳي سلميٰ جو فون آيو، "مهندر جي طبيعت هاڻ اڳي کان بهتر آهي. ڪيس اي. ايم. اسپتال ۾ داخل ڪيو اٿئون، اڇا هاڻ ڪيس چانهہ پياري پئي اڇان! توهين جلدي اڇو!"

مون چيو، "هن مهل ڪنهن ٻہ جهاز ۾ سيٽ نٿي ملهم ڪوشش ڪريان پيو، هن مهل نہ تہ صبح جو ضرور ايندس!"

ان مهل مان جڙ پولا رهم پئي اڏاٽس، ڪاب ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي

آئي تہ ڇا ٿي رهيو آهي، ڪشن لال سان گڏوگڏ وهسڪي پيئڻ ويٺس تہ پيءَ نہ سگهيس. رات جو سادي نائين وڳي اوچتو مون ڪشن لال جي گلي سان ملندي روئي ڏنو ۽ چيو، ڪونهي ڪونهي هو هاڻ ڪونهي. جڏ ڪو چوي پيو، تنهنجو پاءُ هاڻ هن دنيا ۾ ڪونهي، هو مونکي ڇڏي ويو ادا منهنجو پاءُ مونکي ڇڏي ويو. هاڻ هو هن دنيا ۾ ڪونهي (پوءِ خبر پئي تہ مهندر جو لاڏاڻو ٻہ ٽيڪ سادي 9 وڳي ٿيو هو.)

(عبرت مخزن 198 ۾ ڇپيل)

ايڊيٽوريل

ڪارل مارڪس چيو هو "انقلابي خيالن جو بنيادي شرط انقلابي طبقي جو وجود آهي." جنهن سماج ۾ انقلابي طبقو موجود نه هجي، اتي انقلابي خيالن جو وجود ممڪن ڪونهي ۽ جتي انقلابي خيال موجود نه هجن، اتي انقلاب جو خواب ڏسڻ بيوقوفي آهي. اسين سنڌ جا انقلابي، جن جو وجود ايرندڙ وڃولي ڪلاس سان آهي، جن جو خواب سنڌ جي سماج کي تبديل ڪرڻ آهي. اڄ وڏين قومي ذميوارين هيٺ اڇي ويو آهي ۽ اها ذميواري آهي سنڌ جي ايندڙ مستقبل کي بچائڻ جي ۽ انهيءَ مستقبل کي بچائڻ لاءِ نوجوان نسل کي ملڪ ۾ ٽيندڙ عام چونڊن ۾ اسان کي سنڌ جو هر اول دستو ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.

شيخ اياز چوي ٿو:

اڄ لال لهوءَ جي سرگم تي ٿي منهنجي ڌرتي رقص ڪري،
منهن هيٺ ٿيا غدارن جا، بي شرم وڏيرن پيرن جا."

سنڌ جي سورن ۽ اهنجن جو ذميوار اهو ڪلاس آهي. 1940ع کان وٺي ون يونٽ جي نهٽ تائين اهو ڪلاس سنڌ جو رت نچوڙيندو آيو آهي. اڄ سنڌ جي انقلابي طبقي، جنهن ۾ سنڌ جا سڄاڻ اديب، قومي ڪارڪن ۽ سنڌي شاگرد شامل آهن. ون يونٽ خلاف هڪ ڊگهي ويڙهه ڪري آخر ون يونٽ جي ڊاڙ واري قلعي کي ڌاهي وڌو آهي، ميساري ڇڏيو آهي. اڄ سنڌ جو نالو ونڻ کو ڏوهه ڪونهي، ڪالهه وانگر سنڌڙي، تنهنجو نانءُ ورتو. جڙ ڪاريهر تي پير پيو، جيان سنڌ تان ون يونٽ جا زنجير ڇڇي ڇڪا آهن ۽ اڄ جڏهن سنڌ ون يونٽ

جي زنجيرن مان پاڻ ڇڏائي چڪي آهي تہ اهي ساڳيا وڏيرا سنڌ جي وسيلن ۽ حاڪميت تي، قبضي جا خواب ڏسڻ لاءِ چونڊن ۾ لهي آيا آهن. 1970ع جو عام چونڊون سنڌ جي تقدير کي بدلائي ۽ سگهن ٿيون ۽ ان کي هميشه هميشه وانگر، ون يونٽ جي قهري قيد ۾ باندي ۽ بڻائي سگهن ٿيون. اهڙن حالتن ۾ اسان سنڌ جي سڃاڻ طبقي کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ آيا ماڻ ڪري ويهي رهجي، يا هنن عام چونڊن ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرائي، قومي اسيمبلي ۾ موڪلڻ کپي، جيڪي اتي وڃي سنڌ جو ڪيس پيش ڪري سگهن.

اسين مجون ٿا تہ اسين عوامي ليگ وانگر سنڌ ۾ ڪا وڏي اڪثريت نٿا رکون. اسين مجون ٿا تہ اسان جا وسيلا مختصر آهن. پر اسان جا حوصلا بلند آهن اسين وکريل آهيون، پر ڪٽو ڪٽو ٿي، عام چونڊن ۾ ٽڪري، سنڌ جي عوام کي صوبائي خودمختياري جي حق ۾ هموار ضرور ڪري سگهون ٿا. هڪ طرف شيخ مجيب جا 6 نڪتا، ۽ صوبائي خودمختياري جو رستو ۽ ٻئي طرف مخصوص مقصد رکندڙ مرڪزي پارٽين جو مستقل مفادي گروهہ جن جو غلامي وارو رستو آهي، جيڪي هڪ پيرو ٻيهر سنڌ کي قهري ڪوٽن ۾ واڙڻ جو بندوبست ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان هن پيري صحيح رستو چونڊڻ ۾ ڪائي غلطي ڪئي تہ پوءِ ڪاہ طاقت اسان کي نہ بچائي سگهندي.

اهڙين حالتن ۾ "اڳتي قدم" جو اجراءُ ڪري رهيا آهيون آڪٽوبر 1970ع جو هي پهريون شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اسان جو مقصد سنڌ پرستي، روشن خيالي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي دنيا بدلائڻ جي راهہ ڏيکارڻ آهي. اسين سنڌ جي خلاف ٽيندڙ تمام سازشن، بنياد پرستي، پيرپرستي ۽ عقل دشمني، وڏيرا شاهي، خلاف صف بندي ڪرڻ جو آغاز هن مخزن کان ڪرڻ پيا گهرون.

اڳتي قدم جو ٽائيٽل ڳاڙهي جهنڊي، ڏاتي ۽ ڪهاڙيءَ سان گڏ هڪ نئين سفر جو آغاز آهي. اچو تہ انهيءَ عزم سان سنڌ جي ڳوٺ، ڳوٺ شهر شهر، واهڻ وستين ۾ جيئي سنڌ جي نعري هيٺ ڪاهي پئون، اهو نعرو هٽي وڃن ڪريون تہ ووٽ ڏيو ان کي جيڪو سنڌ جي

ڳالهه ڪندو، صوبائي خودمختياري جي حمايت ڪندو، سنڌ جي نوجوانن کي متحد ٿي، سنڌ جي وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ سمورين وڏين سياسي پارٽين تي زبردست دباءُ وجهي مٿن زور آڻڻ گهرجي ته هو اسيمبلي ۾ وڃي، سنڌ کي وڌ کان وڌ صوبائي خودمختياري جو مطالبو ڪن، سنڌ جيڪا اڃان هاڻ مس ون يونٽ جي قهري ڪوٽ مان آزاد ٿي آهي، ان سنڌ جي سمورن قومن وسيلن تي سنڌ جي ماڻهن جو بنيادي حق آهي. اسان جي صدر جنرل يحيٰ خان جي حڪومت کان به مطالبو آهي ته عام چونڊون منصفاڻيون ڪرايون وڃن، ته جيئن بنگال، سنڌ، سرحد بلوچستان ۽ پنجاب جا صوبا وڌ کان وڌ صوبائي خودمختياري حاصل ڪري سگهن.

سنڌي ٻولي جي نوجوانن کي هيٺئين نڪتن تي گڏ ٿي، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ وڃي عوامي راءِ هموار ڪرڻ گهرجي.

1. سنڌي ٻولي کي پاڪستان جي قومي ٻولي تسليم ڪيو وڃي.
2. ٻچاءَ، ڪرنسي ۽ پرڏيهه ڪاتن کانسواءِ ٻيا سڀ ڪاتا سنڌ کي ملڻ گهرجن.
3. سنڌ مان ڪمايل ٻاهرين مٽاستا ۽ آمدني سنڌ جي ترقي لاءِ ڪم آندي وڃي، ان لاءِ هر صوبي کي پنهنجي ريزرو بينڪ ٺاهڻ جي اجازت ملڻ گهرجي.
4. سنڌ ريجمنٽ قائم ڪئي وڃي.
5. سنڌ جي بينڪن، صنعتن ۾ سنڌي نوجوانن کي ملازمتون ڏنيون وڃن.
6. سمورين وفاقي ملازمتن ۾ سنڌ جي ڪوٽا تي سختيءَ سان عمل درآمد ڪرايو وڃي.
7. ٽنڊي ڄام زرعي ڪاليج کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو وڃي.
8. سنڌ ۾ نيلامي ۽ انعامن ۾ ڏنل زمينون واپس ونڻي مقامي غريب هارين ۾ ورهايون وڃن.

جيئي سنڌ ـ جيئي سنڌ ـ جيئي سنڌي عوام

مدد علي سنڌي مرتب

(اڳتي قدم، آڪٽوبر 1970ع)

اڇوڪي سنڌ بنيادي تبديليءَ لاءِ واجهائي پئي.

شير محمد مريءَ جو پيغام

ساڻي،

ٿورا ڏينهن ٿيا، پنهنجي هڪ پياري دوست نواب خير بخش مريءَ وٽان "اڇتي قدم" جا ٻه پرچا مليا. سوچيم ته خط لکي اوهان کان پڇان ته آخر مون کي "اڇتي قدم" کان ڇوٽا محروم رکو. توهان وٽ ان لاءِ منهنجي ائڊريس نه هئڻ جو به شايد بنيادي مسئلو ٿي سگهي ٿو.

دل گهريو ته پنهنجي ساڻين ۽ سسئي پنهون جي پيار جي سنگم سنڌڙيءَ جي عوام سان مختصر ڪجهه ڳالهايان، ليڪن اڄ ڪلهه منهنجي صحت ڏاڍي خراب ٿي رهي. اها، اسانجي دلي خواهش آهي ته اڇتي قدم جي ذريعي سنڌڙيءَ ۽ سنڌ جي سڀاجهڙن جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻ رکون.

مون پنهنجي جلاوطني جي عرصي دوران سنڌ ۾ هر ايرندڙ شفق کي ڏٺو. پر ڏنڏلي صبح، ٽڪل ۽ ٽڪائڻ واري صبح، داغ واغ صبح، بک ۽ افلاس جي صبح، وڏيرا شاهي جي ظلم ۽ جبر هيڻان سسڪندڙ مڏم مڏم صبح. مهراڻ ۾ رهندي مون اهڙا ڪيئي صبح ڏٺا آهن. پر هاڻي شايد نئي نصبح يا صبح سنڌ طلوع ٿيڻ جون اميدون ويجهيون پيون ڏيکارجن.

جيڪي به پرچا مون تائين پهتا آهن تن کي پڙهڻ کان پوءِ ائين

ٿو لڳي ته سنڌڙي جنهن جي تڪميل لاءِ ابتدا ئي هينئر هينئر شروع ٿي آهي سا هڪ بنيادي تبديليءَ لاءِ واجهائي پئي جنهن لاءِ في الحال شاگرد برادري جدوجهد ڪري پئي.

ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته پاڪستان جي هر حصي ۾ هر قوم جي ترقي پسند ۽ قومي تحريڪون هڪ ئي ڪمزوريءَ جو شڪار آهن. بلوچستان، سرحد يا سنڌ جي ترقي پسندن جي اها بنيادي ڪمزوري رهي آهي ته جن نظرين ج يهو دعويداري ڪن ٿا انهن نظرين سان هٿيار بند ٿي عوام کي ڪم ڪرڻ لاءِ اهڙي ئي اندازڌيڙ ۾ ناڪام رهيا آهن. اهو هٿيار اهو آهي جنهن ۾ نظريه کي عمل سان ڳنڍيڙ ۽ عوام سان ونڊي ملي وڃڻ آهي.

ڇا ڪوبه ترقي پسند خاص طرح سنڌ جا ڪامريڊ ان حقيقت کان انڪار ڪري سگهن ٿا ته هر ساڻي مخصوص ۽ مختلف ڪمي جي عملي راهه ۽ پاليسي جي ڳالهه ته ڪن پي اپر ان جي عام عمل جي راهه ۽ عام پاليسي کي يڪسر وساري ويهندا آهن. ان جو نتيجو اسان جي سامهون آهي. ترقي پسند ڏانواڏول ٿي نه رڳو گمراهه ٿا ٿين، پر ڪڏهن ساڃي پاسي ته ڪڏهن ڪاپي پاسي لونڊيون پيا هڻن ۽ اڄ تائين عجيب غريب اندازن، نت نوان خود ساخته ۽ نام نهاد فلسفن جي تشريح جي شڪل اسان جي مٿان حاوي آهن.

اسانجا ترقي پسند شايد اهو وساري ٿا ويهن ته پاليسي ۽ تدابير تحريڪ جو روح آهن.

اسان قوم، قوميت ۽ طبقاتي جدوجهد جو مطالبو ڪندي ڪافي حد تائين تاريخ جي مادي تشريح تي گهٽ ۽ تصوريت تي گهٽو زور ٿا ڏيون.

پنهنجي انا کي تسڪين ڏيڙ لاءِ اسانجا گهڻا ساڻي اهو سمجهن ٿا ته سامراج ۽ ٻيون قوتو ۽ جارحانه قوتون يا ته پنهنجو پاڻ هٿيار ڦٽا ڪندیون يا وري اسلامي سوشلزم، اسلامي مساوات يا شاعرانه اندازوارين تقريرن سان ختم ٿي ويندیون.

اسان جي دوستن کان اها ڳالهه وسري ٿي وڃي ته قوتو ۽ لٽيندڙ قوتون نه ته خود بخود ختم ٿي ويندیون ۽ نه وري پنهنجن هٿن سان

نڑي گهٽي پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيندیون.

اسان جا ساٿي عوامي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ دوست ۽ دشمن جي وچ ۾ پرک نہ سمجهي سگهيا آهن. منهنجي خيال ۾ ته ان پرک لاءِ توڙي عوامي ۽ طبقاتي هلچل لاءِ نہ رڳو ڪافي نہ پر تمام گهٽ ڪوششون ٿيون آهن. جنهن جي نتيجي محن ڪش مزدور ۽ هاري طبقو گمراهہ پئي رهيو آهي.

منهنجي خيال ۾ ته جيستائين اسان ان ڪمزوري ۽ بي نيازي کان ڇوٽڪارو نہ وٺنداسين، تيستائين عوام جي حقيقي دوستن سان اتحاد نہ ڪري سگهنداسون.

اهو پڻ هڪ اهم ۽ بنيادي مسئلو آهي ته سچي دوست ۽ دشمن جي سڃاڻ ۽ تجزيو ڪيئن ڪجي؟ ان بنياد ۽ اهم تجزئي جي نقطہ نظر کي درگذر ڪيو پئي ويو آهي. مثلاً سنڌي ساٿين، سنڌي سماج جي مختلف معاشي حالتن ۽ سندن انقلاب ڏانهن رويي جو تجزيہ نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي هاڻي ڪو ان بنيادي ۽ اهم مسئلي ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ٿو.

مون کي جڏهن بہ سنڌي ساٿين سان ملڻ جو موقعو ملیو آهي ته هنن عجيب ۽ غريب انداز ۾ پنهنجي عوام جو تجزيو پيش ڪيو آهي. هو رڳو ڪتاب پرستي ۾ جڪڙيل آهن. ڏاڍي مايوس ڪن انداز ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو چئي ڏيندا آهن ته اسان جا عوام ڏاڍا غريب ۽ ڪورا آهن.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته عوام غريب ۽ ڪورا آهن. پر پنهنجي ورهين جي عملي جدوجهد ۾ مون جيڪي ڪجهہ ڏٺو آهي سو آهي ته غربت تبديلي جي خواهش کي، عمل جي خواهش کي ۽ انقلاب جي خواهش جي هڪ اعليٰ عزم کي جنم ڏنو آهي.

هيءَ حقيقت جيڪا مان پوري ذميداري سان چوان ٿو يقيناً حيرت ناڪ آهي ته بلوچستان جي ڏهن سالن جي جدوجهد ۾ ڪوبہ نام نهاد ليڊر شامل ڪونہ هو ۽ نہ ئي ورڻي ڪتابن جي باري ۾ دٻيل، چانهہ ۽ ڪافي جي چسڪين تي خالص قومي سوشلسٽ انقلاب جي آمد جا آسي. حالانڪ اها ڳالهہ هر ڇاڻو ڇاڻي ٿو ته

اسين مري ويندا سون، اسان جون نسلون ختم ٿي ويندين پر خالص خالص قومي سوشلسٽ انقلاب نہ ڪڏهن ڪٽي آيو آهي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ايندو.

اسان سان سپ ڪان وڌي اها بہ ويڌن رهي آهي تہ اسان تضادن جو صحيح تجزيو نہ ڪيو آهي. هن وقت اسان ڪيترن تضادن خاص ڪري هيٺ ڄاڻايل ٽن قسمن جي تضادن سان منهن مقابل آهيون.

هڪ تہ آهي تضاد جيڪي اسان جي ۽ اسان جي جديد نوآبادڪارن جي وچ ۾ آهن.

ٻيو اُهي تضاد جيڪي هڪ تاريخ قوم ۽ جذباتي نعره بازانہ قوم جي وچ ۾ آهن.

ٽيون اُهي تضاد جيڪي عوام جي وچ ۾ آهن.

هي تضاد پنهنجي نوعيت جي لحاظ ڪان ٻين تضادن ڪان مختلف آهن.

گهٽو ڪري سنڌ ۾ هڪ ٻيو تضاد يقيناً اُپري سامهون پيو اچي: اهو آهي سنڌ جي ترقي پسندن ۽ قومي تحريڪ ۾ اجتماعي مفاد ۽ فردن جي مفاد جي وچ ۾ تضاد.

اڄ پاڪستان ۾ طبقن، قومن ۽ سياسي گروهن جي وچ ۾ تضاد هاڻي هڪ مخصوص مرحلي تي پهچي چڪا آهن، جن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ بلند ترين شڪل جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ هاري تحريڪ (جيتوڻيڪ مرڪزيت نہ ٿي رکي) جو موجوده ايار رڳو خوش آئنده جي علامت نہ پر هڪ عظيم واقعو ٿيندو.

هاري تحريڪ جي ڪامريڊن تي هاڻي هڪ تمام ڏکيو وقت اچي ڪڙڪيو آهي. ڏسجي تہ هاڻي هاري انهن کي قبول ڏا ڪن ي ارد ڪري ڏا ڇڏين. اها ڳالهہ هاري تحريڪ جي ڪامريڊن جي رويي تي منحصر آهي. پر ان جا ڪي ئي امڪان آهن. ان ۾ قابل غور نقطو هي آهي تہ جيڪڏهن تحريڪ کي تيز ڪرڻ ڪان پهرين پيش قدمي شروع ڪئي وئي تہ اها ڳالهہ نهايت ئي غلط ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيندي.

جيستائين سنڌ جي پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن جو تعلق سي گھٽو وقت جيئرا نہ رهي سگھندا. ڇو جو هي طبقا هميشہ ذلت آميز۽ بد ترين بد اعماليون ڪندا پئي آيا آهن.

اوهان جي ايندڙ چونڊن ۾ پر فريب نعرن هٽڻ جي باوجود هي طبقا ساڳيون پراڻيون بداعماليون ڪندا. ذلت ۽ بد ترين بد اعمالين کانسواءِ هن طبقي مان ٻي ڪا اميد نٿي رکي سگھجي.

دل تہ چئي ٿي تہ لکندو هلان پر مٿي گذارش ڪئي اٿم تہ اڃڪلهہ خوش نٿو گذاريان تنهن ڪري وڌيڪ همڪلام نٿو ٿي سگهان.

خط کي اتي ئي ختم ٿو ڪريان. اميد تہ اوهين مخزن مسلسل موڪليندا رهندا.

اي سنڌو توکي پيٽ ڏنا،
ڪنهن ماڪ ڦڙا ڪنهن لڙڪ ڦڙا،
جن توکي پنهنجو خون ڏنو،
سي سپ کان پاڻ ملهائي ويا.

توهان جو شير محمد مري
بلوچستان
(نومبر 1970)

قلندر

مصنف

قرت العين حيدر

سنڈيڪار

مدد علي سنڌي

چپيل: 1982ع

اڀنا

قرت العين حيدر جي ڪهاڻين
جو هي سنڌي روپ
اڀيان ٿو:
حشو ڪيولراماڻي،
ڪامريڊ يار محمد ابن حيات پنهور،
عنايت الله ڏمڙ (هاري ورڪر)
۽ پنهنجن ٻين انيڪ گمنام ڪرانتيڪار
ساٿين کي، جن جدوجهد ڪئي، پر
غربت ۽ گمناميءَ جي اونداهه ۾ وڃائجي ويا.
ـ مدد علي سنڌي

"ڪڙا ڪوٽ پڳياس، تہ ملڪ نہ ماروسا ڳيا!"

قرت العين حيدر
هڪ ڏاهي ليکڪا

ننڍي کنڊ جي هڪ ڏاهي ۽ سُڄاڻ ليکڪا قرت العين حيدر جو نالو سنڌي ساهت ۾ چگهيءَ ريت جاتو سجاتو ويجي ٿو. اردو ادب جي جديد ڪهاڻين ۾ قرت العين حيدر جي ڪهاڻين کي هڪ جداگانه حيثيت حاصل آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس لکڻين کي اردو ادب ۾ "ڪلاسيڪي ادب" جي سٽ ۾ ڳڻيو ويجي ٿو.

آڪاٽي- ڪلا، هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن جي وصف مختلف زمانن ۾ ڦرندي گهرندي پئي رهي آهي. قديم جڳ کان انسان، آڪاٽيون ٻڌندو، گهڙيندو، ۽ پاڻ آڪاٽي جو روپ ڏاري، آڪاٽي بنجندو آيو آهي. ننڍي کنڊ جي قديم اتهاس کي به جيڪڏهن انهيءَ لحاظ کان ڏسبو ته انيڪ ڪهاڻي- ڪلا جا روپ ڏسڻ ۾ ايندا. اصل ۾ انسان ۽ اتهاس جو پاڻ ۾ هڪ اهڙو ڳوڙهو ڳانڍاپو آهي، جنهن کي پروڙڻ لاءِ به هڪ ڊگهي سفر جي ضرورت هوندي آهي. اتهاس جي ساڃهه سدائين اهو ڏاهو شخص پروڙيندو آهي، جنهن اتهاس جي برپٽن ۾ پيرين پياڊي پنڌ ڪري ڏٺو هوندو. انهيءَ ئي اتهاس کي ڪهاڻي ڪلا جي روپ ۾ آڻڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي، پر اسان وٽ سنڌيءَ ۾ آغا سليم، علي بابا، گنوسامتاڻي ۽ اردو هوليءَ ۾ قرت العين حيدر انهيءَ اتهاس جي ساڃهه مان چگهيءَ ريت واقف آهن.

ڪهاڻي ڪلا، ۾ هن وقت جيڪي مختلف موڙ ۽ اسڪولس آف ٿاٽ آهن، انهن ۾ اسٽريم آف ڪانشسنيس (شعور جو وهڪرو) جو به هڪ نرالو انداز آهي. ورجينا وولف، جيمس جوائس، انهيءَ اسڪول آف ٿاٽ جا سر موڙ ڪهاڻيڪار آهن. اصل ۾ انهيءَ ٿاٽ

جو بنيادي مقصد اهو ئي آهي، تہ انسان جنهن ريت سوچي ٿو، سمجهي ٿو ۽ حياتيءَ جي رڻ ۾ ڏڳا ڏڳا پنڌ ڪري ٿو، ڪماٽي ۾ بہ انهيءَ سوچ سمجهہ ۽ پنڌ کي اهڙيءَ ئي ريت آڻجي.

ورجينا وولف جو ناول "دي ويوز" ۽ جيمس جوائس جو "يوليسس" انهيءَ ٽيڪنڪ جا عاليشان ناول آهن، جڏهن تہ اردوءَ ۾ "آگ کا دريا" پڻ ساڳئي ٽيڪنڪ جي آڌارتي لکيل آهي.

قرت العين حيدر، منهنجي ادبي مرشد ڪماٽيڪار آهي. مان ڪيس پڙهي لکڻ جو ڊنگ سکيس. نندڙي هوندي پنهنجي وڏي پاڻ ممتاز علي قريشيءَ جي ادبي ذخيري ۾ مون سندس آڪاٽين جو ڪتاب "شيشے کا گھر" ڏٺو هو، جيڪو ان مهل تہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو هو، پر جڏهن سمجهہ آئي تہ پهريون پهريون اهو ڪتاب پڙهي پوءِ سندس ڪلاسيڪل ناول "آگ کا دريا" پڙهيم، مان اڄ بہ جڏهن اداس هوندو آهيان. "آگ کا دريا" ويهي پڙهندو آهيان.

قرت العين حيدر جي پهرين ڪماٽي سيٽ کان اول 1945ع ڌاري شايع ٿي. 19 سالن جي عمر ۾ سندس لکيل اها پهرئين ڪماٽي هئي. ۽ "ستاروں سے آگے" سندس پهريون ڪماٽين جو ڳٽڪو آهي، جنهن کان پوءِ "شيشے کا گھر" سندس ڪماٽين جو ٻيو ڳٽڪو آهي. هن مهل تائين سندس ڪيترين ڪماٽين جا مجموعا نڪرندا رهن ٿا، جڏهن تہ "ميری بھی صنم خانی، سيتا هرن، هاؤسنگ سوسائٹی، چائے کے باغ، سندس مشهور ناول / ناوليٽ آهن.

سندس مشهور ڪلاسيڪل ناول "آگ کا دريا" جهڙو ناول اڄ ڏينهن تائين ٽين دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ نہ لکيو ويو آهي. نندي کنڊ جي سياسي تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل "آخر شب کے ہمسفر" پڻ سندس جڳ پڌرو ناول آهي، جيڪو تازو پاڪستان ۾ ڇپجي پنهنجي اهميت مڃائي چڪو آهي. ٽن جلدن ۾ لکيل سندس آتم ڪتا "کار جہان دراز ہے" پڻ پنهنجي قسم جي هڪ جداگانہ آتم ڪتا آهي، جنهن ۾ اتهاس جي هن شاعره جي حياتيءَ جا انيڪ رنگ پسٽ ۾ اڇن ٿا.

سندس ڪماٽيون طويل، ۽ شعور جي وهڪري ۾ لکيل آهن.

جن کي سنڌيءَ جو روپ ڏيڻ جي مون گھٽي قدر کوشش ڪئي آهي. اصل ۾ ترجمن جو مقصد فقط اهوئي هوندو آهي تہ سڃاڻ پڙهندڙن کي ڌارين ٻولين جي ادب جي مختلف ٽرينڊس کان واقف ڪجي.

اهو مقصد آڏو رکندي، ننڍي کنڊ جي اتهاس جي هن شاعره جون ڇھ ڪهاڻيون هن ڳٽڪي ۾ شامل ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ سندس مشهور طويل ڪهاڻي "ڇٹے اسیر تو بد لاہو ازماناتھا" پڻ شامل آهي.

قرت العين حيدر جي ڪهاڻين جو هيءُ سنڌي روپ اربيو اٿم، سنڌ جي مهان ۽ ڏاهي دانشور حشو ڪيولراماڻي کي، (جيڪو هن وقت بمبئيءَ ۾ ذهني توازن وڃائي ويٺو آهي.) ۽ پنهنجن ٻن عزيز دوستن ڪامريڊ يار محمد ابن حيات پنهور (ون يونٽ خلاف نوڪري ڇڏي بک هڙتال ڪندڙ، اڇڪلھ سرڪاري چندي تي ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ گذاري رهيو آهي.) ۽ هاري ورڪر ۽ عوامي شاعر عنايت الله ڏمڙ (اڇڪلھ گمنامي جي زندگيءَ ۾ صاحب فراش آهي.) جن جي زندگيءَ کي ياد ڪندي.

مان هن ڪتاب جي ڏس ۾ ٿورائتو آهيان، دوست ولي رام ولپ ۽ نياز همايوني جو، جن ترجمي وقت منهنجي رهنمائي ڪئي. انهيءَ سان گڏ نيو فيلڊس اداري جو ذڪر نہ ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، جيڪو هر مهيني سنڌي پڙهندڙن کي سندن پسند جا ڪتاب مهيا ڪري رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي اهڙن ادارن جي ضرورت آهي، جيڪي سندن لکڻين کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، کين سندن پگھر جي پورهئي جو اجورو ڏين. نيوفيلڊس اداروانهيءَ ڏس ۾ ڪوششون ڪري رهيو آهي.

_مدد علي سنڌي

سنڌ نيوز آفيس،
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.
16 فيبروري 1983ع

قلندر

غازي پورگورنمنٽ هاءِ اسڪول جي فٽ بال ٽيم هڪ ٻئي سان ميچ کيڏڻ ويئي هئي. اتي راند کان اڳ ۾ ڪنهن ننڍڙي ڇاڪاڻ تان جھيڑو ٿيو ۽ مارڪٽ شروع ٿي وئي. ڇاڪاڻ ته راند جي ڪنهن پوائنٽ تي جھيڑو شروع ٿيو ھو، انهي سبب راند ڏسندڙن ۽ انهيءَ ۾ مزو ورتو. جن ڇوڪرن وچ ۾ پئي جھيڑو ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن کي ڏڪ لڳا، ۽ انهن ۾ منهنجو پاڻ ۽ شامل هو جيڪو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. سندس مٿي ۾ ڏڪ لڳو، ۽ نڪ مان رت وهڻ لڳو.

هاٿي سموري ميدان ۾ جھيڑو مچي ويو. ڦڙڦوٽ اچي پئي ۽ جيڪي ڇوڪرا زخمي ٿيا هئا، انهيءَ ڦڙڦوٽ ۾ سندن ڪنهن سار به نه لڌي. هوڏانهن انهي ڏورانهين ضلعي ۾ ٽيليفون به ڪونه هو. سموري شهر ۾ فقط ڇهه موٽرون هيون ۽ هاسپيٽل، ايمبولينس جو ته سوال ئي نٿي پيدا ٿيو.

اهو آڇر جو ويران ڏينهن هو. هوا ۾ سرءُ جا پن پئي اڏاٽا. مان پوئين ڏگهي ۽ ويڪري سنسان ورانڊي ۾ پٽ تي چپ چاپ ويٺي گڏين راند ڪئي ته ايتري ۾ هڪ ٽانگو ٽپ ٽپ ڪندو سڏو ورانڊي جي ٽلهي سان لڳي اچي بيٺو. جنهن مان هڪ سترهن ارڙهن سالن جي اٽڇاڻ نينگر ادا کي ٽيڪو ڏيئي لاٿو.

ادا جي نرڙ مان رت نينڊيون ڪري وهندو ڏسي مان جلد هڪ ٽنيي جي پويان لڪي ويس. سموري گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. امان پريشان ٿي ٻاهر نڪتي. اوپري نينگر ڏاڍي گنڀيرتا سان کيس چيو، "اڙي، اڙي ڏسو گهٻرايو نه، گهٻرايو نه، مان چوان ٿو". ۽ پوءِ هو مون

ڏانهن مڙي چوڻ لڳو. "ننڍڙي ڊڪ پائي هڪ گلاس پاڻي تہ ڪٽي اڇ، ادي لاءِ". ان تي ڪيترا نوڪر چاڪر پاڻي جو جڳ ۽ گلاس ڪٽي اچي ادا جي چوگرد بيٺا. نينگر ڪائنن پڇيو "صاحب ڪٽي آهي؟"

"صاحب باهر ويل آهي." ڪنهن وراڻي ڏني.

"نہ ، نہ آفيس ۾ وينو آهي." ٻئي چيو. نينگر وڏيڪ ترسڻ کان سواءِ اڳيان وڏيو ۽ گيلري مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو، بابا جي آفيس تائين وڃي پهتو.

بابا درٻيڪڙي، ڪنهن اهم ڪيس جو فيصلو لکڻ ۾ مشغول هو. نينگر در تي ٽڪ ٽڪ ڪري اندر گهڙيو. ميز جي سامهون بيهي اعتماد ۽ گنيپيرتا سان چوڻ لڳو، "صاحب توهان جو نينگر اسان جي اسڪول ۾ ميچ کيڏڻ آيو هو، ڪيس ٽورو ڏڪ لڳو آهي. ڇاڪاڻ جو راند ۾ جهيڙو ٿي پيو هو. منهنجو نالو اقبال بخت آهي ۽ مان منشي خوش بخت راءِ سڪسينا جو فرزند آهيان، جيڪو ستي ڪورٽ ۾ مختيارڪار آهي. اوهان کي منهنجو عرض آهي تہ اسان جو اسڪول بند ڪرڻ جو حڪم نہ ڏجو، ۽ نہ ڇوڪرن تي ڏنڊ هڻجو، ڇاڪاڻ تہ هڪ اسان جا امتحان ٽيڙ وارا آهن، ۽ ٻيو تہ اسان جا ڇوڪرا ڏاڍا غريب آهن." بابي ڪنڌ ڪٽي هن کي ڏٺو ۽ سندس مدلل بحث ۽ اطمينان جوڳي ڳالهائڻ مان خوش ٿي ڏاڍي پاڻهه مان ڪيس پاڻ وٽ ويهاريو.

۽ اهڙي ريت اقبال ميان جي اسان وٽ اڇ وڇ شروع ٿي. ادا سان بہ هن جي دوستي ٿي ويئي. پر هو گهڻو ٽڻو زالن وٽ اچي ويهندو ۽ پوءِ کين گرهستيءَ جي معاملن ۾ صلاحون پيو ڏيندو هو. بازار جي اڳهن ۽ دنيا جي حالتن تي روشني وجهندو يا پوڳ چرچا ٻڌائيندو هو. جڏهن هو ٻيو پيرو اسان وٽ آيو هو تڏهن مون ادا کي سڏيو هو، "اقبال ميان آيو آهي." هو نهايت ئي مانائتي انداز ۾ هلندو مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، "ڏس ننڍڙي. مان توکان گهڻو وڏو آهيان ان ڪري مون کي ادا اقبال ڪونيندي ڪر". "ادا اقبال!" مون ڪجهه هيسجي وراڻي ڏني.

ادا اقبال مون کي سدائين ننڍڙي ڪري ڪونيندو رهيو. مون

کي سندس ڏنل انهيءَ نانءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. پر اها سگهه نه ٿيندي هيم جو ڪيس ڪڍهن چوان ته مون کي اصلي نانءُ سان ڪوٽيندو ڪر.

هاڻ هو سموري گهر لاءِ اقبال ميان، ۽ ادا اقبال بنجي ويو هو.

اسان جي گهر ۾ پر پاسي واري لاهيءَ تي املتاس جو وڏو وڻ وڏي اهميت رکندو هو، ڇاڪاڻ ته ان جي ڇانوَ ۾ ڪٽ رکي واندڪائيءَ مهل ڪچهري ٿيندي هئي. انهي ڪچهريءَ جو مور ڊرائيور صاحب هوندو هو ۽ بعد ۾ پاٽمرادو نائب صدر بنجي ادا اقبال بہ اچي ساٽن گڏ ٿيو. انهي ڪچهريءَ جا ٻيا (اتن) هوندا هئا، استاد يوسف خان، جمنا پانڊي مهراج، پٽيوالو عبدل بيرو ۽ ادا، مان بہ اڙ- ڪوٽي ٿيو سندن ويجهي هيڏانهن هوڏانهن بيٺي هوندي هيس.

استاد يوسف خان جي صفي جو تعلق انهن اندرئين صفن سان نہ هو، جن جو در انهي لان ۾ کليو ٿي. استاد جهونن اسڪولن جو مجيل شاستر ڪار هو.

سندس تعلق رام پور دربار سان رهيو هو. هو شاعري بہ ڪندو هو ۽ سڄو ڏينهن نول ڪشور پريس لکنوءَ جا ڇپيل پراڻا ناول پيو پڙهندو هو. پوڙهو ماڻهو هو، ان ڪري اکين ۾ سرمو پائيندو هو ۽ مُڇون مٿي هوندیون هيس. ٻنهي وقتن جي ماني، نيرن ۽ ڇانهه ڏاڍي ناڻ سان ٽالهي ۾ رکي کيس سندس صفي ۾ پهچائي ويندي هئي. ٽپهريءَ مهل هو اندر اچي ڏاڍي گنيئيرتا سان امان کي پيروي ۽ پيم پلاسي سيکارينڊو هو ۽ امان ستارتي ٽڻ، ٽڻ پئي ڪندي هئي. ادا اقبال، استاد جو گهاتو سنگتي ٿي ويو ۽ آرائش محفل، طلسم هوشربا، اسرار لنڊن، ۽ شرر جي ناولن جي ڏي وٺ ٻنهي وچ ۾ هلندي رهي. ادا اقبال ان سال انٽر جو امتحان ڏيڻ وارو هو. هڪ ڏينهن وڻ جي ٽاريءَ ۾ مون کي لٽڪندو ڏسي هن امان کي چيو، "ننڍڙي لکي پڙهي ته صفا نڪي، هر وقت پئي ڏنبا وڄائي!"

"هتي ڪو اسڪول آهي جو پڙهي؟" امان وراڻي ڏني. ڪجهه ڏيهاڙا اڳ! منهنجي پڦات حساب سيکارڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي هار مڃي هئي ته ادا اقبال اعلان ڪيو ته امتحان کان پوءِ

مان هن کي پڙهائيندس! ورندڙ آچر تي ادا اقبال منهنجو انٽرويو ورتو "مجھ انگريزي ته هن کي اچي ٿي. البت اردو، فارسي ۾ صفا ڪوري آهي." هن امان کي رپورٽ ڏني ۽ پوءِ روز نازل ٿيڻ شروع ڪيو. سندس پگهار ڏهه رپيا مهينو مقرر ٿيو. روز شام چئين وڳي هن جو تانگو ڦاٽڪ ۾ گهڙندو ئي مس هو ته منهنجو ساهه نڪري ويندو هو.

آرهڙ شروع ٿي ويو هو. ادا اقبال حڪم ڏنو ته "توکي باغ ۾ ويهي پڙهائيندس، جو تنهنجي متي ۾ پوسو پريل آهي، ٽڏي، ٽڏي هوا سان توانو ٿي پوندو." سو پوئين باغ ۾ ڦارون جي پر ۾ منهنجي ننڍڙي ڪرسي ۽ ادا اقبال جي ميز ڪرسي رکي ويندي هئي.

جڏهن مان چگهائيءَ جي موڊ ۾ هوندي هيس ته مالهيءَ کان باغ کي ڏيندڙ ٻهارو وٺي اچي ادا اقبال جي ڪرسي واري جاءِ کي چگي ريت ٻهاري ڏيندي هيس ۽ هونئن به پڙهائي کان وڌيڪ مون کي باغ ۾ ٻهاري ڏيڻ سٺو لڳندو هو.

ادا اقبال، جوڙ، ڪٽ ۾ متو ڪپائڻ بعد حڪم ڏيندو هو، "سليٽ کڻي اچ." ۽ پوءِ هو موتين جهڙن اکرن ۾ لکندو هو:

"قلم گويد که من شاهه جهانم،
قلم کش را به دولت مي رسانم."

پنهنجن انگڙ ونگڙ اکرن ۾ انهيءَ شعر کي ايترا ڀيرا لکندي هيس، جو منهنجي هٿن جي آڱرين ۾ به سور ٿيڻ لڳندو هو ۽ پوءِ مان دعا گهرندي هيس ته "الله ڪري ادا اقبال مري وڃي، الله ڪري ادا اقبال مري وڃي!"

هڪ ڀيرو مان سبق ٻڌائڻ بدران ڪرسيءَ تي هڪ ٽنگ تي بيهي نچي رهي هيس جو اوچتو ادا اقبال کي کاوڙ لڳي، هن منهنجا ايترو ته زور سان ڪن پٽيا جو منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ مان سڏڪا پري روئڻ لڳيس. پر انهيءَ کان پوءِ مون مستيون ڪرڻ ڇڏي ڏنيون. ادا اقبال اڃا مون کي پنج ڇهه مهينا مس پڙهايو هوندو جو بابي جي بدلي غازي پور مان اوڏ ٿي ويئي.

اڳيان هلي ادا اقبال جا مان وٽ ڪڏهن ڪڏهن خط ايندا

رهيا: "هاڻ اسان ايف اي ڪرڻ جو ارادو ڇڏي ڏنو آهي. انٽرنس ۾ ٽرڊ ڊويزن ملي، جنهن ڪارڻ من پسند پيو اٿم- بس هاڻي قانونگو، يا سرشتيدار جيان زندگي گذاريندیس. وڏ ۾ وڏ قبلي بابا سائين وانگر مختيار ڪار ٿي ويندیس- انهيءَ ڪارڻ ڪڏهن دل چوي ٿي ته لا جو امتحان ڏيئي ڇڏيان. هن اونداهي شهر ۾ رهي ب- پلا ڪري چا ٿو سگهجي."

بعد ۾ هن جا خط اچڻ بند ٿي ويا. مان آئي ٽي ڪاليج لکنو ۾ فرسٽ ايئر ۾ پڙهندي هيس، ان ڏينهن اسان وٽ ڪجهه مزمان چاءِ تي آيل هئا. سپ بينڪ ۾ وينا هئاسين جو وراندي ۾ ڪنهن سڏ ڏنو، "ادا، ڪير آهي؟"

"ڪير آهي؟" امڙ صفي مان وراٽيو.

"اسين آيا آهيون- اقبال بخت" امڙ خوش ٿي ڪيس اندر سڏيو. صفي ۾ ڇگيرڙا ماٺهو وينل هئا جن کي ڏسي ادا اقبال ڪجهه هٻڪيو، پر پوءِ وڏي گنيبرتا سان اڇي امڙ جي پر ۾ ويٺو. اوچتو مون کي ڏسي وڏي خوشيءَ سان رڙ ڪيائين، "اڙي ننڍڙي تون هيڏي وڏي ٿي ويئي آن!" مان نئين نئين ڪاليج ۾ داخل ٿي هيس ۽ پنهنجي ڪاليج استوڊنٽ هئڻ جو احساس ب- هيم پر ادا اقبال جڏهن سمورن اڳيان اهڙي طرح مون کي "اڙي ننڍڙي" ڪوٺيو ته مون کي ڏاڍي بُجان آئي، ادا اقبال کي ميرو پاجامو ۽ پراٽي شيرواني پهريل هئي. جنهن مان ظاهر پئي ٿيو ته سندس مالي حالت بهتر نه هئي. پر هن فقط ايترو ٻڌايو، چي، "ڪانپور ۾ نوڪري ملي اٿم ۽ پرائيوٽ طور ايف. اي. سي. ٿي ڪري چڪو آهيان." پوءِ هو بابي جي صفي ۾ ويو ۽ ساٽس ڪيتري ديرتائين ويٺو رهيو ۽ ان کان پوءِ گم ٿي ويو.

ڏهن سالن بعد- مون کي لنڊن پهتي اجا ست ڏيهاڙا مس ٿيا هئا، مان بي. بي. سي جي اردو سيڪشن ۾ ويٺي هئس جو ڪنهن سڏ ڏنو، "اڙي پئي، سڪسينا صاحب آيو آهي يا نه.؟" "اچي ويو!" اهو چوندي اقبال بخت سڪسينا پردو کڻي ڪمري ۾ لنگهي آيو- پراٽي برساتي ڍڪيل، اخبارن جو ويڙهو ۽ پورٽ فوليو ڪڇ ۾، منهنجي آڏو لنگهندو هڪ ميز ڏي هليو ويو. اوچتو پٺ وراڻي مون ڏي ڏٺائين.

پهرين ته مون کي ڪونه سڃاتائين. پر پوءِ ڪجهه پل مون ڏي نهاريندو رهيو. "اڙي ننڍڙي!" سندس واتان نڪتو ۽ پوءِ سندس آواز پرجي آيو. هو مون وٽ اچي وينو. بابا جو احوال ورتائين "بابا کي ته ڏٺي پرتي بہ ڪيترا ورهيہ لنگهي ويا آهن ادا اقبال." مون چيو. اهو ٻڌي هو روئڻ لڳو. اردو سيڪشن جي هر ڪم ڪندڙ هن کي روئيندو ڏسي ڪٽي پنهنجا منهن ڪاغذن ۾ هنيا. هن مون کي ٻڌايو ته ڪانپور واري نوڪري ان سال ئي ڇڏائجي ويئي هيس ۽ پوءِ سمورو سال جتيون گسائيندو پئي ڦريو. ان ئي سال سندس پيءُ بہ فوت ٿي ويو. هو سندس اڪيلو پٽ هو. هڪ ٻيڙ جي شادي ڪنهن ڳوٺ ۾ ٿي چڪي هيس. ورهاڱي کان پوءِ جڏهن قسمت آزمائڻ لاءِ هر ماڻهو انگلينڊ، ڪئناڊا، آمريڪا ويا پئي ته هو بہ هڪ ڏينهن غازي پور ويو. پنهنجي اباڻي گهر کي وڪرو ڪيائين، ۽ انهن پئسن مان جهاز جي ٽڪيٽ ڳڻهي هو لنڊن هليو آيو هو. ڪنهن کي بہ سندس بابت ڇڳيءَ ريت اها ڄاڻ نہ هئي ته هو ڪري ڇا ٿو؟ مون کي ان بابت لنوائيندي هن فقط اهو چيو، "ريجنٽ اسٽريٽ، پالي ٽيڪنڪ ۾ اڪنامڪس پڙهي رهيو آهيان!" هن جنهن اداري جو نانءُ ڳنهيو ٿي ته مان ان جي اصلي حقيقت کان واقف ٿي ويس ڇاڪاڻ جو جڏهن ماڻهو انهيءَ اڻ چٽي ريت اهو چوندا هئا ته اهي ريجنٽ اسٽريٽ پالي ٽيڪنڪ ۾ جرنلزم پڙهي رهيا آهن- يا اڪنامڪس پيا پڙهن يا سنگ تراشي يا فوٽوگرافي سکي رهيا آهن ته پوءِ ڪنهن بہ شڪ جي گنجائش نٿي ٿي سگهي.

پر پوءِ جلد مون کي اها ڄاڻ پئجي ويئي ته ادا اقبال کي لنڊن جي هندستاني ۽ پاڪستاني شاگردن واري ڪميونٽي ۾ بنيادي حيثيت حاصل هئي. ڪوبہ ڏڪو، جلسو، جلوس، فساد، جشن، ميڇ ڏسڻ، ڪائنس ڪانسوا اٽڪورو هو. چترڪاري جي نمائش آهي، ته هال پيو سينگاري، ناچ، ڳائڻ جو پروگرام آهي ته مائڪرو فون پيو هٽي، ناٽڪ آهي، ته ريهرسل لاءِ ماڻهن کي سوگهو ڪندو پيو ڦري. دعوت آهي ته رڌڻي ۾ تيار ٿيو ٻينو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هو منظر تان غائب ٿي ويندو ته ڄاڻ پوندي ته

هو آچر ڏينهن پيٽي ڪوٽ پهريو، مارڪيٽ ۾ ماڻهن کي سندن نصيب جو احوال ٻڌائيندي لڏو ويو يا گلاسگو جي ڪنهن بازار ۾ هندستاني جهنگلي ٻوٽيون وڪڻندي نظر آيو. هڪ پيرو خبر پئي ته سائوٿ ڪينگٽن جي عاليشان فليٽ ۾ ترسيل آهي. ڪڏهن هو "سوهو" جي نفيس ريسٽورنٽ ۾ نظر ايندو ته ڪڏهن مزورن جي هوٽلن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

ادا اقبال شاعري به ڪندو هو. آسٽريليا ۽ ايم سي سي جي ميچ دوران هن هڪ مرثيو به لکيو هو:

"هر نئين وڪٽ تي، من ڏکي رهيو آ،
بالر آ ڏاڍو سخت، هٽ ڏکي رهيو آ،
ڪنهن شينهن جي آمد آ، رڻ ڏکي رهيو آ.

ادا اقبال کي راڳ جي فن، علم نجوم، پامسٽري، هوميوپيٿي، طب يوناني، آيورويدڪ کان وٺي پولٽري فارمنگ، پوک ۽ باغباني تائين هر شيءِ ۾ عمل دخل هو. اسان بن ٽن ڇٽن گڏجي هڪ فلم سوسائٽي ٺاهي هئي. جنهن هيٺ اسان بمبئي مان فلمون گهرائي، هندستاني ۽ پاڪستاني پبلڪ کي ڏيکاريندا هئاسين. ان ڏينهن ادا اقبال ڄج جو گهوٽ ٻڌيو. ٽڪيٽ پيو وڪڻندو. ۽ فلم شروع ٿيڻ کان اڳ استيج تي وڃي، مس مهتاب، يا مس نسيم بانو يا مس علي کي وڃي گلدستا پيش ڪندو.

ان ئي زماني ۾ هن اهو به فيصلو ڪيو ته بمبئي وڃي هڪ عاليشان فلم ٺاهيندو. جنهن جي آڪاٿي، ڊائيلاگ، گيت پاڻ لکندو۔ ۽ ڊائريڪٽر به پاڻ ئي ٿيندو ۽ پوءِ فلم انڊسٽري تي رولر گهمائي ڇڏيندو.

ادا اقبال ڪيترن ورهين کان هتي رهيل هو، پر هو دارونءَ کي ته ڇهندو به نه هو ۽ نه وري مئ خانن جي ويجهو ويندو هو.

هڪ پيري هو رستي ۾ نظر آيو. انهيءَ حال ۾ جو هٽن ۾ هڪ املهه گلدستو ڪنيو تڪڙو تڪڙو هلندو پئي ويو. مون کي ڏسندي چوڻ لڳو، "اڇا! مان هڪ دوست کي ڏسڻ اسپتال پيو وڃان"۔ مان ساٿس گڏ هلڻ لڳيس۔ اسپتال ۾ اندر هلي هو هڪ روم ۾ گهڙيو.

اتي هڪ اسلامي ملڪ جي سفير جي زال بيمار هئي. ادا اقبال گلدستو ٽپائي تي رکي ڏاڍي پنهنجائپ مان بيمار جي طبيعت پڇڻ لڳو. ايتري ۾ سفير جي ڏيءَ روم ۾ آئي ۽ ڏاڍي پنهنجائپ مان اچي ساٽس ملڻ لڳي. مان اچرج مان اهو سڀ لقاءُ ڏسندي رهيس. ٻاهر اچي چوڻ لڳو. "پائي، هي اسان جا دوست بنجي ويا آهن. ڇا ڪجي؟ ڏاڍا سٺا ماڻهو آهن."

"اوهان جي سڃاڻپ هن جي ڏيءَ سان ڪيئن ٿي؟" مون پڇيو.

"ڏگهو قصو آهي. پوءِ ڪڏهن ٻڌائيندس." هن وراڻي ڏني.

مان انهيءَ چوڪريءَ کي هڪ اڏ پيرو ڏٺو هو. هوءَ ڏاڍي مغرور چوڪري هئي. يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي ۽ حد ڪان وڌيڪ ائٽتي انڊين مشهور هئي. ان مهل ۾ هن اسپتال جي روم ۾ اڻ وٽندڙ سياسي قصو شروع ڪري ڏنو هو.

"پائي جيڪڏهن هندستان کي گاريون ڏئي، هن جي دل وڌي ٿي". ادا اقبال ڏاڪڻ لهندي مون کي چيو. "انهيءَ ۾ مون کي ڇا ٿو ٿئي، هن کي انهي مان ئي سڪون ملي ٿو."

انهيءَ واقعي کي ڪجهه عرصو لنگهيو مس ته هڪ شام جو هو انڊرگرائونڊ ۾ گڏجي ويو. ساٽس اها ساڳي چوڪري ۽ ان جي ڪزن گڏ هئي. چوڪريءَ مون کي چيو. "اسين سڀ هڪ مجلس ۾ پيا وڃون، توهين ۽ هلو."

"مان ته نه وڃي سگهنديس، جو مون ٿيٽر جا ٽڪيٽ ڳنهي چڏيا آهن". مون معافي گهري. ادا اقبال ڏاڍي ڏک مان مون ڏي ڏٺو. "محرم جي ستين تاريخ تي ٿيٽر ڏسڻ پئي وڃين؟" ڏاڍي ڏکي ٿيس. "مون کي يادگيري ئي نه رهي." مون وراڻي ڏني.

"توهان شيعا آهيو يا سني؟" هي چوڪريءَ پڇيو.

"مان قادياني آهيان." وراٽيم.

"قادياني!" هوءَ چپ ٿي ويئي. چند پلن بعد سفير جي چوڪري چوڻ لڳي. "اقبال صاحب ته ڏاڍو مومن ماڻهو آهي. اڄ ڪلهه شيعن ۾ پنهنجي مذهب جو ايترو درد ڪٿي؟" ايتري ۾ استيشن اچي وئي

۽ هوتئي ريل مان لهي ويا.

ورندي ڏينهن بي بي، سي ۾ ادا اقبال سان ملاقات ٿي ته مون چيو، "ادا اقبال توهان به اهو فراڊ ڪرڻ لڳا! انهن چوڪرين آڏو اوهان پاڻ کي مسلمان چو ظاهر ڪيو؟ نه فقط مسلمان بلڪ شيعو!"

وراڻيائين. "ڏس ننڍڙي! دنيا ۾ ايڏو ته ڏڦيڙ آهي جو سڀ ماڻهو هڪ ٻئي جي حياتي جي پٺيان آهن. منهنجي جڏهن انهيءَ چوڪريءَ سان ملاقات ٿي ته هن منهنجي نانءُ سبب مون کي مسلمان سمجهيو. ۽ منهنجي آڏو هندن ۽ هندستان مان دل کولي ويهي عيب ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ جيڪڏهن مان هن کي ڏسيان ها ته مان به هندو آهيان ته ڪيڏي نه پشيمان ٿئي ها. ۽ پوءِ انهيءَ ۾ منهنجو چا ٿو وڃي. منهنجي ڪتنب ۾ صدين کان فارسي نالا رکيا وڃن ٿا. انهيءَ سان منهنجي ڪتنب جي ڏرم کي ڪو لوڏو ته نٿو اچي يا هاڻ جيڪڏهن مون پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪيو ته دنيا مٿان ڪهڙي قيامت اچي ڪرندي، ٻڌاءِ.....ٻڌاءِ.....اڙي واهه ننڍڙي! ايڏي وڏي افلاطون بڻجي ٿي، پر دماغ جا ڇارا صاف ناهن ٿيا. عقل ۾ اهو پوسو ئي پريل آهي!"

هڪ ڏينهن شام جو پنهنجي ساهيڙي زاهده وٽ ويس. هو پيڪنگ ۾ مشغول هئي جو صبح ساڻ هوءَ پنهنجي سموري ڪتنب سان ٻن مهينن لاءِ ڪراچي واپس وري رهي هئي. مان ڪجهه ديرتائين وٽس ويني هيس. اوچتو مون کي يادگيري آئي ته ادا اقبال آسٽريلن شاگردن جي هڪ فيسٽول جي دعوت ڏني آهي. اڳندي مهل خيال آيم، چند ڏينهن اڳ هڪ نئون هينڊ بيگ ڳنهي زاهده وٽ ڇڏي آئي هيس، سو ڪانئس ونندي ويجان. هينڊ بيگ زاهده جي سينگار ميز تي پيو هو. هن ٻئي صفي ۾ پئي سامان ٻڌو. مون ڪيس سڌ ڪيو، "زاهده مان بيگ ڪنيو وڃان پئي".

"چگو." هن وراڻي ڏني. مان هيٺ لهي آيس.

آسٽريلن شاگردن وٽ ادا اقبال هال جي وچ ۾ ٻيٺو آسٽريليا ۽ هندستان جي ناتن تي زبردست تقرير ڪري رهيو هو. مان پاسي واري

روم ۾ ويس، جتي ڪيترن چوڪرن ۽ چوڪرين جو ميڙ گڏ هو ۽ چار پنج ويٽر چاءِ ناهي سيني کي ڏيئي رهيا هئا. مون نئون هيندڙ بيگ اتي هڪ دريءَ ۾ رکي چڏيو ۽ چاءِ پيئڻ کان پوءِ هال ۾ موتي آيس. هلندي محل هيندڙ بيگ جي يادگيري آئي ته ان کي اندران کٽي اچي ادا اقبال جي هٿ ۾ ڏئي چڏيم- شايد ان جو ڏڪلي پيو هو. ڏاڪڻ لهندي هن ان کي بند ڪندي چيو، "ايترا سارا نوٽ." مون سندس انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ئي نه ڏنو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ گم رهيس- استيشن تي ادا اقبال بيگ مون کي ڏني.

گهر پهتيس ته ڏسان زاهده جي موٽر ٻاهر بيٺي آهي ۽ ٻئي زال مڙس بتال ٿيو پريشانيءَ مان لينڊ ليڊي ينگ فلڊ کان پيا ڪجهه پڇن- زاهده مون کي ڏسي چوڻ لڳي، "هوءَ بيگ- هوءَ بيگ"

"ها، ها، اها مون وٽ آ پر چو؟

"مون انهيءَ ۾ پورا پنج سو پائونڊ جا نوٽ وجهي چڏيا هئا- تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ياد آيم، تنهنجي ويساري طبيعت ياد ڪري ساهه ئي نڪري ويو ته جيڪر تو بيگ رستي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪري چڏيو ته ڇا ٿيندو- يا الله تنهنجو شڪر يا الله تنهنجو شڪر يا الله."

ٻئي ڏينهن ادا اقبال کي بي بي سي ۾ مون اهو واقعو ٻڌايو. اطمينان مان چوڻ لڳو: "اهو ته مون پهريائين ئي بيگ ۾ ڏسي ورتو هو ته منجهس نوٽ ئي نوٽ پريل آهن."

"توهان مون کي ان محل چونه ٻڌايو؟"

"مون چيو ته هو پر تو ٻڌو ئي ڪونه".

"توهان کي اهو ويچار به نه آيو ته مون وٽ ايترا نوٽ ڪٿان آيا جن کي مان ڏاڍي مزي سان اڏڪليل بيگ ۾ ڪنيو پئي ڦيرايان!"

"مون سوچيو، ڪٿان نه ڪٿان اچي ويا هوندا پڇڻ جي ڪهڙي لوڙ هئي؟"

"۽ به ڪلاڪ اها بيگ ائين ئي دري ۾ پئي هئي- جيڪڏهن اتان چوري ٿي وڃي ها، ته زاهده کي ڪهڙو منهن ڏيکاريان ها..... يا الله....."

"ڏس ننڍڙي.... ٽيٽيءَ کي اڙ ٽيٽي کوبہ نٽو ڪري سگھي۔ تنھنجي ساھيڙيءَ جي قسمت ۾ ھو تہ سندس پٽسا ڪيس صحيح سلامت ورن۔ ھاڻ تون چوٽي ڳٽتي ڪرين۔ اھو ٻڌاءِ تہ تو اڇما لاءِ ڪا ڳالھہ ڪئي؟"

اڇما سوڪٽي، ھڪ پريشان حال اداس چوڪري ھئي جيڪا ڪيٽرن ڊينھن ڪان نوڪري ۽ ھڪ سني ڪمري جي ڳولا ۾ ھئي. تازو ئي مسز ينگ فلڊ جي تھ خاني ۾ ھڪ ڪمرو خالي ٿيو ھو. جنھن جي مسواڙ فقط ادائي پائونڊ ھفتو ھئي۔ مسز ينگ فلڊ جو زور ھو تہ ھوپنھنجي گھر ۾ ڪنھن بہ گھمندڙ ڦرندڙ ڪي مسواڙي نہ ڪندي، ھو فقط سٽن ڪٽنبن ۽ اعليٰ طبقي جي ماڻھن کي پاڙ وٺ ترسائڻ ۾ پنھنجو مان سمجھندي آھي، سندس مرحيات مڙس برٽش ڪولونيئل سروس ۾ رھي چڪو ھو۔ ۽ مسز ينگ فلڊ سالن جا سال ڪولمبو ۾ وڏي ميم صاحب جي حيثيت سان زندگي گھاري آئي ھئي، سندس سمرو نائٽ ھو، وغيرہ وغيرہ. پر مڙس مرڻ ۽ انگريزي سامراج جي زوال کان پوءِ ڪيس پنھنجي ديس اچي لينڊ ليڊي بنجڻو پيو ھو. اڪثر ڪري ڊاڪٽ تان چڙھندي يا لھندي ھوءَ منھنجو رستو روڪي پنھنجي چگي ماضيءَ جا قصا ٻڌائڻ لڳندي ھئي.

ھڪ پيري ھن ڊاڍي رازداريءَ ۽ بيحد اداسيءَ مان مون کي چيو ھو، "ھڪ ڳالھہ ٻڌ. ھيڏا تنھنجا سٽا سٽا دوست آھن. انھن مان ڪنھن ھڪ سان منھنجو وھاڻ ڪرائي ڇڏ!" رات جو جڏھن مون تھ خاني واري ڪمري بابت ڪيس چيو تہ ھوءَ الائي ڪھڙي سني موڊ ۾ ھئي جو اڇماسوڪٽي بابت اھو بہ نہ پڇيائين تہ ھوءَ چا ڪندي آھي ۽ ھر ھفتي مسواڙ پري سگھندي بہ يا نہ، سو ھن ٽن ڊينھن اندر اڇماسوڪٽي اتي اچي وئي.

منھنجو فليٽ چوٽين ماڙ تي ھو. ھئي ماڙ تي ٻين ماڻھن کان سواءِ ھڪ ٽيليويزن ايڪٽريس "ادونيا کارسيٽل" پڙ رھندي ھئي. جنھن بابت مون کي مسز ينگ فلڊ ڇڻي چڪي ھئي، چي، "مان ھن کي ڪڏھن بہ ھت ترسڻ نہ ڏيان ھا مائي ڊيئر، پر ھو وڏي ڪٽنب سان تعلق رکي ٿي، بس ڪجھہ زندگيءَ جي پٽڙيءَ تان لھي ويئي آھي."

منهنجي هن سان سچاٽپ فقط انهيءَ حد تائين هئي جو ساٽس ڏاکڻ تي مکا ميلو ٿي ويندو هو. هوءَ مرڪي "هلو" چوندي هئي.

مسز ينگ فلڊ اطلاع ڏنو تہ اکثر ڪري هوءَ سمورو ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ ويهي شراب پيئندي آهي. هوءَ پنهنجي مڙس تي عاشق هئي پر هن، ويچاريءَ کي طلاق ڏيئي چڏي تڏهن کان سندس اهو حال ٿيو هو.

هڪڙي رات 2 وڳي ڌاري اوچتو منهنجي اک کلي پيئي. ايتري ۾ در تي ٽک ٽک ٿي. مون در کوليو تہ سامهون پوليس وارو بينو هو، جنهن جي پويان مسز ينگ فلڊ پريشان ٿيو الائي ڇا چئي رهي هئي، چئي: "غضب ٿي ويو. غضب ٿي ويو". هن چيو، "ادوينا تنهنجي وهنجڻ جاءِ جي دريءَ مان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري چڏيو."

"منهنجي وهنجڻ جاءِ مان؟"

"ها سپ کان مٿاهين دريءَ مان، ويچاري ادوينا کي بہ اها ئي نظر آئي." پوليس وارو وهنجڻ جاءِ ۾ اندر ويو. دري جا ٻئي تاڪ ڪليل هئا. دري جي هيٺان ٽپ ۾ ادوينا جو سليپر پيل هو. وهنجڻ جاءِ جو در لينڊنگ تي پٺبو هو ۽ ادوينا ڪارسيٽل ڏاڍي اطمينان سان انهيءَ ۾ گهڙي ۽ پوءِ ڪٽي هيٺ ٽپو ڏنو. منهنجي ذهن ۾ صبح جو چرڪائيندڙ اخبارن جون سرخيون اچي ويون. هاڻ رپورٽر منهنجو انٽرويو ڪندا. هن دريءَ جي تاکن جون تصويرون نڪرنديون. الائي ڇا ڇا ٿيندو! هيٺان ماڻهن جي ٻڙ ٻڙ تيز ٿي: "جيئري آهي، جيئري آهي!" مان نوڙي هيٺ نهاريو. ادوينا کي ايمبولينس ۾ سمهاريو ويو هو. "جيئري آهي." مسز ينگ فلڊ مايوسي مان وراٽيو ۽ پوليس واري سان گڏ تکڙي هيٺ هلي ويئي.

صبح جو اهو حادثو مون بي بي سي سيڪشن ۾ دوستن کي ٻڌايو. ايتري ۾ ادا اقبال اچي ويو. سمورو قصو ٻڌي چوڙ لڳو. "ڪهڙي اسپتال ۾ آهي." مون ٻڌايو ۽ ان کان پوءِ ٻيون ڳالهيون شروع ٿي ويون.

انهيءَ ڳالهہ کي اڃا چند هفتا مس گذريا هئا تہ رات جو سائڊي

بارهين وڳي ٻيهر گوڙ سبب منهنجي ننڊ ڦٽي پئي. دريءَ مان نهاري ڏٺم ته گرائونڊ فلور جي ڊاڪٽرين تي ادا اقبال چپ ٽيو بيٺو آهي ۽ مسز ينگ فلڊ مٽس ڊاڊو پئي ڪاوڙجي. مان گهبرائجي هيٺ لٿيس. مسز ينگ فلڊ جهڙوڪ هسٽريڪل ٽيو پئي رڙيون ڪيون.

"مسز ينگ فيلڊ ڇا ڳالهه آهي؟" مون سختي مان پڇيو. هوءَ چيلهه تي هٿ رکيو مون ڏانهن مڙي، "تون پاڻ فيصلو ڪر، جيڪو غنڊو هوندو، ان کي غنڊو ئي ڪوٽيو ويندو." جڏهن هن ادا اقبال کي غنڊو ڪوٽيو ته مون کي لڳو، جڙ مون کي ڪنهن چمات هڻي ڪڍي هجي. ادا اقبال ڪنڌ جهڪايو بيٺو رهيو. مسز ينگ فلڊ وڏي واڪ چوندي هلي، "توکي چگيءَ ريت اها ڇاڻ آهي ته مان وٽ جينٽلمين چوڪرين جي ڪمرن ۾ رات جو ڪير به ترسي نٿو سگهي. منهنجو اهو قانون آهي. ايڇا هاڻ مان وٽ آپگهات جي واردات ٿي چڪي آهي، مون کي گهر جي ناموس جو به خيال رکڻو آهي. مان اعليٰ ڪٽنب.....!

"مسز ينگ فلڊ، اصل ڳالهه ٻڌاءِ ته ڇا آهي؟ اوهان مسٽر اقبال سڪسينا کي ڇا پيا چئو؟" مون ڇڙ مان پڇيو.

"هن کان پڇان پئي ته هتي رات جو سادي ٻارهين وڳي، مس "سوڪٽي" جي ڪمري ۾ ڇا پئي ڪيائين؟"

ادا اقبال جهڙي سلجهڻي ۽ وضعدار ماڻهوءَ کي منهنجي آڏو اهڙيون ڪنيون ڳالهيون ٻڌڻيون پئي پيون. هن جو منهن ٽامٽي هڻي ويو پر هو چپ رهيو. مسز ينگ چند پلن تائين ائين ئي دانهون ڪندي رهي، گيلريءَ جا در پٽيا ۽ پوريا ۽ مٽئين ماڙ جي درين مان ڳٽر ڪڍي ماڻهن جهاتيون پاتيون. ادا اقبال چپ بيٺو رهيو، اوچتو هوءَ چپ ٽي ويئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي دربيڪڙي ڇڏيو.

هيٺ ٿهه خاني ۾ اڇما سوڪٽي تکي بخار سبب ساٿي ٽي پئي هئي. ادا اقبال رات جو يارهين وڳي دوا ڪٽي وٽس پهتو هو. ۽ ڪلاڪ کن اتي ويٺو هو جو ان مهل مسز ينگ فلڊ ڊاڪٽ جي در ۾ وڃي رڙيون شروع ڪري ڏنيون هيون.

"مون کي خبر نه هئي ته اڇما بيمار آهي." مون ڏڪائي مان

وراڻيو- "مان ڏهين کان پوءِ واپس ورندي آهيان"-

"مون کي پاڻ اها ڄاڻ نہ هئي." ادا اقبال چيو، "ڏهين ڏاري هن جو فون آيو تہ سندس طبيعت ناچاڪ آهي" پوءِ هن آهستگيءَ سان برساتي جي کيسي ۾ هٿ وڌو، ۽ هڪ لفافو ڪڍي مون کي ڏنو. "هن کي پئسن جي لوڙ هوندي، کيس ڏيئي ڇڏج!" ائين چئي هو ڪنڌ هيٺ ڪري ڏاڪڻيون لهندو ڦاٽڪ کان ٻاهر هليو ويو- مون لفافو کوليو، ان ۾ ڏهہ پائونڊ جا نوٽ هئا- اهي ڏهہ پائونڊ ادا اقبال نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪري ڪمايا هوندا. هو ڪنڌ هيٺ ڪيو، پراڻي برساتي پهريو تکيون وکون ڪٽندو سنسان رستي تان وڃي رهيو هو ۽ مان کيس ويندي ڏسندي رهيس.

ورندي ڏينهن مان ڪجهہ هفتن لاءِ شهر کان ٻاهر ٻئي ويس، جتان موٽي اچي مون جاءِ بدلائي ڇڏي، مون کي ينگ فلڊ کان بيزاري ٿيڻ لڳي هئي. لينڊ ليڊيون، گهٽو ڪري بيزار ڪنديون آهن، پر مسز فلڊ جنهن ريت بچڙو ٿي، ادا اقبال مٿان دانهي ٿي هئي، اها ڳالهہ منهنجي لاءِ ڏکوئيندڙ هئي.

اڇا سوڪٽي تندرست ٿي چڪي هئي. هن کي ڪٽي نوڪري بہ ملي ويئي هئي، پر پاڻ لاءِ هيڏي ڊڪ ڊوڙ ڪرائڻ ۽ پنهنجو ڪم ڪيرائڻ کان پوءِ هن ادا اقبال سان اڪيون ڦيرائي ڇڏيون. پر هو اهڙي ئي وضعداري سان ساڻس سڄاڻپ نياڻيندو رهيو- هڪ ڏينهن فون جي گهنٽي وڳي ۽ هڪ خاتون جو آواز آيو، "هلو.....هلو....مان مسز آلو ديهاري پئي ڳالهايان!"

"مسز آلو ديهاري پئي ڳالهائين؟" مون ورجايو.

"ها، تون مون کي نٽي سڄاڻين؟ مان تنهنجي پراڻي لينڊ ليڊي آهيان، اڳوٽي مسز ينگ فلڊ- منهنجو وهانءَ ٽي ويو آهي- اڄ شام جو اچي مون سان چاءِ پيءِ!"

شام جو، مسز آلوديهاري پنهنجي بينڪي واري صفي ۾ درتي وڏي قرب مان اچي مون سان گڏي- صفي جي بجاري تي هڪ تصوير رکيل هئي- جنهن ۾ مسز آلوديهاري پنهنجي عمر کان اٽڪل ڏهہ سال ننڍي سنگهالي مرد سان گلدستو هٿ ۾ کنيو بيٺي هئي، جنهن

۾ گھوٽ جي پاسي ۾ اقبال بخت سڪسينا ڪوٽ ۾ ڪارنبش هنيو مرڪي رهيو هو. "مسٽر سڪسينا منهنجي مڙس جو بيسٽ مين هو." مسز آلوديهاري ٻڌايو.

"ادا اقبال....." ورندي ڏينهن مون ڪائنس ان بابت پڇا ڳاڇا ڪئي.

"ڏس، ننڍڙي ڳالهه اها ٿي جو انهيءَ رات جو اها مائي منهنجي پويان چتي ٿي اچي پئي، تہ مان يڪدم سمجهي ويس تہ هوءَ حد ڪان وڌيڪ فرسٽريشن ۾ اڪيلائيءَ منجهه گهريل آهي. ان ڪري هن جي مدد ڪرڻ گهرجي. سو مون پڇا ڳاڇا ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ هوءَ ڪنهن ڪاري ماڻهوءَ سان وهانءَ ڪرڻ لاءِ تيار آهي- مان انهيءَ آلوديهاري کي سڃاڻندو هوس جيڪو ڪنهن مالدار رنڙ زال جي ڳولا ۾ هو- ڏاڍو سٺو ۽ غريب چوڪرو آهي. مون مسز ينگ فلڊ جو ڏس ڪيس ڏنو ۽ ٻئي پاڻ ۾ ڪيرڪنڊ ٿي ويا، انهيءَ ۾ منهنجو ڪجهه ويو چا؟"

ادا اقبال سميت هندستاني شاگردن جو جٿو "سالياني يوٿ فيسٽول" لاءِ پراگ وڃي رهيو هو- انهيءَ سال پاڪستان سرڪار پنهنجي شاگردن کي ڪميونسٽ ملڪن ۾ وڃڻ کان جهل ڪئي هئي- ۽ اهي انهيءَ ڪارڻ ڏاڍا وياڪل هئا. جٿي جي پراگ اسٽڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هڪ دعوت ۾ هڪ بنگالي شاگرد ڏاڍي ڏک مان چيو: "اسين هن سال نہ وڃي سگهنداسين. هوڏانهن ورلڊ جون سموريون ڪنٽريون هونديون ڇڙو پاڪستان نہ هوندو!" ادا اقبال يڪدم هن وٽ ويو ۽ پنهنجائپ مان چوڻ لڳو: "حفيظ الرحمان پائي، دل ننڍي نہ ڪر، پاڪستان جو عيوضي مان ٿيندس!"

پراگ ۾ سموري جڳ کان آيل نوجوان هڪ شاندار ڪنسرٽ ۾ پنهنجي پنهنجي ملڪن جا لوڪ گيت ڳائي رهيا هئا. ايتري ۾ اسٽيج تي ماٽ چانڻجي ويئي- هڪ چوڪريءَ اناؤنس ڪيو: "هاڻي اسان جي عزيز ملڪ پاڪستان جو عيوضي پنهنجي ديس جي مزدورن جو گيت ٻڌائيندو." پاڪستان جي نانءَ تي دير تائين تاڙيون وڄنديون رهيون. اڇي ڪلف ٿيل سلوار، ڪاري شيرواني، ۽ پوري رنگ جي جناح ڪيپ پهريو ڏاڍي رعب ۽ گنيهرتا سان هلندو

مسٽر اقبال بخت مائڪرو فون جي آڏو آيو ۽ پاڪستان ۾ ترقي پسندن جي عوامي تحريڪ جي ناڪامي جي ڪارڻ تي مختصر روشني وجهي چوڻ لڳو: "ساٿيو! هاڻ توهان کي مان پورهيت طبقي جو هڪ گيت ٻڌايان ٿو" ۽ ڏاڍي ڪليل آواز ۾ هن ڳائڻ شروع ڪيو:"

بارڪٽو.... بارڪوٽو

هيا، هيا.

محل بنجندو، راڄ جي جو

پيٽ پرجندو، تنهنجو منهنجو....

محفل ۾ ويٺلن تي گيت جو ڏاڍو اثر ٿيو. هميشه جيان ويٺلن گڏوگڏ ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو- پر اڳيان هلي سيد مطلبي فريد آبادي جي انهيءَ جڳ پڌري گيت جا بول ادا اقبال کي وسري ويا- اصل ۾ ڪيس ياد ئي ٿي مصرائون هيون- پر ان هوندي به هن ڏاڍي اطمينان سان گيت جاري رکيو:

پيالي ڪٽو، ڪيئن پائي،

هينئن پائي، هيا، هيا.

چمچو ڪٽو، چمچو ڪٽو،

هيا هيا.

هزار ويٺلن هڪ ئي مهل ورجايو.

چمچو ڪٽو، چمچو ڪٽو،

هيا، هيا، هيا.

"اهڙيءَ ريت ادا اقبال جي ذهن ۾ جيڪي لفظ ايندا ويا، هو هيا هيا ڳنڍيندو ويو- ۽ تاڙين جي طوفان ۾ سندس گيت ڪاميابيءَ سان هلي پورو ٿيو.

چيڪو سلواڪيه مان واپس ورڻ تي ڪجهه ڏينهن بعد هن نانگن جو ڪاروبار شروع ڪيو.

"نانگن جو ڪاروبار؟"

"سوين باندر به آهن!" هن چيو: "اصل ۾ ڳالهه اها آهي ته ننڍڙي، هي پنهنجو خالد صاحب آهي نه، تنهن جو سهرو مسٽر چراغ الدين آمريڪا جي چڙيا گهر ۽ تجربي گاهن کي نانگ ۽ باندر سپلائي

ڪندو آهي. مون کي هن پنهنجي فرم ۾ نوڪري ڏني آهي- ۽ هاڻ مان اتي ڪم سنياڻڻ لاءِ آمريڪا وڃي رهيو آهيان!" ۽ اهڙي ريت ادا اقبال نانگن جو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ آمريڪا هليو ويو.

هڪ ڏينهن ٽپال ۾ مون کي ادوينا ڪرسٽائل جو مختصر خط پهتو. جيڪو آئرلينڊ مان مون ڏي موڪليو هئائين- ادوينا ڪرسٽائل لکيو هو: "سموري دنيا مون کي چڏي ڏنو هو، مون کي پنهنجي هستيءَ کان بہ ڪرهت اچڻ لڳي هئي. مون موت جو سهارو ڳوليو هو، پر مرڻ ۾ بہ پنهنجي زندگي جيان ناڪام رهي هيس. سمورو سال مان پلاسٽر آف پيرس ۾ ٻڌل اسپتال ۾ پئي هيس، ۽ مسٽر سڪسينا هر هفتي، هر مند ۾، هر حال ۾ ڪلاڪ لاءِ اچي مون وٽ ويهندو هو- ۽ مون کي پرپائيندو هو تہ جيئري رهڻ لاءِ حوصلو رکڻ ڪيترو نہ ضروري آهي..... مون کي اها بہ ڄاڻ ناهي تہ هو اڄ ڪلهہ ڪٽي آهي؟ هيءُ خط مان توهان کي ان لاءِ پئي لکان تہ جيئن توهان منهنجا سلام ڪيس ڏيئي چڏيو!"

پر مون کي پاڻ اها ڄاڻ نہ هئي تہ مسٽر سڪسينا اڄ ڪلهہ آهي ڪٽي؟ آمريڪا پهچي هن ڪنهن کي بہ ڪارڊ نہ اماڻيو هو- مان بعد ۾ وطن واپس موٽي آيس.

ادا اقبال بابت ڪُنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي تہ ڪهڙي پاسي ڪهڙي ماڳ ۾ آهي. انهيءَ وچ ۾ چار سال ٽيا جو منهنجي سوٽ تعليم پوري ڪري سانفرانسسڪو مان واپس وري تہ هن ٻڌايو! "مون ادا اقبال کي اکين سان ڏٺو هو هالي وُڈ ۾ خاص بيورو واري هلس تي رهندو آهي، هڪ عاليشان محل ۾ جنهن اندر بہ تہ سوئمنگ پول آهن- ڪيبلڪ ڪار اٽس. هڪ فليٽ اٽس، وغيرہ وغيرہ. مون کي مانيءَ تي سڏايو هئائين پاڻ وٽ- نيگرو بٽلر ۽.....!"

راوي وڌيڪ ٻڌايو تہ نانگن جي ڪاروبار جي سلسلي ۾ آمريڪا پهچڻ جي ٽئين ڏينهن ئي مسٽر چراغ الدين ۽ مسٽر اقبال بخت سڪسينا جي وچ ۾ ڪا اڻ وٽندڙ ڳالهہ ٿي پئي، جنهن سبب مسٽر سڪسينا کي پنهنجي نوڪريءَ تان هٿ کڻڻو پيو- انهيءَ بعد سنهري موقعي جي انهيءَ ديس ۾ هو قسمين قسمين نوڪرين ۽

مزدوريون ڪندو، ڪيليفورنيا پهتو. جتي سڪ ۽ پنجابي مسلمان زميندارن جي ٻنين ۾ ڪم ڪندو رهيو. اتان پوءِ هو هالي ووڊ هليو ويو ۽ يورپ بابت ٺهندڙ فلمن ۾ چيني رڪشا واري، هندستاني فقير، قلي، جوڳي ۽ عرب بدو جا هڪ ٻن ننڍن وارا رول ڪاميابي سان ڪندو رهيو. پوءِ هڪ هوٽل ۾ ويٽر ٿيو، جتي هڪ مشهور فلم پروڊيوسر جي ڪروڙپتي رنڊڙ زال ڪڏهن ڪڏهن ماني واپرائڻ ايندي هئي- هوءَ لاولد ۽ تمام گهٽي پوڙهي هئي، ۽ نظر بہ تمام گهٽ پوندي هيس- ۽ هو بيورلي هلس تي پنهنجي شاندار محل ۾ اڪيلي ئي اڪيلي رهندي هئي. هالي ووڊ سونهن ۽ جواني جو پوڄاري آهي- اتي هڪ 75 سالن جي جهور ۽ انڊي عورت سان ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن وٽ بہ وقت نہ هو. جڏهن هوءَ رسٽورينٽ ۾ اچي پنهنجي خاص ڪنڊ واري ميز تي ويهندي هئي تہ ادا اقبال ڏاڍي پاڻهه مان هن کي کيڪر ڪندو هو. پوڙهي سندس بيحد ٿورائتي ٿي ويئي- هن کيس پنهنجي گهر اچڻ جو سڏ ڏنو- ۽ پوءِ ادا اقبال گهٽو ڪري وٽس وڃي ۽ کيس اخبار ۽ مخزنون پڙهي ٻڌائيندو هو- انهيءَ پوڙهي جا "ڪپنين" ان ڪم لاءِ ڪائنس ڳرا پگهار وصول ڪندا هئا. پر ادا اقبال انسانيت واري جذبي هيٺ وٽس ويهندو هو- آخرڪار هن ضد ڪري کيس پاڻ وٽ وڃي رهايو. سو هاڻ ادا اقبال بيورولي هلس تي انهي محل ۾ رهندو آهي ۽ پوڙهي کيس قانوني طور تي پنهنجو پٽ ڪرڻ واري آهي!"

"اقبال بخت جو قصو....." اها سموري آکاڻي ٻڌي ڪنهن چيو: "ڪاميابيءَ جو ڪلاسڪ قصو آهي!"

ڇهن مهينن بعد، هڪ ٻيو ماڻهو واپس وريو. هن پنهنجي اکين سان ادا اقبال کي ساڳي ريسٽورنٽ ۾ ويٽر جي ويس ۾ ڏٺو. تڏهن خبر پئي تہ اها ڪروڙ پتي پوڙهي مري وئي، ۽ پنهنجي سڄي ملڪيت پيرس جي ڪنهن ياڄي وڪڙڻ واري جي نالي ڇڏي ويئي ۽ هاڻ ادا اقبال پنهنجي ريسٽورنٽ ۾ ويٽر جي ڪم تي موٽي آيو آهي.

اڄ ٽپهريءَ معل شاردا ممتا جي گهر وڃڻ لنگهي رهي هيس تہ هن سڏي مون کي روڪي ورتو- هوءَ ان معل ڪار ۾ چڙهي رهي هئي.

"ڪيڏانهن پئي وڃين؟" هن پڇيو. مون ٻڌايو، ته چوڙ لڳي:
"مان بہ انهيءَ پاسي پئي وڃان- اڄ ته توکي رستي ۾ لاهيندي هلان-
ست سنگ جو وقت ٿين وڳي هو، پر مون کي دير ٿي ويئي آهي!" شاردا
مهتا هڪ سنئين سڏي نارمل، مذهبي قسم جي هائوس وائف آهي،
جڏهن ڪان اکيلي نينگريءَ کي پوليو ٿيو اٿس، تڏهن کان پوڄا
پاٺ، مندرن، ياترين، سادُو سنتن، پيرن فقيرن درگاهن ۽ دعائون پنڌ
جو سلسلو وٺي ويو آهي. آپنگر ۾ پهچي هڪ گجراتي سيٺ جي
شاندار عمارت ۾ شاردا جي ڪار داخل ٿي. ست سنگ ختم ٿي
چڪو هو.
"اڙي، ست سنگ ختم ٿي ويو!" مون چيو.
"ڪا! ڀَالهہ ناهي، مان گروجي جو درشن ته ڪري وٺنديس، هو
سيان امرناٿ پيو وڃي"- هن وراڻيو.
سامهون وراندي ۾ هڪ پرڏيهي خاتون، اڇي ساڙهي پهريو
چندن جو وڏو ٽڪو نراڙ تي هنيو، فرش تي پلٿي ماريو ويٺي زالن کي
گيتا جو پاٺ پڙهايو- سندس عمر اٽڪل ڇاليهہ پنجيتاليهہ سال
هوندي ۽ ڀَالهائڻ مان هوءَ آمريڪي پئي لڳي، شاردا ويجهو وڃي
ڪيس پرنام ڪيو. "هيءَ ماتا جي آهي." هن آهستي مون کي ٻڌايو ۽
مون کي پنهنجي پويان اڇڻ جو اشارو ڪندي صفي ۾ داخل ٿي.
صفي ۾ اڇي چاندني وڇايل هئي. جنهن تي جتي ڪٿي گينڊي جا
گل ۽ گلاب جون پنکڑيون وکريل هيون- شرڌالو اڇا هاڻ اٿي ويا هئا،
انهيءَ سبب چاندنيءَ ۾ گهنجهہ پيل هئا، درين ۾ تازا گل سينگاريل
هئا- لوبان هري رهيو هو. هڪ پاسي هارمونيم، ڪرتالون، ۽ تانپورو
رکيل هئا- وچ ۾ چندن جي صندليءَ تي اڇا ڪپڙا پهريو وٽيل وارن
جون چوٽيون ڪلهي تي لڙڪايو گروجي ويٺل هو. هو سانت ٿيو، در
مان ٻاهر نهاري رهيو هو. مون کي ڏسي صفا اچرج نہ لڳي ته اهو ادا
اقبال هو- هن شايد هڪ پيرو ٻيهر مون کي نہ سڃاتو، ۽ جي سڃاتو ته
ظاهر نہ ڪيائين- چند پل چتائي مون کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ وري
ائين ئي پولار ۾ نهارڻ لڳو- شاردا نوڙي ڏاڍي شرڌا سان سندس پير
ڇهيا ۽ پوئتي وري- پوءِ هن مون کي اکين جو اشارو ڪيو ته مان

ساٹس گڏ ٻاهر هلان۔ پر شاردا کي اهو ڏسي ڏاڍي اچرج وکوڙي وئي جو مان آهستي آهستي اڳيان وڌيس ۽ نوڙي وجي گروجيءَ جا پير ڇهيا!

ننڍپڻ ۾ ادا اقبال منهنجا ڪن مروڙيا هئا۔ مون کي دڙڪا ڏيئي ڏاڍ ۽ سختيءَ سان لکڻ پڙهڻ سيکاريو هئائين ۽ استاد جو مان تہ ماءُ پيءُ جي برابر هوندو آهي۔ هو دنيا لاءِ الاءِ ڪهڙن ڪهڙن وکڙن مان، ڪهڙي طريقي سان گرو بڻيو هو۔ ۽ هن کي گرو سمجهڻ جو حق تہ چڙو مون کي ٿي پهتو۔

هن هٿ کٽي مون کي آشيرواد ڏنو۔ ۽ پوءِ وري اهڙي ئي ريت سامهون پولار ۾ نهارڻ لڳو۔ مان پير پير ۾ پائي وجي جُتي پاتي۔ ۽ شاردا سان گڏ ٻاهر نڪري آيس.

هاڻ مردن ۽ زالن جي هڪ قطار اندر درشن لاءِ وجي رهي هئي. ورانڀي مان لهندي مون سوچيو، جيڪر مان ڪانئس اهو سوال ڪريان ها، "ادا اقبال توهان هن پيري ايڏو فراڊ ڇو ڪيو؟" تہ وراڻي ها، "ڏس ننڍڙي، دنيا سڪون جي ڳولا ۾ چري ٿي پئي آهي. جيڪڏهن مان هن ويس ۾ چند ڏکويل روحن کي ٿوري شانتي ٿو ڏيان تہ انهيءَ ۾ منهنجو چا ٿو وڃي؟"

پر ڪهڙي خبر تہ ادا اقبال پاڻ ڇوٽڪاري جي رستي تي پهچي ويو هجي. پنهنجي اندر جو حال هو پاڻ ڄاڻي، ٻيو ڄاڻڻ وارو ڪير؟!.

فوٽوگرافر

- بهار جي گلن سان ڀريل بيحد نظرن کي لپائيندڙ "گيسٽ هائوس" ساوڪ واري ٽڪر جي چوٽيءَ تي ڏسڻ ۾ اچي ويندو آهي. ٽڪريءَ جي صفا هيٺان جابلو ڍنڍ آهي. هڪڙو ور وڪڙ وارو رستو، ڍنڍ جي ڪناري کان ٽيندو گيسٽ هائوس تائين وڃي پهچندو آهي. ڦاٽڪ جي ويجهو والرس جهڙين مڇن وارو هڪ فوٽوگرافر پنهنجو ساز سامان پکيڙيو. هڪ ٽين جي ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو آهي، هيءُ گمنام جابلو ڀوٽ ٽورسٽ علائقي ۾ ڪونہ آهي، ان ڪري تمام گهٽ سياح هن پاسي ايندا آهن. سو جڏهن بہ ڪوئي هني مون ملهائڻ وارو جوڙو، يا ڪوئي مسافر گيسٽ هائوس ۾ اچي پهچندو آهي تہ فوٽوگرافر وڏي اميد ۽گنهيرتا سان پنهنجي ڪئمرا کي سنيالي باغ واري رستي تي پسار ڪرڻ لڳندو آهي. باغ جي مالهيءَ سان هن جو ناهہ ٽيل آهي. گيسٽ هائوس ۾ ٽڪيل ڪنهن نوجوان عورت لاءِ صبح ساڻ سويل گلدستو ڪٽي وڃڻ وقت مالهي فوٽوگرافر کي اشارو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن هني مون ملهائڻ وارو جوڙو نيرن ڪرڻ کان پوءِ هيٺ باغ ۾ ايندو آهي تہ مالهي ۽ فوٽو گرافر ٻنهي جي اوسيئڙي ۾ تيار ملندا آهن.

فوٽوگرافر سالن کان هتي موجود آهي، نہ ڄاڻ ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي پنهنجو هٽ نٽو هٽي؟ پر هو هن ڀوٽ جو رهاڪو آهي، پنهنجي ڍنڍ ۽ پنهنجي جبل کي ڇڏي ڪيڏانهن وڃي؟. هن ڦاٽڪ جي پل تي ويني ويني بدلجندڙ دنيا جا رنگا رنگ تماشا ڏٺا آهن. پهرين هتي صاحبلوڪ ايندا هئا. انگريز پلانٽرز اڇو ٽوپلو پاتل. ڪولو نيل سروس جا جغادري عهديدار، انهن جون ميم لوڪ ۽ بابا لوڪ. سڄي

سڄي رات مڏ اڏائي ويندي هئي، گراموفون ريڪارڊ رڙيون ڪندا هئا ۽ گيسٽ هائوس جي هينئين ڊرائنگ روم جي ڪاٺ واري فرش تي ڊانس ٿيندو هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ واري زماني ۾ آمريڪي به اچڻ لڳا هئا. پوءِ ملڪ کي آزادي ملي ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ سياح اچڻ شروع ٿيا، يا سرڪاري ڪامورا، يا نوان پرٽيل جوڙا، چترڪار يا ڪلاڪار جيڪي اڪيلائي چاهيندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي مينهوگيءَ وارين شامن ۾ ڏينڊ تي جهڪي انڊلٽ جو نظارو پسڻ چاهيندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي سڪون ۽ پيار جا ڳولائو آهن، جنهن جو زندگيءَ ۾ وجود ڪونهي. اسين جيڏانهن به ويجون ٿا، فنا اسان سان گڏ آهي. اسين جتي رهون ٿا، "فنا" مسلسل اسان سان سفر ۾ آهي.

گيسٽ هائوس ۾ مسافرن جي اچ وچ جاري آهي. فوٽوگرافر جي ڪئمرا جي اک اهو سڀ ڏسي ٿي ۽ چپ ٿي رهي.

هڪڙي ڏينهن سانجهيءَ ٽاڻي هڪ نوجوان ۽ هڪ چوڪري گيسٽ هائوس ۾ اچي لٿا. هي ٻئي ڏسڻ ۾ هني مون ملهائڻ وارا نٿي لڳا. پر ڏاڍي خوشي ۽ گنيئيرتا سان هو پنهنجو سامان کڻائي مٿي هليا ويا. مٿين ماڙ ٻنهه خالي پئي هئي. ڏاڪڻ جي پر ۾ ڊائيننگ هال هو ۽ ان کان پوءِ تي بيڊروم هئا.

- "هي صفو مان کڻندس." نوجوان پهرئين بيڊ روم ۾ گهڙندي چيو، جنهن جو مهڙ ڏينڊ ڏي هو. چوڪريءَ پنهنجي ڳاڙهي لڪڙ ۽ اورڪوٽ کي ان صفي واري پلنگ تي ڪٽي اڇلي ڇڏيو.

-"ڪڍ پنهنجا ٽپڙ" نوجوان هن کي چيو.

"چگو" چوڪري ٻئي شيون ڪٽي پاسي واري ڊرائينگ روم مان لنگهي ٻئي صفي ۾ هلي وئي. جنهن جي پويان پڪ سرو وراندو هو. صفي جي وڏين وڏين درين مان اُهي مزور ڏسڻ ۾ پئي آيا، جيڪي هڪ ڏاڪڻ ڪٽي پوئين پٽ جي مرامت ۾ رڌل هئا.

هڪ بيرو چوڪريءَ جو سامان ڪٽي اندر آيو ۽ درين جا پردا برابر ڪري ٻاهر هليو ويو. چوڪري سفر جا ڪپڙا متائي ڊرائنگ روم ۾ هلي آئي. نوجوان، بخاري جي پر ۾ هڪ آرام ڪرسيءَ تي وينو ڪجهه لکي رهيو هو. جنهن نظرون ڪٽي چوڪريءَ کي ڏنو- ٻاهر ڏينڊ

تي اوچتو اونداهي ڇانئجي ويئي. هوءَ دريءَ ۾ بيهي باغ جي ڏنڊلڪي کي ڏسڻ لڳي. پوءِ هوءَ ٻہ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هو ٻئي الائي ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا هئا. فوٽوگرافر جيڪو ايجا تائين ڪاتڪ تي ويٺو هو، تنهن جي ڪئمرا کي اک ۾ هئي، پر اها ٻڌي نٿي سگهي.

ڪجهہ ديرکان پوءِ هو ٻئي ڊرائينگ روم ۾ ويا ۽ دريءَ جي پرسان ميز وٽ ويهي رهيا. ڊنڊ جي ٻئي پر ڳوٺ جون روشنيون ٻرڻ شروع ٿي ويون هيون.

ان مهل تائين هڪ يورپي سياح ٻہ گيسٽ هائوس ۾ اچي لٿو هو. هو خاموش ڊرائينگ روم جي ٻي ڪنڊ ۾، چپ چاپ ويٺو خط لکي رهيو هو. ڪجهہ پڪچر پوسٽ ڪارڊ سندس سامهون ميز تي پيا هئا.

"هي پنهنجي گهر خط پيو لکي ٿو مان هن وقت پراسرار اوپر جي هڪ پراسرار ڊاڪ بنگلي ۾ موجود آهيان، ڳاڙهي ساڙهي پاتل هڪ پراسرار هندستاني چوڪري منهنجي سامهون ويٺي آهي ۽ ڏاڍو رومانٽڪ ماحول آهي!" چوڪريءَ آهستي چيو، سندس ساٿي کلڻ لڳو.

مانيءَ کان پوءِ ٻئي وري ڊرائينگ روم ۾ آيا. نوجوان هاڻ کيس ڪجهہ پڙهي ٻڌائي رهيو هو. رات گهري ٿيندي پئي ويئي. اوچتو چوڪريءَ کي چڪ آئي. هن سُون سُون ڪندي چيو، "هاڻي سمهڻ کپي."

"تون پنهنجي زڪام واري دوا پيئڻ نہ وسارجانءِ." نوجوان ڳڻتيءَ مان چيو.

"ها. شب بخير." چوڪريءَ وراڻي ڏني ۽ پنهنجي صفي ۾ هلي ويئي. پويون ورانڊو اونداهو هو. صفو تمام سکون وارو، ٽڏو ۽ آرام پريو هو. زندگي بيحد سکون ۽ آرام واري هئي. چوڪريءَ ڪپڙا متائي سينگار ميز جو خانو کولي دوا جي شيشي کڻي ته وري ٻڪ ٿي. هن پنهنجو ڪارو گائون پائي در کوليو. نوجوان ٽورو گهبرائيل هو، ۽ سامهون بيٺو هو.

-"مون کي سخت ڪنگهه اچي ٿي آهي-" هن چيو.

- "اڇا!-" چوڪري دوا جي شيشي ۽ چمچو ڪيس ڏنو. چمچو نوجوان جي هٿ مان ڇڏائيجي فرش تي ڪري پيو. هن جهڪي چمچو کنيو ۽ پنهنجي صفي ڏانهن هليو ويو. چوڪري بتي وسائي سمهي پئي.

صبح جو هوءَ نيرن ڪرڻ لاءِ ڊائيننگ روم ۾ ويئي. ڏاڪڻ جي پر واري صفي ۾ ڪيترا گل مهڪي رهيا هئا. ٽامي جي وڏن وڏن گلدستن کي براسو سان چمڪائڻ کان پوءِ هال جي چمڪندڙ ڪاٺ واري فرش تي هڪ قطار ۾ رکي ڇڏيو هئائون ۽ تازن گلن جا انبار انهن جي ويجهو رکيل هئا. ٻاهر سج ڏينڌ کي روشن ڪري ڇڏيو هو. زرد ۽ اڇا پوپٽ ساوڪ تي اڏامي رهيا هئا. ڪجهه مهل کان پوءِ نوجوان ڪلندو ڏاڪڻ تي ظاهر ٿيو. هن جي هٿ ۾ گلاب جي گلن جو هڪ ڇڳو هو.

-"مالهي هيٺ بيٺو آهي. هن هي گلدستو تنهنجي لاءِ موڪليو آهي." هن صفي ۾ گهڙندي مرڪي چيو ۽ گلدستو ميز تي رکي ڇڏيو.

چوڪريءَ هڪڙو گوڻ بي خيالي ۾ ڪٽي پنهنجي وارن ۾ هٽي ڇڏيو ۽ اخبار پڙهڻ ۾ مشغول ٿي ويئي.

- "هڪڙو فوٽو گرافر به هيٺ پيو ڦري. هن مون کان وڌي گسپيرتا مان تنهنجي بابت پڇيو ته تون فلاڻي فلمستارته نه آهين؟" نوجوان ڪرسي تي ويهي، چاءِ ناهيندي چيو.

چوڪري ڪلي پيئي- هوءَ هڪ مشهور ناچڻي هئي، پر هن هنڌ تي ڪنهن به سندس نالو نه ٻڌو هو. نوجوان وري برک سنگيت ڪار هو. پر هن کي به هتي ڪوئي سڃاڻي نه سگهيو هو. هنن ٻنهي کي پنهنجي هن عارضي گمنامي ۾ مڪمل سڪون جا هيءُ مختصر پل ڏاڍا پيارا لڳا پئي.

صفي جي ٻئي ڪنڊ ۾ نيرن ڪندي اڪيلي يورپين اکيون ڪٽي هنن ٻنهي کي ڏٺو ۽ ڪجهه مرڪي ڏنو. هو به هنن ٻنهي جي خاموش خوشيءَ ۾ شامل ٿي چڪو هو.

نيرن کان پوءِ هو ٻئي هيٺ ويا ۽ باغ جي ڪناري "گل مور" جي

هيئان بيهي ڏينڊ کي ڏسڻ لڳا. اوچتو فوٽو گرافر ڇلانگ هڻي، ظاهر ٿيو، وڏي ڊرامائي انداز ۾ ٽوپي لاهي ۽ ٽورو جهڪندي چوڻ لڳو:

"ـ فوٽو گرافر ليڊي ـ؟"

چوڪريءَ واچ ڏني. "اسان کي ايڏا باهر ويڙهو آهي. دير ٿي ويندي!"

"ـ ليڊي" فوٽو گرافر پير هني تي رکيو ۽ هڪ هٿ ڦهلائي باهرين دنيا ڏانهن اشارو ڪندي وراڻي ڏني، "باهر حياتيءَ جي رڻ ۾ ڇتي ويڙهه لڳي پئي آهي!ـ مون کي ڄاڻ آهي، هن گهمسان مان نڪري اوهين ٻئي خوشيءَ جا چند پل چورائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيو ـ ڏسو، هن ڏينڊ جي مٿان انڊلڻ پل اپل ۾ غائب ٿي ويندي آهي، پر مان اوهان جو گهڻو وقت نه ويڃائيندس. هيڏانهن اچو!"

ـ"ڏاڍو ڳالهير فوٽو گرافر آهي"ـ چوڪريءَ آهستي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو.

مالهي، جيڪو ايڏا جڙ پنهنجي واري جي اوسيئڙي ۾ هو، ٻئي وڻ جي پويان نڪتو ۽ ڊڪي هڪ ٻيو گلدستو چوڪريءَ کي پيش ڪيو ـ چوڪري امالڪ ڪلي پئي ـ هوءَ ۽ هن جو ساٿي امرسندري پاروتيءَ جي مجسمي وٽ وڃي بيٺا. چوڪريءَ جي اکين کي اُس پئي لڳي ، ان ڪري هن ٽورو مرڪي اکيون ڇنيون ڇڏيون.

ڪلڪ .... ڪلڪ..... تصوير لهي ويئي،

"تصوير توهان کي شام جو ملي ويندي ـ ٿينڪ يو ليڊي ٿينڪ يو." فوٽو گرافر ٽورو جهڪي ٻيهر ٽوپيءَ کي چُهيو.

چوڪرو ۽ سندس ساٿي ڪار ڈانهن هليا ويا.

گهمي، هو ٻئي سج لٿي موٽي آيا ۽ سنڊيا جي گيڙوءَ روشنيءَ ۾ ديرتائين باهر ڇهر تي پيل ڪرسين تي ويٺا رهيا. جڏهن ڪوهيڙو ڪرڻ لڳو تہ هو اندر هيئين ماڙ جي خاموش ڊرائينگ روم ۾ گيڙو بلبن جي روشنيءَ ۾ اچي ويٺا. هنن نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪيون، جيڪي پوريون نٿي ٿيون. ماني جي محل هو مٿي هليا ويا. صبح ساڻ هو واپس وڃي رهيا هئا، ۽ پنهنجن ڳالهين ۾ گم کين فوٹوگرافر ۽ هن جو ڪيبل فوٽو بہ ياد نہ رهيو هو.

صبح جو چوڪري پنهنجي صفي ۾ ئي هئي، جڏهن بيري اندر اچي هڪڙو لفافو ڪيس ڏنو. "فوٽوگرافر صاحب هي رات جو ڏيئي ويو هو" هن چيو.

چگو، هن سامهون واري خاني ۾ رکي چڏ! چوڪري بيخيالي ۾ چيو ۽ وارن کي سنوارڻ ۾ رڌل رهي.

نيرن کان پوءِ سامان ٻڌندي ڪيس ان خاني کي کولڻ ياد ئي نه رهيو. ويندي وقت خالي صفي تي هڪ مٽاچري نهار وجهي هوءَ تکي تکي هلندي وڃي ڪار ۾ ويني. نوجوان ڪار استارٽ ڪئي، ڪار ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪتي. فوٽوگرافر پل تان اٽي ٽوپي لاٿي. مسافرن کلي هٿ لوڏيا ۽ ڪار لاهيءَ تان هيٺ رواني ٿي ويئي.

- هو والرس جهڙين مڃن وارو فوٽوگرافر هاڻ تمام گهٽو پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ ائين گيسٽ هائوس جي ڦاٽڪ تي ٽين جي ڪرسي رکيو ويٺو آهي ۽ سياحن جا فوٽا پيو ڪيندو رهندو آهي، جيڪي نئين هوائي سروس شروع ٿيڻ جي ڪري وڏي تعداد ۾ هن پاسي اچڻ لڳا آهن.

- پر هن محل جيڪا هوائي اڈي کان ٽورسٽ ڪوچ اچي ڦاٽڪ ۾ داخل ٿي، تہ ان مان فقط هڪ عورت پنهنجي بيگ کڻي ٻاهر نڪتي. هن چرڪي فوٽوگرافر کي ڏٺو. جيڪو ڪوچ کي ڏسندي ئي يڪدم اٽي بيٺو هو. پر ڪنهن نوجوان ۽ سهٽي چوڪريءَ بدران هڪ اڌ ڍوٽ عورت کي ڏسي مايوسيءَ مان ٻيهر وڃي پنهنجي ٽين جي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو هو.

عورت آفيس ۾ وڃي رجسٽر ۾ پنهنجو نالو داخل ڪيو ۽ مٽي هلي ويئي. گيسٽ هائوس سنسان لڳو پيو هو. سياحن جو هڪڙو ٽولو اڃا هاڻ اڪيان روانو ٿيو هو. بيرن صفي جي چنڊ ٿوڪ ڪري چڏي هئي. تامي جا گلدان، تازن گلن جي اوسيئڙيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا ۽ ڊرائينگ هال ۾ درين جي هيٺان ڪلف لڳل سفيد ميزن تي چريون ۽ ڪانٽا چمڪي رهيا هئا. آيل عورت وڃئين بيڊ روم مان لنگهي پوئين صفي ۾ ويئي ۽ پنهنجو سامان رکڻ کان پوءِ وري ٻاهر اچي ڊنڊ کي ڏسڻ لڳي. چاءِ کان پوءِ هوءَ خالي سٽنگ روم ۾ وڃي

وينڊي ۾ رات ٿي ته وڃي پنهنجي صفي ۾ سمهي پئي. ورانڊي ۾ ڪجهه پاڇولن اڇي اندر جهاتي پاتي ته هوءَ اٿي دريءَ ۾ ويئي، جتي مزور سڃو ڏينهن ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڏاڪڻ پٽ سان لڳل چڏي ويا هئا. ورانڊو بہ سنسان لڳو پيو هو. هوءَ وري اڇي پلنگ تي ليٽي پئي ته در تي ٽڪ ٽڪ ٿي. هن در کوليو ٻاهر ڪوئي بہ ڪونہ هو. سٽنگ روم سنسان لڳو پيو هو. هوءَ وري اڇي ليٽي پئي- صفو تمام گهٽو ٽڏو هو.

- صبح جو اٿي هن پنهنجو سامان ٻڌندي سينگار ميز جو خانو کوليو تہ ان جي اندر وڇايل ڪاغذ جي هيٺان هڪ لفافي جي ڪنڊ نظر آئي. جنهن تي هن جو نالو لکيل هو. عورت اچرج مان لفافو ٻاهر ڪڍيو. هڪ ڪاڪروچ ڪاغذ جي تہ مان نڪري عورت جي آڱر تي اچي پيو تہ هن ڏڪي آڱر کي جهٽڪو ڏنو تہ لفافي مان هڪ تصوير هيٺ ڪري پئي، جنهن ۾ هڪ نوجوان ۽ چوڪري امر سندري پاروتي جي مجسمي وٽ بيٺي مرڪي رهيا هئا. تصوير جو ڪاغذ پيلو ٿي ويو هو. عورت چند پلن لاءِ گم سم ٿي ان تصوير کي ڏسندي رهي ۽ پوءِ ان کي پنهنجي بيگ ۾ رکي چڏيو.

بيري ٻاهران سڏ ڪيو. "ايئرپورٽ وڃڻ لاءِ ڪوچ تيار آهي."

عورت هيٺ ويئي. فوٽو گرافر نئون مسافرن جي تاڪ ۾ باغ جي رستي تي پسار ڪري رهيو هو. سندس ويجهو وڃي عورت پنهنجائپ مان چيو:

"عجب آهي، تہ پندرهن ورهين ۾ ڪيترا پيرا هُن سينگار ميز جي صفائي ڪئي هوندائون، پر هيءُ فوٽو ائين ئي ڪاغذ جي هيٺان پيو هوا" پوءِ هن جي آواز ۾ تيزي اچي وئي، "۽ هتي جو انتظام بہ ڪيڏو نہ خراب ٿي ويو آهي. صفي ۾ ڪاڪروچ ئي ڪاڪروچ."

فوٽو گرافر چرڪي هن کي ڏنو ۽ سيڙڻ جي ڪوشش ڪيائين، پوءِ عورت جي گهنجن واري چهري تي نظر وجهي، ڏک مان ٻئي پاسي نهاريڻ لڳو. عورت چوندي رهي - هن جو آواز بہ بدلجي ويو هو. چهري تي پيريءَ ۽ سختيءَ جا نشان هئا ۽ ڳالهائڻ ۾ چڙاڪ ۽

بيزاري. هوءَ سڏي آواز ۾ چوندي پئي ويئي. "مان اسٽيج تان رٽائر ٿي چڪي آهيان. هاڻي پلا منهنجي تصوير ڪير ڪيندو؟ـ مان پنهنجي وطن واپس ويندي رات ئي رات ترسي پئي هيس. نئين هوائي سروس شروع ٿي وئي آهي ۽ هيءُ هنڌ رستي ۾ ٽوپوي!".

ـ"۽..... ۽، اوهان جو ساٿي؟" فوٽو گرافر آهستي پڇيو. ڪوچ هارن وڄايو.

ـ "توهان چيو هو نہ ته حياتيءَ جي رڻ ۾ ڇتي ويڙهہ لڳي پئي آهي. ان ئي ويڙهہ ۾ هو ڪٽي وڃائجي ويو....!" ڪوچ ٻيهر هارن وڄايو.

ـ "۽ هن کي وڃائي ٻہ ڪا مدت گذري ويئي اٿم!..... چگو خدا حافظ"ـ عورت ڳالهہ پوري ڪئي ۽ تکيون تکيون وکون کڻندي ڪوچ ڏي هلي ويئي.

والرس جهڙين مُڇن وارو فوٽو گرافر ڦاٽڪ جي ويجهو ٽين جي ڪرسي تي وڃي ويٺو. "زندگي انسانن کي کائي وئي! ڪاڪروچ ئي باقي رهندا.

رولاڪ*

گذريل سال هڪ شام جو در جي گھنٽي وڳي، مان ٻاهر نڪتيس تہ هڪ ڊگھو يورپين نينگرو ڪينوس جو ٿيلھو ڪلھي تي کنيو سامھون بينو ھو. ٻيو بندل سندس ھٿ ۾ ھو ۽ پيرن ۾ دڙ سان پريل پشاوري جتي پيل ھيس. مون کي ڏسي پنھنجون ٻئي کڙيون ڪجھ پاڻ ۾ ملائي نوڙي ڪنڊ جھڪايائين، منھنجو نالو پڇي ۽ ھڪ لفافو ڪڍي منھنجي ھٿ ۾ ڏنائين. "توھان جي مامي ھي خط ڏنو آھي!" ھن چيو.

"اندر اچ!" مون چيو ۽ ڪجھ اچرج مان خط تي نھار وڌي. اھو مامي الڻ جو خط ھو. جنھن ۾ ھن لکيو ھو۔ "اسين ڪراچيءَ کان حيدرآباد سنڌ واپس ٻئي ورياسين تہ نٽي جي "مڪلي ھل" تي قبرن جي وچ ۾ ھن نينگر کي ڏنوسين. ھن آگونو ڪڍي لفٽ گھري ۽ اسين ڪيس پنھنجي گھر ونيآياسين۔ هيءَ دنيا جي سفر تي نڪتو آھي ۽ ھاڻ ھندستان پيو وڃي۔ اوتو، ڏاڍو منڍو نينگر آھي۔ مون ڪيس ھندستان ۾ مائٽن ڏانھن خط لکي ڏنا آھن. جن وٽ ھي ترسندو۔ ۽ تون بہ سندس مزماني جھل. نوٽ: وٽس ٻئسا صفا ڪونہ آھن!"

نينگر، ڪمري ۾ اچي ٿيلھا فرش تي رکيا ۽ اکيون مچڪائي پٽين تي لڳل تصويرن کي ڏسڻ لڳو. ايڏي ڊگھي قد سان سندس ٻارڻن جھڙو مڪ ھو. جنھن تي ننڍڙي سنھري ڏاڙھي مُڇ ڏاڍي عجيب لڳي رھي ھئي.

ھڪ ٻيو ھچ ھائيڪر (Hitch Hiker) مون ڪجھ بيزاري مان ويچاريو۔ مامون علڻ، ويچارو اٻوجھ، ھن جي۔ ڳالھين ۾ اچي ويو

*آوارہ گرد

هوندو. چاکاڻ تہ اهي ڏينهان ڏيهي رولا ۾ پنهنجي مقصد کاڻ رستي هلندي ماڻهن سان دوستي ڪرڻ جو گر ۽ چگيءَ ريت ڄاڻندا آهن.

"شاهده ۽ اوهان کي سلام مڪا آهن!" هن مون ڏانهن منهن ڪري، ڏاڍي پنهنجائپ مان چيو.

"شاهده؟"

"اوهان جي ڪزن شاهده. مان بنارس ۾ وٽس ترسيل هوس ۽ لکنوءَ ۾ اوهان جي پڇيءَ وٺ. هاڻ چٽاگانگ ۾ انڪل انور وٽ ترسندس. ۽ جيڪڏهن دارجلنگ ويس تہ ڪزن مطهره وٽ وڃي ٽڪندس!" هن ڪيسي مان وڏيڪ لفافا ڪڍيا.

"ويهـ- اوتو- چاءِ پيئندين؟" مون ڏگهو ساهہ ڪٽندي چيو. مون کي اهي ۽ ڊڇ هائيڪر ياد آيا، جيڪي ڪراچي ۾ لڊن مامي جي گهر ديرو ڇمايو وينا هئا، چاکاڻ جو سندن پئسا پورا ٿي ويا هئا.

"مان ترڪي ۽ ايران مان ٽيندو آيو آهيان ۽ جرمنيءَ مان هيستائين مون موٽرن ۽ لارين ۾ لفٽ ورتي آهي. هاڻ لنڪا ويندس ۽ پوءِ ٽائي لينڊ وغيره. اتان ڪاربوٽ رستي جاپان، آمريڪا، ۽ ان کان پوءِ گهر واپس. هن وقت تہ مان، اورنگ آباد کان ٽرڪ تي آيو آهيان!"

"ڏاڍا ايڊونچر پيش آيا هوندا تنهنجي سفر ۾!"

"ها. استنبول ۾ ٽي راتيون، غلط پل هيٺان ستس. ۽ ايران ۾--!" پوءِ هن ۽ چار ننڍا ننڍا ايڊونچر ٻڌايا. "مان ڪولون يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو آهيان." هن وڏيڪ ٻڌايو.

"پاڪستان ۽ هندستان ۾ توکي ڪهڙو تفاوت محسوس ٿيو؟" مانيءَ جي ميزتي مون کانئس پڇاڻو ڪيو.

"اتي سڀ مون سان ڪشمير واري مسئلي تي ڏاڍي اتساهہ مان ڳالهيون ڪندا هئا. پر هتي ڪشمير ۽ پاڪستان جو نبيرو مڙيئي گهٽ ٿو ٿئي. هتئون جا مسئلا." ۽ پوءِ هن هندستان جي مسئلن تي هڪ ڳٽيل تقرير ڪئي. ڪجهہ دير کان پوءِ هو چوڻ لڳو، "مان شاهوڪار سياحن ۽ عام يورپي ماڻهن جيان فقط تاج محل کي ڏسڻ

ڪونہ آيو آهيان مان تہ سڄي سڄي رات هٽن جي ٻاهران سمهندو آهيان. هارين جي ڪڪائن گهرن ۾ رهندو آهيان، پورهيتن سان دوستي ڪريان ٿو، جيتوڻيڪ سندن ٻوليءَ کي بنهہ سمجهي نٿو سگهان."

مانيءَ ڪائڙ کان پوءِ هن بمبئي جو نقشو ڪيڊي فرش تي رکيو.

"ويچارا انگريز بمبئي جي تعمير واري طرز کي تہ وڪٽورين گوٿڪ چوندا هئا. پر هتي ڪهڙا ڪهڙا هنڌ ڏسڻ وٽان آهن؟"

"ايلفنٽا ۽ اپالو بندر، ۽ -"

"اهي تہ سمورا گائيڊ بوڪ ۾ موجود آهن." هن ڪجهہ اتاولو ٿي منهنجي ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪائيندي، هندستان جي اقتصاديات ۽ سماجيات تي عقل ۽ دليل سان ڳالهيون ڪيون.

"اوٿو تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟" مون مرڪي ڪانئس پڇيو.

"مان ايڪيهن سالن جو آهيان." هن ڏاڍي گنيبرتا مان وراڻي ڏني ۽ جڏهن جرمني واپس ورندس تہ منهنجي عمر ٻاويهہ سال هوندي ۽ انهيءَ ايندڙ سال مون کي ڊاڪٽريٽ ملي ويندي. مان جرمني جي وطن دوست شاعريءَ جو اپياس ڪري رهيو آهيان. جرمنيءَ ۾ فقط ڊاڪٽريٽ ملندي آهي، جهڙيءَ ريت اوهان وٽ بي.اي. ايم. اي" ۽ پوءِ ڪيتري مهل تائين جرمن (وطن دوست) شاعري، عالمي سياست ۽ هندستاني آرٽ تي روشني وجهندو رهيو.

هو چٽر ٻہ ٽاهيندو هو. "ڪيڏو نہ ڏاهو نينگرو آهي!" مون ويچاريو. "ڪيترن جرمن ماڻهن جيان ڏاڍو گنيير، ارادي جو پڪو ۽ ڪل پوڳ کان پري پڇندڙ.

"مان رات جو سمهڻ کان اڳ ۾ توهان جا ڪتاب ڏسي سگهان ٿو؟"

"چونہ!"

رات جو دير دير تائين ڊرائنگ روم جي بتي پئي ٻري. اسر ويل ٽين وڳي وهنجڻ جاءِ ۾ پاٽيءَ هارڻ جي آواز جو پڙلاءَ ٻڌم تہ اک کلي پيم. هو راتون رات وهنجي سنهنجي تيار ٿي چڪو هو تہ جيئن گهر جي ياتين کي هن جي ڪري ڪو اهنج نہ اچي. نيرن مهل هندستان

بابت انهيءَ ڪتاب تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، جيڪو هن هڪ ئي رات ۾ پڙهي پورو ڪيو هو. پوءِ هن بمبئي جو نقشو پاڻ سان کنيو ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٻاهر هليو ويو.

هو پنهنجي ٽيلهي ۾ پنج ڪتاب کڻي آيو هو، جن تي ڪمري جي چنڊ ڦوڪ ڪندي وڃي منهنجي نهار پئي- گوئٽي جو "فائوسٽ، هائيني جون ڪوتائون، رلڪي بريخت ۽ انجيل مقدس.

شام جو جڏهن هو ٽڪل ٽٽل پر بيحد هشاش بشاش واپس وريو ته مون کيس چيو، "اوتو! تون ڪالهه رات ته ڏهريو پئي ڏسڻ ۾ آئين، پر هر وقت پاڻ سان گڏ انجيل کنيو ٿو گهمين؟"

انهيءَ تي اوتو ڏٽيءَ جي تصور بابت جذباتي آسري واري انساني گهرج تي هڪ ننڍڙي تقرير ڪئي.

"اوتو، تون ايلفنٽا ويو هئين؟ اتان جي تري مورتي ۽ ديوتا-"

"مان ڪٽي به ڪونه ويس. وڪٽوريا گارڊن ۾ سجو ڏينهن ويني ماٺهن جي ميڙ جو اپياس ڪيم. انسان، انسان جيڪو سپ کان وڏو ديوتا آهي!"

"ها، ها. - اهو ته بلڪل سچ چيو تو، پر مامي ڪٽي کاڌئي؟

"مون هڪ ڏڻ ڪيلا ڳنهي ورتا هئا."

مون کي اوچتو ڏاڍي پشيماني ٿي، ته هلندي مهل کيس سينڈوچز ڏيڻ جي سار چونه آئي- ان مهل مون کي مامي الڙ جو خط ياد آيو، جنهن ۾ هن لکيو هو ته اوتو وٽ پئسا صفا ڪونهن.

مانيءَ واري ميز تي هو چوڙ لڳو، "مان ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پيٽ پري مامي کائي رهيو آهيان!"

مان ساٽس جرمنيءَ بابت ڳالهيون ڪندي رهيس. برلن واري ديوار جي ڳالهه ڪندي هن مون کي ٻڌايو ته هو وڏو ائنٽي ڪميونسٽ آهي.

"گهر ۾ منهنجي ماءُ ۽ منهنجي لاءِ ڏاڍا چسڪيدار ڪاڏا رڌيندي آهي. توهين منهنجي ماءُ سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿيندا. هاڻ هن جي عمر هائيتاليهه سال آهي- پر ڏکن جهوري وقت کان اڳ ۾ ئي کيس پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. پر هوءَ اڃا به دنيا جي سهڻي ۾ سهڻي عورت آهي."

"تون ته هن جو اڪيلو پٽ آهين نہ؟"

"ها منهنجو پيءُ فوجي آفيسر هو- ۽ امي، پرشاڪي جي رهاڪو هئي. امي سترهن سالن جي هئي، جڏهن بابي ساٺس وهاڻ ڪيو. بابو پولينڊ جي ويڙهہ ۾ مارجي ويو. ته مان سندس فوت ٿيڻ جي ٻن مهينن بعد جنم ورتو- بمباري کان بچڻ لاءِ هوءَ مون کي ڪلهي تي کنيو الائي ڪٿي ڪٿي ڦرندي هئي. هوءَ مون کي ڪڇ ۾ کنيو متي تي رومال ٻڌيو، فل بوٽ پايو پنهنجو مختصر سامان منهنجي پريمبوليٽر ۾ وجهي ڳوٺ ڳوٺ پئي رلندي هئي، ۽ ٻنين ۽ ڪرن ۾ پئي لکندي هئي- امي پولينڊ جي هڪ ڳوٺ ۾ لکل هئي، جڏهن پولش فوجي انهيءَ رات جو ان گهر منجهہ ٽپي آيا. مان ان مهل ڇڻن سالن جو هوس منهنجي ننڊپٽ واري ڇٽي پٽي ساروٽي، انهيءَ پيانڪ رات جي آهي- مان ڏڇي ڪٽ جي هيٺان وڃي لڪس. جڏهن آفيسر منهنجي ماءُ کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳا ته مان زور زور سان روئڻ لڳس. هو امي‌ءَ کي گهليندا ٻاهر ٻنين ۾ وٺي ويا. امي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ واپس وري. هوءَ فوجين کان پاڻ بچائڻ لاءِ ايترو وقت هڪ ڪري ۾ لکل هئي. ۽ مان انهيءَ هيڪلي گهر ۾ اڪيلو اڪيلو هوس. ۽ ٻاهہ گولين هلڻ جي پڙلاؤ ڏڇي، ڪنڊن پاسن ۾ پيو لکندو هوس. ۽ رڌڻي جي ڪٻٽن مان ڳولي ڳولي کائڻ جون شيون پيو هٿ ڪندو هوس. پوءِ جيڪي ڪجهہ ٻہ هٿ چڙهندو هو ته اهو بک وگهي ڪٽي وات ۾ وجهندو هوس. پر اهي سمورا ڪٻٽ منهنجي قد کان متي هئا، جن ۾ ڪاڏي پيتي جون شيون رکيل هيون!" هو چپ ٿي ويو ۽ ماٺ ڪري ماني واپرائڻ لڳو.

"هي چانور ڏاڏا سنا آهن!" هن چند پلن کان پوءِ آهستي چيو.

انهيءَ ڪارڻ ئي مان لڙائي جي ڏکوئيندڙ ڳالهہ ساٺس نٽي ڪرڻ گهري ڇاڪاڻ ته مان لڙائيءَ کان پوءِ وڏي ٿيندڙ ان نئين ٿهيءَ کان انهيءَ قسم جا وار ڪاندا ڏيندڙ قصا ٻڌيو ويٽي هيس. مون کي انهيءَ فرانسيسي نينگريءَ جي ساروٽي آئي، جنهن فرانس جي زوال کان پوءِ انهيءَ ئي اوٽوءَ جي ديس واسين جرمنن جي انياءَ جا قصا ٻڌايا هئا. انهي ئي پولينڊ ۾ جتي اوٽو ۽ سندس ماءُ تي اهو سپ ٿي

گذريو، انهيءَ زماني ۾ اهي اوتسي گيس چيمبر ۾ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا هئا. جتي هزارين يهودين کي موت جي منهن ۾ ڌڪيو پئي ويو. ۽ مون کي انهيءَ روسي نينگريءَ جو ۽ قصو ياد آيو، جنهن جا سمورا وار پنهنجي ڪٽنب کي پنهنجي آڏو جرمن مشين گن جي ور چڙهندي ڏسي پل اپل ۾ ڏک وچان اڇا ٿي ويا هئا.

اها 1945ع کان پوءِ واري يورپ جي نئين ٿهي هئي. "هاڻ تنهنجي ماءُ ڪجهه ڪم ڪندي آهي؟" مون پڇيو.

"نه، هوءَ اتي فقط هڪ "هائوس فرا" آهي، ڪيس فوجي رنڊ زال جي ڪري پينشن ملندي آهي. اسان جو ٻن صفن جو ننڍو گهر آهي. مان شام واري شفٽ ۾ هڪ فيڪٽريءَ منجهه ڪم ڪندو آهيان. منهنجي ماءُ ڏاڍي آلي پولي آهي. هوءَ "آسٽرولوجي" ۾ يقين رکندي آهي۽ زونر ديول پڙ ويندي آهي. گذريل سال مون موٽر سائيڪل تي سموري جرمنيءَ جو چڪر هنيو هو. جرمني دنيا جو سهڻو ۾ سهڻو ديس آهي."

"هر ديس، اتان جي ديس واسين لاءِ سهڻو ديس هئڻ گهرجي، پر تون نئون ناتسي نه ٻڌجي وڃجانءِ."

"نه، مان نئون ناتسي نه ٻڌجندس. مون کي يهودين کان نفرت ڪونهي." هن سادگي مان وراڻيو، ته مون کي ڪل اچي ويئي.

"منهنجو نانو ۽ ناني، اڃا به اوپر جرمني ۽۾ آهن. پر اسين انهن سان نٽا ملي سگهون! جنهن ريت اوهان جو اڏ ڪٽنب هتي ۽ اڏ پاڪستان ۾!" هن ڪاڻ وارو ڪانٽو لوڏي مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

پئي ڏينهن هن واعدو ڪيو ته شهر جا ڏسڻ جهڙا هنڌ پڪ ڏسي ايندو. پر ان ڏينهن به هو سڄو ڏينهن راڻي باغ ۾ ويٺو رهيو.

چوٿون ڏينهن هن واردن روڊ تي پولا پائي ڊيسائي انسٽيٽيوٽ جي وراندي ۾ ويهي لائوس جي لڙائي بابت مضمونن جو اڀياس ڪندي گذاري ڇڏيو. اندر نينگريون ناچ سکي رهيون هيون، ۽ هال ۾ حُسن جي نئين تصويرن جي نمائش پئي ٿي، "انهيءَ ڪري مان گڏوگڏ آرٽ ۽ ڪلچر کان به واقفيت حاصل ڪندو رهيس." هن

واپس اچي چيو.

بمبئيءَ ۾ هو هر هنڌ پيرين پيادي هلندو هو ۽ واردن روڊ کان فلورا فائونٽن تائين پنڌ ويندو هو.

"مان انين آنين کان هڪ ريئي تائين روزانو ڪپائيندو آهيان، ۽ گھٽو ڪري ڪيلا کائيندو آهيان. هر هنڌ ڏاڍا مهمان نواز ماڻهو مليو ٿا وڃن، ڇا اها عجب جھڙي ڳالھ ڪونهي ته انسان اڪيلي سر ته ايترو سادو ۽ نيڪ آهي، پر اجتماعي حيثيت ۾ ظالم بنجيو وڃي!" اهو سوال ڪرڻ بعد هو منهن لڙڪائي ويهي رهيو. ان ڏينهن هو هڪ ٽرڪ ڪمپنيءَ سان ڳالهائي آيو هو ته بنگلور تائين هو سندن ٽرڪ ۾ ويندو.

صبح جو سويل هن پنهنجي ٽيلهي ۾ ڪتاب، ۽ ڪپڙا وڌا، ٻيو ٽيلهو جيڪو سفري ٽيلهو ۽ بسترو هو ان کي ويڑهي ڪٽي ڪلهي تي رکيائين ۽ خدا حافظ چئي، ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ جي مکيہ آفيس فلورا فائونٽيشن ڏانهن پنڌ روانو ٿي ويو.

اوٽو کي ويئي ڪيترا مهينا لنگهي ويا. ان وچ ۾ الڙ مامي جو خط آيو ته مون کيس ڏوراپو ڏنو ته توهان جي پٽ اوٽو ته هتان وڃي ڪوئي پنهنجو ڏس پتو ٻه نہ ڏنو، ته ماريو ڪٽي ويئو خاڪ چاٽي،

مون اهو خط اڃا پوسٽ ئي مس ڪيو هو جو شام واري ٽپال ۾ اوٽو جو خط ٻہ اچي پهتو، جنهن جي لفافي تي لائوس جي بادشاهہ جي شڪل واريون ٽڪليون لڳل هيون ۽ خط ۾ لکيو هئائين.

"اهو جرمن چوڪرو، جيڪو توهان جي گھر اچي ٽڪيو هو، اوهان کي وساريو ڪونہ اٽائين، توهان مون سان وڏا وڙ ڪيا. (منهنجي انگريزي ڪمزور آهي، غلطيون معاف ڪجو!) توهان مون سان وڏي پيٽ جيان شفقت سان پيش آيا. ۽ مان ٻہ محبت تي يقين رکندو آهيان. انهيءَ جو ڪارڻ اهو ٿي سگھي ٿو ته مان اڃا ننڍي عمر جو آهيان. پر توهان صحيح چيو ته دنيا ۾ فقط اهي ئي ماڻهو خوش رهي سگھندا آهن، جيڪي زندگي کي بنا ڪنهن رندڪ جي ۽ بنا ڪنهن پچاڻي جي منظور ڪري وٺندا آهن. اسين جيترو پچاڻو ڪريون ٿا ته اها حقيقت ظاهر ٿيو ٿي پوي ته زندگي ڏاڍي مهمل آهي.

"لنڪا ۾ نيو ايلين ڪان ڪيندي هڪ ٽورسٽ بس رستي ويس. بس ۾ هڪ سنگالي شاگرد سان منهنجي دوستي ٿي ويئي. هن رستي ۾ مون کي پاڻ سان ماني کارائي. سندس نالو راجا هو. هن مون کي ڪاڻ ميوو ۽ ورتو. بس ۾ ڪيترا دهل رکيا هئا. راجا سمورو وقت ڳيچ ڳائيندو هليو. جهڙٽا ۽ ڏاڍا سهٽا پئي لڳا. راجا مون کي چيو: "هل ته سپ وهنجون" ۽ چند پلن کان پوءِ هو مري ويو. هو پاڻيءَ ۾ هڏي ويو هو- ۽ ڪلاڪن جي ڳولا کان پوءِ سندس سڪل مڙهه اسان کي هڪ ٽڪريءَ هيٺان هٿ آيو- هي سپ چا آهي. مان سمورو وقت اهو سوچيندو پئي رهيو آهيان ته اهو سپ ڪيئن ٿيو؟ اسان مان ڪوئي ۽ هن کي انهيءَ حادثي کان بچائي نٿي سگهيو. چا اهو سپ اوچتو ٿيو يا ان کي ئي "قسمت" جي نالي سان ڪوٺين ٿا. راجا پنهنجي مائٽن جو اڪيلو پٽ هو. ڪيس پنج پاءُ پيٽ، پنجن ۾ پندرهن سالن جي وچ ۾ مري ويا هئا. ۾ پيءُ انڌو اٽس ۾ ماءُ بيمار! راجا انهن جو اڪيلو پالڻهار هو.

"مدراس ۾ هڪ نوجوان شاعر مون کي چيو، دنيا جي ڪارڙ هو ڏاڍو ذڪي آهي. مدراس ۾ مون ريڊيو انٽرويو مان ڪجهه پئسا ڪمايا، پوءِ مان پيانگ ويس، جيڪو ڏاڍو سهڻو آهي، ۾ اتي ڪيترا چيني رهن ٿا."

"هڪ مال گاڏي جي پچاڙڪي ڏهي ۾ ويهي مان بنڪاڪ پهتس ۾ ٻڌ جي مڙهين ۾ وڃي رهڻ لڳس ۾ يڪشوئن سان گڏ ماني کائيندو رهيس. ٻنهپرن جو ڏاڍيون سهڻيون ڇوڪريون، خوش پوش زالون پنهنجي پنهنجي قسمت ۾ مستقبل جو حال پڇڻ يڪشوئن وٽ ايندیون هيون."

"گهڻو ٿڻو يڪشو پيار جا بکيا آهن، تمام گهڻو تماڪ چڪيندا آهن ۾ ڪوبه ڪم نه ڪندا آهن. پوڙهيون مذهب پرست زالون کين کاڏو ۾ پئسا ڏيندیون آهن. ڪيترا يڪشو مڙهين ۾ انهيءَ لاءِ وينا آهن جو کين پورهيو ڪرڻ سنو نٿو لڳي. اهي ماڻهو ڏاڍا سست آهن، پر سندن مذهب ۾ انهيءَ سستيءَ جو هڪ مقدس ڪارڙ موجود آهي- نرواڻ جي ڳولا- ۾ بعضي انهن مان

ڪيترا سچ پچ تہ گنپيرتا سان مراقبي ۾ مشغول آهن. پر گهٽو ٿو پڪشو ڪائڻ ۽ زالن سان ڪچهريون ڪرڻ کان سواءِ ننڍون ڪندا رهندا آهن."

"نانگ ڪائي ۾ ميڪانگ درياءَ ۾ وهنتس ۽ ان کان پوءِ لائوس هليو آيس."

"وين تين هڪ وڏڙي ڳوٺ جيان آهي، هتي اس ڏاڍي تکي آهي ۽ رستا ڏوڙ سان پريل. فقط راتيون ڏاڍيون سهائيون اٿس. ڇاڪاڻ تہ اوندهہ سموري بدصورتي ڏاڍ، ڏمر ۽ رتوڇاڻ کي پنهنجي اندر ۾ لڪائي ڇڏيندي آهي- مڇرہ ڏاڍا آهن."

"سوانا تائين هڪ جهاز ۾ مون کي مفت لفٽ هٿ ڇڪهي ويئي، ۽ هاڻ مان پڪسي ۾ موجود آهيان. پوءِ ڪمبوڊيا ويندس. مان انڪل انور وٽ ڇتاگانگ نہ وڃي سگهيس، جو برما مان اوپر پاڪستان ڏي وڃڻ ۾ وڏي ڏکيائي پيش ٿي آئي- مون سرخ چين ۽ اُتر ويٽنام وڃڻ لاءِ ويزا جي درخواست ڏني آهي. پيڪنگ ۽ هنوئي کان مون کي ٽوم پيهنہ ۾ وراڻي ملي ويندي. سياڻي مان ڏکڻ ويٽنام ڏي وڃي رهيو آهيان."

"هن غلط سلط انگريزيءَ لاءِ ٻيهر معافي ٿو گهران."

توهان جو تمام گهٽو ٿورائتو،

اوٽو گردگر.

فيبروري 1963ع جي پڙهي مخزن ۾ "ويٽنام جي جنگل وار" جي سري هيٺ هڪ رنگين تصويرن وارو مضمون ڇپيو آهي. انهن تصويرن ۾ گوريلا سپاهين کي بندوقن جو ڪاڇ بنايو پيو وڃي، ٻيڙين ۾ ويٺل گوريلا قيدي ميڪانگ درياهہ جي پار نئيا پيا وڃن ۽ هارين جون زالون اهي ٻيڙيون هلائي رهيون آهن. ڪپر تي پهچي انهن قيدين کي گوليون هڻي ماريو ويندو. سارين جي فصل ۾ بيٺل پاڻيءَ مان جنگي قيدي لنگهن پيا ۽ مضمون جي پڇاڙڪيءَ ۾ ٻن صفحن تي پکڙيل هڪ تصوير آهي. جنهن ۾ سارين جون سايون سايون ٻنيون آهن ۽ ساريون هوا جي جهوٽن سبب جهڪنديون پيون وڃن. ۽ ڏگهن پنن وارا وڻ هوا ۾ لڏي رهيا آهن. افق تي وڻن

جون قطارون آهن ۾ ساوڪ ۾ پاڻي، اهو اهڙو موهيندڙ ڏيک آهي، جنهن کي ڏسي چترڪار چتر ناهيندا آهن، شاعر نظم ۾ ڪهاڻيڪار "ڏرتيءَ جي مهانتا" بابت آکاڻيون لکندا آهن. انهن ساون ساون وٽن پويان پورهيت هارين جون سڪون پريل جھوپڙيون هونديون ۾ انهيءَ ڳوٺ جا رهواسي ڪکن مان جوڙيل ڇڇي دار ٽوپيون پايو سجو ڏينهن پاڻيءَ ۾ بيهي ساريون پوکيندا هوندا، ۾ گيت ڳائيندا هوندا ۾ فصل پڇڙ تي بازار وڃي پورهئي سان اُپايل اهي ساريون پڳڙن مٽ تي وڪڻي پنهنجون حياتيون گھاريندا هوندا. هن نديءَ جي ڪناري ڇوڪريون پنهنجي پرين سان ملنديون هونديون ۾ نوجوان مائون رنگ رتيون سيرونگ پھريو، دلا ڪنيو پنهنجي ٻارن کي وهنجارڙ لاءِ درياھ تي اينديون هونديون.

پر انهيءَ تصوير ۾ جيڪا هن محل مون آڏو رکي آهي، ڏ ڪ لڳل اڏ اگھاڙا رت پريل لاشا پيا آهن. پويان هڪ ڪنڌ ۾ پوري رنگ جو وڏو جنگي جھاز بيٺو آهي ۾ تصوير هيٺان لکيل آهي:

"موت جو ڪيت- ويٽ ڪانگ گوريلا جن کي ميڪانگ درياھ جي سارين واري ڊيلٽا ۾ قتل ڪيو ويو- سندن ساٿي هڪ ٻئي سان رسين ۾ بدل ڪنڌ جھڪايو هڪ ڪنڌ ۾ وينا آهن- پر هن رتوچاڙ ۾ دوبدو لڙائيءَ ۾ هڪ نوجوان هيچ هائيڪر پڙ جيڪو ميڪانگ درياھ جي ڪناري وٽان ٽيندو، اُتر ويٽنام پئي ويو، هڪ اوچتي گوليءَ جو نشانو بنجي ويو، هن سھڻي ديس ۾ اھا پيانڪ گھرو لڙائي 1944ع کان هلندي پئي اچي."

۾ اوتو گردگر حياتيءَ جو تجربو ماڻڻ لاءِ دنيا جي سفر تي نڪتو هو!

... گھوٽن جيئڙ ٽورا ڏينھڙا*

ريل، اولھ جرمنيءَ جي سرحد ۾ داخل ٿي چڪي ھئي. نيٺ نھار تائين گل لالا جا ٻارا پکڙيل ھئا. ٻھراڙيءَ جي اڇن اُجرن رستن تان موٽرون ٽکيون لنگھنديون پئي ويون. ڏينڊن ۾ بدڪون پئي ترين. ريل جي ھڪ ڊبي ۾ پنج مسافر ماڻ ڪيو وينا ھئا. ھڪ پوڙھو دري سان مٿو ٽيڪيو، ٻاھر ڏسي رھيو ھو. جنھن جي لاءِ ھڪ ٽلھي عورت جيڪا ٿي سگھي ٿو ته سندس ڏيءَ ھئي، ڏاڍي ڳٽتيءَ ۾ ڦاٽل ڏسڻ ۾ پئي آئي. شايد ھو ناچاڪ ھو. سيٽ جي ٻئي ڇيڙي تي ھڪ موچاري شڪل ۽ قد آور شخص، چالیھن سالن جي پيٽي ۾، سڪون پريل منھن ۽ مرڪ سان ھڪ فرينچ ڪتاب پڙھڻ ۾ گم ھو. سندس سامھون ڪرسيءَ تي ھڪ نوجوان ڇوڪري جيڪا پنھنجي ويس مان آمريڪن پئي لڳي، ھڪ تصويرن واري مخزن جا پنا اٽلائي رھي ھئي، جنھن ڪنھن ڪنھن مھل نھار ڪٽي انھيءَ موچاريءَ شڪل واري شخص کي پئي ڏٺو. پنجين مسافر جو منھن اخبار ۾ لڪل ھو. اخبار ڪنھن سمجھ ۾ نه ايندڙ اجنبي ٻوليءَ منجھ ھئي، جيڪا شايد نارويجن يا ھنگرين يا ٿي سگھي ته آئيس لينڊڪ! ھن دنيا ۾ ڪيترا ماڻھو اھڙا آھن، جيڪي آئيس لينڊڪ ۾ ڳالھائيندا، لکندا پڙھندا، ۽ شعر چوندا آھن. دنيا عجائب کان خالي نه آھي.

آمريڪي ڇوڪري، جنھن اصلي آمريڪين جيان اھو ڄاڻڻ ٿي گھريو ته اھا آخرڪار ڪھڙي ٻولي آھي، انھيءَ موچاري شڪل واري کي اخبار پڙھندڙ نوجوان سان ڳالھائيندي ڏٺو. ھو به ڪنھن

---

* یہ غازی، یہ تیرے پراسرار بندے

اجنبي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو. پر اها ٻولي ڪيس ڪجهه ڄاتل سڃاتل لڳي. چوڪريءَ پانيو تہ اهو شخص ايراني، يا ترڪ ٿي سگهي ٿو. سندس پنهنجي شهر تورنٽو ۾ ڪجهه ايراني شاگردن سان ڏيٺ ويٺ هئي، جن مان ڪيس اها ڄاڻ پئجي ويئي هئي تہ اها فيبولس گائي (Fabulous Guy) پرشين آهي. (هن انگريزيءَ ۾ ويچاريو. مان توهان کي اردوءَ ۾ ٻڌائي رهي آهيان، ڇاڪاڻ تہ هيءَ ڪهاڻي اردو ٻوليءَ ۾ آهي.)

اوچتو پوڙهي، جيڪو انگريز هو، آهستي چيو:

"دنيا سچ پچ تہ ڏاڍي سمٽي آهي!"

اها هڪ برطانوي اندر استيٽمينٽ هئي ۽ چوڪريءَ کي اها ڄاڻ هئي دنيا بيحد سمٽي آهي.

پوڙهي جي ڏيءَ، ڪينيڊين چوڪريءَ ڏي ڏسي ڪجهه اداسي مان مرڪيو. پيءَ جي ٽنگن تي ڪٽو وجهي، مائن جيان چوڻ لڳي:

"ڊيڊ. هاڻ آرام ڪريو!"

هن وراڻي ڏني، "ايڊنا مان منظر ڏسڻ ٿو گهران" سندس ڏيءَ چيو، "چگو، ان کان پوءِ سمهي پئجو!" انهيءَ بعد هوءَ اڇي ڪينيڊين چوڪري وٽ ويئي، جيتوڻيڪ هوءَ انگريز هئي، پر پنهنجا ڏک ونڊائڻ ٿي گهرائين.

"منهنجو نالو ايڊناهنٽ آهي. هو منهنجو پيءُ آهي، پروفيسر چارلس هنٽ!" هن آهستي چيو.

"مان تمارا فيلڊنگ آهيان. ٽورنٽو، ڪينيڊا!"

"ڪيمبرج، انگلينڊ! ڊيڊ، اتي پيٽر هائوس ۾ رياضي پڙهائيندو هو."

"ڇا بيمار آهي؟"

"ڪينسر! ۽ ڪيس اهو ٻڌايو ويو آهي!" ايڊنا آهستي وراڻي ڏني.

"او . آئي. ايم. سوري." تمارا فيلڊنگ چيو، تہ ماڻ ڇانئجي ويئي. ڪنهن اڻ ڄاڻ جي ذاتي ڏک ۾ اوچتو گهڙڻ سان ڪجهه عجيب لڳندو آهي.

"جيڪڏهن توکي اها ڄاڻ هجي!" ايڊنا آهستي آهستي چيو:

"هي دنيا تمام جلد فلاٽي مدت کان پوءِ سدان لاءِ چڏٽي آهي، تہ نہ ڄاڻ ڪيئن لڳندو هوندو!"

"هن معاملي ۾ انسان کي تمام گھٽو صبر ڪرڻ ۽ فلسفي ٽيڪ گھرجي!" تمارا ٽڪائي مان کلڻ لڳي، "جيتوٽيڪ اهو بہ فضول آهي."

"تون صحيح ٽي چوين!" ايڊنا هنٽ وراڻي ڏني.

"جيئن مان هن وقت پاڻ صابر ۽ فلسفي ٽيڪ جي ڪوشش پئي ڪريان."

۽ ايڊنا سوال پريل نهار سان ڪيس ڏنو. هڪ وضعدار انگريز خاتون هٿ جي ناتي جيتوٽيڪ هن ڪنهن کان ذاتي سوال پڇڻ نٽي گھريو. پر انهيءَ رلٽي ملٽي ڪينيڊين چوڪريءَ سان ڳالهين جو سلسلو جاري رکيو.

"مون جرمني، نٽي اڇڻ گھريو. هن ملڪ سان تمام گھٽيون پوائٽيون ساروٽيون ڳنڊيل اٿم. منهنجي ماءُ، جا ۽ ماما. هڪ ماسي، انهن جا سمورا ٻار منهنجي ماءُ اڄ بہ ڪنهن فيڪٽريءَ جي چمنيءَ مان دونهون نڪرندي ڏسندي آهي، تہ منهن ڦيري چڏيندي آهي!"

"او."

"جيتوٽيڪ اهي منهنجي جنم کان گھٽو ٽٽو اڳ جا واقعا آهن!"

"اوهہ، مان تنهنجي ڪرسچين نالي مان سمجهيو هو تہ تون روسي نسل جي آهين، جيتوٽيڪ تنهنجو نالو خالص اينگلو سيڪسن آهي."

"منهنجو نانو روسي هو. منهنجي پيءُ جو اصل نالو ڊيوڊ گرين برگ هو، پر هن ڪينيڊا وڃي، تعصب کان پاڻ بچائڻ لاءِ فيلڊنگ ڪري چڏيو. پر مان." هن ڪجهہ اتساهہ مان چيو، " پنهنجي پيءُ جيان ڊڄڻي نہ آهيان. مان پنهنجو سڄو نالو هن ريت لکندي آهي: "تمارا گرين برگ فيلڊنگ."

"سچ پچ؟" برطانوي خاتون چيو، "ڪيڏي نہ موهيندڙ ڳالهہ آهي!"

"آدم جي اولاد جو شجرو ڏاڍو وشال آهي!" تمارا اڻ ارادي طور

ڪجھ وڌي واڪ چيو، چاڪاڻ تہ هوءَ انهيءَ ڪارڻ سدائين (متحير) رهندي هئي.

سامهون ويٺل چگي شڪل واري ماڻهوءَ، هن جو اهو ٻول ٻڌو، ۽ ڪنڌ ڪٽي ڪيس ڏسي مرڪي ڏنو. ڇڻ چوندو هجي "مان تنهنجي ڳالهہ سمجهان ٿو." چوڪريءَ من ئي من ۾ سندس ٿورو مڃيو ۽ هن کي ڏسي پاڻ ۾ مرڪڻ لڳي. "هاڻ ٿي سگهي ٿو تہ مان انهيءَ اجنبيءَ تي عاشق ٿيندي پئي وڃان."

برطانوي خاتون اٽڪل سان اهو سمجهي ورتو تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي کي موهہ سان ڏسي رهيا آهن. هڪ ئي هنڌ تي ٻہ انسان هڪ ٻئي ڏانهن موهجي وڃن تہ ائين ڪٽي سمجهو تہ انهيءَ "انڊر ڪرنٽ" کي سڀ ماڻهو ان ئي مهل محسوس ڪري ويندا آهن- چاڪاڻ تہ آدم جي اولاد جي هڪٻئي سان ڪشش جو هڪ عجيب چڪر آهي.

پوڙهو پروفيسر اڪيون ڪولي، ٻيهر دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳو.

"منهنجو نانو، جڏهن ڪريميا مان انقلاب مهل پڳو هو تہ هو پاڻ سان فقط قرآن ڪٽي پڳو هو." تمارا آهستي چيو.

"ڪوران" ايڊنا اچرج مان ورجايو.

"ها. هو موزلم هو ۽ منهنجي نانيءَ کي ٻڌائيندي هئي تہ هو اڪثر چوندو هو، قرآن ۾ لکيل آهي "دنيا ڏاڍي خوبصورت آهي. انهيءَ ۾ خوشيءَ سان رهو ۽ ٻين کي ٻہ خوشيءَ سان رهڻ ڏيو، ۽ شايد موزلم پروفٽ چيو هو تہ هن کان بهتر دنيا ٻي نٿي ٿي سگهي." سگريٽ ڪائڻ لاءِ تمارا حسب معمول، لائٽر جي ڳولا لاءِ بيگ ۾ ڦڦوٽ وڌي تہ ايراني شخص فوري طور تي جهڪي پنهنجو لائيٽر ٻاريو ۽ پوءِ موڪل وٺي تمارا وٽ ويهي رهيو.

ايڊنا هنٽ ٻئي پاسي سري ويهڻ لڳي. ايراني نما شخص دريءَ مان لنگهندڙ سهٽا منظر ڏسڻ ۾ ڪوئجي ويو. تمارا هن کي آهستي چوڻ لڳي، "هن جهونڊي کي ڪينسر آهي-۔ ۽ جن ماڻهن کي اها ڄاڻ پئجي ويندي آهي تہ چند ڏينهن بعد اهي هن دنيا مان وڃڻ وارا آهن تہ کين نڄاڻ ڇا محسوس ٿيندو هوندو؟ اهو ويچارتہ اسين جلد

معدوم ٿي ويندا سين، ۽ هي نوجوان ڏک مان مرڪڻ لڳو. "جنهن شخص کي اها ڄاڻ هجي ته هو جلد موت جي منهن ۾ وڃڻ وارو آهي، سخت دل ٿي پوندو آهي!"

همسفر پنهنجو نانءَ ٻڌايو: "وڪٽور شريفان، تبريز يونيورسٽي، هسٽري ڊپارٽمينٽ." ڪارڊ ڏنائين. انهيءَ تي نانءَ جا ڪيترا نيرا اکر ڇپيل هئا. چوڪري فطري تجسس مان پڇا ڪئي، "اين. آئي. ڪيو، يعني؟"

"نصرت الدين، امام قلي."

چوڪريءَ پنهنجو نانءُ ٻڌائڻ جي ڪاڻ نه سمجهي ڇاڪاڻ ته هن کي اها ڄاڻ هئي ته انهيءَ نصرت الدين امام قليءَ سان سندس اها پهرئين ۽ پڇاڙڪي ملاقات هرگز ڪونهي.

هڪ ڳوٺ جي اسٽيشن تي ريل بيٺي ته اخبار پڙهڻ وارو چوڪرو تڪڙو هيٺ لهي ويو. وڪتورين شريف به سندس ڪيڊ ٻاهر ويو. ٻاهر مينهن پوڻ شروع ٿي ويو هو. وڻ، ۽ گل ۽ گاهه پاڻيءَ ۾ پئي جرڪيا. ايڪڙ، ٻيڪڙ، مسافر، برساتيون ڏيکيون چپ چاپ بيٺا هئا: ڪجهه پلن بعد ئي ايراني پروفيسر وڏيون وڏيون وڪون ڪٽندو ڪمپارٽمينٽ ۾ موٽي آيو. سندس ۾ هٽ لالا جي گلن جا ٻه گلدستا هئا. جيڪي هن ڏاڍي نوڙت مان نوڙي برطانوي ۽ ڪينڊين خواتين کي پيش ڪيا ۽ پوءِ وڃي پنهنجي جاءِ ورتائين.

اڌ ڪلاڪ گذري ويو، پوڙهو سمهي پيو هو. ٻي ڪنڊ ۾ سندس ٽلهي ڏيءَ پنهنجي ٻانهن تي مٿو رکيو جهوٽا کائي رهي هئي- اوچتو ايراني وڪتور ڪينيڊين چوڪريءَ کي چيو، "تمارا خانم، ڪيستائين مون ساڻ رهندين؟"

هن سندس سوال جو مطلب سمجهي ورتو. ڪيس اڄ ڏينهن تائين ڪنهن تمارا خانم چئي نه ڪونيو هو. اصل ۾ هوءَ پنهنجي گهر ۽ ڪاليج ۾ ٽم ڪري ڪوٺي ويندي هئي، ڪٽي اهو ڪنوتم ۽ ڪٽي تمارا خانم! جڏ سرود وڄي رهيو هو، يا عمر خيام جي ڪا مصرع. تمارا خانم جي ايراني واقفيت فقط ايڊورڊ فٽز جيرالڊ تائين محدود هئي. هن انهيءَ ئي ڪيفيت ۾ چيو، "جيستائين ٿي سگهيو!"

بهرحال هو ٻئي هڪ ئي هنڌ ڏانهن پئي ويا. تمارا ايراني پروفيسر جي سوٽ ڪيس تي لڳل ليبل پڙهي ورتي هئي.

"تون اتي پڙهڻ پئي وڃي يا سير ڪرڻ؟"

"پڙهڻ! بايو ڪيمسٽري- مون کي هڪ اسڪالرشپ ملي آهي ۽ تون ظاهر آ پڙهائڻ پيو وڃين؟"

"فقط ڪجهه ڏينهن لاءِ. منهنجي يونيورسٽي هڪ ضروري ڪم سان موڪليو اٿم."

ريل قرون وسطيٰ جي هڪ ويران ۽ بيابان يونيورسٽي ٽائون ۾ داخل ٿي.

ٻئي ڏينهن هو انجام موجب هڪ ڪيفي ٽيريا ۾ گڏيا. ڪائونٽر تان ماني کڻڻ بعد هڪ دريءَ واري ميز وٽ وڃي ويٺا. دريءَ جي ٻئي هيٺان سٿي ڏيک واري ندي وهندي پئي وئي.ٻئي ڪپر تي هڪ سينور لڳل گوٿڪ ديول هئي ۽ ڪارا گائون پهريون انبر گرئجوئيٽ نديءَ جي پل تان وڃي رهيا هئا.

"ڏاڍو سٺو شهر آهي." تمارا اوچتو چيو. جيتوڻيڪ هن جرمنيءَ جي ڪنهن به شيءِ جي ساراهه نٿي ڪرڻ گهري.

وڪتور نصرت الدين ڏاڍو رلٽو ملٽو شخص هو. هو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري ڪيس ڪلائيندو رهيو. تمارا ڪيس ٻڌائڻ جي ضرورت ئي نه محسوس ڪئي ته هوءَ جرمنيءَ کان ايتري ڪڪ چو هئي.

اوچتو نصرت الدين اصلوڪي ايراني لهجي ۾ هن کي چيو. "خانم جون!"

"هان. جون جو مطلب؟"

"زندگي!!"

"وندرفل، ان جي معنيٰ اها ٿي ته مان تنهنجي زندگي آهيان!"

هن لاپرواهيءَ مان هٿ لوڏيو. "ها، ها. منهنجي زندگي! ٻڌ خام جون! هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايانءِ- تون منهنجي ڏاڏيءَ جيان لڳين ٿي."

"واهه سائين واهه. توهان کان وڌيڪ مانائتو شخص دنيا ۾

ڪونہ هوندو، هڪ چوويهن سالن جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڏاڏي پيو ٿاهين!"

"والله، ڪنهن ڏينهن توکي هن جي تصوير ڏيکاريندس!"

ٻئي ڏينهن شام جو هو سندس هاسٽل جي روم ۾ آيو. تمارا ايجا تائين سوٽ ڪيس بند ڪري پنهنجو سامان ٻہ سهيڙي نہ سگهي هئي. سموري صفي ۾ شيون وکريل هيون.

"ڏاڍي سست ڇوڪري آهين. ڪوبہ سمجهو ماڻهو توسان وهاڻ نہ ڪندو!" هن بخاري جي سامهون چمڙي جي آرام ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

تمارا جلدي جلدي ڪجهہ سامان کٽي هڪ پاسي رکيو.

"سمورا ماڻهو هينئر ئي مون کان سڙڻ لڳا آهن، تہ مون ايندي شرط ڪيمپس جي سپ کان سهڻي ڇوڪريءَ کي چونڊي ورتو!"

"چونڊي ورتو؟ ڇا عرب شيخن جيان توهان ٻہ حرم رکندا آهيو؟" تمارا ڪوڙ پچاڻي کاوڙ مان چيو.

هو زور سان کلي ڪرسيءَ تي اهلجي پيو. دريءَ جي ٻاهران صنوبر جي پنن ۾ سُوسٽ ٿيو.

"اها ٻہ هڪ عجيب، عياش ڏڇڻي ۽ تهاري قوم آهي." تمارا وڌيڪ چيو. ۽ ڪهڻ جو تاڪ زور سان بند ڪري ڇڏيو. ڪهڻ جي قد آدم آرسيءَ ۾ هن جو موهيندڙ پروفائل ڏسڻ ۾ آيو. هوءَ مٽس وڌيڪ موهجي پئي.

"تون بلڪل صحيح ٿي چوين، خانم جون، اسان ايرانين جي ڪڌهن ٻہ عربن سان نہ پئي، اسين تہ ڪين ڪاڪروچ واپرائيندڙ ڪونيندا آهيون!" نصرت مرکي کٽي پائپ ٻاريو.

"ڪا ڪروچ ڪائيندا آهن؟" تمارا اچرج مان پڇيو. ۽ منهن کي موڙو ڏيندي چوڻ لڳي، "اڻ سڌريل، بدو، مشرقي! معاف ڪجانءِ، منهنجو مطلب رڳو اهو آهي تہ توهين تہ انهن کان گهڻو الڳ آهيو. ايرانين کي تہ مڊل ايسٽ جو فرينچ مين ڪونيو ويندو آهي."

"درست. مشتڪرم. مشتڪرم!"

"ترجمو ڪر."

"جي! ٿينڪس-" هن نڪ مان ڳالهائيندڙ آمريڪي ماڻهن جيان چيو.

هوءَ ٿڪ ڏيئي کلڻ لڳي، "تون ته سٺو ايڪٽر به آهين. گهٽ ۾ گهٽ تي. وي استارته بڻجي سگهين ٿو."

"واقعي؟ ته پوءِ تون سگهوئي مون کي ٿي. وي اسڪرين تي ڏسندينءَ."

"تون به ائڪٽنگ ڪندو آهين چا؟"

"ها- ڪاليج ۾ ته سدائين روميو هي بندو ٿيندو هوءِ فرهاد پڻ."

"فرهاد ڪير؟"

"هو هڪڙو ماڻهو، آغا فرهاد بيگ!" هن نظاميءَ جا ڪجهه شعر پڙهيا، ۽ سندن ترجمو پڻ ڪيو ۽ پوءِ پروفيسرن جيان، جڻ ڪنهن ڪلاس کي پڙهائيندو هجي، هن رستي جو نقشو ويهي سمجهايو. جتان کان آرمينا جي شهزادي شيرين پنهنجي وطن، آذربائيجان مان لنگهندي خسروءَ جي گادي واري شهر پهتي هئي. پوءِ هن ڪوهه بيستون جي جاگرافي انميءَ ڪينيڊين ڏاهي چوڪريءَ کي ياد ڪرائي.

چنچر واري شام جو هوءَ پهريون پيرو وڪتور شريفان جي رهڻ واري جاءِ تي ساڻس گڏ ويئي. ڪيمپس کان ڇڪو پنڌ پري صنوبرن جي جهڱٽي ۾ لڪل هڪ پراڻي عمارت جي ٻئي ماڙ تي هن جو ٻن صفن وارو اپارٽمينٽ هو.

صفي ۾ گهڙندي ئي نصرت الدين ٽيمپ ٻاريو. تمارا ڪوٽ لاهي ان کي ڪرسيءَ تي رکندي چئني پاسي نهار ڊوڙائي. فارسي ڪتاب ۽ مخزنون هر پاسي ٽڙيا پکڙيا پيا هئا.

تمارا کي اها ڄاڻ هئي ته هاڻ اهو سوين پيرا ورجايل نقشو، ورجايو ويندو. هو ريڊيو گرام تي رڪارڊ وڄائيندو، پوءِ ڪانئس پڇندو ته ڪيس ڪهڙو شراب وٺي ٿو ۽ ان مهل سموري اولهه جي اڻ ڳٽيل ڪمرن ۾ اهوئي ناٽڪ رچايو ويندو هوندو ۽ هوءَ انميءَ ناٽڪ ۾ هن ماڻهوءَ سان پاڳي پائيوار ٽيندي ناخوش نه هئي.

نصرت اوچو فرانسيسي شراب ۾ ٻه گلاس سائيڊ بورڊ مان ڪڍيا ۽ پوءِ ڪوچ ڏانهن آيو ۽ نوڙي چوڻ لڳو، "تمارا خانم هاڻ اها محل اچي ويئي آهي ته مان توکي پنهنجي ڏاڏيءَ سان ملايان."

هوءَ لڇي ٽي ويئي، "خبر اٿئي ته اسان وٽ هتي اولهه ۾ انهيءَ جملي جو ڪهڙو مطلب هوندو آهي؟"

"خبر اٿم-" هن ڪجهه لاپرواهيءَ مان چيو پر سندس لهجي جي انهيءَ ننڍڙي لاپرواهيءَ کي تمارا سختيءَ سان محسوس ڪيو- پوءِ نصرت الدين ڪبٽ مان هڪ ننڍڙو آلبم ڪڍيو ۽ ان جو هڪ ورق اٽلائي سندس آڏو ڪيو.

هڪ ڏاڍي سهڻي چوڪري گذريل صديءَ جي مڊل ڪلاس جي پوشاڪ پهريو هڪ فرينچ قسم جي ڪرسي تي ويٺي هئي. جنهن جي پويان مالڪن جا وڻ هئا، "ڏاڏي امان! ۽ اهو اسان جو مالڪن جو باغ هو!"

تمارا ڏٺو ته ڏاڏيءَ ۾ سندس ٿورڙي مشابهت ضرور هئي- هن ٻيو صفحو اٽلائڻ گهريو ته نصرت الدين تڪڙو پر ڏيرج سان آلبم سندس هٿن مان کسي ورتو، "تمارا خانم وقت نه وڃاءِ وقت تمام گهٽ آهي."

تمارا سينڊل لاهي پير ڪٽي ڪوچ تي رکيا ته هو سندس ويجهو اچي ويٺو ۽ هن جي پيرن تي هٿ رکي چوڻ لڳو، "همڙا نازڪ ۽ پدمڙا پير! تون پڪ ڪنهن شاهي ڪٽنب مان آهين."

"آهيان ته سهي!"

"ڪهڙي ڪٽنب مان؟"

"هز ميجسٽري اعليٰ حضرت تنهنجو والد يا چاچو يا ڏاڏو هن وقت سئيزرلينڊ جي ڪهڙي ڳوٺ ۾ پناه گير ٿي رهيل آهن؟"

"منهنجو پيءُ ٽورنٽو ۾ هڪ گارمينٽ فيڪٽري جو مالڪ آهي،" تمارا نه ڏٺو ته ان محل هڪ هلڪڙو پاڇو وڪتو شريفان جي مک تان لنگهي ويو.

"پر منهنجو نانو ڪريمان جي ڪٽنب مان هو."

"او هو خواتين ڪريميا! حاجي سليم گرائي قر دولت گرائي،

محمود گرائي..... ڪهڙا گرائي؟"

"نصرت مون کي اها ڄاڻ آهي ته تون تاريخ جو استاد آهين. مون تي اهو رعب نه وجهه ته ڪير آهن گرائي. مان ته اهي نالا به هن وقت تنهنجي واتان ٻڌا آهن.

"ها ته تنهنجو نانو بالشويڪ انقلاب کان پوءِ پيرس هليو آيو."

"ها اها ئي پراڻي ڪهاڻي، پيرس آيو ۽ اتي اچي هڪ ريسٽوران ۾ نوڪري ٻينو ۽ ريسٽوران جي مالڪ جي سٺي ڌيءَ روزلين سان شادي ڪري ڇڏيائين. روزلين جو پيءُ ڏاڍو ڪاوڙيو چاڪاڻ ته سندس ٻين ڏيئرن هتي جرمنيءَ ۾ پنهنجي هم مذهبن سان شاديون ڪيون هيون." هوءَ اوچتو مان ٿي ويئي. هاڻ سندس مُک تي هڪ هلڪڙو پاڇو لنگهي ويو. جنهن کي نصرت الدين امام قلي ڏسي ورتو.

ڪجهه پلن بعد تمارا ٻيهر چوڻ لڳي، "روزلين جو پيءُ سچ پچ ڪاوڙيل هو. جڏهن روزلين ڪيس ڦوڪجي اهو چوندي هئي ته هن هڪ روسي شهزادي سان شادي ڪئي آهي، ته هو وڏي واڪ چڙ مان وراڻي ڏيندو هو، ته اڄ ڪلهه هر ايرو غيرو، ٽانگي وارو، يا پنگي به جيڪو روس مان پڄي هتي پيو اچي، اهو پاڻ کي ڪو ڊيوڪ ۽ ڪائونٽ کان گهٽ نٿو سمجهي. تنهنجو تاتاري مڙس به ڪريميا جي ڪنهن ڪتنب جو چوڌدار رهيو هوندو. نانو ويچارو ٽن سالن بعد ڌٽيءَ کي وڃي پرتو. اصل ۾ ڪيس جلاوطني جو ڏک ڪائي ويو."

هاڻ شريفان جي مُک تان هڪ ٻيو پاڇو لنگهي ويو. جنهن کي وري به تمارا نه ڏٺو.

"منهنجي ماءُ سندس اڪيلي ڌي هئي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ممي هڪ پولشن پناهگير سان وهانءَ ڪري ورتو. اهي ٻئي آزاد فرانسيسي فوج ۾ گڏ لڙيا هئا. لڙائي کان پوءِ هو فرانس مان لڏي آمريڪا اچي ويا. جڏهن مون جنم ورتو ته ممي منهنجو نالو پنهنجي هڪڙي مرحيات پڦيءَ جي نالي تي تمارا رکي ڇڏيو. اها پڦي به روسي گهرو لڙائي ۾ مارجي ويئي هئي. اسان جي ڪتنب ۾، نصرت الدين، ائين پائنجي ٿو ته هر نسل ٻنهي طرفن کان سواءِ ٻيانڪ موت جي

ڪجھ بہ ناھي ڏنو!"

"ھا ڪجھ ڪٽنب ۾ ڪجھ نسل اھڙا بہ ھوندا آھن،" نصرت الدين ٻيھر پڇيو. "ھاڻ تنھنجي قوميت ڪھڙي آھي؟"

"ڪينيڊين"

ايراني پروفيسر شراب گلاسن ۾ اوتيو ۽ مرڪي چوڻ لڳو. "تنھنجي ناني ۽ منھنجي ڏاڏيءَ جي نانءَ!" ۽ ھنن گلاس پاڻ ۾ ٽڪرايا.

ٻئي ھفتي جو ذڪر آھي. سج لھي رھيو ھو. ۽ ھو ٻئي ھڪ ريسٽوران ڏانھن ويندي بازار مان لنگھي رھيا ھئا. اوچتو ھو راندیڪن جي ھٽ آڏو بيھي رھيو ۽ درين ۾ سينگاريل گڏين کي ڏاڍي پاڻھ مان تڪڻ لڳو.

"توکي تہ ڪوڙ سارا پاڻيجا، پائٽيا ھوندا نصرت الدين؟". تمارا پڇڻ لڳي.

ھو ڏانھس مڙيو ۽ ڏاڍي سادگيءَ مان چوڻ لڳو. "مون کي پنج ٻار ۽ ھڪ سندن ماءُ يعني زال پڻ آھي. منھنجي سيڪ کان وڏي نينگري 18 سالن جي آھي، جنھن جو وھانءَ بہ ٽيڻ وارو آھي ۽ سندس مگيندو منھنجي ياءُ جو پٽ آھي ۽ اسان جي ايئر فورس ٽيسٽ پائلٽ آھي، ان لاءِ ڪابہ جاڻ نہ آھي، ڏاڍي پوائنٽي زندگي آھي ويچاري جي." ھو يڪدم مان ٽي ويو.

ان مھل تمارا کي اھا جاڻ پئي تہ جڏھن ڪنھن جي منڊان اڏ رنگ جو حملو ٽيندو آھي تہ اھو ڪيئن لڳندو ھوندو. ھن آھستي گنيئير آواز ۾، جنھن مان اھو ظاھر نہ ٽيندو ھجي تہ ڪيس شڪ پيو آھي، چوڻ لڳي. "تو ڪڏھن ٻڌايو ئي ڪونہ!"

"تو بہ ڪڏھن پڇيو ڪونہ." ھن مرڪندي وراڻي ڏني. اوچتو تمارا ھن کي پھريون پيرو ڏٺو: ھو ھڪ سنگي انسان ھو. ڪوہ بيستون جي پٿرن مان گھڙيل مجسمو!

ھڪ ھفتو ٻيو ھفتو لنگھي ويو. تمارا جي ساٿس اھڙي ئي ريت ملاقات ٽيندي رھي. ھو ڪيس اولھ جي Permissive سوسائٽيءَ

جي هڪ رولا ڪ عام چوڪري سمجهي ٿو تہ پلي پيو سمجهي. هوءَ تہ مٿس سچيءَ دل سان موهجي پئي هئي. ۽ مٿس ساهہ ٿي گهوريائين.

هڪ رات ندي‌ءَ جي ڪپر تي بينچ تي ويهندي نصرت الدين تمارا کي چوڻ لڳو. "هيلو خواند خاتون."

"ڪير؟"

"علاؤ الدين ڪيفباد جي راڻي."

ڪڏهن هن ڪيس تکان خاتون ڪري ٿي ڪونيو. ڪڏهن ملڪ شاهہ سلجوقي جي راڻي تہ ڪڏهن شهزادي ساڻي بيگم. "چاڪاڻ تہ تو ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن سيڪڙو تاتاري رت تہ آهي ئي آهي ۽ ٻڌ. ائين ڪٽي سمجهہ." ندي‌ءَ جي ڪپر تي انهي‌ءَ رات هن ڪيس چيو. "جيڪر تنهنجو نانو ڪريميا ۾ رهجي وڃي ها. ۽ اتان جي ڪنهن خانزادي‌ءَ سان وهان‌ءُ ڪري ها ۽ تنهنجي امڙ فرض ڪر تہ اسان جي ڪنهن اوغلو بادشاهہ سان پرٽجي تبريز اچي ها تہ تون منهنجي "گل چهرن" خانم بنجي وڃين ها!"

اوچتو هو سڏڪا پري روئڻ لڳي: نسل. رت. ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ هو ڏاڍا بيرحم هئا.

نصرت الدين سندس روئڻ کان صفا نہ گهبرايو ۽ نرمي‌ءَ مان چوڻ لڳو. "هل بيبي جون گهر هلون."

"گهر؟" هن ڪنڌ مٽي ڪٽي چيو. "منهنجو گهر ڪٽي آهي!"

"تنهنجو گهر تورنٽو ۾ آهي- پر تو ڪڏهن مون کان ناهي پڇيو تہ منهنجو گهر ڪٽي آهي." نصرت ڪجهہ ڪوڙاڻ مان چيو. ۽ هوءَ روئيندي رهي. پر اوچتو سندس من ۾ اميد جي مدم لاٽ روشن ٿي. هي پڪ پنهنجي زال کان خوش نہ آهي. سندس گهريلو زندگي‌ءَ ۾ سکون ڪونهي. انهي‌ءَ ڪري ئي ائين چوي پيو تہ منهنجو گهر ڪٽي آهي.

انهن سمورين چوڪرين جيان جيڪي مشرقي نوجوانن سان عشق دوران سندن ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. تمارا

ڏاڍي شوق مان فارسيءَ جا چند جملا ياد ڪرڻ ۾ رڌل هئي. هڪ ڏينهن ڪيفي ٽيريا ۾ هن ڪيس چيو، "آغا، انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونهي تہ پاڻ جڏهن پوڙها ٿي وڃون، تڏهن ٻيهر ملون"

"ها، انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونهي."

"اڄ کان ويهہ ورهيہ پوءِ جڏهن تون مورخن جي ڪنهن ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ لاءِ مونٽريال اچين، يا يو. اين. او ۾ ايراني ايلچي بڻجي نيويارڪ ايندين!"

"۽ تون ڪنهن آمريڪن ڪروڙپتي جي ٽلهي وڌوا هجين!"

"ها ۽ ٽفني‌ءَ ۾ اسان جو اوچتو مکا ميلو ٿي وڃي، جتي تون پنهنجي ڏوهٽيءَ جي مڱڻيءَ جي مُنڊي ڳنهڙ آيو هجين، ۽ ان ويچار ۾ پئجي وڃين تہ مون انهيءَ ٽلهي عورت کي پهرئين ڀ ڪٽي ڏٺو آهي- فارسيءَ ۾ پوڙهي مائيءَ کي ڇا چوندا آهن؟"

"پيرزن"

"۽ عربيءَ ۾؟"

"مون کي عربي نہ ايندي آهي، البت ترڪي ۽ فرينچ ۾ ٻڌائي سگهان ٿو."

"ٻڌ، نصرت الدين هڪ ڳالهہ ٻڌ. اڄ صبح جو مون پنهنجي پاڻ سان هڪ پوائنٽو وچن ڪيو آهي."

"ڪهڙو؟"

"جڏهن مان انهيءَ آمريڪي ڪروڙپتي سان وهانءَ ڪنديس."

"جيڪو السر سبب توکي جلد رنڊ زال ڪري ويندو!"

"ها، پر انهيءَ کان اڳ هڪ پيرو، فقط هڪ پيرو، تون جتي ٻہ هوندين، تبريز، اصفهان، شيراز، مان اتي پهچي پنهنجي انهيءَ بيوقوف مڙس سان ضرور بيوفائي ڪنديس. ضرور بالضرور!"

"نصرت ڏاڍي پاڻهہ مان سندس مٿي تي هٿ ڦيريو."

"ڪنهن مهل تون مون کي پنهنجي ڏاڏيءَ جيان لڳندي آهين، تہ ڪنهن مهل منهنجي ڏيءَ جيان. هوءَ ٻہ تو جيان پنهنجي "ابن عم" کي ائين ئي پائيندي آهي!" ۽ پوءِ هو ملول نظر آيو.

"آغا تون بہ مون کي پنھنجي بنت ڪري سمجھہ."

"تون منھنجي بنت عم تہ آھين."

"چاڪاڻ تہ پاڻ سڀ آدم جو اولاد آھيون. ها نہ؟"

"اولادِ آدم. اولاد ابراھيم. آلِ يافث، آلِ اسحاق، آلِ اسماعيل، مان انسانن جي شجري جي انھيءَ ڇڪرتي وڏيڪ ڳالھائي سگھيس ٿي- پر تمارا خانم، ھاڻ ماني کائڻ شروع ڪر."

ھوءَ ريسٽوران جي پٽ تي لڳل آرسيءَ ۾ سندس پروفائل ڏسي چوڻ لڳي:

"مون اڄ ڏينھن تائين اھڙو سھڻو نڪ ناھي ڏٺو! آغا تو ۾ نرگسيت پڻ آھي."

"ھا." ھُن کيچلائپ مان مرڪي ڏنو.

ان مھل اوچتو تمارا کي ھڪ قديم فرانسيسي دعا ياد اچي ويئي، جيڪا برٽيني جا مھاڻا سمنڊ ۾ پنھنجي ٻيڙي لاھڻ کان اڳ ۾ پڙھندا ھئا:

"اي مھان ڏاڻي.

"منھنجي حفاظت ڪجانءِ.

"منھنجي ٻيڙي ننڍي.

"پر تنھنجو سمونڊ ڏاڍو وشال آھي."

ءِ ھن من ئي من ۾ ورجايو:

"اي مھان ڏاڻي،

ھن جي ٻيڙيءَ ننڍي،

ءِ تنھنجو سمنڊ!"

"آغا ھڪ ڳالھہ تہ ٻڌاءِ!"

"ھون. ھون."

"تو اڃوڪي اخبار پڙھي آ؟ تنھنجي ملڪ جا سمورا ڏاھا ءِ عقل جا ڳولائو، شھنشاھہ خلاف اٿي ڪڙا ٿيا آھن. ھنن برلن ۾ ڪالھہ ھڪ وڏو جلوس ڪڍيو ھو."

"پڙھيم."

"تون ڪٽي جلاوطن ايراني ته نه آهين؟"

"نه. منهنجو سياست سان ڪوبه واسطو ڪونهي تمارا خانمر مان چوڪرن کي پاڙهيندو آهيان!"

"چگو، شڪر آهي، پر ڏس ڪنهن ڏڦيڙ ۾ نه پئجانءِ، هر پاسي اڄ ڪلهه دنيا ۾ خطرو ئي خطرو آهي. پنهنجي سنپال ڪجانءِ!"

"چگو!"

انهيءَ رات هو روز جيان نديءَ ڪناري ويٺا هئا. تمارا چوڻ لڳي، "جڏهن اسين پنهنجي ديس واپس ورنداسين ته مون کي ڪيتريون ڳالهيون ياد ايندیون. ڪيتريون ئي هزارين ڳالهيون. توکي ته خير ڪڏهن منهنجي ياد به نه ايندي. توهان مشرقي ماڻهن جي اها عادت آهي، ته يورپ آمريڪا ۾ اچي چوڪرين سان گهميو ڦريو ۽ واپس هليا وجو- ٻڌاءِ ڪڏهن مون کي ياد ڪندين؟"

هو مرکي چپ چاپ پائيپ چڪيندو رهيو.

"تون، نصرت الدين امام قلي، منهنجي دل رکڻ لاءِ ايترو به نٿو چئي سگهين ته گهٽ ۾ گهٽ سال بسال هڪ "نيوائيرز" ڪارڊ ئي موڪليندو رهندين- تو ته اڃا منهنجو پتو به نوٽ بوڪ ۾ نه لکيو آهي"- هن نصرت جي ڪوٽ جي کيسي مان ڳولي نوٽ بوڪ ڪڍي پوءِ ان جو ٽي (T) وارو صفحو اٽلائي پنهنجو نالو ۽ پتو لکيو ۽ چوڻ لڳي، "هتان وڃي مون کي خط لکجانءِ."

"مان غلط وچن ڪڏهن به نه ڪندو آهيان."

هو اٿي ڪڙي ٿي، ۽ ڪجهه خفي ٿيندي اڳيان هلڻ لڳي ته نصرت ماڻ ڪري کيسي مان نوٽ بوڪ ڪڍيو ۽ اهو صفحو ڦاڙي، ان جا ننڍڙا ننڍڙا ذرا ڪري، انهن جي هڪ گولي ٺاهي نديءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏي.

صبح جو اسرويل تمارا جي اک کلي ته هن وهاٽي تان ٿورو ڪنڌ مٿي ڪري دريءَ مان ٻاهر نهاريو. صبح جي روشني روپي پاٽيءَ جيان صنوبر جي باغ تي پکڙجي رهي هئي. ڪجهه پلن بعد هن نيٺ ٻوٽيا ۽ پوءِ ٻيهر سمهي پئي.

سو ائين انين وڳي ڏاري جڏهن هوءَ هنڌ مان اٿي تہ نصرت الدين ٽيبل تي نيرن رکڻ ۾ رڌل هو.

اوچتو فون جي گهنٽي وڳي. تمارا، پاسو ورائي سستيءَ مان هٿ وڌايو. ٽيلي فون پلنگ جي سيراندي‌ءَ سٽيل ڪتابن تي رکيل هو. هن ڪجهہ رڙهي ريسور کنيو. ۽ "هيلو" چوڻ بدران، نصرت کي اشاري سان سڏيو.

"هو ڊُڪ پائي آيو ۽ رسيور هٿ ۾ ڪٽي ڪنهن سان فرينچ ۾ ڳالهائڻ لڳو.

ڳالهہ پوري ڪري نصرت نوڙي ڪيس ڇيو:

"خانم جون، هاڻ اٿ!"

هُن سستيءَ وچان گهڙيال تي نهار ڊوڙائي، ۽ منٽ جي سئي کي هوريان هوريان رڙهندي ڏسڻ لڳي. نصرت رڌڻي ۾ ويو ۽ قهوي جي ٽري کڻي اچي ميز تي رکي تمارا کي سڏيائين ۽ دريءَ ويجهو بيهي قهوو پيئڻ ۾ مشغول ٿي ويو. سندس هڪ هٿ ۾ ٽوش هو، ٻئي ۾ ڪوپ . هو تکڙو تکڙو ٽوش کائيندو پئي ويو ۽ باغ کي بہ تکيندو ٿي رهيو. اچي جاريءَ جي پڙدي جي مقابلي ۾ سندس پروفائل ڏاڍو موهيندڙ پئي لڳو. تمارا ٽپ ڏيئي پلنگ تان اٿي ۽ سندس ويجهو وڃي لاڏ مان چوڻ لڳي، "اڄ ايتري تکڙ ڇو لاتي اٿئي؟ تون تہ سدائين اويل ڪم تي ويندو آهين!"

"سادي نائين وڳي وائيس چانسيلر سان اپائنٽمينٽ اٿم۔" هن گهڙيال تي نهار ڊوڙائي وراٽي ڏني، "جهٽ پٽ تيار ٿي نيرن ڪري وڃ. توکي رستي ۾ لاهيندو ويندس!"

ٽيڪ پوڻي نائين وڳي هو ٻئي عمارت مان ٻاهر نڪتا. صنوبر جي جهگٽي وٽان لنگهندي هو رستي ڏانهن روانو ٿي ويا. رات مينهن وٺو هو، جنهن جي ڪري ڏاڍي سٺي هوا پئي گهلي. گاهہ ۾ ٽڙيل زرد گل انهيءَ هوا ۾ پئي لڏيا.

هُو ڏهن منٽن تائين رستي جي ڪناري ٽيڪسي جي اوسيئڙي ۾ بيٺا رهيا۔ ايتري ۾ هڪ بس نظر آئي. نصرت چتائي ان

جو نمبر پڑهيو. ۽ تمارا کي چوڻ لڳو. "اها تنهنجي هاسٽل ڏانهن نه ويندي، تون ٻيءَ بس ۾ وڃجانءِ. مان انهيءَ ۾ وڃان ٿو." هن بس کي هٽ ڏنو ۽ تمارا ڏانهن مڙندي چيو. "خدا حافظ!" ۽ ڊڪ پائي بس ۾ سوار ٿي ويو.

شام جو ڪلاس مان ورندي، تمارا روز جيان ڪيس فون ڪئي. گهنٽي وڄندي رهي پر هو شايد ايجا تائين نه وريو هو.

ٻئي ڏينهن آچر هو. ان ڪري هو دير سان سمهي اٿي. سنڊس جرمن روم ميٽ ٻاهر وڃي چڪي هئي. هن اُٿي روز جيان در جي هينان پيل "سنڊي ايڊيشن" کنيا. سڀ کان مٿئين اخبار جي هيڊنگ ۾ اها ٻيانڪ خبر چپيل هئي. جنهن سان گڏهن جي تصوير پڻ چپي هئائون. هو وڪتور نصرت الدين امام علي قلي شريفيان پروفيسر تاريخ تبريز يونيورسٽي ۾ نه هو. هو ايراني ۾ نه هو. پر اخبار ۾ جيڪو هن جو نالو چپيل هو اهو ۾ اصل ۾ سنڊس اصلي نالو نه هو. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻي تصوير ان سنهڙي نوجوان جي هئي، جنهن ريل ۾ سمورو وقت اخبار پئي پڙهي ۽ جيڪو ماڻ ۾ هڪ ڳوٺ جي اسٽيشن تي لهي ويو هو.

پسگردائي جي هڪ شهر جي هوائي اڈي تي جهاز تي دستي بمن ۽ مشين گنن سان حملو ڪندي اهي ٽيئي ڇڪا ماريا ويا هئا. ۽ نصرت الدين حملو ڪرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرئين دستي بم هٽي پاڻ کي ماري ڇڏيو هو. ۽ پنهنجي مرضيءَ سان سدائين لاءِ معدوم ٿي ويو هو.

هوءَ سڄو ڏينهن اڏ مُئي ٽيو پلنگ تي پئي هئي. سنڊس ذهن ۾ لڳاتار تسمين قسمين تصويرون پئي ڦريون، جيئن انسان کي راهه هلندي يا هائي بلڊپريشر جي حملي ۾ انيڪ ڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. رنگ رنگ موتين جون جهالرون، سمنڊ، ٽڪنڊيون شڪليون، باهه ۽ آواز. شايد هوءَ (Clareaudience) جو شڪار ٿيڻ ويئي هئي جاڪاڻ ته سنڊس ڪنن ۾ ڇڻا ڦڻا آواز اهڙيءَ ريت پئي ٻڌڻ ۾ آيا، جيئن ڪوئي سنڊس پر ۾ ويهي ڳالهيون ڪري رهيو هجي، ريل جو

گوڙ ۾ مون کي تنهنجي اها ڳالهه جگيءَ ريت ياد ٻيٺي آهي.

"جنهن شخص کي اها ڄاڻ هجي ته هو جلد موت جي منهن ۾ وڃڻ واروا آهي، ته اهو سخت دل ٿي پوندو آهي! ۽ هي اسان جو مالڪن جو باغ هو- تو ته ڪڏهن مون کان ناهي پڇيو ته منهنجو گهر ڪٿي آهي، وندر فل.

"مان تنهنجي زندگي آهيان! ها، منهنجي زندگي! جانِ من، هل، وقت ڪونہ اٿئون. منهنجيءَ ڏيءَ جو مگيندو، ڏاڍي پيانڪ زندگي آهي، هُن ويچاري جي- مون کي عربي نٿي اچي. هلو ترڪان خاتون. مان ڪوڙا وچن نہ ڪندو آهيان. اهڙا وچن ڪڏهن ب نہ ڪندو آهيان، جيڪي پاري نہ سگهان. تون ب ته منهنجي بنت عم آهين. آلِ اسحاق، آلِ اسماعيل مان بني آدم جي شجري جي انهيءَ چڪر تي وڌيڪ ڳالهائي سگهان ٿو. پر تمارا خانم ماني ڪائڻ شروع ڪر. ڏس نصرت، ڪنهن ڏڪيڙ ۾ ڦاسي نہ پئجانءِ. هر پاسي دنيا ۾ خطرو ئي خطرو آهي. پنهنجي سنڀال ڪجائين، چگو رڪندس شهزادي ساقي بيگ."

شام لٿي، پالا سندس روم ميٽ ڪمري ۾ گهڙي، ۽ بتي ٻاري تمارا کي ڏسڻ کان سواءِ بي ڌيانيءَ ۾ ميڪانيڪي انداز ۾ هٿ وڌائي ٽيلي ويزن جو سوئچ آن ڪيو ۽ چپن ۾ ڪجهه ڳالهائيندي بالڪونيءَ ۾ هلي ويئي.

تمارا پاسو ورايو ۽ ڏرا ڏيئي ويل نيٽن سان برفيلي نيري اسڪرين کي ڏسڻ لڳي.

ڪجهه ديرکان پوءِ "نيوز ريل" شروع ٿي. اوچتو هُن جو ڪلوزاپ سامهون آيو، اڏ چهرو، اڏ دستي بم سان اڏامي ويو هيس. فقط پروفائل باقي هو. دماغ ب اڏامي چڪو هيس. ايئر پورٽ جي چمڪندڙ شفاف فرش تي سندس مغز تڙيو پکڙيو پيو هو ۽ آندا، ڪارو جميل رت، ڪٽيل هٿ، ڪارتوس جي پيٽي، گوشت ۽ هڏن جو ڍير- تون سڀ ايڪٽر آهين، گهٽ ۾ گهٽ تي وي استار ته بڻجي سگهين ٿو. واقعي؟ ته پوءِ جلد تون مون کي ٿي وي اسڪرين تي ڏسي ونندينءَ!!

ڪئميرا پوئتي هٽي. لالا جو هڪ گلدستو، جيڪو ڦڙڪوت ۾ پڄ پڄان ۾ ڪنهن مسافر جي هٿن مان ڪري پيو هو. پاسي ۾ "نصرت الدين" جو ڪٽيل هٿ. لالا جا گل، سندس رت ۾ رڱيل، پوءِ سندس اڌ چهرو ۽ گوشت جو ڍير، انهيءَ ڍير کي ڏسي تمارا کي اوڪارو آيو ، هوءَ ڦيراتي کائي اٿي، ۽ وهنجڻ جي جاءِ ڏي پڄڻ گهريو. سندس پيانڪ رڙ ٻڌي پالا سندس روم ميٽ بالڪنيءَ مان ڏڪون پائيندي آئي.

تمارا ڏٺو، پالا جو منهن نيرو ۽ سفيد هو. پالا يڪدم ڪٽي تي وي بند ڪئي ۽ ڪيس فرش تان کڻڻ لاءِ نوڙي.

پالا جي مٿي تي اڇو اسڪارف ٻڌل هو، جڻ نرس آپريشن جي ٽيبل تي ڪينسر جي مريض کي ليتائيندي هجي. يا هن کي هڪ ٽرالي تي ويهاري گيس چيمبر ڏانهن نيو ويندو هجي. ۽ پاسي واري کوري ۾ جيئرا جاڳندا انسان چڪيا تي چاڙهيا پئي ويا. ۽ ان جو دونهون چمنين مان نڪري آڪاس جي نيراڻ ۾ گم ٽيندو پئي ويو.

هاڻ هوءَ هڪ نيري هال ۾ موجود هئي. پٽيون، فرش، ڇت، برف جيان نيريون، ۽ سرد ڪمرن اندر ڪمرا، گيلريون، سڀ نيرا، هڪ ڪمري ۾ سفيد بخاري وٽ هڪ ننڍي ڇوري واري عورت بيٺي هئي، شڪل مان سينٽرل يورپين ٿي لڳي، ننهن کان ونڊي چوٽي تائين نيري، جڻ رنگين تصوير جو نيرو پروف، جيڪو اڃان پريس مان تيار ٿي نه نڪتو هجي، بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ عجيب!

هڪ ٻيو هال. جنهن جي وچ ۾ غاليچن ڍاهڻ جو آڌاڻو. (Spindle) آڌاڻي تي اڌ اٽيل غاليچو ۽ انهيءَ تي "شجر حيات" جو اڌورو نمونو.

"اهو شجر حيات ڪهڙي شيءِ آهي، نصرت الدين؟"

"مڊل ايسٽ جي غاليچن جو موتيف، خانم جون!"

آڌاڻي جي ٻئي پاسي مٿي تي رومال ٻڌيو به مڊل ايسٽرن عورتون. پوءِ ڪيترا پڙدا، جيئن محلاتن ۾ هوندا آهن. اطلسي آبشار پڙدن مان نڪري هوءَ تکو ڊوڙڻ لڳي. پر گيلري ڊگهي ٽيندي پئي ويئي. هوءَ هيٺ

لٹي، جيئن بينڪ جا تھ خانا هوندا آهن. چمڪندڙ پٽر جون ٺهيل پتيون، چمڪندڙ فرش بنديخاني جي ڪوريڊور جھڙو. هاڻ هوءَ هڪ ڊگھي سرنگھ ۾ هلندي پئي ويئي. اوچتو ڪيس ڪجھ گپ لڳل ماٺھو ڏسڻ ۾ آيا. اهي انهيءَ سرنگھ يا انڊر گرائونڊ ريلوي جي سنسان ڪوريڊور ۾ هڪ مين هول جي اندر ۽ ان جي چوگرد ٽيڪ جھليو بيٺا هئا. گپ لڳل چھرا، گپ لڳل ڊريسون، ڪيس ڏسي ٿوڪ منجھان ڪلڻ لڳا. هوءَ ٻاهر نڪتي. سامھون هڪ ويڪرو در هو، در جي ٻاهر شھر جي بازار ۾ مينھن پئي وٺو. ٽرامون ٽن ٽن ڪري لنگھندیون پئي ويون. در جي پاسي ۾ هڪ عورت، جنھن کي گلن سان اُڪريل برساتي ويڙھيل هئي، گل پئي وڪٽيا. هن ويجھو وڃي، انهيءَ عورت کي ڇُھيو تہ اها عورت مئل هئي.

ڪيس ڪوبہ اچرج نہ لڳو. هوءَ اڳيان وڌي. رستي تي مڙدن جو ميڙاکو هو. بسون ۽ ٽرامون مڙدا هلائي رهيا هئا. هٽن ۾ مڙدا وڪرو ۽ خريد ڪري رهيا هئا. هن هڪ ٿيٽر هال ۾ جھاتي پائي ڏٺو. اسٽيج تي سوان ليڪ ۾ مڙدا ناچ ڪري رهيا هئا ۽ ڏسندڙ بيڄان هئا.

"هي زومبي آهن نہ؟" هن هڪ شخص کان پڇيو، جيڪو تکيون تکيون وکون کڻندو ساٿس گڏ هلڻ لڳو هو.

"قين قين." انهيءَ شخص مُڇن تي هٿ ھڻي وراڻي ڏني، "زومبي نہ مادموزيل. خالص، اصلي مڙدا."

اهو شخص تمام گھٽو ڊگھو هو۔ تاڙ جي وڻ جيڏو. گريٽ ڪوٽ پھريل. مفلر سان منھن لڪل. لڳاتار مڇن تي هٿ رکي ڳالھايائين ٿي. سندس اکيون ٽريفڪ جي بتين جيان ڪڏھن ڳاڙھيون پئي ٿيون تہ ڪڏھن سايون، اوچتو هن تمارا جو هٿ جھلي ورتو. سندس هٿ لوھ جو هو.

تمارا نرميءَ سان چيو، "ايڪسڪيوزمي." ۽ هوءَ هٿ ڇڏائي پڇندي، هڪ بس ۾ اچي ويٺي.

چئني پاسي ڏنائين، ٿي سگھي ٿو تہ انهيءَ بس ۾ نصرت ويٺل

هجي۔ هيءَ بس هن جي هاسٽل ڏانهن ويندڙ هجي. نمبر پڙهي ورتو هيم. هڪ پيرو نصرت ملي وڃي تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو.

اوچتو بس خالي ٿي وئي. بنا ڊرائيور ۽ مسافرن جي، تيزيءَ سان هڪ پل مٿان لنگهندي بس مقام جي ڦاٽڪ وٽ وڃي بيهي رهي.

هي جيئرن جو مقام آهي. هن پنهنجي پاڻ کي ٻڌايو. هاڻ ڪيس سموريون ڳالهيون، پنهنجي پاڻ کان معلوم ٿيندڙ پئي ويون. مان شين کي سندن اصلي بنيادي روپ ۾ ڏسي رهي آهيان.

اندر وڃي، هن هڪ ايئرڪنڈيشنڈ قبر ۾ جهاتي پائي ڏٺو. اها هڪ (Spilt Level) قبر هئي، اندر رنگين ٽيلي ويزن آڏو جيئرا ماڻهو شراب واپرائي رهيا هئا. ٽيلي ويزن تي سينٽرل يورپين، نيري چهري واري عورت للي مارلين ڳائي رهي هئي، جنهن کي 1916ع جي فيشن وارو ويس ڏڪيل هو.

گجگوڙ سان خبرون شروع ٿي ويون. هن خبرون ٻڌڻ نٿي گهريون، ان لاءِ وٽي ڏڪ پاتائين.

رستي ۾ ڏنائين تہ جنازا مقامن مان پوئين پير گهرن ڏانهن وڃي رهيا آهن.

قبرون، جيئرن سان ڀرجي ويون آهن، جڳهہ نٿي ملي. هن پنهنجي پاڻ کي ٻڌايو، ۽ شهر موٽي آئي. اتي بہ اڳ جيان مُڙدا ئي مُڙدا هئا. آفيسن ۾، ڪارخانن ۾، هر هنڌ. ڪجهہ مڙدن کي گذريل صدين جا ويس ڏڪيل هئا. سندس سامهون سورهين صديءَ جو برطانوي بادشاهہ پنهنجو تاج سڌو ڪندي گهڙيءَ لاءِ ڦڪو ٿيو، چاڪاڻ تہ هن جي شاهي ويس ۾ ڪيترا گهنج پيل هئا، ۽ جيڪو تمام پراڻو هو. تابوت مان نڪتو. (تابوت گاڏيءَ کي مڙدا ڇڪي رهيا هئا!) سلامي ونڊندو هڪ بينڪ جون ڏاڪڻيون چڙهي وڃي مئنيجر جي ڪرسي تي منڊل منڊل ويهي وڃي متيءَ جي رنگ جهڙي چاپئين ڏاڙهي تي هٿ ڦيرينڊو رهيو.

ٻاهر پارڪ ۾ ارڙهين صديءَ جون مڙل عورتون سائيڪلون هلائڻ جي سکيا وٽي رهيون هيون. سندن ڇميل ڇهرا متيءَ جا هئا.

"هي هنن ماڻهن کي چوگهرايو ويو آهي؟" هن پڇيو.

"جنرل لامر بندي." هڪ يارهين صديءَ جي نارمن هاريءَ وراڻي ڏني ۽ ڪنڌ هيٺ ڪيو. پارڪ جي ٻاري تي ڪوڏر سان کوٽيندو رهيو. سندس هٿ بلڪل سڪل ۽ ڪارا هئا.

تڏهن هن ويچار ڪيو. وقت دعا آهي. توبهہ استغفار. هڪ عظيم الشان صومعا يڪدم سندس آڏو اچي ويو. هوءَ مٿي تي رومال ٻڌي ان جي مکيہ در ڏانهن وڌي. اندر هڪ الله وارو سومهٽي پڙهي رهيو هو. ٻاهر در جي محراب هيٺان هڪ شخص گوڏن ۾ منهن لڪائي، مٿي تي خاڪ وجهي رهيو هو.

"معاف ڪجو. اوهين حضرت ايوب آهيو." هن ادب سان نوڙي پڇيو.

"نہ. مان زاروزار روئي ڏٽيءَ کي سڏ ڪريان ٿو. پر وات مان فقط گاربون ٽيون نڪرن." انهيءَ شخص ڪنڌ مٿي ڪٽي وراڻي ڏني.

"توهان ابليس آهيو؟"

"يا ابليس، يا مجذوب، يا فقط نروس بريڪ ڊائون جو شڪار." هن وراڻي ڏني ۽ وڏيڪ خاڪ مٿان وجهڻ لڳو.

"توهان ايل. ايس. ڊي وڏيڪ واپرائي هوندي، اوهان جي روح کي ڪهڙو ڏک آهي!"

"روح. روح ويچي پيو ڪڏ ۾. ڪهڙو روح." هو وراڻي ڏيندي پنهنجا وار پٽڻ لڳو.

مان شين کي سندن انهيءَ بنيادي روپ ۾ ڏسي رهي آهيان. هن من ئي من ۾ ورجايو ۽ پاڻ کي ڏاڍو ڏاهو. ۽ هلڪو ڦانيو. هوءَ هڪ انڊرگرائونڊ ريل ۾ موجود هئي. ريل ڪڏهن سڄي پرڄي ٿي وئي تہ ڪڏهن صفا خالي. جنهن ۾ دنيا جي سمورين قومن جا ماڻهو سوار هئا جيڪا زمين جي هيٺان ئي هيٺان آواز کان وڌيڪ تيز رفتار سموري دنيا ۾ گهمي رهي هئي. سرحدن کانپوءِ سرحدون.

۽ الجزائر،

۽ سيناءِ.

۽ سوريا.

۽.

ريل سمنڊ جي هيٺان نڪري، هڪ تپندڙ ريگستان ۾ اچي ويئي. ۽ بنا پٽڻين جي واريءَ تي هلڻ لڳي ۽ گڙگڙ ڪندي سامهون پٽرا جي ڳاڙهي رومن ڪنڊرن ۾ گهڙي ويئي.

۽ تائير،

۽ صدو،

۽ نينوا.

اُفق تي سنسان تنبن جا پڙدا، پرهه ڦٽيءَ جي هوا ۾ پئي ڦڙڪيا، ۽ چئني پاسن کان سڙيل رسيون ۽ سڙيل پڙدا ۽ ٻارڻن جون ننڍڙيون ننڍڙيون جتيون ٽڻيون پکڙيون پيون هيون. تمام گهڻو پري درياهه وهندو پئي ويو، جنهن جي ڪناري هڪ گهوڙي زور سان هڪار ڪئي ۽ ڪنهن ڏاڍي ڪرب مان سڏيو! "العطش. العطش!!"

انهيءَ جي ڪهڙي معنيٰ آهي. سندس سمجهه ۾ نه آيو. چاڪاڻ ته ڪيس ڪابه ٻولي ڳالهائڻ نٿي آئي، سواءِ پنهنجي ٻوليءَ جي. مان هاڻ واپس ورڻ گهران ٿي. مان اتان ٿي آئي آهيان، اتي ڪجهه به ڪونهي. پاڇولن جا پاڇولا به ڪونه آهن.

پر آواز جو پڙاڏو ايندو رهيو. "العطش!"

۽ پوءِ هڪ هيانءَ ڏاريندڙ رڙ بلند ٿي. العطش.

اوچتو صبح جي روشني تمام گهڻي تيز ٿي ويئي. تباهه ٿيل تنبو هاڻ صاف ۽ تمام ويجهو ڏسڻ ۾ پئي آيا.

"اڄ تنبن تي ٻيهر بم اڇلايا ويا آهن."

جرمن نيوز ڪاسٽر چيو.

ٽئين ڏينهن جڏهن سندس طبيعت سڌري ته هوءَ ڪلاس کان پوءِ لنچ لاءِ انهيءَ ساڳئي ڪيفي ٽيريا ۾ ويئي. دريءَ جي سامهون واري ميز تي ان مهل به هندستاني شاگرد ڪافي پي رهيا هئا. سندن سامهون تازي اخبار رکيل هئي، جنهن ۾ "نصرت الدين" ۽ سندس ساٿين جون وڏيڪ تصويرون ۽ تفصيل ڇپيل هئا. تمارا جلدي

وڃي ڪائونٽروٽ قطار ۾ شامل ٿي وئي.

بيابان ۾ آهي،

بيابان ۾ آهي،

ٻئي شاگرد ڪنهن اجنبي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. سندس اتساهه وارين ڳالهين ۾ ائين پئي لڳو تہ ڪو شعر پڙهي رهيا آهن. (جيئن هو فارسي شعر ڪيس ٻڌائيندو هو.)

آئيس لينڊ ڪ جيان جڳ ۾ ڪيترين ٻوليون آهن، جيڪي تمارا کي نٽيون اچن. ڪيترا جذبات، ڪلپنائون، نظريا، سپنا، ڪرب، انڊوهه جن سان هن سڃاٽپ نٽي ڪرڻ گهري، گهٽو ڪجهه چاٽڻ کان پوءِ اوسيئڙي ۾ بيٺل. ڪانٽا، چمچا ۽ پليٽ ڪٽي هوءَ قطار ۾ اڳيان وڌڻ لڳي.

قبا گهرجي. قبا گهرجي،

خونِ عرب کان هُن کي.

سامهون تمارا گرين برگ کي پنهنجي ٽري ڪٽي ايندي ڏسي اهي چوڪرا اوچتو ماٺ ٿي ويا.

عجب اکڙيون*

تارا ٻائيءَ جا نيٺ تارن جيان روشن آهن، جيڪي پسگردائي جي هر شيءِ کي اچرج وچان تڪيندا رهن ٿا. اصل ۾ تارا ٻائيءَ جي مُک تي نيٺ ئي نيٺ ته آهن. هوءَ ڏکار جي ڳاريل، ماريل نينگري آهي، جنهن کي بيگم الماس خورشيد عالم وٽ ڪم ڪندي، فقط ٻہ چار مهينا ٿيا آهن، جتي هوءَ پنهنجي مالڪياڻيءَ جي شاندار فليٽ جي سامان کي دوڏا ڦاڙي ڏسندي رهندي آهي، چاڪاڻ ته هن اهڙيون آسائشيون سپني ۾ ٻہ ورلي ڏٺيون هونديون. هوءَ گورکپور جي هڪ ڳوٺ جي رنڍ زال آهي، جنهن کي سهري ۽ ماءُ، پيءُ جي مرڻ بعد سندس مامي جيڪو بمبئي ۾ ڪير وڪڻندو آهي، هتي موڪلي ڇڏيو هو.

الماس بيگم جي وهاڻ کي ايڏا ٿي چار مهينا مس گذريا آهن. هن جي منگلورين آيا، جيڪا ساٺس گڏ پيڪن کان آئي هئي، پنهنجي ملڪ موٽي ويئي، ته سندس تمام گهٽي سگهڙ ماسي بيگم عثماني، جيڪا نامياري سوشل ورڪر آهي، ايمپلائيمينٽ ايڪسچينج فون ڪيو ۽ تارا ٻائي اکيون ڇنڇيندي "ڪمبالاهل جي اسڪائي اسڪريپر گل نسترن" جي ڏهين ماڙ تي اچي پهتي. الماس بيگم کيس چگيءَ ريت ڏسي وائسي سُک جو ساهہ ڪنيو. پر ٻين نوڪرن کيس جڏهن تارا ٻائي ڪوٺيو ته هوءَ ڪاوڙجي پيئي، چئي: "مان ڪا نينگري آهيان!" هن گهٽا واڪا ڪيا، پر هاڻ ته کيس تارا ٻائي بدران تارا وائي

---

* نظارا درميان ۾ هي.

سڏرائيڊ جي بہ عادت پئجي ويئي آهي. هوءَ يا تہ چپ چاپ ڪم ۾ رڌل رهندي يا وري مالڪياڻي ۽ سندس صاحب کي اکيون چنيي چنيي پئي ڏسندي رهندي آهي.

الماس بيگم جو وس هلي، تہ جيڪر هوءَ پنهنجي مڙس کي هڪ پل لاءِ بہ پاڻ کان پري نہ رکي- هوءَ تہ جوان جماڻ آيا کي نوڪرياڻي رکڻ جي ئي خلاف هئي- پر تارا ٻائي جهڙي پند پهڻ ۽ سگهڙ نوڪرياڻي کي ڏسي هن پنهنجي آزموديگار ماسيءَ جي چوند تي آگر نہ ڪئي.

تارا ٻائي، صبح سان بيڊروم ۾ چاءِ ڪٽي ايندي. ڏاڍي عقيدت سان صاحب جي بوٽن کي پالش ۽ ڪپڙن کي استري ڪندي، سندس شيو لاءِ پاڻي رکندي، چند ڦوڪ ڪندي اچرج مان انهن سهڻين شين تي پئي هٿ ڦيرينديءَ، جيڪي صاحب پاڻ سان پيرس مان آنديون آهن. صاحب جو وائلن وارڊ روب مٿان رکيل آهي، جڏهن پهريون ڀيرو تارا ٻائي بيڊروم ۾ چند ڦوڪ ڪئي تہ ڪجهہ پلن لاءِ هوءَ انهيءَ تي هٿ ڦيرينديءَ رهي. پر ٽيون ڏينهن صبح جو جڏهن هوءَ روز جيان ڏاڍي پاڻهہ مان وائلن صاف ڪري رهي هئي تہ مائيڪو صاحب (مالڪياڻي تہ اصل چيڙاڪ آهي!) ان مهل روم ۾ لنگهي آيو. مٽس چڙي پيو. چئي. تو وائلن کي هٿ لاتو ڇو؟- ۽ تارا ٻائيءَ کان اهو وائلن کسي ڪٽي ان کي ڪٻٽ مٿان ڦٽو ڪيائين. تارا ٻائي مرڪو هيسجي ويئي. سندس نيٽن ۾ ڳوڙها تري آيا تہ صاحب ڦڪو ٿي ٻاهر وراندي ۾ هليو ويو. جتي مالڪياڻيءَ چاءِ ويني واپرائي. هونئن بہ مالڪياڻي گهٽو ڪري صبح جو هيئر ڊريسر ۽ بيوٽي سيلون ۾ گهاريندي آهي. هيني ڪيور، پيڊي ڪيور، مساج- انيڪ املهہ ساڙهيون، قسمين قسمين سنيڪس ۽ عطر جا ڏها، ۽ گهہ سندس ڪپڙن ۾ سٽيا پيا آهن- پر تارا ٻائي، سوچيندي آهي، "ڏٺيءَ، ميم صاحب کي ڏن ڏنو، مان ڏنو، ۽ اهڙو سهڻو ورڏنو، پر صورت ۽ شڪل ڏيڻ ۾ مڙيئي ڪنجوسي ڪري ويو!"

"صاحب، ہڈو اٹئون تہ ميم صاحب ۽ مس صاحب واري سوسائٽيءَ ۾ ڏاڍو نامياروھو۔ پر وھانءَ کان پوءِ مالڪياڻيءَ مٿس ڪيترين پابنديون مڙھي ڇڏيون آھن. آفيس ويندو آھي، تہ ڏينھن ۾ ڪيترا لڳا ٻئي فون ڪندیس. شام جو ڪنھن ڪم سانگي اڪيلو ٻاھر ويندو تہ بہ مالڪياڻي کي اھا ڄاڻ ھوندي تہ ھو ڪٿي ويو ۽ انھن ھنڌن تي بہ ٻئي فون ڪندي. شام جو گھمڻ يا ڪنھن سان گڏجڻ لاءِ ٻئي زال مڙس ٻاھر ويندا آھن، تڏھن بہ مالڪياڻي مٿس ڪڙي چوڪسي رکندي آھي. مجال آھي جو ھو ڪنھن ٻيءَ چوڪريءَ تي نظر ڊوڙائي۔ صاحب اھي سمورا قائدا قانون، پاڻ تي خوشيءَ سان لاڳو ڪيا آھن، ڇاڪاڻ تہ مالڪياڻي تمام گھٽي اميرآھي ۽ صاحب کي نوڪري بہ تہ سندس شاھوڪار سھري ئي وڻائي ڏني آھي. نہ تہ وھانءَ کان اڳ ۾ صاحب تہ تمام گھٽو غريب ھو. اسڪالر شپ تي انجنيئرنگ ڪرڻ فرانس ويو ھو۔ واپس وريو تہ روزگار نہ ملڻ پيس. پريشان حال ٿيو پئي ڦريو. تڏھن تہ مالڪياڻي جي گھر وارن ڪيس سولائيءَ سان ڦاسائي ورتو!"

وڏن ماڻھن جي دنيا جا اھي اچرج ۽ وجھندڙ قصا تارا ٻائي، فليٽ جي مستري، (باورچي) جمال ۽ ٻين نوڪرن جي واتان پئي ٻڌندي آھي، تہ اکيون اچرج مان پيون ٽمڪنديون اٿس.

خورشيد عالم، ڏاڍو سنو وائلن وڄائيندو ھو۔ پر جڏھن کان سندس وھانءَ ٿيو آھي، زال جي موھ ۾ ايڏو تہ کوڙجي ويو آھي جو وائلن کي ھٿ بہ نہ لاتو اٿس. ڇاڪاڻ تہ الماس بيگم کي انھيءَ ساز کان اصل چڙ آھي. خورشيد عالم زال جو بيحد ٿورائتو آھي، چو جو انھيءَ وھانءَ سبب سندس زندگيءَ ۾ ٽيرو اچي ويو آھي۔ ۽ ھونئن بہ ٿورو اھڙي شيءِ آھي، جو ھڪ سنگيت ڪار انھيءَ لاءِ پنھنجي سنگيت کي گھوري سگھي ٿو.

خورشيد عالم شھر جي ھڪ جھوني عمارت ۾ نھنو ھو۔ ۽ بسن ۾ ٽاھا کائيندي ھاڻ لکپتي ٿيو. انھيءَ "ڪمبالاھل" ۾

اچي رهيو آهي. مردن لاءِ هونئن بہ سندن اقتصادي بچاءُ ئي سڀ کان وڏي شيءِ آهي.

"خورشيد عالم هاڻ ڪڏهن بہ وائلن نہ وڄائيندو!"

پر اهو فقط سال ڏيڍ اڳ جو قصو آهي. الماس پنهنجي امير پيءُ جي شاندار بنگلي ۾ مالابار تي رهندي هئي. هوءَ سوشل ورڪ ڪري رهي هئي ۽ عمر وڏي ويڙهه ڪاڙهڻ شادي ڪرڻ کان مرڪو هٽ ڪنيو ويني هئي، جڏهن هڪ دعوت ۾ سندس مڪا ميلو خورشيد عالم سان ٿيو تہ سندس آزموديگار ماسي بيگم عثماني پنهنجي جاسوسن معرفت هاڻ حاصل ڪئي تہ: چوڪرو يو-پيءَ جو آهي ۽ يورپ مان وريو آهي، روزگار جي ڳولا اٽس. پر شاديءَ لاءِ تيار ڪونهي. جو فرانس ۾ پٽيان هڪ چوڪريءَ کي چڏي آيو آهي! جيڪا سندس اوسيڙڙي ۾ آهي!!" ۽ پوءِ بيگم عثماني، پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويئي. الماس جي پيءُ پنهنجي فرم ۾ خورشيد عالم کي پندرهن سئو رپين ۾ نوڪري ڏني. الماس جي پيءُ ڪيس پاڻ وٽ دعوت ڏني ۽ اهڙيءَ ريت الماس سان پاڻمرادو ملاقاتون شروع ٿي ويون. پر پوءِ بہ نينگر، نينگريءَ جي سلسلي ۾ ڪابہ اڳرائي نہ ڏيکاري. آفيس مان موٽي گهٽو تٽو وقت ڪيس الماس وٽ گذارٽو پوندو هو. جتي انهيءَ چوڪريءَ جي ڳالهين کان ڪڪ ٿي، هو پر فضا بالڪونيءَ ۾ وڃي ٿي بيٺو. جنهن جو مهڙ سمنڊ ڏي هو. اتي بيهي هو سوچيندو هو. "هڪ ڏينهن هن جو جهاز اچي انهيءَ ئي ڪناري سان لڳندو. ۽ هوءَ ان مان لهندي. ڪيس هن سان گڏجي اچڻ ڪپندو هو، پر پيرس جي ڪاليج ۾ ايا سندس ڪم پورو نہ ٿيو هو!"

هو بالڪنيءَ جي ڪٺهڙي تي نوڙي سامهون، اُفق ڏانهن ڏسندو رهندو هو. الماس اندران نڪري مُرڪي سندس ڪلهي تي هٿ رکي پڇندي هئي، "چا پيا سوچيو؟" تہ هو ٽورو ڦڪو ٿي مُرڪي ڏيندو هو. رات جو مانيءَ تي الماس جي پيءُ سان ملڪي سياست تي "هائي فنانس" سان ڳانڍاپو رکندڙ خيالن جي ڏي وٺ

ڪرڻ کانپوءِ ٽڪجي پنهنجي گهر پهچي وائلن ڪيڊي، اهي سڀ وڃائڻ لڳندو هو، جيڪي هن سان گڏ وڃائيندو هو. هو هر ٻئي ٽئي ڏينهن هڪ ٻئي کي خط لکندا هئا، ۽ گذريل خط ۾ ته هن ڪيس اها ڄاڻ ٻه ڏني هئي ته بمبئي ۾ ڏاڍي سڻي نوڪريءَ تي چڙهيو آهيان، پر انهيءَ نوڪريءَ مان ڪيس کي پوائتا نقصان ٻه هئا، جن جو هن خط ۾ لکاءُ ٻه پوڻ نه ڏنو هو.

هڪ سال لنگهي ويو. پر هن الماس سان شاديءَ جو ارادو ظاهر نه ڪيو، آخرڪار بيگم عثماني فيصلو ڪيو ته ساٺس سڏي سنئين ڳالهه ڪرڻ مناسب ٿيندي. پر ان وچ ۾ پرتاب ڳڙهه مان تار اچي ڏهڪو ڪيو، ته خورشيد عالم جو پيءُ سخت بيمار آهي.

هو موڪل وٺي وطن روانو ٿيو، ڪيس پرتاب ڳڙهه وئي اڃا چند ڏينهن مس گذريا هئا ته الماس جيڪا ڪانئس نراس ٿيو ويٺي هئي، هڪ شام جو پنهنجي ساهيڙين سان جرمن پيانو وڃائيندڙ "ڪونسرٽ" ٻڌڻ تاج محل ويئي. ڪرسٽل روم ۾ روز جيان جهونڙن پارسي ۽ پارسياڻين جو ميڙ اڪو هو ۽ هڪ بيحد سهڻن نيٽن واري پارسي چوڪريءَ پئي ڪونسرٽ جو پروگرام ورهايو. هڪ سيڃاڻو خاتون الماس جي ڏيٺ ويٺ هن سان ڪرائي- "مس پيروجا جهانگير دستور!" - ۽ پاڻ اڳيان نڪري ويئي. الماس پنهنجي عادت پٽاندڙ تڪي نهار سان انهيءَ اٽڃاڻ چوڪريءَ کي جاچيو. چوڪري ڏاڍي سهڻي هئي.

"توهان هن جو ڪهڙو نالو ٻڌايو مسز رستم جي" الماس گنهيرتا مان پڇاڻو ڪيو.

"پيروجا دستور." چوڪريءَ سادگيءَ مان وراڻيو.

"مون توهان کي پهرين ته ڪنهن به ڪونسرٽ ۾ نه ڏٺو آ."

"مان ستن سالن کان پوءِ پوئين هفتي واپس وري آهيان!"

"ست سال فرانس ۾!!- تڏهن ته توهان فرينچ سولائيءَ سان ڳالهائيندا هوندا." الماس ڪجهه چڙندي چيو.

"ها!" پيروجا کلڻ لڳي. ان وچ ۾ مکيہ مکيہ مهمان جرمن پيانسٽ سان لائونج ۾ وڃڻ لڳا تہ پيروجا، الماس کان معافي گهري، هڪ انگريز عورت سان انهيءَ پيانسٽ جي سنگيت تي ڳالهائڻ لڳي. پر "سي لائونج" ۾ پهچي الماس ٻيهر وڃي انهيءَ چوڪريءَ سان مکا ميلو ڪيو. لائونج ۾ چاءِ جو دور شروع ٿيو، تہ الماس کي پيروجا مرڪي چوڻ لڳي، "اچو تہ هلي ويهون!"

هو ٻئي وڃي دريءَ وٽ هڪ ميز جي چوگرد ويٺيون.

"توهان ويسٽرن ميوزڪ ۾ ايڪسپرٽ ٿيون ڏسجو." الماس رکو ٿي ڳالهائڻ لڳي. ڇاڪاڻ جو هو سهڻين ۽ ننڍي عمر وارين چوڪرين کي اصل سهندي ڪونہ هئي.

"ها، مان پيرس پيانو جي اعليٰ تعليم لاءِ ئي تہ ويئي هيس!"

الماس جي ذهن ۾ خطري جي گهنڊڻي وڄڻ لڳي. هن ٻاهر سمنڊ جي شفاف ۽ بيحد نيري مٽاڇري تي نهاروجهي ڏاڍي نوڙت ۽ پنهنجائپ مان چيو، "هائو انسٽريسٽنگ پيانو تہ اسان وٽ بہ آهي، ڪنهن ڏينهن اچي ٻڌاءِ!"

"ضرور!" پيروجا مرڪي وراڻيو.

"چنڇر ڏينهن تنهنجو ڪمڙو پروگرام آهي. مان پاڻ وٽ "هين پارٽي" (Hen Party) پئي ڪريان، منهنجيون ساهيڙيون توسان ملنديون تہ ڏاڍيون خوش ٿيندينون!"

"آئي وِل تو ڪم- ٿينڪ يو!"

"تون ڪٽي رهندي آهين، پيروجا؟"

پيروجا، "تارديو" جي هڪ گهٽيءَ جو ڏس ڏنو، تہ الماس سڪ جو ساهہ کنيو جو "تارديو" غريب پارسين جو پاڙو هو.

"مان پنهنجي چاچي سان رهندي آهيان. منهنجو پيءُ مري ويو آهي، ۽ ياءُ، پيٽ ڪونہ اٿم! چاچو بئنڪ ۾ ڪلارڪ آهي!"

پيروجا سادگيءَ وچان سڀ ڪجهہ ٻڌائيندي ويئي- ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ڪرڻ کانپوءِ هوءَ سمنڊ جي مانيُ

مٽاچري کي ڏسندي چوڻ لڳي، "ڪيڏي نہ عجب جھڙي ڳالھ آھي. پوئين ھفتي جڏھن منھنجو جھاز ھن ڪناري وڏي رھيو ھو تہ مون سوچيو پئي، تہ ھيتري مدت ڪانپوءِ اجنبين جيان واپس بمبئي وري رھي آھيان، جيڪو ڏاڍو ڪنور شھر آھي. توکي تہ اھا ڄاڻ ھوندي الماس، تہ پنھنجائپ وارا دوست ھتي ورلي ليندا آھن۔ پر منھنجو نصيب تہ ڏس، جو اڄ ئي توسان ملاقات ٿي ويئي آ"۔ الماس درد وندیءَ مان ھٿ ملايو. سي لائونج ۾ ڳالھين جي ڏيمي ڏيمي پڙ پڙ جاري ھئي. چند پلن بعد ھن پڇيو، "تون پيرس ڪيئن ويئي ھئينءَ؟"

"منھنجي اسڪالرشپ منظور ٿي ھئي، اتي پيانو جي ڊگري ونڊ ڪانپوءِ ڪجھ سالن تائين ھڪ ميوزڪ ڪاليج ۾ ريسرچ ڪندي رھيس، مان اتي ڏاڍي خوش ھيس. پر ھتي منھنجو چاچو ۽ چاچي اڪيلا ھئا. ھاڻ ھو ٻئي جھونا ٿي ويا آھن، چاچي ويچاري تہ ضعيفيءَ سبب اصل صفا ٻوڙي ٿي پئي آھي. مان ھنن لاءِ موٽي آئي آھيان، ۽ ان کانسواءِ.....!"

"ھلو الماس، تون اتي ويٺي آھين، ھل جلدي ڪر. توکي مسز ملگائون پئي سڏي!" ھڪ خاتون ميز وٽ اچي چيو. پيروجا جي ڳالھ اڌ ۾ ئي رھجي ويئي. الماس ڪانئس اھو چوندي موڪلايو تہ "ھوءَ چنچر ڏينھن صبح جو يارھين وڳي سندس لاءِ موٽر موڪليندي"۔ ائين چئي ھوءَ مھمانن جي ميڙاڪي ۾ گم ٿي ويئي.

چنچر ڏينھن پيروجا، الماس جي گھر پھتي تہ چوڪرين جي پارٽي چوٽ تي ھئي. بيٽلرز ريڪارڊ پئي وڳا. چند چوڪريون جن ڪجھ ڏينھن اڳ ھڪ فيشن شو ۾ بھرو ورتو ھو، زور شور سان انھيءَ ئي قصي تي پئي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي. اھي سڀ چوڪريون، جن جي مادري ٻولي، اردو، ھندي گجراتي ۽ مرھٽي ھئي، انگلش ۽ فقط انگلش پئي پاڻ ۾ ڳالھائي۔ ڪين بيحد سوڙھيون پتلونون يعني "اسٽريچ پينٽس" پھريل ھيون.

۾ پيروجا کي هڪ پل لاءِ ائين محسوس ٿيو. ته هو ايا جڻ هندستان ۾ موتي نہ آئي آهي. سندس فرقو تمام گھٽو اولھ پسند هو، پر ڪيترا ورهيہ يورپ ۾ رهندي ڪيس اها جاڻ پئجي ويئي هئي، ته اجنتاجي جيئرن جاڳندڙن چترن بدران انهن اولھ کان متاثر ٿيل عورتن کي ڏسي يورپ واسين کي ڏاڍو ڏک ۾ مايوسي ٿيندي آهي- سو، پيروجا، جيڪا پنهنجي نيٺ سنسٽا تي پئي مرڪندي هئي، بمبئي جي انهيءَ جڙتو آمريڪي چوڪرين کان بيزار ٿي ويجي بالڪونيءَ ۾ بيٺي، جنهن جي سامهون سمنڊ هو ۾ پاسي ۾ برج خموشان جو جھنگ نظر پئي آيو. جھنگ مٿان ڪليل فضائن ۾ ڪانگ ۾ بگھہ پئي اُڏاٽا ۾ چئني پاسن کان ماٺ چانيل هئي، هوءَ گھبرائجي واپس وري ۾ حياتيءَ سان گونجندڙ روم ۾ اچي هڪ ڪوچ تي ويهي رهي.

روم جي هڪ ڪنڊ ۾ شايد نمائشي طور "استين وي" جو گرينڊ پيانو رکيل هو. چوڪريون هاڻ ريڊيو گرام تي "هيري بيلافونٽي" جو پراٽو ڪلپسو "جميڪا فيئرويل" وڄائي رهيون هيون. ڳائڻي جرمن جو موهيندڙ ورلاپ، گٽار جي مڌر آواز سان روم ۾ پڙاڏجڻ لڳو:

Down the way where the nights are cay.
And the sun shines daily on the mountain top,
I took a trip on a sailing ship,
And when I reached jamica I made a stop,
But I am sad to say I am on my way and,
Wont back for many a day,
My heart is down, my head is Turning around,
I had to leave a little Girll in king ston town.

الماس چُپ چاپ وجي بالڪونيءَ ۾ بيٺي، ريڪارڊ پوروٿيو، ته هن اندر وجي پيرو جا کي چيو، "اسين بہ ڪيڏا نہ بدذوق ماڻهو آهيون، جو هڪ ماهر پيانسٽ هتي ويٺي آهي ۾ اسين پيا

ريڪارڊ وڄايون! هل پائي. اَٽ!"

پيروجا مَرڪندي وڃي پيانو تي ويٺي.

"ڇا ٻڌايانو. مان فقط ڪلاسيڪل ميوزڪ ئي وڄائي ڄاڻان!"

"هائي پوپ (Pop) نہ؟" چوڪرين شور ڪيو. "ڇگو ڪوئي انڊين فلم سانگ وڄاءِ!"

"فلم سانگ مون کي نٿا اچن. پر مون کي هڪ غزل ياد آ، جيڪو مون کي..... جو مون کي....." هوءَ لڇي ٽيندي ماڻ ٿي ويئي.

"غزل! آئي لَوَ اردو پوئٽري!" هڪ مسلمان چوڪري، جنهن جا مائٽ اهائي هولي ڳالهائيندڙ هئا، وڏڙي انداز ۾ چيو.

پيروجا پردن تي آڱريون ڦيريون- ڪيس. هڪ اٽڄاڻ خوشيءَ سان پريل ڏڪٽي وڌي ويئي- ۽ پوءِ آهستي آهستي هڪ من موهيندڙ سر وڄائڻ شروع ڪيو.

"گڏوگڏ ڳاءِ نہ!" چوڪرين رڙيون ڪيون.

"پئي، مان ڳائي نٿي سگهان! منهنجو اردو اُچار پوائتو آهي!"

"چگو، ان جا هول ٻڌاءِ! اسين ڳائيندا سين!"

"اهو ڪجهہ هن ريت آهي!" پيروجا چيو:

"تون اڳيان آهين منهنجي، ٻڌاءِ تون ڪٿي آهين، ڪنهن ريت ڏسان توکي، نظارو وچ ۾ آهي!"

ڪجهہ چوڪرين گڏوگڏ ڳائڻ شروع ڪيو:

نظارو وچ ۾ آهي.

نظارو وچ ۾ آهي.

غزل پورو ٿيو تہ تاڙيون وڳيون.

"هاڻ ڪا ويسٽرن شيءِ وڄاءِ!" هڪ چوڪري چيو.

"شوپان جي ميڊنيس فينسي (Maidens fancy) وڄايان؟- اهو گيت مان ۽ منهنجو مگيندو گڏ وڄائيندا هياسين پيرس ۾! هو وائلن تي مون سان سنگت ڪندو هو."

"تنهنجو مگيندو به ميوزيشن آهي؟" ڪنهن چوڪريءَ پڇيو.

"پروفيشنل نہ، شوق مان!" پيروجا وراڻي ڏني ۽ گيت وڃائڻ ۾ ڪوئجي ويئي.

ٻن ڇئن هفتن اندر الماس، پيروجا سان گهاٽي ساهيڙپ ڪري ورتي. ان وچ ۾ پيروجا کي هڪ ڪونونٽ ڪاليج ۾ پيانو سيکارڻ جي نوڪري ملي ويئي، جيڪو موڪلن ڪانپوءِ ڪُلڻ وارو هو ۽ ان کان سواءِ ڪيس هفتي ۾ ٽي ٻيرا هڪڙي آمريڪن جي ڏهن سالن جي ڪڪيءَ کي پيانو سيکارڻ جي ٽيوشن به ملي وئي. آمريڪيءَ جي زال تازو گذاري ويئي هئي ۽ هو پنهنجو غم وسارڻ لاءِ ہارڙن سان گڏ هندستان گهُمڻ هليو آيو هو. جيڪو جو هو ۾ "سن اينڊ سينڈ" ۾ ترسيل هو. "تاردیو" کان جوهو تائين مسافري ڊگهي ضروري هئي، پر آمريڪن، پيروجا کي پگهار ۾ ٽ سئي ڏيندو هو ۽ ساٽس شفقت سان پيش ايندو هو.

پيروجا پنهنجي زندگيءَ مان ڏاڍي خوش هئي. چند ڏينهن بعد ئي ٽ "هو" پنهنجي وطن کان ورٽو هو، پيروجا بمبئي ايندي ڪيس نوڪري ۽ ٽيوشن ملڻ جو اطلاع نہ ڏنو هو. اصل ۾ هن ڪيس هڪ اوچتي "سرپرائز" ڏيڻ ٿي گهري!"

هڪ ڏينهن هوءَ، الماس سان گڏ هن جي بنگلي جي لان ۾ پسار ڪري رهي هئي، ٽ ڦوهاري وٽ پهچي، اوچتو الماس کانئس پڇاڻو ڪيو.

"تو هو غزل ڪنهن کان سکيو هو؟... اهو، جيڪو تو انهيءَ ڏينهن ڳاتو هو؟"

"او..... اهو؟ ـ پيرس ۾!!"

"پيرس!ـ هائو انٽريسٽنگ، ڪنهن سيکاريئي؟"

"منهنجي مگيندي!"

"او، پيروجاـ يو ڊارک هورس! چار سو ويهـ. مون کي ٻڌايو به نہ اٽئي اجا!"

"تنهنجي ئي ته ڪميونٽي جو آهي هو!!"

"اڇا..... واقعي؟" الماس ڏوهاري جي ڪٿڙي تي ويهي رهي.

"منهنجا وڏڙا دستور هئا، پر منهنجو چاچو روشن خيال رکندڙ آهي. هن موڪل ڏيئي ڇڏي آهي!"

"چا نانءُ آ صاحبزادي جو؟"

هي نالن جو به عجيب قصو هو. خورشيد عالم انهيءَ نرگسي نيٽن تي موهجي پيو هو. جڏهن پيرس جي هندستاني ايلچي خاني جي هڪ دعوت ۾ پهرين ملاقات ٿي ۽ ڪنهن هن جي سچاٽپ پيروجا چئي ساٽس ڪرائي، ته هن ڪيچلائپ مان وراٽيو هو:

"پر توهان جو نانءُ ته نرگس هئڻ ڪپندو هو!"

"اوهه، نرگس، نرگيش ته منهنجي آنٽيءَ جو نالو آهي!"

"لا حول ولا قوة." ـ خورشيد عالم اهڙي ته پنهنجائپ مان چيو، جڙ ته هو ڪيس ورهين کان سچاٽيندو هجي.

"نرگيش، ڪورشيت، پيروجا، توهان ماڻهن ايراني نالن جي ڪيئن نه ويهي پيڙي پوڙي آهي! مان توهان کي فيروزه ڪوٽيان ته اوهان کي ڪو اعتراض ته نه ٿيندو؟"

"هرگز نه." پيروجا کلندي وراٽيو هو ۽ پوءِ هڪ پيرو خورشيد عالم درياءَ جي ڪپر تي هلندي ڪيس چيو هو.

"هي تنهنجا جونجهار نيٽ، انيڪ رنگ رتول نيٽ، ڪڙڪيتي جهڙا، شهاب ثاقب جهڙا، هيرن جواهرن جهڙا، روشن اُس ۾ ٽم ٽم ڪندڙ ۽ برسات جهڙا نيٽ، نرگسي گل، جيڪي تنهنجي نيٽن ۾ بدلجي ويا آهن!"

"مون پڇيو، چا نانءُ آهي انهيءَ صاحب جو؟" الماس جي تکي آواز تي هوءَ چرڪي پئي.

"ڪورشيت عالم!" هن وراٽي ڏني. چند پلن جي مائ کان پوءِ

هن گهبرائجي نهار وڏي. ڪاري ساڙهي پهريل، چيلهه تي هٿ رکيو، ڪاري اُٽ جيان سندس آڏو بيٺل الماس ڪيس چيو پئي.

"ڪيڏي نه عجب جهڙي ڳالهه آهي پيروجا ڊيئر! منهنجي مڱيندي جو نالو به خورشيد عالم آهي. هو به وائلن وڄائيندو آهي ۽ هو به تازو پيرس مان وريو آهي! ۽ اڄ ڪلهه پنهنجي پيءُ سان ملڻ لاءِ وطن ويل آهي!"

آگسٽ جي آڪاش تي زور سان ڪنوڙ چمڪي، پر ڪنهن به نه ڏٺو ته اها وڃ ٽڪاءُ ڪندي اچي پيروجا مٿان ڪري. هوءَ ڪجهه دير تائين پنڌ پهڻ ٽيو بيٺي رهي. پوءِ هن سامهون عاليشان عمارت تي نهار وڌي، ۽ پنهنجي تاردیو واري اونداهي فليٽ جو تصور ڪيو. ڪنوڙ وري تجلو ڪري مالابار جي انهيءَ ڏيڪ کي روشن ڪري ڇڏيو. پل اپل ۾ سموري ڳالهه پيروجا جي سمجهه ۾ اچي ويئي ۽ اهو به ته پنهنجن خطن ۾ خورشيد عالم الماس جو ذڪر ڇونه ڪيو هو ۽ ڪجهه عرصي کان وهاڻ واري ڳالهه کي پنهنجن خطن ۾ ڪنهن اٽٽر سبب ٽاري رهيو هو.

هوءَ آهستي آهستي اٿي ۽ ڏيرج مان چيو:

"چگو الماس، مگٽو مبارڪ هجيئي. خدا حافظ!!"

"وڃين پئي پيروجا؟ ترس منهنجي موٽر توکي ڇڏي ايندي- ڊرائيور!!" الماس سڪون مان وراٽيو.

"نه، الماس مهرباني!" ۽ ائين چئي، هوءَ ڊڪ پائي ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪتي رستي جي پرئين پر، ان مهل بس اچي بيٺي- ۽ هوءَ تڪڙي تڪڙي هلندي وڃي بس ۾ ويٺي.

ڦوهاري وٺ بيٺل الماس ڦاٽڪ ڏانهن ڏسندي رهي- برسات جي تکي ڦوهار پام جي وڻن کي جهڪائي ڇڏيو هو. هوءَ تڪڙا قدم کڻندي گپ کان پاڻ کي بچائيندي برساتي اندر هلي ويئي.

انهيءَ قصي جي ٽئين ڏينهن الماس جي پيءُ جي نالي خورشيد عالم جو خط آيو. جنهن ۾ هُن پنهنجي پيءُ جي سخت

ناچاڪائيءَ ڪارڊ موڪل جو مدو وڌائڻ لاءِ درخواست ڪئي هئي. البت الماس جي پيءُ کي اهو نہ لکيو هئائين تہ. سندس پيءُ انهيءَ خبر پوڻ بعد تہ هن جو اڪيلو پٽ ڪنهن مسلمان رئيس زادي سان پرٽجڻ بدران ڪنهن غريب پارسياڻي سان ٿو وهاءُ ڪري، اهو ڪٽر مذهبي پيءُ انهيءَ ڏک سبب مرڻ ڪنڊيءَ تائين وڃي پهتو آهي.

خورشيد عالم جي خط مان لڳو ٿي، تہ هو ڏاڍو پريشان آهي.

وراٽي ۾ الماس پاڻ هن کي لکيو:

"توهان کي جيترا ڏينهن ڪپن، اتي رهو، ڏيڊي توهان کي ڪو پرائو تہ نٿو سمجهي. اسين سڀ توهان جي انهيءَ پريشانيءَ ۾ گڏ آهيون. پر توهان پنهنجي پيءُ کي علاج لاءِ هتي ڇو نٿا آڻيو؟

"وڌيڪ اهو تہ مان ڪالهہ سوئيمنگ لاءِ "سن اينڊ سينڊ" ويئي هيس. اتي هڪ ڏاڍي من موهيندڙ پارسياڻي پيروجا دستور سان ملاقاتي ٿيس، جيڪا پيانو وڄائيندي آهي ۽ پيرس مان ٿي آئي آهي. شايد ڪنهن آمريڪيءَ جي گرل فرينڊ آهي، ۽ شايد هن سان ئي "سن اينڊسينڊ" ۾ ترسيل آهي. مون اوهان کي ان لاءِ خط لکيو جو شايد توهان بہ ڪڏهن هن سان ملاقاتي ٿيا هجو پيرس ۾!

"چگو توهان ابي کي وٺي هتي اچو، ۽ تار ڏجو تہ جيئن هتي ڪينيڊي اسپتال ۾ هن لاءِ ڪمرو ريزور ڪري سگهجي!"

ـ اوهان جي الماس.

شام لٽي، تار ديو جي پراٽي عمارت آڏو هڪ ٽيڪسي اچي بيٺي، جنهن مان خورشيد عالم ٻاهر لٽو، ڪيسي مان نوٽ ڪڍي هن ايڊريس تي نهار وڏي، ۽ عمارت آڏو بنهہ رستي جي پرسان لڳل وراندي جي آڏي ڏاڪڻ تي قدم رکيو.

سامهون در جي چانئٽ تي چُن سان جيڪو چوڪ، صبح ٽاهيو ويو هو، اهو ايڏا تائين موجود هو. اندر اڏ اونداهي صفي جي هڪ ڪنڊ ۾ دريءَ وٽ هڪ پوڙهو پارسي صدري ۽ نيري اچي

پتلون پهريو ، مٿي تي گول ٽوپي، چيلهه ۾ بڌل ڪستي ڪوليندي ۽ انهيءَ ۾ ڳنڍيون ڏيندي پاڻ پاڻ ڪري دعائون پئي پڙهيون. هڪ پاسي هڪ ميري آرام ڪرسي پئي هئي. وچين ميز تي چادر وڇايل هئي ۽ پٽ تي زرتشت جي هڪ وڏي تصوير ٽنگيل هئي. صفي مان ناريل ۽ مڇيءَ جي تکي ڏپ اچي رهي هئي. هڪ جھونڊي پارسياڻي، ڳاڙهي جاجرجٽ جي ساڙهي ، مٿي تي رومال بڌل، جنهن جو ڪنڊ پئي لڏيو، اندران نڪتي.

"مس دستور آهي؟"

"پيروجا؟" پارسياڻي ڏنڊلين اکين سان خورشيد عالم کي ڏسندي وراڻي ڏني، " هو ويئي آهي! سن اينڊ سينڊ!"

"چا؟ چا مس دستور سن اينڊ سينڊ ۾ رهي ٿي؟"

چٽ ٻوڙي، پوڙهيءَ هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوڻيو.

"ڪنهن سان. ڪنهن سان گڏ؟" خورشيد عالم پڇيو. پوڙهي ڏو اندر ويئي، ۽ هڪ وزيٽنگ ڪارڊ ڪڍي اچي خورشيد عالم جي هٿ تريءَ تي رکيو- ڪارڊ تي ڪنهن آمريڪي جو نالو لکيل هو.

"تون خورشيد عالم آهين؟ پيروجا چيو هو، ته تون اچين ته مان ڪيس فون ڪريان ۽ توکي اهو نه ڏسيان ته هوءَ ڪيڏانهن ويئي آهي!" هن بلائوز جي ڪيسي مان پنجويهه پئسا ڪڍيا. خورشيد عالم ڳنگ ٿڙڪو ٿيو، پوڙهيءَ کي تڪڙ لڳو.

"توهان کي انهيءَ صورتحال تي ڪوبه اعتراض ڪونهي؟"

ٻوڙي، چٽ، ناڪار ۾ ڪنڊ ڏوڻيو. "اسان تمام گهڻا غريب ماڻهو آهيون. پر هاڻ پيروجا کي هڪ آمريڪي.....!" اوچتو مسز دستور کي يادگيري آئي ته هُن مهمان کي ته اندر سڏيو ئي ڪونهي- هُن پٽيءَ ۾ نِوڙندي چيو. "اچ، اندر اچ!"

خورشيد عالم چپ چاپ بيٺو رهيو. پوءِ تيزيءَ سان موٽي وڃي ٽيڪسيءَ ۾ ويٺو.

"بائي. بائي" پوڙهيءَ هٿ لوڏيو- ان وچ ۾ پوڙهو پارسي دعا

پڑهي ٻاهر نڪتو، پر ٽيڪسي وڃي چڪي هئي.

جنهن ڏينهن الماس ۽ خورشيد عالم جي مڱڻي واري دعوت هئي، ان ڏينهن اهڙو تہ اڇي وڏڙو وٽو، جو ٽر برهڪ ٽي ويو. ڊنرڪان ڪجهہ پل اڳ مينهن بند ٿيو. تہ خورشيد عالم ۽ الماس جي پيءُ جو دوست ڊاڪٽر صديقي، جيڪو تازو بدلي ٿي هتي آيو هو، بالڪوني ۾ وڃي بيٺو. بالڪوني کان پرپرو "برج خموشان" جو جهنگل پنل، هوا ۾ "سون سان" ڪري رهيو هو. اندر ڊرائينگ روم ۾ ٽهڪ پئي ٻريا، ۽ گرينڊ پيانو تي رکيل روپي شمعدان ۾ ميڙ بتيون پئي ٻريون. ڏاڍو رومانٽيڪ وايو منڊل هو، تہ ايتري ۾ گيلريءَ ۾ رکيل ٽيلي فون جي گهنٽي وڳي- هڪ نوڪر اڇي الماس کي چيو. "خورشيد سائينءَ جي فون آهي!"

ڪنوار جو ويس ۾ڪيل الماس جهٽ وڃي فون وٺ پهتي. هڪ مقامي اسپتال مان ڪنهن نرس اتاولي آواز ۾ پچا پئي ڪئي، "چا مسٽر عالم هتي موجود آهي؟"

"توهان ٻڌايو، توهان کي ڪهڙو ڪم آهي مسٽر عالم ۾!" الماس سختيءَ مان وراٽيو.

"مس پيروجا دستور هڪ مهيني کان هتي سخت بيمار پئي آهي. اڄ سنڊس حالت ڏاڍي نازڪ ٿي ويئي آهي، هُن چوارايو آهي تہ جيڪر مسٽر عالم چند پلن لاءِ هتي اچي سگهي تہ.....!"

"مسٽر عالم هتي ڪونهي"

"آر يو شوئر؟"

"يس آئي ايم ويري مچ شوئر!" الماس تکو ٿيندي چيو، "چا تون سمجهين ٿي تہ مان ڪوڙ پئي ڳالهايان" ۽ ائين چئي ٽڪ فون بند ڪري، ڪجهہ پريشانيءَ مان اڇي مهمانن ۾ شامل ٿي ويهي رهي.

ٻن ڪلاڪن بعد ٻيهر فون وڳي.

"ڊاڪٽر صديقي توهان جي ڪال!" گيلريءَ مان ڪنهن سڏ

ڏنو، "اوهان کي تڪڙو ڪوٽايو اٿن!"

ڊاڪٽر صديقي تڪڙو تڪڙو ٽيلي فون ڏي ويو ۽ پوءِ هن الماس کي سڏ ڏنو. "معاف ڪجانءِ، مون کي وڃڻو پيو پوي!"

الماس درتائين آئي، "سياڻي پڪ اچجو۔ اسين ويڪ اينڊ لاءِ پونا پيا وڃون!"

"ضرور ضرور، گڊنائيٽ!" ڊاڪٽر صديقي ائين چوندي ٻاهر هليو ويو.

بريج ڪينيڊي اسپتال مان نوبنو ٿي، خورشيد عالم جو پيءُ ڏاڍو خوش خوش پرتاب ڳڙهه هليو ويو.

جيستائين "ڪمبالا هل" وارو فليٽ جڙي راس نه ٿيو، جيڪو ڪنوار کي ڏاج ۾ مليو هو، ان وقت تائين وهاڻ بعد گهوٽ ساهرن ۾ ئي ترسي پيو، گهٽو ڪري آفيس اسهڙ کان اڳ ۾ هو بالڪوني ۾ وڃي بيهندو هو. هيٺ ٽڪريءَ واري گهاٽي باغ مان لنگهندڙ ور وڪڙ وارو رستو، "برج خموشان" ڏي ويو ٿي، جتي ڪنهن ڪنهن مهل سفيد براق ڪپڙن ۾ پارسي سيار اچن رومالن سان هڪ ٻئي جا هٿ هٿ ۾ جهلي، قطارن ۾ مڙهه کي ڪٽي دور ٽڪريءَ تي چڙهندا نظر ايندا آهن. ڪانگ ۽ ڳڄهون، وٽن تي اوسيڙڻي ۾ وينل هوندیون آهن. برج خموشان جي اڳڙ وارو ڦاٽڪ دور "ڪئمپس ڪارز" تي ڪليو ٿي ۽ ڦاٽڪ تي هڪڙو ڪسيل ڏاڙهيءَ وارو پوائٽو جهور پارسي دربان پنڌ پهڻ ٽيو وينو هوندو آهي- اچين ساڻهين ۽ اچن ڪپڙن ۾ ڏکويل پارسي ميت چاڙهڻ ڪانپوءِ انهيءَ ساوڪ واري ٽڪريءَ تان هيٺ لهي وڃي پنهنجن موٽرن ۾ ويهندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت حياتيءَ جو جوش سان پريل سمنڊ ائين ئي لڙهندو رهندو آ. پر واري ماڙيءَ تي "ايئر انڊيا" جي مهاراجا وارو اشتهار نت نئون لفظن ۾ انهن جيئرن انسانن کي سموري دنيا ۾ پکڙيل موهيندڙ شهرن جي سفر جي ڪوٽ پيو ڏيندو آهي.

هن هڪ پيرو خط ۾ لکيو هو:

"ڏهن جون هزارين اکيون آهن ۽ دل جي اک فقط هڪ آهي. پر جڏهن محبت جو انت اچي وڃي، تہ پوءِ سموري حياتيءَ جو انت اچي ويندو آهي."

سمنڊ جي موج پل اپل ۾ فنا ٿي وئي. آڪاش تي ترندڙ ڪڪر فضا ۾ گم ٿي ويا. جڏهن هوءَ مئي هوندي تہ ڪانگن ۽ ڳجهن سندس آجيان ڪرڻ ريت ڪئي هوندي. انهيءَ طوفاني رات ۾ اسپتال جي وارڊ مان نڪري سندس آتما جڏهن آڪاش تي پهتي هوندي ۽ عالم بالا جي گگهہ اوناهيءَ ۾ ڪنهن آتما ساٿس ٽڪرائجي، پڇاڙو ڪيو هوندو، "تون ڪير آهين؟" تہ وراڻي ڏني هوندائين، "الائي ڪير؟ مان تہ ڪالهہ ئي مئي آهيان!"

هاڻ تہ هن جي آتما الائي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪتي هوندي. مري ويل انسان تہ ڏاڍو تکو سفر جهاڳيندا آهن!!

تارا ٻائي، پنهنجن روشن نيٽن سان هر شيءِ کي ڏاڍي ارمان ۽ عجب مان پئي تڪيندي آهي. هوءَ صاحب کي بہ عجب مان نهاريندي آهي.

۽ الماس بيگم، اها تہ هاڻ پيٽ سان آهي ۽ سگهوئي تارا ٻائيءَ جو ڪم ٻيڙو ٿي ويندو!

اڄ صبح جو آئي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر صديقي آيل هو. جڏهن تارا ٻائي هن لاءِ چاءِ ڪٽي وراندي ۾ ويئي تہ هو اوچتو چرڪي پيو ۽ ڏاڍي خوشيءَ مان پڇيائين، "اڙي! تارا وائي، تون، هتي پئي ڪم ڪرين؟"

"جي ڊاڪٽر صاحب." تارا ٻائي لڄي ٽيندي وراڻيو. "هاڻ چگهيءَ ريت ڏسي سگهين ٿي نہ؟"

"جي- ڊاڪٽر صاحب. هاڻ سڀ ڪجهہ چگهيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿو!"

"گڊ!" ۽ پوءِ هو مسٽر خورشيد عالم کي ٻڌائڻ لڳو، "هي نينگري ڏهن سالن جي عمر ۾ انڌي ٿي پئي هئي. پر قسمت سان

سندس اها نابينائي عارضي ثابت ٿي- توکي ته ياد هوندو الماس، تنهنجي انگيجمينٽ واري پارٽيءَ رات، مون کي اسپتال ويڙهو پئجي ويو هو. اتي هڪ عورت مس پيروجا دستور وفات ڪري ويئي هئي- هُن مرڻ مهل پنهنجا نيٽ آئي بينڪ کي ڏونيت ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئي، ان ڪري هن جي فوت ٿيندي ئي مون کي تڪڙو سڏارايو ويو، ته هن جا نيٽ اڇي ڪيان. بيحد نرگسي نيٽ هئا، ويچاريءَ جا، نه ڄاڻ هئي ڪير غريب؟ فقط هڪ پوڙهي جهور پارسياڻي پلنگ جي سيراندي‌ءَ کان ٻيئي تمام گهٽو رنو. ڏاڍو ڏکوئيندڙ ڏيک هو. خير چند ڏينهن بعد هن تارا ٻائي جو مامون کيس مون وٽ وٺي آيو، هن کي ڪنهن ٻڌايو هو ته نئين ڪورنيا هٽڻ سان انهيءَ نينگريءَ جو نور واپس وري سگهي ٿو. مون پوءِ اهي ئي مس پيروجا دستور جا نيٽ، بئنڪ مان ڪڍي، ان جي نئين ڪورنيا هن نينگريءَ جي اکين تي فٽ ڪري ڇڏي. ڏسو ته ڪيئن نه اکين واري ٿي پئي- واقعي ميڊيڪل سائنس اڄ ڪلهه معجزا ڏيکاري رهي آهي." ڊاڪٽر صديقي پنهنجي ڳالهه پوري ڪري، اطمينان سان ساهه کڻي سگريٽ دکائي ورتو آهي- پر الماس بيگم جو منهن پوائتو ٿي پيو آهي.

خورشيد عالم ٽاپڙندو اٿيو، ۽ انڌن جيان هٿوراڻيون ڏيندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. تارا ٻائي سندس اها حالت ڏسي ڊڪ پائي اندر ويئي، ته ڪيس ڪڪرن جيان تڪڻ لڳو!

تارا ٻائيءَ جي سمجهه ۾ ڪجهه نٿو اچي ته هوءَ پريشان ٿي رڙٽي ۾ وڃي ٽانو ڏوئڻ لڳي ٿي ۽ دور برج خموشان تي ائين ئي ڳجهون ۽ ڪانگ لاما را ڏيڻ لڳن ٿا!!

"ڪاگا سب تن کھائیو، چن چن کھائیو ماس،
دوئی نیناں مت کھائیو، موہے پیا ملن کی آس!"

ڪڙا ڪوٽ پگاس تہ ملڪ نہ مارو ساڳيا *

ياد هڪ اهڙو سانت، طوفاني اڇو اُجرو ۽ ميرو سمنڊ آهي، جنهن جي تري ۾ انيڪ جهونن جهازن، جگمگ ڪندڙ خزانن ۽ لاشن جا خاموش شهر دفن آهن. انهيءَ پاڻي هيٺ بلوري محلاتن ۾ سامونڊي گل پيا ترندا رهندا آهن. نيرين ۽ ساين لهرن جا اولڙا انهن ايوانن ۾ پيا پوندا آهن ۽ زمرد جي روشنيءَ ۾ مون کي جي ٽکرين پويان جل پرين جا آواز انهيءَ ابدي سناٽي ۾ هوريان هوريان پيا ٻرندا محسوس ٿيندا آهن. (اهي آواز جيڪر سمنڊ جي ڪناري تي ڪا سپ ڪٽي ڪن تي رکندؤ تہ اوهان کي ٻڌڻ ۾ ايندا.) چمڪندڙ نرمل سنهري مڇيون، ۽ پوائٽيون شارڪ پيون گهتون ڏينديون آهن، ۽ وقت جي نون طوفانن ۾ نوان جهاز غرق ٿي وڃي انهيءَ تري ۾ ويهندا آهن. ۽ وڏيڪ خزانن جي انبار جو انهيءَ پاڻيءَ هيٺ شهر ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي. وقت سان گڏوگڏ تري ۾ پيل پراڻا لاش ايڇا بہ اونهائيءَ ۾ غرق ٿيندا ويندا آهن ۽ سندن شڪليون ڏنڏليون ٿي ويندیون آهن. جوهرات جو رنگ جهڪو ٿي ويندو آهي. جهونا جهاز ايڇا بہ وڏيڪ پرزا پرزا ٿي پاڻيءَ ۾ ڳرندا ويندا آهن ۽ انهيءَ کي وسارڻ چئبو آهي.

ائين صديون لنگهڻ بعد بہ ٿيندو آهي ۽ هڪ ورهيہ يا هڪ مهينو گذرڻ تي بہ. وسارڻ يا سارڻ جو ڪوئي مدو مقرر ناهي. انسان هزارن سون، ماپن سان پنهنجي اجتماعي ماضيءَ کي ماپيندو آهي، پر سندس عمر ايتري تہ مختصر آهي، جو پنهنجي زماني جي تصور کي پنهنجي محدود ماپي سان ئي ماپي سگهي ٿو ۽ ان کي ئي ويچارو ڏاڍو

* چھٹے اسیر، توبد لا ہوا زمانہ تھا

اهم سمجهندو آهي. وقت جي محدود تجربي کي جيڪو سندس تکي حياتيءَ جيان ئي آهي، هو تاريخ جي مجموعي پس منظر کي ڏسڻ جي کوشش ڪندو آهي ۽ سمنڊ سنسات ڪندو رهندو آهي، ان وقت تائين جيسين هو پاڻ ۾ين لاءِ هڪ ساروٽي بڻجي سندس تري ۾ وجي ويهي رهندو آهي.

1939ع ۾ ٻي مهاياري لڙائيءَ دوران ڪانگريس جي "عدم سهڪار" واري اعلان جي موقعي تي يو. پي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ "اقبال سهيل عظيم ڳڙهي" گجگوڙ ٿي انگريز سرڪار کي چيو هو:

"ستم جو ہوگا تو دیکھ لیں گے، کرم کا بھانڈا پھوٹ جائے،
بلا سے قزاق آکے لوٹیں گے، یہ پاسبانوں کو لوٹ جائے،
اچک لے شاہین تو غم نہیں، قفس کمخت تو ٹوٹ جائے"

ان وقت سمورو هندستان هڪ وڏو قفس هو، پر ان کان ڪجهه ورهيه اڳ جڏهن اسان جو جهاز "ايس. ايس. مهاراجا" ڪلڪتي مان لنگر ڪنيو تہ مون کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙن نہ نهڪندڙ نظرين هيٺ آزاديءَ جي لڙائي وڙهي پئي وئي، ۽ هنسا ۽ اهنسا جو مطلب ڪهڙو آهي. بابي جي دوستن مان مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا شوڪت علي ۽ حسرت موهانيءَ لاءِ ايجا هينئر هينئر ٻڌوسين تہ وراندي ۾ وينا ڄاڻ پي رهيا هئا جو وري اها ڄاڻ پئي تہ جيل هليا ويا. اهي اهنسا وادي ماڻهو هئا، ۽ انهن ئي ڏيهاڙن جڏهن اها خبر ٻاهر وانگر پکڙجي ويئي تہ ڪنهن ان لابيءَ وائسراءِ بهادر تي بم ڦٽو ڪيو آهي، ۽ گرفتارين جو وسڪارو شروع ٿي ويو آهي تہ گهرن ۾ ماڻ ڇانئجي ويندي هئي- نڄاڻ ڪهڙي امڙ جي لال ڦاسيءَ جي جئه مالا پائڻ جو پهه ڪيو آهي. اهي هنسا وادي يعني تہ انقلابي دهشت پسند ڪونيا ويندا هئا.

سو جڏهن روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ جهاز (جنهن جي مٿئين هنڌ تي گواني بينڊ "رول برٽينيا" وڄائي رهي هئي، ۽ اقتصادي مٽي ماري دور ڪرڻ لاءِ صاحب ۽ ميم لوڪ بار ۾ وينا

دارون واپرائي رهيا هئا. چاڪاڻ ته سرڪاري ڪندڙ پامر ۽ پگوڊا وٽن جي جهڳٽي ۾ ويڙهيل آهي هٿرادو نوآبادين انگريز اميرن جي ننڍن پٽن لاءِ ايڊونچرز ۽ مالي نفعي لاءِ اڃا سموريون ڪهيل هيون ۽ اهو سمر ست ماهم ۽ ايولين وائو جي ناولن جو اوپر هو. لنڊن جي اخبارن ۾ هڪريءَ ساڻ اڳهاڙي فقير گانڌيءَ جا فوٽا ڇپجندا هئا، جيڪو ايمپائر جي پاڙ پٽڻ پويان هو. نئي دهليءَ جي وائسراءِ ايگل لاج واري "مغل گارڊن" ۾ ليڊي ولنگٽن اڇو ويس ڏڪي رياستن جي سر واٽن سان چاءِ پيئندي هئي. ۽ ڪيٽرين ميو (جو "مدر انڊيا" ڪڏهوڪو ڇپجي چڪو هو.) سائي رنگ جي پاٽيءَ منجهه گهڙيو، ته اچرج مون کي رڳو انهيءَ ڳالهه تي ٿي ته سمنڊ ڪيڏو نه وشال آهي! "الائي ڪيترا مزور لڳا هوندا تڏهن وڃي انهيءَ کي ڪوٽي ڪڍيو هوندائون." مون سوچيو. ۽ ريلنگ تان مُنهن ڪيڙي لهرن ڏي نهار ڪئي.

صاحب لوڪن جي انهيءَ جهاز تي هندي غلامن ۾ اسان کانسواءِ ٻيو ڪٽنب مولانا رښواز جو هو. مولانا رښواز پورٽ بليئر جي ڪنهن سرڪاري ڪاتي ۾ آفيس سپرنٽنڊنٽ هو ۽ ان سان گڏ پورٽ بليئر جي مسيت جو پيش امام ۽ واعظ پڻ! هو موڪل پوري ٽيڻ تي انڊيمان وريو پئي. هو سونهري ڪلاه، وڏي طُري ۽ ڏگهي شملي واري ريشمي پڳ پڏندو هو ۽ سٽڻ تي فراڪ ڪوٽ پائي مٿان ٽائي ٻه پڏندو هو، ۽ فرينچ ڪٽ ڏاڙهي ٻه هيس، اهو ملڪي سياست جو لڳ ڀڳ ڏاڍو ڏکيو دور هو. هو گهٽو ڪري ڏاکڻ تي آچي ۽ صاحبلوڪن تي پري کان هڪ نهار وجهي، "زميندار" اخبار جو ويڙهو، بابا جي هٿن ۾ ڏينڊو هو ۽ پوءِ ماڻ ميٽ ۾ سياسي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. مون کي سندس ڏنڏلو مهانڊو ياد آهي. پر اهو سمورو وچور جڏهن وڏي ٽيس ته بابا مون کي ٻڌايو. بابا ٻڌايو ته مولانا رښواز انهيءَ دور جي لاهور جي نفيس تهذيب ۾ پليل هو. عربي ۽ فارسي جو عالم هو. وڏو سڇو مسلمان، ۽ بيحد شعور رکندڙ حساس انسان هو. پر پيٽ خاطر ڪيس سرڪاري ڪلارڪي ڪرڻي پيئي هئي. مولانا جي گهر واريءَ ريشمي خلاصو وگو پهريو گهٽو ٽٽو

هيٺئين ماڙ ۾ پنهنجي ڪٻن ۾ بند ٽيو ويٺي هوندي هئي. مولانا جي ڏيءُ فرخنده جمال مون جيڏي ئي هوندي، جيڪا گهٽو ڪري راند کيڏڻ لاءِ مٿي عرشي تي ايندي آهي، جنهن جي واپس وڃڻ بعد مان ٻيهر وڃي ريلنگ تي ٽنگجي بيهندي هيس. (جهاز جي ٻئي جهڙي گرم هولڊ ۾ بندي خانو هو.)

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ افق تي ٻيٽ ظاهر ٿيا. مونگي جون چوٽيون، ناريل جا جهڳٽا ۽ ساوڪ سان ڀريل ٽروپيڪل جبل. پورٽ بليئر جو بندر ويجهو ٿيڻ لڳو. ته ڪيتريون ٻيڙيون ۽ موٽر لانچون، جهاز ڏي وڌڻ شروع ٿيون. بندر جي ماڙيءَ تي "يونين جيڪ" ڦڙڪيو پئي. پوليس جا اينگلو انڊين ۽ ڪارا پوليس وارا بندوقون ڪنيو پهري تي بيٺا هئا ۽ اڇا سولا ٽوپلا پهريو، صاحبلوڪ رپ رپ ڪندو جيٽيءَ تي گهمي رهيو هو.

بينڈ "رول برٽينيا" ٻيهر وڄائڻ لڳي ۽ جهاز وچي ڪپر سان لڳي ٻيٺو. صاحب ۽ ميم لوڪ هيٺ لٿا. مولانا رنواز جي زال پڻ اڇي شٽل ڪاڪ برقعي ۾ ميوي جون ڇليون سنيالينديِ پنهنجي ڪيبن مان نڪتي. هيٺ جيٽيءَ تي پهچي مولانا رنواز فرخنده جمال کي ڪٽي ڪلهي تي ڪنيو ۽ جوٽس جي اڳيان اڳيان هلڻ لڳو. سپ کان وڏي ۾ وڏي بنديخانيءَ "سولر جيل" موڪليا پئي ويا.

اسان جو گهر "باره بنگلو" هڪ سرسبز ٽڪريءَ مٿان آهي. ور وڪڙن واري رستي کان انميءَ جي ڦاڪ تائين پهچڻ لاءِ هڪ جاپاني قسم جي ڪاٺ واري پل تان گذرڻو پوندو آهي. گهر اوچين اوچين ڪاٺ جي ٽوٽين تي بيٺل آهي، جنهن جو نالو ٿي سگهي ٿو ته "برڙا بنگلا" جي ڪنڙ بنگالي يا انگريزي شڪل آهي. اڳڻ ۾ سامهون کان رٻڙ جي وڻن جو جهڳٽو آٿس. وڏين وڏين فرانسيسي درين واري ورانڊي مان سمنڊ ڏسڻ ۾ پيو ايندو آهي، جنهن جون لهرون باغ

جي لاهيءَ سان پيون مٿو هٽنديون آهن. پرائيويٽ جيٽيءَ تي بيٺل نيرن پڙدن واري اڇي سرڪاري لانچ لهرن تي پئي لڏندي آهي. "بڙا بنگلا" ڪانگڙهه واري عمارت آهي، انهيءَ ڪري سندس هيٺين ماڙ ۾ جيڪو فقط ڪاٺ جي ٿوٽين تي ٻڌل هڪ جهنگ آهي، هٿيار بند گارڊ ڪانسواءِ هڪ ننڍي فائر انجڻ ۽ باهه وسائڻ وارو عملو به ويٺل هوندو آهي. گهر جي صفا پنيان ڪاڇن جي وٽن سان ڍڪيل هڪ وڏو جبل آهي.

"انڊيمان" جا اهي ٻيٽ ۽ جبل اصل ۾ برما جي "ارڪان يوما" جبلن جون سمنڊ جي هيٺان سلسلي جون ست سؤ ميلن تائين پکڙيل چوٽيون آهن، جيڪي پاڻيءَ جي پيٽ مان ڦٽي ٻاهر نڪتيون آهن. ڌرتيءَ جي جوڙ جڪ ۽ طبعي ڦيرين گهيرين ۾ جبل اندر گرائونڊ تي ويندا آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن "جوالا مکيءَ" جي ٻيانڪ روپ ۾ ظاهر ٿي ڦاٽي پوندا آهن، جيالاجيڪل وقت ۾ گهريل انسان جي حياتي ماڪوڙيءَ جي عمر کان به وڌيڪ تچ آهي. هن سؤ ٻيٽن جي انهيءَ جهرمٽ ۾ گهٽو ٽٽو ڌرتي ڏڏندي آهي.

اسان اهڙن جبلن جي چوٽين تي رهون ٿا، جيڪي سمورا نيري سمنڊ ۾ ٻڌل آهن. انڊيمان ملاياتي ٻوليءَ جي "هندومان" جي انگريزي شڪل آهي. "هندومان" ملاياءِ ٻوليءَ ۾ هنومان کي سڏيندا هئا. رامائڻ جو ڏکڻ اوپر ايشيا خاص ڪري سيام ۽ ڪمبوڊيا وغيره جي تهذيبن تي ڏاڍو گهرو اثر رهيو آهي.

"هنومان پنهنجي باندرن سميت هتي به اڇي پهتو هو؟" ـ ادا، گارڊ جي حوالدار رامچندر کان پڇيو، جيڪو فيض آباد يعني ايوڌيا جو رهاڪو آهي.

"ها پٽ. ڪير ڄاڻي ته لنڪا تائين پل ناهيندي، ناهيندي ٽپندي ڪڏندي هتي به اڇي نڪتا هجن. بجرنگ بلي جو ٿيو، آخر هڪ سنجيون ٻوٽيءَ ڪاڻ سڄو جبل به ته هڪ تريءَ تي کڻي ورتو هئائين يا نه؟ اسان کي ته ائين ياسي ٿو ته ڪاوڙ ۾ اڇي هنن جوالا مکي جبلن کي به هن ئي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو." رامچندر

پنهنجي ڌگهين ڌگهين ڪُنڊن وارين مُڇن تي هٿ ڦيرندي پاڻوهه مان وراڻي ڏني.

جاگرافيءَ جي ڪتاب ۾ ادا انميءَ ئي ڏينهن پڙهيو هو ته اڇن انڊو يورپين آرين ڏکڻ جي ڪارين قومن کي ڏڪار وڇان باندر سڏيو هو. چاڪاڻ جو اهي قديم نيگرٽو نسل سنڌو ماٿري، ڏکڻ پارت ۾ لنڪا کان ولي ملايا ۾ آسٽريليا تائين وڃي آباد ٿيا هئا. ۽ انڊيمان ٻيٽ ۾ نڪوبار جا اهي هنومان يعني باندرن جهڙا وحشي قبيلا انميءَ تاريخ کان اڳوڻي نسل جي ڪٽنبن جا فرد هئا. (انٿروپولوجي جي ڄاڻن موجب انڊيمان جا قبيلا دنيا جي سڀ کان اول انساني نسل جا پڇاڙڪا ٻچيل فرد هئا.) پر حوالدار رامچندر جي اها هنومان واري ڳالهه مون کي دل سان وڌيڪ لڳي.

ڪور منڈل، بنگال، مالابار، سوراشٽر، سنڌ ۽ لنڪا جي بندرگاهن جو حضرت سليمان عليہ السلام جي بادشاهت ۾ بحر روم جي ملڪن ۽ بابل ۾ نينوا سان وٽج واپار هلندو هو. مصر جي فرعونن جون ممين هند جي ململ ۾ سوتي ڇيٽن ۾ ويڙهيون ويندين هيون. ۽ "پوپ گريگوري اعظم" جي ترجمي ڪيل لاطيني قديم عهدنامي ۾ حضرت ايوب عليہ السلام فرمايو هو، "منهنجي عقل ۾ سمجهه کي هند جي رنگين ڪپڙن سان نه پيٽيو وڃي!" -- گپتا تهذيب سموري ڏکڻ ايشيا ۾ پکڙيل هئي ۽ وچ ۾ عرب واپاري ۽ چاٽگام جا وٽجارا دنيا جي سمنڊن تي پنهنجا سڙهه سانباهيو پيا ڦرندا هئا، پر جڏهن کان اوپر جو زوال شروع ٿيو ۽ دنيا جي بازارن ۾ هند جي وٽج واپار واري اڳواٽي ۽ هٿ پورهي واري ڪاريگريءَ جو انت آيو، تڏهن به حيدر علي ۽ ٽيپوءَ کان اڳ ۾ دهليءَ جي مغلن ۽ بنگال جي نوابن کي اهو ويچار به نه آيو ته سامونڊي قوت به ڪا شيءِ ٿيندي آهي. ويچاري حيدر علي نيوي ناهي ۽ ٽيپوءَ مالديپ تي پنهنجي سامونڊي ٻيڙي، جا هيبڊ ڪواٽر قائم ڪيا، پر ان وقت تائين پاڻي مٿي کان لنگهي چڪو هو. فرض ڪريو ته جيڪر سموري ٻيٽ جي بچاءَ لاءِ نيوي موجود هجي ها ته هوند سورهين

صديءَ ۾ يورپي طاقتون اهڙي سولائيءَ سان ملڪ ۾ گهڙي نه اچن ها. هاڻ مثال طور هندماني ديپ کي ئي ڪٽي ونو، جيڪر مغل سرڪار يا مانڊلي بادشاهن جي اتي هڪ ساموندي چوڪي قائم ٿيل هجي ها ته اها اتان لانگهائو ٿيندڙ هر پرتگالي، ڊچ، فرانسيسي يا برطانوي جهاز ۾ پوسو پري چڏي ها.

اهڙيءَ ريت برٽين ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ نقشا ناهيندڙ "آر- پي بالڊيئر" هڪ هڪ ٻيٽ جي ماپ ونڻي، هتي 1788ع ڌاري نو آبادي قائم ڪئي. انهن ساون ۾ زرخيز ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ لاءِ انگريز ڏيئي ونڻي بيهي رهيا. چاڪاڻ جو هندماني قبيلن پنهنجي زهر سان پريل تيرن ۾ ٻاڻن سان صاحبلوڪن جي اهڙي ته آجيان ڪئي، جي "بش مين" يا صاحبلوڪن کي اهڙا ٿوٿا نه چٻايا هوندا، پر انگريز جي پاڻن جي يا ڪهڙي ڳالهه ڪجي، اهي صاحب لوڪ جتي يا پهچن تا اتي گلستان بڻايو چڏين. هاڻ انهن ٻيٽن تي اصلي ولايتي نالن وارا رونق پريا سڌا شهر آهن- پورٽ ڪارنوالس- ايلفنسٽن هاربر، جيئن اسان وٽ هتي، منٽگمري، دلموسي، ڪيمبل پور وغيره.

پورٽ بليئر ۾ اسڪول ڪونه هئا، انهيءَ ڪري هڪ برمي نوجوان ادا کي پڙهائڻ لاءِ ايندو هو. ننڍاڪڙن نيٽن سان سمنڊ کي تڪيندي ڪڏهن هو برما جي عظمت جا قصا ٻڌائڻ لڳندو هو، چئي، "خبر اٿو! بنگال ۾ اوپر هنڌ جا نوآبادڪار گهٽو ٿو اسڪاٽش چو آهن؟ چاڪاڻ جو اهي اسڪاٽ لينڊ جي ويران جبلن ۾ بک پيا مرندا هئا!"- هو ڏاڍو اتساهه وارو برمي هو- "هر شيءِ جو هڪ اقتصادي ڪارڻ هوندو آهي، ڪاز اينڊ ايفيڪٽ." هو هوا ۾ آڱريون گهمائي ڳالهائيندو هو. ڏهن، يارنهن سالن جي منهنجي ياءُ جي سمجهه ۾ جڏهن اهي وڏيون وڏيون ڳالهيون نه ويهندیون هيون، ته هو مان ٿي سمنڊ کي تڪڻ لڳندو هو. يا پوءِ وري ويهي "اراڪاني" ڦورن جا قصا ٻڌائڻ لڳندو هو، جن ۾ سو ورهيه اڳ هتي پنهنجا اچي ماڳ اڏيا هئا ۽ اوپر بنگال جي درياءَ رستي ٽيندڙ وڻج واپار تي حملا

ڪندا هئا. "پر هي "پورٽ ڪيمپ بل" جنهن بزرگ جي نانءَ پويان سڏجي ٿو، انهيءَ کان وڏو ساموندي ڦورو سڄي جهان ۾ ڳولئي ب نه لهندو. هن ئي ته سموري برما تي قبضو ڪيو هو. هي سپ.....!" هو پانهون پکيڙي اکيون گول گول ڪري چوندو هو. "هي سڄو ايشيا هڪ "سليو مارڪيٽ" آهي ۽ توهين هندستاني مهانگا "سليو" آهيو. اسين توهان کان ڪجهه سستا سليو آهيون- بائي، بائي!" - ائين چئي هو ڪرسيءَ تان وڏو ٽپ ڏيئي تکو تکو ڏاڪڻيون لهي هيٺ هليو ويندو هو.

هي ٻيٽ، گوگال جيڪڏهن هتي اچي ها ته تاهيتيءَ کي وساري ويهي رهي ها، هن جي رهاڪن لاءِ "ڪارو پاٽي" آهن. غدر جي باغين کي ڪاري پاٽيءَ جي سزا ڏيڻ کانپوءِ ٻيٽن کي "چيف ڪمشنر" جو پرڳڻو ناهيو ويو آهي. 1874ع ۾ هندستان جو وائسراءِ لارڊ ميو "سيولر جيل" (جيڪو عام طور تي سلور جيل ڪوٺيو ويندو آهي.) جو معائنو ڪندي هڪ قيديءَ جي هٿان مارجي ويو هو. هلندڙ صديءَ جي شروع کان ملڪ ۾ انقلابي تحريڪ هلي رهي آهي ۽ دهشت پسندن کي بنا ٽرائل جي ڪاري پاٽيءَ موڪليو پيو وڃي.

هي مرجاني ٻيٽ، سون اُپائين ٿا، گهاٽن ٻيلن جو ملهائتو ڪاٺ يورپ ۽ آمريڪا کي "ايڪسپورٽ" ڪيو وڃي ٿو. ڪافي، چانهه، ۽ منيلا جي سٽيءَ واري پوک لاءِ ايشيا جي سپ کان وڏي بنديخانيءَ جا باندي ونگار لاءِ موجود آهن.

سامهون شيشن واري وراندي جي ڪنڊ ۾ پراٽي نموني (ان وقت اها نئين نموني جي هئي) جي ٽيلي فون جي گهنٽي وڄي ٽي. مان استول تي چڙهي ان تائين پهچان ٿي. "هلو، هلو، جي، ها، مان باره بنگلي مان ڳالهائي رهي آهيان!"

اسين سپ، سموري دنيا، سموريون قومون، نسل، مذهب، طبقا، خيال، نظريا، پيد پاؤ، فلسفا، ادبيات، علم، ڪلا، اسان جا مختلف الهيات، روحاني ۽ اتساهي تجربا، سياسي سماجي، تمدني مسئلا، اسان جي اجتماعي ۽ اڪيلي هستي، اسان جون گهٽتايون ۽ چڱايون، دشمني ۽ دوستي، ڪاميابي ۽ شڪست، عروج ۽ زوال،

ڏک ۾ سک، شجرو تاريخ جي ڪارڻن جي گهٽتائي، ڏنڊلي، روشن ۽ چٽي پٽي تفاعل جي پيداوار آهن.

ساري رات، باغ جي ڏامر واري رستي تي گارڊ جي قدمن جي کٽ کٽ، پئي گونجندي آهي. لفٽ رائٽ، هالٽ، حڪم صدر (Left Right, who comes there) کٽ. کٽ. صبح ساڻ مٽي تي اڇو رومال ٻڌي، برمي پنگي، پاسي واري ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان ظاهر ٿئي ٿو. ۽ هيٺ پگوتي چرن مالمي رنبو سنپاليو. بوچڙ مٽي تي اوڀيو باغ ۾ پهچي وڃي ٿو. پگوتي جو اوپرندي يورپ کان گهرايل (Indentured Labour) سان تعلق آهي. ۽ سندس سمورو ڪٽنب هن پيڙهين کان ڪافيءَ جي باغن ۾ ڪم ڪندو پيو اچي، جن جا مالڪ انگريز پلانٽرز آهن لارڊ ڪارنوالس جي لاڳو ڪيل استمراري بندوبست سبب جڏهن يوپيءَ ۾ اچي زبردست ڏڪار پيو تہ اڄ کان هڪ صدي اڳ هزارن ڏڪار جي ماريل هارين کي جهازن ۾ پري غلامن جي حيثيت سان آسام آفريقا ويسٽ انڊيز، فجي، ماريشس، انگريزن جي پلانٽيشنز تي مزوري ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو ۽ انهن جا پونيرا اڄ ڏينهن تائين اتي ساڳي حالت ۾ موجود آهن ۽ پگوتي بہ انهن ئي ماڻهن جو پائبند آهي.

جڏهن سج مٽي چڙهي ٿو تہ پينٽري مان نور محمد بيري جي ڇڪ ۽ وڏي واڪ الحمد الله جو پڙلاءُ اچي ٿو. نور محمد، ضلعي جهنگ جو رهاڪو آهي ۽ پنهنجي زال ۽ سندس يار کي ڪاڙين سان ڳيا ڪري هتي اچي پهتو آهي. جهونڙو نور محمد، نيڪ دل ۽ دين دار شخص آهي. هرڳالهہ جي وراٽي ۾ "بون جناب" چوندو آهي، جيڪو "بهت اڇا جناب" جو مخفف آهي. نوجوان ڪلينر، پوڙهو بورچي پڙ ٻئي قاتل آهن. اهي ٽيئي سڻن ۽ آزاد قيدين جي ڳٽ ۾ اچن ٿا. انهن جيان باقي سرڪاري گهرن تي جيڪي ملازم سالن کان ڪم ڪري رهيا آهن اهي گهٽو ٽٽو پنجاب جي ٻنين ۾ پاٽيءَ جي ورچ تان جهيڙن ،اباٽي ملڪيت ۽ حسن ۽ عشق جي معاملن ۾ خون ڪري آيا هئا. اهي سڀ سڏا سنوان جوان، اڏوٽ، پوڙها، هندو مسلمان، سک، هندستاني، پنجابي ۽ ٻين پرڳڻن جا ماڻهو آهن.

ڪٽي جو نالو هڪ مسئلو آهي. اهو بيحد پيار ڪندڙ السيشن اسان کي گذريل انگريز ڪاموري کان مليو هو. ڪٽي جو نالو ٽيپو هو. "اسين هن کي آرٽر[1] سڏينداسين!" بابي فيصلو ڪري چيو.

پر هو آرٽر جي نانءَ تي بيوقوفن وانگر ماٺ ڪيو ويٺو پڇ لوڏيندو هو، جو ڪيس ٽيپو ڪوٺائڻ جي عادت پئجي وئي هئي چاڪاڻ ته سيني کي جهل ڪئي وئي هئي ته هن کي ٽيپو ڪري نه ڪوٺيو وڃي. ان ڪري هاڻ اهو گمنامي ۾ پيو هيڏانهن هوڏانهن ڦرندو هو ۽ ڏاڍي عجيب ۽ اميد سان پيو سيني جي شڪلين کي تڪيندو هو.

پرڪاش چندر ڪليئر پابنديءَ سان شام جو آرٽر کي سمنڊ جي ڪناري گهمائڻ وٺي ويندو آهي ۽ ڪنڊ نمائي انهيءَ جي پويان الائي ڇا سوچيندو رهندو آهي. هن جئيپور ۾ پنهنجي محبوبا جي قاتل کي ماري ڇڏيو هو. پرڪاش چند پڙهيل ڳڙهيل نوجوان آهي، گهٽو ڪري "پنڊت رام پرشاد بسمل" شاهجهان پوري جو جڳ پڌرو شعر چپن ئي چپن ۾ پيو پڙهندو آهي:

"سرفروشی کی تمنا اب ہمارے دل میں ہے،
دیکھنا ہے زور کتنا بازوئے قاتل میں ہے!"

-"پڳت سنگهه، رام پرشاد بسمل، اشفاق الله، ۽ چندر شيکر آزاد، ۽ ٻيا انيڪ نوجوان ڦاهي چڙهي چڪا آهن. هن وقت سمورو هندستان بسمل جي انهيءَ شعر سان گونجي رهيو آهي ۽ مان هتي ذلت جي موت مرندس!" هو ڪنڊ ڪٽي منهنجي پاءُ کي چوي ٿو ۽ پوءِ ڪا سپ ڪٽي ڪن تي رکي ٿو ۽ سمنڊ جو آواز ٻڌندو رهي ٿو. مان هيڏانهن هوڏانهن ريتيءَ تي پٽڪي رهي آهيان ۽ ڏاڍيون سهٽيون ۽ وڏيون وڏيون ڪوڏيون، سپون ۽ گهونگها گڏ ڪندي پئي وتان،

(1) آرٽر واري

تڏهن اوچتو پرڪاش چندر هڪ سپ دور پاڻي ۾ اڇلائي منهنجي پاءُ ڪي چوي ٿو، "بابا، توهان ڪي اها جاڻ آهي ته جڏهن سراج الدوله جي شهادت جي جاڻ "رام رائن موزون" ڪي ٿي ته چا ڪيو هن؟ـ هو هڪ راجا هو پٽنا جو ـ ۽ شاعر پڻ هو. اها خبر ٻڌي، جنهن ڪانپوءِ هندستان جي ڏياريءَ جون ڏياتيون وسامي ويون، هن چيو:

"غزالاں تم تو واقف ہو، کہو مجنوں کے مرنے کی،
دیوانہ مرگیا آخر، ویرانے پر کیا گذری۔"

۽ ڪپڙا ڦاڙي، مٿي تي خاڪ وجهي گهر کان نڪري ويو. هوڏانهن!" هو پولا رڏانهن ٻانهون پکيڙي چوڙ لڳي ٿو. "هيڏانهن، هن بيابان تي تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين چا وهيو واپريو آهي ۽ هن وقت ٻ چا وهي واپري رهيو آهي ـ" ۽ پوءِ ائين چئي، آرٿر ويلز ڪي سڏي، ماڻ ۾ سندس ٽهل ۾ لڳي ويجي ٿو. هاڻ سج سمنڊ ۾ ٻڏي ويو آهي ۽ باره ـ بنگلا ۾ بتيون ٻري ويون آهن. شفق جي ڳاڙهاڻ ريتيءَ تي لهرون هٽي رهي آهي ۽ مان ۽ ادو ڪنڊ جهڪائي ايڪڙ ٻيڪڙ سپون ۽. ڪوڏيون چونڊيندا لان جون ڏاڪڻيون چڙهي گهر ڏانهن روانا ٿي ويون ٿا.

"ڊيئر جليل! اهو توهان ٻڌو هوندو ته مان ٻيهر هندستان ڪي چڏي ڏنو آهي. ٻن ورهين لاءِ جلاوطني ورتي اٿم. هتي واندڪائي ۽ هيڪلائي آهي:

"قید خود اختیاري"

ہوں مبارک دوستو دنیا کی تم کو وسعتیں!
میری قسمت میں فقط اک تنگ زندان رہ گیا،
ہم کو کیا اہل خرد ہوں محو گل گشت چمن!
چل دیئے اہل جنوں خالی بیابان رہ گیا۔

انڊيمان جو ٻيٽ ڏاڍو بدنام آهي، پر هت عيش ٻ آهي، پر ڪارن ماڻهن لاءِ نه. جن جي تقدير ۾ محنت ۽ پورهئي کان سواءِ ڪجهه ٻ ڪونهي. پر انگريزن لاءِ سندن جدا آبادي آهي. بنگلا آهن.

ساوڪ آهي، ڪلب آهي جنهن ۾ ميمون ۽ انگريز هر طرف نظر ايندا آهن- پر هندستاني ايڪڙ ٻيڪڙ آهن. مان به شامل ڪيو ويو آهيان، پر جيئن ته نڪي نچڻ ٽو اچي، ۽ نه وري پيئڻ- انهيءَ ڪري بس اُلوءَ وانگر ويٺو هوندو آهيان.

وہ کسی کے واسطے ہوگیا عشرت کدہ،
انڈمن کیوں ہند کا منحوس زندان ہوگیا۔

اوهان جي سار ايندي رهندي آهي، ان ڪري ذڪر به سدائين ٿيندو آهي:

سیدئیں و سرور و قدائی کا ذکر و خیال،
درد بھی یہ ہوگیا اور یہ ہی درد و مال ہوگیا۔

خاڪسار سجاد*

مان ۽ منهنجو ڀاءُ سمنڊ جي ڪناري تان واپس وريا آهيون. آرٿر وراندي ۾ ڏاڍي ارام سان ويٺو ساهي پٽي. پريان کان ٻيٽ تي جهلملائيندڙ ڪلب جون بتيون دريءَ مان ڏسڻ ۾ پيون اچن. حوالدار رامچندر، اسان جي ابي ۽ امان ۽ مدراسي پاڙيسري مسٽر ۽ مسز ڪيسودر کي لانچ تي چڏي، اونداهيءَ ۾ پنهنجي لالٽين ٽمڪائيندو سمنڊ جي ڪناري کان واپس اچي رهيو آهي. اونداهي گهري ٿيندي پئي وڃي ۽ چئني پاسن کان سمنڊ جي سنسات ڏاڍي ٻوائتي آهي.

رامچندر جي قدمن جو آواز ڏاڪڻ ۾ ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ادو، وراندي جي هڪ ڪنڊ ۾ ٽيبل ليمپ جي هيٺان برمي ٽيچر کي ٻڌائڻ لاءِ ويٺو سبق ياد ڪري، جيڪو سياٽي صبح جو سويل ٻيهر ايندو. روشن لانچ تکي تکي سمنڊ جي اونداهيءَ ۾ گم ٿيو ٿي وڃي. رامچندر مُڃن مان مرڪندو وراندي ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ادا وٽ وڃي ڏاڍي رازداري مان چوي ٿو، "بابا توهان کي سياٽي هڪ تماشو ڏيکارينڊس پر ڏڃجو اصل نه!!"

"چا آهي-"؟ ادو، ٽلهي چڪرورتي ميز تان ٽپ ڏيئي پڇي ٿو.

* جليل قدوائي ڏانهن لکيل يلدرم جي خط مان هڪ ٽڪرو.

"ڪهڙو تماشو آهي رامچندر؟ جلدي ٻڌاءِ." مان جيڪا هن محل تائين ڪرسيءَ تي بيهي دريءَ مان ٻاهر لانچ کي ڏسي رهي هيس، هڪدم رڙ ڪريان ٿي.

"ايجا نہ. پُٽ، صبح ساڻ." ايترو چئي حوالدار رامچندر ٻي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي وڃي ٿو. ڪٽ، ڪٽ، ڪٽ. دور ڦاٽڪ تي پهرو ڏيندڙ پهريدار جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، "هالٽ! حڪم صدرا" ڪٽ. ڪٽ. ڪٽ.

اهو هڪ قبائلي اڻ سڌريل ٻار هو، جيڪو الائي ڪيئن پٽڪندو اچي آبادي ۾ نڪتو ۽ باره- بنگلي جي پٺين ٽڪريءَ تي ڪاڇن جي جهنگ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نور محمد اسر محل گجر دم ٽڪريءَ جي چوٽي تي نماز پڙهندو هو، جو سلام ورائڻ محل وڃي نهار انهيءَ ٻار تي پيس، جيڪو پنن جي جهالر پايو. چند جهنگلي ٻوٽيون کائي پنهنجو پيٽ ڀري رهيو هو. نور محمد جي اڏ وهي "پورٽ يليئر" ۾ گذري هئي پر هن اصلي نسل جو وحشي اڃ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هو ڪيس جهلڻ لاءِ ڊوڙيو، پر پوڙهو ماڻهو هو، ان لاءِ هن جي پٺيان پئجي نہ سگهيو ۽ ٻار چلانگون ڏيندو گم ٿي ويو. پر سج لٿي ڪانپوءِ رامچندر هن کي رڙ جي جهنڊ مان ڳولي ڪڍيو، جتي هو هڪ وڻ سان چنبڙيو، هيسل هيسل وينو هو.

صبح جو بابا جي آفيس وڃڻ ڪانپوءِ رامچندر واعدي موجب اسان کي تماشو ڏيکارڻ لاءِ ڪيس گهليندو مٿي وٺي آيو. ورانڊي ۾ ڪيس ائين کٽي ڇڏيو، جيئن هليءَ جي پلونگڙي يا گلر کي ڳوڙ مان ڪڍي زمين تي کٽي ڇڏيندا آهن.

اهو ٻار نون، ڏهن سالن جو هو، پر قد ننڍي هڻڻ سبب ڇهن، پنجن سالن جو مس ٿي پاڻيو، هو ساوندي ڪناري وارين ٽڪرين جي رستي تان سولائي سان پنهنجي جهنگ ۾ واپس وري سگهيو ٿي، پر شايد هو ڪوشش ڪري شهر آيو هو، پر مهذب انسانن کا ڊنل هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته ساٽن گڏ رهڻ بہ ٿي گهرائين- پر انهيءَ آس کي ظاهر نٿي ڪري سگهيو.

ڪندا هئا. "پر هي "پورٽ ڪيمپ بل" جنهن بزرگ جي نانءَ پويان سڏجي ٿو، انهيءَ کان وڏو ساموندي ڦورو سڄي جهان ۾ ڳولئي بہ نہ لهندو. هن ئي تہ سموري برما تي قبضو ڪيو هو. هي سپ.....!" هو پانهون پکيڙي اکيون گول گول ڪري چوندو هو. "هي سڄو ايشيا هڪ "سليو مارڪيٽ" آهي ۽ توهين هندستاني مهانگا "سليو" آهيو. اسين توهان کان ڪجھ سستا سليو آهيون- بائي، بائي!" - ائين چئي هو ڪرسيءَ تان وڏو ٽپ ڏيئي تکو تکو ڏاڪڻيون لهي هيٺ هليو ويندو هو.

هي ٻيٽ، گوگال جيڪڏهن هتي اچي ها تہ تاهيتيءَ کي وساري ويهي رهي ها، هن جي رهاڪن لاءِ "ڪارو پاٽي" آهن. غدر جي باغين کي ڪاري پاٽيءَ جي سزا ڏيڻ کانپوءِ ٻيٽن کي "چيف ڪمشنر" جو پرڳڻو ناهيو ويو آهي. 1874ع ۾ هندستان جو وائسراءِ لارڊ ميو "سيولر جيل" (جيڪو عام طور تي سلور جيل ڪوٺيو ويندو آهي.) جو معائنو ڪندي هڪ قيديءَ جي هٿان مارجي ويو هو. هلندڙ صديءَ جي شروع کان ملڪ ۾ انقلابي تحريڪ هلي رهي آهي ۽ دهشت پسندن کي بنا ٽرائل جي ڪاري پاٽيءَ موڪليو پيو وڃي.

هي مرجاني ٻيٽ، سون اُپائين ٿا، گهاٽن ٻيلن جو ملهائتو ڪاٺ يورپ ۽ آمريڪا کي "ايڪسپورٽ" ڪيو وڃي ٿو. ڪافي، چانهہ، ۽ منيلا جي سٽيءَ واري پوک لاءِ ايشيا جي سپ کان وڏي بنديخانيءَ جا باندي ونگار لاءِ موجود آهن.

سامهون شيشن واري وراندي جي ڪنڊ ۾ پراٽي نموني (ان وقت اها نئين نموني جي هئي) جي ٽيلي فون جي گهنٽي وڄي ٽي. مان استول تي چڙهي ان تائين پهچان ٿي. "هلو، هلو، جي، ها، مان باره بنگلي مان ڳالهائي رهي آهيان!"

اسين سپ، سموري دنيا، سموريون قومون، نسل، مذهب، طبقا، خيال، نظريا، پيد پاؤ، فلسفا، ادبيات، علم، ڪلا، اسان جا مختلف الهيات، روحاني ۽ اتساهي تجربا، سياسي سماجي، تمدني مسئلا، اسان جي اجتماعي ۽ اڪيلي هستي، اسان جون گهٽتايون ۽ چڱايون، دشمني ۽ دوستي، ڪاميابي ۽ شڪست، عروج ۽ زوال،

ڏک ۾ سک، شجرو تاريخ جي ڪارڻن جي گهٽتائي، ڏنڊلي، روشن ۽ چٽي پٽي تفاعل جي پيداوار آهن.

ساري رات، باغ جي ڏامر واري رستي تي گارڊ جي قدمن جي کٽ کٽ، پئي گونجندي آهي. لفٽ رائٽ، هالٽ، حڪم صدر (Left Right, who comes there) کٽ. کٽ. صبح ساڻ مٽي تي اڇو رومال ٻڌي، برمي پنگي، پاسي واري ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان ظاهر ٿئي ٿو. ۽ هيٺ پگوتي چرن مالمي رنبو سنپاليو، بوچڙ مٽي تي اوڍيو باغ ۾ پهچي وڃي ٿو. پگوتي جو اوپرندي يورپ کان گهرايل (Indentured Labour) سان تعلق آهي. ۽ سندس سمورو ڪٽنب هن پيڑهين کان ڪافيءَ جي باغن ۾ ڪم ڪندو پيو اچي، جن جا مالڪ انگريز پلانٽرز آهن لارڊ ڪارنوالس جي لاڳو ڪيل استمراري بندوبست سبب جڏهن يوپيءَ ۾ اچي زبردست ڏڪار پيو تہ اڄ کان هڪ صدي اڳ هزارن ڏڪار جي ماريل هارين کي جهازن ۾ پري غلامن جي حيثيت سان آسام آفريقا ويست انڊيز، في جي، ماريشس، انگريزن جي پلانٽيشنز تي مزوري ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو ۽ انهن جا پونيرا ڄ ڏينهن تائين اتي ساڳي حالت ۾ موجود آهن ۽ پگوتي ۽ انهن ئي ماڻهن جو پائيند آهي.

جڏهن سج مٽي چڙهي ٿو تہ پينٽري مان نور محمد بيري جي چڪ ۽ وڏي واڪ الحمد الله جو پڙلاءِ اچي ٿو. نور محمد، ضلعي جهنگ جو رهاڪو آهي ۽ پنهنجي زال ۽ سندس يار کي ڪاڙين سان ڳيا ڪري هتي اچي پهتو آهي. جهونڙو نور محمد، نيڪ دل ۽ ڏين دار شخص آهي. هر ڳالهہ جي وراٽي ۾ "بون جناب" چوندو آهي، جيڪو "بهت اڇا جناب" جو مخفف آهي. نوجوان ڪلينر، پوڙهو بورچي پڙ ٻئي قاتل آهن. اهي ٽيئي سڻ ۽ آزاد قيدين جي ڳٽ ۾ اچن ٿا. انهن جيان باقي سرڪاري گهرن تي جيڪي ملازم سالن کان ڪم ڪري رهيا آهن اهي گهٽو ٽٽو پنجاب جي ٻنين ۾ پاٽيءَ جي ورچ تان جهيڙن ،اباٽي ملڪيت ۽ حسن ۽ عشق جي معاملن ۾ خون ڪري آيا هئا. اهي سڀ سڏا سنوان جوان، اڏوڙت، پوڙها، هندو مسلمان، سک، هندستاني، پنجابي ۽ ٻين پرڳڻن جا ماڻهو آهن.

مس وڃي بچي هئي. وچڙندڙ بيمارين جيڪي نو آبادڪار پاڻ سان ڪٽي آيا هئا ۽ انٿروپالاجي وصف موجب "تهذيب يافته دنيا سان ڏيٺ" سبب قديم هجري دور جا اهي قبيلا تيزيءَ سان مرندا پئي ويا. اونداهن جهنگن، جن جي اندر نانگ ۽ پوائتيون مانگر مڇ جهڙيون چڇيون پيون سرنديون آهن- اهي ويچارا وحشي تير ڪمان سان شڪار ڪندا ٽي ڦريا، سندن ٻوليءَ جو ڪنهن به لساني گروه سان واسطو نه هو، ڪيترن قبيلن وٽ ته مرڳو ٻالهه ٻولهه جي شروعات ئي نه ٿي هئي ۽ اهي باهه کي ڪتب آٽڻ مان به اڻ ڄاڻ هئا.

ايڪڙ ٻيڪڙ سياسي قيدي، وٽن جي پورن ٽڙن ڪي، ٻيڙي ناهي، ٻچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر سرڪارگهٽ ترقي يافته قبيلن کي انهن جي ڪڍ پوڙ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هو، جن جي زهر سان پريل تيرن جي نشاني کان پاڻ بچائڻ انهن مفرور قيدين لاءِ ڏاڍو ڏکيو هو. (ٿي سگهي ٿو، ته اهڙي ئي صورتحال لاءِ ميرابائي چئي ويئي هئي، "ڪوس ڪوس پر پهرا بينا، پينڊ پينڊ بٽ مارا!")

گهٽو ڪري شام ٽيندي ئي اسين هواخوري لاءِ شهر جي ويجهن جهنگن ڏانهن نڪري پوندا هئاسين. پورٽ بليئر ۽ ان جي پر واري شهر ايبرڊين جون روشنيون اونداهه ۾ غائب ٿي ويندیون هيون ۽ ڪنهن گهاٽي جهنگ مان لنگهندي اوچتو مان ناريل جي گهر ڪندي هيس ته رستي تان ويندڙ ڦوي جي پلاٽيشنز جو ڪو مزور ناريل جي وڻ تي چڙهي ناريل پٽي، چٽي باندر جيان بانبڙا پائي پل اپل ۾ هيٺ لهي ايندو هو. ڪافيءَ جي باغن مان نڪري اسين جهنگلن ڏانهن هلندا ويندا هئاسين، دور ڪٽي باهه ٻرندي به ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ ساموڊي هوا ڪناري جي ٽڪرين ۾ سوسٽ ڪندي پئي ويندي هئي. رستي ۾ ڪٽي چنڊ تي به وڃي نهار پوندي هئي.

"چنڊ اسان سان گڏ ڇو هلي رهيو آهي." مان اچرج مان پڇندي هيس.

"توکي سلام ڪندو پيو وڃي." بابا وراڻي ڏيندو هو. ساري ٻيٽ تي تار جي ڪارن وٽن تي، ساوڪ سان پريل ٽڪرين تي چنڊ جي

سمائي پکڙجي ويندي هئي ۽ بانس جا جهنڊ هوا ۾ لڏندا هئا۔
۔ هوائون بہ منهنجون دوست آهن!!

ڪڏهن ڪڏهن آچر واري ڏينهن، شهر مان مولانا رښواڻ فرخنده ۽ شڪل ڪاڪ برقعي ۾ پنهنجي زال کي ونڊي اسان وٽ ايندو هو ۽ شيشن واري وراندي ۾ ويهي بابا سان گالهيون ڪندو هو. اقبال جو ڪلام بہ پڙهندو ويندو هو ۽ پنهنجي ڀڳ جي پلئه سان پنهنجا گوڙها پڙ اگهندو ويندو هو. جمعي جي ڏينهن مسيت ۾ مولانا جو واعظ مسلمان قيدين ۾ ايترو تہ مشهور ٿي ويو هو، جو مورگو انگريزن کي مولانا لاءِ اچي گڏتي پيدا ٿي هئي.

هڪ ڏينهن، روز آئلينڊ (Rose Island) ۾ حوالدار رامچندر سان، چيف ڪمشنر جي باغ مان لنگهندي سندس بنگلي جي درين مان مون کي بہ فل بوٽ نظر آيا، جيڪي مگدر جهڙن ڪاٺ جي فريمن تي چڙهيل هئا. "اهي مسٽر اينڊرسن جون ٽنگون آهن، جن کي گهر ۾ چڏي هو پاڻ باهر هليو ويندو آهي!" مون اهو سوچيو تہ ڏاڍي اچي ڏنس.

منهنجي ياءِ جي نوٽ بوڪ ۾ لکيل هڪ قديم "نرسري گيت".

How many miles to babylon,
Three scores and ten,
Can I get there by candle light,
Yes, and back again,
If your heels are nimble and light,
You can get by candle light.

اوچتو ڏاڍي ڏڙڪوٽ اچي پئي. سلور جيل جي ڪجهہ بنگالي انقلابين، جيل جي عملدارن جي سخت ورتاءِ خلاف احتجاج طور بک هڙتال شروع ڪري ڏني. انهن سياسي قيدين ۾ اهي قيدي بہ هئا، جيڪي بند واردن ۾ قيد تنهائي ڪاٽي رهيا هئا. انهن مان

ڪجھ قيدين تہ مري ساھ ڏنو.

شام جو مون ڏٺو تہ مسٽر اينڊرسن فل بوٽ پايو موٽر ۾ سوار ٿي رهيو هو، جيڪا جاپاني پل جي هيٺان تيار بيٺي هئي، منهنجي پيءُ جو تعلق بيٽن جي مالي ڪاتي سان هو. پينل سيٽلمينٽ جو انتظام جدا ۽ انگريزن جي پنهنجي هٿ ۾ هو. پر انهيءَ هوندي بہ بيٽ ۾ بغاوت جي ڊپ کان بنگلي جي هٿيار بند گارڊ بيٺو ڪيو ويو.

ٻئي ڏينهن هڪ سياسي قيدي کي اسٽريچر تي کڻي هيٺ رستي تان لنگهيا.

"سڌير ڪمار بوس اهوئي اٿوا!" پرڪاش چند ڪلينر آهستي آهستي برمي ٽيوٽر کي ٻڌائڻ لڳو. هو ٻئي منهنجي پاءُ سان گڏ پاسي واري ورانڊي جي جهنگلي تي نوڙي هيٺ ڏسي رهيا هئا. مان بہ جهنگلي جي ڇاريءَ مان هيٺ نهارڻ لڳيس.

"ٻڌو اٿئون، تہ ڪالھ وڏو صاحب پاڻ سنڊس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويو هو، مار موڇڙا ڏيڻ، پر هن نبل جھونجھارڪٽ تان ٽپ ڏيئي الر ڪئي وڏي صاحب تي، تہ صاحب وٽي پڳو ٻاهر ۽ پوليس کي اڇي حڪم ڏنائين تہ ڪيس ٺاهوڪي مار ڪيوس!" نور محمد چيو.

"مسٽر اينڊرسن پنهنجون ڇنگھون ساڻ کڻي ويو هو تڏهن تہ ڊڪ پائي سگھيو!" مون ڏاڍي اطمينان سان وراڻي ڏني.

"هاڻ، شايد مار ڪيڊي، اسپتال وٽي پيا وڃنس. سول سرجن واري اسپتال، پر مري ويندوا!" نور محمد آهستي چوڻ لڳو. ائين چئي هن اکيون اگهي اڇي ڏاڙهي تي هٿ ڦيريو، ۽ پٽ ورائي سڌ ڏنائين، "اڇ، ٽيپو، نہ توبھ آرٽر. آرٽر، هل رات جو وقت ٿي ويو آهي." ۽ اندر هليو ويو.

هڪ ڏينهن، جمالت وارن ڏيھاڙن جي اڇي ڏکوئيندڙ پڇاڻي ٿي. بابا، ورانڊي ۾ ويٺي هندستان مان آيل تازي ٽپال ڏٺي. مان فرش تي ويٺي جهازي سائز جي نڪور "ادبي دنيا" ۽ "نيرنگ خيال" جا ورق ورايا، جو شايد "نيرنگ خيال" ۾ هڪ الف ليلوي جھڙي بازار جي رنگين تصوير اک چڙهي ويم، جنهن ۾ غاليچا وڇايل هئا، ۽ هڪ

سٹي ٻانهي وڪرو ڪئي پئي ويئي، تصوير جي هيٺان هڪ شعر لکيل هو. *

مون اها تصوير وڃي بابي کي ڏيکاري ۽ کانئس پڇڻ لڳس، "هي ڇا لکيل آهي؟"

هن ڇرڪ پريندي، ڪجهه ڏک منجهان مون کي ڏسي چيو، "افسوس، تون هتي صفا جاهل رهجي ويندين. هاڻ توکي پڙهڻ ڪپي!"

سو ٻئي ڏينهن مولانا رينوازکي سڏايو ويو. جڏهن هو وراندي ۾ اچي وينو ته نور محمد ڏاڍي عقيدت منجهان سندس هٿ چمي پنهنجي اکين تي کڻي رکيا ۽ جلدي جلدي چاءِ ۽ مٺائي کڻي اچي سندس آڏو رکيائين.

"نينگري چئن سالن، چئن مهينن ۽ چئن ڏينهن جي ته ٿي ويئي آهي نه؟" هن پڇاڙو ڪيو ۽ پوءِ ٻڌايو هو ته جمعي جي ڏينهن کان قاعدو کڻي ايندو.

هاڻ مان چري اوڏيءَ معل اهو سمجهيو ته قائدو گڏيءَ جو گهر هوندو ۽ اها چريائپ جي انتها هئي. چاڻ ٻه هيم ته مولانا پڙهائڻ لاءِ اچي رهيو آهي، پر قائدو گڏيءَ جو گهر هوندو. پلا قائدي جو گڏي جي گهر سان ڪهڙو واسطو؟

ٻئي ڏينهن ادا مون کي سڏ ڪيو، "هل، تنهنجو قائدو اچي ويو." مان تکي تکي ڊوڙندي وڃي وراندي ۾ پهتيس. چا ڏسان ته هڪ سنهڙي، ٻي رنگ ڪتابڙي هئي، جنهن جي پهرئين صفحي تي انب، ٻکري، لغڙ وغيره جون شڪليون ٺهيل هيون.

باقائدي بسم الله جي تقريب کانه ٿي، چاکاڻ ته بسم الله، روزو کولڻ، جنم ڏينهن وغيره وارين رسمن تان سماج سڏارڪ هلچل جي سلسلي ۾ هٽ ڪنيو ويو هو.

اهڙي ريت انهيءَ ڏگهي دريءَ مان جنهن جي ٻاهران سمنڊ مٿان اڇا پکي لامارا ڏيئي رهيا هئا ۽ ڊيوڪ آف ولنگڊن، لارڊ آرٿر ويلزلي باغ ۾ نوريئڻن جي ڪيڏ ڊوڙيو پئي ۽ دور سلور جيل ۾ گولين جو

---

* دکھائی لے جا کے تجھے مصر کا بازار،
خواہاں نہیں، لیکن یہ کسی جنس گراں کا

وسڪارو هلي رهيو هو، جو مان علم جي درياءَ ۾ ٽپي هنئي.

"چئو بسم الله الرحمان الرحيم- شروع ڪريان ٿو!" مولانا رينواز قائدي جي پهرئين صفحي تي ڏسٽي آڏر رکندي جهومي چيو. "ساڻ نالي الله جي!"

"جي، نه. شروع ڪريان ٿي!" مون اعتراض واريو.

"چگو، ڏيءُ پڙهه اڳتي پڙهه!"

"شروع ڪريان ٿي ساڻ نالي الله جي!"

"سموري ملڪ خاص ڪري بنگال، يوپي، سرحد پرڳڻي ۾ واقعا ويا وڌندا. هزارين ستيا گرهي جيلن ۾ باندي هئا!"

"دهشت پسندن سبب بنگال جي صورتحال خاص ڪري ڪانگريس لاءِ گنيبيرتا واري هئي. دهشت پسندن اهڙو وايو منڊل برپا ڪري ڇڏيو هو، جنهن ۾ پر امن ڊائريڪٽ ايڪشن وڌيڪ ڏکيو ٿي پيو هو ۽ حڪومت جي سخت ڏاڍ ۽ ظلم جو اثر انارڪسٽ ۽ پرامن، ٻنهي تحريڪن تي هڪجهڙو پئجي رهيو هو. پوليس ۽ مقامي عملدار اهي قانون ۽ آرڊيننس جيڪي دهشت پسندن لاءِ ناهيا ويا هئا، ڪانگريس مزدورن، هارين ۽ ورڪرز تي بہ ساڳيا لاڳو ڪري رهيا هئا. جيلن ۾ اندر ٽيندڙ وڳوڙ تہ رومرزه جا واقعات هئا، جن ۾ جيل جو عملو سياسي قيدين کي مارڪٽ بہ ڪندو هو."

"دهشت پسندي کي مختلف رخن سان نندیو پئي ويو آهي، پر انهيءَ جي هڪ ممڪن پڇڙيءَ کان مون کي خاص ڪري پئو ٽولڳي ۽ اهو آهي تہ ان جي وسيلي ڪٽي سموري ملڪ ۾ اوچتو فرقيوار فساد نہ شروع ٿي وڃن- جنهن قوم جو مذهب سان ايترو سخت ڳانڊاپو هجي، انهيءَ قوم لاءِ دهشت پسنديءَ واري تصور جو هيراڪ ٽيڙ بيحد پوائنٽو آهي- سياسي قتل تمام گهٽي خراب شيءِ آهي ۽ هڪ سياسي دهشت پسند کي سمجهائي ٻيا سياسي رستا ڏيکاري سگهجن ٿا ۽ مذهب جي نالي ۾ ٽيندڙ قتل وري دنياوي ۽ آخرت جي معاملي سان تعلق رکن ٿا ۽ انهن معاملن ۾ سمجهائڻ يا عقل جو رستو ڏيکارڻ جي ڪوشش بہ ڏاڍي ڏکي آهي، ۽ گهٽو ٽٽو هڪ

سياسي قتل هڪ مابعدالطبعياتي طريقي سان وڃيو نيم مذهبي حيثيت اختيار ڪري اڄ دهشت پسندن کي قوم پرستي فسطائيت، امپريلسٽ فاشزم جو مقابلو ڪرڻو آهي."

"مون پنهنجي تقريرن ۾ دهشت پسندن کي نندیو ته آهي پر هين اڳواڻن جيان کين ڪانئر نه ڪوٺيو آهي- ڇاڪاڻ ته اهڙن مڙدن ۽ عورتن کي جيڪي پنهنجي حياتيءَ جي بازي لڳائي رهيا هجن، ڪانئر ڪوٺڻ چگي چوڪي بيوقوفي جي مثل آهي."

"جڏهن مان ڪلڪتي مان روانو ٿي رهيو هوس ته ٻه نوجوان مون سان ملاقات ڪرڻ آيا. هو مون مان تمام گهڻو خفي هئا، جو مان سندن دهشت پسنديءَ جي خلاف پرچار ڪري رهيو آهيان. اهي ٻئي زرد، نروس ۽ ڏاهين شڪلين وارا نوجوان هئا، منهنجي ترين جو وقت ويجهو پئي پوندو ويو، هنن مون کي چيو ته هو پنهنجي ڪم ۾ منهنجي دخل کي پسند ڪونه ڪندا. ۽ جيڪر مان ان کان باز نه آيس ته جيڪو حشر هنن ٻين جو ڪيو آهي، اهڙيءَ ريت هو منهنجو به فيصلو ڪري ڇڏيندا."

"ان رات ڪلڪتي مان روانو ٿيڻ مهل، ۽ ٽرين ۾ پنهنجي برٿ تي ليٽڻ کان پوءِ مون کي انهن نوجوانن جون شڪليون ور ور ڏيئي پريشان ڪنديون رهيون. اتساهه، ۽ نروس انرجي سان ڀرپور اهي نوجوان ڪيئن نه غلط رستي تي پئجي ويا هئا. مون کي چڙوڏڪ اهو رهجي ويو ته وقت ايترو ته گهٽ هو، نه ته ٿي سگهيو ٿي ته مان انهن سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري، کين ملڪ جي خدمت ۽ آزاديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا رستا اختيار ڪرڻ تي مائل ڪري وڃان ها- جن رستن تي بهادري ۽ قرباني ڏيڻ جا به گهٽائي موقعا آهن. گذريل ڪيترن سالن کان مون کي گهڻو ڪري انهن جي ياد ايندي آهي. مون کي سندن نالا به ڪڏهن معلوم ٿي نه سگهيا. مان اڪثر اهو سوچيندو آهيان ته ٿي سگهي ٿو، ته اهي ٻئي مري ويا هجن، يا انڊيا مان جي ڪنهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند پيا هجن." *

---

* جواهر لال جي آتم ڪٿا، جيڪا جيل ۾ لکي ويئي هئي، ۽ 1936 ڌاري شايع ٿي هئي.)

هندستان ۾ ستيه گڙهه جاري آهي. انڊيمان ۾ دهشت پسند قيدين جي بک هڙتال ۾ انهن قيدين جي موت خلاف آواز بلند ڪرڻ وارن کي به هندستان ۾ قيد ڪيو ويو آهي. سيپٽمبر 1933ع ۾ آزاد ٽيڪ ۾ ٻيهر گرفتاريءَ جي وچ واري مختصر مدي ۾ پنڊت نهرو، رابندر ناٿ ٽئگور، ۽ سي ـ ايف ـ اينڊريوز وغيره جي صحيحن سان هڪ اپيل شايع ٿي، جنهن ۾ انڊيمان جي جزيرن واري سياسي قيدين سان چگي ورتاءَ ۽ کين هندستان جي جيلن ۾ منتقل ڪرڻ جي گهر ڪئي ويئي هئي. برطانيا جي هوم ميمبر لنڊن ۾ انهيءَ اپيل تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ انڊيمان جي سياسي قيدين سان همدردي ڪرڻ بنگال ۾ هڪ قانوي ڏوهه قرار ڏنو ويو.

انڊيمان مان واپس ورڻ جي ڪجهه ڏينهن بعد هڪ ڏينهن صبح جو ادا، آڻ ۽ منهنجي ماءُ پنهنجي هڪ مائٽياڻي سان، جيڪا اسان وٽ مهمان ٿي آئي هئي، ڪيڏانهن ويندي هڪ بيابان عمارت آڏو لنگهياسين تہ اميءَ اوچتو چيو، "هو ڏسو سامهون جواهر لال نهرو ويٺو آهي!"

جواهر لال نهرو هڪ ننڍڙي سنسان ورانڊي ۾ آرام ڪرسيءَ تي آهليو پنهنجا ٻئي هٿ مٿي جي پويان رکيو، دور جبلن کي ڏسي رهيو هو. سامهون ڪار بيهندي ڏسي هو ڪرسيءَ تان اٿي بيهي رهيو. مان ۽ منهنجو ياءُ لهي هيٺ ننڍڙي پٽ ڏانهن ڀڳاسين، جنهن جي آڏو هٿياربند پوليس واري پئي ڦيرا ڏنا. جواهر لال نهرو مرڪ ۽ ويچار ۾ ٻڏل چند پل اسان کي ڏسندو رهيو. سپاهي هلندو اسان ڏي آيو، تہ ڊرائيور هارن وڄايو. اسين ڪار ڏانهن موٽي آياسين. ۽ پنڊت نهرو ٻيهر ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. ۽ ڪاراڳيان رواني ٿي ويئي.

"مان سائين چوڏهن مهينن تائين "ديرادون" جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ رهيس. مون کي ٻين جيلن ۾ چگيون ڪوٺڙيون ڏنيون ويون هيون، پر "ديرادون" جي جيل جي هڪ چوٽ مون لاءِ ڏاڍي املهه هئي. اهو جيل تمام ننڍڙو هو ۽ اسان کي قيدخاني جي ديوارکان

ٻاهر پر جيل جي اڳڻ ۾ اندر ئي هڪ ننڍي حوالات ۾ رکيو ويو هو. اها جاءِ ايتري تہ ننڍي هئي جو انهيءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ جي جاءِ بہ نہ هئي. ان ڪري اسان کي اها اجازت هوندي هئي تہ صبح شام ڪاڪ ويجهو وڃي پسار ڪري اچون. اتان اسان کي جبل ۾ ٻنيون ۽ پبلڪ رستو، جيڪو سڌ پنڌ تي مس هوندو، ڏسڻ ۾ ايندو هو. اها ڇوٽ خاص طور تي مون لاءِ ئي نہ بلڪ سموري "اي" ۽ "بي" ڪلاس قيدين لاءِ بہ هئي. فقط اهي انسان جيڪي ڏگهي مدي لاءِ اوچين اوچين ديوارن جي اندر باندي ٿيا هوندا، انهيءَ پسار ڪرڻ ۽ ڪليل وايومنڊل جي نظارن جو نفسياتي ملهہ ڪٿي سگهندا هوندا. انهن جبلن سان مون کي عشق هو، جن کي مان مهينن تائين ڏسي سگهندو هوس. ڪوٺڙيءَ ۾ مون کي جبل ڏسڻ ۾ نہ ايندا هئا، پر اهي منهنجي تصور ۾ موجود هئا. مون کي سندن ويجهائپ جو احساس هو. منهنجي ۽ جبلن جي وچ ۾ گهاٽي ويجهڙائپ پيدا ٿي ويئي. ديرادون جي گلن واري مند ڏاڍي وٽندڙ ٿيندي آهي. سياري جي رت، وٽن کي پنن کان وانجهو ڪري ڇڏيو هو، جيل جي وڏي ڪاڪ سامهون پهر جي عاليشان وڻ جا پن ڇڻي چڪا هئا، جو اوچتو وٽن ۾ هڪ اڻ لکي چرپر ۽ سوسات پيدا ٿيو ۽ هڪ پراسرار ڪيفيت ۽ وايومنڊل ڇڪني پاسن کان ڇانئجي ويو. جڏ تہ پس منظر ۾ ڪي بيحد لڪل ڪم پيا ٿيندا هجن ۽ پوءِ اصل ڏاڍو تکڙو تکڙو لکها نون گوڻنچن اس ۽ هوا جي جهوٽن سان راند شروع ڪري ڏني!

"پر مينهوگيءَ جي مند ۾ ٽمندڙ پاٽيءَ کان بچڻ لاءِ انهيءَ اونداهي ۽ سوڙهي ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ وکوڙجي سکوڙجي ويهڻ ڪجهہ سٺو نٿي لڳو. ڇاڪاڻ تہ پاٽي ڇت مان سميو ٿي ۽ برسات جو وسڪارو درين مان اندر گهڙي ٿي آيو. سرءُ جي رات بہ موهيندڙ هئي ۽ سياري ۾ ٿهہ سياري ۾ جڏهن هوا ۽ مينهن جو طوفان اچي سوڙهو ڪنڊو هو، ۽ وڏا وڏا ڳڙا، ٽين جي ڇتين تي گولين جي وسڪاري جيان اچي پوندا هئا تہ هڪ ڇڪيرڙي ڪوسي جاءِ ۽ ڪجهہ آرام تي خواهش ٿيندي هئي. ڪوٺڙيءَ ۾ انيڪ مڇر ۽ منگهڙ هئا، اونداهي ٿيندي ڇمڙا اڏامڻ لڳندا هئا ۽ جن کان مون

کي سخت وحشت ٿيڻ لڳندي هئي. مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماڪوڙين، اڏوهي ۽ ڪرڙين ۽ نوريڙن، ۽ ڪبوترن کي ڏسندو رهندو هوس. ديرا دون جيل ۾ مينائن جي هڪ جوڙي، ڪونڙي جي در مٿان اچي پنهنجو آڪيرو ٺاهيو. مان انهن کي روز ان کارائيندو هوس ۽ ڪڏهن سندن کائڻ جي محل کي صبح ۽ شام ڪجهه ديرتي ويندي هئي ته اهي مرڳو منهنجي ويجهو اچي شور مچائيندڙيون هيون. ديرا دون ۾ پڪي به جام هئا. اسين انهن کي ڏسي نٽي سگهياسين، جو حوالات جي اڳڻ ۾ وڻ ڪونه هئا، پر سندن آواز ضرور ٻڌي پئي سگهياسين. مان هوا ۾ ڇوهه مان ترندڙ بازن کي ڏسندو هوس. اڪثر جهنگلي بدڪون ولرن جي شڪل ۾ منهنجي مٿان لنگهي ويندڙيون هيون. وڇون گهٽو ڪري، مينهوگيءَ واري مند ۾ خاص طور تي (ملڪ جي مختلف جيلن ۾) اسان جي ڪونڙين ۾ ڏسبا هئا. پر اچرج اهو آهي ته مون کي ڪڏهن به ڪنهن وڇوءَ ڏنگ نه هنيو. جيتوڻيڪ اهي وڇون مون کي عجيب عجيب ۽ غير متوقع جاين ۾ ملندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪنهن هنڌ تي، ڪڏهن ڪنهن ڪتاب ۾، تي چار نانگ به پنهنجي ڪونڙين جي اندر ۽ انهن جي آس پاس ڏٺم. انهن مان فقط هڪ خبر ٻاهر نڪتي ته اخبارن وڏيون وڏيون خبرون شايع ڪيون.*

هاڻ مون کي اها خبر ڪونهي ته پنڊت نهروءَ کي مون ڏهر دون ۾ جنهن ورانڊي ۾ ويڙل ڏٺو هو، سو انهيءَ بنگلي ۾ بند هو يا آزاد هو.

تاريخ جو هڪ سڃو دور گذرڻ بعد، 1957ع ڏاري يا ان کان اڳ ڪراچي جيم خاني جي هڪ دعوت ۾ هڪ الترافيشن ايبل، عاليشان ۽ ڏاڍي سهڻي بيگم صاحبا سان منهنجي ملاقات ٿي، جيڪا ڪنهن تمام وڏي وي آئي پي جي ٻي زال ۽ انهيءَ دعوت جي مکيه مهمان هئي- بيگم صاحبا ڏاڍي سرپرست ٿيو، وڏاٽهيي مان مون سان به چارڪالهيون ڪيون ۽ پوءِ شراب جو خالي گلاس ٽپائيءَ تي رکي، مرڪ جي بجلي ڪيرائيندي، ٻئي طرف ويڙ لڳي ته

* جواهر لال نهرو جي آتم ڪٿا

ميزبان ويجهو ايندي چيو، "اڙي فرخنده، هي چا، تنهنجو گلاس تہ خالي پيو آهي!"

"هاڻ بس!" بيگم صاحبا ڪٽي ڏاڍي ڪوڙ مان ناڪار ڪئي.

"اڙي واهہ، ڪارو پاڻي ڪاتي آئي آهين، باقي ڪاري پيئڻ کان چوٽي ايترو پري پڄين؟" ميزبان ضد ڪيو تہ ايتري ۾ بيگم صاحبا جو وي آئي پي مڙس پنهنجو گلاس ڪٽي اچي ويجهو بيٺو.

ڪاري پاڻيءَ جو نالو ٻڌي، منهنجا ڪن اپا ٽيا ۽ مون بيگم صاحبہ کان پڇيو، "توهان ڪهڙي زماني ۾ ڪارو پاڻي ڪاتيو هو؟"

هو ڏاڍي خوبصورتي سان اها ڳالهہ لنوائي ويئي تہ مون وري ڪانئس پڇا ڪئي، "ڪهڙي زماني ۾!"

"زماني سان تنهنجو آخر ڪار مطلب ڪهڙو آهي؟" نيٺ هن نرڙ ۾ گهنج وجهي وراڻي ڏني.

اوچتو ان مهل مون کوڙو پڇي ڪيس سڃاڻي ورتو ۽ منهنجي واتان وڏي واڪ بي اختيار نڪري ويو، "اڙي، توهين مولانا، مولانا رينواز جي ڏيءُ تہ ناهيو؟"

بيگم صاحبا جيڪا گهٽي وقت کان ٽڙي پئي، اهو ٻڌي يڪدم چپ ٿي ويئي ۽ ڪجهہ خشڪيءَ مان وراڻيائين، "جي ها!"

"حد ٿي ويئي!" مون خوش ٿيندي، ميڙ ڪي انهيءَ ئي بيوقوفي واري ڪيفيت ۾ ٻڌايو، "هيءَ تہ فرخنده جمال نڪتي- هن جو پيءُ مولانا رينواز ايتروئي سوئيٽ هو ۽ وڏو بهادر، قيدين آڏو تہ اهڙا واعظ ڪندو هو!"

"قيدين اڳيان واعظ ڪندو هو." هڪ ڇٽي اچرج مان پڇيو، "ڪٿي؟"

"پورٽ بليئر ۾!" مون وراڻي ڏني. "پاڻ سرڪاري ملازم هو. پر اهڙي تہ سهڻي پيرائتي انداز ۾ اهڙيون وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ويندو هو جو انگريز عملدار بہ ڪاوڙ ۾ پيا مٽس پڇرندا هئا، پر هو وعظ اهڙو ڪندو هو جو سندس ڳالهہ تي پڪڙ پچاڙ نہ ڪري سگهبي هئي!"

هاڻ مون کي مولانا رينواز بابت اهي سموريون ڳالهيون ياد ايندیون پئي ويون، جيڪي بعد ۾ هڪ پيري بابا مون کي ويهي

ٻڌايون ھيون. مثال طور اھو تہ مولانا انھن پراڻي قسم جي پناڻن منجھان ھو، جيڪي ڪنھن سيد سان پھريون پيرو ملندي ئي چپن ئي چپن ۾ درود شريف پڙھڻ لڳندا آھن.."

"اھو وقت ڏاڍو ڏکيو ھو!" مون ڳالھ جاري رکندي چيو، "ھندستان ۾ ٽيررسٽ مومينٽ چوٽ تي چڙھيل ھئي، انڊيمان جي سلور جيل ۾ روز سياسي قيدين تي گولين جو وسڪارو ٿيندو ھو. ٽين گول ميز ڪانفرنس ٿي چڪي ھئي، جا الائي ڪھڙي سال ٿي ھئي، پر بس حد ٿي ويئي!"

وي آئي پي مڙس ڪنھن مھل مون کي ٿي ڏٺو تہ ڪنھن مھل پنھنجي ڪنوار کي- ۽ فرخنده بيگم، خبر ناھي ڪھڙي سبب ڪري مون مان خفي ڏسڻ ۾ پئي آئي.

"مولانا ربنواز-" مون ويجھي ڪوچ تي ويھندي، ھڪ تازو اقتدار ۾ آيل نئين سياستدان کي، جيڪو پنھنجي سياسي بدنيتي ۽ چاپلوسي سبب گھٽو مشھور ھو، مخاطب ٿيندي چيو، "انھيءَ پيڙھيءَ جو فرد ھو، جنھن پيڙھي ديوزاد پيدا ڪيا. جيتوڻيڪ ڪير تڏھن بہ ڪيس نہ سڃاڻيندو ھو ۽ نہ وري اڄ ڪنھن سندس نالو ٻڌو آھي، ھو ھڪ تن تنھا، غريب پرور ۽ صحيح معنيٰ ۾ مومن مڙد ھو.

ميزبان ان وچ ۾ فرخنده بيگم جي گلاس ۾ شراب اوتي چڏيو ھو. پر فرخنده بيگم ڪجھ ھيڪندي کٽي گلاس ٽپائيءَ تي رکي چڏيو- بااقتدار سياستدان پاسو ورائي سگريٽ دکايو. مان وايومنڊل جي انھيءَ Over Tones کان صفا اڻ ڄاڻ ٿيو، اداسيءَ وچان چوندي پئي ويس، "مولانا ايترو تہ سوئيٽ، بيحد سوئيٽ ھو، جو اڄ سالن کان پوءِ اوچتو اھڙيءَ ريت سندس ياد آئي تہ ڏاڍو عجيب پيو محسوس ٿئي. ھو مون کي الف بي پڙھائيندو ھو. بغدادي قائدو بہ شروع ڪرائڻ وارو ھو جو اسين پوءِ جلدي ئي واپس ھليا آياسين- اھو بہ ڪو وقت ھو، ھا نہ فرخنده-؟ پر مولانا ڪيئن آھي، ڪيس منھنجا سلام ضرور چئجانءِ- ۽ توھان جي امي پلا ڪيئن آھي؟"-

توھان ئي کٽي ٻڌايو تہ اھڙو اتفاق روز روز ڪٿي ٿو ٿئي جو

نندپڙ ۾ گڏ راندیون کنڊڻن جو ائین اوچتو کٹي ٻيهر مکا ميلو ٿي وڃي! پر فرخنده بيگم جلدي ئي معذرت گهري اٿي. ۽ ميزبان سان گڏ ڊانس فلور تي ويئي هلي. ٻئي پل ۾ ئي سندس مڙس جيڪو جلد هڪ مرڪزي وزير ٿيڻ وارو هو. هڪ خاتون سان ڊانس ڪرڻ لاءِ اتان اٿي ڪڙو ٿيو. جڏهن نامياروسياستدان ٻه چند منٽن کان پوءِ ٻئي طرف اٿي هليو ويو تہ منهنجي ويجهو ويٺل هڪ ڄاڻ سڃاڻ واري بيگم سراج آهستي چوڻ لڳي، "تون ٻہ ڪا صفا آلي پولي آهين. خبر اٿئي تہ تو هينئر ڪهڙو غضب ڪري وڌو؟"

"چا ٿيو؟" مون اچرج مان وراڻيو.

"فرخنده بيگم جه اجا نئون نئون وهاڻ ٿيو آهي ۽ سندس آفيشل عمر فقط ٻاويهہ، ٽيويهہ سال آهي ۽ تون سندس مڙس جي آڏو غدر جي وقت وارين وڌين پوڙهين جيان مڱ پراڻا کولي ويهي رهئينءَ. هندستان جي ٽيررست مومينٽ ۽ گول ميز ڪانفرنس ۽هتان هتان جا قصا کولي تو مورڳو هن جي مڙس کي حيران ڪري ڇڏيو. ۽ وري لڳاتار بيگم صاحبہ کان پڇاڙو ڪندي رهئينءَ تہ هوءَ ڪهڙي زماني ۾ هئي اتي. مائي، غضب خدا جو اها زماني واري ڳالهہ ٻہ واهہ جي ٿي!"

"تو پوءِ، ائين چئو ڪٹي!" هاڻي وڃي منهنجي سمجهہ ۾ ڪا ڳالهہ ويئي.

"هن جي پيءَ ويچاري کي مئي ٻہ تہ ڪو وقت ٿيو آهي!"

"اڙي!" مون ڏک مان چيو. "ايترو تہ سوئيٽ هو. مون کي ڏنڊلو ڏنڊلو اجا تائين ياد ٻيٺو آهي!"

"اهو تہ ٺيڪ آهي. پر تون انهيءَ وي آئي پي ميڙ آڏو اهو ثابت ڪرڻ ۾ لڳي پئي هئينءَ تہ فرخنده بيگم ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ڏي نہ، پر ڪنهن مئي جيل خاني جي چرئي واعظ جي ڏيءُ آهي۔"

مان گنگ ٿڙڪي ٿي سراج کي ڏٺو. تڏهن مون تي پهريون پيرو اها ڳالهہ ظاهر ٿي تہ مان انهن سان ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ پئي

صديءَ ۾ يورپي طاقتون اهڙي سولائيءَ سان ملڪ ۾ گهڙي نه اچن ها. هاڻ مثال طور هندماني ديپ کي ئي ڪٽي ونو، جيڪر مغل سرڪار يا مانڊلي بادشاهن جي اتي هڪ ساموندي چوڪي قائم ٿيل هجي ها ته اها اتان لانگهائو ٿيندڙ هر پرتگالي، ڊچ، فرانسيسي يا برطانوي جهاز ۾ پوسو پري چڏي ها.

اهڙيءَ ريت برٽين ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي هڪ نقشا ناهيندڙ "آر- پي بالڊيئر" هڪ هڪ ٻيٽ جي ماپ ونڻي، هتي 1788ع ڌاري نو آبادي قائم ڪئي. انهن ساون ۾ زرخيز ٻيٽن تي قبضي ڪرڻ لاءِ انگريز ڏيئي ونڻي بيهي رهيا. چاڪاڻ جو هندماني قبيلن پنهنجي زهر سان پريل تيرن ۾ ٻاڻن سان صاحبلوڪن جي اهڙي ته آجيان ڪئي، جي "بش مين" ۽ صاحبلوڪن کي اهڙا ٿوٿا نه چٻايا هوندا، پر انگريز جي پاڻن جي ۽ ڪهڙي ڳالهه ڪجي، اهي صاحب لوڪ جتي ۽ پهچن تا اتي گلستان بڻايو چڏين. هاڻ انهن ٻيٽن تي اصلي ولايتي نالن وارا رونق پريا سڌا شهر آهن- پورٽ ڪارنوالس- ايلفنسٽن هاربر، جيئن اسان وٽ هتي، منٽگمري، دلموسي، ڪيمبل پور وغيره.

پورٽ بليئر ۾ اسڪول ڪونه هئا، انهيءَ ڪري هڪ برمي نوجوان ادا کي پڙهائڻ لاءِ ايندو هو. ننڍاڪڙن نيٽن سان سمنڊ کي تڪيندي ڪڏهن هو برما جي عظمت جا قصا ٻڌائڻ لڳندو هو، چئي، "خبر اٿو! بنگال ۾ اوپر هنڌ جا نوآبادڪار گهٽو ٿو اسڪاٽش چو آهن؟ چاڪاڻ جو اهي اسڪاٽ لينڊ جي ويران جبلن ۾ بک پيا مرندا هئا!"- هو ڏاڍو اتساهه وارو برمي هو- "هر شيءِ جو هڪ اقتصادي ڪارڻ هوندو آهي، ڪاز اينڊ ايفيڪٽ." هو هوا ۾ آڱريون گهمائي ڳالهائيندو هو. ڏهن، يارنهن سالن جي منهنجي ياءُ جي سمجهه ۾ جڏهن اهي وڏيون وڏيون ڳالهيون نه ويهندیون هيون، ته هو مان ٿي سمنڊ کي تڪڻ لڳندو هو. يا پوءِ وري ويهي "اراڪاني" ڦورن جا قصا ٻڌائڻ لڳندو هو، جن ۾ سو ورهيه اڳ هتي پنهنجا اچي ماڳ اڏيا هئا ۽ اوپر بنگال جي درياءَ رستي ٿيندڙ وڻج واپار تي حملا

ڪندا هئا. "پر هي "پورٽ ڪيمپ بل" جنهن بزرگ جي نانءَ پويان سڏجي ٿو، انهيءَ کان وڏو ساموندي ڦورو سڄي جهان ۾ ڳولئي بہ نہ لهندو. هن ئي تہ سموري برما تي قبضو ڪيو هو. هي سپ.....!" هو پانهون پکيڙي اکيون گول گول ڪري چوندو هو. "هي سڄو ايشيا هڪ "سليو مارڪيٽ" آهي ۽ توهين هندستاني مهانگا "سليو" آهيو. اسين توهان کان ڪجھ سستا سليو آهيون- بائي، بائي!" - ائين چئي هو ڪرسيءَ تان وڏو ٽپ ڏيئي تکو تکو ڏاڪڻيون لهي هيٺ هليو ويندو هو.

هي ٻيٽ، گوگال جيڪڏهن هتي اچي ها تہ تاهيتيءَ کي وساري ويهي رهي ها، هن جي رهاڪن لاءِ "ڪارو پاٽي" آهن. غدر جي باغين کي ڪاري پاٽيءَ جي سزا ڏيڻ کانپوءِ ٻيٽن کي "چيف ڪمشنر" جو پرڳڻو ناهيو ويو آهي. 1874ع ۾ هندستان جو وائسراءِ لارڊ ميو "سيولر جيل" (جيڪو عام طور تي سلور جيل ڪوٺيو ويندو آهي.) جو معائنو ڪندي هڪ قيديءَ جي هٿان مارجي ويو هو. هلندڙ صديءَ جي شروع کان ملڪ ۾ انقلابي تحريڪ هلي رهي آهي ۽ دهشت پسندن کي بنا ٽرائل جي ڪاري پاٽيءَ موڪليو پيو وڃي.

هي مرجاني ٻيٽ، سون اُپائين ٿا، گهاٽن ٻيلن جو ملهائتو ڪاٺ يورپ ۽ آمريڪا کي "ايڪسپورٽ" ڪيو وڃي ٿو. ڪافي، چانهہ، ۽ منيلا جي سٽيءَ واري پوک لاءِ ايشيا جي سپ کان وڏي بنديخانيءَ جا باندي ونگار لاءِ موجود آهن.

سامهون شيشن واري وراندي جي ڪنڊ ۾ پراٽي نموني (ان وقت اها نئين نموني جي هئي) جي ٽيلي فون جي گهنٽي وڄي ٽي. مان استول تي چڙهي ان تائين پهچان ٿي. "هلو، هلو، جي، ها، مان باره بنگلي مان ڳالهائي رهي آهيان!"

اسين سپ، سموري دنيا، سموريون قومون، نسل، مذهب، طبقا، خيال، نظريا، پيد پاؤ، فلسفا، ادبيات، علم، ڪلا، اسان جا مختلف الهيات، روحاني ۽ اتساهي تجربا، سياسي سماجي، تمدني مسئلا، اسان جي اجتماعي ۽ اڪيلي هستي، اسان جون گهنٽايون ۽ چگاڻيون، دشمني ۽ دوستي، ڪاميابي ۽ شڪست، عروج ۽ زوال،

هستي نہ هيس. جيڪا انهن صفن. ورانڊن ۾ انهيءَ باغ ۾ ڪيڏندي ۽ ڪڏندي ٽپندي هيس. وات پٽي روئندي هيس. ڊائيننگ ٽيبل جي ميز هيٺان ٻليءَ سان گڏ وڃي ويهي رهندي هيس. مان هڪ ٻي صفا مختلف هستي هيس.

باره بنگلو مون کي تڪيندو رهيو. جڙ هو مون کان پڇي رهيو هو. ايتري ڏکي عرصي کان پوءِ جو تون منهنجي آڏو آئي آهين تہ مون کي ٻڌاءِ، تہ تون مون کي چا ٿي چوڻ گهرين. ايترو وقت تو زندگيءَ ۾ چا ڪيو؟ ۽ مون کي ٻڌائڻ لاءِ تو وٽ چا آهي؟

مان جلدي ڪائونٽر ڏانهن مڙيس. "نئين انڊيماني" سيلز گرل انناس جي تندن مان مڙهيل هڪ شاپنگ بيگ مون کي ڏني- "واجبي اڳهہ ۽ تمام گهٽي مضبوط!"

جيڪر مان انهيءَ نينگريءَ کي ٻڌايان ها تہ ڪنهن زماني ۾ مان انهيءَ پٽ تي ٽنگيل تصوير جي اندر رهندي هيس تہ ڪيس ڪيڏو تہ عجيب لڳي ها. پر هن جا ڏک ٻيا هئا. انهيءَ پيڑهيءَ جي قسمت ۾ جيڪي ڏک لکيل هئا، اهي هوءَ سمي چڪي هئي. هوءَ آزاد ننڍي کنڊ جي Root Less نوجوان پيڑهي جي فرد هئي. اهي ماڻهو جن گذريل پنجاهہ سالن تائين آزاديءَ جي ويڑهہ وڙهي، انهن جي قدمن هيٺان سندن پنهنجي ڌرتي هئي، جنهن جي خوشحالي لاءِ هو وڙهي رهيا هئا، پر هن نئين ٿمءَ جي قدمن هيٺان زمين نڪري چڪي هئي. انهيءَ پيڑهيءَ ۾ رفيوجي هئا. نئون ڪلچر پسند هئا ۽ ٽيڊي نوجوان هئا. ماڳ تي پهچي ماڳ ئي ڏنڊ لا پئجي ويا هئا.

باره-بنگلي جي تصوير مون کي ٻيهر پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو. تہ مون مٽس نهار ڦيرائي- مون ٻيهر پاڻ کي يقين ڏيارڻ گهريو تہ هن سهڻي آرٽسٽڪ پويلين اندر موجود مان هڪ مختلف هستي آهيان ۽ باره بنگلو مون کي تڪيندو رهيو.

شايد مان اڃا بہ اها بيوقوف، اچرج ۾ پئجي ويندڙ هستي هيس، جنهن جي خيال ۾ سمنڊ هزارين مڙورن گڏجي ڪوٽيو هو.

مسٽر اينڊرسن پنهنجون جنگمون الڳ ڪري گهر رکي ويندو هو ۽ قائدو گڏيءَ جو گهر هو ۽ اها پراڻي ڪاٺ جي عمارت، منهنجي انهيءَ حقيقت مان واقف هئي- سندس نهار کان بچڻ لاءِ مان تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندي پويلين مان هيٺ لهي آيس.

نومبر 1961ع ڪلڪتي جي مهاجيتي سدن ۾ للت ڪلا مندر جي سالياني ڪانفرنس شروع ٿيڻ ۾ ڪجهه دير باقي هئي. بڙي غلام علي خان، بسم الله خان، مشتاق علي خان، بيگم اختر اشتياق ۽ بين وڏن فنڪارن کي ڏسڻ لاءِ باهر رستي تي ماڻهن جا هشام اچي مڙيا هئا. پر هال اڃا خالي پيو هو. منهنجا ساڻي ڈاڪٽ جي هيٺان ڳالهين ۾ مشغول هئا. مان گهمندي هال جي اندر ويس ۽ هال جي پٺتين تي ٽنگيل رنگين تصويرن جي قطارن مون کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو. سموري هال ۾ ڪئين سوءَ تصويرون لڳل هيون. جن جي هيٺان ڪنڊن ۾ بنگال جي نامياري فنڪارن جون صحيحون پيل هيون "هي ڪهڙي قسم جي پورٽريٽ گيلري آهي!" مون ڪجهه اچرج وچان سوچيو ۽ چوڪرن ۽ چوڪرين جي انهن تصويرن جي ويجهو وڃي انهن کي ڏسڻ لڳيس.

ڳولائو، بيچين اکيون، سڪون پريل اکيون، اداس مرڪ، مطمئن ۽ شانت مرڪ، مسرور چهرا، گنڀير چهرا، مضطرب ۽ سوچيندڙ چهرا- اهي ڪير آهن، مون اچرج وچان انهن تصويرن جي هيٺان پتل جي ننڍين ننڍين تختين تي اکريل نالا پڙهڻ شروع ڪيا:

خودي رام باسو- ڦاسي 1908ع

پرفلا چڪي- جيل ۾ آپگهات 1908ع

اشفاق الله- ڦاسي 1929ع

بڱت سنگهه- ڦاسي 1931ع

پرتي لتا داديدا- ڦاسي 1932ع

راجندر لهري- ڦاسي 1927ع

گوپي ناٿ ساها ـ ڦاسي 1924ع
جيتش گوها ـ پوليس جي تشدد سبب مري ويو. 1930ع
ديپ پرشاد گپتا ـ گولي هڻي ماريو ويو.
ماتا نگني حاجره ـ پوليس جي گوليءَ سان شهيد 1942ع
سڌير ڪماربوس: انڊيمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو.
مان هڪ هنڌ جمي بيهي رهيس. سڌير ڪماربوس، انڊيمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو.
اوچتو مون محسوس ڪيو، منهنجي پويان ڪوئي بيٺو آهي.
"هي ـ، هي منهنجو وڏو پاءُ هوا!"
مون پٺ ورائي ڏٺو: هڪ بدحال، اٽين وارن وارو سنهڙو ماڻهو منهنجي پويان بيٺو مون کي چئي رهيو هو، "توهان انهن تصويرن کي چتائي پئي ڏٺوا!" هو منهنجي پاسي ۾ بيهي اچي چوڻ لڳو، "توهان ته شايد هنن جا نالا به پيا نوٽ ڪريو. چا توهين جرنلسٽ آهيو؟"
"مان شايد توهان جي پاءُ کي هڪ پيرو ڏسي ته چڪي آهيان!"
"دادا کي توهان ڏٺو هو؟" اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟" هن ڏاڍي اچرج وچان پڇيو.
"آه ڪم آن هني (Come on honey)" هڪ گوري رنگ وارو ٽيڊي بوائي پنهنجي چمنبدار بوٽن تي ترندو منهنجي ۾ تصوير جي وچ ۾ اچي ويو. جتان هو پنهنجي گرل فرينڈ کي سڏي رهيو هو، جيڪا هال جي ٻئي ڇيڙي تي شايد پنهنجي ڪرسي ڇولي رهي هئي.
"هاءِ ڊوپ ـ ڪم آن هيئرا" چوڪري جيڪا بيحد سوڻهي شلوار ۾ ان کان به وڌيڪ سوڻهي چولي ۾ ڦاٽل هئي، ٽيڊي بوائي کي وراڻي ڏني. ٽيڊي بوائي، ان ساڳي ريت چنمبدار بوٽن تي ترندو اڳتي نڪري ويو. سندس چست ڪاري پتلون جو نازڪ چيلهه

تي ٻڌل سونهري پٽو روشنيءَ ۾ چمڪي رهيو هو.

سلهه جي مريض ان بنگالي وري مون سان ڳالهه چوري، "مان به ڪرانتيڪار * هئس. اڌ حياتي جيل ۾ گهاري اٿم." هن اداسيءَ منجهان چيو. "توهان، توهان آرٽيڪل لکندو؟"

"شايد! خبر ناهي!"

"منهنجو نالو پربوڌ ڪمار بوس آهي. مان باريسال جو رهاڪو آهيان. دادا جڏهن انڊيمان ويو تہ مان اسڪول ۾ هئس. دادا جي ڏک ۾ روئندي روئندي منهنجي ماءُ به مري ويئي. پر مان اسڪول مان نڪرندي ئي مومينٽ ۾ شامل ٿي ويس، ۽ جيسور ۾ گرفتار ٿيس. ٻارنهن سال علي پور جيل ۾ بند رهيس. آزاديءَ کان پوءِ ۽ آزادي ملي تڏهن منهنجو ضلعو ٻئي طرف وڃي چڪو هو. هاڻي مان، هاڻ مان.....!"

اوچتو ٽيڊي بوائي بجلي جيان واپس وريو. هاڻ ساٺس گڏ ڪجهه آمريڪن بيٽ نڪ (Beat niks) هئا، جن مان هڪ کي ڪاري شيرواني، چوڙيدار پاجامو ۽ هڪ ڪرائي ۾ چانديءَ جو ڪڙو پيل هو. ٻئي آمريڪي بيٽ نڪ کي خاڪي چڊيءَ تي بنگالي پهراڻ پيل هو. ٽئين آمريڪي بيٽ نڪ مغربي لباس تي ٽي گذارو ڪيو هو. جيڪا شڪل مان چوڪري ٽي ڏسڻ ۾ آئي. اهي سڀ اسٽيج جي هيڻان ٻيئل انهيءَ انگريز چوڪريءَ شرلي ڏانهن ٻئي ويا، جيڪا هندستاني ناچ سکڻ لاءِ انگلينڊ مان آئي هئي، ۽ برجو مهاراج جي شاگرديءَ ۾ ڪٿڪ جي مهارت ڪرڻ کان پوءِ اڄ شام جو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ واري هئي. هندستاني ٽيڊي بوائي، انهيءَ سلهه جي مريض انقلابيءَ کي ٻانهن سان ٽيلهو ڏيئي پنهنجي رستي تان هٽايو. ۽ پنهنجي بيٽ نڪ مهمانن سان گڏ اڳيان هليو ويو.

اصل انهيءَ ئي وقت ماروڙي سيٽين، سوسائٽي ليڊيز پروفيشنل انٽيليڪچوئلز ۽ ڪلچر ولچرز (Culture Vultures)

---

* انقلابي

جو هڪ هشام پاسي واري درکان هال منجهه گهڙيو، ۽ سلهه جو مريض انقلابي انهيءَ هشام ۾ منهنجي نهارکان اوجهل ٿي ويو. مون هن جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. مان کيس چوڻ ٿي چاهيو ته مان سندس دادا جي ڪهاڻي ضرور لکندیس. مان کيس چوڻ ٿي چاهيو ته مان سموري ننڍي کنڊ جي ڪهاڻي جاڙڻ ۽ لکڻ چاهيان ٿي، پر اها ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ لاءِ فقط هڪ حياتي ته تمام ننڍي آهي. مان هن کان پڇڻ ٿي گهريو ته ڇا سندس دادا ئي اهو اتساهي نوجوان ته ڪونہ هو، جيڪو ڪاوڙ ۾ ڦوڪجي پنڊت جواهر لال وٽ ويو هو پر اهو گمنام تباهه حال، ڪرانتيڪار، انهيءَ رنگارنگي، بيپرواهه آسودي، خوش باش، ميڙ ۾ ڪٽي وڃائجي چڪو هو.

۽ اسٽيج تي جل ترنگ وڄڻ شروع ٿي ويو هو. *

---

*هي ڪهاڻي، مون گذريل سال 1965ع ڌاري لکي هئي، هاڻ تازو اها خبر پئي اٿم ته چاچو محمدي هڪ پراڻو انقلابي، جنهن جي قاسيءَ واري سزا عمر قيد ۾ بدلائي ويئي هئي، جيڪو 24 سالن تائين انديمان ۾ قيد رهيو هو، ڪجهه ڏينهن اڳ لاهور ۾ گمنامي ۽ سخت مفلسيءَ واري حالت ۾ گذاري ويو.

خط

اسلام آباد

5.3.1975

پيارا مدد علي

تنهنجو خط مليو. يادگيري لاءِ مهرباني. عزيز مون کي ٻڌايو هو ته پوليس توکي گرفتار ڪرڻ آئي هئي. بس چا ٿو ڪري سگهجي. اسان ماڻهن جي مرضي ته ڪابه اهميت نه ٿي رکي. هن دنيا ۾ ته ماڻهو چپ ڪري به نٿو ويهي سگهي. چپ ڪري ٻيا ويهڻ نه ڏيندا. سواءِ ان جي ته سپ ڪجهه تياڳي سڏا رت بنجي ڪيڏانهن منهن ڪري هليا وڃون. ٻي ته ڪابه وات ئي نه رهي آهي. ادا ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهون اسان جي وس ۾ ڪجهه به نه رهيو اسان خالي انتظار پيا ڪريون. اسان اندران بلڪل خالي ٿي چڪا آهيون. اسان کي خبر آهي ته اسان جو لاڳيتو انتظار اجايو غيرضروري، بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. اها ڪيڏي نه وڏي ٽريجڈي آهي ته اسان جي سموري زندگي رڳو انتظار ۾ ئي گذريو وڃي. جنهن وقت به اسان سجاڳ حالت ۾ آهيون، ڪنهن نه ڪنهن انتظار جي ڪيفيت ۾ آهيون. اسان جي سمجهه، سوچ، ويچار زخمي ٿي پيا آهن. جيئڻ ۾ ڪجهه رهيو ناهي، مري اسان نٿا سگهون. جيئڻ به اسان جي عادت ٿي ويئي آهي، جيئن چانهه پيئڻ، سگريٽ ڇڪڻ جي عادت آهي، جيئڻ به اهڙي بيڻڙي عادت آهي جنهن کي اسان ڇڏي نٿا سگهون. باقي جيئڻ ماني کائڻ، ننڊ ڪرڻ جيان اسان جي ضرورت ڪانهي.

مدد اسانهن منافقت، بيعزتي، تذليل واري دنيا ۾ ايترو ته پوڳيو آهي جو هاڻي ڪابه اهڙي صورت اسان جو ڏيان ڇڪائڻ جي لائق نه رهي آهي. سپ ڪجهه ختم ٿي چڪو آهي. اسان ڏسي چڪا آهيون ته ڪير به ڪنهن جو ڪونهي، مائيٽيون، رستا ناتا، دوستون سپ بي معنيٰ آهن، ڪجهه به نه آهن، هر ماڻهه ومان اها توقع رکجي ته هو ڪنهن به وقت ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. ڇو ته انسان بنيادي طرح هڪ ذليل فرد اهي ان مان هر ڪا توقع ته رکي سگهجي ته ير ان مان ڪا اُميد رکڻ بيوقوفي آهي. انسان هڪ اڪيلو ۽ ٽڪل فرد آهي، هن کي جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي اڪيلي سرئي ڪرڻو آهي. تڪليف جي وقت ڪوبه اميد نه ڪندو.

يار زندگيءَ آخر اسان کي چا ڏنو آهي؟ کجهہ بہ نہ، صرف ڏک، تکليفون، عذاب، تذليل، بيعزتي.

ٻيو تون ٻڌاءِ تنهنجا کهڙا حال آهن؟ توتان عذاب لٿو يا نہ؟ يا اجا پوليس تنهنجي پويان آهي، هنن حالتن ۾ کجهہ ڪري نٿو سگهجي. ٽرڙا، واهيات ڇورا جن کي ڪابہ سياسي سمجهہ ناهي رڳا نعرا، جهيڙا، هيرو ٽيڙ جي ڪوشش، انهيءَ ڪري ڪوبہ حساس يا مخلص ماڻهو ڪيئن ٿو ڪم ڪري سگهي. ۽ سنڌ جون حالتون ڏسي هانوَ ٿو جلي پر چا ڪجي، اسان جي ڪرڻ لاءِ تہ کجهہ بہ نہ رهيو آهي، اسان تہ لاچار، بيوس، مجبور، هيٺا ۽ ٽڪل انسان آهيون.

عزيز کي ٽيليويزن تي نيوز پروڊيوسر جي نوڪري ملي ويئي آهي ريڊيو تان نوڪري ڇڏي ڏني اٽس، شوڪت کي بہ آرڊر ملي هو ويو الائي نہ.

مون ريڊيو تي ٻن ٽن ڏينهن ۾ آرڊر ملڻ وارو آهي، انٽرويو ۾ پاس ٿي ويو آهيان، رزلٽ هيڊ آفيس موڪلي اٽن ۽ اتان هفتي ڪن ۾ آرڊر اچي ويندو. 950 روپيا پگهار آهي، في الحال تہ ٺيڪ آهي، تون يوسف تالپر کي چئو تہ هاڻي هن کي هزار روپيا پگهار اڳ ۾ ئي ملي ٿو سو ڏيڍ سؤ واري ڪلارڪي ڪئين ڪندو؟ هزار کان وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ اوتري پگهار واري تہ ڪا نوڪري ملي نہ، تون سمجهائينس تہ منهنجو اصل پرابلم ڪراچيءَ اچڻ اهي، سو مون کي اوتري پگهار واري ڪا نوڪري ڪپي. نہ تہ هيءَ ئي ٺيڪ آهي، ايڏي نوڪريءَ کان پوءِ ڪلارڪي ڪرڻ ٺيڪ نٿي لڳي. يوسف لنڊن مان الائي ڪڏهن موٽندو. آءٌ اپريل جي پهرين هفتي ۾ حيدرآباد ايندس، آءٌ ٽئڪسيلا ويو ڪونہ آهيان، هاڻي جلديءَ ۾ ويندس ۽ گوتم جو مجسمو ونڊي ايندس.

مون کي وشنوءَ ڪونج جا کجهہ پرچا موڪليا آهن، موهن کي خط لکيو هوم پر جواب ايجا ڪونہ پهتو آهي. خط ايندي ايندي مهينو ڪن لڳندو ويجي. سينسر وارا رکيو چڏين. توکي کي ڪتاب پهتا آهن يا نہ؟ موهن جي ناول ۽ آتم ڪهاڻي موڪلي تہ چپائج ۽ پوءِ رابيل جو پروگرام ڪٽي کجهہ وقت لاءِ ملتوي ڪري چڏجانءِ

عثمان بيخود شوڪت جو مجموعو ڇپرايو يا نہ؟ جوٽيجو يار وڏو ڪمينو ماڻهو ايڏا پئسا اٿس رسالي لاءِ مدد نٿو ڪري تہ دوستن جا مجموعا ۽ ناول ڇپرائي تڏهن بہ سنو. هر ماڻهو رڳو پنهنجو پاڻ سان وفادار اٿئي. جنهن وقت ڪجهہ حاصل ٿو ٿئيس تہ ٻيا سڀ وسريو وڃن خير محمد لغاري ڏس. هاڻي تہ وڏو زميندار آهي پر ڪنهن رسالي جي يا دوست جي مدد ڪندو. اهو هڪڙو تون چريو هئين جنهن تحريڪ جي نالي تي، ادب جي نالي تي پاڻ کي لٽايو پاڻ ڦاٽل ڪپڑا پاتي، بوٽ بنان چمپل تي گذاري ڪري سڀ ڪجهہ رسالي جي پويان لڳائي ڇڏيو موٽ ۾ گهر وارن کان پائرن کان نفرت ڏڪار ۽ دڙڪا پلئهہ پيا. منير توکان هزار رپيا وٺي ويو پلا جوٽيجو يا خيرمحمد ڪو ائين ڪچي ڏيس ها، تو خوامخواهہ پاڻ کي تباهہ ڪيو توکي ڇا حاصل ٿيو هاڻي انهن مان ڪوبہ توکي ڏکي وقت تي ڪم نہ ايندو. منير جو مثال وٺ. تون بہ ٽي ڏينهن ان جي گهر ۾ لڪين تہ سندس ڪهڙي حالت ٿي، دوستن تي مهلون ايندیون آهن، تڏهن يار توکي چوندو آهيان تہ تون آهين سادو ۽ صاف دل ماڻهو پر ماڻهو مان ڪابہ اميد نہ رک ۽ انهن مان هر ڀالهہ جي توقع رک تہ هوڪنهن بہ وقت ڪجهہ ڪري ڇڏيندا.

خط جواب جلد ڏج. شوڪت هتي ڪونهي شايد مون کي اڃتي لکيو هئائين تہ امان جي طبيعت ڏاڍي خراب آهي، بلڊپريشر ٿي پيو اٿس، هاڻي امان جي طبيعت الائي ڪيئن آهي، مون کي ڏاڍو فڪر ٿي پيو آهي. شوڪت وري خط ئي ڪونہ لکيو آهي. جي ٿي سگهي تہ تون امان جي طبعيت جي خبر رکي مون کي خط لکج تہ مون کي آٿت اچي. يار مدد دنيا ۾ صرف هڪڙو ماءُ جو رشتو ئي آهي جو سچو احترام پريو ۽ پيارو رشتو صرف ماءُ ئي اولاد جو ڏڪ محسوس ڪري سگهي ٿي، پوڳي سگهي ٿي باقي سڀ ڪوڙ آهي.

ڇڳو

تنهنجو تنهنجو

مشتاق احمد شورو

**

مدد علي منا. مليو اڄ تنهنجو خط سوجهرو مان نڪري مون لاءِ نئون سوجهرو ڪٽي. منهنجي اونڌهه جي فطرت مِنا نه ته ڪهڙي سوجهري ساز دور ٿيندي؟ سواءِ دوستن جي محبت جي سوجهري بنا ڪئين دور ٿيندي؟ منهنجي دل ۾ آتماجي هيءَ بي انت اوندها يقين ڪر، سچ مچ، قبول ڪر، جنتا جي واهه واهه ڪان وڌيڪ مون کي دوستن جي محبت، اڇوڪي زمان ۾ ادب کي صحيح سمجهڻ جي ڪوشش ۾ قوتن ۾ ايمان آهي.

طارق هڪ نه آهي جيڪي سمجهندا آهن ته نئون ساهت ڪن ٿورن ماڻهن جي گوپا گڏيل سازش آهي. اهو خيال اهڙن ماڻهن کي ڪڏهن ڪونه ستائيندو آهي ته ادبي تواريخ، اڄتي هلي، خود اهڙن شخصن تي ٿنوليون ڪندي آهي. اهو خيال به اهڙن ماڻهن کي، ۾ اهرا، اڄ، عالمگير سطح تي ڪهڙي ملڪ جي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جي ڪهڙي ساهت ۾ نه آهن؟ ڪونه ستائيندو آهي ته "پرمپرائن کان خود کي ٽوڙيندڙ ساهت، جي اهڙي قدم پنيان، ڪهڙو درد، ڪهڙي بيوسي هوندي آهي. جتي هو ڪردارن (اڄان تائين!) جي تلاش ۾ رهن ٿا، اتي منهنجا ڪردار خود Of their own Self جي تلاش ۾ رهن ٿا. خود جي "سچاٽپ" جي تلاش نه هنن خود تي مڙهي ورتي آهي، نه ئي مون متن مڙهي آهي. اُها، ڪردارن ۾، دنيا جي ٻنهي لوهي پردن جي مقرر آرٽڪ، سماجڪ، سياسي سرشتن جي هيٺان ستجي ڪچلجي، چڪرجي، ڪوٽجي ويل آتما جي اٽٽر مجبوري جي تلاش آهي. هونئن، اهي ڪردار شروعات ۾ مون به خلقيا هئا (ڪهاڻيون ڏيون، گونگو وغيره) پوءِ مون ڏٺو مان ٻاهر نهارينڊو رهيو هوس، اها سطحي سوجهه سمجهي ڪردارن کي منهنجي اندران، منووگيانڪ سطح تي، ڳولڻ، پائڻ جي ڪيم (ان پنيان هڪ ودروه به هو پنهنجي گذريل پيڙهي، ترقي پسند پيڙهي، جي خلاف) (ڪهاڻي سنگرهه: دائرو) انهيءَ ودروه ۾ موهن ڪلپنا به هو مون کا اڳ هو، مگر موهن ڪڏهن به انهيءَ ودروه ۾، بدقسمتي سان، فيلسوفاٽي سطح تي، ثابت قدم ڪونه رهيو آهي، گنوسامتاٽي پوءِ آيو جيتوڻيڪ موهن ڪلپنا اها ڳالهه ڪڏهن مڃڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيو آهي. گذريل چند سالن کان مون ان "مندوگيانڪ مڃ" کان به ودروهه ڪيو آهي. (ڪنهن حدتائين، ڪهاڻي سنگرهه پنر ملن، ڪهاڻي سنگرهه: خال ئي خال، ناول، هڪ سرد ديوار، ناول،

هن جي آتم جو موت، ناول، تڏهن ۽ هاڻي) اهوئي سبب آهي جو هت هندستان ۾ لکيل سنڌي کهاڻي ۾ منهنجي کهاڻي سڄو چڪر ڦري آئي اهي. نام نهاد، سماجڪ، ترقي پسند کهاڻي کان وٺي منووگيانڪ کهاڻي کان وٺي منٽو موپاسان، اويسري جي نقلي ڳڙ ڳوٽ ڪري ڪليل پچاڙيءَ جو پانڪن کي حيرت، هراس، شاڪ ڏيندڙ پچاڙي واري کهاڻي کان وٺي جديد ۽ آکهاڻي تائين. (اهو مختصر ۾، پنهنجو وکاس ڏنو اٿم. باقي کهڙي دور جي کهڙي کهاڻيءَ ۾ ڪامياب يا ناڪامياب ويو آهيان. ان جو فيصلو ڏهين پانڪ ۽ ليکڪ ڪن، منهنجو ڪم نہ آهي، مان پنهنجي تصنيفن بابت ڪچ بہ چوڻ جي فائدي ۾ نہ آهيان.م ايتري قدر جو انهن کي يا انهن مان ڪنهن کي بہ تصنيف کي واضح ڪرڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ آهيان.)

ها ڪتاب تہ توهانجا ملیا هئا، پر تمام ٿورا هئا. يا گهٽا هئا بہ تہ منهنجي بک وڌيڪ اهي منهنجي اها بک مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو رهہ. مدد، مدد ڪندو رهہ! طارق، شوڪت، امداد حسيني، سوجهرو مدد علي سنڌي، ظفر حسين کي ڪتاب موڪلي چڪو آهيان (طارق ۽ شوڪت کي پهرين، آخرين دوستن کان اڳ) هيل تائين پهچ فقط طارق جي ملي آهي تہ هن کي ڪتاب ملیا. لڳي ٿو ٻيو ڪنهن کي ڪونہ ملیا. شوڪت، خط جي جواب ۾ جڏهن لکيو تہ ڪيس ڪتاب ڪونہ ملیا آهن تہ ترنت ڪيس ٻيو سيٽ موڪليم، ڪالهہ موهن ڪلپنا جي معرفت هن جو خط ملیم جنهن ۾ لکيو اٿس تہ ڪيس ڪتاب ڪونہ ملیا آهن! جنهن جو مطلب تہ سواءِ طارق جي منهنجا ڪتاب ڪنهن کي ڪونہ ملیا! شوڪت کي ٻئي پارسل ڪونہ ملیا! (جيتوڻيڪ سوجهرو ۽ امداد حسيني جو ڪو اهڙو احوال ڪونہ آيو آهي. جنهن مان خبر پوي تہ ڪين ڪتاب ڪونہ ملیا آهن.) توکي، مدد مون هي ڪتاب موڪليا هئا (کهاڻي ڪلا جو وکاس، درشتي درسني، پنر ملن، هڪ سرد ديوار) (توکي، فقط پوءِ وارو الڳ موڪليل بهترين کهاڻيون جلد (1)) ملیو. اهو ڪتاب مون سين کي يعني ساڳين دوستن کي الڳ الڳ موڪليو هو. خير پاڻ هن خط سان گڏ هڪ وڏو پارسل موڪليان ٿو جنهن ۾ هي ڪتاب آهن:

(1) پنر ملز 2 ڪاپيون
(2) درشني ۽ درسيني 2 ڪاپيون
(3) ڪهاڻي ڪلا جو وڪاس 2 ڪاپيون
(4) هڪ سرد ديوار 2 ڪاپيون
(5) دائرو 1 ڪاپي
(6) خال ئي خال 1 ڪاپي
(7) هن جي آتم جو موت 1 ڪاپي
(8) بندڻ ۽ نرماڻ 1 ڪاپي
(9) واريءَ جا محل 1 ڪاپي

(مهرباني ڪري هي ڪتاب شوڪت جي حوالي ڪندا جو مون وٽ صفا خلاص آهن. اڄ هڪ هڪ ڪاپي جيئن تيئن هٿ ڪري موڪلي رهيو آهيان. "هن جي آتم جو موت" جو ٻيون ڇاپو مهيني ڪن اندر ڪيڏندس جو هن پاسي ان جي تمام گهٽي ڊماند آهي.)

نئون ڪتاب "تڏهن ۽ هاڻي" الڳ موڪليان ٿو پارسل جي پهچ هڪدم ڏيندا ۽ لکندا تہ آڪرين ڪتاب (خاص طور "خال ئي خال" ۽ "هن جي آتم جو موت") شوڪت سان Shere ڪندا.

طارق ڪتابن جي پهچ ڏيندي، خط ۾ لکيو تہ جلد سهڻي ۽ ٻيا ڪتاب روانا ڪري رهيو آهي. اڄ مهينو ٿيو آهي هن جو ڪوبہ ڪتاب ڪونہ پهتو آهي جيتوڻيڪ هت منهنجي پانڪن کي بہ ڪتاب ۽ سهڻي موڪليندو رهي ٿو! ادا ـ طارق الاجي ڇو مون سان ائين ڪري ٿو ڇا ٿي پيو اگر مان ڪهاڻي ڪار جي صورت ۾ هن کي قبول نہ پيو آهيان. ليڪڪ جي ناتي، هن کي موڪلڻ گهرجي. البت مان سهڻي يا ڪنهن بہ رسالي کي پنهنجي ڪنهن بہ تصنيف ۾ هڪ اکر بہ هيٺ مٿي ڪرڻ جو حق نٿو ڏيان. اگر اوهان امرجليل انڪ، نسيم کرل انڪ، شيخ اياز۽ امداد حسينيءَ جا سڀ لکيل ڪتاب موڪليندا تہ خوشي ٿيندي. رابيل جي ٻئين نمبر لاءِ ڪهاڻي ضرور موڪليندس. پنهنجو تازو فوٽو بہ اوهان کي موڪليندس. مون شوڪت کي (شايد) لکيو هو اوهان کي بہ لکان ٿو تہ منهنجا ٻہ ڪتاب "خال ئي خال" ۽ "هڪ سرد ديوار" سنڌ ۾ ڇپجن تہ سڀ هت صفا خلاص

آهن، پبلشر ٻيون، ٻيون ڇاپو ڪيڙ لاءِ تيار ڪونهن ۽ مان "بهترين ڪهاڻين جا ست جلد" ڪيڙ طرف ڪميٽڊ آهيان. ۽ ڇپائي سگهين ٿا لڳ ٿا انهن جون پروف جون غلطيون سڌاري موڪليان. پر ڪاب تڪليف ٿي ٿا مان نه چاهيندس ٿا توهان تي ٻوجھ ٻوي. ادا، ريڊيو تي انٽرويو ڪافي وڏو هو. هت سرڪار طرفان "هن جي آتم جي موت" جي انعام ونڊ لاءِ ڏهلي ويو هوس ٿا اهو خاص انٽرويو ورتو ويو هو. مون جيڪي محسوس ڪيو سوچيو. جيتوڻيڪ شوڪت ظفر ۽ هڪ ٻن جي هڪ ٻن ڪهاڻين جي چيڊ ڪندي ساراهه ٻه ڪيم. توهان، جيئن لڳيو اهي ٿا اهو حصو ڪونه ٻڌو جو فقط آخرين حصو ٻڌو. Exrernal Service جي ڊائريڪٽر جي عرض تي سنڊ جي ڪتابن ۽ رسالن تي تبصرا ڏيڻ جو انجام ڪيو اٿم. اميد، اتان، اوهان، ريڊيو تي سنڊ ۽ هند جي سنڊي ڪتابن ۽ رسالن تي تبصرا ٻه ٻڌندا.

اميد، لڳيل ۽ ٻيا ڪتاب هڪدم موڪليندا مونکي ۽ اتي دوستو ڪي ٻه موڪلڻ لاءِ چوندا. ادا، امرجليل جي ائڊريس موڪليندا. مون پنهنجي تازي ناول ۾ هن کي "هڪ ليڪڪ جا سپ ڪان آملهه پيار ڏنا آهن" پنهنجو اهو ناول ڪيس ارپڻ ڪري، سوجهرو ٻاقائدي ڪيئن ملي سگهندو؟ (خبر نه آهي ڪين منهنجا ڪتاب پهتا يا نه) دوستن کي سلام ڏيندا. توهان جي پيڙ توهان جو خط پڙهيو ۽ توهان لاءِ نمستي موڪلي ٿي (ڪويتا، ان ڊزن ڪن ڪهاڻيون لڳيون ۽ ڇپيون اٿس ۽ اڌ ڊزن ڪن ناول ترجما ڪيا اٿس.)

تنهنجو ئي
لعل پشپ
25_3_75

سرڪٽ هائوس سکر

14_7_2005

پيارا ايار

اُميد تہ خيريت سان هوندين. يقين ڪر، سکر اچي خاص طرح تو سان ملاقات نہ ٿيڻ جو ڏاڍو افسوس اٿم. دل بہ ڏاڍو گهريو توسان ملڻ لاءِ، پر وقت گهٽ هو، جو مون کي جيڪب آباد لاءِ نڪرڻو هو. هيل سکر ۾ گهٽي وقت کان پوءِ اچي رهيو هوس، ان ڪري خاص طرح شيخ ايار، رشيد پٽي ۽ نبي بخش کوسو ڏاڍا ياد آيا. مون کي ياد آهي تہ منهنجو پهريون پيرو 1967ع ۾ سکر اچڻ ٿيو هو. تڏهن سکر ٻيو هو. پوءِ خاص ايار سان ملڻ لاءِ اچڻ ٿيندو هو. 1972ع ۾ ايار جڏهن سکر جيل کان آزاد ٿيو هو تہ ساٽس ملڻ لاءِ حيدرآباد کان ايس آر ٽي سي جي ڪٽارا بس ۾ چڙهي، نبي بخش کوسي سان گڏ اچي سکر پهتا هئاسين. ان وقت سکر جي هوائن ۾ ڪوي شيخ ايار جي خوشبو شامل هئي.

۽ هن وقت وري سکر جي هوائن ۾ مون کي پنهنجي پياري دوست ايار گل جي پنل مهڪ محسوس ٿي. اڳي سکر اچبو هو تہ رشيد پٽي پهريون سوال ڪندو هو تہ تنهنجو سامان ڪٽي آهي؟ جڏهن ٻڌائبو هو تہ فلاٽي هنڌ رهيل آهيان، تہ ڪاوڙجي پوندو هو. هاڻ تہ پٽي بہ سکر جي مٽيءَ ۾ آرامي آهي. ڪيڏا تہ وڏا ماڻهو هئا اُهي، جن گهڻو وقت اڳ سنڌ لاءِ سوچيو، لوچيو ۽ تڪليفون برداشت ڪيون. اڄ جي سنڌ کي اُهي ماڻهو سڄ پڄ تہ ياد بہ ناهن رهيا. 6 مهينا اڳ سکر آيو هوس، "سڄ" اخبار جي سلسلي ۾. شام جو سڄ لٽي کان پوءِ ڪوئنس روڊ تي ايار جي آفيس ڏسڻ لاءِ نڪري پيس. ان مهل بہ اُهي پراڻا دوست ڏاڍا ياد آيا، جن ساڻ سکر ۾ رهاڻيون ٿيندیون هيون. وقت ڪيڏو نہ بدلجي ٿو وڃي. بهرحال

حيدرآباد کان پوءِ سکر سان مون کي ڏاڍي محبت آهي. اهڙي ساڳي محبت مان پنهنجن پراڻن دوستن ۽ تعلق وارن سان بہ ڪندو آهيان. سکر اچي توسان نہ ملجي، تہ اها ڏک جهڙي ڳالهہ آهي. وري بہ بہ اکر خط جا لکي ۽ توسان فون تي بہ اکر ڳالهائي، دل کي سکون پهتو. ڪڏهن ڪراچي اچين تہ ضرور ملج. توکي خبر آهي تہ مان حيدرآباد ڇڏي وڃي ڪراچي وسائي آهي. اُميد تہ تون پنهنجن ٻارن سان گڏ خوش زندگي گذاريندو هوندين. قسمت سان ٻيهر سکر اچڻ ٿيو تہ وري ملبو. ايازجي هن دوهي وانگر ٻيهر ملنداسين.

گهات گهات ٿو توکي ساري سکر نہ ايندين يار،
ڪڏهن پٽڑ تي پريت ڪنداسين، ڪڏهن نديءَ جي پار.

تنهنجو

مدد علي سنڌي

☆

ڪراچي

12-8-2005

پيارا اياز

اُميد تہ خيريت سان هوندين. 8 آگسٽ تي اسلام آباد کان ڪراچي پهتس، تہ تنهنجو ڪتاب ۽ مخزن جو لفافو مليو. ٻارن لفافو اڳي ئي کولي ڇڏيو هو. ڏٺم تہ ان ۾ ڪوئي خط نہ هو. وائيف کان پڇيم، هن چيوتہ مون خط ڏنوئي ڪونہ. چيم، ائين ٿي نہ ٿو سگهي، تہ هنن ڪتابن سان خط نہ هجي. پر پوءِ ماڻ ڪري ويهي رهيس. ڪجهہ دير کان پوءِ تنهنجو خط آڻي ڏنائين، تہ ٻارن هيٺ متي ڪري ڇڏيو هو. خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. جڏهن مون توکي سکر مان فون ڪري، بعد ۾ خط .S.P نشار چنا جي حوالي ڪيو هو تہ ان معمل کيس توهان ڏي خط تاڪيد سان پهچائڻ جي هدايت ڪئي هيم. هوائي اڈي تي اسان کي see off ڪرڻ معمل تہ ڏاڍي نوڙت ڏيکاري چيائين تہ خط اجهو هينئر ئي ٿو ايازگل صاحب کي موڪلي ڏيان. مان بہ مطمئن ٿي ويس. پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٻيهر اسلام آباد کان رات جو 3 وڳي جڏهن سکر ايئرپورٽ پهتس، تہ .S.P

چنا بہ اُتي چيف منسٽر جي آجيان لاءِ آيل هو. مون کي ڏسي ڪچيو ڪونہ. ان مهل مون کي محسوس ٿيو تہ هن منهنجو خط توڙي نہ پهچايو آهي، تڏهن ڪٽي اکيون هيٺ ڪيون اٿس. چا ڪجي، اهو حال آهي اسان جي ماڻهن جو. اهو ساڳيو نوجوان مون وٽ عبرت اخبار ۾ سپاف جون پريس رليزون ڪنيو پيو ڦرندو هو، پر نوڪرين ملڻ کان پوءِ ماڻهن جي ورتاءِ ۾ ڪيڏونہ ٿو فرق اچي ويجي! وري بہ شڪر جو توهان جي وڃڻ تي، همراه 20 ڏينهن کان پوءِ منهنجو خط توهان جي حوالي تہ ڪيو. نہ ڏئي ها تہ بہ مان چا ٿي ڪري سگهيس؟

مان اسلام آباد، لاهور ۽ ڪوهہ مري جي دوري تي ويل هوس. آيس، تہ ٽڪل بہ ڏاڍو هوس. پر تنهنجي خط هڪ عجيب راحت ۽ خوشي ڏني. اتفاق آهي، مان ڪوهہ مري کان پوربن ويل هوس. اتي پي سي هوٽل ۾ پنج ست ڪلاڪ گذاريا سين. اتي مون کن صحافي دوستن کي ٻڌايو، تہ اسان پوربن جو نالو پهريون پيرو شيخ ايياز جي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ پڙهيو، جنهن ۾ ايياز جو پهريون خط پوربن مان لکيل هو. ايياز ان خط ۾ مدن مست، اروڙ ۽ مهاراڻي لاڏيءَ جي حوالي سان ڏاڍي متاثر ڪندڙ هوليءَ ۾ احوال ڏنو هو.... پوربن مان لنگهندي سوچيم تہ ايياز خبر ناهي اڄ کان 45 ورهيہ اڳ پرربن ۾ ڪٽي رهيو هوندو. هتان جي خوشبودار هوائن ۾، چنبڙ، سج ۽تارن هيٺان هلندي خبر ناهي چا سوچيو هوندو ۽ اهو تاريخي خط لکڻ مهل هن جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي!

ايياز جو ذڪر پوربن ۾ ايندي، مون توکي بہ ياد ڪيو هو، تہ خبر ناهي ايياز گل کي منهنجو خط مليو ڪي الائي نہ! ۽ پوءِ اتان موٽي ڪراچي آيس تہ تنهنجو خط اڳي ئي منهنجو اوسيئڙو ڪري رهيو هو. خط جو جواب جلدي ڏيان ها، پر 9 آگسٽ تي ٻيهر مان مني، چاچري ۽ عمر ڪوٽ هليو ويس. ڪالهہ رات جو موٽيس، تہ اڄ تنهنجي خط جي ياد آئي، تہ يڪدم ويٺو توکي خط لکان. توکي قاهره وارو سفرنامو وٽيو. ان لاءِ مهرباني. ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون اٿم. البت هڪ ناولٽ تي ڪم جاري آهي. قدرت مون کي سدائين

روزگار اهڙو ڏنو آهي، جنهن ۾ تخليقي ڪم گهٽ ٿو ٿي سگهي. ڪاش ڪا اهڙي نوڪري هجي ها، جنهن ۾ گمنامي ۾ ويهي ڪجهه لکي سگهان ها. هتي ته سڄو ڏينهن هڻ هٽان ۾ ٿو گذري وڃي. جيترو چاهيان ٿو ته گمنامي۽ ۾ ويهي زندگي بسر ڪريان، اوترو حالتون ڏکي ٿيون اڳتي وڌي وڃن. ماٺهو وقتي حالتن آڏو ڪيڏو نه مجبور آهي. منهنجون ڪهاڻيون خاص طبقي لاءِ آهن. ان خاص طبقي ۾ تون به شامل آهين. تون نئون نسل سڃاڻي نه سڃاڻي، تو جهڙا دوست منهنجي لکڻين جو قدر ڪن ٿا، ته اهو منهنجي لاءِ گهٽو ڪجهه آهي. البت ڪهاڻين جو مجموعو اڇڻ گهرجي.

سچ پچين ته آهي به ڪلڻ جهڙي ڳالهه. سنڌ جو نئون نسل مون کي صحافيءَ جي حيثيت سان سڃاڻي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته "ڪاوش ڪهاڻي" ڪتاب ۾ ورهين کان پوءِ نئين نسل کي منهنجي ڪهاڻي "ائبسٽريڪٽ" جيون جا ڪجهه ائبسٽريڪٽس ڏاڍي وڻي هئي. ان کان پوءِ ته ڪا ڪهاڻي نه لکي اٿم. ڪوشش ۾ آهيان ته پراڻي چپيل ناولٽ "هو جي مڱ ماڳ ۾" جون قسطون جيڪي ٽڙيل پکڙيل آهن، هٿ ڪري، ان کي مڪمل ڪري وٺان. توهين خوش نصيب آهيو، جو لکڻ پڙهڻ واري ماحول ۾ نوڪري ڪريو ٿا. اسان وٽ اهڙو ماحول ڪونهي... جيڪڏهن تنهنجي اسان جهڙي رولاڪ ماڻهن سان اها ئي محبت قائم آهي ته مون به ڪڏهن توکي ناهي وساريو. مون کي به توهان جو اهو زمانو ياد آهي، جڏهن مان 1976ع ۾ روپوشيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هوس. توهين، غفران عاقلاڻيءَ سان منهنجي مامي جي گهر مون سان ملاقات لاءِ آيا هئا. اهو اياز، جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪئميرا پيل هئي. اهو اياز، اڄ سنڌي ٻوليءَ جو نامياروشاعر بنجي ويو آهي ۽ ان کي به گهٽو وقت لنگهي ويو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سوچندو آهيان ته حيدرآباد شهر تي پنهنجي ماضيءَ تي سنڌ جي قديم سياست تي پرپور ناولٽ لکان. حيدرآباد جيڪو سنڌ جي قومي سياست جو بئروميٽر هو. سچ پچين ته اياز مان بنيادي طور تي تخليقي ليکڪ آهيان. هڪ ڪريئٽو ماٺهوءَ کي

وقت ۾ حالتون سازگار ملن تہ باقي ڇا ڪپي؟ تخليقي ڪم لاءِ وقت گهرجي. فرصت هجي تہ گهٽو ڪجهہ ٿي سگهي ٿو. پر سڀ ڪجهہ مودِ تي آهي. انسپائريشن تي آهي. خاص طرح ڪهاڻي ۾ شاعري ان لاءِ خاص ماحول، مودِ گهرجي.دل تہ چوي ٿي تہ قره العين حيدر وانگر لکجي. توهين خوش نصيب آهيو. جو وري بہ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان لکي رهيا آهيو. منهنجو لاڙو اڄ ڪلهہ تحقيق طرف آهي. ڪجهہ وقت اڳ هڪ فارسيءَ جي شاعر حيدر ڪلوچ تي، خانہ فرهنگ ايران وارن ڪراچي طرفان لکڻ جي دعوت ڏني. بهرحال ان تي هڪ مقالو لکي پڙهيو هوم. اهو تازو مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيو آهي. نظر مان ضرور ڪڍجو. فارسيءَ جو ايڏا گهٽو مواد اڻ ڇپيل موجود آهي. بوردِ ان طرف توجهہ ئي ڪونہ ٿو ڏئي. ڇا ڪجي! سنڌ جي آخري حڪمران ميرنصير خان تالپر جي خطن جو مسودو هٿ آيو اٿم. 400 فل اسڪيپ صفحن تي پکڙيل آهي. اهي خط مير صاحب ڪلڪتي جيل مان 1844ع ۾ پنهنجي بيگمات کي لکندو هو. ڪوشش ۾ آهيان تہ انهن کي ايڊٽ ڪري مير صاحب جي زندگيءَ جواحوال لکي ڇپرايان، پر ان لاءِ ڪلڪتي وڃڻو پوندو ۽ اهو سڀ ڪجهہ واندڪائي جو ڪم آهي، جنهن لاءِ وقت ۽ حالتون سڌايون هئڻ گهرجن. اُميد تہ توهان سان خطن جو سلسلو جاري رهندو.

توهان جو پنهنجو
مدد علي سنڌي

☆

14_10_2007

ڪراچي

پيارا اياز

اميد تہ خيريت سان هوندا، 12 آڪٽوبر تي منهنجي جنم ڏينهن جي موقعي تي ياد ڪرڻ لاءِ مهرباني. توهان سدائين مون کي هن ڏينهن تي ياد ڪندا آهيو. بلڪ توهان ڪڏهن بہ مون کي نہ وساريو آهي. ٿي سگهي تہ هنن لفظن ۾ ايڏي ڇڪ توهان کي نہ

محسوس ٿي هجي. پر مون کي انهن لفظن جي طاقت جو احساس آهي. مون کي ياد آهي ته مان پير علي محمد راشدي مرحوم کي هر عيد تي فون ڪري کين عيد مبارڪ چوندو هوس. ان جي جواب ۾هو هڪ عجيب خوشي محسوس ڪندو هو. هڪ پيرو شايد سندس وفات کان اڳ عيد تي جڏهن مون کيس فون ڪيو ته چيو هئائين، "مدد علي، سڄي دنيا مون کي وساري ڇڏيو، پر تو ماکي نه وساريو آهي."..... ياد ڪرڻ وسارڻ جي پيٽ ۾ ڏکيو هوندو آهي. توهان کي شابس هجي، جو توهان پنهنجن ڪيترن ئي دوستن کي سندن جنم ڏينهن تي ياد ڪندا رهندا آهيو. وقت سان گڏ ماڻهو گهٽو ڪجهه وساري ڇڏيندو آهي، بلڪ وسري ويندو آهي. وقت ۽ حالتون سڀ ڪجهه ڀُلائي ڇڏيندیون آهن. وقت ڏاڍو بي رحم هوندو آهي. مون کي هڪ پيري جي يادگيري آهي. مان پنهنجي وائيف سان گڏ حيدرآباد ۾هڪ ليڊي ڊاڪٽر حُسنا ميمڻ جي ڪلينڪ ۾ وينو هوس. منهنجي زال پرگننٽ هئي. منهنجي سامهون هڪ عورت اجرڪ اوڍيو، پنهنجي نوڪرياڻيءَ سان گڏ وينٽي هئي. مون کي ان مهل احساس ئي نه ٿيو هو ته هوءَ مون کي چتائي نهاري رهي هئي. مان هن تي اتاچري نهار ڊوڙائي، خبر ناهي ڪهڙن خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويو هوس. ايتري ۾ ڊاڪٽرياڻي اسان کي سڏيو هو. جڏهن ڊاڪٽرياڻي وٽان ٻاهر نڪتا هئاسين ته هن عورت کي سڏ ٿيو هو ۽ گهڙي کن ۾ هوءَ ڊاڪٽرياڻي وٽان ٿي ٻاهر نڪتي هئي.

اسان ان مهل ٻاهر رکشا جي انتظار ۾ بيٺا هئاسين. اوچتو هوءَ عورت اسان جي سامهون کان ٿيندي پنهنجي ڪار ۾ وڃي وينٽي هئي. اوچتو هن ڪار جي دريءَ مان مون ڏي ڏٺو هو ته هڪ مون تي ان مهل کان وڃ اچي ڪري هئي. مون هن کي سڃاتو هو. هوءَ ساڳي چوڪري هئي، جنهن سان مون ڪنهن وقت خوفناڪ عشق هو... "پنر ملن" جي شاعريءَ جون ڪيتريون ئي ڪوتائون مون هن تي لکيون هيون. وقت جي بي رحم هوائن هن جو حُسن ڏڏلائي ڇڏيو هو. هن جا پير به ڏاڍا سهٽا هوندا هئا. مان هن جي خوبصورت پدم جهڙن پيرن ۽ نرگس جهڙن گلن جهڙن هٿن تي عاشق هوندو هوس.

هن جون ڪارين ۾ وڏيون اکيون نيري ڏنڊ جيان گهريون هونديون هيون، پر مان هن کي وساري ويٺو هوس. هن کي بنهه نه سڃاڻي سگهيو هوس. وقت ڪيڏو نه ظالم آهي. بي رحم ۽ جلاد آهي. خبر ناهي ته عشق به ڀين ڪيترن ئي جذبن جيان عارضي آهي، يا دائمي؟ ماڻهوءَ جون يادگيريون به انڊلڪ جيان آهن، جيڪي پل ۾ غائب ٿي وڃن ٿيون.....سو اهڙي هڙ هڻان جي دور ۾، ڪنهن دوست کي يا دوستن کي ياد ڪرڻ وڏي غنيمت آهي. آءٌ به ڪڏهن ڪڏهن دوستن ۾ گذري ويل وقت کي ياد ڪندو رهندو آهيان. ڪوشش ڪريان پيو ته ان تي لکجي. تازو قرت العين حيدر جي وفات تي هڪ طويل مضمون لکيو اٿم. اهو ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو آهي. پڙهي مون کي رايو ضرور لکجو. خبر ناهي ته خط ۾ ڇا لکي ويو آهيان. شايد اندر ۾ ڪا ئي اکيلائي ايڪا موجود آهي، جيڪا اهو سڀ ڪجهه ٿي لکرائي. غالب جي فارسي غزل جي هن ست وانگر:

چه نوسيم به تو درنامه کزا نبوهيءَ غم،
نيست ممکن که رواني زعبارت نه رود.

(يعني مان توکي خط ۾ ڇا لکان، جو غمن جي ايڏي ته پرمار آهي جو ممڪن ڪونهي. منهنجي عبارت ۾ رواني ۽ تسلسل برقرار رهي، جڏ غمن جي ايڏي ته گهٽائي آهي جو انهن جو لکڻ ممڪن ڪونهي.....)

توهان جو: مدد علي سنڌي
(ايازگل ڏي لکيل خط)

☆

ڪراچي
6-4-2006
پيارا اخلاق

اميد ته خوش هوندين. اڄ ملتان کان ڪراچي پهتس ته آفيس ۾ تنهنجي موڪليل ڪتاب جو پارسل پيو هو.

ڪهاڻين جو ڪتاب "مان ڪائنات آهيان"، موڪلڻ لاءِ مهرباني. گهڻووقت ٿيو آهي جو ملاقات نه ٿي سگهي آهي، پر ان جو

اهو مقصد ڪونهي تہ ڪو مان توهان کي وساري ويٺو آهيان. طارق عالم کان اڪثر پڇندو هوس. جڏهن تہ لاڙڪاٽي مان جڏهن بہ ڪوئي دوست ايندو آهي تہ اوهان جي پڇا ضرور ڪبي آهي. زندگي بہ عجيب آهي، ذميواري اچڻ کان پوءِ انسان پنهنجا هٿيار سمورا ٿو ڦٽي ڪري ويهي رهي. مون کي ياد آهي تہ حيدرآباد ۾ رهندي مان ڪيڏي نہ آزاد زندگي گهاريندو هوس.

توهان گهٽو ڪري ڇام شورو مان ايندا هئا ۽ پوءِ اهي ئي سول لائينس جا رستا، ٽنڊو جهانيان ۽ حيدرآباد شهر..... هڪ پيري توهان ڪنهن ڊپريشن طاري ٿيڻ کان پوءِ مون وٽ آيا هئا. ڏاڍو ويڳاٽا ۽ ملول ۽ پوءِ ياد اٿو تہ ٽنڊي جهانيان سول لائينس توهان کي پنهنجي هڪ پراڻي دوست مرحوم سيد نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي وٽ وڃي هليو هوس. اها شام توهان جي عشق جي انتها تي پهتل شام هئي ۽ پوءِ خبر ناهي تہ "هوءَ" جنهن لاءِ توهين ويڳاٽا بڻيل هئا، زندگيءَ جي گوڙ ۽ گهمسان ۾ ڪٿي کوڃجي ويئي. لڳندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ عشق بہ زندگيءَ جي ڪيترن ئي ٻين جذبن ۽ نظرين جيان عارضي آهي. ڪڏهن ماڻهو سوچي ٿو تہ جنهن سان عشق ڪجي ٿو، اها نہ هوندي، تہ زندگي اجائي بڻجي ويندي، پر پوءِ ائين نٿو ٿئي. اسين جيڪي حياتي جا فيصلا ڪرڻ ۾ هيسيل ۽ هراسيل رهون ٿا، سي پوءِ سڄي عمر پڇتائڻ ۾ گذاري ٿا ڇڏيون.

توهين هاڻ ذميوار زندگي پيا بسر ڪريو. ساڳي حالت مون سان بہ آهي. شادي ڪرڻ کان پوءِ اولاد ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو ڪيڏو نہ ٿو مجبور بڻجي وڃي. دراصل رائيٽر ماڻهو کي شادي نہ ڪرڻ گهرجي، ذميواري کڻڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد ياد ايندو آهي. ڪيڏي نہ بي فڪريءَ جو زمانو هو. اوهان تہ خوش نصيب آهيو جو وري بہ ڪنهن اهڙي نوڪريءَ ۾ آهيو، جتي سوچڻ، لکڻ پڙهڻ جو وري بہ ڪجهہ وقت تہ ملي ٿو، جنهن ۾ توهان سٽيون ڪهاڻيون لکي سگهو ٿا ۽ لکي رهيا آهيو، پر ان جي برعڪس مون سان حالتون اهڙيون سڀايون نہ رهيون آهن.

اخبارن جي نوڪري رڳو هڻ هڻان جي، سي بہ سال ٻن کان

وڌيڪ ڪري ڪونہ سگھان. نتيجي ۾ وري بيروزگاري. هينئر بہ تي سال بيروزگاري ڪانپوءِ هاڻ ڪجھ بھتر جڳھ تي آهيان،تہ بہ اتي ڪم بہ گھٽو آهي. بھرحال گذري پئي زندگي ۽ ان زندگيءَ ۾ جڏھن رات جو دير سان سمورو جڳ ستل هوندو آهي تہ گھر موٽندي ڪراچي جي آسمان تي ڪڏھن ڪڏھن ڪٽيل چنڊ ۽ ڪڏھن اونداهو آسمان ۽ اونداهو سمنڊ ڏسي سمهي پوندو آهيان. اهو سوچي فيض وانگر تہ:

کیوں مشعل دل فیض چھپاؤ تہہ داماں،
بجھ جائے گی یوں بھی کہ ہوا تیز بہت ہے

تنهنجو
مدد علي سنڌي
(ڪھاڻيڪار اخلاق انصاريءَ ڏي لکيل خط)

☆

15_12_06
Talhar

محترم مدد علي سنڌي صاحب
اميد تہ خوش هوندا.

جيئن مون اوھا نکي ٽيليفون تي عرض ڪيو ھو تہ اسان جي عظيم شاعر ۽ امر آواز شيخ جي آتم ڪٿا جي پنجن جلدن جو "کہیں بھی راہ میں منزل نہ ہوگی" جي عنوان سان اردو ۾ تلخيص ۽ ترجمو ڪيو اٿم جيڪو اٽڪل چار ساڍا سؤ صفحن تي مشتمل ٽيندو ۽ ھارھن مھينن کان بہ وڌيڪ عرصي کان ڇپائي جي اوسيئڙي منجھ آهي.

هر ليکڪ جيان چاهي مصنف هجي يا مترجم منهنجي بہ خواهش هئي تہ جيئن ڪتاب خوبصورت آهي. صاحب ڪتاب خوبصورت آهي تيئن هن ڪتاب کي بہ خوبصورت ۽ ديده زيب انداز ۾ ڇپائجي ۽ ايازجي ورسي تہ مھورت ڪرائجي پر اھا

خواهش خواهش ئي رهي جو زماني جي زد کان باقي بچي ويل ٻني پارا ۾ هيلوڪي خوفناڪ برسات جي ور چڙهي ويا.

اوهان پاڻ عاشقانِ اياز مان آهيو ۽ پٽ شاه ۾ اياز جي تدفين وقت صدماتي، جذباتي ڪيفيت ياد اٿم ان ڪري جيڪڏهن اياز جي هن خودنوشت جي ڇپائي جي سلسلي ۾ ڪا معاونت يا مشاورت عنايت ڪري سگهو ٿا نه صرف مون تي ٿورو ٿيندو بلڪ ادب جي به خدمت گذري ٿيندي، اسان جو ايياز اردو زبان ذريعي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي سگهندو ۽ ساري عالم کي خبر پوندي ٿا ويهينءَ صديءَ جي سنڌ ڪيڏو نه مهان شاعر، اديب ۽ دانشور پيدا ڪيو ۽ پنهنجي هٿن منجهان وڃايو آهي. ائين شايد اسان ايياز جو واجب الادا قرض ٿا نه البته ان قرض جي مارڪ اپ جو هڪ حصو پارٽ پيمينٽ ادا ڪري تاريخ جي بيليٽس شيٽ ۾ پاڻ کي ڊفالٽر بنجڻ کان بچائي سگهون.

اهو ذڪر ڪرڻ نا مناسب نه ٿيندو ٿا هن کان اڳ پاڪستان جي جڳ مشهور سماجي ترقي جي سرواڻ ۽ سوشل سائنسدان ڊاڪٽر اختر حميد خان جي انگريزي ۽ اردو ۾ لکيل ٻن ڪتابن "Twenty weeks in America" ۽ "ڪوميلا سے اورنگي تک" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿم ۽ جيڪي ڇپجي چڪا آهن.

سڀاڻ سلامت رهي . جواب جو منتظر اوهان جو

حميد جعفري
Abdul Hameed Jaffery
M.A. L.L.B.
,,SINDH HOUSE,, TALHAR
DISTT: BADIN SINDH
Mob:0345-3653658

ڪهڙو نه ڇڳو ٿئي جيڪڏهن هي خودنوشت ايترو جلد ڇپجي سگهي جو ايياز جي مارچ مهيني ۾ جنم ڏينهن تي ان جي مهورت ڪرائي سگهون. ح-ج

☆

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.